مولانا صفی الرحمن مبارکپوری

الرحیق المختوم

الرحيق المختوم

صفي الرّحمٰن مباركپوري

مترجم : مقصود احمد قاضي

(حقوق الطبع محفوظة لعبد الرّحمٰن ميمن)

<u>مراجع الشرعى و النهائى :</u> مسعود احمد بن محمّد داؤد

<u>مراجع اللغوي :</u> عبد الرّحمٰن ميمن

<u>تحت إشراف :</u>

دار الترجمة بمركز القران و الحديث كراتشي

عرض مؤلف

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمد الله والصلات والسلام عليٰ رسول الله وعليٰ آلہ و صحبہ ومن والاه اما بعد. اها ڳالهہ ربيع الاول 1396 هہ ۾ اسلامي دنيا جي (مارچ 1976ع) جي آهي جو ڪراچي پهرين سيرت ڪانفرنس ٿي. جنهن ۾ رابطہ عالم اسلامي مڪ مڪرمہ وڏي چڙهي حصو روتو ۽ ڪانفرنس جي خاتمي تي سڄي يندا جي ليڪڪن ڪي دعوت ڏني وئي تہ سيرتِ نبوي صلى الله عليه وسلم جي موضوع تي دنيا جي ڪنهن بہ زنده زبان ۾ مقالا لکن. پهرين، ٻي، ٽي، چوٿين ۽ پنجين پوزيشن حاصل ڪرڻ وارن کي بالترتيب (پنجاهہ، چاليهہ، ٽيهہ، ويهہ ۽ ڏهہ هزار جا انعام ڏنا ويندا. هي اعلان "رابطہ" جي سرڪاري رجمان اخبار "العالم الاسلامي" جي ڪافي اشاعتن ۾ شايع ٿيو. پر مونکي ان اعلان جو علم وقت تي نہ ٿي سگهيو.

ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن آئون بنارس مان پنهنجي ڳوٺ مبارڪپور ويس تہ منهنجي پو پاٽ ۽ محترم استاد مولانا عبدالرحمان صاحب مبارڪپوري حفظ الله (ابن شيخ الحديث

مولانا عبيدالله صاحب رحماني حفظ الله) مون سان ان جو ذڪر ڪيو ۽ زور ڀريو تہ آئون بہ ان مقابلي ۾ حصو وٺان. مون پنهنجي ڪم علمي ۽ ناتجربيڪاريءَ جو بهانو ڪيو پر مولانا زور ڀريندو رهيو ۽ هر هر معذرت ڪرڻ تي فرمايائين تہ آئون اهو انعام حاصل ڪرڻ لاء نہ پيو چوان. بلڪ اهو تہ چاهيان تہ ان بهاني ڪو ڪم ٿي وڃي. مون سندن لاڳيتي زور ڀرڻ تي ڪٽي ماٺ ڪئي. باقي نيت اهائي هيم تہ هن مقابلي ۾ حصو نہ وٺندس.

ڪجهہ ڏينهن پڇاڙي جميعت اهلحديث هند جي ترجمان پندرنهن روزه "ترجمان دهلي" ۾ رابطہ جي ان اعلان جو اردو ترجمو شايع ٿيو تہ مون لاء عجيب صورتحال پيدا ٿي وئي. جامعہ سلفيہ جي (متوسط) ۽ (منتهي) درجي جو جيڪو بہ شاگرد مليو ٿي، تنهن مونکي ان مقابلي ۾ شرڪت جو مشورو ڏنو ٿي. دل۾ خيال آيم تہ شايد خلق جي هيءَ زبان "خدائي حڪم" هجي، تنهن هوندي بہ مقابلي ۾ حصو نہ وٺڻ واري پنهنجي پهرئين فيصلي تي اجا قائم هوس. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوء شاگردن جا مشورا ۽ مطالبا

جهڙوڪر ختم ٿي ويا. پر ڪجھ شاگرد اجا بہ گھر ڪري رهيا هئا ۽ ڪن جي ترغيت تہ اصرار جي انتها تي پهچي چڪي هئي. ڪن تہ مقالي لاءِ خاڪو بہ ٺاهي ورتو هو. آئون بہ ٻڌ تر ۾ "ها" ڪري ويٺس.

ڪم شروع ٿيو پر آهستي آهستي. اهو بہ اجا ابتدائي مرحلي ۾ هو تہ رمضان جون موڪلون ٿي ويون. هوڏانهن "رابطہ" ايندڙ محرم الحرام جي پهرين تاريخ کي مقالن جي وصوليءَ لاءِ آخري تاريخ مقرر ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ڏنل وقت مان ساڍا پنج مهينا گذري چڪا هئا. هاڻي وڃ ۾ وڃ ساڍن ٽن مهينن ۾ مقالو پورو ڪري موڪلڻو هو تہ جيئن وقت تي پهچي سگهي. هوڏانهن پورو ڪم اجا رهيل هو. مونکي يقين ڪونہ هو تہ ان ٿوري عرصي ۾ تياري، نظرثاني ۽ ڇنڊ ڇاڻ جو ڪم پورو ٿي سگهندو. پر زور ڀرڻ وارن هلندي هلندي تاڪيد ڪئي تہ ڪنهن بہ قسم جي غفلت ڪانسواءِ هن ڪم ۾ جنبي وڃجان. رمضان ڪانپوءِ منهنجي مدد ڪئي ويندي. آئون بہ فرصت کي غنيمت ڄاڻي ڪم کي لڳي ويس. پوري موڪل سهڻي خواب وانگر گذري وئي ۽

جڏهن اهي موٽيا تہ مقالي جو بہ ٻاگّي ٽيون حصو مرتب ٿي چڪو هو.جيئن تہ نظر ثانيءَ لاء وقت نہ هو. انڪري اصل مسودو انهن صاحبن کي ڏنم تہ اتارڻ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ حوالا ڀيٽڻ جو ڪم ڪري وٺن. رهيل حصي جي تياريءَ جي سلسلي ۾ بہ ڪائنن ڪجهہ تعاون ورتو ويو. جامع جون سرگرميون شروع ٿيڻ ڪري موڪلن واري رفتار برقرار رکڻ ممڪن نہ رهي. تنهن هوندي بہ ڏيڊ مهيني ڪانپوء عيدالاضحيٰ جي موڪلن مهل راتين جي اوجاڳي جي برڪت سان مقالو آخري مرحلن ۾ پهچي ويو. جيڪو پوء جلد ئي ختم ڪري محرم اچڻ کان ٻارنهن تيرنهن ڏينهن اڳ ٽپال جي حوالي ڪيو ويو.

ڪافي مهينا پوء مونکي "رابطہ" جي طرفان هفتي ڏهن ڏينهن جي فرق سان بہ رجسٽرڊ خط مليا. جن مطابق منهنجو مقالو شرطن تي پورو هئڻ ڪري مقابلي ۾ شامل ڪيو ويو هو. تنهن تي مون سک جو ساهہ کنيو.

ڏينهن گذرندا ويا. تانجو ڏيڊ سال جو عرصو گذري ويو، پر "رابطہ" وارن جي چپن تي مهر لڳل رهي. مون بہ

پيرا خط لکي معلومات وٺڻ چاهي پر جواب نہ مليل. پوءِ آئون بہ پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ ڦاسي اها ڳالهہ وساري وينس تہ ڪو مون بہ هن مقابلي ۾ حصو ورتو آهي.

شعبان 1398هہ جي شروع ۾ (6، 7، 8، جولاءِ 1978ع تي) ڪراچيءَ ۾ پهرين ايشيائي اسلامي ڪانفرنس منعقد ٿي رهي هئي. مونکي ان جي ڪارروائين سان دلچسپي هئي. انڪري ان بابت اخبارن جي ڪندن ۾ لکل خبرون بہ ڳولهي پڙهندو هوس. هڪ ڏينهن "پدوهي اسٽيشن" تي دير سان ايندڙ ريل جي انتظار ۾ اخبار پڙهيم پئي تہ اوچتو هڪ ننڍڙي خبر تي اک پيم تہ ڪانفرنس جي ڪنهن اجلاس ۾ "رابطہ" وارن سيرت نگاريءَ جي مقابلي ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ پنجن نالن جو اعلان ڪيو آهي ۽ انهن ۾ هڪ هندستاني بہ آهي. هيءَ خبر پڙهي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو اشتياق ٿيو. بنارس واپس اچي تفصيل معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم پر ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو.

10 جولاءِ 1978ع تي چاشت جي وقت "بجرڏيهہ" جي مناظري جا شرط طئہ ڪرڻ بعد گهري ننا ۾ ستو پيو

هوس تہ اوچتو حجري سان لاڳو ڏاڪڻ تان شاگردن جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ اک کلي پئي. ايتري ۾ شاگردن جو ريلو اندر اچي ويو. سندن منهن تي مسرت جا آثار ۽ زبانن تي مبارڪن جا لفظ هئا.

"ڇا ٿيو؟ ڇا مخالف مناظر، مناظري کان انڪار ڪري ڇڏيو؟" مون پڇيو.

"نہ، بلڪہ اوهان سيرت نگاريءَ جي مقابلي ۾ اول آيا آهيو."

"الله! تنهنجو شڪر. توهان کي ان جو پتو ڪيئن پيو؟" مان اٿي ويٺس.

"مولوي عزير شمس اها خبر ڪٺي آيو آهي."

"مولوي عزير هتي اچي چڪو آهي؟"

"جي ها."

پوءِ ٿوري دير بعد مولوي عزير مونکي تفصيل ٻڌائي رهيو هو.

22 شعبان 1398هہ (29 جولاءِ 1978ع) تي رابطہ ورن جو رجسٽري ٿيل خط پهتو. جنهن ۾ ڪاميابيءَ

جي اطلاع سان گڏ محرم 1399 ھ ۾ مڪي مڪرم ه ۾ رابطہ وارن جي آفيس ۾ انعامن جي ورڇ لاءِ هڪ تقريب جي دعوت پڻ ڏني وئي هئي، جنهن ۾ مونکي شامل ٿيڻو هو. اها تقريب محرم بدران 12 ربيع الاخر 1399 ھ تي منعقد ٿي. ء

ان تقريب ڪري مونکي پهريون ڀيرو حرمين شريفين جي زيارت جي سعادت نصيب ٿي. 10 ربيع الاخر تي خميس ڏهاڙي وچيئن ڪان ڪجھ اڳ مڪي مڪرمہ جي پرنور فضائن ۾ داخل ٿيس. ٽئين ڏينهن ساڍي انين وڳي رابطہ وارن جي دفتر ۾ حاضريءَ جو حڪم هو. جتي ضروري ڪارروائيءَ ڪانپوءِ اٽڪل ڏهين وڳي قرآن پاڪ جي تلاوت سان تقريب شروع ٿي. سعودي عدليہ جو چيف جسٽس عبدالله بن حميد مجلس جو صدر هو. انعامن ورهائڻ لاءِ شاھ عبدالعزيز جو پوٽو ۽ مڪي جو نائب گورنر امير سعود بن عبدالمحسن آيل هو، جنهن جي مختصر تقرير بعد "رابطہ" جي نائب سيڪريٽري جنرل شيخ علي المختيار خطاب ڪيو. جنهن ۾ تفصيل سان مقابلي جي مقصد ۽

طريقہ ڪار جي وضاحت ڪيائين تہ "رابطہ" جي اعلان بعد هڪ هزار ڪان وڌيڪ (يعني 1182) مقالا موصول ٿيا. جن جو مختلف پاسن ڪان جائزو وٺڻ بعد ابتدائي ڪميٽيءَ 183 مقالن کي مقابلي لاءِ چونڊيو ۽ آخري فيصلي لاءِ انهن کي تعليم جي وزير شيخ حسن بن عبدالله آل الشيخ جي اڳواٽيءَ ۾ جوڙيل اٺن ماهرن جي ڪميٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو. ڪميٽيءَ جا اهي اٺ رڪن جدي جي ملڪ عبدالعزيز يونيورسٽي جي شاخ ڪليہ الشريعہ (موجوده جامعہ ام القريٰ) مڪ مڪرمہ جا استاد ۽ سيرت نبوي صلى الله عليه وسلم ۽ تاريخ اسلام جا ماهر ۽ متخصص آهن. انهن جا نالا هن ريت آهن.

1. ڊاڪٽر ابراهيم علي شعوط
2. ڊاڪٽر احمد سيد دراج
3. ڊاڪٽر عبدالرحمان فهمي محمد
4. ڊاڪٽر فائق بڪر صواف
5. ڊاڪٽر محمد سعيد صديقي
6. ڊاڪٽر شاڪر محمود عبدالمنعم

7. ڊاڪٽر فڪري احمد عڪاز

8. ڊاڪٽر عبدالفتاح منصور

انهن استادن چند ڇاڻ ڪانپوءِ گڏيل فيصلي مطابق پنجن مقالن کي هن ريت انعامن جو مستحق قرار ڏنو.

1. الرحيق المختوم (عربي) تاليف صفي الرحمان مبارڪپوري. جامع سلفيہ بنارس هند

2. خاتم النبيين ﷺ (انگريزي) تاليف ڊاڪٽر ماجد علي خان جامع اسلاميہ دهلي هند

3. پيغمبر اعظم و آخر (اردو) تاليف ڊاڪٽر نصير احمد ناصر وائس چانسلر جامع اسلاميہ بهاولپور پاڪستان

4. منتقي النقول في سيرت اعظم (عربي) تاليف شيخ حامد محمود بن محمد منصور ليمود، جيزه مصر

5. سيرت النبي الهديٰ الرحمت (عربي) استاد عبدالسالم هاشم حافظ، مدينہ منوره، مملڪت سعوديہ عربيہ.

نائب سيڪريٽري جنرل محترم شيخ علي المختار انهن وضاحتن بعد حوصلہ افزائي، مبارڪن ۽ دعائن سان پنهنجي تقرير ختم ڪئي.

ان ڪانپوءِ مون کي ڳالهائڻ لاءِ سڏيو ويو. مون پنهنجي تقرير ۾ رابطہ وارن جو هندستان ۾ دعوت ۽ تبليغ جي ڪن ضروري ۽ ترڪ ڪيل معاملن ڏانهن ڌيان ڇڪرايو ۽ انهن جي متوقع اثر ۽ نتيجن تي روشني وڌي. رابطہ وارن ان جو حوصلہ افزا جواب ڏنو.

ان ڪانپوءِ امير محترم سعود بن عبدالمحسن ترتيبوار پنج ئي انعام ورهايا ۽ پوءِ قرآن مجيد جي تلاوت سان تقريب پڇاڙيءَ تي پهتي.

خميس 17 ربيع الاخر تي اسانجي قافلي جو رخ مديني پاڪ ڏانهن هو. رستي تي بدر واري جنگ جي تاريخي ميدان جو ٿورو مشاهدو ڪندي اڳتي وڌياسين تہ وچيئن ڪان ڪجھہ اڳ مسجد نبويءَ جي دربار ۾ جو جلال ۽ جمال نگاهن جي سامهون هو. ڪجھہ ڏهاڙن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن صبح پهر خيبر بہ وياسين ۽ اتي جو تاريخي قلعو

اندران ۽ ٻاهران ڏنوسين ۽ ڪجھ تفريح ڪري شام جو ئي مديني موٽي آياسين ۽ پيغمبر آخر الزمان ﷺ جي ان جلوه گاھ، جبرئيل امين ۽ پاڪ فرشتن جي لهڻ جي جا اسلام جي ان انتقالي مرڪز ۾ بہ هفتا رهي حرم پاڪ ڏانهن راهي ٿياسين. جتي وڏيڪ هڪ هفتو گذارڻ جو شرف حاصل ڪيوسين. عزيزن، دوستن، بزرگن عالمن مشائخن نہ صرف مڪي مديني ۾ پر هر جڳھ تي اسانجو دلي آڌر ڀاءُ ڪيو. ائين منهنجن خوابن خواهشن جي سرزمين حجاز مقدس ۾ هڪ مهيني جو عرصو اک ڇنڀ ۾ گذري ويو آئون وري هندستان جي ڌرتيءَ تي واپس موٽي آيس.

حيف در چشم زدن صحبتِ يار آخر شد
روئہ گل سير نديديم و بهار آخر شد

حجاز کان موٽيس تہ پاڪستان ۽ هندستان جي اردو پڙهندڙ طبقي پاران ڪتاب جي اردو ترجمي جي تقاضا شروع ٿي وئي. جا ڪيترا ورهيہ گذرڻ بعد بہ قائم رهي. هوڏانهن وڌيندڙ مصروفيتن ڪارڻ ترجمي لاءِ وقت ڪڍڻ مشڪل ٿي پيو. مصروفيتن هوندي بہ ترجمي جو ڪم شروع ڪري ڏنم

۽ الله جا لک احسان جو ڪجهه مهينن جي ٿوري ڪوشش سان ڪم پورو ٿي ويو. ولله الامرُ من قبل ومن بعد.

آخر ۾ ائون انهن سمورن بزرگن، دوستن عزيزن جو ٿورو مڃڻ ضروري ٿو سمجهان، جن هن ڪم ۾ ڪنهن بہ طرح منهنجو ساٿ ڏنو. خاص طور تي استاد محترم مولانا عبدالرحمان صاحب رحماني ۽ قربائتي شيخ عزير صاحب ۽ حافظ محمد الياس صاحب فاضل مدينہ يونيورسٽي جن جي مشوري ۽ همٿ افزائيءَ مونکي اتيل پقت تي هن مقالي جي تياريءَ ۾ وڏي مدد ڏني. الله تعاليٰ انهن سڀني کي خير جو صلو ڏي، اسانجو حامي ۽ ناصر بڻجي. ڪتاب کي قبوليت جو شرف بخشي ۽ مؤلف ۽ تعاون ڪندڙن ۽ ڪتاب مان لاڀ پرائيندڙن جي لاء ڀلائيءَ ۽ ڇوٽڪاري جو ذريعو بنائي. آمين.

صفي الرحمان مبارڪپوري

18 رمضان المبارڪ 1404 هـ

پنهنجي ڪهاڻي

الحمد لله رب العالمين والصلات والسلام عليٰ سيد الاولين والاخرين محمد خاتم النبيين، وعليٰ الہ وصحبہ، اجمعين اما بعد

جيئن تہ رابطہ عالمِ اسلاميءَ سيرت نويسيءَ جي مقابليءِ حصو وٺڻ وارن کي پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکڻ جو پابند ڪيو آهي، انڪري هيٺ پنهنجي سادي زندگيءَ جا چند خاڪا ڏئي رهيو آهيان.

نسبي سلسلو:- صفي الرحمان بن عبدالله بن محمد اڪبر بن محمد علي بن عبدالمؤمن بن فقير الله مبارڪپوري اعظمي

ڄم:- سنڌ ۾ منهنجي ڄم جي تاريخ 6 جون 1943ع لکيل آهي. پر اهو هڪ اندازو آهي. تحقيق سان معلوم ٿيو تہ منهنجي پيدائش 1942ع جي وچ ڌاري ڳوٺ حسين آباد ۾ ٿي. جيڪو مبارڪپور جي اتر ۾ هڪ ميل پري هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. مبارڪپور، اعظم ڳڙهہ ضلعي جو هڪ مشهور علمي ۽ صنعتي شهر آهي.

تعليم:- مون ننڍپڻ ۾ قرآن مجيد جو ڪجهه حصو پنهنجي ڏاڏي ۽ چاچي وٽ پڙهيو ۽ 1948۾ مبارڪپور جي مدرسه دار التعليم ۾ داخل ٿيس. اتي ڇهن ورهين ۾ پرائمري ۽ مڊل جي نصاب جي تعليم مڪمل ٿي. ڪجهه فارسي به پڙهيم. ان کانپوءِ جون 1954ع ۾ مدرسه احياءُ العلوم مبارڪپور ۾ داخلا ورتي عربي زبان قاعدن، صرف نحو ڪجهه ٻين فنن جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيم. ٻه سال پوءِ مدرسه فيض عام مئو پهتس. ان مدرسي کي علائقي ۾ هڪ اهم ديني درسگاهه جي حيثيت حاصل هئي ۽ مئو ناٿ ڀڃن، مبارڪپور کان 35 ميل پري آهي.

فيض عام ۾ منهنجي داخلا مئي 1956ع ۾ ٿي. جتي پنج سال گذاري مون عربي زبان جي قاعدن شرعي علم فن يعني تفسير، حديث، اصولِ حديث، فقه ۽ اصول فقه وغيره جي تعليم حاصل ڪيم. جنوري 1961ع ۾ منهنجي تعليم مڪمل ٿي ۽ مونکي باقائده شهادة التخرج (يعني تڪميلي سند) ملي. اها سند فضيلت في الشريعه ۽ فضيلت في العلوم جي سند هئيءَ تدريس ۽ افتاء جي اجازت تي

مشتمل هئي. منهنجي خوشنصيبي آهي جو مونکي تمام امتحانن ۾ سنين مارڪن سان ڪاميابي حاصل ٿيندي هئي.

تعليم دوران مون الهہ آباد بورڊ جي امتحانن ۾ بہ شرڪت ڪئي. فيبروري 1959ع ۾ مولوي ۽ فيبروري 1960ع ۾ عالم جا امتحان ڏنا ۽ ٻنهي ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيس.

زندگيءَ جي علمي ۽ عملي ميدان ۾:- 1961ع ۾ "مدرسہ فيض عام" مان فارغ ٿي پهرين ضلعي الله آباد پوءِ ناگپور شهر ۾ درس تدريس ۽ تقرير ۽ خطابت جو ڪم شروع ڪيم. بہ سال پوءِ مارچ 1963ع ۾ مدرسہ فيض عام جي ناظم اعليٰ مونکي تدريس جي دعوت ڏني پر مون اتي بہ سال گذاري حالتن جي ڪري عليحدگي اختيار ڪئي. ٻيو سال جامعہ الارشاد اعظم ڳڙهہ ۾ گذريو ۽ فيبروري 1966ع کان مدرسہ دارالحديث مئو جي دعوت تي اتي مدرس ٿي ويس. هتي ٿي ورهيہ تدريس کان علاوه بحيثيت نائب صدر مدرس تعليمي ۽ داخلي انتظامن جي نگهداريءَ ۾ بہ شريڪ رهيس.

آخري ڏينهن ۾ مدرسي جي انتظاميہ ۾ اختلاف ٿي پيا. لڳو ائين پئي تہ مدرسو ئي بند ٿي ويندو. اهي اختلاف ڏسي عين عيد جي ڏهاڙي مون استعفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ ڪجهہ ڏينهن ترسي مدرسہ دارالحديث مان استعفيٰ ڏئي مدرسہ فيش العلوم سيوڻي ۾ وڃي مامور ٿيس. جيڪو مئونات ڀڃن ڪان اٽڪل ست سؤ ڪلوميٽر پري مڌيا پرديش ۾ هو.

سيوڻي ۾ 1969ع ۾ لڳس. اتي درس ۽ تدريس ڪان علاوه صدر مدرس طور مدرسي جا سڀ داخلي ۽ خارجي انتظام سنڀالي ورتم. جمعي جو خطبو پڙهڻ ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ منهنجو معمول ٿي ويو. چار سال اتي رهيس. 1972ع جي آخر ۾ ساليانی موڪل تي ڳوٺ واپس آيس تہ مدرسہ دارالتعليم مبارڪپور جي رڪنن هتي تعليمي انتظام سنڀالڻ ۽ پڙهائڻ تي مجبور ڪيو. مونکي اها آڇ قبولڻي پئي. اهڙيءَ طرح مون پنهنجي پهرئين علمي گهر ۾ نيون ذميداريون سنڀالي ورتيون. ٻہ سال پوء جامع سلفيہ جي ناظم اعليٰ، مدرسہ دارالتعليم جي سرپرست سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ مونکي جامع سلفيہ منتقل ڪيو وڃي.

جامع جي خيرخواهي ۽ پراڻن رابطن ڪري معاملي طئہ ٿي ويو ۽ اڪٽوبر 1974ع ۾ جامع سلفيہ هليو آيس. تڏهن کان هتي ڪم ڪري رهيو اهيان.

تاليف:- تعليم مڪمل ڪرڻ بعد گذريل ڪافي عرصي کان درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل تاليف ۽ تصنيف جو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم جاري رکيو آهي. مختلف مضمونن ۽ مقالن کانسواءِ هيستائين اٽڪل ويهہ عدد ڪتابن ۽ رسالن جي تاليف ۽ ترجمي جو ڪم ڪري چڪو آهيان. جيڪي هي اهن.

1. شرح ازهار العرب (عربي) ازهار العرب علامہ محمد سورتي رحہ جو سهيڙيل نفيس عربي شعرن جو هڪ چونڊ مشهور مجموعو آهي. شرح 1962ع ۾ لکي اٿم پر ڪافي اڻپوري آهي ۽ اجا ڇپائي نہ وئي آهي.

2. المصابيح في مسالہ التراويح للسيوطي جو اردو ترجمو (1963ع) بہ ٽي ڀيرا ڇپيل آهي.

3. ترجمہ الڪلمہ الطيب لابن تيميہ رحہ (1966ع) اڻڇپيل

5. صحفِ يهود و نصارا ۾ محمد ﷺ جي باري ۾ بشارتون(اردو 1970ع) اڻڇپيل

6. تذڪره شيخ الاسلام محمد بن عبدالوهاب رحه (1972ع) هي ڪتاب ٽي ڀيرا ڇپيل آهي. اصل ۾ قطر جي محڪمه شرعيه جي قاضي شيخ احمد بن حجر جي عربي تاليف جو ترجمو آهي. پر ان ۾ ڪجهه واڌارو ۽ سڌارو ڪيو ويو آهي.

7. تاريخِ آل سعود (اردو 1972ع) تذڪره شيخ الاسلام محمد بن عبدالوهاب جي پهرئين ۽ ٻئي ڇاپي سان گڏ ڇپيل آهي.

8. اتحاف الڪرام تعليق بلوغ المرام لابن حجر عسقلاني (عربي 1974ع) ڇپيل

9. قاديانيت اپنه آئينه مين (اردو) 1976ع ۾ ڇپيل

10. فتنهء قاديانين اور مولانا ثناءُ الله امرتسري (اردو 1976ع) ڇپيل

11. الرحيق المختوم، جيڪو رابطه عالم اسلامي وارن جي مقابلي لاءِ لکيو ويو.

12. انکار حديث کيون؟ (اردو 1976ع) ڇپيل
13. انکار حديث حق يا باطل؟ (اردو 1976ع ڇپيل
14. رزمِ حق باطل (بجر ڏيهہ جي مناظر جو قصو 1978ع ۾ ڇپيل)
15. ابرار الحق والصواب في مسالہ السفور والحجاب (عربي 1978ع) پردي بابت علامہ ڊڪٽر تقي الدين هلالي مراڪشي حفظ الله جي راء تي تنقيد جيڪو مجلہ جامعہ السلفيہ ۾ قسطوار شايع ٿيو.
16. تطور الشعوب والديانات في الهند ومجال الدعوت الاسلاميہ فيها (عربي 1979ع) چند قسطون مجلہ الجامہ السلفيہ ۾ شايع ٿيل
17. الفرقہ الناجيہ والفرق الاسلاميہ الاخري (عربي 1982ع) اڻڇپيل
18. اسلام اور عدم تشدد (اردو 1984ع)اڻڇپيل
19. بهجت النظر في مصطلح اهل الاثر (عربي) ڇپيل
20. اهل تصوف کي کارستانيان (اردو 1986ع) اڻڇپيل
21. الاحزاب السياسہ في الاسلام (عربي 1986ع ڇپيل

ان کان علاوه ماهوار "محدث" جي اول دور کان آخر تائين کل ساڏا چار ورهيہ ايڊيٽريءَ جا فرض انجام ڏنم.

والله الموفق وازمتہ الامور کلها بيده ربنا تقبلہ منا بقبول حسن و انبتہ نباتا حسنا

هن ڪتاب بابت

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمد لله الذي ارسل رسولہ بالهديٰ و دين الحق ليظهره علي الدين کلہ فجعلہ شاهدا و مبشرا و نذيرا، وداعيا الي الله باذنہ و سراجا منيرا، وجعل فيہ اسوه حسنہ لمن کان يرجو الله واليوم الاخر وذکر الله کثيرا، واللهم صل وسلم وبارک عليہ وعليٰ الہ وصحبہ ومن تبعهم باحسان اليٰ يوم الدين وفجرلهم ينابيع الرحمتہ والرضوان تفجيرا. اما بعد

هيءَ تمام خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ پاڪستان ۾ ربيع الاول 1396هہ۾ ٿيل سيرت ڪانفرسن جي پڄاڻيءَ تي رابطہ اسلامي وارن سيرت جي موضوع تي مقالا لکڻ جي هڪ عالمي مقابلي جو اعلان ڪيو آهي. جنهن جو مقصد قلمڪارن ۾ نئين امنگ ۽ فڪري هم آهنگي پيدا ڪرڻ

آهي. منهنجي خيال ۾ اهو هڪ پلارو قدم آهي. ڇو تہ جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ حقيقت ۾ سيرتِ نبوي ۽ اسوه محمدي ئي اهو واحد ذريعو آهي، جنهن مان اسلامي دنيا جي زندگيءَ توڙي انساني معاشري لاء سعادت جا چشما ڦٽن ٿا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم صلى الله عليه وسلم صلى الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات تي بيشمار درود ۽ سلام هجن.

ان پلاري مقابلي ۾ شرڪت ڪرڻ مون لاء سعادت ۽ خوشبختي آهي پر منهنجي اوقات ئي ڇا آهي جو مان سيد الاولين والاخرين صلى الله عليه وسلمه جي زندگي مبارڪ تي روشني وجهي سگهان. آئون تہ پنهنجي ج خوشبختي ڪاميابي ان ۾ سمجهان ٿو تہ مونکي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلمه جي نور جو ڪجهہ حصو نصيب ٿي وڃي. جيئن تاريڪين ۾ ڀٽڪي هلاڪ ٿيڻ بدران پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي هڪ امتيءَ جي حيثيت ۾ سندن پسيل روشن ريتي تي هلندي زندگي گهاريان ۽ ان راهہ تي هلندي مونکي موت اچي ۽ پوء پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي شفاعت جي برڪت سان الله تعاليٰ منهنجن گناهن تي درگذر جي لڪير ڦيري ڇڏي.

هن ڪتاب جي تحرير جي انداز بابت هڪ ننڍڙي ڳالهه ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته هن ڪتاب کي اجائي طوالت يا اجائي اختصار کان بچائي وچولي درجي ۾ مرتب ڪندس. پر جڏهن سيرت جي ڪتابن تي نظر وڌم ته واقعن جي ترتيب ۽ جزئيات جي تفصيل ۾ اختلاف ڏٺم. انڪري فيصلو ڪيم ته اهڙي صورت۾ بحث جي هر پاسي تي نظر وجهي ڀرپور تحقيق ڪري جيڪو نتيجو ڪڍان، سو اصل ڪتاب ۾ درج ڪريان ۽ دليلن ۽ شاهدين جي تفصيل ۽ ترجيح جي سبب جو ذڪر نه ڪريان نه ته ڪتاب ضرورت کان وڌيڪ ڊگهو ٿي ويندو. البته جتي هي ڊپ هجي ته منهنجي تحقيق پڙهندڙن لاءِ حيرت ۽ تعجب جو باعث بڻبي، يا جن واقعن بابت عام لکندڙن ٻيو موقف پيش ڪيو آهي، جيڪو منهنجي ليکي صحيح نه آهي ته اتي دليلن جو به اشارو ڏنو اٿم.

يا الله! مون لا دنيا آخرت جي ڀلائي مقدر فرماءِتو پڪ سان غفور ۽ ودودو آهين. عرش جو مالڪ ۽ بزربگ ۽ برتر آهين.

جمعہ مبارڪ 24 رجب 1396ھ مطابق 23 جولاء 1976ع
صفي الرحمان مبارڪپوري
جامعہ سلفيہ بنارس
هند

عربستان جي جاگرافي - اتي جون رهندڙ قومون

رسول اللّٰه صلى الله عليه وسلم جي سيرت درحقيقت ان الهي پيغام جي عملي صورت آهي، جنهن کي نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم انساني جماعتن جي سماهون پيش ڪيو ۽ جنهن جي ذريعي انسانن کي اوندهہ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ ۽ ٻانهن جي ٻندگيءَ مان ڪڍي اللّٰه جي ٻندگيءَ ۾ داخل ڪيو. جيئن تہ سيرت پاڪ جي مڪمل تصوير ڪشي ايستائين ممڪن نہ آهي، جيستائين ان الهي پيغام نازل ٿيڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي حالتن۾ ڀيٽ نہ ڪئي وڃي. انڪري اصل بحث کان اڳ هن باب ۾ اسلام کان اڳ جي عرب قومن ۽ انهن جي رهڻي ڪرڻي بابت هڪ خاڪو پيش ڪيو پيو وڃي، جن حالتن۾ رسول اللّٰه صلى الله عليه وسلم جي بعثت ٿي.

عربستان جي جاگرافيائي حالت:- عرب لفظ جي لغوي معنيٰ آهي رڻ پٽ ۽ ريگستان. پراڻي دور کان اهو لفظ عربستان ۽ ان ۾ رهندڙ قومن لاء ڳالهائجي ٿو. عربستان جي الهندي ۾ ڳاڙهو سمنڊ ۽ سينا جو اپبيٽ اهي. اوڀر ۾ عربي نار ۽ ڏکڻ ۾ عراق جو هڪ وڏو حصو آهي. ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ آهي، جيڪو اصل۾ هندي سمنڊ۾ شامل آهي. اتر ۾ شام جو ملڪ ۽ ڪجهه علائقو اتر عراق جو آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه سرحدن۾ اختلاف به آهي. سڄي علائقي جي پکيڙ ڏهه لک کان تيرنهن لک چورس ميل ٻڌائي وڃي ٿي.

عربستان طبعي ۽ جاگرافيائي حيثيت کان وڏي اهميت رکي ٿو. داخلي طرح هي علائقو چئني پاسن کان ريگستان۾ گهيرل آهي. جهن جي ڪري ايڏو محفوظ قلعو ٿي پيو آهي جو ٻاهرين قومن لاء ان تي قبضو ڪرڻ ۽ پنهنجو اثر ڦهلائڻ سخت مشڪل رهيو آهي. اهو ئي ڪارڻ اهي جو عربستان جي وچئين علائقي جا ماڻهو پراڻي زماني کان پنهنجن سيني معاملن ۾ مڪمل طرح آزاد ۽

خودمختيار رهيا آهن. حالانڪ اهي ٻن اهڙن وڏين طاقتن جا پاڙيسري رهيا آهن جو هن نوس قدرتي بند ڪانسواءِ سندن حملا روڪي سگهڻ عربستان جي رهواسين جي وس جي ڳالهہ نہ هئي.

خارجي طرح هي علائقو پراڻي دنيا جي سنيني وڏن کندن جي وچ ۾ آهي ۽ خشڪي توڙي سامودي رستن سان انهن سان ڳنڍيل رهيو آهي. ان جي اتر اولهہ واري کنڊ، آفريڪا کنڊ ۾ داخل ٿيڻ جو دروازو آهي. اتر اوڀر واري کنڊ يورپ سان ملي ٿي. اوڀر پاسي ايران، وچ ايشيا ۽ ڏور اوڀر وارا ملڪ آهن ۽ هندستان ۽ چين پڻ ان پاسي آهن. اهڙيءَ طرح هر کنڊ سمنڊ جي رستي بہ عرب علائقي سان ڳنڍيل اهي ۽ انهن جا جهاز عربستان جي بندرگاهن تي سڌيءَ طرح اچي لنگر وجهندا آهن. ان جاگرافيائي بيهڪ ڪري عربستان جا ستريا ۽ ڏاکڻان علائقا مختلف قومن لاءِ تجارت، ثقافت، فن ۽ مذهب جا وڏا مرڪز رهي چڪا آهن.

عرب قومون:- تاريخدانن، نسلي اعتبار کان عرب قومن کي ٽن قسمن ۾ ورهايوآهي.

(1) عرب بائده:- يعني اهي قديم عرب قبيلا ۽ قومون جيڪي بلڪل مٽجي چڪا آهن ۽ انهن بابت ضروري معلومات بہ نٿي ملي. جهڙوڪ عاد، ثمود، طسم، جديس، عمالقہ وغيره.

(2) عرب عاربہ:- يعني اهي عرب قبيلا جيڪي يعرب بن يشجب بن قحطان جي نسل مان آهن. انهن کي قحطاني عرب چئجي ٿو.

(3) عرب مستعربہ:- يعني اهي عرب قبيلا جيڪي حضرت اسماعيل عہ جي نسل مان اهن. انهن کي عدناني عرب چئبو آهي.

(4) عرب عاربہ:- يعني قحطاني عربن جو اصل مرڪز و يمن جو مالڪ هو. هتان ئي انهن جا مختلف خاندان ۽ قبيلا ڦٽي نڪتا. انهن مان ٻن قبيلن وڏي شهرت حاصل ڪئي.

(الف) حقير:- جنهن جون مشهور شاخون زيد الجمهور، قضاعہ ۽ سڪا سڪ آهن.

(ب) ڪهلان:- جنهن جون مشهور شاخون همدان، انمار، طي، مذحج، ڪنده، لحم، جذام، ازد، اوس،

خزرج ۽ اولاد جفنہ آهن، جن اڳتي هلي شام جي اوسي پاسي ۾ بادشاهت قائم ڪئي ۽ آل غسان جي نالي سان مشهور ٿيا.

عام ڪهلا ني قبيلا يمن کي ڇڏي عربستان جي مختلف علائقن ۾ پکڙجي ويا. سندن گهٽي لڏپلاڻ سيل عرم جي واقعي کان اڳ ان وقت ٿي جڏهن رومين، مصر ۽ شام تي قبضو ڪري يمن وارن جي ساموندي واپاري رستن تي قبضو ڄمائي ورتو ۽ خشڪيءَ جي رستن تي ڏنل سهولتن کي تباهہ ڪري ڪهلانين جي واپار کي ڪاپاري ڌڪ هنيو.

ممڪن آهي تہ ڪهلاني ۽ جميري خاندانن ۾ رنجشون ۽ جهڙپون بہ رهيون هجن ۽ اهي بہ ڪهلانين جي لڏپلاڻ جو سبب بڻيون هجن. ان جو اشارو ان ڳالهہ مان ملي ٿو تہ ڪهلانين تہ لڏپلاڻ ڪئي پر جميري قبيلا اتي ئي رهيا. لڏپلاڻ ڪندڙ ڪهلانين کي چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. آزاد :- انهن پنهنجي سردار عمران بن عمر ومز يقياء جي چوڻ تي وطن ڇڏيو. پهرين تہ اهي يمن ۾ ئي هڪ جڳهہ کان

بي جڳهہ تي منتقل ٿيندا رهيا ۽ حالتن جي خبرچار وٺڻ لاءِ هر اول دستن کي موڪليندا رهيا. پر آخرڪار اتر ڏي روانا ٿيا ۽ پوءِ مختلف شاخون گهمنديون ڦرنديون مختلف علائقن ۾ سدائين لاءِ رهي پيون. ان جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

ثعلبہ بن عمرو:- هن پهرين حجاز جو رخ ڪيو ۽ ثعلبہ ۽ ذي قار جي وچ ۾ رهائش اختيار ڪئي. جڏهن ان جو اولاد وڏو ٿيو ۽ خاندان مضبوط ٿيو تہ مديني ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ان کي وطن ڪري اچي رهيا. ان ئي ثعلبہ جي نسل مان اوس ۽ خزرج ٿيا، جيڪي ثعلبہ جي پٽ حارثہ جا پٽ هئا.

حارث بن عمرو:- يعني خزاعہ ۽ ان جو اولاد، هي پهرين حجاز جي علائقي ۾ گهمندي مرا لظهران ۾ اچي رهيا. پوءِ حرم تي ڪاهي پيا ۽ بنو جر هم کي ڪڍي پاڻ مڪي ۾ رهڻ لڳا.

عمران بن عمرو:- هن ۽ سندس اولاد عمان۾ رهائش اختيار ڪئي. ان ڪري هي ماڻهو ازدعمان سڏبا آهن.

نصر بن ازد:- هن سان تعلق رکندڙ قبيلن تمامہ ۾ رهائش اختيار ڪئي. اهي ازد شنوءہ سڏبا آهن.

جفنہ بن عمرو:- هيءَ پنهنجي اولاد سميت شام ۾ وڃي رهيو. هيءَ شخص غساني بادشاهن جو وڏو ڏاڏو هو. انهن کي آل غسان ان ڪري چئجي ٿو جو اهي شام ۾ اچڻ کان اڳ ڪجهہ وقت حجاز ۾ غسان نالي چشمي وٽ رهيا هئا.

2- لخم و جذام:- انهن لخمين مان ئي نصر بن ربيعہ ٿيو. جيڪو حيره جي شاهي خاندان آل منذر جو وڏو ڏاڏو هو.

3 - بنوطي:- هن قبيلي، بنوازد جي وطن ڇڏڻ بعد اتر طرف رخ ڪيو اجا سلميٰ نالي ٻن جبلن جي وچهو مستقل طور تي رهي پيا. تانت اهي ٻئي جبل طي قبيلي جي نسبت سان مشهور ٿي ويا.

4 - ڪنده:- هي پهرين بحرين يعني موجوده الا حسا ۾ اچي رهيا پر پو مجبور ٿي اتان کان دستڪش کان ٿيندا حضر موت ويا. پر اتي بہ سک نہ ملين آخرڪار نجد ۾ اچي پنهنجا تاڪ ڪيائون. هتي انهن هڪ وڏي پائي جي حڪومت جو بنياد وڌو پر اها حڪومت گهٽو نہ هلي سگهي ان جا آثار بہ جلد ئي مٽجي ويا.

كهلان كانسوا حمير جو بہ هڪ قبيلو اڙو آهي، جنهن جو حميري هجڻ ئي مشڪوڪ آهي، جنهن يمن مان لڏپلاڻ ڪري عراق جي حدن ۾ بادبتہ السماوه ۾ رهائش اختيار ڪئي. [1]

عرب مستعربہ:- انهن جو وڏو ڏاڏو حضرت ابراهيم عہ اصل عراق جي شهر اُر جو رهاڪو هو. اهو شهر فرات نديءَ جي الهندي ڪناري تي ڪوفي جي ويجهو واقع آهي. ان جي کوٽائيءَ بعد جيڪي ڪتب مليا آهن تن مان هن شهر بابت ڪافي تفصيل منظر تي اچي چڪا آهن ۽ حضرت ابراهيم عہ جي خاندان جي ڪن تفصيلن ۽ اتي جي رهاڪن جي ديني ۽ سماجي حالتن تان بہ پردو کڄي چڪو آهي.

---

[1] هنن قبيلن جي تاريخ لڏپلاڻ بابت تفصيل لاء ڏسو محاضرات تاريخ الامم الاسلاميہ للخضري 1/11-13 قلب جزيره العرب ص 231-235- لڏپلاڻ جي هنن واقعن جي دور ۽ سببن جي تعين ۾ تاريخي ماخن ۾ ڏاڍو اختلاف آهي. اسان مختلف پاسن تي غور ڪرڻ بعد جيڪا ڳالھ صحيح محسوس ڪئي سا هتي لکي آهي.

اهو معلوم آهي تہ حضرت ابراهيم عہ هتان كان هجرت ڪري حران شهر ڏانهن هليو ويو هو ۽ پوء اتان فلسطين وجي ان ملڪ کي پنهنجن پيغمبراڻي سرگرمين جو مرڪز بڻائي ورتو هو ۽ ملڪ ۽ غير ملڪ ۾ دعوت ۽ تبليغ لاء هتان کان ئي ڪوششون ونندو رهيو. هڪ دفعو پاڻ مصر تشريف کڻي ويو. فرعون سندن بيبي حضرت ساره عہ بابت ٻڌو تہ سندن بابت بري نيت رکيائين ۽ پنهنجي درٻار ۾ بري ارادي سان سڏايائين پر الله تعاليٰ بيبي ساره عہ جي دعا گهرڻ تي فرعون کي اهڙي غيبي گرفت ۾ ورتو جو هو هٿ پير هڻي تڙپڻ لڳو. حادثي جي نوعيت مان هو سمجهي ويو تہ بيبي ساره عہ الله جي نهايت خاص ٻانهي آهي. هو بيبي صاحبہ مان ايترو متاثر ٿيو جو پنهنجي ڌيءَ حاجره (1)

---

(1) مشهور آهي تہ بيبي حاجره عہ ڪنيز هئي پر علامہ منصور پوري عہ تفصيلي تحقيق سان ثابت ڪيو آهي تہ اها ڪنيز نہ بلڪہ آزاد هئي ۽ فرعون جي ڌيءَ هئي. ان لاء ڏسو رحمت اللعالمين 2/36-37.

سندن خدمتﮯ ڏئي ڇڏيائين. بيبي ساره ع وري بيبي هاجره ع، حضرت ابراهيم ع کي پرڻائي ڇڏي. (2)

(2) ساڳيو ڪتاب 34/2 واقعي جي تفصيل لاء صحيح بخاري 484/1 ڏسو.

حضرت ابراهيم ع جن بيبي ساره ع ۽ بيبي هاجره ع کي وٺي واپس فلسطين آيا. پوء الله تعاليٰ کين بيبي هاجره جي بطن مبارڪ مان حضرت اسماعيل ع نالي فرزند عطا ڪيو. ان تي بيبي ساره کي ڪاوڙ آئي ڇو ته پاڻ بي اولاد هئي. ان حضرت ابراهيم ع کي بيبي هاجره ع کي جلاوطن ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. حضرت ابراهيم ع کي حالتن ڪري سندن ڳالهه مڃڻي پئي ۽ پاڻ بيبي حاجره ع ۽ حضرت اسماعيل ع کي وٺي حجاز جي تي آيا ۽ کين هڪ سجي واديءَ ۾ بيت الله شريف وٽ رهايو. ان وقت بيت الله شريف نه هو. صرف دڙي وانگر اپريل زمين هئي. جنهن وٽان سيلاب ايندو هو ته پاسن وٽان گزري ويندو هو. اتي ئي مسجد الحرام جي مٿئين حصي ۾ زمزم وٽ هڪ وڏو وڻ هو. پاڻ ان وڻ وٽ ئي بيبي حاجره ع ۽ حضرت اسماعيل ع

ڪي ڇڏي ويا. ان وقت مڪي ۾ نه پاڻيءَ نه ماڻهو ڇيڻو. ان ڪري حضرت ابراهيم عہ جن هڪ ڪاسي ۾ ڪجيون ۽ هڪ ڪليءَ ۾ پاڻي رکي ڇڏيو ۽ پاڻ فلسطين موٽي ويا. ڪجھ ڏينهن ۾ ئي ڪجيون ۽ پاڻي ختم ٿي ويو ۽ ڪين ڏڪيائي ٿيڻ لڳي. پر ان ڏکئي وقت تي الله جي مهربانيءَ سان زمزم جو چشمو ڦٽي پيو. جيڪو ڪافي عرصي تائين رزق جي ضرورت پوري ڪندو رهيو. ان جي تفصيل هرڪو ڄاڻي ٿو. (1)

(1) ڏسو صحيح بخاري، ڪتاب الانبياء 1/474، 475

ڪجھ وقت ڪانپوء يمن جو هڪ قبيلو اتان لنگھيو جنهن کي تاريخ ۾ جرهم ثاني چئجي ٿو. هي قبيلو اسماعيل عہ جي والده کان اجازت وٺي اتي رهي پيو. چيو وڃي ٿو ته هي قبيلو پهرين مڪي جي آسپاس وادين ۾ رهندو هو. صحيح بخاريءَ ۾ اهو اضافو ملي ٿو ته (رهائش لاء) اهي مڪي ۾ حضرت اسماعيل جي اچڻ ڪانپوء ۽ سندن جوان ٿيڻ کان اڳ آيا هئا. باقي ان واديءَ مان سندن لنگھ پهرين به ٿيو هو. (1)

(1) صحيح بخاري 1 /475.

حضرت ابراهيم عہ جن پنهنجن پڇڏيلن جي خبرچار ونڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن مڪي ۾ ايندا رهندا هئا پر اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ سندن آمد هتي گهٽا ڀيرا ٿي. باقي ڪتابن ۾ سندن چار ڀيرا اچڻ جي تفصيل محفوظ آهي. جيڪا هتي ڏجي ٿي.

1. قرآن مجيدہ بيان ٿيل آهي تہ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلا م کي خواب ۾ ڏيکاريو تہ هو پنهنجي فرزند (حضرت اسماعيل عليہ السلا م) کي ذبح ڪري رهيا آهن. هي خواب هڪ طرح سان الله جو حڪم هو ۽ پيءُ پٽ ٻئي ان حڪم جي پورائي لاءِ تيار ٿي ويا. جڏهن ٻئي رضامند ٿيا ۽ پيءُ پٽ کي نرڙ ڀر ليٽائي ڇڏيو تہ الله تعاليٰ سڏ ڪيو تہ "اي ابراهيم! تو خواب کي سچ ڪري ڏيکاريو. اسين ڇڱن کي ان طرح ئي صلو ڏيندا آهيون.

يقينن اها هڪ کليل آزمائش هئي ۽ الله ان جي فديي ۾ هڪ عظيم ذبيحو عطا ڪيو. (2)

(2) سوره صافات: 103-107 (فلما اسلما - بذبح عظيم

بائيبل جي پيدائش واري ڪتاب ۾ آهي تہ حضرت اسماعيل عہ جن حضرت اسحاق عہ کان تيرنهن ورهہ وڏا هئا ۽ قرآن شريف ڄاڻائي ٿو تہ مٿيون واقعو حضرت اسحاق عہ جي پيدائش کان اڳ ٿيو. ڇو تہ پورو واقعو بيان ڪرڻ کانپوءِ حضرت اسحاق عہ جي ولادت جي بشارت جو ذڪر ڪيل آهي. هن واقعي مان ثابت ٿئي ٿوتہ حضرت اسماعيل عہ جي جوان ٿيڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو حضرت ابراهيم عہ جن مڪي شريف آيا هئا. باقي ٽن سفرن جي تفصيل صحيح بخاريءَ جي هڪ ڊگهي روايت ۾ آيل آهي. جيڪا حضرت ابن عباس رضہ کان مرفوعن مروي آهي (3) ان جو تت هيءَ آهي.

(3) صحيح بخاري 476/1

2. حضرت اسماعيل عہ جڏهن جوان ٿيا ۽ جرهم کان عربي سکي ورتائين ۽ کين وڻڻ لڳو تڏهن انهن سندن شادي پنهنجي خاندان جي هڪ عورت سان ڪري ڇڏي. ان دوران بيبي هاجره عہ گذاري وئي. هوڏانهن حضرت ابراهيم عہ کي پنهنجو ترڪو ڏسڻ جو خيال ٿيو. تنهن ڪري پاڻ مڪي آيا پر حضرت اسماعيل عہ سان سندن ملاقات نہ ٿي. تنهن کان

خبر چار ورتائون تہ ان تنگدستيءَ جي شڪايت ڪئي. تنهن تي پاڻ وصيت ڪري ويا تہ اسماعيل عہ اچي تہ ان کي چئجو تہ گهر جي چائنٺ مٽائي ڇڏي. حضرت اسماعيل عہ جن ان پيغام کي سمجهي ويا ۽ پنهنجي زال کي طلاق ڏئي جرهم جي سردار مضاض بن عمرو جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائون. (1)

(1) قلب جزيره العرب ص 230.

3. ان ٻي شاديءَ کانپوءِ هڪ ڀيرو وري حضرت ابراهيم عہ جن مڪي آيا پر هن ڀيري بہ سندن ملاقات حضرت اسماعيل عہ سان نہ ٿي. تنهن کان خبر چار ورتائون تہ ان الله جي ساراه ڪئي. پاڻ وصيت ڪري ويا تہ
اسماعيل عہ پنهنجي گهر جي چائنٺ ساڳي رکي ۽ پوءِ فلسطين هليا ويا.

4. ان کان بعد پاڻ وري (مڪي) آيا تہ حضرت اسماعيل عہ جن ان مهل زمزم جي ويجهو هڪ وڻ هيٺان تير ڇلي رهيا هئا. کين ڏسندي ئي اٿي کڙا ٿيا ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيائون جيڪو اهڙن موقعن تي پيءُ پٽ سان ۽ پٽ پيءُ سان ڪندو

آهي. هيءَ ملاقات ايڏي ڊگهي عرصي کانپوءِ ٿي هئي جو
ڪو نرم دل ۽ شفيق پيءُ پنهنجي چهيدار پٽ کان مشڪل
سان ئي ايترو وڇوڙو برداشت ڪري سگهي ٿو. هن ڀيري
ٻنهي ملي خدا جي گهر (ڪعبي) جي تعمير ڪئي. بنياد
کوٽيا ۽ پٿيون کنيون ۽ ابراهيم ع سڄي دنيا جي ماڻهن
کي حج جو سڏ ڏنو.

الله تعاليٰ مضاض جي نياڻيءَ مان اسماعيل ع کي
ٻارنهن پٽ عطا ڪيا (1)

(1) قلب جزيره العرب.

جن جا نالا هي آهن. نابت يا نبايوط، قيدار، ادبائيل،
مبشام، مشماع، دوما، ميشا، حدد، تيما، يطور، نفيس،
قدمان.انهن ٻارنهن پٽن مان ٻارنهن قبيلا پيدا ٿيا. جيڪي
مڪي ۾ ئي رهيا. انهن جي معيشت جو دارومدار گهڻو
ڪري يمن، مصر ۽ شام سان تجارت تي هو. پوءِ اهي قبيلا
عربستان جي اپٻيٽ جي مختلف پاسن۾ بلڪ عربستان کان
ٻاهر به ڦهلجي ويا ۽ سندن حالتون وقت گهري دهند ۾
ڍڪجي ويو. رڳو نابت ۽ قيدار جو اولاد گمناميءَ کان
بچيل رهيو. نبطين جي تمدن حجاز جي اتر۾ واڌ ويجهه ٿي.

انهن هڪ سگهاري حڪومت قائم ڪري آسپاس جي ماڻهن کي پنهنجو ڏن ڀرو ڪيو. بطراه انهن جي گاديءَ جو هنڌ هو. ڪنهن کي ساڻن مقابلي جي سگهه نه هئي. پوء رومين جو دور آيو. جن نبطين کي ماضيءَ جو قصو بنائي ڇڏيو. مولانا سيد سليمان ندوي رحه هڪ دلچسپ بحث ۽ وڏي تحقيق ڪانپوء ثابت ڪيو آهي ته آل غسان ۽ انصار يعني اوس ۽ خزرج قحطاني عرب نه هئا بلڪ ان علائقي ۾ نابت بن اسماعيل عه جو بچيل نسل هئا. (2)

(2) تاريخ ارض القرآن 78/2 - 86.

قيدار بن اسماعيل عه جو نسل مڪي ۾ ئي وڌندو ويجهندو رهيو. تانت عدنان ان جي پٽ معد جو زمانو آيو. عدناني عربن جو نسل صحيح طور تي ايستائين محفوظ آهي.

عدنان، نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نسبي سلسلي ۾ ايڪهين پيڙهي تي اچي ٿو. ڪن روايتن ۾ اچي ٿو ته پاڻ سڳورا پنهنجو شجرو ٻڌائيندا هئا ته عدنان تي پهچي رڪجي ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته شجري جا ماهر غلط ٿا چون (3) پر عالمن جي هڪ گروهه جو خيال

(3) طبري - تاريخ الامم الملوڪ 2/191 - 194، الاعلام 5/6

آهي تہ اڳتي بہ شجرو بيان ڪري سگھجي ٿو. انهن هن روايت کي ڪمزور قرار ڏنو آهي. سندن تحقيق مطابق عدنان ۽ حضرت ابراهيم عہ جي وچ ۾ چاليهہ پيڙهيون آهن.

بهرحال صعد جي پٽ نزار مان، جنهن بابت چيو وڃي ٿو تہ ڪانئس سواء معد کي ٻيو ڪو اولاد نہ هو نہ ئي خاندان وجود ۾ آيا. درحقيقت نزار جا چار پٽ هئا ۽ هر پٽ هڪ وڏي قبيلي جو حد ثابت ٿيو. جيئني جا نالا هي آهن. اياد، انمار، ربيعہ، مضر. آخري ٻن جون شاخون ۽ انهن جون بہ گھڻيون شاخون ٿيون. ربيعہ مان اسد بن ربيعہ، عنزه، عبدالقيس، وائل، بڪر، تغلب، بنو حنيفہ، وغيره وجود ۾ آيا. مضر جو اولاد ٻن وڏن قبيلن۾ ورهائجي ويو. 1. قيس عيلان بن مضر.

2. الياس بن مضر.

قياس عيلان مان بنو سليم، بنو هوازن، بنو غطفان، غطفان مان عبس، ذيبان، اشجع ۽ غني بن اعصر قبيلا ڦٽي نڪتا.

الياس بن مضر مان تميم بن مره، هذيل بن مدرڪ، بنواسد بن خزيمہ ۽ ڪنانہ بن خزيمہ قبيلا ڦٽي نڪتا. ڪنانہ مان قريش قبيلو وجود ۾ آيو. هي قبيلو فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانہ جو اولاد آهي. پوءِ قريش بہ مختلف شاخن ۾ ورهائجي ويا. مشهور قريشي شاخون هي آهن. جمع، سهم، عدي، مخزوم، تيم زهره ۽ قصي بن ڪلاب مان نڪتل خاندان يعني عبدالدار، اسد بن عبدالعزيٰ ۽ عبد مناف. اهي ٽئي قصي جا پٽ هئا. تن مان عبدالمناف کي چار پٽ ٿيا. جن مان چار ننڍا قبيلا نڪتا. يعني، عبد شمس، نوفل، مطلب ۽ هاشم. ان هاشم جي نسل مان الله تعاليٰ اسان جي نبي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي چونڊ ڪئي.

رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ارشاد آهي تہ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عہ جي اولاد مان اسماعيل عہ کي چونڊيو ۽ اسماعيل عہ جي اولاد مان ڪنانہ کي چونڊيو ۽ ڪنانہ جي نسل مان قريش کي چونڊيو ۽ قريش مان بنو هاشم کي چونڊيو ۽ بنو هاشم مان منهنجي چونڊ ڪئي. (1)

(1) صحيح مسلم 245/2، جامع ترمذي 201/2

ابن عباس رضہ جو بيان آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "الله تعاليٰ جڏهن مخلوق کي پيدا ڪيو تہ مون کي سڀ کان چڱي گروهہ ۾ رکيو، پوءِ ان جي ٻن گروهن مان وڌيڪ چڱي ۾ مون کي رکيو. پوءِ قبيلا چونڊيا تہ سڀ کان پلي قبيلي ۾ مون کي رکيو. پوءِ گهراڻا چونڊيا ويا تہ سڀ کان بهتر گهراڻي ۾ مون کي رکيو. ان ڪري مان پنهنجي ذات جي لحاظ کان سڀ کان بهتر آهيان ۽ پنهنجي گهراڻي جي لحاظ کان بہ سڀ
کان بهتر آهيان. (2)

---

(2) ترمذي 201/2

بهرحال عدنان جي نسل ۾ واڌ ويجهہ ٿيڻ بعد اهي چاري پاڻيءَ جي ڳولا ۾ عرب جي مختلف پاسن ۾ وکري ويا. عبدالقيس قبيلي، بکر بن وائل جي ڪيترين ئي شاخن ۽ بنو تميم جي خاندانن بحرين جو رخ ڪيو ۽ اتي ئي وسيا.

بنو حنيفہ بن صعب بن علي بن بکر يمامہ جو رخ ڪيو ۽ ان جي مرڪز حجر ۾ رهائش اختيار ڪئي.

بڪر بن وائل جي ٻچيل شاخن يمامہ کان بحرين، ساحل ڪاظمہ، نار، سواد عراق، ابلہ ۽ هيت تائين جي علائقن ۾ رهائش اختيار ڪئي.

بنو تعلب فراتيہ ٻيٽ ۾ وجي رهيا. انهن جي ڪن شاخن نيو بڪر سان بہ رهائش اختيار ڪئي.

بنو تميم باديہ بصره کي پنهنجو ديس ڪيو.

بنو سليم مديني جي ويجهو وجي ويٺا. انهن جو علائقو القريٰ جي وادئي کان شروع ٿي،خيبر ۽ مديني جي اوڀر مان گذرندي حره بنو سليم سان لڳو لڳ ٻن ٽڪرين تي ختم ٿئي ٿو.

بنو ثقيف، طائف کي پنهنجو ديس بنايو ۽ بنو هوازن مڪي جي اوڀر ۾ اوطاس جي واديءَ جي ويجهو وجي ويٺا. انهن جي وسندي مڪي ۽ بصري واري رستي تي هئي.

بنو اسد تيماء جي اوڀر ۽ ڪوفي جي اولهہ ۾ وجي ويٺا. انهن جي ۽ تيما جي وچ ۾ بنوطي جو هڪ خاندان بڪتر آباد هو. بنو اسد جي وسندي ۽ ڪوفي جي وچ ۾ پنج ڏينهن جو پنڌ هو.

بنو ذبيان، تيماءَ جي ويجهو حوران جي آسپاس آباد ٿيا.

تهامہ ۾ بنو ڪنانہ جا خاندان رهجي ويا هئا. جن مان قريشي خاندانن جي رهائش مڪي ۾ ان جي آسپاس هئي. اهي ماڻهو ڇڙوڇڙ هئا تانت قصي بن ڪلاب منظر عام تي اڀري آيو ۽ قريشن کي گڏي شرافت، عزت، اوچائين ۽ وقار لائق بنايو. (1)

(1) محاضرات خضري 1/ 15، 16

عربستان جون حڪومتون ۽ سرداريون

اسلام کان اڳ عربستان جي حالتن تي ڳالهائيندي مناسب ٿيندو تہ اتي جي حڪومتن، سردارين ۽ مذهبن جو بہ هڪ مختصر خاڪو پيش ڪيو وڃي. جيئن اسلام اچڻ واري دور جي حالتن جو آسانيءَ سان اندزو ڪري سگهجي.

جنهن دور ۾ عربستان جي اڀيٽ تي اسلام جي سج جو روشن شعاعون پوڻ شروع ٿيون تہ اتي ٻن قسمن جا حڪمران هئا. هڪ تاجدار بادشاهہ جيڪي حقيقت ۾ مڪمل

طور تي آزاد ۽ خودمختيار نہ هئا ۽ ٻيا قبيلائي سردار جن جي بہ اختيارن ۽ مرتبي جي لحاظ کان تاجدار بادشاهن جهڙي حيثيت هئي. انهن جي اڪثريت ڪي تہ اهو مرتبو بہ حاصل هو تہ اهي مڪمل طرح آزاد۽ خودمختيار هئا. تاجدار بادشاهہ هي هئا. يمن جا شاهہ، شام جا آل غسان وارا شاهہ ۽ عراق جا جيره وارا شاهہ. ٻيا عرب حڪمران تاجدار نہ هئا.

يمن جي بادشاهي:- عرب عاربہ مان جيڪا پراڻي ۾ پراڻي يماني قوم معلوم ٿي سگهي آهي اها قوم سبا هئي. اُر (عراق) مان جيڪي ڪتب مليا آهن. هن قوم جو ذڪر اڍائي هزار ق.م کان ملي ٿو. پر ان جي عروج جو زمانو يارهين صدي ق.م کان شروع ٿئي ٿو. ان جي تاريخ جا اهم دور هي آهن.

1. 650ق.م کان اڳ جو دور: هن دور ۾ سبا جي شاهن جو لقب مڪرب سبا هو. جنهن جي گادي صرواح ۾ هئي. جنهن جا کنڊر اڄ بہ مارب جي اولهہ ۾ هڪ ڏينهن جي پنڌ

تي ملن ٿا ۽ خريبہ جي نالي سان مشهور آهن. ان دور ۾ مارب جي مشهور بند جي پيڙهہ رکي وئي. جنهن کي يمن جي تاريخ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ڇيو وجي ٿو تہ ان دور ۾ سبا جي سلطنت کي ايترو عروج حاصل ٿيو جو انهن عربستان جي اندر ۽ ٻاهر جتي ڪٿي پنهنجون بينڪون قائم ڪري ورتيون.

2. 650 ق.م کان 115 ق.م وارو دور: هن دور۾ سبا جي بادشاهن مڪرب لفظ ڇڏي ملڪ (بادشاهہ) جو لقب اختيار ڪيو ۽ صرواح بدران مارب کي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. ان شهر جا ڪندر اڄ بہ صنعاءَ کان 60 ميل اوڀر۾ ملن ٿا.

3. 115 ق.م کان 200ع تائين جو دور: هن دور۾ سبا رياست تي جمير قبيلي کي غلبو حاصل رهيو ۽ ان مارب بدران ريدان کي گادي بنايو. پوءِ ريدان جو نالو ظفار پئجي ويو. جنهن جا ڪندر اڄ بہ "يريم" شهر جي ويجهو هڪ مدور ٽڪريءَ تي ملن ٿا.

هن ئي دور ۾ سبا جو زوال شروع ٿيو. پهرين نبطين اتر حجاز ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪري سبا کي سندن بينڪن مان ڪڍي ڇڏيو. پوءِ رومين، مصر، شام ۽ اتر حجاز تي قبضو ڪري انهن جي واپاري ۽ ساموندي رستن کي مخدوش ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سندن واپار آهستي آهستي تباهه ٿي ويو. هوڏانهن قحطاني قبيلا پاڻ ۾ وڙهي پيا هئا. نتيجي ۾ اهي پنهنجو ديس ڇڏي هيڏي هوڏي ڇڙوڇڙ ٿي ويا.

4. 300ع کان اسلام جي شروع واري دور تائين: هن دور ۾ يمن ۾ لڳاتار اضطراب ۽ انتشار ۽ بي چيني ۽ ڏقيرا رهيا. انقلاب آيا، خانہ جنگيون ٿيون ۽ ذارين قومن کي وچ ۾ ٽپڻ جا موقعا مليا. ويندي هڪ دور اهڙو بہ آيو جو يمن جي آزادي ختم ٿي وئي. ان ئي دور ۾ رومين، عدن تي فوجي قبضو ڪري ورتو. انهن جي مدد سان جشين، حمير ۽ همدان جي ڇنداپٽ مان فائدو وٺي پهريون ڀيرو يمن تي قبضو ڪيو. جيڪو 347ع تائين برقرار رهيو. ان کانپوءِ يمن کي

آزادي تہ ملي پر "مارب" جي مشهور بند ۾ رڪاوٽون پوڻ لڳيون. ايستائين جو آخرڪار 450ع يا 451ع ۾ بند ٽٽي پيو ۽ اها عظيم ٻوڏ آئي جنهن جو ذڪر قرآن مجيد (سوره سبا) ۾ سيل عرم جي نالي سان ڪيو ويو آهي. هي هڪ وڏو حادثو هو. جنهن جي نتيجي ۾ بيشمار وسنديون سجيون ٽي ويون ۽ ڪافي قبيلا هيڏي هوڏي وکري ويا.

523ع ۾ هڪ ٻيو وڏو حادثو پيش آيو جو يمن جي يهودي بادشاهہ ذونواس، نجران جي عيسائين تي هڪ ڏهڪائيندڙ حملو ڪري انهن کي عيسائي مذهب ڇڏڻ تي مجبور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن هو راضي نہ ٿيا تہ کڏون کوٽائي انهن کي ٻرڪندڙ باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو. قرآن مجيد جي سوره بروج جي آيتن قتل اصحاب الاخدود الخ۾ ان ڪنيائيندڙ واقعي ڏانهن اشارو ڪيل آهي. هن واقعي جي نتيجي ۾ عيسائيت، جيڪا اڳئي رومي بادشاهن جي اڳواٽيءَ ۾ عربستان جي شهرن کي فتح ڪرڻ ۽ انهن ۾ ڦهلجڻ لاء اڳ ۾ ئي تيار ويٺي هئي سا انتقام وٺڻ لاء سنيري وئي ۽ حبشين کي يمن تي ڪاهڻ لاء اڪسائيندي

کين ساموندي فوج مهيا ڪئي. جشين، رومين جي هشي تي 525ع ۾ ارياط جي اڳواڻيءَ ۾ ستر هزار فوج وٺي يمن تي پيهر قبضو ڪيو. ان بعد پهرين تہ ارياط جشين جي بادشاهہ جي گورنر طور يمن تي حڪمراني ڪئي پر پوء سندس فوج جي هڪ ماتحت ڪماندر ابرهہ ڪيس ماري اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ جشين جي بادشاهہ کي بہ راضي ڪري ورتو. هي اهو ئي ابرهہ آهي جنهن اڳتي هلي ڪعبي کي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ وڏي لشڪر کان سواء ڪجهہ هاٿي بہ حملي لاء وٺي آيو. جنهن ڪري هي لشڪر اصحاب فيل جي نالي سان مشهور ٿيو.

هوڏانهن هاٿين واري واقعي ۾ جشين جي جيڪا تباهي ٿي ان جو فائدو وٺي يمن وارن فارس (ايران) جي حڪومت جي مدد سان جشين جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ سيف ذي يزن حميري جي پٽ معدي ڪرب جي اڳواڻيءَ ۾ جشين کي ملڪ مان تڙي ڪڍيو ۽ هڪ آزاد ۽ خودمختيار قوم جي حيثيت سان معدي ڪرب کي پنهنجو بادشاهہ چونڊيو. هي 575ع جو واقعو آهي.

آزاديءَ بعد معدي ڪرب ڪجهہ جشين کي پنهنجي خدمت ۾ شاهي ڏيکاءَ لاءِ روڪي ڇڏيو. پر ڪيس هو شوق مهانگو پيو. انهن جشين هڪ ڏينهن معدي ڪرب کي نڳيءَ سان ماري ذي يزن خاندان جي حڪمرانيءَ جو ڏيئو سدائين لاءِ وسائي ڇڏيو. هوڏانهن ڪسريٰ ان صورتحال جو فائدو وٺي صنعاءَ تي هڪ فارسي النسل جو گورنر مقرر ڪري يمن کي فارس جو صوبو بنائي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ يمن تي لڳاتار فارسي گورنر مقرر ٿيندا رهيا. ايستائين جو آخري گورنر باذان 628ع ۾ اسلام قبوليو ۽ ان سان گڏ يمن، فارسي راڄ کان آزاد ٿي اسلام جي عملداريءَ ۾ اچي ويو. (1)

حيره وارن جي بادشاهي:- عراق ۽ ان جي ڀرپاسي علائقن تي ڪو روش ڪبير (خورس يا سائرس ذوالقرنين 557 ق.م ڪان 529 ق.م) جي زماني ڪان ئي فارسين جي حڪومت هلي رهي هئي. ڪو بہ انهن سان مقابلي جي جرئت نٿي ڪري سگهيو. تانت سڪندر مقدونيءَ دارا اول کي مات ڏئي فارسين جي سگهہ ٽوڙي وڌي. جنهن جي نتيجي ۾ سندن

(1) مولانا سيد سليمن ندوي رحہ تاريخ الارض القرآن جلد اول ۾ ص 133 ڪان آخر تائين مختلف تاريخي شاهدين جي روشنيءَ ۾ "سبا" وارن جون حالتون وڏي تفصيل سان لکيون

آهن. مولانا مودوديءَ تفهيم القرآن 4/195-198 تي ڪجھ وڌيڪ ڄاڻ جمع ڪئي آهي پر تاريخي ماخذ ۾ سنن جي سلسلي ۾ وڏو اختلاف آهي. ڪن محققن تہ انهن تفصيلن کي "اڳين جا گھڙيل قصا" چئي ڇڏيو آهي.

ملڪ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو ۽ طوائف الملوڪي شروع ٿي وئي. هي ڏڦير 226ع ۾ جڏهن اردشير ساساني حڪومت جو پايو وڌو تہ آهستي آهستي فارسين جي طاقت هڪ ڀيرو وري وڌي. ارد شير فارسين کي گڏ ڪيو ۽ پنهنجي ملڪ جي سرحد تي آباد عرب قبيلن کي آڻ مڃرائي. نتيجي ۾ قضاعہ وارا شام ڏانهن هليا ويا ۽ حيره ۽ انبار جي عربن ڏن ڀرو ٿيڻ قبوليو.

اردشير جي ڏينهن ۾ حيره، باديتہ العراق ۽ ٻيٺ جي ربيعي ۽ مضري قبيلن تي جذيمتہ الوضاح جي حڪمراني هئي. لڳي ٿو تہ اردشير محسوس ڪري ورتو هو تہ عربن تي سڌي حڪمراني ڪرڻ ۽ سرحد تي ڦر ڪرڻ کان کين روڪڻ ممڪن ناهي. بلڪ ان جي رڳو هڪ صورت آهي تہ ڪنهن عرب کي ئي سندن حڪمران ڪيو وڃي. جنهن کي

پنهنجي خاندان ۽ قبيلي جي پٺ هجي. ان جو هڪ فائدو وقت پوڻ تي رومين خلاف مدد وٺڻ ۽ شام جي روم نواز عرب حڪمرانن جي مقابلي ۾ انهن عربن کي بيهاري سگهجي ٿو.

حيره جي بادشاهن وٽ فارسي فوج جو هڪ دستو هميشہ رهندو هو. جنهن جو ڪم صحرائي عربن جي بغاوتن کي ڪچلڻ هو.

268ع ڌاري جذيمہ گذاري ويو ۽ عمرو بن عدي بن نصر لخصي ان جو پڳدار ٿيو. اهو لخم قبيلي جو پهريون حڪمران هو ۽ شاپور ارد شير جو همعصر هو. ان کانپوءِ قباذ بن فيروز جي دور تائين حيره واند تي لخمين لڳاتار حڪمراني ڪئي. قباذ جي ڏينهن ۾
مز دڪ ظاهر ٿيو. جيڪو اباحيت جو علمبردار هو. قباذ ۽ سندس راڄ جي اڪثريت ان جي پوئواري ڪئي. پوءِ قباظ حيره جي بادشاهہ منذر بن ماءَ السماءَ کي نياپو موڪليو تہ تون بہ هي مذب اختيار ڪر پر هن انڪار ڪيو. نتيجي ۾ قباذان کي لاهي سندس جڳهہ تي هڪ مزدڪي پوئلڳ

حارث بن عمرو بن حجر ڪندي کي حيره جي حڪمراني ڏني.

قباذ ڪانپوءِ فارس جي واڳ ڪسريٰ نوشير وان جي هٿ آئي. ان کي هن مذهب کان ڏاڍي نفرت هئي. ان مزدڪ ۽ سنس پوئلڳن جي وڏي تعداد کي مارائي ڇڏيو ۽ منذر کي ٻيهر حيره جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ حارث بن عمرو کي پاڻ وٽ گهرايو پر هو بنو ڪلب جي علائقي ۾ پڄي ويو ۽ اتي ئي باقي عمر گذاريائين.

منذر بن ماءَ السماءَ ڪانپوءِ نعمان بن منذر جي دور تائين حيره وارن جي حڪمراني سندس ئي نسل مان هلندي رهي. پوءِ زيد بن عدي عباديءَ ڪسريٰ کي نعمان بن منذر جي ڪوڙي دانهن ڏني. ڪسريٰ ڪاوڙجي نعمان کي پاڻ وٽ گهرايو. نعمان ماٺ ميٺ ۾ بنو شيبان جي سردار هاني بن مسعود وٽ پنهنجا ٻار ٻچا ۽ مال ملڪيت سام طور ڇڏي ڪسريٰ وٽ ويو. ڪسريٰ هن کي ڪاٺ ۾ وڌو ۽ اتي ئي هو گذاري ويو.

هوڏانهن ڪسريٰ، نعمان جي جڳهه تي اياس بن قبيصه طائيءَ کي حيره جو حاڪم ڪيو ۽ ڪيس حڪم ڏنو ته هاني بن مسعود کان نعمان جون سامون گهر، هاني غيرتمند هو. هن نه رڳو انڪار ڪيو بلڪ جنگ جوٽڻ جو اعلان به ڪيو. اياس پاڻ سان وڏو لشڪر وٺي روانو ٿيو ۽ ذي قار جي ميدان ۾ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سخت ويڙهاند ٿيو. جنهن ۾ بنو شيبان کي فتح نصيب ٿي ۽ فارسين کي شرمناڪ شڪست ملي. هي پهريون موقعو هو جو عربن، عجمين تي فاتح حاصل ڪئي. هي واقعو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي ڄم مبارڪ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ جو آهي. پاڻ سڳورن جي ولادت حيره تي اياس جي حاڪميءَ جي اٺين مهيني ۾ ٿي هئي.

اياس کانپوءِ ڪسريٰ، حيره تي هڪ فارسي حڪمران مقرر ڪيو پر 632ع ۾ لخمين وري راڄ سنڀالي ورتو ۽ منذر بن صعرور نالي هن قبيلي جي هڪ فرد واڳون پنهنجي هٿ ورتي. اجان ان کي راڄ ڪندي اٺ مهينا مس

ٿيا تہ حضرت خالد بنوليد رضہ اسلام جي وهندڙ درياءَ سان حيرن ۾ گهڙي آيو.

شام جي بادشاهي:- جنهن زماني۾ عربن جي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ ٿي رهي هئي. تن ڏينهن ۾ قضا عہ قبيلي جون ڪجھ شاخون شام جي حدن۾ وڃي آباد ٿيون. انهن جو تعلق بني سليم بن حلوان سان هو ۽ انهن جي ئي هڪ شاخ بنو ضجعم بن سليم هئي. جنهن کي ضجا عم جي نالي سان شهرت ملي. قضاعہ جي هن شاخ کي رومين صحرا جي رولاڪ عربن جي ڦرلٽ کي روڪڻ ۽ فارسين جي خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪيو ۽ انهن مان ئي هڪ فرد جي سر تي حڪمرانيءَ جو تاج رکي ڇڏيو. ورهين تائين سندن حڪمراني رهي. انهن مان نالي وارو بادشاھ زياد بن هيولہ ٿي گذريو آهي. ضجاعﷺ جي حڪمراني سڄي ٻي صدي عيسوي تائين معلوم ٿئي ٿي. انهن کانپوءِ هن ذرتيءَ تي آل غسان آيا ۽ ضجاعﷺ جي حڪومت ختم ٿي. آل غسان بنو ضجعم کي هارائي سندن سڄي علائقي تي قابض ٿيا. هي صورتحال ڏسي رومين بہ آل غسان کي شام جي ذرتيءَ تي عربن جو

بادشاھہ مجي ورتو. آل غسان جو گاديءَ جو ھنڌ دومتہ الجندل ھو. رومين جي ڇارڻن طور شام ۾ سندن حڪومت فاروقي خلافت ۾ ٿيل 13 ھ ۾ يرموڪ جي لڙائيءَ تائين لڳاتار رھي. آخر ۾ آل خسان جو آخري حڪمران جبلہ بن ايھم اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو. (1)

(1) محاضرات خضري 1/34، تاريخ ارض القرآن 2/80-82.

(جيڪو پنھنجي غرور ڪري اسلامي پائيچاري کي گھٽي دير برداشت نہ ڪري سگھوي ۽ مرتد ٿي ويو).

حجاز جي امارت:- ھيءَ ڳالھہ تہ مشھور آھي تہ مڪي ۾ آباديءَ جي شروعات حضرت اسماعيل عہ کان ٿي. سندن عمر 137 ورھيہ ھئي. (2)

(2) پيدائش (مجموعہ بائيبل 52: 7).

۽ سڄي عمر مڪي جا سربراہ ۽ بيت اللّٰہ جا متولي رھيا. (3) ڪانئن پوءِ

(3) قلب جزيزہ العرب ص 230- 237.

سندن بہ پٽ نابت ۽ پوءِ قيدار، يا قيدار ۽ پوءِ نابت، ھڪ بئي ڪانپوءِ مڪي جا والي ٿيا. انھن ڪانپوءِ سندس ناني

مضاض بن عمر و جر هميءَ انتظام پنهنجي هٿ ورتو. ان طرح مڪي جي سربراهي بنو جرهم ڏانهن منتقل ٿي ۽ ڪافي عرصي تائين سندن هٿ ۾ رهي. جيئن ته حضرت اسماعيل عہ پنهنجي والد سان گڏ بيت الله جي تعمير ڪئي هئي ان ڪري سندن اولاد ڪي باوقار مقام ته حاصل هو پر راڄ ڀاڳ ۾ سندن حصو پتو نہ هو. (4)

(4) ساڳيو ڪتاب ۽ ابن هشام 1/111 - 113 ابن هشام اسماعيل جي اولاد ۾ رڳو نابت جي توليت جو ذڪر ڪيو آهي

پوءِ ورهين تائين حضرت اسماعيل عہ جو اولاد گمناميءَ مان ظاهر نہ ٿيو. تانت بخت نصر کان ڪجهہ اڳ بنو جرهم جي طاقت ڪمزور ٿي ۽ مڪي جي آسمان تي عدنان جو ستارو چمڪڻ لڳو. ان جو ثبوت اهو آهي ته بخت نصر ذات عرق ۾ عربن سان جيڪا لڙائي ڪئي هئي ان جو سپهہ سالار جرهمي نہ هو. (5)

(5) قلب جزيزه العرب ص 230

بخت نصر جڏهن 587 ق.م ۾ بي حملو ڪيو تہ بنو عدنان ڀڄي وڃي يمن پهتا. ان وقت بنو اسرائيل جو نبي حضرت يرمياه هو. جيڪو عدنان جي پٽ معد کي پاڻ سان

شام ونئي ويو. جڏهن بخت نصر جو زور ٽٽو ۽ معد مکي موٽيو تہ کين جرهم قبيلي جو فقط هڪ فرد جرشم بن جلهمہ مکي ۾ مليو. معد ان جي نياڻي معانہ سان شادي ڪئي. جنهن
مان نزار پيدا ٿيو. (1)

(1) رحمت العالمين 48/2

ان بعد مکي ۾ جرهم جي حالت خراب ٿيندي وئي. هو تنگ دست ٿي ويا. نتيجي ۾ انهن ڪعبي جي زيارتين سان زيادتيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ڪعبتہ الله جو مال کائڻ کان بہ نہ هٻڪيا. (2)

(2) قلب جزيره العرب ص 231

هوڏانهن بنو عدنان اندر ئي اندر سندن حرڪتن تي ڪڙهندا رهيا. ان ڪري جڏهن بنو خزاعہ مرا ظهران ۾ ديرو ڄمايو ۽ بنو عدنان کي بنو جرهم سان نفرت ڪندي ڏٺو تہ ان جو فائدو وٺندي هڪ عدنائي قبيلي (بنو بڪرين عبد مناف بن ڪنانہ) کي ساڻ ڪري بنو جرهم سان لڙائي شروع ڪئي ۽

انهن کي مکي مان کڍي پاڻ راڄ ڪرڻ لڳا. هي واقعو ٻي صديءَ جي وچ جو آهي.

بنو جرهم مکو ڇڏڻ قت زمزم جو کوهه ڍڪي ان ۾ ڪيترين ئي تاريخي شيون پوري ان جا نشان مٽائي ڇڏيا. محمد بن اسحاق جو چوڻ آهي تہ عمرو بن حارث بن مضاض (3)

(3) هي اهو مضاض جرهمي نہ آهي جنهن جو ذڪر حضرت اسماعيل عہ جي واقعي ۾ آيو آهي.

جرهميءَ ڪعبتہ الله جا ٻئي هرڻ (4)

(4) مسعودي لکي ٿو تہ فارس وارا اڳي ڪعبي لاء مال ۽ جواهر موڪليندا هئا. ساسان بن بابڪ سون مان ٺهيل ٻہ هرڻ، جواهر، تلوارون ۽ سون موڪليو، جو عمرو کوهه ۾ وجهي ڇڏيو. (مروج الذهب 1/ 205)

نوٽ:- مدارج النبوت جي ص 16 تي هرڻ موڪليندڙ جو نالو اسفنديار فارسي لکيل آهي. (مترجم)

۽ ان جي ڪنا ۾ لڳل پٿر حجر اسود ڪڍي زمزم جي کوهه ۾ پوري ڇڏيا ۽ پنهنجي قبيلي سان يمن هليو ويو.

بنو جرهم کي مکي مان بيدخل ٿيڻ ۽ حکومت کان محروم ٿيڻ جو ڏاڍو ڏک هو. جيئن ذکر کيل عروبن حارث جا ان سلسلي ۾ شعر ملن ٿا.

کان لم يکن بين الحجون الي الصفا انيس ولم يمسر بمکہ سامر

بلي نحڻ کنا اهلها فابادنا صروف النيالي والجدود العواثر (1)

(1) ابن هشام 1/ 114-115

ترجمو: لڳي ٿو تہ حجون کان صفا تائين کو سجاڳو هو ئي کو نہ ۽ نہ ئي کنهن قصي گو (چارڻ) مکي جي راتين واري محفلن جي قﷺ گوئي کئي. ڇو نہ! يقينن اسان ئي اتي جا رهواسي هئاسين. پر زماني جي ڦير گهير ۽ ڦٽل قسمت اسان کي اتان پٽي اڇلايو.

حضرت اسماعيل عہ جي اٽکل ٻہ هزار ق.م ۾ ٿي گذريا آهن. ان حساب سان مکي ۾ بنو جرهم قبيلو اٽکل ٻہ هزار هک سو ورهيہ رهيو ۽ ان جي حکمراني لڳ ڀڳ ٻہ هزار ورهيہ رهي.

بنو خزاعہ مکي تي قبضي بعد بنوبکر کي شامل ڪرڻ ڪانسواءِ اڪيلي حکومت ڪرڻ لڳا. البتہ ٿي اهم ۽ وڏا عهدا مصري قبيلن جي حصي ۾ آيا.

1. حاجين کي عرفات کان مزدلفہ وڃي وڃڻ ۽ يوم النفر - 13 ذوالحج تي جيڪو حج جو آخري ڏينهن هو، منيٰ کان موٽڻ جي اجازت ڏيڻ. اهو اعزاز الياس بن مضر جي خاندان بنو غوث بن مره کي حاصل هو، جيڪي صوفہ سڏائيندا هئا. ان اعزاز جي توضيح اها هئي تہ 13 ذي الحج تي ايستائين حاجي پٿر نہ هڻي سگهندا هئا. جيستائين صوفہ جو ڪو هڪ ماڻهو پهرين پٿر نہ هڻي. پوءِ حاجي پٿر هڻي واندا ٿيندا هئا ۽ منيٰ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪندا هئا تہ صوفہ جا ماڻهو منيٰ جي اڪيلي لنگهہ عقبہ جي ٻنهي پاسن کان ڪڙو چاڙهي بيهندا هئا جيسين پاڻ نہ لنگهي ويندا هئا. ان کان پوءِ ٻيا لنگهي سگهندا هئا. جڏهن صوفہ ختم ٿي ويا تہ اهو اعزاز بنو تميم جي هڪ گهراڻي بنو سعد بن زيد هناه کي مليو.

2. 10 ذوالحج جي صبح مزد لفہ کان منيٰ ڏانهن روانگي. هي اعزاز بنو عدوان کي مليو هو.

3. حرام مهينن کي اڳتي پوئتي ڪرڻ. هي اعزاز بنو ڪنانہ جي هڪ شاخ بنو تميم بن عري کي حاصل هئي. (1)

(1) ابن هشام 1/44، 119-122

مڪي ۾ بنو خزاعہ جو راڄ اٽڪل ٽي سئو ورهيہ رهيو. (2) هي

(2) يا ڦتو: ماده مڪ

اهو زمانو هو جڏهن مڪي ۽ حجاز مان نڪري نجد، عراق جي آسپاس ۽ بحرين وغيره ۾ ڦهليا ۽ مڪي جي آسپاس رڳو قريشن جون ڪجهہ شاخون وڃي بچيون. جيڪي وڻجارا هئا. انهن جون الڳ الڳ ٽوليون هيون ۽ بنو ڪنانہ ۾ سندن ڪجهہ مختلف گهراڻا هئا پر مڪي جي حڪومت ۽ بيت الله جي توليت (سارسنڀال) ۾ انهن جو ڪو بہ حصو نہ هو. ايستائين جو قصي بن ڪلاب جو ظهور ٿيو. (3)

(3) محاضرات خفري 1/35، بن هشام 1/117

قصيءَ بابت چيو وڃي ٿو تہ هو اجا ڪڇ ۾ هو تہ سندس والد گذاري ويو. ان کانپوءِ سندن والده بنو عذره جي هڪ ماڻهو ربيعہ بن حرام سان شادي ڪئي. جيئن تہ هي قبيلو شام ملڪ جي آسپاس رهندو هو. ان ڪري سندس والده اوڏانهن هلي وئي ۽ قصيءَ کي بہ ساڻ وٺي وئي. قصي جوان ٿي مڪي واپس آيو. ان وقت مڪي جو حڪام حليل بن حبشيہ خزاعي هو. قصيءَ سندس ڌيءَ سان شاديءَ جو نياپو موڪليو جو منظور ٿيو ۽ شادي ٿي وئي. (4) ان کانپوءِ جڏهن حليل گذاري ويو

(4) ابن هشام 1/117-118

تہ مڪي ۽ بيت الله جي توليت (سارسنڀال) لاءِ خزاعہ ۽ قريش وچ ۾ لڙائي ٿي پئي. ان جي نتيجي ۾ مڪي ۽ بيت الله تي قصيءَ جو راڄ قائم ٿيو.

جنگ جي سبب بابت ٽي بيان ملن ٿا. هڪ اهو تہ قصي جو اولاد ڪافي وڌيو ويجهيو ۽ ان وٽ دولت بہ جام هئي ۽ سندن عزت بہ وڌيل هئي ۽ هوڏانهن حليل جي وفات

بعد قصي محسوس ڪيو تہ هاڻي بنو خزاعہ ۽ بنو بڪر بدران آئون ڪعبي جي سارسنڀال ۽ مڪي جي حڪومت جو وڌيڪ حقدار آهيان. ان ڪي اهو احساس بہ هو تہ قريش خالص اسماعيلي عرب آهن ۽ حضرت اسماعيل عہ جي ٻئي اولاد جا سردار بہ آهن. (ان ڪري سربراهيءَ جا حقدار اهي آهن) تنهن ڪري هن قريش ۽ بنو خزاعہ جي ڪن ماڻهن سان صلاح ڪئي تہ ڇو نہ بنو خزاعہ ۽ بنو بڪر ڪي مڪي مان ئي ڪڍيو وڃي، انهن ماڻهن هن راءِ سان سهمت ڪئي. (1)

(1) ابن هشام

ٻيو بيان اهو آهي تہ خزاعہ جي چوڻ مطابق حليل پاڻ قصيءَ کي ڪعبي جي سنڀال ۽ مڪي جي راڄ سنڀالڻ جي وصيحت ڪري ويو هو. (2)

(2) ابن هشام 118/1

ٽيون بيان اهو آهي تہ حليل پنهنجي ڌيءَ حبي کي بيت الله جي توليت (سارسنڀال) جو ڪم سونپيو ۽ ابو غبشان خزاعي کي ان جو وڪيل بنايو هو. ان ڪري حبي جي ٻانهن ٻيليءَ جي حيثيت ۾ اهو ئي ڪعبتہ الله جو

سنڀاليندڙ هو. جڏهن حليل گذاري ويو تہ قصيءَ ابو غبشان کان شراب جي هڪ کليءَ جي بدلي ۾ ڪعبي جي توليت (سارسنڀال) جو حق خريد ڪيو پر بنو خزاعہ اهو سودو منظور نہ ڪيو ۽ قصيءَ کي بيت الله وڃڻ کان روڪڻ گهريو. ان تي قصي بنو خزاعہ کي مڪي مان ڪڍڻ لاءِ قريش ۽ بنو ڪنانہ کي گڏ ڪيو ۽ اهي قصي جي سڏ تي ڊوڙندا آيا. (1)

(1) رحمت اللعالمين 55/2

بهرحال سبب ڪهڙو بہ هجي، واقعن جو سلسلو هن طرح آهي تہ جڏهن حليل جو انتقال ٿي ويو ۽ صوفہ اهو ئي ڪرڻ چاهيو جو هو اڳي بہ ڪندا آيا هئا تہ قصي قريش ۽ ڪنانہ جي ماڻهن کي ساڻ ڪري عقبہ جي ويجهو جتي هو گڏ ٿيل هئا، انهن کي چيو تہ توهان کان وڌيڪ اسين هن اعزاز جا حقدار آهيون. ان تي صوفہ وارن لڙائي شروع ڪئي پر قصي انهن کي هارائي ڪانئن اهو اعزاز ڇني ورتو. اهو ئي موقعو هو جڏهن خزاعہ ۽ بنوبڪر وارن قصي سان ناتو ڇني

ڇڏيو. جنهن تي قصي کين بہ للڪاريو پوءِ تہ بس ٻنهي ڌرين ۾ جنگ ڇڙي پئي ۽ ٻنهي ڌرين جا گهڻا ئي ماڻهو مارجي ويا. ان بعد صلح ڪرڻ لاءِ هوڪا ٿيڻ لڳا ۽ بنوبڪر جي هڪ شخص يعمر بن عوف جي حڪم (فيصلو ڪندڙ) ڪيو ويو. يعمر فيصلو ڪيو تہ خزاعہ بدران قصي ڪعبتہ الله جي سنڀال ۽ مڪي تي راڄ ڪرڻ جو حقدار آهي. قصي جيترو خون وهايو آهي ان جو لهڻو ليکو نہ آهي. باقي خزاعہ ۽ بنوبڪر وارن جن ماڻهن کي ماريو آهي تنهن جو ڏنڊ (ديت) ڀري ڏين ۽ ڪعبتہ الله کي قصي جي حوالي ڪن. ان فيصلي جي ڪري يعمر جو لقب شداخ پئجي ويو. (2) شداخ معنيٰ پيرن هيٺ ڪچلڻ وارو.

(2) ابن هشام 1/123-124

هن فيصلي ڪري قصي ۽ قريش کي مڪي تي مڪمل اختيار حاصل ٿي ويو ۽ قصي بيت الله جو ديني سردار ٿي ويو. جنهن جي زيارت لاءِ عربستان جي ڪنڊ ڪنڊ کان ماڻهو ڪاهي ايندا هئا. مڪي تي قصبي جي قبضي جو واقعو پنجين صدي عيسوي يعني 440ع جو آهي. (3)

(3) قلب جزيره العرب ص 232

قصي مڪو هن طرح سنڀاليو جو قريشن کي مڪي جي آسپاس کان گهرائي سڄو شهر انهن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ هر خاندان جي رهائش لاء الڳ الڳ ٿاڪ مقرر ڪري ڇڏيو. باقي مهينا اڳيان پويان ڪرڻ وارن کي ۽ آل صفوان، بنو عدوان ۽ بنو مره بن عوف کي ساڳئي عهدي تي برقرار رکيو. ڇو تہ قصي سمجهندو هو تہ هي بہ دين آهي. جنهن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ صحيح نہ آهي. (1)

(1) ابن هشام 1/124-125

قصي جو هڪ ڪارنامو هي ههو تہ هن حرم پاڪ جي اتر ۾ دارالندوه ٺهرايو (جنهن جو دروازو مسجد طرف هو) دارالندوه اصل ۾ قريشن جي پارليامينٽ هئي. جتي وڏن ۽ اهم معاملن جو فيصلو ٿيندو هو. قريشن تي دارالندوه جا وڏا احسان آهن ڇو تہ اهو سندن اتحاد جو ضامن هو ۽ هتي ئي سندن منڌل مسئلا سهڻي نموني حل ٿيندا هئا. (2)

(2) ساڳيو ڪتاب 1/125 محاضرات 1/36 اخبار الڪرام ص 152

قصي جي اڳواٽي ۽ وڏائي هيٺين ڪمن مان ثابت آهي.

1. دارالندوه جي صدارت، جتي وڏن معاملن بابت مشورا ٿيندا هئا ۽ جتي ماڻهو پنهنجن نياڻين جون شاديون بہ ڪندا هئا.

2. لواء يعني جنگ جو جهندو قصي جي هٿن سان ٻڌرڪايو ويندو هو.

3. حجابت: معنيٰ ڪعبتہ الله جي حفاظت، هن جو مطلب هو تہ ڪعبتہ الله جو دروازو قصي ئي کوليندو هو ۽ ڪعبتہ الله جي خدمت بہ پاڻ ڪندو هو ۽ ان جي چاٻي بہ سندس هٿ ۾ هئي.

4. سقايہ (پاڻي پيارڻ): ڪن حوضن ۾ پاڻي ڀري انهن ۾ ڪجهہ ڪجيون ۽ ڪشمش وجهي ان کي مٺو ڪيو ويندو هو. جڏهن حاجي مڪي ايندا هئا تہ اهي پيئندا هئا. (3)

(3) محاضرات خضري 36/1

5. رفاده (حاجين جي ميزباني): حاجين جي دعوت لاءِ کاڌو تيار ڪيو ويندو هو. ان مقصد لاءِ قصي قريشن تي هڪ خاص رقم مقرر ڪري ڇڏي هئي جيڪا حج جي ڏينهن

۾ قصي وٽ جمع ڪرائبي هئي. جنهن مان هو حاجين لاءِ کاڌو تيار ڪرائيندو هو. جيڪو غريب ماڻهن کي کارايو ويندو هو. (1)

---

(1) ابن هشام 130/1

نوٽ: عبدالمطلب پنهنجي چاچي مطلب جي محبت ڪري عبدالمطلب سائيندو هو. (مترجم)

هي سڀ عهدا قصيءَ کي مليل هئا. قصي جو وڏو پٽ عبدالدار هو پر ان جي بدران ٻيو پٽ عبدمناف، قصي جي حياتيءَ ۾ عزت ۽ رتبي وارو ٿي ويو هو. ان ڪري قصي عبدالدار کي چيو ته هيءَ ماڻهو جيتوڻيڪ شرف ۽ رتبي ۾ تو کان زور ٿي ويا آهن پر آئون به توکي انهن جهڙو ڪري رهندس. تنهن کانپوءِ قصي پنهنجن سيني عهدن ۽ اعزازن جي وصيت عبدالدار لاءِ ڪئي. جيئن ته سندس ڪنهن به ڳالهه جي مخالفت ۽ رد نه ڪيو ويندو هو بلڪ سندس هر قدم کي سندس حياتيءَ ۾ توڙي موت کان پوءِ به پيروي لائق قانون سمجهيو ويندو هو. ان ڪري سندس وفات بعد پٽن بنا ڪنهن جهيڙي جهٽي جي ان جي وصيت قائم رکي پر

جڏهن عبد مناف گذاري ويو تہ سندس پٽن جو انهن عهدن لاء پنهنجن سوٽن سان جهيڙو ٿيو. جنهن ڪري قريش ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. جنگ بس ٿيڻ واري هئي تہ صلح جون ڪوششون ڪامياب ٿي ويون ۽ اهي عهدا ورهايا ويا. اهڙيءَ طرح حاجين لاء پاڻي جو ۽ کاڌي پيتي جو انتظام ڪرڻ بنو مناف جي حصي ۾ آيو. وارالندوه جي اڳواڻي ۽ ڪعبي جي سارسنڀال بنو عبدالدار جي هٿ۾ رهي. پوء بنو عبدمناف پنهنجن عهدن لاء پرچيون وڌيون تہ هاشم بن عبدمناف جو نالو نڪتو. تنهن ڪري هاشم ئي سڄي زندگي حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ کاڌي جو انتظام جو ڪم پنهنجي هٿ رکيو. هاشم کانپوء ان جي ڀاءُ مطلب اهو ڪم ڪيو پر مطلب کانپوء سندس ڀائيٽي عبدالمطلب بن هاشم جيڪو رسل الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ڏاڏو هو. هي عهدو سنڀاليو. کانئن پوء سندن اولاد سندن جانشين ٿيو. اسلام اچڻ وقت حضرت عباس بن عبدالمطلب کي اهو عهدو مليل هو. (1)

---

(1) ابن هشام 1/129-132، 137، 142، 178، 179

انهن ڪان سواءِ ڪجهہ ٻيا عهدا بہ قريشن ورهائي رکيا هئا جن جي ڪري اهي هڪ ننڍي حڪومت جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. سندن قائم ڪيل ادارا اڄڪلهہ جي پارياليمنٽن ۽ مجلسن جهڙا هئا. انهن منصبن جو خاڪو هن طرح آهي.

1. ايسار: معنيٰ فال پائڻ ۽ قسمت جو حال پڇڻ لاءِ بتن جي پرسان جيڪي تير رکيا هوندا هئا، تن جي توليت (سارسنڀال) هي عهدو بنو جمع کي مليل هو.

2. پيسي ڏوڪڙ جو انتظام: معنيٰ بتن لاءِ ڏنل نذرانن ۽ قربانين جو انتظام ڪرڻ جهيڙن ۽ مقدمن جو فيصلو ڪرڻ، هي ڪم بنو سهم کي سونپيل هو.

3. شوري: هي عزاز بنو اسد کي حاصل هو.

4. اشناق: معنيٰ ديت ۽ ڏنڊ جو نظام، هي منصب بنو تميم کي مليل هو.

5. عقاب: معنيٰ قومي جهنڊو سنڀالڻ، هي ڪم بنو اميہ جو هو.

6. قبہ: معنيٰ فوجي ڪيمپ جو انتظام، شهسوارن جي اڳواٽي هي ڪم بنو مخزوم جي حصي ۾ آيل هو.

7. سفارت: هي عهدو بنو عدي وارن جو هو. (2)

(2) تاريخ ارض القرن 2/104-105-106

پيا عرب راڄ: اسين گذريل صفحن ۾ قحطاني ۽ عدناني قبيلن جي وطن ڇڏڻ جو ذڪر ڪري آيا آهيون ۽ ٻڌائي چڪا آهيون تہ سڄو عربستان انهن قبيلن ۾ ورهايل هو. سندن امارتن ۽ سردارين جو نقشو ڪجھ هن طرح بيهي ٿو تہ جيڪي قبيلا حيره جي پرپاسي ۾ آباد هئا تن کي حيره جي هٿ هيٺ مڃيو ويو ۽ جن قبيلن شام جي رڻ پٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي انهن کي غساني حڪمرانن جي هٿ هيٺ تسليم ڪيو ويو. پر ها ماتحتي نالي ماتر هئي، عملي طور تي نہ هئي. انهن ٻن جڳهين کانسواءِ اندرئين عربستان ۾ رهيل قبيلا بهرحال آزاد هئا.

انهن قبيلن ۾ سرداري نظام هلندڙ هو. قبيلا پاڻ پنهنجو سردار چونڊيندا هئا. جن لاءِ سندن قبيلو راڄ ياڳ هوندو هو. سياسي وجود ۽ تحفظ جون پاڙون نسلي بنيادن

تي قائم قبائلي ايڪي ۽ ڌرتيءَ جي حفاظت ۽ دفاع جي گڏيل مفادن ۾ ڪتل هيون.

قبيلائي سردارن جو درجو پنهنجي قوم ۾ بادشاهن جهڙو هو. قبيلو امن يا جنگ ۾ سردار جي فيصلي جي پئواري ڪندو هو ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ ان کان جدا نہ ٿيندو هو.سردار کي اهو ئي آمريت ۽ ڏاڍائي جو حق حاصل هو جيڪو ڪنهن بہ آمر کي حاصل هوندو آهي. ويندي ڪن سردارن جو تہ اهو حال هو جو جيڪڏهن هو ڪاوڙبا هئا تہ هزارين تراڙون اهو پڇڻ بنا مياڻ مان نڪري ايندڻيون هيون تہ سردار جي ڪاوڙ ڪهڙي ڪارڻ آهن؟ تنهن هوندي بہ جيئن تہ هڪ ئي خاندانن جي سوٽن ۾ سرداريءَ لاءِ ڪوششون ٿينديون رهنديون هيون ان ڪري وقت جي تقاضا اها هوندي هئي تہ سردار قبيلائي عوام سان هڪجهڙو سلوڪ ڪري سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ سان پيش اچي، مهرباني ۽ بردباري کان ڪم وٺي جيئن ماڻهن جي نظرن۾ عام طور تي ۽ شاعرن جي نظر ۾ خاص طور تي گڻن ۽ صلاحيتن جو مجموعو بڻجي وڃي (ڇو تہ شاعر ان دور جي

زبان هوندا هئا) ۽ ان طرح سردار پنهنجن مخالفن کان مٿاهون مرتبو حاصل ڪري وٺي. سردارن جا ڪجهه خاص ۽ عليحده حق بہ هوندا هئا. جن کي هڪ شاعر هيئن بيان ڪيو آهي.

لڪ المرباع فينا و الصفايا و حكمڪ والنشيط و الفضول

"اسان ۾ تنهنجي لاءِ غنيمت جي مال لاءِ چوٿا ئي آهي جيڪو چونڊ مال آهي ۽ اهو مال آهي جنهن جو تون فيصلو ڪري وٺين ۽ جيڪو راه ويندي هٿ اچي ۽ جيڪو ورڇ کان بچي وڃي".

مير باع: غنيمت جي مال جو چوٿون حصو

ضفي: اهو مال جيڪو ورڇ کان اڳ سردار پاڻ لاءِ چونڊي ڪڍي

نشيط: اهو مال جو اصل قوم تائين پهچڻ کان اڳ رستي ۾ سردار جي هٿ چڙهي وڃي.

فضول: اهو مال جو ورڇ کان بچي وڃي ۽ غازين ۾ برابر ورهائجي نہ سگهي مثال طور ورڇ کان بچي ويل اٺ، گهوڙا وغيره. اهڙو سمورو مال سردار جو حق هوندو هو.

سياسي حالتون عربي اپٻيٺ جي راڄن ۽ راجائن جو ذڪر ٿي گذريو. مناسب ٿيندو تہ هاڻي سندن ڪجهہ سياسي حالتن جو بہ ذڪر ڪجي.

عربي اپٻيٺ جا ٽئي سرحدي علائقا جيڪي ڌارين ملڪن جا پاڙيسري هئا تن جي سياسي حالت ڏاڍي بيچيني ۽ ڏقير واري ۽ ڏاڍي پنتي پيل هئي. ماڻهو، مالڪ ۽ غلام يا حاڪم ۽ محڪوم جي ٻن طبقن ۾ ورهايا هئا. سڀ فائدا حڪمرانن، خاص طور تي ڌارين حڪمرانن کي ملندا هئا ۽ سڄو بار غلامن مٿان هو. چٽن لفظن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ رعيت حقيقت ۾ هڪ ٻني هئي جيڪا حڪومت لاءِ محصول ۽ ڪمائيءَ جو ذريعو هئي ۽ حڪومتون ان کي لذتن، لستن، عياشين ۽ ظلم ۽ جبر لاءِ استعمال ڪنديون هيون ۽ ان تي هر طرح سان ظلم جي حد ٿي رهي هئي پر اهي دانهن نٿي ڪري سگهيا. بلڪ ضروري هو تہ اهي هر

قسم جي ذلت ۽ خواري، ظلم ۽ زيادتيون سهندا رهن ۽ زبان بند رکن. ڇو تہ ڏاڍ ۽ ڏهکاءُ جو راڄ هو ۽ "انساني حق" نالي کنهن بہ شيء جو وجود نہ هو.

انهن علائقن جي پاڙي ۾ رهندڙ قبيلا مونجهاري جو شکار هئا. انهن کي مطلب پرستيءَ جي کري کڏهن عراقين سان گڏبا هئا تہ کڏهن شامين سان ڏسبا هئا. جيکي قبيلا عربستان جي وچ ۾ آباد هئا. اهي بہ ڇڙوڇڙ هئا. هر پاسي قبيلائي جهيڙن، نسلي فسادن ۽ مذهبي اختلافن جو زور هو. جنهن ۾ هر قبيلي جا فرد هر حالت ۾ پنهنجي قبيلي جو ساٿ ڏيندا هئا. ڀلي اهو حق تي هجي يا نہ. جيئن هڪ عربي شعر آهي تہ:

وما انا الامن عزيہ ان غوت، عويت، و ان تر شد غزيہ ارشد

"مان بہ تہ غزيہ قبيلي جو هڪ فرد آهيان. جي اهو غلط رستي تي هلندو تہ مان بہ غلط رستي تي هلندس. اگر اهو صحيح رستي تي هلندو تہ مان بہ صحيح رستي تي هلندس".

عربستان ۾ کو بہ بادشاهہ اهڙو نہ هو جو سندن طاقت کي متحد کري نہ ئي کو اهڙو هڏ ڏوکي جنهن

ڏانهن مشڪلن ۾ واجهائي سگهجي ۽ جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي. البته حجاز کي عزت ۽ احترام سان ڏسبو هو ۽ ان کي مذهبي اڳواڻ ۽ نگهبان تصور ڪبو هو. اها حڪومت هڪ طرح جي دنيائي قيادت ۽ ديني اڳواٽيءَ جو مجموعو هئي. جنهن کي عربستان جي رهواسين تي ديني اڳواٽيءَ جي نالي سان سرسي حاصل هئي. حرم ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ ان جي باقاعدي حڪومت هئي. اها ئي ڪعبي جي زيارت ڪندڙن جي ضرورتن جو خيال ڪندا هئا ۽ ابراهيم عہ جي شريعت لاڳو ڪرائيندا هئا ۽ انهن وٽ پارلياماني ادارن جهڙا ادارا بہ هئا پر هي حڪومت ايڏي ڪمزور هئي جو عربستان جي اندر بہ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ جي طاقت نہ رکندي هئي. جيئن جشين جي حملي وقت ظاهر ٿيو.

عربستان جا دين ۽ مذهب

عربستان جا عام رهواسي حضرت اسماعيل عہ جي دعوت ۽ تبليغ جي ڪري ابراهيم عہ جي دين تي هلندا هئا. ان ڪري رڳو الله جي عبادت ڪندا هئا ۽ الله جي هيڪڙائيءَ

ڪي مڃيندا هئا. پر وقت گذرڻ سان گڏ انهن خدائي نصيحتن ۽ سبقن جو هڪ حصو وساري ڇڏيو. پوءِ بہ انهن اندر توحيد ۽ ڪجھہ حضرت ابراهيم عہ جي دين جا شعائر بچيل هئا. تانت بنو خزاعہ جو سردار عمرو بن لحي منظر تي آيو. سندس پالنا نيڪي، صدقن، خيراتن ۽ ديني ڪمن سان دلچسپيءَ واري ماحول ۾ ٿي هئي. ان ڪري ماڻهو ساڻس محبت ڪندا هئا ۽ ڪيس وڏن عالمن ۽ اوليائن مان سمجهي سندس پيروي ڪندا هئا. ان شام جو سفر ڪيو ۽ ڏٺو تہ اتي بتن جي پوڄا ٿئي ٿي. ڪيس ان ۾ بہ چڱائي ۽ سچ نظر آيو. ڇو تہ شام جي سرزمين پيغمبرن جي ڌرتي ۽ آسماني ڪتاب لهڻ جي جڳهہ هئي. تنهن ڪري هو پاڻ سان گڏ "هبل" بت کڻي آيو ۽ ان کي ڪعبي ۾ لڳائي مڪي وارن کي الله سان ٻيا ئي ڪرڻ جي دعوت ڏنائين. مڪي وارن سندس ڳالهہ مڃي. ان ڪانپوءِ جلد ئي حجاز جا رهواسي بہ مڪي وارن جي پيرويءَ ۾ لڳي ويا. ڇو تہ اهي بيت الله جا سنڀاليندڙ ۽ پاڪ سرزمين جا رهواسي هئا. (1)

(1) مختصر سيرت الرسول - تاليف شيخ محمد عبدالوهاب نجدي ص 12

ان طرح بت پرستيءَ جي شروعات ٿي.

هبل کان علاوه عربن جي پراڻن بتن مان منات بہ آهي. هي ٻاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي قديد جي ويجهو مثلل ۾ نصب هو. (2)

(2) صحيح بخاري 1/222

ان ڪانپوء طائف ۾ لات نالي بت وجود ۾ آيو. پوء نخلہ جي ماٿريءَ ۾ عزيٰ لڳايو ويو. اهي ٽئي بہ عربن جا سڀ کان وڏا بت هئا. انهن ڪانپوء سڄي حجاز ۾ بيائيءَ ۾ واڌ ۽ بتن جي گهڻائي ٿي وئي. چيو وڃي ٿو تہ هڪ جن عمرو بن لحي جي چٽئي ۾ هو. ان ٻڌايو تہ نوح عہ جي قوم جا بت يعني ود، سواع، يغوث، يعوق ۽ نسر، جدي ۾ پوريل آهن. جنهن تي عمرو بن لحي جدي وڃي اهي بت کوٽي ڪديا ۽ تهامہ ڪٽي آيو ۽ حج جي ۾ انهن کي مختلف قبيلن جي حوالي ڪيو. اهي قبيلا انهن بتن کي پنهنجن پنهنجن

علائقن ۾ ڪٽي ويا ان طرح هر هڪ قبيلي ۾ ۽ پوءِ هر هڪ گهر ۾ هڪ هڪ بت اچي ويو.

ان ڪانپوءِ مشرڪن مسجد الحرام کي بہ بتن سان پري ڇڏيو. اهڙي طرح جڏهن مڪو فتح ٿيو تہ ڪعبتہ الله جي چوڌاري ٽي سوٺ سٺ بت هئا. جيڪي رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان ٽوڙيا. پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم هر هڪ کي ڏنبو هڻندا ويا ۽ بت ڪرندا ويا. پوءِ پاڻ سڳورن حڪم ڏنو تہ انهن سڀني بتن کي مسجد الحرام مان ٻاهر ڪڍي ساڙيو وڃي. (1)

---

(1) مختصر سيرت الرسول از شيخ عبدالوهاب نجدي ص 13، 50-51- 52-54

مطلب ٻيائي ۽ بت پرستي انهن جاهلن جي دين ۾ سڀ کان ڇٽو ڏيک ڏيڻ لڳي. جن کي وڏائي هئي تہ هو حضرت ابراهيم عہ جي دين تي آهن.

انهن جاهلن ۾ بت پرستي جا ڪجھ خاص طريقا ۽ رسمون بہ رائج هيون جيڪي گهڻو ڪري عمرو بن لحي جون ناهيل هيون. اهي جاهل عمرو بن لحي جي ناهيل رسمن کي

ابراهيم ع جي دين ۾ تبديلي نہ پر بدعت حسنہ سمجهندا هئا. هيٺ انهن رسمن مان ڪن جو ذڪر ڪجي ٿو.

1. جاهليت واري دور ۾ مشرڪ، بتن وٽ مجاور بڻجي ويهندا هئا ۽ انهن جي پناهہ چاهيندا هئا. انهن کي زور زور سان سڏيندا هئا ۽ کين پنهنجون مشڪلون آسان ڪرڻ، دانهون ۽ التجائون ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ اهي الله کان سفارش ڪري سندن مرادون پوريون ڪرائيندا.

2. بتن جو حج ۽ طواف ڪندا هئا. انهن جي سامهون عاجز ۽ انڪساري سان پيش ايندا هئا ۽ انهن کي سجدو ڪندا هئا.

3. بتن لاء نذرانا ۽ قربانيون پيش ڪندا هئا. قرباني جي انهن جانورن کي ڪڏهن بتن جي آستانن تي وجي ڪهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪٿي بہ ذبح ڪندا هئا پر بتن جي نالي تي ڪندا هئا. قربانيءَ جي انهن ٻنهي طريقن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هن طرح ڪيل آهي.

"وما ذبح علي النصب (5: 3)" معنيٰ: اهي جانور بہ حرام آهن جيڪي آستانن تي ڪنا وجن ٿا. ٻي جاء تي چيل آهي

تہ "ولا تاكلو ا مصالم يذكر اسم اللّٰه عليہ (6: 121)۾
معنيٰ: ان جانور جو گوشت نہ کائو جنهن تي اللّٰه جو نالو نہ ورتل هجي.

4. بتن سان ويجهڙائيءَ جو هڪ طريقو هي بہ هو تہ مشرڪ پنهنجي مرضيءَ سان کائڻ پيئڻ جون شيون ۽ ٻني ۽ چوپائي مال جي پيداوار جو هڪ حصو بتن لاء مخصوص ڪري ڇڏيندا هئا. ان سلسلي ۾ دلچسپ رواج هي هو تہ هو اللّٰه لاء بہ پنهنجي ٻني ۽ جانورن جي پيداوار جو هڪ حصو مقرر ڪندا هئا پر پوء مختلف سببن ڪري اللّٰه جو حصو تہ بتن ڏانهن منتقل ڪري سگهندا هئا باقي بتن جو حصو ڪنهن بہ حال ۾ اللّٰه ڏانهن منتقل نہ ڪندا هئا. اللّٰه تعاليٰ فرمايو آهي تہ "و جعلوا اللّٰه مصا ذرا من الحرث والا نعام نصيبا فقالوا هذا اللّٰه بز عمهم و هذا لشر ڪائنا ج فما ڪان
لشر ڪائهم فلا يصل الي اللّٰه ج وما ڪان اللّٰه فهو يصل اليٰ شر ڪا ئهم سا ما يحلمون (6: 136)"

"اللّٰه جيڪا ٻني ۽ چوپايا پيدا ڪيا آهن تن جو هڪ حصو انهن اللّٰه لاء مقرر ڪيو ۽ چيو تہ هي اللّٰه لاء آهي. انهن جي

خيال ۾ - ۽ هي اسان جي شريڪن لاء آهي. سو جيڪو سندن شريڪن لاء هوندو آهي اهو الله تائين نٿو پهچي (پر) جيڪو الله لاء هوندي آهي اهو سندن شريڪن کي پهچي ويندو آهي. ڪيڏو نہ برو فيصلو آهي اهو فيصو جيڪو هي ماڻهو ڪن ٿا".

5. بتن سان ويجهڙائي جو هڪ طريقو اهو بہ هو تہ اهي مشرڪ، بني ۽ چوپائي مال ۾ مختلف قسمن جون منتون مجيندا هئا. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ "وقالوا هذه انعام و حرث حجر لا يطعمها الا من نشاء بز عمهم و انعام حر مت ظهورها و انعام لا يذ كرون اسم الله عليها افترآ عليہ ط (6: 138)

"انهن مشرڪن چيو تہ هي چوپايا ۽ بنيون منع ٿيل آهن، انهن کي اهو ئي کائي سگهندو جنهن کي اسين چاهينداسين. سندن خيال ۾ - ۽ هي اهي چوپايا آهن جن جي پٺ حرام ڪئي وئي آهي، نہ تن تي سواري ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ سامان ڍوئي سگهجي ٿو ۽ ڪي چوپايا اهڙا آهن جن تي هي ماڻهو الله تي افتراء ڪندي الله جو نالو نٿا وٺن".

6. انهن جانورن ۾ بحريره، سائبہ، وصيلہ ۽ حامي هئا. ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ بحيره، سائبہ جي ٻچيءَ کي چيو ويندو هو ۽ سائبہ ان ڏاچيءَ کي چيو ويندو آهي جنهن مان لڳاتار ڏهہ ڀيرا مادي ڦر پيدا ٿين. وچ ۾ ڪو بہ نر نہ پيدا ٿئي. اهڙي ڏاچيءَ کي آزاد ڇڏي ڏيندا هئا. ان تي سواري نہ ٿيندي هئي. ان جا وار نہ ڪٽبا هئا ۽ مهمانن کانسواء ڪير بہ انهن جو کير نہ پيئندو هو. ان بعد اهڙي ڏاچي جيڪي مادي ڦر ڄڻيندي هئي تن جا ڪن چيريا ويندا هئا ۽ ان کي بہ ماءُ سان گڏ آزاد ڇڏي ڏبو هو. ان تي سواري نہ ڪبي هئي. ان جا وار نہ ڪٽبا هئا ۽ مهمانن کانسواء ڪير بہ سندن کير نہ پيئندو هو. ان کي بحيره ۽ سندس ماءُ کي سائبہ سڏبو هو.

وصيلہ ان ٻڪريءَ کي چئبو هو جيڪا پنجن ڀيرن ۾ لڳاتار بہ بہ ڇيليون ڄڻي (يعني پنجن ڀيرن۾ ڏهہ ڇيلون) وچ ۾ ڪو بہ ڇيلو نہ هجي. ان ٻڪريءَ کي وصيلہ ان ڪري چئبو هو اها سيني ڇيلين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي ڇڏيندي هئي. ان بعد ان ٻڪريءَ مان جيڪي ٻچا پيدا ٿيندا هئا سي پائي

ڪائي سگهندا هئا مايون نہ. البتہ جيڪڏهن ڪو مئل ٻار ڄمي تہ ان کي مايون ۽ پائي گڏجي کائيندا هئا.

حامي ان نر اٺ کي چوندا هئا جنهن جي لڳ سان لڳاتار ڏهہ ماديون پيدا ٿين وچ ۾ ڪو بہ نر نہ ڄمي. اهڙي اٺ جي پٺ جي حفاظت ڪبي هئي نہ ان تي چڙهبو هو ۽ نہ ان جا وار ڪتبا هئا. باقي ان کي اٺن جي ڌڻ ۾ لڳ لاءِ آزاد ڇڏي ڏبو هو ۽ ان کان ٻيو ڪو بہ ڪم نہ وٺبو هو. جاهليت جي دور جي بت پرستيءَ جي انهن طريقت جي ترديد ڪندي الله تعاليٰ فرمايو: "ماجعل اللّٰه من بحيره و لا سائبہ و لا وصيلہ ولا حام ولڪن الذين ڪفر وا يفترون علي اللّٰه الڪذب و اڪثر هم لا يعقلون (5: 103)

"اللّٰه نہ ڪائي بحيره، نہ ڪا ئي سائبہ، نہ ڪائي وصيلہ نہ ڪائي حامي ٺاهي آهي پر جن ماڻهن ڪفر ڪيو اهي اللّٰه تي ڪوڙ گهڙين ٿا ۽ انهن مان اڪثر عقل نٿا رکن".

ٻي جڳهہ تي چيو: و قالو اما في بطون هذا

الا نعام خالص لذكورنا و محرمَ عليٰ ازواجنا و ان يكن ميتہ فهم فيہ شركاء (6: 139)

"انهن (مشركن) چيوتہ انهن چوپاين جي پيٽ ۾ جيڪي ڪجهہ آهي رڳو اسان جي مردن لاءِ آهي ۽ اسان جن ماين تي حرام آهي. باقي جي اهو مئل هجي تہ ان ۾ پائي ۽ مايون سڀ شريڪ آهن.

چوپاين جا ذڪر ڪيل قسمن يعني بحيره، سائبہ وغيره جا ٻيا مطلب بہ ٻڌايا ويا آهن. (1) جيڪي ابن اسحاق جي تفسير کان ڪافي

(1) سيرت ابن هشام 1/89-90

بدليل آهن.

حضرت سعيد بن مسيب رحہ جو بيان آهي تہ اهي جانور طاغوتن لاءِ هئا. (2) صحيح بخاريءَ ۾ مرفوعن روايت آهي تہ عمرو بن لحي

(2) صحيح بخاري 1/ 499

پهريون ماڻهو هو جنهن بتن جي نالي تي جانور ڇڏيا. (3)

(3) ساڳيو ڪتاب

عرب پنهنجن بتن سان اهو سيِ ان عقيدي تحت
ڪندا هئا تہ اهي بت ڪين الله جي ويجهو ڪندا ۽ الله آڏو
سندن سفارش ڪندا. جيئن قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهي تہ
مشرڪ چوندا هئا.

ما نعبد .... زلفي (39: 3)

"اسين انهن جي عبادت رڳو ان لاءِ ڪندا آهيون
جيئن اهي اسان کي خداجي ويجهو ڪن".

و يعبدون .... عند الله (10:
18)

"اهي مشرڪ الله ڪانسواءِ انهن جي عبادت ڪن ٿا
جيڪي ڪين نہ فائدو ڏئي سگهن ٿا نہ نقصان ۽ چون ٿا تہ
اهي الله وٽ اسان جا سفارشي آهن".

عربستان جا مشرڪ اَزَ لام يعني فال جا تير بہ
استعمال ڪندا هئا. (اَزَ لام، زلم جو جمع آهي ۽ زلم ان
تير کي چئجي ٿو جنهن ۾ پر لڳل نہ هجن). فال لاءِ ڪتب
ايندڙ اهي تير ٽن قسمنجا هوندا هئا. هڪڙا اهيجن تي رڳو
"ها" يا "نہ" لکيل هوندو هو. هن طرح جا تير سفر يا نڪاح

وغيره ۾ استعمال ٿيندا هئا. جيڪڏهن فال ۾ "ها" نڪرندو هو ته گهربل ڪم ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن "نه" نڪرندو هو ته سال لاءِ ان جي پچر ڇڏي ڏيندا هئا ۽ بيهر پوءِ فال ڪڍي ويندي هئي.

ٻئي قسمن جي تيرن تي پاڻي يا ديت وغيره لکيل هوندو هو ۽ ٽئين قسم جا تير اهي هئا جن تي لکيل هوندو هو ته "توهان مان آهي" يا "توهان کان ڌار آهي" يا "ملحق" آهي. انهن تيرن جو ڪم اهو هوندو هو جو جنهن جي نسب ۾ شڪ هوندو هو ته ان کي هڪ سئو اٺن سان هبل وٽ وٺي ايندا هئا. اٺن کي تير سنڀاليندڙ جي حوالي ڪندا هئا. اهو سيني تيرن کي گڏ وچڙ ڪري هڪ تير ڪڍندو هو. هاڻي جي نڪرندو هو ته "توهان مان آهي" ته اهو سندن قبيلي جو معزز ماڻهو ليکبو هو ۽ جي "توهان کان ڌار آهي" نڪرندو هو ته حليف سمجهيو ويندو هو ۽ جي "ملحق" نڪرنود هو ته ان جي پنهنجي حيثيت برقرار رهندي هئي. ڪيس نه قبيلي جو فرد سمجهبو هو نه حليف. (1)

(1) محاضرات خضري 1/ 56، ابن هشام 1/ 102-103

ان سان ملندڙ جلندڙ هڪ رواج مشرڪن ۾ جوا ڪيڏڻ ۽ جوا جا تير استعمال ڪرڻ جو بہ هو. ان تير جي ڏسڻ تي اهي اٺ کهي ان جو گوشت ورهائيندا هئا. (1)

(1) ان جو طريقو اهو هوندو هو تہ جوا ڪيڏندڙ وارا هڪ اٺ کهي ان جا ڏهہ يا اٺاويهہ حصا ڪندا هئا. پوءِ تيرن سان قرعہ اندازي ڪندا هئا ڪنهن تي ڪٽڻ جو نشان هوندو هو ۽ڪو تير بي نشان هوندو هو. جنهن جي نالي تي ڪٽڻ واري نشان وارو تير نڪرندو هو سو تہ ڪٽڻهار ليکبو هو ۽ پنهنجو حصو وٺندو هو ۽ جنهن جي نالي خالي تير نڪرندو هو سو ان جي قيمت ڀريندو هو.

عربستان جا مشرڪ ڪاهنن، عرافن ۽ نجومين جي خبرن تي بہ ايمان رکندا هئا. ڪاهن ان کي چوندا آهن جيڪو ايندڙ واقعن جي اڳڪٽي ڪري ۽ رازن جي ڄاڻ هجڻ جو دعويدار هجي. ڪن ڪاهنن جي دعوا هئي تہ هڪ جن سندن تابع آهي جو انهن کي خبر پهچائيندو آهي ۽ ڪي ڪاهن چوندا هئا تہ کين اهڙي سمجهہ عطا ٿيل آهي، جنهن جي ذريعي اهي ڳجهہ ڄاڻي وٺن ٿا. ڪي هن ڳالهہ جا

دعويدار هئا تہ جيڪو ماڻهو ڪانئن ڪجهہ پڇڻ اچي ٿو. تنهن جي ڳالهہ ۾ عمل مان يا سندس ڏيک مان، ڪن نشانين ۾ سببن وسيلي اهي جاء واردات جي ڄاڻ حاصل ڪري وٺن ٿا. اهڙن ماڻهن کي عراف چئبو هو. معنيٰ اهو ماڻهو جيڪو چوريءَ جي مال، چوريءَ جي جاء ۾ وڃايل جانور جو ڏس ٻڌائي نجومي اهو آهي جيڪو تارن تي ڌيان ڏئي انهن جي رفتار ۾ وقت جو ڪاٿو لڳائي سمجهي وجي تہ دنيا ۾ آئنده ڇا ڇا ٿيندو. (2)

---

(2) مرعات المفا تيح شرح مشڪاه المصابيح 2/2-3 طبع لڪنو.

انهن نجومين جي خبرن کي مڃڻ دراصل تارن تي ايمان آڻڻ آهي ۾ تارن تي ايمان آڻڻ جي هڪ صورت هي بہ هئي تہ عربستان جا مشرڪ نڇترن تي ايمان رکندا هئا ۾ چوندا هئا تہ اسان تي فلڻي فلاڻي نڇتر کان مينهن وٺو آهي. (3)

---

(3) ڏسو صحيح مسلم مع شرح نودي: ڪتاب الايمان باب بيان ڪفر من قال مطرنا بالنوع 1/95

مشرڪن ۾ بدشگونيءَ جو بہ رواج هو. جنهن کي عربي ۾ طيره چون ٿا. ان جو طريقو هيئن هو جو مشرڪ ڪنهن جهرڪي يا هرڻ جي ويجهو وڃي ان کي ڀڄائيندا هئا. پوءِ جي اها ساڄي پاسي ڀڄي تہ چڱائي ۽ ڪاميابيءَ جي علامت سمجهي پنهنجو ڪم ڪندا هئا ۽ جي کاٻي پاسي ڀڄي تہ ان کي نياڳ جي نشاني سمجهي پنهنجي ڪم کان پاسو ڪندا هئا. ان طرح جيڪڏهن ڪا جهرڪي يا جانور رستو ڪٽيندو هو تہ ان کي بہ نياڳ سمجهندا هئا.

ان سان ملندڙ جلندڙ هڪ حرڪت هي بہ هئي تہ مشرڪ، سهي جي گوڏي جي هڏي لٽڪائيندا هئا ۽ ڪن ڏينهن، مهينن، جانورن ۽ عورتن کي بہ منحوس ڄاڻندا هئا. بيمارين جي وچڙڻ جا قائل هئا ۽ روح بابت چبرو ٿي وڃڻ جو عقيدو رکندا هئا. يعني سندن عقيدو هو تہ جيسين مقتول جو بدلو نہ ورتو وڃي تيستائين ڪيس سک نہ ملندو ۽ ان جو روح چبرو بڻجي رڻ پٽ ۾ ڦرندو رهندو ۽ "اڃ وڃ" جي صدا هڻندو رهندو. جڏهن سندس بدلو ورتو وڃي ٿو تہ ڪيس سڪون مليو وڃي. (1)

(1) صحيح بخاري 2/ 851-857 مع شروح

حضرت ابراهيم جي دين ۾ قريشن جون بدعتون

اهي هئا جاهلن جا عقيدا ۽ عمل. ان سان سان گڏ انهن ۾ ابراهيم عہ جي دين جون ڪجهہ ڳالهيون بچيل هيون. مطلب تہ انهن، ان دين کي پوريءَ طرح ڇڏيو ڪونہ هو. جيئن اهي ڪعبي جي عزت ۽ ان جو طواف ڪندا هئا. حج ۽ عمرو ڪندا هئا. عرفات ۽ مزدلفہ ۾ رهندا هئا ۽ هدي جي جانورن جي قرباني ڪندا هئا. باقي انهن هن دين ۾ ڪجهہ بدعتون ضرور شامل ڪري ڇڏيون هيون. جهڙوڪ:

1. قريشن جي هڪ بدعت اها هئي جو اهي چوندا هئا تہ اسين حضرت ابراهيم عہ جو اولاد آهيون. حرم جا سنڀاليندڙ، بيت الله جا مالڪ ۽ مڪي جا رهواسي آهيون. ڪير بہ اسان جهڙو نہ آهي ۽ نہ ڪنهن جا حق اسانجي حقن جهڙا آهن. انڪري ئي پنهنجا نالا حمس (بهادر ۽ گرم جوش) رکندا هئا. تنهنڪري اسانکي نتو جڳائي حرم کان ٻاهر وڃون. تنهنڪري حج دوران اهي عرفات بہ ڪونہ ويندا هئا نہ ئي اتي اِفاضو ڪندا هئا. بلڪ مزدلفہ ۾ رهي اتي

ئي افاضو ڪري ڇڏيندا هئا. اللّٰه تعاليٰ سندن بدعت جي اصلاح ڪندي فرمايو تہ

ثم ....الناس (199:2) يعني توهان بہ اتان ڪان اِفاضو ڪريو، جتان ٻيا ماڻهو ڪن ٿا.(1)

(1) ابن هشام 199/1، صحيح بخاري 226/1

2. سندن هڪ بدعت اها هئي جو چوندا هئا تہ حمس (قريش) لاءِ احرام جي حالت ۾ پنير ۽ گيهہ ٺاهڻ صحيح نہ آهي، نہ ئي ڪمبل واري خيمي ۾ رهڻ صحيح آهي ۽ اهو نہ نيڪ نہ آهي تہ چمڙي جي خيمي ڪانسواءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي سائي هيٺ رهجي.(2)

(2) ابن هشام 202/1

3. سندن هڪ بدعت اها بہ هئي جو اهي چوندا هئا تہ حرم کان ٻاهر جا رهاڪو پاڻ سان کائڻ جي ڪا شيءِ ساڻ کڻي اچن تہ اها سندن لاءِ کائڻ حرام آهي.(3)

(3) ساڳيو ڪتاب

هڪ بدعت اها بہ هئي تہ انهن حرم کان ٻاهر جي رهواسين کي حڪم ڏنو هو تہ اهي پهريون طواف حمس

(قريشن) ڪان ورتل ڪپڙن ۾ ڪن. جيڪڏهن انهن جو ڪپڙو نہ ملين تہ مرد اگهاڙا طواف ڪن ۽ مايون پيا ڪپڙا لاهي رڳو هڪ ننڍڙو ڪليل ڪپڙو اوڍين ۽ ان حالت ۾ هيءُ شعر پڙهندي طواف ڪن

اليوم يبدو بعضہ او ڪلہ و مان بدا منہ فلا احلہ

يعني: "اڄ ٿوري يا سڄي شرمگاهہ ڪلي وڃي پر جيڪا ڪلي وڃي مان ان ڪي (ڏسڻ) حلال نٿي ڄاڻان."

اللّٰه تعاليٰ انهن فضول رسمن جي خاتمي لاءِ فرمايو تہ:

يا بني آدم......ڪل مسجد...("اي آدم پوٽؤ! هر مسجد وٽ ڍڪجي اچو."

تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪا مائي يا پائي پاڻ کي متاهان ۽ عزت وارا سمجهي حرم ڪان ٻاهران آندل ڪپڙا پائي طواف ڪندا هئا تہ طواف بعد انهن ڪپڙن کي اڇلي ڇڏيندا هئا. انهن مان نہ پاڻ فائدو وٺندا هئا نہ ٻين کي وٺڻ ڏيندا هئا.(1)

(1) ابن هشام 202/1، 203 ۽ صحيح بخاري 226/1
4. قريشن جي هڪ بدعت اها بہ هئي تہ اهي احرام جي حالت ۾ گهر ۾ در کان داخل نہ ٿيندا هئا، بلڪ گهر جي پٺيان پٽ ۾ سوراخ ڪري ان مان ايندا ويندا هئا. ۽ پنهنجي جهالت ڪري ان کي نيڪي سمجهندا هئا. قرآن ڪريم ان کان بہ منع ڪئي. (189:2)

اهو ئي دين، يعني شرڪ، بتن جي پوڄا ۽ وهمن ۽ اجاين رسمن تي بڌل عقيدن ۽ عمل وارو دين، عربستان جي عام رهاڪن جو دين هو.

ان کانسواءِ عربستان جي مختلف پاسن ۾ يهوديت، مسيحيت ۽ صابئيت بہ وڏي ويجهي رهي هئي. تنهنڪري انهن جو بہ تاريخي خاڪو هتي پيش ڪجي ٿو.

عربستان ۾ يهودين جا گهٽ ۾ گهٽ بہ دور ملن ٿا. پهريون دور ان وقت سان تعلق رکي ٿو، جڏهن فلسطين ۾ بابل ۽ آشور جي حڪومت جي فتحن سبب يهودين کي وطن ڇڏڻو پيو. ان حڪومت جي سختگيري ۽ بخت نصر هٿان يهودي وسندين جي تباهي، انهن جي هيڪل جي پيچ ڊاهہ ۽

ان جي اڪثريت جي بابل ڏانهن جلاوطنيءَ جو نتيجو اهو نڪتو تہ يهودين جي هڪ جماعت فلسطين ڇڏي حجاز جي اترئين علائقي ۾ اچي رهي. (1)

(1) قلب جزيره العرب ص 251

ٻيو دور تڏهن شروع ٿيو، جڏهن ٽائيٽس روميءَ جي اڳواڻيءَ ۾ 70ع ۾ رومين فلسطين تي قبضو ڪيو. هن موقعي تي رومين هٿان يهودين جي "روئڻ واري پٽ" ۽ هيڪل ڀڄڻ جي ڪري ڪيترائي يهودي قبيلا حجاز ڀڄي آيا ۽ يثرب، خيبر ۽ تيماءِ اچي پنهنجون باقائده وسنديون ٺاهيائون ۽ قلعا ۽ ڪوٽ اڏيائون. انهن پناهگير يهودين جي ڪري عربن ۾ ڪجهہ يهودي مذهب بہ رواج ورتو ۽ ان کي بہ اسلام کان اڳ ۽ اسلام جي شروعاتي ڏينهن ۾ سياسي حادثن ۾ هڪ ذڪر لائق حيثيت حاصل ٿي وئي. اسلام اچڻ وقت يهودي قبيلا هي هئا. خيبر، نضير، مصطلق، قريظہ ۽ قينقاع.

سمهوديءَ "وفاء الوفا" جي صفحو 116 تي لکيو آهي تہ يهودي قبيلن جو تعداد ويهن کان مٿي هو. (2)

(2) ساڳيو ڪتاب ساڳيو صفحو

يهوديت جي يمن ۾ واڌ ويجهہ ٿي. هتي ان جي ڦهلاءَ جو سبب تبان اسعد ابو ڪرب هو. اهو ماڻهو جنگ ڪندو يثرت پهتو. اتي يهوديت قبولئين ۽ بنو قريظہ جي ٻن يهودي عالمن کي پاڻ سان يمن وٺي ويو. ابو ڪرب کانپوء سندس پٽ يوسف زونواس يمن جو حاڪم ٿيو تہ اهو يهوديت جي جوش ۾ نجران جي عيسائين تي ڪاهي پيو ۽ انهن کي يهوديت قبولڻ لاء مجبور ڪرڻ لڳو، پر انهن انڪار ڪيو. تنهن تي ذونواس کاهي کوٽائي ان ۾ باهہ ٻارائي پوڙهن، ٻارن ۽ عورتن کي انهي وجهي ساڙائي ڇڏيو. ڇيو وجي ٿو تہ ان حادثي جو شڪار ٿيڻ وارن جو تعداد ويهن کان ڇاليهن هزارن جي وچ ۾ هو. هي واقعو آڪٽوبر 523ع جو آهي. قرآن مجيد ۾ سورهء بروج ۾ هن واقعي جو ذڪر ڪيل آهي. (1)

(1) ابن هشام 20/1، 21، 22، 27، 31، 35، 36 ۽ ڏسو تفسير جي ڪتابن ۾ سوره٘ بروج جو تفسير

جيستائين عيسائي مذهب جو تعلق اهي ته عربستان جي شهرن ۾ ان جو اچڻ حبشي ۽ رومي قابضن ۽ فاتحن جي ذريعي ٿيو. اسين ٻڌائي چڪا آهيون ته يمن تي حبشين جو قبضو پهريون ڀيرو 340ع ۾ ٿيو هو، جيڪو 378ع تائين رهيو. ان دوران يمن ۾ مسيحي مسن ڪم ڪندو رهيو. انهن ڏينهن ۾ ئي هڪ مستجاب الدعوات ۽ ڪرامتن جي صاحب پرهيزگار شخص فيميون نالي سان نجران۾ پهتو ۽ اتي جي رهاڪن۾ عيسائي مذهب جي تبليغ ڪيائين. نجران وارن ان ۾ ۽ سندن دين ۾ سچائيءَ جون ڪجهه علامتون ڏسي سندس دين قبوليو ۽ عيسائي ٿي ويا.(2)

(2) ابن هشام 31/1، 32، 33، 34

پوء ذونواس جي ڪارروائيءَ جي ردعمل ۾ حبشين وري يمن تي قبضو ڪيو ۽ ابرهه يمن جي حڪومت جي واڳ سمڀالي ته ان ڏاڍي جوش ۽ خروش سان وڏي پيماني تي عيسائيت جي واڌ ويجهه لاء ڪوششون ڪيون. سندس

ڪوشش جي نتيجي ۾ ئي يمن ۾ هڪ ڪعبو ٺاهيو ويو ۽ ڪوشش ڪئي وئي ته عربستان جي رهاڪن کي (مڪي ۾ بيت الله کان) روڪي ان ۾ حج ڪرايو وڃي ۽ مڪي جي ڪعبت الله کي پٽ ڪيو وڃي. پر سندس ان همت تي الله تعاليٰ ڪيس اهڙي سيڪت ڏني جو اڳين ۽ پوين لاءِ عبرت جي نشاني بڻجي ويو.

ٻئي پاسي رومي علائقن جي پاڙي ۾ هئڻ سبب آلِ غسان، بنو تغلب بنو طي وغيره جهڙن عربي قبيلن ۾ به عيسائين ڦهلجي وئي هئي. بلڪ حيره جي ڪن عرب بادشاهن به عيسائي مذهب قبولي ورتو هو.

جيستائين مجوسين جي مذهب جو تعلق آهي ته ان کي گهڻو ڪري فارسين جي پاڙيسري عربن ۾ فروغ مليو هو. مثال طور عراق العرب، بحرين (الاحساء) حجر ۽ عربي نار جي ڪناري وارا علائقا. انهن ڪانسوا يمن تي فارسين جي قبضي ڪري اتي به ڪن ماڻهن مجوسيت قبولي هئي.

باري رهيو صابي مذهب ته عراق وغيره جي پراڻن آثارن جي کوٽائيءَ دوران جيڪي ڪتبا مليا آهن، انهن مان

پتو پوي ٿو تہ حضرت ابراهيم عہ جي ڪلداني قوم جو مذهب بہ اهو هو. پراڻي دور ۾ شام ۽ يمن جا ڪافي رهاڪو بہ هن مذهب جا پوئلڳ هئا. پر جڏهن يهوديت ۽ عيسائيت جو دور آيو تہ هن مذهب جا بنياد لڏي ويا ۽ جهڙوڪر ختم ٿي ويو. تنهن هوندي بہ مجوسين سان مليل سليل پاڙيسري عراق العرب ۽ عربي نار جي ڪنارن تي ان مذهب جا ڪجھ نہ ڪجھ پوئلڳ بچيل رهيا. (1)

(1) تاريخ ارض القرآن 2/193-208

دیني حالت:- جنهن وقت اسلام جو چمڪندڙ سج اپريو، ان وقت اهي ئي دين مذهب عربن ۾ مليا ٿي. پر اهي سڀ مذهب ڪافي متجي چڪا هئا. مشرڪ جن جي دعوا هئي تہ اسين حضرت ابراهيم جي دين تي آهيون سي ان دين جي قانون ۽ حڪمن کان ڪوهين ڏور هئا. ان شريعت جي اخلاقي قدرن جي تعليم ڏني هئي، تنهن سان انهن جو ذرو بہ واسطو نہ هو. انهن ۾ گناهن جي پرمار هئي. ڊگهي زماني گذرڻ ڪري انهن بہ بت پرستي جون ساڳيون عادتون ۽ رسمون پيدا ٿي چڪيون هيون، جن کي ديني خرافات جو

درجو حاصل هو. انهن عادتن ۽ رسمن سندن اجتماعي، سياسي ۽ ديني زندگيءَ تي نهايت گهرو اثر وڌو هو.

يهودي مذهب جو حال هي هو ته اهو رڳو ڏيکاءُ ۽ ڏهڪاءُ وارو مذهب بڻجي ويو هو. يهودي پيشوا الله بدران پاڻ رب بنجي ويٺل هئا، ماڻهن تي پنهنجي مرضي ٿاپيندا هئا ۽ سندن دلين ۾ ايندڙ خيالن ۽ چپن جي حرڪتن تي به پڪڙ ڪندا هئا. سندن سڄو ڌيان ان ڳالهه تي هوندو هو ته ڪنهن طرح ملڪيت ۽ رياست ملي. پلي دين برباد ٿي ڇو نه ٿي وڃي ۽ ڪفر ۽ الحاد ۾ واڌارو ٿي ڇو نه اچي ۽ ان تعليم ۾ سستي ٿي ڇونه ٿئي. جنهن جي تقدس جو الله حڪم ڏنو آهي ۽ جنهن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي.

عيسائيت هڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ بت پرستي بڻجي وئي هئي. ان الله ۽ انسان جي وچ ۾ عجيب طرح جو ناتو جوڙي ڇڏيو. جن عربن اهو دين قبوليو تن تي ان دين جو ڪو حقيقي اثر نه هو. ڇو ته ان جي تعليم سندن زندگي گذارڻ جي ڍنگ سنا ميل نه ٿي کاڌو ۽ اهي پنهنجي زندگيءَ جو ڍنگ بدلائي نٿي سگهيا.

باقي عربستان جي دين کي مجڻ وارن جو حال مشرڪ جهڙو ئي هو. ڇو تہ انهن جون دليون هڪ جهڙيون هيون، عقائد ساڳيا هئا ۽ رسم ۽ رواجن ۾ بہ فرق نہ هو.

اڻ سڌريل سماج جا ڪجھ ڏيک

عربي اپبيٺ جي سياسي ۽ مذهبي حالتن جو بيان ڪرڻ کانپوءِ هاڻي اتي جي سماجي، اقصادي ۽ اخلاقي حالتن جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

اجتماعي حالتون: عربن جي آبادي مختلف طبقن تي ٻڌل هئي ۽ هر طبقي جون حالتون هڪ ٻئي کان گهڻيون مختلف هيون. جيئن اشراف طبقي جي ماڻن ۽ پائن جو تعلق ڪافي ترقي يافتا هو. ماين کي ڪافي آزاديون حاصل هيون. انهن جي ڳالهہ مڃي ويندي هئي ۽ انهن جو احترام ۽ تحفظ ڪيو ويندو هو جو سندن معاملن ۾ تلوارون بہ نڪري اينديون هيون ۽ رتوڇاڻ ٿي پوندي هئي. ماڻهو جڏهن پنهنجي بهادري ۽ ڪرم ڳائيندا هئا، جنهن کي عربن ۾ وڏو مقام حاصل هو، تہ اهي عام طور تي عورت کي مخاطب ٿي ڳائيندا هئا. ڪڏهن ڪا عورت

چاهيندي هئي تہ قبيلن کي ٿاهہ لاءِ گڏ ڪري وٺندي هئي ۽ جي چاهيندي هئي تہ انهن ۾ جنگ ۽ رتوڇاڻ ڪرائي ڇڏيندا هئي. پر ان هوندي بہ مرد کي ئي خاندان جو وڏو مڃيو ويندو هو ۽ ان جي ڳالهہ منديءَ تي ٽڪ هوندي هئي. ان طبقي ۾ مرد ۽ عورت ۾ تعلق نڪاح ذريعي ٿيندو هو ۽ نڪاح عورت جي وارثن جي نگرانيءَ ۾ ٿيندو هو. ڇوڪرين کي وراثن جي مرضيءَ کانسواءِ نڪاح ڪرڻ جو حق نہ هو.

هڪ پاسي اشراف طبقي جو اهو حال هو تہ ٻئي طرف ٻين طبقن ۾ عورتن ۽ مردن ۾ ميلاپ جا ٻيا بہ ڪي طريقا هئا، جن کي بڇڙائيءَ ۽ بي حيائيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو نالو نٿو ڏئي سگهجي. بيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ جاهليت ۾ نڪاح جون چار صورتون هيون. هڪ صورت اها ئي جيڪا اڄڪلهہ هلي رهي آهي تہ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي سندس سنڀال هيٺ رهندڙ ڇوڪريءَ لاءِ نياپو موڪليندو آهي ۽ منظوريءَ کانپوءِ مهر ڏئي ان سان نڪاح ڪندو آهي. ٻيو طريقو اهو تہ جڏهن عورت جي ماهوري ختم ٿيندي هئي تہ مڙس کيس غير مرد وٽ زنا ڪرائڻ لاءِ موڪليندو هو. ان

ڪانپوءِ ٻيءَ ماهواريءَ تائين يا پيٽ ٿيڻ جي پڪ ٿيڻ تائين زال جي ويجهو نہ ويندو هو. اهو ان لاءِ ڪندا هئا تہ جيئن ڇوڪرو شريف پيدا ٿئي. ان نڪاح کي "استبضاع" چوندا هئا. (هندستان ۾ ان کي نيوڳ چئجي ٿو) نڪاح جو ٽيون طريقو اهو هو تہ ڏهن کان ڪجهہ گهٽ ماڻهو گڏجي هڪ ئي عورت وٽ وڃي ٻچڙاڻ ڪندا هئا. جڏهن مائي پيٽ سان ٿيندي هئي تہ ٻار ڄڻڻ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ اها مائي سيني کي سڏائيندي هئي ۽ سيني کي لازمي طور اتي اچڻو پوندو هو. ان بعد مائي جنهن کي چاهيندي هئي، ان کي ٻار جو پيءُ قرار ڏيندي هئي ۽ ان ڳالهہ کي قبول ڪيو ويندو هو.

(نوٽ: هن نوٽ جو نمبر اصل ڪتاب ۾ چيڪ ڪبو. (صحيح بخاري: ڪتاب النڪاح، باب من قال لا نڪاح الا بولي 2/769 و ابو دائود باب وجوه النڪاح

چوٿون قسم نڪاح جو اهو هوندو هو تہ گهڻا ماڻهو گڏجي ڪنهن مائيءَ وٽ ويندا هئا، جيڪا ڪنهن کي بہ انڪار نہ ڪندي هئي. اهي رنڊيون هونديون هيون، جيڪي

پنهنجن گهرن تي جهنڊيون لڳائي ويهنديون هيون. جيئن ان نشانيءَ کي ڏسي اچڻ وارا ٻي ڪٽڪي هليا اچن. اهڙي مائي جڏهن پيٽ سان ٿي کو ٻار ڄڻيندي هئي ته سڀ ان وٽ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ پوءِ قيافہ شناس سڏايا ويندا هئا، جيڪي پنهنجي راءِ مطابق ڇوڪري کي ڪنهن سان ٻہ ڳنڍي ڇڏيندا هئا. پوءِ اهو ڇوڪرو ان جو ئي پٽ سڏبو هو ۽ هو ان کان انڪار نہ ڪري سگهندو هو. جڏهن الله تعاليٰ محمد ﷺ کي نبي ڪري موڪليو تہ انهن اٹسڏريل دور جا سڀ نڪاح جا سرشتا ختم ڪري رڳو هڪ اسلامي نڪاح جو طريقو رائج ڪيو. جيڪو اڄا تائين هلي رهيو آهي.

عربستان ۾ عورتن ۽ مردن جي تعلق جون ڪي صورتون اهڙيون بہ هيون، جيڪي جنگين ڪانپوءِ قائم ٿينديون هيون. يعني قبيلائي جهيڙن ۾ ڪٽيندڙ قبيلا هارائيندڙ قبيلي جي ماين کي ٻانهيون بڻائي پنهنجي حرم ۾ داخل ڪندا هئا. پر اهڙين عورتن مان پيدا ٿيندڙ ٻار سڄي زندگي گهٽ نظر سان ڏٺا ويندا هئا.

اٽسڌريل دور ۾ حد ڪانسواءِ زالون رکڻ بہ هڪ عام ڳالھہ هئي. ماڻھو اھڙيون بہ عورتون بہ هڪ ئي وقت ۾ نڪاح ۾ رکندا هئا، جيڪي پاڻ ۾ سڳيون ڀينريون هونديون هيون. پيءُ جي طلاق ڏنل يا پيءُ جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ پٽ سندس ويڳي ماءُ سان بہ نڪاح ڪري سگهندو هو. طلاق جو حق رڳو مرد وٽ هو ۽ ان جي ڪابہ حد مقرر نہ هئي. (1)

(1) ابو دائود نسخ المراجعہ بعد التطليقات الثلاث ۽ تفسير جي ڪتابن ۾ الطلاق مرتان بابت

سيني طبقن ۾ زنا عام هئي. باقي ڪي ٿورا ماڻھو هئا، جيڪي پنھنجي وڏائيءَ جو احساس ڪري ان بڇڙاڻ کان پري رهندا هئا. آزاد عورتون، ٻانهين کان وري بہ چڱي حال ۾ هيون. اصل مصيبت ۾ تہ ٻانهيون هونديون هيون. اٽسڌريل دور جي وڏي اڪثريت ان بڇڙاڻ کي خراب نہ سمجھندي هئي. جيئن سنن ابي دائود وغيره ۾ روايت آهي تہ هڪ ڀيري هڪ ماڻھو اٿي چيو تہ يا رسول الله ﷺ فلاڻو ماڻھو منھنجو پٽ آهي. مون جاهليت واري ديور ۾ سندس ماءُ سان زنا ڪئي هئي. رسول الله ﷺ فرمايو تہ

اسلام ۾ اهڙن دعون جي ڪابہ گنجائش نہ آهي.جاهليت واري ڳالهہ وئي. هاڻي تہ ٻار ان هو ٿيندو، جنهن جي زال يا ٻانهي هوندي. زانيءَ لاءِ پٿر آهن. حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ ۽ عبد بن زمعہ جي وچ ۾ ٻانهيءَ جي پٽ عبدالرحمان بن زمعہ بابت جيڪو جهيڙو ٿيو، اهو بہ مشهور آهي. (2)

(2) صحيح بخاري 999/2، 1065 ابو دائود: الولد للفراش

جاهليت ۾ پيءُ پٽ جو تعلق بہ مختلف نوعيت جو هوندو هو. ڪي تہ چوندا هئا تہ:

انما اولادنا بيننا اكبادنا تمشي علي الارض

يعني:- اسان جو اولاد اسانجا جگر آهن، جيڪي سڄي زمين تي گھمن ڦرن ٿا.

پر ڪي اهڙا بہ هئا، جيڪي نياڻين ڪي خواري ۽ خرچ جي ڊپ کان جيئرو پوري ڇڏيندا هئا ۽ ٻارن کي بک بيماريءَ جي ڊپ کان ماري ڇڏيندا هئا. (1) پر اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ اها سنگدلي وڏي پيماني تي

(1) قرآن مجيد 6:101-58:16، 59، 17:31-8:81

هندڙ هئي. ڇو تہ عرب پنهنجي دشمن کان بچڻ لاء ٻين جي بنسبت پنهنجي اولاد جا وڌيڪ محتاج هئا ۽ کين ان ڳالهہ جو احساس بہ هو.

جيستائين سڳن ڀائرن، سؤٽن ۽ گهراڻي جي ٻين ماڻهن جي هڪٻئي سان لاڳاپن جو معاملو آهي تہ اهي ڪافي پڪا پختا هئا. ڇو تہ عرب، قبيلائي عصبيت جي ٽيڪ تي جيئندا ۽ مرندا هئا. قبيلي جي اندر گڏيل مفادن جو فڪر پوريءَ طرح ڪم ڪري رهيو هو. جنهن ڪي عصبيت جو جذبو وڌيڪ تکو ڪري رهيو هو. اصل ۾ قومي عصبيت ۽ ويجهو لاڳاپو ئي انهن جي گڏيل نظام جو بنياد هو. اهي هن مثال تي جيئڻ جو تيئن عمل ڪندا هئا تہ

انصر اخاک ظالما او مظلوما

(پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪريو ڀلي اهو ظالم هجي يا مظلوم)

هن مثال جي معنيٰ ۾ اڄا اهو سڌارو نہ ٿيو هو، جيڪو اسلام ذريعي ڪيو ويو هو. يعني ظالم جي مدد اها آهي تہ ان کي ظلم کان روڪيو وڃي. البہ عزت ۽ سرداريءَ ۾

هڪبئي کان گوءِ کڻڻ جو جذبو ڪافي پيرا هڪ ٿي ماڻهوءَ مان وجود ۾ آيل قبيلن ۾ بہ جنگ ڪرائي ڇڏيندو هو.

جيستائين مختلف قبيلن جو هڪبئي سان لاڳاپن جو معاملو آهي تہ اهي پوريءَ طرح ٽٽي ڦٽي چڪا هئا. قبيلن جي سڄي طاقت هڪبئي جي خلاف جنگين ۾ ختم ٿي رهي هئي. باقي دين ۽ اجاين رسمن جي ميلاپ سان تيار ٿيل ڪن عادتن ۽ رسمن جي ڪارڻ ڪڏهن ڪڏهن جنگين جو زور گهٽجي ويندهو هو ۽ ڪن حالتن ۾ موالاه، حلف ۽ تابعداريءَ جي اصولن تي مختلف قبيلا گڏ ٿي ويندا هئا. حرام مهينا سندن زندگيءُ ۽ روزگار لاءِ سڄو سوڻ غابت ٿيندا هئا.

مطلب تہ اجتماعي حالت ڏاڍي بري هئي، ماڻهو جانورن جهڙي حياتي گذاريدا هئا. عورت وڪي ۽ خريد ڪئي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ساڻس مٽيءُ ۽ پٿرن جهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. قوم جا گڏيل لاڳاپا نہ صرف ڪمزور بلڪ ٽٽل هئا. حڪومتن جا سڀ منصوبا عوام مان پيسو

ڪدي خزانا پرڻ يا مخالفن تي چڙهائي ڪرڻ تائين محدود هئا.

اقتصادي حالت:- اقتصادي حالت، اجتماعي حالت جي تابع هئي. ان جو اندازو عربن جي معاشي ذريعن تي نظر وجهڻ سان ڪري سگهجي ٿو تہ واپار ئي سندن ويجهو زندگيءَ جون ضرورتون حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو هو. جيڪو امن امان ڪانسواء آسان نہ آهي ۽ عربي اپبيٺ جو حال اهو هو تہ سواء حرمت وارن مهينن جي، ڪٿي بہ امن ۽ سلامتي نہ هوندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو رڳو حرام مهينن ۾ ئي عربستان جون مشهور بازارون عڪاظ، ذي المجاز ۽ مجنہ لڳنديون هيون.

صنعتن جي ميدان ۾ بہ عرب سڄي دنيا کان پنيان هئا. ڪپڙو اڻڻ ۽ چمڙي جي دٻاغت وغيره جي شڪل ۾ جيڪي ڪجهہ صنعتون هيون بہ تہ اهي گهڻو ڪري يمن، حيره ۽ شام سان ڳنڍيل علائقن ۾ هيون.باقي عربستان جي اندر ٻني ٻاري ۽ جانور پالڻ جو رواج هو. سڀ عرب مايون سٽ ڪتينديون هيون پر مشڪل اها هئي تہ سڄو مال

سدائين جهيڙن جي منهن ۾ رهندو هو. غربت ۽ بک جي وبا عام هئي ۽ ماڻهوضروري ڪپڙن کان به گهٽي قدر محروم هوندا هئا.

اخلاق:- اهو ته سڀ ڄاڻن ٿا ته جاهليت وارن ۾ خسيس ۽ ڪريل عادتون ۽ شعور، عقل ۽ سمجهه جي خلاف ڪافي ڳالهيون ملنديون هيون پر انهن ۾ اهڙا وڻندڙ اخلاقي قدر به هئا جن کي ڏسي انسانن کي ڏندين آڱريون اچي وينديون. جهڙوڪ:

1. ڪرم ۽ سخاوت:- اها اٽسڌريلن ۾ اهڙي خاصيت هئي جنهن ۾ هو هڪ ٻئي کان گوء کڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ ان تي ايترو فخر ڪندا هئا جو پراڻي عربي ادب جا اڌ شعر ان بابت ئي ملن ٿا. جن مان ڪن ۾ ڪنهن پنهنجي تعريف ڪئي آهي ته ڪنهن ٻئي جي حالت اها هئي جو سخت سياري ۽ ڏڪر جي زماني ۾ به ڪنهن جي گهر ڪو مهمان ايندو هو ته ٻيو ڪجهه نه هئڻ ڪري سخاوت جي جوش ۾ اچي اها ڏاچي به ڪهي ڇڏيندا هئا جنهن تي سڄي ڪٽنب جو گذارو هوندو هو. سندن ڪرم جو نتيجو هوندو هو جو

وڏي وڏي خون بها ۽ مالي ذميداريون پنهنجي سر کڻي وٺندا هئا ۽ ان طرح انسانن کي تباهي ۽ رتوڇاڻ کان بچائي بين رئيسن ۽ سردارن جي مقابلي ۾ پنهنجي وڏائي ظاهر ڪندا هئا.

هو شراب نوشيءَ تي بہ ان ڪري فخر ڪندا هئا جو اها مهربانيون ۽ سخائون ڪرڻ کي آسان ڪري ٿي. ڇو تہ نشي جي حالت ۾ مال لٽائڻ ماڻهن کي خراب نٿو لڳي. ان ڪري ئي هي ماڻهو انگورن جي وڻ کي ڪرم ۽ انگوري شراب کي بنت الڪرم چوندا هئا. ان دور جي شاعريءَ تي نظر وجهبي تہ اهڙي ساراهہ ۽ وڏائيءَ تي هڪ اهم باب ملندو. جيئن عنتره بن شداد عبسيءَ چئي ٿو تہ:

ولقد شربت من المدامتہ لعدما

....

....وڪما علمت شمائلي و تڪرمي

"مون ٻنپهرن جي تڪاڻ گهٽجڻ کانپوءِ زردي رنگ جي ڌارن واري شيش: جي جام سان جيڪو کابي پاسي

رکيل چمڪندڙ ۽ ٻوڇ لڳل شراب سان رکيل هو. نشان لڳل صاف شفاف شراب پيتو ۽ جڏهن مان پي وٺندو آهيان تہ پنهنجو مال لٽائي ڇڏيندو آهيان پر منهنجو شان پرپور هوندو آهي، ان کي ڇيهو نہ رسندو آهي ۽ جڏهن مان هوش ۾ ايندو آهيان تڏهن بہ سخاوت ۾ ڪوتاهي نہ ڪندو آهيان ۽ منهنجو اخلاق ۽ ڪرم جهڙو آهي تنهنجي توکي خبر آهي".

اهي پنهنجي ڪرم جي ڪري ئي جوا ڪيڏندا هئا. سندن خيال هو تہ اهو بہ سخاوت جو هڪ رستو آهي ڇو تہ انهن کي جيڪو فائدو ملندو هو يا فائدو وٺندڙ جي حصي مان جيڪي بچندو هو سو مسڪينن کي ڏيندا هئا. ان ڪري ئي قرآن پاڪ شراب ۽ جوا جي فائدي کان انڪار نٿو ڪري بلڪ چوي ٿو تہ : و اثمهما اکبر من نفعهما (2: 219) "انهن ٻنهي جو گناهہ انهن جي فائدي کان وڌيڪ آهي".

2. واعدو پاڙڻ:- هي بہ اٽسڌريل معاشري جو هڪ چڱو اخلاقي قدر هو. وعدي کي سندن نظر ۾ دين جي حيثيت حاصل هئي. جنهن سان هو هر حال ۾ چهٽيل هئا ۽ هن راهہ ۾ پنهنجي اولاد جو خون ۽ پنهنجي گهر ٻار جي تباهي بہ گهٽ

سمجهندا هئا. ان کي سمجهڻ لاء هاني بن مسعود شيباني، سموائل بن عاديا ۽ حاصب بن زراده جا واقعا ڪافي آهن.

3. خودداري ۽ اَنا:- ان تي قائم رهڻ ۽ ظلم ۽ ڏاڍ نہ سهڻ بہ ان دور جو معروف اخلاقي قدر هو. نتيجي ۾ سندن بهادري ۽ غيرت حد کان وڌيل هئي. اهي هڪدم ڀڙڪي پوندا هئا ۽ هر ننڍي ڳالهہ تي جنهن مان ذلت ۽ بيعزتي محسوس ٿيندي هئي، تلوارون ڪڍي ويهندا هئا ۽ خونريزي جنگيون شروع ڪري ڏيندا هئا ۽ جان جي هرگز پرواهہ نہ ڪندا هئا.

4. ثابت قدمي: سندن هڪ خاصيت اها بہ هئي تہ جڏهن ڪو ڪم ڪرڻ جو رٿيندا هئا تہ پوء ڪا بہ رڪاوٽ ڪين روڪي نہ سگهندي هئي. هو پنهنجي جان تي کيڏي ان ڪم کي پورو ڪندا هئا.

5. نرم دلي، سهپ ۽ سنجيدگي:- هيءَ بہ سندن نظر ۾ ساراهہ لائق خوبي هئي پر سندن حد کان وڌيڪ بهادري ۽ جنگ لاء هر وقت جي تياريءَ جي ڪري انهن ۾ اٽليپ هئي.

6. وڻجارڪي سادگي:- يعني تهذيب جي اوڻاين ۽ هٽڪندن ڪان ناواقفيت ان جي نتيجي ۾ منجهن سچائي ۽ امانت ملندي هئي ۽ هو نڳين ۽ دولابن ڪان پري هئا.

اسان سمجهون ٿا تہ عربي اپبيٺ سڄي دنيا سان جاگرافيائي طرح گڏيل هو. ان ڪانسواء اهي ئي اهي قيمتي اخلاق هئا جن جي ڪري عربن کي انساني نسل جي اڳواڻي ۽ رسالت جو بار ڪڻڻ لاء چونڊيو ويو. ڇو تہ اهي اخلاق جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن فسادن جو سبب بڻبا هئا ۽ ان ڪري وڏا حادثا ٿي پوندا هئا تہ بہ اهي قيمتي اخلاق هئا جيڪي ٿوري سڌاري ڪانپوء انساني معاشري لاء نهايت لاياڻتا ٿي سگهيا ٿي. اسلام اهو ئي ڪم ڪري ڏيکاريو.

شايد انهن اخلاقن ۾ وعدو پاڙڻ ڪانپوء انا ۽ ثابت قدمي سڀ کان اهم ۽ لاياڻتا جهر هئا. ڇو تہ انهن ڪانسواء شر ۽ فساد جو خاتمو ۽ انصاف جي نظام جو قائم ٿيڻ ممڪن ڪونهي

سندن ڪجهہ ٻيا بہ اخلاقي قدر هئا پر هتي سڀني جو ذڪر ڪرڻ مناسب نہ ٿيندو.

+ + + + + + + + + + + + +

خاندان نبوت

نسب:- نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو شجرو مبارڪ ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ حصي جي صحيح هجڻ تي تاريخدان ۽ شجرن جا ماهر متفق آهن جيڪو عدنان تائين پهچي ٿو. ٻيو حصو جنهن تي تاريخدانن ۾ اختلاف آهن اهو عدنان کان وٺي حضرت ابراهيم عہ تائين آهي. ٽيون حصو، جنهن ۾ يقينن ڪجهہ غلطيون آهن. اهو حضرت ابراهيم عہ کان مٿي حضرت آدم عہ تائين آهي. ان بابت اڳيئي اشارو ڪيو اٿئون. هيٺ انهن جي تفصيل ڏجي ٿي.

پهريون حصو:- حضرت محمد صلى الله عليه وسلم بن عبدالله بن عبدالمطلب (شيبہ) بن هاشم (عمرو) بن عبدمناف (مغيره) بن قصي (زيد) بن ڪلاب بن مره بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر (هن جو لقب قريش هو. قريش قبيلو

هن ڏانهن ئي منسوب آهي) بن مالڪ بن نضر (قيص) بن ڪنانہ بن خزي بن مدرڪہ (عامر) بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان (1)

(1) ابن هشام 1/1-2 تلقيح فهوم اهل الاثر ص 5-6 رحمت العالمين 11/2 تا 14-52

ٻيو حصو:- عدنان کان مٿي يعني عدنان بن ادبن هميسع بن سلامان بنعوص بن بور بن قموال بن ابي بن عوام بن ناشد بن حزابن بلداس بن يدلاف بن طابخ بن جاحم بن ناحش بن ماضي بن عيض بن عبقر بن عبيد بنالدعا بن حمدان بن سنبرين يثربي بن يحزن يلحن بن ارعوي بن عيض بن ديشان بن عيصر بن افناد بن ايهام بن مقصرين ناحث بن زارح بن سمي بن مزي بن عوضہ بن عرام بن قيدار بن اسماعيل عہ بن ابراهيم عہ (2)

(2) علامہ منصور پوري وڏي گهري تحقيق بعد هي حصو ڪلبي شجري جو ۽ ابن اسعد جي روايت کي گڏ ڪيو آهي. ڏسو رحمت العالمين 14/2 تا 17 تاريخي ماخذن ۾ هن حصي بابت وڏو اختلاف آهي.

ٿيون حصو:- حضرت ابراهيم عہ کان مٿي. ابراهيم بن تارح (آزر) بن ناحور بن ساروع (يا ساروغ) بن راعو بن فالخ بن عابر بن شالخ بن ارفخشد بن شما بن نوح عہ بن لامک بن متو شلخ بن اخنوخ (چيو وڃي ٿو تہ هي حضرت ادريس عہ جو نالو آهي) بن يرد بن مهلائيل بن قينان بن انوش بن شيث عہ بن آدم عہ (3)

(3) ابن هشام 2/1 تا 4 تلقيح الفهوم ص 6 خلاصلى الله عليه وسلم السير ص 4 رحمت العالمين 18/2 کن نالن بابت هن ماخذن ۾ اختلاف بہ آهي ۽ ڪي نالا بين ماخذن ۾ آيل، هن ۾ نہ آهن. جي ورهاست تي ٿاهہ ٿي ويو تہ عبد مناف جي اولاد مان هاشم کي ئي سقايہ ۽ رفاده يعني حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ سندن ميزباني ڪرڻ جو عهدو مليو. هاشم وڏو معزز ۽ مالدار هو. هي پهريون ماڻهو هو جنهن مکي ۾ حاجين کي بوڙ ۽ ماني پچائي کارائڻ جو بندوبست ڪيو. سندس اصل نالو عمرو هو پر ماني رس ۾ بوڙڻ جي ڪري کيس هاشم چيو وڃڻ لڳو. ڇو تہ هاشم جي معنيٰ آهي

تڪرا ڪرڻ وارو. هيءَ ئي پهريون ماڻهو هو جنهن قريشن لاءِ واپار لاءِ اونهاري ۽ سياري ۾ ٻن واپاري سفرن ڪرڻ جو بنياد رکيو. جنهن بابت شاعر چوي ٿو تہ:

عمرو الذي هشم الثر يد لقومہ ....

.... سفر الشتاءَ ورحلہ الاصياف

"هي عمرو اهو ئي آهي جنهن پنهنجي ڏڪاريل ۽ ڪمزور قوم ڪي مانيون رس ۾ ٻوڙي ٻوڙي ڪارايون ۽ اونهاري سياري ٻن سفرن جو بنياد رکيو".

سندن هڪ اهم واقعو اهو آهي تہ پاڻ واپار سانگي شام ڏانهن ويا. رستي ۾ مديني پهتا تہ اتي بني نجار قبيلي جي هڪ عورت سلميٰ بنت عمرو سان شادي ڪري ورتائون ۽ ڪجهہ ڏينهن اتي ترسي گهر واريءَ ڪي مائٽن ۾ ڇڏي شام روانو ٿي ويو ۽ پوءِ فلسطين جي شهر عمره ۾ سندن انتقال ٿي ويو. هوڏانهن سلميٰ کي پٽ ڄائو. اهو 497 جي ڳالهہ آهي. جيئن تہ ٻار جي وارن ۾ اڇاڻ هئي ان ڪري سلميٰ سندس نالو شيبہ رکيو. (1)

(1) ابن هشام 137/1 رحمت العالمين 24/2/62/1

۽ يثرب ۾ پنهنجن مائٽن ۾ ئي ڪيس پالڻ لڳي. اڳتي هلي اهو ٻار عبدالمطلب جي نالي سان مشهور ٿيو. ڪافي وقت تائين هاشم جي خاندان کي ان بابت ڪا بہ ڄاڻ نہ هئي. هاشم جا ڪل چار پٽ ۽ پنج ڌيئرون هيون. جن جا نالا هي آهن. اسد، ابو صيفي، نضلہ، عبدالمطلب، شفاء، خالده، ضعيفہ، رقيہ، حنتہ (2)

(2) ساڳيو ڪتاب 107/1

(2) عبدالمطلب: پٺين صفحن ۾ اچي چڪو آهي تہ سقايہ ۽ رفاده جو عهدو هاشم کانپوء سندس ڀاءُ مطلب کي مليو. جيڪو پڻ قوم ۾ خوبين ۽ اعزازن جو مالڪ هو. سندس ڳالهہ ٽاري نہ سگهبي هئي. سندس سخاوت جي ڪري قريشن سندس لقب "فياض" رکي ڇڏيو هو. جڏهن شيبہ يعني عبدالمطلب ڏهن ٻارهن ورهين جو ٿيو تہ مطلب کي سندس خبر پئي ۽ هو ڪيس وٺڻ ويو. جڏهن يثرب پهتو تہ شيبہ کي ڏسي روئڻ هارڪوٽي ويو. ڪيس ڇاتيءَ سان لڳائي پنهنجي سواريءَ تي ويهاري مڪي ڏانهن روانو ٿيو ٿي پر شيبہ ماءُ

جي موڪل ڪانسواءِ گڏ هلڻ کان انڪار ڪيو. ان ڪري مطلب سندن ماءُ کان اجازت وٺڻ هليو پر ان اجازت نہ ڏني. آخر مطلب چيو تہ هي پنهنجي پيءَ جي راڄ ۽ الله جي حرم ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان تي ماءُ اجازت ڏني ۽ مطلب ڪيس پنهنجي اٺ تي ويهاري مڪي وٺي آيو. مڪي وارن ڪيس ڏسي چيو تہ هيءَ عبدالمطلب آهي يعني مطلب جو غلام آهي. مطلب چيو تہ نہ نہ هي منهنجو ڀائيٽيو يعني منهنجي ڀاءُ هاشم جو پٽ آهي. پوءِ شيبہ، مطلب وٽ نپيو ۽ جوان ٿيو. ان بعد رومان (يمن)۾ مطلب وفات ڪئي. سندس ڇڏيل عهدا عبدالمطلب کي مليا، ڪيس پنهنجي قوم۾ ايتري عزت ملي، جيتري سندس وڏن کي بہ نہ ملي هئي. قوم ڪيس دل سان چاهيو ۽ سندس ڏاڍو قدر ڪيو. (1)

(1) ابن هشام 1/137-138

مطلب جي وفات ڪانپوءِ نوفل، عبدالمطلب جي اڱڻ تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو. عبدالمطلب قريشن جي ڪن ماڻهن کان مدد گهري پر انهن اهو چئي معذرت ورتي تہ اسين چاچي ڀائيٽي جي وچ ۾ نٿا اچي سگهون. آخر

عبدالمطلب بني نجار ۾ پنهنجي مامي کي ڪجهہ شعر لکي موڪليا جنهن ۾ ان کي مدد لاءِ سڏيو ويو هو. جواب ۾ سندس مامو ابو سعد بن عدي اسي سوار وٺي روانو ٿيو ۽ مڪي ويجهو ابطح ۾ لٿو. عبدالمطلب اتي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ کيس گهر هلڻ لاءِ چيو. ابو سعد چيو تہ خدا جو قسم! نوفل سان ملڻ کان اڳ نہ هلندس. ان بعد ابو سعد اڳتي وڌيو ۽ وڃي نوفل جي سر تي بيٺو جيڪو حطم جي قريش سردارن سان ويٺو هو ۽ تلوار مياڻ مان ڪڍي چيائين تہ "هن گهر جي رب جو قسم! جي تو منهنجي ڀاڻيجي جي زمين واپس نہ ڪئي تہ تلوار سان پيٽ ڦاڙي ڇڏيندو سئين". نوفل چيو تہ چڱو! آئون واپس ٿو ڪريان. ان تي ابو سعد قريش سردارن کي شاهد ڪيو ۽ پوءِ عبدالمطلب جي گهر ويو ۽ ٽي ڏينهن اتي رهي عمرو ڪري مديني واپس ويو.

هن واقعي کانپوءِ نوفل، بني هاشم خلاف بني عبدشمس کان ناتو رکيو. هوڏانهن بنو خزاعہ ڏٺو تہ بنو نجار عبدالمطلب جي هن طرح مدد ڪئي آهي تہ چوڻ لڳو تہ عبدالملطب جيئن اوهان جو اولاد آهي، تيئن اسان جو بہ

آهي. تنهن ڪري اسان تي سندس مدد جو حق وڌيڪ آهي. اهو ان ڪري جو عبد مناف جي ماءُ خزاعہ قبيلي مان هئي. تڏهن بنو خزاعہ، دار الندوه وڃي بنو عبدشمس ۽ بنو نوفل جي خلاف بنو هاشم سان ساٿجو واعدو ڪيو. اهو ئي معاهدو هو جيڪي اڳتي هلي اسلامي دور ۾ مڪي جي فتح جو سبب بڻيو.(2)

(2) مختصر سيرت الرسول! شيخ الاسلام محمد بن عبدالوهاب نجدي رحہ ص 41-42

بيت الله جي تعلق سان عبدالمطلب سان بہ واقعا پيش آيا. هڪ زمزم جي کوهہ کوٽڻ وارو واقعو ۽ ٻيو هاٿين وارو واقعو.

زمزم جي کوهہ جي کوٽائي:- پهرئين واقعي جو تت هي آهي تہ عبدالمطلب کي خواب ۾ زمزم جي کوهہ کوٽڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ خواب ۾ ئي ان جي جڳهہ بہ ڏسي وئي. پاڻ جاڳڻ بعد کوٽائي شروع ڪرائي ڇڏي. آهستي آهستي اهي شيون ظاهر ٿيڻ لڳيون جيڪي بنو جرهم مڪو ڇڏڻ وقت زمزم

جي ڪوهہ ۾ پوري ڇڏيون هيون. يعني تلوارون، زرهون ۽ سون جا ٻہ هرڻ. عبدالمطلب تلوارون پگهاري ڪعبي جو دروازو نهرايو ۽ سون جا ٻئي هرڻ بہ دروازي ۾ لڳرايا ۽ حاجين ڪي زمزم پيارڻ جو بندوبست ڪيو.

کوٽائي دوران جڏهن کوهہ ظاهر ٿيو تہ قريشن، عبدالمطلب کان مطالبو ڪيو تہ اسان کي بہ کوٽائيءَ ۾ شامل ڪر. عبدالمطلب چيو تہ مان ايئن نٿو ڪري سگهان. ڇو تہ مان ئي ان ڪم لاءِ چونڊيل آهيان. پر قريش ڪو نہ مڙيا ايستائين جو فيصلي لاءِ بنو سعد جي هڪ ڪاهن عورت وٽ وڃڻ لاءِ مکي مان نڪتا رستي ۾ کين قدرت جون ڪي اهڙيون نشانيون ڏسڻ ۾ آيون جو هو سمجهي ويا تہ زمزم جو ڪم قدرت پاران عبدالمطلب لاءِ مخصوص آهي. ان ڪري رستي تان موٽي آيا. ان موقعي تي ئي عبدالمطلب باس باسي تہ جيڪڏهن کيس ڏهہ پٽ ٿيا ۽ اهي سڀ پاڻ پرا ٿيندا تہ هو هڪ کي ڪعبي جي پرسان قربان ڪندو. (1)

(1) ابن هشام 1/142 کان 147

هاٿين وارو واقعو:- بئي واقعي جو تت اهو آهي تہ اَبرهہ صباح حبشيءَ (جيڪو نجاشيءَ پاران يمن جو گورنر جنرل هو) جڏهن ڏٺو تہ عربستان وارا ڪعبتہ الله جو حج ڪن ٿا تہ هن صنعا ۾ هڪ وڏي ديول نهرائي ۽ چاهيو تہ عرب هتي اچي حج ڪن پر جڏهن ان جي خبر بنو ڪنانہ جي هڪ ماڻهوءَ کي پئي تہ ان رات جو ديول ۾ گهڙي ان جي قبلي تي ڪاڪوس لنبي ڇڏيو. ابرهہ کي ڄاڻ ملي تہ هو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ سٺ هزار بهادرن جو لشڪر وٺي ڪعبي کي ڪيرائڻ نڪتو. هن پاڻ لاءِ هڪ زبردست هاٿي چونڊيو. لشڪر ۾ ڪل نو يا تيرنهن هاٿي هئا. ابرهہ يمن مان ڪاهيندو مغمس پهتو ۽ اتي پنهنجي لشڪر کي ترتيب ڏئي ۽ هاٿي تيار ڪري مڪي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ وڌيو. جڏهن مزدلفہ ۽ منيٰ جي وچ ۾ محسر جي ماٿيءَ ۾ پهتو تہ هاٿي ويهي رهيو ۽ ڪعبي ڏانهن وڌڻ نہ اٿيو. سندس رخ اتر، ڏکڻ يا اوڀر طرف ڪيو ٿي ويو تہ هڪدم اٿي ڊوڙڻ ٿي لڳو پر طرف رخ ڪرڻ سان ويهي ٿي رهيو. ان دوران الله پکين جو هڪ ٽولو موڪليو جنهن لشڪرن سان نڪرن جهڙا پٿر

ڪيرايا ۽ ان سان ئي ڪين ڪاڏل ٻهه جهڙو ڪري ڇڏيو. اهي پکي ابابيل ۽ ڪٻر جهڙا هئا. هر پکيءَ وٽ ٽي ٽي پٿريون هيون. هڪ چهنبڙ ۽ ٻه چنبن ۾. هيون ته ڇڻي جيتريون پر جن کي لڳيون ٿي تن جا عضوا ڪٽجڻ شروع ٿي ٿي ويا ۽ اهو مري ٿي ويو. اهي پٿريون هر ماڻهوءَ کي ڪو نه ٿي ليڳون پر لشڪر ۾ اهڙي وٺ پڪڙ مچي جو هر ماڻهو ٻئي کي لتاڙيندي ڀڄو پئي ۽ رستي تي ئي ڪري مئو ٿي. هوڏانهن ابرهه تي اهڙي آفت آيل هئي جو سندس آڱرين جا پور ڇڻي ويا ۽ صنعا پهچندي پهچندي چوزي جهڙو ٿي ويو ۽ پوء سندس ڇاتي ڦاٽي پئي ۽ دل ٻاهر نڪري آيو ۽ هو مري ويو.

ابرهه جي هن حملي جي موقعي تي مڪي جا رهاڪو جان جي ڊپ کان جبلن ۾ وڃي لڪا هئا. جڏهن لشڪر تي الله جو عذاب نازل ٿي چڪو ته پوء سڪون سنا گهر موٽي آيا. (1)

ابن هشام 1/43 کان 56

هي واقعو اڪثر تاريخدانن مطابق نبي ﷺ جي ولادت کان رڳو پنجاهہ يا پنجونجاهہ ڏينهن اڳ محرم جي مهينيءَ ٿيو. تنهن ڪري هي 571ع جي فيبروريءَ جي آخر يا مارچ جي شروع جو واقعو آهي. اها اصل ۾ تهميدي نشاني هئي جا الله پنهنجي نبيءَ ۽ پنهنجي گهر جي سلسلي ۾ ظاهر ڪئي. ڇو تہ بيت المقدس جيڪو پڻ مسلمانن جو قبلو هو تہ بہ ان تي الله جي دشمنن يعني مشرڪن جو قبصو ٿي ويو. جيئن بخت نصر جي حملي (587 ق.م) ۽ روم وارن جي قبضي (70ع) ۾ ظاهر ٿيو پر ان جي ابتڙ ڪعبي تي عيسائين ڪي تسلط حاصل نہ ٿي سگهيو. جڏهن تہ ان وقت اهي ئي مسلمان هئا ۽ ڪعبي (بيت المقدس) جا هراڪو مشرڪ هئا.

اهو واقعو اهڙين حالتن ۾ ٿيو جو ان جي خبر ان وقت جي ترقي يافتا دنيا جي ڪافي علائقن يعني روم ۽ ايران۾ هڪدم پهچي وئي. ڇو تہ حبشہ جو رومين سان گهرو تعلق هو ۽ ٻئي طرف فارسي، رومين ۽ سندن حليفن جي هر حرڪت تي نظر رکيو وينا هئا. اهو ئي سبب هو جو هن

واقعي ڪانپوءِ فارسين ڏاڍي تڪڙ ۾ يمن تي قبضو ڪري ورتو. جيئن ته ان وقت اهي ئي ٻه حڪومتون ترقي يافتا دنيا جون نمائنده هيون. ان ڪري هن واقعي سبب دنيا جون نظرون ڪعبته الله طرف لڳي ويون. ڪين بيت الله جي پاڪائي ۽ وڏائيءَ جي هڪ ڪليل نشاني نظر آئي هئي. هيءَ ڳالهه سندن دلين ۾ چڱي طرح ويهي رهي ته هن گهر کي الله تعاليٰ پاڪائيءَ لاءِ چونڊيو آهي. تنهن ڪري مستقبل ۾ هتي جي آبادي مان ڪنهن انسان پاران نبوت جي دعوا ڪرڻ هن واقعي جي گهرججي مطابق ٿيندو ۽ خدا جي حڪمت جي سمجهاڻي سمجهيو ويندو ته مشرڪن خلاف مومنن جي مدد ڪئي وئي.

عبدالمطلب جا ڪل ڏهه پٽ هئا جن جا نالا هي آهن. حارث، زبير، ابو طالب، عبدالله، حمزو رضه، ابولهب، غيداق، مقوم، صفار ۽ عباس رضه ڪن جو چوڻ آهي ته يارنهن پٽ هئا هڪ جو نالو قثم هو ۽ ڪي وري تيرنهن ٻڌائين ٿا. هڪ جو نالو عبدالڪعبه ۽ ٻئي جو حجل هو. پر ڏهن جا قائل چون ٿا ته مقوم جو نالو ئي عبدالڪعبه ۽

غيداق جو نالو حجل هو ۽ قثم نالي کو بہ ماڻھو عبدالمطلب جو پٽ نہ هو. عبدالمطلب جون ڇهہ نياڻيون هيون. جن جا نالا ام الحڪيم، (بيضا) بره، عاتڪہ، صفيہ، آذوڙ ۽ اميمہ هئا. (2)

(2) تلقيح الفهوم ص 8-9 رحمت العالمين 2/56-66

عبدالله، رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو والد محترم:- سندن والده جو نالو فاطمہ هو ۽ اها عمرو بن عائذ بن عمران بن مخزوم بن يقظہ بن مره جي نياڻي هئي. عبدالمطلب جي اولاد مان عبدالله سڀ کان وڌيڪ سھڻا، نيڪ ۽ پيارا هئا ۽ ذبيح سڏبا هئا. ذبيح سڏجڻ جو سبب هي هو تہ جڏهن عبدالمطلب جي پٽن جو تعداد پورو ڏهہ ٿي ويو ۽ اهي پنهنجي حفاظت ڪرڻ لائق ٿيا تہ عبدالمطلب کين پنهنجي باس کان واقف ڪيو. سيني سندن ڳالهہ مڃي جنهن ڪانپوء عبدالمطلب قسمت جي تيرن تي سندن نالا لکيا ۽ هبل جي مجاور جي حوالي ڪيا. ان تيرن کي ڦيرائي ڪڍو ڪيو تہ عبدالله جو نالو نڪتو. عبدالمطلب، عبدالله جو هٿ جهليو ۽ ڇري کڻي کين ڪعبتہ الله وٽ وني آيو.

پر قريش ۽ خاص طور تي عبدالله جا ناناڻا يعني بنو مخزوم ۽ عبدالله جو ڀاءُ ابو طالب وچ ۾ ٽپي پيا. عبدالمطلب چيو ته پوءِ آئون پنهنجي باس جو ڇا ڪريان؟ انهن صاح ڏنيس ته ڪنهن عرافه کان ان جو توڙ پڇو. عبدالمطلب هڪ عرافه وٽ ويو. ان چيو ته عبدالله ۽ ڏهن اٺن جا ڪڻا وجهو جيڪڏهن عبدالله جو نالو نڪري ته وڌيڪ ڏهه اٺ وڌائي ڇڏيو. ايستائين جو الله راضي ٿي وڃي. پوءِ جيترن اٺن جو ڪڻو نڪري تن کي ڪهجي. عبدالمطلب واپس اچي عبدالله ۽ ڏهن اٺن جا ڪڻا وڌا. پر عبدالله جو نالو نڪتو. ان بعد هو ڏههه ڏهه اٺ وڌائيندو ويو ۽ ڪڻا نڪرندا ويا ۽ هر ڀيري عبدالله جو نالو ئي نڪتو. جڏهن سؤ اٺ پورا ٿيا ته ڪڻو اٺن جي نالي وارو نڪتو. هاڻي عبدالمطلب انهن کي عبدالله جي بدران ڪيو ۽ اتي ئي ڇڏي ويو ته جيئن انسان يا جانور بنا روڪ ٽوڪ جي اچي ڪٽي وڃن. ان واقعي کان اڳ قريشن ۽ عربن ۾ خون بها (ديت) جو تعداد ڏهه اٺ هو پر هن واقعي کانپوءِ سؤ اٺ ٿي ويو. اسلام به ان تعداد کي برقرار رکيو. نبي ﷺ جن فرمايو ته مان ٻن ذبيحن جو

اولاد آهيان هڪ حضرت اسماعيل عہ ۽ ٻيو سندن والد عبدالله. (1)

(1) بن هشام 151/1 کان 155 رحمت العالمين 90-89/2 مختصر سيره الرسول صلى الله عليه وسلم شيخ عبدالله نجدي ص 12-24-23

عبدالمطلب پنهنجي پٽ عبدالله جي شادي لاءِ بيبي آمنہ کي چونڊيو. جيڪا وهب بن زهره بن ڪلاب جي نياڻي هئي ۽ نسب ۽ رتبي جي لحاظ کان قريشن جي افضل ترين خاتون ليکبي هئي. سندن والد نسب توري شرف. ٻنهي حيثيتن سان بنو زهره جو سردار هو. پاڻ مڪي مان ئي رخصتي ڪري حضرت عبدالله وٽ آيون پر ٿوري ئي عرصي کانپوءِ عبدالمطلب. عبدالله کي ڪجيون آڻڻ لاءِ مديني موڪليو جتي سندن انتقال ٿيو.

ڪي تاريخدان چون ٿا تہ پاڻ واپار سانگي شام ڏانهن ويا هئا. قريشن جي هڪ قافلي سان واپس ايندي بيمار ٿي مديني ۾ لٿا ۽ اتي ئي گذاري ويا. سندن تدفين نابعہ جعدي جي گهر ۾ ٿي. ان وقت سندن عمر 25 ورهيہ

هئي. اڪثر تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ اجا رسول اللّٰہ ﷺ پيدا ئي نہ ٿيا هئا. البتہ ڪن تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي ولادت سندن وفات کان ٻہ مهينا اڳ ٿي چڪي هئي. (1)

(1) ابن هشام 1/156-158 فقہ السيره از محمد غزالي ص 45، رحمتہ اللعالمين 2/91

سندن وفات جي خبر پهچڻ تي بيبي آمنہ هڪ ڪيڏارو چيو جو هتي ڏجي ٿو:

عفا جانب البطحا من ابن هاشم

....

.... فقد كان معطا كثير

التراحم (2)

(2) طبقات ابن سعد 1/62

بطحاء (وادي) جي هنج هاشم جي پٽ کان خالي ٿي وئي، هو بانگ و خروش جي وچ ۾ هڪ قبر ۾ سک جي ننډ وجي ستو. ڪيس موت هڪ پيرو سڏيو ۽ هن لبيڪ چيو.

هاڻي موت ابن هاشم جهڙو کو به ماڻهو نه ڇڏيو آهي. (کيڏي نه حسرتناڪ) اها شام جڏهن ماڻهو کين تخت تي ڪڻي وڃي رهيا هئا. جيڪڏهن موت ۽ موت جي حادثي سندن وجود ختم ڪري ڇڏيو آهي (ته به سندن ڪردار جا نقش نٽا مٽائي سگهجن) هو وڏو ڏاهو ۽ رحمدل هو".

عبدالله جي ڪل ميراث هيءَ هئي. پنج اٺ، ٻڪرين جو هڪ ڌڻ، هڪ حبشي ٻانهي جنهنجو نالو برڪت ۽ ڪنيت اُمرايمن رضہ هئي. هيءَ ئي امرايمن رضہ آهي جنهن پاڻ سڳوري کي ننڍي هوندي پاليو هو. (3)

(3) مختصر السيره از شيخ عبدالله ص 12 تلقيح الفهوم ص 14 صحيح بخاري 92/2

ولادت باسعادت ۽ حياتيءَ جا چاليهہ ورهيہ

ڄم مبارڪ:- رسول الله صلی الله عليه وسلم جن مڪي ۾ شعب بني هاشم ۾ 9 ربيع الاول سنہ هڪ عام الفيل سومر جي ڏينهن صبح جي ويلي پيدا ٿيا. ان وقت نو شيروان کي تخت تي ويٺي چاليهہ ورهيہ ٿي چڪا هئا. علامہ محمد سليمان صاحب سلمان منصور پوري رضہ ۽ محمود پاشا جي تحقيق مطابق 20 يا 22 اپريل جي تاريخ هئي. (1)

(1) تاريخ خضري 62/1 رحمت اللعالمين 38/1-39 اپريل جي تاريخ جو اختلاف عيسوي تقويم جي اختلاف ڪري آهي.

ابن سعد کان روايت آهي تہ رسول اللّٰہ ﷺ جي والده فرمايو تہ "جڏهن پاڻ سڳوره ﷺ جي ولادت ٿي تہ منهنجي جسم مان هڪ نور نڪتو جنهن سان شام ملڪ جو محل روشن ٿي ويو". امام احمد رضہ، حضرت عرباش رضہ بن ساريہ کان بہ ان سان ملندڙ جلندڙ هڪ روايت نقل فرمائي آهي (2)

(2) مختصر السيره شيخ عبداللّٰہ ص 12 ابن سعد 63/1

ڪن روايتن ۾ ٻڌايل آهي تہ ولادت وقت ڪي واقعا نبوت جي اڳڪٿين طور ظاهر ٿيا. يعني ڪسريٰ جي محل جا چوڏنهن ڪنگرا ڪري پيا. مجوسين جو آتشڪدو وسامي ويو. بحيره سادو سڪي ويو ۽ ان جا ديول ڪري پيا. اها بيهقيءَ جي روايت آهي. (3)

(3) ساڳيو ڪتاب مختصر السيره ص 12

پر محمد غزالي رضہ ان کي صحيح نہ مجيو آهي. (4)

(4) ڏسو فقہ السيره محمد غزالي ص 46

ولادت کانپوء پاڻ سڳورن ﷺجي والده، عبدالمطلبڏانهن پوٽي ڄمڻ جي خوشخبري موڪلي. اهو ٽڙندو ۽ خوش ٿيندو آيو ۽ پاڻ سڳورن کي کعبتہ اللّٰہ ۾ کڻي وجي اللّٰہ تعاليٰ کان دعا گهريائين. سندس ٿورا مڃيائين ۽ پاڻ سڳورن جو نالو "محمد ﷺ" رکائين. اهو نالو عربن ۾ عام نہ هو. پوء عربن جي روايت مطابق ستين ڏينهن سندن ﷺ طهر ڪيائين. (5)

(5) ابن هشام 1/159-160 تاريخ خضري 1/62 هڪ قول هي بہ آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ مختون (طهر ٿيل) ئي پيدا ٿيا هئا. ڏسو تلقيح الفهوم ص 4 پر ابن قيم چوي ٿو تہ ان بابت ڪا بہ صحيح حديث نہ آهي. ڏسو زاد المعاد 18/ا

پاڻ سڳورن ﷺ کي سندن والده کانپوء سڀ کان پهرين ابولهب جي ٻانهي ثويبہ رضہ کير پياريو هو. ان وقت سندن کير پياڪ ٻار مسروح رضہ هو. ثويبہ رضہ، پاڻ

سڳورن ﷺ کان اڳ حضرت حمزه رضہ بن عبدالمطلب کي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کان پوءِ ابو سلمہ رضہ بن عبدالاسد مخز ومي کي کير پياريو هو. (1)

(1) تلقيح الفهوم ص 4 مختصر السيره شيخ عبدالله ص 13

بني سعد ۾ :- عربستان جي شهرن جي رهاڪن جو دستور هو تہ اهي پنهنجن ٻارن کي شهر جي مرضن کان پري رکڻ لاءِ وڻجارن جي ٿڃ پياريندڙ ماين جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. جيستائين سندن جسم سگهارو ۽ توانو نہ ٿي وڃي ۽ اهي اتان نج عربي بہ سکي وٺن. ان دستور مطابق عبدالمطلب هڪ ٿڃ پياريندڙ دائيءَ کي ڳوليو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي حضرت حلميہ رضہ بنت ابي ذويب جي حوالي ڪيو، هي مائي سڳوري بني سعد بن بڪر قبيلي جي هئي. سندن مڙس جو نالو حارث بن عبدالعزيٰ ۽ ڪنين ابو ڪبشہ هئي ۽ اهو بہ بني سعد قبيلي منجهان هو. سندس اولاد جا نالا هي آهن جيڪي نبي اڪرم ﷺ جن جا ٿڃ شريڪ ڀائر ۽ ڀينرون هئا. عبدالله، انيسہ، خدافہ يا جذامہ. ان جو ئي لقب شيماءَ هو ۽ ان نالي سان هوءَ گهڻو مشهور ٿي. اها ئي پاڻ

سڳوري ﷺ کي کیچ ۾ کڻندي هئي. ان کانسواء ابو سفيان بن حارث بن عبدالمطلب جيکي پاڻ سڳورن ﷺ جا سؤٽ هئا سي بہ بيبي حليمہ رضہ جي واسطي سان پاڻ سڳورن ﷺ جا ٿڃ شريک ڀاءُ هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي حضرت حمزه رضہ کي بہ ٿڃ پيارڻ لاء بني سعد جي هک مائي جي حوالي کيو ويو هو. ان عورت بہ هک ڏينهن جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ بيبي حليمہ رضہ وٽ هئا تہ کين ٿڃ پياري هئي. ان طرح پاڻ سڳورا ﷺ ۽ حضرت حمزو رضہ ٻنا ٿڃ شريک ڀائر ٿي ويا. هک ثويبہ جي واسطي سان ۽ ٻيو بنو سعد جي ان عورت جي واسطي سان. (2)

(2) زاد المعاد 19/1

ٿڃ پيارڻ وارن ڏينهن۾ بيبي حلميہ رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي برکتن جا اهڙا اهڙا ڏيک ڏٺا جو اچرج ۾ وٺي ويندي هئن. تفصيل سندن واتان ٻڌو. ابن اسحاق چوي ٿو تہ بيبي حليمہ رضہ ٻڌائيندي هئي تہ آئون پنهنجي گهر واري سان گڏ پنهنجو ٿڃ پيارک ٻار کڻي بني سعد جي کن ماين

سان پنهنجي شهر کان ٻاهر ٽج پياڪ ٻارن جي ڳولا ۾ نڪتس. اهي ڏڪار جا ڏينهن هئا ۽ ڏڪار ڪجهه به نه ڇڏيو هو. آئون پنهنجي گڏهه تي سوار هيس. اسان سان هڪ ڏاچي به هئي پر خدا جو قسم! ان مان هڪ ڦڙو کير جو به نه نڪرندو هو. هوڏانهن ٻار بک کان روئي رهيو هو. اسين سڄي رات سمهي نٿي سگهياسين. نه منهنجن ڇاتين ۾ ٻار لاءِ ڪجهه هو نه ئي ڏاڍي ان کي ڪاڏو ڏئي سگهي ٿي. بس اسين مينهن ۽ سڪار لاءِ آس لڳايو ويٺا هئاسين. آئون جڏهن پنهنجي گڏهه تي چڙهي هليس ته هوءَ ڪمزوري ۽ سنهڙي هجڻ ڪري ڏاڍي ڍلي پئي هلي. جنهن ڪري سڄو قافلو تنگ ٿي پيو پوءِ اسين ڪنهن نه ڪنهن طرح مڪي پهچي وياسين. اسان ۾ شامل هر مائيءَ آڏو پاڻ سڳورن ﷺ کي آندو ويو پر جڏهن کين ٻڌايو ويو هت پاڻ سڳورا يتيم آهن ته اهي پاڻ سڳورن ﷺ کي کڻڻ کان نهڪر ڪنديون ويون. ڇو ته اسين ٻار جي پيءَ کان وڏن انعامن جون اميدون رکنديون هيونسين. اسان ڇيو ته هي ته يتيم

آهي، پلا سندن بيوه ماءُ ۽ سندن ڏاڏو اسان کي ڇا ڏئي سگهن. ان ڪارڻ ئي اسان کيڻ ڪٽڻ نٿي چاهيو.

هوڏانهن جيڪي مايون آيون هيون، تن کي تہ ڪو نہ ڪو ٻار ملي ويو پر رڳو مون کي ٻار نہ مليو. موٽڻ مهل پنهنجي مڙس کي چيم تہ خدا جو قسم! مون کي اها ڳالهہ صفا نٿي وڻي تہ منهنجو سڀ ساهيڙيون ٻار وٺي هلن، رڳو آئون رهجي وڃان. تنهن ڪري آئون اهو يتيم ٻار ئي نٿي ٿي هلان. مڙس چيو تہ ڀلي! ٿي سگهي ٿو تہ الله ان جي ڪري ئي اسان کي برڪت ڏي. ان ڪانپوء مون وڃي ٻار ورتو پر رڳو ان ڪري جو مون کي ٻيو ڪو ٻار نہ مليو هو.

بيبي حليمہ رضہ ٻڌائي ٿي تہ جڏهن آئون ٻار کڻي پنهنجي ديري تي پهتيس ۽ ان کي پنهنجي ڪڇ ۾ رکي ٿڃ پيارڻ لڳيس تہ ٻئي ڇاتيون کير سان ڀرجي ويون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ پيٽ ڀري کير پيتو، ساڻن گڏ سندن ڀاءُ بہ پيٽ ڀري کير پيتو ۽ پوء ٻئي سمهي پيا. جڏهن تہ ان کان اڳ اسين پنهنجي ٻار سان گڏ ننڊ نٿي ڪري سگهياسين. هوڏانهن منهنجو مڙس ڏاچيءَ کي ڏهڻ ويو تہ سندس ٿڻ کير

سان پريل ڏنائين. هن ايترو کير ڏڏو جو اسان ٻنهي دل پري کير پيتو ۽ ڏاڍي سک سان رات گذاري. صبح جو منهنجي مڙس چيو تہ حلميہ! خدا جو قسم! تو هڪ پيارو روح حاصل ڪيو آهي. مون چيو تہ آئون بہ ائين ٿي سمجهان.

حليمہ رضہ ٻڌائي ٿي تہ ان ڪانپوء اسان جو قافلو روانو ٿيو. آئون پنهنجي ڪمزور گڏه تي چڙهيس ۽ ان ٻار کي بہ ساڻ ڪنيم پر هاڻي اها ئي گڏه خدا جو قسم! سڄي قافلي کي پنيان ڇڏي ايئن اڳيان وئي جو ڪو گڏه بہ ڪيس نہ پڄي سگهيو.ايستائين جو منهنجون ساهيڙيون مون کي چوڻ لڳيون تہ "او! ابو ذويب جي ڌيءَ! اڙي هي ڇا آهي؟ ٿورو اسان تي بہ مهرباني ڪر. آخر هيءَ تنهنجي اها ئي تہ گڏه آهي جنهن تي چڙهي تتون آئي هئيئن؟" مون چيو تہ:"ها ها! خدا جو قسم هي اها ئي آهي" انهن چيو تہ "هن ۾ پڪ ڪو ڇڪر آهي".

پوء اسين بنو سعد ۾ پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ پهتاسين. آئون نٿي سمجهان تہ هن ڌرتيءَ تي اسان جي علائقي کان وڌيڪ ڪو ٻيو ڏڪاريل هنڌ بہ هو. پر موٽڻ

ڪانپوءِ منهنجون ٻڪريون چرڻ وينديون هيون ته اهي پيٽ
پريل ۽ کير سان ٿَمِ موٽنديون هيون ۽ اسين اهو ڏهي پيئندا
هئاسين. جڏهن ته ڪنهن ٻئي انسان جي ٻاڪ ۾ کير جو
هڪ ڦڙو به نه هوندو هو. سندن جانورن جا ٿڻ صفا سڪل
رهندا هئا. اسان جي قوم جا شهري پنهنجن ڌنارن کي ايئن
چوندا هئا ته نياڳا! جانور اتي چرڻ وٺي وڃو جتي ابو ذويب
جي ڌيءَ جا ڌنار وٺي ويندا آهن. پر پوءِ به سندن ٻڪريون
بکيون موٽنديون هيون. انهن ۾ هڪ ڦڙو به کير جو نه هوندو
هو۽ منهنجون ٻڪريون کير سان ٿَمِ ٿي ٽڙنديون ورنديون
هيون. ان طرف اسان الله پاران لاڳيتو واڌي ۽ چڱائيءَ جو
مشاهدو ڪندا رهياسين. تانت ٻه ورهيه گذري ويا ۽ مون ٻار
کي ٿڃ ڇڏائي ڇڏي. هي ٻار ٻين جي مقابلي ۾ ايئن وڌي
رهيو هو جو ٻن ورهين جو ٿيندي ٿيندي سگهو ۽ جانٺو ٿي
ويو. ان ڪانپوءِ اسين کيس ماءُ جي حوالي ڪري آياسين پر
جيئن ته اسان سندس برڪت ڏٺي هئي ان ڪري اسان جي
خواهش هئي ته هو اجان اسان وٽ رهي. تنهن ڪري اسان
سندس والده سان ڳالهايو. مون چيو ته اوهان پنهنجو ٻار

مون وٽ ئي رهڻ ڏيو پلي ڪجهہ سگهارو ٿي وڃي. ڇو تہ مون کي هن لاءِ مکي جي وبا لڳڻ جو ڊپ آهي. مطلب تہ ان اسان جي لڳاتار زور پرڻ تي بار اسان کي واپس ڏئي ڇڏيو. (1)

(1) ابن هشام 1/162-163-164

سينو چيرڻ وارو واقعو (واقہ شق صدر):- ان پاڻ سڳورا ﷺ تي ڇڏائڻ ختم ڪانپوءِ بہ بني سعد ۾ رهيا. تانت سندن ولادت جي چوٿين يا پنجين سال (2)

(2) عام سيرت نگارن جو هاو ئي چوڻ آهي پر ابن اسحاق جي روايت مان خبر پوي ٿي تہ هي واقعو ٽئي سلا جو آهي. ڏسو ابن هشام 1/ 164-165

شق صدر (سيني مبارڪ چيرڻ) جو واقعو پيش آيو. صحيح مسلم ۾ حضرت انس رضہ کان ان وقعي جي باري ۾ روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ حضرت جبرئيل عہ تشريف کڻي آيا. پاڻ سڳورا ﷺ ٻارن سان کيڏي رهيا هئا. حضرت جبرئيل عہ کين پڪڙي ليٽايو ۽ سندن سينو چيري دل ڪڍي پوءِ دل مان گوشت جو هڪ ٽڪر ڪڍي فرمايو تہ هيءَ توهان ۾ شيطان جو حصو آهي. پوءِ دل کي هڪ ٿال ۾

زمزم جي پاڻيءَ سان ڌوتو ۽ پوءِ ان کي جوڙي ساڳي جڳهه تي لڳائي ڇڏيو. هوڏانهن ٻار ڊوڙي پنهنجي ماءُ يعني دائي وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ محمد ﷺ قتل ڪيو ويو آهي. گهر جا ماڻهو تڪڙا تڪڙا پهتا، ڏٺائون تہ سندن منهن لٿو پيو هو. (1)

(1) صحيح مسلم باب الاسرا 92/1

ماءُ جي پيار ڀرئي هنج ۾:- ان واقعي ڪانپوءِ بيبي حليمہ رضہ کي ڊپ محسوس ٿيو ۽ انهن پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي ماءُ وٽ موڪلي ڇڏيو. اهڙي طرح پاڻ ﷺ ڇهن ورهين جي ڄمار تائين سڳوريءَ ماءُ جي قرب جي ڇانو هيٺ رهيا.(2)

(2) تلقيح الفهوم ص 7 ابن هشام 168/1

هوڏانهن بيبي آمنہ پنهنجي مرحوم گهر واري جي تربت ڏسڻ لاءِ يثرب وڃڻ جو ارادو ڪيو. ۽ پنهنجي يتيم ٻار محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ٻانهي ام ايمن رضہ ۽ پنهنجي سنياليندڙ عبدالمطلب سان گڏ پنج سؤ ڪلوميٽر جو رستو طئي ڪري مديني پهتيون ۽ اتي

هڪمهينو گذاري واپس ٿيون پر سفر شروع ٿيندي ئي بيمار ٿي پيون ۽ بيماري وڌندي وئي تانت مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ ابوا وٽ پهچي وفات ڪيائون. (3)

(3) ابن هشام 168/1 - تلقيح الفهوم ص 7 تاريخ خضري 63/1 فقہ السيره غزالي ص 50

ڏاڏي جي مهربانين جي ڇانو ۾ :- ٻيڙو عبدالمطلب پنهنجي پوٽي کي مڪي وٺي آيو. سندس دل پوٽي جي محبت ۽ شفقت سان ٽمٽار هو. ڇو تہ سندس جيءَ کي وري جوکو رسيو هو. جنهن پراڻا ڦٽ اکوڙي ڇڏيا هئا. عبدالمطلب جي دل ۾ پوٽي لاء ايڏي محبت هئي جيڏي ڪنهن پنهنجي پٽ سان بہ نہ هئي. تنهن ڪري پاڻ سڳوره ﷺ کي اڪيلائيءَ جي رڻ پٽ ۾ ڇڏڻ لاء تيار نہ هو. تنهن ڪري ڪين پنهنجي اولاد کان وڌيڪ چاهيائين ۽ وڏن وانگر سندن احترام ڪيائين. ابن هشام جو چوڻ آهي تہ عبدالمطلب لاء ڪعبتہ الله جي سائي ۾ غلم وڇائبي هئي. سندن سمورا فرزندان غلم جي چوڌاري ويهندا هئا. عبدالمطلب اچي ان غلم تي ويهندو هو. سندس ادب ۽ وڏائيءَ ڪارڻ ڪو بہ پٽ

غلم تي نہ ويهندو هو پر پاڻ سڳورا ﷺ ايندا هئا تہ ان غلم تي ئي ويهندا هئا. پاڻ ﷺ اجا ننڍا هئا. سندن چاچا کين جهلي هيٺ لاهيندا هئا پر عبدالمطلب کين منع ڪندي فرمائيندو هو تہ منهنجي هن پٽ کي ڇڏي ڏيو. خدا جو قسم! هن جو شان ئي نرالو آهي. پوء ان کي پاڻ سان گڏ غلم تي ويهاريندا هئا. پنهنجا هٿ سندن پٺ تي ڦيريندا هئا ۽ سندن حرڪتون ڏسي خوش ٿيندا هئا. (1)

(1) ابن هشام 168/1

پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر اجا اٺ سال ٻہ مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن ٿي تہ ڏاڏي عبدالمطلب جو شفقت ڀريو سايو هٽي ويو. سندن مڪي ۾ انتقال ٿيو. پاڻ وفات کان اڳ پاڻ سڳوره ﷺ کي حضرت عبدالله جي سڳي ڀاءُ ابو طالب جي نگرانيءَ ۾ ڏيڻ جي وصيعت ڪري ويا. (2)

(2) تلقيعالفهوم ص 7 ابن هشام 149/1

مهربان چاچي جي سنڀال ۾:- ابو طالب پنهنجي ڀائيٽي کي ڏاڍي سٺي نموني پاليو. کين ﷺ پنهنجو اولاد ليکيو.

بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ سمجهيو ۽ وڌيڪ عزت ۽ احترام ڏنو. چاليهہ ورهين کان وڌيڪ عرصو پاڻ سڳوره ﷺ جون ضرورتون پوريون ڪيون. هميشہ سندن ﷺ حمايت ڪئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪري دوستيون ۽ دشمنيون ڪيون. جن جي وضاحت اڳتي ايندي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي مينهن لاء دعا گهرڻ:- ابن عساڪر، جاهمہ بن عرفطہ کان روايت ڪئي آهي تہ ائن مڪي آيس، جتي ڏڪار هو. قريشن ابو طالب کي چيو تہ سڄي ماڙي ڏڪاريل آهي. ٻار ٻچا پريشان آهن. اوهان مينهن لاء دعا گهرو. ابو طالب هڪ ٻار کي ساڻ وٺي آيو. ٻار جو منهن ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ اجا هاڻ ڪڪرن مان نڪتو هجي. انجي چوڌاري ٻيا ٻار بہ هئا. ابو طالب سندس هٿ جهلي سندس پٺي ڪعبي جي پٽ سان لڳائي ڇڏي. ٻار سندس آڱر جهلي بيٺو هو. ان وقت آڪاش تي ڪو ننڍڙو ٽڪر بہ ڪو نہ هو پر (ڏسندي ڏسندي) هتان هتان کان ڪڪر اچڻ شروع ٿي ويا ۽ اهڙو تہ تکو مينهن پيو جو سڄي ماڙيءَ ۾ ٻوڏ اچي وئي ۽ شهر ۽ ويرانا شاداب ٿي پيا. بعد

۾ ابو طالب ان واقعي ڏانهن اشارو ڪندي محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ساراهہ ڪندي چيو تہ:

وابيض ليست .... للارامل (1)

(1) مختصر السيره شيخ عبدالله ص 15-16

"هو سهڻو آهي، سندس منهن مان مينهن جي نعمت گهري سگهجي ٿي. يتيمن جو پرجهلو ۽ بيواهن جو سنڀاليندڙ آهي".

بحيرا نالي راهب:- ڪن شڪي سندن وارين روايتن ۾ آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورا ٻارنهن ورهين جا يا هڪ قول مطابق ٻارنهن سال ٻہ مهينا ۽ ڏهن ڏينهن جا ٿيا (2)

(2) هيءَ ڳالهہ ابن جوزيءَ تلقيح الفهوم جي ص 7 تي لکي آهي.

تہ ابو طالب جي جي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪي واپاري سفر تي وٺي نڪتا ۽ بصري پهتا. بصريٰ شام جو هڪ علائقو ۽ حوران جو مرڪزي شهي آهي. ان وقت اهو عربي اپبيث جي روم جي قبضي ڪيل علائقن جي گاديءَ جو هنڌ هو. ان شهر ۾ جر جيس نالي هڪ راهب رهندو هو. جيڪو بحيرا جي لقب

سان مشهور هو. جڏهن قافلي وارن اتي ديرو ڇمايو تہ اهو راهب پنهنجي دول مان نڪري قافلي ۾ آيو ۽ ان جي ميزباني ڪئي. جڏهن تہ ان کان اڳ هو ڪڏهن بہ ديول مان نہ نڪرندو هو. ان رسول ﷺ کي سندن نشانين ذريعي سڃاڻي ورتو ۽ سندنهٿ جهلي چيو تہ هيءَ تہ جهانن جو سردار آهي. الله هن کي جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي. ابو طالب پڇيو تہ توهان ڪيئن ڄاتو؟ هن وراڻيو تہ توهان جڏهن ماٿري جي هن پار کان ظاهر ٿيا تہ اهڙو ڪو بہ وڻ يا پٿر نہ هو جيڪو سجدي لاءِ نہ جهڪيو هجي. اهي شيون نبين کانسواءِ ڪنهن کي بہ سجدو نٿيون ڪن. مون کين نبوت جي مهر مان بہ سڃاتو آهي جا ڪلهي هيٺان ڪري (نرم هڏي) وٽ صوف جهڙي آهي. جنهن جو ذڪر اسان جن ڪتابن ۾ بہ ڪيل آهي.

ان بعد بحير راهب، ابو طالب کي چيو تہ هن کي واپس موڪلي ڇڏ. شام ملڪ ڏي نہ وٺي وڃ ڇو تہ اتي يهودين کان هن کي خطرو آهي. تنهن تي ابو طالب ڪن ٻانهن سان پاڻ سڳورن کي واپس مڪي موڪلي ڇڏيو. (1)

(1) مختصر السيره - شيخ عبدالله ص 16، ابن هشام 180/1 کان 183 ترمذي وغيره جي روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي حضرت بلال سان گڏ واپس موڪليو ويو پر اها ڪليل غلطي آهي. بلال رضہ تہ شايد ان وقت ڄاوا بہ نہ هئا ۽ جي ڄاوا بہ هئا تہ بہ ابو طالب يا ابوبڪر رضہ سان گڏ نہ هئا. زادالمعاد 17/1

فجار واري جنگ:- پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن پندرنهن ورهين جا ٿيا تہ فجار واري جنگ ڇڙي پئي. هن جنگ ۾ هڪ طرف قريش ۽ بنو ڪنانہ هئا ۽ ٻئي پاسي قيس عيلان هئا. قريشن ۽ ڪنانہ وارن جو سپهہ سالار حرب بن اميہ هو. جيڪو پنهنجي عمر ۽ عزت ۾ قريشن ۽ بنو ڪنانہ وارن ۾ مرتبي وارو هو. پهرين تہ ڪنانہ وارن کان قيس زور هئا. پر ٻنپهرن تائين قيس تي ڪنانہ وارا حاوي ٿي ويا. ان جنگ کي فجار واري جنگ ان ڪري چون ٿا جو ان ۾ حرم پاڪ ۽ حرام مهيني، ٻنهي جي پاڪائي لتاڙي وئي هئي. هن

لڙائيءَ ۾ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ شامل ٿيا ۽ پنهنجن چاچن کي تير ڏيندا ٿي ويا. (1)

(1) بن هشام 184/1 کان 186 قلب جزيره العرب ص 360 تاريخ خضري 63/1

حلف الفضول:- هن جنگ کانپوءِ هڪ حرمت واري مهيني ذي القعد ۾ حلف الفضول جو واقعو ٿيو. ڪن قريش قبيلن يعني بني هاشم، بني مطلب، بني اسد بن عبدالعزيٰ بني زهره بن ڪلاب ۽ بني تيم بن مره هن جو اهتمام ڪيو. اهي عبدالله بن جدعان تيمي جي جڳهہ تي گڏ ٿيا. ڇو تہ اهو بہ معزز سردار هو. هنن پاڻ ۾ واعدا وعيد ڪيا تہ مڪي ۾ ڪنهن سان بہ ظلم نہ ٿيندو، ڀلي اهو مڪي جو هجي يا ٻاهر جو، اهي سڀ گڏجي سندس مدد ڪندا ۽ ڪيس حق ڏياري رهندا، ان ميڙ ۾ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ شامل ٿيا هئا ۽ رسالت ملڻ کانپوءِ فرمائيندا هئا تہ "آئون عبدالله بن جدعان جي جڳهہ تي هڪ اهڙي ناهہ ۾ شامل ٿيس، جنهن جي بدلي ۾ مون کي سرخ اٺ بہ پسند ڪونهي

۽ جي اسلام (جي دور) ۾ مون کي اهڙي ناهه لاءِ سڏجي تہ آئون هڪدم هليو وڃان. (2)

(2) ابن هشام 1/133-135 مختصر السيره شيخ عبدالله ص 30-31

هن ناهہ ۾ عصبيت جي بنيادن ۾ قائم ٿيل جاهلاڻي نقصانڪار پائيچاري کان انڪار ٿيل هو. هن ناهہ جو سبب هي ٻڌايو وڃي ٿو تہ زبيد جو هڪ ماڻهو مديني ۾ سامان کڻي آيو ۽ عاص بن وائل ان کان سامان ورتو پر ڪيس حق نہ ڏنائين. هن (زبيدي) حليف قبيلن عبدالدار، مخزوم، جمح، سهعہ ۽ عدي کي مدد لاءِ پڪاريو پر ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو. پوءِ هو ابو قبيس جبل تي چڙهي وڏي واڪي شعر پڙهڻ لڳو. جنهن ۾ نسدس مظلوميت جو داستان ٻڌايل هو. ان تي زبير بن عبدالمطلب ڊوڙي ڊڪي مٿين قبيلن کي گڏ ڪيو. پهرين ناهہ ٿيو ۽ پوءِ زبيديءَ کي عاص بن وائل کان حق وٺرائي ڏنو ويو. (1)

سخت محنت واري حياتي:- پاڄڻ سڳورن ﷺ جو نوجوانيءَ ۾ ڪو بہ مقرر ڌنڌو نہ هوندو هو. باقي اها تہ

پڪي خبر آهي تہ پاڻ ٻڪريون چاريندا هئا. پاڻ سڳورن بن سعد جون ٻڪريون چاريون. (2)

(2) ابن هشام 166/1

۽ مڪي ۾ بہ مڪي وارن جون ٻڪريون ٿورن قيراطن ۾ پهرايون. (3)

(3) صحيح بخاري الاجارات، باب رعي الغنم علي قراريط 301/1

پنجويهن ورهين جا ٿيا تہ بيبي خديجتہ الڪبريٰ رضہ جو مال ڪٺي واپار لاء شام ويا. ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ خديجتہ بنت خويل رضہ جن هڪ معزز مالدار ۽ واپاري عورت هيون. ماڻهن کي پنهنجو مال واپار لاء ڏينديون هيون ۽ انهن کان پنهنجي پتي وٺنديون هيون. سڄو قريش قبيلو ئي واپاري هو. جڏهنڪين پاڻ سڳوري صلى الله عليه وسلم جي سچائيءَ ۽ سهڻن گڻن جو پتوپيو تہ انهن هڪ نياپوموڪلي ڪين پنهنجي ٻانهي ميسره سان شام ڏانهن واپاري مال ڪٺي وڃڻ جي آڇ ڪئي. پاڻ جيڪي ڪجهہ ٻين واپارين کي ڏينديون

هيون، ان کان وڌيڪ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏيٺو ڪيائون پاڻ سڳوره ﷺ اها آڇ قبولي ۽ سندن مال کڻي ميسره سان شام ڏانهن روانا ٿيا. (1)

(1) ابن هشام 1/187-188

پاڻ سڳورن ﷺ جي بيبي خديجہ رضہ سان شادي:-

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مکي موٽيا ۽ بيبي صاحبہ رضہ پنهنجي مال ۾ اهڙي برکت ۽ امانت ڏٺي جيڪا کين پهرين نظر نہ آئي هئي ۽ هوڏانهن سندن ٻانهي ميسره سندن سهڻن گڻن ۽ سٺي ڪردار، صحيح سوچ، سچائي ۽ امانتداري جي طور طريقي بابت پنهنجن مشاهدن جو بيان ڪيو تہ بيبي صاحبہ رضہ جن کي ڄڻ تہ وڃايل خزانو ملي ويو. ان کان اڳ وڏا وڏا سردار ساڻن شادي ڪرڻ جا خواهشمند هئا پر پاڻ منظور نہ ڪيائن. هاڻي پاڻ پنهنجي دل جي ڳالهہ پنهنجي ساهيڙي نفيسہ بنت منبہ سان ڪيائون. جنهن پاڻ سڳوره ﷺ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. پاڻ سڳورا ﷺ راضي ٿي ويا ۽ پنهنجن چاچن سان ان سلسلي ۾ ڳالهايائون جن بيبي صاحبہ رضہ جي چاچي کي شاديءَ جو پيغام موڪليو.

ان ڪانپوءِ شادي ٿي وئي. نڪاح ۾ بني هاشم ۽ مضر قبيلي جا رئيس شامل ٿيا.

اها شام ڪان موٽڻ جي ٻن مهينن ڪانپوءِ جي ڳالهه آهي. پاڻ سڳورن ﷺ مهر ۾ ويهه اٺ ڏنا. ان وقت بيبي خديجه رضه جي عمر چاليهه ورهيه هئي ۽ پاڻ خاندان، دولت ۽ ڏاهپ ڪري پنهنجي قوم ۾ سڀ ڪان معزز ۽ مان واري ليکبي هئي. پاڻ پهرين عورت هيون جن سان پاڻ سڳورن ﷺ شادي ڪئي ۽ سندن وفات تائين ٻي شادي نه ڪيائون. (2)

(2) ابن هشام 1/189-190 فقه السيره ص 59 تلقيح الفهوم ص 7

ابراهيم ڪانسواءِ پاڻ سڳورن ﷺ جا ٻيا سڀ ٻار سندن ئي بطن مبارڪ مان هئا. سڀ ڪان پهرين قاسم جي ولادت ٿي ۽ انهن جي ئي نالي تي پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪنيت ابو القاسم پئي. پوءِ زينب رضه، رقيه رضه، ام ڪلثوم رضه، فاطمه رضه ۽ عبدالله رضه پيدا ٿي. عبدالله جو لقب طيب ۽ طاهر هو. پاڻ سڳورن ﷺ جا سڀ پٽ

نندي هوندي ئي گذاري ويا. باقي نينگرين مان سيني اسلام جو زمانو ڏٺو. مسلمان ٿيو ۽ هجرت جو شرف بہ حاصل ڪيائون پر سواء بيبي فاطمہ رضہ جي بيون سيئي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويون. بيبي فاطمہ رضہ جي وفات پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي برقعو مٿائڻ ڪان ڇهہ مهينا پوء ٿي. (1)

(1) ابن هشام 1/190-191 فقتہ السيره ص 60 فتح الباري 7/105 تاريخي روايت ۾ ڪجهہ اختلاف آهي. منهنجي ويجهو جيڪو وڌيڪ صحيح آهي اهو هتي لکيو اٿم.

ڪعبي جي اڏاوت ۽ حجر اسود جي تڪرار جو فيصلو:-

جڏهن پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم پنجٽيهہ ورهين جا ٿيا تہ قريش نئين سري سان ڪعبي جي اڏاوت شروع ڪئي. سبب اهو هو تہ ڪعبو قد ڪان ٿورو ئي مٿي چوديواريءَ جي شڪل ۾ هو. حضرت اسماعيل عہ جي دور ڪان ئي ان جي اوچائي 9 هٿ هئي ۽ ان تي ڇت نہ هئي. ان حالت جو فائدو وٺي ڪي چور ڪعبي ۾ رکيل ڌن چورايا ويا. ان ڪانسواء اڏاوت ڪي ڊگهو عرصو گذري چڪو هو ۽ عمارت پري رهي هئي ۽ ڀتيون ڦاٿي پيون هيون. هوڏانهن ان ئي سال سخت ٻوڏ آئي، جنهن

جو رخ ڪعبي ڏانهن هو. جنهن جي ڪري ڪعبۃ الله ڪڏهن بہ ڍهي سگهيو ٿي. ان ڪري قريش ان جو مرتبو ۽ مقام برقرار رکڻ لاءِ مجبور ٿي پيا. ان موقعي تي قريشن گڏيل فيصلو ڪيو تہ ڪعبي جي اڏاوت رڳو حلال پيسن سان ڪئي ويندي. ان ۾ رنڊيءَ جي ڪمائي، وياج جا ڏوڪڙ ۽ ڪنهن کان ڦريل مال استعمال نہ ڪبو. (نئين تعمير لاءِ پراڻي عمارت ڊاهڻ ضروري هو پر ڪنهن کي بہ ان جي همٿ نٿي ٿي. آخرڪار وليد بن مغيرن ان جي شروعات ڪئي. ماڻهن جڏهن ڏٺو تہ ڪيس ڪو جوکو نہ رسيو تہ پين بہ ڊاهڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن حضرت ابراهيم عہ وارين حدن کي ڊاهي چڏيائون تہ نئين اڏاوت شروع ڪيائون. اڏاوت لاءِ هر قبيلي کي جدا جدا ڪم ڏنو ويو. هر قبيلو الڳ الڳ پٿر گڏ ڪري رهيو هو. اڏاوت شروع ٿي جنهن جو نگران باقوم نالي هڪ رومي رازو هو. جڏهن عمارت حجر اسود تائين جڙي وئي تہ اهو جهڳڙو شروع ٿي پيو تہ حجراسود کي لڳائڻ جو اعزاز ڪنهن کي ڏجي. اهو جهڳڙو چئن پنجن ڏينهن تائين هليو ۽ آهستي آهستي وڌندو ويو. ايئن پئي لڳو تہ اجها ٿي حرم

جي زمين رتوچاڻ ٿئي. پر ابو اميہ مخزوميءَ اهو چئي ٿاهہ جي گنجائش ڪڍي ورتي تہ مسجد الحرام جي دروازي کان بئي ڏينهن جيڪو سڀ کان اڳ اندر ايندو ان کي جهڳڙي جو مکي ڪيو ويندو. ماڻهن اها راءِ قبولي. الله جي مرضيءَ سان سڀ کان اڳ پاڻ سڳورا ﷺ اندر داخل ٿيا. ماڻهو کين ڏسي دانهون ڪرڻ لڳا تہ: هذا الامين رضيناه هذا محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم "هي امين آهي، اسين ان تي رضامند آهيون، هي محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم آهي". جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ويجها پهتا ۽ انهن کين معاملي کان آگاهہ ڪيو تہ پاڻ سڳوره ﷺ هڪ چادر گهرائي ان جي وچ ۾ حجراسود رکيو ۽ تڪراري قبيلن جي سردارن کي فرمايائون تہ توهان سڀ چادر جون ڪنڊون جهلي مٿي کڻو. انهن ايئن ئي ڪيو. جڏهن چادر حجراسود واري جاءِ تي پهتي تہ پاڻ سڳورن پنهنجن هٿن سان حجراسود کي سندس جاءِ تي لڳايو. اهو نيڪ ناڪ فيصلو هو. جنهن سان سڀ قوم راضي ٿي وئي.

هوڏانهن قريشن وٽ حلال مال ڪٽي پيو. ان حصي کي ئي حجر ۽ حطيم چئجي ٿو. هن پيري قريشن ڪعبي جو در پٽ کان ڪافي مٿي لڳايو. جيئن ڪو به ماڻهو موڪل وٺي اندر وڃي. جڏهن ڀتيون 15 هٿ مٿي کڄي ويون تڏهن اندر ڇهه ٿنڀا بيهاري ڇت لڳائي وئي. اهڙيءَ طرح اڏاوت پوري ٿيڻ وقت ڪعبو جهڙوڪ چوڪور وڃي بيٺو. هاڻي ڪعبته الله جي اوچائي 15 ميٽر آهي. حجراسود واري ڀت ۽ ان جي سامهون واري ڀت يعني اترائين ۽ ڏاکڻي ڀت ڏهه ڏهه ميٽر آهي. حجراسود مطاف جي زمين کان ڏيڍ ميٽر اوچو آهي. در واري ڀت ۽ ان جي سامهون واري ڀت جي اوچائي 12-12 ميٽر آهي. در زمين کان ٻه ميٽر اوچو آهي. ڀتين جي چوڌاري هڪ ڪرسيءَ جهڙ ضلعي جو گهيرو آهي. جنهن جي اوچائي 25 سينٽي ميٽر ۽ ويڪر 20 سينٽي ميٽر آهي. ان کي شاذ روان چوندا آهن. اهو به اصل ۾ بيت الله جو حصو آهي پر قريشن ان کي به ڇڏي ڏنو هو. (1)

(1) تفصيل لاءِ ڏسو ابن هشام 192/1 کان 197 فقر السيره ص 62-63 صحيح بخاري باب فضل مڪہ ونبيا نها 215/1 تاريخ خضري 64/1-65

نبوت کان اڳ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪردار جو جائزو:-

سندن وجود انهن سيني گڻن ۽ ڪمالن جو مجموعو هو جيڪي مختلف ماڻهن ۾ تورا تورا ملن ٿا. پاڻ سڳورا ﷺ صحيح سوچ، وسيع نظري ۽ حق پسنديءَ جا بلند مينار هئا. ڪين صحيح سمجهہ، فڪر جي پختگي ۽ عمل لاءِ صحيح رستو وٺڻ جي صلاحيت حاصل هئي. پاڻ سڳورا ﷺ حق کي ڄاڻڻ لاءِ خاموشيءَ سان لڳاتار غور ۽ فڪر ڪندا رهندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي سلجهيل عقل ۽ روشن فطرت سان زندگيءَ جي ڪتاب، ماڻهن جي معاملن ۽ جماعتن جي احوال جو مطالعو ڪيو ۽ جن اجاين ڳالهين ۾ اهي ٻڌل هئا تن کان بيزاري محسوس ڪئي. تنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ انهن سيني کان پاسو ڪندي پوري سوچ ۽ سمجهہ سان سماجي زندگي گذاري. يعني جيڪو چڱو ڪم هوندو هو تہ اهو ڪندا هئا نہ تہ اڪيلائي اختيار ڪندا

هئا. اهو ئي سبب هو جو پاڻ سڳورن ﷺ شراب ڪڏهن چکي به ڪا نه. آستانن تي ڪٺل جانورن جو گوشت به نه کاڌو ۽ نه ئي بتن جي ميلن وغيره ۾ شرڪت ڪئي.

پاڻ سڳورن ﷺ کي شروع کان ئي انهن ڪوڙن خدائن کان ايڏي نفرت هئي جو انهن کان وڌيڪ ڪنهن به شيءِ کي برو نه سمجهندا هئا. ويندي رات ۽ عزيٰ جو قسم ٻڌڻ به ڪين نه وڻندو هو. (1)

(1) بحيرا جي واقعي ۾ ان جو دليل موجود آهي. ڏسو ابن هشام 128/1

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته قدرت پاڻ سڳورن جي حفاظت پئي ڪئي. تڏهن جيڪڏهن ڪن دنيائي چمڪ دمڪ ڏانهن سندن دل ڇڪي به يا ڪن اڻوڻندڙ رسمن رواجن جي پيروي ڪرڻ چاهيائون ته به خدا جي مهربانيءَ سان ان کان پري ڪيا ويا. ابن اثير هڪ هنڌ لکي ٿو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته "جاهليت وارا جيڪي ڪم ڪندا هئا تن جي ڪرڻ جو خيال مون کي فقط ٻه ڀيرا ٿيو پر ٻئي ڀيرا الله

تعاليٰ منهنجي ۽ ان ڪم جي وچ ۾ رنڊڪ وجهي ڇڏي. ان ڪان پوءِ وري ڪڏهن مون کي انهن جو خيال نہ ٿيو. ايستائين جو الله تعاليٰ مون کي پيغمبري عطا ڪري ڇڏي. ٿيو هيئن تہ جيڪو ڇوڪرو مڪي جي مٿئين علائقي ۾ ٻڪريون چاريندو هو ان هڪ رات مون کي چيو تہ: تون منهنجون ٻڪريون ڏس تہ آئون مڪي وڃي نوجوانن جي محفل ۾ شريڪ ٿيان! هن ها ڪئي. ان ڪانپوءِ آئون نڪتس پر اجا مڪي جي پهرئين گهر وٽ پهتس تہ واڄن جا آواز ڪنين ۾ پيا. مون پڇا ڪئي تہ هي ڇا آهي؟ ماڻهن چيو تہ فلاڻي جي فلاڻي سان شادي آهي. آئون ٻڌڻ وينس تہ الله منهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا ۽ آئون سمهي پيس. پوءِ سج جي روشنيءَ ڪري ئي منهنجي اک کلي ۽ آئون پنهنجي ساٿي وٽ هليو ويس ۽ سندس پڇڻ تي سڄو احوال ٻڌايم. ان ڪانپوءِ هڪ رات وري اها ڳالهہ چئي مڪي پهتس تہ وري ڳين رات وانگر ٿيو. ان ڪانپوءِ وري اهڙو خيال نہ ڪيم. (1)

(1) هن حديث کي حاڪم ۽ ذهبيءَ صحيح چيو آهي پر ابن ڪثير البدايہ والنها يہ 287/2 ۾ ان کي ڪمزور چيو آهي.

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت جابر بن عبدالله کان روايت آهي تہ جڏهن ڪعبتہ الله جي اڏاوت ٿي تہ پاڻ سڳورا صلی الله علیہ وسلم ۽ حضرت عباس رضہ پٿر کڻي رهيا هئا. حضرت عباس رضہ پاڻ سڳورن صلی الله علیہ وسلم کي چيو تہ پنهنجي گوڏ لاهي پنهنجي ڪلهي تي رکو. پٿر کڻڻ جي تڪليف کان محفوظ رهندا. پاڻ سڳورن صلی الله علیہ وسلم جيئن ئي ايئن ڪيو تہ يڪدم پٽ تي ڪري پيا ۽ نگاهون مٿي کڄي ويون. تڪليف گهٽ ٿيندي ئي دانهن ڪيائون تہ منهنجي گوڏ، منهنجي گڏ، پوءِ ڪين گوڏ ٻڌي وئي. هڪ روايت جا لفظ آهن تہ ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلی الله علیہ وسلم جي شرمگاهہ وري ڪڏهن ڪنهن نہ ڏٺي. (1)

(1) صحيح بخاري باب بنيان الڪعبہ 540/1

پاڻ سڳورا صلی الله علیہ وسلم پنهنجي قوم ۾ سٺن گڻن، بهترين اخلاقي قدرن ۽ سليڇڻين عادتن جي ڪري ٻين کان مختلف هئا. تنهنڪري پاڻ سڀ کان وڌيڪ مروت وارا، سڀ کان

وڏيڪ خوش اخلاق، سڀ کان بهترين پاڙيسري، سڀ کان وڏيڪ دوانديش، سڀ کان وڏيڪ سچار، سڀ کان وڏيڪ نرمدل، سڀ کان وڏيڪ اجري من وارا، سڀ کان وڏيڪ ڪرم ڪرڻ وارا، سڀ کان وڏيڪ نيڪ، واعدو پاڙڻ ۾ سڀ کان اڳرا ۽ سڀ کان وڏا امانتدار، سندن قوم ته سندن نالو ئي "امين" رکي ڇڏيو هو. سڻن لڇڻن ۽ سهڻن گڻن جا مالڪ هئا ۽ جيئن بيبي خديجه رضه جي شاهدي ڏنل آهي ته "پاڻ سڳورا بي پهچن بار کڻندا هئا، خالي هٿ وارن جي سنڀال ڪندا هئا، مهمانن جي ميزباني ڪندا هئا ۽ حقي متاثر جي مدد ڪندا هئا". (2)

(2) صحيح بخاري 3/1

نبوت ۽ رسالت جي ڇانو ۾

غار حرا ۾:- پاڻ سڳورا ﷺ هاڻي چاليهه ورهين جي ويجهو پهچي چڪا هئا. ان دوران قوم کان سندن ذهني ۽ فڪري ويڇا ڪافي وڌي چڪا هئا. جنهن ڪري پاڻ گهڻو

ڪري اڪيلا رهندا هئا. تنهن ڪري پاڻ سڳورا ستو ۽ پاڻي ڪٽي مڪي کان اٽڪل ٻہ ميل پري حرا جبل جي هڪ غار ۾ وڃي رهندا هئا. اهو هڪ ننڍڙو غار هو جيڪو چارگز ڊگهو ۽ ٻہ گز ويڪرو آهي. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم جڏهن اتي ويندا هئا تہ بيبي خديجہ رضہ جن بہ ساڻن گڏ ويندڀون هيون ۽ ڪنهن ويجهي جاءِ تي رهنديون هيون. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم سڄو رمضان ان غار ۾ رهندا هئا. اتان لنگهندڙ مسڪينن کي کاڌو کارائيندا هئا ۽ باقي وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذاريندا هئا ۽ ڪائنات جو مشاهدو ۽ ان جي پويان ڪم ڪندڙ قدرت تي غور ڪندا هئا. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم قوم جي شرڪيہ عقيدن ۽ واهيات تصورن کي صحيح نہ سمجهندا هئا. پر سندن سامهون ڪو ڪليل رستو ۽صحيح طريقو نہ هو جنهن تي سندن دل مبارڪ اطمينان سان هلي سگهي. (1)

(1) رحمتہ اللعالمين 47/1 ابن هشام 235/1-236 في ظلال القرآن سيپارو 29(166)

پاڻ سڳورن جي اها اڪيلائي پسندي بہ اصل ۾ الله تعاليٰ جي تدبير جو هڪ حصو هئي. ان طرح الله تعاليٰ کين مستقبل جي عظيم ڪم لاءِ تيار ڪري رهيو هو. اصل ۾ جنهن روح جو بہ اهو مقدر هوندو آهي تہ هو انساني زندگي جي حقيقتن تي اثر انداز ٿي انهن جو رخ مٽائي وجهي ان لاءِ ضروري آهي تہ ڪجھہ وقت زمين جي مشغلن زندگيءَ جي گوڙ گهمسان ۽ ماڻهن جي غم ۽ خوشيءَ جي ماحول کان ڪجھہ وقت ڪٽجي الڳ ٿلڳ گوشہ نشينيءَ واري زندگي گذاري.

نيڪ ان سنت مطابق الله تعاليٰ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي وڏي امانت جو بار کڻڻ، سڄي زمين جي ماحول کي بدلڻ ۽ تاريخ جو رخ موڙڻ لاءِ تيار ڪرڻ چاهيو تہ رسالت جي ذميداري ڏيڻ کان ٿہ ورهيہ پهرين پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي گوشہ نشينيءَ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيائين. پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم ان اڪيلائپ ۾ هڪ مهيني تائين ڪائنات جي روح کي سمجهندا رها ۽ ان جي وجود پويان لڪل سببن جي ڄاڻ حاصل ڪندا رهيا تہ جيئن جڏهن الله

تعاليٰ جو سڏ اچي تہ پاڻ ﷺ ان ڪم لاء اڳيئي تيار هجن. (1)

(1) في ظلال القرآن سيپارو 29/166-167

جبرئيل وحي آڻي ٿو:- جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر چاليهہ ورهيہ ٿي وئي جنهن کي ڪمال حاصل ڪرڻ جي عمر چئجي ٿو، چيو وڃي ٿو تہ ان عمر ۾ ئي پيغمبرن کي پيغمبري ملندي رهي آهي تہ زندگيءَ جي آسمان جي ٻئي پار نبوت جا آثار چمڪڻ ۽ ٽمٽمائڻ شروع ٿيا. ان حالت ۾ ڇهن مهينن جو عرصو گذري ويو. جيڪو نبوت جي عرصي جو 46 هون حصو آهي ۽ ڪل نبوت واري زندگي ٽيويهہ ورهيہ آهي. ان بعد جڏهن حرا ۾ اڪيلائيءَ جو ٽيون سال ٿيو تہ الله تعاليٰ چاهيو تہ سڄي ڌرتيءَ جي رهاڪن ي سندس رحمت جو مينهن وسي. ان ڪري الله تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت جو شرف بخشيو ۽ جبرئيل عہ جن قرآن مجيد جون ڪجهہ آيتون ڪڻي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيا. (2)

(2) حافظ ابن حجر جو چوڻ آهي تہ بيهقي اها حڪايت آندي آهي تہ خوابن جو عرصو ڇهہ مهينا هو. تنهن ڪري

خوابن ذريعي نبوت جو آغاز چاليهہ سال عمر پوري ٿيڻ تي ربيع الاول جي مهيني ۾ ٿيو. جيڪو پاڻ سڳورن جي ڄمڻ جو مهينو آهي پر اوجاڳيل حالت ۾ وحي رمضان شريف ۾ نازل ٿي. (فتح الباري 1/27)

دليلن ۽ نشانين تي گهري نظر وجهڻ ڪانپوء حضرت جبرئيل عہ جي اچڻ واري واقعي جي تاريخ ڄاڻي سگهجي ٿي. اسان جي تحقيق مطابق اهو واقعو رمضان المبارڪ جي 21 تاريخ سور جي رات جو ٿيو. ان ڏينهن آگسٽ جي 10 تاريخ هئي ۽ سن 610ع هو. چنڊ جي حساب سان پاڻ سڳورن جي عمر چاليهہ ورهيہ ڇهہ مهينا ٻارنهن ڏينهن ۽ سج جي حساب سان 39 سال ٽي مهينا 22 ڏينهن هئي. (1)

(1) آيتون علم الانسان مالم يعلم تائين لٿيون هيون. (96: 1-5)

وحي اچڻ جو مهينو، ڏينهن ۽ تاريخ:- مورخن ۾ وڏو اختلاف آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي ڪهڙي مهيني ۾ وحي نازل ٿي. گهڻن سيرت نگارن جو چوڻ آهي تہ اهو ربيع الاول جو مهينو هو. پر هڪ ڌڙي جو چوڻ آهي تہ اهو رمضان جو

مهينو هو. ڪي اهو بہ چون ٿا تہ رجب جو مهينو هو. (ڏسو مختصر السيره از شيخ عبدالله ص 75) اسان جي ويجهو ٻيو قول وڌيڪ صحيح آهي تہ اهو رمضان جو مهينو هو. ڇو تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ شهر رمضان الذي انزل فيہ القرآن (2: 185) "رمضان جو مهينو ئي اهو (برڪتن وارو مهينو آهي) جنهن ۾ قرآن ڪريم نازل ڪيو ويو" ۽ فرمايو آهي تہ انا انزلنہ في ليلتہ القدر (97: 1) "اسان ڪي قرآن ڪي ليلتہ القدر ۾نازل ڪيو" ۽ سڀ ڄاڻن ٿا تہ ليلہ القدر رمضان ۾ آهي. اها ئي رات الله تعاليٰ جي هن ارشاد۾ بہ آهي تہ انا انزلنہ في .... ڪنا منذرين (44: 3) اسان قرآن ڪي هڪ ٻلاري رات ۾ لاٿو. اسين ماڻهن ڪي عذاب جي خطري کان آگاهہ ڪرڻ وارا آهيون. ٻئي قول جي ترجيح جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ حرا ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻينڪ رمضان ۾ ٿيندي هئي ۽ معلوم آهي تہ جبرئيل عہ حرا ۾ ئي تشريف ڪٺي آيا هئا.

جيڪي ماڻهو رمضان ۾وحي لهڻ جا قائل آهن، انهن ۾ بہ اختلاف آهي تہ ان ڏينهن ڪهڙي تاريخ هئي. ڪي ستين

چون ٿا تہ ڪي سترهين ۽ ڪري وري ارڙهين (ڏسو مختصر السيره ص 75 رحمتہ اللعالمين 49/1) علامہ خضري زور ٿو ڀري تہ اها سترهين تاريخ هئي. (ڏسو تاريخ خضري 69/1 ۽ تاريخ التشريح الاسلامي ص 5-6-7) مون ايڪيهين تاريخ ان لاءِ لکي آهي، حالانڪہ مون کي ان جو ڪو قائل نٿو ملي جو اڪثر سيرتنگارن جو اتفاق آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ تي سورمہ ڏينهن وحي لٿي ۽ ان جي تائيدہ ابو قتاده رضہ جي هن روايت مان بہ ٿئي ٿي تہ رسول اللّٰه ﷺ کان سومر جي ڏينهن جي روزي بابت پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ هي اهو ڏينهن آهي، جنهن تي مان پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن مون کي پيغمبر ڪيو ويو ۽ جنهن ڏينهن مون تي وحي لٿي. (صحيح مسلم 368/1، مسنڊ احمد 297/5-299 بيهقي 286/4، 300 حاڪم 2/2-6) ۽ ان سان رمضان ۾ سومر جو ڏينهن 7-14-21 ۽ 28 تاريخ تي ٿيو هو. هوڏانهن صحيح روايتن مان اها ڳالهہ چٽي ٿيل آهي تہ ليلتہ القدر رمضان جي آخري ڏهي جي اڪي (طاق) راتين ۾ ٿيندي آهي ۽ انهن ئي اڪي راتين ۾ منتقل

ٿيندي رهندي آهي.هاڻي هڪ طرف اسين الله تعاليٰ جو فرمان ڏسون ٿا تہ اسان قرآن مجيد کي ليلتہ القدر ۾ لاٿو، بئي پاسي ابو قتاده رضہ جي اها روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم کي سومر ڏينهن پيغمبري ملي. ٽئي پاسي ڪيليندر مان ڄاڻ ملي ٿي تہ ان سال سومر ڪهڙين ڪهڙين تاريخن تي ٿيو هو تہ اهو طئي ٿيو وڃي تہ نبي صلى الله عليه وسلم کي ايڪيهين رمضان جي رات پيغمبري ملي. ان ڪري اها ئي وحي لهڻ جي پهرين تاريخ آهي.

اڇو تہ هاڻي ٿورو بيبي عائشہ کان ان واقعي بابت وڌيڪ ڄاڻ وٺون. اهو لاهوت جي نور جو هڪ اهڙو شعلو هو جنهن سان ڪفر ۽ گمراهيءَ جي اوندھ هٽي وئي. ايستائين جو زندگيءَ جي رفتار مٽجي وئي ۽ تاريخ پنهنجو رخ موڙ: ڇڏيو. بيبي عائشہ رضہ جن فرمائين ٿيون تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي وحيءَ جي ابتدا ننڊ جي حالت ۾ سٺا خواب ڏسڻ سان ٿي. پاڻ صلى الله عليه وسلم جيڪو خواب ڏسندا هئا بلڪل ايئن ٿيندو هو. پوءِ پاڻ اڪيلائي پسند تي ويا. تنهن ڪري غار حرا ۾ اڪيلا وڃي رهندا هئا. پوءِ (توشو ختم ٿيڻ تي)

بيبي خديجہ رضہ وٽ واپس ويندا هئا ۽ وري تقريبن اوترو ئي توشو وري کڻي ويندا هئا. تانت پاڻ سڳورن ﷺ وٽ حق آيو ۽ پاڻ غار حرا ۾ هئا يعني پاڻ سڳورن وٽ فرشتو آيو ۽ ان چيو تہ پڙهہ! پاڻ سڳوره ﷺ فرمايو تہ آئون پڙهيل ناهيان، پاڻ سڳورا ﷺ فرمائين ٿا تہ ان تي هن مون کي جهلي ايترو زور سان دٻايو جو منهنجو ست نڪري ويو. پوءِ ڇڏي چيائين تہ پڙهہ! مون چيو تہ آئون پڙهيل نہ آهيان. ان تي ٻيهر جهليائين ۽ وري چيائين تہ پڙهہ! مون وري چيو تہ آئون پڙهيل ناهيان. ان تي ٽيون ڀيرو جهلي زور ڏنائين ۽ وري ڇڏي چيائين تہ: اقرا باسم .... وربک الاکرم (1)

(1) آيتون علم الانسان مالم يعلم تائينلٽيون هيون. (96: 1-5)

پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان جنهن توکي پيدا ڪيو. انسان کي لوٿڙي مان پيدا ڪيو. پڙهہ ۽ تنهنجو رب ڏاڍو ڪرم وارو آهي".

انهن آيتن سان پاڻ سڳورا ﷺ موٽيا. سندس دل ڏاڍي ڌڙڪي رهي هئي. بيبي خديجہ رضہ بت خويلد وٽ آيا ۽ فرمايائون تہ مون کي منهنجي چادر ڍڪائي. انهن کين چادر ڍڪائي آهستي آهستي سندن ڊپ لٿو. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ بيبي خديجہ رضہ کي سڄو واقعو ٻڌائي فرمايو تہ، هي مون کي ڇا ٿي ويو آهي، مون کي تہ پنهنجي ساهہ سان اچي لڳي آهي. بيبي صاحب فرمايو تہ هرگز نہ. خدا جو قسم! اوهان کي الله تعاليٰ رسوا نہ ڪندو جو توهان رحمدل آهيو. بي آسرن جا پر جهلا ٿيو ٿا. مسڪنين کي سنڀاليو ٿا. مهمانن جي ميزباني ڪريو ٿا ۽ حق لاءِ سختيون سهندڙن جي مدد بہ ڪريو ٿا.

ان کانپوءِ بيبي خديجہ رضہ جن پاڻ سڳورن کي پنهنجي سوٽ ورقہ بن نوفل بن اسد بن عبدالعزيٰ وٽ وٺي ويون. ورقہ جاهليت واري دور ۾ عيسائي ٿي ويو هو ۽ عبراني لکڻ ڄاڻندو هو. ان ڪري عبراني ٻوليءَ ۾ خدا جي توفيق سان انجيل جي شرح ڪندو هو. ان وقت پاڻ پوڙهو ۽ اکين کان وڌو ٿي چڪو هو. ان کي بيبي صاحبہ رضہ چيو تہ

ادا سائين! اوهان پنهنجي ڀائٽي جي ڳالهه ٻڌو. ورقہ چيو تہ ڀائيٽيا تو ڇا ڏٺو آهي. ان تي پاڻ سڳوره ﷺ جيڪي ڏٺو هو سو بيان ڪري ڏنو. ان تي ورقہ پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو تہ : اهو تہ ساڳيو ناموس آهي جنهن کي الله تعاليٰ موسي ؑ تي لاٿو هو. ڪاش مان ان وقت سگهو هجان ڪاش مان ان وقت جيئرو هجن، جڏهن توهان کي توهان جي قوم ڪڍي ڇڏيندي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ اڇا! تہ ڇا اهي ماڻهو مون کي ڪڍي بہ سگهن ٿا؟ ورقہ چيو تہ ها! جڏهن بہ ڪو ماڻهو اهڙو نياپو کڻي آيو، جهڙو تو آندو آهي تہ ان سان وير ضرور وڌو ويو آهي. جيڪڏهن مون تنهنجو دور ڏٺو تہ تنهنجي وڏي مدد ڪندس. ان ڪانپوءِ جلد ئي ورقہ گذاري ويو ۽ وحي (بہ في الحال) رڪجي وئي. (1)

(1) صحيح بخاري باب کيف کان بدالوحي 1/2-3 لفظن جي ٿوري فرق سان اها روايت صحيح بخاريءَ جي ڪتاب التفسير ۽ تعبير الرويا ۾ بہ آهي.

طبري ۽ ابن هشام جي روايتن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ پاڻ اوچتي وحي اچڻ ڪانپوءِ غار حرا مان نڪتا هئا. سو واپس وڃي باقي عرصو بہ اتي رهيا. ان ڪانپوءِ مڪي ۾

آيا. طبري جي روايت ۾ پاڻ سڳورن جي نڪرڻ جي سببن تي به روشني وڌل آهي.

پاڻ سڳوره ﷺ وحي لهڻ جو ذڪر ڪندي فرمايو: "الله جي مخلوق ۾ شاعر ۽ چريي کان وڌيڪ منهنجي ويجهو ڪو به ٻيو ڌڪارڻ جهڙو نه هو (آئون سخت ڌڪار ڪري) انهن ڏانهن ڏسندو به ڪو نه هئس (هاڻي وحي لٿي ته) مون (دل ۾) چيو ته هي ناڪاره يعني مان پاڻ شاعر يا چريو آهيان! مون بابت قريش اهڙي ڳالهه ڪڏهن به نه چئي سگهندا. آئون جبل جي چوٽيءَ تي وڃان ٿو، اتان ڪان پاڻ کي هيٺ ڪيرائيندس ۽ پاڻ کي پورو ڪندس ۽ هميشه لاء ڇڏي پوندس". پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا ته آئون اهو سوچي نڪتس. جڏهن جبل جي وچ تي پهتس ته آسمان مان هڪ آواز آيو ته: اي محمد صلي الله عليه وآله وسلم تون الله جو رسول آهين ۽ آئون جبرئيل ع آهيان. پاڻ سڳورا ﷺ فرمائين ٿا ته مون آسمان ڏي سر کڻي نهاريو. ڏٺم ته جبرئيل ع هڪ ماڻهوءَ جي شڪل ۾ افق ۾ پير ڄمائي بيٺو آهي ۽ چوي پيو ته: اي محمد صلي الله عليه وآله وسلم

تون الله جو رسول آهين ۽ آئون جبرئيل عہ. پاڻ سڳورا ﷺ فرمائين ٿا تہ آئون اتي بيهي جبرئيل عہ کي ڏسڻ لڳس. ان مشغلي جي ڪارڻ پنهنجي ارادي کان غافل ٿي ويس. هاڻي آئون نہ اڳيان پئي ويس نہ ئي پٺيان پئي ٿيس. البتہ پنهنجي چهري کي اڀ جي افق ۾ گهمائي رهيو هوس ۽ ان جي جنهن پاسي بہ نظر پئي ٿي اتي جبرئيل عہ نظر اچي رهيو هو. آئون لڳاتار بيهي رهيس. نہ اڳيان پئي ويس نہ پٺيان. تانت خديجہ رضہ منهنجي ڳولها ۾ ماڻهو موڪليا ۽ اهي مڪي تائين وڃي موٽي آيا پر آئون پنهنجي جڳهہ تي بيٺو رهيس. پوءِ جبرئيل عہ جن ويا هليا ۽ آئون بہ پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽي آيس ۽ خديجہ وٽ پهچي انهن جي ران تي ئي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيس. اهن چيو تہ ابوالقاسم! اوهان ﷺ ڪيڏانهن ويا هئا. بخدا! مون اوهان جي ڳولها ۾ ماڻهو موڪليا ۽ اهي مڪي تائين وڃي موٽي آيا آهن (ان جي جواب ۾) مون جيڪو ڏٺو هو اهو کين ٻڌايو. انهن چيو تہ اي سوٽ! اوهان خوش ٿي وڃو ۽ ثابت قدم رهو. ان ذات جو قسم، جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، مون کي

امید آهي تہ اوهان هن امت جا نبي ٿيندا. ان کان پوءِ پاڻ ورقہ بن نوفل وٽ ويون ۽ کين وهيو واپريو ٻڌايائون. ان چيو تہ قدوس قدوس! ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ ورقہ جي جان آهي، هن وٽ اهو ئي ناموس اڪبر آيو آهي جو موسيٰ عہ وٽ ايندو هو. هوهن امت جو نبي آهي. کين چئو تہ ثابت قدم رهن. ان کانپوءِ بيبي خديجہ رضہ واپس اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي ورقہ جي ڳالهہ ٻڌائي. پوءِ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ حرا ۾ پنهنجو مقرر وقت پورو ڪيو ۽ مڪي موٽيا تہ پاڻ سڳورن ﷺ سان ورقہ مليو ۽ پاڻ سڳورن جي زباني تفصيل ٻڌي چيائين تہ: ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي. توهان هن قوم جا نبي آهيو. اوهان وٽ اهو ئي ناموس اڪبر آيو آهي جيڪو موسيٰ عہ وٽ آيو هو. (1)

(1) طبري 207/2 ابن هشام 1/237-238 آخري ٿورو حصو ڪٽيو ويو آهي. اسان کي هن روايت جي بيان ڪيل تفصيل بابت ڪجهہ شڪ آهي. صحيح بخاريءَ جي روايت ۽ ٻين ڳچ روايتن ۾ پيٽ ڪرڻ کانپوءِ اسين ان نتيجي تي پڳا آهيون تہ مڪي ڏانهن سندن موٽ ۽ ورقہ سان ملاقات وحي لهڻ بعد ان ڏينهن ئي ٿي وئي پو حرا ۾ مقرر وقت تائين رهي مڪي موٽيا.

وحيءَ جي روڪ:- وحيءَ جي روڪ بابت ابن سعد، ابن عباس رضہ کان روايت نقل ڪئي آهي. جنهن جو مفهوم اهو آهي تہ اها روڪ تورن ڏينهن لاء هئي ۽ سيني پاسن تي نظر وجهڻ ڪانپوء اها ئي ڳالهہ پڪي سمجهجي ٿي ۽ جيڪو مشهور آهي تہ وحيءَ جي روڪ ٽي ورهيہ يا اڍائي ورهيہ هئي، اهو هرگز صحيح نہ آهي. باقي هتي دليلن تي بحث ڪرڻ ممڪن ڪونهي. (2)

(2) ڪجهہ وضاحت اڳتي حاشي ۾ ڪيل آهي.

وحيءَ جي روڪ وارن ڏينهن ۾ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم نهايت ملول رهيا ۽ سندن مٿان حيرت ۽ استعجاب طاري رهيو. جيئن صحيح بخاري ڪتاب التعبير ۾ آيل آهي تہ: "وحي بند ٿي وئي، جنهن ڪري رسول الله صلى الله عليه وسلم ايترا ملول ٿيا جو ڪجھ ڀيرا مٿانهن جبلن تي هليا ويندا هئا تہ جيئن اتان پاڻ کي ڪيرائي ڇڏين پر جڏهن ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي پاڻ ڪيرائڻ لاء پهچندا هئاتہ حضرت جبرئيل عہ ظاهر ٿي چوندو هو تہ "اي محمد! صلي الله عليہ وآلہ وسلم توهان الله جا سچا روسل آهيو". ان ڪارڻ پاڻ سڳورن جي تڙپ

جهڪي ٿي ويندي هئي. نفس کي سڪون ملندو هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ موٽي ايندا هئا. وري جڏهن وحيءَ جي روڪ وڌي ويندي هئي تہ وري اهڙي ئي ارادي سان نڪري پوندا هئا پر جبل جي چوٽي تي پهچندا هئا تہ حضرت جبرئيل عہ جن ظاهر ٿي ساڳي ڳالهہ ورجائيندا هئا. (3)

(3) صحيح بخاري ڪتاب التعبير باب اول مابدئي بہ رسول الله ﷺ الرؤيا الصالحۃ 1034/2

جبرئيل عہ جو ٻيهر وحي ڪٽي اچڻ:- حافظ ابن حجر رحہ فرمائي ٿو تہ اها (يعني وحيءَ جي ٿورن ڏينهن لاءِ روڪ) ان لاءِ هئي تہ جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جي دل مان ڊپ نڪري وڃي ۽ ٻيهر وحي اچڻ جو شوق ۽ انتظار پيدا ٿئي. (1)

(1) فتح الباري 27/1

تنهن ڪري جڏهن حيرت جي ڌنڌ ڇٽي ۽ حقيقت جا نقش پڪا ٿي ويا ۽ نبي ﷺ کي پڪي ڄاڻ پئجي وئي تہ پاڻ ﷺ الله جا نبي ٿي چڪا آهن ۽ اوهان وٽ جيڪو ماڻهو آيو هو اهو وحيءَ جو سفير ۽ آسمان جون خبرون ٻڌائڻ وارو آهي. ان طرح وحيءَ لاءِ سندن شوق ۽ انتظار ان ڳالهہ جي

ضمانت تي ويو تہ هاڻي وحي لهڻ تي پاڻ سڳورا ﷺ ثابت قدم رهندا ۽ ان بار کي کڻي ويندا تہ جبرئيل عہ جن ٻيهر آيا. صحيح بخاريءَ ۾ حضرت جابر بن عبداللّٰه رضہ کان روايت آهي تہ انهن رسول اللّٰه ﷺ جي زباني وحي روڪجڻ وارو واقعو ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "آئون وڃي رهيو هوس تہ اوچتو اپ منجهان هڪ آواز آيو. مون اپ ڏانهن ڏٺو تہ ڇا ٿو ڏسان تہ اهو ئي فرشتو جيڪو مون وٽ حرا ۾ آيو هو، اپ ۽ ڌرتي جي وچ ۾ هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. آئون ان کان ڊڄي ڌرتيءَ طرف جهڪيس. پوءِ مون پنهنجن گهر وارن وٽ وڃي چيو تہ مون کي چادر اوڍايو. مون کي چادر اوڍايو. انهن چادر اوڍائي. ان کانپوءِ اللّٰه تعاليٰ يا يها المدثر — والر جزف هجر تائين نازل ڪئي. پوءِ وحي لهڻ ۾ تيزي اچي وئي ۽ هڪ ٻئي پويان نازل ٿيڻ لڳي. (2)

(2) صحيح بخاري ڪتاب التفسير باب والرجز فا هجر 733/2 هن روايت جي بعض طرف جي منا ۾ اهو اضافو ڪيل آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مون حرا ۾ اعتڪاف ڪيو ۽ جڏهن اعتڪاف پورو ٿيو تہ هيٺ لٿس.

پوء جڏهن بطن جي ماٿريءَ مان لنگهي رهيو هوس تہ مون کي سڏ ٿيو. مون کاٻي ساڄي اڳيان پنيان ڏٺو. ڪجهہ نظر نہ آيو. مٿي نهاريم تہ ڇا ڏسان تہ اهو ئي فرشتو... الخ ...
تاريخدانن جي سڀني روايتن جي مجموعي مان ان ڳالهہ جو پتو پوي ٿو تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ٽي سال رمضان جا مهينا حرا ۾ اعتڪاف ڪيو ۽ وحي لهڻ وارو رمضان ٽيو ۽ آخري هو پاڻ سڳوره صلی اللہ علیہ وسلم جو دستور هو تہ پاڻ صلی اللہ علیہ وسلم رمضان ۾ اعتڪاف پورو ڪري پهرين شوال تي سويرو ئي مڪي موٽي ايندا هئا. مٿين روايت سان ان ڳالهہ کي ڳنڍڻ سان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ يا يها المدسثر واري وحي، پهرين وحي کان ڏهہ ڏينهن پوء لٿي هئي. معنيٰ تہ وحي رڪجڻ جو ڪل مدو ڏهہ ڏينهن هو. والله اعلم

وحيءَ جا قسم:- هاڻ اسين موضوع کان ٿورو هٽي، يعني رسالت ۽ نبوت جي حيات مبارڪ جي تفصيل شروع ڪرڻ کان اڳ وحيءَ جي قسمن جو ذڪر ڪرڻ گهرون ٿا. علامہ ابن قيم رضہ وحيءَ جا هيٺ ڄاڻايل قسم ٻڌايا آهن.

(1) سچو خواب: ان سان پاڻ سڳورن ﷺ تي وحيءَ جي شروعات ٿي.

(2) فرشتو نظر اچڻ کان سواءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي دل ۾ ڳالهه وجهي ڇڏيندو هو. مثال طور پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ: اِن روح القدس .... لا ينال الا بطاعتہ

(روح القدس منهنجي دل ۾ اها ڳالهہ ڦوڪي تہ ڪو بہ نفس مري نٿو سگهي، ايستائين جو پنهنجو رزق پورو حاصل ڪري وٺي. بس الله کان ڊڄو ۽ طلب ۾ چڱائي اختيار ڪريو ۽ رزق جي تاخير توهان کي ان ڳالهہ تي آماده نہ ڪري تہ توهان ان کي الله جي نافرمانيءَ جي وسيلي ڳوليو. ڇو تہ الله وٽ جيڪي ڪجهہ آهي اهو سندس اطاعت کانسواءِ حاصل نٿو ڪري سگهجي).

3. فرشتو پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ماڻهو جو روپ وٺي ڪين مخاطب ڪندو هو ۽ پوءِ جيڪي چوندو هو. اهو پاڻ ﷺ ياد ڪري ڇڏيندا هئا. ان صورت ۾ ڪڏهن ڪڏهن اصحابي رضہ بہ فرشتي کي ڏسندا هئا.

4. پاڻ سڳورن وٽ وحي گھنٽيءَ جي ٽن ٽن وانگر ايندي هئي. اها وحيءَ جي سڀ کان سخت صورت هئي. ان صورت ۾ فرشتو پاڻ سڳورن ﷺ سان ملندو هو ۽ وحي ايندي هئي تہ سخت سياري ۾ بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي نراڙ پگھر سان پرجي ويندي هئي ۽ پاڻ ﷺ ڏاچيءَ تي سوار هوندا هئا تہ اها زمين تي ويهي رهندي هئي. هڪ ڀيري ان طرح وحي آئي. پاڻ سڳورن ﷺ جي ران حضرت زيد بن ثابت رضہ جي ران تي هئي تہ ان کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ران ڪچلجي ويندي.

5. پاڻ سڳورا ﷺ فرشتي کي سندس اصلي ۽ پيدائشي شڪل ۾ ڏسندا هئا ۽ ان حالت ۾ الله تعاليٰ جي وحي پهچائيندو هو. اها حالت پاڻ سڳورن سان بہ ڀيرا ٿي. جنهن جو ذڪر الله تعاليٰ سوره النجم ۾ ڪيو آهي.

6. اها وحي جيڪا پاڻ سڳورن تي معراج واري رات نماز فرض ٿيڻ وغيره جي سلسلي ۾ الله تعاليٰ ان وقت نازل ڪئي جڏهن پاڻ ﷺ مٿي آسمانن تي هئا.

7. فرشتي جي واسطي کانسواء الله تعاليٰ جي پاڻ سڳورن ﷺ سان پردي ۾ رهي سڌي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جيئن الله تعاليٰ موسيٰ عہ سان ڳالهايو. وحيءَ جي اها صورت قرآن ۾ قطعي طور تي ثابت ٿيل آهي پر پاڻ سڳورن ﷺ لاء ان جو ثبوت (قرآن بدران) معراج جي حديث ۾ آهي.

ڪن ماڻهن اٺين قسم جو بہ واڌارو ڪيو آهي. يعني الله تعاليٰ آمهون سامهو بنا حجاب جي ڳالهائي پر اها اهڙي صورت آهي جنهن بابت سلف کان خلف تائين اختلاف هلندو اچي. (1)

(1) زاد المعاد 18/1 پهرئين ۽ اٺين صورت جي بيان ۾ اصل عبارت ۾ ٿوري تلخيص ڪئي وئي آهي.

+ +

تبليغ جو حڪم ۽ ان جا مضمرات

سورت المدثر جون شروعاتي آيتون: يا يها المدثر کان ولر بک فاصبر

تائين ۾. پاڻ سڳورن کي ڳچ حڪم ڏنا ويا آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ تہ ننڍڙا ۽ سادا آهن پر حقيقت ۾ دور رس مقصدن تي ٻڌل آهن ۽ حقيقتن تي انهن جا گهرا اثر مرتب ٿين ٿا. جيئن:

1. انذار جي آخري منزل اها آهي تہ عالم وجود ۾ الله جي مرضيءَ کانسواءِ جيڪو هلي پيو ان کي ان جي بڇڙي پڇاڻي کان آگاهہ ڪيو وڃي ۽ اهو بہ ان طرح جو خدا جي عذاب جو ڊپ سندس دل ۽ دماغ ۾ هلچل ۽ اٿل پٿل مچائي ڇڏي.

2. رب جي وڏائي مڃڻ جي آخري منزل اها آهي تہ سڄي ڌرتيءَ تي ڪنهن بہ ٻئي جي وڏائي نہ هلڻ ڏجي. بلڪ ان جي ڏيک ويک کي ٽوڙي تهس نهس ڪري ڇڏجي.

3. ڪپڙي جي پاڪائي ۽ گندگيءَ کان دوريءَ جي آخري منزل اها آهي تہ اندر ۽ ٻاهر جي پاڪائي ۽ سڀني شوائب والواث کان نفس جي صفائيءَ جي سلسلي ۾ ان انتهائي حد تي پهچي وڃجي جيڪا الله جي رحمت جي گهاٽي ڇانو ۾ سندس سار ۽ سنڀال ۽ هدايت ۽ نور تحت ممڪن آهي، ايستائين جو انساني سماج جو اهڙو اعليٰ ترين نمونو بڻجي

وجي جو پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن سڀ چڱيون دليون ڇڪجي وڃن ۽ ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي هيبت ۽ وڏائي جو احساس ڪمزور دلين کي بہ ٿي وڃي ۽ ان طرح سڄي دنيا موافقت يا ۾ مخالفت ۾ پاڻ سڳورن ڏانهن متوجهہ ٿي وڃي.

4. احسان ڪري ان جو حوصلو نہ گهرڻ جي آخري منزل اها آهي تہ پنهنجي ڪوشش ۽ ڪارنامن کي اهميت نہ ڏجي. بلڪہ هڪ ڪانپوء ٻئي عمل لاء جدوجهد ڪبي رهجي ۽ وڏي پيماني تي قرباني، محنت ۽ ڪوشش ڪري ان معنيٰ ۾ وساربي وڃبي تہ اهو ڪو اسان جو ڪارنامو آهي. يعني الله جي ياد ۽ ان آڏو جوابده هجڻ جو احساس پنهنجي ڪوشش ۽ محنت جي احسس تي حاوي جي.

5. آخري آيت ۾ اشارو آهي تہ الله ڏانهن دعوت ڏيڻ جو ڪم شروع ڪرڻ بعد مخالفن پاران مخالفت. ٺٺولي کل ۽ ٺوڪ جي شڪل ۾ ايذاءُ رسانيءَ کان وني پاڻ سڳورن ﷺ کي ۽ سندن ساٿين کي مارڻ ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري گڏ ٿيل ايمان وارن کي مٿائي ڇڏڻ جهڙيون

پرپور ڪوششون تينديون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جو انهن سيني سان واسطو پوندو. ان صورت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي پير ڄمائي بيهڻو ۽ پختگيءَ سان صبر ڪرڻو پوندو. اهو بہ ان لاءِ نہ تہ ان صبر جي بدلي ۾ ڪنهن نفساني مزي جي اميد هجي. بلڪ رڳو پنهنجي رب جي رضا ۽ ان جي دين جي سربلنديءَ لاءِ (ولر بڪ فاصبر)

الله اڪبر! اهي حڪم ڏسڻ ۾ ڪيڏا نہ سادا ۽ ننڍڙا آهن ۽ ناهن جي لفظن جي جوڙجڪ ڪيڏي نہ سڪون ڀري ۽ دل ڇڪڻ واري ميناج سان ڀريل آهي پر عمل ۽ مقصد جي لحاظ کان اهي حڪم ڪيڏا نہ ڳرا ۽ ڪيڏا نہ وڏا ۽ ڪيڏا نہ سخت آهن ۽ ان جي ڪارڻ ڪيڏو نہ سخت طوفان ايندو جو سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ کي لوڏي ۽ هڪ ٻئي سان سٽي ڇڏيندو.

انهن ئي ٻڌايل آيتن ۾ دعوت ۽ تبليغ جو مواد بہ موجود آهي. انذار جو مطلب اهو آهي تہ بني آدم جا ڪجهہ عمل اهڙا آهن جن جو انجام برو آهي ۽ اهو سڀ ڄاڻن ٿا تہ هن دنيا ۾ ماڻهن کي نہ کو سندن سيني عملن جو بدلو ملي

ٿو ۽ نہ ئي ملي سگهي ٿو. ان ڪري انذار جي هڪ گهرج اها بہ آهي تہ دنيا جي ڏينهن ڪانسواءِ هڪ ڏينهن اهڙو بہ هجڻ ڪپي، جڏهن هر عمل جو پورو پورو ۽ نيڪ نيڪ بدلو ڏنو وڃي. اهو ئي قيامت جو ڏينهن، جزا جو ڏينهن ۽ بدلي جو ڏينهن آهي. ان ڏينهن بدلو ملڻ جي لازمي گهرج اها بہ ٿيندي تہ اسين دنيا ۾ جيڪا زندگي گذاري رهيا آهيون ان ڪانسواءِ بہ هڪ زندگي هجي.

ٻين آيتن ۾ ٻانهن ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي تہ اهي خدا جي نج هيڪڙائيءَ ڪي مڃين. پنهنجا سڀ معاملا الله جي حوالي ڪن ۽ الله جي رضا تي نفس جي خواهش ۽ ماڻهن جي ڪي تياڳي ڇڏين. ان طرح دعوت ۽ تبليغ جي مواد جو تت هي ٿيندو.

(الف) خدا جي هيڪڙائي

(ب) قيامت جي ڏينهن تي ايمان

(ج) نفس جي پاڪائيءَ جو بندوبست، يعني بري انجام تائين وٺي وڃڻ وارن گندن ۽ فحش ڪمن ڪان پاسو ڪرڻ ۽ فضيلتن، ڪمالن ۽ چڱن ڪمن تي هلڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ.

(د) پنهنجا سڀ معاملا الله جي حوالي ڪرڻ
(ہ) ان جي آخري ڪڙي اها آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ پاڻ سڳورن ﷺ جي رسالت تي پاڻ سڳورن ﷺ جي عظمتن سان ڀريل اڳواٽي ۽ رشد و هدايت سان ڀريل قولن جي روشني ۾ پورو ڪيو وڃي.

انهن آيتن جي مطلع الله بزرگ ۽ برتر جي آواز ۾ هڪ آسماني سڏ تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي هيڏي وڏي ڪم لاءِ اٿڻ، ننڊ جي چادر پوشي ۽ ڪوسي هنڌ مان نڪري جهاد و ڪفاح ۽ ڪوشش ۽ محنت جي ميدان ۾ ٽپي پوڻ لاءِ چيو ويو آهي. يا يها المد ثر قم فانذر (74: 2/1) "اي چادر پهريل! اٿي ۽ ڊيڄار". ڄڻ چيو وڃي پيو تہ جنهن کي پاڻ لاءِ جيئڻو آهي، اهو ڀلي مزي جي زندگي گذاري پر توهان ﷺ جيڪي هن زبردست بار کي کڻي رهيا آهيو تہ توهان ﷺ جو ننڊ سان ڪهڙو ڪم؟ توهان ﷺ جو راحت سان ڪهڙو واسطو؟ توهان ﷺ کي ڪوسي هنڌ سان ڪهڙو مطلب؟ سکون واري حياتيءَ سان ڪهڙي نسبت؟ راحت جي ٽڪساٽ سان ڪهڙو واسطو؟

توهان ﷺ ان وڏي ڪم لاءِ اٿي ڪڙا ٿيو، جيڪو اوهان لاءِ منتظر آهي، ان ڳري بار لاءِ جيڪو اوهان لاءِ تيار آهي، اوهان ڪوشش ۽ سخت محنت لاءِ اٿو جو هاڻي ننڊ ۽ راحت جو وقت نہ رهيو آهي. هاڻي لڳاتار اوجاڳا آهن ۽ ڊگهو سخت محنت وارو جهاد آهي. اٿو ۽ ان ڪم لاءِ چستيءَ سان تيار ٿي وڃو.

اهي تمام وڏا ۽ ڏيچاريندڙ جملا آهن، جن پاڻ سڳورن کي پرسڪون گهر، بستري جي نرمي ۽ گرميءَ مان ڇڪي تيز طوفان جي وچ ۾ گهري سمنا ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ ماڻهن جي ضمير ۽ زندگيءَ جي حقيقتن جي ڪشمڪش جي وچ ۾ اچي بيهاريو. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اٿي ڪڙا ٿيا ۽ ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين اٿيا رهيا. دنيا جا مزا تياڳي ڇڏيائون. سندن زندگي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن لاءِ نہ رهي. سندن ڪم الله ڏانهن ماڻهن کي سڏڻ هو. پاڻ سڳورن ﷺ ڇيلهہ ڇٻي ڪرڻ وارو ڳرو بار، پنهنجن ڪلهن تي ڏاڍي سهولت سان کڻي ورتو هو. هن سڄي ڌرتيءَ تي امانت ڪبريٰ جو بار. سڄي انسانيت جو بار، سيني

عقيدن جو بار ۽ مختلف ميدانن ۾ جهاد ۽ دفاع جو بار. پاڻ سڳورن ﷺ ويهه ورهين کان وڌيڪ عرصو لاڳيتو هلندڙ ٽڪراءَ ۽ مقابلي واري ماحول ۾ حياتي گذاري ۽ ان سڄي دور ۾ يعني جڏهن کان پاڻ سڳورن اهو آسماني سڏ ٻڌو هو ۽ ڳرو بار کنيو هو. ڪين ڪا هڪ حالت، ٻئي حالت کان غافل نہ ڪري سگهي. الله، پاڻ سڳورن ﷺ کي اسان ۽ سڄي انسانيت پاران بهترين جزا ڏي. (1)

(1) في ظلال القرآن سوره مزمل و مدثر سيپارو 29: 168 کان 171-182

ايندڙ صفحن ۾ رسول الله ﷺ جي ان ئي ڊگهي ۽ اڻٿڪ جهاد جو هڪ مختصر خاڪو ڏنل آهي.

+ + + + + + + + + + + + + + + + + +

دعوت جا دور ۽ مرحلا

اسين پاڻ سڳورن ﷺ جي پيغمبري واري حياتيءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. جيڪي هڪ ٻئي کان صفا مختلف آهن. اهي هي آهن.

1. ميڪي واري حياتي - اٽڪل تيرنهن ورهيه
2. مديني واري حياتي - اٽڪل ڏهه ورهيه

انهن مان هر ڪو حصو به ڪجھ مرحلن تي مشتمل آهي ۽ اهي مرحلا به پنهنجي خاصيتن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان ڏاڍا مختلف آهن. ان جو اندازو پاڻ سڳورن ﷺ جي پيغمبراڻي حياتيءَ جي ٻنهي حصن ۾ پيش آيل مختلف حالتن جو گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ کانپوء لڳائي سگهي ٿو.

مڪي واري زندگي ٽن مرحلن تي مشتمل هئي

1. لڪ ۾ دعوت ڏيڻ جو مرحلو - ٽي ورهيه
2. مڪي وارن کي کليل دعوت ڏيڻ ۽ تبليغ جو مرحلو - چوٿين سان جي منڍ کان ڏهين سالن جي توڙ تائين
3. مڪي کان ٻاهر اسلام جي دعوت جي مقبوليت ۽ ڦهلاءَ جو مرحلو - ڏهين نبوي سالا کان مديني هجرت ڪرڻ تائين

مدني زندگي جي مرحلن جي تفصيل پنهنجي جڳهه تي ايندي.

پهريون مرحلو : تبليغي ڪوششون

لڪل دعوت جا ٽي ورهيه:- اسان کي ڄاڻ آهي ته مڪو عربستان جو ديني مرڪز هو. هتي ڪعبي جا نگران به هئا ته ان ۾ رکيل بتن جا نگهبان پڻ، جن کي سڄو عربستان پلارو سمجهندو هو. ان ڪري ڪنهن پرانهين هنڌ جي ڀيٽ ۾ مڪي ۾ تبديلي آڻڻ جو ڪم ڏکيو هو. هتي اٽل ارادن جي گهرج هئي. جيئن مصيبتون ۽ تڪليفون لوڏي نه وجهن. ان ڪري ان ڳالهه جي گهرجي هئي ته پهرين دعوت ۽ تبليغ جو ڪم لڪيچپ ۾ ڪجي، جيئن مڪي وارن کي اوچتو ڪو جهٽڪو نه لڳي.

پهريان مسلمان:- اها هڪ فطري ڳالهه هئي جو پاڻ سڳورن ﷺ سڀ کان پهرين انهن ماڻهن آڏو اسلام پيش ڪيو جن سان سندن گهرا واسطا هئا. يعني پنهنجي گهر وارن ۽ دوستن تي. ان طرح پاڻ سڳورن ﷺ پهرين پنهنجي انهن ڄاڻ سڃاڻ وارن کي حق ڏانهن سڏيو جن جي مک تي ڪين

نيڪيءَ جا آثار نظر آيا ٿي ۽ پاڻ ﷺ ڇاتائون ٿي تہ اهي حق ۽ خير کي پسند ڪن ٿا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي سچائي ۽ ڀلائيءَ کان بہ واقف آهن ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي دعوت ڏني، انهن مان هڪ گروهہ جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي وڏائي، نفس جي پاڪائي ۽ سچائيءَ جي پڪ هئي. انهن پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت قبول ڪري ورتي. اهي اسلامي تاريخ ۾ "سابقين اولين" جي نالي سان مشهور آهن. انهن ۾ سڀ کان مٿي پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر واري ام المؤمنين بيبي خديجہ رضہ بنت خويلد، پاڻ سڳورن ﷺ جو آزاد ڪيل ٻانهو حضرت زيد بن حارث رضہ بن شر حبيل ڪلبي (1)

(1) پاڻ هڪ جنگ ۾ قيد ٿي غلام بڻجي ويا هئا. بعدہ بيبي خديجہ رضہ سندن مالڪ ٿي ۽ کين پاڻ سڳورن ﷺ کي هبہ ڪيائون. ان ڏينهن ڪانپوءِ سندن والد ۽ چاچو کين گهر وٺي وڃڻ لاءِ آيا پر انهن ٻنهي کي ڇڏي پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ رهڻ کي پسند ڪيائون. ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ عربن جي دستور مطابق کين مٿبني (هنج ورتل)

ڪيو ۽ ڪين زيد بن محمد صلى الله عليه وسلم چيو وڃڻ لڳو. تانت اسلام ان رسم جي پڇاڙي ڪئي.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جا سوٽ حضرت علي بن ابي طالب رضہ. جيڪي اجا پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي سنڀال هيٺ هئا ۽ اجا ٻار هئا ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جا يارغار حضرت ابوبڪر صديق رضہ. اهي سڀ پهرئين ڏينهن ئي مسلمان ٿي ويا. (2)

(2) رحمت اللعالمين 50/1

ان ڪانپوء حضرت ابوبڪر رضہ جن اسلام جي تبليغ ۾ سرگرم ٿي ويا. اهي هر ڪنهن کي وڻندڙ. نرم دل ۽ وٽندڙ گڻن جا مالڪ. اخلاق وارا ۽ دريا دل هئا. سندن مروت، دور انديشي، واپار ۽ سٺي صحبت ڏيڻ ڪري ماڻهن جي وٽن اچ وڃ رهندي هئي. ان ڪري انهن پاڻ وٽ ايندڙن مان جن کي ٻہ قابل اعتماد ڄاتو، ان کي اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. سندن ڪوشش سان حضرت عثمان رضہ، حضرت زبير رضہ، حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ، حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ ۽ حضرت طلحہ بن عبيد الله رضہ جن

مسلمان ٿيا، اهي بزرگ اسلام لاءِ جهڙ وارو دستو ثابت ٿيا. جن ماڻهن شروع ۾ اسلام قبول ڪيو، انهن مان حضرت بلال رضہ بہ جن ۾ هڪ آهن. تن ڪانپوءِ امين امت حضرت ابو عبيده رضہ، عامر بن جراح رضہ، ابو سلمہ بن عبدالاسد رضہ، ارقم بن ابي ارقم رضہ، عثمان بن مظعون رضہ ۽ انهن جا ڀاءُ قدامہ رضہ ۽ عبدالله رضہ ۽ عبيده بن حارث رضہ بن مطلب بن عبدالمناف، سعيد بن زيد رضہ ۽ انهن جي گهر واري يعني حضرت عمر رضہ جي ڀيڻ فاطمہ بنت خطاب ۽ خباب بن آرت رضہ، عبدالله بن مسعود رضہ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي همراهہ مسلمان ٿيا. اهي ماڻهو مجموعي طور تي قريشن جي سيني شاخن سان تعلق رکندا هئا. ابن هشام سندن انگ چاليهن ڪان مٿي ٻڌايو آهي. (ڏسو 245/1 ڪان 262 پر انهن مان ڪن کي "سابقين اولين"۾ ڳڻڻ ٺيڪ نہ ٿيندو.

ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ ان ڪانپوءِ مرد ۽ عورتون اسلام ۾ گروهن جا گروهہ ٿي داخل ٿيا. ايستائين جو مڪي

۾ اسلام جو ذڪر پکڙجي ويو ۽ ماڻهن ۾ چوڳول مچي ويو. (1)

(1) سيرت ابن هشام 262/1

اهي سڀ لڪ ڇپ ۾ مسلمان ٿيا هئا ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن به لڪ ڇپ ۾ ئي سندن رهنمائي ڪندا هئا ۽ کين ديني تعليم ڏيندا هئا. ڇو ته تبليغ جو ڪم اڃا تائين لڪ ڇپ ۾ ئي هلي رهيو هو. هوڏانهن سوره مدثر جي پهرين آيتن کانپوءِ وحي لڳاتار ۽ تيزيءَ سان اچي رهي هئي. انهن ڏينهن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون آيتون نازل ٿي رهيون هيون. انهن آيتن جي پڇاڙي هڪ ئي قسم جي ڏاڍن روح کي ڇڪ ڪندڙ لفظن سان ٿيندي هئي، جن ۾ ڏاڍو سڪون ۽ موسيقيت هوندي هئي. جيڪا ان ماحول مطابق هئي. انهن آيتن ۾ نفس جي گڻن دنيا جي گندگي ۾ ليچ پيچ ٿيڻ جون خرابيون به ٻڌايون وينديون هيون ۽ جنت ۽ جهنم جو نقشو ان طرح ڇڪيو ويندو هو جڻ اهي اکين اڳيان هجن. اهي آيتون ايمان وارن کي ان وقت جي انساني معاشري کان بلڪل الڳ ٿلڳ ڪنهن ٻيءَ فضا جو سير ڪرائينديون هيون.

نماز: شروع وارين آيتن ۾ ئي نماز جو حڪم بہ هو. مقاتل بن سليمان ٻڌائي ٿو تہ الله تعاليٰ اسلام جي شروع ۾ ٻہ رڪعتون صبح ۽ ٻہ رڪعتون شام جي نماز فرض ڪئي، جيئن الله تعاليٰ جو ارشاد آهي هت و صبح بحمد ربڪ بالعشي والابڪار(40: 55) "صبح ۽ شام پنهنجي رب جي حمد ساڻ ان جي تسبيح ڪريو.

ابن حجر چوي ٿو تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿي معراج واري واقعي کان اڳ ان طرح ئي نماز پڙهندا هئا. باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ پنج نمازون فرض ٿيڻ کان اڳ بہ نمازون فرض هيون يا نہ؟ ڪن جو چوڻ آهي تہ سج اڀرڻ ۽ لهڻ کان پهرين هڪ هڪ نماز فرض هئي.

حارث رضہ بن اسامہ، ابن لهعہ جي طريق کان موصولا حضرت زيد بن حارثہ رضہ کان اها حديث روايت ڪئي آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي جڏهن شروع ۾ وحي آئي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ حضرت جبرئيل عہ آيو ۽ وضوع جو طريقو سيکاريو.جڏهن وضوءَ کان فارغ ٿيا تہ هڪ ٻڪ پاڻي جو پيري شرمگاهہ تي ڇنڊا هيائون. ابن ماجہ بہ

اهڙي هڪ حديث روايت ڪئي آهي. براءَ رضہ بن عازب ۽ ابن عباس رضہ کان ان طرح جون حديثون آيل آهن، ابن عباس رضہ جي حديث ۾ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ اها (نماز) اولين فرضن مان هئي. (1)

(1) مختص السيره از شيخ عبدالله ص 88

ابن هشام جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا صلی الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿي نماز مهل گهاٽين ۾ هليا ويندا هئا ۽ پنهنجي قوم کان لڪي نماز پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن ابو طالب، پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم ۽ حضرت علي رضہ کي نماز پڙهندي ڏسي ورتو ۽ ان بابت پڇا ڪئي، حقيقت معلوم ٿي تہ چيائون تہ ايئن پلي ڪريو. (2)

(2) ابن هشام 247/1

قريشن کي سڌس پوڻ:- مختلف واقعن مان پتو پوي ٿو تہ ان مرحلي ۾ تبليغ جو جيتوڻيڪ ڳجهيءَ طرح ڪيو پئي ويو پر

قريسن کي ان جي سڏس پئجي چڪي هئي پر انهن ان تي ڌيان ڪو نہ ڏنو.

محمد غزالي رحہ لکيو آهي تہ اهي خبرون قريشن ڪي پهچي چڪيون هيون پر انهن ڪا بہ اهميت نہ ڏني. شايد انهن محمد صلی اللہ علیہ وسلم کي بہ ان طرح جو ديني ماڻهو سمجهيو هو جيڪي خدا ۽ ان جي حقن جي موضوع تي ڳالهائيندا رهندا هئا. جيئن اميہ بن ابي الصلت، قس بن ساعده ۽ زيد بن عمرو بن نفيل وغيره ڪندا هئا. باقي ڪين ڪجهہ ڪجهہ شڪ ضرور پوڻ لڳا ۽ سندن ڌيان پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي چرپر ۽ تبليغ تي رهڻ لڳو. (1)

(1) فقہ السيره ص 76

ٽن ورهين تائين تبليغ جو ڪم ڳجهو ۽ انفرادي هليو ۽ ان دوران ايمان وارن جو هڪ ٽولو ٺهي پيو جنهن جون پاڙون پائيچاري ۽ تعاون جي جذبن ۾ ڪٿل هيون. اهو ٽولو الله جو نياپو پچائي رهيو هو ۽ ان نياپي کي مچتا ڏيارڻ لاءِ جتن ڪري رهيو هو. ان ڪانپوءِ وحي لهڻ شروع ٿي ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم تي بار وڌو ويو تہ پنهنجي قوم

کي ڪليو ڪلايو دين جي دعوت ڏين. انهن جي باطل (خدائن) سان ٽڪر کائين ۽ انهن جي بتن جي حقيقت پڌري ڪن.

ٻيو مرحلو ڪليل تبليغ

دعوت ڏيڻ جو پهريون حڪم:- ان بابت سڀ کان پهرين الله تعاليٰ جو اهو قول نازل ٿيو ته و اندر عشير تڪ الا قربين (26: 214) "توهان ﷺ پنهنجي ويجهن واسطيدارن کي (الاهي عذاب) کان ڊيڄاريو". اها سوره شعرا جي آيت آهي ۽ سورت ۾ سڀ کان پهرين حضرت موسيٰ عہ جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي يعني اهو ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن سندن نبوت جو آغاز ٿيو. پوء آخر ۾ انهن بني اسرائيل سميت هجرت ڪري فرعون ۽ ان جي قوم مان جان ڇڏائي ۽ فرعون ۽ آل فرعون کي ٻوڙيو ويو. ٻين لفظن ۾ اهو تذڪرو انهن تمام مرحلن تي ٻڌل آهي جن ذريعي حضرت موسيٰ عہ، فرعون ۽ ان جي قوم کي الله جي دين جي دعوت ڏني هئي.

منهنجو خيال آهي ته جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي قوم ۾ ڪليل تبليغ جو حڪم ڏنو ويو ته ان موقعي

تي حضرت موسيٰ عہ جي واقعي اها تفصيل ان ڪري ٻڌائي وئي جيئن ڪليو ڪلايو دعوت ڏيڻ ڪانپوءِ بہ جنهن طرح جي مخالفت ۽ ظلم زيادتيءَ سان واسطو پوڻ وارو هو. ان جو هڪ نمونو پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ۽ سندن پلارن ساٿين رضہ جي سامهون موجود هجي.

ٻئي پاسي ان سوره ۾ پيغمبرن کي ڪوڙو چوڻ وارين قومن، جهڙوڪ فرعون ۽ ان جي قوم ڪان سواءِ نوح عہ جي قوم، عاد، ثمود، ابراهيم عہ جي قوم، لوط عہ جي قوم ۽ اصحاب الايڪ جي پڇاڙيءَ جو ذڪر بہ ڪيل آهي، ان جو مقصد شايد اهو آهي تہ جيڪي ماڻهو پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي ڪوڙو چون، تن کي خبر پوي تہ انڪار جي صورت ۾ سندن پڇاڙي ڪيئن ٿيندي ۽ الله تعاليٰ پاران ڪائنن ڪهڙو پڇاڙو ٿيندو. اهو بہ تہ ايمان وارن کي خبر پوي تہ سٺي پڇاڙي سندن ٿيندي. انڪار ڪندڙن جي نہ.

مٽن مائٽن ۾ تبليغ:- بهرحال اها آيت لهڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم پهريون ڪم اهو ڪيو تہ بني هاشم کي جمع ڪيو. انهن سان گڏ بني مطلب بن عبدالمناف جو بہ هڪ

ٿولو هو. ڪل پنجيتاليهہ ماڻهو هئا. (هتي شايد اصل ڪتاب مان جملو ڪٽيل آهي. ڏسو ص 112) پر ابولهب سندن ڳالهہ ڪٽي چيو تہ "ڏس هي تنهنجا چاچا ۽ سوٽ آهن. ڳالهائي پلي پر ناداني ڇڏ ۽ اهو سمجهي وٺ تہ تنهنجو ڪڙم سڄي عربستان سان اٽڪڻ جو ست نٿو رکي ۽ آئون سڀ کان وڌيڪ حقدار آهيان جو توکي جهليان. بس تنهنجي لاءِ تنهنجي پيءَ جو گهراڻو ئي ڪوڙ آهي ۽ جي تو پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهئين تہ ڏاڍو سولو ٿيندو تہ قريشن جا سڀ قبيلا توتي ٽٽي پون ۽ ٻيا عرب بہ ان جي مدد ڪن. پوءِ آئون نٿو سمجهان ڪو شخص تو کان وڌيڪ پنهنجي پيءُ جي گهراڻي لاءِ شر (۽ تباهيءَ) جو باعث ٿيندو.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ انهن کي ٻيهر گڏ ڪيو ۽ فرمايو تہ "سڀ ساراه الله لاءِ آهي. آئون ان کي ئي ساراهيان ٿو ۽ ان کان ئي مدد گهران ٿو. ان تي ايمان رکان ٿو.ان تي ئي ڀروسو ڪريان ٿو ۽ اها ساک ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي. هو اڪيلو آهي. ان جو ڪوئي شريڪ نہ آهي". پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو

تہ "رھنما پنھنجي گھر ۽اتين سان ڪوڙ نٿو ڳالھائي سگھي.ان خدا جو قسم! جنھن کانسواءِ ڪير بہ عبادت جي لائق نہ آھي. آئون توھان لاءِ خاص طور تي ۽ ٻين ماڻھن ڏانھن عام طور تي الله جو رسول آھيان. بخدا! توھان ان طرح ئي مرندا جڻ ستا پيا ھجو ۽ ايئن وري اٿاريا ويندؤ جيئن سمھي اٿيا ھجو. توھان جيڪي ڪجھ ڪريو ٿا. ان جو توھان کان حساب ورتو ويندو. ان کانپوءِ يا تہ سدائين لاءِ جنت آھي يا سدائين لاءِ دوزخ".

ان تي ابو طالب چيو تہ (نہ پڇ) اسان کي تنھنجي مدد ڪرڻ ڪيتري پسند آھي! تنھنجي نصيحت ڪيتري قدر قبول ڪرڻ جوڳي آھي! ۽ اسين تنھنجي ڳالھ کي ڪيترو سچ سمجھون ٿا ۽ اھو تہ تنھنجي والد جو گھراڻو گڏ ٿيو آھي ۽ آئون بہ ان جو ھڪ فرد آھيان. فرق رڳو اھو آھي تہ آئون تنھنجي پسند جي پورائيءَ لاءِ انھن سڀني کان اڳرو آھيان. تنھن ڪري توي جنھن ڳالھ جو حڪم ٿيو آھي ان کي پورو ڪر. بخدا! آئون تنھنجي پوري سھائتا ڪندو

رهندس. باقي منهنجي طبيعت عبدالمطلب جو دين ڇڏڻ تي راضي نہ آهي.

ابولهب چيو تہ: خدا جو قسم! اها برائي آهي. هن جا هٿين کان اڳ اوهين جهلي وٺو. ان تي ابو طالب چيو تہ: خدا جو قسم! جيسين آئون جيئرو آهيان.هن جي حفاظت ڪندو رهندس. (1)

(1) فقہ السيره ص 77، 88 از ابن الاثير

صفا جي چوٽيءَ تي:- جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي پڪ ٿي تہ الله جي دين جي تبليغ دوران ابو طالب سندن سهائتا ڪندو تہ هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ صفا جبل تي هيءَ سين هنئين تہ: يا صبا حاه (1)

(1) عربن جو دستور هو تہ دشمن جي حملي کان اڳ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڪنهن مٿاهين جڳهہ تي چڙهي مٿين لفظن سان سڏيندا هئا

(هائي صبح)! اها سين ٻڌي قريشن جا قبيلا اچي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ گڏ ٿيا ۽ پاڻ سڳورن انهن کي خدا جي

هيڪڙائي، پنهنجي رسالت آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني. ان واقعي جو هڪ ٽڪرو صحيح بخاريءَ ۾ ابن عباس رضہ کان هڪ طرح آيل آهي تہ جڏهن و انذر عشير تڪ الا قربين نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ صفا جبل تي چڙهي بطون قريش کي سڏڻ لڳا.اي بني فهر! اي بني عدتي! ايستائين جو سڀ اچي ڪٺا ٿيا. ويندي جي ڪو پاڻ نہ ٿي اچي سگهيو تہ پنهنجو قاصد موڪليائين تہ ڏسي اچي تہ معاملو ڇا آهي؟ مطلب تہ قريش اچي ويا. ابو لهب بہ آيو. ان ڪان پوء پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "توهان اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن آئون اها خبر ڏيان تہ جبل جي هن پر شهسوارن جو هڪ ٽولو آهي جيڪو اوهان تي هلان ڪرڻ گهري ٿو تہ ڇا توهان مون کي سچو مڃيندا؟" ماڻهن چيو تہ ها! اسان اوهان کي اڳيئي سچو ٿا سمجهون. پاڻ سڳورن فرمايو تہ چڱو آئون اوهان کي هڪ سخت عذاب اچڻ کان اڳ خبردار ڪرڻ لاء موڪليو ويو آهيان. ان تي ابو لهب چيو تہ سڄو ڏينهن غارت ٿين ٿو. اسان کي ان لاء ڪٺو

ڪيو آهي. ان تي سوره تبت يدا ابي لهب نازل ٿي يعني "ابو لهب جا ٻئي هٿ غارت ٿين ۽ هو پاڻ غارت ٿئي. (1)

(1) صحيح بخاري 2/702، 743 صحيح مسلم 1/114

ان واقعي جو هڪ ٻيو ٽڪرو امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ ابو هريره رضہ کان روايت ڪيو آهي تہ جڏهن مٿين آيت نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ سين هنئين. اها سين عام لاء بہ هئي تہ خاص لاء بہ. پاڻ سڳورن ﷺ چيو تہ اي قريش! پنهنجو پاڻ کي دوزخ جي باهہ کان بچايو. اي بني ڪعب! پاڻ کي دوزخ کان بچايو. اي محمد ﷺ جي ڌيءَ فاطمہ! پاڻ کي دوزخ کان بچاء ڇو تہ آئون توهان کي الله (جي پڪڙ) کان (بچائڻ) جو ذرو بہ اختيار نٿو رکان. باقي توهان سان نسب ۾ مائٽي جا رشتا آهن. جن کي آئون باقي ۽ ترو تازو رکڻ جي ڪوشش ڪندس. (2)

(2) صحيح مسلم 1/114 ۽ صحيح بخاري 1/385

اها سين تبليغ جي ڪڙي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن ويجهن ماڻهن اڳيان کولي ٻڌايو هو تہ هاڻي هن رسالت کي مڃڻ تي ئي ايندڙ وقت واسطن جو بنياد رهندو ۽ جنهن نسلي ۽ قبائلي عصبيت تي عرب بيٺل هئا اها ان خدائي انداز جي حرارت سان پگهري ختم ٿي وئي آهي.

حق جو چٽن لفظن ۾ اعلان ۽ مشرڪن جو ردعمل:- اجا هن سڏ جو پڙاڏو مڪي جي ڀرپاسي ۾ ٻڌڻ ۾اچي رهيو هو تہ الله تعاليٰ جو هڪ ٻيو حڪم نازل ٿيو. فاصد ع بما .... المشر كين (15: 94)

"توهان کي جيڪو حڪم مليو آهي اهو کولي ٻڌايو ۽ مشرڪن کان منهن موڙي ڇڏيو" ان کانپوء پاڻ سڳورن ﷺ اجاين شرڪيہ رسمن تي تنقيد ڪرڻ ۽ بتن جي حقيقت ۽ قدر و قيمت ڪليل لفظن ۾ ٻڌائڻ شروع ڪئي. پاڻ سڳوره ﷺ مثال ڏئي سمجهائيندا هئا تہ اهي ڪيترا نہ بي پهچ ۽ ناڪاره آهن ۽ دليلن سان واضح ڪندا هئا تہ جيڪو ماڻهو انهن کي پوڄي ٿو ۽ انهن کي الله ۽ پنهنجي وچ ۾ وسيلو ڪري ٿو اهو ڪيتري ڪليل گمراهيءَ ۾ آهي.

مڪي وارا هڪ اهڙي سين ٻڌي ڏمرجي پيا جنهن ۾ مشرڪن ۽ بت پرستن کي راه تان ٽڙيل ڇيو ويو هو ۽ ڪر وڏ ۾ وٺجڻ سٽجڻ لڳا. ڇڻ تہ ڪنوڻ جا ڪڙڪا هئا. جن مانيٽي ماحول کي لوڏي ڇڏيو. ان ڪري قريش اوچتو ڦاٽي نڪتل "انقلاب" کي جڙ کان ڪٽڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا هت جيئن ابن ڏاڏن کان هلندڙ سمن کي ختم ٿيڻ کان بچائجي.

قريش اٿي کڙا ٿيا ڇو تہ انهن ڄاتو ٿي تہ غير الله جي خدائيءَ کان انڪار ۽ رسالت ۽ آخري تي ايمان آڻڻ جو مطلب اهو ٿيندو تہ پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي ان رسالت جي حوالي ڪيو وڃي ۽ ان جي مڪمل اطاعت ڪئي وڃي. يعني ان طرح جو ٻين بابت تہ نهيو مورڳو پاڻ بابت بہ ڪو اختيار نہ هجي. ان جي معنيٰ اها هئي تہ مڪي وانر کي ٻين عربن تي جيڪا ديني برتري حاصل هئي. اها ختم ٿي وڃي ۽ الله ۽ ان جي رسول جي رضا جي مقابلي ۾ سندن مرضيءَ جو ڪو عمل دخل نہ رهي. يعني هيٺئين طبقي تي اهي جيڪي ظلم ڪندا هئا ۽ جن براني ۾ صبح ۽ شام ليٽڙبا هئا ناهن تان هٿ ڪٽي وڃن. قريش ان مطلب کي

چڱي نموني سمجهي رهيا هئا. ان ڪري سندن ذهن اها خواريءَ واري صورتحال قبولڻ لاءِ تيار نہ هئا. پر ڪنهن شرف ۽ خير جي پيش نظر تہ: بل يريد الانسان ليفجر امامہ (75: 5) "بلڪ ان لاءِ تہ انسان چاهي ٿو تہ پيهر بہ برائي ڪندو رهي".

قريش اهو سڀ ڪجهہ سمجهي رهيا هئا پر مشڪل اها هئي تہ سندن سامهون اهڙو ماڻهو هو جيڪو صادق ۽ امين هو. انساني قدرن ۽ اخلاقي صفتن جو اعليٰ نمونو هو ۽ هڪ ڊگهي عرصي کان انهن پنهنجن ابن ڏاڏن جي تاريخ ۾ سندس مثال نہ ڏٺو هو، نہ ٻڌو هو. آخر هو ڪن بہ تہ ڇا ڪن! قريش اچرج ۾ هئا ۽ انهن کي اچرج ۾ پوڻ بہ گهربو هو. گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ هڪ رستو سمجهہ ۾ آين تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي ابو طلاب وٽ وڃن ۽ ڪانئس مطالبو ڪن تہ هو پاڻ سڳورن ﷺ کي ان ڪم کان روڪي. انهن پنهنجي مطالبي کي حقيقت جو روپ ڏيکارڻ لاءِ اهو دليل تيار ڪيو تہ سندن معبودن کي ڇڏڻ ۽ اهو چوڻ تہ اهي معبود نفعو نقصان پهچائڻ ۽ ڪجهہ ڪرڻ جي سگهہ

نٿا رکن. اها انهن معبودن جي لاءِ سخت توهين ۽ وڏي گار آهي ۽ اسان جن ابن ڏاڏن کي بيوقوف ۽ راه تان ٿڙيل هجڻ جو الزام آهي، جيڪي هن دين تي هلي چڪا آهن، قريشن کي اها ئي واٽ سمجهه ۾ آئي ۽ انهن تيزيءَ سان ان راه تي هلڻ شروع ڪيو.

قريش ابو طالب وٽ:- ابن اسحاق لکي ٿو ته قريشن جا ڪجهه سردار ابو طالب وٽ ويا ۽ چيائون ته "اي ابو طالب! اوهان جي ڀائيٽي اسانجن خدائن کي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي ۽ اسان جي دين جا عيب ڪڍيا آهن، اسان جي ڏاهپ کي بيوقوفي چوي ٿو ۽ اسان بن ڏاڏن کي راه تان ٿڙيل ليکي ٿو. تنهن ڪري يا ته تون ان کي روڪ يا اسان جي ۽ سندن وچ مان هٽي وڃ. ڇو ته توهان به اسان جيئن ڪانئس مختلف دين تي آهيو.

ان جي جواب ۾ ابو طالب ساڻن ٿڌي نموني رازداريءَ سان ڳالهايو، تنهن ڪري اهي موٽي ويا ۽ پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي پراڻي طريقي هلندي الله جو دين پکيڙڻ ۽ ان جي تبليغ ڪرڻ ۾ مصروف رهيا. (1)

(1) ابن هشام 265/1

حاجين کي روڪڻ لاء مجلس شورا:- انهن ئي ڏينهن ۾ قريشن آڏو هڪ ٻي مشڪل اچي ڪڙي ٿي. يعني اجا ڪليل تبليغ ڪندي ڪجهہ مهينا مس ٿيا هئا جو حج جو موسم اچي وئي. قريشن کي خبر هئي تہ هاڻي عربن جا ٽولا اچڻ شروع ٿي ويندا. ان لاء انهن ضروري ڄاتو تہ پاڻ سڳورن ﷺ بابت اهڙا افواه اٿارين جن سان عربنجي دلين تي پاڻ سڳورن ﷺ جي تبليغ جو اثر نہ ٿئي. ان بابت رٿ رٿڻ لاء اهي وليد بن مغيره وٽ گڏ ٿيا. وليد چيو تہ ان بابت توهان سڀ هڪ راء اختيار ڪريو. توهان جو پنهنجو پاڻ ۾ اختلاف نہ هجڻ کپي جو هو توهان مان آهي متان ڪو سندس پاسو وٺي ۽ توهان کي ڪوڙو ڪري وجهي. ماڻهن چيو تہ پوء توهان ئي ڪا صلاح ڏيو. هن چيو تہ نہ توهان ٻڌايو، آئون ٻڌندس. ان تي ڪن ماڻهن چيو تہ اسين چونداسين تہ هو ڪاهن آهي. وليد چيو تہ نہ خدا جو قسم! هو ڪاهن نہ آهي. پاڻ ڪا هنن کي ڏٺو آهي. هن ۾ ناهن جهڙي نہ جهونگار آهي نہ قافيہ بندي ۽ نہ ئي تڪبندي.

ان تي ماڻهن چيو تہ تڏهن اسين چونداسين تہ هو چريو آهي. وليد چيو تہ نہ هو چريو بہ نہ آهي. پاڻ چريا بہ ڏٺا آهن ۽ انهن جي حالت بہ سندس ڪيفيت چرين جهڙي ناهي. نہ ئي هو ابتيون سبتيون حرڪتون ڪندو آهي ۽ نہ ئي انهن وانگر ٽڙيل ڳالهيون ڪري ٿو.

ماڻهن چيو تہ تڏهن اسين چونداسين تہ هو شاعر آهي، وليد چيو تہ هو شاعر بہ ڪونهي. اسان کي رجز، هجز، قريص، مقبوض، مبسوط ۽ سيئي شعري صنفون معلوم آهن، هن جون ڳالهيون بهرحال شاعري ناهن. ماڻهن چيو تہ، تڏهن اسين چونداسين تہ جادوگر آهي. وليد چيو تہ هو جادوگر بہ ڪونهي. اسان جادوگر ۽ سندن جادو بہ ڏٺا آهن. هو نہ ڪو ٿوڻا ڦيڻا ڪري ٿو ۽ نہ ئي ڌاڳا وٽي ٿو ڏي.

ماڻهن چيو تہ: تڏهن اسين ڇا تہ چئون؟ وليد چيو تہ خدا جو قسم! هن جون ڳالهيون ڏاڍيون مٺيون آهن. جن جون جڙون پختيون آهن ۽ شاخون ميويدار. توهان جيڪي ڪجهہ چوندا، ماڻهو ان کي ڪوڙ سمجهندا. باقي ان بابت مناسب افواه اها چئي سگهجي ٿي تہ هو جادوگر آهي.هن وٽ اهڙو

ڪلام آهي جيڪو جادو آهي. جنهن سان پيءُ پٽ، ڀاءُ ڀاءَ، زال مڙس ۽ ڪڙم قبيلي ۾ ڏار پئجيو وڃن. آخرڪار ماڻهو اها رٿ رٿي اٿيا. (1)

(1) ابن هشام 271/1

ڪن روايتن ۾ اها تفصيل به ڏنل آهي ته جڏهن وليد، ماڻهن جون سڀ رٿون رد ڪري ڇڏيون ته ماڻهن چيو ته پوءِ توهان ئي پنهنجي راءِ ٻڌايو ان تي وليد چيو ته ٿورو سوچڻ ڏيو. ان کانپوءِ هن سوچي مٿي راءِ ڏني. (2)

(2) في ظلال القرآن سيپارو 188/29

هن معاملي ۾ وليد بابت سوره مدثر ۾ سورنهن آيتون (11 کان 26 تائين) لٿيون. جن مان ڪن ۾ سوچڻ جي ڪيفيت جو نقشو چٽيل آهي. جيئن ارشاد ٿيل آهي ته: انه فڪر........................... الا قول البشر (74: 18-25) "هن سوچيو ۽ اندازو لڳايو، هو غارت ٿئي، هن ڪهڙو اندازو لڳايو، وري غارت ٿئي، هن ڪهڙو اندازو لڳايو پوءِ نظر دوڙائي، پوءِ نراڙ تي گهنڊ وڌاءِ منهن کي موڙيا ڏنا پوءِ مڙيو ۽ تڪبر ڪيائين. آخرڪار چيائين ته

اهو نراو جادو آهي جيڪو اڳي کان هلندو اچي اهو رڳو انسان جو ڪلام آهي".

بهرحال اها رٿ منظور ٿي وئي تہ ان کي عملي طور تي لاڳو ڪرائڻ لاء ڪارروائي شروع ٿي. مڪي جا ڪي ڪافر حج جي پانڌيئڙن جي مختلف رستن تي ويهي رهيا ۽ اتان هر لنگهڻ واري کي پاڻ سڳورن ﷺ جهڙي "خطري" کان آگاهہ ڪري ان جي تفصيل ٻڌائڻ لڳا. (1)

(1) ابن هشام 271/1

هن ڪم ۾ سڀ کان اڳرو ابولهب هو. هو حج جي ڏينهن ۾ ماڻهن جي ديرن ۽ عڪاظ، مجنہ ۽ ذوالمجاز جي بازارن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي پٺيان پٺيان پيو هلندو هو. پاڻ سڳورا ﷺ الله جي دين جي تبليغ ڪري ويندا هئا تہ هو پٺيان اچي چوندو هو تہ هن جي ڳالهہ نہ مڃجوء. اهو ڪوڙو ۽ دين کان ڦريل آهي. (2)

(2) ترمذي، مسند احمد 3/492-4/341

ان پيچ ڊڪ جو نتيجو اهو نڪتو جو جڏهن حاجي گهرن ڏي موٽيا تہ سيني کي پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت

جي دعوا بابت ڄاڻ ملي چڪي هئي ۽ ايئن سڄي عربستان ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو چرچو تيڻ لڳو.

محاذ آرائيءَ جا مختلف انداز:- جڏهن قريشن ڏٺو ته محمد ﷺ کي دين جي تبليغ کان روڪڻ جي اها حڪمت عملي ناڪام وئي ته انهن هڪ ڀيرو وري سوچ ويچار ڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت کي ٻنجو ڏيڻ لاء مختلف طريقا اختيار ڪيا جن جو تت هي آهي.

1. ڪل، ٺٺولي، تحقير، ٺوڪ، تڪذيب، ان جو مقصد اهو هو ته مسلمانن جي دل ڪٽي ڪري سندن حوصلو ٽوڙيو وڃي. ان لاء مشرڪن، پاڻ سڳورن ﷺ تي اجايون تهمتون لڳائڻ ۽ بيهوديون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون.جيئن اهي ڪڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي چريو چوندا هئا، جيئن ارشاد پاڪ آهي ته:

وقالو يا .... انک لمجنون (15: 6)

"انهن ڪافرن چيو ته اهو ماڻهو جنهن تي قرآن لٿو آهي سو پڪ چريو آهي" ۽ ڪڏهن پاڻ سڳورن ﷺ تي جادوگر ۽ ڪوڙو هجڻ جو الزام لڳائيندا هئا. جيئن فرمايل

آهي تہ: و عجبو .... سحر كذاب (38: 4) "انهن کي اچرج آهي تہ انهن مان ئي هڪ ڊيڄارڻ وارو آيو ۽ ڪافر چون ٿا تہ اهو جادوگر آهي، ڪوڙو آهي".

اهي ڪافر پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان پويان ڪروڌ سان ۽ پلاند وٺڻ جهڙن جذبن سان هلندا هئا. ارشاد آهي تہ: و ان يكاد .... انہ لمجنون (68: 51) " ۽ جڏهن ڪافران قرآن کي ٻڌندا هئا تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي اهڙين نظرن سان ڏسن ٿا ڄڻ سندن قدم اکوڙي ڇڏيندا ۽ چوندا آهن تہ هي پڪ چريو آهي". ۽ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن جاء تي ويندا هئا ۽ ساڻن گڏ ٻي پهچ ۽ مظلوم اصحابي سڳورا هوندا هئا تہ انهن کي ڏسي مشرڪ ٽوڪ ڪندي چوندا هئا تہ: ان هو الاء .... من بيننا (6: 53) "اِڃا! اهي سڳورا آهن، جن تي الله اسان مان احسان ڪيو آهي!" جواب ۾ الله تعاليٰ فرمايو تہ: اليس الله با علم بالشكرين (6: 53) "ڇا الله شڪر ڪندڙن کي سڀ ڪان گهٽو نٿو ڄاڻي!"

عام طور تي ڪافرن جي حالت اها ئي هئي جنهن جو نقشو هيٺ ڏنل آيتن ۾ چٽيل آهي:

ان الذين .... عليهم حفظين (83: 29-33)

"جيڪي ڏوهاري هئا اهي ايمان وارن جو مذاق اڏائيندا هئا ۽ جڏهن انهن جي ويجهو لنگهندا هئا ته اکيون پٽيندا هئا ۽ جڏهن پنهنجن گهر ڏي موٽندا هئا ته مزو وٺي موٽندا هئا ۽ جڏهن انهن کي ڏسندا هئا ته چوندا هئا ته اهي ئي راه تان ٿڙيل آهن. جڏهنته اهي انهن مٿان نگران بڻائي نه موڪليا ويا هئا.

2. محاذ آرائيءَ جي ٻي صورت:- پاڻ سڳورن ﷺ جي تعليم کي بگاڙڻ شڪ ۽ شبها پيدا ڪرڻ، ڪوڙا افواه پکيڙڻ، تعليم کان وٺي شخصيت تائين واهيات اعتراض جو نشانو بنائڻ ۽ اهو سڀ ايترو گهڻو ڪرڻ جو عوام کي دعوت ۽ تبليغ تي غور ڪرڻ جو موقعو ئي نه ملي سگهي. جيئن اهي مشرڪ قرآن بابت چوندا هئا ته:

اسا طير .... بكره و اصيلا (25: 5)

"اهي گذريلن جا قصا آهن، جن کي پاڻ ﷺ لکائي ورتو

آهي. هاڻي پاڻ سڳورن ﷺ تي صبح شام تلاوت ڪيا وڃن ٿا. ...ان هذا .... قوم افرون (25: 4) "اهو رڳو ڪوڙ آهي جنهن کي ان گهڙيو آهي ۽ ڪن ٻين ماڻهن کان ان جي مدد ورتي آهي.

مشرڪ اهو به چوندا هئا تہ: انما يعلمہ بشر (6: 103) "اهو القران تہ توهان کي هڪ انسان سيکاري ٿو".

رسول الله ﷺ تي انهن جو هي اعتراض بہ هو تہ:

... مال هذا الرسول .... في الا سواق (25: 7)

اهو ڪهڙو رسول آهي جو کاڌو کائي ٿو ۽ بازارن ۾ گهمي ڦري ٿو! قرآن شريف ۾ گهڻن جڳهين تي مشرڪن جو رد بہ ڪيو ويو آهي.ڪٿي اعتراض سميت، ڪٿي بنا اعتراض جي.

3. محاذ آرائيءَ جي ٽي صورت:- گذريلن جي واقعن ۽ قصن سان قرآن جي ڀيٽ ڪرڻ ۽ ماڻهن کي انهن ۾ منجهائي ۽ ڦاسائي رکڻ جيئن نضر بن حارث جو واقعو آهي تہ نا هڪ ڀيرو قريسن کي چيو تہ "قريشو! خدا جو قسم!

توهان تي اهڙي مصيبت اچي پئي آهي جو توهان اجا تائين ان جو ٽوڙ نہ ڪري سگهيا آهيو. محمد ﷺ توهان ۾ جوان هو ۽ توهان سيني کان چڱو هو. سڀ کان وڌيڪ سچار ۽ امانتدار هو. هاڻي جڏهن ان جي لونڊڻن تي اڇاڻ اچڻ واري آهي (يعني اڌڙوٽ ٿيڻ وارو آهي) ۽ اهو توهان وٽ ڪي ڳالهيون کڻي آيو آهي تہ توهان چئو ٿا تہ هو جادوگر آهي! نہ خدا جو قسم! هو جادوگر نہ آهي. اسان جادوگر ڏٺا آهن. انهن جا ٿوڻا ڦيٽا ۽ ڌاڳا ونڻ بہ ڏٺا آهن ۽ توهان چئو ٿا تہ هو ڪاهن آهي. نہ، خدا جو قسم! هو ڪاهن بہ ڪونهي. اسان ڪاهن بہ ڏٺا آهن. انهن جون ابتيون سبتيون حرڪتون بہ ڏٺيون آهن. توهان چئو ٿا تہ هو شاعر آهي. نہ، خدا جو قسم! هو شاعر بہ نہ آهي. اسان شعر بہ ڏٺا آهن ۽ ان جي صنفن، هجز، رجز وغيره بہ ٻڌيون آهن. توهان چئو ٿا تہ هو چريو آهي. نہ، خدا جو قسم! هو چريو بہ نہ آهي. اسان چريائپ بہ ڏٺي آهي. هو نہ اهڙيون ٽڙيل ڳالهيون ڪري ٿو ۽ نہ اهڙيون فريب ڪاريءَ واريون ڳالهيون ٿو ڪري. قريشيو! سوچيو! خدا جو قسم! توهان تي وڏي مصيبت اچي ڪڙڪي

آهي. ان ڪانپوءِ نضر بن حارث، حيره ويو. اتان بادشاهن جا واقعا ۽ رستم ۽ اسفنديار جا قصا سکيو پوءِ واپس آيو. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڪٿي بيهي الله جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ ماڻهن کي خدا جي پڪڙ کان ڊيڄاريندا هئا ته ان ڪانپوءِ اهو ماڻهو اتي اچي چوندو هو ته خدا جو قسم! محمد ﷺ جون ڳالهيون مون کان پليون نه آهن. ان ڪانپوءِ هو فارس جي بادشاهن ۽ رستم ۽ اسفنديار جا قصا ٻڌائيندو ۽ پوءِ چوندو هو ته آخر ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ محمد ﷺ جون ڳالهيون مون کان پليون آهن. (1)

(1) ابن هشام 1/299-300-358 مختصر السيره شيخ عبدالله 117-118

ابن عباس رضه جي روايت مان اها به خبر پوي ٿي ته نضر ڪجهه ٻانهيون خريد ڪيون هيون ۽ جڏهن هو ڪنهن بابت ٻڌندو هو ته اهو پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن مائل آهي ته ان پويان پنهنجي ٻانهي لڳائي ڇڏيندو هو. جيڪا ان کي کارائيندي پياريندي ۽ گانا ٻڌائيندي هئي ۽ سندس دل

اسلام کان موڙي وجهندي هئي. ان سلسلي ۾ آيت لٿي ته (2)

(2) فتح القدير للشو کاني 236/4 ۾ ٻيا تفسير جا ڪتاب

ومن الناس .... سبيل الله ..... (31: 6) "ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي ....

4. محاذ آرائيءَ جي چوٿين شڪل:- سودي بازيون، جن جي وسيلي مشرڪن اها ڪوشش ڪئي ته اسلام ۽ جهالت کي ملائجي مطلب ته ڏي وٺ جي اصول تحت ڪي ڳالهيون مشرڪ ڇڏين ۽ ڪي ڳالهيون پاڻ سڳورا ﷺ ڇڏين. قرآن ۾ ان بابت آيل آهي ته:

ود وا لو تدهن فيد هنون (68: 9)

"اهي چاهين ٿا ته توهان ڍلا ٿيو ته هو به ڍلائين".

جيئن ابن جرير ۽ طبراني هڪ روايت ڏني آهي ته مشرڪن پاڻ سڳورن ﷺ کي اها رٿ پيش ڪئي ته هڪ

سال توهان اسان جن بتن جي پوڄا ڪريو ۽ هڪ سال اسين توهان جي رب جي عبادت ڪنداسين. عبد بن حميد کان هڪ روايت هن طرح آيل آهي تہ مشرڪن چيو تہ جي اوهان اسان جن معبودن کي قبول ڪريو تہ اسان بہ توهان جي خدا جي عبادت ڪنداسين. (1)

(1) فتح القدير للشوڪاني 508/5

ابن اسحاق جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪعبتہ الله جو طواف ڪري رهيا هئا تہ اسود بن مطلب بن اسد بن عبدالعزيٰ، وليد بن مغيره، اميہ بن حلڪ ۽ عاص بن وائل سهمي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيا، اهي سڀ پنهنجي ڪڙم جا سردار هئا. چيائون تہ: اي محمد ﷺ! جنهن کي تون ٿو پوڄين. ان کي اسين بہ پوڄيون ۽ جنهن کي اسان ٿا پوڄيون. ان کي تون بہ پوڄ. ان طرح پاڻ اهو ڪم گڏجي ڪنداسين. هاڻ جي تنهنجو معبود ڀلو آهي تہ اسان کي فائدو ڏيندو ۽ جي اسان جا ڀلا آهن تہ توکي لاڀ حاصل ٿيندو. ان تي الله تعاليٰ سڄي سوره قل يا يها

الڪفرون الخ نازل ٿي. جنهن ۾ اعلان ڪيو يو تہ جنهن ڪي تو پوڄيو ٿا، ان ڪي آئون نٿو پوڄي سگهان. (2)

(2) ابن هشام 362/1

۽ ان حتمي جواب ذريعي سندن ڪل جوڳي ڳالهہ ٻولهہ جون پاڙون ڪپيون ويون. روايتن ۾ فرق شايد ان ڪري آهي جو اهڙي سوديبازيءَ جي ڪوشش هر هر ڪئي وئي هئي.

ظلم ۽ ستم:- سن ۴ نبوت ۾ جڏهن پهريون پيرو اسلامي دعوت منظر عام تي آئي تہ مشرڪن ان کي دٻائڻ لاءِ اهي ڪم ڪيا جيڪي مٿي ٻڌايا اٿئون. اهي ڪارروايون ننڍي پيماني تي درجي بدر جي ڪيون ويون هيون ۽ هفتن جا هفتا بلڪ مهينن جا مهينا ان ڪان اڳتي نہ وڌيا ۽ ظلم ۽ زيادتي نہ ڪئي پر جڏهن ڏٺائون تہ سندن اهي ڪارروايون اسلام جو رستو روڪڻ ۾ ناڪام ويون آهن تڏهن هڪ پيرو وري گڏ ٿيا ۽ 25 قريش سردارن جو هڪ سٿ جوڙيائون. جنهن جو اڳواڻ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو چاچو ابولهب هو. ان سٿ گڏيل صلاح مشوري ۽ سوچ ويچار ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ۽ اصحابي سڳورن جي خلاف هڪ حتمي نهراءُ

منظور ڪيو. يعني اهو طئي ڪيو تہ اسلام جي مخالفت، پاڻ سڳورن ﷺ کي تڪليف ڏيڻ، مسلمان ٿيندڙن تي هر قسم جو ظلم ۽ ستم ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي وڃي. (1)

(1) ڏسو رحمت اللعالمين 1/59-60

مشرڪن اهو نهراء پاس ڪري ان تي عمل ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو. مسلمانن، خاص طور تي ڪمزور مسلمانن جي باري ۾ اهو ڪم ڪرڻ ڏاڍو سولو هو پر پاڻ سڳورن ﷺ جي سلسلي ۾ ڪافي ڏکيائون هيون. پاڻ سڳورا ﷺ ذاتي طور تي شاندار، باوقار ۽ منفرد شخصيت جا مالڪ هئا. دوست ۽ دشمن سيئي ڪين عزت جي نظر سان ڏسندا هئا. سندن خلاف ڪنهن گهٽيا ۽ ذليل حرڪتن جي جرئت جو ذليل ۽ بيوقوف ماڻهو ئي ڪري سگهيو ٿي. ان ڪان علاوه پاڻ سڳورن ﷺ کي ابو طالب جي سهائتا حاصل هئي ۽ ابو طالب ذاتي ۽ اجتماعي طرح سان مڪي جي چند ماڻهن جيان ايڏو معزز هو جو ڪير بہ سندن عهد ٽوڙڻ ۽ سندن گهراڻي تي هٿ وجهڻ جي جسارت

نٽي ڪري سگهيو. ان ڪري قريش ڏاڍي پريشانيءَ ۾ ٻڏل هئا. پر سوال اهو هو تہ جيڪا دعوت انهن جي مذهبي اڳواٽيءَ دنياوي سربراهيءَ ختم ڪرڻ جو باعث هئي. آخر هو ان تي ڪيستائين صبر ڪن ها؟ آخرڪار مشرڪن، ابولهب جي اڳواٽيءَ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ مسلمانن تي ظلم ڪرڻ جي شروعات ڪئي. حقيقت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ بابت ابولهب جو موقف پهرئين ڏينهن کان، جڏهن اجا قريشن اها ڳالهہ سوچي بہ ڪا نہ هئي، اهو ئي هو. هن بني هاشم جي گڏجاٽيءَ ۾ جيڪي چيو يا پوءِ صفا جبل تي جيڪا حرڪت ڪئي، ان جو ذڪر اڳيئي اچي چڪو آهي. ڪن روايتن ۾ اهو بہ آيل تہ هن صفا جبل تي پاڻ سڳورن ﷺ کي هڻڻ لاءِ پٿر بہ کنيو هو. (1)

(1) ترمذي

نبوت جي اعلان تيڻ کان اڳ ابولهب پنهنجن بن پٽن عتبہ ۽ عتيبہ جون شاديون پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻن نياڻين بيبي رقيہ رضہ، بيبي امڪلثوم رضہ سان ڪرايون

هيون پر نبوت جي اعلان ٿيڻ کانپوء ڏاڍي سختيءَ ۽ بيحيائيءَ سان انهن ٻنهي کي طلاق ڏياريائين. (1)

(1) في ظلال القرآن 282/30 تفهيم القرآن 522/6

ان طرح جڏهن پاڻ سڳوري ﷺ جي ٻئي فرزند عبدالله جو انتقال ٿيو تہ ابولهب کي ايڏي خوشي ٿي جو هو ڊوڙندو پنهنجن سنگتين وٽ ويو ۽ کين اها "خوشخبري" ٻڌايائين تہ محمد ﷺ ابتر (نسل ختم ٿيل) ٿي ويا آهن. (2)

(2) تفهيم القران 490/6

اسين اهو بہ ٻڌائي آيا آهيون تہ حج جي ڏينهن ۾ ابو لهب پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاء بازارن ۽ ميڙن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پٺيان پيو هلندو هو. طارق بن عبدالله محاربيءَ جي روايت مان پتو پوي ٿو تہ هو رڳو پاڻ سڳورن ﷺ جي مخالفت نہ ڪندو هو بلڪ کين ﷺ پٿر بہ هڻندو هو. جنهن سان پاڻ سڳورن ﷺ جي پيرن جون کڙيون بہ رت سان ڀرجي ونديون هيون. (3)

(3) جامع الترمذي

ابو لهب جي زال ام جميل، جنهن جو نالو آرْوِيٰ هو ۽ جيڪا حرب بن اميہ جي ڌيءَ ۽ ابو سفيان جي ڀيڻ هئي. اها بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي عداوت ڪرڻ ۾ مڙس کان گهٽ نہ هئي. اها بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي رستن تي ۽ دروازي تي ڪنڊا وجهي ڇڏيندي هئي. ڏاڍي بدزبان ۽ فسادي قسم جي مائي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ خلاف گهٽ وڌ ڳالهائڻ، ڳالهين کي وڌائي چڙهائي غلط نموني سان پکيڙڻ ۽ جهيڙا ڪرائڻ سندس شيوو هو. ان ڪري قرآن ۾ ان کي حما لہ الحطب (ڪانيون ميڙڻ واري) جو لقب ڏنل آهي.

جڏهن ان کي خبر پئي تہ ڪيس ۽ سندس مڙس کي قرآن ۾ ننديو ويو آهي تہ اها پاڻ سڳورن ﷺ کي ڳولهيندي ڪعبي ويجهو مسجد الحرام ۾ آئي. حضرت ابوبڪر رضہ جن بہ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ هئا. هوءَ مٺ ۾ پٿر کڻي آئي هئي. سامهون آئي تہ الله سندس اکيون جهلي ورتيون ۽ هوءَ پاڻ سڳورن ﷺ کي نہ ڏسي سگهي. رڳو حضرت ابوبڪر رضہ کي پئي ڏٺائين. ان کان پڇيائين تہ اي ابوبڪر! تنهنجو ساٿي ڪٿي آهي؟ مون کي خبر پئي

آهي تہ هو منهنجي هجو ڪندو آهي (هجو شاعريءَ جو قسم آهي. جنهن ۾ ڪنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائبو آهي ۽ ان تي تنقيد ڪبي آهي. سنڌيڪار). خدا جو قسم! مون کيس ڏنو تہ سندس منهن تي پٿر هڻي ڪيندس. ڏسو! هاڻي منهنجي شاعري بہ ٻڌ. پوءِ هن هي شعر ٻڌايو:

مذ مما عصينا و امره ابيتنا ودينہ قلينا (1)

(1) مشرڪ ساڻ مان پاڻ سڳورن ﷺ کي محمد ﷺ بدران مذمم چوندا هئا. جنهن جي معنيٰ محمد ﷺ جي ابتڙ آهي. محمد معنيٰ جنهن جي ساراهہ ڪئي وڃي. مذمم معنيٰ جنهن جا عيب ڪڍيا وڃن.

"اسان مذمم جي نافرماني ڪئي. ان جو حڪم نہ مڃيو ۽ سندس دين کي ڪروڌ ۽ نفرت سان ڇڏي ڏنو". پوءِ هوءَ هلي وئي. حضرت ابو بڪر رضہ چيو تہ يا رسول اللّٰہ ﷺ ڇا هن توهان کي نہ ڏٺو؟ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ نہ. هن مون کي نہ ڏٺو. اللّٰہ سندس اکيون جهلي ورتيون. (1)

(1) ابن هشام 1/335-336

ابوبڪر بزار به اهو واقعو لکيو آهي ۽ ان ۾ اهو واڏارو آهي ته جڏهن ابوبڪر رضه وٽ هوءَ بيٺي هئي ته هن اهو به چيو ته ابوبڪر رضه! تنهنجي ساٿيءَ منهنجي هجو لکي آهي. ابوبڪر رضه چيو ته نه هن عمارت جي رب جو سنهن، نه هو شعر چوندو آهي ۽ نه ئي انهن ڪي زبان تي آڻيندو آهي. هن چيو ته تون سچو آهين.

ابولهب پاڻ سڳورن ﷺ جو چاچو ۽ پاڙيسري هوندي به اهي سڀ حرڪتون ڪري رهيو هو. جنهن ڪي ڏسي ٻيا پاڙيسري به پاڻ سڳورن ﷺ کي سندن ئي گهر ۾ به ستائيندا هئا. ابن اسحاق جو چوڻ آهي ته جيڪو ٽولو گهر ۾ به پاڻ سڳورن ﷺ کي تنگ ڪندو هو اهي هي آهن. ابولهب، حڪم بن ابي العاص بن اميه، عقبه بن ابي معيط، عدي بن حمرا ثقفي، ابن الاصدا هذلي، اهي سيئي پاڻ سڳورن ﷺ جا پاڙيسري هئا ۽ انهن مان حڪم بن ابي العاص (2)

(2) اهو اموي خليفي مروان بن حڪم جو پيءَ هو.

ڪانسواءِ ڪير بہ مسلمان نہ ٿيو. سندس ستائڻ جو طريقو اهو هو تہ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ نماز پڙهندا هئا تہ ڪو شخص بڪريءَ جي ٻچيداني سندن مٿان اڇلائيندو هو. چلهہ تي ديڳڙي چڙهيل هوندي هئي تہ ٻچيداني ان طرح اڇلائبي هئي جو ديڳڙي وچي پري ڪرندي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ مجبورن تي هڪ ڪوٺڙي نهرائي، جيئن نماز پڙهند يڪائڻ ٻچيل رهي.

بهرحال جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ تي گندگي اڇلائبي هئي تہ ان کي ڪانيءَ تي کڻي ٻاهر ايندا هئا ۽ دروازي تي بيهي فرمائيندا هئا تہ اي عبدالمناف جا اولادؤ! هيءَ اها ڪهڙي پاڙيسري آهي؟ پوءِ ان کي اڇلي ڇڏيندا هئا. (1)

(1) ابن هشما 416/1

عقبہ بن ابي محبط پنهنجي نياڳ ۽ خباثتن ۾ وڌيل هو. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ بيت الله وٽ نماز پڙهي رهيا هئا ۽ ابوجهل ۽ ان جا ڪي سنگتي ويٺا هئا تہ ايتري ۾ ڪن چيو تہ ڪير آهي جو وڃي فلاڻن وٺان اوجهري

ڪٽي اڇي سجدي ڪرڻ مهل محمد ﷺ جي پٺ تي وجهي ڇڏي؟ ان تي قوم جو سڀ کان نياڳو ماڻهو عقبہ بن ابي معيط (2)

(2) صحيح بخاريءَ جي ئي هڪ ٻيءَ روايت ۾ ان بابت صراحت آيل آهي ڏسو 1/543

اٿيو ۽ اوجهري ڪٽي آيو. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ سجدي ۾ ويا تہ اوجهري سندن ٻنهي ڪلهن جي وچ تي وجهي ڇڏيائين. آئون سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هوس پر ڪجهہ ڪري نٿي سگهيس. ڪاش مون ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي بچائڻ جي سگهہ هجي ها.

هضرت ابن مسعود رضہ چوندا هئا تہ ان ڪانپوء هو ٽرڙپائي ڪندي ايترو کليا جو هڪ ٻئي تي ڪرڻ لڳا. پاڻ سڳورا ﷺ سجدي ۾ ئي پيا رهيا ۽ سر مٿي نہ ڪنيائون. تانت بيبي فاطمہ رضہ جن آيون ۽ پٺ تان اوجهري هٽايائون تڏهن پاڻ سڳورن ﷺ ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ٽي ڀيرا فرمايو اللهم عليڪ بقريش "اي الله تون قريش تي پڪڙ ڪر". جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ اها پٺ ڏني تہ انهن کي خراب

لڳو. ڇو تہ انهن جو عقيدو هو تہ هن شهر ۾ دعائون قبول ڪيون وينديون آهن. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ نالا وٺي پڻون ڏنيون اي اللّٰه! ابوجهل تي پڪڙ ڪر ۽ عتبہ بن ربيہ، شيبہ بن ربيعہ، وليد بن عتبہ، اميد بن خلف ۽ عقبہ بن ابي معيط تي پڪڙ ڪر.

پاڻ سڳورن ستون نالو بہ ورتو پر راويءَ کان وسري ويو. ابن مسعود رضہ جن فرمائيندا هئا تہ ان ذات جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي مون ڏٺو تہ جن جن ماڻهن جا نالا نبي ﷺ ورتا. اهي سيئي بدر جي کوهہ ۾ مقتول ٿيا پيا هئا. (1)

(1) صحيح بخاري ڪتاب الوضو باب اذا الفني علم المصلي قذر او جيفتہ 37/1

اميہ بن خلف جو معمول هو تہ هو جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسندو هو تہ لعن طعن ڪندو هو. ان بابت ئي اها آيت نازل ٿي تہ ويل لڪل همزه (104: 1) "هن لعن طعن ۽ برايون ڪرڻ واري لاءِ تباهي آهي". ابن هشام جو چوڻ آهي تہ همزه اهو ماڻهو آهي جيڪو ڪلي عام گاريون

ڏي ۽ اکيون ٽيڏيون ڪري اشارا ڪري ۽ لمزه اهو ماڻهو آهي جيڪي پرپٺ ماڻهن جون گلائون ڪري ۽ انهن کي تڪليف ڏي. (2)

(2) ابن هشام 1/356-357

اميہ جو ڀاءُ ابي بن خلف، عقبہ بن ابي معيط جو گهاٽو يار هو. هڪ ڀيري عقبہ پاڻ سڳورن وٽ ويهي ڪجهہ ٻڌو. ابي کي خبر پئي تہ ان عقبہ کي ڏاڍا دڙڪا ڏنا ۽ ڪيس چيو تہ وڃي پاڻ سڳورن جي منهن (مبارڪ) تي ٿڪي اچي. آخر عقبہ ايئن ڪيو. ابي بن خلف پاڻ بہ هڪ ڀيري هڪ پراڻي هڏي پيچي ان ۾ هوا ڦوڪي پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن اڇلائي ڇڏي. (1)

(1) ابن هشام 1/361-362

اخنس بن شريق ثقفي بہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ستائيندو هو. قرآن ۾ ان جا نو اوگڻ ٻڌايا ويا آهن. جنهن سان ان جي ڪردار جو انداز ٿئي ٿو. ارشاه آهي تہ:

ولا تطع كل .... بعد ذالك زنيم (68: 10-13)

"تون ڳالھ نہ مڃ ڪنھن قسم کڻڻ واري ذليل جي جيڪو لعن طعن ڪري ٿو. چغليون ڪائي ٿو. ڀلائيءَ کان جهلي ٿو. بيحد ظالم، بڇڙن عملن وارو ۽ جفاڪار آهي ۽ ان کانسواء بداصل بہ آهي".

ابوجهل ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي قرآن ٻڌندو هو. پر رڳو ٻڌندو ئي هو. ايمان، فرمانبرداري، ادب ۽ خشيت اختيار نہ ڪندو. هو پاڻ سڳورن کي پنهنجي ڳالھ سان تڪليف رسائيندو هو ۽ الله جي راه کان روڪيندو هو. پوء پنهنجي ان حرڪت ۽ برائي تي ڦونڊبيو بہ هو. ڄڻ هن ڪو وڏو ڪارنامو ڪيو هجي. قرآن جون هي آيتون ان جي باري ۾ لٿيون: فلا صدق ولا صلي الخ (2)

(2) في ظلال القرآن 29-212

"نہ هن صدقو ڏنو نہ نماز پڙهي، بلڪ انڪار ڪيو ۽ پٺ موڙي. پوء اهو آڪڙ ڪندو پنهنجن گهر وارن ڏي ويو. تنهنجي خوب لائق آهي. خوب لائق آهي". هن جڏهن پهريون

پيرو پاڻ سڳورن ﷺ کي نماز پڙهندي ڏٺو ته ان ڏينهن کان کين نماز کان روڪڻ شروع ڪيائين. هڪ ڀيري پاڻ سڳورا ﷺ مقام ابراهيم وٽ نماز پڙهي رهيا هئا ته هو لنگهيو ۽ ڏسي چيائين ته محمد ﷺ! ڇا مون توکي روڪيو ڪو نه هو؟ گڏوگڏ ڌمڪي به ڏنائين. پاڻ سڳورن ﷺ به ساڻس ڏاڍيان ڳالهايو. تنهن تي هن چيو ته اي محمد ﷺ! مون کي ڇو ڀيو ڏاڍا ڏي، ڏس! خدا جو قسم! هن مڪي جي ماڻريءَ ۾ منهنجي سنگت سڀ کان وڏي آهي. ان تي الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

فليدع ناديہ (1)

(1) في ظلال القرآن 208/30

"ڇڱو! هو پنهنجي سنگت کي سڏائي (اسان به سزا جي فرشتن کي سڏائينداسين)".

هڪ روايت ۾ آيل آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ ان جي ڳلي ۾ هٿ وجهي جهنجهوڙيندي فرمايو

"اوليٰ لڪ .... فاولي (75: 34-35)

"تنهنجي لاءِ ڏاڍو مناسب، تنهنجي لاءِ ڏاڍو مناسب آهي".

ان تي الله جو هي دشمن چوڻ لڳو "اي محمد صلی الله علیه وسلم! مون کي ڌمڪي ٿو ڏين؟ خدا جو قسم! تون ۽ تنهنجو ساٿاري (خدا) مون کي ڪجهہ نٿا ڪري سگهو. آئون مڪي جي ٻنهي جبلن جي وچ ۾ هلندڙ ڦرندڙن مان وڏيڪ عزت وارو آهيان". (2)

(2) ساڳيو ڪتاب 312/29

بهرحال ان ڌڙڪي ڪانپوء بہ ابوجهل سڌرڻ وارو نہ هو. بلڪ ان جي نياڳائيءَ ۾ اجا واڌارو اچي ويو. جيئن صحيح مسلم ۾ ابو هريره رضہ کان مروي آهي تہ (هڪ پيري قريسن جي سردارن کي) ابوجهل چيو تہ محمد صلی الله علیه وسلم توهان سيني جي آڏو پنهنجو چهرو خاڪ آلود (سجدو) ڪري ٿو؟ جواب ڏنو ويو هت ها! هن چيو تہ لات ۽ عزيٰ جو قسم! جيڪڏهن مان ڪيس ان حالت ۾ ڏسي وٺان تہ ان جي سسي چيپاٽي ڇڏيان ۽ ان جو منهن مٽيءَ ۾ رڳڙي ڇڏيا. ان ڪانپوء هن پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم کي نماز پڙهندي ڏسي ورتو ۽ ان زعم ۾ وڌيو تہ وجي ٿو پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جي سسي

چيپاٽيان پر اوچتو ماڻهن ڏٺو تہ هو ڪڙين تي پنٽي موٽڻ لڳو ۽ ٻئي هٿ بچاءُ لاءِ اڳيان پيو ڪري. ماڻهن پڇيس اي ابوالحڪم! توکي ڇا ٿيو؟ چيائين تہ: منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ باهہ جي هڪ کاهي آهي. هولناڪيون آهن ۽ پر آهن. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ جي هو منهنجي ويجهو اچي ها تہ فرشتا هن جو هڪ هڪ عضوو ڪٽي وٺن ها. (1)

(1) صحيح مسلم

ظلم ۽ ستم جون اهي ڪارروايون پاڻ سڳورن ﷺ سان عوام ۽ خواص ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي منفرد شخصيت جو وقار ۽ احترام هوندي ۽ مڪي جي سڀ کان محترم ۽ عظيم ماڻهوءَ ابو طالب جي حمايت ۽ حفاظت حاصل هوندي بہ ٿي رهيون هيون. باقي عام ۽ ڪمزور مسلمانن اهنج پهچائڻ جون ڪارروايون اجا بہ وڌيڪ سخت ۽ ڪڙيون هيون. هر قبيلو پنهنجن مسلمان ٿيندڙ فردن کي قسمين قسمين سزائون ڏئي رهيو هو ۽ جنهن ماڻهوءَ جو ڪو قبيلو نہ هو، تنهن تي لوفرن ۽ سردارن اهڙا اهڙا ستم ڪيا، جن کي ٻڌي مضبوط انسان جي دل بہ بيچينيءَ کان ترپڻ لڳندو.

ابوجهل جڏهن ڪنهن عزت واري ۽ سگهاري ماڻهو جي مسلمان هجڻ جو ٻڌندو هو ته ان کي گاريون ڏيندو هو ۽ کين خوار ڪندو هو ۽ کيس مالي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏيندو هو. جيڪڏهن ڪو ڪمزور ماڻهو مسلمان ٿيندو هو ته ان کي ماريندو ۽ ٻين کي ڀڙڪائيندو هو. (1)

(1) ابن هشما 320/1

حضرت عثمان بن عفان رضہ جو چاچو کين کٿ تي ٻڌي هيٺان دوهين دکائي ڇڏيندو هو. (2)

(2) رحمت اللعالمين 57/1

حضرت مصعب بن عمير رضہ جي ماءُ کي سندن اسلام قبولڻ جو پتو پيو ته سندن داڻو پاڻي بند ڪري ڇڏيو ۽ کين گهران ڪڍي ڇڏيو. پاڻ ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پليل هئا. حالتن جي سختيءَ جي ڪري سندن کل ايئن لهي وئي جيئن نانگ جي کل لهندي آهي. (3)

(3) ساڳيو ڪتاب 58/1 تلقيح الفهوم اهل الاثر

حضرت بلال رضہ جن اميہ بن حلف جمصي جا غلام هئا. اميہ سندن ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ڇوڪرن کي ڏيندو هو

۽ اهي کين مڪي جي جبلن تي گهمائيندا ڦيرائيندا هئا. ايستائين جو ٻچڙيءَ تي رستيءَ جا وڏ پٿجي ويندا هئا. اميہ پاڻ بہ کين ٻڌي ڏنڊن سان ڪٽيندو هو ۽ ساڙ:نڌڙ اسهہ کين وهاري ڇڏيندو هو. ڪاڏو بہ نہ ڏيندو هو بلڪہ کين بکيو رکندو هو ۽ ان کان وڌيڪ اهو ظلم ڪندو هو جو جڏهن ٻنپهرن جو گرمي چوٽ تي هوندي هئي تہ مڪي جي پٿريلي پٿريون پيل زمين تي ليٽائي سندن مٿان ڳرو پٿر رکي ڇڏيندو هو. پوءِ چوندو هو تہ خدا جو قسم! تون جيستائين مري نہ وڃين، تيستائين ايئن ئي پيو هوندين. يا وري محمد ﷺ کان ڦري وڃ. حضرت بلال رضہ ان حالت بابت فرمائيندا هئا تہ احد - احد - هڪ ڏينهن اها ڪارروائي ٿي رهي هئي جو ابوبڪر رضہ جن اتان گذريا. جن حضرت بلال رضہ کي هڪ ڪاري غلام جي بدران يا ڪن جو چوڻ آهي تہ ٻہ سو درهمن (735 گرام چاندي) يا ٻہ سؤ اسي درهم (هڪ ڪلو کان وڌيڪ چاندي) جي بدلي ۾ خريدي آزاد ڪيو. (1)

(1) رحمت اللعالمين 57/1 تلقيح الفهوم ص 61 ابن هشام 317/1-318

حضرت عمار بن ياسر رضہ جن بنو مخزوم جا غلام هئا. انهن ۽ سندن والدين جڏهن اسلام قبوليو تہ مٿن ڇڻ قيامت ٽٽي پئي. مشرڪن، جن ۾ ابوجهل اڳرو هو. سخت اس ۾ ڪين پٿريلي زمين تي ويهاري سڙڻ جي سزا ڏيندا هئا. هڪ ڀيرو ڪين ان طرح جي سزا ڏبي رهي هئي تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اتان لنگهيا، جن فرمايو تہ "آل ياسر صبر ڪجو، توهان جو ٺاڪ جنت ۾ آهي". آخرڪار ياسر رضہ ظلم نہ سهڻ ڪري گذاري ويو ۽ بيبي سميہ رضہ، جيڪا حضرت عمار رضہ جي والده هئي، تنهن کي ابوجهل شرمگاهہ ۾ نيزو هنيو. جنهن سان پاڻ دم ڏنائون. پاڻ اسلام جي پهرين شهيد عورت هيون. حضرت عمار رضہ تي ڏاڍ جو سلسلو جاري رهيو. ڪين ڪڏهن اس ۾ ويهاربو هو تہ ڪڏهن سندن ڇاتيءَ تي ٽٽل پٿر رکيو ويندو هو ۽ ڪڏهن پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ويندو هو. ڪين مشرڪ چوندا هئا تہ جيستائين تون محمد صلى الله عليه وسلم کي گار نہ ڏيندي يا لات ۽ عزيٰ جي ساراهہ نہ

ڪندي، تيسين توڪي نہ ڇڏيندا سين. حضرت عمار رضہ مجبورن انهن جي ڳالهہ مڃي. پوء پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ روئيندي ۽ معافي وٺندي آيا جنهن تي هيءَ آيت نازل ٿي تہ

من كفر بالله .... بالايمان (16: 106)

"جنهن الله تي ايمان آڻڻ کانپوء ڪفر ڪيو (ان تي الله جو غضب ۽ وڏو عذاب آهي) پر جنهن کي مجبور ڪيو وڃي ۽ ان جي دل ايمان تي مطمئن هجي (ان تي ڪا پڪڙ نہ آهي) (1)

(1) ابن هشام 1/319-320 فقہ السيره محمد غزالي ص 82، عوفيءَ ابن عباس کان ان جو هڪ ٽڪر روايت ڪيو آهي ڏسو تفسير ابن ڪثير ۾ چاڻايل آيتن جي بيان ۾

حضرت فڪيهہ رضہ جن جو نالو افلح هو. بني عبدالدار جا غلام هئا. سندن مالڪ سندن پيرن ۾ رسي ٻڌي ڪين زمين تي گهليندا هئا. (2)

(2) رحمت اللعالمين 1/57 بحوالہ اعجاز التنزيل ص 53

حضرت خباب رضہ بن ارت جن خزاعہ قبيلي جي هڪ مائي ام انصار جا ٻانها هئا. مشرڪ ڪين طرح طرح جون

سزائون ڏيندا هئا. سندن مٿي جا وار پٽيندا هئا ۽ سختيءَ سان ڳچي مروڙيندا هئا. کين ڪئي پيرا ڌهڪندڙ ٿاندن تي ليٽائي مٿان رکي ڇڏيندا هئا ته جيئن اٿي نه سگهن. (1)

(1) رحمت اللعالمين 57/1 تلقيع الفهوم ص 60

زبيره (2)

(2) زنيره بروزن مستڪينه. يعني راڪي زير ۽ نون ڪي زير ۽ تشديد

۽ نهديه رضه ۽ ان جي نياڻي ۽ ام عبيس رضه. اهي سڀ ٻانهيون هيون. جن اسلام قبوليو ۽ ڪان کين اهڙيون سخت سزائون مليون، جن جو تورو نمونو مٿي ٻڌائي آيا آهيون. قبيلي بني عديءَ جي هڪ گهراڻي بني مؤمل جي هڪ ٻانهي مسلمان ٿي ته کين حضرت عمر رضه بن خطاب، جيڪو اجا مسلمان نه ٿيو هو. ايترو ماريندو هو جو پاڻ ٻه ٿڪجي پوندو هو ۽ پوء چوندو هو ته آئون ڪنهن لحاظ ڪري نه پر ٿڪجي پوڻ ڪري توکي ڇڏيان ٿو. (3)

(3) رحمته اللعالمين 57/1، ابن هشام 319/1

آخرڪار حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت بلال رضہ ۽ عامر بن فهيره جيان انهن ٻانهين کي ٻہ خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو. (4)

(4) ابن هشام 1/318-319

مشرڪ ان طرح ٻہ سزا ڏيندا هئا جو ڪن اصحابن کي اٺ يا ڏڳيءَ جي ڪچي کل ۾ ويڙهي، اس ۾ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ ڪن کي لوهي زره پهرائي گرم پٿرن تي ليٽائيندا هئا. (5)

(5) رحمۃ اللعالمين 1/58

حقيقت ۾ الله جي راهہ ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر جو نشانو ٿيڻ وارن جي فهرست ڊگهي آهي ۽ تڪليفده ٻہ، حالت اها هئي جنهن جي مسلمان ٿيڻ جو پتو پوندو هو مشرڪ ان کي اهنج رسائڻ لاء هڪدم تيار ٿي ويندا هئا.

دار ارقم:- انهن ارهہ زوراين کي منهن ڏيڻ لاء ضروري هو تہ پاڻ سڳورا صلی‌الله علیه‌وسلم مسلمانن کي پنهنجو اسلام ظاهر ڪرڻ کان روڪي ڇڏين ۽ انهن سان ڳجهي نموني من. ڇو تہ جيڪڏهن پاڻ سڳوران صلی‌الله علیه‌وسلم ساڻن ڪلي عام ملن ها تہ مشرڪ پاڻ سڳورن صلی‌الله علیه‌وسلم جي تبليغي ڪم ۾ رنڊڪون

وجهن ها ۽ ان ڪارڻ ٻنهي ڌرين ۾ ٽڪراءُ ٿي سگهيو ٿي. بلڪ عملي طور تي سن چار نبوت ۾ ائين ٿي بہ چڪو هو. جنهن جو تفصيل هن ريت آهي تہ اصحابي سڳورا وادين ۾ وڃي گڏجي نماز پڙهندا هئا. هڪ ڀيري قريشن جي ڪن ماڻهن ڪين ڏسي ورتو تہ گاريون ڏيڻ ۽ ويڙهڻ لڳا. جواب ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ هڪ ماڻهوءَ کي اهڙو ڌڪ هنيو جو سندس رت وهي پيو. اهو پهريون رت هو، يڪو اسلام ڪارڻ وَهايو ويو هو. (1)

(1) ابن هشام 263/1، مختصر السيره، محمد بن عبدالوهاب صفحو 60

اها پليءَ پٽ ڄاڻ آهي تہ جيڪڏهن اهڙو ٽڪراءُ هر هر ٿئي ها تہ مسلمان ختم ٿي وڃن ها. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي هئي تہ اهو ڪم لڪيچ ۾ ڪيو وڃي. تنهنڪري عام اصحابي سڳورا پنهنجو اسلام، پنهنجي عبادت ۽ پنهنجي تبليغ ۽ گڏجاڻيون لڪيچ ۾ ڪندا هئا. باقي پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم تبليغ جو ڪم بہ مشرڪن آڏو کلي عام ڪندا هئا ۽ عبادتون بہ، . ڪابہ شيءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي ان ڪم کان روڪي نٿي سگهي. تنهن هوندي بہ پاڻ مسلمان ٿيلن سان مصلحت تحت ڳجهي نموني ملندا هئا.

ارقم بن ابي الارقم مخزوميءَ جو گهر ڪوهہ صفا تي، سرڪشن جي نظرن ۽ انهن جي مجلسن کان الڳ ٿلڳ هو. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ سن پنج نبوت ۾ ان گهرکي تبليغ ۽ گڏجاڻين جو مرڪز بڻايو. (1)

(1) مختصر السيره محمد بن عبدالوهاب ص 61

حبشہ ڏانهن پهرين هجرت:- ڏاڍ ۽ ڏمر جو اهو سلسلو نبوت جي چوٿين سال جي وچ يا آخر کان شروع ٿيو، جيڪو پهرين معمولي درجي جو هو، پر ڏينهان ڏينهن وڌندو ويو. تانت نبوت جي پنجين سال جي وچ ڌاري حد ٽپي ويو ۽ مسلمانن جو مڪي ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پيو ۽ انهن ان لاڳيتي ڏاڍ کان بچڻ لاءِ گس ڳولهڻ شروع ڪري ڏنا. انهن ئي ڏکين حالتن ۾ سوره ڪهف نازل ٿي، جيڪا اصل ۾ مڪي جي قريشن جي سوالن جي جواب طور لٿي هئي، پر ان ۾ جيڪي ٽي واقعا ٻڌايل آهن، انهن ۾ الله تعاليٰ پاران مؤمنن لاءِ ڏاڍا چٽا اشارا موجود هئا، جيئن اصحاب الڪهف جي واقعي ۾ اهو سبق ڏنل آهي تہ جڏهن دين ۽ ايمان خطري ۾ هجن تہ الله تي

پروسو رکي ڪفر ۽ ظلم جي مرڪزن مان لڏپلاڻ ڪجي.

ارشاد آهي تہ:

واذاعتزلتموهم.........امركم مرفقا (16:18)

موسيٰ عہ ۽ خضر عہ جي واقعي سان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ نتيجا سدائين ظاهري حالتن مطابق نہ هوندا آهن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ان جي بلڪل ابتڙ هوندا آهن. جيئن هن واقعي ۾ ان ڳالهہ ڏانهن هلڪو اشارو ڪيل آهي تہ مسلمانن سان جيڪو ڏاڍ ۽ ڏمر ڪيو پيو وڃي، ان جا نتيجا صفا ابتڙ نڪرندا ۽ اهي سرڪش مشرڪ ايمان نہ قبوليندا تہ ترت ئي مسلمانن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا.

ذوالقرنين جي واقعي ۾ چند ڳالهين ڏانهن اشارو ڪيل آهي تہ:

1. زمين الله جي آهي، هو پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي چاهي، ان جو وارث ڪري ٿو.

2. فلاح ۽ ڪامراني ايمان جي ئي راهہ ۾ آهي، ڪفر جي راهہ ۾ نہ.

3. الله تعاليٰ ترسي ترسي پنهنجن ٻانهن مان اهڙو ماڻهو پيدا ڪندو آهي، جيڪي مظلوم ماڻهن کي ان دور جي ياجوج ماجوج کان نجات ڏياري ٿو.

4. الله جا صالح ٻندا ئي زمين جي وراثت جا سڀ کان وڌيڪ حقدار آهن.

سوره ڪهف کانپوءِ سوره مزمل لٿي، جنهن ۾ هجرت جو اشارو ڪيو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته الله جي زمين سوڙهي ڪانهي.

للذين احسنو..........بغير الحسان (10:39)

هوڏانهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي خبر پئي ته اصحمہ نجاشي، شاھ حبش، هڪ انصاف پرور بادشاھ آهي. اتي ڪنهن تي ظلم نٿو ٿئي. انڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم مسلمانن کي حڪم ڏنو ته اهي دين کي فتنن کان بچائڻ لاءِ حبشہ ڏانهن هجرت ڪن. ان کانپوءِ هڪ طئہ ٿيل پروگرام مطابق رجب سن 5 نبويءَ ۾ اصحابي سڳورن جو پهريون جٿو حبشہ ڏانهن روانو ٿيو. ان جٿي ۾ 12 مرد ۽ 4 عورتون شامل هيون. حضرت عثمان بن عفان رضہ سندن امير هو.

ساڻن گڏ پاڻ سڳورن ﷺ جي نياڻي بيبي رقيہ رضہ بہ هئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ حضرت ابراهيم عہ ۽ حضرت لوط عہ کانپوءِ هي پهريون ڪٽنب آهي، جنهن الله جي راهہ ۾ هجرت ڪئي. (1)

(1) مختصر السيره شيخ عبدالله ص 92، 93 - زاد المعاد 24/1 - رحمت اللعالمين 61/1

اهي سڀ رات جي اوندهہ ۾ لڪي پنهنجي نئين منزل ڏانهن روانا ٿيان. لڪائڻ جو مقصد اهو هو تہ قريشن کي ان جو پتو نہ پئجي سگهي. سندن رخ بحر احمر جي بندرگاهہ شعيبہ ڏانهن هو. خوشقسمتيءَ سان اتي بہ واپاري ٻيڙا بينا هئا، جن ۾ ويهي هو حبشہ ڏانهن روانا ٿيا. قريشن کي سندن روانگيءَ جو پتو ڪجهہ دير سان پيو. تنهن هوندي بہ انهن سندن پٺ ورتي ۽ ڪناري تائين پهتا پر اصحابي سڳورا اڳيان نڪري چڪا هئا، انڪري هو ناڪام ٿي موٽيا. هوڏانهن مسلمانن حبشہ پهچي ساهي پٽي. (1) ان ئي سال رمضان ۾ اهو واقعو ٿيو جو پاڻ سڳورا ﷺ هڪ ڀيري حرم شريف

(1) رحمت اللعالمين 1/ 61 - زاد المعاد 1/ 24

۾ ويا. اتي قريشن جو وڏو ميڙ وينو هو. انهن ۾ سردار ۽ وڏا وڏا ماڻهو شامل هئا. پاڻ سڳورن ﷺ اوچتو اتي سوره نجم پڙهڻ شروع ڪئي. انهن ڪافرن ان ڪان اڳ عام طور تي قرآن ڪونہ ٻڌو هو. ڇو تہ قرآن مطابق سندن هلت چلت هيئن هئي "

لا تسمعوا لهذا .... تغلبون (26:41)

پر جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ اوچتو قرآن پڙهڻ شروع ڪيو ۽ سندن ڪنن ۾ عجيب خوشگوار، تروتازه ۽ وڏائي بيان ڪندا الله جي ڪلام جو آواز پهتو تہ انهن ڪي هوش نہ رهيو. سڀ جا سڀ ڪن ڏئي ٻڌڻ لڳا ۽ سندن ڌيان ٻيءَ ڪنهن شيء ڏانهن نہ ويو. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ سوره جي آخر ۾ دل کي ڪنپائيندڙ آيتون پڙهي الله جو هي حڪم ٻڌايو تہ

فاسجدوا لله وعبدو (62:53)

۽ ان سان گڏ ئي پاڻ سجدي ۾ هليا ويا ته ڪير به پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ سڀ جا سڀ سجدي ۾ ڪري پيا. حقيقت اها آهي ته ان موقعي تي حق جي تازگي ۽ رعب، متڪبرين ۽ مستهزئين جي هٺ ڌرميءَ کي واڪو ڪري ڇڏيو. ان ڪري هو پاڻ تي قابو نه رکي سگهيا ۽ بي اختيار سجدي ۾ ڪري پيا هئا. (2)

(2) صحيح بخاريءَ ۾ ان سجدي بابت ابن مسعود رضه ۽ ابن عباس رضه کان ٿورو احوال بيان ڪيل آهي. ڏسو باب سجده النجم ۽ باب سجود المسلمين و المشرکين 146/1 ۽ باب مالقي النبي صلى الله عليه وسلم و اصحابه بمکه 543/1

پوءِ جڏهن کين احساس ٿيو ته الله جي ڪلام جي رعب سندن لغام موڙي ڇڏيو ۽ هو اهو ڪم ڪري وينا نهن کي مٽائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ نهن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي ڇڏيو هو. ان سان گڏ ئي ان واقعي ۾ غير موجود مشرڪن مٿن لعنتاٽو وجهڻ شروع ڪيو. ته هو پريشان ٿي ويا ۽ پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي ڪوڙ هڻڻ

لڳا تہ انهن سندن بتن جو ذڪر عزت ۽ احترام سان ڪندي چيو هو تہ

تلڪ الفرانيق.......لترتجي

حالانڪہ اهو نسورو ڪوڙ هو جو رڳو ان لاءِ گهڙيو ويو هو تہ جيئن پاڻ سڳورن ﷺ سان سجدي ڪرڻ جي ڪيل "غلطي" جو معقول جواز پيش ڪيو وڃي ۽ ظاهر آهي تہ جن ماڻهن سدائين پاڻ سڳورن ﷺ تي بهتان هنيا ۽ اهي پنهنجو دامن بچائڻ لاءِ چو نتي ڪوڙ ڳالهائي سگهيا. (1)

(1) محققن هن سلسلي جي سڀني روايتن کي گڏي اهو نتيجو ڪڍيو آهي.

بهرحال مشرڪن جي سجدي ڪرڻ واري واقعي جي خبر حبش جي مهاجرن کي بہ پئي پر ڪافي بدليل صورت ۾. يعني کين پتو پيو تہ قريش مسلمان ٿي چڪا آهن، تنهنڪري اهي شوال ۾ مڪي ڏانهن روانا ٿيا. پر جڏهن مڪي کان هڪ ڏينهن ڪان بہ گهٽ مسافت تي پهتا کين حقيقت جو پتو پيو. ان بعد ڪي موٽي حبشہ ويا تہ ڪي

لڪيچپ ۾ يا مڪي جي ڪنهن ماڻهوءَ ڪان پناهه وٺي مڪي ۾ داخل ٿيا. (2)

(2) زاد المعاد 1/24، 2/44 - ابن هشام 1/364

حبشہ ڏانهن ٻي هجرت:- ان ڪانپوء موٽيل مهاجرن تي خاص دور تي ٻين مسلمانن تي عام طور، قريشن ڏاڍايون وڌائي ڇڏيون ۽ سندن خاندان وارن بہ ڪين ڏاڍو ستايو. ڇو تہ ريشن کي ساڻن نجاشيءَ جي سٺي سلوڪ جي جيڪا خبر پئي هئي، تنهن تي اهي ڏاڍا ڏمريا هئا. مجبور ٿي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن کي ٻيهر حبشہ ڏي هجرت جو مشورو ڏنو، پر هن ڀيءَ هجرت ۾ سخت مشڪلاتون پيش آيون. ڇو تہ هن ڀيري قريش اڳي ڪان هوشيار هئا ۽ اهڙيءَ ڪوشش کي ناڪام ڪرڻ جو قاسم ڪنيو وينا هئا، پر مسلمان ڪانئن گهڻو وڌيڪ ڦڙتيلا ثابت ٿيا ۽ الله انهن جي سفر کي آسان ڪري ڇڏيو. تنهنڪري هو قريشن جي هٿ چڙهڻ ڪان اڳ حبشہ جي شاهه وٽ پهچي ويا. هن ڀيري ڪل 82 يا 83 مردن هجرت ڪئي. (حضرت عمار رضہ جي هجرت بابت مختلف رايا آهن.) ۽ ارڙنهن يا اوڻيهہ عورتن

هجرت ڪئي. (1) علامہ منصور پوري رحہ يقين سان عورتن جو انگ 18 لکيو آهي. (2)

(1) زاد المعاد 24/1 - رحمت اللعالمين

(2) ساڳيون رحمت اللعالمين

حبشہ ڏانهن لڏيندڙن خلاف قريشن جي سازش:- مشرڪن کي مسلمانن جي جان ۽ ايمان بچائي حبشہ جي وڃوڙ کان پاڪ علائقي ۾ پهچي وڃڻ تي دلي صدمو رسيو. تنهنڪري انهن عمرو بن عاص رضہ ۽ عبدالله بن ربيعہ کي، جيڪي سمجهو ماڻهو هئا ۽ اڃ مسلمان نہ ٿيا هئا، هڪ اهم سفارتي مهم لاء چونڊيو ۽ انهن ٻنهي کي نجاسي ۽ بطريقن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاء سڻا تحفا ڏئي حبشہ موڪليو. انهن ٻنهي حبشہ پهچي بطريقن کي سوکڙيون ڏئي پوء کين پنهنجن دليلن کان آگاهہ ڪيو، جن جي بنياد تي اهي حبشہ مان مسلمانن کي نيڪالي ڏيارڻ آيا هئا. جڏهن بطريقن سندن اها ڳالهہ مڃي ورتي تہ نجاشيءَ تي مسلمانن کي ڪڍڻ لاء زور ڀريندا تہ اهي ٻئي نجاشيءَ وٽ حاضر ٿيا ۽ سوکڙيون پاکڙيون ڏئي کيس هنن لفظن ۾ پنهنجو مقصد

ٻڌايائون تہ"اي بادشاھہ! اوھانجي ملڪ ۾ اسانجا ڪجھہ بي سمجھہ ڇوڪرا ڀڄي آيا آھن، جن پنھنجي قوم جو دين ڇڏي ڏنو آھي، پر توھان جي دين ۾ بہ داخل نہ ٿيا آھن، بلڪہ ھڪ نئون دين ايجاد ڪيو اٿن، جنھن کي اسين ٿا ڄاڻون، نہ ئي اوھان. اسانکي اوھانجي خدمت ۾ سندن ئي والدين، چاچن ۽ ڪڙم قبيلي جي ٻين ڇڱن ماڻھن موڪليو آھي. مقصد اھو آھي تہ اوھان انہ کي موٽائي ڇڏيو. ڇو تہ اھي ھنن تي ڪڙيون نظرون رکن ٿا." جڏھن انھن ٻنھي پنھنجو مقصد بيان ڪري ورتو تہ بطريقن چيو تہ "بادشاھہ سلامت! ھي ٻئي نيڪ پيا چون. توھان انھن ڇوڪرن کي ھنن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ھي ٻئي کين سندن قوم ۽ ملڪ ۾ پھچائي ڇڏيندا."

پر نجاشيءَ سوچيو تہ ان معاملي کي گھرائيءَ سان جانچڻ ضروري آھي. تنھنڪري ھن مسلمانن کي گھرايو. مسلمانن اھو پڪو پھہ ڪيو ھو تہ دربار ۾ سچ ئي ڳالھائيندا، پلي تہ ان جو نتيجو ڪھڙو بہ نڪري. جڏھن مسلمان پھچي ويا تہ نجاشيءَ پڇيو تہ "اھو ڪھڙو دين آھي،

جنهن جي ڪارڻ توهان پنهنجي قوم کان تہ ڌار ٿيا آهيو پر منهنجي دين ۾ بہ داخل نہ ٿيا آهيو ۽ نہ ئي ڪنهن ٻئي ٻڌل سڏيل دين ۾ شامل ٿيا آهيو؟" مسلمانن جي ترجمان حضرت جعفر بن ابي طالب رضہ چيو تہ "اي بادشاھ! اسين اهڙي قوم مان هئاسين، جيڪا جهالت ۾ ٻڌل هئي. اسين بتن کي پوڄيندا هئاسين، مردار کائيندا هئاسين، بڇڙايون ڪندا هئاسين. مائٽن سان ٿڌائيندا هئاسين، پاڙيسرين سان صحيح نہ هلندا هئاسين. اسان جا پهلوان، ڪمزورن کي کائي ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ئي الله تعاليٰ اسان مان ئي هڪ رسول موڪليو، جنهن جي عالي نسبي، سچائي، امانت ۽ پاڪدامني اسان جا ابا اڳيئي ڏسي ويٺا هئاسين. ان اسان کي الله تعاليٰ ڏانهن سڏيو ۽ سمجهايو تہ رڳو هڪ الله کي مڃيو ۽ ان جي عبادت ڪريو ۽ ان کانسواءِ جن پٿرن ۽ بتن کي اسانجا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا، تن کي ڇڏي ڏيون. هن اسانکي سچ ڳالهائڻ، امانتدار ٿيڻ، رشتا نڀائڻ، پاڙيسريءَ سان سٺو ونهنوار رکڻ ۽ حرامڪاري توڙي خونريزيءَ کان بچڻ جو حڪم ڏنو ۽ فحاشين ۾ هٿ وجهڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ،

يتيمن جو مال کائڻ، نيڪ عورتن تي ڪوڙآ بهتان هڻڻ کان منع ڪئي. ان اسانکي اهو بہ حڪم ڏنو تہ رڳو الله تعاليٰ جي عبادت ڪريو ۽ ان سان ٻيائي نہ ڪريو. هن اسانکي نماز، روزي ۽ زڪوات جو حڪم ڏنو." اهڙيءَ طرح حضرت جعفر رضہ اسلام جو اجمالي تعارف ڪرائي پوءِ چيو تہ "اسان ان پيغمبر کي سچو سمجهي ان تي ايمان آندو ۽ ان جي آندل خدائي دين جي پيروي ڪئي. تنهنڪري رڳو الله تعاليٰ جي عبادت ڪئي ۽ ٻيائيءَ کان پري رهياسين. ۽ جن ڳالهين کي پيغمبر صلى الله عليه وسلم حرام جاڻايو، تن کي حرام مڃيوسين ۽ جن کي حلال ٻڌايائون، تن کي حلال ڄاتوسين. ان تي اسانجي قوم اسان تي ڏمري ۽ اسان سان ڏاڍ ۽ ڏمر جو سلوڪ ڪيو ويو ۽ اسانکي فتنن ۽ سزائن سان پنهنجي دين تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪئن اسين الله تعاليٰ جي عبادت ڇڏي بت پرستيءَ ڏي موٽي وڃون ۽ جن گندين شين کي اڳي حلال سمجهندا هئاسين، تن کي ٻيهر حلال سمجهون. جڏهن انهن اسان تي ظلم جي حد ڪري ڇڏي، اسان ۽ اسانجي دين جي وچ ۾ پٽ ٻڌجي ويا تہ اسان

اوهانجي ملڪ ڏاهن لڏپلاڻ ڪري ۽ ٻين ڪان اوهانکي ترجيح ڏئي اوهانجي پناهہ ۾ رهڻ پسند ڪيوسين، ان اميد سان تہ هتي اسانتي ظلم نہ ڪيو ويندو."

نجاشيءَ چيو تہ "ان پيغمبر جيڪي آندو آهي، ان مان ڪجهہ اوهان وٽ آهي؟"

حضرت جعفر رضہ چيو تہ "ها!"

نجاشيءَ چيو تہ "تورو مونکي بہ پڙهي ٻڌايو."

حضرت جعفر رضہ سوره مريم جون منڍ واريون آيتون پڙهيون. تنهن تي نجاشي ايترو تہ رنو جو سندس ڏاڙهي آلي ٿي وئي. نجاشيءَ جا سڀ اسقف بہ حضرت جعفر رضہ جي تلاوت ٻڌي ايڏو رنا جو سندن صحيفا آلا ٿي ويا. پوءِ نجاشيءَ چيو تہ اهو ڪلام ۽ حضرت عيسيٰ تي لٿل ڪلام، ٻئي هڪ ئي شمدان مان نڪتل آهن. ان بعد نجاشيءَ عمرو بن عاص ۽ عبدالله بن ربيعہ کي چيو تہ توهان ٻئي هليا وڃو. آئون هنن کي نڪو توهانجي حوالي ڪندس ۽ نہ ئي هتي انهن جي خلاف ڪا سٽ سٽڻ ڏيندس.

اهو حڪم ٻڌي اهي ٻئي ٻاهر نڪري آيا پر عمرو بن عاص، عبدالله بن ربيعہ کي چيو تہ "خدا جو قسم! سڀاڻي انهن تي اهڙو بهتان هڻندس جو سندن پاڙ ئي پٽجي ويندي." عبدالله بن ربيعہ چيو تہ "نہ! ائين نہ ڪجان. اهي ماڻهو جيتوڻيڪ اسانجي خلاف آهن، پر بهرحال آهن تہ اسانجي ئي ڪڙم قبيلي مان." پر عمرو بن عاص پنهنجي هوڏ تان نہ هٽيو.

ٻئي ڏينهن عمرو بن عاص، نجاشيءَ کي چيو تہ "اي بادشاهہ! هي ماڻهو عيسيٰ ؑ بن مريم بابت هڪ وڏي ڳالهہ چون ٿا." ان تي نجاشيءَ وري مسلمانن کي سڏايو. هن کانئن پڇڻ گهريو ٿي تہ حضرت عيسيٰ ؑ بابت مسلمان ڇا ٿا چون؟ هن ڀيري مسلمان گهٻرائجي ويا، پر انهن طئہ ڪيو تہ سچ ڳالهائبو. پلي تہ ان جو نتيجو ڪهڙو بہ نڪري. تنهنڪري جڏهن مسلمان نجاشيءَ جي درٻار ۾ پهتا ۽ ان سوال ڪيو تہ حضرت جعفر رﷺ فرمايو تہ "اسان عيسيٰ ؑ بابت اها ئي ڳالهہ چئون ٿا، جيڪا اسانجو نبي ﷺ کڻي آيو آهي. يعني حضرت عيسيٰ ؑ الله جو ٻانهو، ان جو

رسول، ان جو روح ۽ ان جو اهو ڪلمو آهي، جيڪو الله تعاليٰ ڪنواري ۽ پاڪدامن بيبي مريم ڏانهن القا ڪيو هو."

ان تي نجاشيءَ زمين تان ڪک ڪنيو ۽ چيو تہ "خدا جو قسم! جيڪي ڪجهہ اوهان چيو، حضرت عيسيٰ عہ هن ڪک جيترو بہ ان کان وڌيڪ نہ هو." ان تي بطريقن "اون هون" ڪيو. نجاشيءَ چيو تہ پلي پيا توهان "اون هون" چئو.

ان کانپوءِ نجاشيءَ مسلمانن کي چيو تہ "وڃو! توهان منهنجي رياست ۾ امن امان سان رهو. جيڪو توهان کي گار ڏيندو، ان تي ڏنڊ وجهبو. مونکي قبول ڪونهي تہ آئون سونو جبل وٺي بہ اوهان مان ڪنهن کي ڪو اهنج پهچايان."

ان کانپوءِ هن پنهنجن حاشيہ بردارن کي چيو تہ "هنن ٻنهي کي سندن سوکڙيون موٽائي ڏيو. مونکي انهن جي ضرورت ڪانهي. خدا جو قسم! الله تعاليٰ جڏهن مونکي منهنجو ملڪ واپس ڪيو هو تہ مونکان ڪا رشوت نہ ورتي هئي، جو مان ان جي راهہ ۾ رشوت وٺان. جڏهن الله تعاليٰ

مون بابت ماڻهن جي راءِ نہ قبولي تہ آئون ڇو الله تعاليٰ
بابت ماڻهن جي راءِ قبوليان."

بيبي ام سلمہ رضہ. جنهن اهو واقعو ٻڌايو آهي،
فرمايو تہ ان کانپوءِ اهي ٻئي پنهنجون سوکڙيون پکاکڙيون
کڻي بيعزتا ٿي موٽي ويا ۽ اسان نجاشيءَ وٽ هک سٺي
ملڪ ۾، هک سٺي پاڙيسريءَ جي پناهہ ۾ رهي پياسين.(1)

(1) ابن هشام ملخصا 334/1 کان 338

اها ابن اسحاق جي روايت آهي. ٻين سيرت نگارن جو
بيان آهي تہ نجاشيءَ جي دربار ۾ عمرو بن عاص جو وڃڻ
بدر جي جنگ کانپوءِ ٿيو. کن وري ائين بہ چيو آهي تہ
عمرو بن عاص نجاشيءَ جيدربار ۾ مسلمانن کي موٽائڻ لاءِ
ٻہ ڀيريا ويو هو، پر بدر جنگ کانپوءِ حاضريءَ جي سلسلي
۾ حضرت جعفر رضہ ۽ نجاشيءَ جي وچ ۾ سوالن جوابن جي
جيکا تفصيل ٻڌائي، اها تقريبن اهڙي آهي، جهڙي ابن
اسحاق حبشہ ڏانهن هجرت کانپوءِ حاضريءَ جي سلسلي ۾
بيان کئي آهي. انهن سوالن جي موضوع مان پڌرو ٿئي ٿو
تہ نجاشيءَ وٽ اجا اهو معاملو پهريون ڀيرو پيش ٿيو هو.

انڪري ترجيہ ان ڳالھ ڪي آهي تہ مسلمانن ڪي واپس موٽائڻ جي ڪوشش رڳو هڪ پيرو ٿي ۽ اها بہ حبشہ ڏانهن هجرت کان ٿورو پوء.

بهرحال مشرڪن جي چال ناڪام ٿي وئي ۽ انهن سمجهي ورتو تہ اهي دشمنيءَ جي جذبي کي پنهنجي اختيار جي حدن ۾ ئي پالي سگهن ٿا، پر ان جي نتيجي ۾ انهن هڪ خوفناڪ ڳالھ سوچڻ شروع ڪئي. حقيقت ۾ انهن کي چڱيءَ طرح احساس ٿي ويو هو تہ هن "مصيبت" سان منهن ڏين لاء هاڻي انهن آڏو بہ ئي رستا بچيا هئا. يا تہ هو پاڻ سڳورن ﷺ کي طاقت جي زور تي روڪين يا وري پاڻ سڳورن ﷺ کي ئي ختم ڪري ڇڏين، پر ٻي صورت ڏاڍي ڏکي هئي. ڇو تہ ابو طالب، پاڻ سڳورن ﷺ جو محافظ هو ۽ مشرڪن جي ارادن جي آڏو لوھ جي ڀت بڻيل هو. ان لاء اهو ئي مناسب سمجهيو ويو تہ ابو طالب سان کلي ڳالهايو وڃي.

ابو طالب کي قريشن جي ڌمڪي:- ان رٿا ڪانپوء قريش سردار ابوطالب وٽ پهتا ۽ چيائونس تہ "ابو طالب! اوهان

اسان کان عمر، رتبي ۽ مرتبي ۾ وڏا آهيو. اسان، اوهانکي عرض ڪيو هو تہ پنهنجي ڀائيٽئي کي روڪيو پر اوهان نہ روڪيو. اوهان ياد رکو تہ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي گاريون ملڻ پسند نٿا ڪريون ۽ نہ اهو تہ اسانجي عقل ۽ سمجھ کي بيوقوفي سمجهيو وڃي ۽ اسان جي خدائن جا عيب ڪڍيا وڃن. اوهان ڪيس جهليو نہ تہ يا هو رهندو يا اسين."

ابو طالب تي ان ڌمڪيءَ جو گهرو اثر پيو ۽ ان ﭘاڻ سڳورن ﷺ کي گهرائي چيو تہ " ڀائيٽيا! تنهنجي قوم وارا مون وٽ آيا هئا ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪري ويا آهن. هاڻي مون تي ۽ پنهنجو پاڻ تي رحم ڪر ۽ هن معاملي ۾ مون تي ايڏو بار نہ وجھ، جنهن جي مون ۾ سهپ نہ هجي."

اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ سمجهيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "چاچا سائين! خدا جو سنهن! جي هو منهنجي ساڄي هٿ تي سج ۽ کاٻي هٿ سج ۽ کاٻي هٿ تي چنڊ رکن تہ جيئن آئون هن ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي ڏيان، پر يا تہ الله تعاليٰ انهن تي غالب ڪري يا آئون هن راھ فنا ٿي وڃان، آئون اهو نٿو ڇڏي سگهان.

ان ڪانپوءِ سندن اڪيون پرجي آيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ روئي وڏو ۽ اٿي ويا. جڏهن موٽڻ لڳا ته ابوطالب ڪين سڏيو. سامهون آيا ته چيائين: ڀائيٽيم! جيڪو وڻئي سو ڪر. خدا جو سنهن! آئون توکي ڪنهن به سبب جي ڪري ڪڏهن به نٿو ڇڏي سگهان. (1) ۽ پوءِ هي شعر پڙهيا.

(1) ابن هشام 1/265، 266

وَللهِ لن يصلوا اِليڪ بجمعهم حتيٰ او سد في التراب دفينا

فاصدع بامرڪ ما عليڪ غضاضہ وا بشر و قربذاڪ منڪ عيونا

قريشن جو وري ابو طالب وٽ اچڻ:- ڌمڪي ڏيڻ ڪانپوءِ به جڏهن قريشن پاڻ سڳورن کي ساڳيو ڪم ڪندي ڏٺو ته سمجهي ويا ته ابو طالب پاڻ سڳورن ﷺ جو ساٿ نٿو ڇڏي سگهي. بلڪ ان بابت قريشن ڪان ڏار ٿيڻ ۽ ساٿن

ڦٽائڻ لاءِ بہ تيار آهي. تڏهن اهي وليد بن مغيره جي پٽ عماره کي سان وٺي ابو طالب وٽ پهتا ۽ ان کي هيئن چيائين تہ "اي ابو طالب! هي قريش جو سڀ کان ڳڀرو جوان آهي. اوهان هن کي وٺو ۽ هن جي ديت ۽ نصرت جا حقدار ٿيو ۽ هن کي پنهنجو پٽ ڪري ڇڏيو. هي اوهان جو ٿيندو ۽ اوهان پنهنجي ڀائيٽئي کي اسانجي حوالي ڪريو، جنهن توهانجي ابن ڏاڏن جي دين جي مخالفت ڪئي. اوهانجي قوم کي وکيري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي ڏاهپ کي بيوقوفي ڪوٺي رهيو آهي، اسين کيس ماري ڇڏيون. بس اهو هڪ ماڻهوءَ بدران ماڻهوءَ وارو حساب آهي."

ابو طالب چيو تہ"خدا جو سنهن! ڪيڏو نہ خراب سودو آهي، جيڪو توهان مون سان ڪريو پيا! توهان پنهنجو پٽ ڏيو ٿا تہ ان کي کارايان پياريان ۽ منهنجو پٽ مارڻ لاءِ ٿا گهرو! خدا جو سنهن! اهو نٿو ٿي سگهي.

ان تي نوفل بن عبدالمناف جي پوٽي مطعم بن عديءَ چيو تہ "خدا جو سنهن! اي ابوطالب! توسان تنهنجي قوم انصاف جي ڳالهہ ڪئي آهي ۽ جيڪا صورت توکي نٿي

وڏي ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر مان ڏسان ٿو ته توهان انهن جي ڳالهه قبولڻ نه پيا چاهيو."

جواب ۾ ابو طالب چيو ته "بخدا! توهان انصاف جي ڳالهه نه ڪئي آهي. بلڪ توهان منهنجو ساٿ ڇڏي مخالفن سان ملي ويا آهيو ته پوءِ نيڪ آهي، جيڪي وڻيوَ سو ڪريو."(1)

(1) ابن هشام 266/1، 267

سيرت جي ڪتابن ۾ انهن ٻنهي ڳالهين ٻولين جي دور جي خبر نٿي پوي، پر اندازو ٿئي ٿو ته اهي ڳالهيون ٻوليون سن ڇهه نبوي جي وچ ڌاري ٿيون ۽ جلدي جلدي ٿيون.

پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جي رٿا:- ڳالهين ۾ ناڪاميءَ کانپوءِ قريشن جو ڏاڍ ۽ ڏمر ويتر وڌي ويو ۽ اهنج رسائڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ قريشن جي مٿي ڦريلن جي دماغ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي ختم ڪرڻ جي رٿا جنم ورتو، پر اها رٿا ۽ اهي سختيون ئي مڪي جي

جانبازن مان ٻن غير معولي سرفروشن، يعني حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضہ ۽ حضرت عمر بن خطاب رضہ جي اسلام قبولڻ جو ڪارڻ بڻيون، جنهن جي ڪري اسلام ڪي ڏاڍي سگهہ ملي.

ڏاڍ ۽ ڏمر جا ٻہ واقعا هي بہ آهن تہ هڪ ڏينهن ابو لهب جو پٽ عتيبہ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو ۽ چيائين تہ "آئون والنجم اذا هوي ۽ ثم دنا فتدلىٰ ڪان انڪار ٿو ڪريان." ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ ڪي تنگ ڪرڻ لڳو. سندن ڪرتو ڦاڙي ڇڏيائين ۽ منهن ڏانهن ٿڪيائين)الله لعنت ڪريس) پر ٿڪ گسي وئي. ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس پٽيندي چيو تہ يا الله هن تي پنهنجن ڪتن مان ڪو ڪتو مسلط ڪر. پاڻ سڳورن ﷺ جي اها پٽ قبول پئي ۽ جڏهن عتيبہ هڪ ڀيرو ڪجهہ قريشن سان سفر تي ويو ۽ انهن شام جي هڪ هنڌ زرقا وٽ ديرو وڌو تہ رات جي وقت شينهن ان پاسي جو چڪر لڳايو. عتيبہ ان ڪي ڏسي چيو تہ "هاء منهنجي تباهي! خدا جو سنهن! هيءُ مونکي کائوندي، چو تہ محمد ﷺ مونکي پٽيو هو. ڏسو آئون

شام ۾ آهيان پر هن مڪي ۾ ويٺي ويٺي مونکي ماري وڌو." ماڻهن احتياط طور ڪيس پنهنجي ۽ جانورن جي وچ ۾ سمهاريو پر رات جو شينهن سيني ڪي اورانگي عتيبہ تائين وجي پڳو ۽ ڪيس ماري ڇڏيائين. (1)

(1) مختصر السيره شيخ عبدالله 135، استيعاب،اصابہ، دلائل النبوت، الروض الانف

هڪ ڀيري عقبہ بن ابي معيط پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳچي سجدي جي حالت ۾ ان طرح لتاڙي جو معلوم ٿيو پئي تہ ڄڻ ٻئي اکيون نڪري اينديون. (1)

(1) ساڳيو مختصر السيره ص 113

ابن اسحاق جي هڪ ڊگهي روايت مان بہ مٿي قريل قريشن جي ان ارادي تي سوجهرو پوري ٿو تہ هو پاڻ سڳورن ﷺ کي پورو ڪرڻ لاءِ آتا هئا. جيئن ان روايت ۾ ٻڌايل آهي تہ هڪ ڀيرو ابوجهل چيو تہ "قريش ڀائرو! اوهان ڏسو پيا تہ محمد ﷺ اسانجي دين تي تنقيد ڪرڻ، ابن ڏاڏن جي برائي ڪرڻ، اسانجي ڏاهپ ڪان انڪار ڪرڻ ۽ اسانجن

خدائن کي ذليل ڪرڻ ڪان نٿو مڙي. ان ڪري آئون الله سان واعدو ڪريان ٿو تہ هڪ ڳرو ۽ ڏکيو کڻڻ وارو پٿر رکي ويهندس ۽ جڏهن هو سجدو ڪندو تہ ان پٿر سان سندس مٿو چيپاٽي ڇڏيندس. پلي ان ڪانپوءِ توهان مونکي اڪيلو ڇڏي ڏيو يا منهنجو ساٿ ڏيو ۽ بنو عبدالمناف بہ ان ڪانپوءِ جيڪي وڻين سو ڪن." ماڻهن چيو تہ "نہ، الله جو سنهن! اسين توکي ڪنهن بہ معاملي ۾ اڪيلو نہ ڇڏينداسين. تون جيڪو ڪرڻ چاهين، اهو بي ڪٽڪو ڪر."

صبح ٿيندي ئي ابوجهل اهڙو هڪ پٿر کڻي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي انتظار ۾ ويهي رهيو. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم دستور مطابق آيا ۽ بيهي نماز پڙهڻ لڳا. قريش بہ پنهنجن پنهنجن ٽولن سان اچي ويٺا ۽ ابوجهل جي ڪارروائي ڏسڻ لاءِ انتظار ڪرڻ ليا. جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم سجدي ۾ ويا تہ ابوجهل پٿر کنيو ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڏانهن وڌيو، پر ويجهو پهچي تڪڙو واپس ٿيو. سندس منهن لٿل هو ۽ هو ايڏو تہ هيسيو پيو هو جو سندس ٻنهي هٿن ۾ پٿر ڄڻ چنبڙي پيو هو. هن ڏکيائيءَ سان پٿر

اڇلايو. هوڏانهن کي ماڻهو اٿي هن وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳيا،
"ابو الحڪم! توکي ڇا ٿيو آهي؟" هن وراڻيو تہ "مون رات
جيڪي ڇيو هو، سو ڪرڻ پئي ويس، پر جڏهن ويجهو
پهتس تہ هڪ اٺ اڳيان اچي ويو. بخدا مون ڪڏهن بہ
ڪنهن اٺ جو اهڙو مٿو، اهڙي ڳچي ۽ اهڙا ڏند نہ ڏٺا آهن.
هن مونکي کائڻ تي گهريو."

ابن اسحاق لکي ٿو تہ "مونکي ٻڌايو ويو تہ پاڻ
سڳورن ﷺ فرمايو"اهو جبرئيل عہ هو، جيڪڏهن ابوجهل
ويجهو اچي ها تہ ان کي جهلي وٺي ها."(1)

(1) ابن هشام 1/298، 299

ان ڪانپوءِ ابو جهل پاڻ سڳورن ﷺ خلاف هڪ
اهڙي حرڪت ڪئي، جنهن جي ڪارڻ حضرت حمزي رضہ
اسلام قبول ڪري ورتو. ان جو تفصيل اڳتي ايندو.

جيستائين قريشن جي بين بدمعاشن جو تعلق آهي تہ
انهن جي دلين ۾ بہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ختم ڪرڻ جا
خيال ايندا هئا. جيئن حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص کان
ابن اسحاق هي بيان آندو آهي تہ هڪ ڀيري مشرڪ حطيم ۾

گڏ ٿيا. آئون بہ اتي موجود هوس. مشرڪن، پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ي ڳالهہ ڪدي ۽ چيو تہ "هن ماڻهوءَ جي معاملي ۾ اسان جيڏو صبر ڪيو آهي، ان جو ڪو مثال ڪونهي. حقيقت ۾ اسان هن معاملي ۾ وڏي سهپ ڪان ڪم ورتو آهي." اها ڳالهہ ٻول هلي رهي هئي جو پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم نمودار ٿيا. پهرين حجر اسود کي چميائون ۽ پوء طواف ڪندي قريشن وٽان لنگهيا. انهن مٿن چٽرون ڪرڻ شروع ڪيون، جيڪي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي ناگوار گذريون. ٻئي چڪر ۾ بہ ائين ٿيو. ان جو اثر بہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي چهري مبارڪ تي اهر ٿيو. ٽئين ڀيري لنگهيا تہ مشرڪن وري لعن طعن ڪيو. هن ڀيري پاڻ بيهي رهيا ۽ فرمايائون تہ "قريشيو! ٻڌو ڀيا؟ ان ذات جو سنهن، جنهن جي هٿن ۾ منهنجي جان آهي! آئون توهان وٽ (توهانجي) قتل ۽ ذبح (جو حڪم) ڪٺي آيو آهيان."

ٻڌڻ وارا هيسجي ويا. پوء تہ انهن مان سڀ ڪان وڏي مخالف بہ سٺا سٺا لفظ ڳولهي ڪانئن معافي ورتي ۽ چوڻ

لڳو "ابوالقاسم! اوهان واپس وڃو. خدا جو سنهن! اوهان ڪڏهن بہ نادان نہ هئا."

ٻئي ڏينهن قريش وري ساڳيءَ طرح گڏ ٿيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئا جو پاڻ سڳورا ﷺ ظاهر ٿيا. ڪين ڏسندي ئي سڀ مٿن هلان ڪري آيا ۽ پوءِ ڪين گهيري ۾ آڻي ورتائون. پوءِ هڪ ماڻهوءَ گلي وٽان چادر جهلي. (ان ڪي مروڙڻ لڳو) ابوبڪر رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ ڪي بچائڻ لڳو. هو روئي بہ رهيو هو ۽ اهو بہ چئي رهيو هو تہ "اتقتلون رجلا ان يقول ربي الله؟" ڇا توهان هڪ ماڻهوءَ ڪي ان ڪري ماريو ٿا جو هو الله تعاليٰ ڪي پنهنجو رب ٿو چوي؟" ان ڪانپوءِ اهي، پاڻ سڳورن ﷺ ڪي ڇڏي موٽي ويا. عبدالله بن عمرو بن عاص رضہ جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي قريشن پاران ڏکوئڻ جي اها سڀ کان وڏي ڪوشش هئي، جيڪا مون ڪين ڪندي ڏٺي. (1) انتهي ملخصا

(1) ابن هشام 1/289، 290

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عروه بن زبير رضہ کان آيل آهي تہ مون عبدالله بن عمرو بن عاص رضہ کان پڇيو تہ مشرڪن، پاڻ سڳورن ﷺ سان جيڪا وڌي ۾ وڌي بدسلوڪي ڪئي، ان بابت تفصيل ٻڌايو؟ پاڻ وراڻيائين تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪعبت الله وٽ حطيم ۾ نماز پڙهي رهيا هئا تہ عتبہ بن ابي معيط آيو. ان ايندي شيط پنهنجو ڪپڙو پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڏاڍي زور سان پاڻ سڳورن ﷺ جو گلو گهٽيو. ايتري ۾ ابوبڪر رضہ اچي ويو ۽ ان ڪيس ٻنهي ڪلهن کان جهلي ڌڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کان پري ڪندي چيو تہ "اتقتلون رجلا ان يقول ربي الله! توهان هڪ ماڻهوءَ کي ان ڪري ماريو ٿا جو هو الله تعاليٰ کي پنهنجو رب ٿو چوي؟"(2)

(2) صحيح بخاري باب ذڪر مالقي النبي ﷺ من المشرڪين بمڪہ 544/1

بيبي اسماء جي روايت ۾ اهو واڌارو آهي تہ حضرت ابوبڪر رضہ اها هڪل ٻڌي تہ پنهن ساٿيءَ کي بچاء. پاڻ هڪدم اسان وٽان نڪتو. سندن وارن ۾ چار چوٽيون ٿيل

هيون. پاڻ اهو چوندو ويو تہ "اتقتلو رجلا ان يقول ربي اللّٰه؟ توهان هڪ ماڻهوءَ کي رڳو ان ڪري مارڻو ٿا جو هو اللّٰه تعاليٰ کي پنهنجو رب ٿو چوي؟"(3)

(3) مختصر السيره شيخ عبداللّٰه صفحو 113

حضرت حمزه رضہ جو اسلام قبولڻ:- مڪي جي فضا تي ڏاڍ ۽ ڏمر جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا تہ اوچتو ڪنوڻ ڪڙڪي ۽ مظلومن لاءِ رستو روشن ٿي ويو. يعني حضرت حمزو رضہ مسلمان ٿي ويو. سندن اسلام قبولڻ جو واقعو سن ڇهہ نبويءَ ۾ ٿيو. خيال آهي تہ پاڻ ذوالحج مهيني ۾ مسلمان ٿيو. سندن اسلام قبولڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ هڪ ڏينهن ابوجهل صفا جبل ويجهو پاڻ سڳورن ﷺ وٽان لنگهندي پاڻ سڳورن ﷺ کي تنگ ڪيو ۽ ڪين گهٽ وڌ ڳالهايائين. پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ۾ رهيا ۽ ڪجهہ نہ ڪڇيائون پر ان ڪانپوءِ هن پاڻ سڳورن ﷺ جي سر مبارڪ تي پٿر واهي ڪڍيو، جنهن سان رت وهي پيو. پوءِ هو وڃي ڪعبت اللّٰه ۾ قريشن جي مجلس ۾ ويٺو. عبداللّٰه بن جدعان جي هڪ ٻانهي، جنهن جو گهر صفا جبل تي هو،

تنهن اهو نظارو ڏٺو هو. حضرت حمزو رضہ اوڏي مهل شڪار تان موٽي رهيو هو تہ هن کين ابوجهل جي سڀني ڪارستاني بيان ڪري ٻڌائي. تنهن تي حضرت حمزو رضہ ڏاڍو ڏمريو. پاڻ قريش جو سڀ کان پهلوان ۽ سگهارو جوان هو. حقيقت ٻڌي ڪٿي بہ بيهڻ کانسواءِ دل ۾ پڪو ارادو ڪري ڊوڙيو تہ جتي بہ ابوجهل ملندو اتي کيس ڪٽيندس. تنهنڪري مسجد لحرام ۾ داخل ٿي سڌو ان جي مٿان اچي بيٺو ۽ چيائين تہ "او سرين تي خوشبوءِ لڳائڻ وارا ياڙيا! تون منهنجي ڀائيٽئي کي گاريون ٿو ڏين، حالانڪ آئون بہ ان دين جو پوئلڳ آهيان." ان کانپوءِ پنهنجي ڪمان ايڏي زور سان سندس مٿي ۾ هنيائين جو هو سخت گهائجي پيو. ان تي ابوجهل جي قبيلي بنو مخزوم ۽ حضرت حمزي جي قبيلي جا ماڻهو هڪٻئي جي سامهو اٿي بيٺا، پر ابوجهل اهو چئي کين چپ ڪرائي تہ ابو عماره کي وجھ ڏيو، مون واقعي هن جي ڀائيٽيي کي گار ڏني هئي. (1)

(1) مختصر السيره شيخ محمد بن عبدالوهاب ص 66 - رحمت اللعالمين 1/68 - ابن هشام 1/291، 292

پهرين تہ حضرت حمزي رضہ جو اسلام رڳو ان حميت
ڪارڻ هو تہ سندن مائٽ جي بيعزتي ٿيو ڪئي وئي، پر پوءِ
اللّٰہ تعاليٰ سندن سينو کوليو ۽ ان اسلام جي سنگهر کي
مضبوطيءَ سان جهلي ورتو.(2) ۽ مسلمانن کي سندن
ڪارڻ وڏي عزت ۽ طاقت محسوس ٿي.
(2) ان جو اندازو مختصر السيره شيخ عبداللّٰہ ۾ ٻڌايل هڪ
روايت مان ٿئي ٿو. ڏسو ص 101

حضرت عمر رضہ جو اسلام قبولڻ:- ڏاڍ ۽ ڏمر جي ان
انڌيري ماحول ۾ هڪ ٻي ڪنوڻ چمڪاٽ ڪيو، جنهن جي
سهائي سيني محسوس ڪئي. يعني حضرت عمر رضہ
مسلمان ٿيو. اهو واقعو سن ڇهہ نبويءَ جو آهي. (3) پاڻ
حضرت حمزي رضہ کان ٽي ڏينهن پوءِ مسلمان ٿيو. پاڻ
سڳورن صلى الله عليه وسلم سندس
(3) تاريخ عمر بن الخطاب رضہ لابن جوزي ص 11
اسلام قبولڻ جي دعا گهري هئي. جيئن امام ترذي رحہ،
ابن عمر رضہ کان روايت ڪئي آهي ۽ ان کي صحيح بہ

سڏيو آهي. ساڳيءَ طرح طبرانيءَ، حضرت ابن مسعود رضہ ۽ حضرت انس رضہ کان روايت ڪئي آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ "اللهم اعز الاسلام باحب الرجلين اليڪ بعمر بن الخطاب او بابي جهل بن هشام." يعني "يا اللهؐ! عمر بن خطاب ۽ ابوجهل (عمر) بن هسام جيڪو شخص توکي وڌيڪ پيارو هجي، ان جي ذريعي اسلام کي قوت بخش."

الله تعاليٰ اها دعا قبولي ۽ حصرت عمر رضہ مسلمان ٿي ويو. الله تعاليٰ جي ويجهو انهن ٻنهي مان وڌيڪ پيارو حضرت عمر رضہ هو. (1)

(1) ترمذي ابواب المناقب؛ مناقب ابي حفص عمر بن الخطاب 209/2

سندن اسلام قبولڻ وارين سيني روايتن تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو تہ سندن دل ۾ اسلام آهستي آهستي جڳهہ ناهي. مناسب ٿيندو تہ انهن روايتن جو تت ڏيڻ کان اڳ حضرت عمر رضہ جي مزاج ۽ جزبن ۽ احساسن ڏانهن ٿورو اشارو ڪيو وڃي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي سخت گيريءَ جي ڪري مشهور هو. مسلمانن هڪ ڊگهي عرصي تائين سندن هٿان تڪليفون سٺيون. ائين لڳندو هو تہ پاڻ متضاد قسم جي جذبن جو مالڪ هو. جيئن هڪ پاسي تہ پاڻ ابن ڏاڏن جي ايجاد ڪيل رسمن جو احترام ڪندو هو ۽ شراب پيئڻ جو شوقين هو، پر ٻئي طرف مسلمانن پاران مصيبتون سهندي بہ ايمان ۽ عقيدي تي مضبوطيءَ سان ڄميل رهڻ کي پسند بہ ڪندو هو. منجهن ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ وانگر شڪ شبها بہ پيدا ٿيندا هئا تہ اسلام جنهن ڳالهہ جي دعوت ڏئي رهيو آهي، اها ئي صحيح آهي. انڪري سندن ڪيفيت پل ۾ تولو، پل ۾ ماشو پئي ٿيندي هئي، جو ڪڏهن پاڻ ڀڙڪندو هو ۽ ڪڏهن ٿڌو ٿي ويندو هو.(1)

(1) حضرت عمر رضہ جي حالتن جو اهوتجزيو شيخ محمد غزالي رضہ ڪيو آهي. فقہ السيره ص 92، 93

حضرت عمر رضہ جي اسلام قبولڻ بابت روايتن جو تت اهو آهي تہ هڪ ڀيري پاڻ گهر کان ٻاهر رات گذاريائين. پاڻ حرم شريف ۾ آيو ۽ ڪعبت الله جي پردي

پنيان هليو ويو. ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ نماز ۾ سوره الحاقہ پڙهي رهيو هئا. حصرت عمر رضہ قرآن ٻڌڻ لڳو ۽ ان جي جوڙجڪ تي اچرج ۾ پئجي ويو. سندن چوڻ آهي تہ مون دل ۾ سوچيو تہ "خدا جو قسم! هي تہ شاعر آهي، جيئن قريش چون ٿا." پر ايتري ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هيءَ آيت پڙهي:

انہ لقول رسول كريم..... تؤمنون (49: 40/41)

حضرت عمر رضہ جو بيان آهي تہ مون دل ۾ سوچيو تہ (هون)" هي تہ ڪاهن آهي." پر ايتري ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هيءَ آيت پڙهي، "

ولا بقول ....رب العالمين (69: 43/42) (اليٰ آخر السوره)

حضرت عمر رضہ جو بيان آهي تہ ان گهڙيءَ منهنجي دل ۾ اسلام جڳهہ ڪري ويو. (1)

(1) تاريخ عمر رضہ بن الخطاب لابن جوزي ص 6 - ابن اسحاق، عطاء ۽ مجاهد کان بہ تقريبن ساڳي روايت آيل آهي. باقي ان جو آخري ٽڪر ٿورو مختلف آهي. ڏسو سيره

ابن هشام 346/1، 348 ۾ خود ابن جوزيءَ بہ حضرت جابر رضہ کان ان جهڙي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، پر ان جو اخري حسو بہ هن روايت کان بدليل آهي. ڏسو تاريخ عمر رضہ بن الخطاب ص 9، 10

اهو پهريون پيرو هو جو حضرت عمر رضہ جي دل ۾ اسلام جو ٻج پيو پر اجا سندن اندر جاهليت وارا جذبا، تقليدي عصبيت ۽ ابن ڏاڏان جي دين جي عظمت جو احساس ايڏو مضبوطيءَ سان وينل هو. انڪري پاڻ وري بہ اسلام دشمن عملن ۾ رڌل رهيو.

سندن طبيعت جي سختي ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان عداوت جو اهو حال هو جو هڪ ڏينهن پاڻ، پيغمبر صلى الله عليه وسلم کي مارڻ لاء تلوار ڪٽي نڪتو، پر رستي ۾ ڪين نعيم بن عبدالله الخام عدوي (2) سان يا بني زهره (3) بني مخزوم (4) جو ڪو ماڻهو مليو. ان سندن تيور ڏسي پڇيو تہ "عمر! ڪيڏانهن

(2) اها ابن اسحاق جي روايت آهي. ڏسو ابن هشام 344/1

(3) اهو حضرت انس رضہ کان مروي آهي. ڏسو تاريخ عمر رضہ بن الخطاب لابن جوزي، ص 10 ۽ مختصر السيره از شيخ عبدالله ص 103
(4) اها ابن عباس رضہ جي ٻڌايل روايت آهي. ڏسو ساڳيو ڪتاب مختصر السيره صفحو 102

پيو وجين؟" پاڻ وراڻيائين تہ "محمد صلی اللہ علیہ وسلم کي مارڻ پيو وجان." ان تي هن چيو تہ "محمد صلی اللہ علیہ وسلم کي ماري بنو هاشم ۽ بنو زهره کان ڪيئن بچندين؟" حضرت عمر رضہ چيو تہ "لڳي ٿو تہ تون بہ پنهنجو دين ڇڏي بي ين ٿي چڪو آهين. هن وراڻيو تہ "عمر رضہ هڪ اچرج جوڳي ڳالهہ ٻڌائين تہ تنهن ڀيڻ ۽ ڀيڻويو بہ تنهنجو دين ڇڏي بيدين ٿي چڪا آهن." اهو ٻڌي عمر رضہ ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ويو ۽ سڌو پنهنجي ڀيڻ جي گهر پهتو. اتي انهن کي حضرت خباب رضہ بن ارت سوره طہٰ پڙهائي رهيو هو ۽ هو روز قرآن پڙهائڻ ايندو هو. جڏهن حضرت خباب رضہ، حضرت عمر رضہ جي اچڻ جو کڙڪو ٻڌو تہ گهر ۾ لکي ويو. هوڏانهن حضرت

عمر رضہ جي ڀيڻ فاطمہ رضہ صحيفو لڪائي ڇڏيو، پر حضرت عمر رضہ اچڻ مهل حضرت خباب رضہ ي قرئت ٻڌي چڪو هو، تنهنڪري پڇيائين تہ اهو هلڪو آواز ڪنهن جو هو، جيڪو اوهان وٽان آيو پئي؟" هن وراڻيو تہ "ڪجهہ بہ نہ بس اسان پاڻ ۾ پئي ڳالهايو." حضرت عمر رضہ چيو تہ "سايد توهان ٻئي بيدين ٿي چڪا آهيو؟" ڀيڻوئي چيو تہ"چڱو عمر رضہ! اهو ٻڌاء تہ جيڪڏهن تنهنجي دين بدران ٻيو ڪو دين سچو هجي تہ؟" حضرت عمر رضہ اهو ٻڌڻ شرط پنهنجي ڀيڻوئي کي دساڙي مارڻ شروع ڪيو. سندن ڀيڻ کين پنهنجي مڙس کان ڌار ڪيو تہ ڀيڻ کي بہ اهڙو ٺڦڙ واهي ڪديائين جو سڄو منهن رتوڇاڻ ٿي ويس. ابن اسحاق کان روايت آهي تہ سندن مٿي ۾ بہ ڌڪ لڳو. ڀيڻ جوشہ اچي چيو تہ "عمر رضہ جيڪڏهن تنهنجي دين بدران ٻيو دين سچو هجي تہ؟" اللّٰهد ان لا الہ الا اللّٰه و اشهد ان محمدا رسول اللّٰه. آئون شاهدي ڏيان ٿي تہ اللّٰه کانسواء ڪير عبادت جي لائق نہ آهي ۽ آئون شاهدي ڏيان ٿي تہ محمد صلى الله عليه وسلم اللّٰه جو رسول آهي." اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ جو منهن لهي ويو ۽

کين پنهنجي ڀيڻ جي ڇهري تان رت ڳڙندو ڏسي شرم محسوس ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”ڇڳو اهو ڪتاب جيڪو اوهان وٽ آهي، ٿورو مونکي بہ پرهڻ ڏيو.“ ڀيڻ چيو تہ ”تون ناپاڪ آهين. هن ڪتاب کي پاڪ ماڻهو ڇهي سگهن ٿا. اٿي پهرين وهنج." حضرت عمر رضہ وهنتا، پوء ڪتاب ورتو ۽ بسم الله الرحمان الرحيم پرهي چوڻ لڳو تہ "هي تہ ڏاڍا پاڪ نالا آهن.“ ان کانپوء طہ کان انني تائين پڙهيائين ۽ چوڻ لڳو تہ ”هي تہ ڏاڍو عمدو ۽ محترم ڪلام آهي. مونکي محمد صلى الله عليه وسلم جو ڏس پتو ڏيو!“

حضرت خباب رضہ، سندن اهي فقرا ٻڌي ٻاهر نڪتو ۽ چوڻ لڳو تہ "اي عمر! خوشخبري هجي توکي. مونکي اميد آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم خميس واري رات تو بابت جيڪا دعا گهري هئي، (تہ يا الله! عمر بن خطاب يا ابوجهل بن هشام جي ذريعي اسلام کي سگهہ ڏي) سا قبول پئي آهي ۽ هن وقت پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم صفا جبل جي پرواري گهر ۾ ويٺل آهن."

اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ پنهنجي تلوار چيلهہ کي ٻڌي ۽ اچي ان گهر جي در تي نڪ نڪ ڪئي. هڪ ماڻهوءَ سوراخ مان ڏٺو تہ عمر رضہ تلوار سان بيٺو آهي. تنهن ڊوڙي وڃي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي اها ڳالهہ ٻڌائي ۽ سڀئي هڪ هنڌ گڏ ٿي ويا. حضرت حمزي رضہ پڇيو تہ "ڇا ڳالهہ آهي؟" ماڻهن چيو تہ "عمر رضہ آيو آهي." حضرت حمزي رضہ چيو تہ "بس عمر رضہ آهي نہ! دروازو کوليوس، ي چڱي نيت سان آيو آهي تہ نيڪ نہ تہ سندس ئي تولار سان کيس پورو ڪبو." هوڏانهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اندر وينا هئا ۽ وحي اچي رهي هئي. وحي لهي بس ٿي تہ حضرت عمر رضہ وٽ هلي اچي ساڻس مليا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سندن ڪپڙا ۽ تلوار جو ڳن جهلي سختيءَ سان جهٽڪو ڏئي فرمايو تہ "اي عمر! ڇا تون ان وقت کان بچڻ نہ چاهيندي، جڏهن الله تعاليٰ توتي بہ اهڙي ذلت ۽ خواري ۽ عبرتناڪ پڇاڻيءَ جي سزا نازل ڪري، جهڙي ولدي بن مغيره تي نازل ٿي چڪي آهي؟ يا الله! هي عمر بن الخطاب آهي، يا الله! اسلام کي عمر بن الخطاب جي ذريعي سگهہ ۽ عزت

بخش.” پاڻ سڳورن ﷺ جي ان ارشاد بعد حضرت عمر رضہ مسلمان ٿيندي چيو تہ اشهد ان لاالہ ال الله و انک رسول الله

اهو ٻڌي گهر ۾ موجود اصحابين ايڏي زور سان تڪبير جو نعرو هنيو جو مسجد الحرام وارن تائين بہ ان جو آواز پهتو. (1) اسانکي خبر

(1) تاريخ عمر بن الخطاب ص 7، 10، 11 - مختصر السيره شيخ عبدالله 102، 103 - سيرت ابن هشام 343/1 کان 346

آهي تہ حضرت عمر رضہ جي پهلوانيءَ جو اهو حال هو جو سندن مقابلي ۾ اچڻ جي ڪير بہ همت نہ ڪندو هو. انڪري سندن مسلمان ٿيڻ سان مشرڪن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ۽ انهن ڏاڍي بيعزتي محسوس ڪئي. ٻئي طرف سندن اسلام آڻڻ ڪري مسلمانن کي ڏاڍي عزت، سگهہ ۽ خوشي حاصل ٿي. جيئن ابن اسحاق پنهنجي سند سان حضرت عمر رضہ جو بيان ٻڌايو آهي تہ جڏهن آئون مسلمان ٿيس سوچيم تہ مکي

جو کھڙو ماڻھو پاڻ سڳورن ﷺ جو سڀ کان وڏو دشمن آهي؟ پوءِ مون دل ۾ سوچيو تہ اهو ابوجهل آهي، انکانپوءِ مون ان جي در تي وڃي ٺک ٺک ڪئي. هو ٻاهر آيو ۽ ڏسي چيائين تہ اهلا و سلها (ڀلي ڪري آئين) ڪيئن اچڻ ٿيو؟ مون چيو تہ "توکي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان تہ آئون الله ۽ ان جي رسول محمد ﷺ تي ايمان آڻي چڪو آهيان ۽ جيڪي ڪجھہ پاڻ کڻي آيا آهن، ان جي تصديق ڪري چڪو آهيان." حضرت عمر رضہ جو چوڻ آهي تہ (اهو ٻڌي) هن دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ "الله تنهنجو برو ڪري، جيڪي تو آندو آهي، ان جو بہ برو ڪري." (1)

(1) امام جوزيءَ حضرت عمر رضہ کان اها روايت آندي آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو مسلمان ٿيندو هو تہ ماڻهو ان جي پٺيان پئجي ويندا هئا. ان کي ڪٽيندا هئا ۽ هو بہ ان سان وڙهندو هو. انڪري جڏهن آئون مسلمان ٿيس تہ پنهنجي مامي عاصي بن هاشم وٽ وڃي ان کي ٻڌايم تہ هو گھر ۾ گھڙي ويو. پوءِ قريش جي هڪ وڏي ماڻهوءَ وٽ وسي.

(شايد ابوجهل ڏانهن اشارو آهي) ن کي بہ ٻڌايم تہ اهو بہ گهر ۾ گهڙي ويو. (2)

(2) ابن هشام 1/349، 350

ابن هشام ۽ ابن جوزيءَ جو چوڻ آهي تہ جڏهن حضرت عمر رضہ مسلمان ٿيو تہ جميل بن معمر جمحي وٽ ويو، جيڪو افواهون ڦهلائڻ ۾ ماهر هو. حضرت عمر رضہ کيس پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو ٻڌايو. جنهن تي هن وڏي رڙ ڪئي تہ خطاب جو پٽ بيدين ٿي ويو. حضرت عمر رضہ سندن پنيان هو، ان چيو تہ "هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي، آئون مسلمان ٿي ويو آهيان." بهرحال ماڻهن ڪٽي حضرت عمر رضہ تي هلان ڪئي ۽ کين مارڻ شروع ڪيو. ماڻهو کين ماري رهيا هئا ۽ پاڻ ماڻهن کي ڪٽي رهيو هو. ايستائين جو سج اڇي سر تي چڙهيو ۽ حضرت عمر رضہ ٿڪجي ويهي رهيو. ماڻهو سندن مٿان بيٺا هئا. حضرت عمر رضہ چيو تہ جيڪو وڻيوَ سو ڪريو. خدا جو سنهن! جيڪڏهن سين ٽي سؤ ڪن هجون ها تہ پوء مڪي ۾ يا تہ توهين رهو ها يا اسين."(1)

(1) تاريخ عمر رضہ بن الخطاب ص 8، ابن هشام 348/1، 349

ان کانپوءِ مشرکن صفا ماري ڇڏڻ جي ارادي سان سندن گهر تي هلان ڪئي. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابن عمر رضہ کان بيان ٿيل آهي ته پاڻ ڊپ جي حالت ۾ ويٺو هو ته ابو عمرو عاص بن وائل سهمي آيو. ڪيس پٽاپٽي يمني چادر جو وڳو ۽ ريشمي پرت سان پريل ڪڙتو پيل هو. ان جو تعلق سهم قبيلي سان هو ۽ اهو قبيلو جاهليت ۾ اسانجو حليف هو. ان پڇيو ته ڇا ڳالهہ آهي؟ حضرت عمر رضہ وراڻيو ته آئون مسلمان ٿي ويو آهيان، انڪري توهان جي قوم مونکي مارڻ پئي گهري. عاص چيو ته "اهو ممڪن ناهي." عاص جي اها ڳالهہ ٻڌي مونکي اطمينان ٿيو. ان کانپوءِ عاص اتان نڪري وڃي ماڻهن سان مليل. ان وقت حالت اها هئي ته ماڻهن جي ميڙ سان سڄي وادي پريل هئي. عاص پڇيو ته "ڇا ارادو اٿوَ؟" ماڻهن چيو ته "اهو ئي خطاب جو پٽ گهربل آهي، جيڪو بيدين ٿي ويو آهي." عاص چيو ته "ان ڏانهن ڪا راهہ نٿي وڃي." اهو ٻڌي ماڻهو موٽي ويا.

(1) ابن اسحاق جي هڪ روايت ۾ آهي تہ والله ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اهي هڪ ڪپڙو هئا. جنهن کي جهٽڪو ڏئي حضرت عمر رضہ جي مٿان راڙو ويو.(2)

(1) صحيح بخاري: باب اسلام عمر رضہ بن الخطاب 545/1

(2) ابن هشام 349/1

حضرت عمر رضہ جي مسلمان ٿيڻ تي مشرڪن جا تاثر اهڙا هئا. باقي مسلمانن جي حالت جو اندازو مجاهد جي ابن عباس رضہ کان آندل روايت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مون عمر رضہ بن الخطاب کان پڇيو تہ توهان تي فاروق لقت ڪيئن پيو؟ تہ ان وراڻيو تہ مون کان ٽي ڏينهن اڳ حضرت حمزو رضہ مسلمان ٿيو. پوءِ حضرت عمر رضہ سندن اسلام قبولڻ جو واقعو ٻڌائي آخر ۾ چيو تہ پوءِ جڏهن آئون مسلمان ٿيس تہ مون چيو تہ يا رسول اللهﷺ! ڇا اسين حق تي ناهيون، ڀلي زنده رهون يا مري وڃون؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي

جان آهي، توهان حق تي آهيو. ڀلي زنده رهو يا مري وڃو."
حضرت عمر رضہ ٻڌايو تہ تڏهن مون چيو تہ پوءِ لڪڻ ڇاجو؟
ان ذات جو قسم جنهن اوهانکي حق سان موڪليو آهي،
اسين ضرور ٻاهر نڪرنداسين. پوءِ اسان ٻن قطارن ۾ پاڻ
سڳورن ﷺ سان ٻاهر آياسين. هڪ قطار ۾ حمزو رضہ
هو ۽ هڪ ۾ مان هوس. اسانجي هلڻ سان چڪيءَ ۾ اٽي
پيسجڻ وانگر هلڪو هلڪو دونهن اٿي رهيو هو. تانت اسان
مسجد الحرام ۾ داخل ٿياسون. حضرت عمر رضہ جو چوڻ
آهي تہ قريشن مونکي ۽ حمزي رضہ کي ڏٺو تہ سندن دلين
تي اهڙو ڏک لڳو، جيڪو اڳي نہ لڳو هو. ان ڏينهن کان پاڻ
سڳورن ﷺ منهنجو لقب فاروق رکي ڇڏيو. (1)

(1) تاريخ عمر رضہ بن الخطاب لابن الجوري ص 6، 7

حضرت ابن مسعود رضہ جو بيان آهي تہ اسين
ڪعبت الله وٽ نماز پڙهي نہ سگهندا هئاسين، تانت حضرت
عمر رضہ اسلام قبوليو.(2)

(2) مختصر السيره شيخ عبدالله ص 103

حضرت صلى الله عليه وسلم يب بن سنان رومي رضہ جو بيان آهي تہ حضرت عمر رضہ مسلمان ٿيو تہ اسلام پردي مان نڪري نروار ٿيو. ان جي ڪليل دعوت ڏنوي وئي. اسان ٽولا ٺاهي ڪعبت الله وٽ ويهي سگهياسين ۽ طواف ڪيوسين ۽ جنهن اسان سان ڏاڍايون ڪيون، تنهن کان پلاند ورتوسين ۽ انهن جي ڪن ظلمن جو جواب ڏنوسين. (3)

(3) تاريخ عمر بن الخطاب لابن الجوري ص 13

حضرت ابن مسعود رضہ جو بينا آهي تہ جڏهن کان حضرت عمر رضہ اسلام قبوليو، تڏهن کان اسان طاقتور ۽ عزت وارا ٿي وياسين. (1)

(1) صحيح بخاري: باب اسلام عمر رضہ بن الخطاب 545/1

قريشن جي نمائندي جو پاڻ سگورن وٽ اچڻ:- حضرت حمزه رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جي مسلمان ٿيڻ کانپوءِ ظلم ۽ بربريت جا ڪڪر هٽڻ لڳا ۽ مسلمانن کي ڏاڍ ۽ ڏمر جو نشانو بنائڻ وارن مشرڪن بدمستيءَ بدران سوچ سمجھ کان

ڪم ونڻ شروع ڪيو. جيئن مشرڪن ڪوشش ڪئي تہ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم ان دعوت ذريعي جيڪو فائدو هاصل ڪرڻ گهرن ٿا، ڪين اهو ڏئي دعوت ۽ تبليغ کان باز رکيو وڃي. پر انهن کي پتو نہ هو تہ سڄي ڪائنات، جنهن ۾ سورج ايري ٿو، پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي دعوت جي صلي ۾ ڪک پن جيتري حيثيت بہ نٿي رکي. انکري انهن کي پنهنجي ان رٿا ۾ ناڪام ٿيڻو پيو.

ابن اسحاق، يزيد بن زياد جي واسطي سان محمد بن ڪعب قرظيءَ جو اهو بيان نقل ڪيو آهي تہ مونکي ٻڌايو ويو تہ عتبہ بن ربيعہ، جيڪو قوم جو سردار هو، هڪ ڏينهنقريشن جي ميڙ کي ان چيو تہ ڇو نہ مان محمد صلی اللہ علیہ وسلم وٽ وڃي ان سان ڳالهايان (جيڪي ان وقت مسجد الحرام ۾ هڪ پاسي اڪيلا ويٺل هئا.) ۽ ان اڳيان ڪي ڳالهيون رکان. ٿي سگهي ٿو تہ هو ڪا شيء قبولي وڃهي، جيڪا ڏئي اسان ڪيس پاڻ کي نقصان پهچائڻ کان روڪي وٺون. اها ان وقت جي ڳالهہ آهي، جڏهن حضرت حمزي رضہ

مسلمان تي چڪو هو ۽ ڪافرن کي مسلمانن جو وڌندڙ تعداد نظر اچي رهيو هو.

مشرڪن چيو ته ابو الوليد! اوهان ان سان ڳالهايو. ان بعد عتبه اٿيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وڃي وينو ۽ چيائين ته "ڀائيٽيا! اسان جي قوم ۾ تنهنجو جيڪو مقام ۽ مرتبو ۽ اعليٰ نسلي حيثيت آهي، اها توکي معلوم آهي. هاڻي تون پنهنجي قوم ۾ هڪ وڏو معاملو کڻي آيو آهين، جنهن جي ڪارڻ تو هن جماعت ۾ ڦوٽ وجهي ڇڏي آهي. سندن ڏاهپ کي بيوقوفي ٺهرايو، سندن خدائن ۽ دين تي تنقيد ٿو ڪرين ۽ سندن ابن ڏاڏن کي ڪافر ٿو چوين. تنهنڪري منهنجي ڳالهه ٻڌ! آئون ڪجهه ڳالهيون ڪريان ٿو، انهن تي غور ڪر. ٿي سگهي ٿو ته ڪا ڳالهه قبولي وجهين." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "ابو الوليد چئه! آئون ٻڌان پيو." ابوالوليد چيو ته "ڀائيٽيا! هي معاملو جيڪو تون کڻي آيو آهي، جيڪڏهن ان ذريعي مال حاصل ڪرڻ چاهين ته اسين توکي ايترو ڏين ڏينداسين جو تون اسان مان سڀ کان وڏيڪ مالدار ٿي ويندين ۽ جي تون اعزاز ۽ مرتبو

حاصل ڪرڻ گھرين ته اسين توکي پنهنجو سردار ڪري ٿا وٺون ۽ تو کانسواءِ ڪنهن به معاملي جو فيصلو نه ڪنداسين ۽ جي تون بادشاهه ٿيڻ گھرين ٿو ته توکي پنهنجو بادشاهه ڪٿي ٿا ڪريون ۽ جيڪو جن ڀوت تو وٽ اچي ٿو، جنهن کي تون ڏسين ٿو پر ڀڄائي نٿو سگھين ته ان جو علاج به ڪٿي ڳولهينداسين ۽ ان لاءِ ايترو ڌن خرچينداسين جو تون صفا نيڪ ٿي وڃين، ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته جن ڀوت انسان ۾ واسو ڪري ويندا آهن ۽ ان جو علاج ڪرائڻو پوندو آهي.

عتبه اهي ڳالهيون ڪري رهيو هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ٻڌي رهيا هئا. جڏهن فارغ ٿيو ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "ابو الولدي! تون واندو ٿي وئين؟" هن وراڻيو ته "ها" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "چڱو هاڻي منهنجي ڳالهه ٻڌ!" هن چيو ته "نيڪ آهي، ٻڌان ٿو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته بسم الله الرحمان الرحيم

....

پاڻ سڳورا ﷺ اڳيان پڙهندا ويا ۽ عتبہ پنهنجا ٻئي هٿ پٺيان زمين تي رکي ٻڌندو ويو، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ سجدي واري آيت تي پهتا تہ سجدو ڪيائون ۽ پوءِ فرمايائون تہ "ابو الوليد! توکي جيڪو ٻڌڻو هو اهو ٻڌئي، هاڻي جيڪي وڻئي، سو وجي ڪر."

عتبہ اٿي پنهنجن ساٿارين وٽ آيو. ڪيس ايندو ڏسي مشرڪن هڪ ٻئي کي چيو تہ "خدا جو قسم! ابو الوليد توهان وٽ اهو منهن نہ پيو ڪٽيو اچي، جيڪو هتا کٽي ويو هو." پوءِ جڏهن ابو الوليد اچي ويٺو تہ ماڻهن پڇيو تہ "ابوالوليد! ڇا خبر آهي!؟" هن چيو تہ " خبر اها آهي تہ مون اهڙو ڪلام ٻڌو آهي جيڪو هن کان اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو اٿم. خدا جو قسم! اهو نہ شعر آهي، نہ جادو ۽ نہ ڪهانت. قريشيو! منهنجي ڳالهہ مڃيو ۽ هن معاملي کي مون تي نہ ڇڏيو. هن ماڻهوءَ کي سندس حال تي ڇڏي ڏنو. خدا جو قسم! مون ان جو جيڪو قول ٻڌو آهي، اهو ڪنهن وڏي واقعي جي اڳڪٿي آهي. جي هن کي ماريو ويو تہ ٻيا توهان کي ناس ڪري ڇڏيندا ۽ جي هن توهانجي ساٿ سان زور

ورتو تہ هن جي بادشاهت، توهانجي جي بادشاهت ثابت ٿيندي ۽ هن جي عزت نہ بلڪ توهانجي عزت وڌندي ۽ هن جو وجود سڀ کان وڌيڪ توهانجي لاءِ فخر لائق ثابت ٿيندو." ماڻهن چيو تہ "ابوالوليد! خدا جو قسم! توتي بہ هن جي زبان جو جادو هلي ويو آهي." عتبہ چيو تہ "هن شخص بابت منهنجي راءِ اها ئي آهي، هاڻي جيڪي توهان کي وڻي اهو ڪريو."(1)

(1) ابن هشام 1/293، 294

هڪ ٻيءَ روايت ۾ آيل آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن تلاوت شروع ڪئي تہ عتبہ ماٺ ڪري ويهي رهيو. جڏهن پاڻ سڳورا هن آيت تي پهتا"فانا.........

وثمود.(13:41)

تہ عتبہ ڪنيندي اٺي بيٺو ۽ اهو چئي پاڻ سڳورن ﷺ جي وات تي هٿ رکي ڇڏيائين تہ آئون توهانکي الله جو ۽ مائٽيءَ جو واسطو ٿو ڏيان، (تہ ائين نہ ڪريو.) هن

کي ڏيپ هو تہ متان ان ڌمڪيءَ تي عمل نہ ٿي پوي. ان بعد هو پنهنجن ماڻهن وٽ ويو ۽ متي ٻڌايل گفتگو ٿي.(2)

(2) تفسير ابن ڪثير 6/159، 160، 161

ابو طالب جو بني هاشم ۽ بني مطلب کي گڏ ڪرڻ:- حالتون بدلجي ويون هيون، پرپاسي جي ماحول ۾ ڦيرو اچي ويو هو، پر ابوطالب جو انديشو برقرار هو. کيس مشرڪن کان پنهنجي ڀائيٽئي لاء اجا بہ خطرو محسوس ٿي رهيو هو. پاڻ گذريل واقعن تي برابر غور ڪري رهيو هو. مشرڪن، کيس ٺڪراءَ جي ڌمڪي ڏني هئي. پوء سندس ڀائيٽئي کي عمار بن وليد جي بدلي ۾ حاصل ڪري قتل ڪرڻ لاء سوديبازي ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي. ابوجهل هڪ ڳري پٿر سان سندس ڀائيٽئي کي قتل ڪرڻ لاء اٿيو هو. عقبہ بن ابي معيط ان کي چادر سان گلو گهٽي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. خطاب جو پٽ تلوار کڻي ان کي پورو ڪرڻ لاء سنپيري نڪتو هو.ابو طالب انهن واقعن تي سوچيو تہ کيس هڪ وڏي خطري جي بوء محسوس ٿي، جنهن سان سندس دل ڪنپي وئي. کيس پڪ ٿي وئي تہ مشرڪ پنهنجو عهد ٽوڙڻ

۽ سندس پائيتئي کي مارڻ جو پڪو فيصلو ڪري چڪا آهن. انهن حالتن ۾ خدا نہ ڪري، جيڪڏهن ڪو مشرڪ اوچتو ڪا ڪارروائي ڪري وجهي تہ حمزو رضہ، عمر رضہ يا ڪو ٻيو ماڻهو ڇا ڪري سگهندو؟

سندس نظر ۾ اها پڪي ڳالهہ هئي تہ بهرحال صحيح بہ هئي، ڇو تہ مشرڪن ڪلي عام پاڻ سڳورن ﷺ کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ سندن ان فيصلي ڏانهن الله تعاليٰ جي هن قول ۾ اشارو آهي تہ "

ام ....مبرمون(79:43)

هاڻي سوال اهو هو تہ ابوطالب کي ڇا ڪرڻ گهرجي! ان جڏهن ڏٺو تہ قريش هرطرح سان سندس پائيتئي جي مخالفت تي سندرو ٻڌيو بيٺا آهن تہ هن بني هاشم ۽ بني مطلب کي گڏ ڪيو ۽ کين دعوت ڏني تہ هيستائين هو جيڪو پنهنجي پائيتئي جي حفاظت ۽ حمايت جو ڪم اڪيلي سر ڪندو آيو آهي، ان کي هاڻي سيئي گڏجي ڪن. ابوطالب جي اها راء عربي حميت جي ڪري ٻنهي خاندانن

جي مسلمان توڙي غيرمسلم فردن قبولي. رڳو ابوطالب جي ڀاءُ ابولهب انڪار ڪيو ۽ سڀني آڪهه ڪان ڪٽجي وڃي مشرڪن سان مليل.(1)

(1) ابن هشام 1/269 - مختصر السيره للشيخ عبدالله ص 106

مڪمل بائيڪاٽ

رڳو چار هفتا يا ان کان به گهٽ عرصي ۾ مشرڪن کي چار وڏا ڌڪا رسي چڪا هئا. يعني حضرت حمزو رضہ ۽ حضرت عمر رضہ مسلمان ٿي چڪا هئا. محمد ﷺ سندن آڇ يا سوديبازي مسترد ڪري ڇڏي هئي ۽ ان ڪانسواءِ بني اشم ۽ بني مطلب جا سيئي مسلم ۽ ڪافر هڪ ٿي پاڻ سڳورن ﷺ جي حفاظت لاءِ وعدا وعيد ڪري چڪا هئا. ان سان مشرڪ منجهي پيا، ڇو ته سندن سمجهه ۾ اچي ويو هو ته جي پاڻ سڳورن ﷺ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون ته مڪي جي واديءَ مشرڪن جي رت سان رنگجي ويندي. ٿي سگهي ٿو ته اهي بلڪل ناس ٿي ٿي وڃن. انڪري هنن قتل جو منصوبو ڇڏي ظلم ڪرڻ

جي هڪ ٻي رٿ رٿي، جيڪا هيستائين ڪيل ظالماڻين ڪاررواين مان سڀ کان سخت هئي.

ڏاڍ ۽ ڏمر جون حدون:- هن تجويز مطابق مشرڪ، محصب نالي واديءَ ۾ خيف بني ڪنانہ ۾ گڏ ٿيا ۽ پاڻ ۾ بني هاشم ۽ بني مطلب جي خلاف وعدا وعيد ڪيائون تہ انهن مان نہ شادي ڪبي نہ خريد ۽ فروخت، نہ ساڻن گڏ اٿبو ويهبو ۽ نہ انهن جي گهرڻ ۾ اچبو وڃبو، نہ ڪوئي ساڻن ڳالهائبو ٻولهائبو. جيستائين اهي پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ لاء سندن حوالي نہ ڪن. مشرڪن ان فيصلي جو هڪ دستاويز لکيو، جنهن ۾ اهو عهد ڪيو ويو هو تہ اهي بني هاشم پاران ڪڏهن بہ ڪنهن ناهہ جي آڇ کي نہ قبوليندا ۽ نہ ئي انهن سان مروت ڪندا. جيستائين اهي پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ لاء مشرڪن جي حوالي نٿا ڪن.

ابن قيم لکي ٿو تہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو دستاويز منصور بن عڪرمہ بن عامر بن هاشم لکيو هو ۽ ڪن نضر بن حارث جو نالو ڄاڻايو آهي، پر حقيقت ۾ اهو بغيض بن

عامر بن هاشم هو. پاڻ سڳورن ﷺ ان کي پٽيو بہ هو ۽ سندس هٿ سڪي ويو هو.(1)

(1) زاد المعاد 46/2

بهرحال اهي وعدا وعيد طئہ ٿي ويا ۽ دستاويز ڪعبت الله جي اندر ٽنگيو ويو. ان جي نتيجي ۾ ابولهب کانسواءِ بني هاشم ۽ بني مطلب جا سڀ فرد مسلمان توڙي ڪافر سميٽجي اچي شعبِ ابي طالب ۾ محصور ٿيا. اهو پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت ملڻ جي ستين سال جي محرم جي چنڊ رات جو واقعو آهي.

ٽي سال شعبِ ابي طالب ۾:- هن بيڪاٽ جي ڪارڻ حالتون ويتر ڏکيون ٿي ويون. کاڌ پيت جو سامان ملڻ بند ٿي ويو، جو تہ مڪي ۾ جيڪو اناج يا ٻيو سامان ايندو هو، اهو مشڪر پهرين خريد ڪري ونندا هئا. انڪري محصورن جي حالت ڏاڍي افسوسناڪ ٿي پئي. ڪين وڻن جا پن ۽ چمڙو بہ ڪائڻو پيو، فاقن جو حال اهو هو تہ ٻکيہ روئنڌڙ ٻارن ۽ عورتن جا آواز واديءَ کان ٻڌن ۾ ايندا هئا. انهن وٽ مشڪل سان ئي ڪا شيءَ پهچي سگهندي هئي، اها بہ

لڪيپير. اهي حرمت وارن مهينن کانسواءِ ٻيا ڏينهن واديءَ کان ٻاهر نہ نڪرندا هئا. اهي قافلن کان سامان خريدڻ لاءِ مڪي کان ٻاهر نڪرندا هئا، پر مڪي وارا هر شيءِ جو ايترو ملهہ آڇيندا هئا جو محصورن لاءِ ڪجهہ خريدڻ مشڪل ٿي پوندو هو.

حڪيم بن حزام، جيڪو بيبي خديجہ رضہ جو ڀائيٽيو هو، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڦپيءَ کي ڪڻڪ موڪلي ڇڏيندو هو. هڪ ڀيري ابوجهل ٽڪرائجي ويس ۽ ان، اناج ڪٽي وڃڻ نہ ڏنس، پر پوءِ ابوالبختري وچ ۾ پيو ۽ ڪيس ڦپيءَ ڏانهن ڪڻڪ موڪلڻ ڏنائين.

هوڏانهن ابوطالب کي پاڻ سڳورن ﷺ بابت برابر ڏپ لڳو رهيو. انڪري جڏهن سڀ پنهنجن پنهنجن هنڌن تي وڃي سمهندا هئا تہ پاڻ، حضور ڪريم ﷺ کي چوندو هو تہ تون پنهنجي هنڌ تي سمهي رهہ. مقصد اهو هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ گهرندو هجي تہ اهو پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي هنڌ تي سهميل ڏسي وٺي. پوءِ جڏهن سڀ سمهي پوندا هئا تہ ابوطالب، پاڻ

سڳورن ﷺ جي جڳهہ مٿائي سندن جڳهہ تي پنهنجن پٽن، پائرن يا پائيٽين مان ڪنهن کي سمهاري ڇڏيندو هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي هنڌ تي سمهاري ڇڏيندو هو.

ان هوندي بہ پاڻ سڳورا ﷺ ۽ ٻيا مسلمان حج جي ڏينهن ۾ ٻاهر نڪرندا هئا ۽ حاجين سان ملي کين اسلام جي دعوت ڏيندا هئا. ان موقعي تي ابولهب جيڪي حرڪتون ڪندو هو، انهن جي ذڪر اڳي ئي ڪري چڪا آهيون.

دستاويز جو ڦاٽڻ:- انهن حالتن ۾ پورا ٽي ورهيہ گذري ويا. ان ڪانپوء نبوت جي ڏهين سال محرم جي مهيني ۾ دستاويز ڦاٽڻ ۽ هن ڦهري عهدنامي جي ختم ٿيڻ جو واقعو پيش آيو. ان جو ڪارڻ هي هو تہ شروع کان ئي قريشن جا ڪي ماڻهو هن عهدنامي تي راضي هئا تہ ڪي ناراض. انهن ناراض ماڻهن هن عهدنامي کي ڦاڙڻ لاء ڪوششون ورتيون.

ان جو اصل محرڪ بنوعامر بن لوئي قبيلي جو هشام بن عمرو نالي همراه هو. اهو رات جي اونده ۾ لڪي

لڪي شعبِ ابي طالب ۾ اناج موڪلي بني هاشم جي مدد ڪندو هو. هو زهير بن ابي اميہ مخزوميءَ وٽ ويو (زهير جي ماءُ عاتڪہ عبدالمطلب جي نياڻي ۽ ابوطالب جي ڀيڻ هئي.) هن ڪيس چيو تہ "زهير! ڇا توڪي اها ڳالهہ وڻي ٿي تہ تون مزي سان وينو ڪائين پئين ۽ تنهنجي مامي جو حال پرو هجي، جيئن تون ڄاڻين ٿو؟" زهير چيو تہ "افسوس! آئون اڪيلو ڪري بہ ڇا ٿو سگهان؟ جي مون سان هڪڙو ٻيو ماڻهو هجي ها تہ آئون اهو دستاويز ڦاڙي ڇڏيان ها." هن چيو تہ هڪڙو ٻيو ماڻهو بہ آهي." زهير پڇيو تہ "ڪير؟" هن چيو تہ "آئون." ان تي زهير چيو تہ "چڱو اجا بہ هڪ ٽيون ٻيو ڳولهہ." ان تي هشام، مطعم بن عدي وٽ ويو ۽ بني هاشم ۽ بنو مطلب، جيڪي عبدالمناف جو اولاد هئا، تن سان مطعم جي ويجهي مائٽيءَ جو ذڪر ڪندي ڪيس ملامت ڪيائين تہ تو ان ظلم ۾ قريشن سان ڪيئن ساٿ ڏنو؟ ياد رهي تہ مطعم بہ عبدالمناف جي نسل مان هو. مطعم چيو تہ "افسوس! اڪيلو ڪري بہ ڇا ٿو سگهان." هشام چيو تہ "هڪ ماڻهو ٻيو بہ آهي. مطعم پڇيو تہ "ڪير؟" هشام

وراڻيو تہ "آئون." مطعم چيو تہ پوءِ اجا ٽيون ڄڻو بہ ڳولھ. هشام چيو تہ "اھو بہ ڪري ڇڪو آھيان." ھن پڇيو تہ "ڪير آھي؟" جواب ڏنائين تہ "زھير بن اميہ." مطعم چيو تہ "چڱو ھاڻي چوٿون ڄڻو بہ ڳولھ." ان تي ھشام بن عمرو، ابوالبختري بن ھشام وٽ آيو ۽ ان سان اھڙيءَ طرح ڳالھ ٻولھ ڪيائين. ان چيو تہ "ڀلا ٻيو بہ ڪو ان جي تائيد ڪرڻ وارو آھي؟" ھشام چيو تہ "ھا، زھير بن ابي اميہ، مطعم بن عدي ۽ آئون." ھن چيو تہ "پوءِ ڀلا ھاڻي پنجون ڄڻو بہ ڳولھ." ان تي ھشام زمعہ بن اسود بن مطلب بن اسد وٽ ويو ۽ ساڻس ڳالھ ٻولھ ڪري بنو ھاشم جي مائٽي ۽ سندن حق ياد ڏياريائين. ان چيو تہ "ڀلا ان ڪم لاءِ ٻيو بہ ڪو راضي آھي؟" ھشام ھائوڪار ڪئي ۽ سڀ نالا ٻڌايا. ان ڪانپوءِ انھن سيني حجون وٽ گڏ ٿي پاڻ ۾ وعدا وعيد ڪيا تہ ڪنھن بہ حالت ۾ دستاويز ڦاڙڻو آھي. زھير چيو تہ شروعات آئون ڪندس، يعني سڀ کان پھرين آئون ڳالھائيندس."

صبح ٿيو تہ سڀ ماڻهو حسب معمول پنهنن پنهنجن ٽولن ۾ پهتا. زهير بہ هڪ پلو وڳو پائي پڳو. پهرين بيت الله جا ست چڪر لڳايائين ۽ پوء ماڻهن کي مخاطب ٿي چيائين تہ "مڪي وارؤ! ڇا اسين کاڌو کائون ۽ ڪپڙا پهريون ۽ بنو هاشم تباه ۽ برباد ٿين، نہ انهن کي ڪجهہ وڪيو وڃي، نہ انهن کان ڪجهہ خريديو وڃي، خدا جو سنهن! مونکي تيستائين سک نہ ايندو، جيستائين ان ظالماڻي ۽ رشتن کي ٽوڙڻ واري دستاويز کي ڦاڙي ڦٽو نہ ڪري ڇڏيان."

ابوجهل، جيڪو مسجد الحرام جي هڪ ڪنا ۾ ويندو، ان چيو تہ "تون غلط پيو چوين، خدا جو قسم! ان کي ڦاڙي نٿو سگهجي."

ان تي زمعہ بن اسود چيو تہ "خدا جو قسم! تون ان کان بہ وڌيڪ غلط پيو چوين، جڏهن اهو دستاويز لکيو پئي ويو، تڏهن بہ اسين راضي نہ هئاسين."

ان تي ابوالبختري واڌي ڏني تہ "زمعہ ٺيڪ پيو چوي. هن ۾ جيڪي ڪجهہ لکيل آهي، ان تي نہ اسين راضي

آهيون، نہ ان ڪي مڃيون ٿا." ان ڪانپوءِ مطعم بن عديءَ چيو تہ "توهان ٻئي صحيح پيا چئو ۽ جيڪو ان جي ابتڙ ٿو ڳالهائي اهو غلط آهي. اسين الله جي آڏو ان دستاويز ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ لکيل آهي، تنهن کان ڌار ٿيڻ جو اظهار ٿا ڪريون."

پوءِ هشام بن عمروءَ بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي.

اها ماجرا ڏسي ابوجهل چيو تہ "هون! اها ڳالهہ رات ٺئہ ڪئي وئي آهي ۽ ان جو مشورو ٻئي ڪنهن هنڌ ڪيو ويو آهي."

اوڏي مهل ابوطالب بہ حرم پاڪ جي هڪ ڪنا ۾ ويٺو هو. سندس اچڻ جو سبب اهو هو تہ الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ کي هن دستاويز بابت ٻڌايو هو تہ ان تي الله تعاليٰ جيوڙا موڪليا آهن، جن ڏاڍ ۽ ڏمر ۽ مائٽي توڙڻ واريون سڀ ڳالهيون ڪائي ڇڏيون هيون، رهو الله عزوجل جو نالو رهڻ ڏنو هو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اها ڳالهہ پنهنجي چاچي کي ٻڌائي ۽ اهي قريشن کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ آيو هو تہ اگر اها ڳالهہ ڪوڙ نڪري تہ اسان توهانجي ۽ پاڻ

سڳورن صلى الله عليه وسلم جي وچان نڪري ويندا‌سين ۽ توهانکي جيڪي وڻي سو ڪجؤ. پر جي هو سچو نڪري تہ توهان بائيڪاٽ ۽ ظلم کان پاسو ڪجؤ. جڏهن قريشن کي اهو ٻڌايو ويو تہ انهن چيو تہ "توهان انصاف واري ڳالهہ پيا ڪريو."

هوڏانهن ابوجهل ۽ ٻين جي وات نڪاٽي ختم ٿي تہ مطعم بن عدي دستاويز ڦاڙڻ لاءِ اٿيو. ڇا ڏسي تہ سچ پچ اڌوهيءَ ان کي چٽ ڪري ڇڏيو آهي. رڳو باسمڪ اللهم وجي بچيو آهي ۽ جتي جتي الله جو نالو هو، اهو حصو بچي ويو آهي يا اڌوهيءَ ان کي نہ کاڌو آهي.

ان کانپوءِ دستاويز ڦاڙيو ويو. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽ ٻيا سيئي شعبِ ابي طالب مان نڪتا ۽ مشرڪن، نبوت جو پڌرو اهڃاڻ ڏٺي، پر سندن روش ساڳي رهي، جنهن جو ذڪر هن آيت ۾ ڪيل آهي تہ: "وان يرو ....مستمره (2:54)

اهڙيءَ طرح مشرڪن اهو اهجاڻ ڏسي ته منهن موڙي ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪفر جي راهه ۾ ڪجهه وڪون پيون ته اڳتي وڌي ويا. (1)

(1) بائيڪات جو تفصيل هيٺين ڪتابن تان ورتو ويو آهي. صحيح بخاري باب نزول النبي صلى الله عليه وسلم بمڪه 216/1 باب تقاسم المشرڪين علي النبي صلى الله عليه وسلم 548/1 - زاد المعاد 64/2 - ابن هشام 350/1، 351، 374 کان 377 - رحمت للعالمين 69/1، 70 - مختصر السيره للشيخ عبدالله 106 کان 110 ۽ مختصر السيره للشيخ محمد بن عبدالوهاب ص 68 کان 73 - انهن ڪتابن ۾ ٿورا اختلاف به آهن. اسان روايتن ۽ اهڃاڻن جي روشنيءَ ۾ صحيح نظر ايندڙ پهلو لکيا آهن.

ابوطالب وٽ قريشن جو آخري وفد اچڻ

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم شعبِ ابي طالب مان نڪرڻ کانپوءِ وري تبليغ جو ڪم شروع ڪيو ۽ هاڻي مشرڪن جيتوڻيڪ بائيڪات ختم ڪري ڇڏيو هو، پر اهي به ساڳيءَ طرح مسلمانن تي دٻاءُ وجهڻ ۽ الله جي راهه تان هٽائڻ جو

ڪوشش ڪري رهيا هئا. جيستائين ابو طالب جو تعلق هو تہ اهو بہ پنهنجين پراڻين روايتن مطابق تن من سان پنهنجي ڀائيٽئي جي سهائتا ڪري رهيو هو، پر هاڻي ان جي عمر اسي ورهين کان ٽپي چڪي هئي. ڳپل عرصي کان لڳاتار ڀهتل تڪليفن ۽ حادثن ۽ خاص طور تي محصوريءَ ڪين ٿوڙي ڇڏيو هو. ان ڪري واديءَ مان نڪرڻ جي چند مهينن بعد سخت بيمار ٿي پيو. ان وقت مشرڪن سوچيو تہ جي ابوطالب گذاري ويو ۽ ان کانپوء اسان سندس ڀائيٽئي سان زيادتي ڪئي تہ خواري ٿيندي. انڪري ابوطالب جي اڳيان ئي پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪو معاملو طئہ ڪري ونجي. ان سلسلي ۾ اهي ڪجهہ اهڙيون رعايتون ڏيڻ لاء بہ تيار ٿي ويا، جن تي اجا تائين راضي نہ هئا. ان سلسلي ۾ سندن هڪ وفد ابوطالب وٽ حاضر ٿيو، جيڪو سندن پاران موڪليل آخري وفد هو.

ابن اسحاق وغيره جو چوڻ آهي تہ جڏهن ابوطالب بيمار ٿي پيو ۽ قريشن کي خبر پئي تہ سندس حالت بگڙجندي پئي وڃي تہ انهن هڪ ٻئي کي چيو تہ ڏسو حمزو

رضہ ۽ عمر رضہ مسلمان ٿي چڪا آهن ۽ محمد ﷺ جو دين هر قبيلي ۾ پکڙجي چڪو آهي، انڪري هلو تہ ابوطالب وٽ هلي ڪيس پنهنجي ڀائيٽئي کي ڪنهن ڳالهہ تي بيهارڻ لاءِ مجبور ڪريون ۽ ان بابت ڪو عهد وٺي وٺون، ڇو تہ اسانکي ڊپ آهي تہ سندس وفات بعد ماڻهو اسانجي وس ۾ نہ رهندا. هڪ روايت اها بہ آيہ تہ اسانکي ڊپ آهي تہ سندس گذاري وڃڻ بعد محمد ﷺ کي ڪجهہ ٿيو تہ عرب اسانکي طعنا هڻندا ۽ چوندا تہ انهن محمد ﷺ کي ڇڏي ڏنو (۽ ان جي خلاف ڪجهہ ڪرڻ جي همت نہ ڪيائون)، پر جڏهن سندس چاچو گذاري ويو تہ ان تي هلان ڪري آيا.)

بهرحال قريشن جو اهو وفد ابوطالب وٽ آيو ۽ ان سان ڳالهہ ٻول ڪيائون. وفد جا رڪن قريشن معزز ترين فرد هئا. يعني عتبہ بن ربيعہ، شيبہ بن ربيعہ، ابوجهل بن هشام، اميہ بن خلف، ابوسفيان بن حرب ۽ ٻيا قريشن جا چڱا مڙس، جن جو ڪل تعداد پنجويهہ هو.

انهن چيو تہ "اي ابوطالب! اسان ۾ اوهانجو جيڪو مرتبو آهي، اوهان ان کان پليءَ پت واقف آهيو ۽ هاڻي اوهان جنهن حالت مان گذري رهيا آهيو، اها بہ اوهانجي سامهون آهي. اسانکي ڊپ آهي تہ هي اوهان جي پڄاڻيءَ جا ڏينهڙا آهن ۽ هوڏانهن اسانجي ۽ اوهانجي ڀائيٽئي جي وچ ۾ جيڪو معاملو هلي رهيو آهي، ان کان بہ اوهان واقف آهيو. اسين چاهيون ٿا تہ اوهان ان کي گهرائي سندس باري ۾ اسان کان ڪجھہ واعدا وعيد وٺي وٺو ۽ اسانجي باري ۾ ڪانئس کو وعدو وٺي ڏنو. يعني هو اسان کان بچيل رهي ۽ اسين ڪانئس. هو اسانکي اسانجي دين تي ڇڏي ڏي ۽ اسين کيس سندس دين تي ڇڏي ڏيون."

ان تي ابوطالب پاڻ سڳورن ﷺ کي سڏايو ۽ فرمايو تہ "ڀائيٽيم! هي تنهنجي قوم جا عزت وارا ماڻهو آهن ۽ تو لاءِ آيا آهن. هي چاهين ٿا تہ هڪبئي کان ڪجھہ وعدا وعيد ڪري وٺجن." ان کانپوءِ ابوطالب سندن آڇ جو ذڪر ڪيو تہ ڪابہ ذر هڪبئي تي اعتراض نہ ڪندي.

جواب ۾ پاڻ سڳورن ﷺ وفد سان مخاطب ٿي فرمايو تہ "اوهان اهو ٻڌايو تہ جي مان هڪ اهڙي ڳالهہ آڇيان جنهن کي مڃڻ سان اوهان عرب جا بادشاهہ ٿي وڃو ۽ عجم اوهانجي هٿ هيٺ اچي وڃي تہ ان سلسلي ۾ اوهانجي راءِ ڇا هوندي؟" ڪن روايتن ۾ اهو ڇيو ويو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ابوطالب کي مخاطب ٿي فرمايو تہ "مان انهن کان هڪ اهڙي ڳالهہ گهران ٿو، جنهن کي هي مڃين تہ عرب سندن فرمان هيٺ اچي وڃي ۽ عجم سندن ڏن ڀرو ٿي پوي." هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "چاچا سائين! توهان انهن کي هڪ اهڙي ڳالهہ جي دعوت ڇو نٿا ڏيو، جيڪا سندن حق ۾ بهتر آهي؟" ان پڇيو تہ "تون ڪين ڪهڙي ڳالهہ جي دعوت ڏيڻ چاهين ٿو؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "آئون هڪ اهڙي ڳالهہ جي دعوت ڪين ڏيڻ چاهيان ٿو، جنهن جا قائل اگر هي ٿي وڃن تہ عرب سندن تابع ٿي وڃن ۽ عجم تي سندن بادشاهت قائم ٿي وڃي." ابن اسحاق جي هڪ روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "توهان رڳو هڪ ڳالهہ مڃيو، جنهن جي ڪري

عرب جا بادشاھ ٿي ويندا ۽ عجم اوھانجي ھٺ ھيٺ اچي ويندو."

بهرحال جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ اھا ڳالھ ڪئي تہ ھو ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويا ۽ منجھي پيا. اهي اچرج ۾ ھئا تہ ان آچ کي ڪيئن رد ڪجي، جا لاياٿتي بہ آهي؟ آخرڪار ابوجهل چيو تہ "چڱو اھا ڳالھ ٻڌاءِ. تنهنجي پيءُ جو قسم اھڙي ھڪ تہ ڇا پر ڏھ ڳالھيون ڪري تہ بہ اسين مڃڻ لاءِ تيار آھيون." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "توھان لا الہ ال الله چئو ۽ الله ڪانسواءِ جنھن کي بہ پوڄيو ٿا، ان کي ڇڏي ڏيو." ان تي انھن تاڙيون وڄائي چيو تہ "محمد ﷺ! تون چاھين ٿو تہ سڀني خدائن جي جڳھ تي ھڪ خدا ويھاري ڇڏين؟ واقعي توھان جو معاملو اچرج جوڳو آھي."

پوءِ پاڻ ۾ چيائون تہ "خدا جو قسم! ھي ماڻھو توھان جي ڪابہ ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار نہ آھي، تنهنڪري ھلو ۽ پنھنجي اباڻي دين تي ڄميا رھو. تانت الله اسان ۽ ھن جي

وچ ۾ فيصلو ڪري وجهي.” ان بعد اهي موٽي ويا. (1) ان واقعي ڪانپوء انهن بابت هي آيتون لٿيون.

ص والقرآن...............اختلاق(38: 1-7)

(1) ابن هشام 417/1 کان 419 - مختصر السيره للشيخ عبدالله ص 91

ڏک جو سال (عام الحزن)

ابو طالب جي وفات:- ابو طالب جي بيماري وڌي وئي ۽ آخرڪار پاڻ گذاري ويو. سندن وفات شعب ابي طالب جي محصوري ختم ٿيڻ کان ڇهه مهينا پوء نبوت جي ڏهين سال رجب جي مهيني ۾ ٿي. (1) هڪ قول اهو به آهي ته پاڻ، بيبي خديجہ رضہ جي وفات کان رڳو ٽي ڏينهن پهرين گذاري ويو.

حاشيو (1) سيرت جي ڪتابن ۾ وڏو اختلاف آهي ته ابو طالب جي وفات ڪهڙي مهيني ۾ ٿي. اسان رجب انڪري لکيو آهي جو گهڻن ماخذن ۾ اتفاق آهي ته سندن وفات شعب ابي طالب مان نڪرڻ کان ڇهه مهينا پوء ٿي ۽ محصوريءَ جي شروعات نبوت جي ستين سال جي محرم

جي چنڊ رات ڪان تي. ان حسان سان سندن وفات جو زمانو نبوت جي ڏيهن سال رجب جي مهيني ۾ ٻيهي ٿو.

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت مسيب رضہ ڪان آيل آهي تہ جڏهن ابو طالب جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم چيو تہ "چاچا سائين! اوهان لا الہ الا الله چئي وٺو. رڳو هڪ ڪلمو. جنهن جي وسيلي آئون الله وٽ اوهان لاء حجت ڪري سگهان." ابو جهل ۽ عبدالله بن اميہ چيو تہ "ابو طالب! ڇا عبدالمطلب جي ملت ڪان منهن ڦيريندين؟" پوء اهي ٻئي لاڳيتو ساڻن ڳالهائيندا رهيا. تانت آخري ڳالهہ جيڪا ابو طالب ماڻهن کي چئي، اها هيءَ هئي تہ "عبدالمطلب جي ملت تي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "جيستائين مونکي جهليو نہ وڃي، اوهان جي ڇوٽڪاري جي لاء دعا ڪندو رهندس." ان تي هيءَ آيت لٿي تہ

"مان ڪان للنبي ....الجحيم (113:9)

۽ هيءَ آيت لٿي تہ

"انڪ لا............احببت(1) (56:28)

حاشيو (1) صحيح بخاري قصلى الله عليه وسلم ابي طالب 1/548

هتي اها ڳالهہ ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي تہ ابو طالب، پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪيتري حمايت ۽ حفاظت ڪئي هئي. هو دراصل مڪي جي وڏن ۽ احمقن جي حملن کان بچاءَ لاءِ اسلام لاءِ هڪ قلعو هو. پر بذات خود پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين تي قائم رهيو. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عباس بن عبدالمطلب کان روايت ڪيل آهي تہ ان پاڻ سڳورن ﷺ کان پڇيو تہ "توهان پنهنجي چاچي (ابو طالب) جي ڪهڙي ڪم آيا؟ جو هو توهانجي حفاظت ڪندو هو ۽ توهان جي ڪارڻ (ٻين تي) ڪاوڙبو هو (۽ انهن سان وڙهي پوندو هو)" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هو دوزخ جي هڪ مٿاڇري (محفوظ) جڳهہ تي آهي ۽ جي آئون نہ هجان ها تہ هو دوزخ جي سڀ کان اونهي ڪڏي ۾ هجي ها."(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري باب قﷺ ابي طالب 548/1

ابو سعيد خضري رضہ جو بيان آهي تہ هڪ ڀيري پاڻ سڳورن ﷺ وٽ سندن چاچي جو ذڪر نڪتو تہ پاڻ

سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ممڪن آهي تہ قيامت جي ڏينهن ڪين منهنجي شفاعت فائدو پهچائي ۽ ڪين دوزخ جي هڪ گهٽ اونهي جڳهہ تي رکيو وڃي، جيئن باهہ رڳو سندن گوڏن تائين پهچي سگهي.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري قﷺ ابي طالب 548/1

حضرت خديجہ رضہ جوارِ رحمت ۾:- جناب ابو طالب جي وفات کان ہہ مهينا پوء يا رڳو ٽي ڏينهن پوء (ان ۾ اختلاف آهي) ام المؤمنين بيبي خديجہ رضہ رحلت ڪئي. سندن وفات، نبوت جي ڏهين سال رمضان جي مهيني ۾ ٿي. ان وقت سندن عمر 65 سال هئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر پنجاهہ ورهيہ هئي.(2)

حاشيو (2) رمضان ۾ وفات واري ڳالهہ ابن جوزيءَ تلقيح الفهوم جي صفحو 7 تي ۽ علامہ منصورپوريءَ رحمت اللعالمين 124/2 تي لکي آهي.

بيبي خديجہ رضہ جو وجودِ باسعادت، پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ الله تعاليٰ جي نعمت جي برابر هو. بيبي سڳوري رضہ جو ساٿ پنجويهہ ورهيہ پاڻ سڳورن ﷺ سان رهيو

۽ ان دوران پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏک سور تي پاڻ تڙپي اٿندي هئي. ڏکين حالتن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي حوصلو ڏيندي هئي. تبليغ جي ڪم ۾ مدد ڪندي هئي ۽ ڏکئي جهاد جي سختين ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏوگڏ رهيون ۽ پنهنجي جان ۽ مال مان پاڻ سڳورن ﷺ جي مدد ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ جو ارشاد آهي تہ "جنهن وقت ماڻهن مونکان انڪار ڪيو، ان وقت هن مون تي ايمان آندو. جنهن وقت ماڻهن مونکي ڪوڙو چيو. ان وقت منهنجي تصديق ڪئي. جنهن وقت ماڻهن مونکي (مال کان) محروم ڪيو، ان وقت مونکي پنهنجي مال ۾ شريڪ ڪيو ۽ الله مونکي ان مان اولاد ڏنو ۽ ٻين گهروارين مان نہ ڏنو. (1)"

حاشيو (1) مسند احمد 118/6

صحيح بخاريءَ ۾ ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ حضرت جبرئيل عہ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو ۽ فرمايائين تہ "يا رسول الله ﷺ ! خديجہ رضہ تشريف ڪٽي اچي رهي آهي، وٽن هڪ ٿانوَ آهي، جنهن ۾ ٻوڙ يا کاڌو يا ڪا پيئڻ جي شيءِ آهي. جڏهن بيبي سڳوري رضہ، پاڻ سڳورن

صلى الله عليه وسلم وٽ پهتي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، ڪين رب پاڪ جا سلام ڏنا ۽ جنت ۾ موتين جي هڪ محل جي بشارت ڏني، جنهن ۾ نہ گوڙ هوندو نہ پريشاني ۽ ٿڪ."(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري - باب ترويج النبي صلى الله عليه وسلم خديجہ وفضلها 53/1

ڏک ئي ڏک:- اهي ٻئي ڏکارا واقعا رڳو ڪجهہ ڏينهن ۾ ٿيا. جنهن سان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي دل ۾ غم ۽ الم جا احساس پيدا ٿي پيا ۽ انهن کانپوءِ قوم پاران بہ مصيبتن جو سلسلو هلي پيو. ڇو تہ ابو طالب جي وفات کانپوءِ سندن همت وڌي وئي. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم انهن کان مايوس ٿي طائف ڏانهن ويا تہ متان اتي جا ماڻهو دعوت قبولين. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي پناهہ ڏين ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي قوم جي خلاف مدد ڪن، پر اتي نہ ڪو پناهہ ڏيندڙ مليو نہ ئي ڪو مددگار. ماڳهين انهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي سخت اهنج رسايو ۽ ساڻن اهڙي بدسلوڪي ڪئي، جهڙي پنهنجي قوم بہ نہ ڪئي هئي. (تفصيل اڳيان ڏنو آهي)

هتي اها ڳالهہ ڏيڻ مناسب ٿيندي تہ مڪي وارن جنهن طرح پاڻ سڳورن ﷺ جي خلاف پاڻ سڳورن ﷺ سان ڏاڍايون ڪيون ٿي، ائين ئي پاڻ سڳورن ﷺ جي ساٿين سان بہ ڪري رهيا هئا. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جي همراز حضرت ابوبڪر صديق رضہ مڪو ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويو ۽ حبشہ ڏانهن اڪيلو نڪري ڪڙو ٿو، پر بڪر غماد پهتو تہ ابن دغنہ سان ملاقات ٿين ۽ اهو کين پنهنجي پناهہ ۾ مڪي واپس وٺي آيو.(19

حاشيو (1) اڪبر نجيب آباديءَ لکيو آهي تہ اهو واقعو ساڳئي سال ٿيو. ڏسو تاريخ اسلام 1/120 - اصل واقعي جو سڄو تفصيل ابن هشام 1/372 کان 374 ۽ صحيح بخاري 1/552، 553 تي ڏنل آهي.

ابن اسحاق جو بيان آهي تہ جڏهن ابو طالب گذاري ويو تہ قريشن، پاڻ سڳورن ﷺ کي اهڙا اهنج رسايا، جن بابت ابو طالب ڪڏهن سوچي بہ نہ سگهي ها. ويندي قريشن جي هڪ احمق سامون اچي پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿي

مبارڪ تي مٽي وجهي ڇڏي. پاڻ سڳورا ﷺ ان حالت ۾ گهر آيا جو سندن مٿي مبارڪ ۾ مٽي پيل هئي. سندن هڪ نياڻيءَ اٿي مٿي ڌوتي. پاڻ ڌوئيندي روئندي به وئي ۽ پاڻ سڳورا ﷺ کين آٿت ڏيندا ويا ته ابو طالب جي وفات تائين قريشن مونسان اهڙي ڪا بدسلوڪي نه ڪئي آهي، جيڪا مونکي ناگوار گذري هجي. (2)

حاشيو (2) ابن هشام 416/1

اهڙين لاڳيتين مصيبتن جي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ ان سال جو نالو ئي "عام الحزن" يعني ڏک جو سال رکي ڇڏيو ۽ اهو سال تاريخ ۾ ان ئي نالي سان مشهور ٿي ويو.

حضرت سوده رضہ سان شادي:- ان ئي نبور جي ڏهين سال جي شوال مهيني ۾ حضرت سوده بنت زمعہ رضہ سان شادي ڪئي، جنهن شروعاتي دور ۾ اسلام قبوليو هو ۽ حبش ڏانهن ڪيل ٻي هجرت ۾ شامل هئي. سندن مڙس جو نالو سڪران رضہ بن عمرو هو. ان به شروع ۾ ئي اسلام قبوليو هو ۽ بيبي سوده رضہ ساڻن گڏ ئي حبش ڏي هجرت ڪئي

هئي، پر هو حبشہ ئي يا ڪن جو چوڻ مطابق مڪي ۾ فوت ٿي ويو. ان ڪانپوءِ جڏهن بيبي سوده رضہ جو عدت پورو ٿيو تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليہ وسلم ڪين شاديءَ جو پيغام موڪليو ۽ پوءِ شادي ٿي وئي. ڪجهہ ورهين ڪانپوءِ ان پنهنجو وارو بيبي عائشہ رضہ کي هبہ ڪري ڇڏيو هو.(1)

حاشيو (1) رحمت اللعالمين 165/2 - تلقيح الفهوم صفحو 6

اوائلي مسلمانن جو صبر ۽ ثابت قدمي

هتي پهچي سنئون سڌو ماڻو بہ اچرج کان پڇي ويهي ٿو تہ آخر اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا، جن مسلمانن کي معجزاتي حد تائين ثابت قدم رکيو. آخر مسلمانن ڪهڙيءَ طرح انهن اڻکٽ ظلمن تي صبر ڪيو، جن کي ٻڌي لڱ ڪاندارجي ويندا آهن ۽ دل جي ڌڙڪي وڌي ويندي آهي! مناسب ٿيندو تہ انهن ڪارڻن جو مٿاڇرو جائزو ورتو وڃي.

1. انهن ڪارڻن مان سڀ کان اهم الله جي هيڪڙائيءَ تي ايمان ۽ ان جي نيڪ نيڪ معرفت آهي. ڇو تہ جڏهن ايمان جي تازگي دل ۾ گهر ڪري وڃي تہ انسان جبلن سان

ٽڪرائجي پوي ٿو ۽ ڪانئن زور ٿي وڃي ٿو. جيڪو ماڻهو اهڙي پڪي ايمان ۽ ڪامل يقين وارو ٿي وڃي ته اهو دنيا جي مشڪلن کي، پلي اهي ڪيڏيون به گهٽيون هجن ۽ کهڙيون به ڳريون ۽ خطرناڪ ۽ سخت هجن. پنهنجي ايمان جي مقابلي ۾ ڪک جيتري به اهميت نٿو ڏي. انڪري مومن پنهنجي ايمان جي پڪائي ۽ يقين جي تازگي ۽ عقيدي جي بشاشت سبب انهن مشڪلن جي ڪابہ پرواهہ نٿو ڪري، ڇو ته "فاما................في الارض (17:13)

2. پرڪشش اڳواڻي:- پاڻ سڳورا ﷺ جيڪي مسلمانن جا ئي نہ پر سڀني انسانذات جا سڀ کان وڏا رهنما هئا. اهڙي جسماني سونهن، نفساني ڪمال، ڪريماڻن اخلاقن، عظيم ۽ شريفاڻن عادتن جا مالڪ هئا جو دل پاڻمرادو انهن ڏانهن ڇڪجي ويندي هئي، ڇو تہ جن ڪمالن تي ماڻهو جان گهوريندا آهن، اهي پاڻ سڳورن ﷺ بدرجها اتم موجود هئا. پاڻ سڳورا ﷺ شرف ۽ عظمت، فضل ۽ ڪمال جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ تي بيٺل هئا. عفت ۽ مانت، صدر ۽ صفا ۽ بين مڙن ئي چڱن ڪمن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي

مٿاهون مقام حاصل هو. دوست تہ دوست، پر دشمن بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي انفراديت تي شڪ نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي زبان مان جيڪا ڳالهہ نڪرندي هئي، دشمن بہ ان کي سچ سمجهندا هئا. واقعا ان ڳالهہ جي شاهدي ڏيندا هئا. هڪ ڀيري قريشن جا ٽي اهڙا ماڻهو اچي گڏ ٿيا، جن مان هر هڪ ٻين ٻن کان لڪي قرآن مجيد ٻڌو هو، پر پوء ٽنهي جو راز کلي ويو. انهن ٽن مان هڪ ابوجهل هو. ٽئي گڏيا تہ هڪ ابوجهل کان پڇيو تہ ٻڌاء تو جيڪي ڪجهہ محمد ﷺ کان ٻڌو، ان بابت تنهنجي کهڙي راء آهي؟ ابوجهل چيو تہ "مون ڇا ٻڌو آهي. ڳالهہ اصل ۾ اها آهي تہ اسان ۽ بنو عبدالمناف شرف ۽ عظمت ۾ هڪ ٻئي سان ڇڪتا ڇيڙي ڪئي. انهن، غريبن ۽ مسڪينن کي کارايو تہ اسان بہ کارايو. انهن، انعام ۾ ڪنهن کي سواريون ڏنيون تہ اسان بہ ڏنيون. انهن، ماڻهن کي سوکڙيون ڏنيون تہ اسان بہ ڏنيون، پر جڏهن اسان هڪ ٻئي جي صفا برابر ٿي وياسين ۽ اسانجي ۽ انهن جي حيثيت ريس جي مقابلي ۾ بينل ٻن گهورن جهڙي ٿي وئي تہ هاڻي عبدالمناف وارا چون ٿا تہ

اسان ۾ هڪ نبي آهي، جنهن وٽ آسمان کان وحي ايندي آهي. ڀلا ٻڌايو، اسان اهڙو ماڻهو ڪٿان آڻيون؟ خدا جو سنهن! اسان ان ماڻهوءَ تي ڪڏهن به ايمان نه آڻينداسين ۽ ان جي ڪڏهن به تصديق نه ڪنداسين." (1)

حاشيو (1) ابن هشام 316/1

ان ڪري ئي ابوجهل چوندو رهندو هو ته "اي محمد صلى الله عليه وسلم! اسان توکي ڪوڙو نٿا چئون، پر تو جيڪي ڪجهه آندو آهي، ان کان انڪار ٿا ڪريون." ان بابت هيءَ آيت لٿي ته "فانهم..................يجحدون (2) (33:6)

حاشيو (2) ترمذي: تفسير سوره الانعام 132/2

ان واقعي جو تفصيل اڳي چڪو آهي ته هڪ ڏينهن ڪافرن، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي ٽي ڀيرا لعن طعن ڪيو. ٽئين ڀيري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو ته اي قريشيو! آئون توهان لاءِ ذبح (جو حڪم) ڪٺي آيو آهيان، ته اها ڳالهه انهن تي ايترو اثر ڪري وئي جو جيڪو ماڻهو وير ۾ سڀ کان وڌيل هو، اهو هيناهين وٺي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي راضي ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح اهو تفصيل به آيل آهي ته

جڏهن سجدي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ تي اوجهري وڌي وئي ۽ پڻ سڳورن ﷺ سجدي مان اٿڻ بعد ان حرڪت ڪرڻ واري ڪي پٽيو تہ انهن جا ٿهڪ بند ٿي ويا ۽ منجهن ڏهڪاءُ پئجي ويو. ڪين پڪ ٿي وئي تہ هاڻي هو بچي نہ سگهندا.

اهو واقعو بہ ٻڌائي چڪا آهيون تہ پاڻ سڳورن ﷺ ابولهب جي پٽ عتبہ کي پٽيو تہ ڪيس پڪ ٿي وئي تہ هو هاڻي بچي نہ سگهندو، تڏهن ئي هن شام جي سفر دوران شينهن ڏسندي ئي چيو تہ "والله! محمد ﷺ مونکي مڪي ۾ رهندي بہ قتل ڪري ڇڏيو."

اُبي بن خلف جو واقعو آهي تہ هو هر هر پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهندو هو. هڪ ڀيري پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس وراڻيو تہ (تون نہ) بلڪ مان توکي قتل ڪندي، انشآءَ الله. ان ڪانپوءِ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ احد واري لڙائيءَ واري ڏينهن ابي جي ڳچيءَ تي نيزو هنيو تہ جيتوڻيڪ ڪيس ٿورڙي رهڙ آئي، پر اُبي هر هر اهو چوندو ويو تہ محمد ﷺ مونکي مڪي ۾ چيو هو تہ آئون توکي

قتل ڪندس، انڪري جي هو مونتي ٿڪي ها تہ بہ آئون مري پوان ها.(1) (وڌيڪ تفصيل اڳتي ايندو)

حاشيو (1) ابن هشام 84/2

ساڳيءَ طرح هڪ ڀيري حضرت سعد بن معاذ، مڪي ۾ اميہ بن خلف کي چيو تہ مون، پاڻ سڳورن ﷺ کي چوندي ٻڌو آهي تہ مسلمان توکي قتل ڪندا تہ اهو ٻڌي اميہ ڏڄي ويو ۽ هن قسم کنيو تہ هو مڪي کان ٻاهر نہ نڪرندو، پر جڏهن بدر واري جنگ جي موقعي تي ابوجهل جي زور ڀرڻ تي ويو تہ هن مڪي جو سڀ کان تکو اٺ خريد ڪيو، جيئن خطري جي حالت ڏسندي ئي ڀڄي وڃي. هوڏانهن ڪيس جنگ تي ويندو ڏسي سندس زال چيس تہ "ابو صفوان! تنهنجي يثربي ڀاءُ جيڪي ڪجهہ چيو هو، سو وساري ڇڏيئي ڇا؟ ابو صفوان وراڻيو تہ "نہ بلڪ خدا جو قسم آئون رڳو ٿورو پري تائين ويندس."(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 563/2

اهو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي ويرين جو حال هو. باقي پنهنجن اصحابين ۽ ساٿين جي لاءِ تہ پاڻ سڳورا ﷺ دل ۽ جان جي حيثيت رکندا هئا. انهن جي دلين جي گهرائيءَ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ سچي محبت هوندي هئي.

فصورتہ هيوليٰ کل جسم و مغنا طيس افئده الرجال

ان محبت ۽ جانثاريءَ ڪارڻ اصحابي سڳورن ﷺ کي اهو گوارا نہ هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪا رهڙ بہ اچي يا سندن پير ۾ ڪو ڪنڊو بہ لڳي وڃي. ڀلي پوءِ ڪنڌ ئي ڇو نہ ڪپجي وڃن.

هڪ ڏينهن ابوبڪر صديق رضہ کي ڏاڍو ماريو ويو. عتبہ بن ربيعہ سندن ويجهو اچي کين چتيون لڳل جوتن سان مارڻ لڳو. منهن تي خاص طور تي ڏڪ هنيائين. پوءِ پيٽ تي چڙهي وينو. حالت اها هئي جو (حضرت ابوبڪر رضہ جو) چهرو رت سان ڀرجي ويو. پوءِ سندن قبيلي بنو تميم وارا کين ڪپڙي ۾ ويڙهي گهر کڻي ويا ۽ سندن حياتيءَ کان آسرو ڀلي وينا. پر ڏينهن جي پڇاڙيءَ تي هن ڳالهايو ۽

پهرين پڇيو تہ سڳورن ﷺ جو ڇا ٿيو؟ ان تي بنو تميم وارن کين دڙڪا ڏنا. پوءِ سندن ماءُ ام الخير کي اهو چئي روانا ٿي ويا تہ هن کي ڪجهہ کارائي پياري ڇڏجان. جڏهن رڳو سندن امڙ اتي وڃي بچي تہ حضرت ابوبڪر رضہ تي ڪجهہ کائڻ پيئڻ لاءِ زور ڀريائين، پر هو اهو ئي چوندو رهيو تہ پان سڳورن ﷺ جو ڇا ٿيو؟ آخرڪار ام الخير چيو تہ "مونکي تنهنجي ساٿيءَ بابت ڄاڻ ڪانهي." ابوبڪر رضہ چيو تہ "ام جميل بنت خطاب وٽ وڃ ۽ ان کان خبرچار وٺي اچ." پاڻ، ام جميل وٽ وئي ۽ چيائين تہ "ابوبڪر رضہ توکان محمد بن عبدالله ﷺ بابت پڇڻ لاءِ موڪليو آهي." ام جميل ورانيو تہ "آئون نہ ڪو ابوبڪر کي ڄاڻان، نہ ئي محمد بن عبدالله ﷺ کي سڃاڻان. باقي تون چاهين تہ آئون توسان گڏ تنهنجي پٽ وٽ هلي سگهان ٿي." ام الخير چيو تہ ائين بہ ٺيڪ آهي. پوءِ ام جميل، ان کي پاڻ سان گڏ وٺي آئي. ڇا ڏٺائين تہ ابوبڪر رضہ ڏاڍي تڪليفده حالت ۾ پيل هو. پوءِ ويجهو ٿي تہ سندن دانهن نڪري وئي ۽ چون لڳي تہ "جنهن قوم توهانجي اها حالت

ڪئي آهي، اها پڪ بدقماش ۽ ڪافر قوم آهي. مونکي اميد آهي ته الله تعاليٰ اوهانجو پلاند انهن کان ضرور وٺندو." ابوبڪر رضہ پڇيو ته "پاڻ سڳورن ﷺ جو ڇا ٿيو؟" ان وراڻيو ته"اوهانجي ماءُ پئي ٻڌي." حضرت ابوبڪر چيو ته "ڪا ڳالهہ نہ آهي." تنهن تي پاڻ ٻڌايائين ته "پاڻ سڳورا ﷺ صحيح سلامت آهن." پڇيو ويو ته ڪٿي آهن؟ وراڻيائين ته "ابن ارقم جي گهر ۾ آهن." حضرت ابوبڪر رضہ فرمايو ته "ڇڳو ته پوءِ آئون الله جو قسم ڪٽي ٿو چوان ته جيسين پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ نہ پهچندس، تيسين نہ ڪائيندس ۽ نہ پيئندس." ان ڪانپوءِ ام الخير ۽ ام جميل اتي ئي رهيون. جڏهن هئو مئو ٽريو ۽ سانت ٿهلجي وئي ته اهي ٻئي ڇٽيون، حضرت ابوبڪر رضہ کي وٺي اتان هليون. پاڻ انهن جي سهاري تي هليو ۽ اهڙيءَ طرح انهن، کين پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پهچايو.(1)

حاشيو (1) البدايہ والنهايہ 30/3

محبت ۽ جان گھورڻ جا ڪجھ پيا بہ نادر واقعا اسين پنهنجي هن ڪتاب ۾ موقعي سر ڏينداسين. خاص طور تي جنگ احد جي واقعن ۽ حضرت خبيب رضہ جي حالتن ۾.

3. ذميداريءَ جو احساس:- اصحابي سڀ ڄاڻندا هئا تہ مٽيءَ مان ٺهيل انسان تي ڪيڏيون نہ ڳريون ذميداريون آيل آهن، جن کان پاسيرو ٿي نڪري وڃڻ ممڪن ڪونهي. ڇو تہ انهن کي نظرانداز ڪرڻ جا نتيجا موجوده ڏکيائين کان بہ وڌيڪ اگرا ۽ موتمار نڪرندا ۽ ان ڪانپوءِ ڪين ۽ سڄي انسانذات کي جيڪو نقصان رسندو، اهو ايترو شديد هوندو جو هن ذميداريءَ جي قبولڻ وارو نقصان ان جي مقابلي ۾ ڪابہ اهميت نہ رکندو.

4. آخرت تي ايمان:- جيڪو ڄاڻايل احساسِ ذميداريءَ کي تقويت جو باعث هو. اصحابي سڀ ان ڳالهہ تي پختو يقين رکندا هئا تہ ڪين ٻنهي جهانن جي مالڪ آڏو پيش پوڻو آهي. پوءِ سندن ننڍن وڏن، معمولي ۽ غير معمولي، هرطرح جي عملن جو پڇاڻو ٿيندو. ان ڪانپوءِ يا تہ نعمتن سان پريل

جنت سدائين لاءِ ملندي يا عذاب سان پڙڪندڙ دوزخ. ان يقين جو نتيجو اهو هو جو اصحابي سڀ‌ئي پنهنجي حياتي اميد ۽ بيم جي حالت ۾ گذاريندا هئا. يعين پنهنجي پالڻهار جي رحمت ۾ اميد رکندا هئا ۽ ان جي عذاب جو ڊپ پڻ ۽ انهن جي حالت اها ئي هوندي هئي، جهڙي هن آيت ۾ ٻڌايو آهي تہ "والذين.........راجعون (6:23)

كين ان ڳالهه جي بہ پڪ هئي تہ دنيا پنهنجن سمورين نعمتن توڙي مصيبتن سميت بہ آخرت جي معابلي ۾ مڇر جي هڪ پر برابر بہ نہ آهي. يقين ايڏو پختو هو جو ان جي سامهون دنيا جون سڀ مشڪلون، مشقتون ۽ تلخيون ڪجهہ نہ هيون. انڪري انهن تڪليفن کي ڪابہ حيثيت نہ ڏيندا هئا.

5. انهن ئي ڏکين حالتن ۾ اهڙيون سورتون ۽ آيتون نازل ٿي رهيون هيون، جن ۾ نوس ۽ پرڪشش انداز ۾ اسلام جا بنيادي اصول ٻڌايا پئي ويا. جن تي ان وقت جي اسلامي دعوت جو بنياد هو. انهن آيتن ۾ مسلمانن کي اهڙا بنيادي نقطا ٻڌايا پئي ويا. جن کي الله تعاليٰ انسانيت جي سڀ کان

عظيم انساني معاشري جي تعمير ۽ تشڪيل لاءِ مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. انهن ئي آيتن ۾ مسلمانن جي جذبن ۽ احسانن ڪي ثابت قدميءَ لاءِ اياريو پئي ويو. ان لاءِ مثال بہ ڏنا پئي ويا تہ فائدا بہ ٻڌايا پئي ويا.

ام حسبتم..........................نصر الله قريب (214:2)

الم احسب............للكاذبين ( )

انهن سان گڏوگڏ اهڙيون ا:تون بہ نازل ٿي رهيون هيون، جن ۾ ڪافرن جي اعتراضن جا لاجواب جواب ڏنا ويا. انهن لاءِ ڪوبہ حيلو بهانو نتي ڇڏيو ويو ۽ انهن کي ڏاڍن ڪليل لفظن ۾ ٻڌايو ٿي ويو تہ جي هو پنهنجي گمراهي ۽ وير تي ڳنڍ ٻڌي بيٺا رهيا تہ ان جا نتيجا ڪيڏا نہ سنگين نڪرندا. ان جي دليل لاءِ گذريل قومن جا اهڙا واقعا ۽ تاريخي شاهديون ڏنيون ٿي ويون، جن مان واضع ٿيو ٿي تہ الله جي نست، پنهنجن دوستن ۽ دشمنن بابت ڪهڙي آهي. ان ڌمڪيءَ سان گڏوگڏ لطف ۽ ڪرم جون ڳالهيون بہ ڪيون پئي ويون ۽ ڀائيچارو پيدا ڪرڻ ۽ نصيحت ۽

رهنمائيءَ جو حق بہ ادا ڪيو پئي ويو. جيئن مڙي سگھڻ وارا ان ڪليءَ گمراهيءَ کان مڙي وڃڻ.

حقيقت ۾ قرآن، مسلمانن کي ڪنهن ٻئيءَ ئي دنيا جو سير ڪرائيندو هو ۽ ڪين ڪائنات جي مشاهدي، ربوبيت جي جمال، الوهيت جي ڪمال، رحمت ۽ رافت جي آثارن ۽ لطف ۽ رضا جا اهڙا اهڙا جلوا پسائيندو هو جو سندن جذبي ۽ شوق آڏو ڪا بہ رڪاوٽ نہ بيهي سگھندي هئي.

انهن ئي آيتن ۾ مسلمانن کي اهڙا اهڙا خطاب بہ ڪيا ويندا هئا، جن ۾ پالڻهار پاران رحمت ۽ رضوان ۽ سدائين جي نعمتن سان ڀريل جنت جي بشارت بہ هوندي هئي ۽ ظالم ۽ سرڪش ويرين ۽ ڪافرن جي انهن حالتن جي تصويرڪشي بہ ڪئي ويندي هئي تہ اهي جهانن جي پالڻهار جي عدالت ۾ بيهاريا ويندا. انهن جون ڀلايون ۽ نيڪيون ضبط ڪيون وينديون ۽ انهن کي منهن ڀر گيسيون ڪرائي اهو چوندي دوزخ ۾ وڌو ويندو تہ وڃو، دوزخ جو مزو ماڻهو.

6. ڪاميابيءَ جو بشاريون:- انهن سڀني ڳالهين ڪانسواءِ مسلمانن کي پنهنجي مظلوميت جي پهرئين ئي ڏينهن کان، بلڪ ان کان بہ اڳ ۾ معلوم هو تہ اسلام قبولڻ جي معنيٰ اها ناهي تہ سدائين لاءِ مصيبتون ۽ مشڪلاتون ورتيون ويون، بلڪ اسلامي دعوت منڍ کان ئي جاهلن جي جاهليت ۽ انهن جي ظالماڻي نظام جي پڄاڻيءَ جو عذم رکي ٿي ۽ ان دعوت جو هڪ اهم نشانو اهو بہ آهي تہ سڄي ڌرتيءَ تي پنهنجو اثر وجهي ۽ دنيا جي سياسي موٌقف تي ان طرح حاوي ٿي وڃي جو انسانذات ۽ دنيا جي سڀني قومن کي الله جي رضا ڏانهن وٺي وڃي. انهن کي ٻانهن جي ٻانهپ مان ودي الله جي ٻانهپ ۾ داخل ڪري سگهي.

قرآن مجيد ۾ اهي بشارتون ڪڏهن اشارن ۾ تہ ڪڏهن کليءَ طرح سان نازل ٿينديون هيون. تنهنڪري هڪ پاسي حالتون اهي هيون جو مسلمانن تي سڄي ڌرتي پنهنجين مڙن ئي وسعتن جي باوجود سوڙهي ٿي پئي هئي ۽ ائين پئي لڳو، ڄڻ جلد ئي سندن صفايو ڪيو ويندو، پر ٻئي پاسي انهن ئي ڏکين حالتن ۾ اهڙيون آيتون لٿيون پئي، جن ۾

گذريل نبين جا واقعا ۽ انهن قوم جي رويي ۽ انڪار جو تفصيل ڄاڻايل هوندو هو. انهن آيتن ۾ جيڪو نقشو چٽيو ويندو هو، اهو اهڙي ئي هو جيڪو مڪي جي مسلمانن ۽ ڪافرن جو هو. ان ڪانپوءِ اهو به ٻڌايو ويندو هو ته انهن حالتن جي ڪارڻ ڪيئن نه ڪافرن ۽ ظالمن کي هلاڪ ڪيو ويو ۽ الله جي نيڪ ٻانهن کي سڄي ڌرتيءَ جو وارث ڪيو ويو. انهن آيتن ۾ ڪليل اشارو هوندو هو ته اڳتي هلي مڪي وارن کي هار ملندي ۽ مسلمانن ۽ انهن جي دعوت کي ڪاميابي نصيب ٿيندي. انهن ئي حالتن ۾ ڏينهن ۾ ڪي اهڙيون آيتون به لٿيون، جن ۾ چٽيءَ طرح سان اهل ايمان جي حاوي ٿيڻ جون بشارتون موجود هونديون هيون. مثال طور "ولقد.......................المنذرين (177-171:37)

وري فرمايل آهي ته

سيهزم الجمع و يولون الدبر (45:54)

وري فرمايل آهي ته

جند مان هنالک مهزوم من الاحزاب (11:38)

حبش ڏانهن هجرت ڪندڙن لاءِ ارشاد ٿي و

تہ والذين هاجرو.....................يعملون (41:16)

ساڳيءَ طرح ڪافرن، پاڻ سڳورن ﷺ کان حضرت يوسف عہ جو واقعو پڇيو تہ جواب ۾ هيءَ آيت لٿي،

لقد كان ....للسائلين (7:12)

يعني مڪي وارا جيڪي اڄ حضرت يوسف عہ جو واقعو پڇن پيا، اهي پاڻ بہ اهڙيءَ طرح ناڪام ٿيندا. جهڙيءَ طرح حضرت يوسف عہ جا ڀائر ناڪام ٿيا هئا ۽ ڪين حضرت يوسف عہ ۽ سندن ڀائرن جي واقعي مان عبرت وٺڻ گهرجي تہ ظالم جو حشر ڇا ٿو ٿئي. هڪ جڳهہ تي پيغمبرن بابت ٻڌائيندي ارشاد ٿيو تہ

وقال الذين.............................وخاف وعيد (14/13:14)

ان طرح جنهن وقت فارس ۽ روم ۾ جنگ زور شور سان هلي رهي هئي ۽ ڪافرن چاهيو ٿي تہ فارسي کٽين، ڇو تہ اهي مشرڪ هئا ۽ مسلمانن گهريو ٿي تہ رومي غالب اچن، ڇو تہ رومي وري بہ الله تي، پيغمبرن تي، وحيءَ تي، آسماني ڪتابن تي ۽ آخرت تي ايمان رکڻ جا دعويدا هئا.

پر غلبو فارسين کي حاصل ٿي رهيو هو. اهڙي وقت الله تعاليٰ اها خوشخبري ڏني تہ ڪجهہ سالن ڪانپوءِ رومي غالب اچي ويندا، پر رڳو ان بشارت تي بس نہ ٿي بلڪ ان سلسلي اها بہ بشارت لٿي تہ رومين جي غلبي وقت الله تعاليٰ مؤمن جي بہ خاص مدد فرمائيندو، جنهن سان اهي خوش ٿيندا. جيئن ارشاد آهي تہ

و يومئذ ....بنصرالله..(5/4:30)

(اهتي هلي اها مدد بدر واري جنگ ۾ حاصل ٿيڻ واري عظيم ڪاميابيءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي.)

قرآن کان سواءِ پاڻ سڳورن ﷺ بہ مسلمانن کي وقفي وقفي سان ان طرح جون خوشخبريون ڏنيون. جيئن حج جي ڏينهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ عڪاظ، مجنہ ۽ ذوالمجاز جي بازارن ۾ ماڻهن وٽ تبليغ لاءِ ويندا هئا تہ ڪين رڳو جنت جون بشارتون نہ ڏيندا هئا، بلڪ چٽن لفظن ۾ اهو اعلان بہ ڪندا هئا تہ

يآيها الناس قولوا لا الا اللهُ تفلحوا وتملكوا بها العرب وتدين لكم بها العجم فاِذامتم كنتم ملوكا في الجنت (ترمذيءَ جي روايت)

يعني اي ايمان وارؤ! لا الـ الا الله چئو. ڪامياب ٿيندؤ ۽ ان ڪري عرب جا بادشاه ٿي ويندؤ ۽ ان جي ڪارڻ عجم توهانجي هٿ هيٺ اچي ويندو. پوءِ جڏهن وفات ڪندؤ تہ جنت ۾ بادشاه ٿيندؤ.

اهو واقعو پٺين صفحن ۾ آيل آهي تہ جڏهن عتبہ بن ربيعہ، پاڻ سڳورن ﷺ کي دنيا جي دولت آڇي سوديبازي ڪرڻ چاهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جواب ۾ حم تنزيل السجده جون آيتون پڙهي ٻڌايون تہ عتبہ کي پڪ ٿي وئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ نيٺ غالب ايندا.

ساڳيءَ طرح جناب ابوطالب وٽ آيل قريشن جي آخري وفد سان پاڻ سڳورن ﷺ جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، اها بہ بيان ڪري چڪا آهيون. ان موقعي تي بہ پاڻ سڳورن ﷺ تفصيل سان ٻڌايو تہ پاڻ سڳورا ﷺ هڪ ئي ڳالهہ گهرن ٿا، جنهن کي مڃڻ سان عربستان انهن جي

تابع ٿي ويندو ۽ عجم تي انهن جي بادشاهي قائم ٿي ويندي.

حضرت خباب بن ارت جو بيان آهيته هڪ ڀيري آئون پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ سڳورا ﷺ ڪعبي جي ڇانوَ ۾ هڪ چادر تي ليٽيا پيا هئا. ان وقت اسين مشرڪن هٿان سختيون سهي رهيا هئاسين. مون چيو ته "ڇو نه اوهان الله کان دعا گهرو." اهو ٻڌي پاڻ اٿي ويٺا، سندن چهرو مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ فرمايائون ته "جيڪي توهان کان اڳ ٿي گذريا آهن، انهن جي هڏين تائين گوشت ۽ اعصابن ۾ لوهه سان سوراخ ڪيا ويندا هئا، پر اها سختي به کين دين کان نه موڙي سگهندي هئي." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "الله تعاليٰ هن حڪم، يعني دين کي پوري ڪري رهندو، تانت سوار صنعاء کان حضر موت تائين ويندو ۽ کيس الله کانسواءِ ڪنهن جو به ڊپ نه هوندو. باقي ٻڪريءَ تي ٻگهڙ جو ڊپ رهندو." (1) هڪ روايت ۾ هيءُ وڌيڪ آهي ته "پر توهان جلدي پيا ڪريو." (2) ياد رهي ته اهي بشارتون اڻڄاتيون نه هيون، بلڪ

معروف ۽ مشهور هيون ۽ مسلمانن وانگر ئي ڪافرن کي بہ انهن

حاشيو (1) صحيح بخاري 543/1

حاشيو (2) صحيح بخاري 105/1

جي ڄاڻ هئي. جيئن اسود بن مطلب ۽ سندس سنگتي اصحابي سڳورن کي ڏسندا هئا تہ چٿر ڪندي چوندا هئا تہ ڏسو هنن وٽ سڄي ڌرتيءَ جو بادشاهہ اچي ويو آهي. اهي جلد ئي قيصر ۽ ڪسريٰ کي مغلوب ڪندا. ان ڪانپوءِ هو سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائيندا هئا.(1)

حاشيو (1) فقہ السيره صفحو 84

بهرحال اصحابي سڳورن خلاف ان وقت ڏاڍ ۽ ڏمر ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن جو جيڪو طوفان اٿيل هو، ان جي حيثيت جنت حاصل ڪرڻ جيانهن پڪين اميدن ۽ سهائي مستقبل جي انهن بشارتن جي ڀيٽ ۾ ان ڪکر کان وڌيڪ نہ هو، جيڪو هوا جي هڪ جهٽڪي سان وکري وڃي.

ان ڪانسواءِ پاڻ سڳورا ﷺ ايمان وارن جي مسلسل روحاني تربيت ڪري رهيا هئا. ڪتاب ۽ حڪمت

جي تعليم ذريعي سندن نفس کي پاڪ ڪري رهيا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي دلين جي وسامندڙ چڻنگ کي پڙڪندڙ الن ۾ بدلائي ڇڏيو تي ۽ انهن کي اونداهين مان ڪڍي هدايت جي نوراني جڳهه تي پهچائي رهيا هئا. ڪين اهنج رسڻ تي صبر جي تلقين ڪندا هئا ۽ درگذر ۽ نفس تي قابو رکڻ جي هدايت ڪندا هئا. نتيجي ۾ سندن ديني پختگي وڌي وئي ۽ اهي دنياوي لذتن کان ڪنارو ڪري الله جي رضا لاءِ جان ڏيڻ، جنت جي شوق، علم جي حرص، دين جي ڄاڻ، نفس محاسبي، جذبن کي دٻائڻ، رجحانن کي موڙڻ، صبر ڪرڻ ۽ وقار سان جيڻ جي سلسلي ۾ انسانيت لاءِ نادر نمونو بڻجي ويا.

ٽيون مرحلو

مڪي کان ٻاهر اسلام جي دعوت

پاڻ سڳورا ﷺ طائف ۾:- نبوت جي ڏهين سال شوال ۾ (1) (619ع جي مئي جي آخر يا جون جي منا ۾) پاڻ سڳورا ﷺ طائف ويا. اهو مڪي کان اٽڪل

حاشيو (1) مولانا نجيب آباديءَ تاريخس اسلام ۾ 122/1 تي اهو واڌارو ڪيل آهي ۽ منهنجي نظر ۾ بہ اهو صحيح آهي.

سٺ ڪلوميٽر پري هو. پاڻ سڳورن ﷺ سان سندن آزاد ڪيل غلام حضرت زيد بن حارثہ بہ گڏ هو. رستي ۾ جنهن بہ قبيلي وٽان لنگهيا ٿي، ان کي اسلام جي دعوت ڏنائون ٿي، پر ڪنهن بہ دعوت نہ قبولي. جڏهن طائف پهتا تہ بنو ثقيف قبيلي جي ٽن سردارن وٽ ويا، جيڪي پاڻ ۾ ڀائر هئا. جن جا نالا هن ريت آهن، عبد يا ليل، مسعود ۽ حبيب. انهن ٽنهي جي پيءُ جو نالو عمرو بن عمير ثقفي هو. پاڻ سڳورن ﷺ انهن وٽ ليهي ڪين الله جي اطاعت ۽ اسلام جي مدد ڪرڻ جي دعوت ڏني. انهن مان هڪ چيو تہ "جيڪڏهن الله توکي رسول بنايو هوندو تہ آئون ڪعبي جو پڙدو ڦاڙي ڇڏيندس."(2) ٻئي چيو تہ

حاشيو (2) يعني جي تون پيغمبر آهين تہ الله مونکي غارت ڪري. ان جملي جو مقصد اهو آهي تہ تنهنجو پيغمبر ٿيڻ ائين ناممڪن آهي، جيئن ڪعبي جي غلاف کي ڦاڙڻ.

"ڇا الله کي تو ڪانسواءِ ڪو ٻيو نہ مليو؟" تنهن تي چيو تہ "مان تو سان هرگز نہ ڳالهائيندس. جيڪڏهن تون سچو پچو پيغمبر آهين تہ تنهنجي ڳالهہ کي رد ڪرڻ مون لاءِ ڏاڍو خطرناڪ ٿيندو ۽ جيڪڏهن تو الله تي بهتان هنيو آهي تہ پوءِ مونکي توسان ڳالهائڻ بہ نہ گهرجي." اهو ٻڌي پاڻ سڳورا ﷺ اٿي کڙا ٿيا ۽ رڳو ايترو فرمايائون، "توهان جيڪي ڪجهہ چيو، بهرحال ان کي ظاهر نہ ڪجوءَ."

پاڻ سڳورا ﷺ طائف ۾ ڏهہ ڏينهن رهيا. ان دوران پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي هڪ هڪ سردار وٽ ويا ۽ هر هڪ سان ڳالهہ ٻولهہ ٿين، پر سڀني هڪ ئي جواب ڏنو تہ تون اسانجي شهر مان هليو وڃ. بلڪ انهن، لوفرن کي هشي ڏني، تنهنڪري جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ موٽڻ جو ارادو ڪيو تہ اهي لوفر گاريون ڏيندي، تاڙيون وڄائيندي ۽ گوڙ ڪندي پاڻ سڳورن ﷺ جي پٺيان لڳا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ايتري رش ٿي وئي جو رستي جي ٻنهي پاسن کان قطارون لڳي ويون. پوءِ تہ پٿر بہ هڻڻ ليا، جن سان پاڻ

سڳورن ﷺ کي اهڙا ڏک رسيا جو ٻئي جتيون رت ۾ پرجي ويون. هوڏانهن حضرت زيد رضہ بن حارثہ ڍال بڻجي اچلجندڙ پٿرن کي پاڻ تي جهلي رهيا هئا، جنهن سان سندن مٿي ۾ ڳچ ڏک لڳا. اهو سلسلو هلندو رهيو. تانت پاڻ سڳورن ﷺ عتبہ ۽ شيبہ جي هڪ باغ ۾ وڃي پناھ وٺڻ تي مجبور ٿيا. اهو باغ طائف کان ٽي ميل پري هو. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ اتي پناھ ورتي تہ ميڙ موٽي ويو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ هڪ پٽ سان ٽيڪ ڏئي انگور جي ول جي سائي ۾ ويهي رهيا. ٿورو ساھ پٽڻ کانپوء دعا گهريائون، جيڪا دعاء مستضعفين جي نالي سان مشهور آهي. هن دعا جي هڪ هڪ جملي مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ طائف ۾ اهڙي بدسلوڪي ٿيڻ بعد ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ايمان نہ قبولڻ ڪري پاڻ سڳورا ﷺ ڪيترا نہ ڏکايل هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي احساسن تي ڏک ۽ الم جو ڪيترو غلبو هو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اللهم اليڪ اشتڪو ضعف قوتي و قلتہ حيلتي و هواني علي الناس يا ارحم الراحمين، انت رب المستضعفين و انت ربي، الي من

تكلني؟ الي بعيد يتجهمني ام الي عدو ملكته امري؟ ان لم يكن بک علي غضب فلا ابالي، ولاکن عافيتک هي اوسع لي، اعوذ بنور وجهک الذي اشرقت لہ الظلمات و صلح عليہ امر الدنيا والاخره من ان تنزل لي عضبک او يحل لي سخطک لک عتبي حتي ترضي، ولاحول ولا قوت الا بک.

ترجمو:- اي اللهّٰ! آئون توسان ئي پنهنجي ڪمزوري ۽ بيوسي ۽ ماڻهن ۾ منهنجي ناقدريءَ جو شڪرو ڪريان ٿو. اي ارحم الراحمين! تون ڪمزورن جو رب آهين ۽ تون ئي منهنجو بہ رب آهين. تون مونکي ڪنهن جي حوالي پيو ڪرين؟ ڇا ڪنهن ڌارئين جي، جيڪو مون سان سختيءَ سان پيش اچي؟ يا ڪنهن ويريءَ جي، جيڪو تو منهنجي معاملي ۾ مالڪ ڪري ڇڏيو آهي؟ جيڪڏهن تون مون تي ڏمريل ناهين تہ پوءِ مونکي ڪا پرواهہ نہ آهي، پر تنهنجي عافيت مون لاءِ وڌيڪ ڪليل آهي. آئون تنهنجي چهري جي ان نور جي پناهہ گهران ٿو، جنهن سان انڌيرو روشن ٿيو وجي ۽ جنهن تي دنيا ۽ آخرت جا معاملا صحيح ٿيا تہ تون مون تي پنهنجو ڏمر نازل ڪرين يان تنهنجو عتاب مون تي ٿئي.

تنهنجي ئي رضا مونکي گهرجي ٿي. تانت تون خوش ٿي وڃين ۽ توکانسواء کو بہ ڏاڍو ۽ کابہ طاقت نہ آهي.

هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ جي اها حالت ربيعہ جي پٽن (ٻنهي ڀائرن) ڏٺي تہ مائٽيءَ جي جذبي تحت انهن پنهنجي هڪ عيسائي ٻانهي عداس کي کي چيو تہ ان انگورن مان هڪ ڇڳو پٽي وڃي ان همراهہ ئي ڏي. جڏهن هن اهو ڇڳو پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پيش کيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ بسم الله چئي هٿ وڌايو ۽ کائڻ لڳا.

عداس چيو تہ "اهو جملو تہ هن علائقي جا ماڻهو نٿا ڳالهائين!" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تون ڪٿي جو رهاڪو آهين؟ ۽ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟" هن چيو تہ آئون عيسائي آهيان ۽ نينوا جو رهاڪو آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اڇا! تہ تون نيڪ مرد يونس بن متيءَ جي علائقي جو آهين؟" هن چيو تہ "اوهان يونس بن متيءَ کي ڪيئن سڃاڻو؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هو منهنجو ڀاءُ هو، هو بہ نبي هو ۽ آئون بہ نبي آهيان." اهو ٻڌي عداس، پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان جهڪي پيو ۽ پاڻ

سڳورن ﷺ جي مٿي مبارڪ ۽ هٿن ۽ پيرن کي چمي ڏنائين.

اهو ڏسي ربيعه جي ٻنهي پٽن پاڻ ۾ چيو ته "اڇهو! هاڻي هن همراهه ته اسانجي ٻانهي کي ڦٽائي ڇڏيو. ان کانپوءِ عداس موٽيو ته ٻنهي ان کي چيو ته "ڏي خبر، اهو ڇا پئي ٿيو؟" هن چيو ته "منهنجا مالڪ! سڄي ڌرتيءَ تي هن کان ڀلو ٻيو ڪو ڪونهي. هن مونکي هڪ اهڙي ڳالهه ٻڌائي آهي، جنهن بابت نبيءَ کانسواءِ ڪوبه نٿو ڄاڻي سگهي." انهن ٻنهي چيس ته "ڏس عداس، متان هي شخص توکي تنهنجي دين تان ٿيڙي ڇڏي، ڇو ته تنهنجو دين، هن جيدين کان ڀلو آهي."

ٿورو ترسي پاڻ سڳورا ﷺ باغ منجهان نڪري مڪي ڏانهن هليا. پاڻ غم ۽ الم کان چور هئا ۽ دل ٽٽي پئي هئن. پرنِ منازل پهتا ته الله تعاليٰ جي حڪم سان جبرئيل ع هيٺ لٿو. ان سان گڏ ڪوهسارن جو فرشتو به هو. اهي پاڻ سڳورن ﷺ کان پڇڻ آيا هئا ته پاڻ سڳورا

ﷺ حڪم ڪن ته اهي مڪي وارن کي ٻن جبلن جي وچ ۾ پيهي ڇڏين.

ان واقعي جو تفصيل صحيح بخاريءَ ۾ بيبي عائشه رضه کان آيل آهي. سندن بيان آهي ته پاڻ هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ کان پڇيو ته ڇا پاڻ سڳورن ﷺ تي اهڙو به ڪو ڏينهن آيو، جيڪو احد جي ڏينهن کان وڌيڪ سخت هجي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "ها! تنهنجي قوم مونکي جيڪي تڪليفون ڏنيون، انهن مان سڀ کان سخت مصيبت اها هئي، جيڪا مون واديءَ (طائف وجڻ) واري ڏينهن ڏٺي. جڏهن آئون عبدياليل بن عبد ڪلال وٽ پهتس پر هن منهنجي ڳالهه نه مڃي ۽ مونکي قرن ثعالب پهچي ڪجهه آرام مليو. اتي ڪنڌ مٿي ڪنيم ته ڏٺم ته هڪ ڪڪر جو ٽڪرو مون تي سايو ڪيو بيٺو هو. مون ڌيان سان ڏٺو ته ان ۾ جبرئيل ع هو، جنهن مونکيسڏي چيو ته توهانجي قوم توهان کي جيڪي ڪجهه چيو، الله تعاليٰ اهي ٻڌي ورتيون آهن. هاڻي ان توهان وٽ ڪوهسارن جي فرشتي کي موڪليو آهي، جيئن توهان ان بابت ڪيس جيڪو وڻيوَ

حڪم ڪريو. ان ڪانپوءِ ڪوهسارن جي فرشتي مونکي آواز ڏنو ۽ سلام ڪرڻ بعد چيو تہ "يا محمد ﷺ! اها ئي ڳالهہ آهي. هاڻي توهان جيڪي چاهيو....جي چاهيو تہ مان انهن کي (19 ٻن جبلن جي وچ ۾ ڪچولي ڇڏيان، تہ ائين ئي ٿيندو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ (نہ) بلڪ مونکي اميد آهي تہ الله عز وجل سندن پٺ مان اهڙو نسل پيدا ڪندو، جيڪو رڳو هڪ الله جي عبادت ڪندو ۽ ان سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ نہ ڪندو.(2)

حاشيو (1) ان موقعي تي صحيح بخاريءَ ۾ لفظ اخشبين استعمال ڪيو ويو آهي، جو مڪي جي ٻن مشهور جبلن، ابو قبيس ۽ قعيقعان لاءِ ڳالهائبو آهي. اهي ٻئي جبل حرم پاڪ جي اتر ۽ ڏکڻ ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن. ان وقت مڪي جي عام آبادي انهن ٻئي جبلن جي وچ ۾ هئي.

حاشيو (2) صحيح بخاري، ڪتاب بدءِ الخلق 458/1 - مسلم باب مالقي النبي ﷺ من اذي المشرڪين والمنافقين 109/2

پاڻ سڳورن ﷺ جي ان جواب ۾ سندن بيمثال شخصيت ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ گهرائي رکڻ وارن عظيم اخلاقن جو جلوو پسي سگهجي ٿو. بهرحال هاٽي ستن آسمانن جي بہ مٿان آيل ان غيبي مدد جي ڪارڻ پاڻ سڳورا ﷺ مطمئن ٿي ويا. تنهن ڪانپوء مڪي ڏانهن وڌيا ۽ نخل جي واديءَ ۾ اچي ترسيا. هتي بہ جڳهيون رهڻ جوڳيون هيون. هڪ السيل الڪبير ۽ ٻي زيمہ. ڇو تہ ٻنهي جاين تي پاڻي ۽ ساوڪ هئي، پر ڪنهن بہ ڪتاب مان اها خبر نٿي پئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ٻنهي مان ڪٿي رهيا.

پاڻ نخل جي واديءَ ۾ ڪجهہ ڏينهن رهيا. ان دوران الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ جنن جي هڪ ٽولي موڪلي، جنهن جو ذڪر قرآن ۾ ٻن جاين تي آيل آهي. هڪ سوره احقاف ۾ ۽ ٻيو سوره جن ۾. سوره احقاف جون آيتون آهن تہ

"واذ..................عذاب اليم (31/29:46)

سوره جن جون آيتون هي آهن،

قل اوحي الي ....بربنا احدا (2/1:72)

اهي آيتون جيڪي هن واقعي جي بينا جي سلسلي ۾ لٿيون، تن مان پتو پوي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي پهرين جنن جي ٽولي اچڻ جو پتو نہ پيو هو، پر جڏهن انهنآيتن وسيلي اللّٰهتعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ کي ڄاڻ ڏنو، تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ واقف ٿي سگهيا. اهو بہ پتو پوي ٿو تہ اهو جنن جو اچڻ پهريون پيرو هو.حديثن مان پتو پوي ٿو تہ جن پوء بهايندا رهيا هئا.

جنن جي اچڻ ۽ اسلام قبولڻ جو واقعو حقيقت ۾ اللّٰه پاران ٻي مدد هئي، جيڪا اللّٰه تعاليٰ غيب مان موڪلي هئي. جنهن جيخبر خدا کانسواء ڪنهن کي بہ نہ هئي. پوء ان واقعي بابت جيڪي آيتون لٿيون، انهن جي وچ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت جي ڪاميابيءَ جونبشارتون بہ آهن ۽ ان ڳالهہ جي ڇنائي بہ ڪيل آهي تہ ڪائنات جي ڪابہ طاقت هن دعوت جري راهہ نتي روڪي سگهي. جيئن ارشاد آهي تہ

ومن لا ....مبين (32:46)

وان ....هربا (12:72)

ترجمو:- ان جيت ۽ انهن بشارتن اڳيان غم ۽ الم جا اهي سڀ ڪڪر هٽي ويا، جيڪي طائف مان منڪرڻ واقت گاريون ۽ تاڙيون ٻڌي ۽ پٿر کائي پڻ سڀڱورن ﷺ تي طاري ٿيا هئا. پاڻ سڀڱورن ﷺ پڪو پهه ڪيو ته هاڻي مڪي پهچي نئين سري سان اسلام جي دعوت ۽ تبليغ جو ڪم چستي ۽ گرمجوشيءَ سان ڪبو. اهو ئي موقعو هو، جڏهن حضرت زيد بن حارثه رضہ، پاڻ سڀڱورن ﷺ کي چيو ته ڪي چيو ته "توهان مڪي ڪيئن ويندؤ، جڏهن ته مڪي وارن توهانکي ڪڍي ڇڏيو آهي؟ ان جي جواب ۾ پاڻ سڀڱورن ﷺ فرمايو ته "اي زيد! تون جيڪا حالت ڏسين پيو، الله ان کان خلاصو ٿيڻ ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي راهه ضرور ڪڍي ڏيندو. الله تعاليٰ پڪ پنهنجيدين جي مدد ڪندو ۽ پنهنجي نبيءَ کي غالب ڪندو."

نيٺ پاڻ سڀڱورا ﷺ اتان روانا ٿيا ۽ مڪي جي ويجهو حرا نالي جبل جي دامن ۾ اچي لٿا. پوء خزاعہ قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ هٿان اخنس بن شريق وٽ نياپو موڪليائون ته پاڻ سڀڱورن ﷺ کي پناهه ڏي، پر اخنس اهو چئي

معذرت ڪئي تہ آئون حليف آهيان ۽ حليف ڪي پناهہ ڏيڻ جو اختيار ڪونهي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ﷺ ﷺيل بن عمروءَ کي نياپو اماڻيو، پر ان بہ اهو چئي معذرت ڪئي تہ بني عامر جي پناهہ بنو ڪعب تي لاڳو نٿي ٿئي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ مطعم بن عديءَ کي نياپو ڪيو. مطعم چيو تہ "حاضر" ۽ پوءِ هٿيار پنهوار ڪٽي، پنهنجن پٽن ۽ قوم جي ماڻهن کي سڏيائين ۽ چيائين تہ توهان هٿيار ڪٽي ڪعبت ال جي ڪنڊن وٽ گڏ ٿي وڃو. ڇو تہ مون محمد ﷺ کي پناهہ ڏني آهي. ان بعد مطعم، پاڻ سڳورن هص کي نياپو موڪليو تہ مڪي ۾ هليا اچو. پاڻ سڳورا ﷺ نياپو ملڻ شرط حضرت زيد رضہ بن حارثہ سان گڏ مڪي ۾ داخل ٿيا ۽ مسجد الحرام ۾ داخل ٿي ويا. ان بعد مطعم بن عديءَ پنهنجي سواريءَ تي بيهي اعلان ڪيو تہ قريشيو! مون، محمد ﷺ کي پناهہ ڏني آهي. هاڻي ڪين ڪير نہ ڇيڙي. هوڏانهن پاڻ سڳورا ﷺ سڌا حجر اسود وٽ پهتا ۽ ان کي چميائون. پوءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي پنهنجي گهر ويا. ان دوران مطعم بن عدي ۽ سندن

فرزندَ هٿيار ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري گهيرو ڪري بيٺا رهيا. تانت پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي گهر ۾ داخل ٿي ويا.

چيو وڃي ٿو ته ان موقعي تي ابوجهل مطعم کان پڇيو ته تو پناهه ڏني آهي يا ماڳهين مسلمان ٿي ويو آهين؟ مطعم ورانيو ته پناهه ڏني اٿم. اهو جواب ٻڌي ابوجهل چيو ته جنهن کي تو پناهه ڏني، ان کي اسان به پناهه ڏني.(1)

حاشيو (1) طائف جيسفر جي واقعي جو اهو تفصيل ابن هشام 419/1 کان 422 - زاد المعاد 46/2، 47 - مختصر السيره للشيخ عبدال 141 کان 143 - 71/1 کان 74 - تاريخ اسلام، نجيب آبادي 123/1، 124 ۽ ٻين تفسير جي مشهور ڪتابن مان گڏ ڪيو ويو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ، مطعم بن عديءَ جي ان چڱيءَ هلت کي ڪڏهن به نه وساريو. جڏهن بدر ۾ مڪي جي ڪافرن جو هڪ وڏو انگ جهلجي پيو ۽ ڪجهه قيدين جي آزاديءَ لاءِ حضرت جبير بن معطم رضه، پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته

لو كان المطعم بن عدي حيا ثم كلمني في هؤلا النتني لتركتهم لہ (2)

حاشيو (2) صحيح بخاري 573/2

"جيڪڏهن مطعم بن عدي جيئرو هجي ها ۽ پوءِ مون سان انهن بدبودار ماڻهن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ها تہ مان ان جي ڪارڻ سيني کي ڇڏي ڏيان ها."

قبيلن ۽ فردن کي اسلام جي دعوت

نبوت جي ڏهين سال ذوالقعد مهيني ۾ (619ع جي جون جي آخر يا جولاءِ جي منا ۾) پاڻ سڳورا ﷺ طائف کان مڪي موٽيا ۽ هتي فردن ۽ قبيلن کي ٻيهر اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪيائون. جيئن تہ حج جي موسم ويجهي هئي، ان لاءِ حاجين جو اچڻ شروع ٿي ويو هو. پاڻ سڳورن ﷺ ان موقعي کي غنيمت ڄاڻو ۽ هڪ هڪ قبيلي وٽ وڃي اسلام جي دعوت ڏني. جيئن سندن نبوت جي چوٿين سال کان معمول بڻيل هو.

اهي قبيلا جن کي اسلام جي دعوت ڏني وئي:- اما زهري رحہ جو چوڻ آهي تہ جن قبيلن وٽ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم هلي ويا ۽ کين دعوت ڏنائون. اهي هي هئا:

بنو عامر بن صعصعہ، محارب بن خصفہ، فزاره، غسان، حره، حنيفہ، سليم، عبس، بنو نصر، بنو البکاء، کلب، حارث بن صعب، عذره، حضارمہ، پر انهن مان ڪنهن بهاسلام نہ قبوليو.(1)

حاشيو (1) ترمذي، مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 149

واضح هجي تہ امام زهريءَ جي ٻڌايل انهن مڙن ئي قبيلن کي هڪ ئي سال يا هڪ ئي حج جي موسم ۾ اسلام جي دعوت نہ ڏنو وئي، پر نبوت جي چوٿين سال کان هجرت کان اڳ آخري حج جي موسم تائين ڏهن سالن جي عرصي دوران کين دعوت ڏني وئي.(2)

حاشيو (2) ڏسو رحمت اللعالمين 74/1

ابن اسحاق ڪن قبيلن ڪياسلام آڇن ۽ سندن جواب ڏيڻ جو تفصيل بہ لکيو آهي. هيٺ مختصر طور تي انهن ج بيان نقل ڪجي ٿو.

1. بنو ڪلب:- پاڻ سڳورا ﷺ هن قبيلي جي هڪ شاخ بنو عبدالله وٽ هلي ويا ۽ کين الله جو سڏ ڏنائون. ڳالهين ڳالهين ۾ اهو بہ چيائون تہ اي بني عبدالله الله اوهانجي وڏي ڏاڏي جو ڏاڍو سٺو نالو رکيو هو. پر ان قبيلي سندن دعوت نہ قبولي.

2. بنو حنيفہ:- پاڻ سڳورا ﷺ سندن ديري تي ويا. کين الله جو سڏ ڏنائو. پر انهن جهڙي خراب موٽ سڄي عرب مان ٻئي ڪنهن بہ نہ ڏني.

3. عامربن صعصہ:- انهن کي بہ پاڻ سڳورن ﷺ، الله جي پاران دعوت ڏني. جواب ۾ انهن جي هڪ همراهہ بحيره بن فراس چيو تہ "خدا جو سنهن! جيڪڏهن قريش جي هن جوان کي ساڻ کڻان تہ ان جي وسيلي سڄي عربستان کي کائي وڃان." پوءِ هن پڇيو تہ "چڱو اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن اسين توهانجي هن دين تي توهان جي بيعت ڪريون ۽ پوءِ

الله تعاليٰ اوهانکي مخالفن تي فتح نصيب ڪري تہ ڇا توهان ڪانپوءِ سڄو نظام اسانجي هٿن ۾ اچي ويندو؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي وڻيس ان کي ڏيندو." تنهن تي ان ماڻهوءَ چيو تہ "واهہ واهہ! توهان جي حفاظت لاءِ تہ اسانجون ڇاتيون عربن جي نشاني تي رهن، پر جڏهن الله توهان کي ڪٽئي تہ نظام وري ٻيا سنڀالين؟ اسانکي توهانجي دين جي گهرج ڪانهي." مطلب تہ انهن انڪار ڪيو.

ان ڪانپوءِ جڏهن بني عامر قبيلو پنهنجي علائقي ۾ موٽي ويو تہ پنهنجي هڪ جهوني کي، جيڪو وڏي عمر ڪري حج تي هلي نہ سگهيو هو. سڄو وهيو واپريو ٻڌايائون تہ اسان وٽ قريش قبيلي جي گهراڻي بنو عبدالمطلب جو هڪ جوان آيو هو. جنهن جو خيال هو تہ هو نبي آهي. ان اسانکي دعوت ڏني تہ اسين سندس حفاظت ڪريون. سندس ساٿ ڏيون ۽ کيس پنهنجي علائقي ۾ وٺي اچون. اهو ٻڌي ان ڪراڙي ٻئي هٿ ڪٽي مٿي تي رکيا ۽ چيو تہ "اي بنو عامر! ڇا هاڻيان جي

تلا ڦيءَ جي ڪا راهہ آهي؟ ۽ ڇا ان ڳذريل لمحي کي وري موٽائي سگهجي ٿو؟ ان ذات جو سنهن، جنهن جي هٿ ۾ فلاڻي جي جان آهي، ڪنهن اسمائيليءَ ڪڏهن بہ ان (نبوت) جي ڪوڙي دعوا نہ ڪئي آهي. پڪ هو سچو آهي. آخر توهانجي مت ڇو ڪسجي وئي هئي! (1)

حاشيو (1) ابن هشام 1/424، 425

مڪي کان ٻاهر ايمان جا ڪرڻا:- جهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم قبيلن ۽ وفدن کي اسلام آڇيو، ان طرح ئي عام ۽ خاص ماڻهن کي بہ اسلام جي دعوت ڏني. هيٺ وهيو واپريو مختصر طور تي ڏجي ٿو.

1. سويد رضہ بن صامت:- پاڻ شاعر هو. يثرت جو رهاڪو ۽ ڏاهو هو. شعر چوڻ ۾ مهارت ۽ شرف ۽ نسب جي ڪارڻ قوم کين "ڪامل" جو خطاب ڏئي ڇڏيو هو. پاڻ حج يا عمري لاءِ مڪي آيو تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، کين اسلام جي دعوت ڏني. چوڻ لڳو تہ "شايد توهان وٽ بہ اهو ئي ڪجهہ آهي، جو مون وٽ آهي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پڇيو تہ "تو وٽ ڇا آهي؟" سويد چيو تہ "لقمان جي ڏاهپ." پاڻ سڳورن

صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "تہ پوءِ ٻڌاءِ." تنهن تي ان ٻڌايو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "اهو ڪلام واقعي سنو آهي، پر مون وٽ جيڪي ڪجھہ آهي، اهو ان کان بہ ڀلو آهي. اهو قرآن آهي جو اللّٰهتعاليٰ مونتي لاٿو آهي. اهو هدايت ۽ نور آهي." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم قرآن پڙهي ٻڌايو ۽ کين اسلام جي دعوت ڏني. ان اسلام قبوليو ۽ چيو تہ "هي تہ ڏاڍو سنو ڪلام آهي." ان ڪانپوءِ هو مديني موٽيو. جلد ئي بعاث واري جنگ ڇڙي پئي ۽ پاڻ ان ۾ مارجي ويو.(1) هن نبوت جي يارهين سال اسلام قبوليو هو.(2)

حاشيو (1) ابن هشام 425/1 - رحمت اللعالمين 74/1

حاشيو (2) تاريخ اسلام، اڪبر شاھ نجيب آبادي 125/1

2. اياس بن معاذ:- هي بہ يثرب جو رهاڪو هو ۽ نوجوان هو. يارهين سن نبوت ۾ جنگ نعاث کان ٿورو اڳي اوس جو هڪ وفد خزرج جي خلاف قريشن کان حلف ۽ تعاون وٺڻ لاءِ مڪي آيو هو. پاڻ بہ ان سان گڏ آيو هو. ان وقت يثرب ۾ انهن ٻنهي قبيلن جي وچ ۾ دشمنيءَ جي باھ ڀڙڪي رهي

هئي ۽ اوس وارن جو تعداد خزرج وارن کان گهٽ هو. پاڻ سڳورن ﷺ کي وفد جي اچڻ جي خبر پئي ته پاڻ انهن وٽ آيا ۽ ساڻن هن طرح خطاب ڪيائون ته "توهان جنهن مقصد لاءِ آيا آهيو، ڇا ان کان ڀلي شيءِ قبوليندؤ؟" انهن سيني چيو ته اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "آئون الله جو رسول آهيان. الله تعاليٰ مونکي پنهنجن ٻانهن وٽ ان ڳالهه جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو آهي ته اهي الله جي عبادت ڪن ۽ شرڪ نه ڪن. الله تعاليٰ مونتي ڪتاب به لاٿو آهي." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اسلام جو ذڪر ڪيو ۽ قرآن جي تلاوت ڪئي.

اِياس بن معاذ چيو ته "اي قوم وارؤ! خدا جو قسم هيءَ ان (ڳالهه) کان بهتر آهي، جنهن جي لاءِ اوهان هتي آيا آهيو." پر وفد جي هڪ رڪن ابو الحيسر انس بن رافع هڪ مٺ ۾ مٽي کڻي اِياس جي منهن تي هنئي ۽ چيو ته "اها ڳالهه ڇڏ! منهنجي عمر جو قسم! هتي اسين ان بدران ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ آيا آهيون." اِياس کڻي ماٺ ڪئي ۽

پاڻ سڳورا ﷺ بہ اتي ويا. وفد، قريشن سان معاهدو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو ۽ ائين ئي موٽي ويو.

مديني موٽڻ کان ڪجھ ڏينهن پوءِ اِياس وفات ڪئي. پاڻ وفات کان اڳ خدائي ذڪر اذڪار ڪندو رهيو هو. انڪري ماڻهن کي پڪ آهي تہ پاڻ مسلمان ٿي ويو هو.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 1/427، 428

3. ابو ذر غفاري رضہ:- پاڻ يثرب جي ڀرواري ۾ جو رهاڪو هو. جڏهن سويد بن صامت ۽ اِياس بن معاذ جي ذريعي يثرت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي بعثت جي خبر پهتي تہ اها خبر حضرت ابوذر رضہ بہ ٻڌي ۽ اها خبر ئي سندن اسلام قبولڻ جو ڪارڻ بڻي.(1)

حاشيو (1) اها ڳالھ اڪبر شاھ نجيب آباديءَ لکي آهي. ڏسو سندس تاريخ اسلام 1/128

اهو واقعو صحيح بخاريءَ ۾ تفصيل سان آيل آهي. ابن عباس رضہ جو بيان آهي تہ ابو ذر رضہ فرمايو تہ "آئون قبيلي غفار مان هوس. مونکي پتو پيو تہ مکي م هڪ

ماڻهو ظاهر ٿيو آهي جو پنهنجو پاڻ کي نبي ڪوٺي ٿو. مون پنهنجي ڀاءُ کي چيو ته تون ان وٽ وڃ، ان سان ڳالهه ٻولهه ڪري اچي مونکي ٻڌاءِ. هو ويو ۽ ملاقات ڪري واپس آيو. مون پڇيو ته ڇا خبر آندي اٿئي؟ چيائين ته "خدا جو قسم! مون هڪ اهڙو ماڻهو ڏٺو آهي، جو ڀلائيءَ جو حڪم ڏي ٿو ۽ برائيءَ کان روڪي ٿو. مون چيو ته تو پوري خبر نه آندي آهي. آخر آئون پاڻ ڪاڏو پيتو ۽ ڏنڊو کڻي مڪي ڏانهن هلي پيس. (اتي پهچي ته ويس) پر پاڻ سڳورن ﷺ کي سڃاڻندو نه هوس ۽ اهو به نٿي چاهيم ته ڪنهن کان پاڻ سڳورن ﷺ بابت پڇا ڪريان. تنهنڪري زمزم جو پاڻي پي مسجد الحرام ۾ ويٺو هوندو هوس. نيٺ مون وٽان علي رضہ جو گذر ٿيو. چيائين ته "پرديسي پيو لڳين!" مون چيو ته "هائو" هن چيو ته "ڇڱو منهنجي گهر هل." آئون ان سان گڏ هلي پيس. نه ڪو هن ڪجهه پڇيو، نه ئي مون ڪجهه. صبح ٿيو ته آئون ان ارادي سان مسجد الحرام ۾ ويس ته پاڻ سڳورن ﷺ بابت ڪنهن کان پڇا ڪريان. پر ڪير به ڪونه هو، جيڪو مونکي پاڻ سڳورن ﷺ

بابت ٻڌائي. نيٺ وري مون وٽان علي رضہ جو گذر ٿيو. (ڏسي) فرمايائين تہ "هن ماڻهو کي اڃا پنهنجي ٺڪاڻي جي خبر نہ پئي آهي؟ مون چيو تہ "نہ" هن وراڻيو تہ "چڱو تون مون سان هل." ان کانپوءِ ان چيو تہ "ڀلا تنهنجو مسئلو ڇا آهي؟ ۽ تون ڇو هن شهر ۾ آيو آهين؟ مون چيو تہ مونکي پتو پيو آهي تہ هتي هڪ ماڻهو ظاهر ٿيو آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي الله جو نبي ٿو ڪوٺي. مون پنهنجي ڀاءُ کي موڪليو هو تہ هو ڳالهائي اچي، پر هن موٽڻ تي ڪابہ اطمينان جوڳي ڳالهہ نہ ٻڌائي. انڪري مون سوچيو تہ پاڻ ئي ملي اچان." حضرت علي رضہ چيو تہ "ڀائو تون صحيح جڳهہ تي پهتو آهين. ڏس آئون انهن ڏانهن پيو وڃان. جتي آءُون گهڙي پوان، اتي تون بہ گهڙي پئجان ۽ ها، جي آئون ڪنهن مشڪوڪ ماڻهوءَ کي ڏسان، جنهن مان تو لاءِ ڪو خطرو هجي تہ پٽ سان ائين لڳي ويندس، ڄڻ پنهنجي جتي پيو ٺيڪ ڪريان، پر تون رستي تي هلندو وڃجان." ان کانپوءِ حضرت علي رضہ روانو ٿيو ۽ آئون بہ ساڻڻ گڏ هلڻ لڳس. تانت هو اندر داخل ٿيو ۽ آئون بہ ساڻن گڏ پاڻ

سڳورن ﷺ وٽ وڃي پهتس ۽ کين اسلام بابت ٻڌائڻ جو عرض ڪيم. پاڻ سڳورن ﷺ سمجھاڻي ڏني ۽ آئون اتي ئي مسلمان ٿي ويس. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ چيو ته "اي ابوذر هن معاملي کي لڪائجان ۽ پنهنجي علائقي ۾ موٽي وڃ." جڏهن اسانجي ظهور جي خبر ملنئي ته هليو اچجان." مون چيو ته "ان ذات جو سنهن جنهن اوهانکي حق ڏئي موڪليو آهي. آئون انهن جي وچ ۾ کلي عام ان جو اعلان ڪندس. ان بعد آئون مسجد الحرام ۾ آيس، جتي قريش ويٺا هئا. مون چيو ته قريشيو اشهد ان لا اله الله و اشهد ان محمدا عبده ورسوله

ماڻهن چيو ته اٿو هن بيدين جي خبر وٺو. ماڻهو اٿي پيا ۽ مونکي ايترو ڪٽيائون جو ماڳهين مئس ٿي. پر حضرت عباس رضه مونکي بچايو. ان جهڪي مونکي ڏٺو، پوءِ اريشن ڏانهن مڙي چيائين ته "بيڙيءَ ٻڏؤ توهان غفار جي هڪ ماڻهوءَ کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي! جڏهن ته توهانجو واپاري لنگهه غفار کان ئي گذري ٿو!" ان تي ماڻهو مونکي ڇڏ هٽيا. ٻئي ڏينهن صبح ٿيو ته آئون وري وري اٿي

ويس ۽ ڪالهوڪي ڳالهہ وري چيم. ماڻهن وري بہ هڪل ڪئي تہ اٿو، هن بيدين کي سيڪت ڏيو. ان ڪانپوءِ مون سان وري ڪالهوڪو حشر ڪيو ويو ۽ اڄ بہ حضرت عباس رضہ مونکي بچائيندو ۽ مون تي جهڪيو. پوءِ اها ئي ڳالهہ چيائين، جا ڪالهہ چئي هئائين."(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري، باب قﷺ زمزم 1/499، 500 - باب الاسلام ابي ذر 1/544، 545

4. طفيل رضہ بن عمرو دوسي:- پاڻ شريف شاعر ماڻهو، سمجهہ وارو ۽ دوس قبيلي جو سردار هو. سندن قبيلي کي يمن جي پرپاسي ۾ جاگيرون مليل هيون. پاڻ نبوت جي يارهين سال مڪي آيو تہ اتي اچڻ کان اڳ ئي مڪي وارن سندن استقبال ڪيو ۽ ڏاڍو مان ڏنائون. پوءِ کين عرض ڪيائون تہ اي طفيل! توهان اسانجيشهر ۾ آيا آهيو ۽ هي جيڪو ماڻهو اسان ۾ آهي، ان اسانکي ڏاڍن مونجهارن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ۽ اسناڪي ٽوڙي ڇڏيو اٿس. سندس ڳالهيون جادوءَ جهڙو اثر رکن ٿيون، جيڪي پيءُ پٽ، ڀاءُ ڀاءُ ۽ زال مڙس جي وچ ۾ ويڇوڳ ڪرايو ڇڏين. اسانکي ڊپ

آهي تہ جيڪا مصيبت اسان تي آيل آهي، ڪٿي اها اوهان ۽ اوهانجي قوم تي بہ نہ ڪڙڪي پوي. تنهنڪري اوهان هن سان صفا نہ ڳالهائجو ۽ سندس ڪا ڳالهہ نہ ٻڌجوءِ.

حضرت طفيل رضہ جو چوڻ آهي تہ اهي لڳاتار اهڙيون ڳالهيون ڪري سمجهائيندا رهيا، تنهنڪري مون پڪو پهہ ڪيو تہ نڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪا ڳالهہ ٻڌندس نہ ئي ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ڪندس. تانت جڏهن مسجد الحرام ويس تہ ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ويس تہ متان سندن ڪا ڳالههہ منهنجن ڪنن تائين نہ پهچي وڃي. پر الله کي اهو منظور هو تہ آئون سندن ڪجهہ ڳالهيون ٻڌي وٺان. تنهنڪري مون ڏاڍو عمدو ڪلام ٻڌو. پوءِ دل ۾ چيم تہ "منهنجا ماءُ پيءُ مون تي روئن، آئون تہ خدا جو قسم سوچ سمجهہ وارو شاعر ماڻهو آهيان، مون کان چڱو مٺو لڪي نٿو سگهي. پوءِ ڇو نہ هن ماڻهوءَ جي ڳالهہ ٻڌان؟ جيڪڏهن سٺي ڳالهہ هوندي تہ قبوليندس نہ تہ ڇڏي ڏيندس. اهو سوچي ببهي رهيس ۽ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ گهر ڏي موٽيا تہ آئون بہ پٺيان لڳا. پاڻ سڳورا ﷺ اندر داخل

ٿيا تہ آئون بہ اندر داخل ٿي ويس ۽ کين پنهنجي اچڻ جو واقعو ۽ ماڻهن جي ڊيڄارڻ واري ڳالهہ ۽ ڪنن ۾ ڪپهہ وجهڻ ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جون ڳالهيون ٻڌڻ جو تفصيل ٻڌايم. پوءِ عرض ڪيم تہ توهان پنهنجي ڳالهہ ٻڌايو. پاڻ سڳورن ﷺ مونکي اسلام جي دعوت ڏني ۽ قرآن پڙهي ٻڌايو. خدا شاهد آهي، مون ان کان عمدو قول ۽ ان کان وڌيڪ انصاف واري ڳالهہ ڪڏهن نہ ٻڌي هئي. تنهن ڪانپوءِ مون اتي ئي اسلام قبوليو ۽ حق جي شهادت ڏني. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو تہ منهنجي قوم ۾ منهنجي ڳالهہ مڃي وڃي ٿي. آئون موٽي ويندس ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏيندس. انڪري پاڻ سڳورا ﷺ الله کان دعا گهرن تہ هو مونکي ڪا نشاني ڏي. پاڻ سڳورن ﷺ دعا ڪئي.

حضرت طفيل رضہ کي اها نشاني عطا ڪئي وئي تہ جڏهن پاڻ پنهنجي قوم جي ويجهو پهتا تہ الله تعاليٰ سندن چهري تي ڏيئي جهڙي روشني پيدا ڪري ڇڏي. ان چيو تہ "يا الله! چهرا بيدران کنهن ٻيءَ جڳهہ تي. مونکي ڊپ آهي

تہ ماڻهو ان کي مثلو چوندا." تنهن کانپوء اها روشني سندن ڏنڊي ۾ اچي وئي. پوء ان پنهنجي والد ۽ گهر واريءَ کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ اهي ٻئي مسلمان ٿي ويا، پر قوم اسلام قبولڻ ۾ دير ڪئي. پر حضرت طفيل رضہ بہ مسلسل ڪوشش ڪندو رهيو. تانت غزوهء خندق (1) کانپوء جڏهن پاڻ هجرت ڪيائين تہ ساڻن قوم جا ستر يا اسي خاندان بہ هئا. حضرت طفيل رضہ اسلام لاء وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا ۽ يمامہ واري جنگ ۾ شهادت جو رتبو ماڻيو. (2)

حاشيو (1) بلڪ صلح حديبيہ کانپوء چو تہ جڏهن پاڻ مديني آيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ خيبر ۾َ هئا. ڏسو ابن هشام 385/1

حاشيو (2) ابن هشام 182/1، 185 - رحمت اللعالمين 81/1، 82 - مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 144

5. ضماد ازدي رضہ:- پاڻ يمن جو رهاڪو ۽ ازد شنوءَه قبيلي مان هو. ٽوٽا ڦيٽا ڪرڻ ۽ جن ڪيڻ سندن ڪم هو. مڪي آيو تہ اتي احمقن کان محمد ﷺ جي چريائپ جو ٻڌائين. سوچيائين تہ چو تہ ان ماڻهوءَ لٺ وججي. ٿي

سگهي ٿو تہ الله منهنجي هٿان ڪيس نيڪ ڪري وجهي.
تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ سان ملاقات ڪيائين ۽ چيائين تہ اي محمد ﷺ! آئون جن ڪيڻ لاءِ ٽوٽا ڦيٽا ڪندو آهيان. ڇا توکي بہ ان جي گهرجي آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ وراڻيو تہ

ان الحمد لله نحمده ونستعينہ من يهده الله فلا مضل لہ و من يضلل فلا هادلہ. واشهد ان لا الہ الا الله وحده لاشريک لہ و اشهد ان محمدا عبده و رسولہ. اما بعد. ”

يقينن سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي. اسين ان جي ئي ساراهہ ڪريون ٿا ۽ ان کان ئي مدد چاهيون ٿا. جنهن کي الله هدايت ڏي ان کي ڪير بہ گمراهہ نہ ڪري سگهندو ۽ جنهن کي الله هدايت ڏي، ان کي ڪير بہ گمراهہ نہ ڪري سگهندو ۽ جنهن کي الله ڀٽڪائي ڇڏي، ان کي ڪير بہ هدايت نہ ڏئي سگهندو ۽ آئون شهادت ٿو ڏيان تہ محمد ﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي. اما بعد:

ضماد چيو تہ ٿورو پنهنجا اهي ڪلما وري ٻڌايو. پاڻ سڳورن ﷺ ٽي ڀيرا ورجايا. ان بعد ضماد چيو تہ مون

ڪاهنن، جادوگرن ۽ شاعرن جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، پر مون توهان جهڙيون ڳالهيون ڪٿي نہ ٻڌيون! اهي تہ سمنڊ جي صفا تہ تائين پهتل آهن. اچو پنهنجو هٿ وڌايو! توهان سان اسلام جي بيعت ڪري وٺان ۽ ان ڪانپوءِ بيعت ڪيائين.(1)

حاشيو (1) صحيح مسلم، مشڪوات مصابيح باب علامات النبوت 525/2

يثرت جا ڇهہ پيارا روح:- نبوت جي يارهين سال حج جي ڏينهن ۾ (جولاءِ 620ع) اسلامي دعوت کي ڪجهہ ڪارائتا ٻج ملي ويا، جيڪي ڏسندي ئي ڏسندي ڊگها وڻ ٿي ويا ۽ سندن نرم ۽ گهاٽي ڇانو ۾ ويهي مسلمانن ورهين جي ڏاڍ ۽ ڏمر جي تپش کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.

مڪي وارن پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ ۽ ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪڻ جو جيڪو بار کڻهن تي کنيو هو، پاڻ سڳورن ﷺ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ اها حڪمت عملي اختيار ڪئي تہ رات جي اونده ۾ قبيلن وٽ ويندا هئا تہ جيئن مڪي جو ڪو مشرڪ رنڊڪ نہ وجهي.

ان حڪمت عمليءَ تحت پاڻ سڳورا ﷺ هڪ رات حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت علي رضہ کي ساڻ ڪري نڪتا. بنو ذهل ۽ بنو شيبان بن ثعلبہ جي ديرن وٽان لنگهيا تہ انهن سان اسلام بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون. انهن جواب تہ ڏاڍو آٿر وارو ڏنو پر اسلام قبولڻ بابت پڪو فيصلو نہ ڪيو. ان موقعي تي حضرت ابوبڪر رضہ ۽ بنو ذهل جي هڪ ماڻهوءَ جي وچ ۾ نسبي سلسلي بابت ڏاڍي دلچسپ سوال جواب ٿيا. ٻئي شجرن جا ماهر هئا.(1)

حاشيو (1) ڏسو مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 150 کان 152

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ منيٰ جي واديءَ مان لنگهيا تہ ڪجهہ ماڻهن کي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي ٻڌائيون. (2) پاڻ سڌو انهن وٽ پهتا. اهي يثرب جا ڇهہ جوان هئا ۽ سيئي خزرج قبيلي مان هئا. سندن نالا هن ريت هئا.

حاشيو (2) رحمت اللعالمين 1/84

1. اسعد رضہ بن رزاره (قبيلو بني نجار)

2. عوف رضہ بن حارث بن رفاعہ ابن عفراءَ (قبيلو بني نجار)

3. رافع رضہ بن مالک بن عجلان (قبيلو بني زريق)

4. قطبہ رضہ بن عامر بن حديده (قبيلو بني سلمہ)

5. عقبہ رضہ بن عامر بن نابي (قبيلو بني حرام بن ڪعب)

6. حارث رضہ بن عبدالله بن رئاب (قبيلو بني عبيد بن غنم)

اها يثرت وارن جي خوشقسمتي هئي جو اهي پنهنجن حليف مديني وارن يهودين کان ٻڌندا آيا هئا تہ هن زماني ۾ هڪ نبي اچڻ وارو آهي ۽ اهو جاڻ تہ ظاهر ٿيڻ وارو آهي. اسين سندس پيروي ڪري ان جي اڳواڻيءَ ۾ توهان ڪي عاد، ارم وانگر قتل ڪنداسين. (1)

حاشيو (1) زادالمعاد 50/2 - ابن هشام 529/1، 541

پاڻ سڳورن ﷺ انهن وٽ پهچي پڇيو تہ توهان ڪير آهيو. انهن چيو تہ اسين خزرج قبيلي جا آهيون. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "يعني يهودين جا حليف؟ چيائون تہ "ها". پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "پوءِ ڇو نہ توهان هتي

ڪجهہ ويجهو تہ پاڻ ۾ ڪا رهاڻ ڪري ونون.” اهي ويهي رهيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ انهن اڳيان اسلام جي حقيقت بيان فرمائي ۽ ڪين الله پاڪ ڏي سڏيو ۽ قرآن پڙهي ٻڌايو. انهن پاڻ ۾ چيو تہ "پائو ڏسو! هي تہ اهو ئي نبي پيو لڳي، جنهن جو حوالو ڏئي يهودي ڌمڪيون ڏيندا هئا. تنهنڪري يهودين کي اڳرو تيڻ نہ ڏيو." ان ڪانپوء انهن هڪدم پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت قبولي ۽ مسلمان تي ويا.

اهي مڪي جا ڏاها هئا. تازو ئي جيڪا جنگ تي هئي ۽ جنهن جا اثر اجا تائين محسوس تي رهيا هئا، ان جنگ کين تڪائي ڇڏيو هو. ان ڪري انهن کي اها توقع تي پئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت، جنگ جي پڄاڻيءَ جو سبب تي سگهي تي. تنهنڪري انهن چيو تہ "اسين قوم کي اهڙي حالت ۾ ڇڏي آهيا آهيون جو ڪنهنبي4 قوم ۾ ايڏي عداوت ۽ دشمني نتي ملي سگهي. اميد تہ الله تعاليٰ اوهانجي وسيلي انهن کي ٻيهر گڏ ڪندو. اسان واپس وڃي ماڻهن کي اوهانجي مقصد جي دعوت ڏينداسين ۽ جيڪو دين پاڻ قبوليو اٿئون، کين بہ پيش ڪنداسين. جيڪڏهن

الله تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ جي وسيليي کين ڳڏ ڪيو ته پوء پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ ڪوبہ معزز نہ رهندو."
ان ڪانپوء جڏهن اهي مديني واپس پهتا تہ پاڻ سان اسلام جو نياپو بہ کڻي ويا. تنهن ڪانپوء اتي گهر گهر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو چرچو ٿي ويو.(1)
حاشيو (1) ابن هشام 1/428، 430

بيبي عائشہ رضہ سان نڪاح:- نبوت جي يارهين سال جي شوال مهيني ۾ پاڻ سڳورن ﷺ، بيبي عائشہ رضہ سان نڪاح ڪيو. ان وقت بيبي صاحبہ جي عمر ڇهہ ورهيہ هئي. پوء هجرت جي پهرئين سال شوال جي ئي مهيني ۾ مديني ۾ رخصتي ٿي. ان وقت سندن عمر نو ورهيہ هئي.(2)
حاشيو (2) تلقيح الفهوم صفحو 10 - صحيح بخاري 550/1

اسراء ۽ معراج

پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت ۽ تبليغ اجا ڪاميابي ۽ ظلم ستم جي وچ وارن مرحلن مان گذري رهي هئي ۽ ڪاميابيءَ جا ڪرڻا نظر اچڻ شروع ٿي ويا هئا تہ اهڙي وقت

اسراء ۽ معراج جو واقعو ٿيو. معراج جي دور جي تعين ۾ تاريخدانن ۾ ڪجهه اختلاف آهن، جيڪي هتي بيان ڪجن ٿا.

1. جنهن سال پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت عطا ٿي، ان سال ئي معراج جو واقعو پيش آيو. (اهو طبريءَ جو قول آهي)

2. نبوت کان پنج سال پوء معراج ٿيو. (اهو امام نووي ۽ امام قرطبيءَ جو قول آهي)

3. نبوت جي ڏهين سال 27 رجت تي ٿيو. (اهو علامه منصورپوريءَ جو بيان آهي)

4. هجرت کان سورنهن مهينا اڳ يعني نبوت جي ٻارهين سال رمضان ۾ ٿيو.

5. هجرت کان هڪ سال ٻه مهينا اڳ يعني نبوت جي تيرهين سال ربيع الاول ۾ ٿيو.

انهن مان پهريان ٽي قول ان ڪري صحيح نٿا مڃي سگهجن جو بيبي خديجه رضه جي وفات پنج وقت نماز فرض ٿيڻ کان اڳ ٿي هئي ۽ ان تي سڀني جو اتفاق آهي ته پنج

وقت نماز معراج جي رات فرض ٿي. ان جو مطلب اهو آهي تہ بيبي خديجہ رضہ جي وفات نبوت جي ڏهين سال رمضان ۾ ٿي، تنهنڪري معراج ان کانپوءِ ئي ٿيو هوندو. باقي رهيا آخري ٽي قول تہ انهن مان ڪنهن کي ٻين تي ترجيح ڏيڻ لاءِ ڪوبہ دليل نٿو ملي. باقي سوره اسراءَ جي بيان مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهو واقعو مڪي واري زندگيءَ جي آخري دور جو آهي.(1)

حاشيو (1) انهن قولن جي تفصيل لاءِ ڏسو زادالمعاد 49/2 - مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 148، 149 - رحمت اللعالمين 76/1

ائمہ حديث ان واقعي جو جيڪو تفصيل بيان ڪيو آهي، اسين اڳتي ان جو تت پيش ڪنداسين.

ابنِ قيم لکي ٿو تہ صحيح قول مطابق پاڻ سڳورن ﷺ کي سندن جسم مبارڪ سميت براق تي سوار ڪري حضرت جبرئيل عہ جي اڳواڻيءَ ۾ مسجد الحرام کان بيت المقدس تائين سير ڪرايو ويو. پوءِ پاڻ اتي لٿا ۽ براق کي مسجد جي دروازي جي ڪڙي ۾ ٻڌي، نبين کي نماز

پڙهايائون. تنهن کانپوءِ ان ئي رات پاڻ سڳورن ﷺ کي بيت المقدس مان پهرئين آسمان تي وٺي ويا. جبرئيل عہ دروازو کولايو. پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ دروازو پٽيو ويو. اتي پاڻ سڳورن ﷺ انسانن جي پيءُ حضرت آدم عہ کي ڏٺو ۽ کين سلام ڪيائون. انهن، کين ڀليڪار ڪئي، سلام جو جواب ڏنو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت جو اقرار ڪيو. الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ کي انهن جي ساڄي طرف نيڪ روح ۽ کاٻي پاسي بدبختن جا روح ڏيکاريا.

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻئي آسمان تي آندو ويو ۽ دروازو کولايو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ اتي حضرت يحييٰ بن زڪريا عہ ۽ حضرت عيسيٰ عہ کي ڏٺو، ٻنهي سان ملاقات ڪئي ۽ سلام ڪيو. ٻنهي سلام جو جواب ڏنو، مبارڪون ڏنيون ۽ نبوت جو اقرار ڪيو.

پوءِ ٽئين آسمان تي ويا، جتي پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت يوسف عہ کي ڏٺو ۽ سلام ڪيو. انهن بہ جواب ڏنو ۽ مبارڪون ڏنيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت جو اقرار ڪيو.

پوءِ چوٿين آسمان تي آندو ويو. اتي پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت ادريس عہ کي ڏٺو ۽ کين سلام ڪيو. انهن جواب ڏنو ۽ ڀليڪار ڪئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت جو اقرار ڪيو.

پوءِ کين پنجين آسمان تي آندو ويو. اتي حضرت هارون عہ کي ڏٺائو ۽ سلام ڪيائون. انهن بہ موٽ ۾ سلام ڪري ڀليڪار ڪئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت جو اقرار ڪيو.

پوءِ پاڻ ڇهين آسمان تي آندا ويا. اتي سندن ملاقات حضرت موسيٰ عہ سان ٿي. پاڻ سڳورن ﷺ کين سلام ڪيو. انهن جواب ۾ ڀليڪار ڪئي ۽ نبوت جو اقرار ڪيو. البتہ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اتان اڳتي وڌيان تہ اهي روئڻ لڳا. کانئن پڇيو ويو تہ توهان ڇو پيا روئو؟ انهن وراڻيو تہ آئون انکري پيو روئان جو هڪ نوجوان، جيڪو مون کانپوءِ مبعوث ڪيو ويو، ان جي امت جا ماڻهو منهنجي امت کان وڌيڪ انگ ۾ جنت ۾ ويندا.

ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ کي ستين آسمان تي پهچايو ويو. اتي پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت ابراهيم ع سان ملاقات ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ سلام ڪيو، انهن جواب ڏنو ۽ مبارڪون به ڏنيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي نبوت جو به اقرار ڪيو.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي سدره المنتهيٰ تائين آندو ويو. پوءِ پاڻ سڳوورن ﷺ لاءِ بيت المعمور کي پڌرو ڪيو ويو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي خداءِ جبار جل جلاله جي دربار ۾ آندو ويو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ، الله تعاليٰ جي ايترو ويجهو پهتا جو ٻن ڪمانن جي برابر يا ان کان به گهٽ فاصلو وڃي بچيو. ان وقت الله تعاليٰ وحي نازل ڪئي ۽ پنجاهه وقت نماز فرض ڪئي. ان بعد پاڻ سڳورا ﷺ واپس ٿيا. جڏهن حضرت موسيٰ ع جي ويجهو لنگهيا ته انهن پڇيو ته الله تعاليٰ اوهان کي ڪهڙو حڪم ڏنو آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ وراڻيو ته پنجاهه نمازن جو. انهن پڇيو ته "توهان جي امت ان جو ست نه ساري سگهندي. پنهنجي پالڻهار وٽ وري وڃو ۽ پنهنجي امت لاءِ گهٽتائيءَ

جو سوال ڪريو." پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت جبرئيل عہ ڏانهن ڏٺو. جڻ ڪائنس صلاح وٺي رهيا هجن. انهن اشارو ڪيو تہ ها جي اوهان چاهيو تہ. ان ڪانپوءِ جبرئيل عہ، پاڻ سڳورن ﷺ وري خدا تعاليٰ جي حضور ۾ وٺي آيا ۽ اهي پنهنجي جڳهہ تي هئا. صحيح بخاريءَ جا لفظ اهي آهن. ان ڏهہ نمازون گهٽائي ڇڏيون ۽ پاڻ سڳورا ﷺ هيٺ لٿا. جڏهن وري حضرت موسيٰ عہ وٽان لنگهيا تہ انهن کي خبر ڏنائون. انهن چيو تہ "توهان پنهنجي رت وٽ وري وڃو ۽ اڃا بہ گهٽتائيءَ جو سوال ڪريو." اهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ عہ ۽ الله عز و جل جي وچ ۾ اچ وڃ لڳاتار هلندي رهي. تانت الله پاڪ رڳو پنج نمازون باقي رکيون. ان ڪانپوءِ بہ موسيٰ عہ، پاڻ سڳورن ﷺ کي واپس وڃي نمازون گهٽرائڻ جو مشورو ڏنو. پر پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هاڻي مونکي پنهنجي رب کان شرم پيو محسوس ٿئي. آئون ان تي راضي آهيان ۽ پنهنجو سر جهڪايان ٿو. پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ٿورو پري ويا تہ آواز آيو تہ مون

پنهنجو فريضو مقرر ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجن ٻانهن تان (فرض جو بار) گهٽائي ڇڏيو.(1)

حاشيو (1) زاد المعاد 2/47، 48

ان بعد ابن قيم ان بابت اختلاف جو ذڪر ڪيو آهي تہ ڇاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي رب ڪي ڏٺو هو يا نہ؟ پوءِ امام ابن تيميہ جي هڪ تحقيق جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو تت اهو آهي تہ اک سان ڏسڻ جو موربُوئي ڪو ثبوت نہ آهي ۽ نہ ڪو اصحابي ان جو قائل آهي ۽ ابن عباس کان سڌو سنئون ڏسڻ ۽ دل سان ڏسڻ جا ٻہ قول منقول آهن. انهن مان ڪوبہ هڪٻئي جي ابتڙ نہ آهي. ان بعد امام ابن قيم لکي ٿو تہ سوره نجم ۾ الله تعاليٰ جو اهو ارشاد آهي تہ "ثم دنا فتدليٰ (8:53)

ترجمو:-

تہ اهو ان ويجهڙائپ کان ڌار آهي، جيڪا معراج جي واقعي ۾ ٿي هئي. ڇو تہ سوره نجم ۾ جنهن ويجهڙائپ جو ذڪر آهي، ان مان مراد حضرت جبرئيل عہ جي قربت ۽ تدليٰ آهي. جيئن بيبي عائشہ رﷺ ۽ ابن مسعود رضہ

فرمايو آهي ۽ ان جي برخلاف معراج واري حديث ۾ جنهن قربت ۽ ددلي جو ذڪر آهي، ان بابت واضغ ٿيل آهي تہ اها رب پاڪ سان ويجهڙائپ ۽ تدلي هئي ۽ سوره نجم ۾ ان تي مورڳو ڳالهايو ئي نہ ويو آهي. بلڪ ان ۾ اهو چيو ويو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ٻيو ڀيرو ڪين سدره المنتهيٰ وٽ ڏٺو ۽ اهو حضرت جبرئيل عہ هو. ڪين محمد ﷺ اصلي شڪل ۾ ٻہ ڀيرا ڏٺو هو. هڪ ڀيرو زمين تي ۽ هڪ ڀيرو سدره تلامنتهيٰ وٽ. والله اعلم.(1)

حاشيو (1) زاد المعاد 47/2، 48 ۽ صحيح بخاري 50/1، 455، 456، 470، 471، 481، 548، 549، 550 - 684/2 - صحيح مسلم 91/1، 92، 93، 94، 95، 96

هن ڀيري ٻہ پاڻ سڳورن ﷺ جي سينو چيرڻ جو واقعو پيش آيو ۽ پان سڳورن ﷺ کي هن سفر دوران گهڻيون ئي شيون ڏيکاريون ويون.

پاڻ سڳورن ﷺ کي کير ۽ شراب پيش ڪيا ويا. پاڻ سڳورن ﷺ کير قبوليو. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ

ڪي ڇيو ويو تہ اوهانڪي فطرت جيراهہ ڏسي وئي يا توهان فطرت جي راهہ ڏِسي ورتي ۽ ياد رکو تہ جيڪڏهن پاڻ سڳورا ﷺ شراب وٺن ها تہ سندن امت گهمراه ٿي وڃي ها.

پاڻ سڳورن ﷺ جنت ۾ چار نهرون ڏٺيون. ٻہ ظاهري ۽ ٻہ باطني. ظاهري نيل ۽ فرات هيون. (ان جو مطلب شايد اهو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي رسالت نيل ۽ فرات جي سرسبز وادين کي پنهنجو وطن بنائيندي، يعني هتي جا رهاڪو نسل در نسل مسلمان ٿيندا. اهو نہ تہ انهن ٻنهي نهرن جي نڪرڻ جو هنڌ جنت ۾ آهي. والله اعلم)

پاڻ سڳورن ﷺ مالڪ نالي جنت جو داروغو بہ ڏٺو، جيڪو ڪلندو ڪونہ هو ۽ نہ ئي سندس منهن تي خوشي ۽ تازگي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جنت ۽ جهنم بہ ڏٺا.

پاڻ سڳورن ﷺ اهي ماڻهو بہ ڏٺا، جيڪي ظلم ڪري يتيمن جو مال کائي ويندا هئا. انهن جا چپ اٺن جي چپن جيئن هئا ۽ اهي پنهنجي وات ۾ پٿرن جهڙا ٽاندا وجهي

رهيا هئا، جيڪي ٻئي طرف انهن جي ڪاڪوس واري جاءِ تان نڪري رهيا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ وياج خور بہ ڏٺا. انهن جا پيٽ ايڏا وڏا هئا جو اهي پنهنجي جاءِ تان هيڏانهن هوڏانهن چري بہ نٿي سگهيا ۽ جڏهن فرعون جي لشڪر ڪي باهہ ۾ وجهڻ لاءِ وٺي وڃڻ ليا تہ اهي وٽانئن لنگهڻ مهل ڪين لتاڙي ٿي ويا.

پاڻ سڳورن ﷺ زانين ڪي بہ ڏٺو. انهن اڳيان تازو ۽ چرٻيءَ وارو گوشت هو ۽ ان سان گڏوگڏ سڙيل وڪا بہ هئا. اهي ماٺهو تازو گوشت ڇڏي سڙيل ڇيڇڙا ڪائي رهيا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ انهن ماين ڪي بہ ڏٺو، جيڪي پنهنجن مڙسن جي نالن تي ٻين جا ٻار داخل ڪنديون هيون. (يعني ٻين کان زنا ڪرائي پيٽ سا نٽينديون هيون، پر لاعلميءَ ڪري ٻار سندن مڙسن جا ليکيا ويندا هئا.) پاڻ سڳورن ﷺ ڏٺو تہ سندن ڇاتين ۾ وڏا وڏا مڙيل ڪانٽا چيي ڪين آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ لٽڪايو ويو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ اچڻ وڃڻ مهل مڪي وارن جو هڪ قافلو بہ ڏٺو ۽ انهن جو هڪ اٺ بہ ڏٺو، جيڪو پڙڪو ڪائي پيڇي ويو هو. پاڻ سڳورن ﷺ انهن جو پاڻيءَ بہ پيتو جو هڪ ڍڪيل ٿانوَ ۾ رکيل هو. ان وقت قافلي وارا ستل هئا. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٿانو جيئن جو تيئن ڍڪي ڇڏيو. اها ڳالهہ معراج جي صبح پاڻ سڳورن ﷺ جي دعويٰ جي سچائيءَ لاءِ دليل ثابت ٿي.(19

حاشيو (1) پويان بئي حوالا ۽ ابن هشام 397/1، 402، 406 ۽ تفسير جا ڪتاب، تفسير سوره اسراء

علامہ علامہ ابن قيم جو چوڻ آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ صبح جو پنهنجي قوم کي انهن وڏين نشانين جي خبر ڏني، جيڪي الله عزوجل پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏاڪاريون هيون تہ قوم جي انڪار ۽ اهنج پهچائڻ ۾ واڌ اچي وئي. انهن پاڻ سڳورن ﷺ کان سوال ڪيو تہ بيت المقدس جي ڪيفيت ٻڌايو. ان تي الله تعالي، پاڻ سڳورن ﷺ آڏو بيت المقدس ظاهر ڪيو. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ قوم کي ان جا اهڃاڻ ٻڌائڻ شروع ڪيا ۽

اهي ڪنهن بہ ڳالهہ کي رد نہ ڪري سگهيا. پاڻ سڳورن ﷺ ايندي ويندي سندن هڪ قافلي کي ڏسڻ جو بہ ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو تہ اهو ڪهڙي وقت پهچندو. پاڻ سڳورن ﷺ ان اٺ جا پار پتا بہ ٻڌايا، جيڪو قافلي ڪان اڳيان اچي رهيو هو. پوء جيئن پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌايو هو، تيئن ئي ٿيو. پر پوء بہ سندن نفرت نہ گهٽ ٿي ۽ ڪفر ڪندي ڪجهہ بہ مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون.(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 48/1 ۽ ڏسو صحيح بخاري 684/2 - صحيح مسلم 96/1 - ابن هشام 402/1، 403

چيو وڃي ٿو تہ ابو بڪر رضہ کي صديق جو خطاب ان ئي موقعي تي ڏنو ويو. ڇو تہ ان، هن واقعي جي اهڙي وقت تصديق ڪئي، جڏهن ٻيا سڀ تڪذيب ڪري رهيا هئا.(2)

حاشيو (2) ابن هشام 399/1

معراج جو فائدو ٻڌائيندي جيڪا سڀ کان نندي پر عظيم ڳالهہ ڪئي وئي، اها هيءَ آهي تہ لنريہ من آياتنا (1:17)

ترجمو:

ٻين نبين جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ جي اها ئي سنت آهي. ارشاد آهي تہ

كذالک..........الموقنين (75:6)

۽ موسيٰ عہ کي فرمايو تہ

لنريک ....الكبريٰ (23:20)

پوء انهن آيتن ڏيکارڻ جو مقصد الله تعاليٰ پنهنجي ارشاد وليكون من الموقنين ذريعي واضح کيو، تنهنكري جڏهن نبي سڳورن جي علميت کي ان طرح جي مشاهدن جي سند حاصل ٿي وڃي ٿي تہ کين عين اليقين جو مقام ملي ويو ٿي. جنهن جو اندازو لڳائڻ ممكن ناهي. اهو ئي سبب آهي جو نبي سڳورا، الله جي راهہ ۾ اهڙيون اهڙيون سختيون سهي ويندا هئي، جن کي کو ٻيو سهي نٿي سگهيو. اصل ۾ سندن نگاهن ۾ دنيا جون سڀ قوتون ملي بہ مڇر جي پر جيتري بہ حيثيت نٿي اختيار ڪري سگهيون. ان ڪري ئي اهي انهن قوتن پاران مليل سختين ۽ اهنجن جي كابہ پرواه نہ كندا هئا.

معراج جي واقعي ۾ لڪل جيڪي ٻيون حڪمتون ۽ اسرار ڪم ڪري رهيا هئا، انهن تي شريعت جي ڪتابن ۾ بحث ٿيڻ گهرجي. باقي ڪجهه خاص خاص حقيقتون اهڙيون آهن، جيڪي هن ڀلاري سفر جي سرچشمن مان ڦٽي سيرت نبوي جي گلسن ڏانهن روان دوان آهن، ان ڪري هتي مختصر لکڻ ضروري آهن.

اوهان ڏسندا ته اللهتعاليٰ سوره اسراء ۾ اسراء جو واقعو رڳو هڪ آيت ۾ ٻڌائي ڪلام جو رخ يهودين جي سياهڪارين ۽ جرمن ڏانهن موڙي ڇڏيو آهي، پوء انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته هي قرآن ان راهه جي هدايت ڏي ٿو، جيڪا سڀ کان سڌي ۽ صحيح راهه آهي. قرآن پڙهڻ واري کي ڪڏهن ڪڏهن شڪ پوي ٿو ته ٻئي ڳالهيون بي جوڙ آهن، پر حقيقت ائين ناهي. بلڪ الله تعاليٰ هن طريقي سان اهو اشارو ڪري رهيو آهي ته هاڻي يهودي، انسانن جي اڳواڻيءَ کان معزول ٿيڻ وارا آهن. ڇو ته انن اهڙا اهڙا ڏوهه ڪيا آهن، جن جي ڪري هو ان منصب جي لائق نه رهيا آهن. انڪري هاڻي اهو منصب پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي سونپيو

ويندو ۽ حضرت ابراهيم، عہ جي ديني دعوت جا ٻئي مرڪز سندن هٿ هيٺ ڏنا ويندا. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٺي چئجي تہ روحاني قيادت هڪ امت کان ٻيءَ امت ۾ منتقل ڪئي ويندي.

پر اها قيادت ڪيئن تي منتقل ٿي سگهي، جڏهن تہ هن امت جو رسول مڪي جي جبلن تي ماڻهن جي وچ پئي ڦريو؟ ان وقت اهو هڪ سوال هو، جيڪو هڪ ٻي حقيقت تان پردو کڻي رهيو هو تہ اسلامي دعوت جي هڪ دور جي پڄاڻي ٿيڻ واري آهي ۽ ٻيو دور شروع ٿيڻ وارو آهي، جنهن جو ڏارو پهرئين کان مختلف هوندو. انڪري اسين ڏسون ٿا تہ ڪن آيتن ۾ مشرڪن کي چٽيون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن. ارشاد آهي واذا..................تدميرا(16:17)

وكم اهلكنا ....بصيرا(17:27)

انهن آيتن سان گڏوگڏ ڪجهہ اهڙيون آيتون بہ آهن، جن ۾ مسلمانن کي اهڙا تمدني قائدا ۽ ضابطا ٻڌايا ويا آهن، جن تي اسلامي معاشري جي تعمير ٿيڻ هئي. ڄڻ اهي ڪنهن اهڙي وطن ۾ ٺاڪ ڪري چڪا هجن، جتي هر لحاظ

سان سندن معاملا سندن هٿ ۾ هجن. انڪري ئي انهن آيتن ۾ اشارو آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ تمام جلد اهڙي امن واري جاء ۾ پناهہ وارو هنڌ حاصل ڪندا، جتي پاڻ سڳورن ﷺ جي دين ڪي سگهہ ملندي.

اها اِسراء ۽ معراج جي پلاري واقعي جي تهہ ۾ لڪل حڪمتن ۽ رازن مان هڪ راز ۽ هڪ اهڙو حڪمت آهي، جنهن جو اسانجي موضوع سان سڌو سنئون واسطو آهي. ان ڪري ان جو بيان ڪرڻ مناسب سمجهيم. ان طرح ئي ٻن وڏين حڪمتن تي نظر وجهڻ ڪانپوء اسان اها راء قائم ڪئي آهي تہ اسراء جو هي واقعو يا تہ بيعت عقبہ اوليٰ کان ڪجهہ اڳ جو آهي يا عقبہ جي ٻنهي بيعتن جي وچ جو آهي. والله اعلم

پهرين بيعت عقبہ(1)

حاشيو (1) عقبہ (ع - ق - ب ٽنهي تي زبر) گهاٽي، سوڙهي پهاڙي لنگهہ کي چئبو آهي. مڪي کان منيٰ ايندي ويندي منيٰ جي الهندي ڪناري تي هڪ سوڙهي جابلو لنگهہ تان لنگهڻو پوي ٿو. ان جو نالو عقبہ مشهور آهي. ذوالحج جي ڏيهن تاريخ تي جنهن جمره (شيطان) کي پٿريون هڻبيون آهن، اهو بہ ان ئي لنگهہ جي پيڙي تي آهي. ان ڪري ان کي جمرهء عقبہ پڻ چئجي ٿو. ان جمره جو نالو همرهء ڪبريٰ بہ آهي. باقي ٻہ جمره ان جي اوپر ۾ ٿورو پري آهن. جيئن تہ منيٰ جو سڄو ميدان، جتي هاجي رهن ٿا، انهن ٽنهي جمرن جي اوپر ۾ آهي، انڪري سڄي اچ وڃ ان پاسي ئي ٿئي ٿي ۽ پٿريون هڻڻ بعد ان طرف ماڻهن جي اچ وڃ ختم ٿيو وڃي. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ بيعت وٺڻ لاء ان جڳهہ جي چونڊ ڪئي. ان مناسبت ڪري ان کي بيعت عقبہ چئجي ٿو. هاڻي جبل ڪٽي اتان ويڪرا رستا ٺاهيا ويا آهن.

اسان ٻڌائي آيا آهيون تہ نبوت جي يارهين سال حج جي ڏينهن ۾ يثرت جي ڇهن ماڻهن اسلام قبوليو هو ۽ پاڻ

سڳورن ﷺ سان وعدو ڪيو هئائون ته پنهنجي قوم ۾ وڃي پاڻ سڳورن ﷺ جي رسالت جي تبليغ ڪندا. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته ٻئي سال جڏهن حج جا ڏانهن آيا (يعني ذوالحج ٻارنهن نبوي سال، مطابق جولاء 621ع) ته ٻارنهن ڄڻا پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيا. انهن ۾ حصرت جابر بن عبدالله بن رئاب کي ڇڏي باقي پنج ساڳيا گذريل سال وارا هئا. انهن ڪانسواء ست ڄڻا نوان هئا، جن جا نالا هن ريت آهي:

1. معاذ رضه بن الهارث ابن عفراء قبيلو بني النجار (خزرج)
2. ذڪوان رضه بن عبدالقيس قبيلو بني زريق (خزرج)
3. عباده رضه بن صامت قبيلو بني غنم (خزرج)
4. يزيد رضه بن ثعلبه بني غميم جو حليف (خزرج)
5. عباس رضه بن عباده بن نضله قبيلو بني سالم (خزرج)

6. ابو الهيثم رضہ بن التهيان قبيلو بني عبدالاشهل (اوس)

7. عويم رضہ بن ساعده قبيلو بني عمرو بن عوف (اوس)

انهن مان رڳو آخري ٻہ ڄڻا اوس قبيلي جا هئي، باقي سڀ خزرج قبيلي جا هئا.(1) انهن، پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم سان منيٰ ۾ عقبہ وٽ ملاقات ڪئي ۽

حاشيو (1) رحمت اللعامين 85/1 - ابن هشام 431/1 کان 433

پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم سان منيٰ ۾ عقبہ وٽ ملاقات ڪئي ۽ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم سان ڪن ڳالهين تي بيعت ڪئي. اِهي اهي ئي ڳالهيون هيون، جن ڪي صلح حديبيہ ۽ مڪي جي فتح وقت عورتن کان بيعت ورتي وئي.

عقبہ جيان بيعت جو تفصيل صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عباده بن صامت رضہ کان آيل آهي، جنهن فرمايو تہ "اچو! مون سان ان ڳالهہ جي بيعت ڪريو تہ الله سان ڪنهن بہ شيء کي شريڪ نہ ڪندؤ، چوري نہ ڪندؤ، زنا نہ ڪندؤ،

پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪندؤ، پنهنجن هٿن پيرن منجهنا گهڙي ڪنهن تي بهتان نہ آڻيندؤ ۽ ڪنهن چڱي ڳالهہ ۾ منهنجي نافرماني نہ ڪندؤ. جيڪو ماڻهو اهي سڀ شرط پورا ڪندو، الله ان کي اجر ڏيندو ۽ جيڪو ماڻهو انهن مان ڪو ڪم ڪري ويهندو تہ ان کي دنيا ۾ ئي ان جي سزا ڏين ويندي تہ اها ان جو ڪفارو هوندي ۽ جيڪو ماڻهو ان مان ڪو ڪم ڪري ويندو ۽ الله ان تي ڍڪ رکندو تہ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي. وڻيس تہ سزا ڏيس ۽ وڻيس تہ معاف ڪري ڇڏيس." حضرت عباده رضہ فرمائي ٿو تہ اسان ان تي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان بيعت ڪئي.(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري، باب بعد حلاوه الايمان 7/1، بات و فود الانصار 550/1، 551 - باب قولہ تعاليٰ اذاجائڪ المؤمنات 727/2، باب الحدود ڪفاره 1003/2

مديني ۾ اسلام جو سفير:- بيعت پوري ٿي ۽ حج بہ ختم ٿيو تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم انهن همراهن سان گڏ يثرت ڏانهن پهريون سفير موڪليو، جيئن اهو مسلمانن کي اسلامي

حڪمن جي تعليم ڏي ۽ انهن کي دين سيکاري ۽ جيڪي ماٺهو اجا تائين مشرڪ آهن، انهن ۾ اسلام جي اشاعت ڪري. پاڻ سڳورن ﷺ ان ڪم لاءِ حضرت مصعب بن عمير عبدري رضہ کي چونديو جيڪو اوائلي مسلمانن مان هو.

وڏي ڪاميابي:- حضرت مصعب بن عمير رﷺ مديني پهتو تہ حضرت اسعد بن زراره رﷺ جي گهر ۾ رهيو. پوءِ ٻنهي ملي يثرت وارن آڏو جوس ۽ خروش سان اسلام جي تبليغ ڪئي. حضرت مصعب رضہ "مقري" جي لقب سا نمشهور ٿيو. (مقري معنيٰ پڙهائڻ وارو. تڏهن استاد کي مقريي چئبو هو.)

تبليغ جي سلسلي ۾ سندن ڪاميابيءَ جو هڪ شاندار واقعو اهو آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ حضرت اسعد بن زراره رضہ سان گڏ بني الاشهل ۽ بني ظفر جي پاڙي ۾ ويو ۽ اتي بني ظفر جي هڪ باغ ۾ مرق نالي کوهہ وٽ ويهي رهيو. وٽن ڪجهہ مسلمان اچي گڏ ٿيا. ان مهل تائين بني عبدالاشهل جا ٻئي سردار يعني حضرت سعد بن معاذ رضہ ۽ حضرت

اسيد بن حضير رضہ مسلمان نہ ٿيا هئا ۽ اجا مشرڪ هئا. جڏهن ڪين خبر پئي تہ حضرت سعد رضہ حضرت اسيد رضہ کي چيو تہ ٿورو وڃي انهن ٻنهي کي دابا ڏئي اچ، جيڪي اسانجن ابوجهہ ماڻهن کي ورغلائڻ آيا آهن. ڪين پاڙي ۾ اچڻ کان بہ روڪي ڇڏ. جيئن تہ اسعد بن زراه رضہ منهنجو ماسات آهي، (انڪري توکي پيو موڪليان) نہ تہ اهو ڪم آئون پاڻ ڪريان ها.

اسيد رضہ پنهنجو حربو ڪنيو ۽ انهن ٻنهي وٽ پهتو. حضرت اسعد رضہ ڪين ايندو ڏسي حضرت مصعب رضہ کي چيو تہ "اهو پنهنجي قوم جو سردار تو وٽ پيو اچي. ان بابت الله تعاليٰ سان سچائي اختيار ڪجان." حضرت مصعب رضہ چيو تہ "جي هيءُ ويٺو تہ ساڻس ڳالهائيندس." اسيد رضہ وويجهو پهچيو ڪين ڌڙڪا ڏيڻ لڳو. چيائين تہ "توهان ٻئي اسان وٽ ڇو آيا آهيو؟ اسانجن ابوجهہ ماڻهن کي بيوقوف پيا ڪريو؟ ياد رکو! جيڪڏهن هان پياري اٿوَ هتان هليا وڃو." هضرت مصعب رضہ چيو تہ "ڇو نہ اوهان ويهو ۽ ڪجهہ ٻڌي وٺو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ وڻي تہ قبولجوءُ نہ وڻي

تہ ڇڏي ڏجوءِ." حضرت اسيد رضہ چيو تہ "ڳالھ تہ انصاف واري آھي. ان کانپوءِ حربو زمين ۾ هڻي ويھي رھيو." ھاڻي حضرت مصعب رضہ اسلام تي ڳالھائڻ شروع ڪيو ۽ قرآن پڙھي ٻڌايو. سندن چوڻ آھي تہ بخدا اسان حضرت اسيد رضہ جي ڳالھائڻ ڪان اڳ ئي سندن مک تي رونق مان اسلام آڻڻ جو پتو لڳائي ڇڏيو ھو. ان کانپوءِ ان زبان کولي تہ فرمايائين تہ "اھو تہ ڏاڍو عمدو ۽ خوبتر آھي. توھان کنھن کي اِن دين ۾ ڪيئن داخل ڪندا آھيو؟" انھن چيو تہ "اوھان اتي تڙ ڪريو ۽ پاڪ ڪپڙا پائي پوءِ حق جي شھادت ڏيو. پوءِ بہ رڪعتون نماز پڙھو." ھن اتي تڙ ڪيو يا ڪپڙا پاڪ ڪيا. شھادت جو ڪلمو پڙھيو ۽ بہ رڪعتون نماز پڙھي. پوءِ چيائين! منھنجي پنيان ھڪ ٻيو ماڻھو بہ آ:. جيڪڏھن اھو تنھنجو پوئلڳ ٿي وڃي تہ ھن جي قوم جو ڪوبہ ماڻھو پنيان نہ رھندو ۽ آئون ان کي اجھو ٿو توھان وٽ موڪليان. (اشارو حضرت سعد بن معاذ رضہ ڏانھن ھو)

ان بعد حضرت اسيد رضہ پنھنجو حربو کنيو ۽ موٽي حضرت سعد رضہ وٽ آيو. جيڪو پنھنجي قوم سان گڏ

ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو. (حضرت اسيد رضہ کي ڏسي) چيائين "آئون خدا جو قسم کڻي چوان ٿو تہ هيءُ همراه جهڙو منهن کڻي اهونا وٽ اچي پيو، اِهو اُهو منهن نہ آهي، جيڪو کڻي ويو هو." پوءِ جڏهن حضرت اسيد رضہ ميڙ وٽ پهتو تہ حضرت سعد رضہ کانئن پڇيو تہ ڇا ڪري آئين؟ هن وراڻيو تہ "مون انهن کي روڪي ڇڏيو آهي ۽ انهن بہ چيو آهي تہ اهو ئي ڪندا، جيڪو اوهان چاهيندا ۽ مونکي پتو پيو آهي تہ بني حارثہ جا ڪي ماڻهو اسعد بن زراره رضہ کي قتل ڪرڻ ويا آهن ۽ ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اهي ڄاڻن ٿا تہ اسعد اوهانجو ماسات آهي، انڪري هو چاهين ٿا تہ توهان جو عهد ٽوڙي وجهن." اهو ٻڌي سعد رضہ ڪاوڙ ۾ ٽپ ڏئي اٿيو ۽ نيزو کڻي سڌو وٽن پهتو. ڏٺائين تہ ٻئي ڄڻا مزي سان ويٺا آهن. پاڻ سمجهي ويو تہ اسيد رضہ جي مرضي اها هئي تہ پاڻ بہ انهن جون ڳالهيون ٻڌي. پر انهن وٽ پهچي ڌڙڪا ڏيڻ شروع ڪيائين. پوءِ اسعد بن زراره رضہ کي مخاطب ٿي چيائين تہ "اي ابو امامہ! خدا جو سنهن! جيڪڏهن تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ مائٽي نہ هجي ها تہ تون

مون مان اها اميد بہ نہ رکين ها جو اسانجي پاڙي ۾ اچي اهڙيون حرڪتون ڪري ها، جيڪي اسان کي نٺيون وڻن.

هوڏانهن حضرت اسعد رضہ، حضرت مصعب رضہ کي پهرين ٻڌائي ڇڏيو هو تہ بخدا اسان وٽ هڪ اهڙو سردار اچي پيو، جنهن جي پٺيان سندس سڄي قوم آهي. جيڪڏهن هن تنهنجي ڳالهہ مڃي ورتي تہ پوءِ انهن مان ڪير بہ پوئتي نہ رهندو. ان ڪري حضرت مصعب رضہ، حضرت سعد رضہ کي چيو تہ "ڇو نہ اوهان هتي ويهو ۽ منهنجون ڪي ڳالهيون ٻڌي وٺو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ وڻي تہ قبولجوءِ نہ وڻي تہ اسان اها ڳالهہ نہ ڪنداسين." حضرت سعد رضہ چيو تہ "ڳالهہ تہ صحيح ٿو ڏئين." ان ڪانپوءِ پنهنجو نيزو زمين ۾ هڻي ويٺو. حضرت مصعب رصلى الله عليه وسلم کين اسلام جو پيغام پهچايو ۽ کين پڙهي ٻڌايو. سندن چوڻ آهي تہ اسانکي حضرت سعد رضہ جي ڳالهائڻ کان اڳ ئي سندن چهري جي رونق مان اسلام ڏانهن اچڻ جي پروڙ پئجي وئي هئي. ان ڪانپوءِ هن زبان کولي ۽ فرمايو تہ "توهان اسلام قبولڻ مهل ڇا ڪندا آهيو؟" انهن چيو تہ توهان تڙ ڪريو، ڪپڙا پاڪ ڪريو،

پوءِ حق جي شاهدي ڏيو، پوءِ ٻه رڪعتون نماز پڙهو."
حضرت سعد رضہ ائين ڪيو. ان ڪانپوءِ پنهنجو نيزو کڻي
پنهنجي قوم ۾ آيو. ماڻهن ڏسي چيو ته "بخدا سعد رضہ
جيڪو چهرو کڻي ويو هو، ان بدران ٻيو کڻي موٽيو آهي."
پوءِ جڏهن حضرت سعد رضہ ميڙ وٽ پهتو ته چيائين ته "اي
بني الاشهل! توهانجي مون بابت ڪهڙي راءِ آهي؟" انهن
چيو ته "توهان اسانجا سردار آهيو، سڀ کان وڌيڪ سمجهه
وارا آهيو ۽ اسان ۾ سڀ کان ڀلارا آهيو." هن چيو ته "چڱو
ته پوءِ ٻڌو! هاڻي توهانجي مردن ۽ عورتن سان ڳالهائڻ مون
لاءِ تيستائين حرام آهي، جيستائين توهان الله ۽ ان جي
رسول تي ايمان نٿا آڻيو." سندن ان ڳالهه جو اثر اهو نڪتو
جو شام ٿيندي ٿيندي ان قبيلي جو ڪوبه مرد ۽ ڪابه
عورت اهڙي نه بچي، جو مسلمان نه ٿي هجي. رڳو هڪ
ماڻهو اصيرم هو، جيڪو جنگ احد تائين مسلمان نه ٿيو.
پوءِ احد واري ڏينهن هن اسلام قبوليو ۽ جنگ ۾ وڙهندي
شهيد ٿيو. ان اجا الله تعاليٰ جي حضور ۾ هڪ به سجدو نه

ڪيو هو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ هن عمل ٿورو ڪيو، پر اجر وڏو پاتو.

حضرت مصعب رضہ، حضرت اسعد رضہ بن زراره جي گهر ۾ ئي رهي اسلام جي تبليغ ڪندو رهيو. تانت انصارن جو ڪوبہ اهڙو گهراڻو نہ بچيو، جنهن ۾ ڪجهہ مرد ۽ عورتون مسلمان نہ ٿيا هجن. رڳو بني اميہ بن زيد ۽ خطمہ ۽ وائل جا ڪي گهراڻا وڃي رهيا. مشهور شاعر قيس بن اسلت انهن جو ئي ماڻهو هو ۽ هي ماڻهو سندن ڳالهہ مڃيندا هئا. ان شاعر ڪين خندق جي جنگ (سن 5 هجري) تائين اسلام کان پري رکيو. بهرحال ٻئي سال حج جي موسم يعني تيرهين نبوي سال جي صبح ٿيڻ کان اڳ حضرت مصعب بن عمير رضہ ڪاميابيءَ جون خبرون کڻي پان سڳورن ﷺ وٽ مڪي پهتو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي يثرت جي قبيلن جي حالتن، انهن جي جنگي ۽ بچاءَ جي صلاحيتن ۽ خير جي لياقتن جو تفصيل ٻڌايائين.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 435/1، 438، 90/2 - زاد المعاد 51/2

ٻي بيعت عقبہ

نبوت جي تيرهين سال حج جي ڏينهن (جون 622ع)
۾ يثرت جا ستر کان وڌيڪ ماڻهو حج ڪرڻ لاء مڪي آيا.
اهي پنهنجي قوم جي مشرڪ حاجين سان گڏجي آيا هئا.
اهي يثرت مان ئي يا رستي ۾ ئي هڪ ٻئي کان پڇنطي پئي
آيا تہ اسين ڪيستائين پاڻ سڳورن ﷺ کي ائين ئي
مڪي ۾ جبلن جا چڪر لڳائيندي ۽ پريشان ٿيندي ڏسي
ماٺ رهنداسين. پوء جڏهن اهي مسلمان ڪي پهتا تہ
لڪيچپ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان ملڻ شروع ڪيائون ۽
نيٺ ان ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ ٻئي ڏريون تشريق جي ڏهاڙن
(1) جي وچئينن ڏينهن يعني 12 ذوالحج تي منيٰ ۾ جمرہء
اوليٰ يعني جمره عقبہ واري لنگهہ وٽ جمع ٿيندا ۽ اها
گڏجاڻي رات جي اوندهہ ۾ صفا لڪل نموني ٿيندي.

حاشيو (1) ذوالحج مهيني جي يارهين، ٻارهين ۽ تيرهين
تاريخن کي تشريق وارا ڏهاڙا چئجي ٿو.

اڃو تہ ان تاريخي ميڙاڪي جو احوال، انصارن جي هڪ اڳواڻ واتان ٻڌون جو اهو ئي ميڙ هو، جنهن اسلام ۽ بت پرستيءَ جي جنگ ۾ زماني جو رخ موڙي ڇڏيو هو.

حضرت ڪعب بن مالڪ رضہ جو بيان آهي تہ "اسين حج لاءِ هلياسئين. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان تضريق جي ڏهاڙن جي وڏين رات جو ملڻ جو فيصلو ٿيو ۽ نيٺ اها رات آئي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان ملاقات طئہ هئي. اسان سان، اسانجو هڪ معزز سردار عبداللّٰہ بن حرام بہ هو، جيڪو ان وقت تائين مسلمان نہ ٿيو هو، اسان ان کي ساڻ ڪنيو. اسانجي قوم جا جيڪي مشرڪ هئا، اسان انهن کان سڄو معاملو لڪايو، پر اسان عبداللّٰہ بن حرام سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ کيس چيو تہ اي ابو جابر! اوهان، اسانجا هڪ معزز ۽ شري اڳواڻ آهيو ۽ اوهانکي اوهانجي موجوده حالت مان ڪڍڻ پيا چاهيون، جيئن اوهان سڀاڻي باهہ جو ڪاٺ نہ ٿي وڃو. ان ڪانپوءِ اسان کيس اسلام جي دعوت ڏني ۽ ٻڌايو تہ اڄ عقبہ ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان اسانجي ملاقات

ٽيندي. هن اسلام قبوليو ۽ اسان سان گڏ عقبہ هليو ۽ نقيب پڻ چوندجي ويو."

حضرت ڪعب رضہ واقعي جو تفصيل هن طرح بيان ڪري ٿو تہ "اسين دستور مطابق ان رات جو پنهنجي قوم جي ماڻهن سان ديرن ۾ ستاسين، پر جڏهن رات جو چوٿو حصو گذريو تہ پنهنجن ديرن مان نڪري طئہ ٿيل جڳهہ تي پهتاسين. اسين ان طرح لڪي لڪي نڪتاسين، جيئن جهرڪيون، آکيري مان نڪرنديون آهن. تانت سڀ اچي عقبہ ۾ گڏ ٿياسين. اسان ڪل پنجهتر ڄڻا هئاسين. ٽيهتر مرد ۽ ٻہ مايون. هڪ ام عماره رضہ نسيبہ بنت ڪعب، جيڪا بنو مازن بن نجار قبيلي مان هئي ۽ ٻي ام منيع رضہ اسماء بنت عمرو، جنهن جو تعلق بنو سلمہ قبيلي سان هو.

اسين لنگهہ وٽ گڏ ٿي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. نيٺ اهو لمحو اچي ويو، جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم تشريف ڪٺي آيا. ساڻن گڏ سندن چاچو حضرت عباس بن عبدالمطلب رضہ بہ هو. جيتوڻيڪ هو اجا پنهنجي قوم جي دين تي هو، پر چاهيائين ٿي تہ پنهنجي ڀائيٽئي

جي معاملي ۾ موجود رهي ۽ ان لاءِ پڪو اطمينان حاصل
ڪري وٺي. سڀ ڪان پهرين ان ئي ڳالهائڻ شروع
ڪيو."(1)

حاشيو (1) ابن هشام 1/440، 441

ڳالهه ٻولهه جي شروعات ۽ حضرت عباس رضہ پاران معاملي جي نزاڪت جي تشريح:

- سڀ گڏجي ويٺا تہ ديني ۽ فوجي تعاون جي وعدن وعيدن
ڪي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ جو آغاز ٿيو. پاڻ
سڳورن ﷺ جي چاچي حضرت عباس رضہ سڀ ڪان اڳ
ڳالهايو. سندن مقصد اهو هو تہ تفصيل سان هن ذميداريءَ
جي نزاڪت جي وضاحت ڪئي وڃي، جيڪا انهن وعدن جي
نتيجي ۾ يثرت وارن جي سر تي پوڻ واري آهي. تنهنڪري
هن چيو تہ "خزرج وارؤ! (عربستان جا عام رهاڪو انصارن
جي ٻنهي قبيلن يعني خزرج ۽ اوس کي خزرج ئي چوندا
هئا.) اسان وٽ محمد ﷺ جي جيڪا حيثيت آهي، اها
اوهين ڀليءَ پٽ ڄاڻو ٿا. اسانجي قوم جا جيڪي ماڻهو
ديني طرح اسان جهڙي راءِ رکن ٿا، اسان محمد ﷺ کي

انهن کان محفوظ رکيو آهي. اهي پنهنجي قوم ۽ پنهنجي شهر ۾ قوت ۽ عزت ۽ طاقت ۽ حفاظت ۾ آهن، پر هاڻي اهي توهان وٽ وڃڻ ۽ توهان سان گڏجڻ تي زور پيا ڀرين. تنهنڪري جي توهان سمجهو ٿا ته توهان کين جنهن شيء لاء سڏي رهيا آهيو، ان کي نڀائي ويندا ۽ کين، سندن ويرين کان بچائي سگهندا تڏهن ته نيک آهي، توهان جيڪا ذميواري کنئي آهي، ڀلي کڻو، پر جي توهان جو اندازو آهي ته توهان کين پاڻ سان وٺي وڃڻ بعد اڪيلو ڇڏي ڏيندا ته پوء هينئر کان ئي کين ڇڏي ڏيو. ڇو ته اهي پنهنجي قوم ۽ پنهنجي شهر ۾ وري به عزت ۽ حفاظت سان آهن.

حضرت ڪعب رضہ جو چوڻ آهي ته اسان عباس رضہ کي چيو ته اوهانجي ڳالهہ اسان ٻڌي ورتي. هاڻي رسول الله صلی الله علیه وسلم! توهان ڳالهايو ۽ پنهنجي لاء ۽ پنهنجي رب لاء جيڪي وعدا وعيد وٺڻا هجنوَ سي وٺي وٺو. (1)

حاشيو (1) 1/ 441، 442

هن جو ان مان پتو پوي ٿو تہ هن وڏي بار کي کڻڻ ۽ ان جي خطرناڪ نتيجن کي سهڻ جي سلسلي ۾ انصارن جي پڪي ارادي، شجاعت ۽ ايمان ۽ جوش ۽ اخلاص جو ڇا حال هو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڳالهايو. پهرين قرآن جي تلاوت ڪئي، الله جي رستي تي هلڻ جي دعوت ۽ اسلام جي ترغيب ڏني ۽ پوءِ بيعت ورتي.

بيعت جا شرط:- بيعت جو واقعو امام احمد، حضرت جابر رضہ جي روايت سان تفصيل سان بيان ڪيو آهي. حضرت جابر رضہ ٻڌايو تہ اسان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! اسان اوهان سان ڪهڙي ڳالهہ جي بيعت ڪريون؟

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ت ههنن ڳالهين تہ تہ:

1. چستي ۽ سستي هر حال ۾ ڳالهہ ٻڌندؤ ۽ مڃيندؤ.
2. تنگي ۽ خوشحالي، هر حال ۾ مال خرچيندؤ.
3. ڀلائيءَ جو حڪم ڏيندؤ، برائيءَ کان روڪيندؤ.
4. الله جي راهہ ۾ اٿي کڙا ٿيندؤ ۽ الله جي راهہ ۾ ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت جي پرواهہ نہ ڪندؤ.

5. ۽ جڏهن آئون اوهنا وٽ پهچندس تہ منهنجي مدد ڪندؤ ۽ جنهن شيءِ سان پنهنجي جان پنهنجن ٻارن ٻچن جي حفاظت ڪندا آهيو، ان سان منهنجي حفاظت ڪندؤ.

۽ پوءِ اوهان لاءِ جنت آهي.(1)

حاشيو (1) ان کي امام احمد، "حسن" چيو آهي. امام حاڪم رحہ ۽ ابن حبان رحہ صحيح چيو آهي. ڏسو مختصر السيره، شيخ عبدالله نجدي صفحو 155. ابن اسحاق لڳ ڀڳ ساڳي ڳالهہ حضرت عباده بن صامت رضہ کا روايت ڪئي آهي. البتہ ان ۾ هڪ شرط واڌو آهي تہ اسان حڪمرانن سان حڪومت لاءِ نہ وڙهنداسين. ڏسو ابن هشام 454/1

حضرت ڪعب رضہ جي روايت، جيڪا ابن اسحاق آندي آهي، ان ۾ رڳو آخري شرط (5) جو ذڪر ڪيل آهي. ان ۾ چيو ويو آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم قرآن جي تلاوت، الله جي دعوت ۽ اسلام جي ترغيب ڏيڻ بعد فرمايو تہ "آئون اوهان کان هن ڳالهہ جي بعيت وٺان ٿو تہ توهان ان شيءِ سان منهنجي حفاظت ڪندؤ، جنهن سان پنهنجن ٻارن ٻچن

جي حفاظت ڪندا آهيو." تنهن تي حضرت براء بن معرور رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جو هٿ جهلي چيو تہ ها ان ذات جو قسم، جنهن اوهانکي سچو نبي ڪري موڪليو آهي. اسين پڪ ان شيء سان اوهانجي حفاظت ڪنداسين، جنهن سان پنهنجن ٻارن ٻچن جي ڪندا آهيون. تنهنڪري يا رسول الله ﷺ! توهان اسان کان بيعت وٺو. خدا جو سنهن تہ اسين جعنگ جا پٽ آهيون ۽ هٿيار اسان لاء رانديڪا آهن. اها ريت اسان ۾ ابن ڏاڏن کان هلندي اچي.

حضرت ڪعب رضہ جو بيان آهي تہ حضرت براء رضہ پاڻ سڳورن ﷺ سان ڳالهائي رهيو هو تہ ابو الهيثم بن تيهان ڳالهہ ڪٽي چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! اسان ۽ ڪن ٻين ماڻهن يعني يهودين جي وچ ۾ وعدن وعيدن جا لاڳاپا آهن، جن کي اسان هاڻي ڪٽڻ وارا آهيون. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ اسين ائين ڪري وجهو ۽ پوء الله توهان کي غلبو عطا فرمائي تہ توهان اسانکي ڇڏي پنهنجي قوم ۾ موٽي وڃو!؟"

اهو ٻڌي پاڻ سڳورا ﷺ مرڪيا، پوءِ فرمايائون تہ "(نہ) بلڪ اوهانجو خون ۽ اوهانجي بربادي منهنجي بربادي آهي. آئون اوهان مان آهيان ۽ اوهان مون مان آهيو. جنهن سان اوهان وڙهندؤ، ان سان مان بہ وڙهندس ۽ جنهن سان اوهان صلح ڪندؤ، ان سان آئون بہ صلح ڪندس."(1)

حاشيو (1) ابن هشام 442/1

بيعت جي نزاڪت جي يادگيري ڪرائڻ:-

بيعت جا شرط طئہ ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهن بيعت شروع ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ اڳين قطار مان بہ ٻہ ڄڻا، جيڪي نبوت جي يارهين يا ٻارهين سال مسلمان ٿيا هئا، هڪ ٻئي پويان اٿيا تہ جيئن ماڻهن اڳيان سندن ذميداريءَ جي نزاڪت ۽ خطرناڪي چڱيءَ طرح واضع ڪري سگهن تہ جيئن ماڻهو برو ڀلو چڱيءَ طرح ڄاڻي پوءِ بيعت ڪن. ان جو مقصد اهو پتو لڳائڻ هو تہ قوم قرباني ڏيڻ لاءِ ڪيتري حد تائين تيار آهي.

ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ جڏهن ماڻهو بيعت لاءِ گڏ ٿيا تہ حضرت عباس رضہ بن عباده بن نضلہ چيو تہ"توهان ڄاڻو ٿا تہ انهن سان (اشارو پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن هو) ڪهڙي ڳالهہ ۾ بيعت پيا ڪريو؟" هاها! جي آوازن تي حضرت عباس بن عباده رضہ چيو تہ "توهان، انهن سان سرخ ۽ ڪارن ماڻهن سان جنگ ڪرڻ جي بعيت پيا ڪريو. جي اوهانجو خيال آهي تہ جڏهن توهان جو مال لٽيو ويندو ۽ اوهانجي اشرافن کي قتل ڪيو ويندو تہ توهان، سندن ساٿ ڇڏي ويندا تہ پوءِ هينئر ئي ڇڏي ڏيو. ڇو تہ جيڪڏهن توهان کين وٺي وڃڻ ڪانپوءِ ڇڏي ڏنو تہ دنيا ۽ آخرت ۾ خواري ٿيندي ۽ جي توهان جو اهو خيال آهي تہ مال جي تباهي ۽ اشرافن جي قتل جي باوجود اهو عهد نڀائيندؤ، جيڪو اوهان ڪيو آهي تہ پوءِ بيشڪ توهان کين وٺي هلو، ڇو تہ خدا جو قسم اها ئي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي. تنهن تي سيني هڪ آواز ٿي چيو تہ اسان مال جي تباهي ۽ اشرافن جي قتل جو خطرو سر تي کڻي انهن کي قبوليون ٿا. ها! يا رسول الله ﷺ! اسان اهو عهد پورو

ڪيو تہ اسانکي ان جو ڪهڙو بدلو ملندو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جنت" ماڻهن چيو تہ "پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو. پاڻ سڳورن ﷺ هٿ اڳتي وڌايو ۽ ماڻهن بيعت شروع ڪري ڏني.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 442/1

حضرت جابر رضہ جو چوڻ آهي تہ ان وقت اسان بيعت ڪرڻ اٿياسين تہ حضرت اسعد رضہ بن زراره، جيڪو سڀني آيلن مان ننڍي عمر جو هو، پاڻ سڳورن ﷺ جو هٿ جهليو ۽ چيو تہ "يثرب وارؤ! ٿورو ترسو! اسان پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ڊگهو سفر ڪري ان يقين سان آيا آهيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ، الله جا رسول آهن. اڄ پاڻ سڳورن ﷺ کي هتان وٺي وڃڻ جي معنيٰ آهي سڄي عربستان سان دشمني، توهانجن چونڊ سردارن جو قتل ۽ تلوارن جي مار. انڪري جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ سهي سگهو تہ پوءِ انهن کي وٺي هو ۽ توهان جو اجر الله تي آهي ۽ جي توهانکي پنهنجي جان پياري آهي تہ کين هينئر ئي ڇڏي ڏيو. اهو الله وٽ وري بہ قابلِ قبول عذر هوندو.(2)

حاشيو (2) مسند احمد

بيعت جي تڪميل:- بيعت جا شرط پهرين طئہ ٿي چڪا هئا. هڪ پيرو نزاڪت جي وضاحت بہ ٿي چڪي هئي. هاڻي اها وڏيڪ پارت ٿي تہ مانهن هڪ آواز ٿي چيو تہ "اسعد بن زراره! پنهنجو هٿ پري ڪر. خدا جو قسم! اسان نڪو بعيت ڇڏي ٿا سگهون نہ ئي ٽوڙي ٿا سگهون.(1) ان جواب مان حضرت

حاشيو (1)مسند احمد

اسعد رضہ کي چڱيءَ طرح پروڙ پئجي وئي تہ ڪيتري قدر هن راهہ ۾ جان ڏيڻ لاء تيار آن. حقيقت ۾ حضرت اسعد بن زراره رضہ. حضرت مصعب بن عمير رضہ سان گڏ مديني ۾ اسلام جو سڀ کان وڏو مبلغ هو. انڪري اصولي طور تي پاڻ انهن بيعت ڪندڙن جو ديني سردار بہ هو ۽ ان ڪري ئي سڀ کن پهرين ان ئي بعيت ڪئي، جيئن ابن اسحاق جي روايت آهي تہ بنو النجار وارا چوندا هآ تہ ابو امامہ اسعد رضہ بن زراره سڀ کان پهريون فرد هو، جنهن پاڻ سڳورن

صلى الله عليه وسلم سان هٿ ملايو (2) ۽ ان ڪانپوءِ عام بيعت ٿي ۽ ان جي بدلي ۾ جنت جي بشارت ڏني وئي.(3)

حاشيو (2) ابن اسحاق جو هي بينا آهي ته بن والاشهل وارا چوندا هئا ته سڀ کان اڳ ابو الهثيم بن تيهان بيعت ڪئي ۽ حضرت ڪعب رضہ بن مالڪ چوندو هو ته براء بن معرور رضہ ڪئي. (ابن هشام 447/1) منهنجو خيال آهي ته ٿي سگهي ٿو ته بيعت کان اڳ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان حضرت ابو الهيثم ۽ براء رضہ سان ٿيل ڳالهه ٻولهه کي ئي مانهن بيعت سمجهي ڇڏيو هجي، نه ته ان وقت اڳتي ٿيڻ جو سڀ کان وڏيڪ حقدار اسعد بن زراره رضہ هو. والله اعلم.

حاشيو (3) مسند احمد

باقي رهيون ٻه عورتون، جيڪي ان مهل موجود هيون، انهن جي بيعت زباني ٿي. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪڏهن به ڪنهن اڻڄاڻ عورت کي هٿ نه ڏنو.(1)

حاشيو (1) ڏسو صحيح مسلم، باب ڪيفيت بيعت النساء 131/2

بارنهن نقيب:- بيعت جو سلسلو پورو ٿيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ رٿ پيش ڪئي تہ ٻارنهن اڳوان چونڊيا وڃن، جيڪي پنهنجي پنهنجي قوم ڀاران نمائندا هجن. پاڻ سڳورن ﷺ جو ارشاد هو تہ توهان پاڻ مان ٻارنهن نقيب پيش ڪريو، جيئن اهيءَ ي پنهنجي قوم جي معاملن جا ذميدار ٿين. پاڻ سڳورن ﷺ جي ارشاد تي هڪدم نقيب چونڊيا ويا، جن مان نوَ خزرج مان هئا ۽ ٽي اَوس مان، جن جا نالا هن ريت هئا:

خزرج جا نقيب:-

(1) اسعد بن زراره رضہ بن عدس (2) سعد رضہ بن ربيع بن عمرو (3) عبدالله رضہ بن رواحہ بن ثعلبہ (4) رافع رضہ بن مالڪ بن عجلان (5) براء رضہ بن معرور بن صخر (6) عبدالله رضہ بن عمرو بن حرام (7) عباده رضہ بن صامت بن قيس (8) سعد بن عباده بن دليم (9) منذر رضہ بن عمرو بن خنيس

اوس جا نقيب:-

(1) اسيد رضہ بن حضير بن سماڪ (2) سعد رضہ بن خيثمہ بن حارث (3) رِفاعہ رضہ بن عبدالمنذر بن زبير(2)

حاشيو (2) زبير ۾ "ب" تيندي. ڪن وري "ن" ڄاڻائي زنير لکيو آهي. ڪن سيرت نگارن رِفاعہ بدران اوالهثيم بن تيهان جو نالو لکيو آهي.

جڏهن اهي نقيب چوندجي ويا تہ انهن کان سردار ۽ ذميدار هئڻ جي حيثيت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ قسم ورتو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "توهان پنهنجي قوم جي مڙني ئي معاملن جا ذميدار آهيو." انهن سيني چيو تہ "هائو."(1)

حاشيو (1) ابن هشام 1/443، 444، 446

شيطان جو معاهدو ظاهر ڪرڻ:- معاهدو پورو ٿي ويو ۽ هاڻي ماڻهو ڇڙوڇر ٿيڻ لڳا. جيئن تہ (انڪشاف) آخري لمحن ۾ ٿيو هو ۽ ايترو موقعو نہ هو جو اها ڳالهہ ماٺ ميٺ ۾ قريشن کي ڏني وڃي ۽ اهي اوچتو هن ميڙ تي ڪاهي پون ۽ کين اتي ئي وڃي جهلين. انڪري شيطان جهٽ پٽ

هڪڙي مٿاهين جڳهہ تي چڙهي ڏاڍيان پڙهو ڏنو تہ "خيمي وارؤ! محمد کي ڏسو. هينئر بددين ساڻس گڏ آهن ۽ توهان سان وڙهڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن."

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اهو هن جڳهہ جو شيطان آهي. او الله جا دشمن! ٻڌ. هاڻي تنهنجي لاءِ جلدي واندو ٿي رهيو آهيا." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، ماڻهن کي چيو تہ اهي پنهنجن ٺاڪن تي هليا وڃن.(2)

حاشيو (2) زاد المعاد 51/2

قريشن کي ڏک هڻڻ لاءِ انصارن جي چستي:- ان شيطان جو آواز ٻڌي حضرت عباس رضہ بن عباده بن نضلہ چيو تہ "ان ذات جو قسم! جنهن اوهانکي حق سان نوازي موڪليو آهي، اوهان چاهيو تہ اسان سڀاڻي منيٰ وارن تي تلوارن سان ڪاهي پئون." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اسان کي ان جو حڪم ناهي ڏنو ويو. بس توهان پنهنجن ٺاڪن تي موٽي وڃو. ان ڪانپوءِ ماڻهو موٽي وڃي ستا، تانت صبح ٿي ويو.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 448/1

يثرب جي وڏيرن سان قريشن جو احتجاج:- اها خبر قريشن جي ڪنن تائين پهتي تہ انهن ۾ ڪهرام مچي ويو. ڇو تہ اهڙي بيعت مان جيڪو ڪين جاني ۽ مالي نقصان رسي ٿي سگهيو، ان جو اندازو ڪين پليءَ پٽ هو. تنهنڪري صبح ساڻ سندن وڏيرن ۽ دانشورن جي هڪ وڏي انگ هن معاهدي خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ يثريب وارن جي خيمن جو رخ ڪيو ۽ هيئن ڳالهہ شروع ڪيائون:

"خزرخ وارؤ! اسانکي پتو پيو آهي تہ اوهان اسانجي هن صاحب کي اسانجي وچان ڪڍي وڃڻ وارا آهيو ۽ اسان سان جنگ ڪرڻ لاءِ سندس هٿ تي بيعت ڪئي اٿوَ. جڏهن تہ ٻيو ڪو عرب قبيلو اهڙو ڪونهي، جنهن سان جنگ ڪرڻ اسانکي ايتري ناگوار لڳي، جيڪتي اوهان سان."(29)

حاشيو (2) ابن هشام 1/448)

پر جيئن تہ خزرج جي مشرڪن کي بيعت جي ماڳهين ڪا خبر نہ هئي، ڇو تہ اها صفا لڪيچپ ۾ رات جو ٿي هئي. انڪري انهن مشرڪن الله جا قسم کڻي ڪين پڪ ڏياري تہ ائين ڪونہ ٿيو آهي. اسانکي اهڙي ڪنهن ڳالهہ جو پتو بہ

ڪونهي. نيت اهو وفد عبدالله بن ابي ابن سلول وٽ پهتو. ان بہ چيو تہ "اهو ڪوڙ آهي. ائين ڪونہ ٿيو آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي قوم، مون کانسواءِ اهڙو ڪم ڪري. جيڪڏهن آئون يثرب ۾ هجان ها تہ بہ مون سان صلاح ڪرڻ کانسواءِ منهنجي قوم ائين نہ ڪري ها."

باقي بچيا مسلمان تہ انهن اکين ئي اکين ۾ هڪ ٻئي کي ڏنو ۽ ماٺ ۾ رهيا. انهن مان ڪنهن بہ هائوڪار يا نهڪر نہ ڪئي. نيٺ قريشن جي وڏيرن سمجهيو تہ مشرڪن جي اها ڳالهہ سچي آهي. انڪري اهي نامراد ٿي موٽي ويا.

پڪي خبر پوڻ ۽ بيعت ڪرڻ وارن جي پٺيان لڳڻ:- مڪي جا وڏيرا پڪ ڪري موٽيا هئا تہ اها خبر ڪوڙي آهي، پر تڏهن بہ کوٽ ڪوٽان ۾ لڳا رهيا. نيٺ کين پڪي خبر پئي تہ اها ڳالهہ سچي آهي ۽ بيعت ٿي چڪي اهي، پر اها خبر ان وقت پئي، جڏهن حاجي پنهنجي پنهنجي وطن ڏي موٽي ويا هئا. انڪري سندن سوار تيز رفتاريءَ سان يثرب وارن جي ڪڍ لڳا، پر موقعو هٿن مان نڪري چڪو هو. باقي

انهن سعد رضہ بن عباده ۽ منذر رضہ بن عمرو کي ڏسي ورتو ۽ انهن تائين وجي پهتا. پر منذر رضہ تہ تکو نکري ويو. باقي سعد رضہ بن عباده جهلجي پيو ۽ سندس هٿ ڳچيءَ جي پويان ڪري سندس ئي اٺ جي ڪجاوي جي رسيءَ سان ٻڌي ڇڏيائين. پوءِ کين ماريندا ڪٽيندا ۽ سندن وار پٽيندا مکي وٺي آهي، پر اتي مطعم بن عدي ۽ حارث بن حرب بن اميہ اچي کين ڇڏايو. ڇو تہ انهن ٻنهي جا قافلا يثرت وٽان حضرت سعد رضہ جي پناهہ ۾ لنگهندا هئا. هوڏانهن انصارن، سندن گرفتاريءَ کانپوءِ هلان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، پر ايتري ۾ پاڻ ايندو نظر آيو. ان کانپوءِ سڀ ماڻهو خيريت سان يثرب پهچي ويا. (1)

حاشيو (1) زاد المعاد 2/51، 52 - ابن هشام 1/448، 450

اها ئي عقبہ واري ٻي بيعت هئي، جنهن کي بيعت عقبہ ڪبريٰ چئجي ٿو. اها اهڙين حالتن ۾ ٿي، جنهن تي محبت ۽ وفاداري، ڇڙوڇڙ مؤمنن جي وچ ۾ تعاون، اعتماد ۽ جانثاري ۽ شجاعت جا جذبا ڇانئيل هئا. تنهنڪري يثرب جي مؤمنن جون دليون پڻ پنهنجن مکي وارن ڪمزور ڀائرن

لاءِ پيار سان ٽمٽار هيون. انهن ۾ پنهنجن انهن ڀائرن جي واهر ڪرڻ جو جوش هو ۽ انهن تي ظلم ڪرڻ وارن خلاف دلين ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هو. سندن سينا پنهنجن انهن ڀائرن جي محبت سان ڀريل هئا. اهي جذبا ۽ احساس رڳو ڪنهن عارضي ڇڪ جو ڪارڻ نہ هئا، جيڪي ڏينهن گذرڻ سان ختم ٿي وڃن، بلڪ انهن جو بنياد الله، رسول ۽ قرآن تي هو. يعني اهو ايمان جيڪو ظلم جي وڏي ۾ وڏي سگهہ سامهون بہ نہ جهڪي. ان ايمان ڪري ئي مسلمان تاريخ جي ورقن تي اهڙا اهڙا ڪارناما لکياءِ اهڙا اهڙا اهجاڻ ڇڏي ويا، جن جو مثال ماضي توڙي حال ۾ ملڻ مشڪل آهي ۽ گهڻو ڪري مستقبل بہ خالي رهندو.

هجرت جا هر اول دستا

جڏهن ٻي بيعت عقبہ پوري ٿي ۽اسلام، ڪفر ۽ جهالت جي صحرا ۾ پنهنجي لاءِ هڪ وطن جو بنياد رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اها سڀ کان وڏي سوڀ هئي جا اسلام پنهنجي دعوت جي شروع کان تيستائين حاصل ڪئي هئي.

تہ پان سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، مسلمانن کي پنهنجي نئين وطن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪرڻ جي موڪل ڏني.

هجرت جو مطلب اهو هو تہ سڀ مفاد ڇڏي ۽ مال جي قرباني ڏئي رڳو جان بچائي وڃي ۽ اهو بہ سمجهندي تہ اها جان بہ خطري جي گهيري ۾ آهي، منڍ کان توڙ تئاين ڪٿي بہ مارجي ٿو سگهجي، پوءِ سفر بہ هڪ اڻڄاتي مستقبل ڏانهن هجي، معلوم نہ آهي تہ اڳتي هلي ڪهڙا ڪهڙا مصيبتن جا پهاڙ ٽٽندا

مسلمانن اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي هجرت جي شروعات ڪئي. هوڏانهن مشرڪن انهن جي روانگيءَ ۾ رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون ويون، ڇو تہ اهي سمجهي رهيا هئا تہ ان مان ڪين خطرو آهي. هجرت جا ڪجهہ نمونا هتي ڄاڻائجن ٿا.

1. سڀ کان پهرون مهاجر حضرت ابو سلمہ رضہ هو. ابن اسحاق رضہ جو چوڻ آهي تہ ان بيعت بيعت عقبہ ڪبريٰ کان هڪ سال اڳ هجرت ڪئي هئي. ساڻس گڏ سندن ٻار ٻچا بہ هئا. جڏهن اهي روانا ٿيڻ لڳا تہ سندن ساهرن چيو تہ

توهان پنهنجي گهرواريءَ جي ڪري اسان تي حاوي ٿي ويندا هئا، پر هاڻي ٻڌايو ته اسانجي ڇوڪري ڇو اوهان سنا گڏ وڃڻ ڏيون؟ تنهن تي ابو سلمہ رضہ جي مائٽن کي ڪاوڙ اچي و: ۽ انهن چيو ته جي توهان اسانجي همراهہ کان سندس عورت ٿا ڇنو ته پوء اسان بہ ان عورت جو پٽ، ماءُ وٽ نہ رهڻ ڏينداسين. تنهن ڪانپوء ٻنهي ڌرين ان ٻار کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو، جنهن سان ان جو هٿ نڪري پيو ۽ٿ ابو سلمہ رضہ جا گهر وارا ان کي پاڻ سان وٺي ويا. ان بعد ابو سلمہ رصلى الله عليه وسلم اڪيلي مديني ڏانهن سفر ڪيو. ان ڪانپوء بيبي ام سلمہ رضہ جو حال اهو هو تہ اها پنهنجي مڙس جي روانگي ۽ ٻار کان محروميءَ ڪانپوء صبح ساڻ ابطح پهچندي هئي (جتي اهو لقاءُ ٿيو هو) ۽ شام تائين روئندي رهندي هئي. ان حالت ۾ هڪ سال گذري ويو. نيٺ سندن ڪڙم جي هڪ ماڻهوءَ کي مٿن ترس اچي ويو ۽ ان چيو تہ هن ويچاريءَ کي وڃڻ ڇو نٿا ڏيو؟ ڇو هن کي خواهمخواهہ پنهنجي مڙس ۽ پٽ کان ڌار ڪري ڇڏيو اٿوَ ان تي ام سلمہ رضہ جي گهر وارن چيو تہ جي تون چاهين تہ ڀلي پنهنجي

مڙس وٽ هلي وڃ. حضرت ام سلمہ رضہ، پٽ کي ڏاڏاڻن
کان واپس ورتو ۽ مديني رواني ٿي وئي. الله اکبر اٽڪل
پنج سؤ ڪلوميٽرن جو سفر ۽ ساڻ الله کانسواء ٻيو ڪير نہ
هجي! جڏهن تيغم پهتي تہ عثمان بن ابي طلحہ ملي وين.
ان کي حالتن جي خبر پئي تہ سندن رهنمائي ڪري مديني
وٽي آيو ۽ جڏهن قباء جو ڳوٺ نظر آيو تہ چيائين تہ
"تنهنجو مڙس هن ئي ڳوٺ ۾ آهي. ايڏانهن هلي وڃ. الله
برڪت ڏي." ان بعد هو مڪي موٽي ويو. (1)
حاشيو (1) ابن هشام 468/1، 469، 470

2. حضرت صلى الله عليه وسلميب رصلى الله عليه وسلم هجرت جو ارادو ڪيو
تہ ان کي قريش ڪافرن چيو تہ "تون اسنا وٽ آيو هئين تہ
حقير فقير هئين، پر هتي اچي مال ڪمايو اٿئي ۽ ترقي
ڪئي اٿئي. هاڻي پنهنجو مال ۽ جان ٻئي بچائي وڃڻ ٿو
گهرين تہ بخدا اسين ائين ٿيڻ نہ ڏينداسين." حضرت
صلى الله عليه وسلميب چيو تہ ٺيڪ اهو ٻڌايو تہ جي آئون پنهنجو ڌن
ڇڏي ڏيان تہ توهان منهنجي راه ڇڏي ڏيندؤ؟" انهن چيو تہ
ها. حضرت صلى الله عليه وسلميب رضہ چيو تہ چڱو تہ پوءِ نيڪ آهي،

منهنجو مال توهان کڻو. پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر پئي تہ فرمايائيون تہ "ﷺيب رضہ نفعو حاصل ڪيو، ﷺيب رضہ نفعو حاصل ڪيو."(2)

حاشيو (2) ابن هشام 477/1

3. حضرت عمر رضہ، عياش رضہ بن ابي ربيعہ ۽ هشام رضہ بن عاص بن وائل پاڻ ۾ مٺ ڪيو تہ فلاڻي جڳهہ تان صبح ساڻ گڏجي مديني هجرت ڪنداسين. حضرت عمر رضہ ۽ عياش رضہ تہ وقت تي پهچي ويا، پر هشام رضہ کي قيد ڪيو ويو.

پوءِ جڏهن ٻئي ڄڻا مديني ۾ قبا وٽ پهتا تہ عياش رضہ وٽ ابوجهل ۽ ان جو ڀاءُ حارث پهتا. ٽنهي جي ماءُ ساڳي هئي. انهن ٻنهي عياش رضہ کي چيو تہ "تنهنجي ماءُ باس باسي آهي تہ جيستائين اها توکي نہ ڏسندص، وارن کي ڦڻي نہ ڏيندي ۽ اس مان اٿي ڇانوَ ۾ نہ ويهندي." اهو ٻڌي عياش رضہ کي ماءُ تي ترس اچي ويو. حضرت عمر رضہ اها حالت ڏسي عياش رضہ کي چيو تہ "عياش رضہ1 ڏس خدا جو قسم هي ماڻهو تنهنجي دين ۾ فتنو وجهڻ ٿا گهرن،

تنهنڪري هوشيار ٿي. خدا جوو قسم! جڏهن تنهنجي ماءُ کي جون تنگ ڪنديون تہ اها ضرور ڦٽي ڏيندي ۽ ڪيس مڪي جي ٿوري بہ تکي اس لڳي تہ اها پاڇهي ڇانوَ ۾ وجي ويهندي." پر عياش رضہ سندن ڳالهہ نہ مڃي. ان پنهنجي ماءُ جو قسم پورو ڪرڻ لاءِ هنن ٻنهي سان وڃڻ جو فيصلو ڪيو. حضرت عمر رضہ چيو تہ "ڇڳو جڏهن تون اهو ڪرڻ تي آماده آهي تہ پوءِ منهنجي هيءَ ڏاچي وٺ. اها ڏاچي پلي ۽ تکي آهي. هن جي پٺ نہ ڇڏجان ۽ ماڻهن پاران ڪابہ مشڪوڪ حرڪت ٿيندي ڏسين تہ پڇي ڪڙو ٿجان."

عياش رضہ ڏاچيءَ تي سوار ٿي انهن ٻنهي سان گڏ روانو ٿيو. رستي ۾ هڪ جڳهہ تي ابو جهل چيو تہ"ياءُو منهنجو هي اٺ تہ ڏاڍو ڏنگو نڪتو. ڇو نہ آئون بہ تو سان ڏاچيءَ تي ويهي هلان.” عياش رضہ چيو تہ ٺيڪ آهي ۽ ان لاءِ ڏنهنجي ڏاڍي ويهاريائين. هنن ٻنهي بہ پنهنجون سواريون ويهاريون تہ جيئن ابو جهل، عياش رضہ جي ڏاڍيءَ تي ٻيلهہ چڙهي، پر جڏهن ٽئي ڄڻا زمين تي لٿا تہ اهي ٻئي عياش رضہ تي ٽٽي پيا ۽ کين رسي سان ٻڌي ڇڏيائيون ۽

ان ئي حالت ۾ مڪي آندائون ۽ چيائون تہ اي مڪي وارؤ! پنهنجن چڙن سان ائين ڪريون، جيئن اسان پنهنجي هن چريٽ سان ڪيو آهي.(19

حاشيو (1) هشام رضہ ۽ عياش رضہ، ڪافرن جي قيد ۾ رهيا. جڏهن پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم هجرت ڪري ويا تہ هڪ ڏينهن فرمايائون تہ ڪير آهي جو مون لاء هشام رضہ ۽ عياش رضہ کي ڇڏائي اچي. وليد رضہ بن وليد چيو تہ آئون توهان لاء انهن کي آڻڻ جي ذميداري قبوليان ٿو. پوء وليد رضہ لڪچپ ۾ مڪي ويو ۽ هڪ عورت (جيڪا انهن ٻنهي لاء کاڌو کڻي وڃي رهي هئي) جي پٺيان وڃي انهن جو نڪاڻو معلوم ڪيو. اهي ٻئي بنا ڇت جي هڪ گهر ۾ بند هئا. رات ٿي تہ حضرت وليد رضہ ڀت ٽپي انهن ووٽ پهتو ۽ پير ڪڙيون ڪٽي پنهنجي اٺ تي ويهاري مديني پہچي آيا. ابن هشام 474/1، 476 ۽ حضرت عمر رضہ ويهہ اصلی اللہ علیہ وسلم ابين جي هڪ ٽولي سان هجرت ڪئي هئي.

هجرت ڪندڙن جو پتو پوڻ تي انهن سان مشرڪ جيڪو سلوڪ ڪندا هئا، هي ان جا ٽي نمونا آهن، پر ان هوندي بہ ماڻهو هڪ ٻئي پويان نڪرندا رهيا. تنهنڪريبيعت عقبہ ڪبريٰ کانپوءِ رڳو ٻن مهينن ۾ مڪي ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت علي رضہ کانسواءِ ڪي ٿورا مسلمان ئي وڃي بچيا هئا. جن کي مشرڪن زبردستي روڪي ڇڏيو هو. انهن ٻنهي صاحبن کي وري پاڻسڳورن صلی اللہ علیہ وسلم روڪي رکيو هو. پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم بہ سامان ٻڌي ورانا ٿيڻ لاءِ الله جي حڪم جو انتظار ڪري رهيا هئا. حضرت ابوبڪر ررضہ بہ سامان ٻڌي ڇڏيو هو.

صحيح بخاريءَ ۾ بيبي عائشہ رضہ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم مسلمانن کي چيو تہ "مونکي توهانجي هجرت جو هنڌ ڏيکاريو ويو آهي. اهو لاوي وارن ٻن جبلن جي وچ ۾ هڪ نخلستاني علائقو آهي." ان بعد ماڻهن مديني ڏانهن هجرت ڪئي. حبش جا عام مهاجر بہ مديني اچي ويا. حضرت ابوبڪر رضہ بہ مديني وڃڻ لاءِ سامان ٻڌي ڇڏيو هو، پر پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ "ٿورو

ترس، چو تہ آئون سمجھان ٿو تہ مونکي بہ موکل ملي ويندي." ابوبڪر رضہ چيو تہ "منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان گھور وڃن، ڇا توهانکي ان جيامید آهي؟" پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ "ها." ان ڪانپوء ابوبڪر رضہ اتي ئي رهيو تہ جيئن پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان گڏ سفر ڪري. وٽن بہ ڏاچيون هيون. انهن کي چئن مهينن تائين وٽن جا پن ڪارائي تيار ڪيو هئائين.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري، باب الهجره النبي صلی اللہ علیہ وسلم و اصحابہ 553/1

دار الندوه ۾ قريشن جي گڏجاڻي

جڏهن مشرڪن ڏنو تہ اصحابي سڳورا، ٻارن ٻچن ۽ ڌن دولت سميت اوس ۽ خزرج جي علائقن ۾ وڃي پهتا آهن تہ انهن ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ ڪين اهڙو صدمو پهتو، جهڙو اڳي نہ پهتو هو. هاڻي سندن آڏو هڪ وڏو ۽ سچو پچو خطرو اچي ڪڙو ٿيو هو، جيڪو سندن بت پرستاڻي ۽ اقتصادي اجتماعيت لاء للڪار هو.

مشڪرن کي ڄاڻ هئي تہ محمد ﷺ اڳواڻيءَ جي صلاحيت سان گڏ سندن زبان ۾ اثر بہ هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي اصحابين ۾ ثابت قدمي ۽ وفاداريءَ جو جذبو حد کان وڌيڪ هو. کين اوس ۽ خزرج قبيلن جي سگهہ ۽ جنگي صلاحيت جي بہ خبر هئي ۽ اها بہ تہ انهن ٻنهي قبيلن جا ڏاها صلح ۽ صفائيءَ جا ڪهڙا جذبا رکن ٿا ۽ ورهين جي گهرو لڙائيءَ جون تلخيون چکڻ بعد رنج ۽ عداوت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترا نہ اتاولا هئا.

کين اهو بہ احساس هو تہ يمن کان شام تائين بحر احمر جي ڪناري کان انهن جو واپاري لنگهہ هو. هن شاهراهہ جي ڪري مدينو نهايت فوجي اهميت وارو ۽ حساس علائقو هو. رڳو شام ملڪ سان ئي مڪي وارن جي هر سال ڏيڍ لک سونن دينارن جو واپار ٿيندو هو. طائف وارن سان واپار ان کان علاوه هو ۽ ان سڄي واپار جو دارومدار ان ئي پرامن رستي تي هو.

ان تفصيل مان پليءَ پٽ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ يثرب ۾ اسلامي دعوت جون پاڙون پختيون ٿيڻ ۽ مڪي

وارن خلاف يثرب وارن جون صفون ٻڌڻ جي صورت ۾ مڪي وارن لاءِ ڪيڏا نہ خطرا هئا. جيئن تہ مشرڪن کي هن وڏي خطري جو پورو پورو احساس هو، جيڪو سندن وجود لاءِ للڪار بڻجي رهيو هو. ان لاءِ هنن ان خطري جو ڪامياب ترين علاج سوچڻ شروع ڪيو، جنهن جي اصل جڙ اسلامي دعوت جي علمبردار حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جي سڳوري هستي هئي.

مشرڪن ان مقصد لاءِ بيعت عقبہ ڪبريٰ کان اٽڪل اڍائي مهينا پوءِ 26 صفر سن 14 نبوت مطابق 12 سيپٽمبر 622ع خميس جي ڏينهن (1)

حاشيو (1) اها تاريخ علامہ منصورپوريءَ جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ لکي وئي آهي. رحمت اللعالمين 95/1، 97، 102 -471/2

مڪي جي پارليامينٽ دارالندوه ۾ تاريخ جو سڀ کان خطرناڪ ميڙ ڪوٺايو ۽ ان ۾ قريشن جي سڀني قبيلن جي نمائندن شرڪت ڪئي. جنهن جو مقصد اهڙي رٿ جوڙڻ هو، جنهن سان اسلام جي دعوت جي علمبردار جو قصو تمام

ڪيو وڃي ۽ ان دعوت جي روشني پوريءَ طرح ختم ڪئي وڃي ۽ ان دعوت جي روشني پوريءَ طرح ختم ڪئي وڃي.

ان خطرناڪ ميڙ ۾ قريش قبيلن جا هي مک ماڻهو آيل هئا.

1. ابو جهل بن هشام، بنو مخزوم قبيلي مان
2. جبير بن مطعم، طعيمہ بن عدي ۽ حارث بن عامر، بني بني نوقل بن عبدالمناف مان
3. شيبہ بن ربيعہ، عتبہ بن ربيعہ، ابو سفيان بن حرب، بنو شمس بن عبدالمناف مان
4. نضر بن حارث، بني عبدالدار قبيلي مان
5. ابو البختري بن هشام، زمعہ بن اسود ۽ حڪيم بن حزام، بني اسد بن عبدالعزيٰ مان
6. نبيہ بن حجاج ۽ منبہ بن حجاج، بني سهم مان
7. اميہ بن خلف، بني جمح مان

مقرر وقت تي نمائندا دارالندوه پهتا تہ شيطان بہ هڪ وڏي بزرگ جي شڪل ۾، جبو پاتل، در تي رستو جهلي اچي بيٺو. ماڻهن چيو تہ هي شيخ ڪير آهي؟ ابليس چيو تہ "اهو

نجد وارن جو هڪ شيخ آهي. اوهان جو پروگرام ٻڌي آيو آهي. ڳالهيون ٻڌڻ تو چاهي ۽ ممڪن آهي ته اوهانکي ڪو خير خواهيءَ وارو مشورو به ڏئي وجهي." ماڻهن چيو ته ڏاڍو چڱو. اوهان به هليا اچو. ان ڪانپوءِ ابليس به ساڻن گڏ اندر ويو.

ميڙ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جي رٿ پاس ٿيڻ:- ميڙ گڏ ٿي ويو ته رايا ۽ حل پيش ٿيڻ لڳا ۽ دير تائين بحث ٿيندو رهيو. پهرين ابو الاسود رٿ پيش ڪئي ته پاڻ هن ماڻهوءَ کي پاڻ مان ڪڍي ڇڏيون ۽ پنهنجي شهر مان جلاوطن ڪري ڇڏيون. پوءِ سندس مرضي ته ڪٿي تو وڃي ۽ ڪٿي ٿو رهي. بس اسانجو معاملو نيڪ ٿي ويندو ۽ اسان ۾ اڳ جيان ڀائيچارو قائم ٿي ويندو. پر جند جي شيخ چيو ته"نه، خدا جو قسم! اها راءِ صحيح نه آهي. توهان ڏسو نٿا ته هن ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪيڏي چڱي ۽ ٻول ڪيڏا مٺا آهن ۽ جيڪو پيش ڪري ٿو. ان ذريعي ڪيئن نه ماڻهن جون دليون کٽي وٺي ٿو. خدا جو قسم! جي توهان ائين ڪيو ته پوءِ نٿو ڇئي سگهجي ته هو ڪهڙي قبيلي ۾ نازل ٿئي ۽

ڪين پنهنجو پوئلڳ ڪري توهان تي هلان ڪري اچي ۽ توهانجي شهر ۾ جهڙو وڏيس اهڙو توهان سان ورتاءُ ڪري. ان بدران ٻي ڪا رٿ سوچيو."

ابو البختريءَ چيو ته"ڪيس لوهه جي سنگهرن ۾ ٻڌي قيد ڪري رکو ۽ ٻاهر کان دروازو بند رکي ڇڏيو. پوءِ سندس پڇاڙيءَ (موت) جو انتظار ڪريو، جيڪو ان کان اڳ ٻين شاعرن، جهڙوڪ زهير ۽ نابغه وغيره سان ٿي چڪو آهي.

نجد جي شيخ چيو ته "نه، خدا جو قسم! اهو مناسب ڪونهي. والله جيڪڏهن توهان ان کي قيد ڪيو ته ان جي خبر بند دروازن مان نڪري سندس ساٿين تائين ضرور پهچندي. پوءِ ممڪن آهي ته اهي توهان تي ڪاهي پون ۽ ڪيس ڇڏيائي وڃن. پوءِ سندس مدد سان پنهنجو تعداد وڌائي توهان کي مغلوب ڪن. تنهنڪري اها مناسب رٿ نه آهيي، ڪا ٻي رٿ سوچيو."

اهي ٻئي رٿون رد ٿيڻ ڪانپوءِ ٽين رٿ پيش ٿي، جنهن تي سڀ متفق ٿيا. اها رٿ پيش ڪرڻ وارو مڪي جو

وڏي ۾ وڏو ڏوهي ابوجهل هو. هن چيو تہ "هن ماڻهوءَ بابت منهنجي هڪ راءِ آهي. آئون ڏسان ٿو تہ اجا توهان ان تائين نہ پهتا آهيو." ماڻهن چيو تہ ابو الحڪم اها ڪهڙي راءِ آهي؟ ابو جهل چيو تہ "منهنجي راءِ اها آهي تہ اسان هر هڪ قبيلي مان هڪ سگهارو، اعليٰ نسل وارو ۽ سهڻو جوان چونڊيون. پوءِ هر هڪ کي هڪ تيز تلوار ڏيون. ان بعد سڀئي هن همراهہ ڏانهن وڃن ۽ ان کي تلوار سان ائين مارين، ڄڻ هڪ ئي ماڻهوءَ تلوار هنئي هجي. ائين هن مان جان بہ ڇٽندي ۽ ان طرح قتل ڪرڻ جو نتيجو اهو ٿيندو تہ سندس رت سڀني قبيلن ۾ وکري ويندو ۽ بنو عبدالمناف، سڀني قبيلن سان جنگ نہ ڪري سگهندا. ان ڪري ديت (خون بها) وٺڻ تي راض ٿي ويندا ۽ ديت اسان ڀري وينداسين."(1)

حاشيو (1) ابن هشام 480/1، 482

نجد جي شيخ چيو تہ "اها ٿي ڳالهہ، جيڪا هن جون ڪئي. جي ڪا تجويز يا راءِ ٿي سگهي ٿي تہ اهائي، ٻيو سڀ هيچ آهي." ان بعد مڪي جي ان ميڙ اها مجرماڻي رٿ

منطور ڪي ۽ ميڙاڪي ۾ شريڪ ان پڪي ارادي سان پنهنجن گهرن ڏي موٽيا تہ هن رٿا تي تڪڙو عمل ٿيڻ گهرجي."

پاڻ سڳورن ﷺ جي هجرت

جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي قتل جي رٿا پاس ٿي وئي تہ حضرت جبرئيل عہ پنهنجي رب پاران وحي ڪٽي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو ۽ کين قريشن جي سازش جي ڄاڻ ڏئي ٻڌايائين تہ الله تعاليٰ توهانکي هتان نڪري وڃڻ جي اجازت ڏني آهي. ان سان گڏ هجرت جو وقت بہ ٻڌايائين تہ پاڻ سڳورا ﷺ اها رات پنهنجي ان هنڌ تي نہ گذاريندا، جنهن تي هيستائين سمهندا آيا آهن.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 482/1 - زاد المعاد 52/2

اهڙي ڄاڻ ملڻ بعد پاڻ سڳورا ﷺ ٺيڪ ٻنپهرن جو ابو بڪر رضہ جي گهر آيا تہ جيئن ساڻن گڏ هجرت جو پروگرام طئہ ڪري سگهن. بيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ ٺيڪ ٻنپهرن جو اسان گهر ۾ ويٺا هئاسين تہ ڪنهن چيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ مٿو ڍڪي اچن پيا. اهو اهڙو وقت هو

جو جنهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ اتي نہ ايندا هئا. ابوبڪر رضہ چيو تہ منهنجا ماءُ پيءُ مٿانئن گهور وڃن، پاڻ ضرور ڪنهن اهم معاملي لاءِ ئي آيا هوندا.

بيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ آيا، اجازت گهريائون، اجازت ملڻ تي اندر آيا، پوءِ ابوبڪر رضہ کي چيائون تہ "جيڪو هاڻي مونلي هلڻ جي موڪل ملي چڪي آهي." ابوبڪر رضہ چيو تہ "گڏ...يا رسول الله ﷺ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان گهور وڃن" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ها."(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري، باب الهجرت النبي ﷺ 553/1

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ هجرت جو پروگرام طئہ ڪيو ۽ پنهنجي گهر وڃي رات ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر جو گهيرو:- هوڏانهن قريشن جي ڏاهن سڀو ڏينهن دارالندوه واري ميڙ پاس ٿيل رٿ تي

عمل ڪرڻ جي تيارين ۾ گذاريو. ان مقصد لاء انهن ياڻ مان يارنهن سردار چونديا، جن جا نالا هن ريت آهن:

(1) ابو جهل بن هشام (2) حڪم بن عاص (3) عقبہ بن ابي معيط (4) نضر بن حارث (5) اميہ اميہ بن خلف (6) زمعہ بن الاسود (7) طعيمہ بن عدي (8) ابو لهب (9) ابي (10) نبيہ بن الحجاج (11) منبہ بن الحجاج (2)

حاشيو (2) زاد المعاد 52/2

ابن اسحاق جو بيان آهي تہ جڏهن رات جو اوندهہ ڦهلي تہ اهي ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر جي دروازي وٽ گهات هڻي ويني تہ جيئن پاڻ سڳورا ﷺ سمهي پون تہ اهي مٿن ٽٽي پون.(3)

حاشيو (2) ابن هشام 484/1

ڪين پوري پڪ هئي تہ اهي پنهنجي پليت سازش ۾ ڪامياب ٿي ويندا. ايستائين جو ابو جهل ڏاڍي تڪبر ۽ غرور واري انداز ۾ مذاق ۽ ٺٺوليون ڪندي پنهنجن گهيرو ڪندڙ ساٿين کي چيو تہ "محمد ﷺ چوي ٿو تہ جي توهان سندس دين ۾ داخل ٿي سندس پيروي ڪريو تہ عرب

۽ عجم جا بادشاھہ ٿي ويندؤ. پوء مرڻ بعد اٿاريا ويندؤ تہ توهان لاء اردن جي باغن جهڙيون جنتون هونديون ۽ جي توهان ائين نہ ڪيو تہ سندن پاران توهان ۾ ذبح جا واقعا پيش ايندا. پوء مرڻ بعد اٿاريا ويندؤ تہ توهان الء باھہ هوندي، جنهن ۾ جلايا ويندؤ."(1)

حاشيو (1) 482/1

بهرحال ان سازش تي عمل لاء اڌ رات جو وقت مقرر ڪيل هو. ان ڪري اهي جاڳي رات ڪاٽي رهيا هئا ۽ مقرر وقت جو انتظار ڪري رهيا هئا. پر الله تعاليٰ پنهنجي هر ڪم تي غالب آهي، ان جي هٿ ۾ آسمانن ۽ زمينن جي بادشاهت آهي. هو جيڪي چاهي اهو ڪري ٿو. جنهن کي بچائڻ چاهي، ان جو ڪير وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي ۽ جنهن کي پڪڙڻ چاهي، ان کي ڪوبہ بچائي نٿو سگهي. انڪري الله تعاليٰ هن موقعي تي اهو ڪم ڪيو جيڪو جيئنين آيت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي مخاطب ٿيندي چيو ويو آهي تہ واذ يمڪربڪ..............الماڪرين (20:8)

پاڻ سڳورن ﷺ جو گھر ڇڏڻ:- بهرحال قريش پنهنجي رٿا تي عمل ڪرڻ جي مڪمل تياريءَ جي باوجود به ناڪام ٿيا جو ان نازڪ ترين موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي رضہ کي فرمايو تہ "تون منهنجي هنڌ تي ليٽي پئي ۽ منهنجي سائي حضرمي (1) چادر مٿان پائي سمهي رهہ. توکي انهن کان کو ڇيهو نہ رسندو." پاڻ سڳورا ﷺ اها ئي چادر پائي سمهندا هئا.(2)

حاشيو (1) حضرمو (ڏکڻ يمن) جي نهيل چادر کي حضرمي چادر چئبو آهي.

حاشيو (2) ابن هشام 1/482، 483

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ٻاهر نڪتا ۽ مشرڪن جون صفون چيريائون. سندن مٿن تي مٺيءَ مان مٽ پري وڌائونن. پر الله سندن نظرون جهلي ورتيون ۽ اهي پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسي نہ سگهيا. ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ هيءَ آيت پڙهي رهيا هئا.

وجعلنا من بين..............لا يبصرون (9:26)

ان موقعي تي ڪو هڪ مشرڪ بہ نہ رهيو، جنهن جي مٿي تي پاڻ سڳورن ﷺ ڌوڙ نہ وڌي هجي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ، ابوبڪر رضہ جي گهر پهتا ۽ پوءِ انهن جي گهر جي هڪ دريءَ مان نڪري ٻئي ڄڻا رات وچ ۾ يمن ڏانهن روانا ٿيا ۽ ڪجهہ ميل پري ثور نالي جبل جي هڪ غار ۾ پهچي ويا.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 483/1 - زاد المعاد 52/2

هوڏانهن گهيراءُ ڪندڙ سفر جي وقت جو انتظار ڪندا رهيا، پر ان کان ٿورو اڳ ڪين پنهنجي ناڪاميءَ جو پتو پيو. ٿيو هيئن جو انهن وٽ هڪ اوپرو ماڻهو آيو ۽ ڪين پاڻ سڳورن ﷺ جي دروازي تي بيٺل ڏسي پڇيائين تہ توهان ڪنهن جو انتظار پيا ڪريو؟ انهن وراڻيو تہ محمد ﷺ جو. هن چيو تہ توهان ناڪام ۽ نامراد ٿيا. خدا جو قسم محمد ﷺ توهان وٽان لنگهي، توهانجي مٿن ۾ مٿي وجهي پنهنجي ڪم سان هليو ويو. انهن چيو تہ بخدا اسان تہ ڪين نہ ڏٺو ۽ ان بعد پنهنجن مٿن تان مٽي ڇنڊياٿي ڪڙا ٿيا.

سپر پوءِ دروازي مان جهاتي پائي ڏنائون تہ حضرت علي رضہ کين ڏسڻ ۾ آيو. چوڻ لڳا تہ خدا جو قسم هي تہ محمد صلى الله عليه وسلم ستو پيو آهي. سندس مٿان سندس چادر بہ پيلو آهي. پوءِ اهي صبح تائين اتي ئي ويٺا رهيا. صبح جو حضرت علي رضہ هنڌ تان اٿيو تہ مشرڪن جون وايون بتال ٿي ويون. انهن، حضرت علي رضہ کان پڇيو تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ڪٿي آهن؟ حضرت علي رضہ وراڻيو تہ مونکي خبر ڪانهي؟" (1)

حاشيو (1) ابن هشام ۽ زاد المعاد

گهر کان غار تائين:- پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم نبوت جي چوڏهين سال 27 صفر تي (12 - 13 سيپٽمبر 622ع جي وچ واري رات)(2) پنهنجي گهر مان نڪري پنهنجي سڀ کان ويجهي ساٿيءَ ابوبڪر رضہ جي گهر پهتا ۽ اتان پنئين پاسي جي هڪ دريءَ مان نڪري ٻئي ڄڻا هليا تہ جيئن سج اڀرڻ کان اڳ مڪي کان ٻاهر نڪري وڃن.

حاشيو (2) رحمت اللعالمين 95/1 صفر جو هيءُ مهينو نبوت جي چوڏهين سال جو اهو وقت هوندو، جڏهن سن جو

آغاز محرم جي مهيني کان مجيو وڃي ۽ جي سن جي ابتدا ان ئي مهيني سان ڪريون، جنهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت ملي ته صفر جو اهو مهينو تيرهين سال ۾ ٿيندو. عام سيرت نگارن ڪٿي پهريون حساب ڪيو آهي ته ڪٿي ٻيو. جنهن جي ڪري هو واقعن جي سٽاءَ کي هيٺ مٿي ڪري ويا آهن. سان سن جو آغاز محرم کان مجيو آهي.

جيئن ته پاڻ سڳورن ﷺ کي پتو هو ته قريش پوري محنت سان پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳولها ۾ لڳي ويندا ۽ جنهن رستي تي پهرين ويندا، اهو مديني وارو رستو هوندو، جيڪو اتر ڏانهن وڃي ٿو، ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ صفا ابتو گس ورتو. يعني يمن وارو رستو مڪي جي ڏکڻ ۾ آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ان رستي تي اٽڪل پنجن ميلن جو فاصلو طئہ ڪيو ۽ ان جبل جي دامن ۾ پهتا، جيڪو ثور جي نالي سان مشهور هو. اهو جبل ڏاڍو مٿي، وروڪرن وارو ۽ ڏکي چڙهائيءَ وارو هو. هتي پٿر به ڏاڍا هئا، جن سان پاڻ سڳورن ﷺ جا ٻئي پير زخمي ٿي ويا. ڪهڙو بهسبب هجي، حضرت ابوبڪر رضہ، پاڻ سڳورن

ﷺ کي اٽاريو ۽ ڊوڙندي جبل جي چوٽيءَ تي هڪ غار وٽ پهتا، جيڪو تاريخ ۾ غارِ ثور جي نالي سنا مشهور آهي.(1)

حاشيو (1) رحمت اللعامين 95/1 - مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 167

غار ۾:- غار وٽ پهچي حضرت ابوبڪر رضہ چيو تہ "خدا جي واسطي اچا توهان هن ۾ داخل نہ ٿيو. پهرين آئون وڃي ٿو ڏسان، جيڪڏهن ان ۾ ڪا شيء هوندي تہ توهان بدران مون سان ان جو پالو پوندو." پوء حضرت ابوبڪر رضہ اندر ويو ۽ غير کي صاف ڪيائين. هڪ پاسي ڪجهہ سوراخ هئا، جن کي پنهنجو پوتڙو ڦاڙي بند ڪيائين، پر ٻہ سوراخ باقي بچيا. حضرت ابوبڪر رضہ انهن ٻنهي تي پنهنجا پيررکي ڇڏيا. پوء پاڻ سڳورن ﷺ کي اندر اچڻ لاء سڏ ڪيائين. پاڻ سڳورا ﷺ اندر ويا ۽ حضرت ابوبڪر رضہ جي ڪچ ۾ مٿو رکي سمهي پيا. هوڏانهن حضرت ابوبڪر رضہ جي پيرن ۾ ڪنهن شيء چڪ پاتو، پر ان ڊپ کان نہ چريا تہ متان پاڻ سڳورا ﷺ جاڳي نہ پون. پر سندن لڙڪ

وجي پاڻ سڳورن ﷺ جي منهن مبارڪ تي ڪريا. (۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي اک کلي پئي) پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "ابوبڪر توکي ڇا ٿيو؟" وراڻيائين تہ منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان گهور وڃن! مونکي ڪنهن شيء چڪ پاتو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ان تي پنهنجي پڪ لڳائي ۽ سور لهي ويو.(1)

حاشيو (1) اها ڳالهہ زرين، حضرت عمر رضہ کان روايت ڪئي آي. هن روايت ۾ اهو بہ آهي تہ پوء ان زهر اٿل کاڌي (يعني موت وقت اٿل کاڌي) ۽ اهو ئي موت جو سبب بڻيو.

اتي ٻنهي ٽي رايتون، يعني جمع، ڇنڇر ۽ آچر جون راتيون لڪي گذاريون. (2) ان دوران ابوبڪر رضہ جو پٽ عبدالله رضہ بہ اتي ئي راتيون گذاريندو هو. بيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ هو نهايت هوشيار ۽ سمجهو نوجوان هو. پرهہ ڦٽيءَ مهل انهن کان موڪلائيندو هو ۽ مڪي جي قريشن سان ائين صبح جو ملندو هو،ڄڻ هن اتي ئي رات گذاري هجي. پوء ٻنهي جي خلاف جيڪا سٽ سٽبي هئي،

سا ٻڌي چڱيءَ طرح ياد ڪري رات جو ان جي خبر غار ۾ پهچائيندو هو.

حاشيو (1) فتح الباري 336/7

هوڏانهن حضرت ابوبڪر رضہ جو ٻانهو عامر رضہ بن فهيره ٻڪريون چاريندي رات جو هڪ پهر گذرڻ بعد ٻڪريون ڪاهي انهن وٽ پهچي ويندو هو. اهڙيءَ طرح ٻئي ڄڻا رات جو پيٽ ڀري کير پيئندا هئا. پوءِ صبح ساڻ ئي هو واپس موٽي ويندو هو. ٽئين راتيون هن ائين ڪيو (1) (وڏيڪ اهو تہ)

حاشيو (1) صحيح بخاري 553/1، 554

عامر رضہ بن فهيره، حضرت عبدالله بن ابي بڪر رضہ جي مڪي وڃڻ بعد سندن ئي پيرن جي نشانن تي ٻڪريون ڪاهي نڪرندو هو تہ جيئن نشان ڊهي وڃن.(2)

حاشيو (2) ابن هشام 486/1

قريشن جي پيچ ڊڪ:- هوڏانهن قريسن جو حال اهو هو تہ جڏهن قتل جي منصوبي واري ريت گذرڻ بعد صبح جو کين پڪ ٿي تہ پاڻ سڳورا ﷺ سندن هٿن مان نڪري چڪا

آهن تہ انهن تي ڇرڻ جنون طاري ٿي ويو. انهن سيک ان پهرين پنهنجي ڪاوڙ حضرت علي رضہ تي ائين ڪڍي جو کين گيهلي ڪعبت الله ۾ آندائون ۽ ڪجهہ دير حراست ۾ رکي (پڇا ڳاڇا ڪيائون) تہ متان انهن ٻنهي جو پتو پئجي وڃي.(3) پر جڏهن حضرت علي رضہ کان ڪا خبر نہ پئجي سگهين تہ ابوبڪر رضہ جي گهر آيا ۽ در تي ڏک هنيائين. بيبي اسماء بنت ابوبڪر رضہ ٻاهر نڪتي تہ ڪانئن پڇيائون تہ تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟ هن وراڻيو تہ بخدا مونکي خبر ڪانهي تہ بابا ڪٿي آهي. ان تي ابوجهل کين اوڌو تہ زور سان ٿڦڙ هنيو جو سندن ڪن جي والي ڪري پئي.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 487/1

ان ڪانپوء قريشن هڪ هنگامي اجلاس سڏائي اهو طئہ ڪيو تہ انهن ٻنهي کي گرفتار ڪرڻ لاء سڀ وسيلا ڪتب آندا وڃن. ان بعد مڪي کان نڪرندڙ سڀني رستن تي، پلي اهو ڪيڏانهن بہ ويندڙ هجي، ڏاڍو سخت پهرو ويهاريو ويو. ان طرح اهو پڙهو بہ ڏياريو ويو تہ جيڪو بہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ۽ ابوبڪر رضہ کي يا انهن مان ڪنهن

هڪ کي جيئرو يا مئل جهلي ايندو، ان کي هر هڪ جي بدلي ۾ سؤ اٺن جو انعام ڏنو ويندو.(2) ان پڙهي جي نتيجي ۾ سوار ۽ پيادا ۽ ماهر پيري سرگرميءَ سان ڳولها ۾ لڳي ويا ۽ جبلن، ماترين ۽ هينائين مٿاهين ۾ هر طرف ڦهلجي ويا، پر نتيجو ڪجهہ نہ نڪتو.

ڳولهڻ وارا غار جي منهن جتي بہ پهتا، پر الله تعاليٰ پنهنجي ڪم تي غالب آهي. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ حضرتانس رضہ کان آيل آهي تہ ابو بڪر رضہ فرمايو تہ "آئون پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان غار ۾ هوس. مٿو ڪڍي ڏٺم تہ ماڻهن جا پير نظر آيا. مون چيو تہ يا رسول الله صلى الله عليه وسلم! جيڪڏهن انهن مان ڪو ماڻهو رڳو ٿوري نظر هيٺ ڪري ڏسي تہ اسانکي ڏسي وٺندو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "ابوبڪر چپ ڪر، (اسان) ٻہ آهيون، جن سان ٽيون خدا آهي." هڪ روايت جا لفظ آهن تہ ما ظنڪ يا ابابڪر باِثنين اللّٰہُ ثالثهما. يعني ابوبڪر! اهڙن ٻن ماڻهن بابت تنهنجو ڇا خيال آهي، جن سان ٽيون الله آهي.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 516/1، 556. هتي اهو نقطو ياد رکڻ گهرجي تہ ابوبکر رضہ جو اضطراب پنهنجي جان جي خوف کان نہ هو. بلکہ ان جو واحد سبب اهو هو جيکو ان روايت ۾ ٻڌايل آهي تہ ابوبکر رضہ جڏهن قيافہ شناسن کي ڏٺو تہ پاڻسڳورن صلي الله عليہ وسلم لاء پاڻ غمگين ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم کي چيائين تہ جي آئون مارجي ويس تہ رڳو هڪ ماڻهو مرندو. پر جي توهان قتل ٿي ويا تہ سڄي امت غارت ٿي ويندي ۽ ان موقعي تي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ ڏک نہ کر. الله پک سان اسان سان گڏ آهي. ڏسو مختصر السيره للشيخ عبدال صفحو 168

حقيقت ۾ اهو هڪ معجزو هو. جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي نبيءَ کان ڪرايو. تنهنکري ڳولها ڪرڻ وارا ان وقت موٽي ويا. جڏهن سندن ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي وچ ۾ چند قدمن کان وڌيڪ فاصلو نہ بچيو هو.

مديني جي راهہ ۾:- جڏهن ٽن ڏينهن جي لڳاتاري ۽ اجائي ڊڪ ڊوڙ ۽ ڳولها ختم ٿي ۽ قريشن جو جوش ۽ جذبو ٿڌو ٿيو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم ۽ حضرت ابوبکر رضہ مديني

ڏانهن هلڻ جو پهه ڪيو. عبدالله بن اريقط سان، جيڪو رڻپٽ جي رستن جو ماهر هو، پهرين ئي پئسن تي مديني پهچائڻ جو معاملو طئہ ٿيل هو. اهو همراهه اجا قريشن جي دين تي هو، پر ويساهه جوڳو هو. ان ڪري سواريون سندس حوالي ڪيون ويون هيون ۽ اهو طئہ ٿيو هو تہ ٽي راتيون گذرڻ بعد هو ٻئي سواريون وٺي غارِ ثور وٽ پهچي ويندو. تنهنڪري جڏهن سومر جي رات ٿي، جيڪا ربيع الاول سن 1 هه جي چنڊ رات هئي (مطابق 16 سيپٽمبر 622ع) تہ عبدالله بن اريقط سواريون وٺي آيو ۽ ان موقعي تي ابوبڪر رضہ پاڻ سڳورن ﷺ کي سڀ کان ڀلي ڏاچي پيش ڪندي عرض ڪيو تہ توهان منهنجين انهن ٻنهي سوارين مان هڪ قبوليو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ملهہ سان وٺندس."

هوڏانهن اسماءَ بنت ابوبڪر رضہ بہ سفر جو سامان کڻي آئي، پر ڇڪو وسري ويس. جڏهن هلڻ جو وقت ٿيو تہ ان سامان لٽڪائڻ چاهيو تہ ڏٺائين تہ ڇڪو تہ آهي ئي ڪونه پوءِ هن پنهنجو سندرو کوليو ۽ ان کي ڦاڙي ٻہ ٽڪرا

ڪري هڪ ۾ سامان ٻڌي لٽڪايو ۽ ٻيو ڇيلهه ۾ ٻڌي ڇڏيو. انڪري سندن لقب "ذات النطاقين" پئجي ويو. (1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 553/1، 555 - ابن هشام 484/1

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر رضہ روانا ٿيا. عامر بن فهيره رضہ بہ ساڻن گڏ هو. سندن سونهين عبدالله بن اريقط ڪناري وارو رستو ورتو.

غار مان روانا ٿي هن سڀ کان پهرين يمن ڏي يمن ڏي رخ ڪيو ۽ پوءِ ڏکڻ ڏانهن ڪافي پري تائين وٺي ويو. پوءِ اولهہ طرف مڙي ويو. اهو رستو بحر احمر جي ڪناري جي ويجهو ئي هو ۽ ان تي ڪڏهن ڪڏهن ئي ڪو سفر ڪندو هو.

پاڻ سڳورا ﷺ هن رستي تان جن جن جڳهين وٽان لنگهيا، ابن اسحاق ان جو ذڪر ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ جڏهن سونهون ٻنهي ڄڻن کي گڏ وٺي نڪتو تہ کين مڪي جي هيٺائين علائقي کان وٺي نڪتو. پوءِ ڪناري سان گڏوگڏ هلندي عسفان جي هيٺئين علائقي مان

لنگهي پوء امج جي هينئين علائقي مان گذري اڳتي وڌيو ۽ قديد اڪري وري مڙيو ۽ اتان ئي اڳتي وڌندو خرار مان گذريو. پوء تنيته المره ڪانپوء لقف مان پوء لقف جي بيابان مان لنگهيو. پوء مجاح جي رڻپٽ ۾ پهتو ۽ اتان وري مجاح جي موڙ ڪان گذري پوء ذوالغضوين ڪان مڙي هيناهين ڏانهن هليو. پوء ذي ڪشر جي واديءَ ۾ داخل ٿيو. پوء جدا جدا ڏانهن ويو. پوء اجرد پهتو ۽ ان ڪانپوء تعهن جي رڻپٽ جي پرپاسي جي ماٿري ذوسلم مان لنگهيو. اتان ڪان عبابيد ۽ ان ڪانپوء فاجه جو رخ ڪيائين. پوء عرج ۾ لٿو. پوء رڪوبه جي ساڄي پاسي ثنيته العائر ۾ آيو. تنهن ڪانپوء رئم جي واديءَ ۾ لٿو ۽ ان بعد قباء پهچي ويو.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 1/491، 492

اڃو ته هاڻي رستي جا ڪجهه واقعا ٻڌندا هلون.

1. صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابوبڪر رضہ ڪان آيل آهي ته انهن فرمايو ته "اسان (غار مان نڪري) سڄيرات ۽ سارو ڏينهن هلندا رهياسين. جڏهن ٻپهر ٿيا ۽ رستو خالي ٿي ويو ۽ ڪوبه راهگير نه رهيو ته اسناڪي هڪ ٽڪر ڏسڻ

۾ آيو، جنهن جي سائي ۾ اس نہ هئي. اسان اتي لٿاسين، مون هٿن سان پڻ سڳورن ﷺ جي سمهڻ لاءِ جڳهہ ناهي ۽ ان تي ڪپڙو وڇائي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ توهان سمهي رهو ۽ آئون سنڀال ٿو ڪريان. پاڻ سڳورا ﷺ آرامي ٿيا ۽ آئون نگراني ڪرڻ لڳس. اوچتو ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ ڌراڙ پنهنجين ٻڪرين جي ڌڻ سان ٽڪر ڏانهن هلندي پئي آيو. هو بہ ان ٽڪر هيٺان ساهي پٽڻ لاءِ پئي آيو. مون کيس چيو تہ اي جوان تون ڪنهنجو ماڻهو آهين؟ هن مڪي يا مديني جي ڪنهن ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيو. مون چيو تہ تنهنجين ٻڪرين ۾ ڪجهہ کي آهي؟ هن چيو تہ ها. مون چيو تہ ڏهي وٺان؟ هن چيو تہ ها ۽ هڪ ٻڪري جهلي آيو. مون چيو تہ ٿورو ٿڻ تان مٽي، وار ۽ ڪک صاف ڪر. پوءِ هن هڪ وٽي ۾ ٿورو کير ڏڌو. مون وٽ هڪ چمڙي جو لوٽو هو، جيڪو مون پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڻي پيئڻ ۽ وضو ڪرڻ لاءِ کنيو هو. آئون پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيس، پر کين جاڳائڻ صحيح نہ ڄاتم. جڏهن پاڻهي جاڳيا تہ مون وٽن اچي کير ۾ پاڻي وڌو تانت ان جو هيٺيون حصو ٺري

ويو. ان کانپوءِ مون چيو تہ يا رسول اللہ ﷺ! پي وٺو. پاڻ سڳورن ﷺ پيتو ۽ خوش ٿيا. پوءِ فرمايائون تہ ڇا اجا هلڻ جو وقت نہ ٿيو آهي. مون چيو تہ ڇو نہ؟ ان کانپوءِ اسان روانا ٿياسين.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 510/1

2. هن سفر ۾ حضرت ابوبڪر رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ سان ٻيلهہ تي هليو، ڇو تہ هن تي پوڙهائپ جا اهڃاڻ پڌرا هئا، انڪري ماڻهن جو ڌيان ڏانهنِ ويندو هو. پاڻ سڳورن ﷺ تي اجا جوانيءَ جا آثار غالب هئا، انڪري پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن گهٽ ڌيان ٿي ويو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ ڪو ماڻهو ملندو هو تہ ابوبڪر رضہ کان پڇندو هو تہ توهانجي اڳيان ڪير ويٺل آهي؟ (حضرت ابوبڪر رضہ ڏاڍو سهڻو جواب ڏيندي) چوندو هو تہ "اهو مونکي رستو ٻڌائيندڙ آهي." ان سان سمجهڻ وارو سمجهندو هو تہ عام رستي جو ذڪر پيو ڪجي، پر سندن مقصد خير جو رستو هوندو هو.(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري عن انس 556/1

3. هن ئي سفر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو گذر ام معبد رضہ خزاعيہ جي خيمي وٽان ٿيو. اها پاڻ ڳري ٻت واري عورت هئي، ڪانءِ هنيو خيمي جي ٻاهران ويٺي هوندي هئي ۽ اچڻ وڃڻ واري جي خدمت چاڪري ڪندي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ ڪانئن پڇيو تہ تون وٽ ڪجهہ آهي؟ چيائين تہ "بخدا اسان وٽ ڪجهہ هجي ها تہ توهانجي ميزبانيءَ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي ها. ٻڪريون بہ پري ويل آهن." اهو ڏڪار جو دور هو.

پاڻ سڳورن ﷺ ڏٺو تہ خيمي جي هڪ ڪنا ۾ هڪ ٻڪري بيٺل آهي. فرمايائون تہ "ام معبد هيءَ ٻڪري ڪيئن آهي؟ وراڻيائين تہ "ڪمزوريءَ ڪري ڌڻ کان ڌار ٿيل آهي." پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ ان ۾ ڪجهہ کير آهيئ وراڻيائين تہ "اها، ان کان گھڻي ڪمزور آهي." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اجازت هجي تہ ان مان ڏهي وٺان؟" چيائين تہ "منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان گھور وڃن، ڀلي جيڪڏهن هن ۾ اوهانکي کير ڏسڻ ۾ اچي تہ ڏهي وٺو." ان ڳالهہ ٻولهہ کانپوء پاڻ سڳورن ﷺ ان ٻڪريءَ جي ٿڻ

تي هٿ ڦيريو ۽ الله جو نالو وٺي دعا ڪئي. ٻڪريءَ پير ڦهلايا، ٿڻن ۾ کير ڀرجي ويو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، ام معبد کان هڪ وڏو ٿانو ورتو، جيڪو هڪ ٽولي لاءِ ڪافي هو. ان ۾ ايترو ڏڌو جو ڳجي ٻاهر نڪري آئي. پوءِ ام معبد کي پياريو، ان پيٽ ڀري کير پيتو ته پنهنجن ساٿين کي پياريائون. انهن به پيٽ ڀري کير پيتو ته پاڻ پيتائون. پوءِ ان ٿانوَ ۾ ٻيهر ايترو کير ڏڌائون جو ٿانو ڀرجي ويو ۽ اهو ام معبد کي ڏئي اڳتي وڌيا.

ٿوري دير ڪانپوءِ سندن مڙس ابو معبد رضہ پنهنجين ڏٻرين ٻڪرين کي، جيڪي ڪمزوريءَ ڪري ٿاٻڙجي رهيون هوين، هڪليندي پهتو. کير ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. پڇيائين ته هي تو وٽ ڪٿان آيو؟ جڏهن ته ٻڪريون پري هيون ۽ گهر ۾ ڪا به کير واري ٻڪري نه هئي. هن چيو ته "بخدا ان ڪانسواءِ ڪا ڳالهه نه آهي ته اسان وٽان هڪ ڀلارو ماڻهو لنگهيو، جنهن ۾ هي هي ڳالهيون هيون ۽ هي هي حال هئس." ابو معبد رضہ چيو ته اهو ته ساڳيو قريشن وارو صاحب ٿو لڳي، جنهن کي قريش ڳولهي رهيا آهن. چڱو

ٽورو ان جا پار پٽا تہ ٻڌائي. ان تي ام معبر رضہ ڏاڍي وڻندڙ انداز ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جون صفتون بيان ڪيون، جڻ تہ ٻڌڻ وارو پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي سماهون ڏسي رهيو هجي. هن ڪتاب جي آخر ۾ اهي وصفون لکيون وينديون. اهي وصفون ٻڌي ابو معبد رﷺ چيو تہ "واللّٰه اهو تہ ساڳيو قريشن وارو صاحب آهي، جنهن بابت ماڻهو طرحين طرحين ڳاليون ڪن ٿا. منهنجو ارادو آهي تہ ساڻن رافقت اختيار ڪريان ۽ ڪو ڳس مليو تہ ائين ضرور ڪندس."

هوڏانهن مڪي ۾ هڪ پڙاڏو گونجيو، جنهن کي ماڻهن ٻڌو تہ سهي پر ڳالهائڻ وارو نظر ڪونہ آين. آواز هي هو:

جزي اللّٰه رب العرش خير جزائہ رفيقين حلا خيمتي ام معبد

هما نزلا بالبر وار تحلابہ و افلح من امسي رفيق محمد ﷺ

فيا لقصي مازوي اللّٰه عنكم بہ من فعال لا يجازي وسؤدد

ليهن بني كعب مكان فعاتهم و معقد ها للمؤمنين بمرصد

سلاو اختكم عن شاتها و انائها فانكم ان تسالوا الشاه تشهد

"اللّٰه رب العرش انهن ٻن رفيقن کي ڀهترين جزا ڏي، جيڪي ام معبد جي خيمي ۾ لٿا. اهي ڀئي خير سان لٿا ۽ خير سان روانا ٿيا ۽ جيڪو محمد صلی اللہ علیہ وسلم جو رفيق ٿيو، اهو ڪامياب ٿيو. هاء قصي! اللّٰه ان لاء ڪيڏا نہ بي مثال ڪارناما ۽ سرداريون توکان سميٽي ڇڏيون. بنو ڪعب کي سندن عورت جي گهر ۾ مومنن جي سنڀال جو هنڌ نيبهه هجي. توهان پنهنجي عورت کان سندس ٻڪري ۽ ٿانوَ بابت پڇو. توهانجي جيڪڏهن خود ٻڪريءَ کان پڇندؤ تہ اہ بہ شاهدي ڏيندي."

حضرت اسماء رضہ جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم ڪنهن پاسي ويا ڀئي جو هڪ جن مڪي جي هيٺاهين مان هي شعر پڙهندو آيو. ماڻهو ان جي پٺيان هلي رهيا هئا. ان جو آوزا ٻڌي رهيا هئا، پر ڪيس ڏسي نہ رهيا هئا. تانت اهو مڪي جي مٿئين حصي کان نڪري ويو.

سندن بيان آهي تہ جڏهن اسان اها ڳالهہ ٻڌي تہ اسانکي پتو پيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪهڙي پاسي پيا وڃن. يعني سندن رخ مديني ڏانهن هو. (1)

حاشيو (1) زاد المعاد 1/53، 54 - بنو خزاعہ جي رهائش جي جڳهہ نظر ۾ رکندي اهو خيلا اچي ٿو تہ هي واقعو غار مان هلڻ جي ٻئي ڏينهن ٿيو.

4. گس تي سراقہ بن مالڪ پيڇو ڪيو ۽ اهو واقعو پاڻ سراقہ ٻڌايو آهي تہ "آئون پنهنجي قوم بني مدلج جي هڪ مجلس ۾ ويٺو هوس تہ ايتري ۾ هڪ ماڻهوءَ اچي ٻڌايو تہ اي سراقہ! مون اجهو هاڻي ڪناري وٽ ڪي ماڻهو ڏٺا آهن. منهنجي خيال ۾ اهو محمد ﷺ ۽ سندس ساٿي آهن. سراقہ جو بيان آهي تہ آئون سمجهي ويس تہ هي اهي ئي آهن، پر ان ماڻهوءَ کي چيم تہ اهي ڪونہ هوندا، بلڪہ تو فلاڻن فلاڻن کي ڏٺو هوندو، جيڪي اسانجي اڳيان لنگهي ويا آهن. پوءِ آئون مجلس ۾ ٿوري دير ويٺس. ان ڪانپوءِ اٿي اندر ويس ۽ پنهنجي ٻانهيءَ کي حڪم ڪيم تہ گهورو ٻاهر ڪڍي ۽ دڙي جي پٺيان بيهي منهنجو انتظار ڪري.

هوڏانهن مون پنهنجو نيزو ڪنيو ۽ گهر جي پٺئين پاسان ٻاهر نڪتس. لٺ جو هڪ ڇيڙو زمين تي گهلندي پئي ويس ۽ ٻيو مٿيون ڇيڙو هيٺ ڪري رکيو هوم. ان طرح پنهنجي گهوڙي وٽ پهتس ۽ ان تي سوار ٿي ويس. مون ڏنو ته اهو معمول مطابق ڊوڙندي مونکي انهنجي ويجهو وٺي آيو. ان بعد گهوڙو مون سميت ترڪيو ۽ آئون ان تان ڪري پيس. مون اتي ترڪش ڏانهن هٿ وڌايو ۽ فال وارا تير ڪڍي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪيم ته آئون انهن کي ڇيهو رسائي سگهندس يانه! پير اهو نڪتو، جيڪو مونکي ناپسند هو، پر مون تير جي نافرماني ڪئي ۽ گهوڙي تي چڙهيس. اهو مونکي ڊوڙائڻ لڳو. تانت جڏهن آئون پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي قرئت جو آواز ٻڌڻ لڳس. پر انهن مون تي ڌيان نه ڏنو. تڏهن به ابوبڪر رصلی اللہ علیہ وسلم هر هر مڙي ڏسي رهيو هو. منهنجي گهوڙي جا اڳيان ٻئي پير گوڏن تائين زمين ۾ گهڙي ويا ۽ آئون ڪري پيس. پوءِ مون ان کي دڙڪا ڏنا ته هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس پير ڏاڍا ڏکيان ٻاهر نڪتا. بهرحال هو جڏهن سڌو کرو ٿيو ته سندس پيرن وٽان

دز اڏامي رهي هئي. مون ٻيهر تير سان قسمت معلوم ڪئي ۽ وري به ساڳيو تير نڪتو. ان بعد مون "امانَ" لاءِ ڪين سڏيو ته اهي بيهي رهيا ۽ آئون پنهنجي گهوڙي تي چڙهي انهن وٽ پهتس. جڏهن مونکي انهن ڏانهن وڌڻ کان جهليو ويو هو، ان مهل ئي منهنجي دل ۾ اها ڳالهه ويهي رهي هئي ته پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم نيٺ سوڀارا ٿيندا. تنهنڪري مون پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي چيو ته توهانجي قوم توهان تي انعام رکيو آهي ۽ گڏوگڏ مون ماڻهن جي ادارن کان به ڪين واقف ڪيو ۽ ساز سامان جي پيشڪش ڪئي، پر انهن منهنجو ڪوبه سامان نه ورتو ۽ نه مون سان ڪو سوال ڪيو. رڳو ايترو چيو ته اسان بابت رازداري اختيار ڪجان. مون پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي عرض ڪيو ته مونکي امن جو پروانو لکي ڏيو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، عامر رصلى الله عليه وسلم بن فهيره کي حڪم ڪيو ۽ ان چمڙي جي هڪ ٽڪري تي لکي منهنجي حوالي ڪيو پوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اڳتي وڌي ويا.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 554/1 - بني مدلج جو وطن رابغ ويجهو هو ۽ سراقه ان وقت پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي

پ +يان لڳو، جڏهن پاڻ قديد کان متي وجي رهيا هئا (زاد المعاد 53/2) ان ڪري وڌيڪ صحيح اهو آهي تہ اهو واقعو غار کان نڪرڻ جي ٽئين ڏينهن ٿيو.

ان واقعي بابت خود ابوبڪر رضہ بہ هڪ روايت بيان ڪئي آهي تہ اسين هلياسين تہ قوم اسانجي ڳولها ۾ نڪتي پر سراقہ رضہ بن مالڪ بن جعشم ڪانسواءِ جيڪو پنهنجي گهوڙي تي آيو هو، ٻيو ڪوبہ اسان تائين نہ پهچي سگهيو. مون چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! هي پيڇو ڪرڻ وارو اسان تائين پهچي ويو آهي!" پاڻ سڳورن فرمايو تہ "لاتحزن اِنّ اللّٰہَ معنا" يعني "غم نہ ڪر، الله اسان سان گڏ آهي."(2)

حاشيو (صحيح بخاري 516/1

بهرحال سراقہ موٽيو تہ ڏٺائين تہ ماڻهو ڳولها ۾ رڌل آهن. چوڻ لڳو تہ آئون هيڏانهن ڏسي آيو آهيان، هيڏانهن اوهانجو جيڪو ڪم هو، اهو ڪري آيو آهيان. (اهڙيءَ طرح ماڻهن کي واپس ونئي ويو.) يعني ڏينهن جو تہ هلان ڪري پئي آيو ۽ رات جو رکوال بڻجي ويو.(3)

حاشيو (3) زادالمعاد 53/2)

5. وات تي پاڻ سڳورن ﷺ کي بريده رضہ اسلمي مليو. هو پنهنجي قوم جو سردار هو ۽ قريشن، جنهن وڏي انعام جو اعلان ڪيو هو، ان جي لالچ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ ابوبڪر رضہ کي ڳولهڻ نڪتو هو. پر جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي آڏو پهتو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪيائين تہ دل ڏئي ويٺو ۽ قوم جي ستر ماڻهن سميت مسلمان ٿيو. پوءِ پنهنجو پٽڪو لاهي نيزي سان ٻڌائين، جنهن جو اڇو جهندو هوا ۾ لهرائيندو ۽ بشارت ڏيندو هليو تہ امن جو بادشاهہ، صلح جو حامي، دنيا کي عدل ۽ انصاف سان نوازڻ لاءِ اچي رهيو آهي.(1)

حاشيو (1) رحمت اللعالمين 101/1

6. واٽ تي پاڻ سڳورن ﷺ کي حضرت زبير بن العوام رﷺ مليو. هو مسلمانن جي هڪ واپاري ٽولي سان شام ملڪ کان واپس موٽي رهيو هو. حضرت زبير رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ ۽ ابوبڪر رضہ کي اڇي رنگ جا ڪپڙا سوکڙيءَ طور ڏنا. (2)

حاشيو (2) صحيح بخاري، عن عروه ابن الزبير 554/1

قباءِ ۾ پهچڻ:- سومر 8 ربيع الاول نبوت جي چوڏهين سال يعني سن هڪ هجري مطابق 23 سيپٽمبر 622ع تي پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم قباءِ ۾ پهتا.(3)

حاشيو (3) رحمت اللعالمين 102/1، ان ڏينهن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي عمر بنا ڪنهن گهاٽي واڌيءَ جي ٺيڪ 53 سالن تي پهتي هئي ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي نبوت جو آغاز 9 ربيع الاول سن 41 عام الفيل کان مڃين ٿا. انهن مطابق پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي نبوت جا ٺيڪ 13 ورهيه پورا ٿيا هئا. البته جيڪي ماڻهو نبوت جو آغاز عام الفيل جي 41 سال جي رمضان کان مڃين ٿا، انهن جي قول مطابق ٻارنهن سال پنج مهينا ارڙهن يا ٻاويهه ڏينهن ٿيا هئا.

حضرت عروه بن زبير رضه جو بيان آهي ته مديجي جي مسلمانن، مڪي مان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي روانگيءَ جي خبر ٻڌي هئي. انڪري ماڻهو روز صبح سان حرّه ڏانهن وڃي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جون راهون تڪيندا هئا. نيٺ ٻنپهرن جو اس تکي ٿيڻ ڪانپوءِ موٽي ويندا هئا. هڪ

ڏينهن ڊگهي انتظار بعد ماڻهو موٽي ويا تہ هڪ يهودي، هڪ ڇپ مٿان ڪجهہ ڏسڻ لاء چڙهيو. جان ڪٽي ڏسي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ۽ سندن ساٿي، جن کي اڇا ڪپڙا پهريل هئا، اچي رهيا آهن. ان بيخوديءَ ۾ وڏي واڪي ڪيو تہ "اي عربستان وارؤ! اهو آهي اوهانجو نصيب، جنهن جو توهان انتظار ڪري رهيا هئا." اهو ٻڌندي ئي مسلمان هٿيارن ڏانهن ڊوڙي پيا.(1) (۽ هٿيارن سان سينگارجي استقبال لاء اٿلي پيا.)

حاشيو (1) صحيح بخاري 555/1

ابن قيم ٻڌائي ٿو تہ ان سان گڏ ئي بني عمرو بن عوف (قباء جا رهواسي) ۾ گوڙ مچي ويو ۽ تڪبير لڳي. مسلمان پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ تڪبير جو نعرو هڻندي استقبال لاء نڪري پيا. پوء پاڻ سڳورن ﷺ سان ملي نبوت تيايمان جي تجديد ڪيائون ۽ چوڌاري پتنگن وانگر جمع ٿي ويا. ان مهل پاڻ سڳورن ﷺ تي ماٺ طاري هئي ۽ وحي نازل ٿي رهي هئي.

فان الله ....ذالڪ ظهير (4:66)

حضرت عروه بن زبير رضہ جو بيان آهي تہ ماڻهن سان ملڻ ڪانپوء(2) پاڻ سڳورا ﷺ ساڄي پاسي مڙيا ۽ نبي عمرو بن عوف وٽ پهتا. اهو

حاشيو (2) زادالمعاد 52/2

سومر جو ڏينهن ۽ ربيع الاول جو مهينو هو. ابوبڪر رضہ اڇڻ وارن ڪي پليڪار چوڻ لاء بيٺو هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ڪري ويٺا هئا. انصاف آيا ٿي ۽ جن پاڻ سڳورن ﷺ ڪي نہ ڏٺو هو، انهن سڏو ابوبڪر رضہ ڪي سلام ڪيو ٿي. تانت پاڻ سڳورن ﷺ مٿان اس اچي وئي ۽ ابوبڪر رضہ چادر تاڻي پاڻ سڳورن ﷺ مٿان ڇانوَ ڪئي. تڏهن ماڻهن، پاڻ سڳورن ﷺ ڪي سڃاتو.(1)

حاشيو (صحيح بخاري 555/1)

پاڻ سڳورن ﷺ جي استقبال ۽ ديدار لاء سڄو مدينو اچي گڏ ٿيو هو. اهو هڪ تاريخي ڏينهن هو، جنهن جو مثال سڄي مديني ۾ اڳي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ويو هو. ان ڏينهن يهودين بہ حبقوق نبيءَ جي اها اڳڪٿي اکين سان

ڏسي ورتي تہ "اللّٰه تعاليٰ، ڏکڻ کان ۽ اهو جيڪو قدوس آهي، فاران جبل کان آيو."(2)

حاشيو (2) بائبل، حبقوق نبيءَ جو صحيفو

پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم قباء ۾ ڪلثوم رضہ بن هدم يا ڪن جي چوڻ مطابق سعد رضہ بن خثيمہ جي گهر ۾ رهيا. پهريون قول وڌيڪ معتبر آهي.

هوڏانهن حضرت علي بن ابي طالب رضہ مڪي ۾ ٽي ڏانهن رهي سيني ماڻهن جون امانتون، جيڪي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ رکيل هيون، سي موٽائي پنڌ مديني ڏانهن هليا ۽ هقاء ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان اچي مليو ۽ ڪلثوم بن هدم وٽ رهيو.(3)

حاشيو (3) زادالمعاد 54/2 - ابن هشام 493/1 - رحمت اللعالمين 102/1

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم قباء ۾ ڪل چار ڏينهن (1) (سومر کان خميس) يا ڏيهہ يا وڌيڪ ڏينهن يا آمد ۽ روانگيءَ کانسواء 24 ڏينهن رهيا ۽ ان وچ ۾

حاشيو (1) اها ابن اسحاق جي روايت آهي. ڏسو ابن هشام 494/1، علامہ منصور پوريءَ بہ اها روايت ڏني آهي. ڏسو رحمت اللعالمين 102/1، پر صحيح بخاريءَ جي هڪ روايت آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ قباء ۾ 24 ڏينهن رهيا.(61/1) پر هڪ ٻي روايت ۾ ڏهن راتين کان ڪجھ وڌيڪ ڏينهن (555/1) ۽ ٽين روايت ۾ چوڏهن راتيون (560/1) ٻڌايل آهن. ابن قيم آخري روايت مڃي آهي، پر هن پاڻ واڌارو ڪيو آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ قباء ۾ سومر ڏينهن پڳا هئا ۽ جمع ڏينهن روانا ٿيا هئا. (زادالمعاد 54/2، 55) ۽ جي سومر ۽ جمع، ٻن الڳ الڳ هفتن جا سمجھجن تہ آمد ۽ روانگيءَ جا ڏينهن ڇڏي ڪل ڏھ ڏينهن ٿين ٿا ۽ آمد ۽ روانگيءَ جي ڏينهن سميت 12 ڏينهن ٿين ٿا. انڪري ڪل عرصو 14 ڏينهن ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟

مسجد قباء جو بنياد رکيائون ۽ ان ۾ نماز پڑهيائون. اها پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت ملڻ کانپوء جوڙيل پهرين

مسجد هئي، جنهن جو بنياد تقويٰ تي رکيو ويو هو. پنجين ڏينهن (يا ٻارهين يا چوڏهين ڏينهن) جمع تي الله جي حڪم سان سوار ٿيا. ابوبڪر رﷺ ساڻن ٻيلهه چڙهيو. پاڻ سڳورن ﷺ بنو النجار کي، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جا ناناڻا هئا، نياپو موڪليو هو. تنهنڪري اهي ٻه هٿيار پنوار پهري اچي سهڙيا. پاڻ سڳورا ﷺ (انهن سان گڏ) مديني روانا ٿيا. بنو سالم بن عوف جي وسنديءَ ۾ پهتا ته جمع جو وقت ٿي ويو. پاڻ سڳورن ﷺ بطن جي واديءَ ۾ ان جاء تي جمع نماز پڙهي، جتي هاڻي مسجد آهي. ڪل هڪ سؤ ڄڻا هئا.(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري 555/1، 560 - زادالمعاد 55/2 - ابن هشام 494/1 - رحمت اللعالمين 102/1

مديني ۾ داخلا:- جمع ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ مديني پهتا ۽ ان ڏينهن کان ان شهر جو نالو يثرب بدران مدينة الرسول (رسول جو شهر) پئجي ويو، جنهن کي مختصر طور تي مدينو چئجي ٿو. اهو ڏاڍو تاريخي ڏينهن هو. گهٽيءَ گهٽيءَ

۾ حمد ۽ ثنا ڳائجي رهي هئي ۽ انصارن جون نينگريون خوشيءَ ۾ اهڙا شعر ڳائي رهيون هيون:

اشرق البدر علينا من ثنيات الوداع
وجب الشكر علينا ما دعا للّٰهِ داع
ايها المبعوث فينا جئت الامر المطاع

انصار جيتوڻيڪ امير نہ هئا تہ بہ هر ڪنهن جي آس هئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ انهن وٽ رهن. تنهنڪري پان سڳورا ﷺ جنهن گهر ۽ پاڙي مان لنگهيا ٿي، اتي ماڻهو ڏاچيءَ جي رسيءَ کي جهلي ٿي بيٺا ۽ عرض ٿي ڪيائيون تہ هتي لهي پئو، پر پاڻ سڳورن ﷺ جو جواب اهو هو تہ ڏاچيءَ جو گس ڇڏيو. هيءَ الله پاران مقرر ڪيل آهي. ان ڪانپوءِ ڏاچي لڳاتير هلندي رهي ۽ ان جڳهہ تي پهچي بيهي رهي، جتي اڄ مسجد نبوي آهي، پر پاڻ سڳورا ﷺ هيٺ نہ لٿا. ڏاچي وري اٿي. ٿورو اڳتي وئي ۽ وري مڙي ڏسڻ بعد موٽي ساڳي جڳهہ تي اچي ويٺي. ان بعد پاڻ سڳورا ﷺ هيٺ لٿا. اهو پاڻ سڳورن ﷺ جي ناناڻن، يعني بني نجار وارن جو پاڙو هو ۽ اه ڏاچي الله جي حڪم سان اتي ان

لاءِ ويٺي جو پان سڳورن ﷺ ناناڻن ۾ رهي انهن کي شرف بخشڻ چاهيو ٿي. هاڻي بنو نجار وارن پنهنجي پنهنجي گهر هلڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي منٿون ڪرڻ شروع ڪيون. پر ابو ايو انصاري رضہ تڪڙ ۾ ڪٺي پاڻ سڳورن ﷺ جو سامان کنيو ۽ پنهنجي گهر هليو ويو. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ماڻهو پنهنجي سامان سان ويندو. هوڏانهن حضرت اسعد بن زراره رضہ اچي ڏاڍيءَ جو رسو جهليو، تنهنڪرياها ڏاڍي وٽن ئي رهي.(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 55/2 - رحمت اللعالمين 106/1

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت انس رضہ کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "اسانجي ڪهڙي همراهہ جو گهر وڌيڪ ويجهو آهي؟" حضرت ابو ايوب انصاري رضہ چيو ته"منهنجو، يا رسول الله ﷺ! هي آهي منهنجو گهر ۽ هي آهي دروازو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "وڃ ۽ مون لاءِ آرام جي جڳهہ تيار ڪر." هن وراڻيو ته "توهان ٻئي هلو، الله برڪت ڏيندو."(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري 556/1

ڪجھ ڏينھن بعد پاڻ سڳورن ﷺ جي گھرواري ام المؤمنين بيبي سوده رضہ ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جون ٻئي نياڻيون، بيبي فاطمہ رضہ ۽ بيبي ام ڪلثوم رﷺ ۽ حضرت اسامہ رضہ ۽ ام ايمن رضہ جن بہ اچي ويون. انھن سيني کي حضرت عبدالله بن ابي بڪر رضہ پنھنجي خاندان سان، جن ۾ بيبي عائشہ رضہ بہ شامل ھئي، وٺي آيا ھئا. باقي پاڻ سڳورن ﷺ جي ھڪ نياڻي بيبي زينب رضہ، حضرت ابوالعاص رضہ وٽ رھيل ھئي، جنھن کين اچڻ نہ ڏنو ۽ اھا بدر جي جنگ کانپوءِ اچي سگھي.(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 55/2

بيبي عائشہ رضہ جو بيان آھي تہ پاڻ سڳورا ﷺ مديني آيا تہ حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت بلال رضہ کي بخار ٿي پيو. مون سندن خدمت ۾ حاضر ٿي پڇيو تہ "بابا سائين! اوھانجو ڪھڙو حال آھي؟ ۽ اي بلال توھانجو ڇا حال آھي؟" سندن بيان آھي تہ جڏھن حضرت ابوبڪر رضہ کي بخار ايندو ھو تہ ھي شعر پڙھندو ھو:

كل امري مصبح في اهلہ   الموت ادنيٰ من شراك نعلہ

حضرت بلال رضہ جي حالت سڌرندي هئي تہ پاڻ تڪليفده آواز ۾ هي شعر پڙهندو هو:

الاليت شعري هل ابيتن ليلہ   بواد وحولي اذخر و جليل

و هل اردن يومامياه مجنہ   وهل يبدون لي شامہ و طفيل

بيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ مون پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي اها خبر ڏني تہ پان سڳورن صلى الله عليه وسلم فرماي وتہ "يا الله! اسان لاء مديني کي ان طرح محبوب ڪر، جيئن مڪو محبوب هو يا ان کان بہ وڌيڪ ۽ مديني جي فضا کي صحت بخش بڻاء ۽ ان جي صاح ۽ مد (طور جي پيمانن) ۾ برڪت ڏي ۽ ان جو بخار جحفہ ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي."(2) الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي دعا بڌي ۽ حالتون تبديل ٿي ويون.

حاشيو (2) صحيح بخاري 1/588، 589

مديني واري زندگي

مديني واري حياتيءَ کي ٽن مرحلن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

1. پهريون مرحلو:- جنهن ۾ فتنا ۽ پريشانيون هيون. اندروني طور تي رڪاوٽون کڙيون ڪيون ويون ۽ ٻاهران دشمنن مديني کي برباد ڪرڻ لاءِ چڙهايون ڪيون. اهو مرحلو ذوالقعد سن 6 هه ۾ صلح حديبيہ ٿيڻ بعد ختم ٿيو.

2. ٻيو مرحلو:- جنهن ۾ بت پرست قيادت سان صلح ٿي. اهو مرحلو مڪي جي فتح تائين، يعني رمضان 8 هه تي ختم ٿيو. ان مرحلي ۾ ئي دنيا جي شهنشاهن کي دين جي دعوت ڏني وئي.

3. ٽيون مرحلو:- جنهن ۾ ماڻهو الله جيدين ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪاهي پيا. ان مرحلي ۾ ئي مديني ۾ قومن ۽ قبيلن جا وفد آيا. اهو مرحلو پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ جي آخر تائين، يعين ربيع الاول سن 11 هه تائين هليو.

پهريون مرحلو:

هجرت مهل مديني جون حالتون

هجرت جو مطلب رڳو اهو نہ هو تہ فتني ۽ ٺٺولين کان نجات حاصل ڪري ونجي. بلڪ ان ۾ اهو مفهوم بہ

شامل هو تہ هڪ پرامن علائقي ۾ هڪ نئين معاشري جي تشڪيل ڪئي وڃي. ان لاءِ هر پهچ رکندڙ مسلمان تي اهو فرض رکيو ويو تہ هن نئين وطن جي تعمير ۾ حصو وٺن ۽ ان جي مضبوطي، حفاظت ۽ شان شوڪت جون ڪوششون ڪن.

اها ڳالهہ پڪي آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ئي ان معاشري جي تشڪيل جا امام، قائد ۽ رهنما هئا ۽ بلاشڪ سڀ معامل پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿن ۾ ئي هئا.

مديني ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو واسطو ٽن قسمن جي قومن سان پيو. جن مان هر ڪنهن جون حالتون ٻين کان مختلف هيون ۽ سڀني کا ڪي خاص مسئلا هئا، جيڪي ٻين قومن کان مختلف هئا. اهي ٽئي قومون هي هيون:

1. پاڻ سڳورن ﷺ جي پرهيزگار اصحابين جي چونڊ جماعت.

2. مديني جي پراڻن ۽ اصلي قبيلن سان تعلق رکندڙ مشرڪ، جن اجا تائين ايمان نہ آندو هو.

3. يهودي.

(الف) پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجن اصحابن جي سلسلي ۾ جيڪي مسئلا درپيش هئا، انهن جي وضاحت اها آهي تہ مديني جون حالتون مڪي جي حالتن کان صفا بدليل هيون. مڪي ۾ جيتوڻيڪ سندن ڪلمو هڪ هو ۽ انهن جا مقصد بہ ساڳيا هئا، پر اهي پاڻ مختلف گهراڻن ۾ ورڇيل هئا ۽ مجبور ۽ مقهور ۽ ڪمزور هئا. انهن وٽ ڪوبہ اختيار نہ هو. سڀ اختيار دين جي دشمنن وٽ هئا ۽ دنيا جو ڪوبہ معاشرو جن بنيادن تي ٺهندو آهي، انهن مان ڪوبہ مڪي جي مسلمانن وٽ نہ هو، جن جي بنياد تي ڪنهن نيئن اسلامي سماج جي تشڪيل ڪئي وڃي. انڪري ئي مڪي سورتن ۾ رڳو اسلامي مباديات جو تفصيل بيان ڪيو ويو آهي ۽ رڳو اهڙا حڪم نازل ڪيا ويا آهن، جن تي هر ماڻهو اڪيلي سر عمل ڪري سگهي. ان ڪانسواءِ نيڪي، ڀلائي ۽ اخلاقي قدرن جي ترغيب ڏني وئي آهي ۽ ڪريل ۽ ڪنن ڪمن کان بچڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

ان جي ڀيٽ ۾ مديني ۾ مسلمانن جا سڀ معاملا، مسلمانن جي ئي هٿن ۾ هئا. انهن تي ڪنهن جو تسلط نہ

هو. هاڻي مسلمانن کي تهذيب ۽ تاريخ، معاشيات ۽ اقتصاديات، سياست ۽ حڪومت، صلح ۽ جنگ جهڙا مسئلا درپيش هئا ۽ انهن لاءِ حلال ۽ حرام ۽ عبادتن ۽ اخلاق وغيره جهڙن زندگيءَ جي مسئلن تي ڀرپور انداز ۾ تنقيح ڪئي وڃي.

وقت اچي ويو هو تہ مسلمان هڪ نئون معاشرو يعني اسلامي سماج جوڙين، جيڪو زندگيءَ جي سيني مرحلن ۾ اڻسڌريل معاشري کان مختلف ۽ انسان جي سيني معاشرن کان ممتاز هجي.

ظاهر آهي تہ ان طرح جو معاشرو هڪ ڏينهن، هڪ مهيني يا هڪ سال ۾ نٿو جڙي سگهي. بلڪہ ان لاءِ هڪ ڊگهو عرصو کتو ٿي تہ جيئن ان ۾ آهستي آهستي ۽ درجي بدرجي حڪم لاڳا وڃن ۽ قانون جوڙڻ جو ڪم محنت ۽ تربيت ۽ عملي نفاذ سان مڪمل ڪيو وڃي. اهي حڪم ۽ قانون خدا پاران ٻڌايا ويا ۽ انهن کي معاشري ۾ لاڳو ڪرڻ ۽ مسلمانن جي تربيت ۽ رهنمائيءَ جو معاملو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي هٿ ۾ هو. جيئن ارشاد آهي تہ:

هو الذي بعث.........ضلال مبين (2:63)

هوڏانهن اصحابي سڳورن جو حال اهو هو تہ اهي پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن هر وقت متوجهہ رهندا هئا ۽ جيڪو حڪم لهندو هو، ان تي عمل ڪري ڏاڍي خوشي محسوس ڪندا هئا. جيئن ارشاد آهي تہ:

واذا تليت.......ايمانا...(2:8)

جيئن تہ انهن سڀني مسئلن جو تفصيل اسانجي موضوع ۾ شامل نہ آهي، انڪري ضرورت مطابق گفتگو ڪئي ويندي.

مطلب تہ اهو ئي سڀ کان وڏو مسئلو هو جو پاڻ سڳورن ﷺ کي مسلمانن متعلق درپيش هو ۽ وڏي پيماني تي اهو ئي اسلامي دعوت ۽ محمد ﷺ جو مقصد بہ هو ۽ ڪو هنگامي مسئلو نہ، بلڪ مستقل مسئلو هو. باقي ڪي ٻيا بہ مسئلا هئا، جن لاءِ تڪڙي توجهہ گهربل هئي. جن جي مختصر ڪيفيت هن ريت آهي:

مسلمانن جي جماعت ۾ ٻن طرحن جي ماڻهو شامل هئا. هڪڙا اهي، جيڪي پنهنجي زمين، پنهنجي گهر گهاٽ

۽ مال ملڪيت وارا هئا ۽ انهن بابت ايڏو فڪر نہ هو. جيڏو ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي گهر ٻار ۾ امن سڪون سان رهي ڪرڻو پوي ٿو. اهو انصارن جو گروهہ هو ۽ انهن ۾ نسلن کان پڪيون دشمنيون ۽ نفرتون هلنديون پئي آيون. ٻيو گروهہ مهاجرن جو هو. جيڪو انهن سڀني سهولتن کان محروم هو ۽ لٽجي ڦٽجي توڪل جي آذار تي اچي مديني پهتو هو. انهن وٽ نہ ڪو رهڻ لاءِ نڪاڻو هو نہ پيٽ پالڻ لاءِ ڪو ڪم ۽ نہ ڪو ناڻو ئي هو. جنهن سان هو نئين معيشت جي اڏاوت ڪري سگهن. اهي پناهگير گهٽ تعداد ۾ بہ ڪونہ هئا ۽ انهن ۾ ڏينهان ڏينهن واڌارو بہ ٿي رهيو هو. ڇو تہ اعلان ڪيل هو تہ جيڪو ماڻهو الله ۽ ان جي رسول تي ايمان رکندو هجي، اهو هجرت ڪري مديني هليو اچي. مديني ۾ نہ ڌن دولت هئي نہ ئي ڪمائڻ جا ٻيا وسيلا. تنهنڪري مديني جو اقتصادي توازن بگڙي ويو ۽ ان ڏکيءَ حالت ۾ ئي اسلام جي ويري قوتن بہ مديني جو جهرو ڪر بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو هو. جنهن سان مال جي درآمد بند ٿي وئي ۽ حالتون خراب ٿي ويون.

(ب) ٻي قوم، يعني مديني جا اصل مشرڪ رهاڪو، جن جو حال اهو هو ته هو مسلمانن کان ڪمزور هئا. ڪجهه مشرڪ ٻڌتر ۾ هئا ۽ پنهنجي اباڻي دين کي ڇڏڻ لاءِ من هٽي رهيا هئا، پر اسلام ۽ مسلمانن خلاف سندن دل ۾ ڪابه دشمني نه هئي. اهرا ماڻهو ڪجهه عرصي ۾ مسلمان ٿي ويا ۽ سچا مسلمان ٿي ويا.

ان جي پيٺ ۾ ڪي مشرڪ اهڙا به هئا، جن جي من ۾ مسلمانن ۽ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم لاءِ ڪينو ۽ عداوت رکيل هئي، پر انهن ۾ ڪلي آڏو اچڻ جي همت نه هئي. بلڪ حالتن کي ڏسندي پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم سان محبت ۽ خلوص جو اظهار ڪرڻ تي مجبور هئا. انهن ۾ سڀ کان اڳرو عبدالله بن ابي ابن سلول هو. هن کي بعاث واري جنگ ڪانپوءِ اوس ۽ خزرج وارا پنهنجو سردار بنائڻ تي متفق ٿي ويا هئا. ان کان اڳ ٻئي ڌريون ڪنهن کي به گڏيل اڳواڻ مڃڻ لاءِ تيار نه هيون. پر هاڻي سندن لاءِ سپين جي ڪوپين مان تاج پئي تيار ڪيو ويو ته جيئن هن کي شاهي تاج پهرائي باقائده بادشاهت جو اعلان ڪيو وڃي. مطلب ته همراهه مديني جو

بادشاهہ ٿيڻ ئي وارو هو جو اوچتو پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ جو چرچو ٿيو ويو ۽ ماڻهن جو رخ هن بدران پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن ٿي ويو. انڪري هن کي گمان هو تہ پاڻ سڳورن ئي سندس بادشاهت ڦري آهي. تنهنڪري هن دل ئي دل ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان سخت عداوت ٿي رکي. ان هوندي بہ جڏهن هن بدر واري جنگ ۾ ڏٺو تہ حالتون سندس حق ۾ ناهن ۽ هو مشرڪ هوندي دنيا جي فائدن کان محروم ٿي رهندو. تڏهن هن ظاهر ۾ اسلام قبولڻ جو اعلان ڪيو، پر هو اجا دلي طرح ڪافر هو. ان ڪري جڏهن بہ ڪيس پاڻ سڳورن ﷺ ۽ مسلمانن خلاف ڪا شرارت ڪرڻ جو موقعو ملندو هو تہ هو اهو موقعو هٿان نہ وڃائيندو هو. هن جا ساٿي عام طور تي اهي وڏيرا هئا، جن سندس بادشاهت جي سائي ۾ وڏا وڏا عهدا هٿ ڪرڻ جا خواب ڏٺا پئي، پر هاڻي انهن کي بہ محروم ٿيڻو پيو هو. اهي ماڻهو سندس ساٿاري هئا ۽ ان جي منصوبن جي پورائيءَ لاءِ سندس هر قسم جي مدد لاءِ تيار هئا ۽ ان مقصد لاءِ ڪڏهن ڪڏهن

نوجوانن ۽ سادن سودن مسلمانن کي بہ استعمال ڪري ويندا هئا.

(ج) ٽين يهودي قوم هئي، جيئن مٿي بيان ڪيل آهي تہ اهي آشوري ۽ رومين جي ظلمن کان پڄي اچي حجاز ۾ رهيا هئا. اهي اصل ۾ عبراني هئا، پر حجاز ۾ پناهہ وٺڻ کانپوءِ سندن اٺڻ ويهڻ، زبان ۽ تهذيب تي عربي رنگ چڙهي چڪو هو. ايستائين جو انهن جي قبيلن ۽ ماڻهن جا نالا بہ عربي ٿي ويا هئا ۽ انهن ۽ عربن ۾ مٿيون مائٽيون بہ ٿي ويون هيون، پران هوندي بهسندن نسلي عصيبت برقرار هئي ۽ اهي عربن ۾ ضم نہ ٿيا هئا. بلڪ پنهنجي اسرائيلي ۽ يهودي قوميت تي فخر ڪندا هئا ۽ عربن کي صفا گهٽ سمجهندا هئا. انهن کي امي چوندا هئا، جنهن جو مطلب انهن جي نظر ۾ ٻڇ، وحشي، ڪريل، پنتي پيل ۽ اڇوت ٿيل هو. سندن عقيدو هو تہ عربن جو مال انهن لاءِ حلال آهي، جيئن وحين، کائين. جيئن قرآن ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ قالو ......سبيل (3:75)

يعني امين جو مال هڙپ ڪرڻ کان اسانکي ڪير نہ جهليندو. اهي يهودي پنهنجي دين کي ڦهلائڻ لاءِ ڪوششون نہ ڪندا هئا. انهن وٽ دين جي جيڪا پونجي وڃي بچي هئي، اها هئي فال ڪڍڻ، جادو ۽ ٽوٽا ڦيٽا ڪرڻ وغيره. انهن شين جي ڪري هو پاڻ کي علم جا ابا ۽ روحاني پيشوا سمجهندا هئا.

يهودين کي دولت ڪمائڻ جي فن ۾ مهارت هئي. ان، ڪجين، شراب ۽ ڪپڙي جو واپار سندن هٿ ۾ هو. ان کانسواءِ بہ هو ڪافي ڪمن ۾ سرگرم هئا. هو پنهنجي واپاري مال مان عربن کان ٽيڻو فائدو حاصل ڪندا هئا ۽ ان تي بس نہ ڪندا هئا. بلڪ اهي وياج خور بہ هئا. انڪري اهي عرب شيخن ۽ وڏيرن کي وياج تي وڏيون وڏيون رقمون ڏيندا هئا. جن کي اهي سردار نالو ڪڍائڻ ۽ پنهنجا راڳ ڳارائڻ وغيره لاءِ اجايو ۽ بي دريغ استعمال ڪندا هئا. هوڏانهن يهودي انهن پئسن جي بدلي ۾ انهن وڏيرن کان سندن زمينون، ٻنيون ۽ باغ وغيره گروي رکائيندا هئا ۽ ڪجهہ سال گذرڻ بعد ان جا مالڪ ٿي ويندا هئا.

اهي سازشون ڪرڻ ۽ فسادن ڪرائڻ جا ماهر هئا.
اهڙي نموني سان پاڙيسري قبيلن کي ويڙهائيندا هئا جو انهن قبيلن کي احساس بہ نہ ٿيندو هو. پوءِ انهن قبيلن ۾ جنگيون شروع ٿي ونديون هيون ۽ جي اها باهہ جهڪي ٿيڻ لڳندي هئي تہ يهودين جا لڪل هٿ وري حرڪت ۾ اچي ويندا هئا ۽ جنگ جا شعلا وري ڀڙڪي پوندا هئا. ڪمال اهو هو تہ اهي قبيلن کي ويڙهائي ماٺ ڪري ويهي عربن جي تباهيءَ جو تماشو ڏسندا هئا. وڏا وڏا قرض، وياج تي ڏيندا رهندا هئا تہ جيئن ڏوڪڙ نہ هجڻ ڪري جنگ بند نہ ٿي وڃي. ان طرح کين ٻٽو فائدو ٿيندو هو. هڪ پاسي پنهنجي يهودي جميعت کي محفوظ رکندا هئا ۽ ٻئي پاسي وياج جي بازار کي ٿڌو ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. يثرب ۾ يهودين جا ٽي قبيلا هئا.

(1) بنو قينقاع،اهي خزرج جا حليف هئا ۽ انهن جي وسندي مديني جي اندر هئي. (2) بنو نضير (3) بنو قريظہ، اهي ٻئي قبيلا اوس جا حليف هئا ۽ انهن ٻنهي جي آبادي مديني کان ٻاهر هئي.

ڪافي عرصي ڪان اهي ٻئي قبيلا اوس ۽ خزرج جي وچ ۾ جنگ جي باهه ڀڙڪائي رهيا هئا ۽ بعاث واري جنگ ۾ پنهنجن پنهنجن حليفن سان پاڻ به شريڪ ٿيا هئا.

انهن يهودين مان اسلام ڪي بغض ۽ عداوت جي نظر سان ڏسڻ ڪانسواءِ ٻي ڪابه توقع رکي نٿي سگهجي. ڇو ته پيغمبر انهن جي نسل مان نه هو جو انهن جي نسلي عصبيت کي، جيڪا انهن جي نفسيات ۽ ذهنيت جو اٽوٽ جزو هئي، سڪون ملي. اسلام جي دعوت هڪ صالح دعوت هئي، جيڪا ٽٽل دلين کي جوڙيندي هئي. بغض ۽ عداوت جي باهه وسائيندي هئي، سڀني معاملن ۾ ايمانداري ڪرڻ ۽ پاڪ ۽ حلال مال ڪائڻ جو پابند ڪندي هئي. ان جو مطلب اهو هو ته هاڻي يثرب جا قبيلا پاڻ ۾ نهي ويندا ۽ ان حالت ۾ لازمي طرح اهي يهودين جي چنبي مان آزاد ٿي ويندا. تنهنڪري واپاري سرگرميون ماٺيون ٿي ونديون ۽ اهي ان وياج واري دولت ڪان محروم ٿي ويندا. جنهن تي سندن مالداريءَ جي چڪي ڦري رهي هئي. بلڪ اهو به ڊپ هو ته متان اهي قبيلا سجاڳ ٿي ان مال جي تقاضا نه ڪن،

جيڪو يهودين بنا سبب جي ڪانئن ڦٻايو آهي ۽ اهڙيءَ طرح اهي انهن زمينن ۽ باغن کي واپس نہ وٺي وڃن، جيڪي وياج ۾ يهودين ڦٻائي ورتا هئا.

جڏهن ڪان يهودين کي خبر پئي هئي تہ اسلامي دعوت يثرب ۾ گهر ڪري چڪي آهي، تڏهن ڪان ئي انهن، اهڙين سمورين ڳالهين تي سوچڻ شروع ڪري ڏنو هو. انڪري يثرب ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي اچڻ وقت ڪان ئي يهودين کي اسلام ۽ مسلمانن سان سخت وير ٿي پيو هو. جيتوڻيڪ اهي ان جي مظاهري جي جسارت ڪافي عرصي بعد ڪري سگهيا. ان ڪيفيت جي چٽي خبر ابن اسحاق جي ٻڌايل هڪ واقعي مان پئي ٿي. ان لکيو آهي تہ مونکي ام المؤمنين بيبي صفيہ بنت يحہ بن اخطب رضہ ڪان هيءَ روايت ملي آهي تہ ان فرمايو تہ "آئون پنهنجي والد ۽ چاچي ابو ياسر جي نگاهہ ۾ پنهنجي والد جي سڀ ڪان لاڏلي هيس. آئون چاچا ۽ بابا سان جڏهن بہ سندن ٻئي ڪنهن اولاد سان گڏ ملندي هيس تہ اهي، ان بدران مونکي ئي کڻندا هئا. جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم مديني ۾ آيا ۽ قباء ۾

بنو عمرو بن عوف وٽ رهيا تہ منهنجو والد يحي بن اخطب ۽ چاچو ابو ياسر، پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ صبح ساڻ حاضر ٿيا ۽ جخ لٿي مهل ڏاڍا ٿڪل ۽ ٽڙندي ٿاٻرندي موٽيا. مون اڳي وانگر خوشيءَ ۾ انهن ڏانهن ڊوڙ پاتي، پر اهي ايترو تہ غم ۾ ٻڏل هئا جو بخدا ٻنهي مون ڏانهن اک کڻي بہ نہ نهاريو. مون پنهنجي چاچي جي ڳالهہ ٻڌي، جيڪو منهنجي والد يحي بن اخطب کي چئي رهيو هو تہ: "ڇا هي اهو ئي آهي؟"

هن وراڻيو تہ: "ها."

چاچا چيو تہ: "توهان کين چڱيءَ طرح سڃاتو آهي؟"

بابا چيو تہ: "ها."

چاچا چيو تہ:"هاڻي اوهانجي من ۾ ان بابت ڇا ارادا آهن؟"

بابا چيو تہ:"عداوت، خدا جو سنهن! جيستائين جيئرو رهندس."(1)

حاشيو (1) ابن هشام 518/1، 519

ان جي شاهدي صحيح بخاريءَ جي ان روايت مان بہ ملي ٿي، جنهن ۾ حضرت عبدالله بن سلام رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي. جيڪو پاڻ بہ نهايت وڏو يهودي عالم هو. ڪين بنو النجار ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي اچڻ جي خبر پئي تہ تڪڙو تڪڙو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ حاضر ٿيو ۽ ڪجهہ سوال پڇيائين، جن بابت رڳو نبيءَ کي ئي ڄاڻ ٿي سگهي ٿي ۽ جڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کان جواب ٻڌائين تہ اتي ئي مسلمان ٿي ويو. پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي چيائين تہ يهودي ڏاڍا بهتان باز آهن. جيڪڏهن انهنجي ڪجهہ پڇڻ کان اڳ انهن کي منهنجي اسلام قبولن جو پتو پيو تہ هو توهان وٽ اچي منهنجون گلائون ڪندا. تنهنڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم يهودين کي سڏايو ۽ اهي آيا. هوڏانهن عبدالله بن سلام رضہ گهر ۾ اندر لڪي ويو هو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پڇيو تہ "عبدالله بن سلام توهان ۾ ڪهڙي حيثيت رکي ٿو؟" انهن چيو تہ "اسانجو سڀ کان وڏو عالم آهي ۽ سڀ کان وڏي عالم جو پٽ آهي. اسان مان سڀ کان ڀلو ماڻهو آهي ۽ سڀ کان ڀلي ماڻهوءَ جو پٽ

آهي." هڪ روايت جا لفظ هن ريت آهن تہ اسانجو سردار آهي ۽ اسانجي سردار جو پٽ آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "چڱو اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن عبدالله مسلمان ٿي وڃي تہ؟" يهودين ٻہ يا ٽي ڀيرا چيو تہ "الله ان کي اهڙي ڪم کان محفوظ رکي." ان کانپوءِ عبدالله بن سلام رضہ ٻاهر نڪتو ۽ فرمايائين تہ اشهد ان لا الہ الا الله و اشهد ان محمدا رسول اللهﷺ (آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ آئون شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ، الله جو رسول آهي.) ايترو ٻڌڻ شرط يهودي چوڻ لڳا تہ "شرنا و ابن شرنا" يعني "هي اسان مان سڀ کان برو ماڻهو آهي ۽ سڀ کان بري ماڻهوءَ جو پٽ آهي" ۽ (ان ئي مهل) سندن گلائون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيائون. هڪ روايت ۾ آهي تہ ان تي حضرت عبدالله بن سلام رضہ فرمايو تہ "اي يهوديو! الله کان ڊڄو. ان الله جو قسم جنهن کانسواءِ ڪو معبود نہ آهي، توهان ڄاڻو ٿا تہ پاڻ سڳورا ﷺ ئي الله جا رسول آهن ۽ حق

ڪٽي آيا آهن." پر يهودين چيو ته "تون ڪوڙ پيو ڳالهائين."(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 1/459، 556، 561

اهو پهريون تجربو يهودين بابت پاڻ سڳورن ﷺ کي ٿيو ۽ مديني ۾ داخل ٿيڻ جي پهرئين ڏينهن ئي ٿيو.

هيستائين جيڪو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو مديني جي اندرين حالتن بابت هو. مديني کان ٻاهر مسلمانن جا سڀ کان سخت ويري قريش هئا ۽ تيرنهن سالن تائين، جيسين مسلمان سندن هٿ هيٺ رهيا، دهشت مچائڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ تنگ ڪرڻ جا سڀ طريقا استعمال ڪري چڪا هئا. هر طرح جون ڏاڍايون ۽ ظلم ڪري چڪا هئا. منظم ۽ وسيع پروپيگنده ۽ نهايت صبر آزما نفسياتي حربا استعمال ڪري چڪا هئا. جڏهن مسلمانن مديني ڏانهن هجرت ڪئي ته قريشن، سندن زمينون، گهر گهاٽ ۽ مال ملڪيت سڀ ڪجهه ضبط ڪري ڇڏيو ۽ مسلمانن ۽ سندن خاندان وارن جي وچ ۾ ديوار بڻجي ويا. بلڪ جنهنکي جهلي سگهيا، تنهن کي قيد ڪري هر طرح جو اهنج

رسايائون. ان تي بس نہ ڪيائون، بلڪ اسلامي دعوت جي اڳواڻ حضرت محمد ﷺ کي قتل ڪرڻ ۽ سندن دين خلاف خوفناڪ سازشون ڪيائون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ پنهنجون سڀ صلاحيتون صرف ڪيائون. تنهن ڪانپوءِ جڏهن مسلمان ڪنهن نہ ڪنهن طرح پيچي وجي پنج سؤ ڪلوميٽر پري مديني ۾ پهتا تہ قريشن پنهنجي ساک مان فائدو وٺندي ڪريل سياسي ڪردار ادا ڪيو. يعني جيئن تہ اهي حرم جا رهاڪو ۽ بيت الله جا پاڙيسري هئا ۽ ان ڪري ڪين عربن ۾ ديني اڳواڻي ۽ دنياوي رياست جو منصب بہ حاصل هو، انڪري، انهن عربستان جي اڀيٺ جي ٻين مشرڪن کي پرڪائي ۽ ورغلائي مديني جو تقريبن مڪمل بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو. جنهنڪري مديني جي واپار کي ڏاڍو ڌڪ رسيو. جڏهن تہ اتي هجرت ڪري ايندڙ پناهگيرن جو انگ ڏينهان ڏينهن وڌي رهيو هو. حقيقت ۾ مڪي جي انهن سرڪشن ۽ مسلمانن جي ان نئين وطن جي وچ ۾ جنگي حالتون قائم ٿي چڪيون هيون ۽ اها بيوقوفيءَ جهڙي ڳالهہ

ٽيندي تہ ان جهڳڙي جو الزام مسلمانن جي سر تي مڙهيو وڃي.

مسلمانن کي حق پهتو ٿي تہ جنهن طرح سندن مال ملڪيتون ضبط ڪيون ويون آهن، ان طرح اهي بہ انهن سرڪشن جو مال ضبط ڪن. جنهن طرح کين ستايو ويو هو، ان طرح اهي بہ سرڪشن کي ستائين ۽ جنهن طرح مسلمانن جي زندگين آڏو رڪاوٽون وڌيون ويون آهن، اهڙيءَ طرح مسلمان بہ انهن سرڪشن جيزندگي ڏکي ڪن ۽ انهن سرڪشن کي "جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي" وارو بدلو ڏين تہ جيئن کين مسلمانن کي تباهہ ڪرڻ ۽ جڙ کان پٽي ڇڏڻ جو موقعو نہ ملي.

+ + + + + + + + + + + +

اِ هي هئا اهي مسئلا. جيڪي مديني اچڻ بعد پاڻ سڳورن ﷺ آڏو آيا. پاڻ سڳورن ﷺ انهن سڀني مسئلن جو حل پيغمبراني ڪردار ۽ اعليٰ پائي جي قيادت جي صلاحيت سان ڳولهي ڪڍيو ۽ جيڪا قوم نرمي، محبت يا سختي، مطلب تہ جهڙي سلوڪ جي مستحق هئي، ان سان

اهڙو ئي سلوڪ ڪيو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ رحمت ۽ محبت جو پهلو سختيءَ واري پهلوءَ تي غالب هو. ايستائين جو سچو نظام اسلام ۽ مسلمانن جي هٿ ۾ اچي ويو. ايندڙ صفحن ۾ انهن ڳالهين جو تفصيل پيش ڪبو.

نئين سماج جي جوڙجڪ

اسان ٻڌائي چڪا آهيون تہ پاڻ سڳورا ﷺ مديني ۾ بنو النجار وٽ جمع 12 ربيع الاول سن 1 ھ مطابق 27 سيپٽمبر 622ع تي حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جي گهر وٽ لٿا هئا ۽ ان وقت ئي چيو هئائون تہ انشاالله هتي ئي منزل ٿيندي. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ، حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جي گهر رهي پيا.

مسجد نبويءَ جي اڏاوت:- ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ پهريون ڪم اهو ڪيو تہ مسجد نبويءَ جي اڏاوت شروع ڪري ڏني ۽ ان لاءِ اها جڳهہ چونڊي، جتي پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاچي ويٺي هئي. ان زمين جا مالڪ بہ يتيم ٻار هئا. پاڻ سڳورن ﷺ انهن کان اها زمين پئسا ڏئي ورتي

۽ بذات خود مسجد جي اڏاوت جي ڪم ۾ حصو ورتو. پاڻ سڳورا ﷺ سرون ۽ پٿر کڻندا هئا ۽ گڏوگڏ هي چوندا هئا تہ:

اللهم لا عيش الا عيش الاخره فاغفر للانصار والمهاجره

يعني: اي الله! حياتي تہ رڳو آخرت جي آهي. بس انصارن ۽ مهاجرن کي بخشي ڇڏ.

هذا الحمال لاحمال خيبر هذا ابر ربنا و اطهر

يعني: هي بار خيبر جو بار ڪونهي. اهو اسانجي پالڻهار جو قسم تہ وڏيڪ پاڪ آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي ائين ڪرڻ سان اصحابي سڳورن ۾ جوش ۽ سرگرمي وڌي وڃئي ۽ اهي هيئن چوڻ لڳا تہ:

لئن قعدنا و النبي يعمل لذاك منا العمل المضلل

يعني: جي اسان ويٺا رهياسين ۽ نبي ﷺ ڪم ڪندو رهيو تہ اسانجو اهو عمل گمراهيءَ وارو هوندو.

ان زمين ۾ مشرڪن جون ڪجهہ قبرون هيون. ڪجهہ ويرانو بہ هو. کجي ۽ غرقد جا ڪجهہ وڻ بہ بيٺل هئا. پاڻ

سڳورن ﷺ مشرڪن جون قبرون کوٽائي ڇڏيون ۽ ويران ڪي برابر ڪرايو ۽ ڪجي ۽ ٻيا وڻ ڪٽائي قبلي ڏانهن لڳايا. ان وقت قبلو بيت المقدس هو. دروازي جا ٻئي پايا پٿر جا ٺاهيا ويا. ڀتيون ڪچي سر ۽ گاري جون ڪنيون ويون. ڇت تي ڪجيءَ جون شاخون ۽ پن وڌا ويا ۽ ڪجيءَ جي ڪاٺ جا ٿنبا ٺاهيا ويا. زمين تي ريتي ۽ ننڍڙا پٿر وڇايا ويا. ٽي دروازا لڳايا ويا. قبلي جي ڀت کان پٺين ڀت تائين هڪ سؤ هٿ ڊيگهه هئي. ويڪر به ايتري يا ان کان ڪجهه گهٽ هئي. بنياد اٽڪل ٽي هٿ هيٺ هو.

پاڻ سڳورن ﷺ مسجد جي پاسي کان ڪجهه گهر به ٺهرايا، جن جون ڀتيون ڪچين سرن جون هيون. اهي ئي پاڻ سڳورن ﷺ جي بيبين سڳورين رضہ جا گهر هئا. انهن جي اڏاوت پوري ٿيڻ بعد پاڻ سڳورا ﷺ حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جي گهر مان اتي لڏي آيا.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 1/71، 555، 560 - زاد المعاد 2/56

مسجد رڳو نماز پڙهڻ لاء نہ هئي، بلڪ هڪ يونيورسٽي هئي، جنهن ۾ مسلمان اسلامي تعيلم ۽ هدايت جو سبق وٺندا هئا ۽ هڪ محفل هئي، جنهن ۾ ورهين کان جهالت جي فتنن، نفرتن ۽ جهڳڙن ۾ گذاريندڙ قبيلن جا ماڻهو هاڻي ميٺ محبت سان ملي جلي رهيا هئا. اها هڪ مرڪز هئي، جتان هن ننڍڙي رياست جو نظام هلايو ٿي ويو ۽ مختلف قسم جون مهمون موڪليون ٿي ويون. ان جي حيثيت هڪ پارليامينٽ طور بہ هئي، جنهن ۾ مجلسِ شوريٰ ۽ مجلس انتظاميہ جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون.

ان سان گڏوگڏ هيءَ مسجد انهن بي گهر غريب مهاجرن جي هڪ وڏي تعداد جو مسڪن پڻ هئي، جن جو اتي نہ ڪو گهر گهاٽ هو، نہ ٻار ٻچا ۽ نہ مال ملڪيت.

هجرت جي شروع وارن ڏهاڙن ۾ ئي ٻانگ اچڻ بہ شروع ٿي وئي. اهو هڪ لاهوتي گيت هو، جيڪو روز پنج ڀيرا گونجندو هو ۽ جنهن سان سڄو سنسار ڪنبي پوندو هو. ان سلسلي ۾ عبداللہ بن زيد رضہ بن عبدربہ جي خواب جو واقعو مشهور اهي. (تفصيل جامع ترمذي، سنن ابي

دائود، مسند احمد ۽ صحيح ابنِ خزيمہ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.)

مسلمانن ۾ ڀائيچارو:- جهڙيءَ ريت پاڻ سڳورن ﷺ مسجد نبويءَ جي اڏاوت ڪري ميڙ ميڙاڪي ۽ محبت جو هڪ مرڪز جوڙي وڌو هو، اهڙيءَ ريت پاڻ سڳورن ﷺ انساني تاريخ ۾ هڪ ٻيو بہ نهايت وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو، جنهن کي مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ ڀائيچاري جو نالو ڏنو وڃي ٿو. ابن قيم لکي ٿو تہ "پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت انس بن مالڪ رﷺ جي گهر ۾ مهاجرن ۽ انصارن ۾ ڀائيچارو ڪرايو. ڪل نوي ماڻهو هئا. اڌ مهاجر ۽ اڌ انصار. ڀائيچاري جو بنياد اهو هو تہ اهي هڪ ٻئي جا همدرد ۽ ڏکي ٿيندي ۽ مرڻ کانپوءِ نسبي مائٽن بدران اهي ئي هڪ ٻئي جا وارث ٿيندا. وراثت جو اهو حڪم بدر واري جنگ تائين قائم رهيو. پوءِ هيءَ آيت لٿي تہ:

و اولو الارحام.........ببعض... (6:33)

ان کانپوءِ انصارن ۽ مهاجرن ۾ گڏيل ورهاست جو حڪم ختم ڪيو ويو، پر ڀائيچاري جو قسم باقي رهيو.

چيو وڃي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ هڪ ٻيو بہ ڀائيچارو ڪرايو هو، جيڪو رڳو مهاجرن جي وچ ۾ هو. پر پهرين ڳالهہ ئي ثابت ٿيل آهي. هونئن بہ مهاجرن ڪي پنهنجي اسلامي ڀائيچاري، قيمي ڀائيچاري، مٽي مائٽي ۽ عزازت جي ڀائيچاري ڪانپوء ٻئي ڪنهن ڀائيچاري جي ضرورت نہ هئي. جڏهن تہ انصارن ۽ مهاجرن جو معاملو ٻيو هو.(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 56/2

امام غزالي رضہ ان ڀائيچاري جو مقصد اهو لکيو آهي تہ جاهلي عصبيتون ختم ٿي وڃن، غيرت ۽ حميت رڳو اسلام لاء هجي، نسل، رنگ ۽ وطن جا فرق مٽجي وڃن، بلندي ۽ پستيءَ جو معيار انسانيت ۽ تقويٰ ڪانسواء ٻيو ڪجهہ نہ هجي.

پاڻ سڳورن ﷺ ان ڀائيچاري کي رڳو ڪوکلن لفظن جو جامو نہ پهرايو هو، بلڪہ ان کي هڪ اهرو باعمل عهد قرار ڏنو هو، جيڪو جان ۽ مال سان ڳانڍاپيل هو. اهو سکٽي سلام دعا نہ هو، پر ان ڀائيچاري سان سچا جذبا بہ

شامل هئا. انڪري ٿي ان ڀائيچاري، نئين سماج کي عظيم ڪارنامن سان ڀري ڇڏيو. (2)

حاشيو (1) فقہ السيره صفحو 140، 141

صحيح بخاريءَ ۾ آيل آهي تہ مهاجر جڏهن مديني پهتا تہ پاڻ سڳرن ﷺ، حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ ۽ سعد بن ربيع ۾ ڀائيچارو قائم ڪرايو. ان بعد حضرت سعد رضہ، حضرت عبدالرحمان کي چيو تہ "انصارن ۾ سڀ کان شاهوڪار آئون آهيان. توهان منهنجو مال ورڇي (اڌ ڪٽو) ۽ منهنجون ٻہ زالون آهن. توهان ڏسو، جيڪا وڌيڪ وڻيوَ، آئون ان کي طلاق ڏيان ۽ عدت گذرڻ بعد توهان ان سان شادي ڪري وٺو." حضرت عبدالرحمان رضہ چيو تہ "الله توهانجي خاندان ۽ مال ۾ برڪت وجهي. توهانجي بازار ڪٿي آهي؟" ماڻهن کين بنو قينقاع جي بازار جو ڏس ڏنو. پاڻ اتا ٿي واپس ورتو تہ وٽن ڪجهہ پنير ۽ گيهہ واڌو هو. ان ڪانپوءِ روز وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن موٽيو تہ منهن هئڊو ٿيو پيو هئن. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "هي ڇا آهي؟" وراڻيائين تہ "مون شادي ڪئي آهي." پاڻ سڳورن

ﷺ پڇيو تہ "عورت کي مهر ۾ ڇا ڏنو اٿئي؟" وراڻيائين تہ هڪ نوات جي برابر سون"(يعني اٽڪل سوا تولو)(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري، باب اخاء النبي ﷺ بين المهاجرين والانصار 553/1

ساڳيءَ طرح حضرت ابو هريره رضہ کان هڪ روايت آيل آهي تہ انصارن، پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو تہ اسان ۽ اسانجن ڀائرن جي وچ ۾ کجيءَ جي باغن جي ورڇ ڪري ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "نہ" تنهن تي انصارن چيو تہ پوءِ توهان يعني مهاجر اسانجو ڪم ڪار ڪندا ڪريو ۽ اسين فصل ۾ اوهانکي شريڪ رکنداسين. انهن چيو تہ "نيڪ آهي، اسان ڳالهہ ٻڌي ۽ مڃي."(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري، باب اذاقال الغني مؤنہ النخل 312/1

ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ڪيئن نہ پنهنجن مهاجر ڀائرن جو انصارن وڏي چڙهي خيال رکيو ۽ ڪيتري نہ محبت، خلوص، ايثار ۽ قربانيءَ کان ڪم ورتو. مهاجرن بہ ان مهربانيءَ جو ڪيترو نہ قدر ڪيو ۽ ان جو ڪوبہ غلط

فائدو نہ ورتو. بلڪ انھن کان رڳو ايترو حاصل ڪيو. جنھن سان اھي پنھنجي معيشت جي چڀي ٿيل ڇيلھ سڌي ڪري سگھن.

سچي ڳالھ تہ اھا آھي تہ اھو پائيچارو ھڪ نادر حڪمت، دانشوراڻي سياست ۽ مسلمانن ڪي پيش آيل سيني مسئلن جو ڀلي ۾ ڀلو حل ھو.

اسلامي تعاون جو واعدو:- ان پائيچاري وانگر پاڻ سڳورن ﷺ ھڪ ٻيو بہ ٺاھ ڪرايو. جنھن جي وسيلي جھالت جي سموري ڪشمڪش جا بنياد ختم ٿي ويا ۽ ٻيھر اھڙن رسمن رواجن لاء ڪا بہ جڳھ نہ بچي. ھيٺ اھو ٺھراءُ نقطن سميت مختصر طور تي ڏجي ٿو.

ھيءَ لکت محمد نبي ﷺ پاران قريشن، يثربين ۽ انھن جي ھٿ ھيٺ رھي ساڻن گڏ رھندڙن ۽ جھاد ڪرڻ وارن مؤمنن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ آھي تہ:

1. اھي سڀ ٻين انسانن کان ڌار ھڪ امت آھن.

2. قريش مھاجر پنھنجي پراڻي رواج مطابق ھڪ ٻئي ڪي ديت (خون بھا) ڀري ڏيندا ۽ مؤمنن جي وچ ۾ مشھور ۽

انصاف واري طريقي سان پنهنجن قيدين لاءِ فديو ڏيندا ۽ انصارن جا سڀ قبيلا پنهنجي پراڻي رواج مطابق ديت (خون بها) ڏيندا ۽ سندن هر گروهه مشهور طريقي سان ۽ ايمان وارنب جي وچ ۾ انصاف سان پنهنجن قيدين جو فديو ادا ڪندو.

3. ايمان وارا ڪنهن بيوس کي فديي يا ديت جي معاملي ۾ معروف طريقي مطابق عطا ۽ نوازش کان محروم نه رکندا.

4. ۽ سڄي راهه تي هلندڙ سڀ مؤمن ان ماڻهوءَ جي خلاف ٿيندا، جيڪو ساڻن زيادتي ڪندو يا مؤمنن ۾ ظلم، گناهه ۽ زيادتي ۽ فساد ڪرائيندو.

5. ۽ اهو ته انهن سڀني جا هٿ ان ماڻهوءَ جي خلاف هوندا، ڀلي منجهانئن ڪنهنجو پٽ ڪٿي ڇو نه هجي.

6. ڪو به مؤمن ڪنهن مؤمن کي ڪافر جي بدران قتل نه ڪندو ۽ نه ئي ڪنهن مؤمن خلاف ڪنهن ڪافر جي مدد ڪندو.

7. ۽ الله جو ذمو (عهد) هڪ هوندو. هڪ معمولي ماڻهوءَ جو ڏنو ذمو بہ سڀني مسلمانن سان لاڳو ٿيندو.

8. جيڪي يهودي اسان جي پيروي ڪندا، انهن جي مدد ڪبي ۽ اهي ٻين مسلمانن جهڙا رهندا. انهن تي نہ ظلم ڪبو ۽ نہ انهن خلاف (ٻين سان) ساٿ ڏبو.

9. مسلمانن جي صلح هڪ ٿيندي. ڪوبہ مسلمان، ڪنهن مسلمان کي ڇڏي قتال في سبيل الله جي سلسلي ۾ مصالحت نہ ڪندو. بلڪہ سيئي برابري ۽ عدل جي بنياد تي ٺاهہ ڪندا.

10.

11. ڪير بہ ڪنهن مشرڪ قريش کي مال ۽ جان جي پناهہ نہ ڏئي سگهندو ۽ نہ ڪنهن مؤمن جي آڏو اهڙي قسم جي رڪاوٽ بڻجندو.

12. جيڪو ماڻهو ڪنهن مؤمن کي قتل ڪندو ۽ ثبوت موجود هوندو تہ ان کان قصاص ورتو ويندو. سواءِ ان حالت جي جو مقتول جو ولي راضي ٿي وڃي.

13. ۽ اهو تہ سيئي مؤمن ان جي خلاف ٿيندي، انهن لاءِ ان کانسواءِ ڪجهہ بہ جائز نہ هوندو تہ ان جي خلاف اٿي پون.

14. ڪنهن بہ مؤمن لاءِ اهو جائز نہ هوندو تہ ڪنهن هنگامي ڪرڻ واري (يا بدعتي) جي مدد ڪري ۽ ان کي پناهہ ڏي ۽ جيڪو ان جي مدد ڪندو يا پناهہ ڏيندو، ان تي قيامت جي ڏينهن الله جي لعنت ۽ غضب هوندو ۽ ان جو فرض ۽ نفل ڪجهہ بہ قبول نہ پوندا.

15. توهان ۾ جيڪو بہ ڦيٽاڙو پوندو، ان جو فيصلو الله ۽ محمد صلى الله عليه وسلم ڪندا.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 502/1، 503

معاشري تي اثر:- ان حڪمت ۽ دوراندیشيءَ سان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هڪ نئين سماج جو اڏاوت ڪئي، پر معاشري جي ظاهري تبديلي حقيقت ۾ انهن ڳالهين جي ڪري آئي هئي، جيڪي بزرگ هستين پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي صحبت مان پرايون هيون. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم انهن جي

تعليم ۽ تربيت، نفس جي پاڪائي ۽ اخلاق سڌارڻ جي ڪم ۾ لڳاتار رڌل رهندا هئا ۽ ڪين محبت ۽ پائيچاري ۽ عبادت ۽ اطاعت جا ادب سيکاريندا رهندا هئا.

هڪ اصحابي سڳوري، پاڻ سڳورن ﷺ کان پڇيو ته ڪهڙو اسلام ڀلو آهي؟ (يعني اسلام جو ڪهڙو عمل ڀلو آهي؟) پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "توهان کاڌو کارايو ۽ جاتل ۽ اڻڄاتل، سڀني کي سلام ڪريو."(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 1/6، 9

حضرت عبدالله بن سلام رضہ جو بيان آهي ته جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مديني آيا ته آئون سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. جڏهن مون پاڻ سڳورن ﷺ جو منهن مبارڪ ڏٺو ته چڱيءَ طرح سمجهي ويس ته هي ڪنهن ڪوڙي ماڻهوءَ جو چهرو نٿو ٿي سگهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جيڪا پهرين ڳالهه ٻڌائي، اها اِها هئي ته "اي لوڪو! اسلام ڦهلايو، کاڌو کارايو، (ٻين تي) مهرباني ڪريو ۽ رات جو جڏهن ماڻهو ستا پيا هجن ته عبادت ڪريو. جنت ۾ سلامتيءَ سان داخل ٿي ويندؤ."(1)

حاشيو (2) ترمذي - ابن ماجہ، دارمي، مشڪوات 168/1

پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ "اهو ماڻهو جنت ۾ نہ ويندو، جنهن جو پاڙيسري سندس شرارتن ۽ ايذائن کان مامون ۽ محفوظ نہ رهي."(3) ۽ فرمائيندا هئا تہ "مسلمان اهو آهي، جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان محفوظ رهن."(4) ۽ فرمائيندا هئا تہ "توهان مان ڪوبہ تيستائين مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيسائين پنهنجي ڀاءُ لاءِ اها شيء پسند نہ ڪري، جيڪا پاڻ لاءِ پسند ڪري ٿو."(5)

حاشيو (3) صحيح مسلم، مشڪوات 2-422

حاشيو (4) صحيح بخاري 6/1

حاشيو (5) صحيح بخاري 6/1

۽ فرمائيندا هئا تہ "سڀ مؤمن هڪ ماڻهوءَ جيان آهن جو جيڪڏهن ان جي هڪ اک ۾ سور ٿئي تہ سڄي جسم کي تڪليف محسوس ٿئي ۽ جي مٿي ۾ سور ٿئي تہ سڄي جسم ۾ سور محسوس ٿئي."(2) ۽ فرمائيندا هئا تہ "مؤمن، مؤمن لاءِ عمارت جيئن آهي، جنهن جو هڪ پاسو ٻئي کي جهلي ٿو بيهي."(3) ۽ فرمائيندا هئا تہ "پاڻ ۾

ڪينو نہ ڏاريو، هڪٻئي سان حسد نہ ڪريو، هڪ ٻئي کان پٺ نہ ڦيريو ۽ الله جا ٻانها ۽ پاڻ ۾ ڀائر ٿي رهو. ڪنهن مسلمان لاءِ جائز نہ آهي تہ ڀاءُ کان ٽن ڏينهن کان وڌيڪ پري رهي."(4) ۽ فرمائيندا هئا تہ "مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي. نہ ان تي ظلم ڪري ۽ نہ ڪيس دشمنن جي حوالي ڪري، ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ جي ڪم ايندو، الله ان جي ڪم ايندو ۽ جيڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان جو ڏک درد دور ڪندو، الله قيامت جي ڏينهن سندس ڏکن مان ڪو ڏک دور ڪندو ۽ جيڪو ماڻهو ڪنهن مسلمان جي ڍڪ رکندو، الله قيامت جي ڏينهن ان جو ڍڪ رکندو."(5) ۽ فرمائيندا هئا تہ "توهان زمين وارن تي مهرباني ڪريو، توهان تي آسمان وارو مهرباني ڪندو."(6)

حاشيو (2) صحيح مسلم، مشڪوات 2-422

حاشيو (3) متفق عليہ مشڪوات 422/2 - صحيح بخاري 890/2

حاشيو (4) صحيح بخاري 6/2

حاشيو (5) متفق عليہ مشڪوات 422/2

حاشيو (6) سنن ابي دائود 335/2 - جامع ترمذي 14/2

۽ فرمائيندا هئا تہ "اهو ماڻهو مؤمن ڪونهي، جيڪو پاڻ پيٽ ڀري کائي ۽ سندس پر واري گهر ۾ پاڙيسري بکيو رهي."(1) ۽ فرمائيندا هئا تہ "مسلمان سان گار گند ڪرڻ فسق آهي ۽ ان سان وڙهڻ ڪفر آهي."(2)

حاشيو (1) شعب الايمان البيهقي مشڪوات 424/2

حاشيو (2) صحيح بخاري 893/2

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ رستي تان تڪليفده شيء هٽائڻ کي صدقو قرار ڏيندا هئا ۽ ان کي ايمان جي شاخن مان هڪ شاخ ڳڻائيندا هئا. (3)

حاشيو (3) ان مضمون جي حديث صحيحين ۾ آيل آهي. مشڪوات 12/1، 167

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ صدقي ۽ خيرات جي ترغيب ڏيندا هئا ۽ ان جون اهڙيون اهڙيون فضيلتون ٻڌائيندا هئا جو پاڻمرادو دليون ان پاسي ڇڪجي وينديون هيون. جيئن پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ صدقو گناهن کي ائين وسائي ٿو، جيئن پاڻي باهہ کي وسائي ٿو. (4)

حاشيو (4) احمد، ترمذي، ابن ماجہ، مشڪوات 14/1

پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم فرمائيندا هئا تہ جيڪو مسلمان ڪنهن انگ اگهاڙي مسلمان کي ڪپڙو پهرائيندو، الله ان کي جنت ۾ سائو لباس پهرائيندو ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن بکايل مسلمان کي کاڌو کارائيندو، الله ان کي جنت جا ميوا کارائيندو ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن اڃايل مسلمان کي پاڻي پيا ريندو، الله ان کي جنت ۾ مهر لڳل پاڪ شراب پيا ريندو. (5)

حاشيو (5) سنن ابي دائود، جامع ترمذي، مشڪوات 149/1

پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم فرمائيندا هئا تہ "باهہ کان بچو، پلي ڪجيءَ جو هڪ ٽڪر ئي صدقو ڪري ۽ جي اهو بہ نہ هجي تہ ڪي چڱا ٻول ئي ٻولي."(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 190/1، 890/2

ان سان گڏوگڏ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم پنڻ کان پاسو ڪرڻ جي وڏ ۾ وڏ تاڪيد ڪندا هئا. صبر ۽ قناعت جون فضيلتون ٻڌائيندا هئا ۽ سوال ڪرڻ کي سائل جي منهن تي

رهڙ ۽ زخم سان پيٿيندا هئا.(2) باقي ان ۾ اهڙو ماڻهو نہ ڳڻائيندا هئا، جيڪو صفا مجبور ٿي سوال ڪري.

حاشيو (2) ڏسو ابو دائود، ترمذي، نسائي، ابن ماجہ، دارمي، مشڪوات 163/1

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اهو بہ ٻڌائيندا هئا تہ ڪهڙين عبادتن جون ڪهڙيون فضيلتون آهن ۽ الله وٽ ان جو ڪهڙو اجر آهي؟ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي آسمان تان وحي لهندي هئي، جنهن سان پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم مسلمانن کي هڪ ٻئي سان مضبوطيءَ سان ڳنڍي رکڻ جو ڪم وٺندا هئا. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اها وحي مسلمانن کي ٻڌائيندا هئا ۽ مسلمان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي پڙهي ٻڌائيندا هئا تہ جيئن ان عمل سان انهن ۾ سمجهہ ۽ ڏاهپ کانسواءِ دعوت جي حقن ۽ پيغمبراڻن ذميدارين جو شعور بہ جاڳي پوي.

ان طرح پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، مسلمانن جي اخلاقيات کي بلند ڪيو، انهن جي صلاحيتن کي عروج تي پهچايو ۽ کين اوچي ڪردار جو مالڪ بنايو. تانت اهي انساني تاريخ ۾ نبين کانپوءِ فضل ۽ ڪمال جي سڀ کان بلند چوٽيءَ تائين

رسي ويا. حضرت عبدالله بن مسعود رضہ جو بيان آهي تہ جنهن شخص کي طريقو اختيار ڪرڻو آهي، اهو گذريلن جو طريقو اختيار ڪري. ڇو تہ جيئرن جي باري ۾ فتني جو انديشو آهي. اهي پاڻ سڳورن ﷺ جا ساٿي هئا، هن امت ۾ سڀ کان ڀلارا، سڀ کان نيڪدل، سڀ کان گهري علم جا مالڪ ۽ سڀ کان وڌيڪ بي تڪلف. الله تعاليٰ کين پنهنجي جنبيءَ جو ساٿ ڏيڻ ۽ پنهنجي دين کي قائم ڪرڻ لاءِ چونڊيو هو. تنهنڪري انهن جو فضل ڄاڻو ۽ نهن جي پيروي ڪريو ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهي، انهن جهڙو اخلاق ۽ سيرت ٺاهيو. ڇو تہ اهي ئي سڌيءَ راهہ تي هئا. (1)

حاشيو (1) مشڪوات 32/1

رسول الله ﷺ پاڻ بہ اهڙن معنوي ۽ ظاهري خوبين، ڪمالن، خداداد صلاحيتن، فضيلتن، اخلاقي خوبين ۽ عمل جي خوبين جا مثال هئا، جنهنڪري دليون پاڻمرادو انهن ڏانهن ڇڪجي ويندڙيون هيون ۽ جانيون قربان ٿيڻ چاهينديون هيو. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ جي زبان مان جيئن ئي ڪا ڳالهہ نڪرندي هئي، اصحابي سڳورا هڪدم

ان جي پوئواريءَ لاءِ ڏوڙڻ لڳندا هئا ۽ هدايت ۽ رهنمائيءَ جي جيڪا ڳالهه پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا، ان تي عمل ڪرڻ ۾ هرڪو ٻين کان گوءِ کڻڻ چاهيندو هو.

اهڙين ڪوشش جي ڪري پاڻ سڳورا ﷺ مديني ۾ هڪ اهڙو سماج جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جيڪو تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ باڪمال ۽ شرف سان ڀرپور سماج هو ۽ ان سماج جي مسئلن جو اهڙو خوشگوار نتيجو نڪتو جو انسانيت هڪ ڊگهي عرصي تائين وقت جي چڪيءَ ۾ پيسجي ۽ گهرين تاريڪين ۾ هٿ پير هڻي ٿڪجي پوڻ بعد پهريون ڀيرو سک جو ساهه کنيو.

هن نئين سماج جا ڪجهه جزا اهڙي عظيم تعليم جي وسيلي پورا ٿيا، جنهن پوريءَ مستقل مزاجيءَ سان زماني جي هر جهٽڪي سان مهاڏو اٽڪائي ان جو رخ موڙي وڌو ۽ تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو.

يهودين سان ناهہ

هجرت کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن مسلمانن ۾ عقيدي، سياست ۽ نظام جي وحدت جي ذريعي هڪ نئين اسلامي سماج جا بنياد وجهي ڇڏيا تہ پوءِ غير مسلمن سان پنهنجن ناتن سڌارڻ ڏانهن ڌيان ڏنائون. پاڻ سڳورن ﷺ جو مقصد اهو هو تہ سڄي انسانذات امن ۽ سلامتيءَ جي سعادتن ۽ برڪتن مان لاڀ حاصل ڪري ۽ ان سان گڏ مديني ۽ ان جي پرپاسي وارو علائقو هڪ وفاقي وحدت ۾ منظم ٿي وڃي. تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ رواداري ۽ وڏي دل سان اهڙا قانون جوڙيا، جن جو هن تعصب ۽ تڪبر سان ڀريل دنيا ۾ ڪوبہ تصور نہ هو.

جيئن تہ اسين ٻڌائي آيا آهيون تہ مديني جا سڀ کان ويجها پاڙيسري يهودي هئا. اهي جيتوڻيڪ دل ۾ مسلمانن سان وير رکندا هئا تہ بہ انهن اجا تائين جهيڙو جوڻ جو اظهار نہ ڪيو هو. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ انهن سان هڪ ناهہ ڪيو، جنهن ۾ کين جان، مال توڙي مذهب جي

آزادي ڏني وئي هئي ۽ جلاوطن ڪرڻ، جڳهين تي قبضو ڪرڻ يا جهيڙو ڪرڻ کان پاسو ڪيو ويو هو.

اهو ناهه، ان ناهه جي ڪڙي هو، جيڪو مسلمانن جي وچ ۾ ٿيو هو ۽ جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هتي ان جا اهم نقطا ڄاڻائجن ٿا.

ناهه جا نقطا:- (1) بنو عوف جا يهودي، مسلمانن سان ملي هڪ ئي امت ليکبا. يهودي پنهنجي دين تي هلندا ۽ مسلمان پنهنجي دين تي. انهن جو، سندن ٻانهن ۽ ٻين واسطيدارن لاء به اهو ئي قانون هوندو ۽ بنو عوف کانسواء ٻين يهودين جا به اهي ئي حق هوندا.

2. يهودي پنهنجي خرچ جا پاڻ ذميدار هوندا ۽ مسلمان پنهنجي خرچ جا.

3. جيڪا طاقت هن ناهه جي ڪنهن به ڌر سان جنگ ڪندي، سڀ ان جي خلاف هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا.

4. هن معاهدي جي ڌرين جا ناتا نيڪ نيتي، ڀلائي ۽ فائدو پهچائڻ جي بنياد تي هوندا، گناه تي نه.

5. ڪوبہ ماڻهو پنهنجي حليف جي ڪارڻ ڏوهي نہ ڪيو ويندو.

6. مظلوم جي مدد ڪئي ويندي.

7. جيستائين جنگ جاري رهندي، يهودي بہ مسلمانن سان گڏ خرچ پريندا.

8. هن معاهدي جي سيني ڌرين تي مديني ۾ فساد ڪرڻ ۽ خون وهائڻ حرام هوندو.

9. هن معاهدي جي فريقن ۾ ڪا نئين ڳالهہ يا جهيڙو جهڳڙو تي پوي، جنهن سان فساد جو ڊپ هجي تہ ان جو فيصلو الله پاڪ ۽ محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم ڪندا.

10. قريشن ۽ سندن مددگارن کي پناهہ نہ ڏني ويندي.

11. ڪير بہ يثرب تي ڪاهيندو تہ ساڻس وڙهڻ لاءِ سڀ گڏجي هڪ ٿي ويندا ۽ هر ڌر پنهنجي پنهنجي پاسي جو دفاع ڪندي.

12. هيءَ ناهہ ڪنهن ظالم يا مجرم لاءِ آڙ نہ بڻجندو.(1)

حاشيو (1) ڏسو ابن هشام 1/503، 504

هن ٺاهہ سان مديني ۽ ان جي پرپاسي ۾ هڪ وفاقي حڪومت ٺهي پئي، جنهن جي راڄڌاني مديني ۾ هئي ۽ جنهن جا سربراهہ پاڻ سڳورا ﷺ هئا ۽ جنهن ۾ مسلمانن جو قانون ۽ حڪمراني هلندي هئي ۽ اهڙيءَ طرح مدينو سچ پچ اسلام جي راڄڌاني بڻجي ويو.

امن ۽ سلامتيءَ جي دائري کي وسيع ڪرڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ آئنده ٻين قبيلن سان بہ حالتن مطابق اهڙيءَ طرح جا ٺاهہ ڪيا، جن مان ڪن جو ذڪر اڳتي هلي ڪيو ويندو.

هٿياربند جهڙپون

هجرت بعد مسلمانن خلاف قريشن جون سازشون ۽ عبدالله بن ابي سان لکپڙهہ

گذريل صفحن ۾ ٻڌائي آيا آهيون تہ مڪي جا ڪافر، مسلمانن سان ڪهڙا ڪهڙا ڪلور ڪيا هئا ۽ جڏهن مسلمانن هجرت شروع ڪئي تہ انهن جي خلاف

ڪهڙيون ڪهڙيون ڪارروايون ڪيون هيون، جن جي ڪري اهي ان ڳالهہ جا مستحق ٿي چڪا هئا تہ سندن مال ملڪيت ضبط ڪئي وڃي ۽ کين ماري مڃايو وڃي. پر پوءِ بہ سندن مورڪپائيءَ جو سلسلو بند نہ ٿيو ۽ اهي پنهنجين حرڪتن کان ڪونہ مڙيا، بلڪ اهو ڏسي ويتر ڏمريا تہ مسلمان سندن هٿن مان نڪري ويا آهن ۽ کين مديني ۾ هڪ امن واري جاءِ ملي وئي آهي. تنهنڪري انهن عبدالله بن ابي کي، جيڪو اڃا تائين کليو کلايو مشرڪو هو، سندس ان حيثيت جري قريشن کيس هڪ ڌمڪيءَ وارو خط لکيو جو هو انصارن جو سردار هو ۽ انصار سندس اڳواڻيءَ تي متفق ٿي چڪا هئا. جيڪڏهن ان وچ ۾ پاڻ سڳوران ﷺ مديني نہ اچن ها تہ اهي کيس پنهنجو بادشاهہ بڻائي چڪا هجن ها. مشرڪن پنهنجي ان خط ۾ عبدالله بن ابي ۽ سندس بين مشرڪ ساٿين کي مخاطب ٿي چٽن لفظن ۾ لکيو تہ " توهان اسانجي همراهہ کي پناهہ ڏني آهي، انڪري اسين الله جو قسم کڻي چئون ٿا تہ يا تہ ان سان وڙهو يا کيس ڪڍي ڇڏيو. يا وري اسين پنهنجي پوري لشڪر سان ڪاهي توهان

جا سڀ ڏڳ مڙس ماري وجهنداسون ۽ توهانجي عورتن جون لڄون لٽينداسون."(1)

(1) ابو دائود: باب خبر النضير

هن خط پهچڻ شرط عبدالله بن ابي پنهنجن مڪي وارن مشرڪ ڀائرن جي حڪم جي تعميل لاءِ سنيري پيو، جو هو اڳيئي پاڻ سڳورن ﷺ جي خلاف دل ۾ ڪينو رکيو ويٺو هو. ڇو ته سندس ذهن ۾ اها ڳالهه ويٺل هئي ته پاڻ سڳورن ئي ڪائن بادشاهت کسي آهي، جيئن ئي اهو خط ڪيس ۽ سندس بت پرست ساٿارين کي پهتو ته پاڻ سڳورن ﷺ سان جنگ ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي ويا. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي اها خبر پئي ته ان وٽ هلي ويا ۽ فرمايائون ته "قريشن جي ڌمڪي توهان تي گهرو اثر ڪري وئي آهي. توهان پاڻ، پنهنجون ٻاڻ کي جيترو نقصان پهچائڻ گهرو ٿا، قريش اوهانکي ان کان وڌيڪ نقصان پهچائي نٿا سگهن. توهان پنهنجن پٽن ۽ ڀائرن سان پاڻ ئي وڙهڻ چاهيو ٿا؟" پاڻ سڳورن ﷺ جي اها ڳالهه ٻڌي سڀ ٽڙي پکڙي ويا.(2)

(2) ابودائود: ساڳيو باب

ان مهل تہ عبدالله بن ابي جنگ کان پاسو ڪيو، ڇو تہ سندس ساٿي ڊلا پئجي ويا هئا يا ڳالهہ سندن سمجهہ ۾ اچي وئي هئي پر حقيقت ۾ قريشن سان سندس ڳجها ناتا هلندا رهيا، ڇو تہ مسلمانن ۽ قريشن جي وچ ۾ جهيڙي جو ڪوبہ موقعو هٿان وڃائڻ نٿي چاهيائين. هن پاڻ سان يهودين کي بہ ملائي رکيو هو، جيئن هن معاملي ۾ ڪائڻ بہ مدد ورتي وڃي. پر اها پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاهپ هئي، جنهن سان هر هر ڀڙڪندڙ جهيڙي جا باهہ وسائي ڇڏيندا هئا. (1)

(1) هن معاملي لاء ڏسو صحيح بخاري 2/655، 656، 916، 924

مسلمانن تي مسجد الحرام جا دروازا بند ٿيڻ جو اعلان:-

ان ڪانپوء حضرت سعد بن معاذ رضہ جن عمري لاء مڪي ويا ۽ اميہ بن خلف جا مهمان ٿيا. انهن اميہ کي چيو تہ "مون لاء ڪو نويڪلائيءَ وارو وقت ڏس تہ ٿورو بيت الله جو طواف ڪري وٺان." اميہ ٻنپهرن مهل کين وٺي نڪتو تہ

ابوجهل ملي وين. ان (اميہ کي مخاطب ٿي) چيو تہ ابو صفوان، توسان گڏ ڪير آهي؟ اميہ چيو تہ هي سعد رضہ آهي. ابوجهيل، سعد رضہ کي مخاطب ٿي چيو تہ "اڇا! آئون ڏسان پيو تہ تون ڏاڍي امن ۽ اطمينان سان طواف پيو ڪرين. جڏهن تہ توهان بيدينن کي پناهہ ڏئي ويهاريو آهي ۽ سندن مدد ڪرڻ جو ارادو بہ رکيو ٿا. ٻڌ! خدا جو سنهن! جيڪڏهن تون ابو صفوان سان گڏ نہ هجين ها تہ پنهنجي گهر سلامتيءَ سان نہ موٽي سگهين ها." تنهن تي حضرت سعد رضہ جن وڏي واڪي چيو تہ "ٻڌ! خدا جو سنهن! جيڪڏهن تو مونکي هن ڪم کان جهليو تہ آئون توکي اهڙي ڪم کان جهلي وجهندس، جيڪو توکي ڏاڍو ڏکيو لڳندو." (يعني مديني وٽان لنگهندڙ تنهنجو واپاري لنگهہ)(2)

(2) بخاري، ڪتاب المغازي 2/563

مهاجرن کي قريشن جي ڌمڪي:- پوءِ قريشن، مسلمانن کي چورائي موڪليو تہ "توهان مغرور نہ ٿجو تہ مڪي مان سلامتيءَ سان نڪتا آهيو. اسان يثرب پهچي اوهانجو تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏينداسين." (1)

(1) رحمت للعالمين 116/1

اها رڳو ڌمڪي نہ هئي بلڪ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي قريشن جي چالن ۽ برن ارادن جي پڪن ذريعن سان خبر پئجي وئي هئي، تنهنڪري پاڻ سڳوران ﷺ يا تہ جاڳي رات گذاريندا هئا يا اصحابي سڳورن رضہ جي پهري ۾ سمهندا هئا. جيئن صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ بيبي عائشہ رضہ جن ڪان آيل آهي تہ مديني اچڻ بعد هڪ رات پاڻ سڳورا ﷺ جاڳي رهيا هئا ۽ اوچتو فرمايائون تہ "ڪاش اڄ رات منهنجن اصحابين مان ڪو نيڪ مرد مون وٽ پهرو ڏي ها." اجا اسين ان ئي
حالت ۾ هئاسين تہ اسانکي هٿيارن جي جهٽڪار ٻڌڻ ۾ آئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڪير آهي؟" جواب مليو تہ "سعد بن ابي وقاص رضہ" فرمايائون تہ "ڪيئن اچڻ ٿيو؟" وراڻي ملي تہ "مون توهان لاء خطرو محسوس ڪيو، انڪري توهان وٽ پهرو ڏيڻ لاء اچي نڪتس." تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ڪين دعا ڪئي ۽ پوء سمهي رهيا." (2)

(2) مسلم: باب فضل سعد رضہ بن ابي وقاص 280/2،
صحيح بخاري باب الحراست في الغزوني سبيل الله 404/1

اهو ياد رهي تہ پهري جو اهو انتظام ڪن راتين سان لاڳو نہ ٿي ٿيو، بلڪ لڳاتار ۽ سدائين لاء هو، جيئن حضرت عائشہ رضہ کان ئي روايت بيان ڪيل آهي تہ رات جو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم لاء پهرو ايندو هو. تانت اها آيت لٿي تہ والله يعصمڪ من الناس (الله اوهانکي ماڻهن کان محفوظ رکندو.) تڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تنبوءَ مان سر مبارڪ ڪڍي فرمايو تہ "لوڪو! موٽي وڃو. الله مونکي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي."(3)

(3) جامع ترمذي: ابواب التفسير 130/2

اهو خطرو رڳو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي ذات تائين محدود نہ هو بلڪ سڀني مسلمانن لاء هو. جيئن حضرت ابي بن ڪعب رضہ کان روايت آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿي مدني آيا ۽ انصارن کين پاڻ وٽ پناهہ

ڏني تہ سڄو عربستان انهن جي خلاف هڪ ٿي ويو. تنهنڪري اهي ڏينهن رات هٿيارن سان ليس هوندا هئا.

ويڙهاند جي اجازت:- انهن ڏکين حالتن ۾، جيڪي مديني ۾ مسلمانن جي وجود لاءِ للڪار بڻجي ويون هيون ۽ جن مان ظاهر هو تہ قريش ڪنهن بہ طرح سڌرڻ ۽ دشمني ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا، الله تعاليٰ مسلمانن کي ويڙهاند جي اجازت ڏني. پڙ ان کي فرض قرار نہ ڏنو. ان موقعي تي الله تعاليٰ جو هي ارشاد نازل ٿيو.

(39 :22)————————————==——

ترجمو: جن سان ظالم وڙهندا آهن، تن کي (جهاد لاءِ) انڪري موڪل ڏني وئي جو انهن تي ظلم ڪيو ويو آهي ۽ بيشڪ الله ڪين مدد ڏيڻ تي وسارو آهي.

ان آيت جي سلسلي جون ڪجهہ ٻيون آيتون بہ لٿيون، جن ۾ ٻڌايو ويو تہ اها اجازت جنگيون ڪرڻ لاءِ نہ آهي، بلڪ ڪوڙ کي مٽائڻ ۽ الله جون نشانيون قائم ڪرڻ لاءِ آهي. جيئن اڳتي ٻڌايل آهي تہ:

الذين ....المنكر (22: 41)

ترجمو: انهن ماڻهن کي جيڪڏهن زمين ۾ غلبو ڏينداسون ته نماز پڙهندا ۽ زڪوات ڏيندا ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا ۽ برن ڪمن کان منع ڪندا.

صحيح ڳالهه، جنهن کي قبول ڪرڻ کانسواءِ چارو نه آهي، اها ئي آهي ته اها ڇوٽ هجرت کانپوءِ مديني ۾ ملي هئي، مڪي ۾ نه ملي هئي. باقي ان آيت نازل ٿيڻ جي وقت جو صحيح تعين ڪرڻ مشڪل آهي.

جنگ جي اجازت ته ملي پر جن حالتن ۾ ملي اهي جيئن ته رڳو رقرشن جي قوت ۽ سرڪشيءَ جو نتيجو هيون، انڪري ڏاهپ جي تقاضا اها هئي ته مسلمان پنهنجي تسلط جو دائرو قريشن جي ان واپاري لنگهه تائين ڦهلائي ڇڏين، جيڪو مڪي کان شام تائين ڦهليل هو. ان لاءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ٻه رٿائون جوڙيون.

1. جيڪي قبيلا هن لنگهه جي ويجهو يا مديني جي وچ واري علائقي ۾ رهندا هئا، انهن سان حلف (دوستي ۽ تعاون جو) ۽ جنگ نه ڪرڻ جو ناهه

2. ان لنگهه تي گشتي دستا موڪلڻ.

پهرئين منصوبي جي سلسلي ۾ اهو واقعو ٻڌائڻ جوڳو آهي تہ گذريل صفحن ۾ يهودين سان ڪيل جنهن ناهہ جو تفصيل ڏنو آهي، پاڻ سڳورن ﷺ فوجي مهم شروع ڪرڻ ڪان اڳ اهڙي قسم جي دوستي، مدد ۽ جنگ نہ ڪرڻ جو هڪ ناهہ جهينہ قبيلي سان بہ ڪيو. انهن جا ڳوٺ مديني ڪان ٽي منزلون (45، 50 ميل) پري هئا. اهڙا ٻيا بہ ناهہ ڪيا ويا، جن جو ذڪر اڳتي ايندو.

ٻيو منصوبو سرين ۽ غزون سان تعلق رکي ٿو، جنهن جو تفصيل بہ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي ايندو.

سريہ ۽ غزوه (1):- ويڙهاند جي موڪل ملڻ ڪانپوءِ انهن ٻنهي رٿائن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ فوجي مهمون شروع ٿي ويون ۽ فوجي دستا گشت ڪرڻ لڳا. سندن مقصد اهو ئي هو، جنهن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي تہ مديني جي پرپاسي وارن رستن تي عام طور تي ۽ مڪي واري رستي تي خاص طور

(1) سيرت نگارن جي اصطلاح ۾ غزوه ان فوجي مهم کي چئبو آهي، جنهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ پاڻ شريڪ ٿي

نڪرندا هئا. پلي پوءِ جنگ ٿي هجي يا نہ. سريو وري ان فوجي مهم ڪي چٽبو آهي، جنهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ شامل نہ ٿيا هجن.

نظر رکي وڃي ۽ گڏوگڏ انهن رستن تي رهندڙ قبيلن سان ناهہ ڪيا وڃن ۽ يثرب جي مشرڪن، يهودين ۽ پرپاسي جي بدوئن کي اهو احساس ڏياريو وڃي تہ مسلمان طاقتور آهن ۽ ڪين پنهنجي پراڻي ڪمزوريءَ کان نجات ملي چڪي آهي ۽ قريشن کي بہ سندن اجائي ڪاوڙ جي خطرناڪ نتيجن کان ديچاريو وڃي تہ جيئن جنهن بيوقوفيءَ جي دبڻ ۾ هو اجا تائين ڦاسندا پيا وڃن، ان مان نڪري ڪجهہ هوش کان ڪم وٺن ۽ پنهنجي لاءِ معاشي ذريعن کي خطري ۾ ڏسي صلح طرف مائل ٿين ۽ مسلمانن جي گهرن ۾ گهڙي سندن انت آڻڻ ۽ الله جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهڻ ۽ مڪي جي نربل مسلمانن تي ڏاڍ ۽ ڏمر ڪرڻ کان پاڻ جهلين ۽ اهڙيءَ طرح مسلمان، عربستان ۾ الله جو پيغام پهچائڻ لاءِ آزاد ٿي وڃن.

انهن سرين ۽ غزون جو ٿورو احوال هتي ڏجي ٿو.

1. سيف البحر وارو سريو(2):- (رمضان سنہ 1 ھ مطابق مارچ 623ع)

(2) سيف البحر ۾ (س) کي زبر ڏبي. معنيٰ ساموندي ڪنارو

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضہ کين سريي جو امير بڻايو ۽ ٽيهه مهاجر اصحابي سڳورا سندن اڳواٽيءَ ۾ ڏئي کين قريشن جي هڪ قافلي جي سٽس وٺڻ لاءِ موڪليو. ان قافلي ۾ ٽي سؤ ماڻهو شامل هئا، جن ۾ ابوجهل بہ هو. مسلمان عيص (1) جي علائقي وٽ سمنڊ جي

(1) عيص، ع کي زير ڏبي. بحر احمر جي پرپاسي ۾ ينبع ۽ مروه جي وچ ۾ هڪ جڳهہ جو نالو آهي.

ڪناري وٽ پهتا تہ قافلو سندن آڏو اچي ويو. ڌريون ويڙهہ لاءِ صفون ٻڌي بيٺيون پر جهينہ قبيلي جو سردار مجدي بن

عمرو، جيڪو ڏرين جو حليف هو، تنهن ڪوشش ڪري جنگ ٽاري ڇڏي.

حضرت امير حمزه رضہ جو اهو جهنڊو پهريون جهنڊو هو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن مبارڪ هٿن سان ٻڌو هو. ان جو رنگ اڇو هو ۽ ان جا علمبردار حضرت ابومرثد ڪناز بن حصين غنوي رضہ جن هئا.

2. رابغ وارو سريو:- (شوال سنہ 1 هہ اپريل 623ع)

پاڻ سڳورن، حضرت عبيده رضہ بن حارث بن المطلب کي مهاجرن جي سٺ سوارن جو دلستو ڏئي روانو ڪيو. رابغ جي واديءَ ۾ ابو سفيان آڏو پيس. ان سان ٻہ سؤ ڄڻا گڏ هئا. ڏرين هڪٻئي تي تير وسايا پر وڏيڪ جنگ نہ ٿي.

هن سريي ۾ مڪي جي لشڪر جا ٻہ ماڻهو مسلمانن سان اچي مليا. هڪ حضرت مقداد بن عمرو البهراني رضہ ۽ ٻيو عتبہ بن غزوان المازني رضہ. اهي ٻئي مسلمان هئا ۽ ڪافرن سان گڏ اهو سوچي هليا هئا تہ ان طرح مسلمانن سان وڃي ملندا.

حضرت ابو عبيده رضہ جن جو جھنڊو اڇو ھو ۽ علمبردار حضرت مسطح رضہ بن اثاثہ بن مطلب بن عبدالمناف ھئا.

3. خرار وارو سريو(1):- (ذوالقعد سنہ 1 ھ مئي 623ع)

(1) خرار، " خ " تي زبر ۽" ر" تي شد سان، جحفہ ويجهو ھڪ جڳھ جو نالو.

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ھن سريي جو امير حضرت سعد بن ابي وصاص رضہ جن کي مقرر ڪيو ۽ ڪين ويھن ڄڻن جو دستو ڏئي قريشن جي ھڪ قافلي جي سڌس وٺڻ لاءِ موڪليو ۽ اھا تاڪيد ڪيائون تہ خرار کان اڳتي نہ وڃجوءُ. اھي پنڌ روانا ٿيا. رات جو سفر ڪندا ھئا ۽ ڏينھن جو لڪي گذاريندا ھئا. پنجين ڏينھن صبح جو خرار پھتا تہ خبر پين تہ قافلو ھڪ ڏينھن اڳ لنگھي چڪو آھي.

ھن سريي جو جھنڊو اڇو ھو ۽ علمبردار حضرت مقداد بن عمرو رضہ جن ھئا.

4. غزوه ابواء يا ودان(2):- صفر سنہ 2 ھ آگسٽ 623ع

(2) ودان، " و" تي زبر ۽" د" تي شد سان، مڪي ۽ مديني وچ ۾ هڪ جڳهہ جو نالو. اهو رابغ کان مديني ويندي 29 ميلن جي مفاصلي تي آهي. ابواء، ودان جي ويجهو ئي هڪ جڳهہ جو نالو آهي.

هن مهم ۾ ستر مهاجرن سان گڏ پاڻ سڳورا ﷺ پاڻ بہ نڪتا هئا ۽ مديني ۾ حضرت سعد رضہ بن عباده جن کي پنهنجو قائم مقام ڪري ويا هئا. مهم جو مقصد ريشن جي هڪ قافلي جي راهہ روڪڻ هو. پاڻ سڳورا ﷺ ودان تائين پهتا پر ڪابہ جهڙپ نہ ٿي.

هن غزوي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ بنو ضمره جي سردار عمرو بن مخشي الضمري سان دوستاڻو ناهہ ڪيو. ناهہ جي لکت هن ريت هئي.

"هي بنو ضمره لاء محمد رسول الله جي لکت آهي. اهي پنهنجي جان ۽ مال بابت بي فڪر رهندا ۽ جيڪو انهن تي چڙهائي ڪندو، ان جي خلاف سندن مدد ڪئي ويندي. سواء ان جي جو اهي پاڻ الله جي دين خلاف جنگ ڪن."

(اهو ناهہ ان وقت تائين آهي) جيستائين سمنڊ ڪين ٻوڙي نہ ڇڏي. (يعني سدائين لاء آهي) ۽ جڏهن بہ نبي ﷺ پنهنجي مدد لاء ڪين سڏيندا تہ انهن کي اچڻو پوندو."(3)

(3) مواهب الدنيہ 1/75 زرقانيءَ جي شرح سان

اها پهرين فوجي مهم هئي، جنهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ پاڻ نڪتا هئا ۽ پندرنهن ڏينهن مديني کان ٻاهر رهيا موٽيا هئا ۽ حضرت امير حمزه رضہ جن ان مهم جا علمبردار هئا.

5.غزوه بواط:- (ربيع الاول سنہ 2 هہ سيپٽمبر 623ع)

هن مهم ۾ پاڻ سڳورا ﷺ بہ سؤ اصحابي سڳورا ساڻ وٺي نڪتا. مقصد قريشن جي هڪ قافلي جي خبر لهڻ هو، جنهن ۾ اميہ بن خلف سميت قريشن جا هڪ سؤ ماڻهو ۽ اڍائي هزار اٺ هئا. پاڻ سڳورا ﷺ "رضوا" ويجهو هڪ جڳهہ "بواط" (1) تائين ويا پر ڪابہ جهڙپ ڪانہ ٿي.

(1) بواط ب تي پيش سان ۽ رضويٰ، جهينہ جي جابلو سلسلي جا بہ جبل آهن. جيڪي اصل ۾ هڪ ئي جبل جون

ﮬ شاخون آهن. اهي مڪي کان شام وڃڻ واري رستي سان ڳنڍيل آهن ۽ مديني کان 48 ميل پري آهن.

6. غزوه سفوان:- (ربيع الاول سنہ 2 ھ، سيپٽمبر 623ع)

هن غزوي جو ڪارڻ اهو هو تہ ڪرز بن جابر فهريءَ مشرڪن جي هڪ ننڍڙي جٿي سان مديني جي چراگاهہ تي حملو ڪيو ۽ ڪجھہ وھٽ ڪاهي ويو. پاڻ سڳورا ﷺ ستر اصحابين سان گڏ سندن پٺيان لڳا، پر ڪرز ۽ سندس ساٿاري نڪري ويا ۽ پاڻ سڳورا ﷺ بنا ڪنهن ٽڪراءَ جي موٽي آيا. هن غزوي کي ڪي ماڻهو بدر واري پهرين جنگ بہ چون ٿا.

هن غزوي دوران مديني جو امير زيد بن حارثہ رضہ جن کي مقرر ڪيو ويو. جھنڊو اڇو هو ۽ علمبردار حضرت علي رضہ جن هئا.

7. غزوه ذي العشيره:- (جماد الاول ۽ جماد الاخر سنہ 2 ھ، نومبر ۽ ڊسمبر 623ع)

هن مهم ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان ڏيڍ يا ٻہ سؤ مهاجر ساڻ هئا. پر پاڻ سڳورن ﷺ ڪنهن کي پاڻ سان

هلڻ لاءِ زور نہ پريو هو. سواريءَ لاءِ رڳو ٽيھہ اٺ هئا.
انڪري ماڻهو واري واري سان سوار ٿيندا هئا. هن مهم جو
مقصد قريشن جي هڪ قافلي تائين پهچڻ هو، جيڪو شام
ڏانهن وڃي رهيو هو. پتو پيو هو تہ اهو مڪي کان نڪري
چڪو آهي. هن قافلي ۾ قريشن وٽ ڪافي مال متاع هو.
پاڻ سڳورا ﷺ ان کي ڳولهيندا ذوالعشيره (1)

(1) عشيره، ع تي پيش ۽ ش تي زبر. هن کي عشيره ۽ عشيره بہ چيو ويو آهي. ينبوع جي ويجهو هڪ جڳهہ جو نالو آهي.

تائين پهتا پر قافلو ڪافي ڏينهن اڳ نڪري چڪو هو. هي اهو ئي قافلو هو، جنهن کي شام کان واپس ٿيڻ تي پاڻ سڳورن ﷺ گرفتار ڪرڻ چاهيو پر قافلو نڪري ويو ۽ انڪري بدر واري جنگ ٿي پئي.

ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ هن مهم تي پاڻ سڳوران جامدالاول جي آخر ۾ نڪتا هئا. ۽ جماد الاخر ۾ موٽيا هئا. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن غزوي جي مهيني جي تعين ۾ سيرت نگارن جو اختلاف آهي.

هن غزوي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ، بنو مدلج ۽ ان جي اتحادي بنو ضمره سان جنگ نہ ڪرڻ جو ناهہ ڪيو.

سفر جي ڏينهن ۾ مديني جي سربراهيءَ جو ڪم ابو سلمہ بن الاسد مخرومي رضہ جن سرانجام ڏنو. هن ڀيري بہ جهنڊو اڇو هو ۽ علمبرداري حضرت حمزه رضہ جن ڪري رهيا هئا.

8. نخلہ وارو سريو:- (رجب سنہ 2 هہ، جنوري 624ع)

هن مهم تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عبدالله بن جحش رضہ جن جي اڳواڻيءَ ۾ ٻارنهن مهاجرن جو هڪ جٿو روانو ڪيو. ٻن ماڻهن جي سواريءَ لاء هڪ هڪ اٺ هو، جنهن تي واري واري سان سوار ٿيندا هئا. جٿي جي اڳواڻ کي پاڻ سڳورن ﷺ هڪ لکت ڏني هئي ۽ هدايت ڪئي هئي تہ ٻہ ڏينهن سفر ڪرڻ کانپوء ئي ان کي کولي ڏسن. تنهنڪري ٻن ڏينهن کانپوء حضرت عبدالله رضہ جن لکت کولي ڏٺي تہ ان ۾ لکيل هو تہ "جڏهن توهان هيءَ لکت ڏسو تہ اڳتي وڌندا وڃي مڪي ۽ طائف جي وچ ۾ نخلہ ۾ پڙاءُ ڪريو ۽ اتي قريش جي هڪ قافلي لاء گهات هڻي ويهو ۽

اسان لاءِ ان جي خبر وٺي اچو." انهن "سمع وطاعت" چيو ۽ پنهنجن ساٿين کي اطلاع ڏئي فرمايو تہ آئون ڪنهن کي بہ زور نٿو ڀريان. جنهن کي شهادت جو شوق هجي، اهو هلي ۽ جنهن کي موت ناگوار لڳي اهو واپس هليو وڃي. باقي آئون هر حال ۾ اڳتي ويندس. ان تي سڀ ساٿي اٿي کڙا ٿيا ۽ منزل مقصود ڏانهن هلي پيا. رستي ۾ سعد بن ابي وقاص رضہ ۽ عتبہ بن غزوان رض جن جو اٺ وڃائجي ويو، جنهن تي اهي ٻئي سڳورا سفر ڪري رهيا هئا. انڪري اهي ٻئي پٺتي رهجي ويا.

حضرت عبدالله بن جحش رضہ طويل سفر ڪري اچي نخلہ ۾ منزل ڪئي. اتان قريشن جو هڪ قافلو لنگهيو، جيڪو ڪشمش، چمڙو ۽ ٻيو واپار جو سامان کڻي پئي ويو. قافلي ۾ عبدالله بن مغيره جا بہ پٽ عثمان ۽ نوفل ۽ مغيره جا غلام عمرو بن حضرمي ۽ حڪيم بن ڪيسان هئا. مسلمانن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ڇا ڪيو وڃي جو اڄ حرام مهيني رجب جو آخري ڏينهن آهي. جي وڙهون ٿا تہ حرام مهيني جي بيحرمتي ٿي ٿئي ۽ رات ترسون ٿا تہ اهي حرم

جي حدن ۾ داخل ٿي ويندا. ان ڪانپوءِ سيني اها راءِ ڏني تہ حملو ڪيو وڃي. پوءِ هڪ ڄڻي عمرو بن حضرميءَ کي تير هنيو ۽ ان کي پورو ڪري ڇڏيو. ٻين مان عثمان ۽ حڪيم گرفتار ڪيا ويا. باقي نوفل ڀڄي ويو. ان ڪانپوءِ اهي، ٻنهي قيدين ۽ قافلي جي سامان سان مديني پهتا. انهن غنيمت جي مال مان خمس (پنجون حصو) بہ ڪڍي ورتو.(1) اهو اسلامي تاريخ جو پهريون خمس، پهريون مقتول ۽ پهريان باندي هئا.

(1) سيرت نگار اهو ٻڌائين ٿا پر ان ۾ مونجهارو اهو آهي تہ خمس ڪڍڻ جو حڪم بدر جي جنگ مهل لٿو. ان حڪم لهڻ جي سبب جو جيڪو تفصيل تفسيرن ۾ آصل آهي، ان مان پتو پوي ٿو تہ ان کان اڳ مسلمان خمس جي حڪم کان اڻڄاڻ هئا.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سندن ان حرڪت تي بازپرس ڪئي ۽ فرمايو تہ توهانکي حرام مهيني ۾ جنگ ڪرڻ جو

حڪم نہ ڏنو ويو هو ۽ پوءِ قافلي جي سامان ۽ قيدين جي معاملي کي في الحال جيئن جو تيئن ڇڏي ڏنائون.

هوڏانهن ان حادثي سان مشرڪن کي اها واويلا ڪرڻ جو وجهہ ملي ويو تہ الله جي منع ڪيل مهيني کي مسلمانن حلال ڪري ڇڏيو، پوءِ تہ جيترا هئا وات، اوترييون هيون ڳالهيون. نيٺ الله وحيءَ ذريعي سندن پول کوليو ۽ ٻڌايو تہ مشرڪ جيڪي ڪن پيا اهو مسلمانن جي حرڪت کان گهٽو وڌو ڏوهہ آهي. ارشاد ٿيو تہ:

يسئلونڪ.................. من القتل (2: 217)

ترجمو:- (اي پيغمبر) توکان تعظيم وارن مهينن ۾ وڙهڻ بابت پڇن ٿا. چئہ تہ منجهن ويڙهہ ڪرڻ وڏو گناهہ آهي ۽ الله جي واٽ کان جهلڻ ۽ الله کي نہ مڃڻ ۽ تعظيم واري مسجد کان روڪڻ ۽ ان ۾ رهڻ وارن کي منجهانئس لوڏڻ الله وٽ (ان کان) تمام وڏو گناهہ آهي ۽ فتنو (يعني شرڪ) خون ڪرڻ کان بلڪل وڏو ڏوهہ آهي.

ان وحيءَ اها وضاحت ڪري ڇڏي تہ وڙهڻ وارن مسلمانن جي سيرت بابت مشرڪن جيڪا واويلا ڪٽي

مچائي آهي، اها اجائي آهي. ڇو تہ قريشن، مسلمانن سان لڙائيءَ ۾ ۽ انهن تي ڏاڍ ۽ ڏمر ڪرڻ ۾ سڀ حرمتون پائمال ڪري ڇڏيو هيون. ڇا جڏهن هجرت ڪرڻ وارن مسلمانن کان الهہ تلهہ ڦريو ويو ۽ پيغمبر ﷺ کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو تہ اهو واقعو حرمت واري شهر (مڪي) کان ٻاهر ٿيو هو؟ پوءِ ڇو هاڻي انهن کي حرمت جو تقدس ياد اچي ويو. يقينن مشرڪن جي پروپيگنده جو اهو طوفان لڪيل بيحيائي ۽ بيشرمي هو.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٻنهي قيدين کي آزاد ڪيو ۽ مقتول جي وارثن کي خون بها پري ڏنو. (1)

(1) انهن سرين ۽ غزون جو تفصيل هيٺين ڪتابن مان ورتل آهي. زاد المعاد 83/2، 85 - ابن هشام 591/1، 605 - رحمت اللعالمين 115/1، 116، 215/2، 216، 468، 470 انهن ڪتابن ۾ انهن سرين ۽ غزون جي ترتيب ۽ ان ۾ ٻهرو وٺندڙن جي تعداد بابت اختلاف آهن. مون علامہ ابن قيم ۽ علامہ منصورپوريءَ جي تحقيق تي اعتماد ڪيو آهي.

اهي آهن بدر جي جنگ کان اڳ جا سريا ۽ غزوه. انهن مان ڪنهن ۾ به ڦرلٽ ۽ رتوڇاڻ نه ٿي هئي، جيستائين ڪرز بن جابر فهري جي اڳواڻيءَ ۾ ائين نه ٿيو. انڪري ڇئي سگهجي ٿو ته ان جي شروعات به مشرڪن ڪئي. جڏهن ته ان کان اڳي به هو هر طرح جون ڌاڌايون ڪري چڪا هئا.

هوڏانهن عبدالله بن جحش رضه جي سريي جي واقعن کانپوءِ مشرڪن جو ڊپ حقيقت بڻجي ويو ۽ سندن آڏو هڪ سچي پچي خطري جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. ڪين جنهن ڄار ۾ ڦاسڻ جو ڊپ هو، ان ۾ هاڻي هو سچ پچ ڦاسي پيا هئا. ڪين پتو پئجي چڪو هو ته مديني جي قيادت وٽ ڏاهپ آهي ۽ سندن هڪ هڪ واپاري چرپر نظر رکي ٿي. مسلمان گهرن ته ٽي سؤ ميلن جو فاصلو طئه ڪري سندن علائقي ۾ اچي ڪين ماري ڪٽي سگهن ٿا، قيد ڪري سگهن ٿا، الهه تلهه ڦري سگهن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهه ڪري صحيح سلامت واپس موٽي سگهن ٿا. ڪين سمجهه ۾ اچي ويو هو ته سندن شام سان واپاري ناتا هاڻي لاڳيتو خطري ۾ رهندا پر پوءِ به اهي بيوقوفي ڪرڻ کان نه مڙيا ۽ جهينه ۽ بنو ضمره سان صلح

صفائي ڪرڻ بدران پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي جوش ۾ دشمني ڪرڻ ۾ اجا بہ اڳتي وڌي ويا ۽ سندن اڪابرن پنهنجي ان ڌمڪيءَ تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ مسلمانن جي گهرن ۾ گهڙي ڪين پورو ڪيو وڃي. اها ئي ڪاوڙ ڪين بدر جي ميدان ۾ وٺي آئي.

باقي رهيا مسلمان تہ الله تعاليٰ حضرت عبد الله بن جحش رح جن واري سريي ڪانپوء شعبان سنہ 2 هہ ۾ انهن تي جنگ فرض ڪري ڇڏي ۽ ان سلسلي ۾ ڪجھ آيون لٿيون. ارشاد ٿيو تہ "

وقاتلو في .... علي الظالمين (2: 190، 193)

ترجمو:- جيڪي اوهان سان وڙهن، تن سان الله جي واٽ ۾ وڙهو ۽ حد کان نہ لنگهو. ڇو تہ الله حد اورانگهڻ وارن کي پيارو نہ نہ رکندو آهي ۽ جتي ڪين ڏسو، اتي ڪين ڪهو ۽ جتان اوهان کي لوڏيائون اتان ڪين لوڏيو ۽ فتنو (شرڪ) ويڙہ کان ڏاڍو (بيڇڙو) آهي ۽ اوهين تعظيم واري مسجد وٽ (ايستائين) نہ وڙهو، جيستائين منجهس اوهان سان نہ

وڙهن، پوء جيڪڏهن اوهان سان وڙهن تہ انهن کي ماريو. ڪافرن جي سزا ائين آهي ۽ جيڪڏهن بس ڪن (تہ اوهان بہ بس ڪريو.) ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي ۽ تيستائين انهن سان وڙهو، جيستائين فتنو (شرڪ) نہ رهي ۽ خاص الله جو دين قائم ٿئي. پوء جيڪڏهن بس ڪن تہ ظالمن ڪانسواء ڪنهن تي بہ وڌيڪ هلت ڪرڻ نہ جڳائي.

ان ڪانپوء جلد ئي ٻئي قسم جون آيتون لٿيون، جن ۾ جنگ جو طريقو ٻڌايل آهي ۽ ان جي ترغيب ڏني وئي آهي ۽ ڪجهہ حڪم بہ ڏنا ويا هئا. جيئن ارشاد آهي تہ:

فاذا لقيتم الذين........اقدامكم (47: 4، 7)

ترجمو:- پوء جڏهن اوهين ڪافرن سان جنگ ڪريو تڏهن (انهن جون) گردنون ڪٽيو. تانجو جڏهن منجهن گهڻو رتوڇاڻ ڪريو تڏهن مضبوطيءَ سان ٻڌو وري (قيد ڪانپوء) يا تہ احسان ڪرڻ (سان ڇڏڻ يا ڏنڊ وٺڻ (گهرجي) تانجو جنگ پنهنجا هٿيار رکي. اهو (حڪم) آهي ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ ڪائن بدلو وٺي ها پر (گهرندو آهي) تہ اوهان مان ڪن کي ڪن سان پرکي ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ قتل

ٿيا، تن جا عمل ڪڏهن ضايع نہ ڪندو. کين سڌو رستو ڏيکاريندو ۽ سندن حال سڌاريندو ۽ کين انهيءَ بهشت ۾ داخل ڪندو، جيڪو کين ڄاڻايو اٿس. اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهان الله (جي دين) جي مدد ڪندؤ تہ (الله) اوهانجي مدد ڪندو ۽ اوهانجا قدم محڪم ڪندو.

ان بعد الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي مذمت ڪئي، جن جون دليون جنگ جو حڪم ٻڌي ڪنبڻ لڳيون هيون. ارشاد ٿيو تہ:

فاذا انزلت....... عليہ الموت (47: 20)

ترجمو:- پوءِ جڏهن چٽي معنيٰ واري سورت لاٿي وڃي ۽ ان ۾ جهاد جو ذڪر ڪيو وڃي تہ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن کي ڏسندين تہ تو ڏانهن ان (ماڻهوءَ) جي نهارڻ وانگر ڏسندا، جنهن کي موت جي سڪرات کان بيهوشي پهتي هجي. پوءِ انهن لاءِ خرابي آهي.

حقيقت اها آهي تہ جنگ جي ترغيب ڏيڻ ۽ ان کي فرض ڪرڻ ۽ ان جي تياريءَ جو حڪم ڪرڻ، حالتن جي گهرج موجب هو. جيڪڏهن حالتن تي گهري نظر رکندڙ کو

سپهہ سالار هجي ها تہ اهو بہ پنهنجي فوز کي هر طرح جي هنگامي هالتن جو تکڙو مقابلو ڪرڻ لا: تيار رهڻ جو حڪم ڪري ها، پوء هو عظيم پالڻهار ڇو نہ اهڙو حڪم ڏي، جيڪو هر ڪليل ۽ ڳجهي ڳالهہ جو ڄاڻو آهي. سچ پڇو تہ حالتون حق ۽ باطل جي وچ ۾ هڪ وڏي رتوڇاڻ ۽ فيصلو ڪندڙ ٽڪراءَ جي تقاضا ڪري رهيون هيون. خاص طور تي عبدالله بن جحش رح واري سريي ڪانپوء، جيڪو مشرڪن جي غيرت ۽ حميت لاء وڏو ڏک هو، جنهن سندن اندر ساڙي ڇڏيو هو.

جنگي حڪمن وارين آيتن مان پتو پيو ٿي تہ رتوڇاڻ ٿيڻ جي مهل ويجهي آهي ۽ ان ۾ آخري فتح مسلمانن جي ئي ٿيندي. توهان هن ڳالهہ تي غور ڪريو تہ الله تعاليٰ ڪيئن نہ مسلمانن کي حڪم پيو ڏي تہ جتان مشرڪن اوهانکي ڪڍيو آهي، اتان کين ڪڍي ڇڏيو. پوء ڪيئن تہ ان قيدين کي ٻڌڻ ۽ مخالفن کي ڪچلي جنگ جي پڄاڻي ڪرڻ جي هدايت ڏني آهي، جيڪا هڪ غالب ۽ فاتح فوج سان تعلق رکي ٿي. اهو اشارو هو تہ نيٺ مسلمان حاوي

ٿيندا پر ها ڳالهہ اشارن ۾ بيدائي وئي تہ جيئن جيڪو ماڻهو الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ لاءِ جيتري گرمجوشي رکي ٿو، ان جو عملي مظاهرو بہ ڪري سگهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ شعبان سنهہ 3 هہ بمطابق فيبروي 624ع ۾ الله تعاليٰ حڪم ڏنو تہ بيت المقدس بدران ڪعبہ الله کي قبلو بڻايو وڃي ۽ نماز مهل اوڏانهن منهن ڪيو وڃي. ان جو فائدو اهو ٿيو تہ ڪمزور ۽ منافق يهودي جيڪي رڳو ڏقير پيدا ڪرڻ لاءِ مسلمانن جي صفن ۾ داخل ٿيا هئا، سي کلي سامهون اچي ويا ۽ مسلمانن کان ڌار ٿي پنهنجي اصل حالت تي موٽي ويا ۽ ان طرح مسلمانن جون صفون ڪجھ غدارن کان پاڪ ٿي ويون.

قبلو مٽجڻ ۾ بہ هڪ لطيف اشارو موجود هو تہ هاڻي هڪ نئون دور شروع ٿيڻ وارو آهي، جيڪو نئين قبلي تي مسلمانن جي قبضي کان اڳ ختم نہ ٿيندو، ڇو تہ اها اچرج جوڳي ڳالهہ ٿيندي تہ ڪنهن قوم جو قبلو ان جي ويرين جي قبضي ۾ هجي ۽ جي آهي تہ پوءِ ضروري آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ان کي آزاد ڪيو وڃي.

انهن حڪمن ۾ اشارن ڪانپوءِ مسلمانن ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿي وئي ۽ جهاد في سبي الله جو جذبو ۽ دشمنن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جي خواهش ويتر وڌي وئي.

بدر واري جنگ

اسلام جي پهرين ويڙهه

غزوي جو ڪارڻ:- غزوه عشيره جي ذڪر ۾ اسين ٻڌائي آيا آهيو تہ قريشن جو هڪ قافلو مڪي کان شام ويندي پاڻ سڳورن ﷺ جي گرفت کان بچي نڪتو هو. اهو ئي قافلو جڏهن شام کان موٽي مڪي اچڻ وارو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ طلحہ بن عبيدالله رضہ ۽ سعيد بن زيد رضہ کي ان جي سڌس وٺڻ لاءِ اتر پاسي موڪليو. اهي ٻئي اصحابي سڳورا حوراء تائين ويا ۽ اتي ترسي پيا. جڏهن ابو سفيان قافلو وٺي اتان لنگهيو تہ اهي تڪڙا تڪڙا مديني موٽيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر ڏنائون.

هن قافلي ۾ مڪي وارن جي وڏي ملڪيت هئي. يعني هڪ هزار اٺ، جن تي گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ هزار

دينارن (ٻہ سؤ ساڍا ٻاھٺ ڪلو سون جيترو) جي ماليت جو سامان رکيل هو، جنهن جي حفاظت رڳو چاليهہ ڄڻا ڪري رهيا هئا.

مديني وارن جي لاءِ اهو ڏاڍو سٺو وجهہ هو، جڏهن تہ مڪي وارن لاءِ ايڏو مال ڦرجي وڃڻ، وڏي فوجي، سياسي ۽ اقتصادي مار جي حيثيت رکي ٿي. ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن ۾ پڙهو ڏياريو تہ قريشن جوقافلو مال ۽ دولت کڻيو پيو اچي. انڪري نڪري پئو. ٿي سگهي ٿو تہ الله تعاليٰ اهو غنيمت طور اوهانجي حوالي ڪري.

پر پاڻ سڳورن ﷺ ڪنهن تي بہ هلڻ لاءِ زور نہ پريو هو، بلڪہ رڳو ماڻهن جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو. ڇوتہ هن اعلان وقت اها توقع نہ هئي تہ کو قافلي بدران قريشن جي لشڪر سان بدر جي ميدان ۾ زوردار ٽڪراءُ ٿي پوندو. اهو ئي سبب هو جو ڪجھ اصحابي سڳورا مديني ۾ ئي ترسي پيا. سندن خيال هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو اهو سفر، پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻين فوجي مهمن کان مختلف نہ هوندو ۽

ان لاءِ هن غزوي ۾ شريڪ نہ ٿيڻ وارن کان پڇا ڳاڇا بہ ڪانہ ڪئي وئي.

اسلامي لشڪر جو تعداد ۽ جٿن جي ورڇ:- پاڻ سڳورا ﷺ هلڻ لاءِ تيار ٿيا تہ ساڻن گڏ ٽي سؤ کان ڪجھ وڌيڪ ماڻھو هئا. (يعني 313 يا 314 يا 317) جن ۾ 82 يا 83 يا 86 مهاجر هئا ۽ ٻيا انصار. انصارن مان 61 اوس قبيلي مان هئا ۽ 170 خزرج قبيلي مان. ان لشڪر، غزوي لاءِ ڪا خاص تيري نہ ڪئي هئي. سڄي لشڪر ۾ رڳو ٻہ گھوڙا هئا. (هڪ حضرت زبير بن عوام رضہ جو ۽ ٻيو حضرت مقداد بن اسود ڪندي رضہ جو) ستر اٺ، جن مان هر هڪ تي ٻہ يا ٽي ماڻھو واري واري سان چڙھيا ٿي. هڪ اٺ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي رضہ ۽ حضرت مرثد رضہ بن ابي مرثد غنوي جي حصي ۾ آيو هو، جنهن تي ٽئي سڳورا واري واري سان سوار ٿيا ٿي.

مديني جي انتظام ۽ نماز پڙھائڻ جو ڪم پهرين حضرت ابن ام مڪتوم رضہ جي سپرد ڪيو ويو، پر جڏهن پاڻ سڳورا روحاءَ تائين پهتا تہ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت

ابو لبابہ بن عبدالمنذر رضہ کي مديني جو منتظم ڪري واپس موڪليو. لشڪر جي تنظيم هن ريت ڪيئ وئي جو هڪ جٿو مهاجرن جو ٺاهيو ويو ۽ هڪ انصارن جو. مهاجرن جو جهندو حضرت علي رضہ کي ڏنو ويو ۽ انصارن جو حضرت سعد بن معاذ رضہ کي ۽ سالار جي اڃي جهندي جو علمبردار حضرت مصعب بن عمير عبدري رضہ کي بڻايو ويو. ميمنہ جو سالار حضرت زبير بن العوام رضہ کي مقرر ڪيو ويو ۽ ميسره جو سالار حضرت مقداد بن الاسور رضہ کي ڪيو ويو. اسان اڳيئي ٻڌائي آيا آهيون تہ سڄي لشڪر ۾ رڳو اهي ٻہ بزرگ شهسوار هئا. ساقہ جي ڪمان حضرت قيس رضہ بن ابي صعصعہ جي حوالي ڪئي وئي ۽ سڄي لشڪر جي سپهہ سالاري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پاڻ سنڀالي.

بدر ڏانهن اسلامي لشڪر جو وڌڻ:- پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اٽڪوري لشڪر کي وٺي مديني جي موڙ کان نڪري مڪي واري عام رستي تي هلندر بئر روحاء (روحاء وارو کوهہ) تائين پهتا. پوء اتان وڌندي مڪي جو رستو کابي پاسي ڇڏيندي، ساڄي پاسي کان ٿورو هٽي نازيہ وٽ پهتا. (سندن

منزل بدر جو ميدان هو.) پوء نازيہ جيهڪ پاسي کان لنگهي رحقان جي وادي اڪريا. اها نازيہ ۽ صفراء واري لنگهہ جي وچ ۾ هڪ وادي آهي. ان کانپوء صفراء واري لنگهہ مان گذريا. پوء اتنا تپي صفراء جي واديءَ جي ويجهو وجي پهتا ۽ اتان جهينہ قبيلي جي ٻن ماڻهن يعني بسيس بن عمر ۽ عدي بن ابي الزغباء کي قافلي جي سڌس وٺڻ لاء بدر موڪليائون.

مڪي ۾ خطري جو اعلان:- ٻئي پاسي قافلي جي صورتحال اها هئي جو ابوسفيان، جيڪو نگران هو، اهو ڏاڍو محتاط هو. ڪيس خبر هئي تہ مڪي جو رستو خطرن سان ڀريل آهي. انڪري هو حالتن جي لاڳيتي خبرچار وٺندو پئي آيو ۽ جن قافلن سان مليو ٿي، تن کان ڇاڻ ورتائين ٿي. تنهنڪري ڪيس جلد ئي خبر پئي تہ محمد ﷺ پنهنجن ساٿين کي قافلي تي حملي جي دعوت ڏني آهي. تنهنڪري هن هڪدم ضمضم بن عمرو غفاريءَ کي ڏوڪڙ ڏئي مڪي موڪليو تہ اتي وڃي قافلي جي سنڀال لاء قريشن ۾ عام پڙهو ڏياري. ضمضم ڏاڍو تڪڙو مڪي پهتو ۽ مڪي جي واديءَ ۾

پهچي اٺ کي بدصورت بڻائي ڪجاوو ابتو ڪري، قميص ڦاڙي ان اٺ تي چڙهي واڪا ڪيائين ته "اي قريشيو! قافلو..قافلو...توهانجو مال جيڪو ابوسفيان سان گڏ آهي، ان تي محمد صلى الله عليه وسلم ۽ ان جا ساٿي حلان ڪرڻ پيا اچن. مونکي پڪ ڪانهي ته توهان کين رسي سگهندا. مدد....مدد.......

مڪي وارن جي جنگ لاءِ تياري:- اهي واڪا ٻڌي هر طرف کان ماڻهو ڊوڙي پيا. چوڻ لڳا ته محمد صلى الله عليه وسلم ۽ ان جا ساٿي سمجهن ٿا ته هي قافلو به ابن حضرمي جي قافلي جهڙو آهي؟ نه هرگز نه. خدا جو قسم! انهن کي هاڻ پتو پوينده ته اسانجو معاملو ڪجهه ٻيو آهي. ان ڪانپوءِ سڄي مڪي ۾ رڳو ٻن قسمن جا ماڻهو هئا. يا ته ماڻهو پاڻ جنگ لاءِ نڪري رهيا هئا يا وري پنهنجي جاءِ تي ڪو ماڻهو موڪليرهيا هئا. ان طرح جهڙوڪر سيئي نڪري رهيا هئا. خاص طور تي مڪي جي سردارن مان ڪوبه پٺتي نه هٽيو. رڳو ابولهب پنهنجي جڳهه تي هڪ قرضدار کي موڪليو. پرپاسي جي قبيلن جي ماڻهن کي به قريشن پرتي ڪيو ۽

قريشن جي پنهنجي قبيلن مان سواء بنو عديءَ جي ڪوبہ پنيان نہ رهيو، بنو عديءَ جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ هن جنگ ۾ شرڪت نہ ڪئي.

مڪي جي لشڪر جو تعداد:- پهرين تہ مڪي جي لشڪر ۾ تيرنهن سؤ ڄڻا هئا، جن وٽ هڪ سؤ گهوڙا ۽ ڇهہ سؤ زرهون هيون. اٺ بہ ڪِپل هئا پر نيڪ تعداد معلوم ڪونهي. لشڪر جو سپهہ سالار ابوجهل بن هشام هو. قريشن جا نو معزز ماڻهو رسد جا ذميدار هئا.هڪ ڏينهن نو ۽ هڪ ڏينهن ڏهہ اٺ ڪسيندا هئا.

بنوبڪر جي قبيلن جو مسئلو:- مڪي جو لشڪر هلڻ لاء تيار ٿيو تہ ڪين ياد آيو تہ بنو بڪر جي قبيلن سان سندن دشمني ۽ جنگ هلي رهي آهي. انڪري ڪين ڊپ ٿيو تہ متان اهي قبيلا پنيان حملي نہ ڪن ۽ ان طرح هو دشمنن جي وچ ۾ ڦاسي پون. اهو خيال قريشن کي جنگ جي ارادي کان روڪي وجهي ها پر ان مهل ابليس لعن، بنوڪنانہ جي سردار سراقہ بن مالڪ بن جعشم مدلجي جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو ۽ چيائين تہ "آئون توهانجو ٻانهن ٻيلي آهيان ۽ ان ڳالهہ جي

ضمانت ٿو ڏيان تہ بنوڪنانہ توهانجي پٺيان ڪا اٽوٽت نہ ڪندا."

مڪي جي لشڪرجي روانگي:- هن ضمانت ملڻ ڪانپوء مڪي وارا پنهنجن گهرن کان نڪري پيا ۽ مديني ڏانهن روانا ٿيا. الله تعاليٰ جي هن ارشاد مطابق تہ "آڪڙجندي ۽ ماڻهن کي پنهنجو شان ڏيکاريندي." جيئن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو ارشاد ٿهي تہ "پنهجي ڊال ۽ هٿيار ڪٽي الله ۽ ان جي رسول تي ڪاوڙ ڪندي، بدلي جي باهہ ورتل ۽ حميت ۽ غضب جي جذبي سان پريل. ان ڳالهہ تي ڏند ڪرٽيندي تہ الله جي رسول ۽ سندس اصحابين، مڪي وارن جي قافلي تي اک ڪڻڻ جي جرئت ڪيئن ڪئي؟" بهرحال اهي ڏاڍا تکا اتر طرف بدر ڏانهن اچي رهيا هئا ۽ عسفان جي وادي ۽ قديد کان لنگهي جحفہ پهتا تہ ابوسفيان جو هڪ نئون نياپو پهتن، جنهن ۾ چيو ويو هو تہ توهان پنهنجي قافلي، پنهنجن ماڻهن ۽ مال جي حفاظت لاء نڪتا آهيو ۽ جيئن تہ الله انهن سڀني کي بچائي ورتو آهي، تنهنڪري هاڻي موٽي اچو.

قافلو بچي نڪتو:- ابوسفيان جي بچي نڪرڻ جو تفصيل هن ريت آهي تہ هو شام جي واپاري لنگهہ تان پئي هليو ۽ لاڳيتو جاچ جوچ رکندو آيو. هن خبرچار رکڻ جون ڪوششون بہ تکڙيون ڪري ڇڏيون هيون. جڏهن هو بدر جي ويجهو پهتو تہ هن قافلي کان اڳتي وڌي مجدي بن عمرو سان ملاقات ڪئي ۽ ان کان مديني جي لشڪر بابت پڇيو. مجديءَ چيو تہ "من ڪوبہ اوپرو ماڻهو تہ ڪونہ ڏٺو باقي بہ سوار ڏٺا، جن دڙي وٽ پنهنجن وهٺن کي ويهاريو. پوءِ پنهنجي مشڪ ۾ پاڻي پري هليا ويا." ابوسفيان تڪڙو اتي پهتو ۽ سندن اٺن جو ليڏوڻو کڻي پچي ڏٺو تہ ان مان ڪجيءَ جي ککڙي نڪتي. ابوسفيان چيو تہ خدا جو قسم اهو يثرب وارن جو چارو آهي. ان بعد ترت قافلي ۾ پهتو ۽ ان کي اولهہ پاسي ڪناري ڏانهن وٺي ويو ۽ بدر کان لنگهندڙ واپاري لنگهہ کان کابي طرف هلڻ لڳو ۽ ان طرح قافلي کي مديني جي لشڪر کان بچائي ويو ۽ هڪدم مکي جي لشڪر کي پنهنجي بچي وڃڻ جو ڄاڻ ڏيندي نياپو موڪليائين، جيڪو لشڪر کي جحفہ ۾ مليو.

مڪي جي لشڪر جو واپسيءَ جو ارادو ۽ پاڻ ۾ ڦوٽ پوڻ:-

اهو نياپو ٻڌي مڪي جي لشڪر موٽڻ چاهيو پر ابوجهل اٿي بيٺو ۽ ڏاڍي هٺ ۽ وڏائيءَ سان چيائين تہ "خدا جو قسم! بدر وجي تي ڏنيهن اتي رهڻ کان اڳ اسين ڪونہ موٽنداسين. ان دوران اٺ ڪهنداسين، ماڻهن کي کاڌو کارائينداسين ۽ شراب پيارينداسين. ٻانهيون اسان لاءِ گانا ڳائينديون ۽ سڄو عربستان اسانجو ۽ اسانجي سفر جو حال ٻڌندو ۽ اهڙيءَ طرح سدائين لاءِ اسانجو ڌاڪو ڄمي ويندو."

ابوجهيل جهڙي ٻئي شيطان اخنس بن شريق چيو تہ واپس موٽي هلو پر ماڻهن سندس ڳالھ نہ مڃي. انڪري هو بنو زهره وارن کي ساڻ وٺي موٽي ويو، ڇو تہ اهو بنو زهره جو حليف ۽ هن لشڪر ۾ سندن سردار هو. بنو زهره وارن جو ڪل تعداد اٽڪل ٽي سوُ هو. سندن ڪوبہ ماڻهو بدر جي جنگ ۾ موجود نہ هو. بعد ۾ بنو زهره وارن اخنس بن شريق جي ان فيصلي تي ڏاڍيون خوشيون ملهايون ۽ انهن جي دل ۾ سندس عزت وڌي وئي ۽ سدائين لاءِ سندس فرمانبرداري ڪندا رهيا.

بنو زهره وانگر بنو هاشم بہ موٽڻ گهريو پر ابوجهل سختيءَ سان چيو تہ جيستائين اسين نہ موٽنداسين تيستيائين هي ٽولو اسان کان ڌار نہ ٿيڻ کپي.

مطلب تہ لشڪر پنهنجو سفر جاري رکيو. بنو زهره جي موٽڻ ڪانپوء هاڻي سندن تعداد هڪ هزار وجي بچيو هو ۽ سندن رخ بدر ڏانهن هو. بدر جي ويجهو ڇهچي هڪ دڙي جي پنيان وجي لٿا. اهو دڙو بدر جي ميدان جي ڏکڻ طرف هو.

اسلامي لشڪر لاء نازڪ حالتون:- هوڏانهن خابرن پاڻ سڳورن ﷺ کي رستي ۾ ئي ذفران جي واديءَ ۾ قافلي ۽ لشڪر بابت جاڻ ڏني. پاڻ سڳورن ﷺ اهو اندازو ڪري ورتو تہ هاڻي هڪ خوني ٽڪراءُ ٿيندو ۽ هاڻي همت ۽ مڙسيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. ڇو تہ اها پڪي ڳالهہ هئي تہ قريشن جي لشڪر کيهن علائقي ۾ ائين گهمڻ ڦرڻ ڏنو ويو تہ ان سان قريشن جي هاڪ ٿيندي ۽ سندن سياسي بالادستيءَ جو دائرو وڌي ويندو. مسلمانن جو آواز دبجي ويندو ۽ ان ڪانپوء اسلام خلاف دلهہ دينو رکندڙ جهڙو تهڙو

۽ اسلام جي دعوت کي نقصان پهچائڻ لاءِ ميدان ۾ ٽپي پوندو.

ان کانسواءِ ان ڳالهه جي ۽ ضمانت ڪانہ هئي تہ مڪي وارن جو لشڪر مديني تي اڳرائي ڪري چڙهائي نہ ڪندو ۽ هن ٽڪراءَ کي مديني جي حدن تائين پهچائي مسلمانن کي سندن گهرن ۾ گهڙي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جي جسارت نہ ڪندو. هائو! جي مديني جي لشڪر پاران ٿوري ۽ سستي ڪئي وئي تہ اهو ممڪن ٿي پوندي ۽ جي ائين نہ ۽ ٿيندو تہ مسلمانن جي دهشت ۽ ساک ضرور خراب ٿيندي.

مجلس شوريٰ جي گڏجاڻي:- حالتن جي هن اوچتي ۽ ڊيچاريندڙ تبديليءَ کي ڏسندي پاڻ سڳورن ﷺ هڪ اعليٰ فوجي مجلس شوريٰ سڏرائي. جنهن ۾ سامهو آيل حالتن جو ذڪر ڪري سالارن ۽ عام سپاهين کان صلاحون ورتيون. ان موقعي تي هڪ ٽولو خوني ٽڪراءَ جو ٻڌي ڪنبي ويو ۽ سندن دليون ڌڙڪڻ لڳيون. ان ٽولي بابت الله تعاليٰ فرمايو تہ

كما آخر........وهم ينظرون (8: 5، 6)

ترجمو:- جيئن تنهنجي رب توکي تنهنجي گهر (مديني) مان سچي تدبير لاء ٻاهر آندو ۽ بيشڪ مؤمنن منجهان هڪ ٽولي ضرور ناراض هئي. اهي سچي ڳالهه بابت ان جي واضع ٿيڻ کان پوء (به) توسان گفتگو ڪندا رهيا ڄڻ ته اهي (اکين سان) ڏسندي موت ڏانهن هڪليا وڃن ٿا.

پر جيستائين لشڪر جي مهندارن جو تعلق هو ته حضرت ابوبڪر رضہ جن اٿيا ۽ ڏاڍي سٺي ڳالهه ڪيائون، پوء حضرت عمر رضہ جن اٿيا ۽ انهن به چڱو ڳالهايو. پوء حضرت مقداد بن عمرو رض ہ اٿيا، انهن هن طرح عرض ڪيو ته "يا رسول الله ﷺ! الله اوهانکي جيڪا راهه ڏيکاري آهي، ان تي هلندا هلو. اسان اوهانسان آهيون. خدا جو قسم ته اسين اوهان سان اها ڳالهه نہ ڪنداسين جا بني اسرائيل، حضرت موسيٰ عہ سان ڪئي هئي ته

فاذهب.....قاعدون (5: 24)

ترجمو:- تنهنڪري تون ۽ تنهنجو پالڻهار وڃي وڙهو بيشڪ اسين هتي (ئي) ويٺا آهيون.

اسين تہ اهو چونداسين تہ توهان ۽ توهان جو پالڻهار هلو ۽ وڙهو ۽ اسين بہ توهان سان گڏ ڪلهي ۾ ملائي وڙهنداسين. ان هستيءَ جو قسم، جنهن توهان کي حق سان موڪليو آهي، جيڪڏهن توهان اسانکي برڪ غماد تائين وٺي هلو تہ اسين اتي بہ توهان سان گڏ رستي وارن سان ويڙهہ ڪندا هلنداسين."

پاڻ سڳورن ﷺ سندن تعريف ڪئي ۽ کين دعا ڪئي.

اهي ٽئي مهندار مهاجرن منجهان هئا، جن جو لشڪر ۾ ٿورو تعداد هو. جڏهن تہ پاڻ سڳورن ﷺ انصارن جي راءِ معلوم ڪرڻ چاهي ٿي. ڇو تہ لشڪر ۾ سندن گهڻائي هئي ۽ ٽڪراءَ جو اصل بار انهن جي ئي ڪلهن تي پوڻ وارو هو. هونئن بيعت عقبہ جي لحاظ کان انهن تي لازم نہ هو تہ مديني کان ٻاهر نڪري جنگ ڪن. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ مٿين ٽنهي بزرگن جون ڳالهيون ٻڌي فرمايو تہ "ٻيا بہ ڪي مونکي صلاح ڏيو." ان جو مقصد انصارن کان صلاح پڇڻ هو ۽ اها ڳالهہ انصارن جي مهندار ۽ علمبردار حضرت

سعد بن معاذ رضہ جن سمجهي ورتي، تنهنڪري انهن عرض ڪيو تہ بخدا! ائين پيو لڳي تہ اوهان اسان سان مخاطب آهيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو."

انهن وراڻيو تہ "اسان اوهان تي ايمان آندو آهي، اوهانجي تصديق ڪئي آهي ۽ اوا گواهي ڏني آهي تہ توهان تي جيڪي ڪجھہ لٿو آهي، سو سڀ حق آهي ۽ ان تي اسان توهان ڪي فرمانبرداريءَ جو عهد ڏنو آهي. تنهنڪري يا رسول الله ﷺ! توهانجو جيڪو ارادو آهي، ان لاءِ اڳتي وڌو. ان هستيءَ جو قسم جنهن توهان کي حق سان موڪليو آهي، جي توهان اسان کي ساڻ وٺي سمنڊ ۾ ڪاهي پوڻ چاهيو تہ ان ۾ بہ اسين گڏ لهنداسين. اسان جو هڪ ماڻهو بہ پٺتي نہ هٽندو. اسانکي اهڙو ڪوبہ الڪو ڪونهي تہ متان سڀاڻي توهان سان گڏ دشمنن سان مهاڏو اٽڪائڻو پوي. اسين جنگ جا ڪوڏيا آهيون ۽ ٽي سگهي ٿو تہ الله اوهان کي اسان جا اهي جوهر ڏيکاري، جن سان اوهانجون اکيون ٺري پون. بس اسانکي ساڻ وٺي هلو. الله تعاليٰ برڪت ڏيندو."

هڪ روايت ۾ هيئن آهي تہ حضرت سعد بن معاذ رضہ جن، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي عرض ڪيو تہ شايد توهان کي ڊپ آهي تہ انصار پنهنجو اهو فرض ٿا سمجهن تہ توهان جي مدد رڳو پنهنجي علائقي ۾ ڪن. انڪري آئون انصارن پاران پيو ڳالهايان ۽ نهن پاران جواب پيو ڏيان تہ توهان جتي چاهيو هليا هلو، جنهن سان وٽيوَ تعلق رکو ۽ جنهن سان چاهيو ناتو ٽوڙي ڇڏيو. اسانجي مال مان جيڪو کپي، ڪٽي وٺو ۽ جيڪو کپي اهو ڇڏي ڏيو ۽ ان معاملي ۾ جيڪو اوهانجو فيصلو هوندو، اهو ئي اسانجو فيصلو هوندو. خدا جو قسم! جي اوهان اڳتي وڌندي برڪِ غماد تائين وڃو تہ اسان بہ اوهان سان گڏوگڏ هليا هلنداسين ۽ جي توهان اسانکي ساڻ ڪري سمنڊ ۾ ٽپڻ چاهيو تہ اسان بہ ٽپي پونداسين."

حضرت سعد بن معاذ رضہ جي اها ڳالهہ ٻڌي پاڻ سڳورا ڏاڍا سرها ٿيا ۽ فرمايائون تہ "هلو ۽ ٿلندا ڪڏندا هلو. الله مون سان ٻن ٽولن مان هڪ جو واعدو ڪيو آهي.

والله هن وقت آئون ڇڻ قوم جون قتل گاهون ڏسي رهيو آهيان."

اسلامي لشڪر جو باقي سفر:- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلی الله عليه وسلم ذفران کان اڳتي وڌيا ۽ ڪجهه جابلو وروڪڙن مان لنگهي ديت نالي هڪ وسنديءَ ۾ پهتا ۽ حنان نالي هڪ ٽڪريءَ کي ساڄي پاسي ڇڏيندي، بدر جي ويجهو اچي لٿا.

دشمن جي خبرچار وٺڻ:- هتي پهچي پاڻ سڳورا صلی الله عليه وسلم غار واري ساٿي حضرت ابوبڪر رضہ کي ساڻ وٺي پاڻ ئي خبرچار وٺڻ لاءِ نڪري پيا. اجا پري کان ئي مڪي جي لشڪر جو احوال وٺي رهيا هئا تہ هڪ پوڙهو عرباڻي ملين. پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم کانئس قريشن، محمد صلی الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿين جو حال پڇيو. ٻنهي لشڪرن بابت پڇڻ جو مقصد اهو هو تہ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي. پر جهوني چيو تہ "جيستائين توهان اهو نہ ٻڌائيندا تہ توهان جو تعلق ڪهڙي قوم سان آهي، آئون بہ ڪجهه ڪونہ ٻڌائيندس." پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم فرمايو تہ جڏهن تون اسانکي ٻڌائيندين تہ اسين بہ توکي ٻڌائينداسين. هن چيو تہ

اها تہ سڌي سنئين سوديبازي آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ها." هن چيو تہ مونکي پتو پيو آهي تہ محمد ﷺ ۽ سندس ساٿي فلاڻي ڏينهن نڪتا آهن. جيڪڏهن ٻڌائڻ واري صحيح ٻڌايو آهي تہ پوءِ اڄ اهي فلاڻي جڳهہ تي هوندا. (هن ٺيڪ اها جڳهہ ڏسي، جتي ان وقت مديني جو لشڪر لٿل هو.) ۽ مونکي اهو بہ پتو پيو آهي تہ قريش فلاڻي ڏينهن نڪتا آهن. جي مونکي خبر ڏيڻ واري صحيح خبر ڏني آهي تہ اهي اڄ فلاڻي جڳهہ تي هوندا. (هن ٺيڪ ان جڳهہ جو نالو ورتو، جتي ان وقت مڪي جو لشڪر لٿل هو.)

جڏهن جهوني ڳالهہ پوري ڪئي تہ پڇيو تہ چڱو هاڻي ٻڌايو تہ توهان ٻئي ڪهڙن مان آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اسان پاڻيءَ مان آهيون ۽ اهو چئي موٽ: هلڻ لڳا. پوڙهو بڪ ڪندو رهيو. "پاڻيءَ مان آهن." ڇا؟" ڇا عراق جي پاڻيءَ مان آهن؟

<u>مڪي جي لشڪر بابت اهم ڄاڻ حاصل ڪرڻ</u>:- ان ڏينهن شام جو پاڻ سڳورن ﷺ دشمن جي خبرچار وٺڻ لاءِ

هڪ نئون جاسوسي دستو موڪليو. ان ڪارروائيءَ لاءِ مهاجرن جا ٽي مهندار علي بن ابي طالب، زبير بن العوام ۽ سعد بن ابي وقاص رضہ جن اصحابي سڳورن جي هڪ ٽولي سان روانا ٿيا. اهي سڌو بدر جي چشمي وٽ پهتا. اتي ٻہ غلام مڪي جي لشڪر لاءِ پاڻي ڀري رهيا هئا. انهن کي گرفتار ڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ آندو ويو. ان وقت پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم نماز پڙهي رهيا هئا. اصحابين، انهن ٻنهي کان حال احوال ورتو. انهن چيو تہ اسين قريشن جا پخالي آهيون. انهن اسانکي پاڻي ڀرڻ لاءِ موڪليو هو. ماڻهن کي اهو جواب نہ وڻيو. ڪين شڪ هو تہ اهي ابوسفيان جا ماڻهو آهن، سندن دل ۾ اجا بہ اها آرزو هئي تہ ڪين قافلي تي غلبو حاصل ٿئي. تنهنڪري اصحابي سڳورن انهن ٻنهي کي مار موچڙو ٺورو وڌيڪ ڪري ڇڏيو ۽ مجبور ٿي هنن چيو تہ ها اسين ابو سفيان جا ماڻهو آهيون. ان بعد مارڻ وارن پنهنجا هٿ جهليا.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم نماز مان فارغ ٿي ناراضگيءَ سان فرمايو تہ جڏهن انهن ٻنهي صحيح ڳالهہ ڪئي تہ توهان

انهن کي مار کڍي ۽ جڏهن کوڙ ڳالهايائون تہ ڇڏي ڏنو. خدا جو قسم انهن ٻنهي صحيح چيو هو تہ اهي قريشن جا ماڻهو آهن.

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٻنهي ٻانهن کي چيو تہ چڱو هاڻي مونکي قريشن بابت ٻڌايو. انهن چيو تہ اهو دڙو جيکو ماتريءَ جي آخري ڇيڙي تي نظر پيو اچي، قريش ان جي پٺيان آهن. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ ماڻهو کيترا آهن؟ انهن وراڻيو تہ کوڙ سارا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ سندن تعداد کيترو آهي؟ انهن چيو تہ اسين نٿا ڄاڻون. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ روز گهٽا اٺ کهندا آهن؟ انهن چيو تہ هڪ ڏينهن نو ۽ هڪ ڏينهن ڏهہ. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پوءِ اهي نو سؤ ۽ هزار جي وچ ۾ آهن. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ انهن ۾ کهڙا کهڙا قريشن جا چڱا مڙس شامل آهن؟ انهن چيو تہ ربيعہ جا ٻئي پٽ عتبہ ۽ شيبہ ۽ ابو البختري بن هشام، حکيم بن حزام، نوفل بن خويلد، حارث بن عامر، طعيمہ بن عدي، نضر بن حارث، زمعہ بن اسور، ابوجهل بن هشام، اميہ بن

خلف ۽ ڪجهه پين ماڻهن جا نالا بہ ٻڌايائون. پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن ڏانهن نهاري فرمايو تہ "مڪي پنهنجي جگر جا ٽڪرا اوهان آڏو اڇي اڇليا آهن."

رحمت پريو مينهن وسڻ:- الله عزوجل ان رات اهڙو مينهن وسايو جيڪو مشرڪن لاءِ تہ تيز هو ۽ انهن لاءِ اڳرائي ڪرڻ ممڪن نہ رهيو. پر مسلمانن تي اهو مينهن هلڪو وسيو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ڇڏيائين ۽ شيطان جي گندگي (بزدلي) ختم ڪري ڇڏيائين ۽ زمين کي سنوتو آندائين. ان جي ڪري ريتي سخت ٿي پير رکڻ لائق بڻجي وئي. اتي رهڻ جو مزو اچي ويو ۽ دليون مضبوط ٿي ويون.

اهم فوجي مرڪزن ڏانهن اسلامي لشڪر جي اڳرائي.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي لشڪر کي اڳتي وڌايو. جيئن مشرڪن کان اڳ بدر جي چشمي وٽ پهچي وڃن ۽ ان تي مشرڪ قبضو نہ ڪري سگهن. سومهڻيءَ مهل پاڻ سڳورا ﷺ بدر کان ويجهي ۾ ويجهي چشمي تي لٿا. ان موقعي تي حضرت حباب بن منذر رضہ جن هڪ ماهر فوجيءَ جي حيثيت ۾ پڇيو تہ يا رسول

الله ﷺ! هن جڳهہ تي اوهان الله جي حڪم سان لٿا آهيو تہ پوءِ اسان لاءِ هن کان اڳتي پوئتي ٿيڻ جي گنجائش نہ آهي، يا رڳو جنگي حڪمت عمليءَ طور لٿا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ رڳو جنگي حڪمت عمليءَ طور آهي." انهن چيو تہ "هيءَ جاءِ مناسب ڪانهي. توهان اڳتي وڌي هلو ۽ قريشن جي سڀ کان ويجهي چشمي وٽ ديرو ڄمايو. پوءِ اسان ٻيا چشما ڍڪي ڇڏينداسين ۽ پنهنجي چشمي تي حوض ٺاهي پاڻي ڀري ڇڏينداسين. ان بعد اسين قريشن سان جنگ ڪنداسين تہ اسين پاڻي پيئندا رهنداسين ۽ انهن کي پاڻي نہ ملندو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ تو ڏاڍو سٺو مشورو ڏنو آهي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ لشڪر سميت اٿيا ۽ اڌ رات جو دشمنن جي سڀ کان ويجهي چشمي وٽ اچي لٿا. پوءِ اصحابي سڳورن حوض ٺاهيو ۽ ٻيا سڀ چشما ڍڪي ڇڏيا.

قيادت جو مرڪز (مورچو):- اصحابي سڳورن چشمي وٽ ديرو ڄمائي ورتو تہ حضرت سعد بن معاذ رضہ راءِ ڏني تہ مسلمان پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ مورچو ٺاهين تہ جيئن خدا نہ

ڪري جي فتح بدران شڪست ملي يا ڪابي هنگامي حالت پيدا ٿي پوي تہ ان لاءِ اڳيئي تيار هجون. ان لاءِ انهن عرض ڪيو تہ "يا رسول الله! ڇو نہ اسين اوهان لاءِ هڪ ڇپر جوڙيون، جنهن ۾ اوهان ويهو ۽ اسان اوهانجي ويجهو اوهناجون سواريون بہ جهلي بيهنداسين. ان ڪانپوءِ دشمنن سان جهڙپ ڪنداسين. جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان کي عزت بخشي ۽ دشمنن تي فتح ڏني تہ اها شيءِ اسانکي پسند آهي ۽ جي ٻي صورت ٿي تہ توهان سوار ٿي اسانجي قوم جي انهن ماڻهن وٽ هليا وڃجوءِ جيڪي پٺيان رهجي ويا آهن. يا رسول الله! حقيقت ۾ پٺتي اهڙا ماڻهو رهجي ويا آهن، جيڪي اوهانجي محبت ۾ اسان کان وڌيڪ آهن. جيڪڏهن ڪين جنگ جو ٿورو بہ اندازو هجي ها تہ اهي هرگز پٺتي نہ رهن ها. الله انهن جي ذريعي اوهانجي حفاظت ڪندو. اهي اوهانجا سچا آهن ۽ توهان سان گڏ جهاد ڪندا."

ان تي پاڻ سڳورن ﷺ سندن ساراهہ ڪئي ۽ سندن لاءِ دعا گهري پوءِ مسلمانن جنگ جي ميدان جي اتر اوڀر ۾

هڪ متاهين ڏڙي تي ڇپر ٻڌو. جتان جنگ جو سڄو ميدان نظر آيو ٿي. پاڻ سڳورن ﷺ جي ان مورچي جي سنڀال لاء حضرت سعد بن معاذ رضہ جي نگرانيءَ ۾ انصاري جوڌن جو هڪ ٽولو مقرر ڪيو ويو.

لشڪر جي ترتيب ۽ رات گذارڻ:- ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر جي ترتيب ڪئي (1) ۽ جنگ جي ميدان ۾ پهتا. اتي پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر جي

(1) ڏسو جامع ترمذي ابواب الجهاد ۾ باب ماجاء في الصف والتعبيہ 201/1

اتي پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي هٿ جي اشاري سان فرمائيندا ويا تہ هيءَ سڀاڻي فلاڻي جي قتل گاهہ ٿيندي، انشاءَ الله ۽ هيءَ سڀاڻي فلاڻي جي تقل گاهہ ٿيندي انشاءَ الله

(2) ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ اتي ئي هڪ وڻ هيٺان رات گذاري ۽ مسلمانن بہ آرام ڪيو. سندن دليون پراعتماد هيون. ڪين اميد هئي تہ صبح جو پنهنجن اکين سان پنهنجي پالڻهار جون بشارتون ڏسندا.

(2) مسلم عن انس، مشڪوات 543/2

اذ يغشيكم النعاس .... الاقدام (8: 11)

ترجمو:- (ياد ڪريو) جيڏي مهل پنهنجي پاران امن ڏيڻ لاءِ اوهانکي اوجهراڪي ڍڪايائين ۽ اوهان تي آسمان مان پاڻي هن لاءِ وسايائين تہ ان سان اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان کان شيطان جي پليتائي هٽائي ۽ اوهانجي دلين کي محڪم رکي ۽ ان سان (اوهانجي) قدمن کي محمد ڪري.

اها 17 رمضان سن 2 هہ جي جمع رات هئي ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ان مهيني جي 8 يا 12 تاريخ تي مديني مان نڪتا هئا.

جنگ جي ميدان ۾ مڪي جي لشڪر جو پهچڻ ۽ منجهن ڦوٽ پوڻ:- ٻئي پاسي قريشن واديءَ جي منهن وٽ پنهنجي ديري ۾ رات گذاري ۽ صبح جو پنهنجن سپني دستن سان دڙي تان لهي بدر ڏانهن هليا. هڪ ٽولو پاڻ سڳورن ﷺ واري حوض ڏانهن وڌيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ انهن کي وڃڻ ڏيو. پوءِ انهن مان جنهن بہ پاڻي پيتو, اهو جنگ

۾ ماريو ويو. انهن مان رڳو حڪيم بن حزام بچيو، جيڪو پوءِ مسلمان ٿيو ۽ ڏاڍو چڱو مسلمان ٿيو. سندس دستور هو ته جڏهن ڪيس پڪو قسم کڻڻو هوندو هو ته چوندو هو ته لا ولذي نجاني من يوم بدر (قسم آهي ان هستيءَ جو، جنهن مونکي بدر جي ڏينهن نجات ڏني.)

بهرحال جڏهن قريش مطمئن ٿي ويا ته انهن مديني جي لشڪر جي سگهه جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ عمر بن وهب جمحيءَ کي موڪليو. عمير گهوڙي تي چڙهي لشڪر جو چڪر لڳايو. پوءِ واپس موٽي چيائين ته "ٽي سؤ ڄڻن ڪان ڪجهه گهٽ وڌ ماڻهو آهن. پر ٿورو ترسو، آئون ڏسي اچان ته انهن جي ڪا ڳجهي جڳهه يا پٺيان ڪو حصو رهيل ته ڪونهي؟" ان ڪانپوءِ هو گهوڙو ڊوڙائيندي واديءَ پري نڪري ويو پر ڪيس ڪجهه نظر نه آهي. تنهن ڪانپوءِ موٽي اچي چيائين ته "مون ٻيو ڪجهه نه ڏٺو. پر اي قريشيو! مون آفتون ڏٺيون آهن، جن تي موت سوار هو. يثرب جا اٺ پاڻ تي موت کنيو پيا اچن. اهي اهڙا ماڻهو آهن، جن جو سيڪجهه سندن تلوارون آهن، ٻيو ڪجهه نه. خدا جو قسم!

آئون سمجهان ٿو تہ سندن کوبہ ماڻهو توهانجي کنهن ماڻهوءَ کي مارڻ کانسواءِ نہ مرندو ۽ جي توهانجي چونڊ ماڻهن کي انهن ماري وڌو تہ پوءِ جيئڻ جو ڪهڙو مزو رهندو! ان لاءِ ٺورو چڱيءَطرح سوچي وٺو."

ان موقعي تي ابوجهل جي خلاف، جيڪو جهڙو ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺو هو، هڪ نئون جهڳڙو اٿي ڪڙو ٿيو. جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ جنگ کانسواءِ مکي واپس ورجي. ان لاءِ حڪيم بن حزام ڊوڙڊڪ ڪئي. هو عتبہ بن ربيعہ وٽ آيو ۽ چيائين تہ "اي ابو الوليد! توهان قريشن جا وڏا مهندار آهيو، پوءِ اهو چڱو ڪم ڇو نٿا ڪريو، جنهن سان توهان جو نالو سدائين چڱن لفظن سان ڳايو وڃي." عتبہ چيو تہ "حڪيم! اهو ڪهڙو ڪم آهي؟" هن چيو تہ "توهان ماڻهن کي واپس وٺي وڃو ۽ نخلہ واري سريي ۾ ماريل پنهنجي حليف عمرو بن حضرميءَ جو معاملو پنهنجي ذمي کڻو." عتبہ چيو تہ "مونکي منظور آهي. تون منهنجي پاران ان جي ضمانت وٺي وٺ. هو منهنجو حليف هو، آئون سندس خون بها ۽ ڦريل مال پري ڏيندس."

ان ڪانپوءِ عتبہ، حڪيم بن حزام کي چيو تہ "تون حنظلہ جي پٽ وٽ وڃ، چو تہ ماڻھن جو معاملو ڦٽائڻ ۽ پڙڪائڻ جي سلسلي ۾ مونکي ان ڪانسواءِ بئي ڪنھن ڪان ڊپ ڪونھي. حنظلہ جي پٽ مان مراد ابوجھل ھو. حنظلہ ان جي ماءُ ھئي.

ان ڪانپوءِ عتبہ بن ربيعہ بيھي تقرير ڪندي چيو تہ "اي قريشيو! توھان محمد ﷺ ۽ سندس ساٿين سان وڙھي ڪو ڪارنامو ڪونہ ڪندا. خدا جو قسم جيڪڏھن توھان انھن کي ماري وڌو تہ توھانکي رڳو اھڙا چھرا ڏسڻ ۾ ايندا جن کي اوھان ڏسڻ پسند نہ ڪندا. چو تہ ماڻھن پنھنجي سوٽ، ماسات يا ڪڙم قبيلي جي ڪنھن ماڻھوءَ کي ماريو ھوندو. انڪري واپس ورو ۽ محمد ﷺ ۽ سڄي عربستان کان پاسيرا ٿي ويھي رھو. جيڪڏھن (بين) عربن ڪيس ماري ماري وڌو تہ اھو ڪم توھان جي دلين وٽان ٿيندو ۽ جي ڪم ابتو ٿوي تہ محمد ﷺ توھان کي ان حالت ۾ ڏسندو تہ جيڪو سلوڪ اوھان ھن سان ڪرڻ چاھيو، اھو نہ ڪيو."

هوڏانهن حڪيم بن حزام، ابوجهل وٽ پهتو تہ ابوجهل زره پئي ٺاهي. حڪيم چيو تہ اي ابوالحڪم! مونکي عتبہ تو وٽ هن نياپي سان موڪليو آهي. ابوجهل چيو تہ "خدان جو قسم! محمد صلى الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿين کي ڏسي عتبہ جي دل سسي وئي آهي. نہ هرگز نہ. بخدا اسين نہ موٽنداسين، تانت الله اسانجي ۽ محمد صلى الله عليه وسلم جي وچ ۾ ڪو فيصلو ڪري وجهي. عتبہ جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو رڳو ان لاءِ جو محمد صلى الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿين کي اٺ خور سمجهي ٿو ۽ خود عتبہ جو پٽ بہ انهن ۾ شامل آهي. ان ڪري هو توکي انهن کان ڊيڄاري پيو. (عتبہ جا فرزند ابو حذيفہ رضہ جن اوائلي مسلمانن مان هئا ۽ هجرت ڪري مديني پهچي چڪا هئا.) عتبہ کي پتو پيو تہ ابوجهل چوي ٿو تہ "خدا جو قسم عتبہ جي دل سسي وئي آهي." تہ چيائين تہ "سرين کي خوشبوءِ لڳائڻ واري هن پاڙيائپ ڏيڪارڻ واري کي جلدي خبر پوندي تہ ڪنهن جي دل سسي وئي آهي، منهنجي يا سندس؟" هوڏانهن ابوجهل ان ڊپ کان تہ متان اهي اعتراض سگهارا ٿي وڃن، هن ڳالهہ بولهہ ڪانپوءِ

عامر بن حضرمي کي، جيڪو عبدالله بن جحش واري سريي جي مقتول عمرو بن حضرمي جو ڀاءُ هو. سڏائي چيو تہ تنهنجو حليف عتبہ چاهي ٿو تہ ماڻهن کي موٽايو وڃي. جڏهن تہ تون پنهنجو بدلو پنهنجن اکين سان ڏسي چڪو آهين، انڪري اٿي ۽ پنهنجي مظلوميت ۽ پنهنجي ڀاءُ جي قتل جي فرياد ڪر. ان تي عامر اٿيو ۽ سرين اگهاڙو ڪري رڙ ڪيائين. واه عمرو واه عمرو، هاء عمرو هاء عمرو. ان تي ماڻهو ڀڙڪي پيا ۽ ڳالهہ وڌي وئي ۽ جنگ جو ارادو پڪو ٿي ويو ۽ عتبہ جنهن سوچ ويچار جي دعوت ڏني هئي، اها رائگان وئي ۽ اهڙيءَ طرح هوش کي جوش ملهہ ماري ويو ۽ ان ڪوشش جو ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو.

بئي لشڪر آمهون سامهون:- بهرحال جڏهن مشرڪن جو لشڪر ظاهر ٿيو ۽ بئي فوجون هڪبئي کي نظر اچڻ لڳيون تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "يا الله! اهي قريش آهن، جيڪي پنهنجي پوري هٺ ۽ هوڏ سان تنهنجي مخالفت ڪندي ۽ تنهنجي رسول ﷺ کي ڪوڙو ڪندي اچي پڳا

آهن. يا الله تنهن جي مدد... جنهن جو تو واعدو ڪيو آهي. يا الله اڄ انهن جا ترا ڪڍي ڇڏ.

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ عتبہ بن ربيعہ ڪي هڪ ڳاڙهي پلي اٺ تي ڏسي فرمايو تہ "جيڪڏهن قوم ۾ ڪنهن وٽ خير آهي تہ اهو ڳاڙهي اٺ واري وٽ آهي. جيڪڏهن ماڻهن هن جي ڳالهہ مڃي ورتي تہ سڌي دڳ تي رسي ويندا."

ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن جون صفون ٻڌيون. صفون ٻڌڻ مهل هڪ عجيب واقعو ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ ۾ هڪ تير هو، جنهن جي ذريعي پاڻ صفون سڌيون ڪري رهيا هئا. تہ سواد بن غزيہ رضہ جي پيٽ تي، جيڪو قياط کان ڪجهہ اڳتي بيٺل هو، تير سان ڏڪيندي فرمايائون تہ سواد! برابر ٿي بيهہ. سواد رضہ چيو تہ يا رسول الله! توهان مونکي تڪليف ڏني آهي، ان جو بدلو ڏيو. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو پيٽ مبارڪ ولي فرمايو تہ بدلو وٺي وٺ. سواد پاڻ سڳورن ﷺ سان چهٽي پيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي پيٽ مبارڪ کي چمڻ لڳو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ سواد هيءَ حرڪت تون ڪهڙي

ڪارڻ پيو ڪرين؟ انهن وراڻيو تہ يا رسول اللهؐ! هتي جيڪا حالت آهي، اها اوهان ڏسو پيا. مون چاهيو ٿي تہ ان موقعي تي اوهان سان منهنجو آخري معاملو اهو هجي تہ منهنجو جسم اوهانجي جسم سان ڇهجي وڃي. ان تي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سندن حق ۾ خير جي دعا گهري.

جڏهن صفون ٻڌجي چڪيون تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هدايت ڪئي تہ جيستائين سندسن پاران آخري حڪم نہ ملي، تيستائين جنگ شروع نہ ڪئي وڃي. ان ڪانپوءِ جنگ جي طريقي بابت خاص طور تي ٻڌائيندي فرمايائون تہ جڏهن مشرڪ ٽولي جي شڪل ۾ توهانجي ويجهو اچن تہ انهن تي تير وسائجو ۽ پنهنجا تير بچائڻ جي ڪوشش ڪجوءِ(1) يعني اجايا تير هلائي زيان نہ ڪجوءِ) ۽ جيستائين اهي سر تي چڙهي نہ اچن، تيستائين تلوارون نہ ڪڍجوءِ. (2)

(1) صحيح بخاري 568/2

(2) سنن ابي دائود باب في سل السيوف عند اللقاء

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر رضہ جن مورچي ڏانهن ويا ۽ حضرت سعد بن معاذ رضہ جن پنهنجي حفاظتي دستي سان مورچي جي در تي بيهي رهيا.

ٻئي پاسي مشرڪن جي حالت اها هئي جو ابوجهل الله کان فيصلي جي دعا گهري. هن چيو تہ "يا الله! اسان مان جيڪا ڌر پنهنجائپ کي وڌيڪ ڪٽڻ واري ۽ وڌيڪ غلط حرڪتون ڪرڻ واري آهي، تون ان کي اڄ ختم ڪري ڇڏ. يا الله! اسان مان جيڪا ڌر تو وٽ وڌيڪ پياري ۽ وڌيڪ وڻندڙ آهي، اڄ ان جي مدد ڪجان." بعد ۾ ان ڳالهہ ڏي اشارو ڪندي الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪئي.

ان تستفتحو فقد ....مع المؤمنين (8: 19)

ترجمو:- (اي ڪافرؤ) جڏهن (بدر جي لڙائيءَ لاءِ سنيرڻ مهل ڪفر ۽ اسلام جي سچائي پرکڻ لاءِ) سوڀ گهري هيوَ تہ بيشڪ اوهانجي آڏو (اسلام کي) سوڀ آهي ۽ جيڪڏهن اوهين (اسلام جي سچائي سمجهي ڪفر کان) بس ڪندؤ تہ اهو اوهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن ٻيهر (ويڙهہ لاءِ) ايندؤ تہ وري اسلام کي سوڀ) ڏينداسون ۽ اوهانجو لشڪر

جيتوڻيڪ گهٽو هوندو، تہ بہ اوهان کان ڪجھ ٿاري نہ سگهندو.

جنگ جو پهريون ڪاڄ:- هن ويڙهہ جو پهريون شڪار اسود بن عبدالاسد مخزومي هو. اهو ڏاڍو ڏنگو ۽ گاريال هو ۽ اهو چوندي ميدان ۾ ٽپيو تہ آئون الله سان عهد ٿو ڪريان تہ يا تہ انهن جي حوض جو پاڻي هر حالتۃ پيئندس يا ان کي ڊاهي ڇڏيندس. يا ان لاءِ جان ڏئي ڇڏيندس. جڏهن هو هن پاسان نڪتو تہ هتا وري حضرت حمزه رضہ بن عبدالمطلب نروار ٿيا. ٻئي حوض کان ڪافي پري پاڻ ۾ ٽڪرايا. حضرت حمزه رض جن اهڙي تلوار هنيس جو سندس پير جي اڌ ڪڙي ڪٽجي اڏامي وئي ۽ هو پٽ پر وجي ڪريو. سندس پير مان رت ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو. جنهن جو رخ سندس ساٿين ڏانهن هو. پر ان هوندي بہ هو گوڏن پر گسڪندو حوض ڏانهن وڌيو ۽ ان ۾ گهڙڻ وارو ئي هو تہ جيئن پنهنجو قسم پورو ڪري سگهي، اوڏي مهل حضرت حمزه رضہ ٻيو ڌڪ هڻي ڪديس ۽ هو وڃي حوض جي اندر ڪريو.

دوبدو مقابلا:- اهو هن ويڙهه جو پهريون قتل هو، جنهن سان جنگ جي باهه ڀڙڪي اٿي. ان ڪانپوءِ قريشن جا ٽي ڀلا گهوڙيسوار نڪتا، جيڪي سڀ جا سڀ هڪ ئي گهراڻي جا هئا. هڪ عتبه ۽ ٻيو ان جو ڀاءُ ش:به، جيڪي ٻئي ربيعه جا پٽ هئا ۽ ٽيون وليد، جيڪو عتبه جو پٽ هو. انهن پنهنجي قطار مان نڪري دوبدو مقابلي جو سڏ ڏنو. مقابلي لاءِ انصارن جا ٽي جوڌا نڪتا. هڪ عوف رضه، ٻيو معوذِ رضه، اهي ٻئي حارث جا فرزند هئا ۽ انهن جي ماءُ جو نالو عفراء هو. ٽيون عبدالله بن رواحه رضه. قريشن پڇيو ته توهان ڪير آهيو؟ انهن وراڻيو ته انصارن جي هڪ جماعت آهيون. قريشن چيو ته توهان به اسانجي جوڙ جا آهيو، پر اسان جو اوهان سان ڪم ڪونهي. اسين ته پنهنجن سؤٽن سان (وڙهڻ) چاهيون ٿا. پوءِ انهن پڙهو ڏنو. محمد صلى الله عليه وسلم! ... اسان وٽ اسانجي قوم منجهان اسانجي جوڙ جا موڪل. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو ته عبيده رضه به حارث! اٿ، همزه رضه اٿ، علي رضه اٿ. جڏهن اهي اٿيا ۽ قريشن جي ويجهو پڳا ته انهن پڇيو ته توهان ڪير آهيو؟ هنن پنهنجو

تعارف ڪرايو. قريشن چيو تہ ها توهان اسانجي جوڙ جا آهيو. ان بعد لڙائي شروع ٿي. حضرت عبيده رضہ جن، جيڪي سڀ کان وڏي عمر جا هئا، عتبہ بن ربيعہ جو مقابلو ڪيو. حضرت حمزه رضہ جن شيبہ سان ۽ حضرت علي رضہ جن وليد سان (1) حضرت حمزه رضہ جن ۽ حضرت علي رضہ جن پنهنجي پنهنجي حريف کي جهٽ ماري وڌو پر حضرت عبيده رضہ ۽ ان جي حريف، هڪ هڪ وار

(1) ابن هشام، منسد احمد ۽ دائود جي روايت ان کان مختلف آهي. مشڪوات 343/2

هڪبئي تي ڪيو ۽ ٻنهي مان هرهڪ کي گهرو گهاءُ رسيو. ايتري ۾ حضرت علي رضہ جن ۽ حضرت حمزه رضہ جن پنهنجي پنهنجي شڪار مان واندا ٿي پهتا ۽ ايندي شرط عتبہ تي ڪاهي پيا ۽ ڪيس ماري وڌائون ۽ حضرت عبيده رضہ کي کڻي آيا. انهن جو پير ڪٽجي ويو هو ۽ آواز بند ٿي ويو هئن. جيڪو لڳاتار بند رهيو. تانت جنگ جي چوٿين ڏينهن، جڏهن مسلمان مديني واپس ورڻ لڳا تہ رستي ۾ صفراء جي واديءَ وٽ پاڻ گذاري ويا.

حضرت علي رضہ جن اللّٰہ جو قسم کڻي فرمايو تہ هيءَ آيت اسان بابت ئي لٿي آهي.

هذان ....ربهم (22: 19)

ترجمو:- هي ٻہ فريق آهن جن پنهنجي رب جي باري ۾ جهيڙو ڪيو آهي.

عام لڙائي:- ان دوبدو مقابلي جو نتيجو مشرڪن لاءِ هڪ بري شروعات هئي. اهي هڪ ئي ڌڪ ۾ پنهنجا ٽي پلا شهسوار ۽ مهندار وڃائي ويٺا. انڪري انهن ڏمرجي اوچتو گڏيل حملو ڪري وڌو.

ٻئي پاسي مسلمان پنهنجي پالڻهار ڪان فتح ۽ مدد جي دعا گهرڻ ۽ ان جي آڌو خلوص ۽ نوڙت جو مظاهرو ڪرڻ بعد پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ثابت قدم رهندي ۽ بچاءَ جي حڪمت عملي اختيار ڪندي، مشرڪن جي لاڳيتن تکن حملن کي روڪي رهيا هئا ۽ انهن کي چڱو خاصو نقصان رسائي رهيا هئا. سندن زبان تي احد احد جو ڪلمو جاري هو.

پاڻ سڳورن ﷺ جي دعا:- هوڏانهن پاڻ سڳورا ﷺ صفون ٻڌي موٽڻ کانپوءِ پنهنجي پالڻهار کان فتح ۽ سهائتا جو واعدو پورو ڪرڻ جي دعا گهرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. اها دعا هن ريت هئي.

اللهم انجزلي ما وعدتني، اللهم انشدک ووعدک

يعني "يا الله! تو مون سان جيڪو واعدو ڪيو آهي، ان کي پورو ڪري ڏيکار. يا الله! آئون توکان تنهنجي عهد ۽ تنهنجي واعدي جو سوال ڪري رهيو آهيان."

پوءِ جڏهن رڻ گجيو راڙو ٿيو، تڏهن پاڻ سڳورن ﷺ هيءَ دعا گهري.

اللهم ان تهلک هذهِ العصابہ اليوم لا تعبد بعد اليوم ابدا

يعني "يا الله! هيڪڏهن اڄ هي ٽولو هلاڪ ٿيو تہ تنهنجي عبادت نہ ڪئي ويندي. يا الله! جيڪڏهن تون چاهين تہ (پوءِ) اڄ کانپوءِ پتنهنجي عبادت نہ ڪئي وڃي."

پاڻ سڳورن ﷺ نهايت عاجزيءَ سان دعا گهري. ايستائين جو سندن ڪلهن تان چادر لهي وئي. حضرت ابوبڪر رضہ جن اتي چادر مبارڪ صحيح ڪئي ۽ عرض

ڪيو "يا رسول الله! بس ڪريو! اوهان. الله ڪان ڏاڍي نوڙت سان دعا گهري ورتي آهي." هوڏانهن الله تعاليٰ فرشتن ڪي وحي ڪيو تہ

.اني معڪم ....ڪفروا الرعب (8: 12)

ترجمو:- آئون اوهان سان آهيان تنهنڪري مؤمنن ڪي چئو تہ ڪافرن جي دل ۾ سگهو دهشت وجهندس.

۽ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي وحي موڪلي تہ

"......اني ممدڪم...مردفين (8:9)

ترجمو:- آئون لاڳيتو هڪبئي پٺيان ايندڙ هڪ هزار ملائڪن سان اوهانجي مدد ڪندو آهيان.

فرشتن جو پهچڻ:- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي جهوٽو اچي ويو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڪنڌ مٿي ڪڻي فرمايو تہ "ابوبڪر خوش ٿي وڃ، اهي جبرئيل عہ جن آهن، دز ۾ لٽيل" ابن اسحاق جي روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اوبڪر خوش ٿي وڃ، تو وٽ الله جي مدد پهچي وئي آهي. اهي جبرئيل عہ جن آهن، پنهنجي گهوڙي جي

واڳ جهلي ۽ ان جي اڳيان اڳيان هلندا پيا اچن ۽ دز سان لٿيا پيا آهن."

ان کانپوء پاڻ سڳورا ﷺ مورچي جي در کان ٻاهر نڪتا. پاڻ سڳورن ﷺ کي زره پهريل هئي. پاڻ سڳورا ﷺ پرجوش انداز ۾ اڳتي وڌي رهيا هئا ۽ فرمائيندا پئي ويا تہ "سيهزم الجمع و يولون الدبر(54: 45)

ترجمو:- جلد ئي اهو ٽولو هارائيندو ۽ پٺ ڦيري ڀڄندو.

ان کانپوء پاڻ سڳورن ﷺ هڪ مٺ ڀتريلي مٽي کنئي ۽ قريشن طرف منهن مبارڪ ڪري فرمايائون تہ شاهت الوجوه (منهن ڦري وڃن) ۽ ان سان گڏ مٺ: سندن منهن ڏانهن اڇلايائون. پوء مشرڪن مان اهڙو ڪوبہ ڪونہ بچيو، جنهن جي ٻنهي اکين، ناسن ۽ وات ۾ ان هڪ مٺ جيتري مٽيءَ مان ڪجهہ نہ ويو هجي. ان بابت الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ"وما رميت اذ رميت الاکن الله رميٰ (8: 17)

ترجمو:- جڏهن تو (ذوڙ جي مٺ) اڇلي تہ (اها) تو نہ اڇلي پر الله اڇلي.

جوابي حملو:- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جوابي حملي جو حڪم ۽ جنگ جي ترغيب ڏيندي فرمايو تہ "شدوا (ڪاهي پئو) ان هستيءَ جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ محمد ﷺ جي جان آهي، انهن سان جيڪو بہ ڄمي، ثواب سمجهي، اڳتي وڌي ۽ اڏول بڻجي وڙهندو ۽ ماريو ويندو، الله ان کي ضرور جنت ۾ داخل ڪندو."

پاڻ سڳورن ﷺ ويڙهہ لاءِ همٿائيندي اهو بہ فرمايو تہ ان جنت ڏي وڌو، جنهن جون گهرائيون آسمانن ۽ زمين جي برابر آهن. (پاڻ سڳورن ﷺ جي اها ڳالهہ ٻڌي) عمير بن حمام رضہ جن چيو تہ وہ وا، وہ وا. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ تون وہ وا وہ وا ڇو پيو ڪرين؟ انهن وراڻيو تہ نہ، خدا جو قسم يا رسول الله ﷺ ڪا ڳالهہ نہ آهي سواءِ ان جي جو مونکي اميد آهي تہ آئون بہ ان جنت وارن ۾ هوندس. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ تون بہ ان جنت وارن منجهان آهين. ان ڪانپوءِ اهي پنهنجي توشہ دان مان ڪجهہ کجيون ڪڍي کائڻ لڳا. پوءِ چيائون تہ جي آئون کجيون کائڻ تائين بہ جيئرو رهيس تہ اها تہ ڊگهي عمر

ٿي ويندي. پوءِ انهن وٽ جيڪي ڪجيون هيون، سي اڇلائي ڇڏيائون ۽ مشرڪن سان وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا. (1)

(1) مسلم 139/2 مشڪوات 331/2

اهڙيءَ طرح مشهور عورت عفراء جي فرزند عوف بہ حارث رضہ پڇيو تہ يا رسول الله صلى الله عليه وسلم پالڻهار پنهنجي ٻانهي جي ڪهڙي ڳالهہ تي خوش ٿيندو آهي. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "ان ڳالهہ تي تہ ٻانهو خالي جسم (بني احفاظتي هٿيار پهرڻ جي) پنهنجو هٿ دشمنن ۾ ٻوڙي ڇڏي." يعني بنيا زرهہ پهرڻ جي دشمنن ۾ ڪاهي پوي.) اهو ٻڌي عوف رضہ جن پنهنجي بدن تان زره لاٿي ۽ تلوار ڪڍي دشمنن ۾ ڪاهي پيا ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا.

جنهن مهل پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جوابي حملي جو حڪم ڏنو تہ ان مهل دشمنن جي حملن ۾ تکائي ختم ٿي چڪي هئي ۽ انهن جو جوش ۽ خروش ٺڏو ٿي رهيو هو. ان ڪري اها حڪمت عملي مسلمانن کي سگهہ بخشڻ لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي. ڇو تہ اصحابي سڳورن کي جڏهن

حملي ڪرڻ جو حڪم مليو، تڏهن سندن جهاد جو جوش اڃا ٿڌو نہ ٿيو هو. انڪري انهن ڏاڍي سختيءَ سان موتمار حملو ڪيو. اهي قطارون چريندي ۽ سسيون لٽندي اڳتي وڌيا. اهو ڏسي سندن جوش ۾ ويتر واڌارو اچي ويو تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم پاڻ بہ زرهہ پهري تڪڙا تڪڙا هلندا پئي آيا ۽ ڏاڍي يقين سان اهو فرمائي رهيا هئا تہ "جلد ئي اهو ٽولو هارائيندو ۽ پٺ ڦيري ڀڄندو." انڪري مسلمانن ڏاڍي جوشيلي انداز ۾ ويڙهہ ڪئي ۽ فرشتن بہ انهن جي مدد ڪئي. جيئن طبقات ابن سعد ۾ حضرت عڪرمہ رضہ کان روايت آهي تہ ان ڏينهن ماڻهوءَ جو سر ڪٽجي ڪرندو هو ۽ اهو پتو نہ پوندو هو تہ ان ڪي ڪنهن ماريو ۽ ماڻهوءَ جو هٿ ڪپجي ڪرندو هو ۽ اها خبر نہ پوندي هئي تہ اهو ڪنهن ڪٽيو. ابن عباس رضہ فرمائي ٿو تہ هڪ مسلمان، هڪ مشرڪ جو پيڇو ڪري رهيو هو تہ اوچتو مشرڪ جي مٿان ڪوڙو لڳڻ جو آواز آيو ۽ هڪ شهسوار جو آواز ٻڌن ۾ آيو، جيڪو چئي رهيو هو تہ حيزوم! اڳتي وڌ. مسلمان، مشرڪ کي پنهنجي اڳيان ان حالت ۾ ڏٺو جو اهو پٺيءَ ڀر ڪريو پِ،

وڏي ڏنائين تہ ان جي نڪ تي ڌڪ جو نشان هو ۽ منهن ڦاٽل هوس. جهڙو ڪر ڪوڙي سا ماريو ويو هجي ۽ سڄو سائو ٿيو پيو هو. ان انصاري مسلمان اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي اهو قصو ٻڌايو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تون سچ پيو چوين، اها ٽئين آسمان تان پهتل مدد هئي."(1)

(1) مسلم 93/2

ابودائود مازني رضہ جو چوڻ آهي تہ آئون هڪ مشرڪ کي مارڻ لاء ڊوڙي رهيو هوس تہ اوچتو ان جو سر منهنجي تراڌ لڳڻ کان پهرين ڪيجي وڃي ڪريو. آئون سمجهي ويس تہ ان کي منهنجي بدران ڪنهن ٻئي ماريو آهي.

هڪ انصاري، حضرت عباس رضہ بن عبدالمطلب کي قيد ڪري آيو تہ حضرت عباس رضہ جن چوڻ لڳا تہ "واللہ! مونکي هن ڪونہ جهليو آهي، مونکي تہ هل بنا وارن واري همراهہ پڪڙيو آهي، جيڪو ڏاڍو سهڻو هو ۽ هڪ چٽڪمري گهوڙي تي سوار هو. هاڻي اهو مونکي ماڻهن ۾ نظر ن پيو

اچي." انصاريءَ چيو تہ "يا رسول اللهُ! هن کي مون جهليو آهي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ چپ ڪر. الله هڪ بزرگ فرشتي وسيلي تنهنجي مدد ڪئي آهي.

ابليس جو ميدان ڇڏي ڀڄڻ:- جيئن تہ اسين ٻڌائي چڪا آهيون تہ ابليس لعين، سراقہ بن مالڪ بن جعشم مدلجي جي شڪل ۾ آيو هو ۽ اجا مشرڪن کان ڌار نہ ٿيو هو. پر جڏهن هن مشرڪن خلاف فرشتن کي وڙهندي ڏٺو تہ پويا پير ڪري ڀڄڻ لڳو. پر حارث بن هشام ڪيس جهلي ورتو. هن سمجهيو تہ اهو واقعي سراقہ آهي، پر ابليس، حارث جي ڇاتيءَ ۾ مڪ هنئي تہ هو ڪري پيو ۽ ابليس وٺي ڀڳو. مشرڪ چوڻ لڳا تہ سراقہ ڪيڏانهن پيو وڃين؟ ڇا تو ائين ڪونہ چيو هو تہ تون اسانجو مددگار آهين، اسان کان ڌار نہ ٿيندين؟ هن وراڻيو تہ آئون اها شيء پيو ڏسان جيڪا توهان نٿا ڏسي سگهو. مونکي الله کان ڊپ ٿو ٿئي ۽ الله وڏي سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ان ڪانپوء ڀڄي وڃي سمنڊ ۾ لڪو.

مشركن جي هار:- ٿوري دير ڪانپوءِ مشرڪن جي لشڪر ۾ نااميدي ۽ بيچيني ظاهر ٿيڻ لڳي. مسلمانن جي لڳاتير سخت حملن ڪري سندن صفون ٽٽي پيون هيون. ويڙهه جي اچي پڄاڻي ٿي. پوءِ مشرڪن جا ٽولا چڙوچڙ ٿي پٺتي هٽيا ۽ انهن ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. مسلمانن کين ماريندي، ڪهندي ۽ ٻڌندي سندن پيڇو ڪيو. تانت کين ڀرپور شڪست ملي وئي.

ابوجهل جي آڪڙ:- طاغوت اڪبر، ابوجهل جڏهن پنهنجي لشڪر ۾ بيچيني ڦهلجندي ڏٺي ته هن چاهيو ته ان وهڪري آڏو (بند وانگر) بيهي وڃي. تنهنڪري هو پنهنجي لشڪر کي للڪاريندو آڪڙ ۽ وڏائيءَ سان چوڻ لڳو ته سراقه جي ميدان ڇڏڻ تي توهانکي همت نه هارڻ گهرجي. ڇو ته ان محمد صلى الله عليه وسلم سان اڳيئي سازباز ڪري ڇڏي هئي. توهان تي عتبه ۽ شيبه ۽ وليد جي قتل جو ڊپ به سوار نه ٿيڻ کپي. ڇو ته انهن ابهرائيءَ کان ڪم ورتو هو. لات ۽ عزيٰ جو قسم! اسان تيستائين نه موٽنداسين، جيستائين کين رسين ۾ نه ٻڌي وٺون. ڏسو! توهان مان ڪير به انهن جي

ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل نہ ڪري، بلڪ کين پڪڙيو ۽ گرفتار ڪريو تہ جيئن اسين کين سندن حرڪتن جو مزو چکايون.

پر ڪيس ان هٿ جي حقيقت جو پتو سگهوئي پئجي ويو. ڇو تہ ٿوري دير ڪانپوءِ مسلمانن جي جوابي حملن جي تيزيءَ ڪري مشرڪن جي صفن ۾ ڦوٽ پئجي وئي، پر ابوجهل اڃا بہ پنهنجي چوڌاري مشرڪن جو ٽولو بيهاري ويڙهہ ۾ رڌل هو. ان ٽولي ابو جهل جي چوڌاري تلوارن ۽ نيزن جو لوڙهو ڏئي ڇڏيو هو، پر اسلامي لشڪر جي طوفان کين ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو ۽ ابوجهل نظر اچڻ لڳو. مسلمانن ڏٺو تہ اهو هڪ گهوڙي تي چڪر لڳائي رهيو هو. هوڏانهن سندس موت ٻن انصاري جوانن هٿان سندس زندگيءَ جو خاتمي جو منتظر هو.

ابوجهل جو قتل:- حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ جو بيان آهي تہ آئون بدر جي ڏينهن صف ۾ بيٺل هوس. اوچتو مڙيس تہ ڏٺم تہ کابي 7 ساڄي پاسي ٻہ نوجوان بيٺا آهن. آئون اڃا کين ڏسي اچرج ڪائي رهيو هوس جو ايتري ۾ هڪ

پنهنجي ٻئي ساٿيءَ کان لڪي مونکا پڇيو تہ"چاچا! مونکي ابوجهل ڏيکاري ڇڏيو." مون چيو تہ ڀائيٽيا تون ان کي ڇا ڪندين؟ هن وراڻيو تہ چون ٿا تہ هو پاڻ سڳورن ﷺ گهڻ وڏ ڳالهائي ٿو. ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي! جي مون کيس ڏسي ورتو تہ پوءِ تيستائين کانئس جدا نہ ٿيندس، جيستائين اسان مون کو هڪ مري نہ وڃي." اهي ٻڌائين ٿا تہ مونکي ان تي اچرج وڪوڙي ڪيو. ايتري ۾ ٻئي بہ مونکي اشاري سان سڏ ڪري ساڳي ڳالھ پڇي. سندن بيان آهي تہ مون ٿوري دير بعد ڏٺو تہ ابوجهل ماڻهن جي وچ ۾ ڦري رهيو آهي. مون چيو تہ "اڙي ڏسو نٽا! اهو اٿوَ توهان ٻنهي جو شڪار، جنهن بابت توهان مونکي پڇيو پئي." سندن چوڻ آهي تہ اهو ٻڌندي ئي اهي ٻئي پنهنجيون تلوارون ڪڍي ڪاهي پيا ۽ هن کي ماري وڌائون. پوءِ موٽي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيا. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ توهان مان ڪنهن قتل ڪيو آهي؟ ٻنهي چيو تہ "مون ماريو آهي." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پنهنجون پنهنجون تلوارون اگهي چڪا آهيو؟ انهن چيو تہ نہ. پاڻ

سڳورن ﷺ ٻنهي جون تلوارون ڏٺيون ۽ فرمايو تہ "توهان ٻنهي قتل ڪيو آهي." باقي ابلجهل جو سامان معاظ بن عمرو بن جموح کي ڏنائون. ٻنهي حملو ڪندڙن جا نالا معاذ بن عمرو ۽ معاذ بن عفراء آهن. (1)

(1) صحيح بخاري 1/444، 2/568 - مشڪوات 2/352. ڪن ٻين روايتن ۾ ٻيو نالو معوذ بن عفراء ٻڌايل آهي. (ابن هشام 1/635) ابوجهل جو سامان رڳو هڪ ماڻهوءَ کي انڪري ڏنو ويو جو پوء ان ئي جنگ ۾ معاذ (معوذ رضہ) بن عفراء شهيد ٿي ويا هئا. باقي ابوجهل جي تلوار حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کي ڏني وئي. ڇو تہ انهن ئي ابوجهل جو سر ڪپيو هو. (ڏسو سنن ابي دائود - 2/373)

ابن اسحاق جو بينا آهي تہ معاذ بن عمرو بن جموح رضہ ٻڌايو تہ مون مشرڪن کان ابوجهل بابت ٻڌو تہ ابو الحڪم جيڪو نيزن ۽ تلوارن جي سخت پناھ ۾ هو، تنهن تائين ڪير بہ پڄي نہ سگهندو. معاذ رضہ بن عمرو جن جو چوڻ آهي تہ جڏهن مون اها ڳالھ ٻڌي تہ ڪيس نشانو بڻائي

ان ڏانهن وڌڻ لڳس. جڏهن موقعو مليو ته مون حملو ڪيو ۽ اهڙو ڌڪ هنيومانس جو سندس ٽنگ اڌ ٻڪيءَ ڪان ڪپجي اڏامي وئي. الله جو سنهن! ٽنگ اڏامڻ مهل ائين پئي لڳي، ڄڻ اکرين ڌڪ هڻڻ سان ککي ٽپ ڏئي اڏامي وجي. سندس چوڻ آهي ته هوڏانهن مون ابوجهل کي ماريو ۽ هيڏانهن سندس پٽ عڪرمه منهنجي ڪلهي تي تلوار وهائي ڪڍي، جنهن سان منهنجو هٿ ڪپجي منهنجي ٻناهن جي کس سان لٽڪي پيو ۽ ويڙهه ڏکيائي ٿيڻ لڳي. آئون ان حالت ۾ به سڄو ڏينهن وڙهيس پر جڏهن اهو مونکي سور ڪرڻ لڳو ته مون ان تي پنهنجو پير رکي ان کي زور سان ڇڪي ڌار ڪري ڇڏيو. (1) ان ڪانپوءِ

(1) حضرت معاذ رضه بن عمرو بن جموح، حضرت عثمان رضه جي خلافت تائين حيات هئا.

ابوجهل وٽ معوذ رضه بن عفراء پهتا.ابوجهل ڌڪيل هو. انهن ڪيس اهڙو ڌڪ واهي ڪڍيو جو اتي ئي ڪري پيو. رڳو ساهه پئي هليس. ان ڪانپوءِ معوذ رضه بن عفراء پاڻ به وڙهندي شهيد ٿي ويا.

جڏهن ويڙهه ختم ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "ڪير آهي جيڪو ڏسي اچي ته ابوجهل جو حشر ڪهڙو ٿيو؟" ان تي اصحابي سڳورا سندس ڳولها ۾ لڳي ويا. حضرت عبدالله بن مسعود رضه جن ڪيس اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو اجا ساهه ڪنيائين پئي. انهن سندس سسيءَ تي پير رکيو ۽ سر ڪپڻ لاءِ ڏاڙهي جهلي چيائون ته او الله جا دشمن! آخر الله توکي رسوا ڪيو نه؟ تنهن تي ابوجهل چيو ته "مونکي ڇا جو رسوا ڪيو؟ ڇا جنهن ماڻهوءَ کي توهان ماريو آهي، ان کان وڌيڪ اعليٰ مرتبي وارو به ڪو آهي؟" يا جنهن کي توهان ماريو، ان کان مٿاهون ڪو آهي؟" پوءِ چيائين ته "ڪاش! مونکي هارپو ڪندڙن بدران ٻيو ڪو مار ها." ان کانپوءِ چوڻ لڳو. مونکي ٻڌاءِ ته اڄ ڪنهن کٽيو؟ حضرت عبدالله بن مسعود رضه جن کي، جيڪي سندس سسسيءَ تي پير رکي بيٺا هئا، چوڻ لڳو ته "او ٻڪرين جا ڌنار! تون مٿاهين ۽ ڏکيءَ جاءِ تي چڙهي ويو آهين. واضع رهي ته عبدالله بن مسعود رضه جن مڪي ۾ ٻڪريون چاريندا هئا.

ان ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ حضرت عبدالله بن مسعود رضہ جن سندس سر ڪپي ڇڏيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمتہ۾ آڻي چيائيون تہ "يا رسول الله ﷺ! هي اَتوَ الله جي دشمن ابوجهل جو سر. پاڻ سڳورن ﷺ ٽي ڀيرا فرمايو تہ "واقعي، انِ دا جو سنهن جنهن ڪانسواءِ ڪير بہ عبادت لائق نہ آهي." ان ڪانپوءِ فرمايائون الله اڪبر الحمدلله الذي قيد وعده ونصر عبده و هزم الاحزاب وحده. "الله وڏو اهي، سڀ ساراهون الله لاءِ آهين، جنهن پنهنجو وعدو سچو ڪري ڏيکاريو، پنهنجي بندي جي مدد ڪئي ۽ اڪيلي سر سيني ٽولن کي ماري مات ڪيو."

پوءِ فرمايائون تہ هلو مونکي ان جو لاش ڏيکاريو. اسان پاڻ سڳورن ﷺ کي وٺي وجي لاش ڏيکاريو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ هي هن امت جو فرعون آهي.

ايمان جا روشن نقش:- حضرت عمير رضہ بن الحمام ۽ حضرت عوف رضہ بن حارث ابن عفراءِ جي ايمان وڌائيندڙ ڪارنامن جو ذڪر گذري چڪو آهي. حقيقت ۾ هن ويڙهہ هلندي قدم قدم تي اهڙا منظر ڏٺا ويا، جن ۾ عقيدي جي

سگهہ ۽ اصولن جي پختگي چٽيءَ طرح محسوس ٿي ٿئي. هن ويڙهہ ۾ پيءُ ۽ پٽ ۾ ۽ ڀاءُ ۽ ڀاءُ ۾ مقابلو ٿيو. اصولن جي اختلاف تي رلوارون اڀيون ٿيون ۽ مظلومن، ظالمن سان وڙهي پنهنجي ڪاوڙ جي باھہ کي ٿڌو ڪيو.

1. ابن اسحاق، ابن عباس رضہ کان روايت آندي آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ اصحابي سڳورن کي فرمايو تہ "مونکي معلوم آهي تہ بنو هاشم وغيره جا ڪي ماڻهو زوريءَ جنگ جي ميدان ۾ آندا ويا آهن. انهن کي اسان سان وڙهڻو ڪونهي. انڪري بنو هاشم جو ڪوبہ ماڻهو ڪنهن جي واري ۾ اچي تہ ان کي قتل نہ ڪي ۽ ابوالبختري بن هشام ڪنهن جي واري ۾ اچي تہ ان کي قتل نہ ڪري ۽ عباس رضہ بن عبدالمطلب ڪنهن جي واريءِ اچي تہ ان کي بہ قتل نہ ڪري. ڇو تہ اهي زوريءَ آندا ويا آهن." ان تي عتبہ جي پٽ حضرت ابوحذيفہ رضہ جن چيو تہ "اسين پنهنجي پيءُ، پٽن، ڀائرن ۽ ڪڙم قبيلي جي ٻين ماڻهن کي ماريون ۽ عباس کي ڇڏي ڏيون! خدا جو قسم! جي هو مونسا ٽڪرايو تہ آئون تہ ان جو سر قلم ڪري ڇڏيندس."

اها خبر پاڻ سڳورن ﷺ کي پهتي تہ پاڻ سڳورن ﷺ عمر بن الخطاب رضہ کي فرمايو تہ چچا اللّٰہ جي رسلو جي چاچي جي منهن تي تلوار هنئي ويندي! حضرت عمر رضہ جن چيو تہ "يا رسول اللّٰہ ﷺ! مونکي موکل ڏيو تہ آئون تلوار سان هن جو سر قلم کري ڇڏيان. ڇو تہ بخدا اهو منافق ٿي ويو آهي."

ان کانپوءِ ابو حذيفہ رضہ جن چوندا رهندا هئا تہ ان ڏينهن مون جيڪا ڳالهہ ڪئي، ان جي ڪري مطمئن نہ آهيان. لاڳيتو ڊپ رهندو اٿم. رڳو اها صورت آهي تہ منهنجي شهادت ان جو ڪفارو بڻجي وڃي ۽ پوءِ نيٺ اهي يمامہ واري جنگ ۾ شهيد ٿي ويا.

2. ابو البختريءَ کي قتل ڪرڻ کان ان لاءِ جهليو ويو هو جو مڪي ۾ اهو ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪنهن بہ طرح جو اهنج نہ رسائيندو هو ۽ نہ ئي ان پاران ڪا اڻوڻندڙ ڳالهہ ٻڌڻ ۾ آئي. هو انهن ماڻهن منجهان هو، جن بني هاشم ۽ بني مطلب سان بائيڪاٽ ڪرڻ وارو معاهدو ڦاڙيو هو.

ان هوندي بہ ابوالبختريءَ کي ماريو ويو. ٽيو هيئن جو حضرت مجذر رضہ بن زياد بلوي سان هو ٽڪرائجي ويو. ان سان گڏ هڪ ٻيو بہ همراهہ هو. ٻئي گڏوگڏ پئي وڙهيا. حضرت مجذر رضہ جن چيو تہ "اوالبختري! پاڻ سڳورن ﷺ اسانکي اوهانجي قتل ڪرڻ کان جهليو آهي." ان چيو تہ "۽ منهنجو ساٿي؟" حضرت مجذر رضہ جن چيو تہ نہ، بخدا سان اوهانجي ساٿيءَ کي نٿا ڇڏي سگهون. هن چيو تہ تڏهن خدا جو قسم آئون ۽ هي، ٻئي مرنداسون. ان کانپوءِ ٻنهي لڙائي شروع ڪئي. مجذر رضہ جن مجبور ٿي ان کي ماري وڌو.

3. مڪي ۾ جاهليت جي زماني کان حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ ۽ اميہ بن خلف ۾ ياري هئي. بدر جي ڏينهن اميہ پنهنجي پٽ عليءَ جو هٿ جهلي بيٺو هو تہ ايتري ۾ اتان کان حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ جن لنگهيا. اهي دشمنن کان ڦريل ڪي زرهون کڻي پئي ويا. اميہ کين ڏسي چيو تہ ڇا توکي منهنجي گهرج آهي. آئون تنهنجن انهن زرهن کان چڱو آهيان. اڄ جهڙو ڏيک مون اڳي

ڏنو ئي ڪونهي. ڇا توکي ڪير جي گهرج ناهي؟ مطلب اهو هو تہ جيڪو مونکي قيد ڪندو، ان کي فديہ ۾ ڪير واريون پليون ڏاچيون ڏيندس. اهو ٻڌي عبدالرحمان بن عوف رضہ جن زرهون اڇليون ۽ ٻنهي کي گرفتار ڪري اڳتي وڌيا.

حضرت عبدالرحمان رضہ جن چون ٿا تہ مان اميہ ۽ ان جي پٽ جي وچ ۾ پئي هليس تہ اميہ پڇيو تہ توهان ۾ اهو ڪير هو، جنهن پنهنجي ڇاتيءَ تي اٺ پکيءَ جو پر لڳائي ڇڏيو هو؟ مون چيو تہ اهي حضرت حمزه رضہ بن عبدالمطلب هئا. اميہ چيو تہ هي اهو ئي ماڻهو آهي، جنهن اسان ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي.

حضرت عبدالرحمان رضہ جن چون ٿا تہ والله آئون انهن ٻنهي کي وٺي وڃي رهيو هوس تہ اوچتو حضرت بلال رضہ جن اميہ کي مون سان ڏسي ورتو. (ياد رهي تہ اميہ، حضرت بلال رضہ جن کي مڪي ۾ ڏاڍو تنگ ڪندو هو.) حضرت بلال رضہ جن چيو تہ "او هو ڪافرن جو مهندار اميہ بن خلف هاڻي يا تہ آئون بچندس يا هي بچندو." مون چيو تہ "اي بلال رضہ هي منهنجو قيدي آهي." انهن چيو تہ "هاڻي يا

تہ آئون رهندس يا هي رهندو." پوءِ وڏي واڪي هڪل ڪيائين."اي الله جا انصاريو هي اَتوَ ڪافرن جو مهندار اميہ بن خلف. هاڻي يا تہ آئون رهندس يا هي رهندو." حضرت عبدالرحمان رضہ جن ٻڌائين ٿا تهايتري ۾ ماڻهن اسانکي گهيري ورتو. آئون سندن بچاءُ ڪري رهيو هوس پر هڪ همراهہ تلوار سان سندس پٽ جي پير تي اهڙو ڌڪ هنيو جو هو گهوماٽجي وڃي ڪريو. هوڏانهن اميہ ايڏي زور سان رڙ ڪئي جو اهڙي مون اڳ ڪڏهن نہ ٻڌي هئي. مون چيو تہ ڀڄي جند ڇڏاءِ. پر اڄ ڀڄڻ جي گنجائش ڪانهي، خدا جو قسم آئون ذرو بہ تنهنجي ڪم نٿو اچي سگهان. حضرت عبدالرحمان رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ ماڻهن پنهنجن تلوارن سان ٻنهي کي ڳپيا ڳپيا ڪري پورو ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ حضرت عبدالرحمان رض جن چوندا رهندا هئا. تہ "الله بلال تي رحم ڪري، منهنجون زرهون بہ ويون ۽ منهنجي قيديءَ بابت بہ مونکي پريشان ڪري ڇڏيائين."

زادالمعاد ۾ علامہ ابن قيم لکيو آهي تہ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ جن، اميہ بن خلف کي چيو تہ

گوڏن ڀر ويهي رهه. هو ويهي رهيو ۽ حضرت عبدالرحمان رضه جن پاڻ کي ان جي مٿان وجهي ڇڏيو. پر ماڻهن هيٺان تلوارون هڻي اميه کي ماري وڌو. ڪجهه تلوارن سان حضرت عبدالرحمان رضه جن جو پير به گهائجي ويو. (1)

(1) زادالمعاد 89/2، صحيح بخاري ڪتاب الوڪاله 1/ 305۾ اهو واقعو تورو واڌاري سان ڏنل آهي.

4. حضرت عمر بن الخطاب رضه جن پنهنجي مامي عاص بن هشام بن مغيره کي ماري وڌو.

5. حضرت ابوبڪر صديق رضه جن پنهنجي پٽ عبدالرحمان کي، جيڪو ان وقت مشرڪن ساڻ هو، هڪل ڪئي ته او خبيث منهنجو مال ڪٿي آهي؟ عبدالرحمان رضه جن جواب ۾ چيو ته

لم يبق غير شكة و يعبوب وصارم يقتل ضلال الضيب

يعني: هٿيار، تکي گهوڙي ۽ هن تلوار کانسواءِ ڪجهه به نه بچيو آهي، جيڪو ٻڍاپڻ جي گمراهيءَ جو خاتمو ڪري سگهي.

6. جنهن مهل مسلمانن، مشرڪن کي جهلڻ شروع ڪيو تہ اوڏي مهل پاڻ سڳورا ﷺ مورچي ۾ ويٺل هئا ۽ حضرت سعد بن معاذ رضہ جن تلوار ڪڍي در تي پهرو ڏئي رهيا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ ڏٺو تہ حضرت سعد رضہ جن کي اها ڳالهہ نہ پئي وڻي. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "اي سعد بخدا، ائين پيو لڳي تہ توکي مسلمانن جو اهو ڪم نہ پيو وڻي." انهن وراڻيو تہ"هائو خدا جو قسم يا رسول الله ﷺ مشرڪن سان اسانجي پهرين ويڙهہ آهي، جنهن جو موقعو الله پاڪ اسانکي ڏنو آهي. انڪري مشرڪن کي جيئرو ڇڏڻ بدران مونکي اها ڳالهہ وڌيڪ وڻندي تهانهن کي دل کولي مارجي ۽ چڱيءَ طرح ڪچلي ڇڏجي."

7. هن جنگ ۾ حضرت عڪاشہ بن محسن اسدي رضہ جي تلوار ٽٽي پئي. اهي پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ سڳورن ﷺ کين ڪاٺ جي هڪ پٽي ڏني ۽ فرمايو تہ عڪاشہ رضہ! هن سان وڃي ويڙهہ ڪر. عڪاشہ رضہ جن اها پاڻ سڳورن ﷺ کان وٺي هلائي تہ اها هڪ ڊگهي، مضبوط چمڪاٺ ڪندڙ اڇي تلوار بڻجي وئي. انهن

ان تلوار سان ئي جنگ ڪئي، تانت الله مسلمانن کي فتحياب ڪيو. ان تلاور جو نالو "عون" يعني "مدد" رکيو ويو هو. اها تلوار سدائين عڪاشہ رضہ جن وٽ رهي ۽ اهي ان سان ئي وڙهندا هئا. تنات اهي حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت جي ڏينهن ۾ مرتدن سان وڙهندي شهيد ٿيا. ان وقت بہ اها تلوار انهن وٽ هئي.

8. ويڙهہ پوري ٿيڻ بعد حضرت مصعب بن عمير رضہ جن پنهنجي ڀاءُ ابو عزيز بن عمير عبدري وٽان لنگهيا. ابو عزيز مسلمانن سان وڙهيو هو ۽ ان مهل هڪ انصاري اصحابي سندن هٿ ٻڌي رهيو هو. حضرت مصعب رضہ جن ان انصاريءَ کي چيو تہ "هن ماڻهوءَ وسيلي پنهنجي هٿ مضبوط ڪجان. هن جي ماءُ وڏي پئسي واري آهي، اها توکي ڪافي فديو ڏيندي." ان تي ابو عزيز پنهنجي ڀاءُ مصعب رضہ کي چيو تہ "اها تون منهنجي پارت پيو ڪرينءُ" حضرت مصعب چيو تہ (ها) تنهنجي بدران هي انصار منهنجو ڀاءُ آهي.

9. جڏهن مشرڪن جا لاشا کوهہ ۾ وجهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ عتبہ بن ربيعہ کي کوهہ ڏي گسرائيندا ڪٽي وڃي رهيا هئا تہ پاڻ سڳورن ﷺ (عتبہ) جي فرزند حضرت ابو حذيفہ رضہ جن جو ڏڪارو چهرو ڏسي فرمايو تہ "ابوحذيفہ! شايد پنهنجي پيءُ لاءِ تنهنجي دل ۾ ڪجهہ (همدرديءَ جا) جذبا آهن؟" انهن وراڻيو تہ "نہ، والله يا رسول الله ﷺ! مونکي پنهنجي پيءُ ۽ ان جي مارجڻ بابت ڪو فڪر ڪونهي، باقي آئون پنهنجي پيءُ بابت ڄاڻندو هوس تہ هو ڏاهو ماڻهو آهي، وڏي نظر ۽ فضل ۽ ڪمال وارو آهي، انڪري آئون آس لڳائي ويٺو هوس تہ اهي چڱايون ڪيس اسلام تائين پهچائي ڇڏينديون، پر ان جي پڄاڻي پنهنجي توقع جي ابتڙ ڪفر تي ٿيندي ڏسي مونکي ڏک ٿيو آهي." ان تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت ابو حذيفہ رضہ جي حق ۾ خير جي دعا گهري ۽ ڪين آٿت ڏني.

بنهي ڌرين جا مقتول:- اها ويڙهہ، مشرڪن جي پڌري هار ۽ مسلمانن جي پڌري فتح سان پڄاڻيءَ تي پهتي. ان ۾ چوڏنهن مسلمان شهيد ٿيا، جن مان ڇهہ مهاجر ۽ اٺ انصار هئا.

باقي مشرڪن ڪي وڏو نقصان رسيو. سندن ستر ڄڻا مئا ۽ ستر جهليا ويا، جيڪي گهڻو ڪري سندن اڳواڻ ۽ چڱا مڙس هئا.

جنگ جي پڄاڻيءَ تي پاڻ سڳورن ﷺ مئلن وٽ بيهي فرمايو تہ "توهان پنهنجي نبيءَ لاءِ ڪيڏو نہ برو گهراڻو ۽ قبيلو هئا. توهان مونکي ڪوڙ وسمجهيو، جڏهن تہ ٻين تصديق ڪئي. توهان مونکي بيواهو ڇڏي ڏنو، جڏهن تہ ٻين منهنجي حمايت ڪئي. توهان مونکي ڪڍي ڇڏيو، جڏهن تہ ٻين مونکي پناهہ ڏني." ان ڪانپوءِ حڪم ڏنائون، جنهن تي انهن کي گيهلي بدر جي هڪ کوهہ ۾ ڦٽو ڪيو ويو.

حضرت ابو طلحہ رﷺ جن کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم تي بدر واري ڏينهن قريشن جي چوويهہ وڏن سردارن جا لاشا بدر جي هڪ گندي کوهہ ۾ اڇليا ويا. پاڻ سڳورن ﷺ جو دستور هو تہ جڏهن ڪنهن قوم کان کٽيندا هئا تہ ٽي ڏينهن جنگ جي ميدان ۾ رهندا هئا. انڪري جڏهن بدر ۾ ٽيون ڏينهن ٿيو تہ پاڻ سڳورن

ﷺ جي حڪم سان پاڻ سڳورن ﷺ جي اٺ تي ڪجاوو ٻڌو ويو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ پنڌ هليا ۽ پنيان اصحابي سڳورا به هليا. تانت پاڻ سڳورن ﷺ کوهه وٽ اچي بيٺا. پوءِ انهن جو نالو ۽ پيءُ جو نالو وٺي سڏڻ لڳا. اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا ۽ اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا! ڇا اها ڳالهه چڱي نه هئي ته توهان الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪريو ها؟ ڇو ته اسان سان اسانجي پالڻهار واعدو ڪيو هو، ان کي سچو پاتوسين ته ڇا توهان سان توهانجي رب جيڪو واعدو ڪيو هو اهو توهان سچو پاتو؟ حضرت عمر رضہ جن عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ! توهان بيجان بوتن سان ڳالهيون ڪريو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ان هستيءَ جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ محمد ﷺ جي جان آهي، آئون جيڪي چوان پيو اهو اوهان هنن کان وڌيڪ نه پيا ٻڌو. هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته توهان هنن کان وڌيڪ ٻڌڻ وارا نه آهيو. باقي اهي وراڻي نٿا ڏئي سگهن. (1)

(1) متفق عليہ - مشڪوات 345/2

مڪي ۾ هارائڻ جي خبر پهچڻ:- مشرڪن، بدر جي ميدان مان ڇڙوڇڙ ٿي ڀڄڻ ڪانپوءِ مڪي ڏانهن منهنڪيو. شرم کان ڪين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مڪي ۾ ڪيئن داخل ٿجي.

ابن اسحاق جو چوڻ آهي ته سڀ کان اڳي جيڪو ماڻهو قريشن جي هار جي خبر کڻي مڪي پهتو، اهو حيسمان بن عبدالله خزاعي هو. ماڻهن ان کان پڇيو ته پوئتي جي ڪهڙي خبر آهي؟ ان وراڻيو ته عتبه بن ربيعه، شيبه بن ربيعه، ابوالحڪم بن هشام، اميه بن خلف ۽ ڪجهه ٻين سردارن جا نالا ورتا، اهي سڀ مارجي ويا آهن. جڏهن هن مٿئل سردارن جا نالا ڳڻائڻ شروع ڪيا ته صفوان بن اميه، جيڪو حطيم ۾ ويٺو هو، تنهن چيو ته خدا جو قسم! جي هي هوش ۾ آهي ته هن کان مون بابت پڇو. ماڻهن پڇيو ته صفوان بن اميه جو ڇا ٿيو؟ هن چيو ته اهو ته هتي حطيم ۾ ويٺو آهي، باقي هن جي پيءُ ۽ ڀاءُ کي مارجندي مون پاڻ ڏٺو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي غلام ابو رافع جو بيان آهي تہ آئون تڏهن حضرت عباس رضہ جو غلام هوس. اسانجي گهر ۾ اسلام اچي چڪو هو. حضرت عباس رضہ جن مسلمان ٿي چڪا هئا. ام الفضل رضہ جن مسلمان ٿي چڪيون هيون. آئون بہ مسلمان ٿي چڪو هوس. البتہ حضرت عباس رضہ جن اجا پنهنجو اسلام لڪايو پئي. هوڏانهن ابولهب بدر جي لڙائيءَ ۾ نہ ويو هو. جڏهن کيس خبر پئي تڏهن الله ان تي ذلت ۽ روسياهي طاري ڪري ڇڏي ۽ اسانکي پاڻ سگهہ ۽ عزت محسوس ٿي. آئون ڪمزور ماڻهو هوس ۽ تير ٺاهيندو هوس ۽ زمزم جي حجري ۾ ويهي تيرن جا هٿيا گهڙيندو رهندو هوس. والله! ان مهل آئون حجري ۾ ويهي تير گهڙي رهيو هوس. مون وٽ ام الفضل رضہ جن ويٺيون هيون ۽ مليل اطلاع تي خوش هيون جو ايتري ۾ ابولهب پنهنجا بئي پير گسرائيندو اچي پهتو ۽ حجري جي در تي ويهي رهيو. سندس پٺ مون ڏانهن هئي. اجا هو ويٺو مس هو تہ اوچتو گوڙ ٿيو. ايتريۡ ابوسفيان بن حارث بن عبدالمطلب پهچي ويو. ابولهب ان کي چيو تہ مون

وت اچ. منهنجي ڇمار جو قسم تو وٽ ڪا خبر (ضرور) آهي. هو ابولهب وٽ ويهي رهيو. ماڻهو بيٺا هئا. ابولهب چيو تہ ٻڌائيندا، همراهن جا حال احوال ڏي؟ هن وراڻيو تہ ڪجهہ نہ بس انهن سان ٽڪراءُ ٿيو ۽ اسان پنهنجا ڪنڌ سندن حوالي ڪري ڇڏيا. انهن ڪي جيئن وڻيو ٿي تيئن اسان کي ڪٺائون ٿي ۽ جيئن ڪين وڻيو ٿي، تيئن قيد ڪيو ٿي ۽ خدا جو قسم آئون ان هوندي بہ ڪين ملامت نٿو ڪري سگهان. حقيقت ۾ اسانجو ٽڪراءُ ڪجهہ اهڙن ڳورن چٽن ماڻهن سان ٿيو هو، جيڪي آسمانن ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ چٽڪمرن گهوڙن تي سوار هئا. خدا جو قسم! انهن ڪنهن شيء کي نٿي ڇڏيو ۽ نہ ئي ڪا شيء انهن آڏو بيهي ٿي سگهي.

ابو رافع رضہ جن جو چوڻ آهي تہ مون خيمي جو پانڌ پنهنجي هٿ سان مٿي کڻي چيو تہ خدا جو قسم اهي فرشتا هئا؟ اهو ٻڌي ابولهب پنهنجو هٿ کنيو ۽ منهنجي منهن تي ٺڦڙ واهي ڪڍيو. آئون ان سان وڙهي پيس پر هن مونکي کڻي زمين تي دسيو ۽ پوء مون تي چڙهي مونکي مارڻ

لڳو. آئون هيٺ جو هئس، پر ايتري ۾ ام الفضل رضہ اتي خيمي جو هڪ ڪلو ۽ ڪيس مٿي تي واهي ڪڍيو ۽ ڳڙوڳڙ چيائين تہ هن جو مالڪ ڪونهي، انڪري هن ڪي هيٺو پيو سمجهين؟ ابوجهل خوار تي اٿيو ۽ هليو ويو. خدا جو قسم! ان ڪان رڳو ست راتيون پوء الله ڪيس عدسہ (هڪ قسم جو طاعون) ۾ مبتلا ڪري پورو ڪري ڇڏيو. عدسہ جي ڳوڙهي ڪي عرب ڏاڍو نياڳو سمجهندا هئا. انڪري (مرڻ ڪانپوء) سندس پٽن بہ ڪيس ائين ڇڏي ڏنو ۽ اهو تي ڏينهن ڪفن دفن ڪانسواء پيو رهيو. ڪير بہ سندس ويجهو نٿي ويو ۽ نہ ئي ان ڪي پورڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جڏهن سندس پٽن ڪي دپ ٿيو تہ ان طرح ڇڏي ڏيڻ سان ماڻهو ڪين ملامت ڪندا تہ انهن هڪ کڏو کوٽي ان ۾ ڪانيءَ سان لاشو ڌڪي وڌو ۽ پري ڪان ئي پٿر اڇلي ڍڪي ڇڏيائون.

مطلب تہ ان طرح مڪي وارن کي بدر جي ميدان ۾ بيڙي شڪست جي خبر ملي ۽ انهن تي ڏاڍو برو اثر پيو. ويندي هنن مئلن تي روچ راڙو ڪرڻ کان روڪي وڌو تہ متان

مسلمانن کي سندن ڏک تي خوش ٿيڻ جو موقعو نہ ملي وڃي.

ان سلسلي ۾ هڪ دلچسپ واقعو اهو آهي تہ بدر جي جنگ ۾ اسود بن عبدالمطلب جا ٽي پٽ مارجي ويا. انڪري هن انهن لاءِ روئڻ پئي گهريو. هو انڌو هو. هڪ رات هن هڪ مائيءَ جي پار ڪڍڻ جا آواز ٻڌا. جهٽ پنهنجي غلام کي اهو چئي موڪليائين تہ "تورو ڏسي اچ ڇا روئڻ جي اجازت ملي وئي آهي؟ ڇا قريش پنهنجن مئلن لاءِ روئن پيا تہ جيئن آئون بہ پنهنجي پٽ ابو حڪيم تي لڙڪ ڳاڙي وٺان، ڇو تہ منهنجو هانءُ اپامي رهيو آهي." غلام موٽي اچي ٻڌايو تہ اها مائي پنهنجي وڃايل اٺ لاءِ پئي روئي. اسود اهو ٻڌي پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ بي اختيار چيائين تہ:

اتبكي ان يضل لها بعيد

ويمنعها من النوم السهود

فلا تبكي علي بكر ولكن

علي بدر تقاصرت الجدود

علي بدر سراه بني هميص

ومخزوم و رهط ابي الوليد

وبكي ان بكيت علي عقيل

وبكي حارثا اسد الاسود

وبكيهم ولا تسمي جميعا

وما لابي حكيم من نديد

الاقد ساد بعدهم رجال

ولو لا يوم بدر لم يسودوا

يعني: ڇا هوءَ ان ڳالھ تي روئي ٿي تہ ان جو اٺ وڃائجي ويو آهي؟ ۽ ان ڳالھ جي ڪري سندس ننڊ حرام ٿي وئي آهي؟ تون اٺ تي نہ روء. بلڪ بدر تي روء، جتي نصيب ڦٽي ويا. ها ها! بدر تي روء جتي بني هصيص، بني مخزوم ۽ ابوالوليد جي قبيلي جا مهندار آهن. جيڪڏهن روئڻو ئي اٿئي تہ عقيل تي روء ۽ حارث تي روء، جيڪو شينهن مڙس هو. تون انهن لاء ماڻهن روء ۽ سڀني جا نالا نہ وٺ ۽ ابو حڪيم جو تہ ڪو مٽ ئي نہ هو. ڏس! ان ڪانپوء اهڙا اهڙا ماڻهو سردار ٿي ويٺا آهن جو جيڪڏهن بدر جو ڏينهن نہ هجي ها تہ اهي سردار نہ ٿي سگهن ها.

فتح جي خبر مديني ۾ پهچڻ:- هوڏانهن مسلمان پوريءَ طرح جنگ کٽي ويا ته پاڻ سڳورن ﷺ مديني وارن کي تکڙي خوشخبري پهچائڻ لاءِ ٻه قاصد موڪليا. هڪ حضرت عبدالله بن رواحه رضه کي مديني جي مٿئين حصي جي رهواسين ڏانهن موڪليو ۽ ٻيو حصرت زيد بن حارثه رضه جن کي مديني جي هيٺال جي رهاڪن ڏانهن موڪليو ويو.

ان دوران يهودين ۽ منافقن افواهه ڦهلائي مديني۾ افراتفري مچائي ڇڏي هئي. ايستائين جو اهو افواهه ٻه پکيڙيو ويو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ قتل ڪيا ويا آهن، تنهنڪري جڏهن هڪ منافق، حضرت زيد بن حارثه رضه جن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاچي قصواء تي ايندي ڏٺو ته چيائين ته "سچ پچ محمد ﷺ قتل ڪيو ويو آهي. ڏسو! هيءَ سندس ئي ڏاچي آهي. اسين ان کي سڃاڻو تا ۽ اهو زيد بن حارثه رضه آهي، جيڪو هارائي ڀڳو آهي ۽ ايترو ڊنل آهي جو ڪيس سمجهه ۾ به نه پيو اچي ته هو ڇا چئي." بهرحال جڏهن ٻئي قاصد ويجهو پهتا ته مسلمانن کين گهيري وڌو ۽ ڪائنن خبرچار وٺڻ لڳا. نيٺ کين پڪ ٿي ته

مسلمان ڪٿي ويا آهن. ان ڪانپوءِ چوطرف خوشيءَ جي لهر ڊوڙ: وئي ۽ مديني جون گھٽيون الله اڪبر ۽ الحمدالله جي نعرن سان گونججي ويون ۽ جيڪي وڏا مسلمان مديني ۾ رهجي ويا هئا، اهي پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم ڪي مبارڪون ڏيڻ لاءِ بدر جي رستي تي هلي پيا.

حضرت اسامہ بن زيد رضہ جو بيان آهي تہ اسان وٽ ان مهل اها خبر پهتي، جڏهن پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جي نياڻي بيبي رقيہ رضہ کي، جيڪا حضرت عثمان رضہ سان پرڻيل هئي، دفن ڪري قبر تي مٽي وجهي چڪا هئاسين. ان جي سار سنڀال لاءِ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم مونکي بہ حضرت عثمان رضہ سان گڏ مديني ۾ ڇڏي ڏنو هو.

غنيمت جي مال جو مسئلو:- پاڻ سڳورا صلی الله علیه وسلم ويڙهہ پروي پڻ ڪانپوءِ ٽي ڏينهن بدر جي ميدان ۾ رهيا ۽ اجا پان سڳورا صلی الله علیه وسلم اتان روانا نہ ٿيا هئا جو غنيمت جي مال بابت لشڪر ۾ اختلاف ٿي پيا ۽ جڏهن اختلاف وڌيا تہ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم حڪم ڪيو تہ جنهن وٽ جيڪي ڪجھ آهي، اهو پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جي حوالي ڪري ڇڏي. اصحابي

سڳورن ﷺ حڪم جي پوئواري ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ وحيءَ ذريعي ان مسئلي جو حل ڏسيو.

حضرت عباده بن صامت رضہ جن جو بيان آهي تہ اسان پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ مديني ڪان هلي بدر ۾ پهتاسين تہ جنگ ٿي پئي ۽ الله تعاليٰ دشمنن کي هار نصيب ڪئي. پوءِ هڪ ٽولو سندن ڪڍ لڳو ۽ کين گهيري مارڻ لڳو. هڪ ٽولو وري غنيمت جي مال تي ڪاهي پيو ۽ اهو گڏ ڪرڻ ۽ ورهائڻ لڳو. هڪ ٽولو پاڻ سڳورن ﷺ کي گهيري ۾ آڻي بيٺو هو تہ متان دشمن ڌوڪي سان پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪو اهنج نہ پهچائين. جڏهن رات ٿي ۽ ماڻهو موٽيا آيا تہ غنيمت جو مال ميڙيندڙن چيو تہ اهو اسان ميڙيو آهي، تنهنڪري انهن ڪنهن ٻئي جو ڪوبہ حصو ڪونهي. دشمنن جو تعاقب ڪرڻ وارن چيو تہ "توهان، اسان کان وڌيڪ ان جا حقدار نہ آهيو. ڇو تہ هن مال کان دشمن کي پڇائڻ ۽ پري رکڻ جو ڪم اسان ڪيو هو ۽ جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي حفاظت ڪري رهيا هئا، انهن چيو تہ "اسان کي پڪ هو تہ وري اوهانکي غافل ڏسي ڪو اهنج نہ

پهچائين. انکري اسان پاڻ سڳورن ﷺ جي حفاظت ۾ مشغول رهياسين." ان تي الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪئي.

يسئلونک عن الانفال........مؤمنين (8: 1)

ترجمو:- تو کان غنيمت جي مال بابت سوال ڪن ٿا. تون چئه ته غنيمت جو مال الله ۽ ان جي رسول الء آهي. بس الله کان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ تعلقن کي سنواريو ۽ الله ۽ ان جي رسول جي تابعداري ڪريو. جيڪڏهن واقعي مؤمن آهيو.

ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ غنيمت جو مال مسلمانن ۾ ورهائي ڇڏيو. (1)

(1) مسند احمد 323/5، 324 - حاڪم 326/2

اسلامي لشڪر جو مديني ڏانهن وڌڻ:- پاڻ سڳورا ﷺ ٽي ڏينهن بدر ۾ رهي مديني روانا ٿيا. پاڻ سڳورن ﷺ سان مشرڪن جا باندي به هئا ۽ غنيمت جو مال پڻ هئن. پاڻ سڳورن ﷺ ان جي سنڀال جو ڪم حضرت عبدالله بن ڪعب رضه جن کي سونپيو هو. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ صفراء جي واديءَ مان ٻاهر نڪتا ته گهٽ ۽ نازيه وڏ واري

هڪ دڙي تي لٽا ۽ اتي خمس (پنجون حصو) ڌار ڪري باقي غنيمت جو مال مسلمانن ۾ ورهائي ڇڏيائون.

صفراء ۾ ئي پاڻ سڳورن ﷺ حڪم ڏنو ته نضر بن حارث کي قتل ڪيو وڃي. اهو بدر جي لڙائيءَ ۾ مشرڪن جو علمبردار هو ۽ اهو قريشن جي وڏن ڏوهارين منجهان هو. اسلام دشمني ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي اهنج پهچائڻ ۾ سيني ڪان اڳيرو هو. پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم تي حضرت علي رضه جن ان جو سر قلم ڪري ڇڏيو.

ان بعد پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن عرق انطبيه پهتا ته عقبه بن ابي معيط کي مارڻ جو حڪم ڏنائون. اهو پاڻ سڳورن ﷺ کي اهنج رسائيند هو، جنهن جو ذڪر گذري چڪو آهي. هي اهو ئي ماڻهو هو، جنهن پاڻ سڳورن ﷺ جي پٺن تي نماز پڙهندي اٺ جي اوجهري رکي ڇڏي هئي ۽ ان ئي ماڻهوءَ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳچيءَ ۾ چادر ويڙهي پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ جيڪڏهن حضرت ابوبڪر رضه جن وقت تي نه پڄن ها ته هن (پنهنجي ليکي) پاڻ سڳورن ﷺ کي گهٽا ڏئي ماري

ڇڏيو هو. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ سندس قتل جو حڪم ڪيو تہ چوڻ لڳو تہ"يا محمد ﷺ! ٻارن لاء ڪير آهي؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "باهہ" (!) ان ڪانپوء حضرت عاصم بن ثبت انصاري رضہ جن يا حضرت علي رضہ جن ان جو سر ڪپي ڇڏيو.

(1) اها حديث صحيحين ۾ آيل آهي. ڏسو سنن ابي دائود مع شرح عون المعبود 12/3

مبارڪون ڏيندڙن جو اچڻ:- ان ڪانپوء جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ روحاء وٽ پهتا تہ اهي مسلمان مهندار اچي پهتا، جيڪي ٻنهي قاصدن ڪان سوپ جي بشارت ٻڌي پاڻ سڳورن جي آجيان ڪرڻ ۽ مبارڪون ڏيڻ لاء مديني مان نڪتا هئا. جڏهن انهن مبارڪون ڏنيون تہ حضرت سلمہ بن سلامہ رضہ جن چيو تہ "توهان اسانکي ڇاجيون مبارڪون پيا ڏيو. اسانجو ٽڪراءُ خدا جو سنهن ، مٿو ڪتل پوڙهن سان ٿيو هو، جيڪي اٺن جهڙا هئا." ان تي پاڻ سڳورن ﷺ مشڪي فرمايو تہ ڀائيٽيا؟ اهي ئي تہ قوم جا مهندار هئا.

ان بعد حضرت اسيد بن حضير رضہ جن عرض ڪيو تہ "يا رسول اللّٰہ ﷺ! ساراھ آهي اللّٰہ جي نهن اوهان کي سوڀارو ڪيو ۽ اوهانجون اکيون ٺذيون ڪيون. بخدا! آئون اهو سمجهي بدر هلڻ کان ڪونہ ڪيٻايو هوس تہ توهانجو دشمنن سان ٽڪراءُ ٿيندو. بلڪ مون تہ سمجهيو پئي تہ رڳو قافلي جو مامرو آهي ۽ جي آئون سمجهان ها تہ دشمنن سن ٽڪراءُ ٿيندو تہ ڪڏهن بہ پٺتي نہ رهان ها." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "سچو آهين."

ان بعد پاڻ سڳورا مديني ۾ ان طرح سوڀارا ٿي داخل ٿيا جو شهر ۽ پرپاسي جي سڀني ويرين تي سندن ڌاڪ ويهي چڪي هئي. ان سوڀ ڪري مديني جي گهڻن مان جن اسلام قبوليو ۽ ان موقعي تي عبداللّٰہ بن ابي ۽ سندس ساٿين بہ ڏيکاءَ طور اسلام قبوليو.

پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني ۾ موٽڻ جي ٻئي ڏينهن باندي پهچڻ شروع ٿيا. پاڻ سڳورن ﷺ اهي اصحابي سڳورن ۾ ورهايا ۽ انهن سان چڱي هلت جي پارت ڪئي. ان پارت جي ڪري اصحابي سڳورا پاڻ تہ ڪجيون

كائي گذارو كندا هئا پر باندين كي ماني كارائيندا هئا.
(ياد رهي تہ مديني ۾ كجين جي كابہ قدر قيمت نہ هئي ۽ ماني اٽلپ هوندي هئي.)

باندين جو معاملو:- جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مديني پهچي ويا تہ اصحابي سڳورن سان باندين بابت مشورو كيائون. حضرت ابوبكر رضہ جن چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! اهي پنهنجا سؤٽ ماسات ۽ كڙم قبيلي جا ماڻهو آهن. منهنجي راء آهي تہ توهان انهن كان فديو وٺو. ان طرح جيكي اسان وٺنداسين اهو كافرن خلاف اسانكي سگهہ پهچائيڻ جو ذريعو بڻبو ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ الله انهن كي هدايت ڏئي وجهي ۽ اهي اوهانجا ٻانهن ٻيلي بڻجي وڃن."

پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "ابن خطاب، تنهنجي ڇا راء آهي؟" انهن وراڻيو تہ "والله منهنجي راء ابوبكر رضہ جن جهڙي نہ آهي. منهنجي خيال ۾ توهان فلاڻي كي (جيكو حضرت عمر رضہ جن جو ويجهو مائٽ هو) منهنجي حوالي كريو تہ آئون سندن سر قلم كري ڇڏيان. عقيل بن ابي طالب رضہ كي علي رضہ جي حوالي كريو تہ اهي سندس

ڪنڌ ڪپي ڇڏين ۽ فلاڻي ڪي، جيڪو حمزي رضہ جو ڀاءُ آهي، حمزي رضہ جن جي حوالي ڪريو تہ اهو سندس سر قلم ڪري ڇڏي. جيئن الله تعاليٰ ڄاڻي وٺي تہ اسانجن دلين ۾ مشرڪن لاءِ ڪابہ نرمي نہ آهي ۽ (هونئن بہ) اهي همراهہ مشرڪن جا وڏا ۽ مهندار آهن."

حضرت عمر رضہ جن جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم کي حضرت ابوبڪر رضہ جن جي ڳالهہ وڻي ۽ منهنجي ڳالهہ نہ وڻي، تنهنڪري بادين کان فديو وٺڻ جو فيصلو ٿيو. ان کانپوءِ ٻئي ڏينهن ٿيڻ تي صبح ساڻ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم ۽ حضرت ابوبڪر رضہ جن جي خدمت ۾ پهتس. اهي ٻئي روئي رهيا هئا. مون پڇيو تہ "يا رسول الله صلی الله عليه وسلم! مونکي ٻڌايو تہ توهان ۽ توهانجو ساٿي ڇو روئي رهيا آهيو؟ جيڪڏهن روئڻ جي ڳالهہ هجي تہ آئون بہ روئيندس." پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم فرمايو تہ "فديو قبولڻ جي ڪري جيڪا شيءِ تنهنجي ساٿين آڏو رکي وئي آهي، ان جي ڪارڻ پيا روئون." پوءِ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم ويجهي وڻ ڏانهن اشارو ڪري فرمايو تہ مونکي انهن تي ٿيندڙ عذاب

هن وڻ کان بہ وڌيڪ ويجهو ڏيکاريو ويو.(1) ۽ الله تعالي هيءَ آيت لاٿي تہ

(1) تاريخ عمر بن الخطاب، ابن جوزي ص 36

ماکان لنبي ان............عذاب عظيم (8: 67، 68)

ترجمو:- پيغمبر کي نٿو جڳائي تہ وٽس قيدي هجن (بلڪ کنا وجن) جيستائين ملڪ ۾ ڪافرن جو قتل عام نہ ڪري (اوهين) دنيا جو سامان گهراندا آهيو ۽ آللّه آخرت (جو ثواب ڏيڻ) چاهيندو آهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. جيڪڏهن خدا جي تقدير ۾ اڳي لکيل نہ هجي ها تہ اهوان جيڪي (فديو) ورتو تنهن تي اوهانکي ضرور وڏو عذاب پهچي ها.

۽ الله پاران جيڪي اڳي لکيو يو هو اهو هي هو تہ

فاما منا .فداء (47: 4)

ترجمو:- (قيد ڪانپوء) يا تہ احسان ڪرڻ (سان ڇڏڻ) يا فديو وٺڻ (گهرجي)

جيئن تہ ان آيت ۾ باندين کان فديو وٺڻ جي موڪل ڏنل هئي، انڪري اصحابي سڳورن کي فديو وٺڻ جي سزا

ڪانہ ڏني وئي ۽ رڳو تنبيهہ ڪئي وئي ۽ اهو بہ تہ انهن اهڙن اهڙن جنگي ڏوهارين ڪان فديو وٺڻ قبوليو هو، جيڪي عام باندي نہ هئا بلڪہ اهڙا جنگي ڏوهاري هئا، جن ڪي جديد قانون بہ مقدمو هلائڻ بنا نہ ڇڏ ها ۽ جن بابت مقدمي جو فيصلو عام طور تي موت جي سزا يا عمر قيد هوندي هئي.

بهرحال جيئن تہ حضرت ابوبڪر رضہ جن جي راءِ مطابق معاملو طئہ تي چڪو هو، انڪري مشرڪن ڪان فديو ورتو ويو. فديي جي رقم چار هزار يا ٽي هزار درهمن ڪان وٺي هڪ هزار درهمن تائين هئي. مڪي وارا لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا، جڏهن تہ مديني وارا لکڻ پڙهڻ نہ ڄاڻندا هئا. انڪري اهو بہ طئہ ڪيو ويو تہ جنهن وٽ فديو نہ هجي، اهو مديني جي ڏهن ٻارن کي لکڻ پڙهڻ سيکاري. ٻارن کي چڱيءَ طرح سکيا ڏيڻ، سندن فديو هوندو.

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڪيترن ئي قيدين تي احسان ڪندي انهن ڪان فديو وٺڻ بنا بہ کين ڇڏي ڏنو. ان فهرست ۾ مطلب بن حنطب، صيفي بن ابي رفاعہ ۽ ابو عزه جمحي جا

نالا اڇن ٽا. ابو عزه جمحي احد جي لڙائيءَ ۾ باندي بڻيو ۽ قتل ڪيو ويو. (تفصيل اڳتي ڏنو ويندو.)

پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي نياڻي ابو العاص رضه کي بہ ان شرط تي فديي بنا ڇڏي ڏنو تہ اهو بيبي زينب رضه جن کي مديني موڪليندو. ان جو سبب اهو هو تہ بيبي زينت رضه جن، ابوالعاص رضه جي فديي ۾ ڪجهہ سامان موڪليو هو، جنهن ۾ هڪ هار بہ هو، جيڪو حقيقت ۾ بيبي خديجہ رضه جن جو هو ۽ جڏهن بيبي سڳوريءَ، بيبي زينب رضه جن کي ابوالعاص رضه سان پرڻايو تہ اهو هار انهن کي ڏئي ڇڏيو هو. اهو هار ڏسي پاڻ سڳورن ﷺ جي دل ڀرجي آئي ۽ اصحابي سڳورن کان اجازت گهرايائون تہ ابو العاص رضه کي ڇڏيو وڃي. اصحابي سڳورن اها ڳالهہ اکين تي رکي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ، ابوالعاص کي ان شرط تي ڇڏي ڏنو تہ اهو بيبي زينب رضه جو رستو نہ روڪيندو. انڪري ابوالعاص رضه بيبي زينب رضه کي موڪل ڏني ۽ بيبي سانئڻ هجرت ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت زيد بن حارثہ رضه ۽ هڪ انصار اصحابيءَ کي موڪليو تہ توهان

ٻئي بطن ياجج ۾ رهجوئ ۽ جڏهن زينب رضہ توهان وٽان لنگهي تہ ان سان هليا اچجوئ. اهي ٻئي بزرگ روانا ٿيا ۽ بيبي زينب رضہ کي ساڻ وٺي مديني موٽيا. بيبي صاحبہ رضہ جي هجرت جو واقعو ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي.

باندين ۾ سهيل بن عمرو بہ هو، جيڪو وڏو مقرر هو. حضرت عمر رضہ جن چيو تہ "يا رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم! سهيل بن عمروءَ جا اڳيان ٻہ ڏند پٽرائي ڇڏيو. سندس زبان ھٻڪندي ۽ هو ڪنهن بہ جڳهہ تي اوهانجي خلاف تقرير ڪرڻ لاءِ نہ بيهي سگهندو." پر پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سندن راءِ نہ مڃي. ڇو تہ اهو مثلي (مسخ ڪرڻ) جو قسم آهي، جنهن تي الله تعاليٰ طرفان قيامت جي ڏينهن پڪڙ ڪرڻ جو خطرو هو.

حضرت سعد بن نعمان رضہ جن عمرو ڪرڻ ويا تہ انهن کي ابوسفيان باندي ڪري وڌو. ابوسفيان جو پٽ عمرو بہ بدر جي جنگ جي باندين ۾ شامل هو. تنهنڪري عمروءَ کي ابوسفيان جي حوالي ڪيو ويو ۽ هن حضرت سعد رضہ جن کي ڇڏي ڏنو.

قرآن جو تبصرو:- هن غزوي بابت سوره انفال نازل ٿي، جيڪا حقيقت ۾ هن ويڙهه بابت هڪ خدائي تبصرو آهي. جيڪڏهن اها تعبير صحيح آهي ته پوءِ اهو تبصرو بادشاهن ۽ سالارن وغيره جي فاتحاڻن تبصرن کان صفا ڌار آهي. ان تبصري جون ڪجهه ڳالهيون مختصر طور هتي ڏجن ٿيون.

الله تعاليٰ سڀ کان پهرين مسلمانن جو ڌيان سندن ڪوتاهين ۽ اخلاقي ڪمزورين ڏي ڇڪايو. جيڪي انهن ۾ ٿوري قدر وجي بچيون هيون ۽ جن مان ڪي هن موقعي تي ظاهر ٿيون. ڌيان ڇڪائڻ جو مقصد اهو هو ته مسلمان پنهنجو پاڻ کي انهن ڪمزورين کان پاڪ ڪري پنهنجي ذات جي تڪميل ڪن.

ان بعد هن سوڀ ۾ الله تعاليٰ جي تائيد ۽ غيبي مدد شامل هئڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان جو مقصد اهو هو ته مسلمان پنهنجي دليري ۽ سگهه جي ڌوکي ۾ نه اچي وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ مزاج ۽ طبيعت تي هٺ ۽ وڏائي طاري

تي وچ تي. بلڪ اهي الله تي ڀاڙين ۽ ان جي پيغمبر ﷺ جي پيروي ڪندا رهن.

پوءِ انهن وڏن مقصدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن جي لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ اها ڀوائتي ۽ رتوڇاڻ واري ويڙهه ڪئي هئي ۽ ان ئي سلسلي ۾ ان اخلاقيات جا اهڃاڻ ڏنا ويا، جيڪي ويڙهن ۾ سوڀ جو ڪارڻ بڻبا آهن.

پوءِ مشرڪن ۽ منافقن کي ۽ يهودين ۽ جنگي بادين کي مخاطب تي ڇتي ۽ اثرائتي نصيحت ڪئي وئي آهي ته جيئن اهي حق آڏو جهڪي وڃن ۽ ان تي ڪاربند رهن.

ان بعد مسلمانن کي غنيمت جي مال بابت بنيادي قاعدا ۽ اصول سمجهايا ويا آهن.

پوءِ ان مرحليءَ ۾ اسلامي دعوت جي سلسليءَ ۾ جنگ ۽ امن جي ضروري قانونن جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي ته جيئن مسلمانن جي ويڙهه ۽ جاهلن جي ويڙهه ۾ فرق قائم ٿئي ۽ اخلاق ۽ ڪردار جي ميدان ۾ مسلمانن کي سرسي ملي ۽ دنيا چڱيءَ طرح ڄاڻي وٺي ته اسلام رڳو هڪ نظريو

نہ آهي. بلڪ اهو جيڪي اصول ۽ ظابطا ٻڌائي ٿو، انهن مطابق پنهنجن مڃڻ وارن جي عملي تربيت بہ ڪري ٿو.

پوء اسلامي حڪومت جي قانون جا نقطا ٻڌايل آهن، جن مان پتو پوي ٿو تہ اسلامي حڪومت جي دائري ۾ رهڻ وارن مسلمانن ۽ ان دائري کان ٻاهر رهندڙ مسلمانن ۾ ڪهڙو فرق آهي.

بيا واقعا:- سنہ 2 هہ ۾ رمضان جا روزا ۽ فطريي جو صدقو فرض ڪيو ويو ۽ زڪوات جي مختلف طريقن جو تفصيل طئہ ڪيو ويو. فطريو فرض ٿيڻ ۽ زڪوات جو طريقو مقرر ٿيڻ سان ان بار ۾ گهٽتائي ٿي، جيڪو غريب مهاجرن جي هڪ وڏي انگ لاء مسئلو هو. ڇو تہ اهي روزگار جي لاء ڊوڙڊڪ ڪرڻ کان قاصر هئا.

پوء مسلمانن جي زندگيءَ ۾ ڏاڍو سهڻو موقعو آيو جو انهن پنهنجي زندگيءَ جي پهرين عيد ملهائي. اها شوال سنہ 2 هہ جي عيد هئي. جيڪا بدر جي جنگ ۾ سوڀ ملڻ کانپوء ٿي. اها عيد ڪيڏي نہ وڻندڙ هئي، جنهن جي سعادت الله تعاليٰ مسلمانن جي سر تي سوڀ جو تاج رکڻ

ڪانپوءِ عطا ڪئي ۽ ڪيڏو نہ ايمان سان پريل هو ان عيد جي نماز جو منظر، جيڪا مسلمانن پنهنجن گهرن مان نڪري الله جي وڏائي ۽ هيڪڙائيءَ جا نعرا هڻندي ميدان ۾ وڃي پڙهي. ان مهل حالت اها هئي تہ مسلمانن جون دليون ال ج ڏنل نعمتن ۽ سندس مهربانين جي ڪري سندس رحمت ۽ رضوان جي شوق سان ٺمٺار هيون. سندن پيشانيون الله جا شڪرانا مڃڻ لاءِ جهڪيل هيون. الله تعاليٰ ان نعمت جو ذڪر هن آيل ۾ ڪيو آهي تہ:

واذڪرو اذ.........لعلكم تشكرون (8: 26)

ترجمو:- ۽ (اي مهاجرؤ سندس احسانن کي) ياد ڪريو جڏهن زمين (ملڪ) ۾ اوهان ٿورڙا (۽) هيٺا هئا ۽ ڊنا ٿي تہ متان ماڻهو اوهانک ي تکڙو ڪٽي وٺن پوءِ اوهانکي جاءِ ڏنائين ۽ اوهانکي پنهنجي مدد سان سگهہ ڏنائين ۽ اوهانکي سٺين شين مان روزي ڏنائين تہ اوهين شڪرانو ادا ڪريو.

بدر ڪانپوءِ جون جنگي سرگرميون

بدر واري جنگ مسلمانن ۽ مشرڪن جي سڀ کان پهرين ۽ فيصلائتي جنگ هئي، جنهن ۾ مسلمانن کي سوڀ حاصل ٿي، جيڪا سڄي عربستان ڏٺي. ان ويڙهه جي نتيجن سان سڀ کان وڏيڪ دل آزاري انهن ماڻهن جي ٿي، جن کي سڌو سنئون وڏو نقصان رسيو. يعني مشرڪ، يا اهي ماڻهو جيڪي مسلمانن جي وڌندڙ سگهه کي پنهنجي مذهبي ۽ اقتصادي وجود لاءِ خطر ومحسوس ڪندا هئا. يعني يهودي. تنهنڪري جڏهن مسلمان بدر جي جنگ ۾ سوڀارا ٿيا هئا، اهي ٻئي ٽولا مسلمانن جي خلاف نفرت جي باهه ۾ سڙي رهيا هئا. جيئن ارشاد آهي ته لتجد ن........ اشركوا (5: 82)

ترجمو:- (اي پيغمبر) يهودين ۽ مشرڪن کي مؤمنن لاءِ ٻين ماڻهن کان بلڪل وڏيڪ دشمني ڪرڻ وارو ضرور ڏسندين.

مديني جا ڪجهه ماڻهو ٻنهي ٽولن جا هم خيال ۽ ٻانهن ٻيلي هئا. انهن جڏهن ڏٺو ته پنهنجو وقار برقرار رکڻ جي ٻي ڪا واهه نه بچي آهي تڏهن انهن ڏيکاءَ خاطر اسلام

قبوليو. اهو عبدالله بن ابي ۽ سندس ساٿارين جو ٽولو هو. اهي بہ مسلمانن سان يهودين ۽ مشرڪن ڪان گهڻ نفرت نہ ڪندا هئا.

ان ڪانسواء چوٿون ٽولو بہ هو، يعني اهي بدو جيڪي مديني جي ڀرواڙين ۾ رهندا هئا. انهن کي ڪفر ۽ اسلام سان ڪو سروڪار نہ هو، پر اهي ڦورو ۽ ڌاڙيل هئا، انڪري بدر واري سوڀ جو ڪين بہ ڏک هو. ڪين ڊپ هو تہ مديني ۾ سگهاري حڪومت نهي پئي تہ سندن ڦرلٽ ڪرڻ جو رستو بند ٿي ويندو. انڪري سندن دليل ۾ بہ مسلمانن خلاف ڪدورت گهر ڪري وئي ۽ اهي مسلمانن جا ويري ٿي پيا.

اهڙيءَ طرح مسلمان چئني پاسان خطري ۾ گهرجي ويا، پر مسلمانن جي سلسلي ۾ هر ڌر جو ردعمل ٻي ڌر ڪان مختلف هو. هر ڌر پنهنجي حال سارو اهڙ وطريقو اختيار ڪيو هو، جيڪو سندن دلي مقصد جو پورائو ڪري سگهي. جيئن مديني وارن، مسلمان ٿي اندارن اندر سازشون ڪرڻ شروع ڪيون. يهودين جو هڪ ٽولو ڪليو ڪلايو دشمنيءَ تي لهي پيو. مڪي وارن زوردار حملي ڪرڻ جي ڌمڪين سان

ڳڏ بدلو ونڻ جو ڪليو اعلان ڪيو. ويڙهه لاءِ سندن تياريون ڪليو ڪلايو ٿي رهيون هيون، ڇڻ هو مسلمانن کي اهو ٻڌائي رهيا هجن تہ:

ولا بدمن يوم اغرّ محجل يطول استماعي بعده للنوادب

يعني هڪ اهڙو ڇتو ۽ سهائو ڏينهن ضروري آهي، جنهن ڪانپوءِ ڊگهي مدي تائين روئڻ پٽڻ وارين جا نوحہ ٻڌندو رهان.

سال کن ڪانپوءِ اهي سچ پچ هڪ ويڙہ لاءِ مديني تائين هلي آيا. جيڪا تاريخ ۾ غزوه احد جي نالي سان مشهور آهي ۽ جنهن جو مسلمانن جي شهرت ۽ ساک تي برو اثر پيو هو.

انهن خطرن کان نبرڻ لاءِ مسلمانن وڏا قدم کنيا، جن مان پاڻ سڳورن ﷺ جي قائداڻين صلاحيتن جو پتو پوي ٿو ۽ اهو پڌرو ٿئي ٿو تہ مديني جي قيادت انهن سمورن خطرن کان پليءَ پٽ پاقف هئي ۽ انهن سان منهن ڏين لاءِ

ڪيتري قدر تيار هئي. ايندڙ سٽن ۾ ان جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

1. غزوه بني سليم، ڪدور وٽ:- بدر جي جنگ کانپوء سپ کان پهرين مديني ۾ پهتل اهم خبر اها هئي ته غطفان قبيلي جي شاخ بنو سليم وارا مديني تي ڪاهڻ لاء فوج پيا گڏ ڪن. ان جي جواب ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ٻه سؤ سوارن سان سندن پنهنجي علائقي ۾ وڃي هلان ڪئي ۽ ڪدور (1) وٽ انهن کي وڃي پهتا. بنو سليم وارن ۾ اچانڪ ٿيل حملي ڪري ڀاڄ پئجي وئي ۽ اهي ڇڙوڇڙ حالت ۾ واديءَ ۾ پنج سؤ اٺ ڇڏي وني پهتا. جنهن تي مديني جي

(1) ڪدور ۾ ڪ تي پيش ايندو. اهو ميٽي جهرڪيءَ جو هڪ قسم آهي. پر هتي بنو سليم جي هڪ چشمي جي نالي طور ڄاڻايل آهي، جيڪو نجدم ۾ مڪي کان (نجد وڃڻ واري رستي کان) شام وڃڻ واري لنگهه تي آهي.)

لشڪر قبضو ڪيو ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ان مان خمس (پنجين پتي) ڪڍي بچيل مال، جوڌن ۾ ورهائي ڇڏيو. هر ڪنهن جي پتيءَ ۾ ٻه ٻه اٺ آيا. هن غزوي ۾ يسار نالي

هڪ ٻانهو هٿ آيو، جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ آزاد ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ٽي ڏينهن اتي رهي مديني موٽيا.

اها ويڙهہ شوال سنہ 2 هه ۾ بدر کان موٽڻ جي رڳو ٽن ڏينهن بعد ٿي. هن ويڙهہ دوران سباع رضہ بن عرفطہ يا ابن ام مڪتوم رضہ کي مديني جي مهنداري سونپي وئي هئي.

2. پاڻ سڳورن ﷺ کي قتل ڪرڻ جي سازش:- بدر جي جنگ ۾ هارائڻ ڪانپوءِ مشرڪ ڪاوڙ مان ٻ ي قابو ٿي ويا ۽ سڄو مڪو پاڻ سڳورن ﷺ خلاف ڪني وانگر اپامي رهيو هو. نيٺ مڪي جي ٻندلير نوجوانن اها سٽ سٽي تہ (سندن ليکي) ان اختلاف، دشمني، ذلت ۽ خواريءَ جي جڙ (نعوذ باللّٰه) يعني پاڻ سڳورن ﷺ جو ئي انت آڻي ڇڏينداسين.

بدر جي ويڙهہ کان ٿورا ڏينهن پوءِ جو واقعو آهي تہ عمير بن وهب جمحي، جيڪو قريشن جي شيطانن مان هو ۽ مڪي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن کي اهنج رسائيندو رهندو هو ۽ هاڻي ان جو پٽ وهب بن عمير بدر جي

جنگ ۾ مسلمانن وٽ ٻاندي ٿيل هو. ان عمير هڪ ڏينهن صفوان بن اميہ سان حطيم ۾ ويهي بدر جي کوهہ ۾ اڇلايل مقتولن بابت ڳالهايو. ان تي صفوان چيو تہ "خدا جو قسم! انهن کانپوءِ جيئڻ جو مزو نٿو اچي." جواب ۾ عمر چيو تہ "خدا جو قسم! سچ پيو چوين. خدا جو قسم! جيڪڏهن مون تي قرض نہ هجي ها، جيڪو ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهہ ڪونهي ۽ ٻار ٻچا نہ هجن ها. جن بابت مونکي ڊپ آهي تہ اهي دربدر ٿي ويندا تہ آئون سوار ٿي محمد ﷺ وٽ وڃان ها ۽ کيس ماري وجهان ها. ڇو تہ مون لاءِ اتي وڃڻ جو هڪ سبب پڻ آهي. منهنجو پٽ انهن وٽ ٻاندي ٿيل آهي."

صفوان ان صورتحال کي غنيمت ڄاڻي چيو تہ "چڱو ڀلا! تنهنجو قرض آئون پاڻهي ڀريندس ۽ تنهنجا ٻارٻچا جيستائين آهن، آئون انهن کي پنهنجو سمجهي سنڀاليندس. ائين ڪونہ ٿيندو تہ مون وٽ ڪا شيءِ هجي ۽ اها انهن کي نہ ملي."

عمير چيو تہ"چڱو هاڻي منهنجو ۽ تنهنجو اهو معاملو ڳجهو رکجان." صفوان چيو تہ ٺيڪ آهي، آئون ائين ئي ڪندس.

ان بعدعمر پنهنجي تلوار جي ڌار تکي ڪرائي ۽ ان کي زهر مکايو. پوءِ روانو ٿيو ۽ مديني پهتو، پر اڃ هو مسجد جي در وٽ پنهنجي ڏاچي ويهاري ئي رهيو هو جو حضرت عمر رضہ جن کيس ڏسي ورتو. اهي مسلمانن جي هڪ ٽولي کي بدر جي جنگ ۾ الله تعاليٰ جي نوازشن بابت ٻڌائي رهيا هئا. انهن ڏسندي ئي چيو تہ "هي ڪتو، الله جو ويري عمير، ڪنهن بري نيت سان آيو آهي." پوءِ انهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ پهچي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلى الله عليه وسلم! الله جو ويري عمير پنهنجي تلوار ٻڌي آيو آهي. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ ان کي مون وٽ وٺي اچ. عمير آيو تہ حضرت عمر رضہ جن سندس تلوار ٻڌڻ واري پٽي کي ڳلي وٽان جهلي، ڪجهہ انصارن کي چيو تہ توهان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ وڃي ويهي رهو ۽ هن پليت کان هوشيار ٿي ويهجوءِ. ڇو تہ هي ڀروسي جوڳو نہ آهي. ان کانپوءِ

حضرت عمر رضہ عمير کي اندر وٺي ويو. پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن ڏٺو تہ حضرت عمر رضہ تلوار جو پٽو سندس ڳچيءَ ۾ وجهي ڪيس وٺيو پيو اچي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اي عمر! هن کي ڇڏي ڏي ۽ فرمايائون تہ اي عمير تون ويجهو اچ. پوءِ اهو ويجهو آيو ۽ چيائين تہ صبح بخير! پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ الله تعاليٰ اسانکي هڪ اهڙي سلام سان نوازيو آهي، جيڪو توهانجي ان ڪيڪار کان پلو آهي، يعني سلا. جيڪا جنت وارن جي ڪيڪار پچار آهي.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اي عمير! تون ڇو آيو آهين؟ ان وراڻيو تہ اهو بنادي جيڪو اوهانجي قبضي ۾ آهي، ان لاءِ آيو آهيان. توهان ان بابت احسان ڪريو.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پوءِ ڳلي ۾ تلوار لٽڪائي ڇو آيو آهين؟ هن چيو تہ الله انهنتلوارن جو ستياناس ڪري جو اهي اسانجي ڪنهن ڪن نہ آيون.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ سچي ٻڌاءِ ڇو آيو آهين؟ هن وراڻيو تہ رڳو هن بانديءَ لاءِ آيو آهيان.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو "نہ بلڪ تو ۽ صفوان بن اميہ حطيم ۾ ويهي قريشن جا جيڪي مئل، کوھہ ۾ اڇليا وياآهن، انهن بابت ڳالهايو. پوءِ تو چيو تہ جيڪڏهن مون تي قرض نہ هجي ها ۽ منهنجا ٻارٻچا نہ هجن ها تہ آئون هتان وڃي محمد صلى الله عليه وسلم کي ماري وجهان ها. ان تي صفوان تنهنجي قرض ۽ ٻارن ٻچن جي ذميدار ان شرط تي کنئي تہ تون مونکي ماري اچ. پر ياد رک تہ الله منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ آڙ آهي.

عمير چيو تہ "آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ توهان الله جا رسول آهيو. يا رسول الله صلى الله عليه وسلم! توهان اسان وٽ آسمان جون جيڪي خبرون آڻيندا هئا ۽ توهان تي جيڪا وحي نازل ٿيندي هئي، ان کي اسان ڪوڙو چوندا هئاسين. پر هي تہ اهڙو معاملو آهي، جنهن ۾ مون کان ۽ صفوان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ موجود نہ هو. انڪري والله مونکي پڪ آهي تہ اها ڳالهہ الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن توهان تائين نہ پهچائي آهي. بس ساراهہ آهي الله جي، جنهن مونکي هدايت ڏني ۽ هن جڳهہ تائين پهچايو." پوءِ عمير اشهد جو ڪلمو پڙهيو ۽

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن کي مخاطب ٿي فرمايو تہ "پنهنجي ڀاءُ کي دين سمجهايو، قرآن پڙهايو ۽ ان جيباديءَ کي آزاد ڪري ڇڏيو."

هوڏانهن صفوان ماڻهن کي چوندو وتيو تہ اها خوشخبري ٻڌي ڇڏيو تہ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيندو، جيڪو بدر وارا سور وسرائي ڇڏيندو. گڏوگڏ هو اچڻ وڃڻ وارن کان عمر رضہ جن بابت پڇندو بہ رهندو هو. نيٺ ڪيس هڪ مسافر ٻڌايو تہ عمير رضہ مسلمان ٿي چڪو آهي. اهو ٻڌي صفوان قسم کنيو تہ ساڻس ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندو ۽ نہ ڪڏهن ڪيس ڪو فائدو پهچائيندو. هوڏانهن عمير رضہ جن اسلام جي تعليم وٺي مڪي موٽيا ۽ اتي ئي رهي اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪيائون. سندن هٿ تي گهڻا ئي ماڻهو مسلمان ٿيا.

3. غزوه بني قينقاع:- پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم مديني اچڻ بعد يهودين سان جيڪو ناهہ ڪيو هو، جنهن جا شرط گذريل صفحن تي لکجي چڪا آهن، پاڻ سڳورن جي پوري ڪوشش ۽ خواهش هئي تہ ان ناهہ جي شرطن تي عمل ٿيندو رهي.

تنهنڪري مسلمانن پاران اهڙو ڪوبہ قدم نہ ڪنيو ويو، جيڪو ان ناهہ جي هڪ حرف جي بہ ابتڙ هجي. پر يهودي، جن جي تاريخ بغاوت، ڏوڪيبازي ۽ وعده خلافيءَ جي واقعن سان پريل آهي، انهن ترت ئي پنهنجن پراڻين حرڪتن ڪي ورجائڻ شروع ڪيو ۽ مسلمانن جي صفن ۾ ڏار وجهڻ، سازشون ڪرڻ ۽ فساد ۽ بيچيني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش سروع ڪري ڏنائون. ان جو هڪ مثال هتي ڏنندا هلو.

يهودين جي چالاڪيءَ جو هڪ نمونو:- ابن اسحاق جاڻايو آهي تہ هڪ پوڙهو يهودي شاش بن قيس، جيڪو مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي پهتو هو ۽ وڏو ڪٽر ڪافر هو ۽ مسلمانن سان سخت وير رکندو هو ۽ حسد ڪندو هو. اهو هڪ پيري اصحابي سڳورن جي هڪ مجلس وٽان لنگهيو جنهن ۾ اوس ۽ خزرج، ٻنهي قبيلن جا ماڻهو پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. ڪيس اهو ڏسي ڏاڍو ڏچڪو رسيو تہ هاڻي انهن ۾ جهالت واريءَ دشمنيءَ بدران اسلام جي الفت ۽ اجتماعيت جڳهہ والاري وئي آهي ۽ سندن پراڻا جهڳڙا ختم ٿي ويا آهن. چوڻ لڳو تہ "اڙي هتي تہ بنو قيلہ جا چڱا مڙس پاڻ ۾

ڪير ڪندڙ ٿي ويا آهن. بخدا انهن اشرافن جي ٻڏيءَ ڪانپوء اسانجي هتي دال ڳرندي نظر نٿي اچي." پوء هن هڪ يهودي نوجوان کي، جيڪو ساڻس گڏ هو، حڪم ڏنو تهان مجلس ۾ وڃي ۽ انهن سا ويهي پوء بعاث واري جنگ ۽ انکان اڳ جون ڳالهيون چوري ۽ انسلسلي ۾ ٻنهي ڌرين جي چيل شاعريءَ مان ٻہ ڪجهہ پڙهي انهن کي ٻڌائي. ان يهوديءَ ائين ڪيو. نتيجي ۾ اوس ۽ خزرج ۾ ڏي وٺ ٿي وئي. همراهہ تڪا مٺا ٿي ويا ۽ هڪٻئي تي پنهنجي وڏائي بيان ڪرڻ لڳا. تانت ٻنهي قبيلن جا سپ ماڻهو گوڏن پر ويهي هڪٻئي کي ٺوڪون ۽ طعنا هڻڻ لڳا. پوء هڪ ڌر ٻيءَ کي چيو تہ جي اوهان چاهيو تہ پوء وري ڪٽي جنگ ڪجي. (مقصد اهو هو تہ اسين اهڙي ويڙهہ لاء هينئر بہ تيار آهيون، جيڪا اڳ ۾ وڙهي وئي هئي.) ان تي ٻنهي ڌرين ۾ تاءُ اچي ويو ۽ چيائون تہ هلو اسين بہ تيار آهيون. حره ۾ مقابلو ٿيندو. هٿيار ...! هٿيار........!

۽ پوء ماڻهو هٿيار کڻي حره ڏانهن وڃڻ لڳا. بس ويڙهہ ٿيڻ واري هئي جو پاڻ سڳورن ﷺ کي پتو پئجي

ويو. پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجن مهاجر اصحابي سڳورن کي ساڻ ڪري تڪڙا انهن وٽ پهتا ۽ فرمايائون تہ "اي مسلمانو! الله......الله......منهنجي هوندي بہ جاهليوت وارا سڏ! ۽ اهي بہ ان حالت ۾ جو الله توهان کي اسلام جي هدايت سان مالامال ڪري چڪو آهي ۽ ان جي ذريعي توهان کان جاهليت جون رسمون ختم ڪري، توهان کي ڪفر کان ڇوٽڪارو ڏياري توهان جون دليون پاڻ ۾ ڳنڍي چڪو آهي." پاڻ سڳورن ﷺ جي نصيحت ٻڌي اصحابي سڳورن کي احساس ٿيو تہ سندن حرڪت شيطان جو هڪ جهٽڪو ۽ دشمنن جي چال هئي. پوء اهي اڇي روئڻ ۾ پيا ۽ اوس ۽ خزرج وارا هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائڻ لڳا. پوء پاڻ سڳورن ﷺ جي پويان ان طرح واپس وريا جو الله سندن دشمن شاش بن قيس جي چالاڪيءَ سان لڳايل باهہ وسائي چڪو هو. (1)

(1) ابن هشام 1/555، 556

اهو انهن فسادن ۽ بيچينيءَ جو هڪ نمونو هو، جيڪي يهودي مسلمانن جي صفن ۾ برپا ڪرڻ جي ڪوشش

ڪندا رهيا هئا. اهڙ ڪمن لاءِ انهن مختلف رٿائون جوڙيون هيون. اهي ڪوڙا افواهہ ڦهلائيندا هئا. صبح جو مسلمان ٿي شام جو وري ڪافر ٿي ويندا هئا تہ جيئن ڪمزور ۽ سادن مسلمانن جي دليم ۾ شڪ جو ٻج وجهي سگهن. ڪنهن وٽ رهت هوندي هئن ۽ اهو مسلمان ٿي ويندو هو تہ ان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا هئا ۽ رهت لاءِ صبح شام گهر پيا ڪندا هئا ۽ جي ان مسلمان جا قرضي هوندا هئا تہ ان کي ادا نہ ڪندا هئا. بلڪہ ڦبائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ تنهنجي رهت اسان تي تڏهن هئي، جڏهن تون اباني دين تي هئين پر هاڻي جڏهن تو دين مٽايو آهي تہ پوءِ اسانجي ۽ تنهنجي ڪابہ ڏيتي ليتي ڪانهي. (1)

(1)

مفسرن آل عمران سوره جي تفسير ۾ سندن اهڙين حرڪتن جو ذڪر ڪيو آهي.

ياد رهي تہ يهودين، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان معادهو ڪرڻ ڪانپوءِ بدر جي جنگ کان اڳ ئي اهي سڀ حرڪتون شروع ڪري ڇڏيون هيون .هوڏانهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽

اصحابي سڀئي يهودين جي سڏيءَ راهه تي اچن جي آس تي اهي سڀ ڳالهيون سهي رهيا هئا. ان ڪانسواءِ انهن علائقي ۾ امن ۽ سلامتيءَ جو ماحول برقرار رکڻ بہ گهريو ٿي.

بنوقينقاع جي عهد شڪني:- جڏهن يهودين ڏٺو تہ الله تعاليٰ بدر جي ميدان ۾ مسلمانن جي وڏي مدد ڪئي ۽ کين وڏي سوڀ سا نوازيو ۽ انهن جو رعب ۽ دٻدٻو پري پري تائين ماڻهن جي دلين ۾ ويهي ويو آهي تہ انهن جي حسن جي باهہ تيز ٿي وئي ۽ انهن کليو کلايو دشمني ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اهنج ۽ ايذاءَ ڏيڻ تي لهي آيا.

انهن ۾ سڀ کان وڏيڪ دل جو پليت ۽ ڏنگو ڪعب بن اشرف هو، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. ان طرح ٽنهي يهودي قبيلن مان سڀ کان وڏيڪ ڏنگو قبيلو بنو قينقاع هو. اهي ماڻهو مديني جي اندر ئي رهندا هئا ۽ سندن پاڙو بہ سندن نالي سان سڏبو هو. اهي ماڻهو ڌنڌي جي لحاظ کان سونارا، لوهار ۽ ڪنير هئا. انهن ڌنڌن ڪارڻ سندن هر ماڻهوءَ وٽ ڪافي جنگي سامان هو. سندن ويڙهاڪ جوانن جو انگ ست سؤ تائين هو ۽ اهي مديني جا سڀ کان بهادر

يهودي هئا. انهن ئي سڀ کان پهرين عهد ٽوڙيو. جنهن جو تفصيل هن طرح آهي.

الله پاران بدر جي جنگ ۾ مسلمانن کي سوڀارو ڪرڻ ڪانپوءِ انهن جي سرڪشيءَ ۾ واڌ اچي وئي. انهن پنهنجن ڏنگاين، باڻتن ۽ فساد ڪرائڻ وارين حرڪتن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو. پوءِ جيڪي مسلمان سندن بازار۾ ويندا هئا، انهن سان ٺٺوليون 7 مشڪري ڪندا هئا. ويندي مسلمان ماين سان بہ ڇيڙڇاڙ ڪندا هئا.

جڏهن ڳالهہ وڌي وئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کين گڏ ڪري سمجهايو ۽ کين ظلم ۽ بغاوت جي انجام کان ڊيڄاري سڌي راهہ تي هلڻ جي دعوت ڏني. پر ان سان سندن ڏنگاين ۽ هوڏ ۾ ويتر واڌ اچي وئي. جيئن امام ابودائود رحہ ۽ ٻين حضرت ابن عباس رضہ کان روايت ڪئي آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ قريشن کي بدر جي ڏينهن شڪست ڏني ۽ پاڻ سڳورا ﷺ مديني موٽيا تہ بنو قينقاع جي بازار ۾ يهودين کي گڏ ڪري فرمايائون تہ "اي يهوديو! ان کان اڳ اسلام قبول ڪري وٺو جو توهان تي بہ

اهڙي مار پئي، جهڙي قريشن تي پئجي چڪي آهي." انهن چيو ته "اي محمد ﷺ! توکي انڪري خود فريبيءَ ۾ مبتلا نه ٿيڻ گهرجي جو تنهنجو مقابلو قريشن جي نااهل ۽ جنگ کان ناواقف ماڻهن سان ٿيو ۽ تو انهن کي ماري ڀڄايو. جڏهن تنهنجي ويڙهه اسان سان ٿي پئي ته توکي پتو پوندو ته اسين مڙس ماڻهو آهيون ۽ اسان جهڙن سان اڳ ڪڏهن به توهان جو پانڊ نه اٽڪيو هو." ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪئي. (1)

(1) سنن ابي دائود مع عون المعبود 115/3، ابن هشام 552/1

قل للذين .... ولي الابصار (3: 12/13)

ترجمو:- (اي پيغمبر!) ڪافرن کي چئه ته سگهو مغلوب ٿيندؤ ۽ دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ ۽ اهو بڇڙو ماڳ آهي. انهن ٻن ٽولين جي پاڻ ۾ ويڙهه ڪرڻ ۾ اوهان لاءِ بيشڪ نشاني آهي. هڪ ٽولي الله جي واٽ ۾ وڙهي ۽ ٻي ڪافرن (جي) هئي (مسلمانن) کين پنهنجي ٻيڻ جيترو اکين سان ڏٺو ٿي ۽ الله! جنهن کي وڻيس، تنهنکي پنهنجي مدد سان

سگهہ ڏيندو آهي. ڇو تہ ان ۾ (سمجهہ جي) اکين وارن لاءِ ضرور عبرت آهي.

مطلب تہ قينقاع وارن جيڪو جواب ڏنو هو، ان جو ڇڻو مطلب جنگ جو اعلان هو. پر پاڻ سڳورن ﷺ درگذر کان ڪم ورتو ۽ صبر ڪيو. مسلمانن بہ صبر ڪيو ۽ ايندڙ وقت جو انتظار ڪرڻ لڳا.

هوڏانهن ان نصيحت کانپوءِ بنو قينقاع جون ڏنگايون ويتر چوٽ چڙهي ويون. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ ئي انهن مديني ۾ وڏو هنگامو ڪرائي وڌو. جنهن جي نتيجي ۾ انهن پنهنجن ئي هٿن سان پنهنجي قبر کوٽي وڌي ۽ پاڻ لاءِ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيائون.

ابن هشام، ابوعون کان روايت آندي آهي تہ هڪ عرب مائي بنو قينقاع جي بازار ۾ ڪجهہ سامان کڻي آئي ۽ وڪڻي (ڪنهن گهرج تحت) هڪ نوناري وٽ ويهي رهي، جيڪو يهودي هو. يهودين سندس نقاب هٽائڻ گهريو پر ان انڪار ڪيو. ان تي ان سوناري ماٺ ۾ سندس ڪپڙي جو پوڇڙ پنئين پاسي ٻڌي ڇڏيو ۽ ڪيس خبر نہ پئي. جڏهن هوءَ

اتي تہ بي پرده ٿي پئي. جنهن تي يهودي ٺهڪ ڏيڻ لڳا. ان تي مائيءَ ونئي رڙيون ڪيون، جيڪي ٻڌي هڪ مسلمان ان سوناري تي حملو ڪري ڪيس ماري وڌو. موٽ ۾ يهودين بہ ان مسلمان کي ماري وڌو. ان ڪانپوءِ مقتول مسلمان جي گهر وارن رڙيون ونئي ڪيون ۽ يهودين جي دانهن مسلمانن کي ڏنائون. نتيجي ۾ مسلمانن ۽ بنو قينقاع جي يهودين ۾ وڳوڙ مچي ويو. (1)

(1) ابن هشام 47/2، 48

<u>ڪڙو چاڙهڻ، هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ جلاوطني:-</u> هن واقعي ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي سهپ ڪان ڳالهہ وڌي وئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ مديني جي نگراني ابو لبابہ رضہ بن منظر جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ، حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضہ جي هٿن ۾ مسلمانن جو جهندو ڏئي الله جو لشڪر ساڻ ڪري بنو قينقاع ڏي روانا ٿيا. انهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ايندي ڏٺو تہ وڃي قلعي ۾ لڪا. پاڻ سڳورن ﷺ گهيراءُ ڪري ورتو. اهو جمع جو ڏينهن ۽ شوال سنهہ 2 هہ جي پنڌرهين تاريخ هئي. ذوالقعد جو چنڊ ڏسجڻ تائين پنڌرنهن

ڏينهن گهيراءُ هليو. پوءِ الله تعاليٰ سندن دليلن تي خوف طاري ڪري ڇڏيو. جنهن جي سنت ئي اها آهي ته جڏهن ڪنهن قوم کي شڪست ۽ خواري نصيب ڪندو آهي ته انهن جي دلين ۾ دپ وجهي ڇڏيندو آهي. تنهن ڪانپوءِ بنو قينقاع وارن ان شرط تي هٿيار ڦٽا ڪيا ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم سندن جان، مال، ٻارن ۽ ٻچن بابت جيڪو فيصلو ڪندا، اهو کين منظور هوندو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي حڪم تي سڀني کي ٻڌو ويو.

ان موقعي تي عبدالله بن ابي منافقاڻو ڪردار ادا ڪيو. هن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم کي ڏاڍيون منٿون ميڙون ڪيو ته انهن بابت معافيءَ جو حڪم ڪن. هن چيو ته "اي محمد صلي الله عليه وسلم! منهنجن حليفن تي احسان ڪريو." ياد رهي ته بنو قينقاع، خزرج وارن جا حليف هئا. پر پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم ترسي پيا. ان تي هن وري ڳالهه ورجائي. پر هن پيري پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم ڪانئس منهن موڙي ڇڏيو. پر هو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو دامن جهلي بيهي رهيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم فرمايو ته مونکي ڇڏ! ۽ ايڏو ڪاوڙيا جو ماٺهن سندن منهن

مبارڪ تي ڪاوڙ جو سايو ڏٺو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مار پوئي! مونکي ڇڏ!" پر هن منافق وري زور پريو ۽ چيائين تہ "خدا جوقسم! آئون ايستائين ڪونہ ڇڏيندس، جيستائين توهان منهنجن حليفن تي احسان نہ ڪندا. چار سؤ بنا زرهہ وارا جوان ۽ ٽي سؤ زرهہ پوش، جن مونکي آنڌي مانجهيءَ ۾ بچايو هو، توهان انهن کي هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪهي ڇڏيندا؟ والله! آئون تہ زماني جي لاهن چاڙهن جو ڊپ پيو محسوس ڪريان."

نيٺ پاڻ سڳورن ﷺ ان منافق جي (جنهن کي اسلام قبوليندي اجا مهينو بہ نہ ٿيو هو) ڳالهہ مڃي ۽ ان جي ڪري سيني جي جان بخشي وئي. البتہ کين حڪم ڏنو ويو تہ اهي مديني مان نڪري وڃن ۽ پرپاسيءِ ڪٿي بہ نہ رهن. پوءِ اهي سڀ اذرعات شام ڏي هليا ويا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ انهن مان گهڻا مري ويا.

پاڻ سڳورن ﷺ سندن مال ضبط ڪري ورتو. جن مان ٽي ڪمانون، ٻہ زرهون، ٽي تلوارون ۽ ٽي نيزا پاڻ لاءِ چونڊيائون ۽ غنيمت جي مال مان خمس بہ ڪڍيائون.

غنيمت گڏ ڪرڻ جو ڪم محمد بن مسلمہ رضہ جن جي حوالي ڪيو ويو. (1)

(1) زاد المعاد 71/2، 91 - ابن هشام 47/2، 48، 49

4. غزوه سويق:- هڪ پاسي صفوان بن اميہ، يهودي ۽ منافق پنهنجن سازشن ۾ رڌل هئا تہ ٻئي پاسي ابو سفيان بہ اهڙو ڪو ڪم ڪرڻ جو وجهہ ڳولهي رهيو هو، جيڪو گهٽ خرچ وارو ۽ اثرائتو هجي. هن اهڙي ڪارروائي تڪڙي ڪري پنهنجي قوم جي پت رکڻ ۽ ان جي سگهہ جو اظهار ڪرڻ چاهيو ٿي. ان باس باسي هئي تہ ايستائين تڙ نہ ڪندو، جيستائين پاڻ سڳورن ﷺ سان ويڙهہ نہ ڪري وٺي. هو پنهنجو قسم پاڙڻ لاءِ بہ سؤ سوار وٺي نڪتو ۽ قنات جي واديءَ جي پوڇڙ وٽ نيب نالي هڪ جبل جي هيٺان اچي خيما کوڙيائين. مديني کان ان جو فاصلو اٽڪل ٻارنهن ميل آهي. پر جيئن تہ ابوسفيان مديني تي سڌي سنئين ڪاهہ ڪرڻ جي همٿ نتي ڪري سگهيو، انڪري هن هڪ اهڙو ڪم ڪيو، جنهن کي ڦر سان ملندر جلندڙ ڪم چئي

سگهجي ٿو. ان جو تفصيل هن ريت آهي تہ هو رات جي اونده ۾ مديني جي ويجهو پهتو ۽ حي بن اخطب وٽ وڃي ان جو در کڙڪايائين. حيي، انجام جي ڊپ کان در کولڻ کان انڪار ڪيو. ابوسفيان موٽي بنونضير جي هڪ سردار سلام بن مشڪم وٽ پهتو، جيڪو بنو نضير جو خزانچي هو. ابوسفيان اندر اچڻ جي اجازت گهري. هن موڪل بہ ڏني ۽ آڌر ڀاءُ بہ ڪئي. ماني ٽڪيءَ کانسواءِ شراب پڻ پياري ۽ ڪيس راز جون ڳالهيون ٻڌايائين. رات جي پوئين پهر ابو سفيان اتان نڪري پنهنجن ساٿارين وٽ پڳو ۽ انهن جو هڪ ٽولو وٺي مديني جي ڀرپاسي ۾ عريض نالي جاءِ تي حملو ڪيائين ان ٽولي اتي ڪجين جا ڪجهہ وڻ ڪٽي ساڙي ڇڏيا ۽ هڪ انصاري ۽ ان جي حليف کي ٻنيءَ ۾ ڏسي ماري وڌائون ۽ تڪڙا تڪڙا مڪي ڀڄي ويا. پاڻ سڳورا ﷺ واردات جي خبر ملڻ شرط ابوسفيان ۽ ان جي ساٿين جي ڪڍ لڳا پراهي تڪا ڀڄا هئا. انڪري هٿ نہ اچي سگهيا. پر انهن بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ستو، توشو ۽ ٻيو گهڻو ئي سامان اڇلائي ڇڏيو هو، جيڪو مسلمانن جي هٿ لڳو. پاڻ سڳورا

ﷺ قرقره الكدر تائين وجي موٽي آيا. مسلمان ستو وغيره ڪٽي آيا ۽ هن مهم جو نالو غذوه سوق رکيو ويو. (سوقي عربي ٻوليءَ ۾ ستو کي چئجي ٿو.) اهو غزوو، بدر جي لڙائيءَ کان رڳو ٻه مهينا پوءِ ذوالحج سنہ 2 ھ ۾ ٿيو. هن غزوي دوران مديني جي سنڀال جو ڪم ابو لبابہ بن عبدالمنذر رضہ جن جي حوالي ڪيو ويو هو. (1)

(1)زاد المعاد 2/90، 91 - ابن هشام 2/44، 45

5. غزوه ذي امر:- بدر ۽ احد جي وچ واري عرصي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳواڻيءَ ۾ اها سڀ کان وڏي فوجي مهم هئي، جيڪا محرم سنہ 3 ھ ۾ پيش آهي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي پتو پيو تہ بنو ثعلبہ ۽ محرب جو وڏو ٽولو مديني تي ڪاهڻ لاء گڏ ٿي رهيو آهي. اها خبر ملڻ شرط پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن کي تيار ٿيڻ جو حڪم ڪيو ۽ سوارن ۽ پيادن تي ٻڌل ساڍا چار سؤ ماڻهن جي فوج وٺي نڪتا ۽ حضرت عثمان رضہ کي مديني ۾ پنهنجو جانشين مقرر ڪري ويا.

رستي تي اصحابي سڳورن بنو ثعلبہ جي جبار نالي هڪ همراهہ کي جهلي پاڻ سڳورن ﷺ آڏو پيش ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ کيس اسلام جي دعوت ڏني. هن اسلام قبوليو. ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ کيس حضرت بلال رضہ جي حوالي ڪيو ۽ ان سونهو بڻجي مسلمانن کي دشمنن جي سرزمين جو رستو ڏيکاريو.

هوڏانهن ويرين کي مديني جي لشڪر پهچڻ جي خبر پئي تہ اهي پرپاسي جي جبلن ۾ وڃي لڪا پر پاڻ سڳورا ﷺ اڳتي وڌندا ويا ۽ لشڪر سان گڏ ان جڳهہ تي پهتا، جنهن کي دشمنن پنهنجي فوج گڏ ڪرڻ لاءِ چونڊيو هو. اهو حقيقت ۾ هڪ چشمو هو، جيڪو "ذي امر" جي نالي سان مشهور هو. پاڻ سڳورن ﷺ اتي بدوئن تي رعب ۽ دٻدٻو ويهارڻ لاءِ کين مسلمانن جي سگهہ جو احساس ڏيارڻ لاءِ صفر سنہ 3 هہ جو اٽڪل سڄو مهينو اتي گذاريو ۽ ان کانپوءِ مديني ڏانهن موٽيا. (1)

(1) ابن هشام 46/2، زاد المعاد 91/2 چيو وڃي ٿو تہ دعثور يا غورث محاربيءَ هن جنگ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ

ڪي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر صحيح اهو آهي تہ اهو واقعو هڪ ٻي غزوي ۾ پيش آيو. ڏسو صحيح بخاري 593/2

6. كعب بن اشرف جو قتل:- هي هڪ اهڙو يهودي هو، جيڪو اسلام ۽ مسلمانن سان سخت وير رکندو هو. هو پاڻ سڳورن ﷺ کي ايذاءُ پهچائيندو رهندو هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ خلاف کليو کلايو جنگ ڪرڻ جي دعوت ڏيندو وتندو هو. سندس تعلق طي قبيلي جي شاخ بنو نبهان سان هو ۽ ان جي ماءُ بني نضير قبيلي مان هئي. هو وڏو مالدار ۽ سرمائيدار هو. عربستان ۾ سندس حسن ۽ جمال جي هوڪار متل هئي. هو هڪ مشهور شاعر بہ هو. سندس قلعو مديني جي ڏکڻ ۾ بنو نضير جي وسنديءَ جي پٺيان هو. کيس بدر جي جنگ۾ مسلمانن جي سوڀ ۽ قريش سردارن جي مارجڻ جي پهرين خبر ملي تہ بيساختہ چئي ڏنائين تہ "ڇا سچ پچ ائين ٿيو آهي؟ اهي عربستان جا اشراف ۽

بادشاهه هئا. جي محمد ﷺ انهن کي ماري وڌو آهي ته پوءِ اسانجي لاءِ اهو بڌي مرڻ جو مقام آهي."

۽ جڏهن ڪيس واقعي جي پڪي خبر ملي ته الله جو هيءُ دشمن پاڻ سڳورن ﷺ ۽ مسلمانن کي گاريون ڏيڻ ۽ اسلام جي دشمنن جي ساراهه ڪرڻ لڳو ۽ ڪين مسلمانن لاف پڙڪائڻ لڳو. ان مان هانءَ تي ڇندو نه پيس ته قريشن وٽ هلي ويو ۽ مطلب بن ابي وداعه سهمي جو مهمان بڻيو. پوءِ مشرڪن کي غيرت ڏيارڻ ۽ وير وٺڻ جي جذبي کي وڌائڻ ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان وڙهڻ لاءِ راضي ڪرڻ خاطر شعر چئي چئي انهن قريش سردارن جو ماتم ڪرڻ لڳو، جن کي بدر جي جنگ ۾ مارڻ کانپوءِ کوهه ۾ اڇلايو ويو هو. ان دوران ابوسفيان ۽ بين مشرڪن کانئس پڇيو ته اسانجو دين تو لاءِ وڌيڪ وڻندڙ آهي يا محمد ۽ ان جي ساٿين جو؟ ۽ ٻنهي مان ڪهڙي ڌر حق تي آهي؟ ڪعب بن اشرف چيو ته "توهان انهن کان وڌيڪ حق تي ۽ وڌيڪ ڀلارا آهيو." ان سلسلي ۾الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪئي.

الم تر الي ....آمنو سبيلا (4: 51)

ترجمو:- (اي پيغمبر) انهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان ڀاڱو ڏنو ويو تہ اهي بتن ۽ شيطان کي مڃيندا آهن ۽ ڪافرن لاءِ چوندا آهن تہ هيءَ ٽولي مؤمنن کان وڌيڪ سنئين واٽ واري آهي.

ڪعب بن اشرف اهو سڀ ڪجهہ ڪري مديني موٽي آيو ۽ هتي اچي اصحابي سڳورن جي عورتن بابت واهيات شعر چوڻ لڳو ۽ پنهنجي ڪني زبان سان ڪين سخت اذيت رسايائين.

اهي ئي حالتون هيون جو پاڻ سڳورن ﷺ تنگ ٿي فرمايو تہ "ڪير آهي، جيڪو ڪعب بن اشرف کي سيکت ڏي؟" ڇو تہ ان الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي اذيت ڏني آهي."

ان سڏ تي محمد بن مسلمہ رضہ، عباده بن بشر رضہ، ابو نائلہ رضہ، جنهن جو نالو سلڪان بن سلامہ هو ۽ جيڪي ڪعب جا ٽج شريڪ ڀاءُ هئا. حارث بن اوس رضہ ۽ ابو عبس رضہ بن حبر، جن پنهنجو خدمتون آڇيون. ان ننڍڙي ٽولي جا مهندار محمد بن مسلمہ رضہ جن هئا.

ڪعب بن اشرف جي قتل بابت روايتن جو تت اهو آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ڪعب بن اشرف کي ڪير سيڪت ڏيندو؟ ڇو تہ ان الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي اهنج رسايو آهي تہ محمد بن مسلمہ رضہ اٿي چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! آئون حاضر آهيان. ڇا توهان چاهيو ٿا تہ آئون ڪيس ماري وجهان؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ها" انهن عرض ڪيو تہ "تہ پوءِ توهان مونکي ڪجھ چوڻ جي موڪل ڏيو." پاڻ سڳورن ﷺ کين موڪل ڏني."

ان کانپوءِ محمد بن مسلمہ رضہ، ڪعب بن اشرف وٽ پهتا ۽ چيائون تہ "هن شخص (اشارو پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن هئن) اسان کان صدقو گهريو آهي. سچ پڇين تہ اسانکي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو اٿس."

ڪعب چيو تہ "والله توهان تہ اجا بہ گهڻو بيزار ٿيندؤ."

محمد بن مسلمہ رضہ چيو تہ "هاڻي جڏهن اسين سندس پوئلڳ ٿي چڪا آهيون تہ چڱو نٿو لڳي تہ سندس ساٿ ڇڏي وجون، جيستائين سندس انجام نہ ڏسي وٺون تہ

ڇا ٿو ٿئي! چڱو اسان چاهيون ٿا ته توهان اسانکي هڪ وسق يا ٻه وسق اَن ڏيو.

ڪعب چيو ته "مون وٽ ڪجهه گروي رکو."

محمد بن مسلمه رضه چيو ته" توهان ڪهڙي شيء پسند ڪندا؟"

ڪعب چيو ته "پنهنجون مايو مون وٽ گروي رکو."

محمد بن مسلمه رضه جن چيو ته "تو جهڙي عرب جي سڀ کان سهڻي ماڻهوءَ وٽ اسان وٽ پنهنجون مايون ڪيئن ٿا گروي رکي سگهون!"

هن چيو ته "پوء پنهنجا پٽ ئي گروي رکي ڇڏ."

محمد بن مسلمه رضه چيو ته "اسان پنهنجا پٽ ڪيئن ٿا گروي رکي سگهون؟ جي ائين ٿيو ته کين گار ڏني ويندي ته اهي هڪ يا ٻن وسق جي بدلي ۾ گروي رکيا ويا هئا. اها ڳالهه اسان کان نه پڄندي. باقي اسين اوهان وٽ هٿيار گروي رکي ٿا سگهون"

ان کانپوء ٻنهي ۾ طئه ٿي ويو ته محمد بن مسلمه رضه جن (هٿيار کڻي) ان وٽ ايندا.

هوڏانهن ابو نائله رضه جن به اهڙيءَ طرح جو قدم کنيو. يعني ڪعب بن اشرف آيا، ڪجهه دير هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ۽ شعر ٻڌندا ٻڌائيندا رهيا. پوءِ چيائون ته "ادا ابن اشرف! آئون هڪ غرض سان آيو آهيان. اهو ٻڌائڻ ٿو گهرا. پر ان کي پاڻ تائين رکجان." ڪعب چيو ته "نيڪ آهي، آئون ائين ئي ڪندس."

ابو نائله رضه جن چيو ته "ﭘائو هن همراهه (اشارو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڏانهن هئن) جو اچڻ ته اسان لاءِ آزمائش بڻجي ويو آهي. سڄو عربستان اسانجو ويري ٿي پيو آهي. سيئي اسانجي خلاف پاڻ ۾ ملي ويا آهن. اسانجون راهون بند ٿي ويون آهن. ٻار ٻچا تباهه ٿي رهيا آهن. هاڻي ته ماڳهين اچي سر سان لڳي اٿئون. اسان ۽ اسانجا ٻار ٻچا مصيبتن۾ جڪڙيل آهن." ان کانپوءِ انهن ٿورو نموني سان اهڙي ڳالهه ٻولهه ڪئي جهڙي محمد بن مسلمه رضه جن ڪئي هئي. ڳالهين ڳالهين ۾ ابو نائله رضه جن اهو به چيو ته منهنجا ڪجهه ساٿي به منهنجن خيالن جا آهن. آئون انهن

ڪي ٻہ اوهان وٽ وني اچڻ ٿو گهران. توهان انهن کي ٻہ ڪجهہ وڪڻو ۽ انهن تي احسان ڪريو.

محمد بن مسلمہ رضہ ۽ ابو نائلہ رضہ جن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا، ڇو تہ ان ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ هٿيارن ۽ ساٿين سان انهن ٻنهي جي اچڻ تي ڪعب بن اشرف ڇرڪو ڪونہ ها. ان پهرئين مرحلي پوري ڪرڻ ڪانپوءِ 14 ربيع الاول سنہ 3 هہ جي چنڊ واري رات جو اهو ننڍڙو ٽولو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ گڏ ٿيو. پاڻ سڳورا ﷺ بقيع غرقد تائين ساڻن گڏ هليا. پوءِ فرمايائون تہ الله جو نالو وٺي وڃي. الله توهانجي مدد ڪندو. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ گهر ڏي موٽيا ۽ نماز ۽ مناجات ۾ مشغول ٿي ويا.

هوڏانهن هي ٽولو ڪعب بن اشرف جي قلعي جي ويجهو پهتو تہ ابو نائلہ رضہ ڪيس لڏي واڪي سڏ ڪيو. آواز ٻڌي هو انهن وٽ اچڻ لاءِ اٿيو تہ سندس نئين نويلي ڪنوار چيو تہ "هن وقت ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ آئون اهڙو آواز ٻڌي رهي آهيان، جنهن مان رت پيو ٽمي."

ڪعب چيو تہ "اهو تہ منهنجو ڀاءُ محمد بن مسلمہ رضہ ۽ منهنجو ٿڃ شريڪ ساٿي ابو نائلہ رضہ آهي. سخي ماڻهوءَ کي جيڪڏهن موت ڏانهن سڏيو وڃي تہ ان تي بہ هو لبيڪ چوندو. ان ڪانپوءِ هو ٻاهر آيو. هو ڇڻ تہ خوشبوءِ ۾ وهنتل هو ۽ مٿي مان سرهاڻ جو لهرون پئي اٿيونس.

ابو نائلہ رضہ جن پنهنجن ساٿين کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ جڏهن هو ايندو تہ آئون سندس وار جهلي سونگهيندس. جڏهن توهان ڏسو تہ مون سندس مٿو جهلي ڪيس قابو ڪري ورتو آهي تہ ان تي ٽٽي پئجو ۽ ڪيس ماري وجهجوءُ. پوءِ جڏهن ڪعب آيو تہ ٿوري دير ڳالهيون ڪندا رهيا، پوءِ ابو نائلہ رضہ جن چيو تہ "ابن اشرف! ڇو نہ شعب عجوز تائين هلون، ٿورو اڄ رات ڪچهري ٿي وڃي." هن چيو تہ "توهانجي اها مرضي آهي تہ هلو." ان تي سيئي هلڻ لڳا. گس تي ابو نائلہ رضہ جن چيو تہ "اڄ جهڙي وڻندڙ خوشبوءِ مو ڪڏهن ڪانہ ڏٺي." اهو ٻڌي ڪعب جو سينو فخر کان ڦوندجي ويو. چوڻ لڳو تہ مون وٽ عربستان جي سڀ کان وڌيڪ خوشبوءِ واري مائي آهي. ابو نائلہ چيو تہ جي موڪل

ڏيو تہ ٿورو توهانجو مٿو سونگهي وٺان؟ هن چيو تہ ها ها (چونہ) ابو نائلہ رضہ جن سندس مٿي ۾ هٿ وڌو پوء پاڻ بہ سونگهيائون ۽ ساٿين کي بہ سونگهايائون. ٿورو اڳتي هليا تہ ابو نائلہ رضہ جن چيو تہ ٻيائو هڪ ڀيرو وري. ڪعب چيو تہ هاها (چونہ) ابو نائلہ رضہ وري ساڳيو عمل دهرايو. تانت هو مطمئن ٿي ويو.

ان ڪانپوء ٿورو اڳتي هلي ابو نائلہ رضہ جن وري چيو تہ ٻيائو هڪ ڀيرو وري.. هن چيو تہ ٺيڪ آهي. هن ڀيري ابو نائلہ رضہ جن سندس مٿيھ هٿ وجهي سوگهو جهليندي چيو تہ "وٺو الله جي دشمن کي." ايتري ۾ ان کي ڪئي تلوارون اچي لڳيون، پر هو نہ مئو. اهو ڏسي محمد بن مسلمہ رضہ جن تڪڙ ۾ پنهنجي ڪوڏر ڪنئي ۽ سندس پيٽ تي رکي چڙهي ويٺو. ڪوڏر آرپار ٿي ويس ۽ الله جو هي دشمن اتي ئي ڍهي پيو. حملو ٿيندي ئي هن اهڙو رانياٽ ڪيو هو جو پرپاسي ۾ ٿرٿلو مچي ويو ۽ ڪو قلعو اهڙو نہ بچيو جنهن ۾ روشني نہ ڪئي وئي هجي. (پر ٿيو ڪجهہ بہ ڪونہ)

هن ڪارروائيءَ ۾ حضرت حارث بن اوس رضہ کي
ڪن ساٿين جي تلوارن جون ڇهنبون لڳي ويون هيون، جنهن
سان اهي گهائجي پيا ۽ سندن جسم مان رت وهڻ لڳو.
جڏهن موٽڻ مهل هي ٿولو حره عريض پهتو تہ ڏنائون تہ
حارث رضہ جن گڏ نہ آهن. انڪري سيئي اتي بيهي رهيا.
ٿوري دير ڪانپوءِ حارث رضہ جن بہ سندن پيرا کڻي اتي
پهتا. اتي ٻين کين کڻي ورتو ۽ بقيع غرقد پهچي ايڏو زور
سان نعرو هنيائون جو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم بہ ٻڌو ۽ سمجهي
ويا تہ انهن، همراهہ کي ماري وڌو آهي. تنهنڪري پاڻ
سڳورن صلى الله عليه وسلم الله اڪبر چيو. پوءِ جڏهن اهي پاڻ سڳورن
صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ پهتا تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ
افلحت الوجوهہ (هي منهن سوڀارا ٿيا) انهن چيو تہ ووجهڪ
يا رسول الله صلى الله عليه وسلم!(اوهانجو چهرو مبارڪ بہ يا رسول الله
صلى الله عليه وسلم) ان سان گڏوگڏ هن طاغوت جي سسي پاڻ سڳورن
صلى الله عليه وسلم جي آڏو رکي ڇڏيائون. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ان جي
مارجڻ تي الله تعاليٰ جا ٿورا مڃيا ۽ حارث رضہ جي گاهہَ تي

پڪ مبارڪ لڳائي، جنهن سان اتي جو اتي پاڻ چڱا ڀلا ٿي ويا ۽ پيهر ڪين ڪڏهن ٻه سور نه ٿيو. (1)

(1) هن واقعي جو تفصيل ابن هشام 51/2، 57 صحيح بخاري 341/1، 425، 577/2 سنن ابي دائود مع عون المعبود 42/2، 43 ۽ زادالمعاد 91/2 تان ورتل آهي.

هوڏانهن جڏهن يهودين کي پنهنجي طاغوت ڪعب بن اشرف جي مارجڻ جو پتو پيو ته سندن هٺ ۽ هوڏ سان ڀريل دلين ۾ ڊپ پيدا ٿيو. سندن سمجهه ۾ اچي ويو ته جڏهن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم محسوس ڪري ورتو ته امن امان سان ڪيڏيندڙن، ڦشريون ۽ فساد ڪرڻ وارن ۽ وعدن ۽ قسمن جو احترام نه ڪرڻ وارن تي نصيحت اثر نٿي ڪري ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم طاقت استعلام ڪرڻ کان به ڪونه مڙندا. انڪري انهن پنهنجي هيڏي وڏي طاغوت جي موت تي به ڪجهه نه ڪيو، بلڪ صفا ماٺ ۾ رهيا، وعدو نڀائڻ جو ڏيکاءُ ڏنائون ۽ همت هاري وينا. يعني ناگ تيزيءَ سان پنهنجن ٻرن ۾ گهڙي ويا. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا

ﷺ ڏکھي عرصي تائين مديني جي ٻاھران ڪنھن خطري اٿڻ جي خيال کان آجا ٿي ويا ۽ مسلمان ڪيترن ئي اندرين مسئلن کان ڇٽي پيا. جن کان ڪين ڏپ رھندو ھو.

7. غزوه بحران:- ھيءَ ھڪ وڏي فوجي مھم ھئي، جنھن ۾ 300 ڄڻا شامل ھئا. اھا فوج وٺي پاڻ سڳورا ﷺ سنہ 3 ھ جي ربيع الاخر ۾ بحران نالي ھڪ علائقي ۾ پھتا. اھو حجاز ۾ فرع جي ڀرپاسي ۾ ھڪ معدني علائقو آھي. پاڻ سڳورا ﷺ ربيع الاخر ۽ جماد الاول جا ٻئي مھينا اتي ئي رھيا. ان کانپوءِ مديني موٽيا. ڪنھن بہ قسم جي ويڙھہ کانہ ٿي. (1)

(1) ابن ھشام 50/2، 51 - زاد المعاد 91/2 ھن غزوي جا سبب مختلف ٻڌايا ويا آھن. ڇيو وڃي ٿو تہ مديني ۾ اھا خبر پھتي تہ بنو سليم وارا مديني تي ڪاھڻ لاءِ وڏي پيماني تي جنگي تياريون ڪري رھيا آھن ۽ چيو وڃي ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ قريشن جي ڪنھن قافلي جي ڳولھا ۾ نڪتا ھئا. ابن ھشام اھو ئي سبب ڄاڻايو آھي ۽ ابن قيم بہ اھو ئي سبب ٻڌايو آھي. تنھنڪري پھريون سبب ڄاڻايو

ئي ڪونہ اٿس. اها ئي ڳالھ صحيح بہ لڳي ٿي. ڇو تہ بنو سليم، فرع جي ڀرپاسي ۾ وينل نہ هئا. بلڪ نجد ۾ وينل هئا. جيڪو فرع کان تمام گهڻو پري آهي.

8. سريہ زيد بن حارثہ رضہ:- احد واري لڙائي4 کان اڳ مسلمانن جي هيءَ آخري ۽ ڪاميات ترين ويڙھ هئي، جيڪا جماد الاخر سنہ 3 ھ ۾ ٿي. واقعي جو تفصيل هن ريت آهي تہ قريش بدر واري لڙائيءَ کانپوء بيچين تہ هئا ئي پر جڏهن اونهاري جي مند آئي ۽ شام ملڪ ڏي واپاري سفر جو وقت اچي پهتو تہ کين هڪ ٻئي فڪر اچي ورايو. ان جي وضاحت هن مان ٿئي ٿي تہ صفوان بن اميہ، جنهن کي قريشن پاران هن سال شام وڃڻ واري قافلي جو اڳواڻ چونڊيو ويو هو، تنهن قريشن کي چيو تہ "محمد صلى الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿين اسانجو واپاري لنگھ اسان لاء ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اسين سندس ساٿين سان ڪيئن پڇون. اهي ساحل کان هٽن ڪونہ ٿا ۽ اتي جا رهواسي ساڻن ملي ويا آهن. عام ماڻهو بہ ساڻن مليل آهن.

هاڻي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اسين ڪهڙو رستو اختيار ڪريون؟ جيڪڏهن اسين گهرن ۾ ئي ويٺا رهياسين تہ الهہ تلهہ چٽ ڪري ڇڏينداسين. اسانجي حياتيءَ جو دارومدار ان تي آهي تہ اونهاري ۾ شام سان ۽ سيار ۾ حبش سان واپار ڪريون."

صفوان جي ان سوال ٽيڪاٽپڻي شروع ٿي وئي. نيٺ اسود بن عبدالمطلب، صفوان کي چيو تہ "تون ساحلي رستو ڇڏي عراق واري رستي کان سفر ڪر." واضع رهي تہ اهو رستو ڏاڍو ڏگهو آهي. نجد کان ٿي شام پهچي ٿو ۽ مديني جي اوڀر مان ڇڳو پري کان لنگهي ٿو. اهو رستو قريش جي ڏنل نہ هو. انڪري اسود بن عبدالمطلب، صفوان کي صلاح ڏني تہ هو فرات بن حيان کي، جيڪو بڪر بن وائل قبيلي مان هو، سونهو ڪري ڪٽي. هو سفر ۾ سندس رهنمائي ڪندو.

هن انتظام ڪانپوءِ قريشن جو قافلو صفوان بن اميہ جي اڳواڻيءَ ۾ نئين رستي کان روانو ٿيو پر ان قافلي ۽ سندس سفر جي سڄي خبر مديني پهچي وئي. ٿيو هيئن جو

سليط رضہ بن نعمان، جيڪي مسلمان ٿي چڪا هئا، نعيم بن مسعود سان گڏ، جيڪو اجا مسلمان نہ ٿيو هو، شراب جي هڪ مجلس ۾ گڏيو. اهو شرب حرام ٿيڻ کان اڳ جو واقعو آهي. جڏهن نعيم تي نشو چڙهيو تہ هن قافلي ۽ ان جي سفر جو سڄو منصوبو ٻڌائي ڇڏيس. سليط رضہ جن ڏاڍي تڪڙا پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پهتا ۽ سڄو تفصيل بيان ڪيائون.

پاڻ سڳورن ﷺ هڪدم حملي جي تياري ڪئي ۽ سؤ سوارن جو هڪ جٿو حضرتزيد بن حارثہ ڪلبي رضہ جن جي هٿ هيٺ موڪلي ڇڏيو. ح ضرت زيد رضہ جن ڏاڍو تڪڙو هلي قريشن جي قافلي کي بصخبريءَ ۾ قروه نالي هڪ وٽ وڃي جهليو ۽ اوچتو حملو ڪري سڄي قافلي تي قبضو ڪري ورتو. صفوان بن اميہ ۽ ٻين محافظن لاء ڀڄڻ کان سواء ڪو چارو نہ رهيو.

مسلمانن قافلي جي رهنما فرات بن حيان کي ۽ ڇون ٽا تہ وڏيڪ ٻن ڄڻن کي بہ جهلي ورتو. ٿانو ۽ چانديءَ جو وڏو مقدار، جيڪو قافلي وٽ هو ۽ جنهن جو ڪاٿو هڪ

لک درهم تائين هو، غنيمت طور هٿ آيا. پاڻ سڳورن ﷺ خمس ڪڍي غنيمت جو مال جٿي وارن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ فرات بن حيان پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ تي اسلام قبوليو. (1)

(1) ابن هشام 50/2، 51 رحمت اللعالمين 219/2

بدر ڪانپوءِ قريشن لاءِ اهو سڀ کان پڪائتو واقعو هو، جنهن سان انهن ۾ بيچيني وڌي وئي. هاڻي انهن وٽ ٻه رستا وجي بچيا. ياته پنهنجو هٺ ۽وڏائي ڇڏي مسلمانن سان ناهه ڪن يا هڪ هڪاڻي ڪري پنهنجي وجايل ساک بحال ڪن ۽ مسلمانن جي سگهه ٽوڙي ڇڏين ته جيئن اهي ٻيهر اسري نه سگهن. مڪي جي قريشن اهو ٻيو رستو چونڊيو، پوءِ هن واقعي بعد قريشن ۾ بديل جي ياون وڌي وئي ۽ انهن مسلمانن سان ٽڪرائڻ ۽ سندن وسندين ۾ گهڙي انهن تي حملو ڪرڻ جي ڀرپور تياري ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙيءَ طرح گذريل واقعن ڪانسواءِ اهو واقعو به احد واري لڙائيءَ جو وڏو ڪارڻ آهي.

احد واري لڙائي

پلاٽد ونڻ لاءِ قريشن جون تياريون:- مڪي وارن کي بدر واري لڙائيءَ ۾ هار ۽بيعزتيءَ جو جيڪو ڏک ۽ پنهنجن وڏيرن جي مارجڻ جو جيڪو صدمو سهڻو پيو هو، ان جي ڪارڻ اهي مسلمانن خلاف ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ ٿهڪي رهيا هئا. انهن پنهنجن مئلن جو ماتم به ڪونه ڪيو هو ۽ قيدين لاءِ فديو ڏيڻ ۾ ابهرائيءَ کان ڪم ونڻ کان به پاڻ جهليو هئائون ته جيئن مسلمان سندن ڏک جي شدت جو اندازو نه ڪري سگهن. انهن بدر جي لڙائيءَ کانپوءِ گڏيل فيصلو ڪيو ته مسلمانن سان هڪ هڪاٽي ڪري پنهنجي هانءَ تي ڇندو هٽندا ۽ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي پاونا کي ٿڏو ڪندا ۽ ان سان گڏوگڏ اهڙي طرح جي ويڙهاند جي تياري به شروع ڪري ڇڏيائون. هن معاملي ۾ قريش جي وڏيرن مان عڪرمه بن ابوجهل، صفوان بن اميه، ابو سفيان بن حرب ۽ عبداللّٰه بن ربيعه وڌيڪ پرجوش ۽ اڳرا هئا.

انهن سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيو تہ ابو سفيان جو اهو قافلو، جيڪو بدر جي لڙائيءَ جو ڪارڻ بڻيو هو ۽ جنهن کي ابوسفيان بچائي ڪڍي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. ان جو سڄو مال جنگ جي خرچ لاء روڪي ڇڏيو ۽ جن ماڻهن جو اهو مال هو، تن کي چيائون تہ "اي قريشيو! توهانکي محمد ﷺ ڏاڍو ڏک رسايو آهي ۽ توهانجا چونڊ سردار ماري ڇڏيا آهن. تنهنڪري انهن سان ويڙهاند لاء هن مال ذريعي مدد ڪريو. ٿي سگهي ٿو تہ اسين ولاڻد وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. قريشن اها ڳالهہ قبولي. تنهن ڪانپوء سڄو مال، جنهن ۾ هڪ هزار اٺ ۽ پنجاهہ هزار دينار هئا، جنگ جي تياريءَ لاء وڪڻي ڇڏيا. ان بابت الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪئي.

ان الذين.......... ثم يغلبون (8 : 36)

ترجمو:- ۽ ڪافر پنهنجو مال هن لاء خرچين ٿا تہ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهلين. پوء اهي سگهو ان (مال) کي خرچ ڪندا ۽ وري (اهو خرچڻ جو) ارمان ٿيندو. وري مغلوب ڪيا ويندا.

پوءِ انهن رضاڪاراڻي پرتيءَ جو اعلان ڪيو ته جيئن جيڪي حبشي، ڪنعاني ۽ بنو تمامه واره مسلمانن خلاف ويڙهه ۾ شامل ٿين چاهين ته اهي قريش جي جهنڊي هيٺ اچي گڏ ٿين. انهن هن مقصد ڏانهن ماڻهن کي ڇڪڻ لاءِ مختلف حيلا هلايا. ايستائين جو ابو عزه شاعر جيڪو بدر جي لڙائيءَ ۾ باندي ٿيو هو ۽ جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ احسان ڪري فديي کانسواءِ اهو واعدو وٺي ڇڏي ڏنو هو ته پاڻ سڳورن ﷺ خلاف ڪڏهن نه اٿيندو. ان کي صفوان بن اميه پڙڪايو ته هو قبيلن کي مسلمانن خلاف پڙڪائڻ جو ڪم ڪري ۽ ساڻس اهو واعدو ڪيو ته جيڪڏهن هو لڙائيءَ مان جيئرو بچي آيو ته کيس مالا مال ڪري ڇڏيندو. نه ته سندس ڇوڪرين جي سنڀال ڪندو. تنهنڪري ابو عزه پاڻ سڳور ن ﷺ سان ڪيل وعدا وعيد وساري، غيرت ۽ حميت جي جذبن کي وڌائڻ وارن شعرن ذريعي قبيلن کي پڙڪائڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح قريشن، هڪ ٻئي شاعر مسافع بن عبدالمناف جمحي کي به هن مهم لاءِ تيار ڪيو.

هوڏانهن ابو سفيان غزوه سويق کان ناڪام ۽ نامراد.
بلڪ هڪ وڏي تعداد ۾ رسد جو سامان ڦرائي موٽي اچڻ
ڪانپوء مسلمانن خلاف ماڻهن کي ڀڙڪائڻ ۾ ڪجهه وڌيڪ
سرسي ڏيکاري.

پوء آخر ۾ زيد بن حارثہ رضہ جي سريي ۾ قريشن
کي جيڪو سنگين ۽ ڇيلهه ڇپي ڪرڻ جهڙو ڌڪ رسيو، ان
باهه تي تيل جو ڪم ڏنو ۽ ان ڪانپوء مسلمانن سان هڪ
هڪاڻي ڪرڻ لاء قريشن جي تياريء ۾ تيزي اچي وئي.

قريشن جو لشڪر، جنگي سامان ۽ مهنداري:- تنهن ڪانپوء
سال پورو ٿيندي ٿيندي قريشن جي تياري پوري ٿي وئي.
سندن پنهنجن ماڻهن ڪانسواء حليفن ۽ حبشين سميت ڪل
ٽن هزارن جو لشڪر تيار ٿيو. قريشي مهندارن جو رايو هو
تہ پاڻ سان مايون بہ وٺي هلن تہ جيئن ناماچاري ۽ لڄ جي
حفاظت جو احساس ڪجهه وڌيڪ جانثاريءَ سان وڙهڻ جو
ڪارڻ بڻجي. تنهنڪري هن لشڪر ۾ سندن مايون بہ شامل
ٿيون. جن جو تعداد پندرنهن هو. سواري ۽ سامان ڪڻڻ لاءِ
ٽي هزار اُٺ هئا ۽ رسالي لاء ٻہ سؤ گهوڙا بہ هئن.(1)

(1) زاد المعاد 92/2 - اهو ئي مشهور آهي پر فتح الباري 346/7 ۾ گهوڙن جو تعداد هڪ سؤ ٻڌايو آهي.

انهن گهوڙن کي چست رکڻ لاءِ سڀو رستو ڪين پاسي تي رکيو ويو. يعني انهن تي سواري نہ ڪئي وئي. حفاظتي هٿيارن ۾ ست سؤ زرهون هيون.

ابو سفيان کي سڄي لشڪر جو سپهہ سالار مقرر ڪيو ويو. رسالي جي ڪمان خالد بن وليد کي ڏني وئي ۽ عڪرمہ بن ابوجهل کي سندس ٻانهن ٻيلي ڪيو ويو. جهنڊو دستور موجب قبيلي بني عبدالدار جي هٿ ۾ ڏنو ويو.

مڪي جي لشڪر جي روانگي:- هن ڀرپور تياريءَ ڪانپوءِ مڪي جو لشڪر ان حالت ۾ مديني ڏانهن روانو ٿيو جو مسلمانن خلاف ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۽ بدلي جي ڀاونا سندن دلين ۾ شعلي وانگر ڀڙڪي رهي هئي ۽ اها جلد ئي ٿيڻ واري ويڙهہ جي رتوڇاڻ ۽ تڪائيءَ جو ڏس پتو ڏيئي رهي هئي.

مديني ۾ خبر پهچڻ:- حضرت عباس رضہ جن قريشن جي سڄي چرپر ۽ جنگي تيارين کي گهري نظر رکي رهيا هئا. تنهنڪري جيئن ئي هي لشڪر روانو ٿيو تہ حضرت عباس

رضہ جن ان جو سڄو احوال هڪ خط ۾ لکي هڪدم پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏياري موڪليو.

حضرت عباس رضہ جن جو قاصد نياپو پچائڻ ۾ تکو نڪتو. هن مڪي کان مديني جو ڪل پنج سؤ ڪلوميٽرن جو پنڌ رڳو ٽن ڏينهن ۾ پورو ڪري خط پاڻ سڳورن ﷺ جي حوالي ڪيو. ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ مسجد قباء ۾ ڪوجود هئا. اهو خط حضرت ابي بن ڪعب رضہ پاڻ سڳورن ﷺ کي پڙهي ٻڌايو. پاڻ سڳورن ﷺ کين ڳالهہ ڳجهي رکڻ جي تاڪيد ڪئي ۽ تڪڙو مديني پهچي انصارن ۽ مهاجرن جي اڳواڻن سان صلاح ۽ مشورو ڪيائون.

هنگامي حالتن جي مقابلي جون تياريون:- ان ڪانپوء مديني ۾ هنگامي حالتون طاري ٿي ويون. ماڻهو ڪنهن بہ صورتحال سان منهن ڏيڻ لاء هر وقت هٿيار بند رهڻ لڳا. ويندي نماز ۾ بہ هٿيار ذار نتا ڪيا ويا.

هوڏانهن انصارن جو هڪ ننڍڙو ٽولو، جنهن ۾ سعد بن معاذ رضہ، اسيد بن حضير رضہ ۽ سعد بن عباده رضہ شامل هئا، پاڻ سڳورن ﷺ جي حفاظت لاء مقرر ڪيو

ويو. اهي سڀي رات هٿيار ڪٽي پاڻ سڳورن ﷺ جي در تي پهرو ڏيندا هئا.

ڪجهه ٻيا ٽولا بہ مديني ۾ گهڙڻ وارن لنگهن تي پهرو ڏيندا هئا تہ متان غفلت ۾ اوچتو حملو نہ ٿي وڃي.

ٺيا بہ ڪجهه ٽولا دشمنن جي چرپر جي خبر وٺڻ لاء نڪتل هئا. اهي دستا انهن رستن تي گشت ڪندا رهندا هئا، جن تان لنگهي مديني تي حملو ڪرڻ ممڪن هو.

مڪي جو لشڪر مديني جي ويجهو:- هوڏانهن مڪي جو لشڪر مشهور رستي تي هلندو جڏهن ابواء وٽ پهتو تہ ابو سفيان جي زال هند بنت عتبہ اها رٿ ڏني تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي امر سانئڻ جي تربت کوٽي وڃي. پر اها راهہ کولڻ جا جيڪي اگرا نتيجا نڪرن ها، تن جي ڊپ کان لشڪر جي مهندارن ان رٿ کي رد ڪري ڇڏيو.

ان کانپوء لشڪر پنهنجو سفر جاري رکيو، تانت مديني جي ويجهو عقيق جي واديءَ مان لنگهي پوء ٿورو ساڄي پاسي لهي احد جبل جي ويجهو عينين نالي هڪ جڳهہ تي، جيڪا مديني جي اتر ۾ قنات جي واديءَ جي

ڪناري تي هڪ نوٽ زمين آهي، ديرو ڄمايو. اهو جمع 6 شوال سنہ 3 ھ جو واقعو آهي.

مديني جي بچاءَ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ مجلس شوريٰ جي گڏجاڻي:- مديني ۾ مڪي جي لشڪر جي هڪ هڪ خبر پهچي رهي هئي. ويندي سندن پڙاءَ جي آخري خبر بہ پهچي وئي. ان مهل ئي پاڻ سڳورن ﷺ مديني جي فوج جي اختياريءَ وارن جي مجلس شوريٰ سڏائي. جنهن ۾ مناسب حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ صلاح مشورو ڪرڻو هو. پاڻ سڳورن ﷺ ڪين پنهنجو ڏٺل هڪ خواب ٻڌايو. پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌايو تہ والله مون هڪ چڱي شيءِ ڏٺي. مون ڏٺو تہ ڪجهہ ڍڳيون ڪٺيون پيون وڃن ۽ مون ڏٺو تہ منهنجي تلوار جي ڇهنب ڪجهہ ٽٽل آهي ۽ مون اهو بہ ڏٺو تہ مون پنهنجي هٿ ۾ هڪ محفوظ زرهہ ڪنئي آهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڍڳيءَ جي تعبير اها ٻڌائي تہ ڪجهہ اصحابي سڳورا ماريا ويندا. تلوار ٽٽڻ جي اها تعبير ٻڌائي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر جو ڪو ماڻهو شهيد ٿيندو ۽

محفوظ زرھ جي تعبير اها ٻڌائي تہ ان مان مراد مدينو شهر آهي.

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اصحابي سڳورن جي آڏو بچاءَ جي حڪمت عمليءَ بابت پنهنجو رايو پيش ڪيو تہ مديني کان ٻاهر نہ نڪرجي، بلڪ شهر ۾ ئي قلعہ بند ٿي ويهجي. پوءِ جي قريش پنهنجي پڙاءَ تي ئي ويٺا رهيا تہ اهو بيمقصد رهڻ ٿيندو ۽ جي مديني ۾ گهڙن ٿا تہ مسلمان گهٽين جي منڍ تي ساٽن ويڙهہ ڪندا ۽ مايون ڇتين تان انهن کي پٿراڇلائي هٽنديون. اها ئي صحيح راءِ هئي ۽ اها راءِ ئي منافقن جي سردار عبدالله بن ابي بہ مڃي، جيڪو هن مجلس ۾ خزرج جي اهم نمائندي طور شريڪ ٿيو هو. پر ان راءِ کي مڃڻ جو سبب اهو نہ هو تہ جنگي لحاظ کانراءِ صحيح هئي. بلڪ سندس مقصد هو تہ هو جنگ کان پري بہ رهي ۽ ڪنهن کي ان جو احساس بہ نہ ٿئي. پر الله تعاليٰ کي ڪجھہ ٻيو منظور هو. هن چاهيو ٿي تہ هي ماڻهو پنهنجن ساٿارين سميت پهريون ڀيرو کلي سامهو اچي خوار ٿئي ۽ سندس ڪڪپت تي پيل پردو هٽي وڃي ۽ مسلمانن کي هن

ڏکئي وقت ۾ پتو پوي ته سندن آستينن ۾ ڪيترا نانگ پيا پلجن.

وڏن اصحابين جو هڪ دستو جيڪي بدر واري لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿي نه سگهيا هئا، تن پاڻ سڳورن ﷺ کي صلاح ڏني ته ميدان ۾ هلي وڙهجي. انهن پنهنجي راءِ تي زور ڀريو. ويندي ڪن اصحابين اهو به چيو ته "يا رسول الله ﷺ! اسان ان ڏينهن جا آسائتا هئاسين ۽ الله کان دعائون گهرندا هئاسين. هاڻ الله تعاليٰ اهو وجهه ڏنو آهي ۽ پڙ ۾ ٽپي پوڻ جو وقت اچي ويو آهي ته پوءِ توهان ويرين سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ نڪري پئو. جيئن هو اهو نه سمجهن ته اسين ڊڄي ويا آهيون."

انهن جوشيلن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو چاچو حضرت حمزه بن عبدالمطلت رضه جن سڀ کان اڳرو هو، جيڪو بدر واري ويڙهه ۾ پنهنجي تلوار جا جوهر ڏيکاري چڪو هو. انهن عرض ڪيو ته ان هستيءَ جو قسم جنهن توهان تي ڪتاب نازل ڪيو آهي. آئون تيستائين ڪجهه نه چکندس،

جيستائين مديني کان ٻاهر پنهنجي تلوار سان هڪ هڪاٽي نہ ڪري وٺندس.“(1)

(1) سيرت حلبيہ 14/2

پاڻ سڳورن ﷺ گهٽائيءَ جي راءِ آڏو پنهنجي راءِ تان هٿ ڪنيو. نيٺ اهو رٿيو ويو تہ مديني کان ٻاهر نڪري کليل ميدان ۾ ويڙهہ ڪبي.

اسلامي لشڪر جي ترتيب ۽ جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ٿيڻ:

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جمعي نماز پڙهائي ۽ وعظ ۽ نصيحت ڪئي، جدوجهد جي ترغيب ڏني ۽ ٻڌيو تہ صبر ۽ ثابت قدميءَ سان ئي ڪٿي سگهجي ٿو. گڏوگڏ اهو بہ حڪم ڪيو تہ ويرسن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. اهو ٻڌي سڀ خوشيءَ ۾ ٽڙي پيا.

ان کانپوءِ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ وچين نماز پڙهائي تہ اوڏي مهل تائين ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا. عواليءَ جا رهواسي بہ پهچي چڪا هئا. نماز کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اندر هليا ويا. ساڻن گڏ ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ جن بہ هئا. انهن پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿي مبارڪ تي عمامو

ٻڌو ۽ ڪپڙا پهرايا. پاڻ سڳورن ﷺ هيٺ مٿي ٻہ زرهون ٻڌيون. تلوار لٽڪائي ۽ هٿيارن سان سينگارجي ماڻهن آڏو آيا.

ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ جا منتظر هئا ئي پر ان دوران حضرت سعد بن معاذ ۽ اسيد بن حضير رضہ جن ماڻهن کي چيو تہ توهان پاڻ سڳورن ﷺ کي ميدان ۾ هلڻ تي زوريءَ راضي ڪيو آهي. انڪري هاڻي معاملو پاڻ سڳورن ﷺ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي ماڻهن کي ندامت محسوس ٿي ۽ جڏهن پان سڳورا ﷺ ٻاهر آيا تہ عرض ڪيائون تہ "يا رسول اللهﷺ!اسانکي اوهانجي مخالفت ڪرڻ نہ گهربي هئي. توهان کي جيڪو وڻي، اهو ڪريو. جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ مديني۾ رهو تہ پوء ائي ئي ڪريو." پاڻ سڳور نﷺ فرمايو تہ "ڪوبہ نبي جڏهن هٿيار ڪٽي وني تہ اهو نيڪ نهاي تہ اهي لاهي ڇڏي، تانت الله! سندس ۽ سندس ويريءَ جي وچ ۾ فيصلو نہ ڪري ڇڏي." (19

(1) مسند احمد، نسائي، حاڪم، ابن اسحاق

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر کي ٽن حصن ۾ ورهايو.

1. مهاجرن جو دستو:- ان جو جهنڊو حضرت مصعب رض بن عمر عبدري کي عطا ڪيو ويو.

2. اوس قبيلي جي انصارن جو دستو:- ان جو جهنڊو حضرت اسيد بن حضر رضہ جن کي ڏنو.

3. خزرج قبيلي جي انصارن جو دستو:- ان جو جهنڊ وحباب بن منذر رضہ جي حوالي ڪيو.

سڄو لشڪر هڪ هزار جوڌن جوانن تي مشتمل هو، جن من هڪ سؤ زرهہ پهريل ۽ پنجاهہ شهسوار هئا. (2) اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ شهسوار ڪوبہ ڪونہ هو.

(2) اها ڳالهہ ابن قيم زاد المعاد ۾ ٻڌائي آهي. حافظ ابن حجر جو چوڻ آهي تہ اها پل آهي. موسيٰ بن عقبہ زور ڀري چيو آهي تہ جنگ احمد ۾ ملسمانن وٽ گهوڙو هو ئي ڪونہ. واقدي چوي ٿو تہ رڳو بہ گهوڙا هئا. هڪ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ۽ ٻيو ابو برده رضہ وٽ (فتح الباري (350/7

حضرت ابن ام مڪتوم رضہ جن کي اهو ڪم سونپيو ويو تہ اهي مديني ۾ رهجي ويلن کي نماز پڙهائين. ان کانپوءِ ڪوچ جو اعلان ڪيو ويو ۽ لشڪر اتر پاسي روانو ٿيو. حضرت سعد بن معاذ ۽ سعد بن عباده رضہ زرهون پهري پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان اڳيان هلي رهيا هئا.

شنيہ الوداع کان ٽپيا تہ هڪ دستو نظر آين، جيڪو ڏاڍا عمدا هٿيار پهريل هو ۽ سڄي لشڪر کان الڳ ٿلڳ هو. پاڻ سڳورن ﷺ جي پڇڻ تي کين ٻڌايو ويو تہ اهي خزرج جا حليف يهودي آهن. (1) پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ ڇا اهي مسلمان ٿي چڪا آهن؟ ماڻهن چيو تہ نہ. تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ مشرڪن خلاف ڪافرن جي مدد وٺڻ کان نابري واري ڇڏي.

(1) اهو واقعو ابن سعد ٻڌايو آهي. ان ۾ ٻڌايل آهي تہ اهي بنو قينقاع جا يهودي هئا. (34/2) پر اهو صحيح نہ آهي. ڇو تہ بنو قينقاع کي بدر جي لڙائيءَ کانپوءِ ٽورن ڏينهن ۾ ئي ڏيهہ نيڪائي ڏني وئي هئي.

لشڪر جي چڪاس:- پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ "شيخان" نالي جاءِ وٽ پهچي لشڪر جي چڪاس ڪئي ۽ جيڪي ماڻهو ننڍڙا يا ويڙهه جي لائق نہ هئا تن کي موٽائي ڇڏيو. انهن جا نالا هي آهن. حضرت عبدالله بن عمر رضہ، اسامہ بن زيد رضہ، اسيد بن ظهير، رضہ، زيد بن ثابت رضہ، زيد بن ارقم رضہ، عرابہ بن اوس رضہ، عمرو بن حزم رضہ، ابو سعيد خدري رضہ، زيد بن حارثہ انصار ۽ سعد بن حبہ رضہ. هن فهرست ۾ حضرت براء بن عاذب رضہ جو نالو بہ ڳڻايو ويندو آهي، پر صحيح بخاري۾ سندن جيڪا روايت ڏنل آهي، ان مان پتو پوي ٿو تہ پاڻ احد واري جنگ ۾ شامل هئا.

باقي ننڍپڻ جي باوجود حضرت رافع بن ِ ديجہ ۽ سمهره بن جندب رضہ جن کي بہ ويڙهہ ۾ شرڪت جي اجازت ملي وئي. ان جو ڪارڻ اهو هو جو حضرت رافع رضہ جن ماهر تيرانداز هئا. انڪري کين اجازت ڏني وئي. جڏهن اها خبر حضرت سمره رضہ کي پئي تہ انهن چيو تہ آئون تہ رافع کان بہ سگهارو آهيان. آئون کيس دسي سگهان ٿو.

تنهنڪري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي اها ڄاڻ ڏني وئي ته پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ٻنهي ۾ ملھ ڪرائي ۽ سچ پچ سمره رضہ، رافع رضہ کي دسي وڌو. تنهنڪري کين به جنگ ۾ شرڪت جي اجازت ڏني وئي.

احد ۽ مديني جي وچ ۾ رات گذارڻ:- هتي ئي شام ٿي وئي. تنهنڪري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سانجهي ۽ سومهڻي نمازون پڙهيون ۽ اتي ئي رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو. پهري لاءِ پنجاهه اصحابي چونڊيا. جيڪي ڪئمپ جي ويجهو پهرو ڏيندا رهيا. انهن جا اڳواڻ محمد بن مسلمه انصاري رضہ جن هئا. هي اهي ئي بزرگ آهن، جن ڪعب بن اشرف کي مارڻ واري ٽولي جي اڳواٽي ڪئي هئي. ذڪوان رضن بن عبدالله بن قيس رضہ خاص پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ پهرو ڏئي رهيا هئا.

عبدالله بن ابي ۽ سندس ساٿارين جي ڏاڍائي:- پرهه ڦٽيءَ کان ٿورو اڳ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم روانا ٿيا ۽ "سوط" نالي جڳهه وٽ پهچي فجر نماز پڙهيائون. هاڻي پان سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم دشمنن جي ويجهو هئاءِ ٻئي هڪٻئي کي ڏسي رهيا

هئا. هتي پهچي عبدالله بن ابي منافق بغاوت ڪري وڏي ۾ لشڪر جو ٽيون حصو يعني ٽي سؤ ڄڻا پاڻ سان وٺي اهو چوندي موٽي ويو تہ اسانکي اجائي جان ڏيڻ جو ضرورت ڪانهي. هن ان ڳالهہ تي بہ گوڙ ڪيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ سندس ڳالهہ نہ مڃي ۽ ٻين جي مڃي.

ڏنو وڃي تہ ڌار ٿيڻ جا ڪارڻ اهي نہ هئا، جيڪي هن منافق ٻڌايا هئا تہ پاڻ سڳورن ﷺ سندس ڳالهہ نہ مڃي. ڇو تہ ان حالت ۾ هو پاڻ سڳورن ﷺ جي لشڪر سان گڏ نہ اچي ها. انڪري حقيقت اها نہ هئي، جيڪا هن ٻڌائي هئي پر حقيقت اها آهي تہ هن اهڙي نازڪ موڙ تي ڌار ٿي هن اسلامي لشڪر ۾ بيچيني ۽ ڦوٽ وجهڻ ٿي گهري، جڏهن دشمن سندس هڪ هڪ چرپر کي جاچي ڏسي رهيا هئا تہ جيئن عام سپاهي پاڻ سڳورن ﷺ کي ڇڏي وڃن ۽ ٻچيل جا حوصلا ٽٽي پون. ٻئي پاسي اهو ڏيک ڏسي دشمنن جا حوصلا وڌن. اها ڪارروائي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ سندن سچن ساٿين جي خاتمي لاءِ اثرائتي تدبير هئي. جنهن

ڪانپوءِ هن منافق کي آس هئي تہ سندس ۽ سندس ساٿين جي اڳواٽي ۽ سرداريءَ لاءِ رستو کلي پوندو.

منافق پنهنجو مقصد ماٽي ونن ها، ڇو تہ ٻيا ٻہ ٽولا يعني اوس قبيلي مان بنو حارثہ ۽ خزرج قبيلي مان بنو سلمہ جا قدم اکڙي چڪا هئا ۽ اهي موٽڻ جو سوچي رهيا هئا. پر الله تعاليٰ سڻائي ڪئي ۽ اهي ٻئي دستا بيچينيءَ ۽ موٽڻ جو ارادو ختم ڪري ڄمي بيٺا. انهن بابت الله تعاليٰ فرمايو تہ:

اذ همت ....المومنون (3: 122)

ترجمو:- (ياد ڪريو) جنهن مهل اوهان مان ٻن ٽولين بي همت ٿيڻ جو ارادو ڪيو ۽ الله سندن مددگار هو ۽ مؤمنن کي جڳائي ٿو تہ الله تي ڀروسو ڪن.

بهرحال منافقن موٽڻ جو ارادو ڪيو تہ ان نازڪ موقعي تي حضرت جابر رضہ جن جي والد حضرت عبدالله بن حرام رضہ جن کين سندن فرض ياد ڏيارڻ گهريو ۽ هن کين ڌڙڪو ڏيندي موٽي اچڻ تي اڪسائيندي اهو چوندي سندن پيڇو ڪيو تہ اچو، الله جي راهہ ۾ وڙهو يا بچاءُ ڪريو. پر

هنن وراڻيو تہ، جي اسين ڄاڻو ها تہ اهوان هتي لڙائي ڪندؤ تہ اسين اچون ئي ڪونہ ها. اهو ٻڌي حضرت عبدالله بن حرام رضہ اهو چوندي موٽيا تہ او الله جا ويريو! الله جي ڪا مار پوَنوَ. ياد رکو الله پنهنجي نبيءَ کي توهان کان آجو ڪري ڇڏيندو. انهن ئي منافقن بابت ارشاد ٿيو تہ:

وليعلم الذين....... تكتمون (3: 167)

ترجمو:- ۽ منافقن کي بہ نکيڙي ۽ ڪين ڇيو ويو تہ اچو الله جي واٽ ۾ ورهو يا (ڪافرن کي) جواب ڪريو. چيائونتہ جيڪڏهن اسانکي ڪنهن جنگ ٿيڻ جي خبر هجي ها تہ ضرور اوهانسان هجون ها. اهي ان ڏينهن پاڻ ايمان کان ڪفر ڏي بلڪل ويجهو هئا. پنهنجن واتن سان اهي ڳالهيون چوندا آهن جيڪي سندن دلين ۾ نہ آهن ۽ جيڪي لڪائيندا آهن سو الله بلڪل ڄاڻندڙ آهي.

بچيل اسلامي لشڪر احد جي هيناڻ ۾:- هن بغاوت ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم بچيل لشڪر کي ساڻ وٺي، جنهن جي تعداد ست سؤ هو. دشمنن ڏانهن وڌيا. دشمنن جو لشڪر پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ۽ احد جبل جي وچ ۾ ڪيترن ئي پاسن

كان رڪاوٽ وجهيو ويٺو هو. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ ڪو اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو اسانکي دشمنن جيپرسان لنگهائڻ ڪانسواء ڪنهن ويجهي رستي کان وٺي هلي؟

ان جي جواب ۾ ابو خيثمہ رضہ جن عرض ڪيو تہ "يا رسول الله ﷺ! آئون ان ڪم لاء تيار آهيان." پوء انهن هڪ ننڍو رستو اختيار ڪيو، جيڪو مشرڪن جي لشڪر کي اولهہ پاسي ڇڏيندو بني حارثہ جي ٻنين مان لنگهيو ٿي.

هن رستي تان لنگهندي لشڪر مربع بن قيظي جي باغ مان لنگهيو. اهو همراهہ بن منافق ۽ انڌو هو. هو لشڪر کي ايندو محسوس ڪري مسلمانن جي منهن ۾ ڌوڙ اڇلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ جي توهان الله جا رسول آهيو تہ يد رکو توهانکي منهنجي باغ مان لنگهڻ جي اجازت ڪانهي. ماڻهو کيس مارڻ لئہ وڌيا پر پاڻ سڳورن ﷺفرمايو تہ "هن کي نہ ماريو. هي دل ۽ اک، ٻنهي کان انڌو آهي."

پوء پاڻ سڳورا ﷺ اڳتي وڌي واديءَ جي ڇيڙي تي احد جبل جي لنگهہ وٽ اچي لٿا ۽ اتي ئي لشڪر پڙاءُ

ڪيو. سامهون مدينو هو ۽ پٺيان اوچو احد جبل. اهڙيءَ طرح دشمنن جو لشڪر مسلمانن ۽ مديني جي وچ ۾ رنڊڪ بڻجي ويو.

بچاءَ جي رٿ:- هتي پهچي پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر کي ترتيب ڏنو ۽ جنگي لحاظ کان ان کي ڪيترين ئي قطارن ۾ ورهايو. ماهر تيراندازن جو هڪ ٽولو به چونڊيو جيڪو پنجاهه جوڌن تي مشتمل هو ۽ ان جي اڳواڻي حضرت عبدالله بن جبير بن نعمان انصاري دوسي بدري رضہ جي حوالي ڪئي ۽ کين قنات نالي واديءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي هڪ ننڍڙي جبل تي، جيڪو اسلامي لشڪر جي منزل گاهه کان اٽڪل ڏيڍ سؤ ميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ هو ۽ هاڻي رمات جبل جي نالي سان مشهور آهي، بيهاريو. ان جو مقصد انهن جملن مان پروڙي سگهجي ٿو، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ تيراندازن کي هدايتون ڏيندي فرمايا. پاڻ سڳورن ﷺ سندن اڳواڻ کي چيو ته "گهوڙيسوارن کي تير هڻي اسان کان پري رکجوءِ ته جيئن اهي پٺيان کاهي نه اچن. اسين کٽيون يا هارايهون، توهان پنهنجي جاءِ تي ئي رهجوءِ. توهان جي

پاسان حملو نہ ٿيڻ ڪيي." (1) پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ تيراندازن کي فرمايو تہ "اسانجي پٺئين پاسي جي سنڀال ڪجوءِ.

(1) ابن هشام 2/65، 66

جيڪڏهن ڏسو تہ اسان مارجون پيا تہ بہ اسانجي مدد لاءِ نہ اچجوءِ ۽ جي ڏسو تہ اسين غنيمت جو مال گڏ ڪري رهيا آهيون تہ بہ اسان وٽ نہ اچجوءِ." (2)

(2) احمد، طبراني، حاڪم، عن ابن عباس ڏسو فتح الباري 350/7

۽ صحيح بخاريءَ جي لفظن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هيئن فرمايو تہ "جيڪڏهن توهان ڏسو تہ اسانکي پکي پيا جهپين تہ بہ پنهنجي جاءِ نہ ڇڏجوءِ. تانت آئون توهان کي سڏ ڪريا ۽ جي توهان ڏسو تہ اسان هنن کي مات ڏني آهي ۽ کين ڪچلي ڇڏيو آهي تہ بہ پنهنجي جڳهہ ايستائين نہ ڇڏجوءِ. جيستائين آئون نہ سڏيانوَ."(3)

(3) صحيح بخاري ڪتاب الجهاد 426/1

اهڙين سخت هدايتن سان ان ٽولي کي ان جبل تي بيهاري پاڻ سڳورن ﷺ اڪيلي ڪليل لنگهہ کي بہ بند

ڪري ڇڏيو، جنهن مان لنگهي مشرڪن جو دستو مسلمانن تائين پهچي ڪين گهيري ۾ آڻي سگهيو ٿي.

باقي لشڪر جي ترتيب هن ريت هئي. ميمنہ تي حضرت منذر رضہ بن عمرو مقرر ٿيا ۽ ميسره تي حضرت زبير بن العوام رضہ ۽ ساڻن ٻانهن ٻيلي حضرت مقداد بن اسود رضہ جن کي ڪيو ويو. حضرت زبير رضہ جن کي اهو ڪم بہ ڏنو ويو تہ اهي خالد بن وليد جي گهوڙيسوارن جو رستو روڪي رکن. ان ترتيب ڪانسواءِ قطار جي اڳئين حصي ۾ چوند ڪونڌر ۽ پهلوان مسلمان بيهاريا ويا، جن جي دليري ۽ جانثاريءَ جي هاڪ هئي ۽ جن کي هزارن جي مٽ سمجهيو ٿي ويو.

اها رٿا ڏاڍي گهري ۽ حڪمت واري هئي، جنهن سان پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي ان فوجي قيادت جي صلاحيت جو پتو پوري ٿو تہ ڪو سپهہ سالار ڪيڏو ئي صلاحيت وارو چونہ هجي، پر پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کان گهري ۽ حڪمت عمليءَ واري رٿا نٿو جوڙي سگهي. ڇو تہ جيتوڻيڪ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم دشمنن کانپوءِ هتي پهتا هئا پر انهن پنهنجي

لشڪر لاءِ اهڙي جاءِ چوندي، جيڪا جنگي لحاظ کان جنگ جي ميدان جي سڀ کان سٺي جڳهه هئي. يعني پاڻ سڳورن ﷺ جبل جي آڙ وٺي پنهنجي پٺ ۽ ساڄو پاسو محفوظ ڪري ورتو هو ۽ کاٻي پاسي کان جتان جنگ هلندي پٺيان کان حملو ٿي سگهيو ٿي، اتي تير انداز بيهاري ڇڏيا هئا ۽ پڙاءَ لاءِ هڪ مٿاهين جڳهه چوندي ته جيئن خدا نه ڪري، جيڪڏهن هارائجي ته پڇڻ ۽ پيڇو ڪرڻ وارن کان بچڻ لاءِ اتي پناهه وٺي سگهجي ۽ جي دشمن لشڪرگاهه تي قبضو ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪري ته ڪيس وڏو نقصان سهڻو پوي. ان جي پيٺ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ دشمنن کي هڪ هيٺاهين جڳهه تي پراءُ ڪرڻ تي مجبور ڪريوڏو هو، جيئن سندن کٽڻ کانپوءِ به کين ڪو وڏو فائدو نه رسي ۽ جي مسلمان کٽي وڃن ته هو پيڇو ڪرڻ وارن کان نه بچي سگهن. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ مشهور جوڌن جو هڪ ٽولو جوڙي لشڪر جي کوٽ پوري ڪئي. اها هئي پاڻ سڳورن ﷺ جي لشڪر جي ترتيب جيڪا 7 شوال سنه 3 هه تي ڇنڇر جي ڏينهن ڪئي وئي.

پاڻ سڳورن ﷺ پاران لشڪر ۾ شجاعت جو روح

قوڪڻ:- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اعلان ڪيو تہ جيستائين پاڻ حڪم نہ ڪن، تيستائين جنگ ڪانہ ڇيڙبي. پاڻ سڳورن ﷺ ڪي هڪ ٻئي مٿان ٻہ زرهون پاتل هيون. هاڻي پوڻ سڳورن انهن ۾ دليري ۽ بهادريءَ جو روح قوڪيندي هڪ صفا تکي تلوار مياڻ مان ڪڍي فرمايو تہ ڪير آهي، جيڪو هيءَ تولار وٺي ان جو حق ادا ڪري؟ ان تي گهڻائي اصحابي تلوار وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيا. جنهن ۾ حضرت علي بن ابي طالب رضہ، زبير بن العوام رضہ ۽ عمر بن خطاب رضہ جن بہ هئا. پر اهو دجانہ سماڪ بن خرشہ رضہ جن اڳتي وڌي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! هن جو حق ڪهڙو آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هن کي دشمن جي منهن تي ايستيائين هڻڻو آهي، جيستائين اها ڇڀي نہ ٿي وڃي." انهن چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! آئون اها تلوار وٺي ان جو حق ادا ڪرڻ ٿو چاهيان." پاڻ سڳورن ﷺ کين اها تلوار ڏئي ڇڏي.

ابودجانہ رضہ جن وڏا ڪونڌڙ مڙس هئا. وڙهڻ مهل آڪڙ ڪري هلندا هئا. انهن وٽ هڪ ڳاڙهو رومال هو. جڏهن اهو مٿي تي ٻڌندا هئا تہ ماڻهو سمجهي ويندا هئا تہ هاڻي پاڻ مرڻ گهڙيءَ تائين وڙهندا رهندا. تنهنڪري جڏهن انهن تلوار ورتي تہ مٿي تي رومال ٻڌي صفن جي وچان آڪڙجي لنگهڻ لڳا. ان مهل پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ جيتوڻيڪ اهڙي هلڻي الله تعاليٰ کي ناپسند آهي پر اهڙن موقعن تي نہ.

مڪي جي لشڪر جي تنظيم:- مشڪرن بہ اصول مطابق پنهنجي لشڪر کي تربيت ڏني. انهن جو سپهہ سالار ابوسفيان هو. جنهن لشڪر جي قلب ۾ پنهنجو مرڪز جوڙيو. ميمنہ تي خالد بن وليد هو. جيڪو اجا مشرڪ هو. ميسره تي عڪرمہ بن ابوجهل هو. پيادل فوج جي اڳواڻي صفوان بن اميہ وٽ هئي ۽ تيراندازن تي عبدالله بن ربيعہ مقرر هو.

جهنڊو بنو عبدالدار جي هڪ ننڍڙي ٽولي جي هٿ ۾ هو. اهو منصب کين ڏهوڪو مليل هو. جڏهن بنو

عبدالمناف، قصيءَ کان ورثي ۾ مليل منصب پاڻ ورهايا هئا. جن جو تفصيل مٿي بيان ڪيل آهي. پوء ابن ڏاڏن کان اهو دسور هلندو آيو، جنهن جي ڪري ڪوبہ ماڻهو هن منصب تي اعتراض نٿي اٿاري سگهيو. پر سپهہ سالار ابوسفيان کين ياد ڏياريو تہ بدر واري لڙائيءَ ۾ سندن علمدار نضر بن حارث جهلجي پيو هو تہ قريشن سان ڪيڏي نہ وڏي جٺ ٿي هئي. اها ڳالهہ ياد ڏيارڻ سان گڏ کين پڙڪائڻ لاء چيائين تہ "اي بني عبدالدار! بدر واري ڏينهن توهان، اسانجو جهندو ڪنيو هو تہ اسان جن حالتن ۾ ڦاٿا هئاسين اهي توهان ڏسي ورتيون هيون. حقيقت ۾ فوج جي جهندي واري پاسي ئي حملو ٿيندو آهي. جڏهن جهندو ڪرندو آهي تہ فوج جا پير اکڙي ويندا آهن. بس هن پيري يا تہ توهان چڱيءَ طرح سان جهندو سنڀاليو يا جهندي تان هٿ کڻو. اسين پاڻهي ان کي سنڀالڻ جو بندوبست ڪنداسين." هن ڳالهہ مان ابوسفيان جو جيڪو مقصد هو اهو هن ماڻهو. چو تہ اها ڳالهہ ٻڌي بني عبدالدار وارا تپي ويا ۽ لڳا ڌمڪيون ڏيڻ. ائين ٿي لڳو ڄڻ جن تي ڪاهي پوندا. چوڻ

لڳا تہ اسين پنهنجو جهندو توکي ڏيون؟ سپاٽي جڏهن ويڙهہ ٿيندي تہ تون ڏسي ونجان اسين ڇا ٿا ڪريون. پوءِ واقعي جڏهن جنگ شروع ٿي تہ اهي مڙسيءَ سان بيٺا رهيا، تانت سندن هڪ هڪ ماڻهو موت جو ڪاڄ ٿي ويو.

قريشن جي سياسي چالبازي:- جنگ کان پهرين قريشن، مسلمانن ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ جهيڙو ڪرائڻ لاءِ اپاءَ ورتا. هن مقصد لاءِ ابوسفيان انصارن کي نياپو موڪليو تہ توهان اسانجي ۽ اسانجي سوٽ (محمد صلى الله عليه وسلم) جي وچ مان نڪري وڃو تہ اسين بہ اوهان ڏي رخ نہ ڪنداسين. ڇو تہ اسانکي اوهان سان وڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. پر جنهن ايمان آڏو پهاڙ بہ ٽڪي بيهي سگهيا، ان جي آڏو هيءَ چال ڪيئن ٿي ڪامياب ٿي سگهي. تنهنڪري انصارن کيس ڏاڍو ڪڙو جواب ڏياري موڪليو.

پوءِ ڏکيو وقت بہ اچي پهتو ۽ ٻئي فوجون هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويون تہ قريشن ان مقصد لاءِ هڪ ٻيرو وري جتن ڪيو. يعني هڪ پڪو ٺڳ ابو عامر فاسق مسلمانن آڏو آيو. سندس نالو عبد عمرو بن صيفي هو ۽ کيس راهب

چيو ويندو هو. پر پاڻ سڳورن ﷺ سندس نالو فاسق رکي ڇڏيو. اهو جاهليت ۾ اوس قبيلي جو سردار هو. پر جڏهن اسلام آيو تہ اهو سندس گلي ۾ هڏيءَ وانگر اٽڪي پيو ۽ هو پاڻ سڳورن ﷺ خلاف کلي دشمنيءَ تي لهي آيو. هو مديني مان هلي قريشن وٽ ويو ۽ کين پاڻ سڳورن ﷺ خلاف ڀڙڪائي جنگ لاء راضي ڪيائين ۽ کين يقين ڏياريائين تہ منهنجي قوم جا ماڻهو مونکي ڏسندا تہ منهنجي ڳالهہ مڃي، منهنجو ساٿ ڏيندا. اهو ئي سبب هو جو هي همراهہ سڀ کان پهرين احد جي ميدان ۾ حبشين ۽ مکي وارن جي غلامن سان مسلمانن جي سامهون آيو ۽ پنهنجي قوم کي واڪا ڪري پنهنجو تعارف ڪرايائين ۽ چيائين تہ اوس قبيلي وارؤ! آئون ابو عامر آهيان. انهن وراڻيو تہ او فاسق! الله تنهنجي اک کي خوشي نہ ڏيکاري. هن اهو ٻڌي چيو تہ او هو! منهنجي قوم ۾ مون کان پوء شر اچي ويو آهي. (پوء جڏهن ويڙهہ شروع ٿي تہ هن ڏاڍي زوردار جنگ ڪئي ۽ مسلمانن تي ڏاڍي پٿر وسايا.)

اهڙيءَ طرح قريشن پاران ايمان وارن ۾ ڏقير وجهڻ جي بي ڪوشش بہ ناڪام ٿي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ گهٽائيءَ ۾ هجڻ ۽ گهٽو ساز ۽ سامان رکندي بہ مشرڪن جي دلين ۾ مسلمانن جو ڪيڏو نہ ڏهڪاءُ ويٺل هو.

همت ڏيارڻ لاء قريش عورتن جو ٽڪساٽ:- هوڏناهن قريش عورتون بہ ويڙهہ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لڳيون. انهن جي اڳواڻي ابوسفيان جي زال هند بنت عتبہ ڪري رهي هئي. انهن عورتن لشڪر۾ گهمي ۽ دف وڄائي ماڻهن ڪي جوش ڏياريو ۽ ويڙهہ لاء اڪسايو. ويڙهاڪن ڪي غيرت ڏياري ۽ نيزي بيزي ۽ تلوار باري، تير بازي ۽ ويڙهہ لاء جذبا ڀڙڪايا. ڪڏهن انهن علمبردارن ڪي ڀڙڪائي هيئن ٿي چيو تہ:

ويها بني عبدالدار

ويها حماه الادبار

ضربا بكل بتار

يعني ڏسو عبدالدار، ڏسو پٺين جا پاسبان، چڱيءَ طرح ڪريو وار.

۽ ڪڏهن پنهنجي قوم کي ويڙهه تي اڪسائڻ لاءِ هيئن ٿي چيائون:

ان تقبلوا نعانق

و نفرش النفارق

او تدبرو انفارق

فراق غير وامق

يعني جيڪڏهن توهان اڳتي وڌيا تہ اسين توهان کي گلي سان لڳائيندياسين ۽ سيج سجائينديون سين. پٺتي هٽيا تہ ڪاوڙجي توهان کان ڌار ٿي وينديون سين.

جنگ جو پهريون ڪاچ:- ان ڪانپوءِ ٻئي ڌريون هڪٻئي جي آمهون سامهون ۽ صفا ويجهو اچي ويون ۽ لڙائيءَ جو مرحلو شروع ٿي ويو. جنگ جو پهريون ڪاچ مشڪرن جو علمبردار طلحہ بن ابي طلحہ عبدري بڻيو. اهو قريشن جو هاڪارو شهسوار هو. ان کي مسلمان ڪبش الڪتيبہ (لشڪر جو دنبو) چوندا هئا. هو اٺ تي چڙهي نڪتو ۽ دوبدو وڙهڻ جو

سڌ ڏنائين. سندس حد کان وڌيڪ شجاعت ڪري عام اصحابي سڀورا وڙهڻ کان لنوائڻ لڳا پر حضرت زبير رضہ جن اڳتي وڌيا ۽ هڪ لمحي جي ڇوٽ ڏيڻ ڪانسواءِ شينهن وانگر ٽپ ڏئي اٺ تي وڃي چڙهيا ۽ کيس جهلي زمين تي ڪيرائي تلوار سان کيس ڪهي ڇڏيائون.

پاڻ سڳورن ﷺ اهو ڏيک ڏسي خوشيءَ ۾ تڪبير ج نعرو هنيو. مسلمانن بہ تڪبير جو نعرو هنيو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ هر نبيءَ جو هڪ حواري هوندو آهي. منهنجو حواري زبير رضہ آهي. (1)

(1) اها ڳالهہ سيرت حلبيہ واري لکي آهي. هونئن حديثن ۾ اهو جملو ٻئي موقعي بابت ڄاڻايل آهي.

ويڙهاند جو مرڪز ۽ علمبردار جو موت:- ان ڪانپوءِ هر طرف جنگ جا الا ڀڙڪي پيا ۽ سڄو ميدان، رڻ گجيو راڙو ٿيو جو ڏيک ڏيڻ لڳو. مشرڪن جي جهنڊي واري جڳهہ ويڙهہ جو مرڪز بڻجي وئي. بنو عبدالدار پنهنجي مهندار طلحہ بن ابي طلحہ جي مارجڻ ڪانپوءِ هڪٻئي ڪانپوءِ

جهندو سنڀاليو پر هڙئي مارجي ويا. سڀ کان پهرين طلحہ جي ڀاءُ عثمان بن ابي طلحہ جهنڊو کنيو ۽ هيئن چوندي اڳتي وڌيو:

ان علي اهل اللوآء حقا

ان تخضب الصعده او تندقا

يعني علمبردارن جو فرض آهي تہ نيزو يا تہ (رت سان) رنگجي وڃي يا ڀڄي پوي.

ان تي حضرت حمزه رضہ جن حملو ڪيو ۽ سندس ڪلهي تي اهڙي تلوار هنئي جو اها هٿ سميت ڪلهي کي ڪٽيندي ۽ جسم کي چيريندي دن تائين وڃي پهتي ۽ سندن ڦڦڙ نظر اچڻ لڳا.

ان کانپوء ابو سعد بن ابي طلحہ جهنڊو کنيو. ان کي حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ تير هنيو، جيڪو وڃي سندس گليءِ لڳو. جنهن سان سندس زبان ٻاهر نڪري آئي ۽ هو ٺڏي تي ئي مري ويو. ڪن سيرت نگارن جو چوڻ آهي تہ ابو سعد ٻاهر نڪري دوبدو ويڙهہ جو سڏ ڏنو ۽ حضرت علي رضہ جن اڳتي وڌي ساڻس مقابلو ڪيو. ٻنهي هڪٻئي

تي تلوار جو هڪ هڪ وار ڪيو پر حضرت علي رضہ جن ابو سعد کي ماري وڌو.

ان ڪانپوءِ مسافع بن طلحہ بن ابي طلحہ جهنڊو سنڀاليو پر ڪيس عاصم بن ثابت بن ابي افلح رضہ جن تير هڻي ماري وڌو. ان ڪانپوءِ سندس ڀاءُ ڪلاب بن طلحہ بن ابي طلحہ جهنڊو ڪنيو پر ان تي حضرت زبير بن العوام رضہ جن حملو ڪيو ۽ سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ انهن ٻنهي جي ڀاءُ هلاس بن طلحہ بن ابي طلحہ جهنڊو سنڀاليو پر ڪيس طلحہ بن عبيدالله رضہ نيزو هڻي ماري وڌو. ڪن جو چوڻ آهي تہ عاسم بن ثابت بن ابي افلح رضہ جن تير سان ماريو هوس.

اهي هڪ ئي گهر جا ڇهہ ڀاتي هئا. يعني سڀئي ابي طلحہ عبدالله بن عثمان بن عبدالدار جا پٽ ۽ پوٽا هئا، جيڪي مشرڪن جو جهنڊو سنڀائيندي مئا. ان ڪانپوءِ عبدالدار قبيلي جي هڪ ٻئي ماڻهوءَ ارطاه بن شرحبيل جهنڊو سنڀاليو. پر ڀيس حضرت علي رضہ يا حضرت حمزه رضہ جن ماري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ شريح بن قارظ جهنڊو

سنپاليو پر ڪيس قزمان مارو ڇڏيو. قزمان، منافق هو ۽ اسلام بدران قبائلي حميت جي جوش ۾ مسلمانن سان گڏ وڙهڻ آيو هو. شريح ڪانپوءِ ابو زيد عمرو بن عبدالمناف عبدريءَ جهنڊو ڪنيو پر ان کي بہ قزمان ماريو. پوءِ شرحبيل بن هاشم عبدريءَ جي پٽ جهنڊو سنڀاليو پر اهو بہ قزمان هٿان مارجي ويو.

اهي بنو عبدالدار جا ڏهہ ڄڻا هئا، جن مشرڪن جو جهنڊيو سنڀاليو پر سيئي مارجي ويا. ان ڪانپوءِ ان قبيلي جو ڪوبہ ماڻهو نہ بچيو، جيڪو جهنڊو کڻي پر ان موقعي تي هڪ حبشي غلام، جنهنجو نالو صواب هو، جهپ هڻي جهنڊو کڻي ورتو ۽ ايڏي دليريءَ سان مڙس ماڻهو تي وڙهيو جو پاڻ ڪان اڳ جهنڊو کڻندڙ پنهنجن مالڪن ڪان بہ گوءِ کڻي ويو ۽ لاڳيتو وڙهندو رهيو. تانت سندس ٻئي هٿ هڪ هڪ ڪري ڪپجي ويا پر ان ڪانپوءِ بہ هن جهنڊو ڪرڻ نہ ڏنو ۽ گوڏن پر ويهي ڇاتيءَ ۽ ڳچيءَ جي ٽيڪ تي جهلي رکيائين. تانگ ڪيس ماريو ويو. ان ٻقت بہ هو چئي رهيو هو تہ اي الله! هاڻي تہ مون ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي آهي.

ان جي مرڻ ڪانپوءِ جهنڊو زمين تي ڪري پيو ۽ ان کي ڪڻڻ وارو ڪوبہ نہ بچيو. انڪري اهو پٽ تي ئي ڪريل رهيو.

بين حصن ۾ جنگ جي ڪيفيت:- هڪ پاسي قريشن جو جهنڊو ويڙهہ جو مرڪز بڻجي ويو هو تہ ٻئي پاسي ميدان جي ٻين حصن ۾ بہ سخت ويڙهہ هلي رهي هئي. مسلمانن تي ايمان جو روح ڇانيل هو. انڪري اهي شڪر ۽ ڪفر جي لشڪر تي ٻوڏ وانگر ڪاهي پيا هئا، جنهن جي آڏو ڪو بند نٿي ٻڌجي سگهيو. مسلمان ان موقعي تي امت امت پڪري رهيا هئا ۽ اهو ئي هن جنگ جو شعار هو. هوڏانهن حضرت ابو دجانہ رضہ جن پنهنجو ڳاڙهو رومال ٻڌي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي ڏنل تلوار هٿ ۾ جهلي ۽ ان جو حق ادا ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪندي وڙهندي وڙهندي پري تائين هليا ويا. اهي جنهن مشرڪ سان اٽڪيا تي، ان کي پورو ڪري ڇڏيائون. انهن مشرڪن جون قطارن جون قطارون ڪيرائين ڇڏيون.

حضرت زبير بن العوام رضہ جن جو ٻڌايل آهي تہ جڏهن مون پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کان تلوار گهري ۽ انهن نہ ڏني تہ منهنجي دل تي ان جو اثر ٿيو ۽ مون دل ۾ سوچيو تہ آئون پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو پڦاٽ آهيان، قريش آهيان ۽ مون پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ ابودجانہ رضہ جن کان اڳ وڃي تلوار جي گهر ڪئي هئي پر پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم مونکي نہ ڏني ۽ انهن کي ڏئي ڇڏي. انکري والله! آئون ڏسندس تہ هو ان کان ڪهڙو ڪم ٿو وٺي؟ پوءِ ائون سندس پٺيان لڳي پيس. ان ڇا ڪيو جو پهرين پنهنجو ڳاڙهو رومال ڪڍي مٿي تي ٻڌو. ان تي انصارن چيو تہ ابو دجانہ رضہ جن موت جو رومال ڪڍي ورتو آهي. پوءِ هو هيئن چوندي ميدان ۾ ڪاهي پيو تہ:

انا الذي عاهدني خليل

و نحن بالسفح لذي النخيل

ان لا اقوم الدهر في الكيول

اضرت بسيف الله و رسول

يعني:- مون نخلستان جي دامن ۾ پنهنجي خليل ﷺ سان واعدو ڪيو آهي تہ ڪڏهن بہ صفن جي پويان نہ رهندس (بلڪ اڳتي وڌي) الله ۽ ان جي رسول جي تلوار واهيندو رهندس.

ان ڪانپوءِ ساڻن جيڪو بہ ٽڪرايو ٿي، ان کي ماري ٿي وڌائون. هوڏانهن مشرڪن ۾ هڪ ڇٽو هو، جيڪو اسانجن ڏڪيل ساٿين کي ڏسي ماري رهيو هو. اهي ٻئي هوريان هوريان ويجهو اچي رهيا هئا. مون الله کان دعا گهري تہ ٻنهي جو ٽڪراءُ ٿي وڃي ۽ ٿيو بہ ائين. ٻنهي هڪٻئي تي هڪ هڪ وار ڪيو. پهرين مشرڪ، ابودجانہ رضہ تي تلوار هلائي پر ابودجانہ رضہ جن اهو ڏڪ ڍال تي روڪيو ۽ مشرڪ جي تلوار ان ڍال ۾ ڦاسي پئي. ان ڪانپوءِ ابودجانہ رضہ تلوار هڻي مشرڪ کي اتي ئي ڍير ڪري وڌو. (1)

(1) ابن هشام 2/68، 69

ان بعد ابو دجانہ رضہ قطارن جون قطارون چيري اڳتي وڌيو ۽ وڃي قريش عورتن جي مهندار تائين وڃي پهتو. کين پتو نہ هو تہ اها ڪا عورت آهي. سندس بيان آهي تہ مون هڪ ماڻهو ڏٺو. جيڪو زور شور سان ماڻهن کي پڙڪائي رهيو هو. انڪري مون ڪيس نشاني تي ورتو پر جڏهن تلوار سان حملو ڪرڻ وارو هئس تہ هن وٺي رڙيون ڪيون ۽ خبر پئي تہ اها تہ ڪا مائي آهي. مون پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جي تلوار کي اهو لڳڻ نہ ڏنو تہ ان سان ڪا مائي ماري وڃهان.

اها مائي عتبہ جي ڌيءَ هند هئي. جيئن حضرت زبير بن العوام رضہ جو بڌايل آهي تہ مون ابو دجانہ رضہ کي ڏٺو. ان هند بنت عتبہ جي مٿي کان تلوار اپي ڪي ۽ پوء هٽائي ڇڏي. مون سوچيو تہ الله ۽ ان جو رسول ئي وڌيڪ بهتر ڄاڻن ٿا. (2)

(2) ابن هشام 69/2

هوڏانهن حضرت حمزه رضہ بہ ڪاوڙيل شينهن جيان ويڙهاند ڪري رهيو هو. سندس آڏو اچي وڏا وڏا بهادر ائين

وکري (پٺي) رهيا هئا. جڻ تکي طوفان ۾ پڻ اڏامي رهيا هجن. هن مشرڪن جي علمبردارن کي مارڻ ۾ ٻهرو ونڻ ڪانسواءِ ٻيا به وڏا وڏا ويڙهو ڪلٽي ڪري ڇڏيا هئا. پر افسوس جو ان حالت ۾ سندن شهادت ٿي پئي. پر ڪين بهادرن وانگر صفن ۾ وڙهندي شهيد نه ڪيو ويو هو. بلڪ ڪانيرن وانگر لڪي اٽڪاٽائيءَ ۾ ماريو ويو هو.

حضرت حمزه رضه جي شهادت:- سندن قاتل جو نالو وحشي بن حرت هو. اسني سندن شهادت جو واقعو ان جي واتان ٻڌايون ٿا. هن ٻڌايو ته آئون جبير بن مطعم جو ٻانهو هئس. ان جو چاچو طعيمه بن عدي بدر جي جنگ ۾ مارجي ويو هو. جڏهن قريش احد واري لڙائيءَ لاءِ روانا ٿيڻ لڳا ته جبير بن مطعم مونکي چيو ته "جيڪڏهن تون محمد صلى الله عليه وسلم جي چاچي حمزي رضه کي منهنجي چاچي جي بدران مارين ته تون آجو ٿي ويندين." وحشيءَ جو چوڻ آهي ته (ان آڄ جي ڪارڻ) آئون به ٻين سان گڏ روانو ٿيس. آئون حبشي هئس ۽ حبشين وانگر نيزو اڇلڻ جو ماهر هئس. نشانو گهٽ گسندو هوم. جڏهن ويڙهه شروع ٿي ته آئون حمزي رضه کي

ڳولهڻ لڳس. نيٺ مون کين ماڻهن جي ميڙ ۾ ڏٺو. پاڻ يلي خاڪي اٺ وانگر نمايان نظر اچي رهيو هو ۽ ماڻهن کي چڙوچڙ ڪري اڳتي وڌي رهيو هو. سندس آڏو ڪابہ شيءِ ٽڪي نہ پئي سگهي.

والله! آئون اجا کين مارڻ جو ارادو ڪري رهيو هوس ۽ ڪنهن پٿر يا وڻ جي اوٽ وٺي کين ويجهو اچڻ جو وجهہ ڏين پئي گهريم تہ ايتري ۾ سباع بن عبدالعزيٰ مون کان اڳتي وڌي وٽن پهتو. حمزه رضہ کيس للڪاريندي چيو تہ "او طهر ويهارڻ واريءَ جا پٽ! اچئي ٿو." ان سان گڏ ئي اهڙو زور سان تلوار هنيائينس جو هن جو ڪنڌ ڄڻ هو ئي ڪونہ.

وحشيءَ جو چوڻ اهي تہ اوڏي مهل مون نيزو توريو ۽ جڏهن منهنجي مرضيءَ موجب ٿيو تہ ڏانهس اڇلايم. نيزو دن کان هيٺ لڳو ۽ ٻنهي پيرن جي وچان لنگهي ويو. هن اٿڻ جي ڪئي پر ڪري پيو. مون کيس ان حال ۾ ڇڏي ڏنو. نيٺ هو گذاري ويو. ان کانپوءِ مون وٽن وڃي پنهنجو نيزو ڪڍيو ۽ لشڪر ۾ موٽي اچي ويهي رهيس. (منهنجو ڪم پورو ٿي چڪو هو) منهنجو ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن سان معاملو

ڪونہ هو. مون ڪين رڳو ان لاءِ ماريو تہ جيئن آئون آجپو حاصل ڪري سگهان. پوءِ جڏهن مڪي پهتس تہ مونکي آزادي ملي وئي. (1)

(1) ابن هشام 69/2، 72 صحيح بخاري 583/2

وحشيءَ طائف جي جنگ کان پوءِ اسلام قبوليو ۽ پنهنجي ساڳئي نيزي سان حضرت ابوبڪر رضہ جي ڏينهن ۾ يمامہ جي جنگ ۾ مسلمہ ڪذاب کي ماريو. ان رومين خلاف يرموڪ جي جنگ ۾ بہ بهرو ورتو.

مسلمانن جي سرسي:- الله ۽ الله جي رسول جي شينهن حضرت حمزه رضہ جي شهادت سان مسلمانن کي ڪاپاري ذڪ رسيو تہ بہ مسلمان جنگ ۾ سرس رهيا. حضرت ابوبڪر ۽ عمر، علي ۽ زبير، مصعب بن عمير، طلحہ بن عبيدالله، عبدالله بن جحش، سعد بن معاذ، سعد بن عباده، سعد بن ربيعہ ۽ نضر بن انس وغيره رضي الله عنهم اجمعين ايڏو مڙسيءَ سان وڙهيا جو مشرڪن جا حوصلا خطا ٿي ويندا ويا ۽ اهي حوصلو هاري ويهي رهيا.

عورت جي هنج کان تلوار جي ڌار تائين:- هاڻي ٽورو هيڏانهن ڏسو. انهن ئي ڪونڊرن ۾ حضرت حنظله الغسيل رضہ بہ نظر اچي رهيو آهي، جيڪو اڄ هڪ انوکي شان سان ميدان ۾ لٿل آهي. پاڻ ان ئي ابو عامر راهب جو فرزند آهي، جيڪو پوء فاسق جي نالي سان مشهور ٿيو. ان جو ذڪر اڳتي اچي چڪو آهي. حضرت حنظله رضہ جي تازي شادي ٿي هئي. جنگ جو پڙهو ڏنو ويو تہ ان مهل پان پنهنجي گهرواريءَ سان ستل هو. سڏ ٻڌندي ئي هنج ڇڏي جهاد لاء نڪري پيو ۽ جڏهن مشرڪن سان ڇتي ويڙهہ ٿيڻ لڳي تہ پاڻ صفون چيريندي سپہ سالار ابوسفيان تائين وڃي پهتو ۽ ابوسفيان کي مارڻ وارو ئي هو جو الله تعاليٰ پاران سندن لاء مقرر ڪيل شهادت ٿي گذري ۽ جيئن ئي ابوسفيان جو نشانو وني تلوار اپي ڪيائين تہ شداد بن اوس ڏسي ورتس ۽ جهٽ ڪري حملو ڪري ڏنائين. جنهن سان حضرت حنظله رضہ شهيد ٿي ويو.

تيراندازن جو ڪارنامو:- رمات جبل تي جن تيراندازن کي پاڻ سڳورن ﷺ بيهاريو هو، انهن بہ جنگ ۾ بين

مسلمانن وانگر ڀرپور ڀھرو ورتو. مڪي جي شهسوارنِ الد بن وليد جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ ابو عامر فاسق جي مدد سان اسليم فوج جو کاٻو طرف ٽوڙي مسلمانن جي پٺيان پهچڻ ۽ انهن جي صفن ۾ افراتفري مچائي ڀرپور مات ڏيڻ لاءِ تي پيرا زورائتو حملو ڪيو. پر مسلمان تيراندازن ڪين اهڙا تہ تير هنيا جو ٽئي حملي ناڪام ٿي ويا. (1)

(1) فتح الباري 346/7

مشرڪن جي هار:- ٿوري دير تائين ڇتي ويڙهہ ٿيندي رهي ۽ ننڍڙو اسلامي لشڪر پوريءَ طرح جنگ تي حاوي رهيو. نيٺ مشرڪن جا حوصلا ٽٽي پيا. سندن صفون ٽٽڻ لڳيون. ڇڻ ٽي هزار مشرڪ، ست سوءَ نہ پر ٽي هزار مسلمانن سان ٽڪرايا هجن. هوڏانهن مسلمان ايمان ۽ يقين، جانبازي ۽ شجاعت جا نهايت وڏا مثال ٻڌجي تيرن ۽ تلوارن جا جوهر ڏيکاري رهيا هئا.

جڏهن قريشن، مسلمانن جي لاڳيتن حملن کي روڪڻ لاءِ پنهنجي سموري سگهہ استعمال ڪرڻ کانپوءِ بہ مجبوري ۽ بيوسي محسوس ڪئي ۽ سندن حوصال ايترا خطا ٿي ويا

جو صواب جي قتل ڪانپوءِ جڏهن جنگ ڪي جاري رکڻ لاءِ ڪير بہ پنهنجو جهندو بلند ڪرڻ لاءِ نہ ستيو تہ انهن ڀڄڻ شروع ڪيا ۽ پٺ ۾ ڀلائي ڄاتائون ۽ عزت ۽ وقار جو ڀرم رکڻ لاءِ ڀلاند ڪرڻ جون ڳالهيون سندن دل مان نڪري ويون.

ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ الله، مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ انهن سان ڪيل پنهنجو واعدو نڀايو. تنهنڪري مسلمانن، تلوارن سان مشرڪن کي اهڙي مار ڪڍي جو اهي پنهنجي پڙاءَ کان بہ پري ڀڄي ويا ۽ ان ۾ شڪ نہ آهي تہ ڪين مات ملي. حضرت عبدالله بن زبير رضہ جن پنهنجي والد کان روايت ڪئي آهي تہ "والله مون ڏٺو تہ هند بنت عتبہ ۽ سندس ساهيڙيون ور ڪنجي ائين ڀڄڻ لڳيون جو سندن ڄنگهون نظر اچي رهيون آهن. ڪين بادي بنائڻ ڪو مسئلو نہ هو..... الخ (1)

(1) ابن هشام 77/2

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت براءَ بن عازب رضہ جي روايت آهي تہ جڏهن مشرڪن سان اسانجو ٽڪراءُ ٿيو تہ

انهن۾ ياڃ پئجي وئي. ايستائين جو مون ماين کي ور ڪٽي جبلن ڏي تڪڙو ڀڄندي ڏٺو. سندن پيرن جون ڇيرون بہ نظر اچي رهيون هيون. (2) ۽ ان ياڃ دوران مسلمان، مشرڪن تي تير هلائيندي ۽ مال ميڙيندي سندن پيڇو ڪري رهيا هئا.

(2) صحيح بخاري 579/2

تيراندازن جي خوفناڪ غلطي:- پر ان مهل، جڏهن هيءُ ننڍڙو اسلامي لشڪر مڪي وارن خلاف تاريخ جي ورقن تي هڪ ٻي وڏي سوڀ جو داستان رقم ڪري رهيو هو، جيڪا بدر واري لڙائيءَ کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ هئي، اوڏي مهل تيراندازن جي گهڻائيءَ هڪ خوفناڪ غلطي ڪري وڌي. جنهن ڪارڻ جنگ جو نقشو تبديل ٿي ويو. مسلمانن کي وڏو نقصان رسيو ۽ ان جي ڪارڻ مسلمانن جي اها ساک ۽ هيبت دلين مان نڪري وئي. جيڪا بدر جي لڙائيءَ جي نتيجي ۾ کين حاصل ٿي هئي.

گذريل صفحن ۾ اچي چڪو آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تيراندازن کي ڪٹڻ توڙي هارائڻ جي صورت ۾ ان هنڌ

تي ڇمي بيهڻ جو سختيءَ سان تاڪيد ڪيو هو. ان هوندي بہ جڏهن هنن ڏٺو تہ مسلمان غنيمت جو مال ميڙي رهيا آهن تہ انهن کي دنيا جي ڪجهہ ڇڪ ٿي، تنهنڪري انهن مان ڪن، ٻين کي چيو تہ غنيمت....! غنيمت....! توهان جا ساٿي ڪٽي ويا....! هاڻي انتظار ڇا جو؟

اهو ٻڌندي ئي سندن اڳواڻ حضرت عبدالله بن جبير رضہ کين پاڻ سڳورن ﷺ جو حڪم ياد ڏياريو ۽ فرمايو تہ ڇا توهان وساري ويٺا آهيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ توهان کي ڪهڙو حڪم ڪيو هو؟ پر سندن گهڻائيءَ ان يادگيريءَ کي هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳا تہ "خدا جو قسم! اسين بہ انهن وٽ وينداسين ۽ ڪجهہ غنيمت جو مال ضرور هٿ ڪنداسين."(1) ان ڪانپوءِ چاليهہ تيراندازن پنهنجا مورچا ڇڏي ڏنا ۽ غنيمت جو مال ميڙڻ لاءِ عام لشڪر سان وڃي مليا. اهڙيءَ طرح مسلمانن جي پٺ خالي ٿي وئي ۽ اتي رڳو حضرت عبدالله بن جبير رضہ ۽ سندن نوَ ساٿي وڃي بچيا. جيڪي ان عزم سان پنهنجن

مورچن تي ڇميا بيٺا رهيا ته يا ته کين ورڻ جي موڪل ڏني ويندي يا اهي پنهنجي جان، خدا جي حوالي ڪري ڇڏيندا.

اسلامي لشڪر مشرڪن جي گهيري ۾:- خالد بن وليد، جيڪو ان کان اڳ ٽي ڀيرا ان مورچي کي ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري چڪو هو. ان سونهري موقعي جو فائدو وٺندي ڏاڍي تيزيءَ سان ڦيرو ڪائي اسلامي لشڪر جي پٺ تي وڃي پهتو ۽ ٿوري دير ۾ حضرت عبدالله بن جبير رضه ۽ سندن ساٿين جو خاتمو ڪري مسلمانن تي پٺيان حملو ڪري ڏنائين. سندس شهسوارن نعرو هنيو، جنهن سان هارايل مشرڪن کي نئين تبديليءَ جو پتو پيو ۽ اهي به مسلمانن تي ڪاهي پيا. هوڏانهن بنو حارث قبيلي جي هڪ عورت عمره بنت علقمه جهپ هڻي پٽ تي پيل مشرڪن جو جهنڊو کڻي ورتو. پوءِ ته بس ڇڙوڇڙ ٿيل مشرڪ ان جي چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي کي سڏڻ لڳا. هاڻي مسلمان اڳيان پٺيان گهيري ۾ اچي، چڻ ته چڪيءَ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ ڦاسي پيا هئا.

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو دليراڻو فيصلو:- اهڙي وقت تي پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم رڳو نون اصحابي سڳورن (1) جي گهيري ۾ پنيان بيٺل هئا (2) ۽ مسلمانن جي

(1) صحيح مسلم 107/2 ۾ روايت آهي ته پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم احد واري ڏينهن رڳو ستن انصارن ۽ ٻن قريش اصحابين جي وچ ۾ موجود هئا.

(2) جنهن جو دليل الله تعاليٰ جو هيءُ فرمان آهي ته والرسول يدعوكم في اخراكم يعني رسول توهانکي توهانجي پنيان سڏي پيو.

ويڙهه ۾ مشرڪن جو حشر ڏسي رهيا هئا جو پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي اوچتو خالد بن وليد جا گهوڙيسوار نظر آيا. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم آڏو ٻه رستا وڃي بچيا ته يا ته پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم پنهنجن نون ساٿين سان گڏ تڪڙا پڇي وڃي ڪنهن هٿيڪي جاءِ تي رسن ۽ پنهنجي لشڪر کي، جيڪو دشمنن جي گهيري ۾ اچڻ وارو هو، قسمت تي ڇڏي ڏين يا پنهنجي جان خطري ۾ وجهي پنهنجن اصحابين کي سڏين ۽ انهن جو چڱو خاصو تعداد گڏ ڪري هڪ مضبوط

محاذ جوڙين ۽ ان جي ذريعي مشرڪن جو گهيرو ٽوڙي پنهجي لشڪر لاءِاحد جبل تي مٿي چڙهڻ جو رستو ٻڌائين.

آزمائش جي ان نازڪ گهڙيءَ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي عبقريت ۽ بيمثال دليري پڌري ٿي، ڇو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جان بچائي ڀڄڻ بدران جان خطري ۾ وجهي اصحابي سڳورن جي جان بچائڻ جو فيصلو ڪيو.

تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ خالد بن وليد جي گهوڙيسوارن کي ڏسندي ئي وڏي واڪي اصحابي سڳورن کي سڏيو. الله جا ٻانهؤ...! هيڏانهن...! پاڻ ﷺ پليءَ يت ڄاتائون ٿي تہ اهو سڏ مسلمانن کان اڳ مشرڪن تائين پهچندو ۽ ٿيو بہ ائين ئي، اهو سڏ ٻڌي مشرڪن کي پتو پيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ اتي موجود آهن. تنهنڪري سندن هڪ جٿو مسلمانن کان اڳ پاڻ سڳورن ﷺ تائين پهچي ويو ۽ ٻين شهسوارن تيزيءَ سان مسلمانن کي گهيرڻ شروع ڪيو. هاڻي اسين ٻنهي محاذن جو تفصيل ڌار ڌار ٻڌائينداسين.

مسلمانن ۾ ڦڙڦوٽ:- جڏهن مسلمان گهري ۾ اچي ويا تہ هڪ ٽولو هوش وڃائي ويٺو. ان کي اچي سر سان لڳي. تنهنڪري اهو جنگ جو ميدان ڇڏي وٺي ڀڳو. ان کي ڪابہ خبر نہ هئي تہ پنيان ڇا ٿي رهيو آهي؟ انهن مان ڪجهہ ڀڄي وڃ: مديني پهتا ۽ ڪي جبل تي چڙهي ويا. هڪ ٻيو گروهہ پنيان مڙيو تہ مشرڪن سان اهڙو وچڙيو جو هڪٻئي کي سڃاڻي نہ سگهيا. ان جي ڪري مسلمانن هٿان ئي ڪي مسلمان مارجي ويا. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ بيبي عائشہ رضہ کان روايت آهي احد واري ڏينهن (پهرين تہ) مشرڪن کي مات ملي. ان بعد ابليس هوڪاريو تہ "الله جا ٻانهؤ! پنيان... ان تي اڳين صف پنٺي وري ۽ پنين صف سان اٽڪي پئي. حذيفہ رضہ ڏٺو تہ سندن والد يمان رضہ تي حملو ٿي رهيو آهي تہ چيائون تہ الله جا ٻانهؤ! هيءُ منهنجو پيءَ آهي. پر خدا جو قسم! ماڻهن هٿ نہ جهليو. نيٺ کين ماري وڌائون. حذيفہ رضہ چيو تہ الله توهانجي مغفرت ڪري. حضرت عروه رضہ ٻڌائي ٿو تہ بخدا حضرت حذيفہ رضہ

سدائين خير گهرندو رهيو. ايستائين جو وجي الله کي پرتو. (1)

(1) صحيح بخاري 539/1، 581/2 فتح الباري 351/7، 362، 363 بخاريءَ ڪانسواء ڪن روايتن ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ديت ڏيڻ گهري پر حضرت حذيفہ رضہ چيو تہ مون سندن ديت مسلمانن کي صدقو ڪري ڇڏي. ان ڪارڻ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي نظر ۾ پاڻ اجا تہ وڌيڪ خير وارو ٿيو. ڏسو مختصر السيره للشيخ عبدالله نجدي صفحو 246

مطلب تہ ان جتيءَ ڏاڍي ڦوٽ پئجي وئي هئي. گهڻائي ماڻهو حيرانيءَ ۾ پئي ڦريا. سندن سمجهہ ۾ نہ پئيآيو تہ ڪيڏانهن وڃن. اهڙي وقت تي ڪنهن هوڪو ڏنو تہ محمد صلى الله عليه وسلم قتل ٿي ويو آهي. ان سان سندن رهيل کهيل هوش بہ اڏامي ويو. گهڻن جو حوصلو ٽٽي ويو. ڪن ويڙهہ کان هٿ جهلي ورتو ۽ مايوس ٿي هٿيار ڦٽا ڪيا. ڪن ٻين سوچيو تہ منافقن جي سردار (راس المنافقين) عبدالله بن ابي سان ملي ڪيس چيو وڃي تہ هو ابوسفيان کان سندن لاءِ امان گهري.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ انهن وٽان حضرت انس بن النضر رضہ لنگهيو. ڏٺائين تہ اهي هٿ هٿ تي رکي ويٺا آهن. پڇيائون تہ ڇا جو انتظار اٿوَ؟ جواب ڏنائون تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم قتل ٿي ويا آهن. حضرت انس بن نضر رضہ چيو تہ پوءِ هاڻي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کانپوءِ توهان جيئرا رهي ڇا ڪندا؟ اٿو ۽ جنهن ڳالهہ لاءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جان ڏني، ان لاءِ توهان بہ جان ڏيو. ان ڪانپوءِ چيائين تہ اي الله! هنن (يعني مسلمانن) جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي ان لاءِ توکان معافي ٿو گهران ۽ انهن يعني مشرڪن جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي ان کان آئون بيزاري اختيار ٿو ڪريان ۽ اهو چئي اڳتي وڌي ويا. اڳيان حضرت سعد بن معاذ رضہ مليس. ان پڇيو تہ ابو عمر رضہ! ڪيڏانهن پيو وڃين؟ حضرت انس وراڻيو تہ "آهہ! جنت جي سڳنڌ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. اي سعد! آئون ان (واس) کي احد جي هن پار پيو محسوس ڪريان. ان ڪانپوءِ پاڻ اڳتي وڌي ويو ۽ مشرڪن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. جنگ جي پڄاڻيءَ تي سندن سڃاڻپ نہ پئي ٿي سگهي. نيٺ سندن ڀيڻ رڳو آڱرين جي پورن ذريعي سندن

سجاٽپ ڪئي. ڪين نيزي، تلوار ۽ تيرن جا اسيءَ کان وڌيڪ گهاءَ لڳا هئا. (1)

(1) زاد المعاد 2/93، 96 صحيح بخاري 2/579

اهڙيءَ طرح ثابت بن دحداح رضہ پنهنجيءَ قوم کي سڏ ڪندي چيو تہ "جيڪڏهن محمد صلى الله عليه وسلم مارجي ويا آهن تہ بہ الله تہ زنده آهي. اهو تہ نٿو مري سگهي. توهان پنهنجي دين لاءِ وڙهو. الله توهان کي سوڀ ڏيندو ۽ مدد ڪندو. ان تي انصارن جي هڪ جماعت اٿي ۽ حضرت ثابت رضہ انهن جي مدد سان خالد جي رسالي تي حملو ڪيو ۽ وڙهندي وڙهندي حضرت خالد جي هٿان نيزي لڳڻ سان شهيد ٿيو. ان وانگر ٺي سندن ساٿين بہ وڙهندي وڙهندي شهادت جو رتبو ماڻيو. (2)

(2) السيره الحلبيہ 2/22

هڪ مهاجر اصحابي، هڪ انصار اصحابيءَ پرسان لنگهيو، جيڪو رتوڇاڻ ٿيل هو. مهاجر چيو تہ ياٺو فلاڻي! خبر اٿئي تہ محمد صلى الله عليه وسلم جن مارجي ويا آهن؟ انصاريءَ

چيو تہ جيڪڏهن محمد صلی اللہ علیہ وسلم مارجي ويا آهن تہ بہ الله جو دين پهچائي چڪا آهن. هاڻي توهانجو ڪم آهي تہ ان دين جي حفاظت لاءِ وڙهو. (3)

(3) زاد المعاد 96/2

اهڙيءَ طرح جي حوصلو ڏياريندڙ ڳالهين سان اسلامي لشڪر جو حوصلو وڌيو ۽سندن هوش ٺڪاڻي تي لڳو. تنهن ڪانپوءِ انهن هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ ابن ابي سان ملي امان وٺڻ جي ڳالهہ سوڍڻ بدران هٿيار ڪنيا ۽ مشرڪن جي لوڌ سان ٽڪرائجي سندن گهيرو ٽوڙڻ ۽ پنهنجي مرڪز تائين رستو صاف ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبي ويا. ان دوران اهو بہ پتو پئجي ويو تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي مارجڻ جي خبر ڪوڙي آهي. ان سان سندن حوصلو وڌي ويو. تنهن ڪانپوءِ اهي هڪ چٽي ويڙهہ ڪانپوءِ گهيرو ٽوڙڻ ۽ هڪ مضبوط مرڪز ويجهو گڏ ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

اسلامي لشڪر جو ٽيون گروهہ اهو هو جنهن کي رڳو پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو فڪر هو. اهو گروهہ گهيرو ٿيندي ڏسي هڪدم پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏانهن وريو. انهن ۾ سڀ

كان اڳرا حضرت ابو بڪر صديق رضہ، عمر بن الخطاب ۽ علي بن ابي طالب وغيره هئا. اهي سڀ ويڙهہ ۾ بہ سڀ کان اڳرا هئا پر جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي جان کي خطرو ڏٺائون تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي سنڀال ۽ بچاءُ ڪرڻ وارن مان بہ سڀ کان اڳرا نڪتا.

پاڻ سڳورن ﷺ جي ويجهو ڇتي ويڙهہ:- صفا اهڙي وقت تي جڏهن اسلامي لشڪر گهيري ۾ اچي مشرڪن جي وچ ۾ چڪيءَ جي ٻن پڙن وانگر پيسجي رهيو هو، پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري بہ ڇتي ويڙهہ تي رهي هئي. اسني ٻڌايئ چڪا آهيون تہ مشرڪن جنهن مهل گهيراءُ پئي ڪيو، اوڏي مهل پاڻ سڳورن ﷺ سان رڳو نوَ ماڻهو هئا ۽ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن کي هڪل ڪري چيو تہ مون ڏاهن اچو! آئون الله جو رسول آهيان، تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي هڪل مشرڪن بہ ٻڌي ۽ سڃاتي. (ڇو تہ ان مهل اهي مسلمانن کان وڌيڪ پاڻ سڳورن ﷺ جي ويجهو هئا.) تنهن ڪانپوء انهن پاڻ سڳورن ﷺ تي تکڙو حملو ڪيو ۽ ڪنهن مسلمان جي پهچڻ کان اڳ پورو

زور لڳائي ڇڏيو. ان تکڙي حملي ڪارڻ انهن مشرڪن ۽ اتي بيٺل نون اصحابي سڳورن جي وچ ۾ ڇتي ويڙهہ شروع ٿي وئي. جنهن ۾ محبت، دليري ۽ جانثاريءَ جا انمول واقعا ڏٺا ويا.

صحيح مسلم ۾ حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ احد واري ڏينهن پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم ستن انصارن ۽ ٻن قريش اصحابين سان گڏ ٿورو پرتي رهجي ويا هئا. جڏهن حملو ڪندڙ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي صفا ويجهو پهتا تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايوتہ "ڪير آهي جيڪو هنن کي اسان کان پري ڪري ۽ ان لاءِ جنت آهي؟ يا (اهو فرمايائون تہ) اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو؟" ان تي هڪ انصاري اصحابي اڳتي وڌيو ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿيو. ان کانپوءِ ٻيهر مشرڪ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي صفا ويجهو اچي پهتا ٿ ٻيهر ائين ٿيو. اهڙيءَ طرح واري واري سان ست ئي انصاري اصحابي سڳورا شهيد ٿي ويا. ان تي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم پنهنجن ٻچيل ساٿين يعني قريشن کي چيو تہ "اسان پنهنجن ساٿين سان انصاف نہ ڪيو." (1)

(1) صحيح مسلم باب غزوه احد 107/2

انهن ستن مان آخري اصحابي حضرت عماره رضہ بن يزيد بن السڪن هو. اهو وڙهندو رهيو، وڙهندو رهيو، تانت گهائن ڪيس ڪيرائي ڇڏيو.(2)

(2) ٿوري دير ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اصحابي سڳورن جو هڪ جٿو پهچي ويو. انهن ڪافرن کي حضرت عماره رضہ کان پري ڏڪيو ۽ کين پڻ سڳورن ﷺ وٽ کڻي آيا. پاڻ سڳورن ﷺ کين پنهنجي پير جي ٽيڪ ڏني ۽ سندن دم ان حالت ۾ نڪتو جو سندن ڳل پاڻ سڳورن ﷺ جي پير تي رکيل هو. (ابن هشام 81/2)

ابن السڪن رضہ جي ڪرڻ بعد پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ رڳو ٻہ قريشي اصحابي وڃي بچيا. جيئن صحيحين ۾ ابو عثمان رضہ کان روايت آهي تہ جن ڏينهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ لڙايون ڪيون، انهن مان هڪ لڙائيءَ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان طلحہ بن عبيدالله رضہ ۽ سعد رضہ (بن ابي وقاص) ڪانسواءِ ڪوبہ نہ بچيو. (1) ۽ اها گهڙي پاڻ

سڳورن ﷺ جي حياتيءَ جي سڀ کان نازڪ گهڙي هئي. جڏهن تہ مشرڪن لاءِ ڏاڍو سهڻو وجهہ هو ۽ حقيقت اها آهي

(1) صحيح بخاري 1/527، 2/581

تہ مشرڪن ان موقعي مان فائدو وٺڻ ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪئي هئي. انهن پاڻ سڳورن ﷺ جي مرڪز تي سخت حملو ڪيو هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ چاهيائون ٿي. ان حملي ۾ عتبہ بن ابي وقاص پاڻ سڳورن ﷺ کي پٿر هنيو. جنهن سان پاڻ سڳورا ﷺ پاسيرا ٿي وجي ڪريا. پاڻ سڳورن ﷺ جو هيٺيون ساڄو رباعي ڏند (2) شهيد ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جو هيٺيون چپ بہ گهائجي پيو. عبدالله بن شهاب زهريءَ اڳتي وڌي سندن نرڙ مبارڪ بہ زخمي

(2) وات جي صفا وچ ۾ هيٺ ۽ مٿي جا بہ بہ ڏند ثنايا سڏبا آهن ۽ انهن جي ساڄي، کابي، هيٺ ۽ مٿي جو هڪ هڪ ڏند رباعي سڏجي ٿو. جيڪو چهنبدار ڏند کان پهرين هوندو آهي.

ڪري وڌو. هڪبئي هنيلي سوار عبدالله بن قمئہ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪلهي تي اهڙي زور سان تلوار هنئي جو ان جو سور پاڻ سڳورن ﷺ کي هڪ مهيني تائين محسوس ٿيندو رهيو. پر ان سان پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻٽي زره نہ سگهي. ان ڪانپوء هن پهرين جيان ئي ٻيهر زور سان تلوار جو وار ڪيو، جيڪا اک ڪان هيٺ اپريل هڏيءَ تي لڳي ۽ ان ڪري خود (3) جون ٻہ ڪڙيون چهري مبارڪ ۾ اندر گهپي ويون. ان تي هن چيو تہ اچي وٺ! آئون قمئہ (ٽوڙڻ واري)

(3) لوهہ يا پٽر جي ٽوپي، جيڪا جنگ ۾ مٿي ۽ منهن جي بچاءَ لاء پائبي آهي.

جو پٽ آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ منهن تان رت اگهندي چيو تہ "الله شل توکي ٽوڙي." (1)

(1) الله تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ جي اها دعا قبولي. ان سلسلي ۾ ابن عائذ جي روايت آهي تہ ابن قمئہ جنگ کان گهر موٽڻ بعد پنهنجون ٻڪريون ڏسڻ نڪتو تہ اهي ڪيس جبل جي چوٽيءَ تي مليون. هو اتي پهتو تہ هڪ جابلو ٻڪر مٿس حملو ڪيو ۽ ڪيس سڌ هٽي هٽي جبل تان ڪيرائي

وڌو. (فتح الباري 373/7) ۽ طبرانيءَ جي روايت آهي تہ الله تعاليٰ هن تي هڪ جابلو ٻڪر مسلط ڪيو، جنهن سگ هڻي هڻي ڪيس ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. (فتح الباري 366/7)

صحيح بخاريءَ ۾ آيل آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو رباعي ڏند شهيد ڪيو ويو ۽ سر مبارڪ بہ گهائجي ويو. ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي چهري مبرڪ تان رت اگهندي اهو فرمائي رهيا هئا تہ "اها قوم ڪيئن ڪامياب ٿي سگهندي، جنهن پنهنجي نبيءَ جي چهري کي زخمي ڪيو ۽ ان جو ڏند شهيد ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ هو کين الله ڏانهن سڏي رهيو هو." ان سلسلي ۾ الله عز وجل پاران هيءَ آيت نازل ٿي.

ليس لڪ........ (2)

(2) صحيح بخاري 542/2 صحيح مسلم 108/2

طبرانيءَ جي روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان ڏينهن فرمايو تہ "ان قوم تي الله جو سخت ڏمر ٿئي، جنهن

پنهنجي پيغمبر جو منهن رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو." پوءِ ٿورو ترسي فرمايائون ته "اللهم اغفرلقومي فانهم لا يعلمون (3)
ترجمو:- اي الله منهنجي قوم کي معاف ڪر اهي نه ٿا علم رکن

(3) فتح الباري 373/7

صحيح مسلم جي روايت ۾ به ائين آهي ته پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم هر هر فرمائي رهيا هئا ته "رب اغفر لقومي فانهم لا يعلمون (1)
ترجمو:- اي الله منهنجي قوم کي معاف ڪر اهي نه ٿا علم رکن

(1) صحيح مسلم، باب غزوه احد 108/2

قاضي عياض جي شفا ۾ هي لفظ آهن ته:

اللهم اهد قومي فانهم لا يعلمون (2)

ترجمو:- اي الله منهنجي قوم کي هدايت ڏي اهي نه ٿا علم رکن

(2) ڪتاب الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ 81/1

ان ۾ شڪ ناهي تہ مشرڪن پاڻ سڳورن ﷺ کي ماري ڇڏڻ تي گهريو، پر ٻنهي قريش اصحابن يعني حضرت سعد بن ابي وقاص ۽ طلحہ بن عبدالله رضہ جن جي بي مثال دليريءَ ۽ شجاعت سان ٻہ ڄڻا هوندي بہ دشمنن جي ڪاميابيءَ کي ناڪاميءَ ۾ بدلائي ڇڏيائون. اهي ٻئي عربستان جا مجيل تيرانداز هئا. انهن تير هڻي هڻي حملو ڪندڙ مشرڪن کي پاڻ سڳورن ﷺ کان پري رکيو.

جيستائين سعد بن ابي وقاص رضہ جو تعلق هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي ترڪش جا سڀ تير سندن آڏو وکيري فرمايو تہ "هلاءِ، توتي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين." (3) سندن صلاحيت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ انهن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي لاءِ ماءُ پيءُ جي قربان ٿيڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي.(4)

(3) ۽ (4) صحيح بخاري 1/407، 2/580-581

باقي جيستائين حضرت طلحہ رضہ جو تعلق آهي تہ سندن ڪارنامي جو اندازو نسائيءَ جي هڪ روايت مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ حضرت جابر رضہ پاڻ سڳورن

صلى الله عليه وسلم تي مشرڪن جي ان حملي جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم انصارن جي ننڍڙي جٿي سان بيٺل هئا. حضرت جابر رضہ جو بيان آهي تہ مشرڪ، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تائين وڃي پهتا ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ ڪير آهي، جيڪو هنن کي منهن ڏي؟ حضرت طلحہ رضہ چيو تہ آئون آهيان. ان کانپوءِ حضرت جابر رضہ انصارن جي اڳيان وڌڻ ۽ هڪ هڪ تي شهيد ٿيڻ جو تفصيل بيان ڪيو آهي جيڪو اسين صحيح مسلم جي حوالي سان ٻڌائي چڪا آهيون. حضرت جابر رضہ جو بيان آهي تہ جڏهن اهي سڀ شهيد ٿي ويا تہ حضرت طلحہ رضہ اڳتي وڌي يارنهن ڄڻن سان اڪيلي مقابلو ڪيو. ايستائين جو سندن هٿ تي رولار جو گهاءُ لڳو، جنهن سان سندن آڱريون ڪپجي ويون. ان تي سندن وات مان آواز نڪتو حس (شو). پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ جيڪڏهن تون بسم الله چوين ها تہ فرشتا توکي مٿي کڻي وڃن ها ۽ ماڻهو بہ اهو لقاءُ ڏسن ها. حضرت جابر رضہ جو بيان آهي تہ الله تعاليٰ مشرڪن جو رخ تبديل ڪري ڇڏيو. (1)

(1) فتح الباري 361/7 سنن نسائي 52/2، 53

اڪليلﻢ حاڪم جي روايت آهي تہ احد واري ڏينهن ڪين (حضرت طلحہ ڪي) اوڻيتاليهہ يا پنجٽيهہ گهاءَ رسيا ۽ سندن وڇين ۾ شهادت واري آڱر شل ٿي ويون. (2)

(2) فتح الباري 361/7

امام بخاريءَ قيس بن ابي هازم ڪان روايت آندي آهي تہ "مون حضرت طلحہ رضہ جو هٿ ڏٺو، جيڪو شل هو. ان سان احد واري ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ جو بچاءُ ڪيو هئائون. (3)

(3) صحيح بخاري 527/1، 581

ترمذيءَ جي روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان ڏينهن، ان بابت چيو تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن شهيد ڪي ڌرتيءَ تي هلندو ڦرندو ڏسڻ گهري تہ اهو طلحہ رضہ بن عبيدالله ڪي ڏسي وٺي. (1)

(1) مشڪوات 566/2، ابن هشام 86/2

ابو دائود طيالسيءَ، بيبي عائشہ رضہ ڪان روايت بيان ڪئي آهي تہ ابو بڪر رضہ جڏهن احد جي لڙائيءَ بابت

ٻڌائيندو هو تہ چوندو هو تہ سڀي جي سڀي جنگ طلحہ رضہ لاء هئي. (2) (يعني ان ويڙهہ ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي بچائڻ جو اصل ڪارنامو ان ئي سرانجام ڏنو هو.) حضرت ابوبڪر

(2) فتح الباري 361/7

ان بابت اهو بہ فرمائيندو هو تہ:

يا طلحہ بن عبيدالله قد وجبت

لڪ الجنان و بوات المها العينا(3)

يعني: اي طلحہ بن عبيدالله تو لاء جنت واجب ٿي وئي ۽ تو پنهنجو ٺاڪ حور عين ۾ ٺاهي ڇڏيو.

(3)مختصر تاريخ دمشق 82/7 (بحوالہ حاشيہ شرح شذور الذهب صفحو 114

ان نازڪ لمحي ۽ ڏکيءَ مهل ۾ الله تعاليٰ غيبي مدد موڪلي. جيئن صحيحين ۾ حضرت سعد رضہ جو بيان آهي تہ مون پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي احد واري ڏينهن ڏٺو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان بہ ڄڻا اڇا ڪپڙا پهريل بيٺل هئا. اهي ٻئي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پاران ڀرپور نموني وڙهي رهيا هئا.

مون ان کان اڳ ۾ ان کانپوءِ انهن ٻنهي کي ڪڏهن نہ ڏٺو.
هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ اهي ٻئي حضرت جبرئيل عہ ۽
حضرت ميڪائيل عہ جن هئا. (4)
(4) صحيح بخاري 580/2

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ اصحابي سڳورن جو اچي گڏ ٿيڻ:-

اهو سڄو حادثو ڪجهہ لمحن ۾ اوچتو ئي اوچتو ۽ ڏاڍو تڪڙو ٿيو هو. نہ تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جا چونڊ اصحابي، جيڪي ويڙهہ هلندي پهرين قطار ۾ بيٺل هئا، جنگ جي حالت تبديل ٿيڻ شرط يا پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو سڏ ٻڌندي ئي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏانهن ڊوڙندي پهتا تہ متان پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان ڪو اڻوڻندڙ واقعو نہ ٿي پوي. پر انهن جي پهچڻ کان تائين پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم زخمي ٿي چڪا هئا. ڇهہ انصاري شهيد ٿي چڪا هئا. ستون گهائجي ڪري پيو هو ۽ حضرت سعد رضہ ۽ حضرت طلحہ رضہ پوريءَ سگهہ سان بچاءُ ڪري رهيا هئا. هنن پهچڻ شرط پنهنجن جسمن ۽ هٿيارن سان پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي چوڌاري

گهيراءُ ڪري ورتو ۽ دشمنن جي لڳاتير حملي کي روڪڻ
لاءِ بهادريءَ کان ڪم ورتو. جنگ جي ميدان مان سڀ کان
پهرين پاڻ سڳورن ﷺ تائين پهچڻ وارو پاڻ سڳورن
ﷺ جو يار غار حضرت ابوبڪر صديق رضہ هو.

ابن حبان پنهنجي صحيح ۾ بيبي عائشہ رضہ کان
روايت آندي آهي تہ حضرت ابوبڪر رضہ فرمايو تہ "احد
واري ڏينهن سڀ ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ کان پاسيرا هئا
(يعني محافظن کانسواءِ سڀ اصحابي، پاڻ سڳورن ﷺ
کي سندن مورچي وٽ ڇڏي ويڙهہ جي اڳين قطارن ۾ هليا ويا
هئا.) پوءِ (گهيراءُ ٿيڻ بعد) آئون پهريون ماڻهو هوس
جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتس. ڏٺم تہ پڻ سڳورن
ﷺ آڏو هڪ ڄڻو بيٺل هو، جيڪو سندن پاران وڙهي
رهيو هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي بچائي رهيو هو. مون
(دل ۾) چيو تہ تون طلحہ آهين! توتي منهنجا ماءُ پيءُ قربان
ٿين. تون طلحہ آهي! توتي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين.
ايتري ۾ ابو عبيده بن جراح رضہ مون وٽ پهتو. اهو اهڙيءَ
طرح ڊوڙي رهيو هو، ڄڻ جهرڪي (اڏامي رهي) هجي. تانت

اچي مون تائين پڳو. هاڻي اسين ٻئي پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن پڳاسين. ڏنوسين ته پاڻ سڳورن ﷺ آڏو طلحه رضہ پٽ تي پيل هو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته پنهجي ڀاءُ کي سنڀاليو هن (جنت) واجب ڪري ورتي آهي." حضرت ابوبڪر رضہ جو بيان آهي ته (اسين پهتاسين ته) پاڻ سڳورن ﷺ جو منهن مبارڪ گهائجي چڪو هو ۽ خود جون ٻه ڪڙيون اک جي هيٺان ڳل ۾ کتل هيون. مون انهن کي ڪڍڻ چاهيو ته ابو عبيده رضہ چيو ته خدا جو واسطو اٿوَ، اهي مونکي ڪڍڻ ڏيو. ان بعد هن وات سان هڪ ڪڙي جهلي ۽ هوريان هوريان ڪڍڻ لڳو ته جيئن پاڻ سڳورن کي ايذاءُ نه پهچي ۽ نيٺ هڪ ڪڙي پنهنجي وات سان ڇڪي ڪڍيائين پر (ان ڪوشش ۾) سندس هڪ هيٺيون ڏند ٽٽي پيو. هاڻي مون ٻي ڪڙي ڇڪڻ گهري ته ابو عبيده رضہ وري چيو ته ابوبڪر! خدا جو واسطو اٿوَ، مونکي ڇڪڻ ڏيو! ان کانپوءِ هوريان هوريان ٻي به ڪڍي ورتائين، پر سندس ٻيو هيٺيون ڏند به ڀڃي پيو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته پنهنجي ڀاءُ طلحه رضہ کي سنڀاليو. (هن جنت) واجب

ڪري ورتي. حضرت ابوبڪر رضہ جو بيان آهي تہ پوءِ اسان طلحہ رضہ ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ ڪين سنڀاليو. ڪين ڏهن کان مٿي گهاءَ آيا هئا. (1) (ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ حضرت طلحہ رضہ جن ان ڏينهن بچاءَ ۽ قتال۾ ڪيڏي نہ جانبازيءَ سان وڙهيا هئا.)

(1) زاد المعاد 95/2

پوءِ انهن نازڪ لمحن ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي چوڌاري جانثار اصحابين جي هڪ جماعت بہ اچي پهتي. جن جا نالا هي آهن. (1) ابودجانہ رضہ (2) مصعب بن عمير رضہ (3) علي بن ابي طالب رضہ (4) سهل بن حنيف رضہ (5) مالڪ بن سنان رضہ (ابو سعيد خدري رضہ جو والد)(6) ام عماره نسيبہ بنت ڪعب مازنيہ رضہ (7) قتاده بن نعمان رضہ (8) عمر بن الخطاب رضہ (9) حاطب بن ابي بلتعہ رضہ ۽ (10) ابو طلحہ رضہ

مشرڪن جي دٻاءَ۾ واڌارو:- هوڏانهن مشرڪن جو تعداف بہ هر لمحي وڌي رهيو هو. جنهن جي ڪري سندن حملا تيز ٿيندا پئي ويا ۽ انهن جو دٻاءُ وڌي رهيو هو. ايستائين جو

پاڻ سڳورا ﷺ انهن ڪڏن مان هڪ ۾ وڃي ڪريا، جيڪي ابع عامر فاسق اهڙيقسم جي حرڪت لاءِ ئي کوٽي رهيا هئا ۽ ان ڪارڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي گوڏي ۾ سٽ آئي. پوءِ حضرت علي رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ جو هٿ جهليو ۽ طلحہ بن عبيداللہ رضہ (جيڪو پاڻ بہ سخت گهايل هو) پاڻ سڳورن ﷺ کي ڀاڪر ۾ وٺي ڇڏيو. تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ پوريءَ طرح سان بيهي سگهيا.

نافع بن جبير رضہ جو بيان آهي تہ "مون هڪ مهاجر اصحابيءَ کي اهو چوندي ٻڌو تہ مان احد واري لڙائيءَ ۾ موجود هئس. مون ڏٺو تہ هر پاسي کان پاڻ سڳورن ﷺ تي تيرن جو وسڪارو ٿي رهيو آهي ۽ پاڻ سڳورا ﷺ تيرن جي وچ ۾ آهن پر سڀ تير پاڻ سڳرن ﷺ کان ڦيريا ٿي ويا. (يعني گهيرو ڪندڙ اصحابي انهن کي روڪي رهيا هئا.) ۽ مون ڏٺو تہ عبداللہ ابن شهاب زهري چئي رهيو هو تہ مونکي ٻڌايو تہ محمد ﷺ ڪٿي آهي؟ هاڻي يا تہ مان رهندس يا هو. جڏهن تہ پاڻ سڳورا ﷺ سندن ويجهو هئا. پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ ڪير بہ نہ هو. پوءِ هو پاڻ

سڳورن ﷺ کان اڳتي نڪري ويو. ان تي صفوان هن تي چوهه چنديا. جواب ۾ هن چيو تہ "واللّٰه مون کيس ڏنو ئي ڪونہ. خدا جوقسم هن کي اسان کان بچايو ويو آهي. ان ڪانپوءِ اسين چار ئي ڄڻا اهو قسم کڻي نڪتاسين تہ کين ماري ڇڏينداسين پر انهن تائين پهچي نہ سگهياسين"(1)

(1) زادالمعاد 97/2

بيمثال جانبازي:- بهرحال هن موقعي تي مسلمانن اهڙي تہ بيمثال جانثاري ۽ قربانيءَ جو مظاهرو ڪيو جنهن جو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. جيئن ابو طلحہ رضہ پنهنجو پاڻ کي پاڻ سڳورن ﷺ آڏو ڍال بڻائي ڇڏيو. ان پنهنجي ڇاتي آڏو ڪري تي ڇڏي تہ جيئن پاڻ سڳورا ﷺ دشمنن جي تيرن کان محفوظ رهن. حضرت انس رضہ جو بيان آهي تہ احد واري ڏينهن ماڻهو (عام مسلمان) هارائڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ (اچڻ بدران هيڏي هوڏي) ڀڄي ويا ۽ ابو طلحہ رضہ پاڻ سڳورن ﷺ آڏو هڪ ڍال کڻي بيهي رهيو. پاڻ ماهر تيرانداز هو. گهڻو ڇڪي تير هلائيندو هو. تنهنڪري ان ڏينهن ٻہ يا ٽي ڪمانون ٽوڙي وڌائين. پاڻ

سڳورن ﷺ وٽان ڪوئي ترڪش وارو لنگهيو ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ٿي ته اهي (تير) ابو طلحه آڏو وکيري ڇڏ ۽ جيڪڏهن پاڻ سڳورن ﷺ قوم ڏانهن سر کڻي ڏٺو ٿي ته ابو طلحه چيو ته "منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان، اوهان مٿو مٿي ڪري جهاتي نه پايو. متان اوهانجي قوم جو ڪو تير نه اوهانکي لڳي وڃ.ي منهنجي ڇاتي اوهانجي ڇاتيءَ جي آڏو آهي." (1)

(1) صحيح بخاري 581/2

حضرت انس رضه کان ﺑﻪ روايت آهي ته حضرت ابو طلحه رضه پنهنجو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جو هڪ ئي ڍال سان بچاءُ ڪري رهيو هو ۽ ابو طلحه رضه ڏاڍو ڀلو تيرانداز هو. جڏهن ان تير هلايو ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ ڪنڌ مٿي کڻي ڏٺو ٿي ته سندس تير ڪٿي ڪريو."(2)

(2) صحيح بخاري 406/1

حضرت ابودجانه رضه پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳتان بيٺو هو ۽ پنهنجي پٺ کي پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ڍال ڪري ڇڏيو هئائين. مٿن تيرن جو وسڪارو ٿيو پئي پر پاڻ چريو

بہ ڪونہ ٿي. حضرت حاطب رضہ بن ابي بلتعہ، عتبہ بن ابي وقاص جو پيڇو ڪيو، جنهن پاڻ سڳورن ﷺ جو ڏند مبارڪ شهيد ڪيو هو. ان کي ايڏو زور سان تلوار هنيائين جو سندس سر ڌڙ کان ڌار ٿي ويو. پوءِ سندس گهوڙي ۽ تلوار تي قبضو ڪيائين. حضرت سعد رضہ بن ابي وقاص ڏاڍو چاهيو تہ پنهنجي ان ڀاءُ عتبہ کي پاڻ ماري پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو ۽ اها سعادت حضرت حاطب رضہ کي نصيب ٿي.

حضرت سهل بن حنيف رضہ بہ وڏو جانباز تيرانداز هو. ان پاڻ سڳورن ﷺ سان موت جي ميعت ڪئي ۽ ان کانپوءِ مشرڪن کي ڌڪي پري ڪيائين.

پاڻ سڳورا ﷺ پاڻ بہ تير هلائي رهيا هئا. جيئن حضرت قتاده بن نعمان رضہ جن جي روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي ڪمان سان ايڏا تير هلايا جو ان جو ڪنارو ٽٽي پيو. پوءِ اها ڪمان حضرت قتاده بن نعمان رضہ کائڻ ورتي ۽ پاڻ وٽ سنڀالي رکيائين. ان ڏينهن اهو واقعو بہ ٿيو تہ حضرت قتاده رضہ جي هڪ اک، ڌڪ لڳڻ سان

ٻاهر نڪري آئي. پاڻ سڳورن ﷺ اها پنهنجي هٿ مبارڪ سان ڪوپي جي اندر وڌي. ان ڪانپوءِ سندن ٻنهي اکين مان اها ئي وڏيڪ سهڻي لڳندي هئي ۽ ان جي نظر بہ وڌيڪ تيز ٿي وئي هئي.

حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ ڪي وڙهندي وڙهندي منهن تي ڌڪ لڳو. جنهن سان سندن اڳيون ڏند ڀڄي پيو ۽ ڪين ويهہ يا ان کان بہ وڌيڪ گهاءَ رسيا. جن مان ڪي پير ۾ بہ لڳا ۽ پاڻ معذور ٿي پيو.

ابو سعيد خدري رضہ جن جي والد مالڪ بن سنان رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي منهن مبارڪ تا رت چوسي صاف ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ان کي ٿڪي ڇڏ. ان چيو تہ خدا جو قسم آئون ڪڏهن بہ ڪونہ ٿڪيندس. ان ڪانپوءِ موٽي وڃي وڙهڻ لڳو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن جنتيءَ کي ڏسڻ چاهي، اهو هن کي ڏسي سگهي ٿو. ان ڪانپوءِ وڙهندي وڙهندي سندن شهادت ٿي.

هڪڙو اڻلپ ڪارنامو بيبي ام عماره نسيبہ بنت ڪعب رضہ جو بہ آهي. پاڻ ڪجهہ مسلمانن سنا گڏ وڙهندي ابن قمئہ تئين پهتي. ابن قمئہ سندن ڪلهي تي تلوار جو وار ڪري گهرو گهاءُ ڏنو. هن بہ ابن قمئہ کي پنهنجي تلوار سان ڪئي ڏڪ هنيا پر نياڳو بہ زرهون پائي آيو هو، انڪري بچي ويو. حضرت ام عماره رضہ کي ويڙهہ ۾ ٻارنهن گهاءَ رسيا.

حضرت مصعب بن عمير رضہ بہ ڏاڍي دليريءَ سان وڙهيو. هو ابن قمئہ ۽ سندس ساٿارين جي لاڳيتن حملن کان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو بچاءُ ڪري رهيو هو. سندس هٿن ۾ ئي اسلامي جهندو هو. ظالمن سندن ساڄي هٿ تي اهڙي تہ زور سان تولار هنئيج و هٿ ڪپجي ويو. انڪانپوء کاٻي هٿ ۾ جهندو جهليائين ۽ ڪافرن جي مقابلي ۾ ڄمي بيٺو. نيٺ سندس کاٻو هٿ بہ ڪپجي ويو. ان کانپوء جهندو گوڏن جي ٽيڪ سان ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيائين. ان ئي حالت ۾ کين شهادت نصيب ٿي. سندس قاتل ابن قمئہ هو. هو کين محمد صلي الله عليه وسلم سمجهي رهيو هو. ڇو تہ حضرت مصعب رضہ بن

عمير جا مهاندا پاڻ سڳورن ﷺ سان ملندا هئا. تنهنڪري هو حضرت مصعت رضہ کي شهيد ڪري مشرڪن ڏانهن هليو ويو ۽ رڙيون ڪري پڙهون ڏنائين تہ محمد ﷺ قتل ڪيو ويو آهي. (1)

(1) ڏسو ابن هشام 2/73.

پاڻ سڳورن ﷺ جي شهادت جي خبر ۽ ويڙهہ تي ان جو اثر:-

سندس ان پڙهي ڪري پان سڳورن ﷺ جي شهادت جي خبر مسلمانن ۾ مشرڪن ۾ ڦهلجي وئي ۽ اِها ئي اُها نازڪ گهڙي هئي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کان پري گهيري ۾ آيل گهڻن ئي اصحابي سڳورن جا حوصلا جواب ڏئي ويا. سندن اراد ٺڏا ٿي ويا ۽ سندن صفن۾ ڦڙڦوٽ ۽ بيچيني ڦهلجي وئي. پر ان سان گڏ پاڻ سڳورن جي شهادت جي خبر ان لحاظ کان فائديمند بہ ٿي جو ان ڪانپوء مشرڪن جي پرجوش حملن ۾ ڪجهہ گهٽتائي اچي وئي. چو تہ انهن سمجهيو پئي تہ سندن آخري مقصد نيٺ پورو ٿيو. تنهن ڪانپوء انهن مان گهڻن حملو بند ڪري مسلمانن جي نعشن جي بيحرمتي ڪرڻ شروع ڪئي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي لاڳيتي ويڙهه ۾ حالتن تي قابو

پائڻ:- حصرت مصعب رضہ جي شهادت کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جهندو حضرت علي بن ابي طالب رضہ کي ڏنو. انهن ڄمي مقابلو ڪيو. اتي موجود ٻين اصحابي ڳورن بہ بيمثال دليريءَ سان جان جي بازي لڳائي دفاع ۾ حملو ڪيو. جنهن سان نيٺ ان ڳالهہ جو امڪان پيدا ٿيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ مشرڪن جون صفون چيري گهيري ۾ قاتل اصحابي سڳورن ڏانهن رستو ٺاڻي سگهن. تنهن کانپوءِ پان سڳورا ﷺ اڳتي وڌيا ۽ اصحابي سڳورن وٽ پهتا. سڀ کان پهرين حضرت ڪعب بن مالڪ رضہ پاڻ سڳورن ﷺ کي سڃاتو ۽ وني خوشيءَ ۾ واڪا ڪيائين تہ مسلمانو! خوش ٿي وڃو. الله جو رسول هتي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ اشارو ڪين تہ چپ ڪر. متان مشرڪن کي پاڻ سڳورن جي جڳهہ جو پتو پئجي وڃي پر هوڪو مسلمانن جي ڪنن تائين پهچي چڪو هو. تنهن کانپوءِ مسلمان پاڻ سڳورن ﷺ جي پناهہ ۾ اچڻ شروع ٿي ويا ۽ هوريان هوريان اٽڪل ٽيهارو ڪن اصحابي سڳورا گڏ ٿي ويا. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جبل جي

لڪ يعني پنهنجي وراءَ ڏانهن هٽڻ شروع ڪيو. پر جيئن تہ ان وائسيءَ جو ملطب اهو ٿئي ها تہ مشرڪن، مسلمانن کي گهيرڻ جي جيڪا ڪارروائي ڪئي هئي، اها بي نتيجي نڪتي. انڪري مشرڪن ان واپسيءَ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ پنهنجا لاڳيتي حملا جاري رکيا. پر پاڻ سڳورن ﷺ انهن حملو ڪندڙن جي ميڙ کي چيري نيٺ رستو ٺاهي ورتو ۽ اسلام جي شينهن جي شجاعت ۽ دليريءَ جي سامهون هنن جي هڪ بہ نہ هلي. ايتري ۾ مشرڪن جو هڪ هٿيلو سوار عثمان بن عبدالله بن مغيره اهو چوندي پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن وڌيو تہ يا تہ مان رهندس يا هو رهندو. هوڏانهن پاڻ سڳورا بہ هڪ هڪاٽي ڪرڻ لاءِ بيهي رهيا پر اهڙي نوبت نہ آئي. ڇوتہ هن جو گهوڙو هڪ کڏي ۾ ڪري پيو ۽ ايتري ۾ حارث بن صمہ رضہ ان وٽ پهچي ڪيس للڪاريو ۽ سندس پير تي ايڏي تہ زور سان تولار واهي ڪڍي جو ڪيس اتي ئي ويهاري ڇڏيائين. پوءِ هن کي پورو ڪري سندس هٿيار ڪٽي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو. پر ايتري ۾ مڪي جي فوج جي هڪ ٻئي سوار عبدالله بن جابر، حضرت حارث بن سمہ

رضہ تي حملو ڪيو ۽ سندس ڪلهي تي تلوار هڻي ڪڍي. پر مسلمانن جهپٽو ڏئي ڪين ڪٽي ورتو. هوڏانهن خطرن سان کيڏيندڙ مانجهي مرد حضرت ابودجانہ رضہ، اڄ ڳاڙهو رومال ٻڌي چڙهيو هو. عبدال بن جابر تي ڪاهي پيو ۽ ڪيس اهڙي تلوار هنيائين جو سندس سسي اڏامي وئي.

قدرت جو ڪرشمو ڏسو تہ ان ئي رتوڇاڻ دوران مسلمانن کي ننڊ جاجهوٽا بہ اچي رهيا هئا ۽ جيئن قرآن ٻڌايو آهي تہ اهو الله پاران امن ۽ اطمينان هو. ابو طلحہ رض جو بيان آهي تہ آئون بہ انهن مانهن مان هوس، جن کي احد واري ڏينهن ننڊ پئي آئي. ايستائين جو منهنجن هٿن مان گهڻا ڀيرا تلوار بہ ڇڏائجي وئي. حالت هاه هئي جو اها ڪرندي هئي ۽ آئون جهليندو هوس، وري ڪرندي هئي ۽ وري جهليندو هو. (1)

(1) صحيح بخاري 582/2

مطلب تہ اهڙي قسم جي جانبازيءَ سان اهو جٿو منظم طور تي پنتي هٽندو جبلن جي لڪ ۾ لڳايل پراءَ

تائين پهتو ۽ ٻچيل لشڪر لاءِ بن ان محفوظ جڳهه تائين پهچڻ جو گس ناهي ڇڏيو. تنهن ڪانپوءِ ٻچيل لشڪر به پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي ويو ۽ حضرت خالد جي فوجي حڪمت عملي پاڻ سڳورن ﷺ جي فوجي حڪمت عمليءَ آڏو ناڪام ٿي وئي.

ابي بن خلف جو مارجڻ:- ابن اسحاق جو بيان آهي ته جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ گهاٽيءَ ۾ موٽي آيا تڏهن ابي بن خلف هيئن چوندو آيو ته محمد ﷺ ڪٿي آهي؟ يا ته مان رهندس يا هو رهندو. اصحابي سڳورن چيو ته يا رسول الله ﷺ! اسان مان ڪو هن جو مقابلو ڪري؟ پاڻ صڳورن ﷺ فرمايو ته هن کي اچڻ ڏيو. جڏهن ويجهو آيو ته پاڻ سڳورن ﷺ، حارث بن صمہ رضہ کان ننڍڙو نيزو ورتي ان کي جهٽڪو ڏنو ته ماڻهو ائين ٽڙي پکڙي ويا ڄڻ بدن کي جهٽڪو ڏيڻ سان مکيون اڏامي ويون هجن. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ان جو نشانو ورتي اهڙو ته نيزو واهي ڪڍيس، جو هو گهوڙي تان بولاٽيون ڪائيندو وڃي ڪريو. جڏهن قريشن وٽ پهتو ته جيتوڻيڪ نڪو ڪيس ڪو وڏو

گهاءُ رسيو هو ۽ نہ ئي رت پئي وهيس تہ بہ چيائين تہ مونکي محمد ﷺ ماري ڇڏيو. ماڻهن چيس تہ تو اجائي ڪٽي دل ننڍڙي ڪئي آهي نہ تہ خدا جو سنهن تنهنجو تہ وار بہ ونگو نہ ٿيو آهي. هن چيو تہ "هن مڪي ۾ مونکي چيو هو تہ آئون توکي ماريندس.(1)

(1) ٿيو هيئن هو تہ جڏهن مڪي ۾ ابي، پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسندو هو تہ چوندو هو تہ اي محمد ﷺ! مون وٽ عود نالي هڪ گهوڙو آهي. آئون ان کي روز ٽي صاع (ساڍا ست ڪلو) داڻو کارائيندو آهيان. ان تي چڙهي توکي ماريندس. موٽ ۾ پاڻ سڳورا ﷺ فرمائيندا هئا تہ (تون نہ) پر آئون توکي انشاءَ الله ماريندس.

انڪري خدا جو قسم تہ هو جيڪر مونتي ٿڪي ها تہ بہ منهنجي جان وڃي هلي ها. نيٺ الله جو هيءُ دشمن مڪي موٽندي سرف نالي جڳهہ وٽ مري ويو.(2)

(2) ابن هشام 84/2-زاد المعاد 97/2

ابو الاسود، حضرت عروه رضہ کان روايت ڪئي آهي تہ ان هستيءَ جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، جيڪا تڪليف مونکي آهي، اها جيڪڏهن ذي المجاز جي رهاڪن کي هجي ها تہ اهي سڀئي مري وڃن ها. (3)

(3) مختصر سيره الرسول شيخ عبدالله صفحو 250

حضرت طلحہ رضہ جو پاڻ سڳورن ﷺ کي کڻڻ:- جبل ڏانهن مونٽندي رستي تي هڪ ٽڪري هئي، پاڻ سڳورن ﷺ ان تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر چڙهي نہ سگهيا. هڪ تہ سندن جسم مبارڪ ڳرو ٿي ويو هو. مٿان وري پاڻ سڳورن ﷺ ٻٽيون زرهون پائي ڇڏيون هيون ۽ ٻيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي سخت ڌڪ بہ رسيا هئا. تنهنڪري حضرت طلحہ بن عبيدالله رضہ هيٺ ويٺا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجن ڪلهن تي ويهاري اٿي بيٺا. اهريءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ ٽڪريءَ تي چڙهيا. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ طلحہ رضہ (جنت) ڪٺي ورتي. (4)

(4) ابن هشام 82/2

مشركن جو آخري حملو:- جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ جبل جي لڪ ۾ پنهنجي ديري تي پهتا ته مشركن مسلمانن كي ڇيهو رسائڻ جي آخري كوشش كئي. ابن اسحاق ٻڌائي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي لڪ ۾ پهچڻ كانپوءِ ابوسفيان ۽ خالد بن وليد جي اڳواڻيءَ ۾ مشركن جو هڪ جٿو چڙهي آيو. پاڻ سڳورن ﷺ دعا گهري ته يا الله! اهي اسان كان مٿي نه رسڻ گهرجن. پوءِ حضرت عمر بن خطاب ۽ مهاجرن جي هڪ جٿي وڙهي انهن كي جبل تان هيٺ لهڻ تي مجبور كري وڌو. (1)

(1) ابن هشام 86/2

مغازي امويءَ جو بيان آهي ته مشرڪ جبل تي چڙهي آيا ته پاڻ سڳورن ﷺ حضرت سعد كي چيو ته انهن جي حوصلاشكني كريو. يعني انهن كي پٺتي ڌڪيو. انهن وراڻيو ته آئون اكيلو كيئن ٿو انهن كي پٺتي ڌكي سگهان! ان تي پاڻ سڳورن ﷺ ٽي ڀيرا ساڳي ڳالهه ورجائي. نيٺ حضرت سعد رضه پنهنجي تركش مان هڪ تير كڍيو ۽ هڪ ڄڻي كي هنيو ته اهو اتي ئي ڍهي پيو.

حضرت سعد رضہ جو چوڻ آهي تہ مون وري بہ ساڳيو تير ڪنيو. ان ڪي سجاتم ٿي ۽ ان سان ٻئي ڪي ماريم تہ ان جو بہ ڪم پورو ٿي ويو. ان ڪان پوءِ وري تير ڪنيم جو ان ڪي سجاتم ٿي ۽ ان سان ٽئين ڄڻي ڪي بہ ماريم تہ اهو بہ مري ويو. ان ڪانپوءِ مشرڪ هيٺ لهي ويا. مون سوچيو تہ هي ڪو ڀلارو تير آهي. پوءِ اهو تير پنهنجي ترڪش ۾ رکي ڇڏيم. اهو تير سڄي حياتي حصرت سعد رضہ وٽ رهيو ۽ ڪانئن پوءِ سندن اولاد وٽ رهيو. (2)

(2) زاد المعاد 2/95

شهيدن جو مثلو:- اهو آخري حملو هو، جيڪو مشرڪن پاڻ سڳورن ﷺ تي ڪيو. جيئن تہ انهن ڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي انجام جو پورو پتو پئجي نہ سگهيو هو، بلڪ پاڻ سڳورن ﷺ جي شهادت جي جهڙي ڪر پڪ هئن، انڪري انهن پنهنجي ديري تي پهچي مڪي موٽڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي. ڪجهہ مشرڪ مرد ۽ عورتون مسلمان شهيدن جو مثلو ڪرڻ ۾ لڳي ويا. يعني شهيدن جي آلت ۽ ڪن ۽ نڪ وغيره ڪٽڻ لڳا ۽ پيٽ چير ڇڏيائون. هند بنت

عتبہ، حصرت حمزه رضہ جو جيرو چيري ڪڍيو ۽ وات ۾ وجهي چباڙيو ۽ ڳت ڏيڻ چاهي پر ڳهي نہ سگهي. نيٺ ٽڪي ٽڪرا ڪري ڦٽي ڪيائين ۽ ڪپيل نڪن ۽ ڪنن مان ڇير ۽ هار ناهيائين. (1)

(1) ابن هشام 90/2

مسلمانن جو آخر تائين ويڙهہ لاءِ تيار رهڻ:- ان آخري وقت تي بہ اهڙا واقعا ٿيا، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ مسلمان مانجهي مرد توڙ تائين ويڙهہ لاءِ ڪيڏا نہ تيار هئا ۽ الله جي راهہ ۾ جان ڏيڻ جو ڪهڙو نہ جذبو رکيائون ٿي.

(الف) حضرت ڪعب بن مالڪ رضہ جو بيان آهي تہ آئون انهن مسلمانن مان هوس جيڪي جبل جي لڪ کان ٻاهر هئا. مون ڏٺو تہ مشرڪ، مسلمان شهيدن جو مثلو پيان ڪن تہ ترسي پيس. پوءِ 3 اڳتي وڌيس. ڇا ڏسان تہ هڪ مشرڪ ڳري زره پهريل، شهيدن جي وچان لنگهي رهيو آهي ۽ چوندو پيو وڃي تہ ڪٺل ٻڪرين وانگر ڳريا پيا آهن! هڪ مسلمان وري ان کي تاڙي پيو. اهو بہ زره پهريل آهي. ائون ڪجهہ وکون وڌي ان جي پٺيان وڃي بيهس. پوءِ بيٺي بيٺي

اڪين ئي اڪين ۾ مسلمان ۽ ڪافر ڪي تورڻ لڳس. مونکي لڳو تہ ڪافر پنهنجي قد ڪاٺ ۽ ساز سامان جي لحاظ کان سرس آهي. هاڻي آئون ٻنهي جي ٽڪرائڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. نيٺ ٻئي ٽڪرائجي ويا ۽ مسلمان، ڪافر ڪي اهري تلوار واهي ڪڍي جيڪا ڪيس پيرن تائين ڪپيندي وئي. مشرڪ جا ٻہ ٽڪر ٿي ويا. پوء مسلمان پنهنجو ٻوٿاڙو لاهر ڇيو تہ اڙي ڪعب رضہ! ڪيئن ٿو ڀائين؟ آئون ابودجانہ آهيان!(1)

(1)البدايہ والنهايہ 17/4

(ب) جنگ جي پڇاڙيءَ تي ڪجهہ مومن عورتون جنگ جي ميدان ۾ پهتيون. جيئن حصرت انس رضہ جو بيان آهي تہ مون بيبي عائشہ رضہ بنت ابي بڪر رضہ ۽ ام سليم رضہ کي ڏٺو تہ مرين تائين ڪپڙو ويڙهي پٺ تي پاڻيءَ جي ڪلي کڻي پئي آيون ۽ زخمين جي وات ۾ وجهي رهيون هيون.(2) حضرت عمر رضہ چواڻي تہ احد واري ڏينهن حضرت ام سليط رضہ اسان لاء پاڻيءَ جي ڪلي هر هر ڀري پئي آئي.(3)

(2) صحيح بخاري 1/3-4، 581/2

(3) صحيح بخاري 403/1

انهن ئي عورتن ۾ ام ايمن رضہ بہ شامل هئي. جنهن جڏهن هارائي ڀڳل مسلمانن کي مديني ۾ گهڙيندي ڏٺو تہ سندن منهن ۾ مٽي اڇلائي هنيائين ۽ چيائين تہ هيءُ سٽ ڪتڻ جو چرخو وٺو ۽ اسانکي تلوار ڏيو.(4)

(4) سٽ ڪتڻ، عربن ۾ ماين جو خاص ڪم هو. انڪري سٽ ڪتڻ جو چرخو، عورتن جو اهڙو ئي خاص سامان هو، جڻ اسانجي ملڪن ۾ چوڙي. ان موقعي تي مٿئين محاوري جو اسانجي ٻوليءَ ۾ اهو محاورو جڙندو تہ "اوهين چوڙيون پائي ويهو، اسانکي تلوار ڏيو." (هي مؤلف طرفان لڳايل حاشيو آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙي موقعي تي چوڙيون پائڻ، گندي وجهي ويهڻ جهڙا مهڻا ڏيڻ کان علاوه ساڳيو عربيءَ وارو محاورو بہ رائج آهي. دودي چنيسر واري قصي ۾ جڏهن هو ماءُ کان پڳ ٻڌرائڻ جي موڪل وٺڻ ٿو اچي تہ ماءُ کيس مهڻو ڏيندي چوي ٿي تہ "مون ڇٽيومانءِ پٽ ڪري، پر تون نڪتين ڏيءَ، ويهي آتڻ وچ ۾ پانڌيون ڪتج ٿيه."

سندس زال وري هن طرح جو مهٽو ڏنس ته "چاچي منهنجي ڪانڌ کي چني چوڙائي ڏي، اڳين هيوسين ٻه ڄڻيون، هاڻي ٽلي ٽيندیونسين ٽي."(مترجم)

ان ڪان پوءِ پاڻ تڪڙي جنگ جي ميدان ۾ پڳي ۽ زخمين کي پاڻي پيارڻ لڳي. ڪين حبان بن عرﷺ تير هنيو، جنهن تي پاڻ ڪري پئي ۽ سندن پلاند مٿي ٿي ويو. ان تي الله جي دشمن وڏو ٺهڪ ڏنو. پاڻ سڀڱورن ﷺ کي ها ڳالهه ڏکي لڳي ۽ حصرت سعد بن ابي وقاص رضه کي هڪ بنا اڻيءَ جي تير ڏئي فرمايائون ته هيءُ هلائي. حضرت سعد رضه تير اڇليو ته اهو حبان جي نرگهٽ ۾ وڃي لڳو ۽ هو ڪري پيو ۽ سندس پردو کلي پيو. ان تي پاڻ سڀڱورا ﷺ ايڏو کليا جو سندن ڏند مبارڪ نظر اچڻ لڳا. پاڻ فرمايائون ته سعد رضه، ام ايمن رضه جو پلاند ڪري ورتو آهي. الله سندس دعا قبولي. (1) يعني حضرت سعد رضه جي مستجاب الدعاء بنجڻ جي دعا ڪيائون.)

(1) السيره الحلبيه

جبل جي لڪ ۾ ساھ پٽڻ ڪانپوء:- جڏھن پاڻ سڳورن ﷺ لڪ ۾ ٿوري ساھي پٽي ورتي تہ حضرت علي رضہ جن "مھراس" منجھان پنھنجي ڍال ۾ پاڻي ڀري آيو. چيو وڃي ٿو تہ مھراس، پٿرن ۾ نھيل ھڪ کڏو ھوندو آھي، جنھن ۾ ڪجھہ پاڻي گڏ ٿي ويندو آھي يا چيو وڃي ٿو تہ احد ۾ ھڪ چشمي جو نالو ھو. بھرحال حصرت علي سائين رضہ اھو پاڻي پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمتہ پيئڻ لاء پيش ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ انہ ۾ ڌپ محسوس ڪئي، انڪري پيتائين تہ ڪوبہ باقي ان سان منھن تي لڳل رت ڌوتائيون ۽ مٿي تي بہ ھاريائون. ان مھل پاڻ سڳورا ﷺ فرمائي رھيا ھئا تہ "ان ماڻھوءَ تي الله و ڌمر ٿئي، جنھن سندس نبيءَ جو منھن رتوچاڻ ڪيو."(2)

(2) ابن ھشام 85/2

حضرت سھل رضہ چوندو ھو تہ آئون ڄاڻان ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو گھاءُ ڪنھن اگھيو؟ پاڻي ڪنھن ھنيو ۽ علاج ڪھڙيءَ شيء سان ڪيو ويو؟ پاڻ سڳورن ﷺ جي جگر جي ٽڪري بيبي فاطمہ رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ جو

گھاءُ صاف ڪيو ۽ حضرت علي رضہ ڍال مان پاڻي ھاري رھيو ھو ۽ جڏھن بيبي صاحبہ ڏٺو تہ پاڻي ھٿڻ سان رت وھڻ وڌندو پيو وڃي تہ ڪکن جي تڏي جو ٽڪرو ڪٽي ساڙي ڦٽ تي چنبڙائي ڇڏيو. جنھن سان رت وھڻ بند ٿي ويو.(3)

(3) صحيح بخاري 584/2

ھوڏانھن حضرت محمد بن مسلمہ مٺو ۽ سوادي پاڻي ھٿ ڪري آندو. پاڻ سڳورن ﷺ اھو پيتو ۽ خير جي دعا گھري.(4) گھاءَ جي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ، اڳين (ظھر) نماز ويھي پڙھي ۽ صحابي سڳورن بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي پٺيان ويھي نماز پڙھي.(5)

(4) السيره الحلبيہ 30/2

(5) ابن ھشام 87/2

ابوسفيان جو ٺوڪون ھڻڻ ۽ حضرت عمر سان ڏي وٺ:-

مشرڪن، موٽڻ جي تياري ڪري ورتي تہ ابوسفيان احد جبل تي چڙھيو ۽ وڏي واڪري چيائين تہ ڇا توھان ۾ محمد ﷺ آھي؟ ماڻھن جواب نہ ڏنو. ھن وري چيو تہ ڇا توھان ۾ ابو قحافہ جو پٽ (ابوبڪر) آھي؟ ماڻھن موٽ ڪانہ ڏني.

ان تي هن پيھر سوال ڪيو تہ ڇا توهان۾ عمر بن الخطاب آهي؟ ماڻھو هن ڀيري بہ چپ رهيا، ڇو تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن کي ورندي ڏيڻ کان جهلي ڇڏيو هو. ابوسفيان انهن ٽن کانسواءِ ڪنهن جو نہ پڇيو. ڇو تہ کيس ۽ سندس قوم کي پتو هو تہ اسلام انهن ٽنهي جي دم قدم سان آهي. بهرحال جڏهن کابہ ورندي نہ مليس تہ هن چيو تہ هلو انهن ٽنهي مان تہ جان ڇٽي. اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ چيائين تہ "او دشمن خدا جا! جن جا تو نالا ورتا آهن، اهي سڀ جيئرا آهن ۽ اجا الله توکي خور ڪرڻ جو بندوبست ڪري رکيو آهي. ان کانپوءِ ابوسفيان چيو تہ "توهانجي مقتولن جو مثو ڪيو ويو آهي، پر مون نہ ڪو ان جو حڪم ڏنو هو ۽ نہ ئي ان تي ناراض ٿيو آهيان." پوءِ هن نعرو هنيو: اعل حبل (حبل مٿاهون هجي)

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ توهان ورندي ڇو نٿا ڏيو؟ اصحابي سڳورن رضہ عرض ڪيو تہ ڪهڙو جواب ڏيون؟

پاڻ سڳورن فرمايو تہ "چئو تہ الله اعليٰ و اجل (الله ئي اعليٰ ۽ برتر آهي)

پوءِ ابوسفيان نعرو هنيو تہ "لنا عزيٰ و لا عزيٰ لكم (اسان لاءِ عزيٰ آهي ۽ اوهان لاءِ عزيٰ ناهي)

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ ورندي ڇو نٿا ڏيو؟ اصحابي سڳورن رضہ پڇيو تہ ڪهڙو جواب ڏيون؟ پاڻ سڳورن فرمايو تہ چئو تہ "الله مولانا ولا مولیٰ لكم (الله اسانجو موليٰ آهي ۽ توهان جو موليٰ ڪوئي ڪونهي.)

ان ڪانپوءِ ابوسفيان چيو تہ "ڪيڏو نہ پلو ڪم ٿيو آهي. اڄوڪو ڏينهن بدر جي ڏينهن جو پلاند آهي ۽ ويڙهہ جو پاسو ڦرندو رهندو آهي."(1)

(1) يعني ڪڏهن هڪ ڌر کٽي ٿي تہ ڪڏهن ٻي. جيئن ڏول ڪڏهن ڪير ڇڪي ٿو تہ ڪڏهن ڪير.

حضرت عمر رضہ ورندي ڏني تہ "هڪجهڙو نہ آهي. اسانجا مقتول جنت ۾ آهن ۽ توهان جا مئل دوزخ ۾."

ان ڪانپوءِ ابوسفيان چيو تہ "عمر! منهجي ويجهو اچ" پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ وڃ، ڏس تہ ڇا ٿو چوي؟

حضرت عمر رضہ ويجهو ويو تہ ابوسفيان چيو تہ”عمر! خدا جو واسطو اٿئي، ٻڌاء تہ ڇا اسان محمد صلى الله عليه وسلم کي ماري ڇڏيو آهي؟” حضرت عمر رضہ چيو تہ ”والله! نہ. بلڪ هن مهل پاڻ تنهنجيون ڳالهيون ٻڌي رهيا آن." ابوسفيان چيو تہ "تون منهنجي نظر ۾ ابن قمئہ کان وڌيڪ سچو آهين."(2)

(2) ابن هشام2/93، 94 زاد المعاد 2/94، صحيح بخاري 2/579

بدر ۾ هڪ ٻي جنگ وڙهڻ جا وعدا وعيد:- ابن اسحاق لکي ٿو تہ ابو سفيان ۽ سندس ساٿاري موٽڻ لڳا تہ ابو سفيان چيو تہ "ايندڙ سال بدر ۾ وري ويڙہ ڪرڻ جو واعدو آهي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هڪ اصحابيءَ کي چيو تہ چئي تہ چڱو هاڻي اها ڳالهہ اسانجي ۽ اوهانجي وچ ۾ طئہ ٿي."(3)

(3) ابن هشام 2/94

مشرڪن جي موقف جي جاچ:- ان کانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حضرت علي رضہ کي موڪليو ۽ چيو تہ "قوم (مشرڪن) جي پنيان وڃ ۽ ڏس تہ اهي ڇا پيا ڪن ۽ سندن ارادا ڪهڙا آهن؟ جيڪڏهن انهن گهوڙا پاسيرا ڪيا آهن ۽

اٺن تي سوار آهن تہ پوء سندن ارادو مڪي وڃن جو آهي ۽ جي گهوڙن تي چڙهيل هجن ۽ اٺن کي هڪلي وٺي وڃي رهيا هجن تہ پوء مديني جو ارادو اٿن." پوء فرمايائون تہ "ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن انهن مديني وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ آئون مديني ۾ وڃي ساڻن هڪ هڪاٽي ڪندس." حضرت علي رضہ جو بيان آهي تہ ان ڪانپوء سندن ڪڍ لڳس. ڏٺم تہ انهن گهوڙا پاسيرا ڪري رکيا هئا ۽ اٺن تي سوار هئا ۽ مڪي ڏانهن منهن هئن.(1)

(1) ابن هشام 2/ 94 حافظ ابن حجر، فتح الباري (347/7) ۾ لکيو آهي تہ مشرڪن جا ارادا ڄاڻڻ لاء حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ کي موڪليو ويو هو.

شهيدن ۽ گهايلن جي خبرگيري:- قريشن جي موٽڻ ڪانپوء مسلمانن، پنهنجن شهيدن ۽ زخمين جي خبرچار وٺڻ شروع ڪئي. حضرت زيد بن ثابت رضہ جو بيان آهي تہ احد واري ڏينهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم مونکي سعد بن الربيع رضہ جي ڳولها لاء موڪليو ۽ فرمايو تہ ڪيس ڏسين تہ منهنجا سلام

ڏجان ۽ چئجان تہ پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو آهي تہ تون هينئر ڇا پيو محسوس ڪرين؟ حضرت زيد رضہ جو چوڻ آهي تہ مان مقتولن جي وچان لنگهندو وٽس پهتس. ڏٺم تہ پاڻ آخري پساهن ۾ آهي. ڪيس نيزن، تلوارن ۽ تيرن جا ستر ڪان مٿي گهاءَ رسيا هئا. مون چيو تہ "اي سعد! رسول اللّٰہ ﷺ سلام موڪليا آهن ۽ پڇيو آهي تہ توهان هينئر ڇا محسوس ڪري رهيا آهيو؟" پاڻ وراڻيائين تہ "پاڻ سڳورن ﷺ کي سلام چئجان ۽ عرض ڪجان تہ يا رسول اللّٰہ جنت جي خوشبوءِ پيو محسوس ڪريان ۽ منهنجي قوم انصارن کي چئجان تہ جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي هڪ اک بہ ڪم ڪندي هجي ۽ ويري پاڻ سڳورن ﷺ تائين پهچي وڃن تہ (رسول اللّٰہ جي جي مدد نہ ڪرڻ ڪري) توهانجو خدا وٽ ڪوبہ بهانو ڪم اچي نہ سگهندو." ان ڪانپوءِ سندن روح پرواز ڪري ويو. (2)

(2) زاد المعاد 96/2

ماڻهن زخمين ۾ اُصيرم رضہ کي بہ ڏٺو، جن جو نالو عمرو رضہ بن ثابت هو. انهن ۾ بہ ٿورا پساهہ هئا. ان ڪان

پهرين ڪين اسلام جي دعوت ڏبي هئي تہ اهي نٽائي ويندا هئا، انڪري ماڻهن (اچرج ۾) چيو تہ اصيرم هتي ڪيئن آيو آهي؟ هن ڪي تہ اسان اهڙي حالت ۾ ڇڏيو هو جو هيءُ دين جو انڪاري هو. پوءِ ڪانئس پڇيو ويو تہ توکي هتي ڪهڙي شيءِ وٺي آئي؟ قوم جي حمايت جو جوش يا اسلام جي چڪ؟ هن وراڻيو تہ "اسلام جي چڪ. اصل ۾ مون الله ۽ ان جي رسول ﷺ تي ايمان آندو ۽ پوءِ رسول الله ﷺ جي حمايت ۾ ويڙهہ ۾ شريڪ ٿيس. تانت هن حالت ۾ پهتس، جيڪا اوهانجي اکين آڏو آهي." اوڏي مهل پاڻ گذاري ويو. ماڻهن سندس ذڪر پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هو جنتين منجهان آهي." ابو هريره رضہ جو چوڻ آهي تہ جيتوڻيڪ هن الله ڪارڻ هڪ نماز بہ نہ پڙهي هئي.(1) ڇوتہ اسلام قبولڻ ڪانپوءِ اجا ڪنهن نماز جي مهل ئي نہ آئي هئي جو پاڻ شهيد ٿي ويو.)

(1) زادالمعاد 94/2، ابن هشام 90/2

انهن ئي گھايلن ۾ قزمان بہ هو. ان بہ هن جنگ ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا هئا ۽ اڪيلي سر ستن يا اٺن مشرڪن کي تلوار سان ڪُنو هئائين. هو جڏهن مليو تہ زخمن کان چور هو. ماڻهن کيس ڪٽي بنو ظفر جي پاڙي ۾ آندو ۽ مسلمانن کيس خوشخبري ٻڌائي. چوڻ لڳو تہ والله منهنجي جنگ رڳو پنهنجي قوم جي ناموس لاءِ هئي. جي اها ڳالهہ نہ هجي ها تہ آئون ويڙهہ نہ ڪريان ها. ان ڪانپوءِ جڏهن هن جا ڦٽ ناسور بڻجي ويا تہ هن پنهنجو پاڻ کي کهي خودڪشي ڪري ڇڏي. هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ سان جڏهن بہ هن جي ڳالهہ ڪبي هئي تہ فرمائيندا هئا تہ هو دوزخي آهي.(2)

(2) زاد المعاد 2/97، 98. ابن هشام 2/88

(ان سان پاڻ سڳورن ﷺ جي پيشنگوئي سچي ثابت ٿي) اها حقيقت آهي تہ دين جي سربلنديءَ بدران وطنيت يا ٻئي ڪنهن ارادي سان وڙهڻ واري جو انجام اهڙو ئي ٿيندو آهي. ڀلي اهي اسلام جي جهنڊي هيٺان يا حضور ﷺ

جي اصحابين جي لشڪر ۾ ئي شامل ٿي چڪو نہ وڙهي رهيا هجن.

ان جي برعڪس مقتولن ۾ بنو ثعلبہ جو هڪ يهودي هو. ان اهڙي وقت جڏهن اجا جنگ جا آثار نظر اچڻ شروع ٿيا هئا، پنهنجي قوم کي چيو تہ "اي يهوديو! خدا جو سنهن توهان ڄاڻو ٿا تہ محمد ﷺ جي مدد اوهان تي فرض آهي." يهودين چيو تہ "ها پر اڄ سبت (ڇنڇر) جو ڏينهن آهي." هن چيو تہ توهان لاءِ ڪوبہ سبت ناهي. پوءِ هن پنهنجي تلوار ۽ سامان کنيو ۽ چيو تہ جيڪڏهن آئون مارجي وڃان تہ منهنجو مال محمد ﷺ کي ڏجوءِ. اهو ان جو جيڪي وڻيس ڪري. انکانپوءِ جنگ جي ميدان ۾ لٿو ۽ وڙهندي وڙهندي مارجي ويو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مخيريق ڀلو يهودي هو".(1)

(1) ابن هشام 2/88، 89

ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ پاڻ بہ شهيدن جي جاچ ورتي ۽ فرمايو تہ آئون انهن لاءِ شاهدي ڏيندس. حقيقت اها آهي تہ جيڪو ماڻهو الله جي راهہ ۾ گهائجي

وجي ٿو، ان کي الله قيامت جي ڏينهن اهڙيءَ حالت ۾ اٿاريندو آهي جو سندس ڦٽ مان رت پيو وهندو، رنگ تہ رت جو ئي هوندو پر خوشبوء مشڪ جي هوندي. (2)

(2) ابن هشام 98/2

ڪجھ اصحابين، پنهنجن شهيدن کي مديني پهچائي ڇڏيو هو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم انهن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجن شهيدن کي واپس آڻي اتي پوريو، جتي شهيد ٿيا هئا ۽ شهيدن جا هٿيار ۽ چمڙي جي پوشاڪ لاهي ڇڏيو. پوء غسل ڏيڻ کانسواء جنهن حالت ۾ هجن، ان ئي حالت ۾ کين پوريو وڃي. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ٻن ٻن، ٽن ٽن، شهيدن کي هڪ ئي قبر ۾ پوري رهيا هئا ۽ ٻن ٻن ماڻهن کي هڪ ئي ڪپڙي ۾ ڪڏ ڍڪي رهيا هئا ۽ پڇيائون ٿي تہ انهن مان ڪنهن کي وڌيڪ قرآن ياد آهي. ماڻهو جنهن ڏانهن اشارو ڪندا هئا، ان کي قبر ۾ اڳيان ٿي ڪيائون ۽ فرمايائون ٿي تہ قيامت جي ڏينهن آئون انهن ماڻهن بابت شاهدي ڏيندس. عبدالله بن عمرو بن حرام ۽ عمر رضہ بن جوح کي هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪيو ويو، ڇو تہ انهن ٻنهي ۾ دوستي هئي. (1)

(1) زاد المعاد 98/2 صحيح بخاري 584/2

حضرت حنظلہ رضہ جو لاش غائب هو. ڳولهڻ تي هڪ جاءِ تي ان حالت ۾ مليو جو زمين تي پيو هو ۽ ان مان پاڻي پئي ٽميو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اصحابي سڳورن کي ٻڌايو تہ فرشتا کين غسل ڏئي رهيا آهن. پوءِ فرمايائون تہ سندس گهرواريءَ کان پڇو تہ معاملو ڇا آهي؟ سندس گهرواريءَ کان پڇيو ويو. جنهن ٻيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. تڏهن کان حضرت حنظلہ رضہ جو نالو غسيل الملائڪ (فرشتن جو وهنجاريل) پئجي ويو.(2)

(2) زادالمعاد 92/2

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنهنجي چاچي حضرت حمزه رضہ جو حال ڏٺو تہ ڏاڍا ڏکارا ٿيا. سندن ڦڦي، بيبي صفيہ رضہ اتي هلي آئي هئي، جنهن پنهنجي ڀاءُ حضرت حمزه رضہ کي ڏسڻ پئي چاهيو. پر پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سندن فرزند حضرت زبير رضہ کي چيو تہ انهن کي واپس وٺي وڃ. جو اهي پنهنجي ڀاءُ جو حال ڏسي نہ وٺن. پر بيبي صفيہ رضہ چيو تہ

اها کھڙي ڳالھ آهي؟ آئون ڇاڻان ٿي تہ منهنجي ڀاءُ جو مثلو ڪيو ويو آهي. پر اهو الله جي راهہ ۾ آهي. انڪري جيڪي ٿيو، اسين ان تي راضي آهيون. آئون ثواب سمجهي انشاءَ الله ضرور صبر ڪنديس. ان ڪانپوءِ پاڻ حمزه رضہ وٽ اچي ان لاءِ دعا گهريائين، اناللہ پڙهيائين ۽ الله ڪان ڇوٽڪارو گهريائين. پوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم حڪم ڪيو تہ حضرت حمزه رضہ کي حضرت عبدالله بن جحش رضہ سان گڏ پوريو وڃي. اهو حضرت حمزه رضہ جو ڀاڻيجو ۽ سندن ٿڃ شريڪ ڀاءُ بہ هو.

حضرت ابن مسعود رضہ جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت حمزه رضہ بن عبدالمطلب رضہ تي جهڙيءَ طرح رنا هئا، ان ڪان وڌيڪ ڪنهن کي بہ ڪنهن تي اسان روئندي نہ ڏٺو. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کين قبلي واري پاسي رکيو، پوءِ جنازي تي بيهنا ۽ اوڇنگارون ڪري روئڻ لڳا.(1)

(1) اها ابن شاذان جي روايت آهي. ڏسو مختصر السيره شيخ عبدالله صفحو 255

حقيقتي ۾ شهيدن جو منظر هو ئي ڏاڍو ڏکارو ۽ رئاڙيندڙ. جيئن حضرت خباب رضہ بن ارت ٻڌايو تہ حضرت حمزه رضہ کي هڪ ڪارن پٽن واري چادر ڪانسواءِ ڪوبہ ڪفن نہ ملي سگهيو. اها چادر سر تي وڌي ٿي وئي تہ پير کلي ٿي پيا ۽ پيرن تي وجهڻ سان سر کليو ٿي ويو. نيٺ چادر سان مٿو ڍڪيو ويو ۽ پيرن تا اِذخر (2) گاهہ وڌو ويو.(3)

(2) اهو موج جهڙو سڳنڌ وارو گاهہ آهي. گهڻن جاين تي ڇانهہ ۾ وجهي ڪاڙهبو آهي. عربستان ۾ ان جو ٻوٽو گرانٺ ڏيڍ جيترو مس ٿو ٿئي پر هندستان ۾ هڪ ميٽر ڪان بہ ڊگهو ٿئي ٿو.

(3) مسند احمد، مشڪوات 140/1

حضرت عبدالرحمان رضہ بن عوف جو چوڻ آهي تہ مصعب رضہ بن عمر بہ شهيد ٿيو هو ۽ اهو مونکان چڱو هو. ان کي هڪ چادر جو ڪفن ڏنو ويو. حالت اها هئي تہ جيڪڏهن مٿو ڍڪيو ٿي ويو تہ پير ٿي ظاهر ٿيا ۽ پير

ڏڪيا تي ويا تہ مٿو پٽي نظر آيو. سندس اها حالت حضرت خباب رضہ بہ ٻڌائي آهي ۽ اهو واڌارو ڪيو آهي تہ (اها حالت ڏسي) پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ چادر سان ان جو مٿو ڍڪيو ۽ پيرن تي اِذخر وجهي ڇڏيو.(4)

(4) صحيح بخاري 2/579، 584

پاڻ سڳورن ﷺ جي الله جي ساراهہ ۽ وڏائي بيان ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ:-

امام احمد رضہ جي روايت آهي تہ احد واري ڏينهن جڏهن مشرڪ واپس هليا ويا تہ پاڻ سڳورن ﷺ اصحابي سڳورن کي فرمايو تہ قطار ٺاهيو تہ آئون پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪري وٺان. ان حڪم تي اصحابي سڳورن، پاڻ سڳورن جي پٺيان صفون ٻڌيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ هيئن فرمايو تہ "يا الله! سڀ ساراهون تو لئہ آهن. يا الله! جنهن شيء کي تون ڪشادو ڪرين، ان کي ڪير بہ سوڙهو نٿو ڪري سگهي ۽ جنهن شيء کي تون سوڙهو ڪرين، ان کي ڪير بہ ڪشادو نٿو ڪري سگهي. جنهن کي تون گمراهہ ڪرين، ان کي ڪير بہ هدايت نٿو ڏئي سگهي ۽ جنهن کي تون هدايت ڏين ان کي ڪوبہ گمراهہ نٿو ڪري

سگهي. جيڪا شيءِ تون روڪين، اها ڪير نٿو ڏئي سگهي ۽ جيڪا شيءِ تون ڏين، اها ڪير بہ ڇني نٿو سگهي. تنهنجي ڏڪاريل شيءِ کي ڪير ويجهو نٿو ڪري سگهي ۽ تنهنجي ويجهي ڪيل شيءِ کي ڪير ڏڪاري نٿو سگهي. يا اللهؐ! اسان لاءِ پنهنجون برڪتون، رحمتون ۽ فضل ۽ رزق ڦهلائي ڇڏ.

يا اللهؐ! آئون توکان سدائين رهڻ واريون نعمتون گهران ٿو، جيڪي نہ ٽرن ۽ نہ ختم ٿين. يا اللهؐ! آئون توکان فقر جي ڏينهن لاءِ مدد ۽ ڊپ واري ڏينهن امن گهران ٿو. يا اللهؐ! جيڪي ڪجهہ تو ڏنو آهي، ان جي شر کان ۽ جيڪي نہ ڏنو آهي، ان جي شر کان پناهہ گهران ٿو. يا اللهؐ! اسان ۾ ايمان جي چاهت پيدا ڪري اسانجي دلين کي ان سان سينگاري ڇڏ ۽ ڪفر، فسق ۽ نافرمانيءَ کان بيزاري پيدا ڪر ۽ اسانکي هدايت ياتلن مان ڪر. يا ال! اسانکي مسلماني ۾ مار ۽ مسلمانيءَ ۾ ئي جيار ۽ خواري ۽ فتني کان بچائي صالحن ۾ شامل ڪر. يا اللهؐ! تون انهن ڪافرن کي مار ۽ انهن تي قهر ۽ ڏمر نازل ڪر جو اهي تنهنجن پيغمبرن کي ڪوڙو ڪن ٿا

۽ تنهنجي واٽ تي هلڻ کان روڪين ا. يا الله! انهن ڪافرن ڪي بہ مار جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي. يا الہ الحق (1)

(1) بخاري، الادب المفرد، مسند احمد 324/3

مديني ڏانهن موٽ ۽ محبت ۽ جانثاريءَ جا اڻمول واقعا:-

شهيدن کي پورڻ ۽ دعا گهرڻ کانپوءِ پاڻ سڳونر ﷺ مديني جو رخ ڪيو. جهڙيءَ طرح جنگ هلندي اصحابي سڳورن محبت ۽ جانثاريءَ جا داستان رقم ڪيا هئا، اهڙيءَ طرح ئي واٽ هلندي مؤمنيانين بہ خلوص ۽ جانثاريءَ جو مظاهرو ڪري ڏيکاريو.

جيئن واٽ تي پاڻ سڳورن ﷺ سان حضرت حمنہ بنت جحش جي ملاقات ٿي. کيس سندس ڀاءُ عبدالله بن جحش رضہ جي شهادت جي خبر ڏنائون. ان اِنالله پڙهي ۽ ﭼوٽڪاري لاءِ دعا گهري. پوءِ سندس مامي حصرت حمزه رضہ جي شهادت جي خبر ڏنائون. ان وري بہ اِنالله پڙهي ۽ ﭼوٽڪاري لاءِ دعا گهري. ان کانپوءِ سندس مڙس حصرت مصعب بن عمر رضہ ي شهادت جي خبر ڏني وئي تہ پاڻ تڙپي رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ پار ڪدي روئڻ لڳي. پاڻ سڳورن

ﷺ فرمايو تہ "عورت جو مڙس سندس لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو."(2)

(2) ابن هشام 98/2

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ بنو دينار جي هڪ عورت وٽان لنگهيا، جنهن جو مڙس، ڀاءُ ۽ پيءُ ٽيئي ڄڻا شهيد ٿيا هئا. جڏهن ان کي خبر ڏني وئي تہ چوڻ لڳي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو ڇا ٿيو؟ ماڻهن چيو تہ فلاڻي جي ماءُ! پاڻ سڳورا ﷺ خيريت سان آهن ۽ جيئن تون چاهين ٿي، تيئن آهن. عورت وراڻيو تہ ٿورو مونکي ڏيکاريو. آئون بہ تہ پاڻ سڳورن ﷺ جوي وجود بابرڪت کي ڏسي وٺان. ماڻهن کيس اشاري سان ٻڌايو. جڏهن سندس نظر پاڻ سڳورن ﷺ تي پئي تہ بي اختيار چيائين تہ "کل مصيبت بعدڪ جلل" (پاڻ سڳورن ﷺ (کي ڏسڻ) کانپوء هر مصيبت هيچ آهي.(3)

(3) ابن هشام 99/2

واٽ تي حضرت سعد بن معاذ رضہ جي امڙ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڊوڙندي پهتي. ان مهل حضرت سعد

رضہ بن معاذ، پاڻ سڳورن ﷺ جي گھوڙي جي واڳ جھلي پئي هليو. چوڻ لڳو تہ "يا رسول اللهﷺ! منھنجي امڙ آئي آھي." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ڪيس ڀليڪار ڪر." ان ڪانپوءِ سندس استقبال لاءِ بيھي رھيا. جڏھن اھا ويجھي پھتي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس سندس فرزند عمرو بن معاذ رضہ جي شھادت تي ڏک جو اظھار ڪندي ڪس آٿت ڏني ۽ صبر جي تلقين ڪئي. جنھن تي پاڻ فرمايائين تہ جڏھن مون اوھانکي صحيح سلامت ڏسي ورت، ھاڻي مون لاءِ ھر تڪليف گھٽ آھي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ احد جي شھيدن لاءِ دعا گھري ۽ فرمايو تہ "اي سعد رضہ جي ماءُ تون خوش ٿي ۽ شھيدن جي گھروارن کي خوشخبري ٻڌاءِ تہ سندن شھيد سڀئي جنتہ گڏ آھن ۽ سندن گھر وارن لاءِ انھن سڀني جي شفاعت قبول ڪئي وئي آھي."

ان وراڻيو تہ "يا رسول الله ﷺ! انھن جي پوئيرن لاءِ بہ دعا گھرو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "يا الله! انھن جي دل جو ڏک دور ڪر ۽ انھن کي تڪليف جو سلو عطا ڪر ۽ پوئيرن جي چڱي نظرداري ڪر."(1)

(1) السيره الحلبيہ 47/2

پاڻ سڳورا ﷺ مديني ۾:- ان ئي ڏينهن ڇنڇر 7 شوال سنہ 3 هہ تي شام جو پاڻ سڳورا ﷺ مديني پهتا. گهر پهچي پنهنجي تلوار بيبي فاطمہ رضہ کي ڏنائون تہ ڌيءُ هن تان رت ڌوءِ. الله جو سنهن! هيءَ اڄ مون لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي آهي. پوءِ حضرت علي رضہ بہ پنهنجي تلوار ڏني ۽ فرمايو تہ هن تان بہ رت ڌوءِ. الله جو سنهن! هيءَ بہ اڄ مون لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي آهي. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جيڪڏهن تو بيمثال جنگ ڪئي آهي تہ توسان گڏ سهل رضہ بن حنيف ۽ ابو دجانہ رضہ بہ بيمثال جنگ ڪئي آهي." (1)

(1) ڏسو ابن هشام 122/2 کان 129 فتح الباري 351/7 ۽ غزوه احد. ليکڪ محمد احمد باشميل ص 278، 279، 280

گهڻيون روايتون هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ ملسمان شهيدن جو تعداد ستر هو، جن مان گهڻا انصار هئا. يعني

انهن جا 65 ڄڻا شهيد ٿيا هئا، 41 خزرج جا ۽ 24 اوس جا. هڪ ڄڻو يهودي هو ۽ مهاجر شهيد رڳو چار هئا.

باقي بچيا قريشن جا مئل ته ابن اسحاق مطابق سندن تعداد 22 هو، پر ٻين سيرت نگارن هن ويڙهه جو جيڪو تفصيل ڏنو آهي ۽ جن ۾ متاڃري انداز ۾ جنگ جي مختلف مرحلن ۾ مرڻ وارن مشرڪن جو ذڪر ڪيل آهي ان تي گهري نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته مرڻ وارا 22 نه پر 37 هئا. ولله اعلم (2)

(2)

مديني ۾ هنگامي حالتون:- مسلمانن احد جي جنگ تان موٽڻ بعد (8 شوال سنه 3 هه ڇنڇر ۽ آچر جي وچ واري) رات هنگامي حالتن ۾ گذاري. جنگ ڪين ٿڪائي ڇڏيو هو، تنهن هوندي به اهي سڄي رات مديني جي رستن ۽ گهٽين تي پهرو ڏيندا رهيا ۽ پنهنجي مهندار، رسول الله صلی الله علیه وسلم جي بچاءَ لاءِ خاص اُپاءَ وٺندا رهيا. ڇو ته انهن کي هر پاسي کان نقصان پهچڻ جو انديشو هو.

غزوه حمراء الاسد:- هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ سڄي رات جنگ ڪري پيدا ٿيل حالتن تي سوچيندي گذاري. پاڻ سڳورن ﷺ کي انديشو هو ته جيڪڏهن مشرڪن کي اهو خيال آيو ته جنگ جي ميدان ۾ ڪٿڻ ڪانپوء به اسان کو لاڀ حاصل نه ڪيو ته پڪ کين ندامت ٿيندي ۽ اهي واٽ تان ئي موٽي مديني تي ڪاهي سگهن ٿا. ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ فيصلو ڪيو ته هر حالت ۾ مڪي جي لشڪر جي ڪڍ لڳڻ ڪيي. جيئن سيرت نگارن لکيو آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ احد واري جنگ جي ٻئي ڏهاڙي يعني آچر 8 شوال سنه 3 هه تي صبح ساڻ اعلان ڪيو ته دشمن جي مقابلي لاء هلڻو آهي ۽ گڏوگڏ اهو به اعلان ڪيو ته رڳو اهي ماڻهو هلن، جيڪي احد واري لڙائيءَ ۾ موجود هئا. پوء به عبدالله بن ابي پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ هلڻ جي اجازت گهري پر پاڻ سڳورن ﷺ اجازت نه ڏنيس. هوڏانهن ملسمان جيتوڻيڪ گهايل، ڏکڻ ۾ ورتل ۽ ڊپ ڊاءَ واري حالتہ هئا ته به سيني بنا ڪيڇڻ جي حڪم مڃيو. حصرت جابر رضہ بن عبدالله به اجازت گهري، جيڪو احد واري جنگ ۾ نه

هليو هو. چيائين تہ "يا رسول اللہ ﷺ! توهان جنهن جنگ ۾ شامل هجو، آئون بہ اوهان سان هجان ۽ جيئن تہ (هن جنگ ۾) منهنجي پيءُ منهنجين نينگرين جي سنڀال لاءِ گهر ۾ روڪي ڇڏيو هو، تنهنڪري مونکي موڪل ڏيو تہ آئون تہ توهان سان گڏ هلان. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ کيس اجازت ڏني.

پروگرام مطابق پاڻ سڳورا ﷺ مسلمانن کي وٺي نڪتا ۽ مديني کان اٺ ميل پر حمراء الاسد وٽ لٿا.

اتي رهڻ دوران معبد بن ابي معبد خزاعي، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي اسلام بوليو. ڪي چون ٿا تہ شرڪ تي قائم هو، پر پاڻ سڳورن ﷺ جو خيرخواهہ هو، ڇو تہ خزاعہ ۽ بنو هاشم ۾ حلف (يعني دوستي ۽ ساٿ جو عهد) هو. مطلب تہ هن چيو تہ "اي محمد ﷺ! توهان کي ۽ توهانجي ساٿين کي جيڪو ڏک رسيو آهي، خدا جو سنهن! اسانکي بہ ان جو ڏک آهي. اسانجي آس هئي تہ اللہ توهانکي خيريت سان رکي ها." ان همدرديءَ جي اظهار

كانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کيس چيو تہ ابوسفيان وٽ وڃي سندس حوصلا ٽوڙي..

هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ کي جيڪو خدشو هو تہ مشرڪ مديني تي ڪاهڻ جي ڳالهہ سوچيندا، سو بلڪل سچو هو. جيئن مشرڪن مديني کان 36 ميل پري روحاءَ وٽ پهچي جڏهن ديرو هنيو تہ پاڻ ۾ هڪٻئي تي ڇوهہ ڇنڊينديِ چوڻ لڳا تہ "توهان ڪجهہ نہ ڪيو. سندن شان ۽ سگهہ ٽوڙي ڪين ائين ئي ڇڏي ڏنو، جڏهن تہ اجا انهن جا ايترا سر بچيل آهن جو اهي توهان لاءِ وري بہ مٿي جو سور بڻجي سگهن ٿا، تنهنڪري موٽو ۽ ڪين پاڙئون پٽي ڇڏيو."

پر لڳي ائين ٿو تہ اها هڪ مٿاڇري رٿ هئي، جيڪا انهن ماڻهن پاران ڏني وئي هئي، جن کي ڌرين جي سگهہ ۽ حوصلن جو صحيح ڪاٿو نہ هو. ان ڪري هڪ سمجهو ماڻهوءَ صفوان بن اميہ ان رٿ جي مخالفت ڪندي چيو تہ "يائرو! ائين نہ ڪريو. مونکي ڊپ ٿو ٿئي تہ جيڪي (مسلمان احد واري جنگ) ۾ نہ آيا هئا، متان اهي بہ هاڻي توهان جي خلاف گڏ ٿي وڃن. تنهنڪري هن ئي حالت۾ موٽي

هلو جو سوپ اوهان ماٺي آهي، نہ تہ مونکي ڊپ آهي تہ مديني تي ڪاهيو ويو تہ گردش ۾ اچي ويندؤ." پر گهٽائيءَ اها رٿ نہ قبولي ۽ فيصلو ڪيو تہ مديني هلبو، پر اجا اهي اتي ئي هئا جو معبد بن ابي معبد خزاعي اچي پهتن. ابوسفيان کي پتو نہ هو تہ ڪو اهو مسلمان ٿي چڪو آهي. هن پڇيس تہ معبد! پنتي جي ڪا خبر چار ڏي؟ معبد (واڌي ڏيندي) چيو تہ "محمد ﷺ پنهنجا ساٿي وٺي اوهانجي ڪڍ لڳي چڪو آهي. سندس لشڪر ايڏو وڏو آهي جو مون اهڙو لشڪر ڪڏهن نہ ڏٺو. سڀ ماڻهو توهانجي خلاف ڪاوڙ پيا ٿهڪن. احد ۾ پنتي رهجي وڃڻ وارا بہ پڄي ويا آهن. انهن جيڪي هٿان وڃايو آهي، ان لاءِ سخت لڄي آهن ۽ توهانجي خلاف ايترو پڙڪيل آهن جو مون ان جو مثال ڪڏهن بہ ناهي ڏٺو.

ابوسفيان چيو تہ "پائو اهو ڇا پيو چوين؟"

معبد چيو تہ "الله جو قسم! آئون سمجهان ٿو تہ توهان هلڻ کان اڳ سندن گهوڙن کي ڏسي وٺندا يا لشڪر جو مهڙ وارو دستو هن ٽڪر پنيان ظاهر ٿي ويندو."

ابوسفيان چيو تہ "الله جو قسم! اسان تہ فيصلو ڪيو آهي تہ انهن تي وري ٻيهر حملو ڪريون ۽ سندن پاڙون پٽي ڇڏيون."

معبد چيو تہ "ائين نہ ڪجؤ. ان ۾ ئي توهان جو ڀلو آهي."

اهي ڳالهيون ٻڌي مڪي جو لشڪر هانءُ هاري ويٺو. انهن جي دلين ۾ ڊپ ۽ رعب ڀهي ويو ۽ انهن چڱو ان ۾ ڄاتو تہ مڪي ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکن. باقي ابو سفيان اسلامي لشڪر کي پٺيان اچڻ کان روڪڻ ۽ ٻيهر ٽڪراءُ ٽيڻ کان بچڻ لاءِ پروپيگنڊه جو جوابي حملو ڪيو. هن پرسان لنگهندڙ عبدالقيس قبيلي جي هڪ قافلي وارن کي چيو تہ "ڇا توهان منهنجو هڪ نياپو محمد ﷺ کي پهچائيندا؟ منهنجو وعدو آهي تہ ان جي بدلي ۾ جڏهن توهن مڪي ايندا تہ عڪاظ جي بازار ۾ توهانکي ايتري ڪشمش ڏيندس، جيتري اوهانجي هيءَ ڏاچي کڻي سگهي ٿي."

انهن چيو تہ "هائو."

ابوسفيان چيو تہ "محمد ﷺ کي اها خبر وجي ڏيو تہ اسان سندس ۽ سندس ساٿين جون پاڙون پٽڻ لاءِ ٻيهر موٽي حملو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

ان ڪانپوءِ جڏهن قافلو حمراء الاسد ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن وٽان لنگهيو تہ ڪين ابوسفيان جو نياپو ڏنو ۽ چيو تہ اهي توهانجي خلاف گڏ آهن، انهن کان ڊڄو، پر سندن ڳالهيون ٻڌي مسلمانن جو ايمان ويتر وڌي ويو ۽ انهن حسبنا الله و نعم الوکيل (الله اسانجي لاءِ ڪافي آهي ۽ اهو ئي وڏو ڪارساز آهي) چيو. اهڙيءَ طرح اهي الله جي نعمت ۽ فضل سان موٽيا. ڪين ڪو اهنج نہ رسيو ۽ انهن الله جي فرمانبرداري ۽ پيروي ڪئي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

پاڻ سڳورا ﷺ آچر جي ڏينهن حمراء الاسد ڏانهن روانا ٿيا هئا. سومر، اڱارو ۽ اربع يعني 9، 10 ۽ 11 شوال سنہ 3 هہ تائين اتي رهيا. ان ڪانپوءِ مديني موٽيا. مديني موٽڻ کان اڳ ابو عزه جمحي سندن هٿ چڙهي ويو. هي اهو ئي ماڻهو آهي، جيڪو بدر ۾ باندي بنجڻ ڪانپوءِ

سندس غريبي ۾ گھڻين نياڻين ڪري ان شرط تي بنا معاوضي جي ڇڏيو ويو هو ته هو پاڻ سڳورن ﷺ جي خلاف ڪنهن جو به ساٿ نه ڏيندو. پر هن واعدو نه پاڙيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن جي خلاف شعر لکي ماڻهن کي ڀڙڪايائين. جنهن جو ذڪر گذريل صفحن ۾ اچي چڪو آهي. هو مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ پاڻ احد واري لڙائيءَ ۾ آيو. جڏهن جهلجي پيو ته چوڻ لڳو ته "محمد ﷺ! منهنجي خطا در گذر ڪر. مون تي احسان ڪر ۽ منهنجين نياڻين ڪارڻ مونکي ڇڏي ڏي. آئون واعدو ٿو ڪريان ته ٻيهر اهڙي حرڪت نه ڪندس." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته هاڻي ائين نه ٿيندو ته تون مڪي وڃي سينو ٺوڪي چوني ته مون محمد ﷺ کي ٻه ڀيرا ذوڪو ڏنو آهي." مومن هڪ ئي سوراخ مان ٻه ڀيرا نٿو ڏنگجي سگھي. ان ڪانپوءِ حضرت زبير رضه يا حضرت عاصم رضه بن ثابت کي حڪم ڪيائون ۽ ان، سندس ڪنڌ ڪپي ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح ئي مڪي جو هڪ جاسوس به ماريو ويو. سندس نالو معاويه بن مغيره بن ابي العاص هو ۽ اهو

عبدالملڪ بن مروان جو نانو هو. اهو ان طرح هٿ چڙهيو جو جڏهن احد واري ڏينهن مشرڪ موٽي ويا تہ هو پنهنجي سوٽ حضرت عثمان سان ملڻ آيو. حضرت عثمان رضہ سندس لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ کان پناهہ گهري. پاڻ سڳورن ﷺ ان شرط تي امان ڏني تہ جيڪڏهن پاڻ ٽن ڏينهن کانپوءِ بہ ڏٺو ويو تہ ماريو ويندو، پر جڏهن مدينو اسلامي لشڪر کان خالي ٿي ويو تہ هيءُ همراه قريشن لاءِ جاسوسي ڪرڻ خاطر ٽن ڏينهن کان مٿي رهي پيو ۽ جڏهن لشڪر موٽي آيو تہ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت زيد بن حارثہ رضہ ۽ حضرت عمار بن ياسر رضہ کي حڪم ڪيو ۽ انهن سندس پيڇو ڪري ڪيس ماري ڇڏيو. (1)

(1) احد ۽ حمراء الاسد وارين جنگين جو تفصيل ابن هشام 60/2 کان 129، زاد المعاد 91/2 کان 108، فتح الباري مع صحيح بخاري 345/7 کان 377، مختصر السيره، شيخ عبدالله ص 242 کان 257 تان گڏ ڪيو ويو آهي.

حمراء الاسد واري غزوي جو ذڪر جيتوڻيڪ ڌار ڪيو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ اها ڪا ڌار جنگ نہ هئي، پر احد واري جنگ جو ئي حصو هئي.

احد واري جنگ جو اپٽار:- اها آهي احد واري جنگ، جنهن جي پڄاڻيءَ تي وڏا وڏا بحث ڪيا ويا آهن تہ ان کي مسلمانن جي هار سمجهجي يا نہ؟ جيستائين حقيقت جو سوال آهي تہ ان ۾ شڪ نہ آهي تہ جنگ جي ٻئي مرحلي ۾مشرڪن سرسي ماڻي ۽ جنگ جو ميدان سندس هٿ۾ هو. جاني نقصان بہ مسلمانن جو وڌيڪ ٿيو ۽ ڏاڍو پوائٽو ٿيو ۽ مسلمانن جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ گروهہ هار مڃي وٺي ڀڳو ۽ صورتحال مڪي جي لشڪر جي هٿ۾ رهي، پر ان هوندي بہ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي ڪري اسين هن جنگ کي مشرڪن جي سوڀ نٿا مڃي سگهون.

هڪ اهو تہ اها ڳالهہ پڪي آهي تہ مڪي جو لشڪر، مسلمانن جي ڪيمپ تي قبضو نہ ڪري سگهيو هو ۽ مديني جي لشڪر جو وڏو حصو وٺ پڪڙ ۽ افراتفريءَ هوندي بہ ڀڳو ڪونہ هو. بلڪ وڏيءَ دليريءَ سان وڙهندي پنهنجي

سالار وٽ اچي گڏ ٿيو ۽ مسلمانن جو پاسو ايترو ڀـ هلڪو نـ ٿيو هو جو مڪي جو لشڪر سندن ڪڍ لڳي سگهي. ان ڪانسواءِ مشرڪ ڪو هڪ ڀـ مسلمان جهلي نـ سگهيا ۽ نـ ئي ڪافرن غنيمت جو مال هٿ ڪيو. مٿان وري اهي جنگ جي ٽئي مرحلي لاءِ ٻـ تيار نـ ٿيا، جڏهن تـ اسلامي لشڪر اڃا پنهنجي ڪيمپ ۾ ئي هو. ان ڪانسواءِ ڪافر جنگ جي ميدان ۾ هڪ ڏينهن ٻـ نـ ترسيا، جڏهن تـ ان زماني ۾ فاتحن جو اهو ئي دستور هو. ڪافر هڪدم موٽي ويا ۽ مسلمانن ڪان اڳ ميدان ڇڏيائون. اهو ٻـ تـ ڪين ٻار ٻچا باندي ڪرڻ ۽ مال لٽڻ لاءِ مديني ۾ گهڙڻ جي همٿ ئي ڪانـ ٿي. جڏهن تـ شهر ڪانئن ٿوري پنڌ تي هو ۽ فوج ڪان پوريءَ ريت خالي ۽ صفا لڪيل هو ۽ رستي ۾ ڪابـ جهل پل ڪانـ هئي.

انهن سيني ڳالهين جو مطلب اهو ٿو نڪري تـ قريشن کي وڌ ۾ وڌ اهو فائدو ٿيو تـ انهن وجهـ وٺي مسلمانن کي ٿورو ڇيهو رسايو. باقي اسلامي لشڪر کي گهيري ۾ وٺڻ ڪانپوءِ ان کي پوريءَ طرح تهس نهس ڪرڻ جو جيڪو فائدو ڪين وٺڻو هو، ان ۾ ناڪام رهيا ۽ اسلامي لشڪر ڪجهـ

وڏيڪ نقصان رسڻ ڪانپوءِ بہ گهيرو ٿوڙي نڪري ويو ۽ اهڙو نقصان تہ خود فاتحن ڪي بہ گهٽائي پيرا رسيو. انڪري هن معاملي ڪي مشرڪن جي سوڀ نٿو چئي سگهجي.

موٽڻ لاءِ ابوسفيان جي تڪڙ ڪرڻ بہ ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪري ٿي تہ ڪيس ڊپ هو تہ جيڪر جنگ جوٽڻ جو مرحلو شروع ٿيو تہ سندس لشڪر ڪي نقصان ۽ هار جو منهن ڏسڻو پوندو. ان ڳالھ جي وڌيڪ تائيد ابوسفيان جي ان مؤقف مان ٿئي ٿي، جيڪو غزوه حمراء الاسد جي سلسلي ۾ ڄاڻايل آهي.

اهڙيءَ حالت ۾ اسان هن جنگ ڪي ڪنهن هڪ ڌر جي سوڀ يا هار سمجهڻ بدران غير فيصلائتي جنگ چئي سگهون ٿا. جنهن ۾ هر ڌر ڪاميابي ۽ نقصان مان پنهنجو حصو ماڻيو هو. پوءِ جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ ڪانسواءِ ۽ پنهنجي ڪيمپ ڪي دشمن جي قبضي ۾ ڇڏڻ ڪانسواءِ ويڙھ کان پاسيرو ٿي ويا ۽ غير فيصلائتي ويڙھ ان ڪي ئي چئبو آهي. ان ڏانهن ئي قرآن ۾ اشارو ڪيل آهي تہ "

ولا .... لايرجون (104:4)

ترجمو:- ۽ ڪافرن جي ڳولھا ۾ سستي نہ ڪريو. جيڪڏھن اوھين ڏکوئبا آھيو تہ اھي بہ اوھان جھڙا ڏکوئبا آھن ۽ اوھين الله ۾ اھا اميد ٿا رکو جا اميد انھن کي نہ آھي.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ تڪليف رسائڻ ۽ تڪليف محسوس ڪرڻ ۾ هڪ لشڪر کي ٻئي جھڙو ئي ٻڌايو آھي، جنھن جو مطلب اھو آھي تہ ٻئي ڌريون برابر ٿيون ۽ ٻئي ڌريون ان طرح واپس موٽيون جو انھن مان ڪير بہ سگھو ٿي نہ سگھيو ھو.

هن جنگ تي قرآن جي ٽيڪاٽپڻي:- پوء قرآن مجيد ۾ هن ويڙھ جي هڪ هڪ مرحلي تي روشني وڌي وئي ۽ ٽيڪاٽپڻي ڪندي اھي ڪارڻ ڏسيا ويا، جن جي ڪري مسلمانن کي هيڏو سارو ڇيھو رسيو ھو ۽ ٻڌايو ويو تہ اھڙيءَ طرح جي فيصلائتن موقعن تي ايمان وارا ۽ ھيءَ امت (جيڪا ٻين جي ڀيٽ ۾ خير الامت سڏجي ٿي) جنھن اعليٰ مقصدن لاء جوڙي وئي آھي، ان جي لحاظ کان بہ ايمان وارن مختلف گروھن ۾ ڪھڙيون ڪھڙيون ڪمزوريون وجي بچيون آھن.

اهڙيءَ طرح قرآن مجيد، ڪپتين (منافقن) جي مؤقف جو پول کولي ڇڏيو ۽ سندن دليلن خدا ۽ رسول خلاف لڪل ڪيني کي ظاهر ڪري وڌو ۽ سادڙن مسلمانن ۾ انهن ڪپتين ۽ سندن يهودي ڀائرن، جيڪي وسوسا ڦهلائي ڇڏيا هئا، انهن جو رد ڪيو ۽ انهن حڪمتن ۽ مقصدن ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪي هن ويڙهه ۾ حاصل ٿيا هئا.

هن ويڙهه بابت آل عمران جون سٺ آيتون لٿيون. سڀ کان پهرين ويڙهه جي پهرئين مرحلي جو ذڪر ڪيو ويو ۽ ارشاد ٿيو ته:

ترجمو:- (اي پيغمبر ياد ڪر) جنهن مهل (تون) پنهنجي گهر مان سويرو نڪتين جو مؤمنن کي جنگ لاء مورچن تي وهاريئي ٿي.

پوء آخر ۾ هن ويڙهه جي نتيجن ۽ حڪمت جو تفصيلي اپٽار ڪيو ويو. ارشاد ٿيو ته:

ترجمو:- (اي منافقو(الله کي نٿو جڳائي ته جنهن تي اوهين آهيو، تنهن تي مؤمنن کي (به) ڇڏي ڏي ته پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري ۽ الله کي نٿو جڳائي ته اوهانکي ڳجهه تي

واقف ڪري پر الله پنهنجن پيغمبرن مان جنهن کي گهرندو آهي، تنهنکي چونڊيندو آهي. پوءِ الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو ۽ جيڪڏهن (اوهين) مڃيندؤ ۽ ڊڄندؤ تہ اوهان لاءِ وڏو اجر آهي.

جنگ بابت خدائي حڪمتون ۽ مقصد:- علامہ ابن قيم هن سري هيٺ تفصيل سان لکيو آهي.(1) حافظ ابن حجر لکي ٿو تہ عالم چون ٿا تہ احد جي لڙائي

(1) ڏسو زاد المعاد 99/2 کان 108

۾ ان ۾ مسلمانن کي پهتل تڪليفن ۾ خدا جي حڪمت ۽ فائدو هو. جهروڪ مسلمانن کي گناهن جي خراب پڇاڙي ۽ غلطڪارين جي نقصانن کان آگاهہ ڪرڻ. جو تہ تيرانداز کي پنهنجي مرڪز تي ڄمي بيهڻ جو حڪم پاڻ سڳورن ﷺ ڏنو هو. انهن حڪم نہ مڃيندي مرڪز ڇڏي ڏنو. (انڪري ئي کين نقصان رسيو) هڪ حڪمت، پيغمبر ﷺ جي اها سنت ظاهر ڪرڻ هو تہ پهرين اهي مصيبت ۾ ڦاسايا وڃن ٿا. پوءِ نيٺ کين سرسي ملي ٿي ۽ انهن ۾ اها حڪمت بہ لڪل آهي تہ جيڪڏهن کين رڳو سوڀون ملنديون تہ ايمان وارن ۾

اهڙا ماڻهو بہ گهڙي ايندا، جيڪي ايمان وارا ناهن. پوءِ سچي ۽ ڪوڙيءَ پيٽ نہ ٿي سگهندي ۽ جيڪڏهن سدائين پيا هارائيندا تہ سندن بعثت جو مقصد ئي پورو نہ ٿي سگهندو. انڪري چڱائي ان ۾ آهي تہ ٻئي حالتون ٿي گذرن تہ جيئن ڪوڙي ۽ سچي ۾ پيٽ ڪري سگهجي. ڇو تہ ڪپٽين جي ڪپٽ، مسلمانن کان لڪل هئي. جڏهن اهو واقعو ٿي گذريو ۽ ڪپٽين، پنهنجي اندر جي اوٻر ڪڍي تہ مسلمانن کي پتو پئجي ويو تہ سندن ئي گهرءَ ويري وينل آهن، انڪري مسلمان، ساڻن منهن ڏيڻ لاءِ هوشيار ۽ تيار ٿي ويا.

هڪ حڪمت اها بہ هئي تہ ڪن جڳهين تي مدد پهچڻ ۾ دير ٿيڻ سان نهنائي پيدا ٿئي ٿي ۽ نفص جي وڏائي ختم ٿئي ٿي، تنهنڪري جڏهن ايمان وارا مصيبتءَ ڦاٿا تہ سهپ جو مظاهرو ڪيائون، باقي ڪپٽين ۾ واويلا مچي وئي.

هڪ حڪمت اها بہ هئي تہ الله، ايمان وارن لاءِ پنهنجي انعامن جي گهر (يعني جنت)ءَ ڪجهہ اهڙا درجا بہ

رکيا هئا، جن تئاين سندن عملن جي پهچ ڪانہ ٿي ٿي. تنهنڪري تڪليفن ذريعي انهن تائين پهچ ممڪن ڪئي وئي.

هڪ ٻي حڪمت اها بہ هي تہ شهادت، ولين جو سڀ ڪان مٿاهو مرتبو آهي، تنهنڪري اهو مرتبو ڪين ڏنو ويو.

هڪ ٻي حڪمت اها بہ هئي تہ الله پنهنجن دشمنن کي ناس ڪرڻ تي گهريو. انڪري اهي سبب پيدا ڪيائين، يعني ڪفر ۽ ظلم ۽ الله جي دوستن کي حد کان وڌيڪ اهنج پهچائڻ واري سرڪشي (پوء ان ئي عمل جي ڪارڻ) ايمان وارن جا گناهہ ڌوئي ڇڏيائين ۽ ڪافرن کي هلاڪ ۽ برباد ڪيائين.(1)

(1) فتح الباري 347/7

احد کان پوء جون فوجي مهمون

مسلمانن جي شهرت ۽ ساک تي احد جي ناڪاميءَ جو ڏاڍو برو اثر پيو. مخالفن جي دلين مان سندن دٻ نڪري ويو. انڪري ايمان وارن جي اندرين ۽ ٻاهرين مشڪلن ۾ واڌارو اچي ويو. مديني ۾ چوڌطرف کان خطرا

ڏسڻ ۾ پئي آيا. يهودي، ڪپتيا (منافق) ۽ بدو پڌري پٽ دشمنيءَ تي لهي آيا ۽ هرگروهه مسلمانن کي ڇيهو رسائڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇپندي اهي سمجهڻ لڳا ته اهي مسلمانن کي ختم ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري، جنگ کي اڃا ٻه مهينا به نه گذريا هئا جو بنو اسد، مديني تي حملو ڪرڻ جي تياري ڪئي. پوءِ صفر سن 4 هه ۾ عضل ۽ قاره جي قبيلن هڪ اهڙي نڀڳيءَ واري چال هلي، جنهن ۾ ڏهه اصحابي سڀڳورا شهيد ٿي ويا ۽ ان ئي مهيني ۾ بنو عامر جي رئيس ساڳئي قسم جي دولاب سان ستر اصحابين کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. اهو حادثو بئر معونه جي نالي سان مشهور آهي. ان دوران بنو نضير وارا به کلي دشمنيءَ تي لهي آيا هئا. ايستائين جو انهن ربيع الاول سنه 4 هه ۾ پاڻ سڳورن کي ئي شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هوڏانهن بنوعظفان جو حوصلو ايترو وڌي ويو هو جو انهن جماد الاول سن 4 هه ۾ مديني تي ڪاهڻ جو ارادو ڪيو.

مطلب ته مسلمانن جي جيڪا ساک احد واري جنگ ۾ خراب ٿي هئي، ان جي ڪارڻ مسلمان ڊگهي عرصي تائين

لاڳيتو هنگامي حالتن ۾ رهيا. پر اها پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي مثالي ڏاهپ هئي، جنهن سيني خطرن جو منهن موڙي، مسلمانن جو دٻدٻو وري قائم ڪيو ۽ ڪين پيهر عزت ۽ مرتبي جي مٿاهين جڳهه تي پهچايو. ان سلسلي ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو سڀ کان پهريون قدم حمراء الاسد تائين مشرڪن جي ڪڍ لڳڻ هو. ان ڪارروائيءَ سان پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي لشڪر جي عزت بحال ٿي وئي. ڇو ته اهو اهڙو ته پروقار ۽ دليراڻو جنگي قدم هو جو مخالفن ۽ خاص طور تي ڪپتين ۽ يهودين جا وات حيرت کان ڦاٽي ويا. پوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم لڳاتار اهڙيون ته جنگي ڪارروايون ڪيون جو ان سان نه رڳو مسلمانن جو اڳوڻو دٻدٻو موٽي آيو، پر ان ۾ واڌارو به ٿيو. ايندڙ صفحن ۾ ان بابت ئي بيان اچي رهيو آهي.

1. سريه ابو سلمه رضه:- احد واري لڙائيءَ کانپوءِ مسلمانن خلاف سڀ کان پهرين بنو اسد بن خرمه جو قبيلو اٿيو. ان بابت مديني ۾ اها ڄاڻ پهتي ته خويلد جا ٻه پٽ، طلحه ۽ سلمه پنهنجي قوم ۽ پنهنجن ساٿارين سان گڏ بنو اسد کي

پاڻ سڳورن ﷺ تي ڪاهڻ جي دعوت ڏيندا وتن پيا. پاڻ سڳورن ﷺ تڪڙ ۾ ڏيڍ سؤ انصارين ۽ مهاجرن جو هڪ جٿو تيار ڪيو ۽ حضرت ابو سلمہ رﷺ کي ان جو جهنڊو ڏئي سپهہ سالار ڪري موڪليو. حضرت ابو سلمہ رضہ، بنو اسد جي چرپر ڪرڻ کان اڳ ئي انهن تي ايترو اوچتو حملو ڪيو جو اهي هيڏي هوڏي ڀڄي ويا. مسلمانن، سندن اٺن ۽ ٻڪرين کي جهلي ورتو ۽ صحيح سلامت مديني موٽيا. ڪين دوبدو مقابلو بہ نہ ڪرڻو پيو.

اهو سريو، محرم سنہ 4 هہ جو چنڊ ڏسڻ شرط موڪليو ويو هو. موٽڻ ڪانپوء حضرت ابو سلمہ رضہ کي احد واري لڙائيءَ لڳل گهاءُ اٿلي پيو ۽ ان ڪارڻ پاڻ جلدئي گذاري ويو.

2. عبدالله بن انيس رضہ وارو سريو:- ان ئي مهيني محرم سنہ 4 هہ جي 5 تاريخ تي اها ڄاڻ پهتي تہ خالد بن سفيان هذلي، مسلمانن تي ڪاهڻ لاء فوج گڏ ڪري رهيو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ان کي منهن ڏيڻ لاء حضرت عبدالله بن انيس رضہ کي موڪليو.

عبدالله بن انيس رضہ مديني کان 18 ڏينھن ٻاھر رھي موٽيو. پاڻ، خالد کي ماري سندس سيس ساڻ کڻي آيو ھو. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي اھو سيس پاڻ سڳورن ﷺ آڏو پيس ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ کين ھڪ لٺ ڏئي فرمايو تہ اھا منھنجي ۽ تنھنجي وچ ۾ قيامت جي ڏينھن نشاني رھندي. تنھن کانپوءِ جڏھن سندن وفات جو وقت ويجھو آيو تہ پاڻ وصيت ڪيائين تہ اھا لٺ مونسان گڏ ڪفن ۾ ويڙھي وڃي.(1)

(1) زاد المعاد 109/2 - ابن ھشام 619/2، 620

3. رجيع وارو حادثو:- ان ئي سال سن 4 ھ جي صفر مهيني ۾ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ عضل ۽ قاره وارن مان ڪي ماڻھو آيا ۽ چيائون تہ انھن ۾ اسلام جو چوٻول متل آھي، تنھنڪري ڪجھہ ماڻھو ساڻن گڏ دين سيکارڻ ۽ قرآن پڙھائڻ لاءِ موڪليا وڃن. پاڻ سڳورن ﷺ (ابن اسحاق چواڻي) ڇھہ ڄڻا يا (صحيح بخاريءَ جي روايت مطابق) ڏھہ ڄڻا موڪليا. ابن اسحاق چواڻي تہ مرثد بن ابي مرثد غنوي

كي ۽ صحيح بخاريءَ مطابق عاصم رضہ بن عمر بن الخطاب جي ناني حضرت عاصم رضہ بن ثابت کي سندن امير ڪري موڪليو. جڏهن اهي رابغ ۽ جدي جي وچ ۾، هذيل قبيلي جي رجيع نالي چشمي وٽ پهتا تہ انهن تي عضل ۽ قاره جي مٿي چاڙهي ماڙهن، هذيل قبيلي جي هڪ شاخ بنو لحيان وارن کان حڪمو ڪرايو ۽ بنو لحيان جا اٽڪل هڪ سؤ تيرانداز سندن ڪڍ لڳا ۽ پيرا کڻي نهن تائين پهتا. اهي اصحابي سڳورا رضہ هڪ دڙي تي وڃي لڪا. بنو لحدان وارن کين گهيري ۾ وٺي چيو تہ "توهان سان عهد ٿا ڪريون تہ جيڪڏهن اسان وٽ لهي ايندؤ تہ اسين توهانجو ڪوبہ ماڻهو نہ مارينداسين." حضرت عاصم رضہ لهڻ کان نابري واري ۽ پنهنجن ساٿين سان گڏ، ساڻن ويڙهہ ڪئي. نيٺ تيرن جي وسڪار ڪري ست ڄڻا شهيد ٿي ويا ۽ ربگو ٿي ڄڻا، حضرت خبيب رضہ، زيد رضہ بن دثنہ ۽ هڪ ٻيو اصحابي وڃي بچيا. بنو لحيان وارن وري پنهنجي آچ ورجائي ۽ ان تي ٽئي اصحابي سڳورا هيٺ لهي آيا، پر هنن وعدي خلافي ڪندي کين رسي سان ٻڌي ڇڏيو. ان تي ٽئين

اصحابي سڀ‌ڳوري اهو چوندي ته اها پهرين وعدي خلافي آهي، ساڻن وڃڻ کان نابري واري. انهن کيس گيهلي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيا ته کين شهيد ڪري ڇڏيائون ۽ حضرت خبيب رضه ۽ زيد رضه کي مڪي وڃي وڪيائون. اهي ٻئي اصحابي سڀ‌ڳورا رضه بدر واري ڏينهن مڪي جي سردارن کي مارڻ ڪري گهربل هئا.

حضرت خبيب رضه ڪجهه ڏينهن مڪي وارن وٽ باندي رهيو، پوءِ مڪي وارن کين مارڻ جي خيال کان کين حرم کان ٻاهر تنعيم آندو. جڏهن سوريءَ تي چاڙهڻ لڳا ته ان فرمايو ته "مونکي ڇڏيو ته ٿورو ٻه رڪعتون نماز پڙهي وٺان." مشرڪن، کين ڇڏيو ۽ ان ٻه رڪعتون نماز پڙهي. جڏهن سلام ورايائين ته چيائين ته "خدا جو قسم! توهان ائين نه سمجهو ها ته آئون جيڪي ڪجهه ڪريان پيو، سو دپ کان پيو ڪريان ته آئون اجا ديگهه ڪريان ها." ان کانپوءِ چيائين ته "يا الله! هنن کي هڪ هڪ ڪري ڳڻ. پوءِ کين اڪيلو ڪري مارجان ۽ انهن مان ڪنهن کي ٻه نه بخشجان." پوءِ هي شهر پڙهيائين.

لقد اجمع الاحزاب حولي والبوا
قبائلهم و استجمعو اكل مجمع
وقد قربوا ابناء هم و نساء هم
و قربت من جزع طويل ممنع
الي الله اشكو غربتي بعد كربتي
وما جمع الاحزاب لي عند مضجعي
فدا العرش صبرني علي ما يراد لي
فقد بضعو الحمي و قد بؤس مطعمي
وقد نحير وني الكفر و الموت درنہ
فقد ذرفت عناي من غير مدمع
ولست ابالي حين اقتل مسلما
علي اي شق كان لله مضجعي
وذلڪ عي ذات الالہ و اِن يشا
يبارک علي اوصال شلو ممزع

ان ڪانپوء ابوسفيان ڪين چيو تہ "ڇا توکي اها ڳالهہ ڪانہ وڻندي تہ (تنهنجي بدران) محمد ﷺ اسان وٽ هجي ها. اسين ڪيس ماريون ها ۽ تون پنهنجن ٻارن ٻچن

سان هجين ها؟" تنهن تي پاڻ وراڻيائين تہ "نہ، واللہ، مونکي تہ اهو بہ گوارا ناهي تہ آئون پنهنجن ٻارن ٻچن سان هجان ۽ (ان جي بدران) محمد ﷺ جتي آهي اتي کين کو ڪنڊو بہ لڳي پوي ۽ اهو پاڻ سڳورن ﷺ کي ايذاءُ رسائي."

ان ڪانپوءِ مشڪرن کين سوريءَ تي چاڙهيون ۽ سندن لاش جي نگرانيءَ لاءِ هڪ ڇڙو پهري تي بيهاري ويا. پر رات جو حضرت عمرو بن اميہ ضمري رضہ آيو ۽ وجهہ وٺي لاش کي ڪڙي ويو ۽ ان کي پوري ڇڏيائين. حضرت خبيب رضہ کي مارڻ وارو عقبہ بن حارث هو. حضرت خبيب رضہ سندس پيءُ حارث کي بدر جي جنگ ۾ ماريو هو.

صحيح بخاري ۾ آهي تہ حضرت خبيب رضہ پهريون بزرگ هو جنهن مارجڻ مهل ٻہ رڪعتون نماز پڙهيون هيون. ان کي قيد ۾ انگور کائيندي ڏٺو ويو. جڏهن تہ انهن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ کجيون بہ ڪوبہ ٿي مليون.

ٻيو اصحابي سڳورو، جيڪو هن واقعي ۾ جهليو ويو، يعني حضرت زيد بن دثنہ رضہ، ان کي صفوان بن اميہ خريدي پنهنجي پيءُ جي پلاند ۾ ماري ڇڏيو.

قريشن، حضرت عاصم رضہ جي جسم جو ڪوبہ ٽڪرو سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ هٿ ڪرڻ لاءِ ماڻهو موڪليا. ڇو تہ ان، بدر واري لڙائيءَ ۾ قريشن جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي ماريو هو، پر الله تعاليٰ مٿس ڀڙين جو پهرو ڏياري ڇڏيو، جن قريش جي ماڻهن ڪان سندن لاش کي بچايو ۽ اهي ڪو لڱڙ بہ هٿ ڪري نہ سگهيا. اصل ۾ حضرت عاصم رضہ الله تعاليٰ سان اهو وعدو ڪري رکيو هو تہ نہ ڪو ڪين ڪو مشرڪ ڇهندو ۽ نہ ئي پاڻ ڪنهن مشرڪ کي ڇهندو. پوءِ جڏهن حضرت عمر رضہ کي ان واقعي جي ڄاڻ ملي تہ فرمائيندا هئا تہ الله تعاليٰ مومن ٻانهي جي حفاظت سندس مرڻ ڪانپوءِ بہ ائين ڪري ٿو، جيئن زندگيءَ ۾ ڪندو آهي.(1)

(1) ابن هشام 169/2 ڪان 179 - زاد المعاد 109/2 - صحيح بخاري 568/2، 569، 585

4. بئر معونہ وارو الميو:- جنهن مهيني رجيع وارو حادثو ٿيو، ان مهيني ۾ ئي بئر معونہ وارو الميو بہ ٿي گذريو، جيڪو رجيع واري حادثي ڪان وڌيڪ سخت هو.

ٿيو هيئن جو ابو براء عامر بن مالڪ، جيڪو نيزن سان کيڏيندڙ (ملاعب الاسنہ) جي نالي سان مشهو هو، مديني ۾ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ حاضر ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ کيس اسلام جي دعوت ڏني. هن اسلام قبوليو تہ ڪونہ پر انڪار نہ نہ ڪيو. هن چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! جيڪڏهن توهان پنهنجن اصحابين کي دين جي دعوت ڏيڻ لاء نجدين وٽ موڪليو تہ آئون سمجهان ٿو تہ اهي توهانجي دعوت قبوليندا." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مونکي پنهنجن اصحابين بابت نجدين کان خطرو ٿو محسوس ٿئي." ابو براء چيو تہ اهي منهنجي پناهہ ۾ هوندا." ابن اسحاق چواڻي تہ ان تي پاڻ سڳورن ﷺ چاليهہ ڄڻا، ۽ صحيح بخاريءَ چواڻي تہ ستر ڄڻا ساڻس گڏ روانا ڪيا. ستر واري روايت وڌيڪ صحيح آهي ۽ منذر بن عمروءَ کي، جيڪو بنو ساعده منجهان هو ۽ "معتق للموت" جي لقب سان مشهور هو، انهن مٿان امير مقرر ڪيو. اهي ماڻهو سيئي وڏي مرتبي وارا فاضل ۽ قاري هئا. ڏينهن جو ڪاٺيون ڪري اجوري مان اصحابہ صفہ (مسجد نبوي ۾ رهندڙ

اصحابن جو گروھہ) لاءِ ڪاٺ خوراڪ وٺندا هئا ۽ قرآن پڙهندا ۽ پڙهائيندا هئا ۽ رات جو خدا جي عبادت ڪندا هئا. اهي هلندي هلندي اچي معونہ جي کوھہ وٽ پهتا. اهو کوھہ بنو عامر ۽ حره بني سليم جي وچ ۾ هو. اتي لهڻ ڪانپوءِ انهن اصحابين، ام سليم جي ڀاءُ حرام بن ملحان رضہ کي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو خط ڏئي خدا جي دشمن عامر بن طفيل وٽ موڪليو. پر هن خط ڏٺو نہ ڪونہ ۽ هڪ ماڻهوءَ کي اشارو ڪيائين، جنهن حضرت حرام رضہ کي پٺيان ايڏو تہ زور سان نيزو هڻي ڪڍيو جو آرپار نڪري ويو. رت ڏسي حضرت حرام رعليه وسلم صلى الله چيو تہ "الله اڪبر ڪعبي جي رب جو قسم آئون ڪامياب ٿيس."

ان ڪانپوءِ هڪدم الله جي دشمن عامر، ٻين اصحابي سڳورن تي حملو ڪرڻ لاءِ پنهنجي قبيلي بنو عامر کي سڏ ڏنو. پر انهن ابو براءِ جي ڏنل پناھ جي ڪري سندس ڳالھ تي ڌيان نہ ڏنو. اتان مايوس ٿي هن بنو سليم وارن کي سڏ ڏنو. بنو سليم جي ٽن قبيلن، عصيہ، رعل ۽ ذڪوان سندس سڏ ورنايو ۽ تڪڙو اچي اصحابي سڳورن رضہ کي گهيرو

ورتائون. موٽ ۾ اصحابي سڀ‌گورن رضہ بہ ويڙهہ ڪئي پر سڀ شهيد ٿي ويا. باقي وجي حضرت ڪعب بن زيد بن نجار رضہ بچيو، جنهن کي شهيدن جي وچ ۾ جيئرو لڌو ويو ۽ پاڻ خندق واري جنگ تائين حيات هو. ان ڪانسواء بہ ٻيا اصحابي سڀ‌گورا، حضرت عمرو رضہ بن اميہ ضمري ۽ حضرت منذر بن عقبہ بن عامر رضہ اٺ چارڻ ويا هئا. انهن، سانحي واري جڳهہ تي پکي اڏامندي ڏٺي تہ تڪڙا تڪڙا اتي پهتا. حضرت منذر رضہ تہ پنهنجن ساٿين سان گڏ وڙهندي شهيد ٿي ويو باقي حضرت عمرو بہ اميہ ضمري کي بنادي ڪيو ويو. پر جڏهن پتو پيو تہ سندن تعلق مضر قبيلي سان آهي تہ عامر سندس نرڙ جا وار ڪٽائي، پنهنجي ماءُ جي پاران، جنهن هڪ غلام کي آجو ڪرڻ جي باس باسي هئي، آزاد ڪري ڇڏيو.

حضرت عمرو بن اميہ ضمري رضہ هيءَ دکدائڪ خبر کڻي مديني پهتو، جنهن سان ڇڻ احد واري جنگ جو ڦٽ اکڙي پيو. هي واقعو تہ ان لحاظ کان بہ ڏکوئيندڙ هو تہ احد

جا شيد تہ دوبدو ويڙهہ ۾ ماريا ويا هئا، پر هي ويچارا تہ هڪ شرمناڪ غداريءَ جي ڪري ماريا ويا هئا.

حضرت عمرو رضہ موٽڻ مهل قنات جي ماٿريءَ جي چيڙي تي قرقره وٽ پهتو تہ هڪ وڻ هيٺ ساهي پٽڻ لاءِ لهي پيو. اتي ئي بنو ڪلاب جا ٻہ ماڻهو بہ اچي لٿا. جڏهن اهي ٻئي سمهي رهيا تہ حضرت عمرو بن اميہ رضہ ٻنهي کي ماري وڌو. هن ڀانيو تہ پاڻ پنهنجن ساٿين جو پلاند ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ اهي ٻئي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جا حليف هئا، پر حضرت عمرو رضہ نٿي ڄاتو. تنهن ڪانپوءِ جڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي پنهنجي ڪئي جي ڄاڻ ڏني تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ تو اهڙن ٻن ماڻهن کي ماريو آهي، جعن جي ديت مونکي ضرور ڀرڻي پوندي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم، مسلمانن ۽ سندن حليف يهودين کان ديت گڏ ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا.(1) ۽ اهو ئي واقعو غزوه بني نضير جو ڪارڻ بڻيو، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

(1) ڏسو ابن هشام 183/2 کان 188 - زاد المعاد 109/2، 110 - صحيح بخاري584/2، 586

پاڻ سڳورن ﷺ کي انهن ٻن واقعن جو ڏاڍو ڏک پهتو، جيڪي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هڪٻئي پويان ٿيا هئا (2) ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ايترو ڏکارا ٿيا(3) جو جن قبيلن، انهن اصحابي سڳورن سان اهو ظالماڻو سلوڪ ڪيو هو، پاڻ سڳورا ﷺ هڪ مهيني تائين انهن کي پٽيندا رهيا. جيئن صحيح

(2) واقدي لکي ٿو تہ رجيع ۽ معونہ، ٻنهي حادثن جي ڄاڻ پاڻ سڳورن ﷺ کي هڪ ئي رات ملي.

(3) ابن سعد، حضرت انس رضہ کان روايت آندي آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ جيترو بئر معونہ وارن لاءِ ڏکارا هئا، مون ڪنهن ٻئي لاءِ ڪين ايترو افسوس ڪندي نہ ڏٺو. مختصر السيره للشيخ عبدالله 260

بخاريءَ ۾ حضرت انس رضہ کان آيل آهي تہ جن ماڻهن پاڻ سڳورن ﷺ جي اصحابين کي بئر معونہ وٽ شهيد ڪيو هو، پاڻ سڳوران ﷺ ٽيهن ڏينهن تائين انهن کي پٽيو. پاڻ سڳورا ﷺ فجر نماز ڪانپوءِ رعل، ذڪوان، لحيان ۽

عصيہ کي پٽيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ عصيہ، اللّٰہ ۽ ان جي رسول جو ڏوهاري آهي. ان بابت اللّٰہ تعاليٰ پنهنجي رسول تي وحي لاٿي، جيڪا پوء منسوخ ٿي وئي. اها وحي هيءَ هئي، "اسانجي قوم کي اهو ٻڌائي ڇڏيو تہ اسين پنهنجي رب سان ملياسين، اهو اسان مان راضي آهي ۽ اسين ڪانئس راضي آهيون." ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو قنوت ترڪ ڪيو. (1)

(1) صحيح بخاري 2/586، 587، 588

5. غزوه بني نضير:- اسين ٻڌائي آيا آهيون تہ يهودي، اسلام ۽ مسلمانن کان پيا سڙندا هئا، پر جيئن تہ اهي ويڙهو نہ هئا ۽ سازشي هئا،ي انڪري ويره بدران ڪيني ۽ ڪدورت جو مظاهرو ڪندا هئا ۽ مسلمانن سان ناه هوندي بہ ڪين اهنج رسائڻ لاء حيلا بهانا پيا ڳولهيندا هئا. البتہ بنو قينقاع جي ڏيه نيڪائي ۽ ڪعب بن اشرف جي مارجڻ ڪانپوء سندن حوصلا ٽٽي ويا ۽ انهن ڊڄي ڪٽي ماٺ ڪئيل، پر احد واري جنگ ڪانپوء سندن جرئت وري وڌي ۽ انهن پڌري پٽ دشمني ۽ معدي خلافي ڪئي ۽ مديني جي

ڪپتين ۽ مڪي جي مشرڪن سان ڳجهه ڳوهڙ ملي مسلمانن خلاف مشرڪن جي حمايت ڪم ڪيو.(2)

(2) سنن ابي دائود - باب خبر النضير جي روايت سان اها ڳالهه نهڪندڙ نہ آهي. ڏسو سنن ابي دائود مع شرح عون المعبود 116/3، 117

پاڻ سڳورن ﷺ ڄاڻي واڻي اها روش سني پئي، پر رجيع ۽ معونہ جي حادثن ڪانپوءِ يهودين جي همت ايتري قدر وڌي وئي جو انهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ئي مارڻ جو رٿيو.

ان جو تفصيل هن ريت آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجن ڪجهہ اصحابين سان يهودين وٽ ويا ۽ انهن سان بنو ڪلاب جي ٻنهي مئلن جي ديتن مدد ڏيڻ جي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. (جن کي حضرت عمرو رضہ بن اميہ پلپہر ماري وڌو هو.) ناهہ موجب مدد ڪرڻ انهن تي واجب هو. انهن چيو تہ "ابو القاسم! اسين بلڪل مدد ڪنداسين، توهان هتي ويهو، اسين توهانجي ضرورت پوري ڪري ٿا وٺون." پاڻ سڳورا ﷺ سندن هڪ گهر جي پٽ سان ٽيڪ ڏئي ويهي

رهيا ۽ سندن وعدي پوري ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. پاڻ سڳورن ﷺ سان حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر رضہ، حضرت علي رضہ ۽ ٻيا ٻہ گهٽائي اصحابي سڳورا ساڻ هئا.

هوڏانهن يهودي اڪيلائيءَ ۾ گڏ ٿيا تہ انهن تي شيطان سوار ٿي ويو ۽ جيڪو نياڳ سندن قسمت ۾ لکجي چڪو هو، ان کي شيطان پلو ڪري سامهون آندو. يعني انهن يهودين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ڇو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ئي ماري ڇڏجي. تنهن ڪانپوءِ انهن چيو تہ "ڪير آهي، جو هيءَ چمي ڪٽي مٿي وڃي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿان اچلي ڪين ڪچلي ڇڏي؟" ان تي هڪ نياڳي يهوديءَ عمرو بن جحاش چيو تہ "آئون." انهن کي سلام بن مشڪم روڪيو بہ تہ ائين نہ ڪريو، ڇو تہ خدا جو قسم تہ ڪين (پاڻ سڳورن ﷺ کي) توهانجي ارادن جي خبر پئجي ويندي ۽ اها اسان ۽ سندس وچ ۾ ٿيل ناهہ جي خلاف ورزي نہ ٿيندي. پر انهن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا.

هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ الله تعاليٰ پاران جبرئيل ع پهتو ۽ کين يهودين جي ارادن کان واقف ڪيو. پاڻ سڳورا تڪڙ ۾ اٿيا ۽ مديني ڏي هلي پيا. پوءِ اصحابي سڳورا به کين اچي پڳا ۽ چوڻ لڳيا ته توهان اٿي آيا ۽ اسين سمجهي نه سگهياسين. پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌاين ته يهودين جو ارادو ڪهڙو هو.

مديني موٽڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ هڪدم محمد بن مسلمه رضه کي بني نضير وٽ موڪليو ۽ کين نياپو ڏنو ته توهان مديني مان نڪري وڃو. هاڻي هتي مونسان گڏ نٿا رهي سگهو. توهانکي بن ڏينهن جي ڇوٽ آهي. ان کانپوءِ جيڪو به مليو ان کي ماربو. اهو نياپو پهچڻ کانپوءِ يهودين وٽ جلاوطن ٿيڻ کانسواءِ ڪوبه چارو نه رهيو. تنهنڪري اهي ڪجهه ڏينهن تائين سفر جون تياريون ڪندا رهيا، پر ان دوران ڪپتين جي مهندار عبدالله بن ابي جو نياپو رسين ته پنهنجي جڳهه تي ويٺي رهو ۽ گهر ٻار نه ڇڏيو. مون سان ٻه هزار جنگي جوڌا آهن، جيڪي توهانجي قلعي ۾ اچي توهانجي حفاظت لاءِ جان به گهور ڇڏيندا ۽

جيڪڏهن توهانکي ڪڏيو بہ ويو تہ اسان بہ توهان سان گڏ نڪرنداسين ۽ توهانجي معاملي ۾ ڪنهن ڪان بہ نہ ڊڄنداسين ۽ جيڪڏهن ويڙهہ ٿي تہ اسين توهانجي سهائتا ڪنداسين ۽ توهانجا حليف بنو قريظہ ۽ بنو غطفان وارا بہ توهانجي مدد ڪندا.

اهو نياپو ملڻ سان يهودين جي پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ انهن طئہ ڪيو تہ جلاوطن ٿيڻ بدران ويڙهہ ڪئين ويندي. سندن سردار حيي بن اخطب سمجهيو پئي تہ ڪپتين جي مهندا جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو ڪري ڏيکاريندو. انڪري هن پاڻ سڳورن ﷺ ڏي جوابي نياپو موڪليو تہ اسين پنهنجو ساٽيهہ ڇڏي ڪونہ ويندا سين. توهانکي جيڪي ڪرڻو آهي، اهو پلي ڪريو.

ان ڳالهہ ۾ شڪ ڪونهي تہ مسلمانن لاء اها ڏاڍي نازڪ صورتحال هئي، ڇو تہ انهن لاء پنهنجي تاريخ جي هن موڙ تي دشمنن سان مهاڏو اٽڪائڻ فائديمند نہ هو. پڇاڙي ڏاڍي ڀوائتي ٿي پئي سگهي. پاڻ سڳورا ﷺ ڏسي رهيا هئا تہ سڄو عربستان، مسلمانن جي خلاف هو ۽ مسلمانن

جا ﺑہ تبليغي وفد ڏاڍي ظالماڻي طريقي سان ڪنا ويا هئا. ٻئي پاسي بني نضير وارا ايترا تہ سگهارا هئا جو سندن پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ سولو نہ هو ۽ ساڻن ڙهڻ ۾ ڏاڍا مسئلا هئا، پر بئر معونہ جي حادثي کان اڳ ۽ پوء حالتن جيڪو رخ ورتو هو، انهن جي ڪارڻ مسلمان، قتل ۽ وعدي خلافيءَ جهڙن مامرن جي سلسلي ۾ وڌيڪ حساس ٿي ويا هئا ۽ انهن ڏوهن ڪرڻ وارن خلاف مسلمانن جو انتقامي جذبو وڌي ويو هو. تنهنڪري انهن طئہ ڪيو تہ جيئن تہ بنو نضير وارن پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جو رٿيو هو، انڪري انهن سان ورهڻ ضروري آهي، پلي تہ نتيجو ڪهڙو بہ نڪري. تنهنڪري جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي حيي بن اخطب جو نياپو پهتو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن رضہ الله اڪبر چيو ۽ پوء ويڙهہ لاء اٿي کڙا ٿيا ۽ حضرت ابن ام مڪتوم رضہ کي مديني جو مهندار ڪري بنو نضير جي علائقي ڏانهن روانا ٿيا. حضرت علي بن ابي طالب رضہ جي هٿ ۾ جهنڊو هو. بنو نضير وارن جي علائقي کي گهيري ۾ ورتو ويو.

هوڏانهن بنو نضير پنهنجن قلعن ۾ وجي لڪا ۽ فصيلن تان تير ۽ پٿر اڇلائيندا رهيا. جيئن ته کجين جي باغن جا وڻ سندن لاءِ ڍال بڻجي رهيا هئا، انڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حڪم ڪيو ته اهي وڻ پٽي ساڙي ڇڏيو. ان ئي واقعي ڏانهن اشارو ڪندي حضرت حسان رضہ فرمايو ته"

وهان عليٰ سرات يني لوئي

حريق بالبويره مستطير

ترجمو:- بني لويءَ جي سردارن لاءِ اهو معمولي ڪم آهي ته بويره ۾ باهه جا ڀنڀٽ ڀڙڪائين. (بويهر بنونضير جي نخلستان جو نالو آهي) ۽ ان بابت الله تعاليٰ هيءَ آيت لاٿي ته:

ما قطعتم..................الفاسقين(5:59)

ترجمو:- (اي مؤمنو) جيڪي کجين جا وڻ وڍيوَ يا انهن کي پنهنجي پاڙن تي بيٺل ڇڏيوَ سو الله جي حڪم سان ۽ هن لاءِ ته هو بدڪارن کي خوار ڪري.

مطلب تہ جڏهن سندن گھيراءُ ڪيو ويو تہ بنو قريظہ وارا بہ پري رهيا، عبدالله بن ابي بن خيانت ڪئي ۽ سندن حليف بني غطفان وارا بہ مدد لاءِ نہ پهتا. مطلب تہ ڪير بہ سندن سهائتا ڪرڻ ۽ مصيبت ٽارڻ لاءِ نہ پهتو. ان تي الله تعاليٰ هي مثال ڏنو تہ" كمثل الشيطان .....منك..(16:59)

ترجمو:- (انهن جو مثال) شيطان جي مثال وانگر آهي، جڏهن ماڻهوءَ کي چوندو آهي تہ ڪافر ٿيءُ، پوءِ جنهن مهل ڪافر ٿيو (تنهن مهل هو) چوندو آهي تہ بيشڪ آئون توکان بيزار آهيان.

گھيراءُ گهڻو ڊگهو نہ ٿيو. رڳو ڇهہ راتيون يا ڪن روايتن مطابق پنڌرنهن راتيون هليو. ان دوران الله تعاليٰ سندن دلين ۾ رعب وجهندو رهيو ۽ هو هانءُ هاري وينا ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي راضي ٿي ويا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي چورائي موڪليائون تہ اسين مديني مان نڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پاڻ سڳورن ﷺ سندن ڏيهہ نيڪاليءَ جي آڇ قبيلي ۽ اهو بہ مڃيائون تہ اهي هٿيارن کي ڇڏي باقي

جيترو بہ سامان انن تي ڪٺي وجي سگهن، سو ڪٺي ٻارن ٻچن سميت هليا وڃن.

بنو نضير اها آڇ قبوليندي هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ پنهنجن هٿن سان پنهنجا گهر تباهہ ڪيا تہ جيئن در ۽ دريون بہ ڪٺي وڃن. پوءِ ماڻهن ۽ ٻارن کي سوار ڪري ڇهہ سؤ اٺن تي چڙهي نڪتا. گهڻاتڻا يهودي ۽ سندن وڏيرا جهڙوي حيي بن اخطب ۽ صسلام بن ابي الحقيق خيبر ڏانهن ويا، جڏهن تہ هڪ ٽولو شام ڏانهن ويو. رڳو ٻہ ڄڻن يعني يامين بن عمرو رضہ ۽ ابو سعيد رضہ بن وهب اسلام قبوليو. تنهنڪري سندن ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ نہ لڳايو ويو.

پاڻ سڳورن ﷺ شرط مطابق بنو نضير جا هٿيار، زمين، گهر ۽ باغ پنهنجي هٿ ورتا. هٿيارن ۾ پنجاهہ زرهون، پنجاهہ خود ۽ ٽي سؤ چاليهہ ترارون هيون.

بنو نضير جي انهن باغن، زمين ۽ گهرن تي رڳو پاڻ سڳورن ﷺ جو حق هو. ڪين اختيار هو تہ پاڻ وٽ رکن يا ڪنهن کي ڏئي ڇڏين. تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ هن مال جو خمس نہ ڪڍيو، ڇو تہ اهو الله تعاليٰ پاران پاڻ

سڳورن ﷺ لاءِ "في" هو. مسلمانن اهو وڙهي حاصل نہ ڪيو هو. تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو حق استعمال ڪندي اهو سڄو مال پراڻن مهاجرن ۾ ورهائي ڇڏيو. البتہ ٻن انصاري اصحابين يعني ابودجانہ رضہ ۽ سهل بن حنيف رﷺ کي بہ سندن غربت ڪري ان مان ڪجهہ ڏنو. ان ڪانسواءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٿورو ٽڪرو پاڻ لاءِ بہ ڌار ڪيو، جنهن مان پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجن گهر وارين لاءِ سال جو خرچ ڪندا هئا ۽ ان ڪانپوءِ جيڪي بچندو هو، اهو جهاد جي تياريءَ لاءِ هٿيار ۽ گهوڙا وٺڻ لاءِ ڪتب آڻيندا هئا.

غزوه بني نضير ربيع الاول سنہ 4 هہ بمطابق آگسٽ 625ع ۾ ٿي ۽ الله تعاليٰ ان بابت سڄي سوره حشر لاٿي، جنهن۾ يهودين جي ڏيهہ نيڪاليءَ جو منظر بينا ڪندي، پڪتين جي عمل کي وائڪو ڪيو ويو ۽ "في" جا حڪم ٻڌائيندي مهاجرن ۽ انصارن جي ساراهہ ڪئي وئي ۽ ٻڌايو ويو تہ جنگي حڪمت عمليءَ ڪري سدمنن جا وڻ وڍي سگهجن ٿا ۽ انهن کي ساڙي بہ سگهجي ٿو. ائين ڪرڻ

زمين تي فساد ڪرڻ جي برابر ڪونهي. پوءِ ايمان وارن کي تقوا ڪرڻ ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ پنهنجي وڏائي بيان ڪندي ۽ پنهنجن صفتن جو بيان ڪندي سوره ختم ڪئي آهي.

ابن عباس رضہ هن سوره (حشر) بابت فرمائيندو هو تہ هن کي سوره بني نضير چوندا ڪريو.(1)

(1) ابن هشام 190/2، 191، 192 - زاد المعاد 71/2، 110

6 غزوه نجد:- غزوه بني نضيرہ کانپوءِ قرباني ڏيڻ بنا مسلمانن وڏي سوڀ ماڻي. ان سان مسلمانن جي راڄ کي سگهہ پهتي ۽ ڪپتين تي مايوسي ڇانئجي وئي. هاڻي اهي ڪليءَ طرح ڪجهہ ڪرڻ کان لهرائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم انهن بدوئن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هڪ ڪرا ڌي ويا، جن احد جي جنگ ڪانپوءِ مسلمانن کي ڏاڍو ستايو هو ۽ ظالماڻي انداز سان اسلامي مبلغن کي ماريو هو ۽ هاڻي سندن همت ايتري قدر وڌي وئي هئي جو اهي مديني تي ڪاهڻ جو سوچي رهيا هئا.

تنهن کانسواءِ غزوهء بنو نضير کان واندڪائي ملڻ بعد پاڻ سڳورا ﷺ انهن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ اجا نڪتا ئي نه هئا جو کين پتو پيو ته بني غطفان جا ٻه قبيلا بنو محارب ۽ بنو ثعلبه ويڙهاند لاءِ بدوين ۽ اعرابين کي گڏ پيا ڪن. اها ڄاڻ ملڻ شرط پاڻ سڳورن ﷺ نجد تي ڪاهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ نجد جي رڻ پٽ ۾ پري تائين هليا ويا. جنهن جو مقصد اهو هو ته انهن پٿر دل رولاڪن کي دٻ وٺي وڃي ۽ ٻيهر مسلمانن خلاف اڳ جهڙيون ڪارروايون ڪرڻ جي همت نه ٿئين.

هوڏانهن مٿي ڦريل بدوي، جيڪي ڦرلٽ جي تياري ڪري رهيا هئا، سي مسلمانن جي اوچتي ڪاهه جو ٻڌي دٻ ۾ وٺي پيڳا ۽ وڃي جبلن ۾ لڳا. مسلمانن، ڦرون ڪندڙ قبيلن کي دابو ڏيڻ ڪانپوءِ امن امان سان مديني جي واٽ ورتي.

سيرت نگارن هن سلسلي ۾ هڪ غزوي جو نالو ڄاڻايو آهي، جيڪو ربيع الاخر يا جامد الاول سنه 4 هه ۾ نجد ۾ ٿي گذريو. ان غزوي کي غزوهء ذات الرقاع سڏين ٿا. جيستائين حقيقتن ۽ ثبوتن جو سوال آهي ته ان ۾ شڪ نه

آهي تہ انهن ڏينهنن ۾ نجد ۾ هڪ جنگ ضرور ٿي هئي، ڇو تہ مديني جون حالتون ئي اهڙيون هيون. ابوسفيان، احد واري جنگ تان موٽڻ مهل ايندڙ سال بدر جي ميدان تي جنهن غذوي لاء للڪاريو هو ۽ جنهن کي مسلمانن قبوليو هو، هاڻي ان جو وقت ويجهو آيو هو ۽ جنگي لحاظ کان اها ڳالهہ ڪنهن بہ طرح مناسب نہ هئي تہ بدوين ۽ اعرابين جي سرڪشين کي نظرانداز ڪري بدر جهڙي وڏي جنگ تي وڃڻ لاء مديني کي خالي ڇڏيو وڃي، پر ضروري هو تہ بدر جي ميدان ۾ جنهن ڀوائتي ويڙهہ جي توقع هئي، ان لاء نڪرڻ کان اڳ انهن بدوين کي اهڙو ڪاپاري ڌڪ هڻجي جو اهي مديني تي ڪاهڻ جي همت ئي نہ ڪري سگهن.

باقي رهي اها ڳالهہ تہ اها ئي ويڙهہ، جيڪا ربيع الاخر يا جماد الاول سن 4 هہ ۾ ٿي، سا ذات الرقاع واري ويڙهہ هئي؟ اسانجي ڄنڊيان مطابق اهو ٺيڪ نہ آهي. ڇو تہ غزوہء ذات الرقاع ۾ حضرت ابو هريره رضہ ۽ حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ شامل هئا ۽ ابوهريره رضہ خيبر جي جنگ کان رڳو ڪجهہ ڏهاڙا اڳ اسلام قبوليو هو. اهڙيءَ

طرح حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ (مسلمان ٿي يمن ڏانهن ويو تہ سندن ٻيڙي حبشہ جي ساموندي ڪپ تي اچي بيٺي ۽ پاڻ حبش کان اوڏي مهل موٽيو هو، جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم خيبر پهچي چڪا هئا. اهڙيءَ طرح اهي پهريون ڀيرو) خيبر ۾ ئي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهتا هئا. ان جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ غزوہء ذات الرقاع، خيبر جي جنگ کانپوءِ ٿي هئي.

سن 4 هہ کان گهٽو پوءِ ذات الرقاع واري ويڙهہ ٿيڻ جي هڪ نشاني اها بہ آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ذات الرقاع واري ويڙهہ ۾ صلوات خوف (1)

(1) جنگ جي حالت ۾ پڙهجندڙ نماز کي صلوات خوف چئجي ٿو. جنهن جو هڪ طريقو اهو آهي تہ اڌ فوج هٿيار ڪٽي امام جي پٺيان نماز پڙهندي آهي. باقي اڌ فوج هٿيار ڪٽي دشمنن تي نظر رکندي آهي. هڪ رڪعت کانپوءِ اها فوج امام جي پٺيان اچيو وڃي ۽ پهرين فوج دشمنن تي نظر رکندي آهي. امام ٻي رڪعت پڙهي وٺي تہ واري واري سان

بئي ڌڙا پنهنجي پنهنجي نماز پوري ڪن. ان نماز جا اهڙآ ئي بيا ٻه طريقا آهن، جيڪي جنگ مهل اختيار ڪبا آهن. پڙهي هئي ۽ صلوات خوف سڀ کان پهرين غزوه عسفان ۾ پڙهي وئي ۽ ان ۾ ڪوبه اختلاف ڪونهي تہ عسفان جي جنگ، خندق جي جنگ کانپوءِ ٿي. جڏهن تہ خندق جي جنگ سن 5 هہ جي آخر ۾ ٿي. حقيقت ۾ عسفان واري جنگ، حديبيہ واري سرف جي سلسلي جو هڪ واقعو آهي، جتان موٽڻ کانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم خيبر ڏانهن هليا هئا. انڪري هن لحاظ کان بہ ذات الرقاع واري ويڙهہ، خيبر جي جنگ کانپوءِ ثابت ٿئي ٿي.

7. بدر واري ٻي لڙائي:- اعرابين جي چيلهہ ڀڃي ڪرڻ ۽ بدوين جي فساد کان مطمئن ٿيڻ بعد مسلمانن پنهنجي وڏي دشمن (قريش) سان ويرهہ ڪرڻ جي تياري شروع ڪئي. جيئن تہ سال تڪڙو پئي اڪليو ۽ احد واري ويڙهہ ۾ رٿيل وقت ويجهو اچي رهيو هو ۽ محمد صلى الله عليه وسلم ۽ اصحابي سڳورن رضہ جو فرض هو تہ جنگ جي ميدان ۾ ابوسفيان ۽ سندس قوم سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ لاءِ نڪري ڪڙيا ٿين ۽

جنگہ ان حڪمت عمليءَ سان هلن جو حالتون ان ڏر جي حق ۾ ٿي ويون، جيڪا وڏيڪ هدايت ورتل هجي.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ شعبان سن 4 هه بمطابق جنوري 626ع ۾ مديني جي واڳ حضرت عبدالله بن رواحه رضه جن جي حوالي ڪري رٿيل جنگ جي لاءِ بدر جي واٽ وٺي هليا. پاڻ سڳورن ﷺ سان ڏيڍ هزار ماڻهو ۽ ڏهه گهوڙا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جهندو حضرت علي رضه جي حوالي ڪيو ۽ بدر پهچي مشرڪن جو انتظار ڪرڻ لڳا.

هوڏانهن ابوسفيان به پنجاهه سوارن سان ٻه هزار مشرڪن جو لشڪر وٺي نڪتو ۽ مڪي کان هڪ مرحلو پري مرالظهران جي واديءَ ۾ مجنه نالي مشهور چشمي وٽ لٿو، پر هو مڪي کان ئي دل لاهي نڪتو هو. هر هر مسلمانن سان ٿيندڙ ويڙهه جي پڇاڙيءَ جو سوچي ڊپ مان ڪنبي ٿي ويو. مرالظهران پهچي هانءُ هاري وينو ۽ موٽڻ لاءِ بهانو ڳولهڻ لڳو. نيٺ پنهنجن ساٿين کي چيائين ته "قريشيو! ويڙهه تڏهن ڪرڻ گهرجي، جڏهن ساوڪ ۽ خوشحالي هجي جو جانور به چري سگهن ۽ توهان به کير پي

سگهو. هن وقت ڏڪار آهي، تنهنڪري آئون موٽان ٿو، توهان بہ موٽي هليو."

ائين ٿو لڳي تہ سڄو لشڪر ڊپ ۾ ورتل هو، ڇو تہ ابوسفيان جي ان رٿ تي ڪنهن بہ قسم جي مخالفت ڪرڻ بدران سڀني موٽڻ وارو رستو اختيار ڪيو ۽ ڪنهن بہ سفر جاري رکڻ ۽ مسلمانن سان ويڙهہ ڪرڻ جي راءِ نہ ڏني.

هوڏانهن مسلمانن ان ڏينهن بدر ۾ رهي دشمنن جو انتظار ڪيو ۽ ان دوران پنهنجو واپاري سامان وڪڻندا رهيا. ان ڪانپوءِ ان شان سان مديني موٽيا جو جنگ ۾ اڳرائي ڪرڻ جو سهرو سندن سر تي ٻڌجي چڪو هو، دلين تي سندن دٻدٻو ويهي چڪو هو ۽ ماحول تي سندن گرفت مضبوط ٿي چڪي هئي. اها جنگ بدر موعد، بدر ثانيہ، بدر آخره ۽ بدر صغرا جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي.(1)

(1) هن جنگ جي تفصيل لاءِ ڏسو ابن هشام 2/209، 210 - زاد المعاد 2/ 112

دومت الجندل واري جنگ:- پاڻ سڳورا ﷺ بدر کان موٽيا تہ هر پاسي امن تي چڪو هو ۽ سڄي اسلامي علائقي ۾ سک ۽ شانتيءَ جون هوائون پئي هليون. هاڻي پاڻ سڳورا ﷺ عرب جي آخري ڇيڙي تائين ڌيان ڏيڻ لاء آجا هئا ۽ ان جي گهرج بہ هئي تہ جيئن حالتون مسلمانن جي هٿ وس رهن ۽ دوست، دشمن آڻ مڃين.

تنهن ڪانپوء بدر صغرا ڪانپوء ڇهن مهينن تائين پاڻ سڳورا ﷺ سک سان مديني ۾ رهيا. ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر ملي تہ شام جي ويجهو دومت الجندل وٽ وسندڙ قبيلا ايندڙ ويندڙ قافلن تي ڌاڙا پيا هڻن ۽ اتان لنگهڻ واريون شيون ڦري تا وٺن. اهو بہ پتو پيو تہ انهن مديني تي ڪاهڻ لاء هڪ وڏو لشڪر گڏ ڪري ورتو آهي. اها ڄاڻ ملڻ بعد پاڻ سڳورا ﷺ سباع بن عرفطہ رضہ کي مديني ۾ پنهنجو جانشين مقرر ڪري هڪ هزار مسلمان وٺي روانا ٿيا. اهو 25 ربيع الاول سن 5 هہ جو واقعو آهي. رستو ٻڌائڻ لاء بنو عذره جو هڪ ماڻهو ساڻ ڪنيو ويو هو.

هن جنگ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو معمول هو تہ رات جو سفر ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي ويندا هئا تہ جيئن دشمنن جي مٿان اوچتو اٽڪاٽائيءَ وجي ڪڙڪن. ويجهو پڄڻ تي پتو پيو تہ اهي ڀڄي ويا آهن، تنهن ڪانپوءِ سندن چوپائي مال ۽ ڌراڙن کي سوگهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جن مان ڪي جهلجي پيا تہ ڪي ڀڄي ويا.

جيستائين دومت الجندل جي رهاڪن جو سوال آهي تہ اهي جهنگ منهن ڪري وٺي ڀڳا، جڏهن مسلمان اتي پهتا تہ ڪين ڪوبہ نہ مليو. پاڻ سڳورن ﷺ بہ ٽي ڏينهن اتي رهي ڪافي جٿا هيڏي هوڏي موڪليا، پر ڪجھ بہ نہ ورتو. نيٺ پاڻ سڳورا ﷺ مديني موٽيا. هن جنگ ۾ عيينہ بن حصن(1) سان ٺاهہ بہ ٿيو.

(1) فزاره قبيلي جو سردار

دومہ (دال تي پيش) شام جو هڪ سرحدي شهر آهي. هتان کان دمشق پنجن راتين جي پنڌ تي آهي ۽ مدينو پنڌرنهن راتين جي پنڌ تي.

انهن اوچتن ۽ فيصلہ کن قدمن ۽ ڏاهپ ڀريل منصوبن سان پاڻ سڳورا ﷺ اسلامي علائقن ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ حالتون قابوءَ ۾ ڪرڻ ۾ ڪاميات ٿي ويا ۽ وقت تي ضابطو ڪري ورتائون ۽ اندرين ۽ ٻاهرين لاڳيتين مشڪلن جي شدت گهٽائي ورتي، جيڪي چوطرف کان ڪين گهيري ويٺيون هيون، تنهن ڪانپوءِ ڪپتين بہ هاڻ هاري ڪٽي ماٺ ڪئي. يهودين جي هڪ قبيلي کي ڏيهہ نيڪالي ڏني وئي. ٻين قبيلن پاڙيسري هئڻ جو ناتو نڀايو. بدوي ۽ اعرابي ٿڌا ٿي ويا ۽ قريشن، مسلمانن سان ٽڪرائڻ کان پاسو ڪيو ۽ مسلمانن کي اسلام ڦهلائڻ ۽ جهانن جي پالڻهار جو نياپو ماڻهن تائين پهچائڻ جو وجهہ ملي ويو.

غزوهء احزاب (خندق واري جنگ)

هڪ سال کان وڌيڪ مدي جي لاڳيتين فوجي ڪارروائين ڪانپوءِ عربستان ۾ امن ٿي ويو، پر يهودي، جيڪي پنهنجين نياڳپائين، نڳين ۽ دولابن جي ڪارڻ هر طرح جي ذلت ڏسي چڪا هئا، اجا بہ هوش ۾ نہ آيا هئا.

تنهنڪري خيبر لڏڻ ڪانپوءِ پهرين تہ انهن انتظار ڪيو تہ ڏسون تہ مسلمانن ۽ بت پرستن جي وچ ۾ جيڪا ڏي وٺ هلي پئي، ان جو نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري. پر جڏهن ڏنائون تہ حالتون مسلمانن جي حق ۾ ٿي ويون آهن ۽ اهي ڏينهان ڏينهن سگهارا ٿيندا وڃن ۽ پري پري تائين سندن دٻدٻو قائم ٿيندو وڃي تہ ڪين اچي ساڙ ٿيو. انهن ٻيهر سازش شروع ڪئي ۽ مسلمانن ڪي هڪ اهڙو ڪاپاري ڌڪ هڻڻ جي تياري ڪرڻ لڳا، جنهن سان سندن پڇاڙي ٿي وڃي. پر جيئن تہ انهن ۾ سڌو سنئون مسلمانن سان ٽڪرائڻ جي همت نہ هئي، انڪري هن مقصد لاءِ هڪ ڏاڍي ڀوائتي سٽ سٽيائون.

ان جو تفصيل هن ريت آهي تہ بنو نضير جا ويهارو ڪن سردار مڪي جي قريشن وٽ پهتا ۽ ڪين پاڻ سڳورن ﷺ سان ويڙهہ ڪرڻ لاءِ راضي ڪرڻ خاطر پنهنجي پوري سهائتا جي پڪ ڏياريائون. قريشن، سندن ڳالهہ مڃي ورتي. جيئن تہ اهي احد واري ڏينهن مسلمانن سان بدر جي ميدان ۾ ويڙهہ ڪرڻ جي واعدي جي خلاف ورزي ڪري چڪا هئا،

انڪري سندن خيال هو تہ هاڻي هن رٿيل جنگ سان اهي پنهنجي ناموس بہ واپس وٺن ۽ پنهنجي قول کي بہ پاڙي ڏين.

ان کانپوء 3 يهودين جو اهو وفد بنو غطفان وٽ ويو ۽ قريشن وانگر کين بہ ويڙهہ لاء راضي ڪيائين. پوء ان وفد بين عرب قبيلن ۾ گهمي ڦري ماڻهن کي ويڙهہ لاء اڪسايو ۽ انهن قبيلن جا بہ ڪيترائي ماڻهو تيار ٿي ويا. اهڙيءَ طرح يهودي سياستدانن پوري ڪاميابيءَ سان وڏن وڏن ڪافر گروهن کي پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم ۽ سندن دعوت ۽ مسلمانن خلاف اڪسائي ويڙهاند لاء تيار ڪيو.

ان کانپوء رٿيل پروگرام مطابق ڏکڻ کان قريش، ڪنانہ ۽ تهامہ وسندڙ بين حليف قبيلن مديني ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. سندن سردار ابوسفيان هو ۽ انهن جو تعداد چار هزار هو. اهو لشڪر مرالظهران پهتو تہ بنو سليم بہ ساڻن شامل ٿي ويا. هوڏانهن ان ئي مهل اوير کان غطفاني قبيلا فزاره، مره ۽ اشجع نڪتا. فزاره جو سپهہ سالار عيينہ بن حسن هو. بنو مره جو حارث بن عوَ ۽ بنو اشجع جو مصعہ بن

رخيلہ. انهن سان گڏ ئي بنو اسد ۽ ٻين قبيلن جا بہ
ڪيترائي ماڻهو آيا هئا.

انهن سيني قبيلن رٿيل وقت ۽ رٿيل پروگرام تحت
مديني تي چڙهائي ڪئي، انڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ مديني
وٽ ڏهہ هزار فوج گڏ ٿي وئي. اهو ايڏو وڏو لشڪر هو جو
شايد مديني جي سڄي آبادي (ماين ۽ ٻارن، پوڙهن ۽ جوانن
سميت بہ) ايتري نہ هئي. جيڪڏهن اهي اوچتو گهات هڻن
ها تہ مسلمان پاڻ بچائي نہ سگهن ها. ٿي سگهيو ٿي تہ
سندن پاڙ پٽجي وڃي ها. پر مديني جي قيادت هوشيار
هئي. وقت ۽ حالتن تي سندن ڀرپور نظرون هيون ۽ اها نيڪ
تجزيو بہ ڪري ٿي سگهي ۽ حالتن سان پڄڻ لاءِ مناسب
قدم بہ کڻي ٿي سگهي. تنهنڪري ڪافرن جو هي وڏو
لشڪر جيئن ئي پنهنجي جڳهہ تان چريو تہ مديني جي
قيادت کي خبر پئجي وئي.

اها خبر ملندي ئي پاڻ سڳورن ﷺ مجلس شورا
سڏائي ۽ بچاءَ جي سلسلي ۾ مشورو ڪيو. شورا وارن سوچ
ويچار ڪري حضرت سلمان فارسي رضہ جي اها رٿ قبولي.

اها حضرت سلمان فارسي رضہ انهن لفظن ۾ پيش ڪئي هئي تہ يا رسول الله صلى الله عليه وسلم! فارس ۾ جڏهن اسانجو گهيراءُ ٿيندو هو تہ اسين پنهنجي چوڌاري کاهي (خندق) کوٽي ڇڏيندا هئاسين.

اها ڏاڍي ڀلي رٿ هئي. عربن کي ان جي ڄاڻ نہ هئي. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ان رٿا تي هڪدم عمل ڪندي هر ڏهن ماڻهن کي چاليهہ هٿ کاهي کوٽڻ جو ڪم سونپيو ۽ مسلمانن محنت سان دل لڳائي ڪم شروع ڪيو. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ان ڪم لاء همٿائيندا بہ رهيا ۽ پاڻ بہ اهو ڪم ڪندا رهيا. جيئن صحيح بخاري ۾ حضرت سهل بہ سعد رضہ کان آيل آهي تہ اسان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان گڏ کاهيءَ ۾ هئاسين. ماڻهن کوٽيو پئي ۽ اسان ڪلهن تي مٽي ڍوئي پئي جو (ايتري ۾) پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ:

اللهم لا عيش الا عيش الاخـره

فاغفر للمهاجرين و الانصار(1)

حاشيو (1)صحيح بخاري، باب غزوه الخندق 588/2

ترجمو:-

هڪ ٻي روايت ۾ حضرت انس رضہ کان آيل آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪاهي ڏسڻ لاءِ آيا تہ ڏٺائون تہ مهاجر ۽ انصار صبح ساڻ کوٽائي ڪري رهيا آهن. انهن وٽ غلام ڪونہ هئا، نہ تہ غلام ئي سندن بدران اهو ڪم ڪن ها. پاڻ سڳورن ﷺ سندن محنت ۽ بک ڏسي چيو تہ:

اللهم لا عيش الا عيش الاخـره

فاغـفـر لـلانصــار و المهـاجـره

نحـن الـذين بـايـعـوا محـمـدا

علي الجهاد مان بقينا ابدا (1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 397/1، 588/2

ترجمو:-

صحيح بخاريءَ ۾ ئي هڪ روايت حضرت براء بن عازب رضہ کان آيل آهي تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏٺو تہ اهي ڪاهيءَ جي مٽي ڍوئي رهيا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جو جسم مبارڪ دزہ لٽيل هو. پاڻ سڳورن ﷺ جا وارا

گھاٽا ھئا. مون کين (ان حالت ۾) عبدالله بن رواحہ رضہ جا جنگي شعر پڙھندي ٻڌو. پاڻ سڳورا ﷺ مٽي ڍوئيندا ٿي ويا ۽ ھيئن چوندا ٿي ويا تہ:

اللھم لو لاانت ما اھتدينا

ولا تصدقنا ولا صلينا

فانزلن سكينہ علينا

وثبت الا اقدام ان لاقينا

ان الاولي رغبوا علينا

و ان ارادوا فتنہ ابينا

حضرت براء رضہ جو چوڻ آھي تہ پاڻ سڳورا ﷺ پويان لفظ ڇڪي چوندا ھئا. ھڪ روايت ۾ آخري شعر ھن طرح آھن.

ان الاولي قد بغوا علينا

وان ارادوا فتنہ ابينا (1)

حاشيو(1) صحيح بخاري 589/2

مسلمان هڪ پاسي دل لڳائي ڪم ڪري رهيا هئا تہ بئي پاسي ايذيون بکون بہ سهي رهيا هئا، جو انهن جي خيال سان ئي هانءُ ڏريو وجي. جيئن حضرت انس رضہ جو چوڻ آهي تہ (خندق وارن) وٽ بہ منيون جو آندا ٿي ويا ۽ ڌپ واري گيهہ سان ٺاهي ماٺهن آڏو رکيا ٿي ويا. ماٺهو بکيا هوندا هئا ۽ ان جو ذائقو اٺوٽندڙ هوندو هو. ان مان ڌپ پئي ايندي هئي.(2)

حاشيو (2) صحيح بخاري 588/2

ابوطلحہ رضہ جو چوڻ آهي تہ اسان، پاڻ سڳورن ﷺ کي بک جي دانهن ڏني ۽ پنهنجو پيٽ کولي هڪ هڪ پٿر ٻڌل ڏيکاريو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو پيٽ کولي ڏيکاريو، جنهن تي بہ پٿر ٻڌل هئا.(3)

حاشيو (3) جامع ترمذي، مشڪوات المصابيح 448/2

ڪاهي کوٽيندي نبوت جا ڪيترائي اهڃاڻ پڌرا ٿيا. صحيح بخاري۾ آهي تہ حضرت جابر بن عبدالله رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ تي بک جا آثار ڏٺا تہ هڪ ڇيلو ڪُٺو ۽ سندن گهرواريءَ هڪ صاع (اٽڪل اڍائي ڪو) جو پيٺا، پوء

لکيم پاڻ سڳورن ﷺ کي درخواست ڪيائون تہ پنھنجن کجھہ ساٿين سان گڏ ھلو. پر پاڻ سڳورا ﷺ سڀني کاھي کوٽيندڙن کي ساڻ وٺي ھليا، جن جو تعداد ھڪ ھزار ھو. انھن سڀني ماڻھن ان ٿوري کاڌي مان پيٽ ڀري کاڌو، پوءِ بہ ٻوڙ جي ھنڊي ساڳيءَ حالت ۾ رھي ۽ ڳوھيل اٽو بہ اوتري جو اوترو رھيو ۽ ان مان ماني پچائبي پئي وئي.(1)

حاشيو (1) اھو واقعو صحيح بخاريءَ ۾ آيل آھي. ڏسو 588/2، 589

حضرت نعمان رضہ بن بشر جي ڀيڻ کاھيءَ وٽ بہ مٺيون کجيون کٽي آئي تہ سندن پاءُ ۽ مامون کائين، پر پاڻ سڳورن ﷺ وٽان لنگھڻ مھل پاڻ سڳورن ﷺ اھي کجيون کائڻ وٺي ورتيون ۽ ھڪ ڪپڙي مٿان وکيري ڇڏيون. پوءِ کاھي کوٽيندڙن کي سڏ ڪيائون. کاھي کوٽيندڙ اھي کائيندا ويا ۽ اھي وڌنديون ويون. تانت سڀئي کائي ھليا ويا ۽ کجيون ھيون جو ڪپڙي جي ڪنارن مان ٻاھر پئي ڪريون.

انهن ئي ڏينهن ۾ انهن ٻنهي واقعن کان وڌيڪ هڪ واقعو ٿي گذريو، جيڪو صحيح بخاريءَ ۾ حضرت جابر رضہ کان بيان ڪيل آهي تہ اسان ڪاهي ڪوٽي رهيا هئاسين جو هڪ ڇپ اڳيان اچي وئي. ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا ۽ عرض ڪيائون تہ هيءَ طرح هڪ ڇپ اڳيان اچي وئي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "آئون لهان ٿو." ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اٿيا، سندن پيٽ تي پٿر ٻڌل هو. اسان ٽن ڏينهن کان ڪجهہ نہ کاڌو هو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڪوڏر کڻي هنئي تہ اها ڇپ ڀري ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي.(1)

(1) صحيح بخاري 588/2

حضرت براءِ رضہ وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ خندق واري جنگ ۾ کوٽائي هلندي هڪ ڇپ اڳيان اچي وئي. اسان، پاڻ سڳورن ﷺ کي اچي ٻڌايو. پاڻ سڳورا آيا ۽ ڪوڏر کڻي بسم الله پڙهي هڪ ڌڪ هنيائون (تہ هڪ ٽڪرو ڀڄي پيو) ۽ فرمايائون تہ "الله اڪبر! مونکي شام ملڪ جون ڪنجيون ڏنيون ويون آهن. خدا جو سنهن! آئون هينئر اتي جا ڳاڙها

محل پيو ڏسان." پوءِ ٻيو ڌڪ هنيائون ته هڪ ٻيو ٽڪر ٽٽي پيو ۽ فرمايائون ته "مونکي فارس ڏنو ويو آهي. والله! آئون مدائن جو اڇو محل پيو ڏيان." پوءِ ٽيون ڌڪ هنيائون ۽ فرمايائون ته "بسم الله" ته باقي ٻچيل ڇپ به ٽٽي پئي. پوءِ فرمايائون ته "والله! آئون هن مهل، هن جاءِ تان صنعاءِ جو ڦاٽڪ ڏسي رهيو آهيان."(2)

(2) سنن نسائي 56/2، مسند احمد، هي لفظ نسائيءَ جا ناهن. نسائيءَ ۾ عن رجل من الصحابه آهي.

ابن اسحاق به اهڙي ئي هڪ روايت حضرت سلمان فارسي رضه کان آندي آهي.(3)

(3) ابن هشام 219/2

جيئن ته مدينو اتر پاسي کانسواءِ ٻين سڀني پاسن کان لاوي وارن جبلن ۽ کجين جي باغن سان گهيريل آهي ۽ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم هڪ ماهر فوجي4 وانگر اهو ڄاتو ٿي ته مديني تي هيڏي وڏي لشڪر جي چڙهائي رڳو اتر کان ئي ٿي سگهي ٿي. انڪري پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم رڳو ان پاسان کاهي کوٽرائي. مسلمانن کاهي کوٽڻ جو ڪم لڳيتو پئي

ڪيو. سڀ ڏينهن ڪوٺائين ڪندا هئا ۽ شام جو گھر موٽندا هئا. تانت مديني جي پٺين تائين ڪافرن جو لشڪر پهچڻ ڪان اڳ رٿيل پروگرام موجب ڪاهي تيار ٿي وئي.(1)

(1) ابن هشام 2/220، 221

هوڏانهن قريش پنهنجو چئن هزارن جو لشڪر وٺي مديني پهتا تہ رومہ، جرف، زغابہ جي وچ ۾ مجمع الاسيال وٽ اچي لٿا ۽ ٻئي پاسي غطفان ۽ سندن نجدي ساٿي ڇهہ هزار فوج وٺي اچي احد جي اترئين پاسي ذنب نقمي وٽ لٿا. جيئن قرآن ۾ آهي تہ:

ولما..............تسليما (33:22)

ترجمو:- ۽ جيڏي مهل مؤمنن (ڪافرن جي) لشڪرن کي ڏٺو (تنهن مهل) چيائون تہ هي اهو انجام آهي، جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر اسانکي ڏنو هو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر سچ فرمايو هو ۽ انهيءَ (حالت) انهن کي ايمان ۽ ڇيو مڃڻ ۾ هيڪاري وڌايو.

پر منافق ۽ ضعيف اعتقاد وارا ماڻهو اهو لشڪر ڏسي ڏڍي ويا.

واذ...............الا غرورا(12:33)

ترجمو:- ۽ اوڏي مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي تن چيو ته الله ۽ سندس پيغمبر سانکي ٺڳيءَ کانسواء (ٻيو) ڪو انجام نه ڏنو آهي.

بهرحال هن لشڪر کي منهن ڏيڻ لاء پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم به ٽي هزار مسلمان وٺي پهتا ۽ ڪوسس سلع کي پٺ ڏئي قلعي بنديءَ لانگر ٽي ويٺا. سامهون کاهي هئي، جيڪا مسلمانن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ هئي. مسلمانن جو نعرو حم لاينصرون (حم هنن جي مدد نه ڪئي وڃي) هو. مديني جي واڳ حضرت ابن ام مڪتوم رضہ جي حوالي هئي ۽ عورتن ۽ ٻارن کي مديني جي قلعن ۽ ڪوٺن ۾ محفوظ ڪيو ويو هو.

جڏهن مشرڪ حملي لاء وڌيا ته ڇا ڏسن ته هڪ ويڪري کاهي سندن ۽ مديني جي وچ ۾ نهيل آهي. مجبور ٿي کين گهيراءُ ڪرڻو پيو. جڏهن ته اهي گهران نڪرڻ مهل

ان لاءِ سنيري نہ نڪتا هئا، ڇو تہ بچاءَ جو اهو طريقو سندن ئي ڇواٽي تہ هڪ اهڙي چال هئي، جنهن ڪان عرب اڻڄاڻ هئا. تنهنڪري هنن ان ڳالهہ بابت سوچيو ئي ڪونہ هو.

مشرڪ، ڪاهيءَ وٽ پهچي ڪاوڙ ۾ ڦيرا پائڻ لڳا. ڪين اهڙي جڳهہ جي ڳولها هئي، جتان اهي لهي سگهن. هوڏانهن مسلمان سندن چر پر تي پوري پوري نظر رکيو ويٺا هئا ۽ انهن تي تير بہ وسائي رهيا هئا تہ جيئن ڪين ڪاهيءَ جي ويجهو اچڻ جي همٿ نہ ٿئي ۽ اهي ان ۾ ٽپي نہ پون ۽ نہ مٽي وجهي رستو ٺاهي سگهن.

هوڏانهن قريشن جي سهسوارن کي گهيرو ڳري ويهڻ واري ڳالهہ نہ پئي آئري. اها سندن عادت ۽ شان جي خلاف ڳالهہ هئي، تنهنڪري سندن هڪ ٽولو، جنهن ۾ عمرو بن عبد الود، عڪرمہ بن ابي جهل ۽ ضرار بن خطاب وغيره شامل هئا، هڪ سوڙهي پاسي کان ڪاهيءَ ٽپي ويا ۽ سندن گهوڙا ڪاهي ۽ سلع جي وچ ۾ ڦيرا پائڻ لڳا. هوڏانهن حضرت علي رضہ ڪجهہ مسلمان ساڻ وٺي نڪتو ۽ جنهن جڳهہ تان انهن گهوڙا ٽپايا هئا، ان تي قبضو ڪري سندن موٽڻ جو

لنگهہ بندي ڇڏيائين. ان تي عمرو بہ عبدالود دوبدو مقابلي لاءِ للڪاريو. حضرت علي رضہ ساڻس هڪ هڪاڻي ڪرڻ لاءِ سامهون ٿيو ۽ هڪ اهڙي ٺوڪ هنيائينس جو هو آپي مان نڪري گهوڙي تان لهي پيو ۽ حضرت علي رضہ جي آمهون سامهون ٿيو. هو ڏاڍو دلير هو، ٻنهي ۾ ڏاڍو مقابلو ٿيو. ٻنهي هڪ ٻئي تي وڏي چڙهي وار ڪيا. نيٺ حضرت علي رضہ ڪيس پوري ڪري ڇڏيو. ٻيا مشرڪ ڪاهي ٿپي ڀڄي ويا. اهي ايترو تہ ڊڄي ويا جو عڪرمہ، ڀڄڻ مهل پنهنجو نيزو بہ ڇڏي ويو.

مشرڪن ڪيترائي ڀيرا ڪاهي اڪرڻ يا ان کي ڀري گس ناهن لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي، پر مسلمانن ڏاهپ سان کين ڀري رکيو ۽ کين اهڙا تہ تير هندا جو سندن هر اپاءُ ناڪام ٿيو.

اهڙا مقابلا هلندي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن رﷺ کان ڪي نمازون بہ ڇڏائجي ويون. جيئن صحيحين ۾ حضرت جابر رضہ کان آيل آهي تہ حضرت عمر رضہ خندق واري جنگ هلندي پاڻ سڳورن ﷺ آڏو

ڪافرن خلاف ٻُالهائيندي چيو تہ يا رسول الله ﷺ! اڄ آئون ڏاڍي مشڪل سان سج لهڻ مهل نماز پڙهي سگهيس. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ والله! آئون تہ اجا تائين بہ نماز نہ پڙهي سگهيو آهيان. ان ڪانپوءِ اسان پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ بطحان ۾ لٿاسين. پاڻ سڳورن ﷺ نماز لاءِ وضو ڪيو ۽ اسان بہ وضو ڪيو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وڃين نماز پرهي. اها سج لٿي ڪانپوءِ جي ڳالهہ آهي. ان ڪانپوءِ سانجهيءَ جي نماز پڙهي.(1)

(1) صحيح بخاري 590/2

پاڻ سڳورن ﷺ کي ان نماز جي ڇڏائڻ جو ايڏو ڏک هو جو پاڻ سڳورن ﷺ، مشرڪن کي پاراتو ڏنو. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ حضرت علي رضہ کان آيل آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ خندق واري ڏينهن فرمايو تہ "الله! انهن مشرڪن لاءِ سندن گهرن ۽ قبرن کي باهہ سان ڀري ڇڏي، ڇو تہ انهن اسانکي وڃين نماز (پڙهڻ) کان مشغول رکيو، تانت سج لهي ويو.(2)

(2) صحيح بخاري 590/2

مسند احمد ۽ مسند شافعي ۾ آيل آهي تہ مشرڪن، پاڻ سڳورن ﷺ کي اڳين، وچين، سانجهي ۽ سومهڻي نماز پڙهڻ کان مصروف رکيو. تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ اهي سڀ نمازون گڏي پڙهيون. امام نووي بيان ڪري ٿو تہ انهن روايتن ۾ تطبيق جي صورت اها ٿيندي تہ خندق واري جنگ ڪافي ڏينهن هلي. انڪري ڪڏهن هڪ صورت ٿي تہ ڪڏهن ٻي.(3)

(3) مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 287 - شرح مسلم للنودي 227/1

ان مان پتو پوي ٿو تہ مشرڪن پاران ڪاهي ٽپڻ جي ڪوشش ۽ ملسمانن پاران بچاءَ جو سلسلو ڪئي ڏهاڙا هلندو رهيو، پر جيئن تہ ٻنهي فوجن جي وچ ۾ ڪاهي هئي، ان ڪري آمهون سامهون لڙائي نہ ٿي سگهي، رڳو تيراندازي ٿيندي رهي.

ان تيراندازيءَ سان ٻنهي ڌرين جا آڊرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو مارجي ويا. يعني ڇهه مسلمان ۽ ڏهه مشرڪ، جن مان هڪ يا ٻه ڄڻا ترارن جو کاڄ بڻجي ويا.

ان ئي تيراندازيءَ دوران حضرت سعد بن معاذ رضه کي ٻه هڪ تير لڳو، جنهن سان سندن ٻانهن جي وڏي رڳ ڪپجي وئي. ڪين حبان بن عرقه نالي هڪ مشرڪ قريشيءَ جو تير لڳو هو. حضرت سعد رضه (گهائجڻ ڪانپوءِ) خدا کي ٻاڏايو ته يا الله! تون ڄاڻين ٿو ته جنهن قوم تنهنجي رسول کي ڪوڙو قرار ڏنو ۽ ان کي تڙي ڇڏيو، انهن سان تنهنجي راهه ۾ جهاد ڪرڻ مونکي جيڏو وڻندڙ آهي، ايڏو ڪنهن ٻيءَ قوم سان ڪونهي. يا الله! آئون سمجهان ٿو ته ها\ني تو اسانجي ۽ هنن جي ويڙهه کي توڙ تائين پڄائي ڇڏيو آهي. بس جيڪڏهن اجا به قريشن سان وڙهڻ جو مرحلو رهيل هجي ته مونکي ان لاءِ جيات ته آئون تنهنجي راهه ۾ جهاد ڪريان ۽ جي تو لڙائيءَ کي توڙ تي رسائي ڇڏيو آهي ته پوءِ هيءُ گهاءُ پلي ته منهنجي موت جو ڪارڻ بڻائي ڇڏ.(1) سندن ان دعا جو آخري ٽڪرو اهو هو ته (پر)

مونکي موت نہ ڏي، جيستائين بنو قريظہ جو انجام ڏسي منهنجيون اکيون ٺري نہ وڃن.(2)

(1) صحيح بخاري 591/2

(2) ابن هشام 227/2

مطلب تہ هڪ پاسي مسلمان جنگ جي ميدان ۾ اهڙا سور سهي رهيا هئا تہ ٻئي پاسي سازشي پنهنجن حرڪتن۾ رڇل هئا. سندن ڪوشش هئي تہ مسلمانن جي جسم ۾ پنهنجو زهر اوتي ڇڏين. جيئن بنو نضير جو سڀ کان وڏو ڏوهاري حيي بن اخطب، بنو قريظہ وارن وٽ آيو ۽ سندن سردار ڪعب بن اسد قرظي وٽ پهتو. هي ڪعب بن اسد اهو ئي ماڻهو آهي، جنهن کي بنو قريظہ پاران ناهہ ڪرڻ جا اختيار هئا ۽ جنهن پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان ناهہ ڪيو هو تہ جنگ مهل پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي مدد ڪندو. (جيئن پوين صفحن تي اچي چڪو آهي) حيي اچي سندن در تي ڏڪ هنيو تہ هن ڪٽي در بند ڪيو. پر حيي ساڻس اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو جو نيٺ ڪيس در ڪولڻو پيو. حيي چيو تہ "اي ڪعب! آئون سدائين تو وٽ عزت ۽ (فوج جي) بي پناهہ

لشڪر سان پهتو آهيان. مون قريشن ڪي سندن سردارن ۽ اڳواڻن سميت آڻي روحہ جي مجمع الاسيالِ ۾ لاٿو آهي ۽ بنو غطفان کي سندن اڳواڻن ۽ سردار سميت احد وٽ ذنب نقمي وٽ ويهاريو آهي. انهن مون سان عهد ڪيو آهي تہ محمد صلى الله عليه وسلم ۽ سندس ساٿين کي پورو ڪري ساهہ پٽيندا."

ڪعب چيو تہ "خدا جو سنهن! تون مون وٽ سدائين واري ذلت ۽ فوجن جو ڪڪر کڻي آيو آهين، جيڪو رڳو چمڪي ۽ گوڙ پيو ڪري، پر ان ۾ آهي ڪجهہ بہ ڪونہ. حيي! تو تي ڏک پيو ٿئي. مونکي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي. مون محمد صلى الله عليه وسلم ۾ صدق ۽ ايمان کانسواءِ ڪجهہ نہ ڏٺو آهي."

پوءِ بہ حيي کيس فريب ڏئي مڃرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ نيٺ کيس مڃائي ويو. باقي کيس اهو وچن ڏيئو پيو تہ جيڪڏهن قرش، محمد صلى الله عليه وسلم کي پورو ڪرڻ کانسواءِ موٽيا تہ آئون بہ توسان گڏ تنهنجي قلعيءِ ۾ هلندس ۽ پوءِ جيڪو انجام توهانجو ٿيندو، اهو ئي منهنجو بہ ٿيندو. حيي ان واعدي کانپوءِ ڪعب بن اسد، پاڻ سڀگورن

ﷺ سان ڪيل ناهہ ٽوڙيو ۽ مسلمانن سان رٿيل ذميوارين کان آجو ٿي، انهن جي خلاف مشرڪن پاران وڙهڻ نڪتو.(1)

(1) ابن هشام 2/220، 221

ان ڪانپوءِ بنو قريظہ جا يهودي عملي طور تي جنگ ۾ ٻهرو ونڻ لڳا. ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ حضرت صفيہ بنت عبدالمطلب رضہ، حضرت حسان بن ثابت رضہ جي فارع نالي قلعي ۾ هئي. حضرت حسان رضہ، عورتن ۽ ٻارن سان گڏ اتي هو. حضرت صفيہ رضہ جو بيان آهي تہ اسان وٽان هڪ يهودي مٿيو ۽ قلعي کي ڦيرا پائڻ لڳو. اها تڏهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن بنو قريظہ، پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪيل ناهہ ٽوڙي، پاڻ سڳورن ﷺ سان وڙهڻ لڳا هئا. ۽ اسان ۽ سندن وچ ۾ ڪير بہ نہ هو، جيڪو اسانکي بچائي...پاڻ سڳورا ﷺ، مسلمانن سميت دشمن آڏو گهيريل هئا. جيڪڏهن اسان تي ڪو ڪاهي اچي ها تہ پاڻ سڳورا ﷺ (دشمنن کي) ڇڏي نہ اچي سگهن ها. انڪري مون چيو تہ

"اي حسان رضہ! هي يهودي، جيئن توهان ڏسو پيا تہ قلعي جا چڪر پيو ڪٽي ۽ مونکي ڊپ آهي تہ هي ٻين يهودين کي بہ اسانجي ڪمزوريءَ کان آگاهہ ڪدو. هوڏانهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽ اصحابي سڳورا رضہ اهڙا ڦاٿل آهن جو اسانجي مدد لاء نہ پهچي سگهندا. انڪري اوهان وڃو ۽ هن کي ماري ڇڏيو." حضرت حسان رضہ چيو تہ "والله توهان تہ ڄاڻو ٿيون تہ آئون ان ڪم جو ماڻهو نہ آهيان. حضرت صفيہ رضہ جو بيان آهي تہ پوء مون پاڻ سندرو ٻڌو ۽ هڪ بنڊ کنيو ۽ قلعي مان نڪري ان يهوديءَ وٽ پهچيس ۽ بنڊ هڻي هڻي ڪيس ماري وڌم. ان بعد قلعي ۾ موٽي اچي حسان رضہ کي چيم تہ "وڃي هن جا هٿيار پنهوار ڪٽي اچ، جيئن تہ هو مرد آهي، انڪري مون سندس هٿيار ڪونہ لاٿا آهن." حسان رضہ چيو تہ "مونکي سندس هٿيارن ۽ سامان جي گهرج ڪانهي."(1)

(1) ابن هشام 228/2

حقيقت اها آهي تہ مسلمانن تي ٻارن ۽ عورتن جي سنڀال لاء پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي ڦڦيءَ جي ان دليراڻي

ڪارنامي جو گهرو ۽ چڱو اثر پيو. هن ڪارروائيءَ مان شايد يهودين اهو سمجهيو تہ انهن قلعن ۽ عورتنۿ بہ مسلمانن جو حفاظتي لشڪر ويٺل آهي، جڏهن تہ اتي ڪوبہ لشڪر ڪونہ هو. اهڙيءَ طرح يهودين وري اها همٿ نہ ڪئي. باقي اهي مشرڪن ڪي ساز و سامان لاڳيتو پهچائيندا رهيا. جن مان ويهہ اُٺ مسلمانن بہ جهلي ورتا.

يهودين جي ناهہ جي خلاف ورزيءَ جي ڇاڻ پاڻ سڳورن ﷺ تائين پهتي تہ پاڻ سڳورن ﷺ هڪدم پڇا ڳاڇا ڪرائي تہ جيئن بنوقريظہ جي مؤقف جو پتو پوي ۽ ان جي روشنيۿ ڪو قدم ڪنيو وڃي. پاڻ سڳورن ﷺ پڪ ڪرڻ لاءِ حضرت سعد بن معاذ، سعد بن عباده، عبدالله بن رواحہ ۽ خوات بن جبير رضہ کي موڪليو ۽ کين هدايت ڪئي تہ وڃو! ڏسو! بنو قريظہ بابت جيڪا ڇاڻ ملي آهي، اها سچي آهي يا نہ؟ جي سچي آهي تہ واپس اچي مونکي اشارنۿ ٻڌائجوءِ. متان ماڻهو هانءُ هاري ويهن ۽ جيڪڏهن اهي ناهہ تي قائم آهن تہ پوءِ ماڻهنۿ پڌرو ڏياري ڇڏجوءِ. جڏهن اهي بنو قريظہ جي ويجهو پهتا تہ کين بڇڙاڻ تي

ڏنائون. انهن ڪليو ڪلايو ڳاريون پئي ڏنيون ۽ دشمنيءَ جون ڳالهيون پئي ڪيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي گهٽ وڌ ڳالهايو. چوڻ لڳا تہ "ڪهڙو الله جو رسول....؟ اسانجي ۽ محمد ﷺ جي وچ ۾ ڪوبہ وعدو وعيد ٿيل ڪونهي." اهو ٻڌي اهي موٽي آيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي اشاري ۾ ٻڌايائون تہ "عضل ۽ قاره." يعني جهڙيءَ طرح عضل ۽ قاره وارن رجيع وارن سان ٺڳي ڪئي هئي، اهڙيءَ طرح يهودي بہ وعدي خلافي ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺا هئا.

جيتوڻيڪ انهن اصحابين لڪ ۾ ڳالهہ ڪئي هئي، تہ بہ عام ماڻهن کي حالتن جو پتو پئجي ويو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ خوفناڪ خطرو پيدا ٿي ويو.

حقيقت ۾ ان مهل مسلمان ڏاڍي نازڪ حالت مان گذري رهيا هئا. پٺيان بنو قريظہ هئا، جن جو حملو روڪڻ لاءِ سندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪوئي ڪونہ هو، اڳيان مشرڪن جو وڏو لشڪر هو، جن کي ڇڏي پٺيان هٽڻ ممڪن نہ هو. مٿان وري مسلمان عورتون ۽ ٻار بنا ڪنهن حفاظتي اپاءَ جي بدعهد يهودين جي ويجهو هئا، انڪري ماڻهن ۾

بيچيني پيدا ٿي وئي، جنهن جي ڪيفيت هن آيت ۾ بيان ڪيل آهي.

واذ................شديدا (11/10:33)

ترجمو:- ان مهل اکيون ڦاٽي پيون ۽ دليون (دهشت کان نرگهٽ کي پهتيون ۽ الله جي باري ۾ ڪئي گمان پانوڳَ ٿي. اتي مؤمنن کي پرکيو يو ۽ کين سخت لوڏيو ويو.

اهڙي قومتي تي ڪپتين بہ اندر جو زهر اڳڳاڇيو ۽ چيو تہ محمد صلی الله عليہ وسلم تہ اسان سان وعدا ٿي ڪيا تہ اسان کي قيصر ۽ ڪسريٰ جا خزانا ملندا ۽ هتي اها حالت آهي جو ڪاڪوس پيشات تي نڪرڻ لاء بہ سر جو سانگو لاهڻو ٿو پوي. ڪن ٻين ڪپتين پنهنجي قوم جي وڏيرن آڏو بہ چيو تہ اسانجا گهر ويرين لاء کليا پيا آهن، موڪل ڏيو تہ موٽي وڃون. ڇو تہ اسانجا گهر شهر کان ٻاهر آهن. نوبت اتي اچي رسي جو بنو سلمہ جا قدم اکڙڻ لڳا ۽ اهي پٺتي موٽڻ جو سوچڻ لڳا.

اهڙن ماڻهن بابت ئي الله تعاليٰ اهو ارشاد فرمايو آهي تہ:

واز يقو. ....الا فرارا (13/11:33)

ترجمو:- ۽ ان مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي تن چيو ٿي تہ الله ۽ سندس پيغمبر اسانکي ٺڳيءَ کانسواءِ (ٻيو) ڪو انجام نہ ڏنو آهي ۽ ان مهل منجهائن هڪ ٽولي چيو تہ اي مديني وارؤ! اوهان لاءِ (هتي ترسڻ جي) ڪا جاءِ ڪانهي. تنهنڪري موٽو ۽ منجهائن هڪ ٽوليءَ، پيغمبر صلى الله عليه وسلم کان موڪلايو ٿي ۽ چوڻ لڳا تہ اسانجا گهر هيڪلا آهن. حالانڪہ اهي هيڪلا نہ هئا، پرڻ کانسواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نہ هئن.

هڪ پاسي لشڪر جو اهو حال هو، ٻئي پاسي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي حالت اها هئي جو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم بنو قريظہ جي بدعهديءَ جي خبر ٻڌي پنهنجو چهرو ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو ۽ گهڻي دير تائين سنوان سڌا ليٽيا پيا هئا. اها حالت ڏسي ماڻهن جي بيچيني ويتر وڌي وئي، پر ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم پراميد ٿي اٿيا ۽ الله اڪبر چوندي فرمايائون تہ سلمانو الله جي مدد ۽ سوڀ جي خوشخبري ٻڌي وٺو ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ايندڙ

حالتن سان منهن ڏيڻ لاءِ پروگرام ٺاهيو ۽ ان پروگرام تحت ئي مديني جي سنڀال لاءِ ڪجهه محافظ موڪليا ته جيئن مسلمانن کي اڻڄاڻ ڏسي يهودي، عورتن ۽ ٻارن تي ڪاهي نه اچن. پر ان مهل هڪ فيصله ڪن قدم جي ضرورت هئي، جنهن سان دشمنن جي مختلف ٽولن کي هڪ ٻئي کان ڪٽي ڇڏجي. ان مقصد لاءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سوچيو ته بنو غطفان جي ٻنهي سردارن، عيينه بن حصن ۽ حارث بن عوف سان مديني جي اپت جي ٽين پتي ڏيڻ تي ٺاهه ڪرڻ جو سوچيو ته جيئن اهي ٻئي سردار پنهنجن قبيلن موٽي وڃن ۽ مسلمان، قريشن جي اڳيئي آزمايل سگهه کي ٽوڙڻ لاءِ انهن کي اڪيلو ڪري انهن تي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ لاءِ آجا ٿي وڃن. ان رٿ تي ڪجهه ڳالهه ٻولهه بن ٿي پر جڏهن پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت سعد بن معاذ ۽ حضرت سعد بن عباده رضه سان صلاح ڪئي ته انهن ٻنهي هڪ زبان ٿي چيو ته يا رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم! جيڪڏهن الله! اوهانکي اهو حڪم ڏنو آهي ته پوءِ ته هر حال ۾ اهو مڃڻو آهي، پر جي رڳو اوهان صلی اللہ علیہ وسلم اسانجي ڪري ائين ڪرڻ ٿا گهرو ته اسانکي

ان جي گهرج ڪانهي. جڏهن اسين ۽ اهي بت پرست هئاسين تڏهن بہ اهي ماڻهو ميزباني يا وڪري ۽ خريد ڪانسواءِ هڪ داڻو بہ اسان ڪان نٿي وٺي سگهيا. هاڻ جڏهن الله تعاليٰ اسانکي سڌي راهہ ڏيکاري مسلمان ڪيو آهي ۽ توهان وسيلي اانيک مان ڏنو آهي تہ پوءِ هاڻ اسين ڪين پنهنجو مال ڇو ڏيون؟ والله اسان تہ انهن کي رڳو پنهنجون ترارون ڏينداسين. پاڻ سڳورن صلی الله عليہ وسلم ٻنهي جي راءِ سان سهمت ڪئي ۽ فرمايو تہ جڏهن مون ڏٺو تہ سڄو عربستان هڪ ٿي اوهان تي ڪاهي آيو آهي، تڏهن مون اوهانجي ڪارڻ اهو ڪم ڪرڻ گهريو پئي.

۽ پوءِ....الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان، دشمن ذليل ٿيا. سندن لشڪر هارايو ۽ سندن سگهہ ٽٽي پئي. ٿيو هيئن جو بنو غطفان جو هڪ ماڻهو، جنهن جو نالو نعيم بن مسعود بن عامر اشجعي هو، پاڻ سڳورن صلی الله عليہ وسلم وٽ آيو ۽ چيائين تہ يا رسول الله صلی الله عليہ وسلم ! آئون مسلمان ٿي ويو آهيان، پر منهنجي مسلمان ٿيڻ جو پتو منهنجي قوم کي ناهي. تنهنڪري اوهان حڪم ڪريو تہ آئون ڇا ڪريان. پاڻ

سڀني ﷺ چيو ته تو اڪيلو آهين (تنهنڪري ڪو جنگي عمل ته نٿو ڪري سگهين باقي) جيتري قدر ٿي سگهئي، ڪين ياڙيو ڪندو رهه. ڇو ته ويڙهه ته حڪمت عمليءَ جو نالو آهي. ان تي حضرت نعيم رضه هڪدم بنو قريظه وٽ پهتو. جاهليت ۾ انهن سان سندس گهڻي اٿ ويٺي هئي. اتي پهچي انهن کي چيائين ته توهان ڄاڻو ٿا ته مونکي توهان سان گهرو لڳاءُ آهي. انهن چيو ته هائو. نعيم چيو ته چڱو پوءِ ٻڌو. قريشن جو معاملو ٻيو آهي، هي توهانجو علائقو آهي، هتي توهانجا گهر ٻار آهن، مال ملڪيتون آهن. توهان اهي ڇڏي ڪيڏانهن ويندا. پر جڏهن قريش ۽ غطفان، محمد ﷺ سان وڙهڻ آيا ته توهان محمد ﷺ جي خلاف سندن ساٿ ڏنو. ظاهر آهي ته انهن جو هتي گهر گهاٽ ڪونهي، نه ڪو مال ملڪيت آهي، نه ئي ٻار ٻچا آهن. انڪري ڪين وجهه مليو ته ڌڪ ڪري ويندا نه ته ٽپڙ ويڙهي هليا ويندا. پوءِ توهان هوندا ۽ محمد ﷺ هوندو. تنهن ڪانپوءِ هو جهڙيءَ طرح چاهيندو اهڙيءَ طرح توهان سان پلاند ڪندو. ان تي بنو قريظه وارن اڪيون

پٽيون ۽ چيائون تہ نعيم! ٻڌاءِ تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هن وراڻيو تہ ڏسو! قريش جيستائين توهانکي پنهنجا ڪي ماڻهو يرغمالي ڪري نہ ڏين، تيستائين توهان ساڻن جنگ ۾ شامل نہ ٿيو. قريظہ وارن چيو تہ تو ڏاڍي سٺي صلاح ڏني آهي.

ان ڪانپوءِ حضرت نعيم رضہ قريش وٽ ويو ۽ چيائين تہ "منهنجي گهڻ گهرائي ۽ خلوص جي تہ اوهان کي خبر آهي؟" هنن چيو تہ "هائو." حضرت نعيم رضہ چيو تہ "پوءِ ٻڌو، يهودين، محمد صلى الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿين سان جيڪا ٺڳي ڪئي آهي، ان تي اهي لڄارا آهن، هاڻ انهن ۾ خط و ڪتابت پئي هلي تہ اهي (يهودي) توهان کان ڪجهہ يرغمالي وٺي ان (محمد صلى الله عليه وسلم) جي حوالي ڪن ۽ پوءِ توهان جي خلاف محمد صلى الله عليه وسلم سان ناهہ ڪن. تنهنڪري جي اهي يرغمالي گهرن تہ متان ڏيو." ان ڪانپوءِ غطفان وٽ پهچي اها ئي ڳالهہ ورجايائين (۽ انهن جا بہ ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيائين)

ان کانپوءِ جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات جو قريشن، يهودين کي نياپو ڪيو ته اسانجي رهائش مناسب جڳهه تي ناهي، اسانجا گهوڙا ۽ اٺ مرن پيا. تنهنڪري هتان اسين ۽ اتان اوهين اٿو ته محمد صلی الله علیه وسلم تي حملو ڪريون. پر يهودين جواب ڏنو ته اڄ ڇنڇر جو ڏينهن آهي ۽ توهان ته ڄاڻو ٿا ته اسان کان اڳ جن ماڻهن هن ڏينهن بابت شرعي حڪم ٽوڙيو هو، انهن تي ڪهڙو عذاب نازل ٿيو هو. ان کانسواءِ توهان جيستائين پنهنجا ڪجهه ماڻهو يرغمال ڪري نه ڏيندؤ، اسين ڪونه وڙهنداسين. قاصد جڏهن اهو جواب کڻي موٽيو ته قريشن ۽ غطفان وارن چيو ته "والله نعيم رعلیه وسلم سچ چيو هو." پوءِ انهن، يهودين کي ڇورائي موڪليو ته خدا جو قسم! اسين توهانکي پنهنجو هڪ ماڻهو به نه ڏينداسين. بس اوهان اسان سان گڏ نڪرو ۽ (ٻنهي پاسن کان) محمد صلی الله علیه وسلم تي ڪاهي پئو. اهو ٻڌي قريظه وارن پاڻ ۾ چيو ته "والله نعيم رعلیه وسلم اسانکي سچ چيو هو." اهڙيءَ طرح ٻنهي ڌرين جو هڪٻئي تان اعتبار ڪڃي ويو. سندن صفن ۾ ڦوٽ پئجي وئي ۽ اهي هانءُ هاري ويٺا.

بئي طرف مسلمان الله تعاليٰ کي ٻاڏائيرهيا هئا تہ اللهم استرعوراينا و امن روعاتنا (اي الله! اسانجي ڇڪ رک ۽ اسانکي خطرن کان بچاء) ۽ پاڻ سڳورا ﷺ هيءَ دعا گهري رهيا هئا تہ اللهم منزل الكتاب سريع الحساب اهزم الاحزاب اللهم اهزمهم و زلزلهم (1)

(1) صحيح بخاري، ڪتاب الجهاد 411/1 - ڪتاب المغازي 590/2

(اي الله! اي ڪتاب لاهڻ وارا! اي تڪڙو حساب ڪرڻ وارا! هنن لشڪرن کي شڪست ڏي. اي الله! انهن کي شڪست ڏي ۽ جهنجهوڙي ڇڏين."

نيٺ الله تعاليٰ پنهنجي رسول ۽ مسلمانن جو عرض اگهايو ۽ مشرڪن جي صفن ۾ ڦوٽ ۽ بددلي ڦهلائڻ کانپوءِ الله تعاليٰ انهن تي سخت هوائن وارو طوفان موڪليو، جنهن سندن تنبو اکيڙي ڇڏيا، هنديون ابتيون ڪري ڇڏيون، ڦلا اکوڙي ڇڏيا، ڪاشيءِ بہ صحيح سلامت نہ بچي ۽ ان سان گڏوگڏ فرشتن جو لشڪر موڪليو ويو، جنهن کين جهنجوڙي ۽ سندن دلين ۾ ڊپ وجهي ڇڏيو.

اهڙي ٿڌي ۽ تيز هوائن واري رات ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، حضرت حذيفہ يمان رضہ کي ڪافرن جي خبر وٺڻ لاءِ موڪليو. جنهن محاذ تي پهچي مٿيون حالتون ڏٺيون ۽ مشرڪ موٽڻ لاءِ تيار ٿيندي ڏٺا. حضرت حذيفہ رضہ، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهچي خبر ڏني. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم صبح جو ڏٺو تہ ميدان صاف لڳو پيو هو. الله تعاليٰ، دشمنن کي ڪجهہ بہ هٿ حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ موٽائي ڇڏيو هو ۽ ساڻن وڙهڻ مهل پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم لاءِ ڪافي هو. مطلب تہ اهڙي طرح الله تعاليٰ پنهنجو واعدو نڀايو ۽ پنهنجي لشڪر جي لڄ رکي، پنهنجن ٻانهن جي مدد ڪئي ۽ اڪيلي ئي سڀني لشڪرن کان ڪٽرايو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم مديني موٽي آيا.

صحيح روايت مطابق هيءَ جنگ شوال سن 5 هہ ۾ لڳي ۽ مشرڪن هڪ مهينو يا اٽڪل هڪ مهينو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ۽ مسلمانن کي گهيري رکيو. سڀني ماخذن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ پتو پئي ٿو تہ گهيرا، شوال ۾ ٿيو هو ۽ پڇاڙي ذوالقعد ۾. ابن سعد رضہ جو چوڻ آهي تہ پاڻ

سڳورا ﷺ اربع جي ڏينهن واپس موٽيا ۽ ذوالقعد ختم ٿيڻ ۾ اجا ست ڏينهن هئا.

هيءَ جنگ جاني ۽ مالي نقصان واري ويڙهه نہ هئي، پر اعصابي ويڙهه هئي. هن ۾ ڪوبہ خوفناڪ ٽڪراءُ نہ ٿيو. ان هوندي بہ اها اسلامي تاريخ جي هڪ فيصلائتي جنگ هئي. ڇو جو ان جي ڪارڻ مشرڪن جا حوصلا ٽٽي ويا ۽ اها ڳالهہ پڌري ٿي تہ عربن ۾ ڪابہ سگهہ مسلمانن جي نبيڙي قوت کي، جيڪا مديني ۾ وڌي ويجهي رهي آهي، ختم نٿي ڪري سگهي. ڇو تہ هن جنگ ۾ جيڏي وڏي قوت آندي وئي هئي، ان کان وڌيڪ سگهہ آڻڻ عربن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ احزاب کان موٽڻ تي فرمايو تہ:

الان نغزوهم ولايغزونا

نحن نسير اليهم (1)

(1) صحيح بخاري 590/2

ترجمو:- هاڻي اسين انهن تي ڪاهينداسي، اهي اسان تي ڪونہ ڪاهيندا. هاڻي اسانجو لشڪر انهن ڏي ويندو.

غزوه بنو قريظہ

جنهن ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ خندق کان موٽيا، ان ئي ڏينهن ٻنپهرن مهل جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ، ام سلمہ رضہ جي گهرِ وهنجي رهيا هئا تہ حضرت جبرئيل رضہ آيو ۽ چيائين تہ "ڇا توهان هٿيار لاهي ڇڏيا آهن، جڏهن تہ فرشتن اڃا هٿيار نہ لاٿا آهن ۽ آئون بہ قريشن جو پيڇو ڪندي بس هاڻي پيو موٽان. اٿو! ۽ پنهنجن ساٿين کي وٺي بنو قريظہ ڏانهن هلو. آئون اڳيان اڳيان پيو هلان. سندن قلعنِ زلزلو ڪندس ۽ سندن دلينِ ڊپ وجهندس." اهو چئي حضرت جبرئيل عہ فرشتن سان گڏ روانو ٿي ويو.

هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ هڪ اصحابيءَ کان پڙهو ڏياريو تہ جيڪو ماڻهو فرمانبرداريءَ تي قائم آهي، اهو وڃين نماز بنو قريظہِ ئي هلي پڙهي. ان ڪانپوء مديني جي واڳ حضرت ام مڪتوم رضہ جي حوالي ڪري حضرت علي رضہ کي جنگ جو جهندو ڏئي اڳيان موڪليائون. حضرت

علي رضہ بنو قريظہ جي قلعن وٽ پهتو تہ بنو قريظہ وارن پاڻ سڳورن ﷺ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو.

ايتريہ پاڻ سڳورا ﷺ بہ مهاجرن ۽ انصارن سان گڏ روانا ٿي چڪا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ، بنو قريظہ وٽ پهچي "انا" نالي هڪ کوهہ وٽ لٿا. عام مسلمانن بہ لڙائيءَ جو پڙهو ٻڌي هڪدم بني قريظہ جي علائقي ڏانهن رخ ڪيو. رستيہ وچين نماز جو وقت ٿيو تہ ڪن چيو تہ اسان جيئن حڪم ٿيو آهي، بنو قريظہ پهچڻ کانپوءِ ئي نماز پڙهنداسين. پر ڪن اصحابين چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو مقصد اهو نہ، بلڪہ هيءُ هو تہ پاڻ تڪڙا روانا ٿيون. انڪري انهن واٽ تي ئي نماز پڙهي. (پاڻ سڳورن ﷺ کي جڏهن ان معاملي جو پتو پيو تہ انهن ڪنهن بہ ذر کي ڪجهہ بہ نہ چيو.)

مطلب تہ مختلف ٽولیہ ورهائجي اسليم لشڪر بنو قريظہ جي علائقيہ پهتو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان اچي مليو. پوءِ بنو قريظہ جي قلعن جو گهيراءُ ڪيو ويو. ان

لشڪر جو ڪل تعداد ٽي هزار هو ۽ ان ۾ ٽيھ گھوڙا بہ هئا.

جڏهن گھيراءُ سخت ٿي ويو تہ يهودين جي سردار ڪعب بن ادس، دهودين آڏو ٽي رٿون رکيون.

1. يا تہ اسلام قبولين ۽ محمد صلی اللہ علیہ وسلم جي دين ۾ داخل ٿي پنهنجي جان، مال ۽ ٻار ٻچا بچائي وٺن. ڪعب بن اسد اها رٿ ڏيندي چيو تہ خدا ڄاڻي ٿو تہ توهان تي اها ڳالھ پڌري ٿي چڪي آهي تہ اهي سچ پچ نبي ۽ رسول آهن ۽ اهي ئي آهن، جن جو ڏس پتو توهانجن ڪتابن ۾ ڏنل آهي.

2. يا پنهنجن ٻارن ٻچن کي پاڻ پنهنجن هٿن سان ماري ڇڏيو. پوء ترارون ڪڍي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏانهن نڪري پئو ۽ پوريءَ سگھہ سان ٽڪرايو. ان ڪانپوء يا تہ سوڀارا ٿيو يا سڀئي مارجي وڃو.

3. يا وري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ۽ اصحابي سڳورن رضہ تي ڏوڪي سان ڇنڇر جي ڏينهن حملو ڪريو، ڇو تہ ڪين اطمينان هوندو تہ اڄ لڙائي نہ ٿيندي.

پر يهودين ٽنئي رٿون رد ڪري ڇڏيون. جنهن تي سندن سردار ڪعب بن اسد (بيزار ٿي) چيو تہ "توهان مان ڪنهن بہ ماءُ جي پيٽ مان ڄمڻ ڪانپوء هڪ رات بہ هوشمنديءَ سان ناهي گذاري."

اهي ٽنئي رٿون رد ڪرڻ بعد بنو قريظہ آڏو رڳو هڪ واٽ ٿي بچي تہ پاڻ سڳورن ﷺ آڏو هٿيار ڦٽا ڪن ۽ پنهنجي پاڳ جو فيصلو انهن تي ڇڏي ڏين. پر انهن چاهيو ٿي تہ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان اڳ پنهنجن ڪن مسلمان دوستن سان رابطو ڪن. ٿي سگهي ٿو تہ خبر پئجي وڃي تہ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو. تنهن ڪانپوء انهن، پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن نياپو موڪليو تہ توهان ابو لبابہ رضہ کي اسان ڏانهن موڪليو. اسين ساڻس مشورو ڪرڻ ٿا گهرون. ابو لبابہ رضہ سندن حليف هو ۽ ان جا باغ ۽ خاندان ۽ ٻار ٻچا بہ ان ئي علائقي ۾ هئا. جڏهن ابو لبابہ رضہ اتي پهتو تہ مرد کين ڏسي ڊوڙي پيا ۽ مايون ۽ ٻار اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳا. اها حالت ڏسي حضرت ابو لبابہ رضہ جي دل بہ پرجي آئي. يهودين چيو تہ "اولبابہ! ڇا توهان مناسب

سمجهو ٿا تہ اسين محمد ﷺ جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيون؟" ان وراڻيو تہ ها! پر ڳڌوڳڏ هٿ سان ڳچيءَ ڏانهن اشارو ڪيائين، جنهن جو مطلب اهو هو تہ ڪسجي ويندؤ. پر ڪين هڪدم محسوس ٿيو تہ اها الله ۽ ان جي رسول سان خيانت آهي، تنهنڪري هو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ موٽڻ بدران سڌو مسجد نبويءَ ۾ پهتو ۽ پنهنجو پاڻ ڪي هڪ ٿنبي سان ٻڌي ڇڏيائين ۽ قسم کاڌائين تہ هاڻي پاڻ سڳورا ﷺ ئي پنهنجن هٿن سان اچي کين کوليندا ۽ پاڻ ٻيهر بنو قريظہ جي علائقي ڏي ڪونہ ويندو. هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ سندن موٽڻ ۾ دير محسوس ڪئي. پوءِ جڏهن تفصيل معلوم ٿين تہ چيائون تہ جيڪڏهن هو مون وٽ اچي ها تہ آئون سندس ڇوٽڪاري لاءِ دعا گهران ها، پر هاڻي هو اهڙو ڪم ڪري وينو آهي تہ هاڻي آئون بہ تيستائين کيس نٿو کولي سگهان، جيستائين الله تعاليٰ سندس توبہ قبول نٿو ڪري وٺي.

هوڏانهن ابو لبابہ رضہ جي اشاري ڪانپوءِ بہ بنو قريظہ اهو فيصلو ڪيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ آڏو هٿيار ڦٽا

ڪن ۽ اهي جيڪو وڻين سو فيصلو ڪن. حالانڪ بنو قريظ هڪ ڊگهي عرصي تائين گهيري ۾ رهي ٿي سگهيا. ڇو ته هڪ پاسي انهن وٽ گهڻي تعداد ۾ کاڌ پيت جو سامان هو، پاڻيءَ جا چشما ۽ کوھ هئا. سگها ۽ محفوظ قلعا هئا ۽ ٻئي پاسي مسلمان کليل ميدان ۾ رت ڄمائيندڙ سيءَ ۾ بک جون سختيون سهي رهيا هئا ۽ خندق واري جنگ کان ب اڳ لاڳيتين جنگي مصروريتن ڪري ٿڪا ٽٽا پيا هئا. پر حقيقت ۾ بني قريظ واري لڙائي هڪ اعصابي لڙائي هئي. ال تعاليٰ سندن دلين ۾ ڊپ وجهي ڇڏيو هو ۽ سندن حوصلا خطا ٿي ويا هئا. حالت اها ٿي جو جڏهن حضرت علي رضہ ۽ حضرتزبير رضہ اڳرائي ڪئي ۽ حضرت علي رضہ گجگوڙ ڪندي اعلان ڪيو ته اي ايمان وارؤ! خدا جو قسم! هاڻي آئون ب يا ته اهو چکندس جيڪو حمزه رضہ چکيو آهي يا هنن جو قلعو فتح ڪري دم پٽيندس.

حضرت علي رضہ جو اهڙو عزم ڏسي بنو قريظ وارن تڪڙ ۾ پنهنجو پاڻ کي پاڻ سڳورن ﷺ جي حوالي ڪري ڇڏيو ته پاڻ سڳورا ﷺ جيڪو وڻين اهو فيصلو ڪن.

پاڻ سڳورن ﷺ حڪم ڏنو تہ مردن کي ٻڌي ڇڏيو. تنهن کانپوءِ محمد بن مسلمہ انصاري رضہ جي نگرانيءَ ۾ سيني جا هٿ ٻڌا ويا ۽ عورتن ۽ ٻارن کي مردن کان ڌار ڪيو ويو. اوس قبيلي وارن پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو تہ توهان بنو قينقاع سان جهڙو سلوڪ يو هو، اهو اوهانکي ياد ئي آهي. بنو قينقاع، اسانجي ڀاءُ خزرج جا حلاف هئا ۽ هي وري اسانجا حليف آهن، تنهنڪري انهن تي احسان ڪريو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڇا توهان ان تي راضي ناهيو تہ توهان مان ئي هڪ ڄڻو فيصلو ڪري؟" انهن چيو تہ "ڇو نہ." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اهو معاملو سعد بن معاذ رضہ جي حوالي آهي." اور وارن چيو تہ "اسين ان تي راضي آهيون."

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت سعد بن معاذ رضہ کي سڏرايو. پاڻ مديني ۾ هو ۽ لشڪر سان گڏ نہ آيو هو، ڇو تہ خندق واري جنگ ۾ سندن ٻانهن جي رڳ ڪپجڻ ڪارڻ زخمي ٿي پيو هو. ڪين هڪ گڏھ تي چاڙهي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آندو ويو. جڏهن ويجهو پهتو تہ سندن

قبيلي وارن کين ٻنهي پاسن کان گهيري ورتو ۽ چوڻ لڳا تہ "سعد رضه پنهنجن حليفن بابت چڱائي ۽ احسان کان ڪم وٺجوءُ..پاڻ سڳورن ﷺ توهانکي ان لاءِ ئي حڪم (فيصلو ڪندڙ) بنايو آهي تہ توهان انهن سان چڱو سلوڪ ڪريو." پر پاڻ چپ چاپ هو، ڪابہ ورندي نہ پئي ڏنائين. جڏهن ماڻهن گهڻو تنگ ڪيو تہ چيائين تہ "هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ سعد، الله جي معاملي ۾ ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍڻ جي پرواهہ نہ ڪري. اهو ٻڌي ڪي ماڻهو اوڏي مهل ئي مديني موٽي ويا ۽ باندن جي موت جي خبر ٻڌائي ڇڏيائون.

ان ڪانپوءِ حضرت سعد رضہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "پنهنجي سردار جي آجيان لاءِ اٿي کڙا ٿيو." ماڻهن جڏهن کين سواريءَ تان لاٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اي سعد هي ماڻهو تنهنجي فيصلي لاءِ راضي ٿيا آهن." حضرت سعد رضہ چيو تہ "ڇا منهنجو فيصلو انهن تي لاڳو ٿيندو؟" ماڻهن چيو تہ "هائو" هن چيو تہ "مسلمانن تي بہ؟" ماڻهن چيو تہ "هائو" پاڻ بيهر

سوال ڪيائين تہ "۽ جيڪي هتي آهن، انهن تي بہ؟" سندن اشارو پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن هو، پر ادب ۽ رعب ڪري منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو هئائين. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ها، مونتي بہ." حضرت سعد چيو تہ "پوءِ انهن بابت منهنجو فيصلو اهو آهي تہ مردن کي قتل ڪيو وڃي، عورتن ۽ ٻارن کي ماريو وڃي ۽ مال ورهايو وڃي." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تو انهن بابت اهو ئي فيصلو ڪيو آهي، جيڪو ستن آسمانن مٿي الله جو فيصلو آهي."

حضرت سعد رضہ جو اهو فيصلو ڏاڍو عدل ۽ انصاف تي ٻڌل هو، ڇو تہ بنو قريظہ وارن مسلمانن جي زندگي ۽ موت جي نازڪ لمحن ۾ خطرناڪ بدعهدي ڪئي هئي. مٿان وري انهن مسلمانن جي خاتمي لاءِ ڏيڍ هزار تراڙو، ٻہ هزار نيزا، ٽي سؤ زرهون ۽ پنج سؤ ڍالون گڏ ڪري رکيون هيون، جيڪي سوپ ماٿڻ ڪانپوءِ مسلمانن جي هٿ چڙهيون.

هن فيصلي ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم تي بنو قريظہ کي مديني آڻي، بنو نجار جي هڪ عورت، جيڪا

حارث رضہ جي نياڻي هئي، جي گهر بنادي ڪري رکيو ۽ مديني جي بازارِ ڪاهيون کوٽيون ويون. پوء انهن کي ٽولا ٽولا ڪري آندو ويو ۽ انهن ڪاهينِ ۾ سندن سسيون ڌڙ کان ڌار ڪيون ويون. ڪارروائي شروع ٿيڻ کان ٿوري دير پوء بچيل باندين پنهنجي سردار ڪعب بن اسد کان پڇيو تہ توهان ڇا ٿا ڀانئيو؟ اسان سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ ان چيو تہ "ڇا توهان ڪٿي بہ سوچ سمجهہ کان ڪم نٿا وٺي سگهو؟ ڏسو نٿا تہ سڏڻ وارو رڪجي نٿو ۽ وڃڻ وارو موٽي نٿو. خدا جو قسم! اهو تہ قتل آهي." مطلب تہ انن سيني جون (جن جو تعداد ڇهہ ست سوٴ جي وچ ۾ هو) سسيون ڌڙ کان ڌار ڪيون ويون.

بنو قريظہ جي ان بربادي سان گڏ بنو نضير جو شيطان ۽ خندق واري جنگ جو وڏو ڏوهاري حيي بن اخطب بہ پنهنجي انجام کي رسيو. هو ام المؤمنين بيبي صفيہ رضہ جو پيءُ هو. قريش ۽ غطفان جي موٽڻ بعد جڏهن بنو قريظہ جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ اهي قلعہ بند ٿي ويا ۽ هي بہ انهن سان گڏ هو. ڇو تہ خندق واري جنگ هلندي هو جڏهن

ڪعب بن اسد کي عهد ٽوڙڻ تي راضي ڪرڻ آيو هو ته هن وعدو ڪيو هو ۽ هاڻي اهو وعدو نڀائي رهيو هو. ڪيس جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ آڏو آندو ويو ته ڪيس هڪ وڳو پهريل هو، جنهن کي هن پاڻ ئي گهٽين جاين تان ڦاڙي ڇڏيو هو ته جيئن اهو غنيمت جي مال جي لائق نه رهي. سندس ٻئي هٿ ڳچيءَ جي پويان رسيءَ سان ٻڌل هئا. هن، پاڻ سڳورن ﷺ کي مخاطب ٿيندي چيو ته "ٻڌو! مون توهان سان وير وجهڻ تي پنهنجو پاڻ کي برو ڀلو نه چيو آهي، پر جيڪو الله سان وڙهي ٿو، اهو نيٺ هارائي ٿو." پوءِ ماڻهن ڏانهن منهن ڪري چيائين ته "لوڪو! الله جي فيصلي ڪو حرج ڪونهي، اهو ته ڀاڳ جو لکيو آهي ۽ هل وڏو قتلام (قتل عام) آهي، جيڪو الله! بني اسرائيل لاءِ لکيو هو. ان ڪانپوءِ هو وينو ۽ سندس سسي وڍي وئي. هن واقعي ۾ بنو قريظہ جي هڪ مائي به ماري وئي. هن، حضرت خلاد بن سويد رضہ کي چڪيءَ جو پڙ اڇلي ماريو هو، ان جي پلاند ۾ ڪيس ماريو ويو.

پاڻ سڳورن ﷺ حڪم ڪيو تہ جنهن جا هيٺيان وار آيل هجن، تن کي ماريو وڃي. جيئن تہ عطيہ قرظي رضہ کي اڃا وار نہ آيا هئا، انڪري کين جيئدان ڏنو ويو. پوء هو مسلمان ٿي اصحابين ۾ شامل ٿيو.

حضرت ثابت رضہ بن قيس عرض ڪيو تہ زبير بن باطا ۽ سندس گهر وارن کي سندن لاء "هبہ" ڪيو وڃي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ زبير، ثابت رضہ تي ڪجهہ احسان ڪيا هئا، سندن عرض اگهاميو. ان ڪانپوء ان، زبير کي چيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ توکي ۽ تنهنجي تنهنجي گهراڻي کي مون لاء "هبہ" ڪيو آهي ۽ آئون انهن سڀني کي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو. (يعني تون ٻارن ٻچن سميت آزاد آهين) پر جڏهن زبير بن باطا کي پتو پيو تہ سندس سڄي قوم ماري وئي آهي تہ هن چيو تہ "ثابت! مون توتي جيڪو ٿورو ڪيو هو، ان جو واسطو اٿئي، مونکي بہ منهنجن دوستن وٽ پهچائي ڇڏ. تنهن تي کيس بہ ماري سندس دوستن تائين پهچايو ويو. باقي حضرت ثابت رضہ، زبير جي پٽ عبدالرحمان کي جيئرو رکيو، جيڪو پوء مسلمان ٿيو.

اهڙيءَ طرح بنو نجار جي هڪ عورت حضرت ام المنذر رضہ. سلميٰ بنت قيس عرض ڪيو تہ سموال قرظي جي پٽ رفاعہ کي سندس حوالي ڪيو وڃي. سندس عرض اگهاميو ۽ رفاعہ کي سندس حوالي ڪيو ويو. جيڪو پڻ مسلمان ٿيو. ڪن ٻين ماڻهن بہ ان رات هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان اڳ اسلام قبوليو هو. تنهنڪري سندن جان مال ۽ اولد محفوظ رهيا. ان رات ئي عمرو نالي هڪ ڄڻو. جنهن بنو قريظہ جو عهد ٽوڙڻ ۾ ساٿ نہ ڏنو هو. ٻاهر نڪتو. ڪيس پهريدارن جي سالار محمد بن مسلمہ رضہ ڏٺو. پر سڃاڻي ڇڏي ڏنو. پوءِ نہ ڄاڻ هو ڪاڏي هليو ويو!

بنو قريظہ جي سڄي ميڙي پونجيءَ مان پنجين پتي (خمس) ڪڍي ورهائي وئي. شهسوارن کي ٽي ڀاڱا. هڪ ڀاڱو سندس لاءِ ۽ ٻہ گهوڙي لاءِ ۽ پيادي کي هڪ حصو ڏنو ويو. ٻاندي ۽ ٻار. حضرت سعد بن زيد انصاري رضہ جي نگرانيءَ ۾ نجد موڪلي، انهن جي بدلي ۾ گهوڙا ۽ هٿيار ورتا ويا.

پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي لاءِ بنو قريظہ جي عورتن مان حضرت ريحانہ رضہ بنت عمرو بن خنافہ کي چونڊيو. ابن اسحاق چواڻي تہ اها پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات تائين پاڻ سڳورن ﷺ جي ملڪيت ۾ رهي.(1) پر ڪلبيءَ جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کين سن 6 هہ ۾ آزاد ڪري شادي ڪري ڇڏي هئي. پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ حجت الوداع تان موٽيا تہ ان جو انتقال ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کين بقيع ۾ دفن ڪيو.(2)

حاشيو (1) ابن هشام 245/2

حاشيو (2) تلقيح الفهوم صفحو 12

بنو قريظہ جو ڪم پورو ٿيڻ ڪانپوءِ نيڪ مرد حضرت سعد بن معاذ رضہ جي ان دعا جي پوري ٿيڻ جي مهل اچي وئي، جنهن جو ذڪر غزوهءِ احزاب ۾ اچي چڪو آهي. تنهن ڪانپوءِ سندن گهاءُ اکلي پيو. ان مهل پاڻ مسجد نبويءَ ۾ هو. پاڻ سڳورن ﷺ، سندن لاءِ خيمو لڳرايو هو تہ جيئن ويجهي کان سندن عيادت ڪندا رهن. بيبي عائشہ رضہ جو چوڻ آهي تہ سندن ڇاتيءَ جي گهاءَ مان رت وهڻ

لڳو. مسجد ۾ بنو غفار جا به ڪجھ خيما لڳل هئا، اهي پاڻ ڏانهن رت وهندو ڏسي ڇرڪيا. انهن چيو ته "خيمي وارؤ! هي توهانجي پاسان، اسان ڏانهن ڇا پيو وهندو اچي؟ ڏٺائون ته حضرت سعد رضه جي گهاءَ مان رت پئي وهيو. پوءِ ان ڪارڻ ئي پاڻ گذاري ويا.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 591/2

صحيحين ۾ حضرت جابر رضه کان آيل آهي ته پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو ته سعد بن معاذ رضه جي موت تي رحمان جو عرش لڏي ويو.(2) امام

حاشيو (2) صحيح بخاري 536/1 - صحيح مسلم 294/2 - جامع ترمذي 225/2

ترمذيءَ، حضرت انس رضه کان هڪ حديث آندي آهي ۽ ان کي صحيح به ڪوٺيو آهي ته جڏهن حضرت سعد بن معاذ رضه جو جنازو کنيو ويو ته ڪپتين چيو ته سندن جنازو ڪيڏو نه هلڪو آهي؟ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو ته "ان کي فرشتن پئي کنيو."(3)

حاشيو (3) جامع ترمذي 225/2

بنو قريظہ جو گهيراءُ هلندي هڪ ئي مسلمان شهيد ٿيو، جنهن جو نالو خلاد بن سويد رضہ هو. هي اهو ئي اصحابي آهي، جنهن کي بنو قريظہ جي هڪ مائيءَ جنڊ جو پڙ اڇلائي ماريو هو. ان کانسواءِ حضرت عڪاشہ رضہ جي ڀاءُ ابو سنان رضہ بن محصن بہ گهيري دوران وفات ڪئي.

باقي جيستائين حضرت ابو لبابہ رضہ جو معاملو آهي تہ اهو لاڳيتا ڇهہ ڏينهن ٿنڀ سان ٻڌو رهيو. سندس گهر واري هر نماز مهل کين اچي کوليندي هئي ۽ پاڻ نماز پڙهي وري ان ٿنڀ سان ٻڌرائي ڇڏيندا هئا. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي صبح ساڻ ان جي توبہ (جي قبوليت جي آيت) لٿي. ان مهل پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم بيبي ام سلمہ رضہ جي گهرِ وينل هئا. حضرت ابو لبابہ رضہ جو چوڻ آهي تہ حضرت ام سلمہ رضہ پنهنجي حجري جي در تي بيهي مونکي چيو تہ اي ابو لبابہ رضہ! مبارڪ هجنئي! الله تنهنجي توبہ قبولي آهي. اهو ٻڌي اصحابي سڳورا کين کولڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا، پر هن انڪار ڪندي چيو تہ کين پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کانسواءِ ٻيو ڪير بہ نہ کولي. پوءِ جڏهن

پاڻ سڳورا ﷺ فجر جي نماز لاءِ نڪتا ۽ سندن ويجهو مٿيا تہ ڪين ڪولي ڇڏيائون.

اها جنگ ذوالقعدہ ۾ تي. پنجويهہ ڏينهن گهيراءُ هليو.

(1) الله تعاليٰ هن جنگ ۽ خندق واري جنگ بابتسورہء احزاب ۾ ڪافي آيتون لاٿيون ۽ بنهي جنگين جي اهم ڳالهين تي تبصرو ڪيو. مومنن ۽ ڪپتين جي حالت بيان ڪئي، دشمنن جي مختلف ٽولن ۾ ڦرڦوٽ ۽ پاڙپيائپ جو ذڪر ڪيو ۽ اهل ڪتاب جي بدعهديءَ جي نتيجن تي روشني وڌي وئي.

حاشيو (1) ابن هشام 237/2، 238 - غزوي جي تفصيل لاءِ ڏسو ابن هشام 233/2 کان 273 - صحيح بخاري 590/2، 591 - زادالمعاد 72/2، 73، 74 - مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 287، 288، 289، 290

نيون مهمون

1. سلام بن ابي الحقيق جو مارجڻ:- سلام بن ابي الحقيق، جنهنجي ڪنيت ابو رافع هئي، پڏن يهودي ڏوهارين مان هو،

جن مسلمانن خلاف مشرڪن کي ورغلائڻ ۾ وڏي چڙهي بهرو ورتو هو ۽ هر طرح جي مدد ڪئي هئي.(1) ان ڪانسواء پاڻ سڳوورن صلی اللہ علیہ وسلم کي ايذاءُ بہ رسائيندو هو. انڪري جڏهن مسلمان، بنو

حاشيو (1) ڏسو فتح الباري 343/7

قريظہ ڪان واندا ٿيا تہ خزرج قبيلي وارن ڪيس مارڻ لاء پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڪان موڪل گهري. جيئن تہ ان ڪان اڳ ڪعب بن اشرف جو قتل، اوس قبيلي جي ڪن اصحابين هٿان ڪرايو ويو هو، انڪري خزرج وارن جي خواهش هئي تہ اهڙو ئي ڪو ڪارنامو اسين بہ ڪري ڏيکاريون، انڪري انهن موڪل گهرڻ ۾ تڪڙ ڪئي.

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم موڪل تہ ڏني پر تاڪيد ڪئي تہ عورتن ۽ ٻارن کي نہ ماريو وڃي. ان ڪانپوء پنجن ماڻهن جو ننڍڙو جٿو مهم لاء موڪليو. اهي سڀ خزرج قبيلي جي شاخ بنو سلمہ مان هئا ۽ سندن اڳواڻ حضرت عبداللّٰه رضہ بن عتيڪ هو.

هي جٿو سڌو خيبر ڏانهن هليو، ڇو تہ ابو رافع جو قلعو ان پاسي هو. جڏهن ويجهو پهتا تہ سج الهي چڪو هو

۾ ماڻهو پنهنجا چور واپس وٺي وڃي چڪا هئا. عبدالله رضہ بن عتيڪ چيو تہ "توهان هتي ويهو، آئون ڪنهن بهاني سان اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. پاڻ ويو ۽ در ويجهو مٿي تي ڪپڙو وجهي ائين ويهي رهيو، ڄڻ جهنگ جي خيال کان ويٺو هجي. پهريدار هڪل ڪئي تہ او خدا جا ٻانها! اندر اچڻو اٿئي تہ اچ نہ تہ آئون در ٿو بند ڪريان."

عبدالله بن عتيڪ رضہ جو چوڻ آهي تہ آئون اندر گهڙي ويس ۽ لڪي ويس. جڏهن سڀ ماڻهو اندر اچي ويا تہ پهريدار در بند ڪري ڪليءَ ۾ چاٻيون ٽنگيون (گهٽي دير ڪانپوءِ جڏهن هر پاسي ماٺ ميٺ ٿي وئي تہ) آئون اٿيس ۽ چاٻيون ڪڍيدر کوليم. ابو رافع مٿئين منزل تي رهندو هو ۽ اوطاق لڳندي هئي. جڏهن ڪچهريءَ وارا هليا ويا تہ آئون مٿي چڙهيس. مون جيڪو بہ در کوليو، اهو اندرران بند ڪري ٿي ڇڏيو. مون سوچيو تہ جيڪڏهن ماڻهن کي منهنجي خبر پئي بہ تہ مون تائين پڄڻ کان اڳ ابو رافع کي پوري ڪري وجهندس. اهڙيءَ طرح آئون هن تائين رسي تہ ويس (پر) هو پنهنجن ٻارن ٻچن سان گڏ هڪ اونداهي

ڪمري۾ هو. پر مونکي خبر ڪانہ هئي تہ اهو ڪمري ۾ ڪٿي آهي. انڪري مون سڏ ڪيو تہ "ابو رافع!" هن چيو تہ "ڪير آهي؟" آئون جهٽ سندس آواز ڏانهن وڌيس ۽ ڪيس تراڙ جو ڌڪ هنيم، پر آئون ٿورو ابهرو ٿي ويس، انڪري ڌڪ گسي ويو. هوڏانهن هن وڏي رڙ ڪئي. تنهنڪري آئون تڪڙو ڪمري مان نڪتس ۽ ٿورو پري بيٺس، پوء ويجهو اچي (آواز بدلائي) چيم تہ ابو رافع! اهو ڪڙڪو ڇاجو هو؟ هن چيو تہ تنهنجي ماءُ برباد ٿئي، هڪ همراهہ اجهو هاڻي مونکي هن ڪمري۾ تراڙ هڻي ويو آهي. عبدالله بن عتيڪ رضہ ٻڌايو تہ هن ڀيري مون ايڏو زوردار ڌڪ هنيومانس جو رتوڇان ٿي ويو، پر هو مئو ڪونہ. انڪري مون تراڙ سندس پيٽ تي رکي دٻائي تہ اهان پنيان وڃي نڪتي. مونکي لڳو تہ هو مري ويو، انڪري آئون هڪڙوپ هڪڙو ڪريدر ڪولي موٽيس ۽ هڪ ڏاڪڻ وٽ پهچي اهو سمجهندي تہ زمين تي پهچي چڪو آهيان، پير رکيم تہ هيٺ ڪري پيس. چاندوڪي رات هئي، منهنجو مريو نڪري ويو، مون پٽڪو ڇڪي ٻڌو ۽ در وٽ اچي ويهي رهيس. دل ۾ چيم تہ

جيئسني هن جي مرڻ جي پڪ نٿي ٿئيم، تيسين هتان ڪونہ ٽرندس. نيٺ جڏهن ڪڪڙ ٻانگ ڏني تہ موت جي خبر ڏيڻ واري قلعي جي فصيل تي چڙهي پڙهو ڏنو تہ "آئون حجاز وارن کي ابو رافع جي موت جو اطلاع پيو ڏيان." پوءِ آئون پنهنجن ساٿين وٽ پهتس ۽ کين چيم تہ هتان پڄو، الله تعالىٰ ابو رافع کي پنهنجي انجام تي رسايو. پوءِ آئون پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتس ۽ پيرائتي ڳالهہ کين ٻڌايم. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "پنهنجو پير اڳيان ڪر." مون پير اڳيان ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو هٿ ان تي ڦيريو ۽ ائين لڳو ڄڻ ڪو سور هو ئي ڪونہ.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 577/2

اها صحيح بخاريءَ جي روايت آهي. ابن اسحاق جي روايت اها آهي تہ ابو رافع جي گهر ۾ پنجئي اصحابي سڳورا رضہ گهڙيا هئا ۽ سڀني گڏجي کيس ماريو هو ۽ جنهن اصحابيءَ ان کي ترار جو جو زور ڏئي ماريو هو، اهو عبدالله بن انيس رضہ هو. هن روايت ۾ اهو بہ ٻڌايل آهي تہ انهن جڏهن رات جو ابو رافع کي ماريو ۽ عبدالله بن عتيڪ

رضہ جو مريو نڪري ويو تہ ان، ڪين ڪنيو ۽ قلعي جي پيت جي آرپار ويندڙ هڪ چشمي جي نهرِ گھڙي ويو. هوڏانهن يهودين باهہ ٻاري ۽ چوڌاسي نظر ڊوڙائي، نيٺ موٽي ويا. اصحابي سڀ ڳورا رضہ موٽڻ مهل حضرت عبدالله بن عتيڪ رضہ ڪي ڪڍي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پڳا.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 2/274، 275

ان سريي لاء ذوالقعد يا ذوالحج سنہ 5 هہ ۾ روانگي ٿي هئي.(2)

حاشيو (2) رحمت للعالمين 2/223 ۽ غزوه احزاب جو ٻين ڪتابن ۾ آيل بيان ڏسو.

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ احزاب ۽ قريظہ جي ويڙهن کان فارغ ٿيا ۽ جنگي ڏوهارين ڪيسيڪت ڏئي بس ڪيائون تہ پوء انن قبيلن ۽ اعرابين ڪيسيڪت ڏيڻ لاء حملا شروع ڪيائون، جيڪي امن جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي رهيا هئا ۽ طاقت استعمال ڪرڻ بنا ماٺ نٿي ڪري سگھيا. هيٺ اهڙي سرين ۽ غزون جو مٿاڇرو ذڪر ڪجي ٿو.

2. محمد بن مسلمہ رضہ وارو سريو:- احزاب ۽ بنو قريظہ وارين جنگيمن مان آجو ٽيڻ بعد ھيءُ پھريون سريو آھي، جنهن تي ماڻھو موڪليا ويا. ھن ۾ ٽيھہ ماڻھو شامل ھئا.

ھن سريي کي نجد ۾ بڪرات جي علائي ۾ ضريہ جي پرپاسي ۾ قرطاء نالي ھڪ جڳھہ تي موڪليو ويو ھو. ضريہ ۽ مديني جي وچ ۾ ستن راتين جو پنڌ آھي. روانگي 10 محرم سن 6 ھہ تي ٿي ۽ نشانو، بنو بڪر بن ڪلاب جي ھڪ شاخ ھئي. مسلمانن ڇاپو ھنيو تہ سڀ دشمن ڀڄي ويا. مسلمان ڏور ۽ ٻڪريون ھڪلي، مديني پھتا. اھي، بنو حنيفہ جي سردار ثمامہ بن اثال حنفيءَ کي بہ جھلي آيا ھئا، جيڪو مسيلمہ ڪذاب جي حڪم تي ڇمڙا پوش ٿي پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ نڪتو ھو، (3) پر مسلمانن ھٿان جھلجي پيو ۽ کيس مسجد نبويءَ ۾ آڻي ھڪ ٿنڀ سان ٻڌو يو.

حاشيو (1) سيرت حلبيہ 297/2

پاڻ سڳورا ﷺ آيا تہ ڪانئس پڇيائون تہ "ثمامہ، تنھنجي ويجھو ڇا آھي؟" ان چيو تہ "اي محمد ﷺ! منھنجي

ويجهو خير آهي. جيڪڏهن تون قتل ڪندين تہ هڪ مارڻ واري کي قتل ڪندين ۽ جي احسان ڪندين تہ هڪ قدردان تي احسان ڪندين ۽ جي مال گهرجئي تہ جيڪو وٽپي سو گهر." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس انهن حالن ۾ ڇڏي ڏنو. وري جڏهن ٻيهر اتان لنگهيا تہ وري ساڳيو سوال ڪيائون ۽ ثمامہ بہ وريساڳيو جواب ڏنو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ٽيون ڀيرو لنگهيا تہ وري بہ ساڳيو سوال ڪيائون ۽ وري بہ ساڳيو جواب مليو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اصحابي سڳورن کص چيو تہ ثمامہ کي آزاد ڪري ڇڏيو. انهن آزاد ڪيس، ثمامہ مسجد نبويءَ جي ويجهو کجين جي هڪ باغ ۾ گهڙي ويو ۽ اتان وهنجي سهنجي اچي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اسلام قبوليائين. پوءِ چيائين تہ "خدا جو قسم! سڄي ڌرتيءَ تي منهنجي نظر ۾ توهان جي ڇهري کان وڌيڪ اٹوٹندڙ منهن ڪوبہ نہ هو، پر هاڻي توهان جو ڇهرو سيني ڇهرن کان وڌيڪ پيارو ٿي ويو آهي ۽ خدا جو قسم! سڄي ڌرتيءَ تي منهنجي نظر ۾ ڪوبہ دين، اوهانجي دين کان وڌيڪ اٹوٹندڙ نہ هو، پر هاڻي توهانجو

دين، ٻين دينن کان وڌيڪ ٿو. توهانجن سوارن مونکي ان حالت ۾ جهليو آهي جو آئون عمري جو ارادو ڪري رهيو هوس." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "خوش رهه!" ۽ حڪم ڪيو ته عمرو ڪري وٺ. جڏهن هو قريشن جي علائقي ۾ پهتو ته انهن چيس "ثمامه! تون به بيدين ٿي وئين!؟" ثمامه چيو ته "نه! بلڪ آئون محمد ﷺ جي هٿ تي مسلمان ٿي ويو آهيان ۽ ٻڌو! خدا جو سنهن توهان وٽ يمامه کان ان جو داڻو به تيستائين نه پهچندو، جيستائين پاڻ سڳورا ﷺ موڪل نه ڏيندا. يمامه، مڪي وارن جي ٻنيءَ وانگر هو. حضرت ثمامه رضه، وطن موٽي، مڪي لاءِ ڪڻڪ موڪلڻ بند ڪري ڇڏي، جنهن سان قريش ڏاڍا ڏکيا ٿيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي مائٽيءَ جا واسطا ڏئي لکيائون ته ثمامه رضه کي لکن ته اهي ڪڻڪ موڪلڻ بند نه ڪن. پاڻ سڳورن ﷺ ائين ئي ڪيو.(1)

حاشيو (1)

3. بنو لحيان وارو سريو:- بنو لحيان اهي ئي آهن، جن رجيع وٽ ڏهن اصحابين کي ماري ڇڏيو ۽ ٻن کي مڪي

وارن وٽ وڪٽي ڇڏيو. جتي اهي اذيتون ڏئي ماريا ويا، پر جيئن تہ سندن علائقو حجاز ۾ گهڻو اندر مڪي جي ويجهو هو ۽ ان وقت مسلمانن ۽ قريشن توڙي اعرابين ۾ ڏي وٺ هلندڙ هئي، انڪري پاڻ سڳورن ﷺ، ان علائقي ۾ پري وڃڻ ڪي صحيح نہ ڄاتو. پر جڏهن ڪافرن جي مختلف گروهن ۾ ڦوٽ پئجي وئي ۽ سندن حوصلا ٽٽي ويا ۽ انهن، حالتن آڏو گوڏا کوڙي ڇڏيا تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي بنو لحيان ڪان پلاند ڪرڻ جو وجهہ ملي ويو. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ربيع الاول يا جماد الاول سن 6 هہ ۾ ٻہ سؤ اصحابي وٺي اوڏانهن رخ ڪيو. مديني جي واڳ حضرت ابن ام مڪتوم رضہ جي حوالي ڪيائون ۽ ظاهر اهو ڪيائون تہ پاڻ شام ملڪ ڏانهن پيا وڃن. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ڪاهيندا امج ۽ عسفان جي وچ ۾ بطن غران نالي هڪ واديءَ پهتا، جتي اصحابي سڳورا رضہ شهيد ڪيا ويا هئا. انهن لاءِ رحمت جي دعا گهريائون. هوڏانهن بنو لحيان کي پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ جي سڌ پئجي وئي هئي، انڪري اهي وڃي جبلن ۾ لڳا ۽ سندن ڪوبہ ماڻهو جهلجي نہ

سگهيو. پاڻ سڳورا ﷺ اتي ٻه ڏينهن رهيا. ان دوران جٿا موڪليائين، پر بنو لحيان هٿ نه آيا. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ عسفان ڏي هليا ۽ اتي ڏهه شهسوار ڪراع الغميم موڪليا ته جيئن قريشن کي به سندن اچڻ جو پتو پوي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ڪل چوڏنهن ڏينهن مديني کان ٻاهر رهي مديني موٽيا.

ان مهم کان وادڪائي ملڻ بعد پاڻ سڳورن ﷺ لاڳيتو فوجي مهمون ۽ سريه موڪليا، جن جو ٿورو ذڪر هتي پيش ڪجي ٿو.

4. غمر وارو سريو:- ربيع الاول يا ربيع الاخر سن 6 هه ۾ حضرت عڪاشه بن محسن رضه کي چاليهه ڄڻن جو اڳواڻ بنائي غمر ڏي موڪليائون. اهو بنو اسد جي هڪ چشمي جو نالو آهي. مسلمانن جي اچڻ جو ٻڌي دشمن ڀڄي ويا ۽ مسلمان سندن ٻه سؤ اٺ مديني ڪاهي آيا.

5. ذوالقعدﷺ تي پهرين چڙهائي:- ان ئي مهيني ربيع الاول يا ربيع الاخر سن 6 هه ۾ حضرت محمد بن مسلمه رضه جي اڳواڻيءَ ۾ ڏهن ڄڻن جو هڪ جٿو ذوالقﷺ

موڪليائون. اها جڳهه بنو ثعلبہ جي علائقي ۾ آهي.
دشمن، جن جو تعداد هڪ سؤ کن هو. لڪي ويا ۽ جڏهن اصحابي سڳورا رضہ سمجهي پيا تہ اوچتو حملو ڪري ڪين ماري ڇڏيائون. رڳو محمد بن مسلمہ رضہ بچي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اهو بہ زخمي ٿي پيو هو.

6. ذوالقصلى الله عليه وسلم تي ٻي چڙهائي:- محمد بن مسلمہ رضہ جي ساٿين جي شهادت ڪانپوء ربيع الاول سن 6 هہ ۾ ئي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حضرت ابو عبيده رضہ کي ذوالقصلى الله عليه وسلم ڏانهن موڪليو. هو چاليهہ ڄڻا وٺي روانو ٿيو ۽ رات جو پنڌ ڪندي صبح ساڻ بنو ثعلبہ جي علائقي۾ پهچڻ شرط ڇاپو هنيائين، پر بنو ثعلبہ تيزيءَ سان جبلن ۾ وڃي لڪا ۽ مسلمانن جي ور نہ چڙهي سگهيا. رڳو هڪ ڄڻو جهلجي پيو، جيڪو مسلمان ٿيو. باقي ڍور ۽ ٻڪريون جام هٿ آيون.

7. جموم تي چرهائي:- هيءُ لشڪر زيد بن حارثہ رضہ جي اڳواڻيءَ۾ ربيع الاخر سن 6 هہ۾ جموم ڏانهن موڪليو ويو. جموم، مرالظهران (اڄڪلهه واديء فاطمہ)۾ بنو سليم جي

هڪ چشمي جو نالو آهي. حضرت زيد رضہ اتي پهتو تہ مزينہ جي هڪ مائي حليمہ نالي جهلي ورتائين. ان بنو بنو سليم جي هڪ جڳهہ جو ڏس ڏنو. جتان گهڻا ئي ڏور، ٻڪريون ۽ ٻاندي هٿ لڳا. حضرت زيد رضہ اهي سڀ ڪاهي مديني پهتو. پاڻ سڳورن ﷺ ان مزني مائيءَ کي آزاد ڪري سندس شادي ڪرائي ڇڏي.

8. عيس تي چڙهائي:- اهو لشڪر هڪ سؤ ستر سوارن تي مشتمل هو ۽ اهي حضرت زيد بن حارثہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ ڇهين جوام الاول سنہ 6 هہ ۾ عيص ڏانهن وڌيا. هن مهم ۾ قريشن جي هڪ قافلي جو مال هٿ آيو. جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي ناٺي ابوالعاس جي قيادت ۾ سفر ڪري رهيو هو. ابو العاص ان مهل تائين مسلمان نہ ٿيو هو. پاڻ پڪڙيو تہ ڪونہ پر ڀڄي سڌو مديني پهتو ۽ بيبي زينب رضہ کان پناهہ وٺي ڪين چيائين تہ اها پاڻ سڳورن ﷺ کان سندن مال ڇڏرائي ڏي. بيبي سڳوريءَ، پاڻ سڳورن ﷺ آڏو اها ڳالهہ رکي تہ پاڻ سڳورن ﷺ هڪدم اصحابي سڳورن رضہ کي اشارو ڪيو تہ مال موٽائي ڏنو. اصحابي

سڳورن رضہ ذرو پرزو موٽائي ڏنو. ابوالعاص رضہ سمورو سامان کڻي مکي پهتو ۽ امانتون مالڪن جي حوالي ڪري پوءِ مسلمان ٿي مديني پهتو. پاڻ سڳورن ﷺ پهرئين نڪاح تحت ئي بيبي زينب رضہ سندن حوالي ڪئي، جيئن صحيح حديث مان ثابت ٿئي ٿو.(1) ائين ان ڪري ڪيو ويو

حاشيو (1) ڏسو سنن ابي دائود مع شرح عون المعبود. باب الي متي ترد عليہ امراتہ اذا السم بعدها

جو تيستائين ڪافرن لاءِ مسلمان عورتن جي حرام هجڻ جو حڪم نہ لٿو هو ۽ جيئن هڪ حددث ۾ آيل آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ نئون نڪاح ڪري رخصتي ڪئي يا اهو تہ ڇهن مهينن ڪانپوءِ رخصت ڪيائون، اها ڳالهہ نہ ڪو معنوي لحاظ کان صحيح آهي ۽ نہ ئي سند جي لحاظ کان ۽ جيڪي ماڻهو ان (2)

حاشيو (2) بنهي حديثن تي ٿيل بحث لاءِ ڏسو تحفہ الاحوذي 2/195، 196

ضعيف حديث کي مڃين ٿا. اهي هڪ اچرج جوڳي متضاد ڳالهه ڪن ٿا تہ ابو العاص سنہ 8 ھ جي آخر۾ مڪو فتح ٿيڻ کان ٿورو اڳ مسلمان ٿيو هو ۽ اهو بہ چون ٿا تہ سن 8 ھ جي شروع۾ بيبي زينب رضہ گذاري وئي هئي. جڏهن تہ اهي ڳالهيون گڏ نٿيون ٿي سگهن. سوال اهو آهي تہ ان حالت۾ ابو العاص جي اسلام قبولڻ مهل بيبي سڳوري حيات ڪٿي هئي جو کين نئين يا پراڻي نڪاح تحت ابو العاص رضہ جي حوالي ڪيو وڃي ها. اسان ان موضوع تي بلوغ المرام جي سلسلي ۾ تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آهي.

مشهور صاحب مغازي، موسيٰ بن عتبہ جو رجحان هن پاسي آهي تہ اهو واقعو سن 7 ھ ۾ ابو بصير ۽ سندس ساٿين جي هٿان ٿيو. پر ان سلسلي۾ نہ ڪا صحيح حديث آهي نہ ضعيف.

9. طرف يا طرق تي چڙهائي:- هي لشڪر بہ حضرت زيد بن حارثہ رضہ جي اڳواٽيءَ ۾ جماد الاخر۾ طرف يا طرق نالي جڳهہ ڏي موڪليو ويو. اها جڳهہ بنو ثعلبہ جي علائقي ۾ هئي. حضرت زيد رضہ سان ريڳو پنڌرنهن ڄڻا گڏ هئا. پر

بدوي خبر پوڻ تي پڇي ويا. ڪين ڊپ هو تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اچي رهيا آهن. حضرت زيد رضہ کي چار اٺ هٿ لڳا ۽ پاڻ ڇئن ڏينهن بعد موٽيو.

10. وادي‌ءَ القريٰ تي چڙهائي:- هن جٿي ۾ ٻارنهن ڄڻا هئا ۽ سندن سالار بہ حضرتزيد رضہ ئي هو. اهي رجب سن 6 هـ۾ واديء القريٰ ڏي هليا. مقصد دشمنن جي چرپر جي خبر وٺڻ هو، پر واديء القريٰ جي رهاڪن انهن تي حملو ڪري ڇهن اصحابين کي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ رڳو ٽي ڄڻا بچيا، جن مان هڪ حضرت زيد رضہ هو. (1)

حاشيو (1) رحمتاللعالمين 226/2 - انهن سرين جو تفصيل رحمت اللعالمين، زاد المعاد 121/2، 122 ۽ تلقيح الفهوم اهل الاثر جي حاشيي ۾ صفحو 98، 99 تي ڏسو.

11. سريہ خبط:- هي لشڪر رجب سن 8 هہ ۾ موڪليل ٻڌايو وڃي ٿو، پر لڳي ائين ٿو تہ اهو حديبيہ کان اڳ جو واقعو آهي. حضرت جابر رضہ جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ٽي سؤ ڄڻن جو جٿو موڪليو. اسان جو اڳواڻ ابو

عبيده بن جراح رضہ هو. قريشن جي هڪ قافلي جي خبرچار
وٺڻي هئي. هن مهم ۾ اسان ڏاڍا بکيا بہ رهياسين،
ايستائين جو اسان پن کائي بہ گذارو ڪيو. انڪري ئي هن
جو نالو جيش خبط پئجي ويو. نيٺ هڪ ماڇيءَ ٽي اٺ
ڪٺا، پوءِ ٻيا ٽي اٺ ڪٺا، پوءِ ٽيون ڀيرو اٺ ڪهڻ
کانپوءِ حضرت ابو عبيده رضہ جهلي ڇڏيو. ان کانپوءِ
سمنڊ، عنبر نالي هڪ مڇي (ڪپ تي) اڇلائي ڏني. جنهن
جو گوشت اسين اڌ مهيني تائين کائيندا رهياسين ۽ ان جو
تيل بہ لڳائيندا رهياسين. تانت اسانجا جسم اڳي جهڙا
(توانا) ٿي ويا ۽ اسان تندرست ٿي وياسين. ابو عبيده رضہ
ان جي پاسراٽيءَ جو هڪ ڪنڊو ڪنيو ۽ لشڪر جو سڀ کان
ڊگهو ماڻهو ڳولهي سڀ کان ڊگهي اٺ تي چاڙهيائين ۽
انهن کي ڪنڊي هيٺان لنگهايائين تہ لنگهي ويو. اسان ان
جي گوشت جا ڪجھ ٽڪرا توشي طور ساڻ رکيا ۽ جڏهن
مديني پهتاسين تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ان بابت
ٻڌايوسين. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اهو هڪ رزز آهي،
جيڪو الله تعاليٰ توهان لاءِ موڪليو. ان جو گوشت توهان

وٽ ٻچيل هجي تہ اسانکي بہ کارايو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ ڪجهہ گوشت موڪلي ڏنو. (1) واقعي جو تفصيل پورو ٿيو.

(1) صحيح بخاري 2/ 625، 626 - صحيح مسلم 145/2، 146

متي جيڪو لکيو اٿم تہ اهو واقعو حديبيہ کان اڳ جو آهي، ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ حديبيہ واري ناهہ کانپوءِ مسلمان، قريشن جي قافلن پويان نہ لڳندا هئا.

غزوهء بني المصطلق يا غزوهء مريسيع (سن 5 يا 6 هہ

هي غزوو جنگي لحاظ کان ڪا وڏي حيثيت تہ نٿو رکي، پر ڪجهہ واقعن جي ڪري اهميت رکي ٿو، جن سان اسلامي معاشري ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي ۽ جنهن جي ڪري هڪ پاسي ڪپٽيا وائکا ٿيا تہ ٻئي پاسي اهڙا تعزيري قانون لٿا، جن سان اسلامي معاشري جي عظمت ۽ نفس جي

پاڪيزگيءَ جي هڪ خاص شڪل عطا ٿي. اسين پهرين تہ غزوي بابت ٻڌائينداسين ۽ پوءِ انهن واقعن جو تفصيل ڏينداسين.

هي غزوو، سيرت نگارن مطابق شعبان سن 5 يا سن 6 هہ (1) ۾ ٿيو. ان جو سبب اهو آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي خبر پئي تہ بنو المصطلق جو

حاشيو (1) ان لاءِ دليل اهو ڏجي ٿو تہ ان غزوي تان موٽندي افڪ (بيبي عائشہ رضہ تي بهتان هڻڻ) جو واقعو پيش آيو ۽ ياد رهي تہ اهو واقعو بيبي زينب رضہ سان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي پرڻجڻ ۽ مسلمان عورتن لاءِ پڙدي جو حڪم ٿيڻ کانپوءِ ٿيو. جيئن تہ بيبي زينب رضہ جو پرڻو 5 هہ جي صفا پڇاڙيءَ ۾ يعني ذوالقعد يا ذوالحج سن 5 هہ ۾ ٿيو هو ۽ ان ڳالهہ تي سڀ متفق آهن تہ اهو غزوو شعبان جي مهيني ۾ ئي ٿيو. انڪري اهو شعبان جو مهينو 5 هہ جو نہ پر سن 6 هہ جو ئي ٿي سگهي ٿو. ٻئي پاسي جيڪي ماڻهو هن غزوي جو دور سن 5 هہ جو شعبان ٻڌائين ٿا، انهن جو

دليل اهو آهي تہ افڪ واري حديث۾ افڪ وارن اصحابين جي سلسلي۾ حضرت سعد بن معاذ رضہ ۽ سعد بن عباده رضہ جي وچ ۾ سخت منهن مانري ٿي پئي هئي. ياد رهي تہ سعد بن معاذ رضہ سن 5 هہ جي پڇاڙيءَ ۾ غزوه بنو قريظہ ڪانپوء گذاري ويو هو. انڪري افڪ واري واقعي مهل سندن هجڻ، ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهو واقعو ۽ اهو غزوو سن 6 هہ ۾ نہ پر سن 5 هہ ۾ ٿيو.

ان جو جواب پهرين ڌر اهو ڏنو تہ افڪ واري حديث ۾ حضرت سعد بن معاذ رضہ جو ذڪر، راويءَ جي ڀل آهي، ڇو تہ اها ئي حديث بيبي عائشہ رضہ ڪان ابن اسحاق زهري عن عبدالله بن عتبہ عن عائشہ رضہ جي سند سان ڏني آهي. ان ۾ سعد بن معاذ رضہ بدران اسيد بن حضير رضہ جو نالو آهي. تنهنڪري امام ابو محمد بن حزم چوندو هو تہ بيشڪ اهو صحيح آهي ۽ سعد بن معاذ رضہ جو ذڪر ڀلپ ۾ ٿيل آهي. (ڏسو زاد المعاد 115/2)

منهنجو عرض اهو آهي تہ جيتوڻيڪ پهرين ڌر جو دليل ڇڱو خاصو وزني آهي، (۽ انڪري ئي آئون بہ ان ڪي

مجيندو هوس) پر ڏيان سان جاچڻ ڪانپوءِ خبر پوندي تہ هن دليل جو مک نقطو اهو آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ، بيبي زينب رضہ سان سن 5 هہ جي پڇاڙيءَ ۾ پرڻيا. جڏهن تہ ان بابت ڪن شبهن ڪانسواءِ ڪابہ پڪي شاهدي نٿي ملي. جڏهن تہ افڪ واري واقعي ۾ ۽ ان ڪانپوءِ حضرت سعد بن معاذ رضہ (متوفي 5 هہ) جو هجڻ گهٽين روايتن مان ثابت آهي، جن کي پولو سمجهڻ نيڪ نہ ٿيندو. انڪري ائين چئو نہ سمجهجي تہ بيبي سڳوري رضہ جو پرڻو 5 هہ جي منڍ ۾ ٿيو هجي ۽ افڪ وارو واقعو ۽ غزوه بني المصطلق، شعبان سن 5 هہ ۾ ٿيو هجي.

سردار حارث بن ابي ضرار، پاڻ سڳورن ﷺ سان ويڙهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجي قبيلي ۽ ڪن ٻين عربن ساڻ پيو اچي. پاڻ سڳورن ﷺ، بريده بن حصيب رضہ اسلمي کي سڌس وٺڻ لاءِ موڪليو. جنهن، ان قبيلي ۾ وڃي حارث بن ابي ضرار سان ملاقات ڪئي ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪري موٽي اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر ڏنائين.

جڏهن پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي پڪ ٿي ته اصحابي سڳورن رضہ کي تياريءَ جو حڪم ڏنائون ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا نڪري پيا. پاڻ صلی اللہ علیہ وسلم 2 شعبان تي نڪتا هئا. هن غزوي ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان گڏ ڪپتين جو هڪ ٽولو به هو، جيڪو ان کان اڳ ڪنهن به جنگ ۾ نه ويو هو. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم مديني جي واڳ حضرت زيب بن حارثہ رضہ کي (ڪي چون ٿا ته حضرت ابو ذر رضہ کي ۽ ڪي چون ٿا ته نميلہ بن عبدالله ليثي رضہ کي) ڏني. حارث بن ابي ضرار، اسلامي لشڪر جي سڌس وٺڻ لاءِ هڪ خابرو موڪليو، پر مسلمانن ڪيس جهلي ماري ڇڏيو.

جڏهن حارث بن ابي ضرار ۽ سندس ساٿارين کي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي نڪرڻ ۽ پنهنجي خابروءَ جي مارجڻ جو پتو پيو ته اهي ڊڄي ويا ۽ جيڪي عرب ساڻن گڏ هئا، سي ڇڙوڇڙ ٿي ويا. پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم مريسيع جي چشمي (1) وٽ پهتا ته بنو المصطلق، جنگ لاءِ تيار ٿي ويا. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ۽

حاشيو (1) مريسيع، قديد جي ڀرپاسي ۾ سمنڊ جي ڪپ جي ويجهو، بنو المصطلق جي هڪ چشمي جو نالو آهي.

اصحابي سڳورن بہ صفون ٻڌيون. سڄي اسلامي لشڪر جو علمبردار حضرت ابوبڪر رضہ هو ۽ رڳو انصارين جو جهنڊو حضرت سعد بن عباده رضہ وٽ هو. ڪجهہ دير تہ ڏرين۾ تيرن جي ڏي وٺ ٿي، ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم تي اصحابي سڳورن يڪو حملو ڪيو ۽ سوڀ ماڻي. مشرڪن هارايو ۽ ڪجهہ مارجي بہ ويا. ماين ۽ ٻارن کي باندي بڻايو ويو. ڍور ۽ ٻڪريون بہ هٿ آيون. مسلمانن مان رڳو هڪ ڄڻو ماريو ويو، جنهن کي هڪ انصاريءَ، دشمن جو ماڻهو سمجهي ماريو هو.

هن غزوي بابت سيرت نگارن جو بيان اهو ئي آهي، پر علامہ ابن قيم لکيو آهي تہ اهو غلط آهي، ڇو تہ هن غزوي۾ ويڙهہ نہ ٿي هئي. بلڪ پاڻ سڳورن ﷺ چشمي وٽ انهن تي ڇاپو هڻي عورتن، ٻارن ۽ وهٽن تي قبضو ڪيو هو. جيئن صحيح بخاريءَ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ، بنو

المصطلق تي ڇاپو هنيو ۽ اهي غافل هئا. الیٰ آمر الحديث (2)

حاشيو (2) ڏسو صحيح بخاري - ڪتاب العتق 1/345 - فتح الباري 7/431

باندين ۾ بيبي جويره رضہ بہ هئي، جيڪا بنو المصطلق جي سردار حارث بن ابي ضرار جي نياڻي هئي. پاڻ، ثابت بن قيس رضہ جي حصي ۾ آئي. ثابت رضہ کين مڪاتب (3) ڪيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ مقرر ڪيل اگهہ ڏئي ان سان پرڻو ڪيو. ان شاديءَ ڪري مسلمانن، بنو المصطلق جي هڪ سؤ

حاشيو (3) مڪاتب ان ٻانهي يا ٻانهيءَ کي چئبو آهي، جيڪو مالڪ سان مقرر ڪيل رقم عيوض آجو ٿيڻ جو ناهہ ڪري.

گهراڻن کي، جيڪي مسلمان ٿي ويا هئا، تن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ چيائون تہ اهي پاڻ سڳورن ﷺ جي ساهرن مان آهن. (1)

حاشيو (1) زاد المعاد 12/2، 13 - ابن هشام 289/2، 290، 294، 295

اهو آهي غزوي جو تفصيل. باقي بچيا اهي واقعا، جيڪي هن غزوي ۾ پيش آيا ته جيئن ته انهن جي جڙ ڪپتين جو سردار عبدالله بن ابي ۽ سندس ساٿاري هئا، انڪري ضروري آهيته پهرين اسلامي معاشري ۾ سندن هلت چلت جي هڪ جهلڪ ڏجي ۽ پوءِ واقعن جو تفصيل لکجي.

غزوه بني المصطلق کان اڳ ڪپتين (منافقن) جو رويو:-

اسين ڪيترائي ڀيرا ٻڌائي آيا آهيون، ته عبدالله بن ابي کي مسلمانن ۽ اسلام سان عام ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان خاص وير هو، ڇو ته اوس ۽ خزرج وارا سندس اڳواڻيءَ تي يڪراءِ تي چڪا هئا ۽ سندس تاجپوشيءَ لاءِ ڪوڏين جو تاج ٺهرائي رهيا هئا جو ايتري ۾ مديني ۾ اسلام جي روشني پهچي وئي ۽ ماڻهن جو ڌيان ابن ابي تان هٽي ويو. انڪري هن سمجهيو ته پاڻ سڳورن ﷺ ڪانئس بادشاهت ڦري ورتي آهي.

سندس اهو ساڙ منث کان ئي پڌرو هو. جڏهن اجا هن اسلام نہ قبوليو هو. پوء مسلمان ٿيڻ کان اڳ هڪ ڀيرو پاڻ سڳورا ﷺ گڏهہ تي چڙهي حضرت سعد بن عباده رضہ جي عيادت ڪرڻ لاء پئي ويا تہ رستيہ هڪ مجلس وٽان لنگهيا، جنهہ عبدالله بن ابي بہ ويٺل هو. هن، پنهنجو نڪ ڍڪيندي چيو تہ اسان تي دز نہ اڏاء. پوء جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ مجلس وارن آڏو قرآن پڙهيو تہ چوڻ لڳو تہ "وڃي پنهنجي گهر ويهہ، اسانجي مجلسہ قرآن ٻڌائي ٻڌائي تنگ نہ ڪر."(2)

حاشيو (2) ابن هشام 584/1، 587 - صحيح بخاري 924 - صحيح مسلم 109/2

اها مسلمان ٿيڻ کان اڳ جي ڳالهہ آهي، پر بدر واري لڙائيہ جڏهن هن هوا جو رخ ڏسي اسلام قبوليو، تڏهن بہ هو الله، ان جي رسول ۽ ايمان وارن جو ويري ئي رهيو ۽ اسلامي معاشري ۾ ڦيٽاڙو ڪرڻ ۽ اسلام جي آواز کي جهڪو ڪرڻ جي ڪم ۾ لاڳيتو رڌل رهيو. هن اسلام جي

ويرين سان چڱا ناتا رکيا ٿي. جيئن بنو قينقاع جي معاملي ۾ اڻوٽندڙ طريقي سان ٽپي پيو هو. (جنهن جو ذڪر ڪري چڪا آهيون) اهڙيءَ طرح احد واري لڙائيءَ ۾ به شر، بدعهدي، مسلمانن۾ قوت ۽ بيچيني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين. (ان جو ذڪر به آيل آهي.)

هن ڪپٽئي جي "ڳين ۽ دولابن جي حالت اها هئي جو اسلام قبولڻ بعد هر جمعي تي جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ خطبو ڏيڻ لاء ايندا هئا ته پهرين هي پاڻ اٿي بيهي چوندو هو ته "لوڪو! اهي توهانجي وچ ۾ الله جا رسول آهن. الله انهن جي وسيلي توهانکي عزت ۽ حترام ڏنو اهي، تنهنڪري سندن مدد ڪريو ۽ کين سگهارو ڪريو ۽ سندن ڳالهه ٻڌو ۽ مڃيو." ان ڪانپوء هو ويهي رهندو هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ اٿي خطبو پڙهندا هئا. سندس نڪ جي پڪائي ۽ بيحيائي ايتري وڌي وئي جو جڏهن احد واري لڙائيءَ ڪانپوء پهريون جمعو آيو ته هي ماڻهو ان لڙائيءَ۾ بدترين دغابازي ڪرڻ ڪانپوء به خطبي کان اڳ اٿي بيٺو ۽ اهي ئي ڳالهيون ورجائڻ لڳو، جيڪ اڳي ڪندو هو، پر هن

پيري مسلمانن کيس ڪپڙن کان جهلي چيو تہ "او الله جا ويريؤ ويهي رهو. تو جيڪي حرڪتون ڪيو آهن، تن ڪانپوءِ تون ان لائق رهيو ئي ڪونہ آهين." ان تي هو، ماڻهن کي اورانگهيندو، اها بڙ بڙ ڪندو ٻاهر نڪري ويو تہ همراهہ جي حمايت ڇا ڪيم، ڇڻ کو ڏوهہ ڪري وڌم. اتفاق سان در تي هڪ انصاري کيس ملي ويو. ان چيس تہ ڇوڙ پوئي، موٽي هل! پاڻ سڳورا ﷺ تنهنجي ڇوٽڪاري جي دعا ڪري ڇڏيندا. هن چيو تہ خدا جو قسم! آئون چاهيان ئي ڪونہ ٿو تہ منهنجي ڇوٽڪاري لاءِ دعا گهري وڃي.(1)

حاشيو (1) ابن هشام 105/2

ان ڪانسواءِ ابن ابي، بنو نضير سان بہ ناتا رکيا هئا ۽ ان هن سان ملي مسلمانن خلاف ڳجهہ ڳوهہ ۾ سازشون سٽيون هئائين. اهڙيءَ طرح ابن ابي ۽ سندس ساٿارين خندق واري جنگ۾ مسلمانن ۾ ڏڦير ۽ ڦڙڦوٽ وجهڻ لاءِ ۽ انهن کي ديڄارڻ لاءِ هر طرح جا جتن ڪيا هئا. جن جو ذڪر الله تعاليٰ سوره احزاب جي هيٺين آيتن ۾ ڪيو آهي.

(نوٽ هتي سوره احزاب جون آيتون 33: 12 کان 20 تائين الرحيق المختوم جي صفحو 446 تان لکبيون.)

ترجمو:- ۽ ان مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن چيو ته الله ۽ سندس پيغمبر اسانکي ٺڳيءَ کانسواءِ (ٻيو) ڪو انجام نه ڏنو آهي ۽ ان مهل هڪ ٽوليءَ چيو ته اي مديني وارؤ! اوهان لاءِ (هتي ترسڻ جي) ڪا جاءِ ڪانهي. تنهنڪري موٽو ۽ منجهانئن هڪ ٽوليءَ پيغمبر کان موڪلايو ٿي ۽ چوڻ لڳا ته اسانجا گهر هيڪلا آهن. جڏهن ته اهي هيڪلا نه هئا، پجڻ کانسواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نه هئن ۽ جيڪڏهن ان (مديني) جي آسپاس کان مٿن ڪا (ڪافرن جي) فوج اچي ڪڙڪي ها وري کين گهرو جنگ ڪرڻ پئي ها ته ضرور اها ڪن ها ۽ ان لاءِ ٿوري (دير) کانسواءِ ترسن ئي نه ها ۽ (هن کان) اڳ الله سان انجام ڪيو هئائون ته (ڄڻ لاءِ) پٺيون نه ڦيريندا ۽ الله جي انجام جو (ضرور) پڇاڻو ٿيندو. (کين) چئه ته جيڪڏهن اوهين مرڻ يا مارجڻ کان پجندؤ ته پجڻ اوهانکي فائدو نه ڏيندو ۽ ان مهل بلڪل ٿورو ئي فائدو ڏنو ويندوَ. (اي پيغمبر!) کين

چئہ تہ اوهانکي الله (جي عذاب) کان ڪير بچائيندو. جيڪڏهن اهو اوهانکي ڪا اوکائي پهچائڻ گهري يا اوهانکي ڪا ٻاجهہ پهچائڻ گهري (تہ اها ڪير روڪيندو) ۽ الله کانسواء پاڻ لاء نڪو دوست ۽ نہ مددگار لهندا. اوهان مان (جهاد کان) جهليندڙن ۽ پنهنجن ڀائرن کي (هيئن) چوندڙ تہ اسان ڏانهن اچو. بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽ ٿورن کانسواء (ٻيا) لڙائيءَ ۾ نٿا اچن. (هٿون) اوهان تي ٻيپچائي ڪندڙ آهي. پوء جنهن مهل ڊپ جو وقت اچي (تنهن مهل) ڪين ڏسندين تہ تو ڏانهن نهاريندا آهن جو سندن اکيون ان (ماڻهوءَ) وانگر ڦرنديون آهن، جنهن تي موت (جي سڪرات) جي بيهوشي پهتي هجي. پوء جنهن مهل (جنگ جو) پوُ لهندو آهي، تنهن مهل (غنيمت جي) مال وٺڻ تي لالچي ٿي اوهانکي تکين زبانن سان ايذائيندا آهن. انهن ايمان نہ آندو، تنهنڪري الله سندن عمل چٽ ڪيا ۽ اهو ڪم الله کي آسان آهي. (ڊپ کان) ڀائيندا آهن تہ (ڪافرن جا) ڪٽڪ نہ ويا آهن ۽ جيڪڏهن (ڪافرن جا) ڪٽڪ اچن ها تہ (هيءَ ڳالهہ) گهرن ها تہ اهي جيڪر

جهنگن ۾ وينل هجن ها (۽) اوهانجون خبرون هر ڪنهن ڪان پڇندا رهن ها ۽ جيڪڏهن اوهانءِ هجن ته رڳو ٿورو (اڃي) جنگ وڙهن.

انهن آيتن ۾ موقعي مطابق ڪپتين جي ڪردار، سوچ ۽ خودغرضي ۽ موقعي پرستيءَ جو چٽو نقشو چڪيو ويو آهي.

جيتوڻيڪ يهودين، منافقن ۽ مشرڪن، مطلب ته اسلام جي سيني دشمنن اه ڳالهه پليءَ پت ڄاتي ٿي ته اسلام جي غلبي جو ڪارڻ مادي (يعني هٿيار، لشڪر يا گهڻائي) ڪونهي، پر ان جو ڪارڻ اها خدا پرستي ۽ اخلاقي قدر آهن، جن سان سڄو اسلامي سماج ۽ دين اسلام سان ناتو رکندڙ هر ماڻهو سرفراز آهي. انهن اسلام جي دشمنن کي اهو به پتو هو ته ان فيض جو سرچشمو پاڻ سڳورن ﷺ جي ذات بابرڪات آهي، جيڪا اخلاقي قدرن جو معجزي جي حد تائين بلند نمونو اهي.

اهڙيءَ طرح اهي اسلام جي دشمن چئن پنجن سالن تائين وڙهندي جهڙندي اهو به سمجهي ويا هئا ته هن دين ۽

دين وارن کي هٿيارن سان ختم نٿو ڪري سگهجي. انڪري ئي انهن اهو رٿيو هو تہ اخلاقي پهلوءَ کي بنياد بڻائي هن دين خلاف واءِ واءِ ڪري ڇڏجي ۽ ان جو پهريون نشانو خاص طور تي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي هستيءَ کي بڻايو وڃي. جيئن تہ ڪپتيا، مسلمانن جي گهر جا ڀيدي هئا ۽ مديني ۾ ئي رهندا هئا، اهي مسلمانن سان بنا روڪ ٽوڪ جي ملي جلي سگهيا ٿي ۽ وجهہ ملڻ تي مسلمانن کي ڀڙڪائي بہ سگهيا ٿي. انڪري واءِ واءِ ڪرڻ جو بار انهن ڪپتين پنهنجي سر کنيو يا انهن جي مٿان وڌو ويو ۽ عبدالله بن ابي، ڪپتين جي سردار، ان جي مهنداريءَ جو ذمو پاڻ کنيو.

سندس اهو پروگرام ان مهل ٿورو پڌرو ٿيو، جڏهن حضرت زيد رضہ، بيبي زينب رضہ کي طلاق ڏني ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم، بيبي زينب رضہ سان پرڻيا. جيئن تہ عربن ۾ اهو دستور هو تہ اهي متبنيٰ(گود ورتل پٽ) کي پنهنجي سڳي پٽ وانگر سمجهندا هئا ۽ ان جي زال کي سڳي پٽ جي زال وانگر سمجهندا هئا. انڪري جڏهن پاڻ سڳورا

صلى الله عليه وسلم، بيبي زينب رضہ سان سان پرڻيا تہ ڪپتين ڪي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم خلاف واويلا ڪرڻ جا بہ وجهہ ملي ويا.

هڪ اهو تہ حضرت زينب رضہ، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي پنجين گهر واري هئي. جڏهن تہ قرآن، چئن ڪان مٿي زالون رکڻ جي اجازت ناهي ڏني، انڪري اها شادي ڪيئن ٿي صحيح ٿي سگهي؟

ٻيو اهو تہ بيبي سڳوري رضہ، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي گود ورتل لپٽ جي گهر واري هئي. انڪري عربن جي دستور مطابق ان سان پرڻجڻ وڏو ڏوهہ ۽ گناهہ هو. اهڙيءَ طرح هن معاملي جي ڏاڍي واء واء ڪئي وئي ۽ قسمين قسمين قصا ٺاهيا ويا. چوڻ وارن تہ اهو بہ چيو تہ محمد صلى الله عليه وسلم، زينب رضہ کي اوچتو ڏٺو ۽ سندن سونهن کان ايترو متاثر ٿيو جو دل ڏئي ويٺو ۽ جڏهن سندن پٽ زيد رضہ کي پتو پيو تہ ان، زينب رضہ کي محمد صلى الله عليه وسلم لاء ڇڏي ڏنو.

ڪپتين ان قصي جي ايڏي تہ واء واء ڪئي جو ان جا اثر اڃا تائين حديثن ۽ تفسيرن جي ڪتابن نظر اچن پيا. ان مهل اها سڀ واء واء ڪمزور ۽ سادن سودن مسلمانن

ايڏي سگهاري ثابت ٿي. نيٺ قرآن مجيد ۾ ان جي باري ۾ چٽيون آيتون لٿيون، جن سان ان لڪل شڪ جو پورو پورو علاج ٿيو. ان واويلا جي ڦهلاءَ جو ڪاٽو ان مان ڪري سگهجي ٿو ته سوره احزاب جي منڍ ۾ ئي هيءَ آيت ڏنل آهي ته "يا ايها..............حڪيما (1:33)

ترجمو:- اي پيغمبر! الله کان ڊڄ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نه مڃ. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

اهو ڪيتين، منافقن ڏانهن هڪ مٿاڇرو اشارو ۽ مختصر خاڪو آهي. پاڻ سڳورا ﷺ اهي سڀ حرڪتون صبر سان سهي رهيا هئا ۽ عام مسلمان به هن شر کان پاڻ بچائي صبر ۽ سهپ جو مظاهرو ڪري رهيا هئا، ڇو ته ڪين تجربو هو ته ڪيتيا، قدرت پاران هر هر خوار خراب ڪيا ويندا. جيئن ارشاد آهي ته "اولا يرون.....................دذڪرون (126:9)

ترجمو:- نه ڏسندا آهن ڇا ته هر سال هڪ ڀيرو يا به ڀيرا سزا ڏني ويندي اٿن. بيشڪ؟ وري نڪي توبه ڪندا آهن ۽ نڪري اهي نصيحت وٺندا آهن.

غزوه بنو المصطلق ڪپتين (منافقن) جو ڪردار:- جڏهن بني المصطلق واري جنگ تي ۽ ڪپتيا بہ انهن شامل هئا تہ انهن بلڪل ائين ڪيو، جيڪو هن آيت ۾ ٻڌايل آهي تہ لو خرجو فيڪم ....الفتنہ (47:9)

ترجمو:- جيڪڏهن اوهان سان (گڏجي) نڪرن ها تہ اوهان ۾ شرارت ڪانسواء ڪجهہ نہ وڌائين ها ۽ ضرور اوهانجو بگيڙ گهرندڙ تي اوهانجي وچ ۾ فساد وجهڻ لاء ڊوڙن ها.

اهڙيءَ طرح هن غزوي ۾ ڪين اندر جي باهہ ڪڍڻ جا ٻہ وجهہ مليا، جن مان فائدو وٺندي انهن، مسلمانن ۾ چڱو خاصو ڏڦير ۽ ڦڙڦوٽ وجهي ڇڏي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي خلاف ڏاڍي واء واء ڪئي. انهن جو تفصيل هن ريت آهي.

1. مديني جي سپ کان ٻيڙي ماڻهوءَ کي ڪڍڻ جي ڳالهہ:-

پاڻ سڳورا ﷺ غزوہء بني المصطلق کان واندا ٿي اجا مريسيع نالي چشمي وٽ ئي رهيو هئا جو ڪجهہ ماڻهو پاڻي پرڻ ويا. انهن ۾ حضرت عمر رضہ جو هڪ مزدور بہ هو، جنهن جو نالو جهجاه غفاري هو. پاڻيءَ وٽ هڪ ٻئي همراهہ سنان بن دبر جهنيءَ جي ٽيلها ڏيڻ تي ٻنهي ۾ جهيڙو

ٿي پيو. پوءِ جهنيءَ پڪاريو، يا معشر الانصار (اي انصاريو! مدد لاءِ پهچو) ۽ جهجاه پڪاريو، يا معشر المهاجرين! (اي مهاجرو! مدد لاءِ پهچو) پاڻ سڳورا ﷺ خبر پهچندي ئي اتي پهتا ۽ فرمايائون تہ "آئون اجا توهان ۾ موجود آهيا، پوءِ بہ جهالت وارا سڏ پيا ڏيو؟ هن کي ڇڏي ڏيو، اهو ڌپ وارو (پاٽي) آهي."

ان واقعي جي خبر عبدالله بن ابي ابن سلول کي پئي تہ ڪاوڙ ۾ پڙڪي پيو ۽ چيائين تہ "ڇا انهن اها حرڪت ڪئي آهي؟ اهي اسانجن پٽن ۾ اچي هاٽي اسانجا ئي وري ۽ مدمقابل ٿي ويا آهن! خدا جو قسم! اسانجي ۽ انهن جي حالت تي وڏن جي اها چوٽي ٺهڪي اچي ٿي تہ پنهنجن ڪتن کي تاري وڏو ڪريو تہ جيئن اوهانکي ئي ڦاڙي ڪائين. ٻڌو! خدا جو سنهن! جڏهن اسان مديني پهچون ت هاسانجو سڀ کان معزز ماڻهو، سڀ کان بيڇڙي ماڻهوءَ کي ڌڪي ٻاهر ڪري." پوءِ ويٺلن کي چيائين تہ اها مصيبت توهان پاڻ پنهنجي سر ڪنئي آهي. توهان انهن کي پنهنجي شهر ۾ آندو ۽ پنهنجي ميڙي پونجي ورهائي ڏني. ڏسو! توهان وٽ

جيڪي ڪجهه آهي، جيڪڏهن اهو ڪيس ڏيڻ بند ڪريو ته هو توهانجو شهر ڇڏي ٻئي پاسي هليو ويندو."

ان مهل مجلس ۾ نوجوان اصحابي حضرت زيد بن ارقم رضہ بہ ويٺل هو، ان اچي پنهنجي چاچي کي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي. سندن چاچي، پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر پهچائي. ان مهل حضرت عمر رضہ بہ ويٺل هو، جنهن جيو ته سائين! عباد رضہ بن بشر کي چئو ته هن کي ماري ڇڏي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته عمر رضہ ! اهو ڪيئن ٺيڪ ٿي سگهي. ماڻهو چا چوندا ته محمد ﷺ پنهنجن ئي ساٿين کي پيو مارائي. نه، بلڪ هلڻ جو پڙهو ڏياري ڇڏ."

اهو اهڙو وقت هو، جنهن مهل پان سڳورا ﷺ روانا ڪونہ ٿيندا هئا. ماڻهو هلڻ لڳا ته حضرتاسيد بن حضير رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو ۽ سلام واري چيائين ته اڄ توهان بي مهلائتو هلڻ جو حڪم ڏنو آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته توهانجي چڱي مڙس (يعني ابن ابي) جيڪي چيڱ آهي، اهو تو تائين نہ پهتو آهي؟ هن

پڇيو تہ ان ڇا چيو آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "سندس خيال آهي تہ جڏهن هو مديني پهچندو تہ سڀ کان معزز ماڻهو سڀ کان بيڇڙي ماڻهوءَ کي مديني مان تڙي ڪڍندو." هن چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! خدا جو قسم! هو ذليل آهي ۽ اوهان عزت وارا." ان کانپوءِ چيائين تہ "يا رسول الله ﷺ! هن سان نرمي ڪريو، ڇو تہ بخدا، الله تعاليٰ اوهانکي ان مهل اسان وٽ پهچايو، جڏهن سندس قوم ڪيس پٽ پهرائڻ لاءِ ڪوڏين جو ڇٽ تهرائي رهي هئي. انڪري هاڻي هو سمجهي ٿو تہ توهان ڪانئس، سندس بادشاهت ڇني ورتي آهي."

پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات هلندا رهيا ۽ ٻئي ڏينهن بہ ايتري دير تائين سفر ڪندا رهيا جو اس ساڙڻ لڳي. ان کانپوءِ هڪ هنڌ لٿا تہ ماڻهو زمين تي ليٽيندي ئي بيخبر سمهي پيا. پاڻ سڳورن ﷺ بہ اهو ئي چاهيو ٿي تہ ماڻهن کي سک سان ويهي ڪجهہ ڪرڻ جو وجهہ نہ ملي.

هوڏانهن عبدالله بن ابي کي پتو پيو ته زيد بن ارقم رضہ ڳالهہ کولي ڇڏي آهي ته هو پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ پهتو ۽ الله جو قسم کڻي چوڻ لڳو ته هن جيڪا ڳالهہ ٻڌائي آهي، اها ڳالهہ مون نہ ڪئي آهي ۽ اهڙي ڳالهہ زبان تي آندي اٿم. ان مهل اتي ڪجهہ انصاري بہ وينل هئا. انهن بہ چيو تہ "يا رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم! اجا هي ٻار آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڀليو هجي ۽ هن جيڪي چيو هجي، سو ڪيس چڱيءَ طرح ياد نہ رهيو هجي!"

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، عبدالله بن ابي جي ڳالهہ کي سچ سمجهيو. حضرت زيد رضہ جو بيان آهي تہ ان تي مونکي اهڙو ڏک ٿيو، جهڙي اڳ ڪڏهن نہ ٿيو هئم ۽ آئون ڏکہ گهر وڃي ويهي رهيس. نيٺ الله تعاليٰ سوره منافقين لاٿي، جنهن ۾ ٻئي ڳالهيون آهن تہ هم الذين............ينفضوا (7:63)

ترجمو:- اهي اهڙا آهن جو (هڪٻئي کي) چوندا آهن تہ جيڪي (مهاجر) الله جي پيغمبر وٽ آهن، تن تي خرچ نہ ڪريو، تانجو ڇڏي وڃن.

يقولون لئن...........منها الاذل (8:63)

ترجمو:- چوندا آهن تہ جيڪڏهن (اسين) مدينےۃ موٽ: پهتاسون تہ وڏيڪ عزت وارو، وڏيڪ بيعزتي ڪي اتان ضرور ڪڍي ڇڏيندو.

حضرت زيد رضہ جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم مونکي سڏائي اهي آيتون ٻڌايون ۽ چيو تہ الله تنهنجي تصديق ڪئي آهي.(1)

حاشيو (1) ڏسو صحيح بخاري 499/1، 228/2، 229 - ابن هشام 290/2، 291، 292

ان ڪپتئي جو (باسعادت) پٽ، جنهن جو نالو بہ عبدالله رضہ و، سندس ابتڙ چڱو ماڻهو ۽ وڏن اصحابين منجهان هو. ان پنهنجي پيءُ جي عمل کان بيزاري ڏيکاري ۽ مديني جي در تي تراڙ جهلي بيهي رهيو. جڏهن عبدالله بن ابي اتي پهتو تہ کيس چيائين تہ خدا جو قسم! تون هتان اڳتي وڌي بہ ڪونہ سگهندين، جيستائين پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم توکي موڪل نہ ڏين. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اتي

پهچي ڪيس مديني ۾ گهڙڻ جي موڪل ڏني، تڏهن پٽ، پيءُ جو رستو ڇڏيو. عبدالله بن ابي جي ان ئي پٽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي اهو به چيو ته جي توهان هن کي مارائڻ گهرو ته مونکي ٻڌايو. خدا جو قسم هن جو سر توهانجي خدمت ۾ آڻي رکندس.(1)

حاشيو (2) ابن هشام جا ساڳيا صفحا ۽ مختصر السيره للشيخ عبدالله صفحو 277

2. اِفڪ وارو واقعو:- هن غزوي جو ٻيو خاص واقعو اِفڪ وارو واقعو آهي. هن واقعي جو تت آهي ته پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو دستور اهو هوندو هو ته سفر تي ويندي، بيبين سڳورين جي نالن جا پڪا وجهندا هئا ۽ جنهن جي نالي جو ڪٽو نڪرندو هو، ان کي ساڻ وٺي ويندا هئا. هن غزوي ۾ بيبي عائشه رضه جي نالي جو ڪٽو نڪتو ۽ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم کين ساڻ وٺي ويا. موٽڻ مهل هڪ جڳهه تي لٿا. بيبي عائشه رضه حاجت لاءِ وئي ۽ پنهنجي پيڻ کان اڏارو ورتل هار ڪائن وڃائجي ويو. ان ڳالهه جو احساس ٿيندي ئي

پاڻ هڪدم ان جاء تي وئي، جتي هار وڃايو هو. ان مهل اهي ماڻهو آيا، جيڪي سندن پالڪي اٺ تي ڪٽي رکندا هئا. انهن سمجهيو ته بيبي سڳوري پالڪيءَ ۾ ويٺل آهي، انڪري اها اٺ تي رکي ڇڏيائون ۽ پالڪيءَ جي هلڪي هجڻ تي شڪيا به ڪونه، ڇو ته بيبي عائشه رضہ اڃا ننڍي وهيءَ جي هئي ۽ سندن بت ڀريل ۽ ڳرو نه هو ۽ جيئن ته گهڻن ماڻهن پالڪي کنئي هئي، انڪري هلڪي هجڻ تي شڪ به ڪونه ٿين. جيڪڏهن رڳو هڪ يا ٻه ڄڻا پالڪي کڻن ها ته پڪ سان محسوس ڪري وٺن ها.

مطلب ته بيبي عائشه رضہ هار ڳولهي موٽي ته لشڪر روانو ٿي چڪو هو ۽ ميدان خالي پيو هو. نه ڪو سڏڻ وارو هو نه ئي سڏ ورائڻ وارو. پاڻ اهو سوچي اتي ويهي رهي ته ڪين ڏسي ڳولهڻ وارا موٽي اتي ايندا، پر الله تعاليٰ، جيڪو هر شيء تي قادر آهي، اهو مٿي آسمان تان ويهي جيئن وڻيس تيئن ڪري ٿو. تنهن ڪانپوء بيبي عائشه رضہ جي اک لڳي وئي. پوء صفوان بن معطل رضہ جو اهو آواز ٻڌي ڪين جاڳ ٿي ته انا للهِ و انا اليہ راجعون. پاڻ سڳورن

ﷺ جي گهرواري.....؟ هو گذريل رات کان پنڌ ڪري صبح جو اتي پڳو هو، جتي بيبي سڳوري ويٺل هئي. هن بيبي عائشه رضه کي سڃاتو، ڇو ته کين پڙجي جي حڪم کان اڳ ڏسي چڪو هو. ان، انا لله پڙهي ۽ پنهنجي سواري بيبيسڳوريءَ جي ويجهو ويهاري. بيبي عائشه رضه ان تي چڙهي. حضرت صفوان رضه انا للهِ کان سواءِ ٻي ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي. ماٺ ڪري سواريءَ جو رسو جهلي پنڌ هلندي لشڪر ۾ پهتو. اوڏي مهل ٻپهر ٿيا هئا ۽ لشڪر هڪ هنڌ ترسيل هو. کين ان حالت ۾ گڏ ايندي ڏسي جيترا هئا وات، اوترون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ الله جي دشمن نياڳي عبدالله بن ابي کي اندر جي اوبر ڪڍڻ جو هڪ ٻيو وجهه ملي ويو. جيئن ته سندس اندر ۾ حسن ۽ ساڙ جي چٽنگ دکامي رهي هئي، ان سندس لڪل ڪپت کي پڌرو ڪري وڌو. يعني بدڪاريءَ جي تهمت مڙهي ڳالهه ناهڻ ۽ واءِ واءِ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. سندس ساٿاري به ان ڪم ۾ جنبي ويا ۽ مديني پهچي انهن ڏاڍي واءِ واءِ ڪري ڏني. ٻئي پاسي پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ۾ هئا ۽ ڪجهه ڪونه ٿي ڪڇيائون، پر

جڏهن وحي اچڻ ۾ گهٽتا ڏينهن لڳا ته پاڻ سڳورا ﷺ، بيبي عائشه رضه کان ڌار ٿيڻ لاءِ پنهنجن ويساهه جوڳن اصحابين کان صلاحون وٺڻ لڳا. حضرت علي رضه اشارن ئي اشارن ۾ کين ڌار ٿي وڃڻ ۽ ٻي شادي ڪرڻ صلاح ڏني، پر اسامه رضه وغيره صلاح ڏني ته پاڻ سڳورا ﷺ اجا بيبي سڳوريءَ کي نڪاح ۾ رکن ۽ دشمنن جي ڳالهين تي ڌيان نه ڌرين. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ منبر تي چڙهي عبدالله بن ابي جي ايذائن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڌيان ڇڪرايو. ان تي حضرت سعد بن معاذ رضه ۽ اسيد بن حضير رضه، کيس مارڻ جي موڪل گهري، پر حضرت سعد بن عباده رضه تي قبائلي حميت غالت اچي وئي، جيڪو عبدالله بن ابي جي قبيلي خزرج جو سردار هو ۽ سندڻ ٻنهي ڄڻن سان منهن ماري ٿي پئي، جنهن جي ڪري ٻئي قبيلا ڀڙڪي پيا. پاڻ سڳورن ﷺ ڏاڍي مشڪل سان کين ماٺ ڪرائي ۽ پوءِ پاڻ به ماٺ ڪري ويهي رهيا.

هوڏانهن بيبي عائشه ر ﷺ جو حال اهو هو ته پاڻ غزوي تان موٽندي ئي بيمار ٿي پئي ۽ هڪ مهين تائين

لاڳيتي بيمار رهي. ڪين ان تهمت بابت خبر به ڪانه هئي. باقي ڪين ان ڳالهه جو ڪٿڪو ضرور هو ته پاڻ سڳورا ﷺ بيماريءَ ۾ جهڙيءَ طرح سندن سار سنڀال لهندا هئا، هاڻي اها نظر نه پئي اچي. چاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ هڪ رات ام مسطح رضه سان گڏ حاجت لاءِ ميدان ۾ وئي. اتفاق سان ام مسطح رضه پنهنجي چادر ۾ وچڙي ڪري پئي ۽ ان لاءِ پنهنجي پٽ کي پٽڻ لڳي. بيبي عائشه رضه، ڪين ٽوڪيو ته ان، بيبي عائشه رضه کي ٻڌايو ته منهنجو پٽ به واءِ واءِ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي ۽ پوءِ تهمت لڳڻ جي سڄي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌايائين. بيبي عائشه رضه موٽڻ ڪانپوءِ صحيح احوال ونڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ کان مائٽن ۾ وڃڻ جي اجازت گهري، موڪل ملڻ تي مائٽن ۾ وئي ۽ سڄي ڳالهه جي پڪي خبر پوڻ تي بي اختيار ٿي اچي روئڻ ۾ پئي ۽ لاڳيتو ٻه راتيون ۽ هڪ ڏينهن روئندي گذاريائين. ان دوران نه آرام ڪيائين ۽ نه ئي روئڻ بند ڪيائين. ڪين لڳو ٿي ته روئندي روئندي سندن هانءُ ڦاٽي پوندو. اهڙيءَ حالت ۾ پاڻ سڳورا ﷺ اتي آيا ۽ شهادت جي ڪلمي

تي خطبو پڙهيائون ۽ پوءِ فرمايائون تہ "اي عائشہ! مونکي تنهنجي باري ۾ هيءَ ڳالهہ معلوم ٿي آهي. جي تو ائين ناهي ڪيو تہ الله تعاليٰ جلد ئي تنهنجي آجي هجڻ جو ڄاڻ ڏيندم ۽ جي خدا نہ ڪري توڪان ڪو گناهہ ٿيو آهي تہ تون الله کان ڇوٽڪاري لاءِ دعا گهر ۽ توبهہ ڪر، ڇو تہ ٻانهو جڏهن گناهہ باسي الله آڏو توبہ ڪندو آهي تہ الله ان جي توبہ قبوليندو آهي."

ان مهل بيبي عائشہ رضہ جا لڙڪ بيهي رهيا ۽ هاڻي هڪ ڦڙو بہ ڪونہ ٿي وهيو. پاڻ، پنهنجن مائٽن کي چيائين تہ توهان، پاڻ سڳورن ﷺ کي جواب ڏيو، پر مائٽن جي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪهڙو جواب ڏين. تنهن تي بيبي عائشہ رضہ پاڻ ئي چيو تہ "والله آئون ڄاڻان ٿي تہ اها ڳالهہ بار بار ٻڌي توهانجي دلہ ۾ ويهي وئي آهي ۽ توهان ان ڳالهہ کي سچ سمجهي ڇڏيو آهي. انڪري جي آئون چوان تہ آئن بيڏوهي آهيان ۽ الله ڇڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ آئون بيڏوهي آهيان، تہ بہ توهان منهنجي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪندؤ ۽ جي آئون ڪا ڳالهہ مڃي ويهان، جڏهن تہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو تہ

آئون بيڏوهي آهيان تہ توهان هڪدم مڃي ويهندؤ. اهڙيءَ حالتيہ منهنجو ۽ اوهانجو مثال اهڙو آهي، جهڙ حضرت يوسف ع جي والد چيو هو تہ فبصر جميل ....مان تصنفون (18:12)

ترجمو:- تنهنڪري مونکي چڱو صبر ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي اوهين بيان ڪندا آهيو، تنهن تي الله کان مدد گهري وڃي ٿي.

ان ڪانپوءِ بيبي عائشہ رضہ پرتي وڃي ويٺي پئي ۽ ان مهل پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم تي وحي لهڻ لڳي. جڏهن وحي لهڻ جي شدت ۽ ڪيفيت ختم ٿي تہ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم مسڪرائڻ لڳا ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جيڪا ڳالهہ پهرين ڪئي، اُها اِها هئي تہ "اي عائشہ رضہ! الله توکي آجو ڪيو آهي. ان تي (خوشيءَ) سندن امڙ چيو تہ (عاشہ رضہ) پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏانهن مهڙ ڪر (ٿورا مڃ). بيبي سڳوريءَ پنهنجي بيڏوهي هجڻ ۽ پاڻ سڳورن جي محبت تي ڀروسو ۽ پڪ هئڻ سبب لاڏ ڪندي چيو تہ "والله! آئون انهن ڏانهن ڪونہ اينديس ۽ رڳو الله جي ساراهہ ڪنديس."

ان موقعي تي اِفڪ واري واقعي بابت جيڪي ڏهہ آيتون الله تعاليٰ نازل ڪيون، اهي سوره نورﻫ آهن، جيڪ اِن الذين جآء وا بالافڪ عصبہ منڪم کان شروع ٿين ٿيون.

ان ڪانپوء تهمت هڻڻ جي ڏوهﻫ مسطح بن اثابہ رضہ، حسان بن ثابت رضہ ۽ حمنہ بنت جحش رضہ کي اسي اسي ڪوڙا هنيا ويا. (1) باقي

حاشيو (1) اسلامي قانون اهو ئي آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن تي زنا جي تهمت مڙهي ۽ ثبوت نہ پيش ڪري تہ ان کي (يعني تهمت لڳائڻ واري کي) اسي ڪوڙآ هندا وجن.

عبدالله بن ابي هن سزا کان بچي ويو. حالانڪ تهمت هڻڻﻫ هو سڀ کان اڳيرو هو ۽ ان ئي هن معامليﻫ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ڪيس سزا نہ ڏيڻ جو سبب يا تہ اهو آهي تہ جن ماڻهن تي حد لاڳو ڪئي ويندي آهي اها سندن آخرت جي عذاب ۽ گناهہ جو ڪفارو بڻجي ٿي وڃي ۽ عبدالله بن ابي کي الله تعاليٰ آخرتﻫ سخت عذاب ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. يا وري اها ئي مصلحت ڪارفرما هئي، جنهن جي ڪري

سندس اسلام سان پڌرو وير هوندي بہ ڪيس ماريو نہ ويو.
(1) حافظ ابن حرن رحہ. امام حاڪم جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي تہ عبداللہ بن ابي تي بہ حد لڳائي وئي هئي.
حاشيو (1) صحيح بخاري 364/1، 696/2، 697، 698 - زاد المعاد 113/2، 114، 115 - ابن هشام 2/ 297 کان 307

اهڙيءَ طرح هڪ مهيني ڪانپوء مديني جي فضا شڪ شبهن ۽ بيچينيءَ کان پاڪ ٿي وئي ۽ عبداللہ بن ابي اهڙو خوار ٿيو جو پيهر سر نہ ڪڍي سگهيو. ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ ان ڪانپوء جڏهن بہ هو ڪا گڙٻڙ ڪندو هو تہ سندس ئي قوم جا ماڻهو ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا ۽ ٽوڪيندا هئا. اها حالت ڏسي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، حضرت عمر رضہ کي چيو تہ "اي عمر رضہ! ڇا ٿو پائنئين؟ ڏس! واللہ جيڪڏهن تون هن ماڻهوءَ کي ان ڏينهن ماري ڇڏين ها، جنهن ڏينهن تو، مون سان ڪيس مارڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ سندس گهڻائي گهڻ گهرا اٿي پون ها. پر جيڪڏهن اڄ سندس انهن گهڻ گهرن کي ڪيس مارڻ جو چئجي تہ اهي

كيس ماري ڇڏيندا." حضرت عمر رضہ چيو تہ "واللهٰ! مون اهو پليءَ پٽ ڇاٽي ورتو آهي تہ الله جي رسول جي سوچ منهنجي سوچ کان وڌيڪ وزن رکي ٿي.(2)

حاشيو (2) ابن هشام 293/2

غزوه مريسيع کانپوءِ جون فوجي مهمون

1. بني ڪعب جي ماڳ تي چڙهائي (دومت الجندل جو علائقو):- هي لشڪر حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ شعبان 6 هہ ۾ موڪليو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ ڪين پنهنجي آڏو ويهاري پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان پٽڪو ٻڌو ۽ ويڙهہ ۾ سٺي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي وصيت ڪيائون ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن اهي تنهنجي اطاعت قبولين تہ تون سندن بادشاهہ جي نياڻيءَ سان پرڻو ڪجان. حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ اتي پهچي ٽي ڏينهن لاڳيتو اسلام جي دعوت ڏني. نيٺ قوم وارن اسلام قبوليو. پوءِ حضرت عبدالرحمان رضہ تماضر بنت اصبغ سان شادي ڪئي. اها ئي حضرت عبدالرحمان رضہ جي پٽ ابو

سلمہ جي ماءُ بڻي. ان خاتون جو پيءُ پنهنجي قوم جو سردار ۽ بادشاهہ هو.

2. بني سعد جي ماڳ تي چڙهائي (فدڪ وارو علائقو):- هيءُ لشڪر شعبان 6 هہ ۾ حضرت علي رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ موڪليو ويو. ان جو ڪارڻ اهو هو جو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي پتو پيو تہ بنو سعد جي هڪ جماعت يهودين کي ڪمڪ پهچائڻ گهري ٿي. تنهنڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، حضرت علي رضہ کي ٻہ سؤ ماڻهو ڏئي موڪليو. اهي رات جو پنڌ ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي ويندا هئا. نيٺ هڪ خابرو هٿ لڳن. ان ٻاسيو تہ هنن، خيبر جي ڪڄين جي بدلي ۾ مدد ڏيڻ جي آڇ ڪئي آهي. تنهن ڪانپوء حضرت علي رضہ انهن تي راتاهو هڻي پنج سؤ اٺ ۽ ٻہ سؤ ٻڪريون هٿ ڪيون. باقي بنو سعد پنهنجن ٻارن ٻچن سان گڏ ڀڄي ويا. سندن سردار بر بن عليم هو.

3. وادي القري تي چڙهائي:- هيءُ لشڪر شعبان 6 هہ ۾ حضرت علي رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ رمضان 6 هہ ۾ موڪليو ويو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ بنو فزاره جي هڪ شاخ دولاب

سان پاڻ سڳورن صلی‌الله‌علیه‌وسلم کي مارڻ جو رٿيو هو. تنهنکري پاڻ سڳورن صلی‌الله‌علیه‌وسلم، ابوبکر صديق رضہ کي موکليو. حضرت سلمہ بن اکوع رضہ جو بيان آهي تہ هن جيگ ۾ آئون بہ ساڻن گڏ هوس. فجر نماز پڙهڻ کانپوء سندن حکم تي ڇاپو هنيوسين ۽ چشمي تي کاهي پياسين. ابوبکر صديق رضہ، کن ماڻهن کي ماريو. مون هک ٽولو ڏٺو، جنهن ۾ مايون ۽ ٻار بہ هئا. مونکي لڳو تہ متان هي مونکان اڳ جبل تي نہ چڙهي وڃن. مون کين جهلڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن جي ۽ جبل جي وچ ۾ تير اڇلايم. تنهن تي اهي بيهي رهيا. انهن ۾ ام قرفہ نالي هک مائي بہ هئي، جيڪا چمڙي جو پراڻو لباس پهريل هئي. ساڻس گڏ سندس ڌيءُ بہ هئي، جيڪا عربستان جي سهڻين عورتن مان هک هئي. آئون انهن سيني کي ڇڪيندو ابوبکر صديق رضہ وٽ وٺي آيس. انهن، اها ڇوکري مونکي ڏني. مون اجا کيس هٿ بہ نہ لاٿو هو جو پاڻ سڳورن صلی‌الله‌علیه‌وسلم اها ڇوکري مونکي (سلمہ بن اکوع رضہ) وٺي مکي موکلي ڇڏي ۽ موٽ ۾ اتي جي گهڻن ئي مسلمان ٻاندين کي آجو ڪرائي ورتو. (1)

حاشيو (1) ڏسو صحيح مسلم 89/2 چيو وڃي ٿو تہ هي سريو 7 هہ ۾ ٿيو هو.

4. عرنيہ وارن جي ڪڌ:- هي سريو شوال 6 هہ ۾ حضرت ڪرز بن جابر فهري رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ موڪليو ويو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ عڪل ۽ عرنيہ جا ڪجھہ ماڻهو مديني اچي مسلمان ٿيا ۽ مدينيءِ ئي رهي پيا. پر کين مديني جي آبهوا راس نہ آئي، تنهنڪري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، کين ڪجھہ اٺن سان گڏ چراگاه ڏي موڪلي ڇڏيو ۽ کين حڪم ڪيو تہ اٺن جو کير ۽ پيشاب پيئندا رهن. جڏهن اهي نوبنا ٿي ويا تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي اوٺار کي ماري، اٺ ڪاهي هليا ويا ۽ مرتد ٿي ويا. تنهنڪري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کين ڳولهڻ لاءِ ڪرز بن جابر فهري رضہ کي ويهن اصحابين سان روانو ڪيو ۽ اها دعا ڪئي تہ يا اللّٰه! عرنيہ وارن تي رستو انڌو ڪري ڇڏ ۽ ڪنگڻ ڪان بہ وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏ.

الله تعاليٰ اها دعا قبولي، تنهن ڪانپوءِ اهي جهلجي پيا ۽ مسلمان اوٺار ڪي مارڻ جي ڏوهہ قصاص طور سندن هٿ پير ڪپيا ويا، اکين ۾ گرم ڪانيون ڦيريون ويون ۽ ڪين حرّہ جي هڪ ڪندہ ڇڏيو ويو. جتي اهي پٽ تي تڙپي تڙپي مري ويا.(1) اهو واقعو صحيح بخاري وغيره ۾ حضرت انس رضہ کان آيل آهي.(2)

حاشيو (1) زاد المعاد 122/2

حاشيو (2) صحيح بخاري 602/2 وغيره

سيرت نگارن ان کانپوءِ هڪ ٻئي سريي جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيڪو حضرت عمرو بن اميہ ضمري رضہ، حضرت سلمہ رضہ بن ابي سلمہ جي ساٿ سان شوال 6 هہ ۾ سر ڪيو. ان جو تفصيل هن ريت ڄاڻايو ويو آهي تہ حضرت عمرو بن اميہ رضہ ضمري، ابوسفيان کي مارڻ لاءِ مڪي ويو هو، ڇو تہ ابو سفيان، پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ لاءِ هڪ اعرابيءَ کي مديني موڪليو هو، پر ٻنهي ڌرين مان ڪير بہ سوڀارو نہ ٿيو. سيرت نگار اهو بہ ٻڌائين ٿا تہ هن سفر ۾ حضرت عمرو رضہ ٽي ڪافر ماريا هئا ۽ حضرت خبيب رضہ

جو لاش ڪٽي ويو هو. حالانڪ حضرت خبيب رضہ جي شهادت جو واقعو رجيع ڪان ڪجهہ ڏهاڙا يا ڪجهہ مهينا پوء ٿيو ۽ رجيع وارو واقعو صفر 4 ھ جو آهي. ان ڪري آئون اهو سمجهڻ ڪان قاصر آهيان تہ اهي ٻئي واقعا الڳ الڳ سفرن جا آهن، جيڪي سيرت نگارن جي پلپ ڪري گڏ مڏ ٿي ويا آهن ۽ انهن ٻنهي کي هڪ سفر سمجهي ذڪر ڪيو ويو آهي يا اهو تہ اهي ٻئي واقعا سچ پچ بہ هڪ ئي سفر ۾ ٿيا آهن ۽ سيرت نگارن ڪان سال جو تعين ڪرڻ ۾ ڀولو ٿيو آهي ۽ انهن 4 ھ بدران 6 ھ ڄاڻايو آهي. حضرت علامہ منصورپوري رضہ بہ هن واقعي کي جنگي مهم يا سريو مڃڻ ڪان نابري واري آهي. والله اعلم.

اِهي آهن اُهي سريا ۽ غزوه، جيڪي خندق واري جنگ ۽ بني قريظہ تي چڙهائيءَ ڪانپوء ٿيا. انهن مان ڪنهن کي بہ سخت جنگ نٿو ڪوٺي سگهجي. رڳو ڪي ڪي معمولي جهڙپون ٿيون، تنهنڪري انهن مهمن کي جنگ بدران فوجي گشت ۽ تاديبي چرپر چئي سگهجي ٿو، جنهن جو مقصد ضدي بدوين ۽ مغرور دشمنن کي ڊيڄارڻ هو. غور سان

جاچڻ تي پتو پوي ٿو ته خندق واري جنگ ڪانپوءِ حالتون مٽجڻ لڳيون هيون ۽ اسلام جي دشمنن جا حوصلا پست ٿي رهيا هئا. هاڻي ڪين اها اميد ڪانه رهي هئي ته ڪو اسلام جي دعوت کي ٽوڙي ۽ ان جي شوڪت کي پائمال ڪري سگهجي ٿو. پر اها تبديلي اجا به ٿڌهن پڌري ٿي، جڏهن مسلمان صلح حديبيه کان فارغ ٿي ويا. اها صلح اصلهاسلام جي سگهه لاءِ مڃتا هئي ۽ ان سان پڪ ٿي وئي ته هاڻي هن سگهه کي عربستان مان ڪابه ڌر ختم نٿي ڪري سگهي.

صلح حديبيه (ذوالقعد 6 هه)

عمري تي اسرڻ جو سبب:- جڏهن عربستان جون حالتون گهڻي حد تائين مسلمانن جي حق۾ ٿي ويون ته اسلامي دعوت جي سوڀ ۽ وڏي فتح جا آثار هوريان هوريان ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ مسجد الحرام۾، جنهن جو دروازو مشرڪن،

مسلمانن تي ڇهه سال بند رڪيو هو. مسلمانن جي عبادت جو حق مڃڻ جي شروعات ٿي.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي مديني ۾ اهو خواب ڏيکاريو ويو ته پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽ اصحابي سڳورا ، مسجد الحرام ۾ گهڙيا آهن. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪعبت الله جي ڪنجي ورتي ۽ اصحابين ساڻ ڪعبت اللّٰه جو طواف ۽ عمرو ڪيو. پوءِ ڪن ماڻهن مٿو ڪوڙايو ۽ ڪن ٿورا وار ڪترايا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن رضہ کي اهو خواب ٻڌايو ته اهي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ انهن، اهو سمجهيو ته هن سال مڪي ۾ گهڙڻ نصيب ٿيندو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن کي اهو به ٻڌايو ته پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم عمرو ڪندا. انڪري اصحابي سڳورا به سفر لاءِ تيار ٿي ويا.

عمرو ڪرڻ لاءِ پڙهو گهمائڻ:- پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم مديني ۽ پرپاسي جي وسندين ۾ پڙهو ڏياريو ته هلڻ وارا پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان گڏ هلن. پر گهڻن اعرابين هلڻ ۾ دير ڪئي. ٻئي پاسي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اجرا ڪپڙا پاتا. مديني جي واڳ ام مڪتوم رضہ يا نميله رضہ ليثي کي ڏنائون ۽

پنهنجي قصواء نالي ڏاچيءَ تي چڙهي پهرين ذوالقعد 6 هه آچر جي ڏينهن نڪتا. ساڻن گڏ ام المؤمنين بيبي ام سلمه رضہ بہ هئي. چوڏنهن سؤ (يا پندرنهن سؤ) اصحابي سڳورا ساڻن گڏ هئا. پاڻ سڳورن ﷺ سفر وارو هٿيار يعني مياڻ ۾ بند تراڙن کانسواء ٻيو ڪوبہ هٿيار ساڻ نہ ڪنيو هو.

مڪي ڏانهن مسلمانن جو وڌڻ:- پاڻ سڳورن ﷺ جو رخ مڪي ڏانهن هو. ذوالحليفہ پهچي پاڻ سڳورن ﷺ هدي (1) کي پٽو ٻڌو ۽ ٿوها چيري نشان ناهيو.

حاشيو (1) هدي، اهو جانور، جيڪو حج ۽ عمري ڪرڻ وارا مڪي يا منيٰ ۾ ڪهن ٿا. جاهليت جي ڏينهن ۾ عربن جو دستور هو تہ هدي جو جانور رڍ، ٻڪري آهي تہ علامت طور ڳچيءَ ۾ پٽو وڌو ويجي ٿو ۽ جي اٺ آهي تہ ٿوهو چيري رت مکيو ويجي ٿو. اهڙي وهٽ کي ڪير بہ هٿ نہ لائيندو هو. شريعت بہ اهو دستور برقرار رکيو.

۽ عمري جو احرام ٻڌائون تہ جيئن ماڻهو مطمئن ٿين تہ پاڻ سڳورا ﷺ جنگ ڪونہ ڪندا. اڳيان خزاعہ قبيلي جو هڪ خابرو بہ موڪليو ويو تہ جيئن هو قريشن جي ارادن جي

خبرچار وٺي اچي. عسفان ويجهو پهتا تہ ان خابروءَ اچي خبر ڏني تہ آئون ڪعب بن لوَي وارن کي ان حالت ۾ ڇڏي آيو آهيان جو انهن، پاڻ سڳورن ﷺ سان وڙهڻ لاءِ حليف قبيلا گڏ ڪري ورتا آهن ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان وڙهڻ ۽ ڪين ڪعبت الله پهچڻ کان روڪڻ جو پڪو پهہ ڪري ويٺا آهِ. اها خبر ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن رضہ سان صلاح ڪئي ۽ چيو، "ڇا توهانجي اها راءِ آهي تہ جيڪي ماڻهو قريشن جي مدد لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا آهن، اسان انهن تي اوچتو ڪاهي پئون ۽ ڪين جهلي وٺون؟ ان ڪانپوءِ جيڪڏهن اهي ماٺ ڪري ويهندا تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ جنگ جي سختين سندن ڇيلهہ ڀڃي ڇڏي آهي ۽ جي هو وڙهن ٿا تہ بہ ان حالت ۾ جو الله تعاليٰ ڪين شڪست نصيب ڪندو. يا توهانجي اها راءِ آهي تہ اسين ڪعبت الله جو رخ ڪريون ۽ جيڪو اسانجي راهہ ۾ رنڊڪ وجهي، ان سان وڙهون؟ ان تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ عرض ڪيو تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻن ٿا. هونئن اسين عمري لاءِ آيا آهيون، ڪنهن سا وڙهڻ لاءِ نہ. پر جيڪو اسانجي ۽ ڪعبت

الله جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻبو. ان سان وڙهنداسين. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ پلي پوء هلو. تنهن تي ماڻهن سفر جاري رکيو.

ڪعبت الله پهچڻ کان مسلمانن کي جهلڻ جي ڪوشش:-

هوڏانهن قريشن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي نڪرڻ جي خبر پئي تہ انهن مجلس شوريٰ سڏائي ۽ طئہ ڪيو تہ ڪيئن بہ ڪري مسلمانن کي ڪعبت الله کان پري رکجي. تنهنڪري جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ حليف ذرين کان پاسو ڪندي سفر جاري رکيو تہ بني ڪعب جي هڪ ڄڻي اچي کين خبر ڏني تہ قريش ذوالطويٰ وٽ اڳ جهليو وينا آهن ۽ خالد بن وليد ٻہ سؤ سوارن جو جٿو وٺي ڪراع الغميمِ سنيرو بيٺو آهي. (ڪراع الغميم، مڪي وڃڻ واري مڪ واپاري رستي تي آهي) خالد، ملسمانن کي روڪڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، جو انن پنهنجن سوارن کي اهڙي هنڌ بيهاريو، جتان ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي ڏسي رهيون هيون. خالد، اڳين نماز مهل جڏهن ڏٺو تہ مسلمان رڪوع ۽ سجدي ۾ وڃي رهيا آهن تہ چوڻ لڳو تہ اهي غافل هئا، اسين ڪاهي پئون ها تہ کين

ماري وجهون ها. ان ڪانپوءِ وچين نماز مهل مسلمانن تي اوچتو ڪاهڻ جو رٿيائين، پر الله تعاليٰ ان وچ ۾ صلوات خوف (جنگ مهل پڙهجندڙ خاص نماز) جو حڪم نازل ڪيو ۽ خالد جي هٿان موقعو نڪري ويو.

خوني ٽڪراءَ کان بچڻ جي ڪوشش ۽ رستو مٽائڻ:-

هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ ڪراع الغميم جو مک لنگهه ڇڏي بيو ور وڪڙن وارو رستو اختيار ڪيو، جيڪو جابلو ورن وڪڙن منجهان لنگهيو ٿي. يعني پاڻ سڳورا ﷺ ساڄي پاسي کان ٿورو هيٺ لهي حمش جي وچ مان لنگهندي هڪ اهڙي واٽ تي هليا، جيڪا ثنيه المرار وٽان نڪتي ٿي. ثنيه المرار مان حديبيه ۾ لهن ٿا ۽ حديبيه، مڪي جي هيٺال ۾ آهي. اها واٽ وٺڻ جو فائدو اهو ٿيو ته ڪراع الغميم جو مک رستو، جيڪو تنعيم کان لنگهي حرم تائين وڃي ٿو ۽ جنهن تي خالد بن وليد جو جٿو اڳ جهلي بيٺو هو، اهو کاٻي پاسي رهجي ويو. خالد، جڏهن مسلمانن جي (هلڻ سان اٿيل) دز ڏسي محسسوس ڪيو ته انهن رستو مٽائي ڇڏيو

آهي تہ گهوڙو ڊوڙائي قريشن کي نئين خطري جي ڄاڻ ڏيڻ لاء ڊوڙندي مکي پهتو.

ٻئي پاسي پاڻ سڳورا ﷺ لاڳيتو هلندا رهيا. جڏهن ثنيتہ المرار پهتا تہ ڏاچي ويهي رهي. ماڻهن گهڻو ئي هکلون ڪيس، پر اها ويٺي رهي. ماڻهن چيو تہ قصواء اَڙِي ڪئي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ قصواء اَڙِي نہ ڪئي آهي ۽ نہ ڪو هن کي اهڙي هير آهي، پر ڪيس ان هستيءَ روڪيو آهي، جنهن هاٿيءَ کي روڪيو هو. پوء فرمايائون تہ "ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، اهي ڪنهن بہ اهڙي ڳالهہ جي گهر نہ ڪندا، جنهن ۾ ڪين الله جي حرمت جو اونو هجي، پر پوء بہ آئون اهي ضرور مڃيندس." ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ ڏاچيءَ کي ڌڙڪو ڏنو تہ اها ٽپ ڏئي اٿي بيٺي. پوء پاڻ سڳورا ﷺ ٿورو رستو مٽائي اڇي اقصائہ حديبيہ هڪ چشمي وٽ لٿا، جنهن ۾ ٿورڙو پاڻي هو ۽ ماڻهن ٿورو ٿورو ڪنيو تہ بہ جلد ئي پاڻي ختم ٿي ويو. تنهن تي ماڻهن پاڻ سڳورن ﷺ کي اڃ جي دانهن ڏني. پاڻ سڳورن ﷺ ترڪش مان هڪ تير

ڪڍيو ۽ حڪم ڪيو تہ ڏشميھ وجهي ڇڏيو. ماڻهن ائين ئي ڪيو. ان ڪانپوءِ الله جي ڪرڻي اها ٿي جو ان چشمي مان لاڳيتو پاڻي بوڙيا ڪري نڪرندو رهيو. تانت سيئي ماڻهو آسوده ٿي موٽيا.

بديل بن ورقاء جي ٿيا ڪڙي:- پاڻ سڳورا ﷺ سک سان ويٺا تہ بديل بن ورقاء خزاعي پنهنجي قبيلي خزاعہ جا ڪجھ ماڻهو وٺي پهتو. تهامہ جي رهاڪن ۾ اهو ئي قبيلو (خزاعہ) پاڻ سڳورن ﷺ جو گهڻ گهرو هو. بديل چيو تہ "آئون ڪعب بن لوئي کي ڏسندو پيو اچان. هو حديبيہ جي گهڻي پاڻيءَ واري ماڳ تي ترسيو پيو آهي. ساڻس گڏ ٻار ٻچا بہ آهن. اهي توهان سان وڙهڻ ۽ توهانکي ڪعبت الله کان روڪڻ جو پڪو پهہ ڪري نڪتا آهن." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اسين ڪنهن سان وڙهڻ نہ نڪتا آهيون. قريشن کي لڙاين ٿڪائي وڌو آهي ۽ ڏاڍو نقصان بہ رسايو آهي. انڪري جي اهي گهرن تہ ڪجھ عرصي لاءِ ٺاهہ ڪري سگهجي ٿو ۽ اهي منهنجي ۽ منهنجن ماڻهن جي وچان نڪري وڃن. پوءِ جي منهنجو غلبو ٿئي تہ ٻين وانگر

منهنجي اطاعت ڪن يا وري مدت پوري ٿيڻ تي تازا توانا ٿي چڪا هوندا. باقي جيڪڏهن ڪين ويڙهه ڪانسواءِ ٻي واٽ هٿ نٿي اچي ته پوءِ ان هستيءَ جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، آئون پنهنجي دين لاءِ ساڻن ايستائين وڙهندو رهندس، جيستائين منهنجي سسي ڌڙ کان ڌار نه ڪئي وڃي يا جيستائين الله تعاليٰ پنهنجو حڪم نٿو نازل ڪري."

بديل چيو ته "توهان جيڪي چيو، اهو آئون قريشن تائين پهچائيندس. ان ڪانپوءِ قريشن وٽ ويو ۽ چيائين ته آئون فلاڻي وٽان ٿيو پيو اچان. مون ڪانئس هڪ ڳالهه ٻڌي آهي، چئو ته توهانکي ٻڌايان. ان تي ڇڙن چيو ته اسانکي گهرج ڪانهي ته تون اسان سان هن جي ڳالهه ڪرين، پر جيڪي ماڻهو سمجهو هئا، انهن چيو ته پلا ٻڌاءِ ته سهي ته تو ڇا ٻڌو آهي؟ بديل چيو ته مون ڪيس هي هي ڳالهيون ڪندي ٻڌو آهي. ان تي قريشن، مڪرز بن حفص کي موڪليو. ڪيس ڏسندي ئي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو ته هي بي وڙو ماڻهو آهي، تنهن ڪانپوءِ جڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم،

ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ ان کي بہ ساڳي ڳالهہ چيائون، جيڪا بديل ۽ ان جي ساٿين کي چئي هئائون. ان موٽي وڃي قريشن کي پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.

قريشن جو قاصد:- ان کانپوءِ حليس بن علقمہ نالي بنو ڪنانہ جي هڪ ماڻهوءَ چيو تہ مونکي هن وٽ وڃڻ ڏيو. ماڻهن چيس تہ ڀلي وڃ. پاڻ سڳورن ﷺ کيس پريان ڪان ايندو ڏسي اصحابي سڳورن کي چيو تہ "اهو فلاڻو آهي. سندس تعلق اهڙيءَ قوم سان آهي، جيڪا هدي جي جانورن جو ڏاڍو احترما ڪندي آهي. تنهنڪري وهٽن کي اٿاري بيهاريو." اصحابين، وهٽن کي اٿاري بيهاريو ۽ پاڻ بہ لبيڪ جي صدا هڻندي سندس آجيان ڪيائون. هن اها حالت ڏٺي تہ چيو تہ "سبحان الله! هنن ماڻهن کي ڪعبت الله وڃڻ کان روڪڻ چڱو نہ آهي ۽ اتان ئي پنهنجن ساٿين وٽ موٽي ويو ۽ چيائين تہ "مون هديءَ جا وهٽ ڏٺا. جن جي ڳچين ۾ نشانيءَ جا رسا ٻڌل هئا ۽ جن جا ٿوها چيريل هئا. ان ڪري کين ڪعبت الله ۾ اچڻ کان روڪڻ کي آئون چڱو نٿو

سمجهان." ان تي قريشن ۽ سندس وچ ۾ اهڙي ڏي وٺ ٿي جو هو تاءَ ۾ اچي ويو.

ان مهل عروه بن مسعود ثقفي وچ ۾ پيو ۽ چيائين تہ "هن (محمد صلی اللہ علیہ وسلم) توهانجي آڏو چڱي رٿ رکي آهي، تنهنڪري ان کي مڃي وٺو ۽ مونکي ان وٽ وڃڻ ڏيو. ماڻهن چيس تہ ڀلي وڃ. تنهنڪري هو پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ پهتو ۽ ڳالهہ شروع ڪيائين. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کيس بہ بديل واري ساڳي ڳالهہ ٻڌائي. ان تي عروه چيو تہ "اي محمد صلی اللہ علیہ وسلم! اهو تہ ٻڌاء تہ جيڪڏهن تون پنهنجي قوم جو صفايو بہ ڪري ڇڏيو تہ ڇا تو ڪان اڳ بہ ڪنهن عرب بابت ٻڌو اٿئي، جنهن پنهنجي ئي قوم جو صفايو ڪيو هجي ۽ جي ٻي صورت پيش اچي تہ خدا جو قسم آئون اهڙا مهانڊا ۽ اهڙا لوفر ماڻهو (هتي) پيو ڏسان، جيڪي ان لائق آهن جو اهي توکي ڇڏي ڀڄي ويندا." ان تي حضرت ابوبڪر رضہ ڪاوڙجي چيو تہ "وڃي لات جي شرمگاهہ ڏاء! اسين پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي ڇڏي ڀڄنداسين! عروه پڇيو تہ هي ڪير آهي!؟ ماڻهن ٻڌايس تہ ابوبڪر رضہ آهي. ان تي حضرت

ابوبڪر رضہ ڏي مهڙ ڪري چيائين تہ "ڏس! ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن تنهنجو مون تي ٿورو نہ ڪيل هجي ها، جنهن جي ڪري آئون ماٺ آهيان تہ آئون پڪ سان تنهنجي ڳالهہ جي ورندي ڏيان ها."

ان ڪانپوءِ عروه، پاڻ سڳورن ﷺ سان ڳالهائڻ لڳو. هن ڳالهائڻ مهل پاڻ سڳورن ﷺ جي سونهاريءَ ۾ هٿ تي وڌا. مغيره بن شعبہ رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿان بيٺل هو. سندس هٿ ۾ تراڙ هئي ۽ مٿي تي خود. عروه جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي سونهاري مبارڪ ڏي هٿ تي وڌايو تہ هن تراڙ جو هٿيو سندس هٿ تي هڻي چيو ٿي تہ پنهنجو هٿ پاڻ سڳورن ﷺ جي سونهاريءَ کان پري رک. نيٺ عروه مٿو مٿي ڪڻي پڇيو تہ هيءُ ڪير آهي؟ ماڻهن ٻڌايس تہ مغيره بن شعبہ رضہ آهي. ان تي ڪيس چيائين تہ "او بي وڙا! ڇا آئون تنهنجي بدعهديءَ ڪري دوڙڌڪ ڪونہ پيو ڪريان؟ ڳالهہ اها هئي تہ جاهليت ۾ حضرت مغيره رضہ، ڪن ماڻهن سان گڏ هو. پوءِ انهن کي ماري مال متاع ڪڻي ڀڄي ويو هو ۽ اچي مسلمان ٿيو هو.

تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو هو ته آئون (تنهنجو) اسلام آڻڻ ته قبوليان ٿو، باقي مال سان منهنجو ڪوبه واسطو نه آهي. (ان معامليءَ عروه جي ڏوڙڏڪ جو ڪارڻ اهو هو ته حضرت مغيره رضه سندس ڀائيٽيو هو.)

ان ڪانپوءِ عروه، پاڻ سڳورن ﷺ سان اصحابي سڳورن جي هلت ڏسڻ لڳو. پوءِ اچي پنهنجن ساٿين کي ٻڌايائين ته "اي قوم وارؤ! خدا جو قسم آئون قيصر، ڪسريٰ ۽ نجاشيءَ جهڙن بادشاهن وٽ وڃي چڪو آهيان، پر مون اهڙو ڪوبه بادشاهه نه ڏٺو آهي، جنهن جا ساٿي ان جي ايڏي عزت ڪندا هجن، جيڏي محمد ﷺ جا ساٿي، محمد ﷺ جي عزت ڪندا آهن. خدا جو قسم! هو ٿڪ به اڇلائيندو هو ته سندس ڪو ساٿي جهٽي وٺندو هو ۽ ان کي پنهنجي منهن ۽ بدن تي ملي ڇڏيندو هو ۽ جڏهن هو حڪم ڪندو هو ته ان جي پورائي لاءِ سڀ ڊوڙي پوندا هئا ۽ جڏهن وضو ڪندو هو ته ائين لڳندو هو ته سندس وضوءَ جي پاڻيءَ لاءِ ماڻهو وڙهي پوندا ۽ جڏهن ڪجهه چوندو هو ته سڀ پنهنجو آواز جهڪو ڪري وٺندا هئا ۽ ادب کان گهٽي دير

اکيون کٽي نہ ڏسندا هئا ۽ ان توهانکي ڏاڍي چڱي رٿ ڏني آهي، تنهنکري اها مڃي وٺو."

اهو ئي آهي، جيکو سندن هٿ اوهان کان روکي ٿو:- جڏهن قريشن جي جوشيلن ۽ ويڙهو نوجوانن ڏٺو تہ سندن چڱا مڙس ناهہ کرڻ چاهين ٿا تہ انهن ناهہ رنڊک وجهڻ جو رٿيو تہ رات جو هتان نڪري ماٺ ميٺ ۾ مسلمانن جي ڪيمپ ۾ گهڙي ويندا ۽ اتي اهڙو هنگامو ڪندا جو جنگ جي باهہ ڀڙڪڻ لڳندي. پوءِ انهن هن منصوبي تي عمل کرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ۽ رات جي ڪاري ڪارونڀار ۾ ستر، اسي ڄڻن، تنعيم جبل کان لهي مسلمانن جي ڪيمپ ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسلامي لشڪر جي پهريدارن جي ڪماندر محمد بن مسلمہ رضہ سڀني کي جهلي ورتو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ناهہ جي نيت سان سڀني کي معاف ڪندي ڇڏي ڏنو. ان بابت الله تعاليٰ جو ارشاد نازل ٿيو تہ و هو الذين................ اظفرکم عليهم (24:48)

ترجمو:- ۽ الله اهو آهي، جنهن ڪافرن جا هٿ اوهان کان ۽ اوهانجا هٿ انهن کان جهليا، مڪي جي وچ ۾ اوهانکي مٿن سوڀارو ڪرڻ کانپوء.

حضرت عثمان رضہ جي سفارت:- هاڻي پاڻ سڳورن ﷺ سوچيو تہ هڪ سفير موڪليو وڃي، جيڪو قريشن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي سفر جو مقصد چڱيءَ طرح سمجهائي سگهي. ان ڪم لاء حضرت عمر رضہ کي سڏرايو ويو، پر ان، اهو چئي معذرت گهري تہ يا رسول الله ﷺ! جي مونکي ڪو اهنج رسايو ويو تہ مڪي ۾ بني ڪعب مان هڪ ڄڻو بہ منهنجي سهائتا لاء نہ اٿندو. توهان حضرت عثمان بن عفان رضہ کي موڪليو. ان جو ڪڙم قبيلو مڪي ۾ ئي آهي ۽ پاڻ توهانجو نياپو چڱيءَ طرح پهچائي ڇڏيندو. پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت عثمان رضہ کي گهرايو ۽ قريشن وٽ وڃڻ جو حڪم ڏيندي فرمايو تہ "کين ٻڌائي ڇڏجان تہ اسين وڙهڻ لاء نہ پر عمرو ڪرڻ لاء آيا آهيون. کين اسلام جي دعوت بہ ڏجان." پاڻ سڳورن ﷺ اهو بہ حڪم ڪيو تہ حضرت عثمان مڪي ۾ مؤمنن ۽ مؤمنياڻين وٽ وڃي

ڪين سوڀ جي بشارت ڏي ۽ اهو بہ ٻڌائين تہ الله تعاليٰ هاڻي پنهنجيدين کي مڪي ۾ پڌرو ۽ سگهارو ڪرڻ وارو آهي، ايترو جو ڪنهن بہ ايمان واري کي لڪڻ جي ضرورت نہ پوي.

حضرت عثمان رضہ، پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جو نياپو کڻي نڪتو. بلدح وٽ ڪين قريش مليا، انهن پڇيو تہ "ڪيڏانهن پيا وڃو؟" فرمايائين تہ "مونکي پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم هھڙيءَ طرح جو نياپو ڏئي موڪليو آهي." قريشن چيو تہ "اسان توهانجي ڳالهہ ٻڌي ورتي. توهان پلي پنهنجو ڪم وڃي ڪريو. ٻئي پاسي سعيد بن عاص اٿي حضرت عثمان رضہ سان ڪيڪار پچار ڪئي ۽ پنهنجي گهوڙي تي زين وجهي کي سوار ڪيو ۽ گڏ ويهاري پنهنجي پناهہ ۾ مڪي وٺي آيو. اتي پهچي حضرت عثمان رضہ، قريشن جي چڱن مڙسن کي پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جو نياپو ڏنو. ان کانپوءِ قريشن، ڪين ڪعبت الله جو طواف ڪرڻ جي آڇ ڪئي، پر هن انڪار ڪيو. ڪين اهو گوارا نہ هو تہ پاڻ

سڳورن ﷺ جي طواف ڪرڻ کان اڳ، پاڻ طواف ڪري وٺن.

حضرت عثمان رضہ جي شهادت جو افواهہ ۽ بيعت رضوان:-

حضرت عثمان رضہ پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو، پر قريشن، کين پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيو. شايد انهن چاهيو ٿي تہ صورتحال تي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري ڪو فيصلو ڪري وٺن ۽ حضرت عثمان رضہ کي آندل نياپي جو جواب ڏئي موڪلين، پر حضرت عثمان رضہ جي دير ڪرڻ ڪري مسلمانن ۾ افواهہ ڦهلجي ويو تہ کين ماريو ويو آهي. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر پهتي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اسين هن جاء تان ايستائين چري بہ نٿا سگهون، جيستائين انهن سان ويڙهہ نہ ڪري وٺون. پوء پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن رضہ کي بيعت لاء سڏيو. اصحابي سڳورا اها بيعت ڪرڻ لاء ڪاهي پيا تہ اهي ميدان ڇڏي ڀڄندا ڪونہ. هڪ جماعت تہ موت تي بيعت ڪئي، يعني اها تہ مري ويندا سين پر پڙ نہ ڇڏيندا سين. ابو سنان اسدي رضہ بيعت ڪئي. ان کانپوء حضرت سلمہ بن

اڪوع رضہ تي پيرا بيعت ڪئي. شروع ۾، وچ ۾ ۽ آخر ۾. پاڻ سڳورن ﷺ پاڻ پنهنجو هٿ جهلي چيو تہ هيءُ عثمان رضہ جو هٿ آهي. پوء جڏهن بيعت پوري ٿي وئي تہ حضرت عثمان رضہ بہ پهچي ويو ۽ ان بہ بيعت ڪئي. هن بيعت ۾ رڳو هڪ ڄڻو شامل نہ ٿيو، جيڪو منافق هو. ان جو نالو جد بن قيس هو.

پاڻ سڳورن ﷺ اها بيعت هڪ وڻ هيٺان ورتي هئي. حضرت عمر رضہ هٿ مبارڪ جهليو بيٺا هئا ۽ حضرت معقل بن يسار رضہ وڻ جون ڪجهہ شاخون جهلي پاڻ سڳورن ﷺ کان پري ڪري بيٺا هئا. ان ئي بيعت جو نالو بيعت رضوان آهي ۽ ان بابت ئي الله تعاليٰ هيءَ آيت لاٿي آهي تہ لقد ....الشهره (18:48)

ترجمو:- بيشڪ الله مؤمنن کان راضي ٿيو، جنهن مهل وڻ هيٺ توسان بيعت ٿي ڪيائون.

ناهہ ۽ ناهہ جا نقطا:- مطلب تہ قريشن، حالتن جي نزاڪت سمجهي ورتي، تنهنڪري تڪڙ ۾ سهيل بن عمرو کي صلح جون ڳالهيون ڪرڻ لاء موڪليو ۽ تاڪيد ڪئي تہ ناهہ اها

ڳالهہ ضرور طئہ ڪري تہ پاڻ سڳورا ﷺ هن سال موٽي وڃن. ائين نہ ٿئي تہ عرب چون تہ پاڻ سڳورا ﷺ اسانجي شهر ۾ زوريءَ گهڙي پيا. اهي هدايتون وٺي سهيل بن عمرو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو پاڻ سڳورن ﷺ، ڪيس ايندو ڏسي اصحابي سڳورن کي چيو تہ "توهانجو ڪم سولو ڪيو ويو. هن همراهہ کي موڪلڻ جو مطلب ئي اهو آهي تہ قريش ناهہ ڪرڻ گهرن ٿا." سهيل پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي گهڻي دير تائين ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ نيٺ ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ جا شرط طئہ ٿي ويا، جيڪي هن ريت هئا:

1. پاڻ سڳورا ﷺ هن سال مڪي ۾ گهڙڻ کانسواءِ موٽي ويندا. ايندڙ سال مسلمان مڪي ۾ ايندا ۽ ٽي ڏينهن رهندا. انهن وٽ سواريءَ جو هٿيار يعني مياڻ ۾ پيل ترارون هونديون ۽ انهن کان ڪابہ پڇاڳاڇا نہ ڪئي ويندي.

2. ڏهن سالن تائين ڌرين ۾ جنگ ڪانہ ٿيندي. ان عرصي ۾ ماڻهو محفوظ رهندا، ڪير بہ ڪنهن تي هٿ نہ کڻندو.

3. جيڪو محمد ﷺ سان ناھ ڪرڻ چاھي، پلي ڪري ۽ جيڪو قريشن سان ناھ ڪرڻ چاھي، پلي ڪري. جيڪو قبيلو جنھن ڌر سان شامل ٿيندو، ان جو ئي حصو سمجھيو ويندو. تنھنڪري اھڙي ڪنھن بہ قبيلي سان زيادتي ٿي تہ ان ڌر سان ٿيل زيادتي سمجي ويندي.

4. قريشن جو ڪوبہ ماڻھو پنھنجي سنڀاليندڙ جو موڪل ڪانسواءِ ڀڄي محمد ﷺ وٽ پھچندو، محمد ﷺ ان کي موٽائي ڇڏيندو، پر محمد ﷺ جي ساٿين مان جيڪو ماڻھو پناھ وٺڻ لاءِ ڀڄي قريشن وٽ ايندو، قريش ان جي ٻانھن ڪونہ موٽائيندا.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي رضہ کي لکت لاءِ سڏيو ۽ مٿان لکرايو تہ بسم الله الرحمان الرحيم. ان تي سھيل چيو تہ اسين رحمان کي ڪونہ سڃاڻو؟ توھان ھيئن لکو تہ باسمڪ اللھم (اي الله تنھنجي نالي سان) پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي رضہ کي اھڙيءَ طرح لکڻ جو حڪم ڏنو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ لکرايو تہ "ھي آھن اھي ڳالھيون، جن تي محمد رسول الله ﷺ ناھ

ڪيو. ان تي سهيل چيو تہ "جيڪڏهن اسان توکي الله جو رسول سمجهون ها تہ پوءِ نہ ڪو توکي ڪعبت الله وڃڻ کان جهليون ها ۽ نہ ئي جنگ ڪريون ها. تنهنڪري تون محمد بن عبدالله لکراءِ. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ توهان ڪيڏو بہ انڪار ڪريو، پر آئون الله جو رسول آهيان. پوءِ حضرت علي رﷺ کي حڪم ڪيائون تہ محمد بن عبدالله لک ۽ لفظ "رسول الله ﷺ" ڊاهي ڇڏ. حضرت علي رضہ اهو لفظ ڊاهڻ گوارا نہ ڪيو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن مبارڪ هٿن سان اهو لفظ ڊانو. ان ڪانپوءِ سڄو دستاويز لکيو ويو.

ناهہ ٿي ونڻ ڪانپوءِ بنو خزاعہ، پاڻ سڳورن ﷺ جي ذر سان شامل ٿي ويا. اهي حقيقتہ عبدالمطلب جي ڏينهن کان ئي بنو هاشم جا حليف هئا، جيئن اڳتي لکي آيا آهيون. انڪري هن پيري بہ ناهہ شامل رهڻ حقيقتہ ان ئي اڳاٽي دوستيءَ کي پڪو ڪرڻ هو. ٻئي پاسي بنو بڪر، قريشن سان شامل ٿي ويا.

ابو جندل رضہ جي موٽ:- ناهہ جو دستاويز اجا لکجي رهيو هو تہ سهيل جو فرزند، حضرت ابو جندل رضہ پير ڪڙيون گسرائيندو اتي اچي پهتو. هو مڪي جي هيٺال مان ڀڄي آيو هو. هن اتي پهچي پاڻ کي ڪٽي مسلمانن جي وچ ۾ اڇلايو. سهيل چيو تہ هي پهريون ڇڏو آهي، جنهن بابت آئون اوهان سان معاملو ڪريان ٿو تہ هن کي موٽائي ڇڏيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اجا تہ پاڻ دستاويز بہ پورو ڪونہ لکيو آهي! هن چيو تہ پوءِ آئون توهان سان ناهہ ڪريان ئي ڪونہ ٿو. پاڻ سڳورن ﷺ چيو تہ چڱو توهن هن کي منهنجي ڪري ئي ڪٽي ڇڏ. هن چيو تہ تنهنجي ڪري بہ ڪونہ ٿو ڇڏي سگهان. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، نہ نہ ايترو تہ تون ڪري ئي سگهين ٿو. هن چيو تہ نہ، آئون ڪونہ ائين نٿو ڪري سگهان. پوءِ سهيل، ابو جندل رضہ جي ڳل تي ٿڦڙ واهي ڪڍيو ۽ کين مشرڪن ۾ واپس وٺي وڃڻ لاءِ ڳلي کان جهلي گيهلڻ لڳو. ابو جندل رضہ واڪا ڪري چوڻ لڳو تہ مسلمانو! ڇا مونکي مشرڪن ۾ موٽايو ويندو تہ جيئن اهي مونکي منهنجي دين بابت فتني ۾ وجهي ڇڏين؟ پاڻ سڳورن

ﷺ فرمايو تہ "ابو جندل رضہ! صبر ڪرءِ ان ڪي ثواب جو ڪارڻ سمجهہ. اللّٰہ تعاليٰ تو لاءِ ۽ توسان گڏ ٻين سيني ڪمزور مسلمانن لاءِ خالصي ۽ پناهہ واري جڳهہ ٺاهيندو. اسان قريشن سان ٺاهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ هڪ ٻئي کي خدا جو واسطو وڌو اٿئون. انڪري بدعهدي نٿا ڪري سگهون."

ان ڪانپوءِ حضرت عمر رضہ ٽپ ڏئي ابوجندل رضہ وٽ پهتو. هو پاسي کان هلندي چوندو پئي ويو تہ ابوجندل رضہ! صبر ڪر. اهي مشرڪ آهن، سندن رت ڄڻ ڪتي جو رت آهي. گڏوگڏ پنهنجي تراڙ جو هٿيو بہ سندن ويجهو ڪندو ويو. حضرت عمر رضہ جو بيان آهي تہ مونکي اميد هئي تہ هو تراڙ وٺي پنهنجي پيءُ (سهيل) کي ماري ڇڏيندو، پر هن پنهنجي پيءُ بابت بخل کان ڪم ورتو ۽ پوءِ ٺاهہ جو پڌرنامو لاڳو ٿي ويو.

عمرو ادا ڪرڻ لاءِ قرباني ڏيڻ ۽ وار ڪتائڻ:- پاڻ سڳورن ﷺ ٺاهہ جو دستاويز لکائي پورو ڪيو تہ فرمايائون تہ اٿو ۽ پنهنجا پنهنجا وهٽ قربان ڪريو. پر ٿي پيرا اها ڳالهہ ورجائڻ ڪانپوءِ بہ ڪير نہ اٿيو. نيٺ پاڻ سڳورا ﷺ،

بيبي ام سلمہ وٽ ويا ۽ ماڻهن جي هلت جو ذڪر ڪيائون. ام المؤمنين چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! جي اوهان اهو چاهيو ٿا تہ پوءِ ڪنهن کي بہ ڪجهہ چوڻ کانسواءِ ماٺ ڪري وڃي پنهنجو قربانيءَ وارو جانور ڪهو ۽ حجام کي سڏرائي وار ڪوڙايو." ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٻاهر اچي بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي پنهنجو وهٽ ڪٺو ۽ حجام کي سڏائي مٿو ڪوڙايو. ڏسندي ئي ڏسندي ٻن ماڻهن بہ اٿي پنهنجا پنهنجا وهٽ ڪٺا ۽ پوءِ هڪ ٻئي جا وار ڪوڙڻ لڳا. لڳو ائين پئي ڄڻ ڏکہ سپ هڪ ٻئي کي ماري وجهندا. ان موقعي تي ڏڳين ۽ اٺن جون ست ست پتون ڪيون ويو. پاڻ سڳورن ﷺ اهو اٺ ڪٺو، جيڪو اڳي ابوجهل جو هوندو هو. ان جي نڪ ۾ چانديءَ جو هڪ ڇلو پيل هو. ان کي ڪهڻ جو مقصد قريشن کي ساڙڻ هو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ مٿو ڪوڙائڻ وارن لاءِ ٽي ڀيري ڇوٽڪاري جي دعا گهري ۽ قئنچيءَ سان وار ڪٽائڻ وارن لاءِ هڪ ڀيرو. هن ئي سفر ۾ الله تعاليٰ، حضرت ڪعب رضہ بن عجره جي سلسلي ۾ اهو حڪم نازل ڪيو تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن

تڪليف جي ڪري پنهنجو مٿو (احرام جي حالت۾) ڪوڙائي، اهو روزي يا قدقي يا قربانيءَ جي شڪل۾ فديو ڏي.

مهاجر عورتن ڪي موٽائڻ کان انڪار:- ان ڪانپوء ڪجهه مؤمنياڻيون آيون. سندن سنڀاليندڙن گهر ڪئي ته حديبيه واري ناهه مطابق اهي موٽايون وڃن، پر پاڻ سڳورن ﷺ اها گهر اهو چئي رد ڪري ڇڏي ته معاهدي۾ لکيل آهي ته و علي ان لا ياتيک منارجل وان ڪان علي دينڪ الا رددته علينا (1) (۽ هي ناهه ان شرط تي ڪيو پيو وجي ته) اسانجو جيڪو مرد توهان وٽ ايندو، توهان اهو هر حال۾ موٽائيندا. پلي ته اهو توهانجي ئيدين تي هلندڙ ڇو نه هجي)

حاشيو (1) صحيح بخاري 380/1

تنهنڪري عورتن جي ته ڳالهه به هن ناه۾ ڪانه هئي. پوء الله تعاليٰ هن سلسلي ۾ اها آيت لاٿي ته "يايهاالذين..................الڪوافر(10:60)

ترجمو:- اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان وٽ مؤمنياڻيون وطن ڇڏي اچن، تڏهن ڪين جانچيو. الله انهن جي ايمان کي چڱو

ڇاڻندڙ آهي. پو3 جيڪڏهن ڪين مؤمنياڻيون ڇاڻو تہ انهن ڪي ڪافرن ڏانهن موٽائي نہ موڪليو. نہ ڪي اهي (مسلمان زالون) انهن (جي ڪافر مڙسن) ڪي حلال آهن ۽ نہ ڪي اهي (ڪافر مڙس) انهن (مسلمان زالن) ڪي حلال آهن ۽ جيڪي (ڪابين بابت) خرچ ڪيائون، سو انهن مڙسن ڪي ڏيو ۽ جڏهن ڪين سندن ڪابين ڏيو تہ انهن جي نڪاح ڪرڻ اوهان تي (ڪو) گناهہ نہ آهي.

هيءَ آيت لهڻ ڪانپوء جڏهن ڪا مؤمنياڻي هجرت ڪري ايندي هئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ، الله تعاليٰ جي ڏسيل واٽ مطابق سندس امتحان وٺندا هئا.

.....اذاجائڪ.........................غفور

الرحيم(12:60)

ترجمو:- جڏتهن تو وٽ مؤمن زالون اچن، هن (شرط) تي توسان بيعت ڪن تہ ڪنهن ڪي الله سان شريڪ نہ ڪنديون ۽ نڪي چوري ڪنديون ۽ نڪي زنا ڪنديون ۽ نڪي پنهنجي اولاد ڪي ڪهنديون ۽ نہ ڪي اهڙي ڪوڙي تهمت آڻينديون، جنهن ڪي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن سان ٺاهيو

هجين ۽ نہ ڪري ڪنهن ڇڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون. تڏهن سندن بيعت قبول ڪر ۽ انهن لاءِ الله کان ڇوٽڪارو گهر. ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي.

تنهن ڪانپوءِ جيڪي مايون هن آيت ۾ ٻڌايل شرطن جي پابنديءَ جو واعدو ڪنديون هيون، پاڻ سڳورا ﷺ تن کي چوندا هئا تہ مون توهان کان بيعت وٺي ڇڏي. پوءِ انهن کي موٽائيندا ڪونہ هئا.

ان حڪم مطابق مسلمانن، پنهنجن ڪافر زالن کي طلاقون ڏئي ڇڏيون. ان وقت حضرت عمر رضہ جن جون ٻہ زالون شرڪ ڪندڙ هيون، پاڻ سڳورن ﷺ ٻنهي کي طلاق ڏياري ڇڏي. پوءِ انهن مان هڪ سان معاويہ پرڻيو ۽ ٻيءَ سان صفوان بن اميہ.

ناهہ جي شرطن جو اپٽار:- اهو آهي حديبيہ وارو ناهہ، جيڪو ماڻهو ان جي شرطن جو پسمنظرَ سميت جائزو وٺندو، ان کي ڪوبہ شڪ نہ رهندو تہ اهو ناهہ مسلمانن جي وڏي سوڀ هو، ڇو تہ قريشن اڃا تائين مسلمانن جي وجود کي تسليم نہ ڪيو هو ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ پڪو پهہ

ڪري ويٺا هئا. ڪين انتظار هو تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هيءَ سگهہ ٽٽي ويندي. ان ڪانسواءِ قريش، عربستان جي ديني ۽ دنياوي اڳواڻ جي حيثيت ۾ اسلام جي سڏ ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ پوري سگهہ سان رنڊڪ وجهڻ ۾ رڌل هوندا هئا. ان پسمنظر ۾ ڏسجي تہ رڳو "اهہ لاءِ راضي ٿيڻ ئي مسلمانن جي سگهہ کي مڃڻ ۽ ان ڳالهہ جو اعلان ڪرڻ هو تہ قريش هن سگهہ کي دٻائڻ جي طاقت نٿا رکن. ٻيو تہ ٽئين شيط پنيان پڌري پٺ اها نفسياتي ڪيفيت ڏسڻ ۾ پئي اچي تہ پنهنجو ديني ۽ دنياوي مرتبو وساري ، ڪين اچي سر سان لڳي هئي. ڪين ٻين جو اونو ڪونہ هو. يعني سڄو عربستان پلي مسلمان ٿئي، ان جي ڪين اون ڪانہ هئي. ڇا قريشن جي اها سوچ پڌري هار ۽ مسلمانن جي وڏي سوڀ ڪانہ آهي؟ مسلمانن ۽ اسلام جي دشمنن جي وچ ۾ جيڪا رتوڇاڻ ٿي، ڇا ان جو مقصد اهو نہ هو تہ عقيدي ۽ دين بابت ماڻهن کي پوري آزادي ۽ خودمختيري ملي وڃي. يعين پنهنجي مرضيءَ سان جيڪو ماڻهو چاهي مسلمان ٿئي ۽ جيڪو نہ چاهي سو نہ ٿئي. ڪابہ سگهہ سندن راهہ ۾ رڪاوٽ نہ

بڻجي. مسلمانن جو اهو مقصد هرگز نہ هو تہ دشمن جو مال ڦريو وڃي، ڪين ماريو وڃي يا زوريءَ مسلمان ڪيو وڃي.

توهان ڏسي سگهو ٿا تہ هن ٺاهہ جي ڪري مسلمانن کي اهو مقصد پوريءَ طرح حاصل ٿي ويو ۽ اهڙيءَ طرح جو شايد جنگ ۾ ڪٽڻ ڪانپوءِ بہ ائين مقصد حاصل نہ ٿئين ها. ٻيو تہ هن آزاديءَ ڪانپوءِ مسلمانن کي دعوت ۽ تبليغ جي ميدان۾ وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿيون. جيئن مسلمان فوج جو تعداد، جيڪو ٺاهہ کان اڳ ڪڏهن بہ ٽن هزارن کان وڌيڪ نہ هو، اهو رڳو ٻن سالن ۾ مکو فتح ڪرڻ مهل وڌي ڏهہ هزار ٿي ويو.

ٻيو شرط بہ حقيقت ۾ ان وڏي سوڀ جو هڪ جزو آهي، ڇو تہ جنگ ابتدا مسلمانن نہ پر مشرڪن ڪئي هئي الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ "وهم بدءُ و ڪم اول مره

جيستائين مسلمانن جي جاسوسي ۽ جوفي گشتن جو تعلق آهي تہ انهن مان مسلمانن جو مقصد رڳو اهو هو تہ قريش پنهنجي ٻاراڻي هٺ ۽ الله جي راهہ ۾ رنڊڪ وجهڻ کان پاڻ جهلين ۽ هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي ڳالهيون ڪن،

يعني ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي واٽ تي هلڻ لاءِ آزاد هجن. هاڻي غور ڪريو تہ ڏهن سالن تائين جنگ نہ ڪرڻ جو ناهہ اهڙي هٺ ۽ الله جي راهہ کان روڪڻ کان پاڻ جهلڻ جو ئي واعدو آهي، جيڪو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ جنگ ڇيڙڻ وارو ڪمزور ٿي پنهنجي مقصد ۾ ناڪام ٿي ويو.

جيستائين پهرئين شرط جو سوال آهي تہ اهو حقيقت ۾ مسلمانن جي ناڪاميءَ بدرا ڪاميابيءَ جو اهڃاڻ آهي، ڇو تہ اهو شرط حقيقت ۾ ان پابنديءَ جي پڄاڻيءَ جو اعلان آهي، جيڪا قريشن، مسلمانن تي مسجد الحرام ۾ گهڙڻ جي سلسلي ۾ لاڳو ڪري ڇڏي هئي. ها باقي قريشن جي دل جي ڏِڍ لاءِ بہ ايتري ڳالهہ ڏنل هئي تہ ان هڪڙي سال لاءِ مسلمانن کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پر ظاهر آهي تہ اهو وقتي فائدو هو، جنهن جي ڪا بہ حيثيت ڪانہ هئي.

هڪ ٻي ڳالهہ بہ ڌيان جوڳي آهي تہ قريشن، مسلمانن کي ٽي رعايتون ڏئي، رڳو هڪ رعايت ورتي هئي، جيڪا چوٿين شرط ۾ آيل آهي، پر اها رعايت جهڙي هئي، تهڙي ڪانہ هئي ۽ ان سان مسلمانن کي ڇيهو بہ ڪونہ ٿي

رسيو. ڇو تہ اها حقيقت پڌري پئي هئي تہ جيستائين ڪو مسلمان، مسلمان هوندو، الله، ان جي رسول ڪان ۽ مدينہ الاسلام مان ڪڏهن بہ ڪونہ ڀڄندو. ان جي ڀڄڻ جي رڳو هڪ ئي صورت ٿي سگهي ٿي تہ اهو مرتد ٿي وڃي ۽ ظاهر آهي تہ ڪنهن جي مرتد ٿيڻ ڪانپوءِ مسلمانن کي ان جي ضرورت ڪانہ رهي ها. بلڪ اسلامي معاشري ۾ سندس موجودگيءَ ڪان گهڻو ڀلو هو تہ هو ڌار ٿي وڃي. ان ئي نقطي ڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي هن ارشاد ۾ اشارو ڪيو هو تہ انہ من ذهب منا اليهم فابعده الله(2)

حاشيو (2) صحيح مسلم- باب صلح الحديبيہ 105/2

باقي بچيا مڪي جا هاي رهاڪو، جيڪي مسلمان ٿي چڪا هئا يا ٿيڻ وارا هئا تہ جيتوڻيڪ انهن لاءِ هن ناهہ مطابق مديني ۾ پناهہ جي جاءِ نہ هئي، پر الله جي زمين تہ بهرحال وڏي هئا. ڇا حبش جي زمين اهڙي نازڪ دور ۾ مسلمانن لاءِ ٻانهون کوبہ ڦهلايون هيون، جڏهن مديني جا رهاڪو اجا اسلام جي نالي ڪان بہ واقف ڪونہ ٿيا هئا؟ اهڙيءَ طرح ئي اڄ بہ زمين جو ڪو ٽڪر مسلمانن لاءِ

پنهنجون ٻانهون کولي تي سگھيو ۽ ان ڳالھ ڏانهن ئي پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي هن ارشاد ۾ اشارو ڪيو هو تہ "و من جاءَ نا منهن سيجعل الله لہ فرجا و مخرجا (ساڳي حديث صحيح مسلم ۾ ڏسو 105/2)

اهڙا شرط مڃائڻ سان جيتوڻيڪ ظاهري طور تي قريشن جو ڳاٽ اوچو ٿيو، پر ڏٺو وڃي تہ اهي شرط قريشن جي گھٻراهٽ، پريساني، اعصابي داٻ ۽ ٽوٽ ڦوٽ جا اهڃاڻ هئا. ان مان پتو پوي ٿو تہ کين پنهنجي بت پرست سماج بابت ڏاڍو ڊپ ٿي پيو هو ۽ اهي محسوس ڪري رهيا هئا تہ سندن سماجي ڊانچو هڪ اونهي کڏ جي ڪنڌيءَ تي بيٺو آهي ۽ ڪيڏي مهل بہ هيٺ ڪري سگھي ٿو، تنهنڪري ان جي حفاظت لاءِ اهڙا شرط مڃائڻ ضروري آهن. ٻئي پاسي پاڻ سڳورن ﷺ جنهن کليل دل سان اهو شرط مڃيو هو تہ قريشن وٽ پناھ وٺندڙ ڪنهن بہ مسلمان جي گھر ڪونہ ڪندا، اها ان ڳالھ جو دليل هئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪي نئين جوڙيل سماج جي مضبوطيءَ جي پوريءَ طرح پروڙ هئي

۽ اهڙو شرط پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ڪوبہ انديشو پيدا نہ ڪري سگهيو.

مسلمانن جو ڏک ڪرڻ ۽ حضرت عمر رضہ جي حجت ڪرڻ:-

اها آهي حديبيہ واري ناهہ جي شرطن جي حقيقت. ظاهري طرح انهن شرطن ۾ بہ ڳالهيون اهڙيون هيون، جن جي ڪري مسلمان ڏاڍا ڏکوئجي ويا. هڪ اها تہ پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌايو هو تہ پاڻ ڪعبت اللّٰہ پهچي ويندا ۽ ان جو طواف بہ ڪندا، پر پاڻ سڳورا ﷺ طواف ڪرن بنا ئي موٽي رهيا ها. ٻي ڳالهہ اها تہ پاڻ سڳورا ﷺ، اللّٰه جا رسول هئا ۽ حق تي هئا ۽ اللّٰه پنهنجي دين کي سوڀارو ڪرڻ جو واعدو بہ ڪيو هو، پوءِ ڇا جي ڪري پاڻ سڳورا ﷺ قريشن جي دٻاءَ ۾ اچي ويا ۽ سندن شرطن تي ناهہ ڪري ويا؟ اهي ٻئي ڳالهيون گهڻائي شڪ شبها ۽ وسوسا پيدا ڪري رهيون هيون. هوڏانهن مسلمان ناهہ جي شرطن تي غور ڪرڻ بدران غم ۾ ٻڏي ويا هئا ۽ شايد سڀ کان وڌيڪ ڏک حضرت عمر رضہ کي ٿيو هو. تنهنڪري ئي ان، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي چيو تہ "يا رسول اللّٰه ﷺ! ڇا

اسين حق تي ۽ هو باطل تي ناهن؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو." هن چيو تہ "ڇا اسان جا ڪٺل جنت ۾ ۽ هنن جا مئل دوزخ ۾ ناهن؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو." هن چيو تہ "پوءِ اسين دين جي معاملي ۾ دٻيل ڇو اچون ۽ ان حالت ۾ موٽون جو اسانجي ۽ هنن جي وچ ۾ الله تعاليٰ ڪو فيصلو نہ ڪيو هجي؟" پاڻ سڳورن ﷺ "ابن خطاب! آئون الله جو رسول آهيان ۽ ان جي نافرماني نٿو ڪري سگهان. هو منهنجي مدد ڪندو ۽ مونکي ڇڏيندو ڪونہ." هن چيو تہ "ڇا توهان، اسانکي نہ ٻڌايو هو تہ اسين ڪعبت الله جي زيارت ڪنداسين ۽ ان جو طواف ڪنداسين؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو! پر ڇا مون اهو بہ چيو هو تہ هن ئي سال ڪنداسين؟" هن چيو تہ "نہ" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تون نيٺ ڪعبت الله تائين پهچندي ۽ ان جو طواف ڪندين."

ان ڪانپوءِ حضرت عمر رضہ ڪاوڙ ۾ حضرت ابوبڪر رضہ وٽ آيو ۽ ساڻن ڳالهيون ڪيائين ۽ ان بہ ساڳيا جواب ڏنن، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ ڏنا هئا. پڇاڙيءَ ۾ ايترو

وڏيڪ بہ چيائين تہ رڪاب مان تيستائين پير نہ ڪڍجان، جيستائين موت نہ اچي، ڇو تہ خدا جو قسم پاڻ سڳورا ﷺ سچا آهن.

ان ڪانپوءِ انا فتحنا لڪ فتح مبينا جون آيون لٿيون، جنهن ۾ ناهہ کي فتح مبين ڪوٺيو ويو آهي. اهي آيتون لهڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت عمر رضہ کي گهرائي پڙهي ٻڌايون، جنهن تي پاڻ چوڻ لڳو تہ "يا رسول الله ﷺ! اها سوڀ آهي؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو" تنهن تي سندن دل کي آٿت ملي ۽ پاڻ موٽي ويو.

تنهن ڪانپوءِ حضرت عمر رضہ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو تہ ڏاڍو پشيمان ٿيو. پاڻ چوندو هو تہ "مون ان ڏينهن جيڪا ڀل ڪئي ۽ جيڪي ڪجهہ ڳالهايو، ان جي ڊپ کان گهڻائي چڱا ڪم ڪيم. صدقو ۽ خيرات ڪندو رهيس. روزا رکندو رهيس ۽ نمازون پڙهندو رهيس ۽ غلام آزاد ڪندو رهيس. وڏيڪ الله تعاليٰ سٺائي ڪندو."(1)

حاشيو (1) صلح حديبيہ جو تفصيل هنن ڪتابن مان ورتل آهي. فتح الباري 439/7 کان 458 - صحيح بخاري

378/1 کان 381، 598/2، 600، 717 - صحيح مسلم 104/2، 105، 106 - ابن هشام 308/2 کان 322 - زاد المعاد 122/2 کان 127 - مختصر السيره للشيخ عبدال صفحي 207 کان 305 - تاريخ عمر بن الخطاب لابن الجوزي صفحو 39، 40

کمزور مسلمانن جي مسئلي جو حل:- پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني پهچڻ کانپوء هڪ مسلمان، جنهن کي مڪي ۾ ڏاڍو تنگ ڪيو ويو هو، پاڻ ڇڏائي اتي پهتو. ان جو نالو ابو بصير رضہ هو. پاڻ ثقيف قبيلي منجهان هو ۽ قريشن جو حليف هو. قريشن، ڪين موٽائڻ لاء ٻہ ماڻهو موڪليا ۽ اهو چورائي موڪليو تہ پنهنجي وچ ۾ ٿيل ناهہ تي عمل ڪريو. پاڻ سڳورن ﷺ، ابو بصير رضہ کي انهن جي حوالي ڪيو. اهي ٻئي ڪين وٺي نڪتا ۽ اچي ذوالحليفہ لٿا ۽ کجيون کائڻ لڳا. ابو بصير رضہ هڪ ڄڻي کي چيو تہ"فلاڻا! تنهنجي تراڙ ڏاڍي ڀلي ٿي ڏسجي." هن اها مياڻ مان ڪڍي چيو تہ "ٻيو نہ تہ وري! هيءَ آهي بہ ڀلي. مون هن کي گهڻائي ڀيرا آزمايو آهي.ٿ ابو بصير رضہ چيو تہ "ڀلا

ٽورو ڏيڪار تہ سهي." هن، ابو بصير رضہ کي تراڙ ڏني ۽ ابو بصير رضہ تراڙ وٺندي ئي ڪيس ماري وڌو.

ٻيو ڄڻو ڀڄي مديني پهتو ۽ ڊوڙندو مسجد نبويﷺ گهڙي ويو. پاڻ سڳورن ﷺ، ڀيس ڏسي فرمايو تہ هيءُ ڊنل پيو لڳي. هن همراھ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! الله تعاليٰ توهانجو قسم پورو ڪيو. توهان مونکي انهن جي حوالي ڪيو. پوءِ الله تعاليٰ مونکي انهن کان ڇڏرايو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "_ جيڪڏهن هن کي ڪو ساٿي ملي ويو تہ هي تہ جنگ جي باھ ڀڙڪائي ڇڏيندو." اها ڳالھ ٻڌي ابو بصير رضہ سمجهي ويو تہ ڪين ٻيهر ڪافرن جي حوالي ڪيو ويندو. انڪري پاڻ مديني مان نڪري سمنڊ جي ڪناري وٽ وڃي رهيو. ٻئي پاسي ابو جندل رضہ بن سهيل بہ پاڻ ڇڏائي ڀڳو ۽ اچي ساڻن مليو. هاڻي قريشن جو جيڪو ماڻهو مسلمان ٿيندو هو، اهو اچي حضرت ابو بصير رضہ سان ملندو هو. اهڙيءَ طرح سندن چڱو خاصو ٽولو ٺهي پيو. ان ڪانپوءِ انهن کي شام واري واٽ تي قريشن جي ڪنهن بہ قافلي جي

لنگهڻ جي خبر پوندي هئي تہ اهي، انهن سان ڇيڙڇاڙ ضرور
ڪندا هئا ۽ قافلي وارن ڪي ماري، مال ڦري وٺندا هئا.
قريشن تنگ ٿي پاڻ سڳورن ﷺ ڪي واسطا وجهي نياپو
موڪليو تہ انهن کي پاڻ وٽ گهرائي وٺو ۽ هاڻي جيڪو بہ
توهان وٽ پهچي، ان کي ڪجهہ نہ چيو ويندو. ان کانپوءِ
پاڻ سڳورن ﷺ کين مديني ۾ گهرائي ورتو.

قريش سردارن جو مسلمان ٿيڻ:- هن ناهہ کانپوءِ 7 هہ جي
منيہ ۾ حضرت عمرو بن العاص، خالد بن وليد ۽ عثمان بن
طلحہ رضہ مسلمان ٿيا. جڏهن اهي پان سڳورن ﷺ وٽ
پهتا تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مڪي پنهنجي جگر
جا ٽڪرا اسانکي ڏئي ڇڏيا آهن.(1)

حاشيو (1) انهن اصحابي سڳورن جي مسلمان ٿيڻ جي سن
۾ ڏاڍو اختلاف آهي. اسماء الرجال جي عام ڪتابن ۾ اهو سن
8 هہ جو واقعو ٻڌايو ويو آهي، پر نجاشيءَ وٽ حضرت عمرو
بن العاص جي اسلام قبولڻ وارو مشهور آهي، جيڪو سن 7
هہ ۾ ٿيو ۽ اها بہ ڄاڻ آهي تہ حضرت خالد رضہ ۽ عثمان بن
طلحہ رضہ، حضرت عمرو بن العاص جي حبش مان موٽڻ

ڪانپوءِ مسلمان ٿيا هئا، ڇو تہ انهن انهن حبش مان موٽي مديني وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ واٽ تي اهي ٻئي ڪين مليا هئا ۽ ٽنهي ڄڻن گڏجي وڃي پاڻ سڳورن ﷺ آڏو اسلام قبوليو. ان جو مطلب تہ اهي ٽئي ڄڻا سن 7 هہ جي منڍ ۾ مسلمان ٿيا. والله اعلم.

ٻيو مرحلو

نئين تبديلي

صلح حديبيہ حقيقت ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي زندگيءَ ۾ نئين تبديلي آڻڻ جي شروعات هئي. جيئن تہ اسلام سان وير رکندڙن ۾ قريش سڀ کان سگهاري ۽ ويڙهو قوم هئا، ان ڪري جڏهن اهي جنگ جي ميدان ۾ پنتي هٽيا تہ ڇڻ خندق واري جنگ جي ٽن ڌرين، يعني قريش، غطفان ۽ يهودين مان سڀ کان سگهي ڌر ڌار ٿي وئي ۽ جيئن تہ قريش ئي سڄي عربستان ۾ بت پرستيءَ جا نمائندا ۽ اڳواڻ هئا، انڪري جنگ جي ميدان مان نڪرندي ئي بت پرستن جا جذبا مانا ٿي ويا ۽ سندن دشمنيءَ واري هلت گهٽي پاچي

مٿجي وئي. تنهن ڪانپوءِ اسان ڏسون ٿا تہ غطفان وارن بہ ڪا وڏي ڦشري ڪانہ ڪئي، جيڪو ٿورو گهڻو ڪيائون، اهو بہ يهودين جي ڀڙڪائڻ تي.

باقي بچيا يهودي، تن مديني مان نيڪالي ملڻ ڪانپوءِ خيبر کي پنهنجين سازشن جو اڏو بڻائي ڇڏيو هو ۽ اتي ويهي شرارتون ڪري رهيا هئا. اهي مديني جي ڀرپاسي ۾ رهندڙ وڻجارن کي ڀڙڪائيندا ٿي رهيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ توڙي مسلمانن جي خاتمي يا گهٽ ۾ گهٽ کين ڪو وڏو ڇيهو رسائڻ جي سٽ سٽيندا ٿي رهيا. ان ڪري حديبيہ واري ٺاهہ ڪانپوءِ سڀ کان پهريون ڪم ان فتني جي مرڪز کي ٽوڙڻ لاءِ ڪيو.

مطلب تہ امن جي ڏينهن ۾ مسلمانن کي اسلام پکيڙڻ جو واهہ جو وجهہ ملي ويو. انهن ڏينهن جي سرگرمين کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. تبليغي سرگرميون ۽ بادشاهن ڏانهن خط
2. جنگي سرگرميون

مناسب ٿيندو تہ جنگي سرگرمين کان اڳ هتي بادشاهن کي لکيل خطن جو تفصيل ڏنو وڃي، ڇو تہ اسلام جو اصل مقصد اهو ئي آهي، جنهن لاءِ مسلمانن ڏاڍيا ڏکيا ڏينهن ڏٺا.

بادشاهن ۽ سردارن ڏي موڪليل خط

سن 6 هہ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم حديبيہ کان موٽيا تہ انهن مختلف بادشاهہ کي خط لکي اسلام جي دعوت ڏني.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اهي خط لکڻ جو ارادو ڪيو تہ کين ٻڌايو ويو تہ بادشاهہ رڳو اهڙا خط قبوليندا آهن، جن تي مهر لڳل هوندي آهي. ان ڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هڪ چنديءَ جي منڊي ٺهرائي، جنهن تي محمد رسول الله اڪريل هو. اها لکت ٽن سٽن ۾ هئي. محمد هڪ سٽ ۾، رسول ٻيءَ سٽ ۾ ۽ الله ٽينءَ سٽ ۾. ان جي شڪل هيٺئن تي بيني

الله

رســـول

مــحــمــد(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 2/872، 873

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڇاٽو ۽ اتل ويتل اصحابي سڳورن کي قاصد چوند: کين خط ڏئي بادشاهہ ڏي موڪليو. علامہ منصورپوريءَ پڪي ڳالهہ لڳي آهي تہ اهي قاصد خيبر ڏانهن وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ پهرين محرم سن 7 هہ تي موڪليا ويا هئا. هتي اهي خط ۽ انهن جي نتيجن جو ڪجهہ ذڪر پيش ڪجي ٿو.

1. حبش جي بادشاهہ نجاشيءَ ڏانهن لکيل خط:- ان نجاشيءَ جو نالو اصحمہ بن اَبجر هو. پاڻ سڳورن ﷺ ان ڏانهن جيڪو خط لکيو هو، اهو عمرو رضہ بن اميہ ضمريءَ هٿان سن 6 هہ جي پڇاڙيءَ يا سن 7 هہ جي منڍ ۾ موڪليو. طبريءَ ان خط جي لکت ڏني آهي، پر متاچري نظر وجهڻ سان ئي پتو پوي ٿو تہ هي اهو خط نہ آهي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ حديبيہ واري ناهہ کانپوءِ لکيو هو، بلڪ اها شايد ان خط جي لکت آهي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ مڪي وارن ڏينهن ۾ حضرت جعفر رضہ کي حبش

ڏانهن هجرت ڪرڻ مهل ڏنو هو. ڇو تہ خط جي پڇاڙيءَ انهن مهاجرن جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيل آهي تہ وقد بعثت اليكم ابن عمي جعفر او معہ نفرمن المسلمين فاذاجائک فاقرهن ودع التجبر.

ترجمو:- مون توهان ڏي پنهنجي سوٽ جعفر کي مسلمانن جي هڪ جماعت سان موڪليو آهي، جڏهن اهي توهان وٽ پهچن تہ ڪين پاڻ وٽ رهائجو ۽ ڏاڍائي نہ ڪجؤ.

بيهقيءَ، ابن عباس رضہ جي حوالي سان هڪ ٻئي خط جي لکت بہ ڏني آهي، جيڪو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، نجاشيءَ ڏي موڪليو. ان جو ترجمو آهي تہ:

"هي خط آهي محمد صلى الله عليه وسلم نبيءَ پاران حبش جي بادشاهہ نجاشيءَ ڏانهن.

سلام ان تي جيڪو سڌي راهہ تي هلي ۽ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻي. آئون شاهدي ڏيان ٿو تہ الله وحده لاشريک ڪانسواء ڪوبہ عبادت جوڳو ڪونهي. نڪو سندس زال آهي ۽ نہ پٽ ۽ (آئون اها بہ شاهدي ڏيان ٿو تہ) محمد صلى الله عليه وسلم ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي ۽ آئون توهانکي اسلام جو

سڏ ڏيان ٿو، ڇو تہ آئون ان جو رسول آهيان، تنهنڪري اسلام قبوليوَ تہ سلامت رهندؤ. اي اهل ڪتاب! هڪ اهڙي ڳالهہ ڏي مڙو، جيڪا اسان ۽ توهان وٽ ساڳي آهي تہ اسين الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريون، ساڻس ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪريون ۽ اسان مان ڪي، الله کانسواءِ ڪنهن کي بہ پنهنجو پالڻهار نہ بڻائين. بس پوءِ جي اهي منهن موڙين تہ چئجو تہ شاهد رهجؤ، اسين مسلمان آهيون.

جي توهان (اها دعوت) نہ قبولي تہ توهان (جي سر) تي سڀني نصارا قوم جو گناهہ پوندو."

ڊاڪٽر حميد الله صاحب (پاريس) هڪ ٻئي خط جي لکت بہ ڏني آهي، جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ هٿ آيو آهي ۽ رڳو هڪ لفظ جي ڦير گهير سان ساڳيو خط علامہ ابن قيم جي ڪتاب زاد المعاد ۾ بہ موجود آهي. ڊاڪٽر صاهب هن خط جي لکت جي ڇنڊڇاڻ ڏاڍي محنت سان ڪئي آهي ۽ نئين دور جي دريافتن مان گهڻو لاڀ حاصل ڪيو آهي ۽ ان خط

جو فوٽو بہ ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ان خط جو ترجمو هن ريت آهي:

بسم الله الرحمان رلرحيم

محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم پاران حبش جي بادشاهہ نجاشيءَ ڏانهن ان ماڻهوءَ تي سلام، جيڪو سڌي واٽ تي هلي. تنهن کانپوءِ آئون توهان آڏو الله جي ساراهہ ڪريان ٿو، جنهن کانسوا3 ڪوبہ معبود ناهي، جيڪو قدوس ۽ سلام آهي. امن ڏيڻ وارو محافظ ۽ نگران آهي ۽ آئون شاهدي ڏيان ٿو تہ عيسيٰ ابن مريم عہ، الله جو روح ۽ سندس ڪلمو آهي. الله تعاليٰ ان کي پاڪيزه ۽ پاڪدامن مريم بتول عہ ڏانهن آندو ۽ سندس روح ۽ ڦوڪ سان مريم عہ جي پيٽ مبارڪ ۾ عيسيٰ آيو. جيئن الله تعاليٰ، آدم عہ کي پنهنجن هٿن سان ناهيو. آئون الله وحده لا شريڪ لہ پاران سندس اطاعت لاءِ هڪبئي جي مدد ڪرڻ جو سڏ ڏيان ٿو ۽ اهڙيءَ ڳالهہ ڏانهن (سڏيان ٿو) تہ توهان منهنجي پيروي ڪريو ۽ جيڪو مون وٽ پهتو آهي ان تي ايمان آڻيو، ڇو تہ آئون الله جو رسول صلى الله عليه وسلم آهيان ۽ آئون توهانکي ۽ توهانجي لشڪر کيالله

ڏانهن سڏيان ٿو. هاڻي مون تبليغ ۾ نصيحت ڪري ڇڏي آهي. تنهنڪري منهنجي نصيحت قبوليو ۽ ان ماڻهوءَ تي سلام هجي، جيڪو سنڌي واٽ تي هلي."(1)

حاشيو (1) ڏسو رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم ڪي سياسي زندگي، مؤلف ڊاڪٽرحميد الله صفحو 109، 109، 122، 123، 124، 125 - زاد المعاد جو آخري جملو والسلام عليٰ من اتبع الهديٰ بدرا اسلم انت آهي. ڏسو زادالمعاد 60/3

ڊاڪٽر حميد الله پوري خاطريءَ سان چيو آهي تہ اهو ئي خط آهي، جيڪو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حديبيہ کان موٽڻ کانپوء نجاشيءَ ڏانهن موڪليو. جيستائين سندن تعلق آهي تہ دليلن تي نظر وجهڻ کانپوء خط جي صحيح هجڻ تي شڪ نٿو ٿئي، پر ان ڳالهہ جو ڪو دليل ناهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حديبيہ کان موٽڻ کانپوء ئي اهو خط موڪليو هو، بلڪ بيهقيءَ جيڪو خط ابن عباس رضہ کان روايت ڪيو آهي، ان جي لکت انهن خطن سان ملندڙ جلندڙ آهي، جيڪي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حديبيہ کان موٽڻ کانپوء عيسائي بادشاهن ۽ اميرن ڪي لکيا هئا، ڇو تہ جهڙيءَ طرح پاڻ

سڳورن ﷺ انهن خطن ۾ "يا اهل الكتاب تعالوا الي كلمہ سواء" واري آيت لکي هئي، اهڙيءَ طرح ٿي بيهقي واري ڇاڻايل خط ۾ اها ئي آيت لکيل آهي. ان ڪانسواء ان خط ۾ اصحمہ جو ڇٽو نالو بہ آيل آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر حميد الله جي اتاريل خط ۾ ڪنهن جو بہ نالو ڪونهي، انڪري آئون سمجهان ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب وارو خط حقيقت ۾ اهو خط آهي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ اصحمہ جي گذرڻ ڪانپوء سندس جانشين جي نالي لکيو هو ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو ان ۾ ڪوبہ نالو لکيل ڪونهي.

هن ترتيب جو مون وٽ ڪو دليل ڪونهي، بلڪ ان جو بنياد رڳو اندريون شاهديون آهن، جيڪي انهن خطن جي لکتن مان ملن ٿيون. باقي ڊاڪٽر حميد الله صاحب تي اچرج ٿو ٿئي جو هن ٻئي پاسي ابن عباس رضہ جي روايت سان بيهقيءَ جو ڏنل خط پوري پڪ سان پاڻ سڳورن ﷺ جو لکيل اهو خط ڄئي ڄڏيو آهي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ اصحمہ جي گذرڻ ڪانپوء سندس جانشين کي لکيو هو.

جڏهن تہ ان خط ۾ اصحمہ جو نالو چٽو لکيل آهي. والعلم عند الله (1)

حاشيو (1) ڏسو ڊاڪٽر حميد الله جو ڪتاب "حضور اڪرم صلی اللہ علیہ وسلم ڪي سياسي زندگي"، صفحي 108 کان 114 تائين ۽ صفحي 121 کان 131 تائين

جڏهن عمرو بن اميہ رضہ، پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو خط نجاشيءَ کي ڏنو تہ نجاشيءَ اهو وٺي اکين تي رکيو ۽ تخت تان هيٺ لهي ويٺو ۽ حضرت جعفر بن ابي طالب رضہ جي هٿ تي مسلمان ٿيو ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏانهن هڪ خط لکي موڪليائين، جيڪو هن ريت آهي:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد صلی اللہ علیہ وسلم رسول الله جي خدمت ۾ نجاشي اصحمہ پاران

يا نبي اللهؐ! توهان تي الله پاران سلام ۽ سندس رحمت ۽ برڪت ٿئي. اهو الله، جنهن کانسواءِ ڪوبہ عبادت لائق ڪونهي. اما بعد:

يا رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم! مونکي توهان جو نياپو پهتو، جنهن ۾ توهان عيسيٰ عہ جي ڳالهہ ٻڌائي آهي. آسمان ۽ ڌرتيءَ جي

خدا جو قسم! توهان جيڪي ڪجھ لکيو آهي، حضرت عيسيٰ ان کان هڪ رتي بہ وڌيڪ نہ هو. هو اهڙو ئي آهي، جهڙو و اوهان لکيو آهي.(1)

حاشيو (1) حضرت عيسيٰ عہ بابت اهي جملا، ڊاڪٽر حميد الله جي ان راءِ سان سهمت آهن تہ سندس ڏنل خط اصحمہ جي نالي هو. والله اعلم.

توهان جيڪي ڪجھ اسان ڏي اماڙيو آيہ، اسان ان کي پرکيو ۽ توهانجي سوٽ ۽ توهانجي اصحابين جي مهمان نوازي ڪئي 7 آئون شاهدي ڏيان ٿو تہ توهان، الله جا سچا ۽ پڪا رسول آهيو ۽ مون توهان سان بيعت ڪئي ۽ توهانجي سوٽ سان بيعت ڪئي ۽ ان جي هٿ تي الله ڪارڻ اسلام قبوليو."(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 61/3

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم نجاشيءَ کي اهو بہ لکيو هو تہ هو حضرت جعفر رضہ ۽ ٻين مهاجرن کي حبش مان روانو ڪري. تنهنڪري هن، حضرت عمرو بن اميہ رضہ سان گڏ ٻن ٻيڙيڻ انهن کي موڪلڻ جو بندوبست ڪيو. هڪ ٻيڙي،

جنهن ۾ حصرت جعفر رضہ ۽ حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ ۽ ڪجھ ٻيا اصحابي سڳورا چڙهيا هئا. سڏو خيبر پهتي. ٻي ٻيڙيءَ ۾ گهڻو ڪري ٻار ٻچا هئا. جيڪي سڌو مديني پهتا.(2)

حاشيو (2) ابن هشام 359/2

متي ڄاڻايل نجاشي تبوڪ واري لڙائيءَ کانپوءِ رجب 9 ھ ۾ گذاري ويو. پاڻ سڳورن ﷺ سندس گذاري وڃڻ واري ڏينهن ئي اصحابي سڳورن کي سندس وفات جو ڄاڻ ڏنو ۽ ان لاءِ غائباڻي جنازي نماز پڙهي. ان کان پوءِ جيڪو بادشاھ ٿيو، پاڻ سڳورن ﷺ ان ڏانهن بہ خط موڪليو. پر اهو پتو نہ پئجي سگهيو تہ ان اسلام قبوليو يا نہ!

2. مصر جي بادشاھ مقوقس ڏانهن خط:- پاڻ سڳورن ﷺ هڪ خط جريح بن متي (1) ڏانهن اماڻيو. جنهن جو لقب مقوقس هو ۽ جيڪو مصر ۽ اسڪندريہ جو بادشاھ هو. خط جي لکت هن طرح هئي:

حاشيو (1) اهو نالو علامہ منصورپوريءَ رحمت اللعالمين ۾ ڏنو آهي. ڊاڪٽر حميدالله ان جو نالو بنيامين ٻڌايو آهي.

بسم الله الرحمان الرحيم

الله جي ٻانهي ۽ ان جي رسول محمد صلی الله علیه وسلم پاران قبط جي بادشاهه مقوقس ڏانهن

ان تي سلام، جيڪو سڌي واٽ تي هلي. اما بعد.

آئون توهانکي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو. اسلام قبوليندؤ تہ سلامت رهندؤ ۽ اسلام قبوليندؤ تہ الله توهان کي ٻٽو اجر ڏيندو، پر جي توهان منهن موڙيو تہ توهان تي قبطي قوم جو بہ گناهہ ٿيندو. اي قبطيو! هڪ اهڙي ڳالهہ ڏي اچو، جيڪا اسان ۽ توهان لاء هڪجهڙي آهي تہ اسين الله کانسواء ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريون ۽ سان ڪنهن بہ شيء کي شريڪ نہ ڪريون ۽ اسان مان ڪن، ڪن ماڻهن کي الله جي بدران پالڻهار ڪري ڇڏيو آهي. بس جي اهي منهن موڙين تہ (ڪين) ٻڌائي ڇڏجوٴ تہ شاهد رهجوٴ تہ اسين مسلمان آهيون. (1)

حاشيو (1) زادالمعاد - ابن قيم 61/3 ويجهڙائيءَ اهو خط هٿ آيو آهي. ڊاڪٽر حميدالله ان جو فوٽو بہ ڇپايو

آهي. ان ۾ ۽ زادالمعاد جي لکتڻ رڳو ٻن لفظن جو فرق آهي. زادالمعاد ۾ اسلم تسلم - اسلم يوتڪ الله آهي ۽ هن خط ۾ آهي تہ فاسلم تسلم يوتڪ الله. اهڙيءَ طرح زادالمعاد ۾ اثم اهل القبط آهي ۽ هن خط ۾ اثم القبد آهي.

هي خط پهچائڻ لاء حضرت حاطب بن ابي بلتعہ رضہ کي چونڊيو ويو، جنهن مقوقس جي درٻار ۾ پهچي چيو تہ "(هن سرزمين تي) توهان کان اڳ هڪڙو اهڙو ماڻهو ٿي گذريو آيہ، جيڪو پنهنجو پاڻ کي رب اعليٰ سمجهندو هو. الله تعاليٰ کيس جڳ جهان لاء قيامت تائين عبرت جو نشان بڻائي ڇڏيو. پهرين تہ سندس هٿان ماڻهن کان پلاند ڪيو پوء کيس ئي انتقام جو نشانو بڻايائين. تنهنڪري چڱو اهو ٿيندو تہ توهان ان مان عبرت وٺو، ائين نہ ٿئي تہ ماڳهين ٻيا توهان مان عبرت حاصل ڪن."

مقوقس چيو تہ "اسانجو بہ هڪ دين آهي، جيڪو ايستائين نٿا ڇڏي سگهون، جيستائين ڪو ان کان ڀلو دين نٿو ملي."

حضرت حاطب چيو تہ "اسان، توهان کي اسلام جي دعوت ڏيون ٿا، جنهن کي الله تعاليٰ سڀني دينن جو مٽ بڻايو آهي."

(هن کان پوءِ وارو حصو ڪتاب جي 480 صفحي تان ڏسي لکبو.)

مقوقس چيو تہ "مون هن نبيءَ جي ڳالهين کي ڌيان سان پرکيو تہ ڏٺم تہ هو ڪنهن اڻوڻندڙ ڳالهہ جو حڪم نٿو ڏي ۽ ڪنهن بہ چڱائيءَ کان نٿو روڪي. اهو نہ ڪوراهہ تنا ٽڙيل جادوگر آهي ۽ نہ ئي ڪوڙو ڪاهن. پاڻ آئون تہ ڏسان پيو تہ ان کي نبوت جياها نشاني مليل آهي، جو هو لڪل کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ڪن ۾ چيل ڳالهہ بہ ٻڌائي وٺي ٿو. آئون وڌيڪ بہ غور ڪندس."

مقوقس اهو خط وٺي (احترام سان) عاج جي هڪ دٻيءَ ۾ رکيو ۽ پنهنجي هڪ ٻانهيءَ جي حوالي ڪيو. پوءِ هڪ عربي لکندڙ ڪاتب کي سڏرائي پاڻ سڳورن ﷺ کي موڪلڻ لاءِ هيٺ ڏنل خط لکرايو:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد بن عبدالله ڏانهن قبط جي بادشاهہ مقوقس پاران توهان تي سلام هجن. اما بعد.

مون توهانجو خط پڙهيو ۽ ان ۾ توهانجي لکيل ڳالهہ ۽ دعوت کي سمجهيم. مونکي خبر هئي تہ اجا هڪ نبي اچڻو آهي. مون سمجهيو ٿي تہ اهو شام ملڪ ۾ ظاهر ٿيندو. مون توهانجي قاصد کي ڏاڍي عزت ڏني آهي. توهانجي خدمت۾ بہ ٻانهيون موڪلي رهيو آهيان، جن جي قبطين ۾ ڏاڍي هاڪ آهي ۽ ڪجهہ ڪپڙا بہ موڪلي رهيو آهيان ۽ توهانجي سواريءَ لاء هڪ خچر بہ هديو ڪري رهيو آهيان، توهانکي سلام هجن.

مقوقس ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ لکيو ۽ نہ اسلام قبوليو. ٻئي ٻانهيون، ماريہ ۽ سيرين هيون. خچر جو نالو دلدل هو، جيڪو معاويہ جي ڏينهن تائين جيئرو هو.(1) پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، ماريہ رضہ کي پاڻ وٽ رکيو. ان مان ئي پڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو فرزند ابراهيم پيدا ٿيو. باقي سيرين رضہ کي حضرت حسان بن ثابت رضہ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

حاشيو (1) زادالمعاد 61/3

3. فارس (ايران) جي بادشاھ خسرو پرويز ڏانھن لکيل

خط:- پاڻ سڳورن ﷺ ھک خط ايران جي بادشاھ خسرو پرويز ڏانھن موڪليو، جنھن جي لکت ھن ريت ھئي:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد ﷺ رسول الله پاران فارس جي بادشاھ خسرو ڏانھن

"ان ماڻھوءَ تي سلام، جيڪو سڌي واٽ تي ھلي ۽ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻي ۽ شاھدي ڏي تہ الله کانسواءِ ڪير بہ عبادت جوڳو نہ آھي. ھو وحدہ لاشريڪ آھي ۽ محمد ﷺ ان جو ٻانھو ۽ رسول آھي. آئون توھانکي الله ڏانھن سڏيان ٿو، ڇو تہ آئون سڀني انسانن لاءِ الله پاران موڪليل آھيان تہ جيئن جيڪو جيئرو آھي، اھو ٻيڙي ٻڄاڻيءَ کان ڊڄي وڃي ۽ ڪافرن تي سچي ڳالھ ثابت ٿي وڃي. (يعني حجت پوري ٿئي) بس توھان اسلام قبوليو ۽ ان سلامتيءَ سان رھو ۽ جي توھان انڪار ڪيو تہ مجوسين جي گناھ جو بار بہ توھان تي ھوندو."

هي خط ڪٽي وجڻ لاءِ پان سڳورن ﷺ، حضرت عبدالله بن حذافہ سهمي رضہ کي چونديو. ان اهو خط بحرين جي حڪمران جي حوالي ڪيو. اها خبر ڪانهي تہ هن اهو خط پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ هٿان ڪسريٰ تائين پهچايو يا حضرت عبدالله سهمي رضہ کي ئي اوڏانهن روانو ڪيو. بهرحال جڏهن اهو خط خسرو کي پڙهي ٻڌايو ويو تہ هن اهو ڦاڙي ڇڏيو ۽ ڏاڍي هٺ ۽ وڏائيءَ سان چيائين تہ "منهنجي رعايا مان هڪ حقير غلام، پنهنجو نالو منهنجي نالي کان اڳ ٿو لکي!" پاڻ سڳورن ﷺ کي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "خدا ڪري تہ سندس بادشاهت بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي." پوءِ ٿيو بہ ائين، جيئن پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو هو. هوڏانهن خسرو پنهنجي يمن واري گورنر باذان کي ڪلي موڪليو تہ ٻہ جانٺڙد موڪل تہ وڃي حجاز واري ان همراهہ کي وٺي مون تائين پهچائين. باذان هڪدم ٻہ ماڻهو چونڊي ڪين هڪ خط ڏئي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ موڪليو، جنهن ۾ حڪم ڏنل هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ انهن سان گڏ خسرو وٽ هليا

وجن. جڏهن اهي مديني پهتا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي سامهون ٿي ته هڪ چيو ته "شهنشاهه ڪسريٰ، شاهه باذان کي هڪ خط ذريعي حڪم ڏنو آهي ته اهي توهان وٽ ماڻهو موڪلي، توهانکي ڪسريٰ وٽ پهچائين ۽ باذان، ان ڪم لاءِ مونکي اوهان وٽ موڪليو آهي ته توهان مون سان گڏجي هلو. گڏوگڏ هن ڌمڪيون به ڏنيون. پاڻ سڳورن ﷺ کين بئي ڏينهن تائين ترسايو.

هوڏانهن ان ئي مهل جڏهن مديني ۾ اها دلچسپ مهم درپيش هئي، خسرو پرويز پاڻ به پنهنجي ئي گهراڻي جي هڪ سازش ۽ بغاوت جي وَرُ چڙهي ويو هو. جنهن جي نتيجي ۾ قيصر جي فوجن هٿان فارسي فوجن جي لاڳيتين هارن ڪانپوءِ خسرو جو پٽ شيرويه، پنهنجي پيءُ کي ماري پاڻ بادشاهه ٿي وينو هو. اهو اڱاري جي رات، جماد الاول سن 7 هه جو واقعو آهي. (1) پاڻ سڳورن ﷺ کي ان واقعي جي خبر وحيءَ ذريعي پهتي. تنهن ڪانپوءِ

حاشيو (1) 127/8

صبح جو جڏهن ٻئي فارسي نمائندا پهتا تہ پاڻ سڳورن ﷺ کين واقعو ٻڌايو. انهن چيو تہ "هوش ۾ تہ آهيو تہ اوهان ڇا پيا چئو؟ اسين تہ توهان جي ان کان ننڍڙي ڳالهہ کي بہ اعتراض جوڳو سمجهون ٿا، پوءِ ڇا توهان جي هيءَ ڳالهہ بادشاهہ کي لکي موڪليون؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو! کيس منهنجي اها ڳالهہ پلي لڳي موڪليو ۽ کيس اهو بہ چئجوءِ تہ منهنجو دين ۽ منهنجي حڪومت اوستائين ضرور پهچندا، جيستائين ڪسريٰ پهچي چڪو آهي. بلڪ ان کان بہ اڳتي اتي وڃي بيهندي، جنهن کان اڳيان اٺ ۽ گهوڙن جا پير وڃي ئي نٿا سگهن. توهان ٻئي کيس اهو بہ وڃي چئجوءِ تہ جي مسلمان ٿيندين تہ جيڪي ڪجهہ تنهنجي هٿ ۾ آهي، اهو سڀ تو وٽ ئي رهڻ ڏيندس ۽ توکي تنهنجي قوم جو بادشاهہ ڪندس.ان ڪانپوءِ اهي ٻئي مديني مان نڪتا ۽ اچي باذان وٽ پهتا ۽ کيس پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌايائون. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ خط پهتہ تہ شيرويہ پنهنجي پيءُ کي ماري ڇڏيو آهي. شيرويہ، پنهنجي

خطِ اها بہ هدايت ڪئي تہ جنهن ماڻهوءَ جي نالي بابا توکي لکيو هو، ان کي بئي حکم تائين ڪجهہ نہ چئجان.

ان واقعي ڪري باذان ۽ سندس فارسي ساٿي (جيڪي يمن ۾ رهيل هئا) مسلمان ٿي ويا.(1)

حاشيو (1) محضرات خضري 147/1 - فتح الباري 127/8، 128

4. روم جي قيصر ڏانهن لکيل خط:- صحيح بخاريءَ جي هڪ ڊگهي حديث ۾ ڳالهين مان ڳالهہ نڪرندي هن خط جو تت ڏنو ويو آهي، جيڪو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، روم جي شهنشاهہ هرقل کي لکيو هو. اهو خط هن طرح آهي:

بسم الله الرحمان الرحيم

الله جي ٻانهي ۽ ان جي رسول محمد صلى الله عليه وسلم پاران روم جي شهنشاهہ هرقل ڏانهن

ان ماڻهوءَ تي سلام هجي، جيڪو سڌي واٽ تي هلي ٿو. توهان اسلام قبوليو تہ سلامت رهندؤ. اسلام قبوليندؤ تہ الله ان جو ٻيڻو اجر ڏيندو، پر جي انڪار ڪندؤ تہ توهان تي اَرِيسين (رعيت) جي گناهہ جو بار بہ پوندو. اي اهل

ڪتاب! هڪ اهڙي ڳالهہ ڏي ورو، جيڪا اسانجي ۽ اوهانجي لاء هڪ جهڙي آهي تہ اسين الله ڪانسواء ٻيو ڪنهن ڪي بہ نہ پوڄيون، ساڻس ڪابہ شيء شريڪ نہ ڪريون ۽ الله بدران ڪنهن کي بہ ڪير بہ پالڻهار نہ سمجهي. بس پوء بہ جيڪو نہ مڃي تہ انهن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ اسين مسلمان آهيون.(1)

حاشيو (1) صحيح بخاري 4/1، 5

هيءُ خط پهچائڻ لاء دِحيہ بن خليفہ ڪلبي رضہ کي چونڊيو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ، کين حڪم ڪيو تہ اهو خط بصري جي واليءَ جي حوالي ڪري ۽ اهو هن خط کي قيصر تائين پاڻهي پڄائيندو. ان کانپوء جيڪي ٿيو، ان جو تفصيل صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابن عباس رضہ کان بيان ڪيل آهي. ان جو بيان آهي تہ ابو سفيان بن حرب کين ٻڌايو تہ هرقل، کيس قريشن جي جماعت سميت گهرايو. اها جماعت حديبيہ واري "ناهہ کانپوء قائم ٿيل امن وارن ڏينهن ۾ شام ملڪ ۾ واپار سانگي وئي هئي. اهي ايلياء (بيت

المقدس) ۾ هن وٽ پهتا. (1) هرقل کين درٻار ۾ سڏايو. ان مهل سندس چوڌاري روم

حاشيو (1) ان مهل قيصر، فارسين کان جنگ کٽڻ کري خدا جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ حمص کان ايلياء (بيت المقدس) ويو هو. (ڏسو صحيح مسلم 99/2) تفصيل هن ريت آهي ته فارسين خسرو پرويز جي مارجڻ بعد رومين کي سندن قبايل علائقا ڏيڻ جو ناهه ڪيو ۽ کين اها صليب به موٽائي ڏني، جنهن بابت عيسائين جو عقيدو آهي ته ان تي حضرت عيسيٰ عہ کي چاڙهيو ويو هو. قيصر ان ناهه کانپوءِ صليب کي اڳوڻي جڳهه تي لڳائڻ ۽ سوڀارو ٿيڻ جي ڪري ٿورا مڃڻ لاءِ 629ع يعني 7 هہ ۾ ايلياء (بيت المقدس) ويو هو.

روم جا وڏا ڏوا ماڻهو ويٺل هئا. پوءِ هن، ٽياڪڙ کي گهرائي کين چيو ته "اهو همراهه، جيڪو پنهنجو پاڻ کي نبي ٿو سمجهي، ان سان توهان مان ڪنهن جي ويجهڙائپ يا مائٽي آهي؟" ابو سفيان ٻڌائي ٿو ته مون چيو ته "آئون سندس سڀ کان ويجهو مائٽ آهيان." هرقل چيو ته "انهين

ڪي ويجهو ڪريو ۽ سندس ساٿين ڪي بہ ويجهو آڻي سندس پٺيان ويهاريو." ان ڪانپوءِ هرقل، پنهنجي ٽياڪڙ ڪي چيو تہ "آئون هن همراهہ ڪان، هن همراهہ (پاڻ سڳورن ﷺ) بابت سوال ڪندس. جيڪڏهن هي ڪوڙ ڳالهائي تہ تون ڪيس ڇڙٻ ڏجان." ابو سفيان ٻڌائي ٿو تہ خدا جو سنهن، جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهائڻ تي خوار ٿيڻ جو ڊپ نہ هجي ها تہ آئون پاڻ سڳورن ﷺ بابت ضرور ڪوڙ ڳالهايان ها. ابوسفيان ٻڌائي ٿو تہ ان ڪانپوءِ هرقل جيڪو پهريون سوال ڪيو، اهو هي هو تہ توهان ۾ هن جو نسب ڪيئن آهي؟

مون چيو تہ : هو اوچي نسل وارو آهي.

هرقل پڇيو تہ: ڇا هن کان پهرين بہ توهان ۾ ڪنهن اهڙي هام هنئي آهي؟

مون چيو تہ : نہ

هرقل پڇيو تہ:ڇا سندس ابن ڏاڏن مان ڪو بادشاهہ ٿيو آهي؟

مون چيو تہ : نہ

هرقل پڇيو تہ: ڀلا سندس پيروي وڏن ماڻهن ڪئي يا ڪمزورن؟

مون چيو تہ : ڪمزورن

هرقل پڇيو تہ:(سندس پوئلڳ) وڌن پيا يا گھٽجن پيا؟

مون چيو تہ :وڌن پيا.

هرقل پڇيو تہ:ڇا هن جو دين قبولڻ ڪانپوءِ ڪو ماڻهو مرتد بہ ٿيو آهي؟

مون چيو تہ :نہ

هرقل پڇيو تہ:اها هام هڻڻ ڪان اڳ ڇا توهان ڪيس ڪوڙ ڳالهائيندي ڏٺو؟

مون چيو تہ :نہ

هرقل پڇيو تہ:ڇا هو بدعهدي بہ ڪري ٿو؟

مون چيو تہ : نہ، بلڪہ اسان ۽ هن جي وچ ۾ هينئر ناهہ ٿيو آهي. نجاڻ هو ان دوران ڇا ڪندو؟ ابوسفيان ٻڌائي ٿو تہ هن فقري ڪانسواءِ مونکي ڪٿي بہ غلط ڳالهہ ڪرڻ جو وجهہ نہ مليو.

هرقل پڇيو تہ:ڇا توهان هن سان ويڙهہ ڪئي آهي؟

مون چيو تہ : هائو.

هرقل پڇيو تہ: نتيجو ڇا نڪتو؟

مون چيو تہ : ويڙهہ ۾ اسين ٻئي (ڏريون) هڪجهڙيون آهيون. ڪڏهن هو اسانکي ڏکيو وجي تہ ڪڏهن اسين ڏکيو وجونس.

هرقل پڇيو تہ:هو توهانکي ڪهڙين ڳالهين جو حڪم ڪري ٿو؟

مون چيو تہ : هو چوي ٿو تہ رڳو هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪريو. توهان جا ابا ڏاڏا جيڪي ڪجهہ چوندا هئا، ان کي ڇڏي ڏيو. هو اسانکي نماز، سچائي، تقويٰ ۽ پاڪائي ۽ مٽن مائٽن سان چڱي هلت جو حڪم ڏئي ٿو.

ان بعد هرقل پنهنجي ٿياڪڙ کي چيو تہ "تون هن (ابو سفيان) کي چئہ تہ مون توکان هن جو نسب پڇيو تہ تو چيو تہ هو اوچي نسب جو آهي. دستور بہ اهو آهي تہ پيغمبر پنهنجي قوم جي اوچي نسل مان هوندو آهي. پوء مون پڇيو تہ اها هام ان کان اڳ نہ ڪنهن اوهان مان هنئي هئي؟ تو

چيو تہ "نہ". جيڪڏهن سندس ابن ڏاڏن مان ڪو بادشاهہ ٿيو هجي ها تہ آئون چونا ها تہ هو بہ بادشاهت ٿو گهري.

پوءِ مون پڇيو تہ هو جيڪا ڳالهہ ڪري پيو، اها ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ بہ توهان ڪڏهن ڪيس ڪوڙ ڳالهائيندي ٻڌو آهي تہ تو چيو تہ "نہ" آئون چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو تہ ائين ٿي ئي نٿو سگهي تہ جيڪو ماڻهو، ماڻهن سان ڪوڙ نہ ڳالهائي، اهو الله تي بهتان هڻي سگهندو.

مون اهو بہ پڇيو تہ سندس پيروي وڏا ماڻهو پيا ڪن يا ڪمزور؟ تنهن تي تو ٻڌايو تہ سندس پيروي ڪمزور پيا ڪن ۽ سچ پڇين تہ اهڙا ئي ماڻهو پيغمبرن جي پيروي ڪندا آهن.

مون پڇيو تہ ڇا هن دين ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ڪير مرتد بہ ٿيو آهي؟ تنهن تي تو ٻڌايو تہ "نہ" ۽ حقيقت اها آهي تہ ايمان جي تازگي جڏهن روحن ۾ گهڙندي آهي تہ ائين ئي ٿيندو آهي.

پوءِ مون پڇيو تہ ڇا هو بدعهدي بہ ڪري ٿو؟ تنهن تي تو ٻڌايو تہ "نہ". پيغمبر اهڙا ئي ٿيندا آهن، اهي بدعهدي ڪونہ ڪندا آهن.

مون اهو بہ پڇيو تہ هو ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو حڪم ڏي ٿو؟ تنهن تي تو ٻڌايو تہ هو الله جي عبادت ڪرڻ ۽ ان سان ڪنهن ڪي بہ شريڪ نہ ڪرڻ جو حڪم ڏي ٿو، بت پرستيءَ کان روڪي ٿو ۽ نماز، سچائي، تقويٰ ۽ پاڪائيءَ جو حڪم ڏي ٿو.

هاڻي جيڪي ڪجهہ تو ٻڌايو آهي، جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ اهو ماڻهو ترت ئي منهنجي پيرن واري جاءِ جو بہ مالڪ ٿي ويندو. آئون ڄاڻان ٿو تہ ترت ئي منهنجي پيرن واري واري جاءِ جو بہ مالڪ ٿي ويندو. آئون ڄاڻان ٿو تہ اهڙو هڪ الله جو نبي اچڻو آهي، پر مونکي خيال بہ ڪونہ هو تہ اهو توهان منجهان ٿيندو. جيڪڏهن مونکي هن تائين پهچڻ جي پڪ هجي ها تہ آئون ساڻس ملڻ جي تڪليف ضرور ڪريان ها ۽ جيڪڏهن ان تئاين پهچان ها تہ سندس ٻئي پير ڌوئان ها."

ان کانپوء هرقل، پاڻ سڳورن ﷺ جو خط گهرائي پڙهيو. خط پڙهي واندو ٿيو ته اتي گوڙ مچي ويو. هرقل اسان بابت حڪم ڏنو ۽ اسانکي ٻاهر موڪليو ويو. ٻاهر اچي مون پنهنجن ساٿين کي چيو ته "ابو ڪبشه (1) جي پٽ جو معاملو چوٽ چڙهي ويو. هن کان ته بنو اصفر (رومي) (2) جو بادشاهه به ڊڄي ٿو." ان کانپوء مونکي پوري پڪ ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ جو دني نيٺ غالب ٿيندو. تنهن کانپوء الله تعاليٰ منهنجي دل ۾ اسلام (سان محبت) وجهي ڇڏي.

حاشيو (1) ابو ڪبشه جو پٽ، پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو ويندو آهي. ابو ڪبشه، پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي يا ناني مان ڪنهن جي ڪنيت هئي، اهو به چيو وڃي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي رضاعي پيءُ (بيبي حليمه سڳوري رضه) جي گهري واري) جي ڪنيت هئي. بهرحال ابو ڪبشه اڻڄاتل ماڻهو هو ۽ عربن جو دستو هو ته جڏهن ڪنهن جي عيب جوئي ڪرڻي هوندي هئن ته ان کي سندس ابن ڏاڏن مان ڪنهن اڻڄاتل ماڻهوءَ سان منسوب ڪري ڇڏيندا هئا.

حاشيو (2) بنو الاصفر (اصفر جو اولاد) اصفر معنيٰ زردو يا هئڊو. رومين کي بنو الاصفر چيو ويندو هو، ڇو ته روم جي جنهن پٽ مان رومين جو نسل هليو، اهو ڪنهن سبب ڪري اصفر (زردو) جي لقب سان مشهور ٿيو.

اهو هو قيصر تي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي خط جو اثر، جيڪو ابوسفيان اکين سان ڏٺو. هن خط جو هڪ اثر اهو به ٿيو ته قيصر، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي قاصد يعني دحيه ڪلبي رضه کي مال متاع ۽ ڪپڙا لٽا سوکڙيءَ طور ڏنا، پر موٽڻ مهل حسميٰ ۾ جذام قبيلي جي ڪن ماڻهن ڌاڙو هڻي سڀ سامان ڦري ورتو. حضرت دِحيه رضه مديني پهچي، گهر وڃڻ بدران سڌو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهتو ۽ پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايائين، جنهن تي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم حضرت زيد بن حارثه رضه جي اڳواڻيءَ ۾ پنج سؤ اصحابين جو هڪ جٿو حسميٰ موڪليو، جن جذام قبيلي تي راتاهو هڻي چڱي خاصا ماڻهو ماري ڇڏيا ۽ انهن جا وهٽ ۽ عورتون ڪاهي آيا. وهٽن ۾ هڪ هزار اٺ ۽ پنج هزار ٻڪريون هيون ۽ ٻاندين ۾ هڪ سؤ مايون ۽ ٻار هئا.

جيئن تہ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ جذام قبيلي ۾ ناھ ٿيل ھو، انڪري قبيلي جي ھڪ سردار حضرت زيد رضہ بن رفاعہ جذاميءَ ترت پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پھچي دانھن ڏني. ھو پنھنجي قبيلي جي ڪن ماڻھن سان گڏ اڳيئي مسلمان ٿي چڪو ھو ۽ جڏھن حضرت دِحيہ رضہ ڪان ڦر ٿي تہ ان جي مدد بہ ڪئي ھئائين. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ سندن چوڻ تي غنيمت جو مال ۽ باندي موٽائي ڇڏيا.

عام طور تي ھن واقعي کي حديبيہ واري واقعي کان اڳ جو چيو وڃي ٿو، پر اھا ڪليل غلطي آھي، ڇو تہ قيصر وٽ حديبيہ واري ناھ ڪانپوءِ ئي خط موڪليو ويو ھو. انڪري ئي علامہ ابن قيم لکيو آھي تہ اھو واقعو بنا ڪنھن شڪ شبھي جي حديبيہ کان پوءِ جو آھي.(1)

حاشيو (1) ڏسو زادالمعاد 122/2 تلقيح الفھوم صفحو 29

5. منذر بن ساوي ڏانھن خط:- پاڻ سڳورن ﷺ ھڪ خط بحرين جي حڪمران منذر بن ساوي ڏانھن بہ موڪلي کيس اسلام جي دعوت ڏني. موٽ ۾ منذر، پاڻ سڳورن ﷺ کي لکيو تہ "اما بعد، يا رسول اللهﷺ مون توھان

جو خد بحرين وارن کي پڙهي ٻڌايو. ڪن ماڻهن اسلام کي محبت ۽ پاڪيزگيءَ جي نظر سان ڏٺو ۽ ان جي حلقي ۾ اچي ويا ۽ ڪن کي ڳالهه نه وڻي. منهنجي ڌرتيءَ تي يهودي ۽ مجوسي گهڻا آهن، تنهنڪري توهان انهن بابت حڪم موڪليو." ان جي جواب ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هي خط لکيو ته:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد ﷺ رسول الله پاران منذر بن ساوي ڏانهن

تو تي سلام هجي. آئون توسان گڏ الله جي ساراه ڪريان ٿو، جنهن کانسواءِ ڪير به عبادت جوڳو ناهي ۽ آئون شاهدي ڏيان ٿو ته محمد ﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي. اما بعد آئون توکي الله عزوجل جي ياد ڏياريان ٿو. ياد رهي ته جيڪو ماڻهو چڱائي ڪندو ۽ جيڪو ماڻهو منهنجن قاصدن جي اطاعت ۽ سندن حڪمن جي پيروي ڪندو، ڇڻ ته اهو منهنجي اطاعت ڪندو ۽ جيڪو انهن سان خيرخواهي ڪندو، ڇڻ اهو مون سان خير خواهي ڪندو. منهنجن قاصدن تنهنجي چڱي ساراه ڪئي آهي ۽ مون تنهنجي قوم بابت

تنهنجي سفارش قبولي آهي، تنهنڪري ان کي قبول ڪر ۽ جيستائين تون چڱو هلندين، تيستائين اسان توکي ڪونہ هٽائينداسين ۽ جيڪي يهوديت 7 مجوسيت تي قائم رهن، تن لاء جزيو آهي.(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 61/3، 62 هي خط ويجهڙ۾ مليو آهي ۽ ڊاڪٽر حميد الله صاحب ان جو عڪس ڇپرايو آهي. زادالمعاد جي لکت ۽ هن فوٽوءَ واري لکت ۾ رڳو هڪ لفظ جو فرق (يعني عڪس ۾) آهي لاالہ الا هو بدران لا الہ غيره آهي.

6. هوذه بن علي ڏانهن لکيل خط:- پاڻ سڳورن ﷺ، هوذه بن علي، يمامہ جي حاڪم ڏانهن هيٺ ڏنل خط لکيو:

بسم اللّٰہالرحمان الرحيم

محمد ﷺ رسول الله پاران هوذه بن عليءَ ڏانهن

ان ماڻهوءَ تي سلام، جيڪو سڌي واٽ تي هلي. توکي ڄاڻ هجڻ گهرجي تہ منهنجو دين انن ۽ گهوڙن جي پهچ جي آخري حد تائين نيٺ غالب ٿيندو، تنهنڪري اسلام قبول

ڪر. تنهنجي هٿ هيٺ جيڪي ڪجهہ آهي، اهو تو وٽ ئي رهندو.

هي خط پهچائڻ لاءِ حضرت سليط بن عمرو عامري رضہ جي چونڊ ڪئي وئي. هو مهر لڳل خط کڻي هوذه وٽ پهتو. ان سندن چڱي آذرڀاءُ ڪئي. حضرت سليط رضہ خط پڙهي ٻڌايو تہ هن وچٿرو جواب ڏنو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي لکيو تہ "توهان جنهن شيءَ جي دعوت ڏيو پيا، اها پنهنجو مٽ پاڻ آهي. عربستان ۾ منهنجو دابو ويٺل آهي، انڪري مونکي ڪو عهدو ڏيو. آئون توهان جي پيروي ڪندس.

هن حضرت سليط رضہ کي تحفا بہ ڏنا ۽ هجر جو نهيل ڪپڙو بہ ڏنو. حضرت سليد رﷺ اهي سوکڙيون پاکڙيون کڻي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو ۽ پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جيڪڏهن هو زمين جو هڪڙو ٽڪرو بہ مونکان گهرندو تہ آئون ڪونہ ڏيندس. باقي جيڪي ڪجهہ سندس هٿ ۾ آهي، اهو بہ تباهہ ٿيندو."

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مکو فتح ڪري موٽيا تہ حضرت جبرئيل عہ اها خبر ٻڌائي تہ هوذه مري ويو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ (ماڻهن کي) چيو تہ "ٻڌو يمامہ ۾ هڪ ڪذاب (ڪوڙو) ظاهر ٿيڻ وارو آهي، جيڪو مونکان پوء قتل ڪيو ويندو." هڪ ڄڻي پڇيو تہ "يا رسول الله ﷺ !ڪيس ڪير ماريندو؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تون ۽ تنهنجا ساٿي." پوء ٿيو بہ ائين.(1)

حاشيو (1) زادالمعاد 63/3

7. دمشق جي حاڪم حارث بن ابي شمر غسانيءَ ڏانهن لکيل خط:-

پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس هيٺ ڏنل خط موڪليو:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد ﷺ رسول الله پاران حارث بن ابي شمر ڏانهن

"ان ماڻهوءَ تي سلام، جيڪو سڌي واٽ تي هلي ۽ ايمان آڻي ۽ تصديق ڪري. آئون توکي دعوت ٿو ڏيان تہ ايمان آڻ، ان الله تي جيڪو وحده لاشريڪ لہ آهي تہ تولاء تنهنجي بادشاهت باقي رهندي."

اهو خط اسد بن خزيمہ قبيلي جي هڪ اصحابي سڳوري شجاع بن وهب رضہ جي هٿان موڪليو ويو. جڏهن هن اهو خط حارث کي ڏنو تہ ان چيو تہ "مونکان منهنجي بادشاهت ڪير ٿو ڇني سگهي؟ آئون پاڻ ان تي يلغار ڪرڻ وارو ئي آهيان." ۽ مسلمان نہ ٿيو.

8. عمان جي بادشاهہ ڏانهن لکيل خط:- پاڻ سڳورن ﷺ هڪ خط عمان جي بادشاهہ جيفر ۽ سندس ڀاءُ عبد ڏانهن لکيو. ٻنهي جي پيءُ جو نالو جلندي هو. خط جي لکت هن طرح هئي:

بسم الله الرحمان الرحيم

محمد ﷺ بن عبدالله پاران جلنديءَ جي ٻنهي پٽن جيفر ۽ عبد ڏانهن

ان ماڻهوءَ تي سلام، جيڪو سڌي واٽ تي هئي. اما بعد!

آئون توهان ٻنهي کي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو. اسلام قبوليو تہ سلامت رهندؤ. ڇو تہ آئون سموري انسانذات لاءِ الله جو (موڪليل) رسول آهيان، تہ جيئن جيڪي جيئرا آهن، انهن کي آخرت جي خطري کان آگاهہ ڪري ڇڏيان ۽ ڪافرن

جي حجت بہ پوري ٿي وڃي. جيڪڏهن توهان ٻئي اسلام قبوليندؤ تہ توهان ٻنهي کي والي ۽ حاڪم ڪري رکندس ۽ جيڪڏهن توهان ٻنهي اسلام کان منهن موڙيو تہ توهانجو راڄ ڀاڳ ختم ٿي ويندو. توهانجي ڌرتيءَ تي گهوڙا چاڙهيا ويندا ۽ توهانجي بادشاهت تي نبوت غالب اچي ويندي.

اهو خط پهچائڻ لاء حضرت عمرو بن العاص رضہ کي چونڊيو ويو. پاڻ ٻڌائين ٿا تہ آئون عمان پهتس ۽ وڃي عبد سان مليس. ٻنهي ڀائرن ۾ اهو وڌيڪ سمجهو ۽ نرم دل وارو هو. مون چيو تہ "آئون توهان وٽ ۽ توهانجي ڀاءُ وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جو نياپو کڻي آيو آهيان." هن چيو تہ "ادا سائين ڄمار ۽ بادشاهي، ٻنهي ۾ مونکان وڏو آهي، انڪري آئون توکي ان تائين پهچايان ٿو تہ اهو خط پڙهي وٺي." ان کانپوء هن پڇيو تہ "ڀلا توهان دعوت ڇا جي پيا ڏنو؟" مون چيو تہ "اسين هڪ الله جي دعوت ڏيندا آهيون، جيڪو اڪيلو آهي ۽ ساڻس ڪوبہ ڀائيوار نہ آهي. اسين چئون ٿا تہ ان کانسواء جنهن جي بہ پوڄا ڪجي ٿي، اها

ڇڏي ڏيو ۽ هيءَ شاهدي ڏيو تہ محمد ﷺ الله جو ٻانهو ۽ رسول آهي."

عبد پڇيو تہ "اي عمرو! تون پنهنجي قوم جي سردار جو پٽ آهين. ٻڌاءِ تہ تنهنجي پيءُ ڇا ڪيو؟ ڇو تہ اسان لاءِ سندس ڪيل عمل اتباع لائق هوندو."

مون چيو تہ "اهو تہ محمد ﷺ تي ايمان آڻڻ کانسواءِ ئي گذاري ويو، پر مونکي حسرت آهي تہ ڪاش ان اسلام قبوليو هجي ها ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي تصديق ڪئي هجي ها. آئون پاڻ بہ ان جهڙو ئي هوس، پر الله مونکي اسلام قبولڻ جي هدايت ڏني."

عبد پڇيو تہ: تون ڪڏهن سندس پوئلڳ ٿئين؟

مون چيو تہ: ويجهڙائيءَ ۾ ئي.

هن پڇيو تہ: تو ڪٿي اسلام قبوليو؟

مون چيو تہ:نجاشيءَ وٽ ۽ ٻڌايومانس تہ نجاشي بہ مسلمان ٿي چڪو آهي.

عبد پڇيو تہ:سندس قوم، سندس بادشاهيءَ جو ڇا ڪيو؟

مون چيو تہ: اها برقرار رکي ۽ سندس پوئواري ڪئي.

هن پڇيو تہ: اسقفن ۽ راهبن بہ پوئواري ڪئي؟

مون چيو تہ: هائو.

عبد چيو تہ: اي عمرو رضہ! سوچي سمجهي ڳالهاء، ڇو تہ ماڻهوءَ جو ڪوبہ اوگڻ ڪوڙ کان وڌيڪ خواريءَ وارو ناهي.

مون چيو تہ: آئون ڪوڙ نہ پيو ڳالهايان ۽ نہ ئي اسين ان کي حلال سمجهون ٿا.

عبد چيو تہ: منهنجي خيال ۾ هرقل کي نجاشيءَ جي مسلمان ٿيڻ جو پتو ناهي پيو.

مون چيو تہ: ڇو نہ (بلڪل خبر اٿس)

عبد پڇيو تہ: توکي ڪيئن خبر پئي؟

مون چيو تہ: نجاشي، هرقل کي ڏن ڏيندو هو، پر جڏهن اسلام قبوليائين ۽ محمد صلى الله عليه وسلم کي رسول الله ڪري مڃيائين تڏهن چيائين تہ "خدا جو قسم! هاڻي جيڪڏهن هو مونکان هڪ درهم بہ گهرندو تہ آئون ڪونہ ڏيندوسانس." جڏهن اها خبر هرقل تائين پهتي تہ ياڻس يناق چيو تہ "ڇا تون پنهنجن غلامن کي ائين ئي ڇڏي ڏيندي تہ اهي توکي ڏن ڏيڻ بدران ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو دين وجي قبولين؟ هرقل

چيو تہ اهو هڪڙو ماڻهو آهي، جنهن کي هڪ دين وڏيو ۽ هن اهو قبوليو. هاڻي آئون ان کي ڪري بہ ڇا ٿو سگهان؟ خدا جو قسم جي مونکي پنهنجي بادشاهيءَ جو لوڀ نہ هجي ها تہ آئون بہ ائين ڪريان ها. جيئن هن ڪيو آهي.

عبد چيو تہ: عمرو! سمجهي پيو تہ ڇا پيو چوين؟

مون چيو تہ: والله آئون سچ پيو چوان.

عبد پڇيو تہ: چڱو ڀلا هاڻي اهو ٻڌاءِ تہ هو ڪهڙي ڳالهہ جو حڪم ڪري ٿو ۽ ڪهڙي شيءِ کان روڪي ٿو؟

مون چيو تہ: الله عزوجل جي اطاعت ڪري ٿو ۽ ان جي نافرماني ڪرڻ کان جهلي ٿو. نيڪي ۽ رحمدليءَ جو حڪم ڏي ٿو ۽ ظلم ۽ ڏاڍائي، زناڪاري، شراب واپرائڻ ۽ پٿر، بت ۽ صليب کي پوڄڻ کان روڪي ٿو.

عبد چيو تہ: ڪيڏي نہ ڇڱي ڳالهہ جي دعوت ڏي ٿو. جيڪڏهن ادا بہ منهنجو ساٿ ڏي ها تہ اسين سوار ٿي (هلي وڃي) محمد ﷺ تي ايمان آڻيون ها ۽ سندس تصديق ڪريون ها. پر منهنجو ڀاءُ پنهنجي بادشاهت جو لوڀ ان کان وڌ رکي ٿو جو ان کي ڇڏي وڃي ڪنهن ٻئي جو تابع ٿئي.

مون چيو تہ: جي هو اسلام قبوليندو تہ پاڻ سڳورا ﷺ کين سندس قوم جي بادشاهت تي برقرار رکندو. باقي (اهو شرط ضرور هڻندو تہ) هتي جي مالدارن کان صدقو وٺي فقيرن ۾ ورهائي ڇڏي.

عبد چيو تہ: واهہ جي ڳالهہ ٻڌايئي. ڀلا اهو صدقو ڇا آهي؟

جواب ۾ مون ڊار ڊار شين لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي مقرر ڪيل صدقن بابت ٻڌايو. جڏهن اٺن جو وارو آيو تہ هن پڇيو تہ اي عمرو! اسانجن انهن وهٽن تي بہ صدقو لڳندو ڇا. جيڪي پاڻ وجي وڻن ٽڻن مان چريو اچن.

مون چيو تہ: هائو

عبد چيو تہ: والله آئون نٿو سمجهان تہ منهنجي قوم هوندي سوندي بہ اها ڳالهہ مڃيندي.

حضرت عمرو بن عاص رضہ جو بيان آهي تہ آئون سندس اوطاق ۾ ڪجهہ ڏينهن ترسيس. هو پنهنجي ڀاءُ کي منهنجون سڀ ڳالهيون ٻڌائيندو هو. پوءِ هڪ ڏينهن مونکي سڏايائين. آئون اندر ويس تہ پهريدارن ڪٽي مونکي ٻانهن کان جهليو. هن چيو تہ هن کي ڇڏي ڏيو. تنهن تي مونکي

ڇڏي ڏنائون. مون ويهڻ چاهيو تہ خادمن مونکي ويهڻ کون نہ ڏنو. مون بادشاھہ ڏي ڏنو تہ هن چيو تہ پنهنجي ڳالهہ ڪر. مون بند ٿيل لفافو ڪيس ڏنو. هن مهر ٽوڙي خط پڙهيو، جڏهن سڄو پڙهي ورتائين تہ پنهنجي پاءُ ڪي ڏنائين. ان بہ خط پڙهيو ۽ مون ڪيس پنهنجي پاءُ جي پيٽ ۾ وڏيڪ نرم دل ڏنو.

بادشاھہ چيو تہ سڀ، سندن اطاعت قبولي چڪا آهن. ڪو دين سان محبت ڪري تہ ڪوتراڙ جي ڊپ ڪان.

بادشاھہ پڇيو: ساڻن ڪهڙا ماڻهو گڏ آهن؟

مون وراڻيو تہ: سڀئي ماڻهو. انهن پنهنجي مرضيءَ سان اسلام قبوليو آهي ۽ ان ڪي ٻين شين تي ترجيح ڏني آهي. انهن، الله جي هدايت ۽ پنهنجي عقل جي رهنمائيءَ سان اها ڳالهہ ڄاڻي ورتي آهي تہ اهي اڳي گمراھہ هئا. آئون نٿو سمجهان تہ هنن پٺن ۾ هاڻي توهان ڪانسواء ٻيو ڪو رهيو هجي. جيڪڏهن توهان اسلام نہ قبوليو ۽ محمد صلی اللہ علیہ وسلم جي پيروي نہ ڪئي تہ توهان تي چڙهائي ڪئي ويندي ۽ هتي ساوڪ جو نالو نشان بہ نہ رهندو. انڪري اسلام قبوليو تہ

سلامت رهندؤ ۽ پاڻ سڳورا ﷺ توهانکي، توهانجي قوم جو حاڪم ڪري رکندا. نہ ڪو توهان تي سوار ڪاهيندا ۽ نہ پيادا.

بادشاھ چيو تہ: مونکي اچ ڇڏ. سڀاڻي وري اچجان.

ان ڪانپوءِ آئون سندس ڀاءُ وٽ موٽي ويس.

هن چيو تہ عمرو! مونکي اميد آهي تہ جيڪڏهن هن تي بادشاهت جو لوڀ غالب نہ پيو تہ هو اسلام ضرور قبوليندو.

ٻئي ڏينهن ٻيهر بادشاھ وٽ ويس، پر هن ملڻ کان انڪار ڪيو، تنهنڪري آئون وري ڀاڻس وٽ موٽي ويس ۽ ٻڌايومانس تہ بادشاھ تائين پهچي ڪونہ سگهيس. ڀاڻس مونکي ان تائين پهچائي ڇڏيو. هن چيو تہ "مون تنهنجي دعوت تي غور ڪيو آهي. جيڪڏهن آئون بادشاهت ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي ڪريان، جنهن جا گهوڙيسوار اجا تائين هتي پهتا بہ ڪونہ آهن تہ آئون عربستان جو سڀ کان ڪمزور ماڻهو سمجهيو ويندس ۽ جيڪڏهن هو هتي ڪاهي

آيو تہ بہ اھڙي ويڙھہ ٿيندي، جيڪا ان اڳي ٻڌي سئي بہ ڪانہ ھوندي."

مون چيو تہ: ڀلا آئون سياڻي موٽي وجان.

جڏھن ڪيس منھنجي وڃڻ جي پڪ ٿي تہ ھن پاڻس ڪي اڪيلائيءَ ۾ چيو تہ "اھو پيغمبر جن تي غالب اچي چڪو آھي، انھن جي پيٽھ منھنجي ڪابہ حيثيت ڪانھي ۽ ھن، جنھن ڪي بہ نياپو موڪليو آھي، ان دعوت قبولي آھي."

تنھن ڪانپوءِ ٻئي ڏينھن صبح ساڻ مونکي سڏايو ويو ۽ بادشاھہ ۽ پاڻس، ٻنھي اسلام قبوليو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ (جي نبوت) جي تصديق ڪئي ۽ صدقو وصول ڪرڻ ۽ ماڻھن جا فيصلا ڪرڻ لاءِ مونکي آزاد ڇڏيو ويو ۽ منھنجي مخالفت ڪندڙن جي پيٺھ منھنجي مدد ڪئي وئي.

ھن واقعي جي بيان مان پتو پوي ٿو تہ ٻين بادشاھن جي پيٺھ ھنن ٻنھي وٽ ڏاڍو دير سان خط موڪليو ويو ھو. شايد اھو مڪي جي فتح ڪانپوءِ جو واقعو آھي.

انھن خطن ذريعي پاڻ سڳورن ﷺ پنھنجي دعوت دنيا جي گھڻن ئي بادشاھن تائين پھچائي. نتيجي ۾ ڪن

ايمان آندو ۽ ڪي ڪافر رهيا. باقي ايترو ضرور آهي تہ ڪفر ڪرڻ وارن جو ڌيان بہ هن پاسي ڇڪجي ويو ۽ اسلام ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي مبارڪ هستيءَ کان ڀليءَ ڀت واقف ٿي ويا.

حديبيہ واري ٺاهہ کانپوءِ فوجي سرگرميون

غزوه غابہ يا غزوه ذي قرد:- هي غزوو حقيقت ۾ بنو فزاره جي هڪ ٽولي جي ڪڍ لڳڻ هو. جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جا وهٽ ڪاهي ويو هو.

حديبيہ کانپوءِ ۽ خيبر کان اڳ. هي پهريون غزوو آهي، جنهن ۾ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم هليا هئا. امام بخاريءَ ان سلسلي ۾ هڪ ڌار باب جوڙي لکيو آهي تہ اهو خيبر جي جنگ کان ڪجهہ ڏينهن اڳي ٿيو هو. اها ئي روايت هن غزوي جي مک هيرو حضرت سلمہ بن اڪوع رضہ کان بہ آيل آهي.

سندن روايت صحيح مسلم ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

اڪثر تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ هي واقعو صلح حديبيہ کان

اڳ جو آهي پر صحيح بخاريءَ ۾ ٻڌايل ڳالهہ، انهن جي ڳالهہ کان وڌيڪ صحيح آهي.(1)

حوالو(1) ڏسو صحيح بخاري باب غزوة ذات القرد 603/2 صحيح مسلم باب غزوة ذوالقرد وغيره 13/2، 114، 115 فتح الباري 640/7، 461، 462 زادالمعاد 120/2

حضرت سلمہ بن اکوع رضہ کان جيکي روايتون آيل آهن، انهن جو تت اهو آهي تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم پنهنجون کير ڏيند ڏاچيون پنهنجي غلام رباح ۾ هڪ ٻئي اوٺار سان گڏ پهرڻ لاء موڪليون هيون ۽ آ ئون بہ ا بو طلحہ رضہ جي گهوڙي سميت ساڻن گڏ هوس تہ ا وچتو صبح ساڻ عبدالرحمان فزاريءَ ڇاپو هنيو ۽ سڀ ڏاچيون ڪاهي ويو ۽ هڪ ا وٺار بہ ماري ڇڏيائين. مون چيو تہ "رباح رضہ! هي گهوڙو وٺ ۽ ان کي ا بو طلحہ رضہ تائين پهچاء ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي بہ ڄاڻ ڏي." آ ئون پاڻ وري هڪ دڙي تي چڙهي ويس ۽ مديني ڏانهن منهن ڪري ٽي ڀيرا چيم تہ "يا صباحاه! هاء صبح ساڻ حملو" پوء آئون حملو ڪندڙن

پٺيان نڪتس، انهن تي تير بہ پئي وسايم ۽ هيءُ رجز بہ پئي پڙهيم.

اَنا ابنُ الاكوع

وَاليومُ يومُ الرّضع

يعني "آئون اڪوع جو پٽ آهيان ۽ اڄوڪو ڏينهن کير پيڻ واري جو ڏينهن آهي" (يعني اڄ خبر پوندي تہ ڪنهن پنهنجي ماءُ جو کير پيتو آهي.)

سلمہ بن اڪوع رضہ جن جو چوڻ آهي تہ الله جو قسم! آئون لاڳيتو مٿن تيرن جو وسڪارو ڪندو رهيس. جڏهن ڪو سوار مونڏانهن مڙيو ٿي تہ آئون ڪنهن وڻ جي آڙ وٺي ويهي رهيس ۽ پوءِ ڪيس تير هڻي ڏڪي ڇڏيم. جڏهن اهي جبل جي سوڙهي لنگهہ ۾ گهڙيا تہ آئون جبل تي چڙهي ويس ۽ کين پٿر هڻڻ لڳس. اهڙيءَ طرح آئون لاڳيتو سندن ڪڍ رهيس. نيٺ انهن پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جون سموريون ڏاچيون ڇڏي ڏنيون، پر پوءِ بہ آئون سندن پٺيان هلندو رهيس ۽ انهن تي تير وسائيندو رهيس. هنن پنهنجو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ٽيهن کان وڌيڪ چادرون ۽ ٽيهن کان

وڏيڪ نيزا اڇلائي ڇڏيا. هنن جيڪي ڪجهہ اڇلايو ٿي، مون نشانيءَ طور انهن وٽ ڪجهہ پٿر رکي ٿي ڇڏيا تہ جيئن پاڻ سڳورا ﷺ ۽ سندن ساٿي سڃاڻي وٺن (تہ اهو دشمنن کان ڦريل مال آهي.) ان ڪانپوءِ اهي لنگهہ جي هڪ سوڙهي موڙ تي ويهي ٻنپهرن جي ماني کائڻ لڳا. آئون بہ هڪ چوٽيءَ تي چڙهي ويٺس. اهو ڏسي چار ڄڻا جبل تي چڙهي مون ڏانهن وڌيا. (جڏهن اهي سڏ پنڌ تي پهتا تہ) مون چيو تہ " توهان مان جنهن جي پويان لڳس، ان کي نيٺ وڃي جهليندس، پر توهان مان ڪير بہ مونکي ڪونہ جهلي سگهندو." منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي چارئي موٽي ويا ۽ آ ئون پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهيس. تانت مون پاڻ سڳورن ﷺ جي سوارن کي وڻن جي وچان ايندي ڏٺو. سڀني کان اڳيان اخرم رضي الله تعاليٰ عنہ جن هئا. انهن جي پٺيان ا بو قتاده رضہ ۽ انهن جي پويان مقداد بن اسود رضہ (محاذ تي پهچڻ کانپوءِ) عبدالرحمان ۽ حضرت اخرم رضي الله تعاليٰ عنہ جن ۾ جهڙپ ٿي پئي. حضرت اخرم رضہ جن، عبدالرحمان کي ذکي وڌو پر عبدالرحمان نيزو هڻي کين

ماري وڌو ۽ سندن گھوڙي تي چڙھي ويٺو. ايتري ۾ حضرت ابو قتاده رضہ جن، عبدالرحمان جي مٿان وجي ڪڙڪيا ۽ نيزو ھڻي کيس ماري وڌا ئون. ٻيا حملو ڪندڙ پٺ ڏئي وٺي ڀڳا. اسان سندن ڪڍ لڳاسين. آ ئون سندن پٺيان پنڌ پئي ڊوڙيس. سج لھڻ کان ٿورو اڳ اھي ھڪ لڪ ۾ گھڙي ويا، جنھن ۾ ذي قرد نالي ھڪ چشمو ھو. اھي اڃايل ھئا ۽ ا تي پاڻي پيئڻ گھريائون ٿي، پر مون انھن کي چشمي جي ويجھو وڃڻ نہ ڏنو ۽ اھي پاڻيءَ جو ھڪ ڍڪ بہ پي نہ سگھيا. پاڻ سڳورا ﷺ ۽ گھوڙيسوار اصحابي سڳورا سج لھڻ کانپوء مون تائين پھتا. مون عرض ڪيو تہ "يا رسول اللهؐ! اھي سڀ اڃايل آھن، جي اوھان مونکي ھڪ سؤ ڄڻا ڏيو تہ آ ئون زين سميت سندن گھوڙا ڦري ۽ کين ڳچتر کان جھلي توھان وٽ وٺي ايندس." پاڻ سڳورن ﷺ چيو تہ " اي اڪوع جا پٽ! تو انھن کان سگھو نڪتو آھين، ھاڻي ٿورو ساھي پٽ." پوء پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ "ھن مھل بنو غطفان وارن وٽ سندن مھماني پئي ٿئي."

(هن غزوي تي) پاڻ سڳورن ﷺ تبصرو ڪندي فرمايو تہ "اڄ اسانجو سڀ کان ڀلو سوار ا بو قتاده رضہ ۽ سڀ کان ڀلو پيادو سلمہ رضہ آهن." پاڻ سڳورن ﷺ (غنيمت جي مال مان) مونکي بہ ڀاڱا ڏنا. هڪ پيادي جو ۽ هڪ گوڙيسوار جو ۽ مديني موٽڻ مهل (اهو شرف بخشيائون جو) پنهنجي عضباء نالي ڏاچيءَ تي مونکي بيلهہ ڪنيائون.

هن غزويءِ پاڻ سڳورن ﷺ مديني جي واڳ حضرت ام مڪتوم رضہ جن جي حوالي ڪئي هئي ۽ جهنڊو حضرت مقداد بن عمرو رضہ جي هٿ ۾ ڏنو هيائون.

غزوه خيبر ۽ غزوه وادي القريٰ(محرم 7 هہ)

مديني جي ا ترءِ هڪ سؤ ميل پري خيبر نالي هڪ وڏو شهر هو. هتي قلعا بہ هئا ۽ ٻنيون بہ. هاڻي اها هڪ اهڙي وسندي وجي رهي آهي، جتي جي آبهوا صحت لاء چڱي ڪانهي.

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ حديبيہ واري ناه جي ڪري جنگ احزاب جي ٽن ڌرين مان سڀ کان وڏي ۽ سگهي ڌر (قريشن) کان پوريءَ طرح مطمئن ٿي ويا تہ پاڻ سڳورن ﷺ باقي ٻن ڌرين يعني يهودين ۽ نجد جي قبيلن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جو سوچيو، جيئن هر پاسي سک ٿي وڃي ۽ مسلمان لاڳيتن خوني ٽڪرانن مان آجا ٿي، الله جي دعوت ڏيڻ ۾ مصروف ٿي وڃن.

جيئن تہ خيبر، سازشن، فوجي ڪاررواين ۽ جنگ جي باه پڙڪائڻ جو مرڪز هو، انڪري سڀ کان پهرين اهو ئي علائقو مسلمانن جي نظر تي چڙهيو.

خيبر تي مٿيان الزام لڳائڻ جا دليل هي هئا تہ اهي خيبر واري ئي هئا، جن خندق واري جنگ ۾ مشرڪن جي سمورن گروهن کي، مسلمانن تي چاڙهيو هو. اهي ئي هئا، جن بنو قريظہ کي غداري ڪرڻ تي راضي ڪيو ۽ انهن ئي منافقن، بنوغطفان ۽ اعرابين سان لهہ وچڙ ڪئي هئي ۽ پاڻ بہ جنگ لاءِ سنپري رهيا هئا ۽ پنهنجن انهن ڪاررواين سان مسلمانن کي ڏاڍو تنگ ڪيو هئائون، ويندي پاڻ سڳورن

ﷺ کي شهيد ڪرڻ جو بہ رٿيو هئائون. انهن حالتن کان مجبور ٿي مسلمانن کي بار بار فوجي مهمون موڪلڻيون پيون ٿي. ويندي انهن سازشن جي مهندار جهڙوڪ سلام ابن ابي الحقيق ۽ اسير بن زارهہ کي بہ ماري وڌو هئائون، پر پوءِ بہ انهن يهودين بابت مسلمانن کي اجا گهڻو ڪجهہ ڪرڻو هو. هن ڪم ۾ مڙئي مسلمانن ڪجهہ دير ڪئي هئي. ڇو تہ هڪ وڏي ڌر يعني قريش، جيڪي انهن يهودين کان گهڻا، سگها ۽ ويڙهو هئا، مسلمانن سان ا ٽڪيل هئا، ان ڪري مسلمان انهن کي نظرانداز ڪري، يهودين ڏانهن نٿي وڌي سگهيا، پر جيئن ئي قريشن سان ناهہ ٿيو تہ انهن يهودي ڏوهارين سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جو وجهہ ملي ويو.

خيبر ڏانهن اسرڻ:- ا بن اسحاق جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن حديبيہ کان موٽي ذوالحج جو سڄو مهينو ۽ محرم جا ڪجهہ ڏهاڙا مديني ۾ رهيا ۽ پوءِ خيبر ڏانهن اسريا.

مفسرن جو چوڻ آهي تہ الله تعاليٰ خيبر ڏيارڻ جو واعدو هن طرح ڪيو هو تہ

وَعدكم اللّٰهُ مغاكم كثيرة تاخذُونها فعجلَ لكم هذهِ(48:20)

ترجمو: اللّٰه تعاليٰ اوهان کي گهڻين غنيمتن جو وعدو ڏنو آهي جن کي هٿ آڻيندؤ. پوءِ هي خيبر جون غنيمتون اوهان کي عطا کيائين.

اسلامي لشڪر جو تعداد:- جيئن تہ منافق ۽ ڪچي ايمان وارا حديبيہ جي سفر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان هلڻ بدران گهرن ۾ ويهي رهيا هئا، ان ڪري اللّٰه تعاليٰ پنهنجي نبي کي انهن بابت حڪم ڪندي فرمايو تہ:

سيقولُ المخلفونَ اِذَا انطلقتم اِليٰ مغانمَ لتاخذُوها ذَرُونا نتبعكمط يرِيدُونَ اَن يبدِّلوا كلامَ اللّٰهِ ط قل لن تتبعونا كذلكم قالَ اللّٰهُ من قبلُ ج فسيقولونَ بل تحسدُوننا بل كانوا لا تفقهونَ اِلا قليلا (15:48)

ترجمو: جڏهن غنيمتون هٿ ڪرڻ لاءِ ويندؤ تڏهن پوئتي رهجي ويل چوندا تہ اسانکي ڇڏيو تہ ا وهان سان هلون. گهرندا آهن تہ اللّٰه جي وعدي جي مخالفت ڪن. ڪين چوؤ تہ اسان سان ڪڏهن نہ هلندؤ. اهڙيءَ طرح اللّٰه اڳي ئي

فرمائي چڪو آهي. پوء سگهو چوندا تہ بلڪ ا وهين اسان سان ٿا حسد ڪريو. بلڪ (هميشہ ٿورڙي) ڪانسواء (ڪجھ بہ) نہ سمجهندا هئا.

تنهن ڪانپوء جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ خيبر ڏي اسرڻ جو پهہ ڪيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ اعلان ڪيو تہ ساڻن گڏ رڳو اهو ئي هلي سگهي ٿو، جنهن کي سچ پچ جهاد ڪرڻ جي خواهش هجي. ان اعلان ڪانپوء رڳو اهي ئي ماڻهو هليا جن حديبيہ جي وڻ هيٺان بيعت رضوان ڪئي هئي. انهن جو تعداد چوڏنهن سؤ هو.

هن پيري مديني جي واڳ سباع رضہ بن عرفطہ غفاري يا ا بن اسحاق چواڻي تہ نميلہ رضہ بن عبدالله ليثي جي حوالي ڪئي وئي هئي. محقق پهرين راء کي صحيح سمجهن ٿا.(1)

حوالو(1) ڏسو فتح الباري 465/7، زاد المعاد 133/2

هن موقعي تي حضرت ا بو هريره رضہ جن مسلمان ٿي مديني پهتا هئا. ان مهل حضرت سباع رضہ بن عرفطہ جن فجر جي نماز پڙهائي رهيا هئا. نماز مان واندا ٿيا تہ

حضرت ا بو هريره رضہ جن ساٿن مليا. انهن، ڪين توشو ڏنو ۽ حضرت ا بو هريره رضہ جن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچڻ لاءِ خيبر ڏانهن اسريا. جڏهن خيبر پهتا تہ (خيبر فتح ٿي چڪو هو.) پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن سان صلاح ڪري حضرت ا بو هريره رضہ ۽ سندن ساٿين ڪي بہ غنيمت جي مال ۾ شريڪ ڪيو.

يهودين لاءِ منافقن جي ڊوڙڊڪ:- ان موقعي تي يهودين جي حمايت ۾ منافقن بہ چڱي خاصي وٽ پڪڙ ڪئي. جيئن منافقن جي سردار عبدالله بن ا ُبيّ، خيبر جي يهودين ڪي اهو نياپو موڪليو تہ هاڻي محمد ﷺ توهان ڏانهن ڌيان ڪيو آهي، انڪري هوشيار ٿيو ۽ سنڀري وٺو. ڏسو ڊڄجوَ نہ، ڇوتہ توهانجو تعداد ۽ ساز سامان وڌيڪ آهي ۽ محمد ﷺ جا ساٿي ٿورڙا ۽ خالي هٿين آهن ۽ انهن وٽ هٿيار بہ ٿورڙا ئي آهن.

جڏهن خيبر وارن ڪي خبر پئي تہ انهن ڪنانہ بن ا بي الحقيق ۽ هوزه بن قيس ڪي مدد وٺڻ لاءِ بنو غطفان ڏي موڪليو، ڇوتہ اهي خيبر جي يهودين جا حليف ۽ مسلمانن

خلاف ويڙهه ۾ انهن جا مددگار هئا. يهودين، کين اها آچ ڪئي ته جي انهن مسلمانن کان ڪٽيو ته خيبر جي اڌ ا ُپت کين ڏني ويندي.

خيبر جي واٽ تي:- پاڻ سڳورا ﷺ خيبر وڃڻ لاءِ پهرين عصر نالي جبل اڪريا (ڪن عصر جي "ص" تي به زبر ڏني آهي) پوءِ ﷺباءِ جي واديءَ مان لنگهيا. ان ڪانپوءِ هڪ ٻي وادي "رجيع" ۾ پهتا. (هيءَ اها رجيع ناهي جتي عضل دقاره جي غداريءَ ڪري بنو لحيان هٿان ا نن اصحابي سڳورن رضہ جي شهادت ۽ حضرت زيد ۽ حبيب رضہ جن جي پڪڙجڻ ۽ پوءِ مڪي ۾ شهيد ٿيڻ جهڙو واقعو ٿيو هو.)

رجيع کان بنو غطفان جي وسندي رڳو هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات جي پنڌ تي آهي. بنو غطفان وارا سنيري يهودين جي مدد ڪرڻ لاءِ خيبر ڏانهن روانا ٿيا هئا، پر واٽ تي گوڙ گهمسان ٻڌي سمجهيائون ته مسلمانن، سندن ٻارن ٻچن ۽ وهٽن تي حملو ڪيو آهي، انڪري موٽي ويا ۽ خيبر ڪي مسلمانن لاءِ آجو ڇڏي ڏنائون.

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ انهن ٻنهي سُونهنِ کي سڏايو، جيکي لشکر کي واٽ ڏسڻ لاءِ کنيا ويا هئا. انهن مان هڪڙي جو نالو حسيل هو. انهن ٻنهي کان پاڻ سڳورن ﷺ اهڙو گس پڇڻ تي گهريو، جنهن تي هلي خيبر ۾ اترئين پاسان يعني مديني بدران شام واري پاسان گهڙي سگهجي ته جيئن ان حڪمت عمليءَ سان هڪ پاسي ته يهودين جي شام ڀڄڻ جو گس بند ٿي وڃي ۽ ٻئي پاسي بنو غطفان ۽ يهودين جي وچ ۾ اچي ڪين مدد پهچڻ جي امڪان کي ئي ختم ڪري ڇڏجي.

هڪ سونهي چيو ته " يا رسول الله ﷺ! آئون توهان کي اهڙي ئي گس کان وٺي هلندس." پوءِ هو اڳيان اڳيان هلندي هڪ اهڙي جڳهه تي پهتو، جتان گهڻيون ئي وا ٽون ٿي نڪتيون. عرض ڪيائين ته "يارسول الله ﷺ! هنن سڀني گسن تان توهان منزل تي پهچي سگهو ٿا." پاڻ سڳورن ﷺ کانئس هر واٽ جو نالو پڇيو. هن ٻڌايو ته هڪ جو نالو حزن (سخت پٿريلو) آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ان تان هلڻ لان انڪار ڪيو. ٻئي جو نالو شاش (ويڇي ۽

پريشانيءَ وارو) ٻڌايائين. پاڻ سڳورن ﷺ ان تي هلڻ کان بہ انڪار ڪيو. ٽئين جو نالو حاطب (ڪانير) ٻڌايائون. پاڻ سڳورن ﷺ ان تي هلڻ کان بہ انڪار ڪيو. حسيل چيو تہ هاڻي هڪڙو ئي گس وڃي بچيو آهي. حضرت عمر رضہ جن پڇيو تہ ان جو نالو ڇا آهي؟ حسيل چيو تہ مرحب (ڪشادگي) پاڻ سڳورن ﷺ ان تي هلڻ پسند ڪيو.

واٽ جا ڪي واقعا:- (1) حضرت سلمہ بن اڪوع رضہ جن ٻڌا ئين ٿا تہ اسين پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ خيبر ڏانهن اسرياسين. رات جو هلياسين پئي تہ هڪ ماڻهوءَ عامر رضہ کي چيو تہ اي عامر رضہ! اسان کي ڪي املهہ گفتا ٻڌائي. عامر رضہ جن شاعر هئا، سواريءَ تان لٿا ۽ قوم جي ساراه جا ڏُڪ پڙهڻ لڳا. شعر هي هئا.

اَللهم لولا اَنتَ ما اهتدَينا

وَل ا تصدّقنا وَل ا صلينا

فاغفر فداءَ لڪ ما اتقينا

وَ ثبتِ الاقِدامَ اِن لا قينا

وَ القين سكينہ علينا
اِنا اِذَا صيحَ بنا اَبينا
وَ بالصياحِ عوّلوا علينا

ترجمو:- اي اللهُ! جي تون نہ هجين ها تہ اسين سڌي راه تي نہ هلي سگهون ها. نہ صدقو ڪريون ها، نہ نماز پڙهون ها. اسان توتي قربان! تون اسان کي بخش ڪر، جيستائين اسين تقويٰ اختيار ڪريون ۽ جيڪڏهن (ڪنهن سان) ٽڪرايون تہ ثابت قدم رک. اسان تي سڪينت نازل ڪر. جڏهن اسانکي للڪارجي ٿو تہ اسين سينو ساهيون ٿا ۽ للڪار مهل اسان تي ماڻهن ڀروسو ڪيو آهي."

پاڻ سڳورن ﷺ پڇا ڪئي تہ "هي ڪير پيو ڳائي؟" ماڻهن چيو تہ عامر رضہ بن اڪوع. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "الله هن تي رحم ڪري." قوم جي هڪ ڄڻي چيو تہ "هاڻي تہ (سندن شهادت) واجب ٿي وئي. پاڻ سڳورن ﷺ هن مان اسانکي وڌيڪ فائدو ڇو نہ وٺڻ ڏنو."(1)

حوالو(1) صحيح بخاري باب غزوه خيبر 603/2 صحيح مسلم باب غزوه ذي قرد وغيره 115/2

اصحابي سڳورن رضہ کي ڄاڻ هئي تہ (جنگ مهل) پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ خاص طور تي خير جي دعا گهرندا هئا تہ اهو شهيد ٿي ويندو هو.(2) اهڙو ئي واقعو خيبر جي جنگ ۾ حضرت عامر رضہ جن سان ٿيو. (انڪري ان ماڻهوءَ چيو تہ سندن وڏي ڄمار لاءِ دعا ڇونہ گهريائون تہ جيئن اسين سندن (عامر رضہ جي) وجود مان وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهون.)

حوالو(2) صحيح مسلم 115/2

(2) خيبر جي ويجهو ئي صلى الله عليه وسلمبا جي ماتر ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وچين نماز پڙهي. پوءِ توشو گهرايائون تہ رڳو ستو آندا ويا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي حڪم سان سيني جو توشو ملايو ويو. پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم بہ کاڌا ۽ اصحابي سڳورن رضہ بہ کاڌا. ان کانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم سانجهي نماز لاءِ اٿيا تہ رڳو گرڙي ڪيائون. اصحابي سڳورن بہ گرڙي ڪئي. پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم نماز پڙهي

۽ وضو به ڪونه ڪيو.(1) (اڳئين وضوءَ سان نماز پڙهي.)
پاڻ سڳورن ﷺ سومهڻي نماز به (اهڙيءَ طرح)
پڙهي.(2)

حوالو(1) صحيح مسلمءِ صحيح بخاري 603/2
حوالو(2) مغازي الواقدي (غزوه خيبر ص 112)

اسلامي لشڪر خيبر جي دامن ۾:- مسلمانن، جنگ کان اڳ واري رات خيبر ۾ گذاري، پر يهودين کي سڏس به ڪانه پئي. پاڻ سڳورن ﷺ جو دستور هو ته جڏهن رات جي وقت ڪنهن قوم جي ويجهو پڄندا هئا ته صبح ٿيڻ کان اڳ ويجهو ڪونه ويندا هئا. تنهنڪري ان ڏينهن جڏهن صبح ٿيو ته پاڻ سڳورن ﷺ اونده ۾ فجر جي نماز پڙهي. ان کانپوءِ مسلمان سوار ٿي خيبر ڏانهن وڌيا. هوڏانهن خيبر وارا اڻڄاڻائي ۾ پنهنجا ڦاهوڙا ۽ ڇبيون وغيره کڻي ٻني ٻاري لاءِ نڪتا ته ا وچتو لشڪر ڏسي رڙيون ڪندي شهر ڏانهن ڀڳا ته خدا جو قسم! محمد ﷺ لشڪر ساڻ پهچي ويو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ (اهو منظر ڏسي) فرمايو ته "الله اڪبر، خيبر تباه ٿيو، الله اڪبر، خيبر تباه ٿيو. جڏهن

اسين ڪنهن قوم جي حد ۾ داخل ٿيون ٿا تہ اتي جي هيسيل ماڻهن جو ڏينهن برباد ٿيو وڃي."(3)

حوالو(3) صحيح بخاري غزوه خيبر 2/603، 604

پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، لشڪر جي لهڻ لاء هڪ جاء چوندي. ان تي حباب بن منذر رضہ جن اچي پڇيو تہ " يا رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم! هن جڳهہ تي لهڻ جو حڪم الله تعاليٰ ڏنو آهي يا توهان جي پنهنجي راء آهي؟" پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ "اها منهنجي راء ۽ تدبير آهي." انهن چيو تہ "يا رسول الله! هيءَ جڳهہ نطاة جي قلعي جي صفا ويجهو آهي ۽ خيبر جا سمورا ويڙهاڪ هن ئي قلعي ۾ آهن. ڪين اسانجي پوري پوري ڄاڻ رهندي ۽ اسانکي سندن حالتن جي سڌس بہ نہ پوندي. سندن تير اسان تائين پهچي ويندا ۽ اسانجا تير انهن تائين نہ پهچي سگهندا. اسين انهن جي را تاهن ڪان بہ نہ بچي سگهنداسين. هونئن بہ هيءَ جڳهہ ڪجين جي وچ ۾ ۽ هيٺال تي آهي ۽ هتي جي زمين وبائي آهي. انڪري چڱو ٿيندو تہ توهان ڪنهن اهڙي جاء تي هلڻ جو حڪم ڏيو جتي اهي جهڳڙالو نہ هجن ۽ اسين ا تي هلي رهون." پاڻ سڳورن

ﷺ فرمايو تہ " تنهنجي ڏنل راء پلي آهي." ان کانپوء پاڻ سڳورا ﷺ بيءَ جاء تي هليا ويا.

خيبر جي ويجهو جتان شهر ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو، ا تي پاڻ سڳورن ﷺ بيهي هيءَ دعا گهري:

اَللهمّ رب السموت الصبعِ وَما اَظللنَ وَ رَبّ الاَرضينَ وَ مان اقللنَ وَ رَبّ الشياطينَ وَما اَضللنَ فاِنانسالک خيرَهٰذہِ القريہِ وَ خيرَ اَهلها وَ خيرَ ما فيها وَ نعوذُبک من شرِّ هٰذہِ القَريہِ وَ شرِّ اَهلها وَ شرّ ما فيها

ترجمو:- "اي اللهَ! ستن آسمانن ۽ جن تي اهي سايو ڪن ٿا، انهن جا پالڻهار! ۽ ستن زمينن ۽ جن کي اهي کڻيو بيٺيون آهن، انهن جا پالڻهار! ۽ شيطانن ۽ جن کي انهن گمراه ڪيو، انهن جارب! اسين توکان هن وسنديءَ جي ڀلائي ۽ هتي جي واسين جي ڀلائي گهرون ٿا ۽ هن وسنديءَ جي ڏنگاين کان ۽ ان جي واسين جي ڏنگاين کان پناه گهرون ٿا ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، ان جي شر کان پناه گهرون ٿا.

(ان کانپوء فرمايائون تہ هلو) اللهَ جو نالو وٺي اڳتي وڌو.(1)

حوالو(1) ا بن هشام 329/2

جنگ جي تياري ۽ خيبر جا قلعا:- جنهن رات پاڻ سڳورن ﷺ ، خيبر جي حدن ۾ پير پاتو، فرمايائون تہ "آ ئون سڀاڻي جهنڊو هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ڏيندس، جيڪو الله ۽ ان جي رسول سان محبت ڪندو آهي ۽ جنهن سان الله ۽ ان جو رسول محبت ڪن ٿا." صبح ٿيو تہ اصحابي سڳورا رضہ اچي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ گڏ ٿيا. هر ڪنهن اهو ٿي سمجهيو تہ جهنڊو ڪيس ملندو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ علي رضہ بن ا بي طالب ڪٿي آهن؟ اصحابي سڳورن رضہ چيو تہ يا رسول الله! انهن جي اک ۾ آنڙي نڪتي آهي (1)پاڻ

حوالو(1) ان بيماريءَ ڪري پاڻ لشڪر کان پنيان رهجي ويا هئا ۽ پوءِ اچي مليا.

سڳورن ﷺ چيو تہ کين وٺي اچو. کين آندو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ سندن اکين تي پڪ هنئي ۽ دعا گهري . اهي چڱا ڀلا ٿي ويا، ڄڻ کو سور هئن ئي ڪونہ! پوءِ کين جنهڊو ڏنو ويو. انهن چيو تہ "يا رسول الله! آ ئون ساڻن

تيستائين وڙهان جيستائين اهي اسان جهڙا (مسلمان) ٿي وڃن؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اطمينان سان وڃي سندن ميدان ۾ لهہ. پوءِ کين اسلام جي دعوت ڏي ۽ اسلام ۾ الله جا جيڪي حق انهن تي لاڳو ٿين ٿا، سي ٻڌاءِ. خدا جو قسم، تنهنجي وسيلي الله تعاليٰ هڪ ڄڻي کي بہ هدايت ڏئي وڏي تہ اهو تنهنجي لاءِ ڳاڙهن اٺن کان ڀلو آهي"(2)

حوالو(2) صحيح بخاري: باب غزوة خيبر 605.606/2

ڪن روايتن مان پتو پوي ٿو تہ خيبر جي هڪ قلعي جي فتح لاءِ ڪيل ڪوشش۾ هر ناڪاميءَ کانپوءِ حضرت علي رضہ جن کي جنهڊو ڏنو ويو هو، پر محققن آڏو وڌيڪ پروسي جوڳي ڳالهہ اها ئي آهي جيڪا مٿي ڏنل آهي.

خيبر جي آ بادي ٻن منطقن ۾ ورهايل هئي. هڪ منطق ۾ هينيان قلعا هئا.

(1) حصن ناعم (2) حصن صعب بن معاذ (3) حصن قلعہ زبير (4) حصن ابي (5) حصن نزار

انهن مان ٽن مشهور قلعن وارو علائقو "نطاة" سڏبو هو ۽ باقي ٻن قلعن وارو علائقو "شق" سڏبو هو.

خيبر جي آ باديءَ جو ٻيو منطق ڪيتبہ سڏبو هو. ان ۾ رڳو ٽي قلعا هئا.

(1) حصن قموص (اهو بنو نضير جي گهراڻي ابوالحقيق جو قلعو هو) (2) حصن وطيح (3) حصن سلالم

انهن ا ٺن قلعن ڪانسواء خيبر ۾ ٻيا قلعا ۽ ڪوٽ بہ هئا، پراهي ننڍڙا هئا ۽ قوت ۽ حفاظت ۾ مٿين قلعن جي مٽ نہ هئا.

جنگ رڳو پهرئين منطق ۾ ٿي، ٻئي منطق جا ٽئي قلعا، گهڻن ئي ويڙهاڪن هوندي بہ بنا وڙهڻ جي مسلمانن کي ڏنا ويا.

جنگ جو آغاز ۽ ناعم قلعو کٽڻ:- مٿي ڄاڻايل ا ٺن قلعن مان سڀ کان پهرين ناعم قلعي تي حملو ڪيو ويو، ڇوتہ اهو قلعو، ٻيهڪ جي لحاظ کان يهودين لاء دفاعي مورچي جي حيثيت رکندو هو ۽ اهو ئي قلعو مرحب نالي ڏکڙ مڙس جو قلعو هو، جيڪو هزارن جو مٽ مڃيو ويندو هو.

حضرت علي رضہ جن مسلمانن جي فوج وٺي ان قلعي جي سامهون پهتا ۽ يهودين کي اسلام جي دعوت ڏنائون.

انهن اها دعوت تڏي چڏي ۽ پنهنجي حاڪم مرحب جي هٿ هيٺ اچي مسلمانن جي آمهون سامهون بيٺا. جنگ جي ميدان ۾ پهچڻ ڪانپوءِ پهرين مرحب دوبدو مقابلي جي دعوت ڏني، جنهن جي ڪيفيت سلمہ رضہ بن اڪوع هن طرح ٻڌائي تہ جڏهن اسين خيبر پهتاسين تہ سندن بادشاه مرحب پنهنجي تراڙ ڪڍي هٿ ۾ وڏا ئيءَ سان آڪڙجي اهو چوندي ظاهر ٿيو تہ:

قد علمت خيبرُ اَني مرحبُ

شاكي السلاحِ بطل مجربُ

اِذا الحروبُ اقبلت تلهبﷲ

يعني (سڀي) خيبر ڄاڻي ٿي تہ آ ئون مرحب آهيان. هٿيار پهريل جوڌو ۽ تجربيڪار! جڏهن ڇتي جنگ هلندڙ هجي(پوءِ ڪو منهنجي بهادري ڏسي)

سندس سامهون چاچا سائين عامر رضہ جن لٿا ۽ چيائون تہ:

قد علمت خيبر اني عامر

شاكي السلاح بطل مغامر

يعني (سڀي) خيبر ڄاڻي ٿي ته آئون عامر آهيان، هٿيار ڦهريل جوڌو ۽ ويڙهو.

پوءِ ٻنهي هڪ ٻئي تي وار ڪيو. مرحب جي تراڙ چاچا جي ڍال ۾ وڃي ڪٽي. چاچا عامر رضه هيٺان ڪان ڪيس مارڻ چاهيو پر سندن تراڙ ننڍڙي هئي. انهن يهوديءَ جي ڄنگهه تي وار ڪيو ته تراڙ جي ڇهنب موٽي اچي سندن گوڏي ۾ لڳي. نيٺ ان ئي گهاءَ ڪري سندن موت ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجيون ٻئي آڱريون گڏي سندن باري ۾ فرمايو ته انهن لاءِ ٻٽو اجر آهي. اهي وڏا جوڌا ۽ مجاهد هئا. سندن جهڙو عربستان ۾ ورلي ئي ڪو ٿيو هجي.(1)

حوالو(1) صحيح مسلم، باب غزوه خيبر 122/2 باب غزوه ذي قرد وغيره 115/2 صحيح بخاري باب غزوة خيبر 603/2

بهرحال حضرت عامر رضه جن جي گهائجڻ ڪانپوءِ مرحب سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ حضرت علي رضه جن ميدان ۾ لٿا. حضرت سلمه رضه جن ٻڌا ئين ٿا ته ان مهل حضرت علي رضه جن هي شعر پڙهيا.

أَنا الذي سمتني اُميّ حيدَرَه

كليثٍ غابات كريہ المنظره

اَو فيهم بالصاغ كيلَ السندَره

يعني "آ ئون اهو آهيان جو منهنجي ماءُ منهنجو نالو حيدر(شينهن) رکيو آهي، جهنگلي شينهن جهڙو هيبتناڪ. آ ئون انهن کي صاغ بدران نيزي (جي انيءَ) تي ماپ پري ڪري ڏيندس."

ان ڪانپوءِ مرحب جي مٿي تي اهڙي تراڙ واهي ڪديائون جو وجي پٽ ورتائين. پوءِ حضرت علي رضہ جي هٿان ئي سوڀ حاصل ٿي.(1)

حوالو(1) مرحب جي قاتل بابت ڪتابن ۾ ڏاڍو اختلاف آهي ۽ ان ۾ بہ اختلاف آهي تہ هو ڪهڙي ڏينهن ماريو ويو هو ۽ ڪهڙي ڏينهن قلعو فتح ٿيو. صحيحين جي روايتن ۾ بہ ان بابت ڪجهہ اختلاف محسوس ٿئي ٿو. اسان مٿي جيڪا ترتيب ڏني آهي، اها صحيح بخاريءَ جي روايت کي نظر ۾ رکي جوڙي وئي آهي.

جنگ هلندي جڏهن حضرت علي رضہ جن قلعي جي ويجهو پهتا تہ مٿان هڪ يهوديءَ جهاتي پائي پڇيو تہ تون ڪير آهين؟ حضرت علي رضہ جن چيو تہ "آ ئون علي بن ابي طالب آهيان." يهوديءَ چيو تہ "ان ڪتاب جو قسم! جيڪو حضرت موسيٰ عہ تي لٿو هو! توهان ئي سوڀارا آهيو. ان ڪانپوء مرحب جو ڀاءُ ياسر اهو چوندو ٻاهر نڪتو تہ آهي ڪو جيڪو مونسان مهاڏو اٽڪائي. سندس للڪار تي حضرت زبير رضہ جن پڙہ تئي پيا. ان تي سندن امڙ بيبي صفيہ رضہ جن پڇيو تہ "يا رسول الله! ڇا منهنجو پٽ مارجي ويندو؟" پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "نہ! بلڪ تنهنجو پٽ هن کي ماريندو." نيٺ حضرت زبير رضہ جن ياسر کي ماري ڇڏيو.

ان ڪانپوء حصن ناعم وٽ ڇتي ويڙہ لڳي، جنهن ۾ گهڻا ئي وڏا وڏا يهودي مارجي ويا ۽ ٻچيلن ۾ وڙهڻ جو ست نہ رهيو. تنهنڪي اهي مسلمانن جا حملا نہ روڪي سگهيا. ڪن ڪتابن مان پتو پئي ٿو تہ اها جنگ ڪافي ڏينهن هلندي رهي ۽ ان ۾ مسلمانن کي ڏاڍو مقابلو ڪرڻو

پيو، تنهن هوندي بہ يهودي، مسلمانن کان ڪٽڻ جو آسرو پلي ويٺا هئا. ان ڪري ماٺ ميٺ ۾ اهو قلعو ڇڏي صعب نالي قلعي ۾ هليا ويا ۽ اهڙيءَ طرح مسلمانن، ناعم قلعي تي قبضو ڪري ورتو.

صعب بن معاذ نالي قلعو ڪٽڻ:- ناعم نالي قلعي کانپوءِ صعب نالي قلعو، يهودين جو ٻيو مضبوط قلعو هو. مسلمانن، حضرت حباب بن منذر انصاري رضہ جي اڳواڻي ۾ ان قلعي تي چڙهائي ڪئي ۽ ٽن ڏينهن تائين گهيرو ڪري ويٺا. ٽئين ڏينهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هن قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ خاص دعا گهري.

ا بن اسحاق جو بيان آهي تہ بنو اسلم قبيلي جي هڪ شاخ بنو سهم وارا پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ آيا ۽ چيائون تہ "اسين هاڻي تڪجي پيا آهيون،.....اسان وٽ ڪجهہ بہ ڪونہ بچيو آهي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "يا الله! تون هنن جو حال ڄاڻين ٿو. تون ڄاڻين ٿو تہ انهن وٽ پيٽ گذر لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ مون وٽ بہ ڪجهہ ڪونهي جو انهن کي ڏيان. تنهنڪري انهن کي يهودين جو اهڙو قلعو ڪٽرائي،

جيڪو سيني کان وڌيڪ فائدي وارو هجي ۽ جتان سيني کان وڌيڪ کاڌ خوراڪ ۽ چربي هٿ اچي." دعا گهرڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن مسلمانن کي ان قلعي تي حملو ڪرڻ جي دعوت ڏني تہ حملو ڪرڻ وارن ۾ سڀ کان اڳرا بنو اسلم وارا هئا. ان حملي ۾ قلعي وٽ دوبدو مقابلا ۽ رتوڇاڻ ٿي پر الله تعاليٰ سج لهڻ کان اڳيئي صعب بن معاذ جو قلعو مسلمانن کي فتح ڪرايو. خيبر ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو قلعو نہ هو جتي هن قلعي کان وڌيڪ کاڌ خوراڪ ۽ چربي هجي. مسلمانن، هن قلعي مان ڪجهہ منجنيقون ۽ دبابہ (1) پڻ هٿ ڪيا.

حوالو(1) ڪاٺ جو هڪ محفوظ ۽ بند گاڏيءَ جهڙو دٻو ناهبو هو، جنهن ۾ هيٺان کان ڪافي ماڻهو اندر ويهي قلعي جي فصيل تائين وجي پهچندا هئا ۽ دشمنن جي حملي کان محفوظ رهندي، فصيل (ڀت) ڏار ڪري وجهندا هئا. اهو ئي دبابہ سڏبو هو. هاڻي ٽينڪ کي دبابو چئجي ٿو.

ابن اسحاق جي هن روايتم بکن ڪنڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان جي ڪارڻ ئي ماڻهن(سوپ ملندي ئي) گڏه ويهي ڪنا ۽ چلهن تي ديڳڙا ڪٽي چاڙهيائون. پر جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر پئي ته پاڻ سڳورن ﷺ پالتو گڏهہ جو گوشت کائڻ کان روڪي ڇڏيو.

زبير نالي قلعي جي فتح:- ناعم ۽ صعب نالي قلعا هٿان وڃائڻ ڪانپوء يهودي، نطاة جي سمورن قلعن مان نڪري اچي زبير نالي قلعيءِ گڏ ٿيا. هي هڪ محفوظ قلعو هو ۽ جبل جي چوٽيءَ تي نهيل هو. رستو ايڏو ته ورن وڪڙن وارو ۽ ڏکيو هو جو هتي نہ سوار ٿي پهچي سگهيا ۽ نہ پياده. ان ڪري پاڻ سڳورا ﷺ ان جو گهيراءُ ڪري ويهي رهيا ۽ ٽي ڏينهن ا ئين ئي وينا رهيا. تنهن ڪانپوء هڪ يهوديءَ اچي چيو تہ "اي ا بو القاسم! جيڪڏهن توهان هڪ مهينو بہ گهيراءُ ڪري ويهو تہ بہ انهن کي ڪا پرواه ڪانہ ٿيندي. باقي انهن جو پاڻي ۽ چشما زمين جي هيٺان آهن. اهي رات جو نڪري پاڻي پين ٿا ۽ پري ڪٽي وڃن ٿا. جيڪڏهن توهان انهن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو تہ اهي اچي گوڏا ڪوڙيندا."

خبر ملندي ئي پاڻ سڳورن ﷺ انهن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ يهودين ٻاهر نڪري ڏاڍي ويڙهه ڪئي، جنهن ۾ گهڻا ئي مسلمان مارجي ويا ۽ ا ٽڪل ڏهه يهودي به مئا پر نيٺ قلعو فتح ٿي ويو.

ابيّ نالي قلعي جي فتح:- زبير نالي قلعو هارا ئڻ ڪانپوءِ يهودي، ابيّ نالي قلعي ۾ وڃي بند ٿيا. مسلمانن ان جو به گهيراءُ ڪيو. هن ڀيري به ڏگّ مڙس هڪ ٻئي ڪانپوءِ دوبدو مقابلي لاءِ للڪاريندي ميدان ۾ لٿا، پر ٻئي مسلمان جوڌن هٿان ماريا ويا. ٻئي يهوديءَ کي ماريندڙ ڳاڙهو رومال ٻڌندڙ مشهور جوڌا حضرت ا بو دجانه سماڪ بن خرشه انصاري رضه جن هئا. اهي، ٻئي يهوديءَ کي ماري تڪڙ ۾ قلعيءِ گهڙي پيا ۽ ساڻن گڏ اسلامي لشهر به قلعيءِ ۾ ڪاهي پيو. ٿوري دير تہ قلعي ۾ ڏاڍي ويڙهه ٿي، پرپوءِ يهودين قلعي مان کسڪڻ شروع ڪيو ۽ نيٺ سيئي ڀڄي وڃي نزار نالي قلعي ۾ لڪا، جيڪو خيبر جي پهرئين منطق جو آخري قلعو هو.

نزار نالي قلعي جي فتح:- هيءُ قلعو، علائقي جو سڀ کان مضبوط قلعو هو ۽ يهودين کي پوري پڪ هئي ته مسلمان، ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائڻ کانپوءِ به هن قلعي ۾ ڪونه گهڙي سگهندا. ان ڪري هن قلعي ۾ اهي ٻارن ٻچن ساڻ اچي رهيا. جڏهن ته پهرين ڇئن قلعن ۾ ٻار ٻچا ڪونه رکيا هئائون.

مسلمانن هن قلعي جو سختيءَ سان گهيراءُ ڪيو ۽ يهودين تي دٻاءُ وڌا ئون، پر جيئن ته قلعو متاهين ۽ محفوظ جبل تي هو، ان ڪري ان ۾ گهڙڻ جو وجهه نه پئي مليو. هوڏانهن يهودين ۾ قلعي مان ٻاهر نڪري مسلمانن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي همت نه هئي. باقي تير وسائي ۽ پٿر اڇلي سخت مقابلو ڪري رهيا هئا.

جڏهن اهو قلعو (نزار) فتح ڪرڻ ۾ وڏيڪ ڏکيائي محسوس ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ منجنيق جا اوزار لڳائڻ جو حڪم ڏنو. لڳي ائين ٿو ته مسلمانن ڪجهه گولا اڇلايا به هئا، جن سان قلعي جي ڀتين ۾ ڏار پئجي ويا ۽ مسلمان اندر گهڙي ويا. ان کانپوءِ قلعي ۾ سخت ويڙهه ٿي ۽ يهودين

بچڙي طرح هارايو. اهي ٻين قلعن وانگر هن قلعي مان ماٺ ميٺ ۾ ڀڄي نہ سگهيا، بلڪ اهڙيءَ افرا تفري ۾ ڀڳا جو پنهنجا ٻار ٻچا بہ ڪونہ وٺي وڃي سگهيا ۽ انهن کي مسلمانن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنائون.

هيءُ مضبوط قلعو هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ خيبر جو پهريون اڌ يعني نطاة ۽ شق جو علائقو فتح ٿي ويو. هن علائقي ۾ ٻيا بہ ننڍا ننڍا قلعا هئا پر مٿيان قلعا کٽڻ ڪانپوءِ يهودين اهي قلعا بہ خالي ڪري ڇڏيا ۽ خيبر جي ٻئي منطق يعني ڪتيبہ ڏانهن ڀڄي ويا.

خيبر جي ٻئي اڌ جي فتح:- نطاة ۽ شق جو علائقو فتح ٿي چڪو تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪتيبہ، وطيح ۽ سلالم واري علائقي ڏانهن منهن ڪيو. سلالم، بنو نضير جي هڪ هاڪاري يهودي ابوالحقيق جو قلعو هو. هوڏانهن نطاة ۽ شق جي علائقي مان هارائي ڀڄندڙ سيئي يهودي بہ اتي اچي ترسيا هئا ۽ ڏاڍي پڪي قلعي بندي ڪئي هئائون.

اهلِ مغازي ان ڳالهہ ۾ اختلاف رکن ٿا تہ انهن ٽنهي قلعن مان ڪنهن بہ هڪ قلعيءَ بہ جنگ ٿي هئي يا نہ؟ ا بن

اسحاق جي بيانﷺ اهو واڌارو ڪيل آهي تہ قموس نالي قلعو فتح ڪرڻ لاءِ جنگ وڙهي وئي هئي، بلڪ ان جي مفهوم مان اها بہ ڄاڻ ملي ٿي تہ اهو قلعو رڳو جنگ جي ذريعي ئي فتح ڪيو ويو هو ۽ يهودين پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي ڪابہ ڳالهہ ٻول نہ ٿي هئي.(1)پر

حوالو(1) ڏسو ابن هشام 331/2، 336، 337

واقديءَ سڌو سنئون لکيو آهي تہ هن علائقي جا ٽئي قلعا ڳالهيون ڪري مسلمانن کي ڏنا ويا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ قموص نالي قلعو ٿوري گهڻي ڏي وٺ ڪانپوءِ ڳالهيون ڪري حوالي ڪيو ويو هجي، باقي ٻيا بہ قلعا بنا ڪنهن ويڙهہ جي مسلمانن جي حوالي ڪيا ويا هئا.

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ هن علائقي ڪتيب ۾ پهتا تہ اتي جي رهاڪن جو سختيءَ سان گهيراءُ ڪيائون. اهو گهيراءُ چوڏنهن ڏينهن هليو. يهودي پنهنجن قلعن مان نڪتا ئي نہ پئي. نيٺ پاڻ سڳورن ﷺ منجنيق هلائڻ جو پهہ ڪيو. جڏهن يهودين کي تباهيءَ جي پڪ ٿي تہ انهن پاڻ سڳورن ﷺ سان ناهہ لاءِ ڳالهہ ٻول ڪئي.

ناھ لاء ڳالھ ٻول:- پھرين ابن ابوالحقيق، پاڻ سڳورن ﷺ کي نياپو اُماڙيو تہ ڇا آئون توھان وٽ ڳالھيون ڪرڻ لاء اچي سگھان ٿو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ھائو" اھو جواب ملندي ئي ھن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پھچي ان شرط تي ناھ ڪيو تہ قلعي ۾ جيڪا فوج آھي، ان جي جان بخشي ويندي ۽ انھن جا ٻار ٻچا انھن وٽ ئي رھندا.(يعني انھن کي ٻانھا ۽ ٻانھيون نہ بنايو ويندي.) بلڪ اھي پنھنجا ٻار ٻچا وٺي خيبر جي علائقي مان ئي نڪري ويندا. باقي پنھنجو مال ملڪيت، باغ، زمينون، سون، چاندي، گھوڙا ۽ زرھون پاڻ سڳورن ﷺ جي حوالي ڪندا. رڳو ايترا ڪپڙا کڻي ويندا، جيترا ڪو انسان پنھنجي پٺ تي کڻي سگھي.(1)پاڻ سڳورن

(1) پر سنن ابي دائود ۾ اھو واڌارو ڪيل آھي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ھن شرط تي ناھ ڪيو تہ يھودين کي اجازت ھوندي تہ خيبر مان نڪرڻ مھل پنھنجن سوارين تي جيترو مال کڻي سگھن، کڻي وڃن.(ڏسو ا بو دا ئود باب ماجاءَ في حڪم ارض خيبر 2/76)

ﷺ فرمايو "پوءِ جيڪڏهن توهان مونکان ڪجهہ لڪايو تہ پوءِ الله ۽ ان جو رسول ﷺ (ناهہ ڪان) آجا هوندا." يهودين اهو شرط منظور ڪيو ۽ ناهہ تي ويو.(2) هن ناهہ ڪانپوءِ ٽئي قلعا مسلمانن جي حوالي ڪيا ويا ۽ اهڙيءَ طرح خيبر جي فتح مڪمل ٿي.

حوالو(2) زادالمعاد 132/2

ابوالحقيق جي ٻنهي پٽن جي بدعهدي ۽ انهن جو مارجڻ:-

هن ناهہ جي باني ا بوالحقيق جي ٻنهي پٽن گهڻو مال گم ڪري ڇڏيو. هڪ کل بہ غائب ڪيائون، جنهن۾ مال ۽ حيي بن اخطب جا زيور هئا. اها حيي بن اخطب، مديني مان بنو نضير کي نيڪالي ملڻ مهل پاڻ سان کڻي آيو هو.

ابن اسحاق جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڪنانہ بن ابي الحقيق کي آندو ويو. ان وٽ بنو نضير جو خزانو هو، پر پاڻ سڳورن ﷺ جي پڇڻ تي هن اهو ٻاسڻ کان نابري واري تہ کو ڪيس خزاني واري جاءِ جو پتو آهي. ان ڪانپوءِ هڪ يهوديءَ اچي ٻڌايو تہ آ ئون ڪنانہ کي روزانو هڪ سجي جاءِ تي ويندي ڏسندو هوس. ان تي پاڻ سڳورن

صلى الله عليه وسلم كنانہ کي چيو تہ "هاڻي ٻڌاءِ تہ جي اهو خزانو اسان تو وٽان هٿ کيو تہ پوءِ ڀلي اسين توکي ماري ڇڏيون نہ؟" هن چيو تہ "ڀلي" پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ان سڄي جڳهہ تي کوٽائيءَ جو حڪم کيو ۽ ان مان ڪجهہ خزانو هٿ آيو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وري ڪانئس بچيل خزاني جو پڇيو پر هن وري بہ انڪار کيو. تنهن تي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کيس حضرت زبير رضہ جي حوالي کيو ۽ فرمايو تہ "هن کي سزا ڏي، ايستائين جو هن وٽ جيڪو ڪجهہ آهي اهو سڀ اسانکي ڏئي وجهي. حضرت زبير رضہ جن سندن ڇاتيءَ تي چقمق سان ڏک هنيا، تانت هو اڌ مئو ٿي ويو. پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کيس محمد بن مسلمہ رضہ جي حوالي کيو ۽ انهن کيس محمود بن مسلمہ رضہ جن جي پلاندِ ماري ڇڏيو. (محمود رضہ جن ناعم نالي قلعي جي پٽ هيٺان ڇانوَ وينا هئا جو هن، انهن تي چڪيءَ جو پڙ اڇلائي کين ماري ڇڏيو هو.)

ابن قيم جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ، ابوالحقيق جا ٻئي پٽ مارائي ڇڏيا هئا. انهن ٻنهي خلاف مال لڪائڻ جي شاهدي ڪنانہ جي سوٽ ڏني هئي.

ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ حيي بن اخطب جي نياڻي بيبي صفيہ رضہ کي ٻانهين ۾ شامل ڪري ڇڏيو. اهي ڪنانہ بن ابي الحقيق جي ڪنوار هيون ۽ اجا تازو سندن رخصتي ٿي هئي.

غنيمت جي مال جي ورڇ:- پاڻ سڳورن ﷺ، يهودين کي خيبر مان نيڪالي ڏيڻ جو پهہ ڪيو هو ۽ ٺاہ ۾ بہ اهو طئہ ٿيو هو پر يهودين چيو تہ "اي محمد ﷺ! اسانکي هتي رهڻ ڏيو. اسين هن جي سار سنڀال ڀيا ڪنداسين، ڇوتہ اسانکي توهان کان وڌيڪ هتي جي ڄاڻ آهي." ٻئي پاسي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن رضہ وٽ نہ ڪو ايترا ٻانها هئا، جيڪي زمين جي سار سنڀال ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪن ۽ نہ ئي اصحابي سڳورن رضہ کي ان ڪم ڪرڻ جي واندڪائي هئي. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ خيبر جي زمين ان شرط تي يهودين کي ڏني تہ سموري پوک ۽ سيني ميون

جو اڌ يهودي ڪٽندا ۽ جيستائين پاڻ سڳورا ﷺ چاهيندا، تيستائين ائين ٿيندو. (۽ جڏهن به چاهيندا کين جلاوطن ڪري ڇڏيندا.) ان ڪانپوءِ حضرت عبدالله بن رواحه رضہ جن خيبر جي اُپت جو حساب ڪتاب رکندا هئا.

خيبر کي ڇٽيهه وڏن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو. جن مان هر ڀاڱي جا هڪ سؤ ننڍا حصا هئا. جن جو ڪل تعداد ڇٽيهه سؤ ٿيو. انهن مان اڌ يعني ارڙهن سؤ پتيون پاڻ سڳورن ﷺ ۽ مسلمانن لاءِ هيون. عام مسلمانن وانگر پاڻ سڳورن ﷺ جي به انهن هڪڙي پتي هئي. باقي ٻين ارڙهن سؤ پتين وارو اڌ، پاڻ سڳورن ﷺ، مسلمانن جي گڏيل ضرورتن ۽ هنگامي صورتحال لاءِ الڳ ڪيو ڪيو هو. ارڙهن سؤ پتيون خيبر جي ورچ ان لاءِ ڪئي وئي جو اهو الله تعاليٰ جي طرفان حديبيه وارن لاءِ هڪ عطيو هو. جيڪي موجود هئا، انهن لاءِ به ۽ جي نه هئا انهن لاءِ به. حديبيه وارن جو ڪل تعداد چوڏهن سؤ هو، جيڪي خيبر اچڻ مهل به سؤ گهوڙا به ساڻ وٺي آيا هئا. جيئن ته سوار ڪانسواءِ گهوڙي کي به پتي ملندي آهي ۽ گهوڙي جي پتي

ٻن فوجين جي برابر هوندي آهي، ان ڪري خيبر ڪي ارڙنهن سؤ پتين ۾ ورهايو ويو تہ بہ سؤ گھوڙيسوارن ڪي ٽن پتين جي حساب سان ڇهہ سؤ حصا مليا هئا ۽ ٻارنهن سؤ حصا پيادل فوج کي هڪ هڪ حصي جي حساب سان مليا هئا.(1)

حوالو(1) زاد المعاد 137/2، 138 مع توضيع

خيبر مان مليل مال جي گھڻائيءَ جو اندازو صحيح بخاريءَ ۾ ابن عمر رضہ جي هن روايت مان لڳائي سگھجي ٿو، جنهن ۾ پاڻ فرمايائون تہ "اسان خيبر جي فتح کان اڳ سکيا ستابا ڪونہ هوندا هئاسين." اهڙيءَ طرح بيبي عائشہ رضہ جن کان بہ هڪ حديث اچي ٿي تہ "جڏهن خيبر فتح ٿيو تہ اسان چيو تہ هاڻي اسانکي پيٽ ڀري (کائڻ لاءِ) کجيون ملنديون." (1) پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مديني پهتا تہ مهاجرن، انصارين کي کجين جا اهي وڻ موٽائي ڏنا، جيڪي انصارين مدد طور (هجرت مهل) کين ڏئي

حوالو(1) صحيح بخاري 609/3

ڇڏيا هئا. ڇوته هاڻي انهن کي خيبر مان مال ڪانسواءِ ڪجين جا ڪوڙ ونڻ ملي ويا هئا.(2)

حوالو (2) زاد المعاد 148/2 صحيح مسلم 96/2

حضرت جعفر بن ابي طالب ۽ اشعري اصحابين جو اچڻ:-

هن ئي غزوي ۾ حضرت جعفر بن ابي طالب رضہ جن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا. ساڻن گڏ اشعري مسلمان يعني حضرت ابو موسيٰ اشعري ۽ انهن جا ساٿي به هئا.

حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ جن جو بيان آهي ته يمن ۾ اسانکي پاڻ سڳورن ﷺ جي ظهور جو پتو پيو ته اسان يعني آئون ۽ منهنجا به ڀائر پنهنجي قوم جا پنجاه ڄڻا وٺي پنهنجو ديس ڇڏي هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچڻ لاءِ نڪتاسين، پر اسانجي ٻيڙيءَ اچي اسانکي نجاشيءَ جي ملڪ حبش ۾ ڦٽو ڪيو. اتي حضرت جعفر رضہ ۽ سندن ساٿين سان ملاقات ٿي. انهن ٻڌايو ته پاڻ سڳورن ﷺ اسانکي (هتي) موڪليو آهي ۽ هتي رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. اوهان به هتي ئي رهي پئو. تنهنڪري اسين به انهن سان گڏ رهي پياسين ۽ پاڻ سڳورن

ﷺ وٽ ڏڌهن پهتاسين، جڏهن خيبر فتح ٿي چڪو هو. پاڻ سڳورن ﷺ اسانجو بہ حصو لڳايو، پر اسان کانسواءِ اهڙي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پتي ڪانہ ڏني، جيڪو خيبر جي جنگ ۾ موجود نہ هو. رڳو جنگ ۾ شريڪ ٿيلن کي حصو ڏنو ويو. باقي حضرت جعفر رضہ ۽ انهن جي ساٿين سان گڏ اسانجي ٻيڙيءَ وارن کي بہ پتي ڏني وئي ۽ انهن لاءِ غنيمت جي مال جي ورڇ ڪئي وئي.(1)

حوالو(1) صحيح بخاري 443/1 ۽ فتح الباري 484/7 کان 487

جڏهن حضرت جعفر رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا تہ پاڻ سڳورن ﷺ سندن دلي آڌرڀاءُ ڪيو ۽ کين چمي ڏئي فرمايائون تہ "والله! خبر ناهي تہ مونکي ڪهڙي ڳالھ جي وڌيڪ خوشي آهي؟ خيبر جي فتح جي يا جعفر رضہ جي اچڻ جي!"(2)

حوالو(2) زاد المعاد 139/2

ياد رهي تہ کين وٺي اچڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت عمرو رضہ بن اميہ ضمري کي نجاشيءَ وٽ موڪليو

هو ۽ ان کي چورائي موڪليو هو تہ انهن کي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ موڪلي ڇڏي. تنهنڪري نجاشيءَ ٻن ٻيڙين ۾ کين چاڙهي موڪليو. اهي ڪل سورنهن ڄڻا هئا ۽ ساڻن گڏ ڪجھ ٻار ۽ عورتون بہ هيون. ٻيا ماڻهو اڳيئي مديني پهچي چڪا هئا.(1)

حوالو(1) تاريخ خضري 128/1

بيبي صفيہ رضہ جن سان پرڻجڻ:- اسان ٻڌائي آيا آهيون تہ جڏهن بيبي صفيہ رضہ جو مڙس ڪنانہ بن ا بي الحقيق، پنهنجي بدعهديءَ ڪارڻ ماريو ويو تہ بيبي سڳوري رضہ کي بہ قيدي عورتن ۾ شامل ڪيو ويو. ان ڪانپوء جڏهن اهي قيدي عورتون گڏ ڪيون ويون تہ حضرت دِحيہ ڪلبي رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ کي اچي پيو تہ "يا رسول الله ﷺ! مونکي انهن مان هڪ ٻانهي ڏيو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "وڃي هڪ ٻانهي وٺي وٺ." انهن وڃي بيبي صفيہ بنت حيي کي چونڊيو. ان تي ڪنهن اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو تہ "يا رسول الله ﷺ! توهان بني قريظہ ۽ بني نضير جي سيده صفيہ کي دِحيہ ڪلبي رضہ

جي حوالي ڪري ڇڏيو، جڏهن ته اها رڳو اوهانجي شايان شان آهي!" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "دِحيه ڪي صفيه سميت وٺي اچو." حضرت دِحيه رضه انهن کي وٺي آيا. پاڻ سڳورن ﷺ کين ڏسي، حضرت دِحيه کي چيو ته "قيدين مان ٻي ڪا ٻانهي وٺي وڃ." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ بيبي صفيه رضه جن کي اسلام جي دعوت ڏني. انهن اسلام قبوليو. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کين آزاد ڪري ساڻن شادي ڪئي ۽ سندن آزاديءَ کي ئي حق مهر قرار ڏنو. مديني موٽڻ مهل سدِّ ﷺبا وٽ پهچي پاڻ حيض کان پاڪ ٿيون. ان کانپوءِ ام سليم رضه کين پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ سينگاريو ۽ رات جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ موڪليو. پاڻ سڳورن ﷺ سهاڳ رات گذاري صبح جو کجين، گيهه ۽ ستو سان وليمي جي دعوت ڪئي ۽ ا تي . ٽي ڏينهن ساڻن گذاريائون.(1) ان موقعي تي پاڻ سڳورڻ ﷺ سندن منهن تي نيل جا نشان

حوالو(1) صحيح بخاري 54/1، 604/2، 606، زاد المعاد 137/2

ڏسي پڇيو تہ "ھي ڇا آھي؟" انھن وراڻيو تہ "يا رسول اللهؐ! توھانجي خيبر اچڻ کان اڳ مون خواب ۾ ڏٺو تہ چنڊ پنھنجي جاء تان ٽٽي اچي منھنجي ھنج ۾ ڪريو آھي. بخدا تڏھن مونکي توھانجو تصور بہ ڪونہ ھو، پر جڏھن مون اھو خواب پنھنجي مڙس کي ٻڌايو تہ ھن منھنجي منھن تي ٿڦڙ ھڻي چيو تہ "اھو جيڪو مديني ۾ بادشاہ ٿيو وينو آھي، تون ان جي آرزو پئي ڪرين."(1)

حوالو(1) زاد المعاد 137/2، ابن ھشام 336/2

زھريلي ٻڪريءَ وارو واقعو:- خيبر جي فتح ڪانپوء جڏھن پاڻ سڳورا ﷺ مطمئن ٿي ھڪ ڪرآ تي وينا تہ سلام بن مشڪم جي زال زينب بنت حارث، پاڻ سڳورن ﷺ کي پڪل ٻڪري ھديي طور موڪلي. ھن اڳيئي پڇي ڇڏيو ھو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻڪريءَ جو ڪھڙو حصو وڌيڪ وڻي ٿو. ڪيس ٻڌايو ويو تہ "دستي"(اڳين ران). تنھن ڪانپوء ھن دستيءَ تي ڇڱو خاصو زھر مکيو. بين حصن تي بہ زھر مکيائين. پوء آڻي پاڻ سڳورن ﷺ آڏو رکيائين. پاڻ سڳورن ﷺ دستي ڪٽي ھڪ ٽڪر چباڙيو،

پر ٻکھڻ بدران ٿکي ڇڏيو ۽ فرمايو تہ هيءَ هڏي ٻڌائي پئي تہ هن ۾ زهر ملايو ويو آهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ زينب کي سڏيو تہ هن اچي اقرار ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ تو ائين ڇو ڪيو؟ هن وراڻيو تہ مون سوچيو تہ جي اهو (يعني پاڻ سڳورا ﷺ) بادشاه آهي تہ اسانجي ان مان جان ڇٽي ويندي پر جي نبي آهي تہ ڪيس خبر ڏني ويندي. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو.

ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ سان حضرت بشر بن براءِ بن معرور رضہ جن بہ هئا. انهن هڪ گرهہ کائي ڇڏيو هو، جنهن جي ڪري پاڻ گذاري ويا.

روايتن ۾ اختلاف آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ان مائيءَ کي معاف ڪري ڇڏيو هو يا ماري ڇڏيو هو. ا ئين بہ چيو وڃي ٿو تہ پهرين تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو، پر جڏهن حضرت بشر رضہ جن زهر وگهي مري ويا تہ پوءِ قصاص ۾ ڪيس بہ ماريو ويو.(1)

حوالو(1) ڏسو زاد المعاد 2/ 139، 140 فتح الباري 497/7 اصل واقعو صحيح بخاريءَ ۾ مختصر بہ ۽ مڪمل

۾ ڏنل آهي. ڏسو 449/1، 610/2، 860 ۽ ا بن هشام 337/2، 338

خيبر واري جنگ ۾ ٻنهي ڌرين جا مارجي ويل:- خيبر جي مختلف جهڙپن ۾ ڪل سورنهن مسلمان شهيد ٿيا. چار قريش، هڪ ا شجع قبيلي مان، هڪ بنو اسلم قبيلي مان ، هڪ خيبر وارن مان ۽ ٻيا انصاري هئا.

هڪ قول اهو ۾ آهي ته انهن جهڙپن ۾ ڪل ارڙهن مسلمان شهيد ٿيا. علامه منصورپوريءَ ا وٽيهه لکيا آهن. وڏيڪ لکن ٿا ته "سيرت نگار خيبر جي شهيدن جو تعداد پنڌرنهن ٻڌائين ٿا. ڳولها ڪرڻ تي مونکي ٽيويهه نالا مليا. زنيف رضه بن وا ئل جو نالو رڳو واقديءَ ۽ زنيف رضه بن حبيب جو نالو رڳو طبريءَ ڄاڻايو آهي. بشر رضه بن براء بن معرور جو موت جنگ کانپوء زهريلو گوشت کائڻ سان ٿيو. جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ لاء زينب نالي يهودڻ موڪليو هو. بشر رضه بن عبدالمنذر بابت ٻه روايتون آهن. هڪ اها ته پاڻ بدر جي جنگ۾ شهيد ٿيا. ٻي اها ته خيبر جي جنگ۾ شهيد ٿيا. منهنجي نظر ۾ پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

بي ڏر يعني خيبر وارن جا ڪل ٽيانوي ڄڻا مئا.

فدڪ:- پاڻ سڳورن ﷺ خيبر پهچي محيﷺ بن مسعود رضہ کي فدڪ جي يهودين وٽ اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو، پر فدڪ وارن اسلام قبولڻ ۾ دير ڪئي. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ خيبر فتح ڪرايو تہ سندن دل ۾ بہ رعب ويهي ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي ماڻهو موڪلي خيبر وارن وانگر فدڪ جي اڌ اُپت تي ناهہ ڪرڻ جي آڇ ڪيائون. پاڻ سڳورن ﷺ آڇ قبولي ۽ اهڙيءَ طرح فدڪ جي سرزمين خالص پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ٿي، ڇوتہ مسلمانن ان تي گهوڙا ۽ اٺ نہ ڊوڙايا هئا.(1) (يعني وڙهي فتح ڪانہ ڪئي هئائون.)

حوالو(1) ابن هشام 337/2، 353

وادي القريٰ:- پاڻ سڳورا ﷺ خيبر مان واندا ٿي وادي القريٰ ويا. اتي بہ يهودين جي هڪ جماعت هئي ۽ انهن سان عربن جي هڪ جماعت بہ گڏجي وئي هئي.

جڏهن مسلمان اتي لٿا تہ يهودين، تيرن سان سندن آجيان ڪئي. اهي اڳيئي صفون ٻڌيو بيٺا هئا. پاڻ سڳورن

ﷺ جو هڪ ٻانهو مارجي ويو. ماڻهن هلايو تہ اهو جنتي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هرگز نہ، ان هستيءَ جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، هن خيبر جي جنگ ۾ غنيمت جي مال جي ورڇ کان اڳ ان مان هڪ چادر چورائي هئي، اها باهہ بڻجي ان تي پڙڪي رهي آهي. ماڻهن جو اهو ٻڌو تہ هڪ ڄڻو وجي هڪ يا ٻہ تسما (چمڙي جو ٽڪر) کڻي آيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اهو هڪ يا ٻہ تسمہ باہ جا آهن.(1)

حوالو(1) صحيح بخاري 608/2

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جنگ لاءِ اصحابي سڳورن رضہ جون صفون ٻڌيون. سڀي لشڪر جو جهنڊو حضرت سعد بن عباده رضہ کي ڏنو ويو. ٻيو جهنڊو حباب بن منذر رضہ جن کي ۽ ٽيو جهنڊو عباده بن بشر کي ڏنو ويو. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ يهودين کي اسلام جي دعوت ڏني پر انهن آچ ٽڏي ڇڏي ۽ پوءِ سندن هڪڙو ماڻهو ميدان ۾ لٿو. هن پاسان حضرت زبير بن العوام رضہ جن نکتا ۽ ان کي پورو ڪري ڇڏيائون. پوءِ ٻيو ماڻهو نڪتو.

حضرت زبير رضہ جن ان جو بہ ڪم لاهي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ وري هڪ ڄڻو آيو. ان جي مقابلي لاءِ حضرت علي رضہ جن آيا ۽ ڪيس ماري وڌائون. اهڙيءَ طرح لاڳيتو سندن يارنهن ڄڻا مارجي ويا. هر ماڻهوءَ جي مرڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم يهودين کي اسلام جي دعوت ڏني ٿي.

ان ڏينهن نماز جو وقت ٿيڻ تي پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن رضہ کي نماز پڙهائي موٽي يهودين جي سامهون اچي بيهنا ۽ کين اسلام، الله ۽ ان جي رسول جي دعوت ڏنائون. اهڙيءَ طرح وڙهندي وڙهندي شام ٿي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ٻيهر آيا پر اجا سج نيزي برابر بہ نہ اڀريو هو جو هنن پنهنجو الهہ تلهہ آڻي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي ڏنو. يعني پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تراڙ جي ذريعي فتح حاصل ڪئي ۽ الله تعاليٰ، انهن جو مال پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي غنيمت ڪري ڏنو. اصحابي سڳورن رضہ کي تمام گهڻو سامان هٿ آيو.

پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم وادي القريٰ ۾ چار ڏينهن رهيا ۽ غنيمت جو مال اصحابي سڳورن رضہ ۾ ورهائي ڇڏيائون.

باقي زمين ۽ ڪجين جا باغ يهودين وٽ ئي رهڻ ڏنائون ۽ انهن بابت ساڻن بہ خيبر جهڙو ناهہ ڪيائون.(1)

حوالو(1) زاد المعاد 2/146، 147

تيماء:- تيماء جي يهودين کي جڏهن خيبر، فدڪ ۽ وادي القريٰ جي رهاڪن جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي خبر پئي تہ انهن مسلمانن سان وڙهڻ بدران هڪ ماڻهو موڪلي ناهہ جي آڇ ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ آڇ قبولي ۽ اهي يهودي مال متاع سميت اتي ئي رهيا.(2) انهن بابت هڪ لکت بہ پاڻ سڳورن ﷺ ڏني هئي. جيڪا هن طرح هئي.

حوالو(2) زاد المعاد 2/147

"هيءَ لکت محمد رسول الله ﷺ پاران بنو عاديا لاءِ آهي. انهن جو ذمو اسان تي آهي ۽ انهن لاءِ جزيو آهي. انهن سان ڏاڍائي نہ ٿيندي نہ انهن کي ڏيهہ نيڪالي ڏني ويندي. رات معاون ٿيندين ۽ ڏينهن مضبوط" (معنيٰ تہ اهو ناهہ سدائين لاءِ هوندو.) هيءَ لکت خالد رضہ بن سعيد جن لکي هئي.(3)

حوالو(3) ابن سعد 1/279

مديني ڏانهن روانگي:- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ مديني جي واٽ ورتي. رستي ۾ هڪ واديءَ مان لانگهائو ٿيا ته ماڻهو وڏي واڪي الله اڪبر! الله اڪبر! لا اله الا الله چوڻ لڳا. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته" آرام آرام سان، توهان ڪنهن ٻوڙي ۽ غائب کي ڪونه پيا ياد ڪريو. بلڪ اهڙي هستيءَ کي پيا پڪاريو جيڪا ٻڌندڙ ۽ ويجهو آهي." (1)

حوالو(1) صحيح بخاري 605/2

واٽ هلندي هڪ پيرو سڄي رات هلڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ رات جي پوئين پهر رستي ۾ ڪنهن جڳهه تي لٿا ۽ حضرت بلال رضه جن کي تاڪيد ڪري ڇڏيائون ته اسان لاءِ رات تي نظر رک.(يعني صبح سان نماز لاءِ اٿارجان.) پر حضرت بلال رضه جن جي به اک لڳي وئي. اهي (اوير ڏي منهن ڪري) پنهنجي سواريءَ کي ٽيڪ ڏئي ويٺا هئا جو ننڊ جو جهوٽو اچي وين. پوءِ ڪوبه سجاڳ نه ٿيو. تانجو اس نڪري آئي. ان ڪانپوءِ سڀ کان پهرين پاڻ سڳورا ﷺ سجاڳ ٿيا. پوءِ (ٻين ماڻهن کي جاڳايائون) پاڻ سڳورا ﷺ واديءَ مان نڪري ٿورو اڳتي ويا. پوءِ ماڻهن کي فجر نماز

پڙهايائون. چيو وڃي ٿو تہ اهو واقعو ڪنهن ٻئي سفر ۾ ٿيو هو.(2)

حوالو(2)ابن هشام 340/2 اهو واقعو چڱو خاصو مشهور ۽ حديثن جي عام ڪتابن ۾ آيل آهي. ڏسو زاد المعاد 147/2

خيبر جي جهڙپن جو تفصيل ڏيان سان جاچڻ سان خبر پوي ٿي تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم يا تہ سنہ 7 ھ جي صفر مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ موٽيا. يا وري ربيع الاول ۾ .

آبان بن سعيد وارو سريو:- پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم سيني سپهہ سالارن ڪان وڌيڪ چڱيءَ طرح اها ڳالهہ ڄاڻندا هئا تہ حرام مهينا گذرن ڪانپوء مديني کي پوريءَ طرح خالي ڇڏڻ ڏاهپ جي خلاف آهي، جڏهن تہ مديني جي پرپاسي ۾ اهڙا بدوي رهيا ٿي، جيڪي ڦرلٽ ۽ ڌاڙا هڻڻ لاء وجهہ پيا ڳولهيندا هئا. انڪري جن ڏينهن ۾ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم خيبر ڏانهن لشڪر وٺي ويا هئا، انهن ئي ڏينهن ۾ بدوين کي ڊيڄارڻ لاء آبان بن سعيد رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ نجد ڏانهن هڪ سريو موڪليو هئائون. آبان بن سعيد رضہ جن پنهنجو ڪم چڱيءَ

طرح اڪلائي موٽيا پئي ته پاڻ سڳورن ﷺ سان خيبر ۾ ملاقات ٿين. تيستائين پاڻ سڳورا ﷺ خيبر فتح ڪري چڪا هئا.

وڏيڪ امڪان آهي ته اهو سريو صفر سنہ 7 ھ ۾ موڪليو ويو هو. ان جو ذڪر صحيح بخاريءَ ۾ ٿيل آهي.(1) حافظ ابن حجر لکي ٿو ته مونکي هن سريي جي ڄاڻ ڪانه ملي سگهي.(2)

حوالو(1) ڏسو صحيح بخاري باب غزوه خصبر 2/608، 609

حوالو(2) فتح الباري

غزوه ذات الرّقاع (سنہ 7 ھ)

جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ خندق واري جنگ جي ٽن ڌرين مان ٻن کي ٽوڙڻ مان فارغ ٿيا ته ان ڪانپوءِ ٽين ڌر ڏانهن ڌيان ڏنائون. ٽين ڌر اهي صحرا ئي بدو هئا، جيڪي نجد جي رڻ پٽ ۾ رهندا هئا ۽ ڦرلٽ پيا ڪندا هئا.

جيئن ته اهي بدوي ڪنهن وسنديءَ يا شهر ۾ نه رهندا هئا ۽ سندن رهائش گهرن ۽ قلعن ۾ ڪانه هوندي هئي، انڪري مڪي ۽ خيبر وارن جي پيٺ ۾ انهن تي قابو پائڻ ۽

سندن ڏنگاين ۽ ڦشرين کي پوريءَ طرح ٻنجو ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو هو، تنهنڪري کين رڳو ڊيڄارڻ لاءِ ڪاهه ڪرڻ ئي فائديمند ٿي سگهي ٿي.

تنهنڪري انهن بدوين کي داٻو ڏيڻ لاءِ يا ڪن جي چوڻ تہ مديني جي چوڌاري راتاها هڻڻ لاءِ گڏ ٿيڻ وارن بدوين کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ ۽ کين سبق سيکارڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ حملو ڪيو، جيڪو غزوه ذات الرقاع جي نالي سان مشهور آهي.

عام تاريخدان، هن غزوي جو سال سنہ 4 ھ لکن ٿا، پر امام بخاريءَ ان جو سال سنہ 7 ھ ٻڌايو آهي. جيئن تہ هن غزويءِ ۾ حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ جن ۽ حضرت ابو هريره رضہ جن شامل ٿيا هئا، ان ڪري اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ هي غزوو، خيبر جي لڙائيءَ کان پوءِ ٿيو. (مهينو شايد ربيع الاول هو.) ڇوتہ حضرت ابو هريره رضہ جن ان وقت مديني پهچي اُ تان سڌا پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پهتا. ان مهل تائين خيبر فتح ٿي چڪو هو. اهڙيءَ طرح حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ جن بہ حبش کان

ان مهل پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا جڏهن خيبر فتح ٿي چڪو هو. تنهنڪري غزوة ذات الرقاع ۾ انهن ٻنهي اصحابي سڳورن جي شرڪت، ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهو غزوو، خيبر واري جنگ کانپوءِ ٿيو هو.

سيرت نگارن هن غزوي بابت جيڪي ڪجهہ لکي ويا آهن، ان جو تت اهو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ، انمار يا بنو غطفان قبيلي جي ٻن شاخن بنو ثعلبہ ۽ بني محارب جي گڏجڻ جي خبر ٻڌي تہ مديني جي واڳ حضرت ابوذر رضہ يا حضرت عثمان رضہ جي حوالي ڪري هڪدم چار سؤ يا ست سؤ اصحابي سڳورا ساڻ وٺي نجد ڏانهن هليا. مديني کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي "نخل" وٽ پهتا تہ سندن ٽڪراءُ بنو غطفان جي هڪ جماعت سان ٿيو، پر جنگ نہ ٿي. البتہ پاڻ سڳورن ﷺ ان موقعي تي صلواتِ خوف پڙهائي هئي. صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ کان روايت آهي تہ "اسين پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ نڪتاسين. اسين ڪل ڇهہ ڄڻا هئاسين ۽ اٺ هڪڙو ئي هو، جنهن تي واري واري سان چڙهياسين ٿي. اسانجا پير ڦٽون ٿي ويا. منهنجا

ٻہ ٻئي پير زخمي ٿي ويا ۽ ننهن ڇڻي ويا، تنهنڪري اسان پنهنجن پيرن تي اڳڙيون ٻڌي ڇڏيون هيون. انڪري ئي هن غزوي جو نالو ذات الرقاع (اڳڙين وارو) پئجي ويو. ڇوتہ ان غزوي ۾ اسان پنهنجي پيرن ۾ اڳڙيون ۽ پٽيون ويڙهي ٻڌي ڇڏيون هيون." (1)

حوالو(1) صحيح بخاري: باب غزوة ذات الرقاع 592/2
صحيح مسلم:باب غزوة ذات الرقاع 118/2

صحيح بخاريءَ ۾ ئي حضرت جابر رضہ کان روايت آهي تہ اسان ذات الرقاع ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان گڏ هئاسين. (دستور اهو هو تہ) جڏهن اسان ڪنهن گهاٽي وڻ هيٺ پهتاسين ٿي تہ ان کي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم لاء ڇڏي ٿي ڏنوسين (هڪ ڀيري) پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم هڪ هنڌ لٿا ۽ ماٺهو، وڻن جي ڇانوَ ۾ ويهڻ لاء هيڏانهن هوڏانهن ڪنڊي وارن وڻن ڏانهن وکري ويا. پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم بہ هڪ وڻ هيٺ لٿا ۽ ان ئي وڻ ۾ تراڙ لٽڪائي سمهي پيا. حضرت جابر رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ اسانجي اجا اک ئي مس لڳي هئي جو هڪ مشرڪ اچي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم مٿان سندن ئي

تراڙ ڪٽي تاڻي ۽ چيائين تہ "تون مونکان ڊڄين پيو؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "نہ" هن چيو تہ"هاڻي توکي مونکان ڪير بچائيندو؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اللّٰہ"

حضرت جابر رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ اسان اوچتو پاڻ سڳورن ﷺ جا سڏ ٻڌا. اسان پهتاسين تہ ڏٺوسين تہ هڪ اعرابي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ويٺو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌايو تہ "آ ئون ستو پيو هوس جو هن منهنجي تراڙ ڪٽي مون تي تاڻي. ايتري ۾ آ ئون جاڳي پيس. تاڻيل تراڙ سندس هٿ ۾ هئي. هن مونکي چيو تہ "توکي مونکان ڪير بچائيندو؟" مون چيو تہ "اللّٰہ" هاڻي اهو هتي ويٺو اٿوَ." پاڻ سڳورا ﷺ ان تي ڪاوڙيل ڪونہ هئا.

ابو عوانہ رضہ جن جي روايت ۾ ايترو واڌارو آهي تہ (جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ، سندس سوال جي جواب ۾ اللّٰہ چيو تہ) هن جي هٿ مان تراڙ ڪري پئي، پوء پاڻ سڳورن ﷺ تراڙ ڪٽي ورتي ۽ فرمايائون تہ "هاڻي توکي مونکان ڪير بچائيندو؟" هن چيو تہ "توهان سٺا پڪڙڻ وارا آهيو. (يعني توهان بهادرن وانگراحسان ڪريو.) پاڻ سڳورن

ﷺ فرمايو تہ تون شاهدي ڏين ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ آ ئون الله جو رسول آهيان." هن چيو تہ "آ ئون توهان سان عهد ڪريان ٿو تہ توهان سان لڙائي ڪونہ ڪندس ۽ نہ ئي توهان سان وڙهندڙن جو ساٿ ڏيندس." حضرت جابر رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي قوم وارن ڪي وڃي ٻڌايائين تہ آئون هڪ ڏاڍي ڀلي ماڻهوءَ وٽان ٿي توهان وٽ آيو آهيان.(1) صحيح بخاريءَ جي هڪ روايتہ ۾ ٻڌايل آهي تہ نماز جي تڪبير هنئي وئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ هڪ ٽولي کي ٻہ رڪعتون نماز پڙهائي، پوءِ اهي پٺتي هٽيا تہ پاڻ سڳورن ﷺ ٻئي گروه کي ٻہ رڪعتون نماز پڙهائي. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ جون چار رڪعتون ٿيون ۽ اصحابي سڳورن جون ٻہ ٻہ رڪعتون.(2) هن روايت مان خبر پئي ٿي تہ اها نماز مٿئين واقعي ڪانپوءِ ئي پڙهائي وئي هئي.

حوالو(1) مختصرالسيره شيخ عبدالوهاب نجدي ص 264 ۽ فتح الباري 416/7

حوالو (2) صحيح البخاري 407/1، 408 - 593/2

صحيح بخاريءَ ۾ مسدد جي ابو عوانہ رضہ ۽ ان جي ابو بشر رضہ کان ٻڌل روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ان همراه جو نالو غورث بن حارث هو. (3) ابن حجر ٻڌائي ٿو تہ واقديءَ، ان واقعي جي تفصيل ۾ اعرابيءَ جو نالو دعثور ٻڌايو آهي ۽ ان اسلام قبوليو هو. پر

حوالو (3) صحيح بخاري 593/2

واقديءَ جي لکت مان لڳي ٿو تہ اهي ٻہ ڌار ڌار واقعا هئا، جيڪي ڌار ڌار جنگين ۾ ٿيا. (1) والله اعلم

حوالو (1) فتح الباري 428/7

هن غزوي تان موٽڻ مهل اصحابي سڳورن رضہ هڪ مشرڪ مائي جهلي ورتي. ان تي سندس مڙس باس باسي تہ هو محمد صلی اللہ علیہ وسلم جي ساٿين مان هڪ جو خون وهائيندو. تنهن ڪانپوءِ هو رات جو آيو. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم پهري لاءِ ٻن ڄڻن، حضرت عباد بن بشر ۽ عمار بن ياسر رضہ جن کي بيهاريو هو. جڏهن هو پهتو تہ حضرت عباد رضہ جن نماز ۾ بيٺل هئا. هن، انهيءَ ئي حالت ۾ کين تير هنيو. انهن نماز

ٽوڙڻ ڪانسواءِ ٻئي تير ڪڍي اڇلائي ڇڏيو. هن ٽيو ڀيرو ٽيو تير به هنيو پر انهن نماز نه ڀڳي ۽ سلام ورائڻ ڪانپوءِ پنهنجي ساٿيءَ کي جاڳايائون. ساٿيءَ (خبر پوڻ کانپوءِ) چيو ته "سبحان الله! توهان مونکي جاڳايو ڇو ڪونه؟" انهن چيو ته مون هڪ سورة پئي پڙهي، ان کي اڌ ۾ ڇڏڻ ڪونه پئي چاهيم."(2)

حوالو(2) زاد المعاد 112/2 هن غزوي بابت تفصيل لاءِ ڏسو ابن هشام 203/2 زاد المعاد 110/2، 111، 112، فتح الباري 417/7 کان 428

سنگدل اعرابين کي ڊيڄارڻ لاءِ هن غزوي وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. هن غزوي ڪانپوءِ ٿيل سرين جي تفصيل تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ اسين ڏسون ٿا ته غطفان جي انهن قبيلن، هن غزوي ڪانپوءِ وري ڪنڌ کڻڻ جو ست نه ساريو. بلڪ هري هري ٿي نيٺ هٿيار ڦٽا ڪيائون ۽ مسلمان ٿي ويا. تانجو انهن اعرابين جا گهڻائي قبيلا اسانکي مڪي جي فتح ۽ غزوة حنين مهل مسلمانن سان گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ غزوه حنين ۾ غنيمت جي مال مان کين پتي

بہ ڏني وئي هئي. مکو فتح ڪرڻ ڪانپوءِ انهن ڏانهن صدقا وصول ڪرڻ لاءِ اسلامي حڪومت جا اهلڪار بہ موڪليا ويا هئا ۽ اهي باقائده پنهنجا صدقا ڏيندا بہ هئا.

مطلب تہ ان حڪمت عمليءَ سان اهي ٽئي ڌريون ٽٽي ويون، جن خندق واريءَ جنگ ۾ مديني تي چڙهائي ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح سڄي علائقي ۾ سک ۽ شانتي ڦهلجي وئي. ان ڪانپوءِ ڪن قبيلن، ڪن جڳهين تي گڙٻڙ ڪئي بہ تہ ان کي مسلمانن سولائيءَ سان سنڀالي ورتو. هن غزوي ڪانپوءِ ئي وڏن وڏن شهرن ۽ ملڪن کي فتح ڪرڻ جو رستو کلي پيو. ڇوتہ هن غزوي ڪانپوءِ ملڪ اندر حالتون پوريءَ طرح مسلمانن لاءِ سازگار ٿي ويون هيون.

سنہ 7 هجريءَ جا ڪجهہ سريا

هن غزوي تان موٽڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ شوال سنہ 7 هجريءَ تائين مديني پاڪ ۾ رهيا ۽ ان دوران ڪافي سريا بہ موڪلائون، جن مان ڪن جو تفصيل هي آهي.

(1) سريہ قديد(صفر يا ربيع الاول 7 ھ):- هيءُ سريو غالب بن عبدالله ليثي رضہ جن جي هٿ هيٺ قديد ڏانهن بني ملوح

قبيلي کي سيکت ڏيڻ لاء موکليو ويو هو، چوته انهن بشر بن سويد جي ساٿين کي ماريو هو، جنهن جو پلاٽ وٺڻ لاء هي سريو موکليو ويو. هن سريي راتاهو هڻي گهڻن ئي ماڻهن کي ماري ڇڏيو ۽ ڊور ڊنگر ڪاهي آيا. ويري، وڏو لشکر وٺي ڪڍ لڳا پر مسلمانن جي ويجهو پهتا ته مينهن وسڻ لڳو ۽ وڏي ٻوڏ اچي وئي، جيڪا ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ هئي. اهڙيءَ طرح مسلمان خير سان موٽي آيا.

(2) حسمي وارو سريو:- ان جو ذکر دنيا جي بادشاهن ڏانهن موکليل خطن جي باب ۾ ٿي چڪو آهي.

(3) تربه وارو سريو:- هيءُ سريو حضرت عمر رضه جن جي اڳواڻيءَ ۾ موکليو ويو. ساڻن ڳڻ ٽيهه ڄڻا هئا، جيڪي رات جو سفر ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي ويندا هئا، پر بنو هوازن کي خبر پئجي وئي ۽ اهي وٺي ڀڄا. حضرت عمر رضه جن ان علائقي ۾ پهتا ته اتي ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا هئا. تنهنڪري پاڻ مديني موٽي آيا.

(4) فدک جي ڀرپاسي ۾ موکليل سريو:- هيءُ سريو حضرت بشير بن سعد انصاري رضه جن جي اڳواڻيءَ ۾ ٽيهن

ڇڻن سان، بنو مره کي سيکت لاء ڏيڻ لاء موڪليو ويو. حضرت بشير رضہ جن ان علائقي ۾ وڃي رڍون ۽ ٻڪريون ۽ وهٿ ڪاهي موٽيا پئي تہ رات جو واٽ ۾ دشمن کين اچي رسيا. مسلمانن ڏاڍا تير وسايا پر نيٺ سيني جا تير کٽي ويا، جنهن ڪانپوء سيئي مارجي ويا. رڳو حضرت بشير رضہ جن بچيا. کين زخمي حالت ۾ کٽي فدڪ پهچايو ويو ۽ اهي اتي يهودين وٽ رهيا، تانت سندن گهاءَ ڀرجي ويا ۽ پوء پاڻ مديني موٽي آيا.

(5) ميفعہ وارو سريو(رمضان 7 هہ):- هي سريو حضرت غالب بن عبدالله ليثي رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ بنوعوال ۽ بنو عبد بن ثعلبہ کي سيکت ڏيڻ لاء يا چيو وڃي ٿو تہ جهينہ قبيلي جي شاخ حرقات کي سيکت ڏيڻ لاء موڪليو ويو هو. مسلمانن جو تعداد هڪ سؤ ٽيهہ هو. انهن، دشمن تي گڏيل حملو ڪيو ۽ جنهن بہ چون چرا ڪئي، ان کي ماري ڇڏيائون. پوء وهٿ ۽ رڍون، ٻڪريون ڪاهي آيا. هن ئي سريي ۾ حضرت اسامہ بن زيد رضہ جن، نهيڪ بن مرداس کي لا الہ الا الله چوڻ ڪانپوء بہ ماري وڌو هو. ان تي پاڻ سڳورن

ﷺ کين چند ڪيندي چيو هو تہ "تو هن جي دل چيري ڇو ڪونہ ڏٺي تہ هو سچو هو يا ڪوڙو؟"

(6) **خيبر موڪليل سريو (شوال 7 هہ):-** هي سريو ٽيهن ڄڻن تي ٻڌل هو ۽ حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جن کي اڳواڻ ڪري موڪليو ويو هو. ٿيو هيئن تہ اسير يا بشير بن رزيم، بنو غطفان کي مسلمانن تي چڙهائيءَ لاءِ گڏ ڪري رهيو هو. مسلمان، اسير کي اها اُميد ڏياري تہ پاڻ سڳورا ﷺ کين خيبر جو حاڪم ڪري رکندا، سندن ٽيهن ساٿين سميت کيس پاڻ سان هلڻ لاءِ راضي ڪري ورتو، پر قرقره نيار وٽ پهچي ڏرينءِ بدگماني پيدا ٿي پئي. جنهن جي نتيجي ۾ اسير ۽ سندس ساٿين کي جان تان هٿ ڪڻڻو پيو.

(7) **يمن و جبار ڏانهن موڪليل سريو**:- جبار جي جيم تي زبر آهي. اهو بنو غطفان، يا چيو وڃي ٿو تہ بنو فرازه ۽ بنو عذره جو علائقو هو. هتي حضرت بشير بن ڪعب انصاري رضہ کي ٽي سؤ مسلمان ڏئي موڪليو ويو. مقصد هڪ وڏي ميڙ کي ڇڙوڇڙ ڪرڻو هو، جيڪو مديني تي چڙهائي ڪرڻ

لاء ڳڌ تي رهيو هو. مسلمان راتين جو سفر ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي ويندا هئا. جڏهن دشمن کي حضرت بشير رضہ جن جي اچڻ جي سڌس پئي تہ اهي ڀڄي ڪڙا ٿيا. حضرت بشير رضہ جن گهڻائي وهٿ جهلي ورتا ۽ ٻہ ماڻهو بہ پڪڙجي پيا ۽ جڏهن ٻئي ڄڻا مديني پهتا تہ اهي ٻئي ڄڻا پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ تي مسلمان ٿي ويا.

(8) غابہ ڏانهن موڪليل سريو:- هن کي ابن قيم قضا ڪيل عمري کان پهرين 7 هہ جي سرين ۾ ڳڻايو آهي. ان جو تت اهو آهي تہ جسم بن معاويہ قبيلي جو هڪ همراه، ڪافي ماڻهو وٺي غا بہ پهتو. هن بنو قيس کي مسلمانن سان وڙهڻ لاء ڳڌ ڪرڻ پئي چاهيو. پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت ابو حدرد رضہ کي ٻن ڄڻن سان اوڏانهن موڪليو. حضرت حدرد رضہ جن ڪنهن حڪمت عمليءَ سان دشمن کي آڻ مجرائي ۽ گهڻا ئي اٺ ۽ ٻڪريون ڪاهي آيا.(1)

حوالو (1) زاد المعاد 149/2، 150 انهن سرين جو وچور رحمت اللعالمين 229/2، 230، 231 زاد المعاد 2/

148، 149، 150 تلقيح الفهوم السيرة للشيخ عبدالله نجدي ص 322، 323، 324 تي ڏسي سگهجي ٿو.

قضا ڪيل عمرو

ابن حاڪم جو چوڻ آهي تہ لاڳيتين روايتن مان ثابت آهي تہ جڏهن ذوالقعد جو چنڊ ڏسجي ويو تہ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن اصحابين کي حڪم ڪيو تہ اهي عمري جي قضاء طور عمرو ڪن ۽ جيڪو بہ ماڻهو حديبيہ ۾ حاضر هو، پنيان نہ رهي. تنهن ڪانپوء (ان مهل تائين) جيڪي شهيد ٿي چڪا هئا، انهن کي ڇڏي بيا سڀ ماڻهو هليا ۽ حديبيہ وارن ڪانسواء بہ ڪي ماڻهو عمري لاء ساڻ نڪتا. اهڙيءَ طرح تعداد بہ هزار ٿي ويو. عورتون ۽ ٻار انهن ڪانسواء هئا.(1)

حوالو(1) فتح الباري 500/7

پاڻ سڳورن ﷺ، ان موقعي تي ابو رهم غفاري رضہ کي مديني جي واڳ ڏني. سٺ اُٺ ڪاهيائون ۽ ناجيہ رضہ بن جندب اسلمي کي انهن جي سار سنڀال جو ڪن

سونپيائون. ذوالحليفہ کان عمري جو احرام ٻڌائون ۽ لبيڪ جي صدا هنيائون. پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ مسلمانن بہ لبيڪ پڪاريو ۽ قريشن پاران دوکو ڪرڻ جي ڊپ کان هٿيار پنهوار ڪٽي، ويڙهاڪن کي هوشيار ڪري نڪتا. جڏهن ياجج نالي واديءَ پهتا تہ سمورا هٿيار يعني ڍالون، تير، نيزا وغيره اتي رکي ڇڏيائون ۽ سنڀال لاءِ اوس بن خولي انصاري رض جي هٿ هيٺ بہ سوءِ ڄڻا اتي ئي ڇڏي، باقي مسافريءَ جو هٿيار يعني مياڻ پاتل تراڙون ساڻ ڪٽي مڪي ۾ گهڙيا. (1)

حوالو (1) فتح الباري 500/7 زاد المعاد 151/2

مڪي ۾ گهڙڻ مهل پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي ڏاچي قصواء تي چڙهيل هئا. مسلمانن تراڙون ڇيلهہ تي ٻڌي ڇڏيون هيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي گهيري ۾ آڻي لبيڪ جي صدا هڻي رهيا هئا.

مشرڪ، مسلمانن جو تماشو ڏسڻ لاءِ(گهرن مان) نڪري ڪعبي جي اتر پاسي قعيقعان نالي جبل تي(وڃي چڙهيا) انهن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي چيو پئي تہ توهان وٽ

هڪ اهڙو ميڙ اچي رهيو آهي، جنهن کي يثرب جي بخار ٽڪائي ڇڏيو آهي. انڪري پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن رضہ کي حڪم ڏنو تہ اهي پهريان ٽي چڪر ڊوڙي پورا ڪن. باقي رڪن يماني ۽ حجر اسود جي وچ ۾ رڳو هلندي لنگهن. سيئي (ست ئي) چڪر ڊوڙڻ جو حڪم انڪري نہ ڏنائون جو رحمت ۽ شفقت مقصود هئن. ان حڪم جو مقصد اهو هو تہ مشرڪَ، سندن سگهہ ڏسي وٺن.(1) انڪانسواء پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن رضہ کي اضطباغ جو بہ حڪم

حوالو(1) صحيح بخاري 218/1 - 610/2، 611 ۽ صحيح مسلم 412/1

ڏنو. اضطباغ جو مطلب اهو آهي تہ ساڄو ڪلهو ڪليو رکجي (۽ چادر ساڄي ڪڇ جي هيٺان لنگهائي اڳيان توڙي پٺيان ٻنهي پاسان) ان جو ٻيو ڇيڙو کاٻي ڪلهي تي رکي ڇڏجي.

پاڻ سڳورا ﷺ مڪي ۾ ان جابلو لنگهہ کان پهتا، جيڪو حجون ۾ وجي دنگ ٽئي ٿو. مشرڪَ، ڪين ڏسڻ لاء قطارون ٻڌيو بيٺا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ لاڳيتو

لبيڪ لبيڪ پڪاري رهيا هئا، تانجو (حرم پهچي) پنهنجي لٺ سان حجر اسود کي ڇهيائون ۽ پوءِ طواف ڪيائون. اصحابي سڳورن ﷺ بہ طواف ڪيو. ان مهل حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جن تراڙ ٻڌيو، پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳيان اڳيان هلندي هي شعر پڙهي رهيا هئا تہ:

خلوا بني الكفار عن سبيلہ
خلوا فكل الخير في رسولہ
قد انزل الرحمان في تنزيلہ
في صحف تتلي عليٰ رسولہ
يا رب ابي مومن بقيلہ
اني رايت الحق في قبولہ
بان زير القتل في سبيلہ
اليوم نضر بكم عليٰ تنزيلہ
ضربا يزيل الهان عن مقيلہ
و يذهل الخليل عن الخليلہ(1)

حوالو(1) مختلف روايتن ۾ هنن شعرن جي ترتيب ۾ وڏو فرق ڄاڻايل آهي. اسان مختلف شعر گڏ ڏئي ڇڏيا آهن.

ترجمو:- ڪافرن جا اولادؤ! هن جو رستو ڇڏي ڏيو، هن جو رستو ڇڏي ڏيو، ڇو ته سڄي ڀلائي هن جي پيغمبريءَ ئي آهي. رحمان پنهنجي تنزيل (قرآن پاڪ) ۾ اها ڳالهہ آندي آهي. يعني اهڙا صحيفا جن جي تلاوت هن جي پيغمبر تي ڪئي وڃي ٿي. اي پالڻهار! آئون هن جي ڳالهہ تي ايمان رکان ٿو ۽ ان کي قبولڻ کي حق سمجهان ٿو ته بهترين قتل اهو آهي جيڪو الله جي رستي ۾ ٿئي. اڄ اسان هن جي تنزيل مطابق توهان کي اهڙي مار ڏينداسين جو کوپراٽي وڃي پري ڪرندي ۽ دوست کي دوست جي بہ خبر نہ رهندي.

حضرت انس رضہ جي روايت ۾ اهو بہ آيل آهي تہ ان تي حضرت عمر رضہ جن چيو تہ "اي ابن رواحہ! تون پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي اڳيان ۽ الله جي حرم ۾ شعر پيو پڙهين!؟" پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ "اي عمر رضہ ! هن کي ڇڏي ڏي، ڇوتہ اهي (شعر) هنن لاءِ تير جي ڏک کان بہ تکا آهن." (2)

حوالو(2) جامع ترمذي، ابواب الاستيذان و الادب، باب ماجاءَ في انشا والشعر 107/2

پاڻ سڳورن ﷺ ۽ مسلمانن تي چڪر ڊوڙي لڳايا. مشرڪن اهو ڏسي چيو تہ اسان تہ سمجهيو پئي تہ يثرب جي بخار هنن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا آهن، پر هي تہ فلاڻي ۽ فلاڻي ڪان بہ وڌيڪ توانا پيا ڏسجن. (3)

حوالو (3) صحيح مسلم 412/1

طواف مان واندا ٿي پاڻ سڳورا ﷺ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙيا. ان مهل سندن قربانيءَ جا وهٽ مروه جي ويجهو بيٺل هئا. پاڻ سڳورا ﷺ فارغ ٿيا تہ فرمايائون تہ "هيءَ قربانيءَ جي جاءِ آهي ۽ مڪي جون سڀ گهٽيون قربانگاه آهن." ان ڪانپوءِ مروه ويجهو ئي وهٽ ڪنائون. اتي ئي مٿو ڪوڙايائون. مسلمانن بہ ائين ڪيو. ان ڪانپوءِ ڪجهہ ماڻهو موڪليائون تہ وڃي هٿيارن جي سنڀال ڪن ۽ اتي بيٺلن کي ڇڏين تہ اهي اچي عمرو ادا ڪن.

پاڻ سڳورا ﷺ مڪي ۾ ٽي ڏينهن رهيا. چوٿين ڏينهن صبح ساڻ مشرڪن اچي حضرت علي رضہ جن کي

چيو تہ "پنهنجي صاحب کي ڇڏڻ هاڻي هلڻ جي ڪن، ڇوتہ (ڏنل) وقت گذري ويو آهي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ مڪي مان نڪري اچي "سرف" وٽ رهيا. مڪي مان نڪرڻ مهل حضرت حمزه رضہ جن جي نياڻي بہ چاچا، چاچا، چوندي اچي پهتي. ڪين حضرت علي رضہ جن پاڻ سان وٺي ويا، پر پوءِ حضرت علي رضہ، حضرت جعفر رضہ ۽ حضرت زيد رضہ جن ۾ تڪرار ٿي پيو. (هرهڪ چوي تہ ڪين پالڻ جو وڌيڪ حق حاصل آهي.)پاڻ سڳورن ﷺ جن، حضرت جعفر رضہ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ڇوتہ ان ٻارڙيءَ جي ماسي سندن گهر واري هئي.

ان ئي عمري واري سفر ۾ پاڻ سڳورا ﷺ، بيبي ميمونہ بنت حارث عامريہ رضہ سان پرڻيا. ان مقصد لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ مڪي رسڻ کان اڳ حضرت جعفر رضہ جن کي پاڻ کان پهرين بيبي ميمونہ رضہ ڏانهن اُماڻيو هو ۽ انهن پنهنجو معاملو حضرت عباس رضہ جن کي سونپيو هو. ڇوتہ بيبي ميمونہ رضہ جن جي ڀيڻ اُم الفضل رضہ جن سندن گهر واري هئي. حضرت عباس رضہ جن، بيبي ميمونہ رضہ

جن کي پاڻ سڳورن ﷺ سان پرڻائي ڇڏيو. پاڻ سڳورن ﷺ مکي مان نڪرڻ مهل حضرت ابو رافع رضہ جن کي پنيان ڇڏيو تہ اهي بيبي سڳوريءَ کي سوار ڪري پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وٺي اچن. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ "سرف" پهتا تہ ڪين اتي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچايو ويو.

هن عمري جو نالو عمرهٔ قضاءُ. يا تہ انڪري پيو جو اهو عمرو حديبيہ واري عمري جي قضاءَ طور ڪيو ويو هو يا ان ڪري جو اهو حديبيہ واري ٺاهہ مطابق ڪيو ويو هو. (۽ اهڙي ٺاهہ کي عربيءَ قضا ۽ مقاضاه چوندا آهن.) ان ٻئي ڪارڻ کي محققن ترجيح ڏني آهي.(1) هن عمري کي چئن نالن سان لکيو ويو آهي! عمرهٔ قضا، عمرهٔ قضيہ، عمرهٔ قصاص ۽ عمرهٔ صلح(2)

(1) زاد المعاد 172/1 - فتح الباري 500/7

(2) فتح الباري 500/7

ڪجهہ ٻيا سريا

(1) ابوالعوجاء رضہ وارو سريو (ذوالحج 7 ھ):- پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنجاه ڄڻا حضرت ابوالعوجاء رضہ جن جي اڳواڻي ۾ بن و سليم کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو، پر بنو سليم وارن چيو تہ توهان جنهن ڳالھ جي دعوت ڏيو پيا، اسانکي ان جي گهرج ڪانهي. ان تي ڇتي ويڙھ لڳي، جنهن ۾ ابوالعوجاء رضہ جن گهائجي پيا. تنهن هوندي بہ مسلمانن بہ ڄڻا پڪڙي ورتا.

(2) غالب بن عبدالله رضہ وارو سريو(صفر 7 ھ):- ڪين بہ سؤ ماڻهو ساڻ ڏئي فدڪ جي پرپاسي ۾ حضرت بشير بن سعد جي ساٿين جي مارجڻ جي جاءِ تي موڪليو ويو. انهن، دشمنن جي وهٽن تي قبضو ڪيو ۽ سندن گهڻا ئي ماڻهو ماري ڇڏيا.

(3) ذات اطلح وارو سريو(ربيع الاول 8 ھ):- هن سريي جو تفصيل اهو آهي تہ بنو قضاعہ، مسلمانن تي ڪاهڻ لاءِ وڏو ميڙ ڪٺي گڏ ڪيو هو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي پتو پيو تہ انهن، ڪعب بن عمير رضہ جن جي اڳواڻيءَ ۾ رڳو پنڌرنهن اصحابي سڳورا رضہ ان پاسي موڪليا. اصحابي سڳورن

رضہ. انهن کي اسلام جي دعوت ڏني، پر انهن دعوت قبولڻ بدران کين تيرن سان ڇلي سيني کي شهيد ڪري ڇڏيو.رڳو هڪ ڄڻو بچيو، جيڪو مئلن جي وچ ۾ پيو هو.(1)

(1) رحمت اللعالمين 231/2

(4) ذات العرق وارو سريو (ربيع الاول 8 هہ):- هيءُ واقعو هن طرح ٿيو جو بنو هوازن، ڪئي ڀيرا دشمنن کي مدد ڏني هئي. انڪري پنجويهہ ڄڻا حضرت شجاع بن وهب اسدي رضہ جن جي هٿ هيٺ انهن ڏانهن موڪليا ويا. اهي دشمنن جا جانور ڪاهي آيا، پر جنگ ۽ ڇيڙڇاڙ جي نوبت ڪانہ آئي.(2)

(2) رحمت اللعالمين 231/2 ۽ تلقيع الفهوم ص 33 جو حاشيو

موتہ واري جهڙپ

مُوتہ (ميم تي پيش ۽ واءُ ساڪن) اردن ۾ بلقاءَ جي ويجهو هڪ واديءَ جو نالو آهي، جتان بيت المقدس ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هيءَ جهڙپ اتي ئي ٿي هئي.

هيءَ سڀ کان وڏي خوني جهڙپ هئي، جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ ۾ ٿي هئي ۽ اها ئي جهڙپ عيسائي ملڪن کي فتح ڪرڻ جو سبب بڻي. اها جمادالاول 8 ھ مطابق آگسٽ يا سيپٽمبر 629ع ڌاري ٿي.

جهڙپ جو ڪارڻ:- هن جهڙپ جو ڪارڻ اهو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ، حارث بن عمير اَزدِي رضہ جن کي هڪ خط ڏئي، بصري جي حاڪم وٽ موڪليو تہ انهن کي رومي قيصر جي بلقاءَ واري گورنر شرحبيل بن عمرو غسانيءَ جهلي ورتو ۽ ڪين ٻڌي سندن گردن اڏائي ڇڏي.

ياد رهي تہ سفيرن ۽ قاصدن کي مارڻ ڏاڍو ٻيڙو ڏوهہ هو، جيڪو جنگ جي اعلان جي برابر، بلڪ ان کان بہ وڌيڪ سمجهيو ويندو هو. انڪري جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي واقعي جو ڄاڻ مليو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ان علائقي تي چڙهائي

ڪرڻ لاءِ ٽي هزار لشڪر تيار ڪري ورتو.(1)اهو سڀ کان وڏو اسلامي لشڪر هو، جيڪو ان کان پهرين رڳو خندق واري جنگ لاءِ تيار ڪيو ويو هو.

حوالو(1) زاد المعاد 155/2 - فتح الباري 511/7

لشڪر جا امير ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي وصيت:- پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، هن لشڪر جو سالار حضرت زيد بن حارثہ رضہ کي مقرر ڪيو ۽ فرمايو تہ جي زيد رضہ ماريو وڃي تہ جعفر رضہ ۽ جي جعفر رضہ مارجي وڃي تہ عبدالله بن رواحہ رضہ جن سپهہ سالار ٿيندا.(1) پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم لشڪر لاءِ اڇو جهندو تيار ڪيو ۽ اهو حضرت زيد بن حارثہ رضہ جن جي حوالي ڪيو.(2) لشڪر کي پاڻ سڳورن

حوالو(1) صحيح بخاري: باب غزوه موتہ من ارض الشام 611/2

حوالو(2) مختصر السيره للشيخ عبدالله ص 327

صلى الله عليه وسلم اها بہ وصيت ڪئي تہ جنهن جاءِ تي حضرت حارث بن عمير رضہ جن ماريا ويا هئا، اتي پهچي اتي جي رهاڪن کي اسلام جي دعوت ڏين. جيڪڏهن اهي اسلام قبولين تہ

بهتر نہ تہ اللّٰه کان مدد گهري، ويڙهہ شروع ڪن. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اللّٰه جو نالو وٺي، اللّٰه جي راهہ ۾، اللّٰه جو انڪار ڪرڻ وارن سان جنگ جوٽيو ۽ ڏسو دوکو نہ ڪجوَ. خيانت نہ ڪجوَ. ڪنهن ٻار يا عورت ۽ ڪنهن ڪراڙي ڪي يا ديول ۾ رهندڙ دنيا تياڳڻ واري ڪي نہ مارجوَ. ڪجي يا ٻيو ڪو وڻ نہ ڪٽجوَ ۽ ڪابہ جڳهہ نہ ڊاهجوَ.(3)

حوالو(3)مختصر السيره 271/2

اسلامي لشڪر جي اسرڻ مهل حضرت عبداللّٰه بن رواحہ رضہ جو روئڻ:-

جڏهن اسلامي لشڪر اسرڻ لاءِ سنڀريو تہ ماڻهو، پاڻ سڳورن ﷺ جي چونڊيل سپهہ سالارن کي موڪلائڻ آيا. ان مهل هڪ سپهہ سالار حضرت عبداللّٰه بن رواحہ رضہ جن روئڻ لڳا. ماڻهن پڇيو تہ "توهان ڇو پيا روئو؟" انهن وراڻيو تہ "ان لاءِ نہ تہ ڪو دنيا جي محبت يا توهان جي صحبت ڇڏائجڻ جو اونو اٿم، بلڪ مون پاڻ سڳورن ﷺ کي اللّٰه جي ڪتاب جي هڪ آيت پڙهندي ٻڌو آهي، جنهن ۾ دوزخ جو ذڪر آهي. آيت هيءَ آهي تہ:

وَ اِن منكم اِلا وَارِدُها جكانَ عليٰ رَبک حتما مقضيا (19:71)

ترجمو:- "۽ اوهان مان ڪو اهڙو ڪونهي جو ان تي پهچڻ وارو نہ آهي تنهنجي پالڻهار تي اهو انجام لازم مقرر آهي."

آئون نٿو ڄاڻان تہ دوزخ ۾ وارد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيئن موٽي سگهندس؟ مسلمانن چيو تہ "الله سلامتيءَ سان توهان جو ساٿي رهي، توهان پاران دفاع ڪري ۽ توهان کي اسان ڏانهن چڱائي ۽ غنيمت سان موٽائي. حضرت عبدالله رضہ تڏهن هيءُ شعر پڙهيو تہ:

لكنني اسال الرحمان مغفرة
و ضربہ ذات قرع تقذف الزبدا
او طعنہ بيدي حران مجهزة
بحربہ يقال اذا مروا علي جدثي
يا ارشدالله من غاز وقد رشدا

ترجمو:-" پر مان رحمان کان ڇوٽڪاري جي ۽ هڏيون ڀجندڙ ۽ کيپراٽي اڏائيندڙ تراڙ جي ڏک جو يا ڪنهن نيزي باز جي

هٿن، آندن ۽ جگر جي آرپار ٿيندڙ نيزي جي ضرب جو سوال ڪريان ٿو تہ جيئن جڏهن ماڻهو منهنجي قبر وٽان لنگهن تہ چون تہ هاءِ اهو غازي جنهن کي الله هدايت ڏني ۽ جيڪو هدايت يافتہ رهيو."

ان ڪانپوءِ لشڪر اُسريو. پاڻ سڳورا ﷺ ان سان گڏ شنيہ الوداع تائين ويا ۽ اتان ڪانئن موڪلايائون. (1)

(1) ابن هشام 2/373، 374 - زاد المعاد 2/156 - مختصر السيره للشيخ عبدالله ص 327

اسلامي لشڪر جو اڳتي وڌڻ ۽ اوچتي مصيبت ۾ ڦاسڻ:-

اسلامي لشڪر اتر ڏانهن وڌندي "معان" وٽ پهتو. اها جڳهہ حجاز جي اترئين پاڳي سان ڳنڍيل شامي(اردني) علائقي ۾ آهي. هتي لشڪر لٿو ۽ هتي ئي خابرن اچي خبر پهچائي تہ هرقل (روم جو قيصر) بلقاءَ جي علائقي ۾ مآب وٽ هڪ لک رومي لشڪر سان لٿل آهي. سندس جهنڊي هيٺان لخم، جذام، بلقين ۽ بهرا ۽ بلي نالي عرب قبيلن جا وڏيڪ هڪ لک ماڻهو بہ اچي گڏ ٿيا آهن.

معان ۾ مجلس شورا جي گڏجاڻي:- مسلمانن تہ سوچيو بہ ڪونہ هو تہ ڪو ڪين هيڏي وڏي لشڪر سان منهن ڏيڻو پوندو. جيڪو هن پرڏيهہ ۾ اوچتو سندن سامهون اچي ڪڙو ٿيو هو. سندن آڏو اهو سوال اٿي ڪڙو ٿيو هو تہ سمنڊ وانگر ڇوليون هڻندڙ ٻن لکن جي لشڪر کي، ٽن هزارن جو ننڍڙو لشڪر ڪري بہ تہ ڇا ڪري؟ مسلمان حيران هئا ۽ ان حيرانيءَ واري حالت ۾ ٻہ راتيون صلاح مشورو ڪرڻ ۾ گذري ويون. ڪن ماڻهن جو خيال هو تہ دشمن جي تعداد جو اطلاع پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏنو وڃي. ان کانپوءِ يا تہ اتان وڌيڪ مدد موڪلي ويندي يا وري ٻيو ڪو حڪم ڏنو ويندو. جنهن تي عمل ڪيو ويندو.

پر حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جن ان راءِ جي مخالفت ڪئي ۽ اهو چئي ماڻهن کي تاءُ ڏياريو تہ "خدا جوقسم! جنهن شيءِ کان توهان لهرايو پيا، اها تہ شهادت آهي، جنهن جي طلب ۾ توهان نڪتا آهيو. ياد رهي تہ دشمنن سان اسانجي لڙائي تعداد، سگهہ ۽ گهڻائيءَ جي زور تي نہ آهي، بلڪ اسين رڳو دين جي زور تي وڙهندا آهيون،

جنهن جو الله اسان کي شرف بخشيو آهي. انکري اڳتي وڌو! اسانکي ٻن ڀلاين مان هڪ ضرور ملندي. يا تہ اسان زور تي وينداسين يا شهادت ماڻينداسين." نيٺ حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جن جي راء سڀني مڃي.

اسلامي لشڪر جو دشمن ڏانهن وڌڻ:- مطلب تہ اسلامي لشڪر، "معان" ۾ ٻہ راتيون گذارڻ کانپوء دشمن ڏانهن وڌيو ۽ بلقاء جي هڪ وسندي، مشارف وٽ اچي هرقل جي فوج جي سامهون ٿيو. ان کانپوء وڌيڪ ويجهو اچي ويو ۽ مسلمان "موتہ" ڏانهن سڪڙبا وڃي لٿا. پوء لشڪر جي جٿابندي ڪئي وئي. ميمنہ تي قطبہ بن قتاده عذري رضہ جن کي رکيو ويو ۽ ميسره تي عباده بن مالڪ رضہ جن کي.

جنگ ڇڙڻ ۽ سپهہ سالارن جو هڪبئي پويان شهيد ٿيڻ:- ان کانپوء موتہ ۾ ئي ڌرين جي پاڻ ۾ جهڙپ ٿي ۽ ڏاڍي ڇتي ويڙهہ ٿي. ٽن هزارن جو لشڪر، ماڪڙ جهڙي ٻن لکن جي لشڪر سان مهاڏو اٽڪائي بيٺو هو. اها اچرج جوڳي جهڙپ هئي، ڏسڻ وارا دوڏا ڦاڙي ڏسي رهيا هئا. جڏهن ايمان جون هوائون هلن ٿيون تہ اهڙا ئي اچرج جوڳا واقعا ٿين ٿا.

سڀ کان پهرين پاڻ سڳورن ﷺ جي لاڏلي حضرت زيد بن حارثہ رضہ جن جهنڊو سنڀاليو ۽ اهڙو تہ بيجگريءَ سان وڙهيا، جنهن جو مثال مسلمان جانبازن کانسواءِ ڪير بہ پيش نٿو ڪري سگهي. پاڻ وڙهندا رهيا، وڙهندا رهيا، نيٺ نيزن جي گهائن کان لاچار ٿي زمين تي ڪري پيا ۽ شهادت جو جام پيتائون.

ڪانئن پوءِ حضرت جعفر رضہ جن جو وارو هو. انهن جهٽ هٽي جهنڊو ڪٽي ورتو ۽ بيمثال ويڙهہ ڪرڻ لڳا. جڏهن لڙائي چوٽ چڙهي تہ اهي پنهنجي گهوڙي تان لهي پيا. ان جون کچيون (پويون ٽنگون)ڪٽي ڇڏيائون ۽ وار تي وار ڪندا رهيا ۽ دشمنن جا وار جهليندا بہ رهيا، تانجو هڪ دشمن جي ڌڪ سان سندن ساڄو هٿ ڪپجي ويو. ان کانپوءِ انهن جهنڊو کابي هٿ ۾ جهليو ۽ ان کي لاڳيتو مٿي رکندا آيا. تانجو سندن کابو هٿ بہ ڪپجي ويو. پوءِ ٻنهي ٻچيل ٻانهن سان جهنڊو ڇاتيءَ سان لڳائي جهليائون ۽ تيستائين ان کي اوچو رکيائون، جيستائين شهادت جو چولو نہ ڍڪي وڌائون. چيو وڃي ٿو تہ هڪ روميءَ کين تراڙ جو اهڙو ڌڪ

هنيو جو سندن ٻہ اڌ ٿي ويا. الله کين ٻنهي ٻانهن جي بدلي۾ جنت ۾ ٻہ پر ڏنا، جن سان اهي جتي وڻين، اتي اڏامي وڃن ٿا. انڪري سندن لقب جعفر طيار ۽ جعفر ذوالجناحين پئجي ويا. (طيار جي معنيٰ اڏامندڙ ۽ ذوالجناحين معنيٰ ٻن پرن وارو)

امام بخاريؒ، نافع جي واسطي سان ابن عمر رضہ جي روايت ڏني آهي تہ " مون موتہ واري جنگ کانپوء حضرت جعفر رضہ جي شهادت کانپوء سندن ويجهو بيهي سندن جسم تي لڳل نيزن ۽ تراڙن جا پنجاه گهاءَ ڳڻيا، انهن مان ڪوبہ پٺ تي لڳل ڪونہ هو."(1)

حوالو(1) صحيح بخاري: باب غزوه موتہ من ارض الشام 611/2

هڪ ٻي روايت ۾ ابن عمر رضہ جن کان هيءُ بيان آيل آهي تہ آئون بہ هن جنگ ۾ مسلمانن سان گڏ هوس. اسان جعفر بن ابي طالب رضہ جن کي ڳوليو تہ کين شهيدن ۾ ڏٺو ۽ سندن جسم تي نيزن ۽ تيرن جا نوي کان وڌيڪ گهاءَ ڏناسين.(2) نافع رضہ کان آيل روايت ۾ ايترو واڌارو ٿيل

آهي تہ "اسان اهي سڀ گهاءَ سندن جسم جي اڳئين حصي تي ڏٺا."(3)

حوالو(2) ساڳيو ڪتاب ۽ ساڳيو صفحو

حوالو(3) فتح الباري 512/7 بظاهر تہ ٻنهي روايتن ۾ فرق آهي پر تطبيق اها ڪئي ٿي وڃي تہ تيرن جا گهاءَ ملائڻ سان تعداد وڌيو وڃي (ڏسو فتح الباري)

اهڙيءَ طرح جانبازيءَ سان وڙهندي حضرت جعفر رضہ جن جي شهادت ماڻڻ ڪانپوء حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جن جهندو ڪنيو ۽ پنهنجي گهوڙي تي چڙهي اڳتي وڌيا ۽ پنهنجو پاڻ ڪي ويڙهہ لاءِ تيار ڪرڻ لڳا. پر پاڻ ٿورو هٻڪيا پئي، ٿورو ترسيا بہ. پر نيٺ چيائون تہ:

اقسمت يا نفس لتنزلنہ
ڪارهہ او لتطا وعنہ
ان اجلب الناس و شد الرنہ
مالي اراك تكرهين الجلہ

ترجمو:- اي نفس! توکي قسم آهي تہ تون ضرور دشمن جي مقابلي ۾ اچ. چاهي خوشيءَ سان اچين يا بيدليءَ سان، ماڻهو جيڪڏهن جنگ جوٽيو بيٺا آهن ۽ نيزا اڀا ڪريو بيٺا آهن تہ پوءِ آئون توکي ڇو پيو جنت کان لهرائيندي ڏسان.

ان کانپوءِ پاڻ مقابلي تي لهي پيا. ايتري ۾ سندن سوٽ هڪ ماس لڳل هڏي کڻي آيو ۽ چيائين تہ " هن سان ڪجهہ هانءَ جهلو ڪري وٺ، ڇوتہ اڄڪلهہ تون ڏکين حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهين." انهن هڏي وٺي هڪ چڪ هنيو ۽ پوءِ اڇلائي، ترار جهلي اڳتي وڌيا ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا.

جهنڊو، الله جي ترارن مان هڪ ترار جي هٿ ۾:- ان مهل بنو عجلان قبيلي جي ثابت بن ارقم رضہ نالي هڪ اصحابيءَ جهپ هڻي جهنڊو کنيو ۽ چيو تہ مسلمانو! پاڻ مان ڪنهن کي سپهہ سالار ناهيو. اصحابي سڀني رضہ چيو تہ توهان ئي اهو ڪم ڪريو. انهن چيو تہ مونکان اهو ڪم زور آهي. تنهن تي اصحابي سڀني رضہ، حضرت خالد بن وليد رضہ کي چونڊيو ۽ انهن جهنڊو کڻندي ئي ڇتي ويڙهہ شروع ڪري

ڏني. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ حضرت خالد بن وليد رضہ جن جي زباني آيل آهي تہ موتہ واري جنگ جي ڏينهن منهنجي هٿ جون نوَ ترارون ٽٽيون هيون. پڇاڙيءَ ۾ مون وٽ رڳو هڪ يمني بانا (ننڍڙي ترار) وڃي بچي.(1) هڪ ٻي روايت ۾ سندن بيان هن طرح آيل آهي تہ منهنجي هٿان موتہ واري جنگ جي ڏينهن نوَ ترارون ٽٽي ويون ۽ هڪ يمني بانا منهنجي هٿ ۾ چنبڙي پئي.(2)

حوالو(1) صحيح بخاري: باب غزوه موتہ من ارض الشام 611/2

حوالو(2) ساڳيو حوالو

هوڏانهن پاڻ سڳورن ﷺ موتہ واري جنگ جي ڏينهن بنا ڪنهن خبر پهچڻ جي، وحيءَ وسيلي ٻڌايو تہ جهنڊو زيد رضہ ڪنيو ۽ اهو شهيد ٿي ويو. پوءِ جعفر رضہ ڪنيو، اهو بہ شهيد ٿي ويو. پوءِ ابن رواحہ رضہ ڪنيو، اهو بہ شهيد ٿي ويو. (اوڏي مهل پاڻ سڳورن ﷺ جون اکيون نير وهائي رهيون هيون.) نيٺ جهنڊو، الله جي ترارن مان

هڪ تراڙ جهليو (۽ اهڙي جنگ ڪئي جو) الله ڪين سوپارو ڪيو.

جنگ جي پڇاڙي:- ڏاڍي دليري ۽ سورهيائيءَ سان وڙهڻ ڪانپوءِ بہ مسلمانن جي ننڍڙي لشڪر جو، رومين جي هيڏي وڏي سمنڊ آڏو پير ڄمائي بيهڻ اڻتيڻي ڳالھ هئي، تنهنڪري هن نازڪ مرحلي ۾ حضرت خالد بن وليد رضہ جن مسلمانن کي هن ڪن مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجي مهارت ۽ حد کان وڌيڪ هنرمنديءَ جو مظاهرو ڪيو.

هن جهڙپ جي پڇاڙيءَ بابت روايتن ۾ ڏاڍو اختلاف آهي. سيني روايتن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي تہ جنگ جي پهرئين ڏينهن حضرت خالد رضہ جن سڄو ڏينهن رومين سان مهاڏو اٽڪائي بيٺا رهيا، پر اهي ڪنهن اهڙي جنگي چال جي گهرج محسوس ڪري رهيا هئا، جنهن سان رومين کي ايترو ڏيڇاري ڇڏجي جو مسلمان ڪاميابيءَ سان پٺيان هٽي وڃن ۽ هو پٺيان لڳڻ جي همت بہ نہ ڪري سگهن. حضرت خالد رضہ جن ڄاتو ٿي تہ جيڪڏهن مسلمان هونئن ئي پويان پير ڪيا ۽ رومي سندن

ڪڍ لڳا تہ مسلمانن لاءِ سندن چنبي مان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو.

پوءِ جڏهن ٻئي ڏينهن جو صبح ٿيو تہ انهن لشڪر ۾ ڦيرڦار ڪري نئي ترتيب جوڙي، مقدمي کي ساقہ ۽ ميمنہ کي ميسره ۽ ميسره کي ميمنہ جي جڳھہ تي رکيائون. اها حالت ڏسي دشمن ڇرڪي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ انهن کي مدد پهچي وئي آهي. مطلب تہ رومين کي منڍ کان ئي دٻپ ورائي ويو. پوءِ جڏهن ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا ۽ ٿوري جهڙپ ٿي چڪي تہ حضرت خالد رضہ جن لشڪر ۾ افراتفري ڦهلجڻ کانسواءِ مسلمانن کي ٿورو ٿورو پنيان هٽائڻ شروع ڪيو، پر رومين ان پوءِ کان پيڇو نہ ڪيو تہ مسلمان دوکو پيا ڏين ۽ ڪنهن ريت ڪين رڻ پٽ ۾ اندر وٺي وڃڻ گھرن ٿا. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ دشمن پنهنجي علائقي ۾ موٽي ويو ۽ مسلمانن جي ڪڍ لڳڻ جو خيال بہ دل ۾ نہ آندائون. هوڏانهن مسلمان ڪاميابيءَ ۽ سلامتيءَ سان پنتي هٽيا ۽ مديني موٽي آيا.(1)

حوالو(1) ڏسو فتح الباري 7/513، 514 - زاد المعاد 2/156

بنهي ڌرين جا مارجي ويل:- هن جنگ ۾ ٻارنهن مسلمان شهيد ٿيا. رومين جي مئلن جي خبر ڪانہ پئجي سگهي. باقي جنگ جي تفصيل مان پتو پوي ٿو تہ انهن جو چڱو خاصو تعداد مارجي ويو هو. اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن اڪيلي حضرت خالد رضہ جن جي هٿن ۾ نوَ ترارون ٽٽيون هيون تہ اهڙيءَ صورت ۾ مئلن ۽ گهايلن جو تعداد ڪيترو ٿيو هوندو.

هن جهڙپ جو اثر:- هن جهڙپ جون سختيون جنهن پلاند وٺڻ لاءِ سٺيون ويون هيون، جيتوڻيڪ مسلمان اهو پلاند نہ وٺي سگهيا، پر هن جهڙپ جي ڪري مسلمانن جي شهرت ۾ ساک کي چار چنڊ لڳي ويا. سڄي عربستان کي ڏيندين آڱريون اچي ويون، ڇوتہ رومين کي هن ڌرتيءَ جي سڀ کان وڏي طاقت سمجهيو ويندو هو. عرب سمجهندا هئا تہ انهن سان مهاڏو اٽڪائڻ، خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي، انڪري ٽن هزارن جي معمولي لشڪر جو، ٻن لکن جي وڏي

لشڪر سان ٽڪرائڻ ڪانپوءِ ڪو وڏو نقصان سهڻ ڪانسواءِ موٽي اچڻ. ڪنهن اڻٽيٽيءَ وانگر ئي هو. ان سان اها حقيقت بہ پڌري ٿي پئي تہ عرب اڄ تائين جن ماڻهن کي ڄاڻندا سڃاڻندا هئا، مسلمان انهن سڀني کان الڳ آهن. اهي الله پاران تائيد ڪيل ۽ سوڀارا ڪيل آهن ۽ سندن اڳواڻ سچ پچ الله جو رسول آهي. انڪري اسين ڏسون ٿا تہ اهي ضدي قبيلا جيڪي مسلمانن سان لاڳيتو وڙهي رهيا هئا، هن جهڙپ ڪانپوءِ اسلام ڏانهن جهڪي ويا. جهڙوڪ بنو سليم، اشجع، ذبيان، غطفان ۽ فزاره وغيره قبيلن اسلام قبولي ورتو.

اها ئي جهڙپ آهي، جنهن سان رومين سان خوني ٽڪراءَ جي شروعات ٿي، جيڪو اڳتي هلي رومي ملڪن کي فتح ڪرڻ ۽ ڏورانهن علائقن تي اسلامي راڄ قائم ٿيڻ جو سبب بڻيو.

ذات السلاسل وارو سريو:- جڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي موتہ واري جهڙپ دوران شام ۾ مشارف منجهہ رهندڙ عرب قبيلن بابت پتو پيو تہ اهي مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ رومين

جي جهندي هيٺ گڏ ٿي ويا هئا تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي اهڙي حڪمت عملي جوڙڻ جي گهرج محسوس ٿي، جنهن سان هڪ پاسي تہ انهن عرب قبيلن ۽ رومين ۾ ويڇو وجهي ڇڏجي ۽ ٻئي پاسي خود مسلمانن سان ئي سندن دوستي ٿي وڃي تہ جيئن ٻيهر ان علائقي۾ مسلمانن جي خلاف ايڏو وڏو ميڙ گڏ نہ ٿي سگهي.

ان مقصد لاءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت عمرو بن عاص رضہ جن کي چونڊيو. ڇاڪاڻ تہ سندن ڏاڏِي "بلي" قبيلي جي هئي. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم موتہ واري جنگ کان ترت پوءِ يعني جمادي الاخر 8 هہ۾ ساڻن دوستيءَ جو ناتو وڌائڻ لاءِ حضرت عمرو بن عاص رضہ جن کي انهن ڏانهن موڪليو. چيو وڃي ٿو تہ خابرن اهو ڄاڻ بہ ڏنو هو تہ بنو قضاعہ، مديني جي ڀرپاسي تي ڪاهڻ لاءِ فوج گڏ ڪري رکي آهي، تنهنڪري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت عمرو بن عاص رضہ جن کي ان پاسي موڪليو. ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي سبب گڏ ڪيا ويا هجن.

مطلب تہ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت عمرو بن عاص رضہ جن لاءِ هڪ ٻيو جهنڊو تيار ڪيو ۽ ان سان گڏ ڪاريون جهنڊيون بہ ڏنيون ۽ سندن هٿ هيٺ ٽي سؤ وڏن وڏن مهاجر ۽ انصاري اصحابن جو جٿو ڏئي ڪين روانو ڪيو. انهن وٽ ٽيهہ گهوڙا بہ هئا. پاڻ سڳورن ﷺ حڪم ڏنو تہ بلي ۽ عذره ۽ بلقين قبيلن جي جن بہ ماڻهن وٽان لنگهو، ڪائڻن مدد گهرو. اهي رات جو سفر ڪندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي ويندا هئا. جڏهن دشمنن جي ويجهو پهتا تہ خبر پين تہ انهن جو وڏو ميڙو لڳو پيو آهي. انڪري حضرت عمرو رضہ جن، حضرت رافع بن مڪيث جهني رضہ کي مدد وٺڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن موڪليو. پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت ابو عبيده رضہ بن جراح کي جهنڊو ڏئي ٻہ سؤ ڄڻن جو جٿو موڪليو. جنهن ۾ وڏا وڏا اصحابي سڳورا، جهڙوڪ حضرت ابوبڪر ۽ عمر رضہ جن ۽ انصارين جا مک اڳواڻ بہ هئا. حضرت ابو عبيده رضہ جن کي حڪم ڪيو ويو تہ عمرو بن عاص رضہ جن سان وڃي ملن ۽ ٻئي گڏجي ڪم ڪن ۽ اختلاف نہ ڪن. اتي پهچڻ ڪانپوءِ (هڪ

پيري نماز ۾) حضرت ابو عبيده رضہ جن امامت ڪرڻ گھري، تنهن تي حضرت عمرو رضہ جن چيو تہ "توهان مون وٽ مدد ڏيڻ لاء آيا آهيو، امير آئون آهيان." ابو عبيده رضہ جن، سندن ڳالهہ مڃي ۽ نماز، حضرت عمرو رضہ جن ئي پڙهائيندا رهيا.

مدد پهچڻ ڪانپوء هيءُ لشڪر وڌيڪ اڳتي وڌي قضاعہ جي علائقي ۾ گهڙي ويو ۽ ان علائقي کي لتاڙيندي، علائقي جي پنئين پاسي وڃي نڪتو. جتي هڪ لشڪر سندن سامهون اچي ويو، پر جڏهن ان تي مسلمانن حملو ڪيو تہ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڇڙوڇڙ ٿي ڀڄي ويا.

ان ڪانپوء عوف بن مالڪ اشجعي رضہ جن کي قاصد ڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ موڪليو ويو. جن اچي مسلمانن جي خير خبر ڏني ۽ جنگ جو تفصيل ٻڌايو.

ذات السلاسل (پهرين سين کي زبر يا پيش، ٻنهي سان پڙهڻ صحيح آهي.) وادي القريٰ کان اڳيان هڪ علائقي جو نالو آهي. هتان کان مدينو ڏهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ابن اسحاق جو بيان آهي تہ مسلمان، جذام قبيلي جي

علائقي ۾ وَهندڙ سلسل نالي هڪ چشمي وٽ لٿا هئا. انکري هن مهم جو نالو ذات السلاسل پئجي ويو. (1)

حوالو(1) ڏسو ابن هشام 623/2 کان 626 - زاد المعاد 157/2

خضره وارو سريو (شعبان 8 هـ):- هن سريي جو ڪارڻ اهو هو ته نجد ۾ محارب قبيلي جي علائقي ۾ خضره نالي هڪ جڳهه تي بنو غطفان وارا لشڪر گڏ ڪري رهيا هئا. تنهنڪري ڪين سيڪت ڏيڻ لاءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ، حضرت ابوقتاده رضه جن کي پندرنهن ڄڻا ڏئي موڪليو. انهن، دشمنن جي گهڻن ئي ماڻهن کي ماريو. پڪڙيو ۽ غنيمت جو مال هٿ ڪيو. ان مهم ۾ اهي پندرنهن ڏينهن مديني کان ٻاهر رهيا. (2)

حوالو(2) رحمت اللعالمين 233/2 - تلقيح الفهوم صفحو 33

مكي جي فتح

امام ابن قيم لکي ٿو ھيءَ اھا وڏي سوڀ آھي، جنھن سان الله تعاليٰ پنھنجي دين، پنھنجي رسول، پنھنجي لشڪر ۽ پنھنجي امانتدار گروه کي عزت بخشي ۽ پنھنجي شھر ۽ پنھنجي گھر کي، جنھن کي دنيا وارن لاءِ ھدايت جو سرچشمو ڪيو اٿس، مشرڪن ۽ ڪافرن کان آجو ڪرايائون. ھيءَ سوڀ ماڻھن سان آسمان جا رھاڪو بہ تڙي پيا. ھن سوڀ جي ڪارڻ ئي ماڻھو، الله جي دين ۾ بيحساب داخل ٿي پيا ۽ سڄي ڌرتي، سھائي ۽ سوجھري جا چمڪات ڪرڻ لڳي.(1)

(1) زاد المعاد 160/2

مکي تي چڙھائيءَ جو ڪارڻ:- حديبيہ واري ناھ جي سلسلي ۾ اسين ٻڌائي آيا آھيون تہ ھن ناھ جو ھڪ نقطو اھو بہ ھو تہ جيڪو بہ محمد ﷺ جو حليف ٿيڻ چاھيندو، ٿي ويندو ۽ جيڪو بہ قريشن جو حليف ٿيڻ چاھيندو، تہ انھن جو ٿيندو ۽ جيڪو قبيلو، جنھن ڌر سان گڏبو، ان منجھان ئي ليکيو ويندو. تنھنڪري اھڙي ڪنھن بہ قبيلي

تي جيڪڏهن حملو يا ڪا جٺ ڪئي ويندي تہ اهو ان ڌر تي حملو يا جٺ سمجهي ويندي.

هن شرط مطابق بنو خزاعہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جا حليف ٿيا ۽ بنو بڪر وارا قريشن جا. اهڙيءَ طرح ٻئي قبيلا هڪٻئي کان محفوظ ۽ بيدپا ٿي ويا، پر جيئن تہ انهن ٻنهي قبيلن ۾ جاهليت جي ڏينهن کان دشمني ۽ جهڳڙو هلندڙ هو، انڪري اسلام جي واڌ ويجهہ ۽ حديبيہ واري ٺاهہ کانپوءِ جڏهن ٻنهي ڌرين سک جو ساهہ کنيو تہ بنو بڪر وارن وجهہ وٺي، بنو خزاعہ کان پراڻو پلاند ڪرڻ چاهيو ۽ نوفل بن معاويہ ديليءَ، بنوبڪر جي هڪ ٽولي سان، شعبان 8 هہ ۾ بنو خزاعہ تي رات جي اوندهہ ۾ حملو ڪيو. ان مهل بنو خزاعہ، وتير نالي هڪ چشمي وٽ لٿل هئا. سندن گهڻا ماڻهو مارجي ويا. ڪجهہ جهڙپون ۽ ويڙهہ بہ ٿي. هوڏانهن قريشن نہ صرف هن حملي ۾ بنو بڪر کي هٿيارن جي مدد ڏني، بلڪ سندن ڪجهہ ماڻهو رات جي اونده جو فائدو وٺي ويڙهہ ۾ شامل بہ ٿيا. بهرحال حملو ڪندڙ بنو خزاعہ کي ڌڪي حرم تائين وٺي آيا. حرم ۾ پهچي بنو بڪر وارن

چيو تہ "اي نوفل! هاڻي اسين حرم ۾ گهڙي آيا آهيون. تنهنجو الہ تنهنجو الہ....." ان تي نوفل وراڻيءَ ۾ هڪ وڏي ڳالهہ چئي تہ " بنو بڪر! اڄ ڪوبہ الہ ڪونهي، پنهنجو پلاند پورو ڪريو. منهنجي سر جو قسم! توهان جيڪڏهن حرم۾ چوري ڪري سگهو ٿا تہ ڇا حرم ۾ پنهنجو پلاند نٿا وٺي سگهو!"

هوڏانهن بنوخزاعہ مڪي پهچي بديل بن ورقاءَ خزاعي ۽ پنهنجي هڪ آزاد ڪيل غلام رافع جي گهرن ۾ پناه ورتي ۽ عمرو بن سالم خزاعي اتان نڪري ترت مديني روانو ٿيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي سامهون بيهي رهيو. ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ مسجد نبويءَ۾ اصحابي سڳورن جي وچ ۾ ويٺا هئا. عمرو بن سالم چيو تہ:

يا رب اني ناشد محمدا
حلفنا و حلف ابيہ الا تلدا
قد كنتم ولد اوكنا والدا
ثمہ اسلمها ولم تنزع يدا
فانصر هداك الله نصرا ايدا

و ادع عباد الله ياتو امدادا
فيهم رسول الله قد تجردا
ابيض مثل البدر يسمو صعدا
ان سيم خسفا وجهه تربدا
في فيلق كالبحر يجري مزبدا
ان قريشا اخلفوك الموعدا
و نقضوا ميثاقك المؤكدا
وجعلوا لي في كداء رصدا
وزعموان لست ادعوا احدا
وهم اذل و اقل عددا
هم بيتونا بالوتير هجدا
وقتلونا ركعا وسجدا

ترجمو:- اي پالڻهار! آئون محمد صلي الله عليه وسلم آڏو سندن عهد ۽ سندن والد جي پراڻي عهد جي فرياد ڪريان ٿو. توهان ٻار هئا ۽ اسين وڏا هئاسين، پر پوءِ بہ اسان توهانجي هر ڳالهہ مڃي ۽ ڪڏهن بہ توهانجي نافرماني نہ ڪئي. الله تعاليٰ

توهانکي هدايت ڏي تہ توهان اسانجي ڀرپور مدد ڪيو ۽ الله جي ٻانهن کي بہ سڏيو تہ اهي بہ مدد لاءِ ايندا. انھن ۾ الله جو رسول ﷺ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر نروار هوندو. جيڪڏهن انهن تي ظلم ڪيو وڃي ۽ انهن جي توهين ڪئي وڃي تہ سندن منهن ٽامڻي ٿيو وڃي. پاڻ ﷺ هڪ اهڙي جري لشڪر سان نروار ٿيندا، جيڪو سمنڊ وانگر ڇوليون هڻي رهيو هوندو. بيشڪ قريشن ناھ هي خلاف ورزي ڪئي آهي ۽ توهانجو هڪ مضبوط ناھ ٽوڙيو آهي. اهي مون لاءِ قضاءَ ۾ گهات هڻي ويٺا ۽ سمجهيائون تہ منهنجو ڪو اوهي واهي نہ هوندو. اهي وڏا ڪمينا ۽ تعداد ۾ گهٽ آهن. انهن وتير تي رات وچ ۾ حملو ڪيو ۽ اسان کي رڪوع ۽ سجدي جي حالت۾ قتل ڪيو. (يعني اسين مسلمان هئاسين انڪري اسانکي ماريو ويو.)

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اي عمرو بن سالم تنهنجي مدد ڪئي وئي." ان ڪانپوءِ آسمان تي هڪڙو ڪڪر جو ٽڪرو ڏسڻ ۾ آيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هي ڪڪر بنو ڪعب جي مدد جي بشارت ڏئي رهيو آهي."

ان ڪانپوءِ بديل بن ورقاءَ خزاعيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ بنو خزاعہ جو هڪ ميڙ مديني ۾ پهتو. انهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻڌايو تہ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪهڙيءَ طرح قريشن، بنو بڪر جي مدد ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ اهي مڪي موٽي ويا.

<u>ناهہ جي تجديد لاءِ ابوسفيان مديني ۾</u>:- انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ قريشن ۽ سندن حليفن جيڪي ڪجهہ ڪيو، اها سنئين سڌي دوکيبازي هئي. قريشن کي بہ ترت ئي پنهنجي بدعهديءَ جو احساس ٿي ويو ۽ انهن حالتن جي سنگينيءَ کي ڏسندي صلاح مشوري لاءِ گڏجاڻي ڪوٺائي، جنهن ۾ طئہ ڪيو ويو تہ اهي پنهنجي سپهہ سالار ابوسفيان کي پنهنجو عيوضي ڪري ناهہ جي تجديد لاءِ مديني موڪليندا.

ٻئي پاسي پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن کي ٻڌايو تہ قريش پنهنجي بدعهديءَ ڪانپوءِ هاڻي ڇا ڪرڻ وارا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڄڻ تہ آئون ابوسفيان کي

پيو ڏسان ته اهو پيهر ناهه کي پڪو ڪرڻ ۽ ناهه جو مدو وڌائڻ لاءِ اچي ويو آهي."

ٻئي پاسي ابوسفيان رٿا مطابق روانو ٿي عسفان پهتو ته بديل بن ورقاءَ سان ملاقات ٿيس. بديل، مديني کان مڪي واپس پئي آيو. ابوسفيان سمجهي ويو ته هو پاڻ سڳورن ﷺ وٽان پيو اچي. پڇيائين ته بديل! ڪٿان پيو اچين؟ بديل چيو ته آئون خزاعه وارن سان گڏ ٻئي پر واري واديءَ ۾ ويو هوس. پڇيائون ته ڇا تون محمد ﷺ وٽ نه ويو هئين؟ بديل چيو ته "نه"

پر جڏهن بديل مڪي ڏانهن روانو ٿيو ته ابوسفيان چيو ته جي هو مديني ويو هوندو ته اتي (پنهنجي اٺن کي) ڪجيءَ جون ڪکڙيون کارايون هوندائين. انڪري ابوسفيان ان جڳهه تي ويو، جتي بديل پنهنجو اٺ ويهاريو هو ۽ ان جو ليڏوٽو پڳائين ته ان ۾ ڪجيءَ جي ڪکڙي ڏسڻ ۾ آيس. ابوسفيان چيو ته "آئون خدا جو قسم کڻي چوان ٿو ته بديل، محمد ﷺ وٽ ويو هو."

بهرحال ابوسفيان مديني پهتو ۽ پنهنجي نياڻي ام المؤمنين بيبي اُم حبيبہ رضہ جن جي گهر ويو. جڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي هنڌ تي ويهڻ چاهيائين تہ بيبي سڳوريءَ هنڌ ويڙهي ڇڏيو. ابوسفيان چيو تہ "امان! تون هن هنڌ کي منهنجي لائق نٿي سمجين يا مونکي هن هنڌ جي لائق نٿي سمجهين؟" انهن فرمايو تہ " هي الله جي رسول صلى الله عليه وسلم جو بستر آهي ۽ توهان ناپاڪ مشرڪ آهيو." ابوسفيان چيو تہ"خدا جو قسم! تو ۾ اها ڏنگائي، مونکان ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ آئي آهي."

پوءِ ابوسفيان اتان نڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهتو ۽ ساڻن ڳالهہ ٻول ڪرڻ چاهيائين. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪيس ڪابہ ورندي ڪانہ ڏني.ان ڪانپوءِ حضرت ابوبڪر رضہ جن وٽ ويو ۽ انهن کي چيائون تہ اُهي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان ڳالهائين. انهن وراڻيو تہ "آئون ائين نٿو ڪري سگهان." ان ڪانپوءِ حضرت عمر رضہ جن وٽ پهتو ۽ ساڻن ڳالهايائين. انهن جواب ڏنو تہ "آئون توهان جهڙن ماڻهن لاءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي سفارش ڪندس! خدا جو قسم تہ

جيڪڏهن مون وٽ هڪ لکڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه هجي ته آئون ان سان ئي توهان جهڙن ماڻهن سان جهاد ڪريان. ان ڪانپوءِ هو حضرت علي بن ابي طالب رضه وٽ پهتو. اتي بيبي فاطمه رضه جن به ويٺل هيون ۽ امام حسن رضه جن به، جيڪي اڃا ننڍڙا ٻار هئا ۽ ٻانبڙا پائي هلي رهيا هئا. ابوسفيان چيو ته "اي علي رضه! منهنجو توسان سڀني کان ويجهو نسبي لاڳاپو آهي. آئون هڪڙي ڪم سان آيو آهيان. ائين نه ٿئي ته جيئن خالي هٿين آيو هوس، تيئن ئي خالي هٿين وڃڻو پوي. تون مون لاءِ محمد صلى الله عليه وسلم کي سفارش ڪر." حضرت علي رضه جن چيو ته "ابوسفيان! مونکي توتي ڏاڍو ڏک پيو ٿئي. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هڪ ڳالهه جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو آهي. اسين هاڻي ان بارهِ ساڻن ڪابه ڳالهه نٿا ڪري سگهون." ان ڪانپوءِ هن بيبي فاطمه رضه جن ڏي منهن ڪري چيو ته "ڇا توهان ائين ڪري سگهو ٿيو جو پنهنجي هن پٽ کي حڪم ڪريو ته هيءُ ماڻهن جي وچهِ پناهه ڏيڻ جو اعلان ڪري سدائين لاءِ عربن جو سردار ٿي وڃي؟ بيبي سڳوري رضه فرمايو ته "والله! منهنجو پٽ اڃا

ايڏو ڪونہ ٿيو آهي جو ماڻهن کي پناهہ ڏيندو وتي. هونئن بہ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم جن جي هوندي ٻيو ڪو پناهہ ڏئي بہ نٿو سگهي."

سفارتي ڪوششون ناڪام ٿيڻ تي ابوسفيان جي اکين آڏو اوندهہ ڇانئجي وئي. هن، حضرت علي رضہ جن کي گهٻراهٽ، بيچيني ۽ مايوسيءَ جي حالتم ۾ چيو تہ "ابوالحسن! آئون ڏسان پيو تہ ڳالهہ ڳري ٿي وئي آهي، تنهنڪري مونکي ڪا واٽ ڏس." حضرت علي رضہ جن چيو تہ "خدا جو قسم! آئون تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان. باقي تون بہ بنو ڪنانہ جو سردار آهين، تنهنڪري تون پاڻ ماڻهن جي وچ ۾ بيهي امان جو اعلان ڪري ڇڏ، ان کانپوءِ پنهنجي شهر موٽي وڃ."

ابوسفيان چيو تہ " ڇا تنهنجي خيال ۾ اهو مون لاءِ صحيح ٿيندو؟" حضرت علي رضہ فرمايو تہ"نہ آئون ان کي ڪارآمد تہ نٿو سمجهان، پر ان کانسواءِ ٻيو ڪو چارو بہ تہ نٿو ڏسڻ ۾ اچي. ان کانپوءِ ابوسفيان مسجد ۾ بيهي اعلان

ڪيو تہ " آئون توهان جي آڏو امان جو اعلان ڪريان ٿو." پوء پنهنجي اٺ تي چڙهي مڪي ويو هليو.

قريشن وٽ پهتو تہ انهن خبرچار پڇيس. ابوسفيان چيو تہ "آئون محمد صلی اللہ علیہ وسلم وٽ ويس، ڳالهايومانس تہ هن ڪابہ ورندي ڪانہ ڏني. پوء ابو قحافہ جي پٽ وٽ ويس تہ ان مان بہ چڱائيءَ ڪانہ پانيم. ان ڪانپوء عمر بن خطاب رضہ وٽ ويس تہ ڪيس پنهنجو ڪٽر دشمن ڏٺم. پوء علي رضہ وٽ ويس تہ اهو مڙني نرم لڳو. هن مونکي هڪ صلاح ڏني ۽ مون ان تي عمل بہ ڪيو. نجاڻ اها ڪارآمد بہ آهي يا نہ؟" ماڻهن پڇيس تہ اها ڪهڙي طرح هئي؟ ابوسفيان چيو تہ"اها صلاح اها هئي تہ آئون ماڻهن جي وچ ۾ بيهي امان جو اعلان ڪريان ۽ مون ائين ئي ڪيو."

قريشن چيو تہ" پوء محمد صلی اللہ علیہ وسلم ان ڪي لاڳو ڪري ورتو؟" ابوسفيان چيو تہ"نہ". ماڻهن چيس تہ "ناس ٿئين، هن (علي رضہ) توسان مذاق ڪيو هو." ابوسفيان چيو تہ"خدا جو قسم ان ڪانسواء ٻيو ڪو چارو بہ ڪونہ هو.

جنگ جون ڳجهيون تياريون:-طبرانيءَ جي روايت مان پتو پوي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ دوکيبازيءَ جي خبر پهچڻ کان ٽي ڏينهن اڳي ئي بيبي عائشه رضه جن کي حڪم ڏنو هو ته پاڻ سڳورن ﷺ جو سامان تيار ڪري رکن، پر ڪنهن کي به خبر نه پوي. ان ڪانپوءِ بيبي عائشه رضه جن وٽ حضرت ابوبڪر رضه جن آيا ته پڇيائون ته امڙ! ڇا جي پئي تياري ٿئي؟ انهن وراڻيو ته "والله! آئون نٿي ڄاڻان." حضرت ابوبڪر رضه جن چيو ته "هي وقت بنو اصفر يعني رومين سان وڙهڻ جو ڪونهي پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جو ارادو ڪهڙي پاسي وڃڻ جو آهي؟" بيبي عائشه رضه جن وراڻيو ته والله! آئون نٿي ڄاڻان. ٽئين ڏينهن عمرو بن سالم خزاعي چاليهه سوار وٺي آيو ۽ يا رب اني ناشد محمدا....الخ وارا شعر پڙهيائين ته ماڻهن کي پتو پئجي ويو ته قريشن دوکيبازي ڪئي آهي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جنگ لاءِ سنبرڻ جو حڪم ڪندي چيو ته مکي هلڻو آهي ۽ گڏوگڏ دعا به گهريائون ته اي الله! خابرن ۽ خبرن کي قريشن

تائين پهچڻ کان روڪ ته جيئن اسين ان علائقي ۾ سندن مٿان اوچتو وجي ڪڙڪون.

پوء پاڻ سڳورن ﷺ ڳالهه لڪائڻ لاء رمضان 8 ه جي شروع ۾ حضرت ابوقتاده بن ربعي رضه جي اڳواڻيءَ ۾ اٺن ماڻهن تي ٻڌل هڪ سريو بطن اضم ڏانهن موڪليو. اها جڳهه، ذي خشب ۽ ذي المروة جي وچ ۾ مديني کان اٽڪل ڇٽيهه ميل پري آهي. مقصد اهو هو ته سمجهڻ وارا سمجهن ته پاڻ سڳورا ﷺ ان ئي علائقي ڏانهن ويندا ۽ اهڙا ئي افواه ڦهلجي به ويا پر جڏهن هيءُ سريو پنهنجي رٿيل جڳهه تي پهتو ته کين خبر ملي ته پاڻ سڳورا ﷺ مڪي ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن. تنهن تي اهي به وڃي ساڻن مليا.(1)

حوالو(1) اهو ئي سريو آهي، جنهن ۾ محلم بن جثامه جي ملاقات عامر بن اضبط سان ٿي ته عامل کيس سلام ڪيو، پر محلم بن جثامه ڪنهن پراڻي رنجش ڪارڻ کين ماري وڌو ۽ سندن اٺ ۽ سامان تي قبضو ڪري ورتو. تنهن تي اها آيت لٿي ته ولا تقولوا لمن القي اليکم السلام لست

مؤمنا (الايہ) (يعني: جيڪو توهانکي سلام ڪري، ان کي نہ چئو تہ تون مومن ناهين.) ان ڪانپوء اصحابي سڳورا رضہ. محلم کي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وٺي آيا تہ جيئن پاڻ سڳورا ﷺ ان لاء ڇوٽڪاري جي دعا ڪن پر جڏهن محلم، پاڻ سڳورن ﷺ آڏو پهتو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ٽي ڀيرا فرمايو تہ "اي الله! محلم کي نہ بخشجان. ان ڪانپوء محلم چولي جي پانڊ سان لڙڪ اگهندي اٿيو. ابن اسحاق جو بيان آهي تہ سندس قوم وارا چون ٿا تہ پوء پاڻ سڳورن ﷺ سندس لاء ڇوٽڪاري جي دعا گهري هئي. ڏسو 150/2 - ابن هشام 626/2، 627، 628

هوڏانهن حاطب بن ابي بلتعہ رضہ جن، قريشن کي هڪ چٺي لکي ڄاڻ ڏنو تہ پاڻ سڳورا ﷺ حملو ڪرڻ وارا آهن. انهن اها چٺي هڪ مائيءَ کي ڏني ۽ ان کي قريشن تائين پهچائڻ جو اجورو ڏنو. مائي، مٿي جي چوٽيءَ ۾ چٺي لڪائي نڪتي، پر پاڻ سڳورن ﷺ کي وحيءَ ذريعي حاطب رضہ جي ان حرڪت جي خبر ڏني وئي. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي رضہ، حضرت مقداد

رضہ، حضرت زبير رضہ ۽ ابو مرثد غنوي رضہ کي اهو چئي موڪليو تہ "وڃو، روضہء خاخ پهچو. اتي هڪ هودج نشين مائي ملندي، جنهن وٽ قريشن لاءِ هڪ چٺي هوندي." اهي سڀ گهوڙن تي چڙهي ترت نڪتا. اتي پهتا تہ مائي اتي ملين. تنهن کي هيٺ لهڻ جو چيائون ۽ پڇيائون تہ "تو وٽ ڪو خط آهي ڇا؟" هن چيو تہ " مون وٽ ڪوبہ خط ڪونهي." انهن سڄي ڪجاوي ۾ ڳولهيو پر ڪجھہ ڪونہ هٿ آيو. تنهن تي حضرت علي رضہ جن ڪيس چيو تہ "آئون الله جو قسم کڻي ٿو چوان تہ نہ ڪو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ نہ ئي اسين ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيون. هاڻي يا تہ تون خط ڪڍي ڏي يا وري اسين ٿا تنهنجي جهڙتي وٺون." جڏهن هن سندن ارادو پڪو ڏٺو تہ چيائين تہ "چڱو پلا منهن ٻئي پاسي ڪريو." انهن، منهن ٻئي پاسي ڪيو تہ هن چوٽي کولي خط ڪڍي سندن حوالي ڪيو. اهي خط کڻي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهتا. ڏٺائون تہ انهن لکيل هو تہ (حاطب بن ابي بلتعہ پاران قريشن ڏانهن) پوءِ قريشن

کي پاڻ سڳورن ﷺ جي اسرڻ جو چاڻ ڏنو ويو هو.(1)
پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت حاطب رضہ جن کي سڏائي
حوالو(1) سهيليءَ، ڪن تاريخن جي حوالي سان خط جي
هيءَ لکت ڏني آهي تہ "اما بعد! قريشيو! رسول الله ﷺ
توهان ڏانهن ٻوڏ وانگر وڏنڊڙ لشڪر ڪاهيو پيا اچن ۽
بخدا جيڪڏهن اهي اڪيلا بہ توهان ڏانهن ڪاهيندا تہ الله
سندن مدد ڪندو ۽ ساڻن ڪيل وعدو پورو ڪندو.
تنهنڪري توهان پنهنجي باري ۾ سوچي وٺو. والسلام

واقديءَ پنهنجي هڪ مرسل سند سان روايت ڪئي
آهي تہ حضرت حاطب رضہ جن ، سهيل بن عمرو، صفوان بن
اُميہ ۽ عڪرمہ ڏانهن اهو لکيو هو تہ "پاڻ سڳورن ﷺ ،
جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ آئون نٿو سمجهان تہ پاڻ
سڳورن ﷺ توهان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي پاسي جو ارادو
ڪيو هجي. آئون چاهيان ٿو تہ توهان تي منهنجو احسان
هجي.(فتح الباري 7/521)

پڇيو تہ "حاطب رضہ! هيءُ سڀ ڇا آهي؟" انهن وراڻيو تہ يا
رسول الله! مون بابت (راءِ قائم ڪرڻ ۾) تڪڙ نہ ڪريو.

خدا جو قسم! الله ۽ ان جي رسول تي منهنجو ايمان (پڪو) آهي. آئون نہ ڪو مرتد ٿيو آهيان ۽ نہ ئي ڦريو آهيان. ڳالهہ اها آهي تہ آئون قريشن منجهان ناهيان، پر ساڻن لاڳاپيل آهيان. منهنجا ٻار ٻچا اتي آهن، پر قريشن سان منهنجي مٽي مائٽي ڪانهي جو اهي منهنجن ٻارن ٻچن جي سار سنڀال ڪن. انڪري مون سوچيو تہ انهن تي هڪ احسان ڪري ڇڏيان، جنهن جي بدلي ۾ اهي منهنجن مائٽن جي پرگهور لهن. ان تي حضرت عمر رضہ جن چيو تہ "يا رسول الله! مونکي ڇڏيو تہ هن جي سر اڏائي ڇڏيان. ڇوتہ هن الله ۽ ان جي رسول سان خيانت ڪئي آهي ۽ ڪپٽيو(منافق) بڻجي ويو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڏس! هيءُ بدر واري جنگ ۾ حاضر رهي چڪو آهي ۽ عمر رضہ! توکي ڪهڙي خبر؟ ٿي سگهي ٿو تہ الله تعاليٰ بدر وارن کي (جاچي پرکي پوءِ) چيو هجي تہ توهانکي جيڪي وڻي سو ڪريو، مون توهانکي بخشي ڇڏيو." اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ جن جون اکيون پرجي آيون ۽ انهن چيو تہ "الله ۽ سندس رسول ئي وڌيڪ ڄاڻن ٿا." (1)

حوالو(1) صحيح بخاري 422/1، 612/2 . حضرت زبير ۽ حضرت ابو مرثد رضہ جي نالن جو واڌارو صحيح بخاريءَ جي ڪن ٻين روايتن ۾ ٿيل آهي.

اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جاسوسن کي پڪڙائي وڌو ۽ مسلمانن جي جنگي تيارين جي سڻس بہ قريشن کي نہ ملي.

اسلامي لشڪر مڪي جي واٽ تي:- 10 رمضان سن 8 هجري تي پاڻ سڳورا ﷺ مدينو ڇڏي مڪي ڏانهن وڌيا. پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ ڏهہ هزار اصحابي سڳورا رضہ هئا. مديني جي واڳ ابو رهم غفاري رضہ جن کي ڏني وئي.

جحفہ يا ان کان ٿورو اڳتي پاڻ سڳورن ﷺ جا چاچا حضرت عباس رضہ جن اچي پهتا. اهي مسلمان ٿي ٻارن ٻچن سان هجرت ڪري اچي رهيا هئا. وري اَبواء ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو سوٽ ابوسفيان بن حارث ۽ پڦاٽ عبدالله بن اُميہ مليا. پاڻ سڳورن ﷺ، ٻنهي کي ڏسي منهن ڦيري ڇڏيو. ڇوتہ اهي ٻئي پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏاڍو تنگ ڪندا هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي "هجو"ڪندا هئا. اهو ڏسي حضرت ام سلمہ رضہ جن چيو تہ ڪٿي ائين

نہ ٿئي جو توهانجو سوٽ ۽ ڀڦات ئي سڀ کان وڌيڪ نياڳا نڪرن! ٻئي پاسي حضرت علي رضہ جن، ابوسفيان بن حارث کي سيکاريو تہ توهان پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وڃو ۽ اها ئي ڳالھ ڪريو، جيڪا حضرت يوسف ع جي ڀائرن ڪئي هئي تہ " تاللّٰہِ لقد اثرك اللّٰہُ علينا وَ اِن کنا لخطئين (91:12)(يعني: اللّٰہ جو قسم! بيشڪ اللّٰہ اوهانکي اسان کان ڀلو ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسين خطا ڪندڙ هئاسون.) ڇوتہ پاڻ سڳورن ﷺ کي اها ڳالھ نہ وڻندي تہ ڪنهن ٻئي جو جواب توهان کان ڀلو هجي. تنهن تي ابوسفيان بن حارث ائين ئي ڪيو، جنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ هڪدم چيو تہ "لا تثرِيبَ عليکم اليومَ يغفرُ اللّٰہُ لکم وَ هوَ اَرحم الرّاحمينَ (92:12)(يعني: اڄ اوهان تي ڪا ميار ڪانهي. اللّٰہ! اوهان کي بخشيندو ۽ اهو (سيني) ٻاجهارن کان وڌيڪ ٻاجهارو آهي.) تنهن تي ابو سفيان بن حارث پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪجھ شعر ٻڌايا، جن مان ڪي هتي ڏجن ٿا.

لعمرك انی حسين احمل رايہ
لتغلب خيل اللات خيل محمد
لكا لمدلج الحيران اظلم ليلہ
فهذا اواني حين اهدي فاهتدي
هداني هاد غير نفسي ودلني
علي اللّٰه من طردتہ كل مطرد

ترجمو:- تنهنجي ڄمار جو قسم! جنهن وقت مون ان لاءِ جهندو کنيو هو تہ لات جا شهسوار محمد ﷺ جي شهسوارن تي غالب اچي وڃن تہ منهنجي ڪيفيت ان رات جي مسافر جهڙي هئي جيڪو ڪاري اونداهيءَ حيران ٿي وائڙو هجي. پر هاڻي وقت اچي ويو آهي جو مونکي هدايت ڏني وڃي ۽ آئون هدايت وارو ٿيان. مونکي منهنجي نفس بدران هڪ هاديءَ هدايت ڏني ۽ اللّٰه جو رستو ان ماڻهوءَ ٻڌايو جنهن کي مون هر موقعي تي ڌتڪاريو.

اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ، سندس ڇاتيءَ تي ڌڪ هڻي فرمايو ته " تو مونکي هر موقعي تي ڌتڪاريو هو."(1)

حوالو(1) وقت گذرڻ سان ابوسفيان جي اسلام ۾ خوبي آئي. ڇيو وڃي ٿو ته اسلام قبولڻ کانپوء شرم کان پاڻ سڳورن ﷺ آڏو ڪنڌ نه ڪڻندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ به کين چاهيندا هئا ۽ کين جنت جي بشارت ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته "مونکي اميد آهي ته هيءُ حمزه رضه جو مٽ ثابت ٿيندو. جڏهن سندن وفات جو وقت ٿيو ته چوڻ لڳا ته مون لاء روئجو نه، ڇوته اسلام قبولڻ کانپوء مون کا به گناه جهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي.

مرّالظهران ۾ اسلامي لشڪر جو لهڻ:- پاڻ سڳورن ﷺ سفر جاري رکيو. پاڻ سڳورا ﷺ ۽ اصحابي سڳورا روزيءِ ۾ هئا پر عسفان ۽ قديد جي وچ ۾ ڪديد نالي چشمي وٽ پهچي پاڻ سڳورن ﷺ روزو ٽوڙي ڇڏيو.(2) ۽ ساڻن گڏ اصحابي سڳورن رضه به روزا ٽوڙي

حوالو(2) صحيح بخاري 613/2

ڇڏيا. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ وري سفر جاري رکيو. نيٺ رات جي پهرين پهرن ۾ مرّالظهران (فاطمہ نالي وادي) پهچي لهي پيا. اتي پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم تي ماڻهو ڌار ڌار مچ ٻاريا. اهڙيءَ طرح ڏهہ هزار مچ ٻاريا ويا. پاڻ سڳورن ﷺ ، حضرت عمر رضہ کي پهري تي ويهاريو.

ابوسفيان جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچڻ:- مرّالظهران ۾ ٽانيڪا ٽي ويهڻ ڪانپوءِ حضرت عباس رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ جي اڇي خچر تي چڙهي نڪتا. مقصد اهو هئن تہ ڪو ڪاٺير يا ڪو ٻيو ماڻهو ملين تہ ان کي قريشن وٽ خبر ڏئي موڪلجي تہ جيئن مڪي وارا پاڻ سڳورن ﷺ جي مڪي ۾ گهڙڻ کان اڳ، پاڻ سڳورن وٽ اچي پناهہ گهرن.

ٻئي پاسي الله تعاليٰ، قريشن کان سڀ خبرون روڪي ڇڏيون هيون. انڪري ڪين حالتن جي ڪابہ خبر چار نہ هئي. اهي ڏاڍا ڊنل هئا ۽ ابو سفيان ٻاهران خبرون آڻڻ جي

ڪوشش ڪري رهيو هو. تنهنڪري ان مهل بہ هو ۽ حڪيم بن حزام ۽ بديل بن ورقاءِ سڀئي وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪتل هئا.

حضرت عباس رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "آئون پاڻ سڳورن ﷺ جي خچر تي چڙهي وڃي رهيو هوس تہ مون ابوسفيان ۽ بديل بن ورقاءِ کي ڳالهائيندي ٻڌو. اهي پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪري رهيا هئا. ابوسفيان پئي چيو تہ "خدا جو قسم! مون اڄ ڪان پهرين اهڙي باهہ ۽ اهڙو لشڪر تہ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو" ۽ جواب ۾ بديل چئي رهيو هو تہ "خدا جوقسم! اهي بنو خزاعہ آهن، جنگ انهن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا آهن." تنهن تي ابوسفيان چيو تہ "بنو خزاعہ جي ايتري حيثيت ئي ڪانهي جو اهڙي سندن باهہ ۽ سندن لشڪر ٿي سگهي."

حضرت عباس رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ مون سندس آواز سڃاڻي چيو تہ" ابو حنظلہ!" هن بہ منهنجو آواز سڃاتو ۽ چيو تہ "ابو الفضل!" مون چيو تہ "هائو." هن چيو تہ "ڇا ڳالهہ آهي؟ منهنجا ماءُ پيءُ توتان قربان." مون چيو تہ "هي رسول الله ﷺ آهن، ماڻهن سميت، هاءِ قريش جي تباهي. والله!"

هن چيو تہ "هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ منهنجا ماءُ پيءُ توتي قربان." مون چيو تہ "والله جيڪڏهن هنن توکي ڏٺو تہ توکي ماري ڇڏيندا، تنهنڪري هن خچر تي ويهہ تہ آئون توکي رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم وٽ وٺي هلان ۽ تنهنجي لاءِ پناهہ گهري وٺان. تنهن ڪانپوءِ ابوسفيان ٻيلهہ تي ويٺو ۽ سندس ٻئي ساٿي موٽي ويا.

حضرت عباس رضہ جن چون ٿا تہ آئون ابوسفيان کي وٺي هليس. جڏهن ڪنهن مچ وٽان لنگهياسين ٿي تہ ماڻهن هڪل ٿي ڪئي تہ "ڪير آهي؟" پر جڏهن ڏٺائون ٿي تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو خچر آهي ۽ آئون ان تي چڙهيل آهيان تہ چيائون ٿي تہ رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جا چاچا آهن ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي خچر تي سوار آهن." نيٺ اچي عمر رضہ جي مچ وٽان لنگهياسين. انهن چيو ڪير آهي" ۽ پوءِ اٿي مون ڏانهن وڌيو. جڏهن پنيان ابوسفيان کي (ويٺل) ڏٺائين تہ چوڻ لڳو تہ " ابوسفيان! الله جو دشمن! واه مولا واه! هن بنا ڪنهن عهد پيمان جي توکي (اسانجي) حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪانپوءِ هو نڪري پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏي ڀڳا ۽

مون بہ خچر کي اڙ لڳائي. آئون اڳتي نڪري ويس ۽ خچر تان ٽپو ڏئي پاڻ سڳورن ﷺ (جي خيمي ۾) وڃي گهڙيس. ايتري ۾ عمر بن خطاب رضہ بہ گهڙي آيا ۽ چيائون تہ "يا رسول الله! هي ابوسفيان آهي مونکي موڪل ڏيو تہ سندس سر ڪپي ڇڏيان." مون چيو تہ "يا رسول الله! مون هن کي پناهہ ڏني آهي." پوء مون پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ويهي سندن مٿو جهليم ۽ چيم تہ "خدا جو قسم! اڄ رات مون کانسواء کو ٻيو پاڻ سڳورن ﷺ سان سرگوشي کونہ ڪندو. جڏ.

هن ابوسفيان بابت حضرت عمر رضہ هر هر چيو تہ مون چيو تہ "عمر! ٿورو ترس! خدا جو قسم جيڪڏهن هيءُ بنو عدي بن ڪعب منجهان هجي ها تہ تون اهڙي ڳالهہ بہ نہ ڪري ها." عمر رضہ جن چيو تہ "عباس! ڪجهہ خيال ڪر! خدا جو قسم! تنهنجو اسلام قبولڻ منهنجي نظر ۾ خطاب جي اسلام قبولڻ کان(جيڪڏهن هو قبولي ها تہ) وڌيڪ ڀلو آهي ۽ ان جو ڪارڻ مون لاء رڳو اهو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي

تنهنجو اسلام قبولڻ. خطاب جي اسلام قبولڻ کان وڌيڪ وڻندڙ آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ " عباس! هن (ابوسفيان) کي پاڻ سان وٺي وڃي رهاءِ. صبح جو مون وٽ وٺي اچجانس. ان حڪم مطابق آئون کيس پاڻ سان وٺي ويس ۽ صبح جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وٺي آيس. پاڻ سڳورن ﷺ کيس ڏسندي ئي چيو تہ "ابو سفيان! حيف هجئي! ڇا اجا بہ تنهنجي سمجهڻ جو وقت ڪونہ ٿيو آهي تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي؟" ابوسفيان وراڻيو تہ"منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان. توهان ڪيڏا نہ سهپ وارا، ڳٽن وارا ۽ مٽن مائٽن سان ڀلائي ڪرڻ وارا آهيو. آئون ڀليءَ ڀت پروڙي ويو آهيان تہ جيڪڏهن الله کانسواءِ ڪو ٻيو معبود هجي ها تہ هيستائين منهنجي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم اچي چڪو هجي ها."

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ابوسفيان حيف هجئي! ڇا اجا تنهنجي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو آهي تہ آئون الله جو رسول آهيان؟" ابوسفيان چيو تہ"منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان،

توهان ڪيڏا نہ سهپ وارا، ڪيڏا نہ ڳڻن وارا ۽ ڪيڏا نہ مٺن مائٽن سان ڀلائي ڪرڻ وارا آهيو. ان ڳالهہ جي باريہ تہ اجا مڙئي ڪو ڪٿڪو اٿم." ان تي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم چيو تہ "اڙي! مارجڻ جو بل ملڻ کان پهرين اسلام قبولي وٺ ۽ شاهدي ڏئي وٺ تہ الله کانسواءِ ڪير بہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ محمد صلی اللہ علیہ وسلم، الله جو رسول آهي." تنهن تي ابوسفيان اسلام قبوليو ۽ شهادت جو ڪلمو پڙهيو.

مون چيو تہ "يا رسول الله! هيءُ اعزاز پسند ڪندو آهي. تنهنڪري ڪيس ڪو اعزاز ڏنو وڃي. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ "نيڪ آهي تہ پوءِ جيڪو بہ ابوسفيان جي گهر ۾ گهڙي وڃي، ان لاءِ پناهہ آهي ۽ جيڪو پنهنجي گهر جو دروازو اندران بند رکي، ان کي بہ امان آهي ۽ مسجد الحرام ۾ داخل ٿي وڃي، ان لاءِ بہ امان آهي.

اسلامي لشڪر مرّالظهران کان مڪي ڏانهن:- اڳارو 17 رمضان سن 8 هہ جو صبح ساڻ پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم مرّالظهران کان مڪي ڏانهن روانا ٿيا ۽ حضرت عباس رضہ جن کي حڪم ڪيائون تہ ابوسفيان کي واديءَ جي سوڙهي رستي

مٿان تي جبل جي گهٽ وٽ بيهاري ڇڏ ته جيئن اتان لنگهندڙ لشڪر کي ابوسفيان ڏسي سگهي. حضرت عباس رضه جن ائين ئي ڪيو. اتان قبيلا پنهنجا پنهنجا جهنڊا کڻي لنگهي رهيا هئا. جڏهن اتان ڪو قبيلو لنگهيو ٿي ته ابوسفيان پڇيو ٿي ته عباس رضه! اهي ڪير آهن؟ جواب ۾ حضرت عباس رضه جن (مثال طور) ٻڌائيندا ويا ته بنو سليم آهن. تنهن تي ابوسفيان چيو ٿي ته منهنجو انهن سان ڪهڙو ڪم؟ وري ڪو قبيلو لنگهيو ٿي ته ابوسفيان پڇيو ٿي ته اي عباس! هي ڪير آهن؟ انهن وراڻيو ٿي ته مزَينه آهن. ابوسفيان چيو ٿي ته منهنجو مزَينه سان ڪهڙو ڪم؟ نيٺ سمورا قبيلا هڪ هڪ ڪري لنگهي ويا. جڏهن به ڪو قبيلو لنگهيو ٿي ته ابوسفيان، حضرت عباس رضه جن کان ضرور پڇا ڪئي ٿي ۽ جڏهن انهن، کين ٻڌايو ٿي ته هن چيو ٿي ته منهنجو فلاڻن سان ڪهڙو ڪم؟ نيٺ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم پنهنجي سائي جٿي جي گهيري ۾ لنگهيا. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم، مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ گهيريل هئا ۽ انسانن بدران رڳو لوهه جي قطار پئي ڏسڻ ۾ آئي.

ابوسفيان پڇيو تہ سبحان الله! اي عباس رضہ! هي ڪير آهن؟ انهن وراڻيو تہ "اهي انصارن ۽ مهاجرن جي ميڙ ۾ پاڻ سڳورا ﷺ اچي رهيا آهن." ابوسفيان چيو تہ "ڀلا هنن سان وڙهڻ جوست ڪنهن ۾ آهي!" ان ڪانپوءِ هن وڌيڪ چيو تہ "ابوالفضل! تنهنجي ڀائيٽئي جي بادشاهي تہ ڏاڍي زور وٺي وئي آهي." حضرت عباس رضہ جن چيو تہ "ابوسفيان! اها نبوت اٿئي." ابوسفيان چيو تہ "هائو! هاڻي تہ ائين ئي چئبو."

ان موقعي تي هڪڙو ٻيو واقعو بہ ٿيو. انصارن جو جهنڊو حضرت سعد بن عباده رضہ جن وٽ هو. اهي ابوسفيان وٽان لنگهيا تہ چيائون تہ:

اليوم يوم الملحمہ

اليوم تستحل الحرمہ

(اڄ رتوڇاڻ ۽ مار ماران جو ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن لاءِ سڀ حرمتون حلال ڪيون ويون وينديون.)

اڄ الله ، قريشن جي مقدر ۾ ذلت ڏئي ڇڏي آهي. ان ڪانپوءِ جڏهن اتان پاڻ سڳورا ﷺ مٿيا تہ ابوسفيان چيو

تہ "يا رسول اللهؐ! توھان اھا ڳالھہ ٻڌي، جيڪا سعد چئي؟ پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "سعد ڇا چيو؟" ابوسفيان چيو تہ ھيئن ھيئن پيو چوي. اھو ٻڌي حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ چيو تہ "يا رسول اللهؐ! اسانکي ڊپ آھي تہ متان سعد رضہ قريشن مار ماران نہ لاھي ڇڏي." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "نہ بلڪ اڄوڪو ڏينھن تہ اھو ڏينھن آھي، جنھن ۾ ڪعبت الله کي تعظيم ڏني ويندي. اڄوڪو ڏينھن، اھو ڏينھن آھي، جنھن تي الله تعاليٰ! قريشن کي عزت بخشيندو." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت سعد رضہ کي ماڻھو موڪلي ڪانئن جھنڊو وٺي سندن پٽ قيس رضہ کي ڏنو. ڇڻ تہ جھنڊو سعد رضہ جي ھٿ مان نڪتو ئي ڪونہ. اھو بہ چيو وڃي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ، جھنڊو حضرت زبير رضہ جن کي ڏياريو ھو.

اسلامي لشڪر اوچتو قريشن جي مٿان:- جڏھن پاڻ سڳورا ﷺ ابوسفيان وٽان لنگھي ويا تہ حضرت عباس رضہ کيس چيو تہ "ھاڻي پنھنجي قوم وٽ ڊوڙي وڃ. ابوسفيان تيزيءَ سان مڪي پھتو ۽ وڏي واڪي ھڪل ڪيائين تہ

"قريشيو! محمد ﷺ آهي توهان وٽ ايڏي وڏي لشڪر سان آيو آهي جو مقابلي جو ست ئي نٿو ساري سگهجي. تنهنڪري جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ گهڙي ويندو، ان کي پناهہ آهي." اهو ٻڌي سندس زال هند بنت عتبہ اٿي ۽ ڪيس مڇين کان جهلي چيائين تہ "ماريو هن چربيءَ سان ڀريل ڳوڻ جهڙي نندڙين ٻنگهن واري کي. ٻيڙي کا ٻڌي اهڙي خبر ڏيڻ واري جي."

ابو سفيان چيس تہ "ٻيڙي کا ٻڌنئي (ماٺ ڪر). ڏسو متان هن مائيءَ جي چوڻ تي لڳا آهيو، ڇوتہ محمد ﷺ هڪ اهڙو لشڪر وٺي آيو آهي، جنهن سان مقابلي ڪرڻ جي سگهہ اوهان ۾ ڪانهي انڪري جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ گهڙي ويندو، ان لاءِ پناہ آهي." ماڻهن چيو تہ نڪاڻ ڪا پونئي، تنهنجو گهر اسان مان ڪيترن جي ڪم ايندو؟ ابوسفيان چيو تہ "جيڪو پنهنجي گهر جو در اندران بند ڪري ويهي، ان لاءِ بہ امان آهي ۽ جيڪو مسجد الحرام ۾ داخل ٿي وڃي، ان کي بہ پناہ آهي. اهو ٻڌي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ۽ مسجد الحرام ڏانهن ڀڳا. باقي ڪن لچن

ماڻهن کي اهو چئي (ڪم تي) لڳائي ڇڏيائون تہ جيڪڏهن قريشن کي ڪا سرسي حاصل ٿي تہ اسين ساڻن گڏ هونداسين، پر جي انهن کي ڪو اهنج رسيو تہ اسين ڏنڊ ڀري ڏينداسين. قريشن جا اهي ڇٽ ۽ لچر، مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ عڪرمہ بن ابوجهل، صفوان بن اُميہ ۽ سهيل بن عمرو جي اڳواڻيءَ ۾ خندمہ ۾ گڏ ٿيا. انهن ۾ بنو بڪر جو هڪ ماڻهو حماس بن قيس بہ هو، جنهن ڪجهہ ڏينهن اڳي پنهنجا هٿيار تيار ڪيا پئي تہ سندس زال پڇيس تہ "ڇاجي پيو تياري ڪرين؟" هن چيس تہ "محمد ﷺ ۽ سندس ساٿين سان وڙهڻ لاءِ پيو سنبران." ان تي زال چيس تہ "خدا جو قسم! محمد ﷺ ۽ سندس ساٿين جي سامهون ڪابہ شيءِ نٿي بيهي سگهي." هن چيو تہ " خدا جو قسم! مونکي اميد آهي تہ آئون سندس ڪن ساٿين کي تنهنجو ٻانهو بڻائي وٺندس." ان ڪانپوءِ هي شعر پڙهيائين.

ان يقبلوا اليوم فمالي علہ

هذا سلاح كامل والہ

وذو غرارين سريع السلہ

ترجمو:- جيڪڏهن اڄ هو منهنجي مقابلي ۾ آيا ته منهنجي لاءِ ڪو بهانو نه بچندو. هي سمورا هٿيار، ڏگهي ڇهنب وارو نيزو ۽ جلد ايپي ٿيندڙ تراڙ آهي.

اسلامي لشڪر ذي طويٰ ۾:- ٻئي پاسي پاڻ سڳورا ﷺ مرّالظهران مان نڪري ذي طويٰ پهتا. ان دوران الله پاران عطا ڪيل سوڀ جا ٿورا مڃڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو ڪنڌ ڪٽي جهڪايو هو. ايستائين جو سندن سونهاري مبارڪ جا وار ڪجاوي جي ڪاٺيءَ سان اچي لڳا هئا. ذي طويٰ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر کي ترتيب ڏنو. خالد بن وليد رضہ کي ميسره تي رکيائون. جنهن ۾ اسلم، سليم، غفار، مزينه، جهينه ۽ ڪجهه ٻيا قبيلا شامل هئا ۽ حضرت خالد رضہ جن کي حڪم ڪيائون ته اهي مڪي جي هيٺاهين داخل ٿين ۽ جيڪڏهن قريش مهاڏو اٽڪائين ته انهن کي ماريندا اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان صفا تي اچي ملن.

حضرت زبير رضہ ميمنه تي هئا. انهن وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جو جهندو به هو. پاڻ سڳورن ﷺ کين حڪم ڏنو ته مڪي جي مٿئين پاسان يعني ڪداءَ کان داخل

ٽين ۾ حجون ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو جهنڊو کوڙيو، اتي پاڻ سڳورن ﷺ جو انتظار ڪن.

حضرت ابوعبيده رضه جن پيادن جا اڳواڻ هئا. ڪين حڪم ڪيو ويو ته اهي بطن نالي واديءَ مان ٿيندا اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان ملن.

اسلامي لشڪر مکي ۾:- انهن هدايتن ڪانپوءِ سيئي جٿا پنهنجن ڏسيل واٽن تي هلي پيا. حضرت خالد رضه ۽ سندن ساٿين جي راهه ۾ جيڪي به مشرڪ آيا، تن کي مٿايو ويو، البته سندن ساٿين مان ٻه ڄڻا ڪرز بن جابر فهري رضه ۽ خنيس بن خالد بن ربيعه به شهيد ٿي ويا. ان جو ڪارڻ اهو هو ته اهي ٻئي ڄڻا لشڪر کان ڇڇي هڪ ٻئي رستي تي هلي پيا هئا، جتي ڪين گهيري ماريو ويو. خندمه پهچي حضرت خالد رضه ۽ سندن ساٿين جو ٽڪراءُ قريشن جي لچرن سان ٿيو. معمولي جهڙپ ۾ ٻارنهن مشرڪ مارجي ويا ۽ ان کانپوءِ مشرڪن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. حماس بن قيس، جنهن مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ هٿيار ٽڪا ڪري رکيا هئا، ڀڄي پنهنجي گهر ۾ وڃي گهڙيو ۽ پنهنجي زال کي چيائين

تہ "دروازو بند ڪري ڇڏ." هن چيو تہ "هوءَ جيڪا تو هام پئي هنئي، ان جو ڇا ٿيو؟" چوڻ لڳو تہ:

انڪ لو شهدت يوم الخندمہ

اذفر صفوان وفر عڪرمہ

و استقبلنا با لسيوف امسلمہ

يقطعن ڪل ساعدو جمجمہ

ضربا فل ا يسمع الا غمعمہ

لهم نهيت خلفنا و همهمہ

لم تنطقي في اللوم ادني ڪلمہ

ترجمو:- جيڪڏهن تون خندمہ جي ويڙہ ڏسين ها، جڏهن صفوان ۽ عڪرمہ ڀڄي ڪڙا ٿيا هئا ۽ اپين تراڙن سان اسانجي آجيان ڪئي وئي، جيڪي ٻانهون ۽ سسيون اهڙيءَ طرح لاهي رهيون هيون جو پنيان گوڙ شور ڪانسواء ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو تہ پوء تون مون تي ذري بہ ملامت نہ ڪرين ها."

ان ڪانپوء حضرت خالد رضہ جن مڪي جون گهٽيون لتاڙيندا اچي صفا جبل وٽ پاڻ سڳورن ﷺ سان مليا.

بئي پاسي حضرت زبير رضہ جن اڳتي وڏندي حجون ۾ مسجد فتح وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جو جهندو کوڙيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ خيمو بہ لڳايو ۽ اتي ئي ويٺا رهيا. تانجو پاڻ سڳورا ﷺ اتي اچي پهتا.

پاڻ سڳورن ﷺ جو مسجد الحرام ۾ گهڙي بت ڀڃڻ:-

ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اٿيا ۽ مهاجرن ۽ انصارن جي ميڙ ۾ مسجد الحرام ۾ گهڙيا. اڳتي وڌي حجر اسود کي چميائون ۽ بيت الله جو طواف ڪيائون. ان مهل سندن هٿ ۾ هڪ ڪمان جهليل هئي. پاڻ ان ڪمان سان بيت الله جي چوڌاري ۽ ڇت تي رکيل ٽي سؤ سٺ بتن کي ڌڪ هڻندا ويا ۽ چوندا پئي ويا تہ:

جآءَ الحقُ وَ زَهقَ الباطلُ ط اِنّ الباطلَ کانَ زَهوقا (18:17)

ترجمو:- حق آيو ۽ باطل ڀڄي ويو، بيشڪ باطل آهي ئي ڀڄڻ وارو

جآءَ الحق وَمان يبديءُ الباطلُ وَمان يعيدُ (49:34)

ترجمو:- حق آيو ۽ باطل جو راڄ ختم ٿي ويو

پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏک لڳڻ سان بت منهن پر وجي ٽي ڪريا. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي ڏاچيءَ تي ويهي طواف ڪيو هو ۽ احرام پاتل نہ هجڻ ڪري رڳو طواف ئي ڪيائون. ان ڪانپوءِ حضرت عثمان رضہ بن طلحہ کي سڏي ڪائنن ڪعبي جون ڪنجيون ورتائون. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم سان ڪعبت الله کي کوليو ويو. اندر گهڙيا تہ تصويرون نظر آيون، جن ۾ حضرت ابراهيم عہ ۽ حضرت اسماعيل عہ جون تصويرون بہ هيون ۽ انهن جي هٿن ۾ فال ڪڍڻ وارا تير هئا. پاڻ سڳورن ﷺ اهو منظر ڏسي چيو تہ "الله انهن مشرڪن کي هلاڪ ڪري. خدا جو قسم! انهن ٻنهي پيغمبرن ڪڏهن بہ فال جا تير استعمال نہ ڪيا هئا." پاڻ سڳورن ﷺ، ڪعبت الله جي اندر ڪاٺ جي نهيل هڪ ڪبوتري بہ ڏٺي. ان کي پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڀڃي ڇڏيائون ۽ تصويرون ڊاهي ڇڏيائون.

ڪعبت الله ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي نماز ۽ قريشن کي خطاب:- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اندران در بند ڪري ڇڏيو. حضرت اُسامہ رضہ ۽ حضرت بلال رضہ ﷺ جن بہ اندر

هئا. پوء دروازي جي سامهون واري پٽ ڏانهن وڌيا. پٽ کان ٽي هٿ اوري پهچي بيهي رهيا. ٻه ٿنڀا پاڻ سڳورن ﷺ جي کاٻي پاسي، هڪ ساڄي پاسي ۽ ٽي پٺيان هئا. (تڏهن ڪعبت الله ۾ رڳو ڇهه ٿنڀا هئا.) پاڻ سڳورن ﷺ اتي ئي نماز پڙهي. ان کانپوء بيت الله جي اندرئين ڀاڱي جو چڪر لڳايائون. سڀني ڪنڊن ۾ تڪبير ۽ توحيد جا ڪلما چيائون ۽ پوء دروازو کولي ڇڏيائون. قريش (سامهون) مسجد الحرام ۾ قطارون ٻڌي وڏو ميڙ ڪري ويٺا هئا. ڪين پاڻ سڳورن ﷺ جون ڳالهيون ٻڌڻ جو انتظار هو. پاڻ سڳورن ﷺ دروازي جا ٻئي تاڪ جهليا ۽ قريش (جيڪي) هيٺ هئا، تن کي هيئن مخاطب ٿيا ته "الله کانسواء ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي، هو اڪيلو آهي ۽ سندس ڪوبه ڀائيوار ڪونهي. هن پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو. پنهنجي ٻانهي جي مدد ڪئي ۽ اڪيلي ئي سڀني لشڪرن کي مات ڏني. ٻڌو! بيت الله جي ڪنجي رکڻ ۽ حاجين کي پاڻي پيارڻ کانسواء سمورو شرف خوبيون ۽ جانين جو اختيار، منهنجن ٻنهي پيرن جي هيٺان آهي

(منهنجي اختيار ۾ آهن). ياد رکو قتل خطا، شبہ عمد ۾ آهي، جيڪو ڪوڙن سان هجي يا ڏنڊن سان، مغلظ ديت آهي يعني سؤ اٺ، جن مان چاليهہ ڏاچيون ڍڪيون هجڻ گهرجن. "

"اي قريشيو! الله ! توهان مان جهالت واري هوڏ ۽ ابن ڏاڏن تي ڪڏڻ جو انت آندو آهي. سيئي ماڻهو آدم عہ منجهان آهن ۽ آدم عہ مٽيءَ مان." ان ڪانپوءِ هيءَ آيت پڙهيائون.

ياَيها الناسُ اِنا خلقنكم من ذكر وّ انثيٰ وَ جعلنكم شعوبا وّ قبآئلَ لتعارَفوا ط اِنّ اكرَمكم عندَاللّٰهِ اَتقكمط اِنّ اللّٰهَ عليم خبير (13:49)

ترجمو:- اي انسانو! بيشڪ اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ اوهانکي ذاتين ۽ پاڙن ۾ ورهايوسون تہ جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو. بيشڪ اوهان مان تمام عزت وارو الله وٽ اهو آهي، جيڪو ڏاڍو پرهيزگار آهي. بيشڪ الله ڄاڻندڙ ۽ خبر رکندڙ آهي.

عام معافيءَ جو اعلان:- ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "قريشيو! توهان ڇا ٿا ڀانيو تہ آئون توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان؟" انهن چيو تہ "توهان ڏاڍا مهربان ڀاءُ ۽ مهربان ڀاءُ جا پٽ آهيو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ " پوءِ آئون توهان سان اها ئي ڳالهہ ٿو ڪريان، جيڪا حضرت يوسف ع ، پنهنجن ڀائرن سان ڪئي هئي تہ لا تثريبَ عليكم اليومَ(ترجمو: اڄوڪي ڏينهن توهان تي ڪا ميار ڪانهي.)

ڪعبي جي ڪنجي(حق،حقدار کي ڏيڻ):- ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ مسجد الحرام ۾ ويهي رهيا. حضرت علي رضہ جن آيا، انهن جي هٿ ۾ ڪعبي جي ڪنجي هئي. اچي چيائون تہ "سائين! اسان کي حاجين کي پاڻي پيارڻ جي اعزاز سان گڏ ڪعبت الله جي ڪنجي رکڻ جو اعزاز بہ ڏيڻ جي مهرباني ڪريو. الله توهان تي رحمت نازل ڪري." هڪ ٻيءَ روايت مطابق حضرت عباس رضہ جن اها گذارش ڪئي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ چيو تہ"عثمان بن طلحہ رضہ ڪٿي آهي؟" کين سڏرايو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو

تہ "عثمان! هيءَ وٺ پنهنجي ڪنجي. اڄوڪو ڏينهن نيڪي ۽ وفاداريءَ جو ڏينهن آهي." طبقات ابن سعدؒ روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪنجي ڏيندي فرمايو تہ"هن کي سدائين لاءِ وٺ. توهان کان اها، اهو ئي ڦريندو، جيڪو ظالم هوندو. اي عثمان! الله تعاليٰ توهانکي پنهنجي گهر جو امين بڻايو آهي، تنهنڪري هن الله جي گهر مان توهانکي جيڪي ڪجهہ ملي ان کي حلال طريقي سان استعمال ڪجوءِ."

كعبي جي ڇت تي بلال رضہ جن جي ٻانگ:- نماز جو وقت اچي پريو هو. پاڻ سڳورن ﷺ حضرت بلال رضہ جن کي حڪم ڏنو تہ ڪعبي تي چڙهي ٻانگ ڏين. ان مهل ابوسفيان بن حرب، عتاب بن اَسيد ۽ حارث بن هشام ڪعبي جي اڱڻ ۾ ويٺا هئا. عتاب چيو تہ "الله تعاليٰ اَسيد کي ماري ان تي اها مهرباني ڪئي جو هو اها (ٻانگ) نہ ٻڌي سگهيو. نہ تہ هن کي هڪ اٹوٹندڙ شيءِ ٻڌڻي پوي ها." تنهن تي ابوسفيان چيو تہ "ڏسو! آئون ڪجهہ ڪونہ ڪچندس. ڇوتہ آئون جي ڳالهائيندس تہ هي پٿريون بہ مون تي چغلي هڻنديون. ان

ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ انهن وٽ آيا ۽ فرمايائون تہ"هينئر اوهان جيڪي ڳالهيون ويٺي ڪيون، تن جي خبر مونکي پئجي وئي آهي." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اها ڳالهہ ٻولهہ ورجائي. تنهن تي حارث ۽ عتاب چيو تہ "اسين شاهدي ٿا ڏيون تہ توهان الله جا رسول آهيو. خدا جو قسم! اسان سان اهڙو ڪوبہ ماڻهو وينل ڪونہ هو، جنهن لاءِ اسان چئون تہ هن اهي ڳالهيون ٻڌي وڃي توهانکي ٻڌايون آهن."

شڪراڻي جي نماز:- ان ئي ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ اُم هاني رضہ بنت ابي طالب جي گهر ويا ۽ اتي وڃي غسل ڪيائون ۽ سندن گهر ۾ ئي اٺ رڪعتون نماز پڙهيائون. اهو چاشت جو وقت هو. انڪري ڪنهن هن نماز کي چاشت جي نماز سمجهيو تہ ڪنهن شڪراڻي ۽ سوڀ جي نماز. اُم هاني رضہ پنهنجن ٻن ڏيرن کي پناهہ ڏني هئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اي اُم هاني رضہ! جنهن کي تو پناہ ڏني، ان کي اسان بہ پناهہ ڏني. اهو چوڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ اُم هاني رضہ جن جي ڀاءُ حضرت علي رضہ جن، انهن ٻنهي کي مارڻ پئي گهريو. انڪري اُم هاني رضہ، انهن ٻنهي کي

لڪائي گهر جو دروازو بند ڪري ڇڏيو هو. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اتي پهتا تڏهن ڪين عرض ڪيائون ۽ مٿي ڇاٽايل جواب ورتائون.

جنگي ڏوهارين ڪي مارن جي ڇوٽ:- مڪي جي فتح واري ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ، جنگي ڏوهارين مان نوَن ڄڻن کي ڏسندي ئي مارڻ جو حڪم ڏيندي فرمايو تہ جيڪڏهن اهي ڪعبي جي پڙدي جي پنيان بہ هٿ اچن تہ بہ ڪين ماريو وڃي. انهن جا نالا هي هئا.

(1) عبدالعزيٰ بن خطل (2) عبدالله بن سعد بن ابي سرح (3) عڪرمہ بن ابي جهل (4) حارث بن نفيل بن وهب (5) مقيس بن صبابہ (6) هبار بن اسود (7 ۽ 8) ابن خطل جون بہ ٻانهيون جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي هجو ڳائينديون هيون (9) ساره. جيڪا عبدالمطلب جي اولاد مان ڪنهن جي ٻانهي هئي. ان وٽان ئي حاطب رضہ جو خط هٿ آيو هو.

ابن ابي سرح رضہ جو معاملو هيئن ٿيو جو ڪيس حضرت عثمان رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وٺي وڃي

سندن جان بخشڻ جي سفارش ڪئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سفارش قبول ڪندي ڪين مسلمان طور قبول ڪيو. پر ان ڪان اڳي پاڻ سڳورا ﷺ ٿوري دير تائين ان اميد تي ماٺ ۾ رهيا ته پلي ته ڪو اصحابي اٿي ڪيس ماري وجهي. ڇوته اهو ماڻهو پهرين ٻه اسلام قبولي، مديني هجرت ڪري پهتو هو پر پوءِ مرتد ٿي ڀڄي ويو هو.(بهرحال ان ڪانپوءِ هن پاڻ ڪي سڄو مسلمان ثابت ڪري ڏيکاريو.)

عڪرمه بن ابي جهل يمن ڏانهن ڀڄي ويو پر سندس زال، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي سندس لاءِ امان گهري ۽ پاڻ سڳورن ﷺ امان ڏئي ڇڏي. ان ڪانپوءِ هوءَ عڪرمه جي پٺيان وئي ۽ ڪيس موٽائي آئي. هن موٽي اچي اسلام قبوليو ۽ چڱو مسلمان نڪتو.

ابن خطل، ڪعبي جو پڙدو جهلي لٽڪيو پيو هو. هڪ اصحابيءَ اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي ڄاڻ ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "هن کي ماري ڇڏ." انهن وجي ڪيس ماري ڇڏيو.

مقيس بن صبابہ کي حضرت نميلہ بن عبدالله رضہ جن ماريو. مقيس بہ پهرين مسلمان ٿيو هو، پر پوءِ هڪ انصاريءَ کي ماري مرتد ٿي پٺي اچي مشرڪن وٽ پهتو هو.

حارث، مڪي ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي ڏاڍو تنگ ڪندو هو. کيس حضرت علي رضہ جن ماريو.

هبار بن اسود اهو ئي ماڻهو هو، جنهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي نياڻي بيبي زينب رضہ کي هجرت ڪرڻ مهل اهڙو تہ جهٽڪو ڏنو هو جو پاڻ هودج مان هڪ دڙي تي ڪري پيون هيون. جنهن جي ڪري سندن حمل ضايع ٿي ويو هو. اهو بہ مڪي جي فتح واري ڏينهن پٺي ويو هو، پوءِ مسلمان ٿيو ۽ چڱائيءَ تي هليو.

ابن خطل جي ٻن ٻانهين مان هڪ مارجي وئي ۽ ٻيءَ پناهہ ورتي. تنهن ڪانپوءِ مسلمان ٿي وئي. اهڙيءَ طرح ئي ساره لاءِ بہ پناهہ گهري وئي ۽ اها بہ مسلمان ٿي وئي. (مطلب تہ نون مان چار مارجي ويا ۽ پنجن جي جان بخشي وئي ۽ انهن اسلام قبوليو.)

حافظ ابن حجر جو چوڻ آهي تہ "جن ماڻهن کي مارڻ جي ڇوٽ ڏني وئي هئي، انهن ۾ ابو معشر، حارث بن طلال خزاعيءَ جو بہ نالو ڳڻايو آهي. ان کي حضرت علي رضہ جن ماريو. امام حاڪم، ان فهرست ۾ ڪعب بن زهير جو نالو ڄاڻايو آهي. ڪعب جو واقعو مشهور آهي. هن بہ پوءِ اسلام قبول ڪري ورتو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي ساراهہ (شعر) لکيائين. (ان ئي فهرست ۾) وحشي بن حرب ۽ ابوسفيان جي زال هند بن عتبہ بہ آهن، جن اسلام قبوليو ۽ ابن خطل جي ٻانهي بہ انهن مان هئي، جيڪا مارجي وئي ۽ اُم سعد بہ مارجي وئي، ابن اسحاق ائين ئي لکيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي ٻانهيون ارنب ۽ اُم سعد هجن ۽ اختلاف رڳو نالي يا ڪنيت يا لقب جي ڪري ٿيو هجي.(2)

حوالو (2) فتح الباري 8/11، 12

صفوان بن اُميہ ۽ فضالہ بن عمير جو مسلمان ٿيڻ:-

جيتوڻيڪ صفوان کي مارڻ جي اجازت ڪانہ ڏني وئي هئي تہ بہ قريشن جو هڪ وڏو اڳواڻ هجڻ ڪري کيس جاني خطرو هو. انڪري اهو بہ ڀڄي ويو. عمير بن وهب جمحي

رضہ. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي سندن لاءِ معافي گهري. پاڻ سڳورن ﷺ معافي ڏنيس ۽ نشانيءَ طور عمير رضہ کي اهو پٽڪو بہ ڏنائون، جيڪو مڪي ۾ گهڙڻ مهل پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿي تي ٻڌل هو. عمير رضہ. صفوان وٽ پهتو تہ هو جدي مان سمنڊ رستي يمن وڃڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. عمير رضہ جن کيس موٽائي وٺي آيا. هن پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو تہ مونکي ٻہ مهينا ڇڏيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ توکي چئن مهينن جي ڇوٽ آهي. ان کانپوءِ صفوان اسلام قبوليو. سندس گهر واري اڳيئي مسلمان ٿي چڪي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ ٻنهي جو ساڳيو نڪاح برقرار رکيو.

فضالہ هڪ دلير مڙس هو. جنهن مهل پاڻ سڳورا ﷺ طواف ڪري رهيا هئا تہ هو مارڻ جي نيت سان پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو، پر پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌائي ڇڏيو تہ سندس دل ۾ ڇا آهي. تنهن تي هو مسلمان ٿي ويو.

فتح جي ٻئي ڏهاڙي پاڻ سڳورن ﷺ جو خطبو:- فتح جي ٻئي ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ وري خطبو ڏيڻ لاءِ اٿي بيٺا.

الله تعاليٰ جي وڏائي ۽ پاڪائي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ فرمايائون تہ "الله تعاليٰ جنهن ڏينهن آسمان جوڙيو، اهو قيامت تائين حرمت وارو آهي. جيڪو بہ ماڻهو الله ۽ آخرت تي ايمان رکي ٿو، ان لاءِ جائز نہ آهي تہ هن (شهر) ۾ رت وهائي يا ڪو وڻ ڪٽي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان مان حجت وٺي تہ الله جي رسول ﷺ هتي رتوڇاڻ ڪيو تہ ان کي چئجو تہ الله پنهنجي رسول کي ڇوٽ ڏني هئي، پر توکي ڪانهي ۽ مون لاءِ بہ اهو رڳو هڪ پل لاءِ حلال ڪيو ويو. اڄ ان جي حرمت اهڙيءَ طرح وري موٽي آئي، جهڙيءَ طرح ڪالهہ ان جي حرمت هئي. اها ڳالهہ هتي ويٺل ماڻهو، هتي نہ آيلن تائين پهچائي ڇڏين."

هڪ روايت ۾ اهو واڌارو ٿيل آهي تہ هتي جو ڪنڊو بہ نہ پٽجي، شڪار بہ نہ ڀڄائجي ۽ ڪريل شيءِ نہ کڻجي. باقي جنهن جي شيءِ آهي، اهو کڻي سگهي ٿو ۽ هتي جو گاهہ بہ نہ پٽيو وڃي. حضرت عباس رضہ جن پڇيو تہ "يا رسول الله ﷺ پر اِذخر (عربستان جو مشهور گاهہ جيڪو چاءِ ۽ دوا طور استعمال ٿئي ٿو.) ڇوتہ اها لوهار ۽ گهر جي

(ضرورت واري)شيء آهي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ"اِذخر پلي."

بنو خزاعہ ان ڏينهن بنو ليث جو هڪ ماڻهو ماري وڌو هو. ڇوتہ بنو ليث جي هٿان سندن هڪ ماڻهو جاهليت ۾ مارجي ويو هو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ان بابت فرمايو تہ "خزاعہ وارؤ! پنهنجو هٿ قتل کان روڪيو. ڇوتہ ڪنهن کي مارڻ ۾ جيڪڏهن فائدو آهي تہ گهڻي مار ماران ٿي وئي. توهان هڪ اهڙو ماڻهو ماريو آهي، جنهن جو ڏنڊ (ديت) لازمي طور پريندس. ان کانپوء جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪنهن کي ماريو تہ مقتول جي وارثن کي ٻن ڳالهين جو حق هوندو. وٺين تہ قاتل جو رت وهائين ۽ وٺين تہ ان کان ڏنڊ (ديت) وٺن."

هڪ روايت ۾ آهي تہ ان تي يمن جو هڪ ماڻهو ابو شاهہ اٿي بيٺو ۽ چيائين تہ "يا رسول الله صلى الله عليه وسلم اهو منهنجي لاء لکائي ڏيو." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "ابو شاه کي لکي ڏيو."(1)

حوالو (1) انهن روايتن لاءِ ڏسو صحيح بخاري 22/1، 216، 247، 328، 329 - 615/2، 617، صحيح مسلم 437/1، 438، 439، ابن هشام 415/2، 416

انصارن جي اُڻتڻ:- جڏهن مڪو پوريءَ طرح فتح ٿي ويو ۽ سيني کي ڄاڻ هئي ته اهو ئي شهر پاڻ سڳورن ﷺ جو پيدائشي وطن هو، ته انصارن پاڻ ۾ چيو ته "ڇا خيال آهي، هاڻي الله پنهنجي رسول ﷺ کي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجو شهر فتح ڪرائي ڏنو آهي ته هاڻي پاڻ سڳورا ﷺ هتي ئي رهندا؟ ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ صفا ۾ هٿ کڻي دعا گهري رهيا هئا. دعا گهرڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو ته "توهان ڪهڙيون پيا ڳالهيون ڪريو؟" انهن وراڻيو ته "يا رسول الله! ڪجهه به نه." پر جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ زور ڀريو ته نيٺ انهن ڳالهه ٻڌائي ڇڏي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "خدا جي پناهه! هاڻي جيئڻ ۽ مرڻ اوهان سان ئي آهي."

بيعت:- جڏهن الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ ۽ مسلمانن کي مڪو فتح ڪرايو ته مڪي وارن پليءَ پٽ ڄاڻي ورتو ته

هاڻي اسلام (قبولڻ) ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ نہ آهي. انڪري اهي اسلام قبولڻ جي بيعت ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. پاڻ سڳورن ﷺ صفا ۾ ويهي بيعت وٺڻ شروع ڪئي. حضرت عمر رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ ڪان هيٺ وينل هئا ۽ ماڻهن ڪان قسم ڪٽائي رهيا هئا. ماڻهن، پاڻ سڳورن ﷺ سان بيعت ڪئي تہ هر ممڪن حد تائين پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳالهہ ٻڌندا ۽ چيو مڃيندا.

تفسير مدارڪ ۾ اها روايت آيل آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مردن جي بيعت مان آجا ٿيا تہ اتي صفا ۾ ئي عورتن ڪان بيعت وٺڻ شروع ڪيائون. حضرت عمر رضہ ، پاڻ سڳورن ﷺ ڪان هيٺ وينل هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم تي عورتن ڪان بيعت وٺي رهيا هئا ۽ انهن کي پاڻ سڳورن ﷺ جا فرمان ٻڌائي رهيا هئا. ان دوران ابو سفيان جي زال هند بنت عتبہ ويس مٽائي اتي پهتي. هن، حضرت حمزه رضہ جي مڙهہ سان جيڪي ڪجهہ ڪيو هو، تنهن جي ڪري ڊنل هئي تہ متان پاڻ سڳورا ﷺ کيس سڃاڻي نہ وٺن. ٻئي پاسي پاڻ سڳورن ﷺ

(بيعت وٺڻ شروع ڪئي تہ) فرمايائون تہ " آئون توهان کان ان ڳالهہ جي بيعت وٺان ٿو تہ الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪنديون. حضرت عمر رضہ جن (ساڳي ڳالهہ ورجائيندي) عورتن کان بيعت ورتي تہ اهي الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪنديون. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "۽ چوري نہ ڪنديون." ان تي هند ڳالهائي وڌو تہ "ابو سفيان بخيل ماڻهو آهي. جيڪڏهن ان جي مال مان ڪجهہ ڪٽي وٺان تہ؟" ابوسفيان (جيڪو اتي بيٺل هو) چيو تہ "توکي جيڪو وٺي سو ڪڻ، تولاء حلال آهي؟" پاڻ سڳورا ﷺ مسڪرائڻ لڳا. انهن هند کي سڃاڻي ورتو. فرمايائون تہ "ڇئبو تہ تون هند آهين!" هن چيو تہ "هائو! الله جا نبي ﷺ جيڪو ٿي ويو، ان کي درگذر ڪريو، الله توهان کان درگذر ڪندو."

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ"۽ زنا نہ ڪنديون." تنهن تي هند چيو تہ پلا ڪا آزاد عورت بہ زنا ڪري ٿي ڇا!" پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ" ۽ پنهنجن ٻارن کي ڪونہ مارينديون." هند چيو تہ"اسان ننڍپڻ ۾ ڪين نپايو پر وڏا ٿيڻ تي توهان انهن کي ماري ڇڏيو. ان ڪري

توهان ﷺ ۽ اهي ئي وڏيڪ ڇاڻن ٿا. " ياد رهي تہ هند جو پٽ حنظلہ بن ابي سفيان، بدر واري لڙائيءَ ۾ مارجي ويو هو. اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ جن کلي کلي کيرا ٿي ويا ۽ پاڻ سڳورا ﷺ بہ مسڪرائڻ لڳا.

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ " ۽ ڪنهن تي بہ بهتان نہ هڻنديون." هند چيو تہ "سچ پچ تہ بهتان ڏاڍي خراب ڳالهہ آهي ۽ توهان ﷺ اسانکي واقعي بہ سٺين ڳالهہ جو حڪم ڏئي رهيا آهيو." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ " ۽ ڪنهن بہ چڱي ڳالهہ ۾ رسول ﷺ جي نافرماني نہ ڪنديون." هند چيو تہ "خدا جو قسم! اسين هن ميڙ ۾ پنهنجي دل ۾ توهانجي نافرمانيءَ جو تصور بہ ڪونہ ڪڻي آيون آهيون."

پوءِ موٽڻ شرط هند پنهنجو بت ڀجي ڇڏيو. هوءَ بت ڀجندي پئي وئي ۽ چوندي پئي وئي تہ "اسان تنهنجي باري ۾ دوکي ۾ هئاسين."(1)

حوالو(1) ڏسو مدارڪ التنزيل للنفسي تفسير آيت بيعتہ

مڪي ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو رهائش ۽ سرگرميون:- پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم مڪي ۾ اوڻيهه ڏينهن رهيا. ان دوران پاڻ صلى الله عليه وسلم اسلام جي نشانين جي تجديد ڪندا رهيا ۽ ماڻهن کي سڌي واٽ ۽ پرهيزگاريءَ جي تلقين ڪندا رهيا. انهن ئي ڏينهن۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي حڪم تي حضرت ابو اُسيد خزاعي رضہ نئي سري کان حرم جي حدن۾ ٿنڀ بيهاريا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اسلام جي پرچار ڪرڻ ۽ پرپاسي جا بت ڀڄڻ لاءِ ڪافي سريا بہ موڪليا ۽ اهڙيءَ طرح سمورا بت ڀڳا ويا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم مڪيء۾ پڙهو ڏياريو تہ جيڪو ماڻهو الله ۽ آخرت تي ڀروسو رکي ٿو، اهو پنهنجي گهر۾ ڪوبہ بت نہ رکي بلڪ ان کي ڀجي ڇڏي.

سريا ۽ وفد:- مڪي جي فتح مان واندڪائي ملڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم 25 رمضان 8 هہ تي حضرت خالد بن وليد رضہ جي اڳواڻيءَ۾ عزيٰ کي ڀڄڻ لاءِ هڪ سريو موڪليو. عزيٰ، نخلہ ۾ رکيل هو. قريش ۽ سمورا بنو ڪنانہ ان کي پوڄيندا هئا ۽ اهو سندن سڀ کان وڏو بت هو. بنو شيبان ان جا مجاور هئا. حضرت خالد رضہ جن ٽيهہ سوار وٺي نخلہ

وجي ان کي پيجي ڇڏيو. موٽڻ تي پاڻ سڳورن ﷺ پڇين تہ " اتي تو ڪجھہ ڏٺو بہ هو؟" حضرت خالد رضہ جن وراڻيو تہ "نہ" تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تڏهن تو هن کي ڀڳو ئي ڪونهي. وري وڃي ان کي ڀڃي ڇڏ." حضرت خالد رضہ جن تراز ڪڍي وري ويا. هن ڀيري (بت مان) هڪ اگهاڙي، ڪاري ۽ وکريل وارن واري مائي سندن ڏانهن وڌي. مجاور هڪلون ڪري ڪيس سڏڻ لڳو پر ايتري ۾ حضرت خالد رضہ جن ايڏي زور سان تراز هنيس جو ان مائيءَ جا بہ اڌ ٿي ويا. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي اچي خبر ڏنائون. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو! اهائي عزيٰ هئي. هاڻي هوءَ آسرو پلي ويٺي آهي تہ ڪو تنهنجي ملڪ ۾ وري ڪڏهن سندس پوڄا ڪئي ويندي."

(2) ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، عمرو بن عاص رضہ کي ساڳئي مهيني ۾ سواع نالي بت ڀڃڻ لاءِ موڪليو. اهو مڪي کان ٽي ميل پري رهاط ۾ بنو هذيل جو هڪ بت هو. جڏهن حضرت عمرو رضہ جن اتي پهتا تہ مجاور پڇيو تہ "توهين ڇا ٿا چاهيو؟" انهن چيو تہ "مونکي پاڻ سڳورن

ﷺ ان کي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو آهي." هن چيو تہ "اهو ڪم توهان ڪان زور آهي." حضرت عمرو رضہ چيو تہ "ڇو ڀلا!" هن چيو تہ "(توهانڪي) جهل تي ويندي." حضرت عمرو رضہ جن چيو تہ" تڏهن تون اجا تائين باطل تي آهين؟ توتي افسوس! ڇاهي ٻڌندو ۽ ڏسندو آهي؟" ان ڪانپوءِ بت وٽ وڃي ان کي ڀڃي ڇڏيائون ۽ پنهنجي ساٿين کي حڪم ڏنائون تہ اهي ان خزاني واري جڳهہ کي ڊاهي ڇڏين. پر ان مان ڪجهہ ڪونہ مليو. پوءِ مجاور کي چيائون تہ "ڏي خبر ڇا ٿو ڀانئين؟" هن چيو تہ "مون الله تي ايمان آندو."

(3) ساڳئي مهيني ۾ حضرت سعد رضہ بن زيد اشهلي کي ويهن سوارن سان گڏ منات ڏانهن موڪليو ويو. اهو قديد وٽ مشلل ۾ اوس ۽ خزرج ۽ غسان وغيره جو بت هو. جڏهن سعد رضہ جن اتي پهتا تہ ان جي مجاور کين چيو تہ "توهين ڇا ٿا چاهيو؟" انهن وراڻيو تہ "منات کي ڊاهڻ ٿو گهران." هن چيو تہ " تون ڄاڻ، تنهنجو ڪم ڄاڻي." حضرت سعد رضہ جن منات ڏي وڌيا تہ هڪ ڪاري اگهاڙي ۽ وکريل وارن واري مائي نڪتي. اها پنهنجو سينو پٽي دانهون ڪري

رهي هئي. ڪيس مجاور چيو تہ "منات! پنهنجن ڪن نافرمانن کي تہ پڪڙي وٺ. پر ايتري ۾ حضرت سعد رضہ جن تراڙ هڻي هن کي پورو ڪري ڇڏيو. پوء اڳتي وڌي بت ڊاهي ڇڏيائون ۽ ان کي ٽوڙي ڦوڙي ڇڏيائون. خزاني ۾ ڪجهہ ڪونہ مليو.

(4) عزيٰ کي ڊاهڻ ڪانپوء حضرت خالد بن وليد رضہ جن، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهتا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کين ساڳئي مهيني شعبان 8 هہ ۾ بنو جذيمہ ڏانهن موڪليو، پر مقصد حملو ڪرڻ نہ پر اسلام جي پرچار ڪرڻ هو. حضرت خالد رضہ جن مهاجر ۽ انصاري ۽ بنو سليم جا ڪل ساڍا ٽي سؤ ڄڻا وٺي نڪتا ۽ بنو جذيمہ وٽ پهچي اسلام جي دعوت ڏنائون. اننا اَسلمنا (اسان اسلام قبوليو) چيو. تنهن تي حضرت خالد رضہ جن انهن کي مارڻ ۽ پڪڙڻ شروع ڪيو ۽ هڪ هڪ باندي پنهنجي هر ساٿيءَ جي حوالي ڪيو. پوء هڪ ڏينهن حڪم ڏنائون تہ هر ماڻهو پنهنجي بانديءَ کي ماري ڇڏي، پر حضرت عبدالله بن عمر رضہ ۽ سندن ساٿين اهو حڪم مڃڻ کان نابري واري ۽ جڏهن پاڻ سڳورن

ﷺ وٽ پهتا تہ پيرائتي ڳالھ ڪري ٻڌايائون. پاڻ سڳورن ﷺ ٻئي هٿ کنيا ۽ ٻہ ڀيرا فرمايو تہ " اي الله ! خالد رضہ جيڪي ڪجھ ڪيو، منهنجو ان ۾ ڪو هٿ ڪونهي."(1)

حوالو(1) صحيح بخاري 450/1 - 622/2

ان موقعي تي رڳو بنو سليم وارن پنهنجا قيدي ماريا هئا. انصارن ۽ مهاجرن ڪنهن کي نہ ماريو هو. پاڻ سڳورن ﷺ حضرت علي رضہ جن کي موڪلي سندن مقتولين جي ديت ۽ سندن ٿيل نقصان جو معاوضو پري ڏنو. ان معاملي۾ حضرت خالد رضہ ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ جن جي وچ ۾ منهن ماري بہ ٿي پئي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ کي خبر ملي تہ فرمايائون تہ "خالد! ترس، منهنجن ساٿين کي ڪجھ چوڻ کان پاڻ جهل. خدا جو قسم! جيڪڏهن احد جبل سون ٿي وڃي ۽ تون سڄي جو سڄو الله جي راھ ۾ خرچي ڇڏين تہ بہ تون منهنجن ساٿين مان ڪنهن هڪ ڄڻي جي هڪ صبح يا هڪ شام جي عبادت تائين نٿو پهچي سگهين."(2)

حوالو(2) هن غزوي جو تفصيل هيٺ ڏنل ڪتابن مان ڪنيو ويو آهي. ابن هشام 389/2 پان 437. صحيح بخاري 1/ ڪتاب الجهاد ۽ ڪتاب المناسڪ 612/2 ڪان 615، 622 فتح الباري 3/8 ڪان 27 صحيح مسلم 437/1، 438، 439 - 103/2، 103، 130 زاد المعاد 160/2 ڪان 168 مختصر السيره للشيخ عبدالله ص 322 ڪان 351

اها هئي مڪي جي فتح واري جنگ. اِهائي اُها فيصلہ ڪن جهڙپ ۽ اها وڏي سوڀ آهي، جنهن بت پرستيءَ جي سگهہ کي پوريءَ طرح ٽوڙي ڇڏيو ۽ ان جا اهڙيءَ طرح ترا ڪڍيا جو عربستان ۾ وري ان جي اسرڻ جو ڪوبہ امڪان نہ رهيو. ڇوتہ عام قبيلا مسلمانن ۽ بت پرستيءَ جي جهڙپ ۾ هڪ هڪاٽيء جو انتظار ڪري رهيا هئا. ڪين پليءَ پت پروڙ هئي تہ حرم ۾ اهوئي رهندو، جيڪو حق تي هوندو. سندن ان يقين ۾ وڌيڪ مضبوطي اڌ صدي اڳ ٽيل ابرهہ ۽ سندس ساٿين جي واقعي سان اچي وئي هئي، ڇوتہ عربن

ڏسي ورتو هو تہ ابرهہ ۽ سندس ساٿين بيت الله تي ڪاهيو تہ الله تعاليٰ کين هلاڪ ڪري ڇڏيو.

ياد رهي تہ حديبيہ وارو ناهہ هن واقعي جو پيش خيمو ثابت ٿيو. ان جي ڪري ڇوڏس امن امان ٿي ويو. ماڻهو هڪٻئي سان کليءَ طرح ڳالهائيندا هئا. اسلام بابت خيالن جي ڏي وٺ ۽ بحث مباحثا ٿيندا هئا. مڪي ۾ جيڪي مسلمان لڪل هئا، تن کي بہ ناهہ ڪانپوء پنهنجو دين ظاهر ڪرڻ ۽ ان جي پرچار ڪرڻ ۽ بحث مباحثا ڪرڻ جو موقعو مليو. انهن حالتن جي ڪري گهڻا ئي ماڻهو مسلمان ٿيا. تانجو اسلامي لشڪر، جيڪو اڳي ڪڏهن بہ ٽن هزارن کان نہ وڌيو هو، اهو هن غزوي ۾ ڏهہ هزار ٿي ويو هو.

هن فيصلاڪن جنگ ماڻهن جون اکيون کولي ڇڏيون ۽ انهن تي پيل آخري پردو هٽي ويو، جيڪو اسلام قبولڻ ۾ رنڊڪ وجهي رهيو هو. هن سوڀ ڪانپوء سڄي عربستان جي سياسي ۽ ديني اُفق تي مسلمانن جو سج چمڪڻ لڳو ۽ هتي ديني ۽ دنياوي قيادت جي واڳ سندن هٿ ۾ اچي چڪي هئي.

ڇڻ تہ حديبيہ جي ناهہ ڪانپوءِ جيڪا مسلمانن جي حق ۾ چڱي تبديلي اچڻ شروع ٿي هئي، هن سوپ سان اها پوري ٿي وئي ۽ ان ڪانپوءِ هڪ نئون دور شروع ٿيو. جيڪو پوريءَ طرح مسلمانن جي حق ۾ هو ۽ جنهن ۾ پوري صورتحال مسلمانن جي قابوءَ ۾ هئي ۽ عرب قومن لاءِ رڳو هڪ ئي واٽ وڃي بچي هئي تہ اهي جٿن جي شڪل ۾ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي اسلام قبولين ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت ڏيڻ لاءِ دنيا جي چئني ڪندن ۾ ڦهلجي وڃن. ايندڙ ٻن سالن ۾ اهڙي قسم جا ئي سانباها ڪيا ويا.

ٽيو مرحلو

هيءُ پاڻ سڳورن ﷺ جي پيغمبراڻي زندگيءَ جو پڇاڙڪو مرحلو آهي. جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي پرچار جا نتيجا پڌرا ڪري ٿو. جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ ٽيويهہ ورهين جي ڏکي وٽ وٺان، ڏکيائين، محنتن، هنگامن ۽ فتنن فسادن ۽ خوني جهڙپن ڪانپوءِ حاصل ڪيا هئا.

ان ڏکھي دورم مڪي جي فتح سڀ کان وڏي سرسي هئي، جيڪا مسلمانن کي ملي. ان جي ڪري حالتن جو رخ مٽجي ويو ۽ عربستان جي فضا ۾ فرق اچي ويو. اها سوڀ حقيقت ۾ پاڻ کان اڳ ۽ پاڻ کانپوءِ جي ٻنهي دورن جي وچ ۾ هڪ وِڇيءَ جي حيثيت رکي ٿي. جيئن ته قريش، عربستان جي رهاڪن جي نظرن ۾ دين جا سنڀاليندر هئا ۽ سڄو عربستان سندن فرمانبردار هو، ان ڪري قريشن جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي معنيٰ اها هئي ته سڄي عربستان ۾ بت پرستاڻي دين جو ڪم لهي ويو.

اهو آخري مرحلو ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگھجي ٿو.

1. مجاهدو ۽ قتال

2. اسلام قبولڻ لاءِ قومن ۽ قبيلن جو هڪٻئي کان ڳوءِ ڪڍڻ

اهي ٻئي صورتون هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ هن مرحلي ۾ هڪٻئي جي پٺيان ۽ گڏوگڏ ٻه ٿينديون رهيون آهن. البته اسان ڪتاب ۾ ٻنهي جو ذڪر ڌار ڌار ڪيو آهي. جيئن ته پٺين صفحن ۾ جھڙپن ۽ جنگين جو ذڪر

پئي هليو ۽ ايندڙ جنگ بہ ان جي هڪ ڪڙي آهي، ان ڪري هتي پهرين جنگين جو ئي ذڪر ڪجي ٿو.

غزوه حنين

مڪي جي فتح هڪ اوچتي ضرب ڪانپوء حاصل ٿي هئي، جنهن تي عرب ششدر هئا ۽ پاڙيسري قبيلن ۾ ايترو ست نہ هو جو هن اوچتي مثان ڪڙڪيل واقعي کي منهن ڏئي سگهن. انڪري ڪن هنيلن ۽ سگهن قبيلن کي ڇڏي، باقي سيئي قبيلا هٿيار ڦٽا ڪري رهيا هئا. هنيلن قبيلن۾ هوازن ۽ ثقيف سڀ کان اڳرا هئا. ساڻن گڏ مضر، جشم ۽ سعد بن ڪرب قبيلا ۽ بنو هلال جا ڪجهہ ماڻهو بہ شامل ٿي ويا هئا. انهن مڙن ئي قبيلن جو تعلق قيس غيلان سان هو. ڪين اها ڳالهہ انا جي خلاف پئي لڳي تہ مسلمانن آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا وڃن. ان ڪري انهن قبيلن، مالڪ بن عوف نصريءَ وٽ گڏ ٿي رٿيو تہ مسلمانن تي چڙهائي ڪئي وڃي.

دشمن جو نڪرڻ ۽ اَوطاس ۾ اچي لهڻ:- ان فيصلي ڪانپوء مسلمانن سان وڙهڻ لاء نڪتا تہ سپهہ سالار مالڪ بن عوف، ماڻهن سان گڏ ڊور ڊيگا ۽ ٻار ٻچا بہ چڪي آيو ۽ اڳتي وڌي اچي اوطاس جي واديءَ ۾ لٿو. اها حنين جي ويجهو بنو هوازن جي علائقي ۾ آهي، پر اها وادي حنين کان ذار آهي. حنين، هڪ ٻي وادي آهي، جيڪا ذوالمجاز جي پاسي ۾ آهي. اتان کان عرفات واري واٽ کان مڪي جو رستو ڏهن ميلن کان وڌيڪ آهي.(1)

حوالو(1) فتح الباري 27/8، 42

جنگي ماهر جي سپهہ سالار تي تنقيد:- اوطاس ۾ لهڻ ڪانپوء ماڻهو اچي سالار وٽ گڏ ٿيا. انهن ۾ دُرَيد بن صمہ بہ هو. اهو جهور پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ هاڻي جنگي ڄاڻ جي ڪري صلاحون ڏيڻ ڪانسواء ٻئي ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهيو هو، پر وڏو جوڌو ۽ جنگي ماهر رهيو هو. ان پڇيو تہ "توهان ڪهڙيءَ واديءَ ۾ اچي لٿا آهيو؟" وراڻي مليس تہ "اوطاس ۾." هن چيو تہ "اها سوارن جي گهوڙن ڊوڙائڻ لاء تمام ڀلي جڳهہ آهي. نہ ڪو پٿريلي آهي ۽ نہ ڪو ڪڏا کوٻا اتس، نہ

وري پريري لاهي اٿس، پر ڇا ڳالهہ آهي جو آئون انهن جي ٻڙبڙ، گڏهن جون هينگون ۽ ٻارن جو روڄ راڙو ۽ ٻڪرين جي مين مين پيو ٻڌان؟" ماڻهن ٻڌايس تہ مالڪ بن عوف، فوج سان گڏ سندن ٻار ٻچا ۽ ڍور ٻڪريون بہ ڪاهي آيو آهي. تنهن تي دُرَيد، مالڪ کي سڏائي پڇيو تہ "تو ائين ڇو ڪيو آهي؟" هن چيو تہ "مون سوچيو تہ هر ماڻهوءَ سان سندس گهر وارا ۽ مال لڳائي ڇڏيان تہ جيئن ان جي حفاظت جي جذبي سان جنگ ڪن." دُريد چيو تہ" تون تہ صفا ڪو ريڍار آهين. ڀلا هار کائيندڙ کي بہ ڪا شيء روڪي سگهي ٿي؟ ڏس جيڪڏهن جنگ ۾ تون ٿو سوڀ ماڻين تہ ان لاء بہ توکي تيرن ۽ تراڙن سان مسلح ماڻهو مفيد آهن ۽ جي هارائين ٿو تہ پوء توکي پنهنجي ٻارن ٻچن ۽ مال لاء خوار ٿيڻو پوندو." پوء دُرَيد ڪن قبيلن ۽ سردارن بابت پڇا ڪئي ۽ ان کانپوء چيائين تہ "اي مالڪ! تو بنو هوازن جا ٻار ٻچا، سوارن جي سامهون آڻي ڪو چڱو ڪم نہ ڪيو آهي. انهن کي سندن علائقي جي هٿيڪن ماڳن تي موڪلي ڇڏ. تنهن کانپوء گهوڙي جي پٺ تي ويهي بيدينن سان مهاڏو اٽڪاء.

جيڪڏهن تون ڪٿي وئين تہ پويان اچي توسان ملندا پر جي هارائي تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ تنهنجا ٻار ٻچا تہ هٿيڪا هوندا."

پر سپهہ سالار مالڪ اها رٿ ٺڏي ڇڏي ۽ چيو تہ "خدا جو قسم! آئون ائين نٿو ڪري سگهان. تون پوڙهو ٿي ويو آهين ۽ تنهنجو عقل جواب ڏئي ويو آهي. والله! يا تہ هوازن منهنجي اطاعت ڪن يا آئون هن تراڙ تي ٽيڪ لڳايان ۽ اها منهنجي پٺ مان آرپار ٿي وڃي." حقيقتہ مالڪ نٿي چاهيو تہ هن جنگ۾ دُرَيد جو نالو يا صلاح بہ شامل ٿئي. هوازن چيو تہ اسان تنهنجي پويان آهيون. تنهن تي دُرَيد چيو تہ "هيءَ اهڙي جنگ آهي، جنهن ۾ آئون نہ (صحيح طور تي) شامل آهيان ۽ نہ (صفا) ڌار آهيان.

يا ليتني فيها جذع
اخب فيها واضع
اقود و طفاء الدمع
كانها شاة صدع

ترجمو:- ڪاش آئون هن مهل جوان هجان ها. وٽ پڪڙ ۽ ڊوڙڊڪ ڪريان ها. ڊگهين ٽنگن وڏن وارن ۽ پلي گهوڙي تي سواري ڪريان ها. (يعني ان تي چڙهي مسلمانن سان وڙهان ها.)

دشمنن جا خابرو:- ان ڪانپوء مالڪ جا اهي خابرو پهتا، جيڪي مسلمانن جي چرپر جي خبر چار وٺڻ ويا هئا. سندن حالت اها هئي جو سندن سنڌَ سنڌَ ساٽا ٿي ويا هئا. مالڪ پڇيو تہ "ٻيڙو ٻڏنانوَ، هي توهانکي ڇا ٿيو آهي؟" انهن وراڻيو تہ "اسان چٽڪمرن گهوڙن تي ڳورا چٽا انسان ڏٺا، تنهن ڪانپوء اسانجي اها حالت ٿي وئي، جيڪا تون ڏسين پيو."

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جا خابرو:- ٻئي پاسي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي بہ دشمنن جي هلي پوڻ جون خبرون پهچي چڪيون هيون. تنهنڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ابو حدرد اسلمي رضہ کي اهو حڪم ڏئي موڪليو تہ انهن سان ملي جلي وڃي رهي ۽ حالتن جي نيڪ نيڪ خبر وٺي موٽي اچي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي ڄاڻ ڏي. انهن ائين ئي ڪيو.

پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم، مڪي کان حنين ڏانهن:- چنچر 6 شوال 8 ھ تي پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم مڪي مان هليا. ان ڏينهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي مڪي ۾ رهندي اوڻيهون ڏينهن ٿيو هو. ٻارنهن هزار فوج پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان گڏ هئي. ڏھ هزار اھا جيڪا مڪي فتح ڪرڻ مهل پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان گڏ هئي ۽ ٻہ هزار مڪي جا رهاڪو هئا، جن ۾ گهڻائي نوَن مسلمانن جي هئي. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، صفوان بن اُميہ کان هڪ سؤ زرهون، سمورن اوزارن سان گڏ اوڌر تي ورتيون ۽ عتاب بن اَسيد رضہ کي مڪي جو گورنر مقرر ڪيائون.

ٻنپهرن ڪانپوءِ هڪ سوار اچي ٻڌايو تہ مون فلاڻي فلاڻي جبل تي چڙهي ڏٺو تہ رڳو بنو هوازن پئي ڏسڻ ۾ آيا. ساڻن عورتون، وهٽ ۽ ٻڪريون بہ آهن. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم مسڪرائيندي فرمايو تہ "انشاءَ الله! سڀاڻي اهو سڀ مسلمانن جو مال غنيمت هوندو." رات تي تہ حضرت انس بن ابي مرثد غنوي رضہ جن پاڻمرارو پهرو ڏنو.(1)

حوالو(1) ڏسو سنن ابي دائود مع المعبود 317/2 باب فضل الحرس في سبيل الله

حنين ويندي گس تي ماڻهن هڪ ٻير جو وڻ ڏٺو، جنهن کي ذات اَنوَاط چيو ويندو هو. (مشرڪ) عرب ان تي پنهنجا هٿيار لٽڪائيندا هئا ۽ ان وٽ پنهنجا وهٽ ڪهندا هئا ۽ اتي ميلو لڳائيندا هئا. ڪن فوجين پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو تہ "توهان ﷺ اسان لاء ذات انواط ناهي ڏيو، جيئن انهن جو ذات انواط آهي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "الله اڪبر! ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، توهان اهڙي ئي ڳالهہ ڪئي آهي، جهڙي موسيٰ عہ جي قوم چئي هئي تہ "اِجعل لنا اِلها ڪما لهم الهہ" لڳي ٿو تہ توهان بہ انهن جا پيرِ ورتا آهن.(1)

حوالو(1) ترمذي فتن، باب لترڪبن سنن من ڪان قبلڪم 41/2

وات تي ڪن ماڻهن لشڪر جي گهڻائي ڏسي چيو تہ اسين اڄ هارائي ئي نٿا سگهون. پاڻ سڳورن ﷺ کي اها ڳالهہ نہ وڻي هئي.

اسلامي لشڪر تي تيراندازن جو اوچتو حملو:- اسلامي لشڪر، اڳاري ۽ اربع جي وچ واري رات جو 10 شوال تي

حنين پهتو پر مالڪ بن عوف هتي پهرين پهچي، پنهنجو لشڪر رات جي پيٽ ۾ ئي هن واديءَ ۾ لاهي، ان ڪي رستن، لنگهن، لڪن، لڪل جڳهين ۽ درن ۾ ڦهلائي ۽ لڪائي ڇڏيو هو ۽ ان کي حڪم ڏئي ڇڏيو هو تہ جيئن ئي مسلمان ڏسڻ ۾ اچن تہ ڪين تيرن سان پروڻ ڪري ڇڏجوءِ ۽ پوء انهن تي اوچتو ڪاهي پئجو.

بئي پاسي سچ ايرڻ مهل پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر جي ترتيب ۽ تنظيم ڪئي ۽ جهنڊا ٻڌي ماڻهن ۾ ورهايا، پوء صبح ساڻ مسلمانن اڳتي وڌي حنين جي واديءَ ۾ پير پاتا. انهن کي دشمنن جي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي تہ ڪو واديءَ جي سوڙهن لنگهن تي ثقيف ۽ هوازن جا مانجهي مرد گهات هڻيو وينا آهن، انڪري اهي اڻڄاڻائيءَ جي حالت ۾ ڏاڍي اطمينان سان لهي رهيا هئا تہ اوچتو مٿن تيرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. ان ڪانپوء هڪدم دشمنن جي ڪٽڪن گڏجي حملو ڪيو. ان اوچتي ڪاهہ جي ڪري مسلمان پاڻ جهلي نہ سگهيا ۽ انهن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. اها پڌري پٽ هار ٿيندي ڏسي ابوسفيان بن حرب، جيڪو اجا تازو مسلمان ٿيو

هو، چيو تہ "هاڻي هنن جي پچ پچان سمنڊ کان پھرين پوري
کانہ ٿيندي." جبلہ يا کلده بن جنيد هکل کري چيو تہ
"ڏسو اڄ جادو ڪوڙو ٿي ويو."

اهو ابن اسحاق جو بيان آهي. براءَ بن عاذب رضہ جو
صحيح بخاريءَ ۾ آيل بيان ان کان مختلف آهي. انهن چيو
تہ هوازن، تيرانداز هئا. اسان حملو ڪيو تہ وٺي ڀڳا. تنهن
کانپوءِ اسان غنيمت تي ڪاهي پياسين تہ اسانجي تيرن سان
آجيان ڪئي وئي.(1)

حوالو(1) صحيح بخاري: باب ويو، حنين اذا عجبتکم

حضرت انس رضہ جو صحيح مسلم ۾ ڏنل بيان ڏسڻ
۾ تہ ان کان ٿورو مختلف لڳي ٿو پر گھڻي حد تائين ان جي
تائيد ڪري ٿو. حضرت انس رضہ جن جو بيان آهي تہ" اسان
مکو فتح ڪيو. پوءِ حنين تي چڙهائي ڪئيسين. مشرڪ
اهڙو سهڻي نموني قطارون ٻڌي بيٺا هئا، جهڙيون مون اڳي
ڪڏهن نہ ڏٺيون هيون. سوارن جي قطار، وري پيادن جي
قطار، وري انهن جي پٺيان مايون، وري رڍون ٻڪريون، پوءِ
ٻيا وهٿ. اسين گھڻائيءَ ۾ هئاسين. اسان جا سوار ميمنہ ۾

خالد بن وليد رضہ جن جي اڳواڻيءَ ۾ هئا، پر انهن (دشمنن جي تير هڻڻ ڪري) اسانجي پٺيان اچي پناهہ ورتي ۽ ٿوري دير ۾ اسانجا سوار پٺي ڪڙا ٿيا. اعرابي بہ پٺي ويا ۽ اهي ماڻهو بہ، جن کي تون ڇاڻي سڃاڻين ٿو."(1)

حوالو(1) فتح الباري 29/8

بهرحال جڏهن ڦڙڦوٽ پئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ساڄي پاسي بيهي هڪل ڪئي "هيڏانهن اچو آئون عبدالله جو پٽ محمد ﷺ آهيان." ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ ڪجهہ مهاجرن ۽ ڪٽنب وارن کانسواءِ ڪير بہ نہ هو.(2)

حوالو(2) ابن اسحاق مطابق اهي نوَ يا ڏهہ ڄڻا هئا. نودي جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ ٻارنهن ڄڻا ثابت قدم بيٺا رهيا. امام احمد ۽ حاڪم، ابن مسعود رضہ کان روايت آندي آهي تہ آئون حنين واري ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ هوس. ماڻهو پٺ ڏئي پٺي ويا هئا، پر پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ اسي مهاجي ۽ انصار بيٺا رهيا. اسين پياده هئاسين ۽ اسان پٺ نہ ورائي. ترمذيءَ

سند حسن سان ابن عمر رضہ جي حديث ڏني آهي تہ "مون پنهنجن همراهن کي حنين واري ڏينهن ڏٺو تہ انهن پٺ ڪٽي ڦيري آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ هڪ سؤ ڄڻا بہ نہ آهن. (فتح الباري 8/29، 30)

انهن نازڪ لمحن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي بي مثال دليري ۽ اڏولپڻو ڏسڻ ۾ آيو. يعني اهڙي شديد ڀڄ ڀڄان هوندي بہ پاڻ سڳورن ﷺ جو منهن مبارڪ ڪافرن ڏانهن هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ اڳتي وڌڻ لاء خچر کي اڙي هڻي رهيا هئا ۽ فرمائي رهيا هئا تہ:

أنا النبيّ لا كذِب

أنا ابنُ عبدِالمطلب

(يعني آئون نبي آهيان اهو ڪوڙ ڪونهي. آئون عبدالمطلب جو پٽ آهيان.)

پر ان مهل ابو سفيان بن حارث رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خچر جي واڳ جهلي بيٺا هئا ۽ حضرت عباس رضہ رڪاب ڪٽي جهلي هئي تہ متان تيزيءَ سان اڳتي نڪري نہ وڃي. ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي چاچي

عباس رضہ کي، جن جو آواز ڳرو هو، حڪم ڪيو تہ اهي اصحابي سڳورن رضہ کي هڪل ڪن. حضرت عباس رضہ ٻڌائين ٿا تہ مون وڏي واڪي هڪل ڪئي تہ "وڻ وارؤ...!(بيعت رضوان وارؤ) ڪٿي آهيو؟ والله اهي منهنجو آواز ٻڌي ائين مڙيا، ڄڻ ڳئون پنهنجن ٻچن ڏانهن مڙي ٿي ۽ وراڻيائون تہ "هائو، هائو، اچون پيا، اچون پيا."(1) حالت اهي ٿي جو ڪنهن شخص پنهنجي اٺ کي موڙڻ جي ڪوشس ٿي ڪئي ۽ اهو نٿي مڙيو تہ پنهنجي زرهہ ان جي ڳچيءَ تي اڇلائي هٽي، پنهنجي تراڙ ۽ ڍال سنڀالي، اٺ تان ٽپي ٿي پيو ۽ اٺ کي ڇڏي سڌ ڏانهن ٿي ڀڳو. اهڙيءَ طرح جڏهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ سؤ کن ماڻهو اچي گڏ ٿيا تہ انهن، دشمنن جي آجيان ڪندي ٻيهر لڙائي شروع ڪري ڏني.

حوالو(1) صحيح مسلم 100/2

ان ڪانپوءِ انصارن کي هڪلون ڪيون ويو." او انصاريو! او....انصاريو! " پوءِ اهي هڪلون بنوحارث بن خزرج تائين محدود ٿي ويون. ٻئي پاسي مسلمان جتا جهڙيءَ

رفتار سان ميدان ڇڏي ويا هئا، اهڙيءَ رفتار سان ئي هڪبئي جي پنيان موٽڻ لڳا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ڇتي جنگ ڇڙي پئي. پاڻ سڳورن ﷺ، جنگ جي ميدان ڏانهن نهاري ڏٺو تہ ڇتي ويڙهہ پئي هلي. فرمايائون تہ"هاڻي باهہ ڀڙڪي چڪي آهي." پوء پاڻ سڳورن ﷺ پٽ تان هڪ مٺ جيتري مٽي کڻي دشمنن ڏانهن اڇلائيندي فرمايو تہ "شاهتِ الوُجوهُ" (چهرا بگڙي وڃن.) اها مٺ جيتري مٽي اهڙيءَ طرح پکڙي جو دشمنن جو اهڙو ڪوبہ ماڻهو نہ بچيو، جنهن جي اک ۾ مٽي نہ وئي هجي. ان ڪانپوء سندن سگهہ ٽٽي پئي ۽ سندن ڪم لهي ويو.

دشمنن جي هار:- مٽي اڇلڻ جي ڪجهہ گهڙين ڪانپوء دشمنن کي پڌري شڪست نصيب ٿي. ثقيف جا اٽڪل ستر ماڻهو مارجي ويا ۽ سندن سمورو مال، هٿيار، ٻار ۽ ٻچا مسلمانن جي هٿ لڳا. ان بابت ئي الله تعاليٰ پنهنجي هن قول ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ:

وَ يومَ حنين اِذ اَعجبتكم كثرَ تكم فلم تغنِ عنكم شيئا وّ ضاقت عليكم الارضُ بما رَحبت ثمّ وَليتم مدبرينَ

ثمَ اَنزَلَ اللّٰهُ سكينتہ عليٰ رَسولہ وَ عليَ المؤمنين وَ اَنزلَ جنودا لم تروَها وَ عذّبَ الذينَ كفرُوا وَ ذلكَ جزَآءُ الكافرينَ (26/25:9)

ترجمو:- ۽ (پڻ جنگ) حنين جي ڏينهن جو جڏهن اوهانجي گهڻائيءَ اوهانکي عجب ۾ وڌو ۽ اوهان کان اوهانجي گهڻائي ڪجهہ بہ نہ ٽاري سگهي ۽ زمين پنهنجي ويڪرائي هوندي (بہ) اوهان تي سوڙهي ٿي ويئي، پوءِ اوهين پٺيرا ٿي ڦريؤ. موٽي الله پنهنجي پار کان آرام پنهنجي پيغمبر تي ۽ مؤمنن تي لاٿو ۽ (ملائڪن جو) لشڪر لاٿائين جن کي نہ ٿي ڏٺو ۽ ڪافرن کي سزا ڏنائين ۽ اها ڪافرن جي سزا آهي.

دشمنن جو تعاقب ۾:- هارائڻ کانپوءِ دشمنن جي هڪ ٽولي طائف ڏانهن ڀاڄ ڪاڏي، هڪ نخلہ ڏانهن ڀڳو ۽ هڪ اوطاس جي واٽ ورتي. ٻنهي ڌرين ۾ ٿورڙي جهڙپ بہ ٿي. ان کانپوءِ مشرڪ ڀڄي ڪڙا ٿيا. باقي هن ئي جهڙپ ۾ دستي جو اڳواڻ حضرت ابو عامر اشعري رضہ شهيد ٿي ويو.

مسلمان شهسوارن جي هڪ ٻي جماعت، نخلہ ڏانهن پڇندڙ مشرڪن جي ڪڍ لڳي ۽ دُرَيد بن صمہ کي وجي پڪڙيائون. جنهن کي ربيعہ رضہ بن رفيع ماري ڇڏيو.

هارايل مشرڪن جي ٽئي ۽ سڀ کان وڏي ٽولي جي پٺيان پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم غنيمت جو مال ميڙي هٿيڪو ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ هليا هئا، جنهن طائف جي واٽ ورتي هئي.

غنيمت:- غنيمت جو مال هي هو: ڇهہ هزار قيدي، چوويهہ هزار اُٺ، چاليهہ هزارن کان مٿي ٻڪريون، چار هزار اَوقيہ چاندي (يعني هڪ لک سٺ هزار درهم، جنهن جو مقدار ڇهن ڪوئنٽلن کان ڪجهہ ڪلو گهٽ ٿئي ٿو.) پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم اهو سڀ ڪجهہ گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ اهو جعرّانہ ۾ حضرت مسعود بن عمرو غفاري رضہ جي نگرانيءَ ۾ رکايائون ۽ جيستائين طائف جي غزوي مان آجا نہ ٿيا، اهو ورهايائون ڪونہ.

قيدين ۾ شيماءَ بنت حارث سعديہ بہ هئي، جيڪا پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي ٿڃ شريڪ ڀيڻ هئي. ڪين پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ آندو ويو ۽ سندن تعارف ڪرايو ويو تہ پاڻ

سڳورن ﷺ هڪ اهڃاڻ وسيلي ڪين سڃاڻي ورتو. پوء ڪين ڏاڍي عزت ڏنائون ۽ پنهنجي چادر وڇائي ويهاريائون ۽ احسان ڪندي ڪين سندن قوم ڏانهن موڪلي ڇڏيائون.

طائف وارو غزوو

اهو غزوو حقيقت ۾ حنين واري جنگ جو ئي حصو هو. جيئن تہ هوازن ۽ ثقيف جا گهڻا ڀاڳيلا پنهنجي اڳواڻ مالڪ بن عوف نصريءَ سان گڏ طائف ڏانهن ئي ڀڄي اچي قلعي ۾ لڪا هئا. تنهنڪري پاڻ سڳورا ﷺ، حنين مان واندا ٿي ۽ جعرانہ ۾ غنيمت جو مال سنڀالي رکي، ان ئي مهيني شوال سنہ 8 هہ ۾ طائف ڏانهن هليا.

هن مقصد لاء پاڻ سڳورن ﷺ پهرين خالد بن وليد رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ هزار فوجين جو دستو روانو ڪيو. پوء پاڻ بہ طائف ڏانهن اُسريا. واٽ تي نخلہ يمانيہ، پوء قرن منازل ۽ پوء ليہ وٽان لنگهيا. ليہ ۾ مالڪ بن عوف جو هڪ قلعو هو. پاڻ سڳون ﷺ اهو ڊهرائي ڇڏيو. پوء

اڳتي وڌندي طائف پهتا ۽ طائف ويجهو لهي گهيرو ڪري
چڌيائون.

گهيراءُ ڪجهہ ڊگهو ٿي ويو. جيئن صحيح مسلمِ
حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ اهو چاليهہ ڏينهن هليو.
ڪن سيرت نگارن ان جو مدو ويهہ ڏينهن ٻڌايو آهي، ڪن
ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ. ڪن ارڙهن ڏينهن تہ ڪن وري
پنڌرنهن ڏينهن. (1)

حوالو (1) فتح الباري 45/8

گهيراءُ هلندي ٻنهي پاسان تير ۽ پٿر اڇلبا رهيا.
بلڪ شروعِ تہ مسلمانن تي ايڏا تير وسايا ويا، ڄڻ فضا
مڪڙ اڏامي رهيا هجن. ان سان گهڻائي مسلمان گهائجي
پيا ۽ ٻارنهن ڄڻا شهيد ٿي ويا ۽ انهن (مسلمانن) کي
پنهنجي ڪيمپ ڪٽي موجوده طائف واري مسجد وٽ اچڻو
پيو.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاء
طائف وارن لاء منجنيقون لڳرايون ۽ ڪافي گولا اڇليا،
جنهن سان قلعي جي ڀت ۾ سوراخ ٿي پيو ۽ مسلمانن جو

هڪ ٽولو دٻابي ۾ ويهي ٻاهه لڳائڻ لاءِ پٽ تائين پهچي ويو، پر دشمن، انهن تي لوهه جا تتل ٽڪرا اڇلايا، جنهن سان مجبور ٿي مسلمان دٻابي منجهان نڪري آيا، پر ٻاهر ايندي ئي دشمنن، مٿن تيرن جي وسڪار لاهي ڏني، جن سان ڪي مسلمان شهيد ٿي پيا.

پاڻ سڳورن ﷺ دشمن کي آڻ مڃائڻ لاءِ هڪ ٻي جنگي رٿا جوڙي حڪم ڏنو ته انگورن جا وڻ ڪٽي ساڙيا وڃن. مسلمانن اهو ڪم زور شور سان ڪيو. تنهن تي ثقيف وارن الله ۽ مٽي مائٽيءَ جا واسطا وجهي گذارش ڪئي ته وڻ ڪٽڻ بند ڪيا وڃن. پاڻ سڳورن ﷺ الله جي واسطي ۽ مٽي مائٽيءَ جي ڪري پنهنجو هٿ جهلي ورتو. گهيراءُ هلندي پاڻ سڳورن ﷺ پڙهو گهمارايو ته جيڪو ٻه غلام قلعي مان لهي اسان وٽ ايندو، اهو آزاد آهي. ان پڙهي ڪانپوءِ ٿيهه ڄڻا قلعي مان نڪري اچي مسلمانن سان مليا. (1) انهن ۾ ئي حضرت ابوبڪره رضه جن به هئا. اهي قلعي جي پٽ تي چڙهي هڪ چرخيءَ يا گراڙيءَ وسيلي (جنهن سان کوهه مان پاڻي پربو هو.) لٽڪي هيٺ آيا هئا.

(جيئن تہ گراڙيءَ کي عربيءَ ۾ بکره چون ٿا.) ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ سندن ڪنيت ابوبڪره رکي ڇڏي. انهن سيني غلامن کي پاڻ سڳورن ﷺ آزاد ڪري ڇڏيو ۽ هرهڪ کي هڪ هڪ مسلمان جي حوالي ڪيو تہ ان کي سامان ڏنو وڃي. اهو حادثو قلعي وارن لاء ڪاپاري ڌڪ هو.

حوالو (1) صحيح بخاري 260/2

جڏهن گهيراءُ ڊگهو ٿي ويو ۽ قلعو هٿ ايندي ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو ۽ مسلمانن تي تيرن جي وسڪار ۽ تتل لوه اڇلايو ويو ۽ ٻئي پاسي قلعي وارن سڄي سال جو کاڌو پيتو گڏ ڪري ورتو هو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ نوفل بن معاويہ ديلي سان صلاح ڪئي. انهن چيو تہ لومڙي پنهنجي گهر ۾ گهڙي وئي آهي. جيڪڏهن توهان ڄمي بيٺا تہ (نيٺ) جهلي وٺندا ۽ جي ڇڏي هليا ويندا تہ اهي توهان کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا. اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ گهيرو ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ حضرت عمر رضہ جي ذريعي پڙهو ڏياريو تہ اسين انشاءَ الله سڀاڻي موٽي

ويندا سين، پر اهو اعلان اصحابي سڳورن رصلى الله عليه وسلم کي نہ وڻيو. اهي چوڻ لڳا تہ "هون! طائف فتح ڪري موٽبو!" پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "چڱو پوء سياڻي لڙائيءَ لاء هلنداسين." تنهن ڪانپوء ٻئي ڏينهن ماڻهو لڙائيءَ لاء ويا پر ڏک ڪائڻ ڪانسواء ڪجھ بہ هٿ حاصل نہ ٿين تہ ان ڪانپوء پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وري فرمايو تہ "انشاءَ الله! اسين سياڻي موٽنداسون. تنهن تي ماڻهن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ انهن ڪجھ ڪچڻ ڪانسواء سامان ٻڌڻ شروع ڪيو. اها حالت ڏسي پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم مرڪندا رهيا. ان ڪانپوء جڏهن ماڻهو ٽپڙ ٻڌي هلڻ لڳا تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هيئن فرمايو تہ: آئبونَ، تائبونَ، عابدُونَ لرَبنا حامدُونَ يعني اسين موٽڻ وارا، توبہ ڪرڻ وارا، عبادتگذار آهيون ۽ پنهنجي پالڻهار جي ساراه ڪندا آهيون.

چيو ويو تہ "يا رسول الله صلى الله عليه وسلم! توهان ثقيف ڪي پٽيو. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ"اي الله! ثقيف کي هدايت ڏي ۽ انهن کي اسان ڏانهن آڻ."

جعرّانہ ۾ غنيمت جي مال جي ورڇ:- پاڻ سڳورا ﷺ گهيراءُ ختم ڪري موٽيا تہ جعرانہ ۾ غنيمت جي مال جي ورڇ ڪرڻ ڪانسواءِ گهڻائي ڏينهن ترسي پيا. ان دير ڪرڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ متان هوازن جو وفد تائب ٿي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي ۽ انهن جيڪي ڪجهہ هٿان وڃايو آهي، اهو سڀ وٺي وڃي. پر دير ڪرڻ ڪانپوءِ بہ جڏهن ڪير نہ پهتو تہ پاڻ سڳورن ﷺ مال ورهائڻ شروع ڪيو تہ جيئن قبيلن جا سردار ۽ مڪي جا چڱا مڙس، جيڪي لوڙين وانگر پيا تڪين، تن جون زبانون بند ٿي وڃڻ. مؤلفت القلوب(1) جو

حوالو (1) اهي ماڻهو جيڪي نوان مسلمان ٿيا هجن ۽ سندن دليون ڳنڍڻ لاءِ کين مالي مدد ڏني وڃي تہ جيئن اهي اسلام ڪي مضبوطيءَ سان جهلين.

ڀاڱ سڀ کان پهرين وريو ۽ کين وڏيون وڏيون پتيون ڏنيون ويون.

ابوسفيان بن حرب کي چاليهہ اَوقيہ (ڇهہ ڪلو کان ڪجهہ گهٽ چاندي) ۽ هڪ سؤ اٺ ڏنا ويا. هن چيو تہ

"منهنجو پٽ يزيد؟" پاڻ سڳورن ﷺ ايترو ئي يزيد لاءِ بہ ڏنو. هن چيو تہ " ۽ منهنجو پٽ معاويہ؟" پاڻ سڳورن ﷺ ايترو ئي حصو معاويہ کي بہ ڏنو.(يعني اڪيلي ابوسفيان کي پٽن سميت اٽڪل ارڙهن ڪلو چاندي ۽ ٽي سؤ اٺ ملي ويا.)

حڪيم بن حزام کي هڪ سؤ اٺ ڏنا ويا تہ هن وڌيڪ سؤ اٺن جي گهر ڪئي. تنهن تي ڪيس پيا بہ سؤ اٺ ڏنا ويا. اهڙيءَ طرح صفوان بن اُميہ کي سؤ اٺ، وري سؤ اٺ ۽ وري سؤ اٺ (ڪل ٽي سؤ اٺ) ڏنا ويا.

حارث بن ڪلده کي بہ سؤ اٺ ڏنا ويا ۽ ڪن ٻين قريش ۽ غير قريش سردارن کي بہ سؤ سؤ اٺ ڏنا ويا. ڪن ٻين کي پنجاه پنجاه ۽ چاليھ چاليھ اٺ ڏنا ويا. ايستائين جو اها ڳالھ ڦهلجي وئي تہ محمد ﷺ اهڙيءَ طرح عطيو ڏين ٿا جڻ ڪين ڪنڻ جو ڊپ ئي ڪونهي. تنهن ڪانپوءِ اعرابي مال وٺڻ لاءِ ڪاهي پيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي هڪ وڻ هيٺان اچي سوڙهو ڪيائون. اتفاق سان پاڻ سڳورن ﷺ جي چادر هڪ وڻ ۾ ڦاسي پئي. پاڻ سڳورن ﷺ

جن فرمايو تہ"منهنجي چادر ورائي ڏيو. ان هستيءَ جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن مون وٽ تمام جي وڻن جيترا وهٽ هجن تہ اهي بہ توهان ۾ ورهائي ڇڏيندس، پوءِ بہ توهان مونکي نڪو بخيل ڏسندؤ نہ ڀاڙيو ۽ نہ ئي ڪوڙو."

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنهنجي اٺ جي پير ۾ بيهي ان جي ٿوهي تان ڪجهہ وار پٽيا ۽ چپٽيءَ ۾ جهلي مٿي ڪندي فرمايائون تہ "والله مون لاءِ هن مال مان ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. ويندي ايترا وار بہ نہ. رڳو خمس آهي ۽ اهو بہ توهان ۾ ئي ورهائبو آهي."

مؤلفہ القلوب کي ڏيڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، حضرت زيد بن ثابت رضہ کي حڪم ڏنو تہ غنيمت جو مال ۽ فوج کي گڏي، ماڻهن ۾ غنيمت جي مال جي ورڇ جو ڪاٿو ڪن. انهن ائين ڪيو تہ هڪ هڪ فوجيءَ جي پتيءَ ۾ چار چار اٺ ۽ چاليهہ چاليهہ ٻڪريون آيون. جيڪي شهسوار هئا، تن کي ٻارنهن اٺ ۽ هڪ سؤ ويهہ ٻڪريون مليون.

اها ورچ ڏاهپ پري سياست تي بڌل هئي، ڇوتہ دنيا
۾ اهڙا گھٽائي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي عقل سان نہ پر
پيٽ وسيلي سڌا ڪيا تا وڃن. يعني جيئن جانورن کي گاهہ
جي مٺ ڏيکاربي تہ اهي ان ڏانهن وڌندا اچي پنهنجي جاءِ
تي پهچندا آهن، اهريءَ طرح مٿي ڄاڻايل ماڻهو پاڻ ڏانهن
ڇڪڻ لاءِ بہ مختلف هٿڪنڊا استعمال ڪيا آهن تہ جيئن
اهي ايمان سان مانوس ٿي ان لاءِ پرجوش ٿي وڃن. (1)

حوالو (1) فقہ السيره، محمد غزالي

انصارن ۾ ڏک ۽ بيچينيءَ جي لهر:- اها سياست پهرين تہ
ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ آئي، انڪري ڪن اعتراض ڪيو.
انصارن تي ان فيصلي جو وڏو اثر پيو هو، ڇوتہ اهي سيئي
حنين جي انهن عطين کان موربگوئي محروم رکيا ويا هئا.
جڏهن تہ مشڪل مهل انهن کي ئي سڏيو ويو هو ۽ اهي ئي
اڏامي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا هئا ۽ پاڻ سڳورن
ﷺ سان ملي اهڙي جنگ ڪيائون جو هارايل بازي فتح
۾ بدلجي وئي، پر هاڻي اهي ڏسي رهيا هئا تہ ڀڄڻ وارن جا
هٿ پريل هئا ۽ اهي پاڻ خالي هٿين هئا. (2)

حوالو(2) فقہ السيره، محمد غزالي

ابن اسحاق، ابوسعيد خدري رضہ کان روايت آندي آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ قريشن ۽ عرب قبيلن کي عطيا ڏنا ۽ انصارن کي ڪجھ نہ مليو تہ انصار دل ئي دل ۾ وٺجڻ سنجڻ لڳا ۽ انهن ۾ چوئبول ٿيڻ لڳو. ايستائين جو ڪنهن چئي ڏنو تہ الله جو قسم! پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي قوم سان وڃي مليا آهن. ان ڪانپوءِ حضرت سعد بن عباده رضہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيا ۽ چيائون تہ "يا رسول الله ﷺ! توهان هن مليل في جي مال جو جيڪي ڪجھ ڪيو آهي، تنهن تي انصار دل ئي دلہ ڪڙهن پيا. توهان اهو پنهن قومہ ورهايو، عرب قبيلن کي وڏا وڏا عطيا ڏنا پر انصارن کي ڪجھ نہ ڏنو." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اي سعد! تنهنجو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟" انهن وراڻيو تہ "يا رسول الله ! آئون بہ پنهنجي قوم جو ئي هڪ فرد آهيان." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڇڱو پوءِ پنهنجي قوم کي خيمي ۾ آڻي ويهار." سعد رضہ جن انصارن کي آڻي خيمي ۾ گڏ ڪيو. ڪجھ مهاجر بہ آيا تہ انهن کي اندر اچڻ

ڏنائون. پوءِ ٻيا ڪي ماڻهو آيا ته انهن کي موٽائي ڇڏيائون. جڏهن سڀ ماڻهو اچي گڏ ٿيا ته حضرت سعد رضه جن پاڻ سڳورن ﷺ کي اچي ٻڌايو ته سمورا انصار اچي مڙيا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ انهن وٽ آيا ۽ الله جي حمد ۽ ثنا کانپوءِ فرمايائون ته:

"انصاريو! توهان ۾ هيءَ ڪهڙي ڪسر پسر ٿي رهي آهي، جيڪا مون تائين پهتي آهي! ۽ اها ڪهڙي ڪاوڙ آهي جيڪا توهان دل ۾ رکيو ويٺا آهيو! ڇا ائين ڪونهي ته آئون توهان وٽ ان وقت آيو هوس جو توهان گمراهه هئا، الله توهان کي هدايت ڏني ۽ محتاج هئا، الله توهان کي غني بڻايو ۽ پاڻ ۾ وڙهيل هئا، الله توهانجون دليون ڳنڍي ڇڏيون؟" ماڻهن چيو ته "بلڪل! الله ۽ ان جي رسول جا اسان تي وڏا وڙ آهن."

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته " انصاريو! مونکي ورندي ڇو نه پيا ڏيو؟" انصارن چيو ته "يا رسول الله! ڀلا اسين ڪهڙي ورندي ڏيون؟ الله ۽ ان جي رسول جا اسان تي وڏا وڙ آهن." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته" ڏسو! خدا

جو سنهن! جيڪڏهن توهان چاهيو ته چئي سگهو ٿا ۽ سچ ئي چوندؤ ۽ توهانجي ڳالهه سچ ئي سمجهي ويندي ته پاڻ ﷺ اسان وٽ ان حالت ۾ پهتا جو سندن انڪار ڪيو ويو هو. اسان سندن تصديق ڪئي، ڪين نڌڻڪو ڇڏيو ويو هو، اسان سندن مدد ڪئي. ڪين تڙيو ويو هو، اسان ڪين نڪاڻو ڏنو، پاڻ ﷺ محتاج هئا، اسان سندن ڏک درد ونڊيا.

اي انصاريو! توهان دنيا جي هن عارضي دولت لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪاوڙ رکي آهي، جنهن جي ذريعي مون ماڻهن جون دليون ڳنڍيون هيون ته جيئن اهي مسلمان ٿي وڃن ۽ توهانکي، توهانجي اسلام جي حوالي ڪري ڇڏيو هئم. اي انصاريو! ڇا توهان ان ڳالهه سان سهمت نه آهيو ته ماڻهو ته اٺ ٻڪريون ڪاهي وڃن ۽ توهان الله جي رسول کي ساڻ ڪري پنهنجن گهرن ڏي موٽو؟ ان هستيءَ جو قسم جنهن جي هٿ ۾ محمد ﷺ جي جان آهي، جيڪڏهن هجرت نه ٿئي ها ته آئون به انصارن منجهان ئي هڪ ڄڻو هجان ها. جيڪڏهن سڀ ماڻهو هڪڙي واٽ وٺن ۽ انصار ٻي واٽ تي

هلن تہ آئون بہ انصارن جي واٽ تي هلندس. اي الله رحم ڪر انصارن تي ۽ سندن پٽن تي ۽ سندن پٽن جي پٽن تي."

پاڻ سڳورن ﷺ جو خطاب ٻڌي ماڻهو ايترو رنا جو سندن ڏاڙهيون ڀڄي ويو ۽ چوڻ لڳا تہ "اسين ان ۾ راضي آهيون تہ اسانجي پتيءَ ۾ پاڪ الله جو رسول هجي." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ موٽي ويا ۽ اهي (انصار) ڇڙوڇڙ ٿي ويا.(1)

حوالو (1) ابن هشام 2/499، 500 - اهڙي هڪ روايت صحيح بخاريءَ ۾ بہ آهي 2/620، 621

هوازن جي وفد جو پهچڻ:- غنيمت ورهائجڻ ڪانپوءِ هوازن جو وفد مسلمان ٿي پهتو. اهي ڪل چوڏنهن ڄڻا هئا. سندن مهندار زُهير بن صرَد هو ۽ انهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو رضاعي چاچو ابو برقان بہ هو. وفد سوال ڪيو تہ مهرباني ڪري قيدي ۽ مال موٽائي ڏيو. هنن اهڙيءَ طرح ڳالهہ ڪئي جنهن سان دليون نرم ٿي وجن. (2) پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ"مون سان گڏ جيڪي ماڻهو آهن، تن کي ڏسو پيا ۽ مونکي سچ وڏيڪ وڻندو آهي. انڪري ٻڌايو تہ توهان کي

پنهنجا ٻار ٻچا پيارا آهن يا مال؟" انهن وراڻيو تہ "اسانجي نظر ۾ خانداني شرف جهڙي ٻي ڪابہ شيء نہ آهي." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ"چڱو پوء جڏهن اڳين نماز پڙهي وٺان تہ توهان اٿي چئجوء تہ اسين پاڻ سڳورن ﷺ کي مؤمنن لاء سفارشي ٿا ڪريون ۽ مؤمنن کي پاڻ سڳورن ﷺ لاء سفارشي ٿا ڪريون تہ جيئن پاڻ سڳورا ﷺ اسانجا قيدي اسانکي موٽائي ڏين." ان ڪانپوء جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ نماز کان فارغ ٿيا تہ انهن همراهن ائين ئي چيو. جواب ۾ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جيستائين حصي جو تعلق آهي تہ جيڪي ڪجھ منهنجو ۽ بني عبدالمطلب جو آهي تہ اهو توهان لاء آهي، باقي ٻين کان آئون ٻين ماڻهن کان اجهو ٿو پڇي وٺان." تنهن تي انصارن ۽ مهاجرن اٿي چيو تہ "جيڪي ڪجھ اسانجو آهي، اهو سڀ بہ الله جي رسول ﷺ لاء آهي. ان ڪانپوء اَقرَع بن حابس چيو تہ"پر جيڪي ڪجھ منهنجو ۽ بنو تميم جو آهي، اهو پاڻ سڳورن ﷺ لاء ڪونهي." عيينہ بن حصن چيو تہ "جيڪي ڪجھ منهنجو ۽ بنو فزاره جو آهي، اهو بہ پاڻ

سڳورن ﷺ لاءِ ڪونهي." عباس بن مرداس بہ چيو تہ" جيڪي ڪجھہ منهنجو ۽ بنو سُليم جو آهي، اهو بہ توهان لاءِ نہ آهي." تنهن تي بنو سليم چيو تہ " نہ سائين نہ! جيڪي ڪجھہ اسانجو آهي، اهو بہ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ آهي." تنهن تي عباس بن مرداس چيو تہ "توهان منهنجي بيعزتي ڪئي آهي."

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ"ڏسو هي همراه مسلمان ٿي آيا آهن (۽ ان ڪري ئي) مون سندن قيدي ورهائڻ ۾ دير ڪئي هئي. هاڻي جڏهن مون انهن کي اختيار ڏنو تڏهن انهن ٻارن ٻچن کان وڌ ٻي ڪا شيءِ نہ سمجهي، تنهنڪري جنهن وٽ ڪو قيدي هجي، اهو پاڻهي موٽائي ڏي تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو ۽ جيڪو پنهنجو حق روڪڻ ئي گهري ٿو تہ اهو بہ سندن قيدي تہ موٽائي ڏي. باقي ٻيهر جيڪو سڀ کان پهرين فيءِ جو مال هٿ ايندو، ان مان اُن ماڻهوءَ کي هڪ جي بدران ڇهون ڏبو." ماڻهن چيو تہ" اسين الله جي رسول ﷺ لاءِ خوشيءَ سان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ائين خبر ڪانہ پوندي تہ ڪير راضي آهي ۽ ڪير

نہ. تنھنڪري توھان وجو ۽ پنھنجن سردارن کي موڪليو تہ اھي توھانجي ڳالھہ مون تائين پھچائين." ان ڪانپوءِ سڀني، سندن ٻارٻچا موٽائي ڏنا. رڳو عُيينہ بن حصن وجي ٻچيو، جنھن جي پتيءَ ۾ ھڪ پوڙھي آئي ھئي. ھن پھرين تہ موٽائڻ ڪان نابري واري پر پوءِ نيٺ موٽائي ڏنائين. پاڻ سڳورن ﷺ ھر ھڪ قيديءَ کي ھڪ ھڪ قبطي چادر ڏئي موٽائي ڇڏيو.

عمرو ۽ مديني ڏانھن موٽ:- پاڻ سڳورن ﷺ غنيمت جو مال ورھائڻ ڪانپوءِ جعرانہ ۾ ئي عمري جو احرام ٻڌو ۽ عمرو ادا ڪيو. ان ڪانپوءِ عتاب رضہ بن اُسيد کي مڪي جي واڳ ڏئي پاڻ مديني روانا ٿيا. مديني ڏانھن موٽ 24 ذوالقعد سنہ 8 ھجريءَ تي ٿي.

محمد غزالي لکي ٿو تہ "انھن سوين وارن ڏينھن ۾، جڏھن اللہ تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ جي سر تي فتح مبين جو تاج رکيو ھو ۽ انھن ڏينھن ۾ ڪيڏو نہ وڏو فرق آھي، جڏھن پاڻ سڳورا ﷺ ھن ئي عظيم شھر ۾ اٺ ورھيہ اڳ پھتا ھئا.

پاڻ سڳورا ﷺ هتي ان حالت ۾ آيا هئا جو کين لوڏي ڪڍيو ويو هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ پناهه جا گهرجاؤ هئا. ڌاريا ۽ ڌنل هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي قرب ۽ پنهنجائپ جي ڳولها هئي. اتي جي رهاڪن، پاڻ سڳورن ﷺ کي اکين تي ويهاريو. پاڻ سڳورن ﷺ کي (رهڻ لاءِ) جڳهه ڏنائون ۽ (هرطرح) مدد ڪيائون ۽ جيڪو نور پاڻ سڳورن ﷺ تي لاٿو ويو هو، تنهنجي پيروي ڪيائون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪري سڄي دنيا جو وير پرايائون. هاڻي اهي ئي پاڻ سڳورا آهن جو جنهن شهر اڳي هڪ ڌنل مهاجر جي حيثيت ۾ کين پليڪار ڇيو هو، اهو شهر اڄ ائن ورهين ڪانپوءِ ان حالت ۾ سندن آجيان ڪري رهيو هو جو مڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ هيٺ آهي ۽ ان پنهنجي وڏائي ۽ جهالت کي پاڻ سڳورن ﷺ جي پيرن ۾ رکي ڇڏيو آهي ۽ پاڻ سڳورا ﷺ سندس پنيون خطائون درگذر ڪري ان کي اسلام جي ذريعي سرفراز ڪري رهيا آهن.(1)

حوالو (1) فقہ السيره ص 303، فتح مڪہ ۽ طائف واري غزوي جي تفصيل لاءِ ڏسو زاد المعاد 160/2 کان 201 -

ابن هشام 389/2 کان 501 - صحيح بخاري 612/2 کان 622 - فتح الباري 3/8 کان 85

اِنہ من يتقِ وَ يصبر فاِنّ اللّٰهَ لا يضيعُ اَجرُ المحسنينَ (90:12)

ترجمو:-" جي کو پرهيزگاري ڪندو ۽ صبر ڪندو تہ الله ڀلارن جو اجر نہ وڃائيندو آهي."

مڪي جي فتح کانپوءِ موڪليل سريا ۽ اهلڪار

هن ڊگهي ۽ ڪامياب سفر تان موٽڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ مديني ۾ ٿورو آرام ڪيو. ان دوران پاڻ سڳورا ﷺ وفدن سان ملندا رهيا ۽ حڪومت جا اهلڪار ۽ ديني پرچارڪ موڪليندا رهيا ۽ جن کي الله جي دين ۾ اچڻ ۽ عربن جي اپرندڙ سگهہ کي مڃڻ کان هٽ ۽ وڏائيءَ روڪي رکيو هو، تن کي آڻ مڃائيندا رهيا. انهن معاملن جو نچوڙ هتي پيش ڪجي ٿو.

زڪات وٺندڙ اهلڪار:- مٿي اچي چڪو آهي تہ مڪي جي فتح کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ سنہ 8 هہ جي پڇاڙيءَ ۾ مديني وريا هئا. سنہ 9 هہ جي محرم جو چنڊ نڪرندي ئي

پاڻ سڳورن ﷺ قبيلن ڏانهن صدقا وٺڻ لاءِ اهلڪار موڪلڻ شروع ڪيا. جن جا نالا هي آهن.

اهلڪار جو نالواهو قبيلو جنهن کان زڪات وٺڻي هئي.

1.عُيينہ بن حصن بنو تميم

2.يزيد بن الحصين اسلم ۽ غفار

3.عباده بن بشير اشهلي سليم ۽ مزينہ

4.رافع بن مڪيث جهينہ

5.عمرو بن العاص رضہ بنو فزاره

6.ضحاڪ بن سفيان بنو ڪلاب

7.بشير بن سفيان بنو ڪعب

8.ابن اللتبيہ ازدي بنو ذيبان

9.مهاجر بن ابي اميہ شهر صنعاء(سندس موجودگيءَ ۾ سندن خلاف اسود عنسيءَ بغاوت ڪئي.)

10.زياد بن لبيد حضر موت جو علائقو

11.عدي بن حاتم رضہ طي ۽ بنو اسد

12.مالڪ بن نويره بنو حنظلہ

13.زبرقان بن بدر بنو سعد (جي هڪ شاخ)

14.قيس بن عاصم بنو سعد (جي ٻي شاخ)
15.علاءُ بن الحضرمي بحرين جو علائقو
16.علي بن ابي طالب رضہ نجران جو علائقو(زڪات ۽ جزيو ٻئي وٺڻ لاء)

ياد رهي تہ اهي سمورا اهلڪار محرم سنہ 9 ھ ۾ ئي ڪونہ موڪليا ويا هئا، پر ڪي دير سان ان مهل موڪليا ويا، جڏهن ڇاڻايل قبيلن اسلام قبوليو هو. باقي اها پڪ آهي تہ انهن اهلڪارن کي موڪلڻ جي شروعات محرم سنہ 9 هجريءَ کان ٿي هئي ۽ ان سان ئي حديبيہ واري ناهہ ڪانپوء اسلام جي ڪامياب پرچار جي ڦهلاءَ جو ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو. باقي رهيومڪي جي فتح ڪانپوء وارو دور تہ ان ۾ تہ ماڻهو الله جي دين ۾ ٽولن جا ٽولا ٿي داخل ٿيا هئا.

سريا:- جهڙيءَ طرح قبيلن کان زڪات وٺڻ لاء اهلڪار موڪليا ويا، تهڙيءَ طرح عربستان جي عام علائقن تي امن امان ٿي وجهڻ ڪانپوء بہ ڪن جاين تي ڪجهہ فوجي مهمون موڪلڻيون پيون. جن جي فهرست هيءَ آهي.

(1) عيينہ بن حصن فرازي وارو سريو(محرم سنہ 9ھ) :-

عيينہ کي پنجاه سوار ڏئي بنو تميم ڏانهن موڪليو ويو. ڪارڻ اهو هو تہ بنو تميم، قبيلن کي ڀڙڪائي جزيو ڏيڻ کان روڪي ڇڏيو هو. هن مهم ۾ ڪوئہ مهاجر يا انصاري نہ هو.

عيينہ بن حصن رات جو هلائندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي لڪي اڳتي وڌندا هئا. نيٺ رڻ پٽ ۾ اچي بنو تميم تي چڙهائي ڪيائون. اهي پٺ وٺي ڀڳا ۽ سندن يارنهن مرد، ايڪيهہ مايون ۽ ٽيهہ ٻار جهلجي پيا، جن کي مڪي آڻي رملہ بنت حارث جي گهر رهايو ويو.

پوء ان سلسلي ۾ بنو تميم جا ڏهہ سردار آيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي در تي اچي هن طرح سڏ ڪيائون: "اي محمد ﷺ! هيڏانهن اچ." پاڻ سڳورا ﷺ ٻاهر نڪتا تہ اُهي پاڻ سڳورن ﷺ سان چنبڙي ڳالهائڻ لڳا. پوء پاڻ سڳورا ﷺ ساڻن گڏ رهيا. ايستائين جو پاڻ سڳورن ﷺ اڳين نماز پڙهائي. ان ڪانپوء مسجد نبويءَ جي اڱڻ ۾ ويهي رهيا. هنن وڏائي ۽ فخر۾مقابلي جي خواهش ظاهر

ڪئي ۽ پنهنجي خطيب عطارد بن حاجب کي اڳيان ڪيائون، جنهن تقرير ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ، اسلام جي خطيب حضرت ثابت رضہ بن قيس بن شماس کي حڪم ڏنو، انهن جوابي تقرير ڪئي. ان ڪانپوءِ هنن پنهنجي شاعر زبرقان بن بدر کي سامهون آندو، جنهن ڪجهہ وڏائي بيان ڪندڙ شعر پڙهيا. جواب ۾ اسلام جي شاعر حضرت حسان بن ثابت رضہ کي اڳيان آندو ويو.

جڏهن ٻئي خطيب ۽ شاعر واندا ٿيا تہ اقرع بن حابس چيو تہ انهن جو خطيب، اسانجي خطيب کان وڌيڪ اثرائتو ۽ سندن شاعر، اسانجي شاعر کان پلو ڀڳالهائيندڙ آهي. سندن آواز، اسانجن آوازن کان مٿي آهن ۽ سندن ڳالهيون، اسانجن ڳالهين کان گهڻيون مٿي آهن. ان ڪانپوءِ انهن اسلام قبوليو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کين پليون سوکڙيون ڏنيون ۽ سندن ٻارڇا موٽائي ڏنا. (1)

حوالو (1) اهلِ مغازي ائين ئي لکن ٿا تہ هي واقعو محرم سنہ 9 ھ ۾ ٿيو پر اها ڳالهہ ٿوري منڌل آهي. ڇوتہ واقعي جي اندرئين شاهديءَ مان پتو پوي ٿو تہ اقرع بن حابس ان

ڪان پهرين مسلمان نہ ٿيو هو.جڏهن تہ خود سيرت نگار ئي لڪن ٿا تہ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ، بنو هوازن جي قيدين کي موٽائڻ جو چيو تہ ان ئي اقرع بن حابس چيو تہ آئون ۽ بنو تميم ڪونہ موٽائيندا سين. انڪري ڳالهہ چٽي پئي آهي تہ اقرع بن حابس ان محرم سنہ 9 هہ واري واقعي ڪان اڳ مسلمان ٿي چڪو هو.

(2) قطبہ بن عامر وارو سريو (صفر سنہ 9 هہ) :- هيءُ سريو تربہ جي ويجهو تبالہ جي علائقيءَ خثعم قبيلي جي هڪ شاخ ڏانهن موڪليو ويو هو. قطبہ رضہ ويهہ ڄڻا وٺي نڪتا. ساڻن ڏهہ اٺ هئا، هن تي اهي واري سان چڙهيا ٿي. مسلمانن راتاهو هنيو، جنهن تي ويڙهاند ٿي پيو ۽ ڌرين جا ڪافي ماڻهو گهائجي پيا. قطبہ رضہ، ڪن ٻين ماڻهن سان گڏ مارجي ويا. تنهن هوندي بہ مسلمان رڍون ٻڪريون ۽ ٻار ٻچا ڪاهي اچي مديني پهتا.

(3) ضحاڪ بن سفيان ڪلابي وارو سريو (ربيع الاول سنہ 9 هہ) :- هي سريو بنو ڪلاب کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو هو، پر جڏهن انهن انڪار ڪندي جنگ

ڇيڙي وڌي تہ مسلمانن کين مات ڏني ۽ هڪ ڄڻو مارجي بہ وَين.

(4) علقمہ بن مجزز مدلجي وارو سريو (ربيع الاخر سنہ 9 هہ) :-

کين ٽي سوُ ڄڻن جو لشڪر ڏئي جدي جي ساموندي ڪناري ڏانهن موڪليو ويو. ڪارڻ اهو هو تہ ڪي حبشي جدي جي ساموندي پٽيءَ ويجهو گڏ اچي ٿيا ۽ انهن مڪي وارن جي خلاف ڌاڙا هڻڻ پئي چاهيو. علقمہ رضہ جن سمنڊ ۾ لهي هڪ ٻيٽ تائين ويا. حبشين کي مسلمانن جي اچڻ جو پتو پيو تہ اهي ڀڄي ڪڙا ٿيا.(1)

حوالو (1) فتح الباري 59/8

(5) علي بن ابي طالب رضہ وارو سريو (ربيع الاول سنہ 9 هہ) :-

کين طي قبيلي جي قلس (ڪليسا) نالي هڪ بت کي ڊاهڻ لاءِ موڪليو ويو. سندن هٿ هيٺ هڪ سوُ اٺن ۽ پنجاه گهوڙن سميت ڏيڍ سوُ ڄڻا هئا. جهنڊيون ڪاريون ۽ جهنڊو اڇو هو. مسلمانن فجر مهل حاتم طائيءَ جي پاڙي تي ڇاپو هڻي قلس کي ڊاهي وڌو ۽ قيدي، وهٿ ۽ رڍون

ٻڪريون جهلي ورتائون. انهن ۾ حاتم طائيءَ جي ڌيءَ بہ هئي. باقي حاتم جو پٽ عدي، شام ملڪ ڏانهن ڀڄي ويو.

مسلمانن، قلس جي خزاني ۾ ٽي تراڙون ۽ ٽي زرهون هٿ ڪيون ۽ واٽ تي غنيمت جو مال ورهايائون. باقي چوندا مال پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ ڌار ڪيو ويو ۽ حاتم جي گهراڻي جي ورچ بہ ڪانہ ڪئي وئي.

مديني پهتا تہ حاتم جي ڌيءَ پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻاجهہ لاءِ ٻاڏائيندي چيو تہ "يا رسول الله! هتي جيڪو اچي سگهيو ٿي، اهو گم آهي. بابا مري ويو آهي ۽ آئون پوڙهي آهيان. خدمت ڪرڻ جي سگهہ نٿي رکان. توهان مون تي ٿورو ڪريو، الله توهان کي ان جو اجر ڏيندو." پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "تنهنجي لاءِ ڪير ٿي اچي سگهيو." چيائين تہ "عدي بن حاتم." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اهو نہ جيڪو الله ۽ رسول کان ڀڄي ويو آهي." پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اڳتي وڌي ويا. ٻئي ڏينهن ٻيهر هن ساڳي ڳالهہ ڪئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ وري بہ ساڳي ورندي ڏني. ٽئين ڏينهن وري بہ هن ساڳي ڳالهہ ورجائي تہ پاڻ سڳورن ﷺ

احسان ڪندي ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. ان ملھہ پاڻ سڳورن ﷺ جي پرم ھڪ اصحابي سڳورو (شايد حضرت علي رضہ) بہ ھو. انھن چيس تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪان پنھنجي لاءِ سواري بہ گھر. ھن سواري بہ گھري ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سواري ڏيڻ جو بہ حڪم ڪيو.

حاتم جي ڏيءَ موٽي پنھنجي ڀاءُ عدي وٽ شام ملڪ ڏانھن وئي. ان سان ملاقات ٿيس تہ ڪين پاڻ سڳورن ﷺ بابت ٻڌايائون تہ پاڻ سڳورن ﷺ اھڙو ڪم ڪيو آھي جيڪو تنھنجو پيءُ بہ نہ ڪري سگھي ھا. انھن وٽ شوق سان وڃ (پر وڃ ضرور) تنھن تي عدي رضہ جن ڪابہ خاطري وٺڻ ڪانسواءَ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پھتا. پاڻ سڳورن ﷺ کين پنھنجي گھر وٺي ويا ۽ جڏھن اھي سامھون ويٺا تہ پاڻ سڳورن ﷺ اللہ جي وڏائي ۽ واکاڻ بيان ڪرڻ ڪانپوءِ پڇيو تہ "تون ڇا ڪان ڀيو ڀڄين؟ ڇا لا الہ لالا اللہ چوڻ ڪان ڀيو ڀڄين؟ جي ائين آھي تہ ٻڌاءِ تہ ڇا توکي اللہ ڪانسواءِ ڪنھن ٻئي معبود جو پتو آھي؟" انھن وراڻيو تہ "نہ." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٿوري دير ڳالھہ ٻول

ڪري وري چيو تہ "ڀلا تون ان کان ڊڄين ٿو ته ”الله اڪبر“ چيو وڃي تہ ڇا الله کان وڏي ڪنهن شيءِ بابت ڄاڻين ٿو؟" انهن وراڻيو تہ "نہ." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ٻڌ! يهودين تي الله جي ڪاوڙ آهي ۽ نصراني راهہ تان ٿڙيل آهن." انهن وراڻيو تہ"آئون تہ يڪ سخنو مسلمان آهيان. اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جو چهرو خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم سان ڪين هڪ انصاريءَ وٽ رهايو ويو ۽ اهي صبح شام پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا رهيا. (1)

حوالو (1) زاد المعاد 205/2

ابن اسحاق، حضرت عدي رضه کان اها بہ روايت آندي آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ، ڪين پنهنجي سامهون پنهنجي گهر ۾ وهاريو تہ فرمايو تہ "او....! عدي بن حاتم! ڇا تون مذهبي طرح رڪوسي ڪونہ هئين.؟" عدي رضہ چون ٿي تہ "مون چيو تہ هائو بلڪل!” پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "ڇا تون پنهنجي قوم ۾ مال غنيمت جي چوٿين پتي ڪونہ وٺندو هئين؟" مون چيو تہ "هائو بلڪل!"

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جڏهن تہ اهو تنهنجي دين ۾ حلال نہ هو." مون چيو تہ "ها خدا جو قسم! ۽ ان مان ئي مونکي پتو پيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ، الله جا سچا رسول آهن. ڇوتہ پاڻ سڳورا ﷺ اها ڳالهہ ڄاڻندا آهن، جيڪا ٻيا نٿا ڄاڻن."(1)

حوالو (1) ابن هشام 581/2

مسند احمد جي روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اي عدي! اسلام قبوليندين تہ سلامت رهندين." مون چيو تہ "آئون اڳيئي هڪ دين جو مڃيندڙ آهيان." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "آئون تنهنجي دين کان توکان وڌيڪ ٿو ڄاڻان." مون چيو تہ "توهان منهنجو دين مونکان وڌيڪ (ڪيئن ٿا ڄاڻو؟)" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو! ڇا ائين ڪونهي تہ تون مذهبي طور تي رڪوسي(2)

حوالو (2) رڪوسي مذهب، عيسائي ۽ صابي مذهبن جي وچ ۾ هڪ ٽيون مذهب آهي.

آهين ۽ پوء بہ پنهنجي قوم جي غنيمت جي مال جي چوٿين پتي کائين ٿو؟" مون چيو تہ " هائو بلڪل!" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اهو تنهنجي دين مطابق حلال ڪونهي." پاڻ سڳورن ﷺ جي ان ڳالهہ تي مونکي ڪنڌ جهڪائڻو پئجي ويو"(1)

حوالو (1) مسند احمد 207/4. 378

صحيح بخاريءِ ۾ حضرت عدي رضہ کان آيل آهي تہ آئون پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ويٺو هوس تہ هڪ ڄڻي اچي لنگهڻ ڪاٽڻ جي دانهن ڏني، پوء ٻئي ڄڻي اچي ڦر ڦيڻ جي دانهن ڏني. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "عدي! تو حيرَه ڏٺو آهي؟ جيڪڏهن تنهنجي ڄمار ڊگهي ٿي تہ تون ڏسي وٺندين تہ اٺ جي ڪجاوي ۾ ويٺل مائي حيرَه کان هلي ايندي، ڪعبت الله جو طواف ڪندي ۽ ڪيس الله کانسواء ڪنهن جو بہ ڊپ نہ هوندو. جيڪڏهن تنهنجي ڄمار ڊگهي ٿي تہ تون ڪسريٰ جا خزانا فتح ڪندين ۽ جيڪڏهن تنهنجي ڄمار ڊگهي ٿي تہ تون ڏسندين تہ ماڻهو ٻڪ ڀري سون يا چاندي ڪيندو ۽ اهڙو ماڻهو ڳولهيندو، جيڪو اهو کانئس

وني، پر اهو ونڻ وارو هٿ نہ ايندس." ان روايت جي پڇاڙيءَ ۾ حضرت عدي رضہ جو بيان آهي تہ مون ڏٺو تہ اٺ جي ڪجاوي ۾ ويٺل مائي حيرَه مان هلي اچي ڪعبت الله جو طواف ڪري ٿي ۽ ڪيس الله ڪانسواء ڪنهن ڪان بہ ڊپ نٿو ٿئي ۽ آئون پاڻ انهن ماڻهن ۾ هوس جن ڪسريٰ بن هرمز جا خزانا هٿ ڪيا ۽ جيڪڏهن توهانجي ڄمار وڏي ٿي تہ توهان اها شيء بہ ڏسي وٺندؤ جيڪا نبي ابوالقاسم صلى الله عليه وسلم فرمائي هئي تہ ماڻهو منيون ڀري سون يا چاندي ڪيندو...الخ"(2)

حوالو (2) صحيح بخاري

غزوه تبوڪ

مڪي جي فتح، سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فيصلا ڪن جهڙپ هئي. هن جهڙپ ڪانپوء عربستان جي رهاڪن جي دلين ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي رسالت تي ڪوبہ شڪ نہ رهيو. انڪري ئي حالتن اوچتو پلٽو ڪاڌو ۽ ماڻهو، الله جي دين ۾ وڏن وڏن جٿن جي صورت ۾ داخل ٿيڻ لڳا. ان جو

ڪجهہ اندازو ان تفصيل مان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪا اسين وفدن جي بابِ ۾ ڏينداسين ۽ ڪجهہ اندازو ان ميڙ مان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪو حجت الوداع جي موقعي تي اچي گڏ ٿيو هو. بهرحال هاڻي اندرين مشڪلاتن جي جهڙو ڪر پڇاڙي ٿي چڪي هئي ۽ مسلمان، الله جي شريعت جي تعليم عام ڪرڻ ۽ اسلام جي پرچار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪرًا ٿي چڪا هئا.

غزوي جا ڪارڻ:- پر هاڻي هڪ اهڙي طاقت مديني ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳي هئي، جيڪا بنا ڪنهن ڪارڻ جي مسلمانن سان ڇيڙڇاڙ ڪري رهي هئي. اها طاقت رومين جي هئي، جيڪي هن ڌرتيءَ تي سڀ کان وڏي فوجي سگهہ سمجهيا ٿي ويا. پنين صفحن ۾ اهو ٻڌائي آيا آهيون تہ هن ڇيڙڇاڙ جي ابتدا شرحبيل بن عمرو غسانيءَ جي هٿان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي سفير حضرت حارث بن عمير ازدي رضہ جي مارجڻ سان ٿڏهن ٿي، جڏهن اهي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو خط بصري جي حاڪم کي ڏيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. اهو بہ ٻڌائي آيا آهيون تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، ان کانپوءِ حضرت

زيد بن حارثہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ لشڪر موڪليو هو، جنهن رومين جي علائقي موتہ ۾ خطرناڪ ٽڪر کاڌو پر اهو لشڪر انهن هنيلن ظالمن کان پلاند وٺڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. باقي ان، اوري پري جي عرب رهاڪن تي ڏاڍا سنا اثر ڇڏيا.

روم جو قيصر انهن اثرن کي ۽ انهن جي نتيجي ۾ عرب قبيلن ۾ روم کان آزادي ۽ مسلمانن سان همنوائيءَ لاءِ پيدا ٿيڻ وارن جذبن کي نظر انداز نٿي ڪري سگهيو. سندس لاءِ اهو سچ پچ نہ هڪ "خطرو" هو، جيڪو هوريان هوريان سندن سرحد ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ عربن سان ملندڙ سرحد، شام لاءِ للڪار بڻجندي پئي وئي. انڪري قيصر سوچيو تہ مسلمانن جي سگهہ کي هڪ وڏي ۽ ناقابل شڪست خطري جي شڪل وٺڻ کان اڳ ئي ٽوڙي ڇڏڻ ضروري آهي تہ جيئن روم سان جڙيل عرب علائقن ۾ فتنا ۽ هنگاما اُسري نہ سگهن.

ان حڪمت عمليءَ تحت مُوتہ واري جنگ کي هڪ سال گذرڻ کان اڳ قيصر، روم جي رهاڪن ۽ پنهنجن

ماتحت عربن يعني آل غسان وغيره تي ٻڌل فوج گڏ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ هڪ ڇتي ۽ فيصلاڪن جهڙپ جا سانباها ڪرڻ لڳو.

روم ۽ غسان جي تياريءَ جو چوٻول:- ٻئي پاسي مديني ۾ لاڳيتيون خبرون پهچي رهيون هيون ته رومي، مسلمانن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ لاءِ سنيري رهيا آهن. ان جي ڪري مسلمانن کي هر وقت ڌڙڪو لڳو رهندو هو ۽ ڪوبه آواز ٻڌي سندن ڪن ڪڙا ٿي ويندا هئا. اهي سمجهندا هئا ته رومين جي لوڌ اچي وئي آهي. ان جو اندازو هن واقعي مان ڪري سگهجي ٿو ته ان ئي سال سنه 9 هه ۾ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن گهروارين کان ڪاوڙجي هڪ مهيني لاءِ ايلاء(1) ڪري ورتو هو ۽ ڪائنن ڌار ٿي هڪ ماڙيءَ تي وڃي رهيا هئا. اصحابي

حوالو(1) زال وٽ نه وڃڻ جو قسم کڻڻ. جيڪڏهن اهو قسم چار مهينا يا ان کان گهٽ مدي جو هجي ته شرعي طور تي ڪوبه حڪم نٿو لاڳو ٿئي پر جي ايلاء چئن مهينن کان مٿي جو هجي ته پوء چار مهينا گذرڻ کانپوء شرعي عدالت

وچ۾ پوندي تہ مڙس يا تہ زال کي زال ڪري رکي يا ان کي طلاق ڏي. ڪن اصحابين جو چوڻ آهي تہ فقط چار مهينا گذرڻ سان طلاق ٿيو وڃي.

سڳورن کي پهرين تہ صحيح ڳالهہ جي خبر نہ پئي، انهن سمجهيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ طلاق ڏئي ڇڏي آهي ۽ ان جي ڪري اصحابي سڳورن رضہ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. حضرت عمر بن الخطاب رضہ هي واقعو هن طرح بيان ڪن ٿا تہ "منهنجو هڪ انصاري ساٿي هو. جڏهن آئون (پاڻ سڳورن ﷺ وٽ) نہ هوندو هوس تہ اهو مون تائين خبرون پهچائيندو هو ۽ جڏهن هو نہ هوندو هو تہ آئون کيس خبرون پهچائيندو هوس.(اهي ٻئي پاڙيسري هئا ۽ مديني جي هيٺانهين علائقي ۾ رهندا هئا ۽ واري واري تي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ حاضري ڀريندا هئا.) تن ڏينهن ۾ اسانکي غسان جي بادشاه جو ڌڙڪو لڳو پيو هوندو هو. اسانکي ٻڌايو ويو هو تہ هو اسان تي چڙهائي ڪرڻ ٿو گهري ۽ سندس دپ اسانجن دلين ۾ ويهي ويو هو. هڪ ڏينهن اوچتو منهنجو انصاري ساٿي در کي ڌڪ هڻڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ

"ڪول، ڪول!" مون چيو تہ "ڇا غساني اچي ويا؟" هن چيو تہ "نہ بلڪ ان ڪان بہ وڏي ڳالهہ ٿي وئي آهي. پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجن گهروارين ڪان ڌار ٿي ويا آهن.(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 730/2

هڪ ٻي روايت ۾ هيئن آهي تہ حضرت عمر رضہ چيو تہ "هن ڳالهہ جو چوٻول متل هو تہ آل غسان اسان تي چڙهائي ڪرڻ لاء گهوڙن کي نعلون پيا لڳرائين. هڪ ڏينهن منهنجو ساٿي پنهنجي واري تي ويو ۽ سومهڻيءَ مهل موٽي اچي منهنجو دروازو ڪٽڻ لڳو ۽ چيائين تہ "ڇا هو (عمر رضہ) ستو پيو آهي؟" آئون گهبرائجي ٻاهر نڪتس. هن چيو تہ "وڏو حادثو ٿي ويو آهي. مون چيو تہ "ڇا ٿيو؟ ڇا غساني اچي ويا؟" هن چيو تہ "نہ، بلڪ ان ڪان بہ وڏو حادثو، پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن گهر وارين کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي....الخ"(2)

حوالو (2) صحيح بخاري 334/1

هن مان ان صورتحال جي سنگينيءَ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو جيڪا ان مهل رومين پاران مسلمانن جي آڏو

آيل هيو. انهن ۾ واڌارو منافقن جي ان واه واه جي ڪري ٿيو، جيڪا انهن، رومين جي تياريءَ جون خبرون مديني پهچڻ ڪانپوءِ شروع ڪئي. اهو ڄاڻندي به ته پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم هر هنڌ ڪامياب آهن ۽ ڏرتيءَ جي ڪنهن به طاقت کان نٿا ڊڄن، بلڪ جيڪي رنڊڪون پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي آڏو اچن ٿيون، اهي به ٽٽيو پون، تنهن هوندي به ڪپتيا، اها آس لڳائي ويٺا هئا ته مسلمانن جي خلاف سندن دلين ۾ جيڪا پراڻي خواهش لڪل آهي ۽ جنهن وقت جي ڦرڻ جو اهي ورهين کان انتظار پيا ڪن، هاڻي ان جي پورائي جو وقت ويجهو اچي ٿيو آهي. اها سوچ ڪري انهن هڪ مسجد جي شڪل ۾ (جيڪا مسجد ضرار جي نالي سان مشهور ٿي) هڪ سازش جوڙي ورتي، جنهن جو بنياد ايمان وارن جي وچ ۾ ويڇو وجهڻ ۽ الله ۽ ان جي رسول سان ڪفر ۽ ساڻن وڙهڻ وارن کي گهات لڳائڻ جي جڳهه ڏيڻ جي مقصد تي رکيو هئائون ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کي عرض ڪيائون ته ان ۾ نماز هلي پڙهايو. ان مان منافقن جو مقصد اهو هو ته اهي ايمان وارن کي دوکي ۾ رکن ۽ کين پتو پوڻ نه ڏين ته

هن مسجد ۾ سندن خلاف سازشون پيون ٿين ۽ مسلمان، هن مسجد ۾ اچڻ وڃڻ وارن تي نظر نہ رکن اهڙيءَ طرح اها مسجد منافقن ۽ سندن ٻاهرين دوستن لاءِ هڪ محفوظ اڏي جو ڪن ڏي. پر پاڻ سڳورن ﷺ هن مسجد ۾ نماز پڙهن جو ڪم جنگ کان موٽڻ تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. ڇوتہ پاڻ سڳورا ﷺ سانباها ڪري رهيا هئا. اهڙيءَ طرح منافق، پنهنجي مقصد ۾ سوڀارا نہ ٿيا ۽ الله تعاليٰ! موٽڻ کان اڳ ئي کين پڌرو ڪري ڇڏيو. تنهن کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، غزوي تان موٽڻ کانپوءِ مسجد ۾ نماز پڙهڻ بدران ان کي مورڳوئي ڊهرائي ڇڏيو.

روم ۽ غسان جي تياريءَ جون خاص خبرون:- مسلمان، انهن حالتن ۾ خبرن کي منهن ڏئي رهيا هئا جو کين اوچتو شام ملڪ کان تيل ڪٽي ايندڙ نبطين (1) کان پتو پيو تہ هرقل، چاليهہ هزار سپاهين جو هڪ وڏو لشڪر تيار ڪيو آهي ۽ روم جي هڪ هاڪاري سپهہ

حوالو(1) نابت بن اسماعيل عہ جو نسل، جن جو ڪنهن دور ۾ حجاز جي اتر ۾ عروج هو. زوال کانپوءِ اهي ماٺهو

هري هري تي معمولي هاري ۽ واپارين جي درجي تي وڃي پهتا.

سالار کي ان جو اڳواڻ ڪيو آهي. پنهنجي جهنڊي هيٺ عيسائي قبيلن، لخم ۽ جذام وغيره کي بہ گڏ ڪري ورتو اٿس ۽ سندن هر اول دستو بلقاء پهچي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ وڏو خطرو سچ پچ اچي مسلمانن آڏو ڪڙو ٿيو.

فڪر جوڳين حالتن ۾ واڌ:- جنهن ڳالهہ جي ڪري وڌيڪ فڪر ٿيو اُها اِها هئي تہ سخت اونهاري جا ڏينهن هئا ۽ ماڻهو غربت ۽ ڏڪر کي منهن ڏئي رهيا هئا. سواريون بہ گهٽ هيون، ان ڪري ماڻهن پنهنجي ترڪ رهڻ پئي چاهيو. انهن تڪڙو هلڻ نٿي چاهيو. انهن سيني کان وڌيڪ مسئلو، پري جي پنڌ ۽ رستي جي ڏکيائين جو هو.

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پاران هڪ هڪاٽيءَ جو فيصلو:- پر پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم بدلجندڙ حالتن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري رهيا هئا. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم سمجهي رهيا هئا تہ جيڪڏهن انهن فيصلا ڪن لمحن ۾ رومين سان وڙهڻ ۾ سستي ڪئي وئي ۽ رومين کي مسلمانن جي علائقن ۾ گهڙڻ ڏنو ويو ۽ اهي

مديني تائين اچي پهتا تہ اسلام جي پرچار تي ان جا ڏاڍا پوائتا اثر پوندا. مسلمانن جي فوجي ساک خراب تي ويندي ۽ اها جاهليت، جيڪا حنين واري جنگ ۾ ڪاپاري ڌڪ لڳڻ ڪري پوين پساهن ۾ هئي، ٻيهر ڪرّ ڪڍڻ لڳندي ۽ منافق، جيڪي مسلمانن جي وقت بدلجڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن ۽ ابو عامر فاسق ذريعي روم جي بادشاهہ سان رابطو رکيو ويٺا آهن، ان مهل مسلمانن جي پٺيءَ خنجر واهي ڪيندا، جڏهن اڳيان ڪان رومين جي لوڌ خوني حلما ڪري رهي هوندي. اهڙيءَ طرح اهي سموريون ڪوششون رائگان وينديون، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابي سڳورن رضہ اسلام جي پرچار ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون ۽ سموريون ڪاميابيون، ناڪاميءَ ۾ تبديل ٿي وينديون، جيڪي ڏکين ۽ خوني جنگين ۾ لاڳيتي فوجي ڊوڙ ڊڪ ڪانپوءِ حاصل ٿيون آهن.

پاڻ سڳورا ﷺ انهن نتيجن کي سمجهي رهيا هئا، ان ڪري وسيلن جي اڻاٺ هوندي بہ پاڻ سڳورن ﷺ رٿيو تہ رومين کي دارالسلام ڏانهن وڌڻ جو موقعو ڏيڻ

ڪانسواءِ. سندن ئي علائقن ۾ گهڙي ساڻن هڪ هڪاٽي ڪئي وڃي.

رومين سان وڙهڻ لاءِ سنيرڻ جو اعلان:- اهو معاملو طئہ ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن۾ اعلان ڪرايو تہ ويڙهہ جا سانباها ڪن. عرب قبيلن ۽ مڪي وارن ڪي بہ نياپو موڪليو ويو تہ وڙهڻ لاءِ نڪري پون. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم ڪندا هيئن هئا جو ڪنهن بہ غزوي تي وڃڻ جو ارادو هوندو هئن تہ نڪرندا ڪنهن ٻئي پاسي لاءِ هئا. پر هتي جي حالتن ڪري هن ڀيري پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم صاف صاف اعلان ڪيو تہ رومين سان جنگ جو رٿيو ويو آهي، تہ جيئن ماڻهو پوريءَ طرح سنيري نڪرن. ان موقعي تي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم ماڻهن کي جهاد لاءِ همٿايو ۽ ان ئي سلسلي ۾ سوره توبہ جي هڪ ٽڪرو بہ لٿو. گڏوگڏ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم صدقي ۽ خيرات ڪرڻ جي فضيلت بہ بيان ڪئي ۽ الله جي راهہ ۾ پنهنجو پلو مال خرچڻ لاءِ همٿايو.

ويڙهہ جي تياريءَ لاءِ مسلمانن جي ڊوڙ ڊڪ:- اصحابي سڳورن رضہ جيئن ئي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو حڪم ٻڌو تہ

پاڻ سڳورا ﷺ رومين سان وڙهڻ جي ڪوٺ پيا ڏين تہ هڪدم حڪم مڃڻ لاءِ ڊوڙ ڊڪ ۾ لڳي ويا. ۽ تڪڙا تڪڙا وڙهڻ لاءِ سنيڙڻ لڳا. قبيلا ۽ راڄ چئني پاسن کان مديني پهچڻ لڳا ۽ سواءِ دلين ۾ ڪپٽ رکندڙن جي، ڪنهن بہ مسلمان هن غذوي ۾ پنتي رهڻ گوارا نہ ڪيو. باقي ٽي مسلمان، مؤمن هجڻ جي باوجود بہ جنگ ۾ شامل ٿيڻ واري حڪم کان آجا آهن جو انهن ايمان تي هجڻ جي باوجود بہ هن غزوي ۾ شرڪت نہ ڪئي. حالت اها هئي جو لنگهڻ ڪاٽيندڙ ۽ ضرورتمند ماڻهو بہ اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪري رهيا هئا تہ ڪين سواري ڏني وڃي تہ جيئن اهي بہ رومين سان ٿيندڙ جنگ ۾ بهرو وٺي سگهن ۽ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ ساڻن معذرت ڪئي ٿي تہ "لا اَجدَمآ اَحملکم عليہ و تولَوا وّ اَعينهم تفيضُ منَ الدمعِ حزَنا اِلا يجدُوا ما ينفقونَ (92:9)

ترجمو:- (۽ تون چوين تہ (ڪو وهٽ) نہ ٿو لهان جنهن تي اوهانکي چاڙهيان تڏهن اهي موٽن ۽ هن ڏک کان سندن

اکيون ڳوڙها هاريندڙ هجن ته جيکي (الله جي واٽ ۾) خرچين سو نه ٿا لهن.

اهڙيءَ طرح مسلمانن صدقو ۽ خيرات ۾ به هڪ ٻئي کان گوءِ کٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. حضرت عثمان رضہ شام ملڪ لاءِ هڪ قافلو تيار ڪيو هو، جنهن ۾ پلاڻ ۽ ڪجاوي ساڻ ٻه سؤ اٺ هئا ۽ ٻه سؤ اَوقيه (اٽڪل ساڍا اوٽتيهه ڪلو) چاندي هئي. انهن، اهو سڀ ڪجهه صدقو ڪري ڇڏيو. ان کانپوءِ وري به هڪ سؤ اٺ پلاڻ ۽ ڪجاوي سميت صدقو ڪيائون. تنهن کانپوءِ هڪ هزار دينار (اٽڪل ساڍا پنج ڪلو سونا سڪا) کڻي اچي پاڻ سڳورن ﷺ جي جهوليءَ ۾ وڌائون. پاڻ سڳورا ﷺ اهي جهوليءَ مان ڪڍندا ٿي ويا ۽ چوندا ٿي ويا ته " اڄ کانپوءِ عثمان رضہ جيڪي ڪجهه ڪندو، ڪيس ان مان ڪوبه ڇيهو نه رسندو."(1) ان کانپوءِ حضرت عثمان رضہ جن وري به صدقو ڏنو ۽ وري به صدقو

حوالو(1) جامع ترمذي: مناقب عثمان بن عفان رﷺ 211/2

ڪيو. تانجو سندن صدقي جو ڪاٿو ڏوڪڙن ڪانسواءِ نوَ سؤ اٺ ۽ هڪ سؤ گهوڙن تائين وڃي پهتو.

ٻئي پاسي حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ جن ٻہ سؤ اَوقيہ (اٽڪل ساڍا اوڻٽيهہ ڪلو) چاندي کڻي آيا. حضرت ابوبڪر رضہ جن پنهنجو سڀ ڪجهہ آڻي پاڻ سڳورن صلی‌الله‌علیه‌وسلم آڏو رکيو ۽ ٻارن ٻچن لاءِ الله ۽ ان جي رسول صلی‌الله‌علیه‌وسلم (جي نالي کان) سواءِ ڪجهہ نہ ڇڏيو. سندن صدقي جو ڪاٿو چار هزار درهم هو ۽ سڀ کان پهرين پاڻ ئي پنهنجو صدقو کڻي آيا هئا. حضرت عمر رضہ پنهنجو اڌ مال خيرات ڪيو. حضرت عباد رضہ بہ گهڻو مال کڻي آيا. حضرت طلحہ رضہ، سعد بن عباده رضہ ۽ محمد بن مسلمہ رضہ جن بہ گهڻو ڪجهہ کڻي آيا. حضرت عاصم بن عدي رضہ نوي وسق (ساڍا تيرنهن هزار ڪلو يا ساڍا تيرنهن ٽن) ڪجيون کڻي آيا. ٻيا اصحابي سڳورا رضہ بہ هڪٻئي جي پٺيان پنهنجا ٿورا گهڻا صدقا کڻي آيا. ايستائين جو ڪن تہ هڪ مد يا ٻہ مد بہ صدقو ڪيو جو انهن، ان کان وڌيڪ ست نٿي ساريو. عورتن بہ هار، ٻانهيون، ڇيرون ۽ منڊيون وغيره،

جيڪي پڇي سگهين، اهو پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏياري موڪليو. ڪنهن به پنهنجو هٿ نه جهليو ۽ ڪابه ڪنجوسي نه ڏيکاري. رڳو منافق هئا، جيڪي صدقن ۾ وڏي چڙهي بهرو ونڻ وارن کي ٺوڪون هڻي رهيا هئا ته اهي رياڪار آهن ۽ جن وٽ پنهنجي محنت کانسواء ڪجهه نه هو، تن تان چٿرون ڪندا هئا ته اهي هڪ يا ٻن کجين سان قيصر جي مملڪت فتح ڪرڻ نڪتا آهن.

اسلامي لشڪر تبوڪ جي واٽ تي:- هيڏي ساري ڊوڙڊڪ ڪانپوء اسلامي لشڪر تيار ٿيو ته پاڻ سڳورن ﷺ محمد بن مسلمه رضہ کي يا چيو وچي ٿو ته سباع رضہ بن عرفط رضہ کي مديني جو والي مقرر ڪيو ۽ حضرت علي رضہ کي پنهنجي گهر ٻار جي سار سنڀال لاء مديني ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو پر منافقن کين ٺوڪون هنيون، تنهن تي اهي مديني مان هلي وڃي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا. پاڻ سڳورن ﷺ وري به کين مديني موڪليندي فرمايو ته "ڇا تون ان ڳالهه ۾ راضي نه آهين ته مون سان تنهنجي اهڙي نسبت هجي جهڙي

حضرت موسيٰ عہ سان حضرت هارون عہ جي هئي. البتہ مون کانپوءِ ڪو نبي نہ ٿيندو."

بهرحال پاڻ سڳورا ﷺ اها تياري ڪري اترئين پاسي هليا (نسائيءَ جي روايت مطابق اهو خميس جو ڏينهن هو.) منزل تبوڪ هئي، پر لشڪر وڏو هو. ٽيهہ هزار مانجهي مرد هئا. ان کان پهرين مسلمانن جو ايڏو لشڪر ڪڏهن بہ گڏ نہ ٿيو هو. ان ڪري ملسمان وڏو مال خرچ ڪرڻ کانپوءِ بہ پوريءَ طرح تياري نہ ڪري سگهيا هئا ۽ ارڙهن ڄڻن لاءِ هڪ هڪ اٺ هو. جنهن تي اهي واري واري سان چڙهندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪاڏيہ ڪڏهن ڪڏهن ڪين وڻن جا پن بہ کائي گذارو ڪرڻو ٿي پيو. جنهن سان سندن چپ سُڄي ٿي پيا. مجبور ٿي ڪوٺ هوندي بہ اٺ ڪهڻا پيا تہ جيئن انهن جي پيٽ ۾ آندن ۾ گڏ ٿيل پاڻي پي سگهجي. انڪري هن (لشڪر) جو نالو جيش عسرت (غريباڻو لشڪر) پئجي ويو.

تبوڪ جي واٽ تي لشڪر جو لنگهہ حجر يعني ثمود وارن جي علائقي مان ٿيو. ثمود اها قوم هئي، جنهن وادي

القريٰ ۾ جبل ٽڪي گهر ٺاهيا هئا. اصحابي سڳورن رضہ اتي جي کوھہ مان پاڻي ڀريو، پر هلڻ مهل پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ "هتي جو پاڻي متان پيو ۽ ان سان نماز لاءِ وضو بہ نہ ڪجوءَ ۽ جيڪو اٽو (هن پاڻيءَ سان) ڳوهيو اَٿوَ، اهو وهٽن کي کارائي ڇڏيو ۽ پاڻ نہ کائو."پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اهو بہ حڪم ڏنو تہ جنهن کوھہ مان حضرت صالح عہ جي ڏاچي پاڻي پيئندي هئي، ان مان پلي پاڻي ڀريو.

صحيحين ۾ ابن عمر رضہ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم حجر (ثمود جي علائقي) مان لنگهيا تہ فرمايائون تہ " انهن ظالمن جي رهائشگاهن ۾ نہ گهڙجوءَ متان توهان بہ آئيءَ ۾ نہ اچي وڃو، ها باقي روئندي پلي لنگهو." پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنهنجو مٿو ڍڪيو ۽ تڪڙا هلندي واديءَ مان لنگهي ويا.(1)

حوالو(1) صحيح بخاري: باب نزول النبي صلى الله عليه وسلم الحجر 637/2

واٽ تي لشڪر کي پاڻيءَ جي ڏاڍي گهرج ٿي. ايستائين جو ماڻهن اچي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ دانهيو.

پاڻ سڳورن ﷺ الله کان دعا گهري. الله ڪڪر موڪليا ۽ مينهن وٺو. ماڻهن پيٽ ڀري پاڻي پيتو ۽ گهرج مطابق پاڻي ڪٺي به ورتو.

جڏهن تبوڪ جي ويجهو پهتا ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "سڀاڻي انشاءَ الله توهان تبوڪ جي چشمي وٽ رَسي ويندؤ پر چاشت کان پهرين ڪونه پهچندؤ. تنهنڪري جيڪو اتي پهچي اهو تيستائين پاڻيءَ کي هٿ نه لڳائي، جيستائين آئون نه پهچي وڃان." حضرت معاذ رضہ جو بيان آهي ته اسين اتي رسياسين ته اتي به ڄڻا اڳيئي پهچي چڪا هئا. چشمي مان ٿورو ٿورو پاڻي وهي رهيو هو. پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو ته "ڇا توهان ٻنهي هن جي پاڻيءَ کي هٿ لڳايو آهي؟" انهن چيو ته "هائو." پاڻ سڳورن ﷺ انهن ٻنهي کي جيڪي الله تعاليٰ چاهيو اهو چيو. پوءِ چشمي مان ٻڪ سان ٿورو ٿورو پاڻي ڪڍيو، ايستائين جو ٿورو پاڻي گڏ ٿي ويو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ان مان هٿ منهن ڌوتو ۽ ان کي چشميءَ اوتي ڇڏيو. ان کانپوءِ چشمي مان گهڻو پاڻي وهڻ لڳو. اصحابي سڳورن پيٽ ڀري پاڻي پيتو. پوءِ پاڻ

سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اي معاذ! جيڪڏهن تنهنجي ڄمار وڏي ٿي تہ تون هن جڳهہ تي هڪ باغ وڏندي ويجهندي ڏسندين."(1)

حوالو(1) مسلم عن معاذ بن جبل 246/2

واٽ تي ئي يا تبوڪ پهچي (روايتنِ ۾ اختلاف آهي) پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اڄ رات توهان تي تيز هوائون (واچوڙا) هلنديون، تنهنڪري ڪير بہ نہ اٿي ۽ جنهن وٽ اٺ هجي اهو ان جي رسي مضبوطيءَ سان ٻڌي ويهي." تنهن ڪانپوء تيز هوائون هليون. هڪ ماڻهو اٿي بيٺو تہ واچوڙي کيس کڻي وڃي طي جي ٻن جبلن وٽ ڦٽو ڪيو.(2)

حوالو (2) مسلم عن معاذ بن جبل 246/2

واٽ تي پاڻ سڳورن ﷺ جو معمول هو تہ اڳين ۽ وچين نماز گڏ پڙهندا هئا ۽ سانجهي ۽ سومهڻي گڏ. جمع تقديم بہ ڪندا هئا ۽ جمع تاخير بہ. (جمع تقديم جو مطلب اهو آهي تہ اڳين ۽ وچين، ٻئي نمازون اڳيئن مهل ۽ سانجهي ۽ سومهڻي، ٻئي نمازون سانجهيءَ مهل پڙهيون وڃن ۽ جمع تاخير جو مطلب اهو آهي تہ اڳين ۽ وچين، ٻئي

وڃيئن مهل ۽ سانجهي ۾ سومهٽي، ٻئي سومهٽيءَ مهل پڙهجن.)

اسلامي لشڪر تبوڪ ۾:- اسلامي لشڪر تبوڪ ۾ لهي خيمہ کوڙيا. اهو لشڪر دشمنن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ لاءِ تيار هو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، لشڪر وارن کي بليغ خطبو ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ سهڻن قولن سان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ لاءِ اڪسايو. الله جي عذاب کان ڊيڄاريو ۽ ان جي انعامن جي خوشخبري ڏني. اهڙيءَ طرح فوج جي همٿ وڌي. انهن توشي ۽ ٻين گهرجن جي اڻاٺ جو بہ ازالو ٿي ويو. ٻئي پاسي رومين ۽ سندن حليفن جو حال اهو ٿيو جو پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ جي خبر ٻڌي انهن کي اچي ڊپ ورايو ۽ اڳتي وڌي آمهون سامهون ٿيڻ جو ست نہ ساري سگهيا ۽ ملڪ جي اندر مختلف شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. سندن ان هلت جو اثر عربستان جي اندر ۽ ٻاهر مسلمانن جي فوجي ساک تي ڏاڍو چڱو پيو ۽ مسلمانن اهڙا اهڙا سياسي فائدا حاصل ڪيا، جيڪي جنگ ٿيڻ سان ڪڏهن بہ ڪونہ حاصل ٿين ها. تفصيل هن طرح آهي:

1. اَيلہ جي حاڪم يحنہ بن روبہ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي جزيو ڀرڻ قبولي ناهہ ڪيو. جرباء ۽ اَذرُح جي رهاڪن بہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي جزيو ڏيڻ قبوليو. پاڻ سڳورن ﷺ ڪين هڪ لکت ڏني، جيڪا انهن سنڀالي رکي. پاڻ سڳورن ﷺ، اَيلہ جي حاڪم کي بہ هڪ لکت ڏني هئي جيڪا هن طرح هئي:

بسم الله الرحمان الرحيم: هيءُ امن جو پروانو الله پاران ۽ نبي محمد رسول الله ﷺ پاران يحنہ بن روبہ ۽ اَيلہ جي رهاڪن لاءِ آهي. سمندن ۽ خشڪيءَ تي سندن ٻيڙين ۽ قافلن لاءِ الله جو ذمو آهي ۽ محمد ﷺ نبيءَ جو ذمو آهي ۽ اهو ئي ذمو انهن شامي ۽ ساموندي رهاڪن لاءِ آهي، جيڪي يحنہ سان گڏ هجن. ها! باقي انهن مان ڪو ماڻهو ڪا گڙٻڙ ڪندو تہ سندس مال، سندس جان ڪونہ بچائي سگهندو ۽ جيڪو ماڻهو سندس مال ڪڍندو، ان لاءِ اهو حلال هوندو. ڪين ڪنهن بہ چشمي وٽ لهڻ ۽ خشڪيءَ توڙي سمنڊ جي ڪنهن رستي تي هلڻ کان روڪي نٿو سگهجي."

ان ڪانسواءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت خالد بن وليد رضہ کي چار سؤ ويهہ سوارن جو دستو ڏئي دُومت الجندل جي حاڪم اُڪيدرِ ڏانهن موڪليو ۽ فرمايو تہ "تون ڪيس روجهہ (نيل گاءِ) جو شڪار ڪندي هٿ ڪندين." حضرت خالد رضہ جن اوڏانهن روانا ٿيا. جڏهن ايتري پنڌ تي پهتا، جتان قلعو چِٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ اوچتو هڪ روجهہ ظاهر ٿي ۽ قلعي جي در سان سڱ گسائڻ لڳي. اُڪيدرِ ان جي شڪار لاءِ نڪتو. چانڊوڪي رات هئي. حضرت خالد رضہ جن ۽ سندن سوارن ڪيس وجي پڪڙيو ۽ جهلي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ وٺي آيا. پاڻ سڳورن ﷺ سندس جان بخشي ڪندي ٻہ هزار اُٺ سؤ غلام، چار سؤ زرهون ۽ چار سؤ نيزا ڏيڻ جي شرط تي ٺاهہ ڪيو. هن جزيو ڏيڻ جو بہ اقرار ڪيو. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، ساڻس يحنہ سميت دُمہ، تبوڪ، اَيلہ ۽ تيماءَ وارن ساڳين شرطن تي ٺاهہ ڪيو.

اهي حالتون ڏسي اهي قبيلا جيڪي هيستائين رومين جي اڳيان پنيان پيا ڦرندا هئا، سي سمجهي ويا تہ هاڻي

پنهنجن انهن پراڻن سرپرستن تي اعتماد جو وقت پورو ٿيو، انڪري اهي بہ مسلمانن جا حامي بڻجي ويا. اهڙيءَ طرح اسلامي حڪومت جون سرحدون ڦهلجي وجي سڌو سنئون رومي سرحدن سان مليون ۽ رومين جي ڇاڙتن جو گهڻي حد تائين انت اچي ويو.

مديني ڏانهن موٽ:- اسلامي لشڪر تبوڪ کان سويارو ٿي موٽيو. ڪابہ جهڙپ نہ ٿي. الله تعاليٰ! جنگ جي معامليءِ مؤمنن لاءِ ڪافي ثابت ٿيو. البتہ واٽ تي هڪ جڳهہ تي گهاٽيءَ وٽ ٻارنهن منافقن، پاڻ سڳورن ﷺ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ گهاٽيءَ منجهان لنگهي رهيا هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ رڳو (بہ ڄڻا) حضرت عمار رضہ جن هئا، جيڪي ڏاچيءَ جي واڳ جهلي هلي رهيا هئا ۽ حضرت حذيفہ بن يمان رضہ جن هئا، جيڪي ڏاچي هڪلي رهيا هئا. ٻيا اصحابي سڳورا پري ماٿريءَ جي هيٺال مان لنگهي رهيا هئا. ان ڪري منافق وجهہ وٺي پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن وڌيا. ٻئي پاسي پاڻ سڳورا ﷺ ۽ ٻئي اصحابي سڳورا پنهنجي واٽ وٺيو

پئي ويا تہ پٺيان کان انهن منافقن جي پيرن جا آواز ٻڌائون. سيني کي منهن تي ٻوٽاڙا ٻڌل هئا ۽ اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي ويجها رسيا هئا جو پاڻ سڳورن ﷺ حضرت حذيفہ رضہ کي انهن ڏانهن موڪليو. انهن، سندن سوارين جي منهن تي پنهن ڍال سان ڌڪ هڻڻ شروع ڪيا، جنهن سان الله تعاليٰ کين ڊيڄاري وڌو ۽ اهي تڪڙا ڀڄي وڃي ٻين ماڻهن سان مليا. ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت حذيفہ رضہ کي سندن نالا ٻڌايا ۽ سندن ارادي جي ڄاڻ ڏني. ان ڪري ئي حضرت حذيفہ رضہ کي پاڻ سڳورن ﷺ جو "رازدان" چيو وڃي ٿو. ان واقعي بابت قرآن شريفہ هيئن فرمايو ويو تہ:"وَهموا بِمالم يَنالوا (74:9) يعني " ۽ جنهن کي پهچي نہ سگهيا تنهن لاءِ زور لاتائون."

سفر جي پڄاڻيءَ تي جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ پري کان مديني جا آثار ڏٺا تہ فرمايائون تہ "اوهيو طابہ، اوهيو، احد، اِهو اُهو جبل آهي، جيڪو اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ جنهن سان اسين محبت ڪريون ٿا." هوڏانهن مدينيہ پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ جو ڄاڻ پهتو تہ مايون، ٻار ۽

ٻارڙيون ڪاهي پيون ۽ وڏي اعزاز سان لشڪر جي آجيان ڪندي هي گيت ڳايائون.(1)

حوالو(1) ابن قيم ائين لکيو آهي. ان تي اڳيئي بحث ڪري آيا آهيون.

طلع البدرُ علينا
من ثنيات الوَداع
وَجبَ الشكرُ علينا
ما دَعا للّٰهِ داَع

يعني " اسان تي ثنيت الوداع ڪان چوڏهينءَ جو چنڊ اڀريو. جيستائين سڏڻ وارو الله کي سڏي (تيستائين) اسان تي شڪر واجب آهي." يعني فجر جي ٻانگ اچڻ تائين شڪر واجب آهي)

پاڻ سڳورن ﷺ رجب ۾ تبوڪ ڏانهن روانا ٿيا هئا ۽ رمضان جي مهيني ۾ موٽيا. هن سفر ۾ پورا پنجاهه ڏينهن لڳا. ويهه ڏينهن تبوڪ ۾ ۽ ٽيهه ڏينهن اچ وڃ ۾. اهو پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ جو پڇاڙڪو غزوو هو جنهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ پاڻ هلي ويا هئا.

مخالف:- هي غزوو پنهنجن خاص حالتن جي ڪري الله پاران هڪ وڏي آزمائش بہ هو، جنهن سان ايمان وارن ۽ بين ماڻهن جي سڃاڻپ ٿي وئي ۽ اهو الله جو ونهنوار بہ آهي. جيئن فرمايو اٿس تہ:

" َما كانَ اللّٰهُ لِيذَرَ المؤمنينَ َعليٰ مآ اَنتم َعليهِ َحتيٰ تميزَ الخبيثَ مِنَ الطيبِ ط (179:3)

ترجمو:- اي منافقو! الله ڪي نہ جڳائيندو آهي تہ جنهن تي اوهين آهيو تنهن تي مؤمنن کي (بہ) ڇڏي ڏي تہ پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري.

تنهنڪري هن غزويءِ سمورن ايمان وارن شرڪت ڪئي ۽ انهن نہ هلڻ کي نفاق ۽ ڪپت جي نشاني ڄاتو ويو حالت اها هئي جو جيڪڏهن ڪنهن پٺتي رهيل جو ذڪر پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪيو ٿي ويو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ٿي تہ ان کي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن انهن چڱائيءَ جي ڪٽا آهن تہ الله تعاليٰ ترت ئي توهان وٽ پهچائي ڇڏيندس، پر جي ائين ناهي تہ پوءِ الله! توهانجي ان مان جان ڇڏائي آهي. مطلب تہ هن غزوي ۾ يا تہ اهي ماڻهو پٺتي

رهيا، جيڪي معذور هئا. يا وري مناقف، جن الله ۽ رسول ﷺ تي ايمان آڻڻ جي ڪوڙي هام هنئي هئي ۽ ڪوڙا بهانا ڪري غزوي ۾ نہ هلڻ جي موڪل گهري هئي يا ماڳهين موڪل وٺڻ بنا ئي ويهي رهيا هئا. ها باقي ٽي ڄڻا هئا، جيڪي سچا ۽ پڪا مؤمن هئا پر پوءِ بہ بنا ڪنهن سبب جي پٺيان رهجي ويا هئا. الله تعاليٰ ڪين آزمائش ۾ وڌو ۽ پوءِ سندن توبہ قبولي.

ان جو تفصيل هن طرح آهي تہ موٽڻ مهل پاڻ سڳورا ﷺ مديني ۾ گهڙيا تہ معمول مطابق سڀ کان پهرين مسجد نبوي ۾ ويا. اتي بہ رڪعتون نماز پڙهيائون ۽ پوءِ ماڻهن جي ڪري ويهي رهيا. ٻئي پاسي منافق، جن جو تعداد اَسي کان مٿي هو، (1)

حوالو(1) واقديءَ ڄاڻايو آهي تہ اهو تعداد انصاري منافقن جو هو. ان کانسواءِ بني غفار جهڙن اعرابين منجهان معذرت لاءِ اچڻ وارن جو تعداد ٻياسي هو. عبدالله بن اُبيّ ۽ سندس پوئلڳ اجا ڌار هئا ۽ اهي بہ چڱا خاصا هئا.(ڏسو فتح الباري 119/8)

اچي معذرت ڪرڻ ۽ قسم کائڻ لڳا. پاڻ سڳورن ﷺ انهن جا عذر قبوليندي بيعت ورتي ۽ ڇوٽڪاري جي دعا گهري ۽ سندن دلين جو حال خدا تي ڇڏيو.

باقي رهيا ٽي مؤمن صادق يعني حضرت ڪعب بن مالڪ رضہ، مراره بن ربيع رضہ ۽ هلال بن اميہ رضہ، تہ انهن سچ ڳالهائيندي چيو تہ اسان بنا ڪنهن مجبوريءَ جي غزوي ۾ شريڪ نہ ٿيا هئاسين. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن رضہ کي حڪم ڏنو تہ انهن ٽنهي سان ڳالهہ ٻولهہ بند ڪن. تنهنڪري سندن سخت بائيڪاٽ ڪيو ويو. ماڻهن اکيون مٽائي ڇڏيو ۽ وشال ڌرتي انهن لاءِ سوڙهي ٿي پئي ۽ سندن ساهہ مُنهِ ۾ تي پيو. سختي ايتري وڌي وئي جو چاليهہ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ حڪم ڏنو ويو تہ پنهنجن عورتن کان بہ پري رهو. جڏهن پنجاهہ ڏينهن پورا ٿيو تہ الله تعاليٰ سندن توبہ قبول ڪندي فرمايو تہ: "وَّ عَليَ الثلاثہ الذينَ خُلفوا حَتيٰ اِذَا ضَاقت عَليهمُ الاَرضُ بِما رَحبت وَضاقت عَليهم اَنفسهم وَظنوا اَن لا ملجاَمنَ اللّٰهِ اِلا

اِليہ ثمّ تاب َعليهم لِيتوبوا اِنّ اللّٰهَ هوَ التواّبُ الرّحيمُ (118:9)

ترجمو:- ۽ انهن ٽن تي (بہ) جيڪي پوئتي رهيا، ايتري قدر جو زمين ايتري ويڪرائي هوندي بہ مٿن سوڙهي ٿي وئي هئي ۽ سندن ساهہ مٿن منجهيا هئا ۽ ڀائيائون تہ (هاڻي) الله کانسواءِ ڪا جاءِ پناهہ جي نہ آهي. وري مٿن هن لاءِ ٻاجهہ سان موٽيو تہ توبہ ڪن. تحقيق الله توبہ قبول ڪندڙ مهربان آهي.

اهو فيصلو نازل ٿيڻ تي مسلمان عام طور تي ۽ اهي ٽئي اصحابي سڳورا رضہ خاص طور تي ڏاڍا خوش ٿيا. ماڻهن ڊوڙي اچي بشارت ٻڌائين. (سندن) منهن خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳا ۽ انعام ۽ صدقا ڏنائون. حقيقت ۾ اهو سندن حياتيءَ جو سڀ کان ڀلارو ڏينهن هو.

اهڙيءَ طرح معذوريءَ جي ڪري غزوي ۾ نہ هلڻ وارن لاءِ الله تعاليٰ فرمايو تہ:

ليس عليَ الضعفآء وَلا عليَ المرضيٰ و لاَ عليَ الذِينَ لا يجدُونَ ما ينفقونَ حرَج اِذاَ نصحوا لِلّٰهِ وَ رسُولہ (91:9)

ترجمو:- نہ ڪي عاجزن تي نہ ڪي بيمارن تي نہ ڪي اهي جو جيڪي خرچين سو نہ ٿا لهن تن تي ڪو گناهہ آهي. جڏهن تہ اللّٰه ۽ سندس پيغمبر جا خير خواهہ هجن.

انهن بابت پاڻ سڳورن ﷺ بہ مديني جي ويجهو رسي فرمايو هو تہ: "مديني ۾ ڪجهہ اهڙا بہ ماڻهو آهن، جو توهان جن جڳهين تي بہ سفر ڪيو ۽ جنهن واديءَ مان بہ لنگهيا، اهي توهان سان گڏ هئا. ڪين سندن عذر روڪي رکيو هو." ماڻهن پڇيو تہ "يا رسول اللّٰه ﷺ اهي مديني ۾ هوندي بہ (اسان سان گڏ هئا؟)" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ها مديني ۾ هوندي بہ."

هن غزوي جا اثر:- اهو غزوو عربستان جي مسلمانن جو اثر وڌائڻ ۽ انهن کي سگهو ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو. ماڻهن تي اها ڳالهہ چڱيءَ طرح پڌري ٿي وئي تہ هاڻي عربستان ۾ اسلام ڪانسواءِ ٻي ڪابہ طاقت نٿي رهي سگهي. اهڙيءَ طرح جاهلن ۽ منافقن جون رهيل سهيل آسون اميدون بہ دم ٽوڙي ويون، جيڪي هنن مسلمانن تي ڏکيا ڏينهن اچڻ جو سوچي، دل ۾ سانديي رکيون هيون. ڇوتہ

انهن سمورين آسن ۽ اميدن جو محور رومي طاقت هئي ۽ هن غزوي ۾ ان جا بہ وکا پڌرا ٿي ويا. ان ڪري هنن همراهن جا حوصلا ٽٽي ويا ۽ اهو سوچو حقيقتن آڏو هٿيار ڪٽي ڦٽا ڪيائون تہ هاڻي ان ڪان ڀڄڻ يا ڇوٽڪارو پائڻ جي ڪابہ واهہ نہ بچي آهي.

ان صورتحال جي ڪري هاڻي هن ڳالهہ جي بہ گهرج ڪانہ رهي هئي تہ مسلمان، منافقن سان دوستي ۽ نرمي رکن، تنهنڪري الله تعاليٰ سندن خلاف سخت رويو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ايستائين جو سندن صدقا قبولڻ، سندن جنازي نماز پڙهڻ، انهن لاء ڇوٽڪاري جي دعا گهرڻ ۽ سندن قبرن تي بيهڻ ڪان جهلي ڇڏيو ۽ انهن مسجد جي نالي ۾ جيڪو سازشن جو گهر بڻايو هو، ان کي ڊاهي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. پوء انهن بابت اهڙيون تہ آيتون لٿيون جو اهي صفا وائکا ٿي پيا ۽ سندن سڃاڻپ ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونہ رهيو. ڄڻ تہ مديني وارن لاء انهن آيتن، انهن منافقن تي وڃي آڱريون رکيون هيون.

هن غزوي جي اثرن جو اندازو هن ڳالھ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ مڪي جي فتح ڪانپوء (بلڪ ان ڪان بہ اڳ) جيتوڻيڪ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ عربن جا وفد اچڻ شروع ٿي ويا هئا، پر انهن جي وٽ وڻان هن غزوي ڪانپوء ئي ٿي.(1)

حوالو(1) هن غزوي جو تفصيل هيٺين ڪتابن مان ورتل آهي: ابن هشام 515/2 ڪان 537 - زاد المعاد 2/3 ڪان 13 - صحيح بخاري 633/2 ۽ 252/1، 414 وغيره - صحيح مسلم مع شرح نودي 246/2 - فتح الباري 110/8 ڪان 126 - مختصر السيره للشيخ عبدالله ص 391 ڪان 408

هن غزوي بابت قرآني آيتون:- هن غزوي بابت سوره توبہ جون گھڻيون ئي آيتون لٿيون. ڪجھ اُسرڻ ڪان اڳ، ڪجھ سفر هلندي ۽ ڪجھ مديني موٽڻ ڪانپوء. انهن آيتن ۾ غزوي جي حالتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، منافقن جا پول پڌرا ڪيا ويا آهن، مخلص مجاهدن جي فضيلت ٻڌائي وئي آهي ۽

سچا مؤمن ۽ صادق، جيڪي غزوي ۾ ويا هئا يا جيڪي ڪونہ ويا هئا، تن جي توبہ قبولڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. وغيره وغيره

سنہ 9 ھ جا ڪي اهم واقعا

هن ئي سال سنہ 9 ھ ۾ تاريخي اهميت واري ڪافي واقعا ٿيا.

1. تبوڪ کان پاڻ سڳورن ﷺ جي موٽڻ ڪانپوءِ عوَيمر عجلاني ۽ سندس زال جي وچ ۾ لعان ٿيو.

2. غامديہ مائي ڪي، جنهن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي زنا جو اقرار ڪيو، رجم ڪيو ويو. هن مائيءَ ٻار ڄڻڻ ڪانپوءِ جڏهن ان کان کير پيئڻ ڇڏايو، تڏهن ڪيس رجم ڪيو ويو هو.

3. حبش جو بادشاه اَصحمہ نجاشي گذاري ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سندس غائباڻي جنازي نماز پڑهائي.

4. پاڻ سڳورن ﷺ جي نياڻي بيبي ام ڪلثوم رضہ گذاري وئي. جنهن جو پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت عثمان کي چيو تہ

جيڪڏهن منهنجي ٽين ڏيءَ هجي ها تہ ان کي بہ توسان پرڻائي ڇڏيان ها

5. تبوڪ کان پاڻ سڳورن ﷺ جي موٽڻ ڪانپوءِ منافقن جو مهندار عبدالله بن اُبيّ مري ويو. پاڻ سڳورن ﷺ ان لاءِ ڇوٽڪاري جي دعا گهري ۽ حضرت عمر رضہ جي روڪڻ ڪانپوءِ بہ سندس جنازي نماز پڙهي. جنهن تي وحي لٿي ۽ ان ۾ حضرت عمر رضہ جي راءِ سان سهمت ڪندي منافقن جي جنازي نماز پڙهڻ کان جهليو ويو.

حج سنہ 9 ھ (حضرت ابوبڪر رضہ جن جي اڳواٽيءَ ۾)

ساڳئي سال ذوالقعد يا ذوالحج سنہ 9 ھ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ حج لاءِ حضرت ابوبڪر رضہ کي اڳواڻ ڪري موڪليو.

ان ڪانپوءِ سوره برات جون منڍ واريون آيتون نازل ٿيون. جن ۾ مشرڪن سان ڪيل ناهہ، برابريءَ جي بنياد تي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. هن حڪم لهڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي بن ابي طالب رضہ کي موڪليو تہ جيئن اهي پاڻ سڳورن ﷺ پاران انهن جو اعلان ڪن. ائين ان ڪري ڪرڻو پيو جو خون ۽ مال لاءِ

عهد ۽ پيمان جي سلسلي ۾ عربن جو اهو ئي ونهنوار هو (تہ ماڻهو يا تہ پاڻ اعلان ڪري يا پنهنجي گهراڻي جي ڪنهن ڀاتيءَ کان اعلان ڪرائي. گهراڻي کان ٻاهر جي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪيل اعلان ڪونہ مڃيو ويندو هو.) حضرت ابوبڪر رضہ سان حضرت علي رضہ جن عرج يا ضجنان نالي واديءَ ۾ اچي مليا. حضرت ابوبڪر رضہ پڇيو تہ "امير آهين يا مامور؟" حضرت علي رضہ فرمايو تہ "نہ، بلڪ مامور." پوءِ ٻئي اڳتي وڌيا. حضرت ابوبڪر رضہ ماڻهن کي حج ڪرايو. جڏهن (ڏهين تاريخ) قربانيءَ جو ڏينهن آيو تہ حضرت علي رضہ جن، جمره وٽ بيهي ماڻهن ۾ اهو اعلان ڪيو، جنهن جو حڪم پاڻ سڳورن ﷺ ڏنو هئن. يعني سمورن عهد وارن سان عهد ختم ڪيو ويو ۽ ڪين چئن مهينن جي ڇوٽ ڏني وئي (تہ يا تہ مسلمان ٿين يا جزيو ڏين يا لڏي وڃن) باقي جن مشرڪن، مسلمانن سان نياءُ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي هئي ۽ نہ ئي مسلمانن خلاف ڪنهن جي مدد ڪئي هئائون، تن سان ڪيل ناهہ، رٿيل مدي تائين برقرار رکيو ويو.

حضرت ابوبڪر رضہ. اصحابي سڳورن رضہ جو هڪ ميڙ موڪلي اهو پڙهو گهمارايو تہ هاڻي ڪوبہ مشرڪ حج نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي ڪو اگهاڙو ماڻهو بيت الله جو طواف ڪري ٿو سگهي.

اهو اعلان ڄڻ تہ عربستان ۾ بت پرستيءَ جي پڄاڻيءَ جو اعلان هو. يعني ان سال کانپوءِ بت پرستيءَ جي موٽڻ جي امڪان جي بہ ڪا گنجائش نہ رهي.(1)

حوالو(1) هن حج جي تفصيل لاءِ ڏسو صحيح بخاري 220/1، 451 - 626/2، 271 - زاد المعاد 25/3، 26 - ابن هشام 543/2 کان 546 ۽ تفسير جي ڪتابن ۾ سوره برات جون منڍ واريون آيتون.

غزون تي هڪ نظر

پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جي غزون، سرين ۽ فوجي مهمن تي هڪ نظر وجهڻ کانپوءِ ڪوبہ ماڻهو، جيڪو جنگ جي ماحول، پس منظر ۽ پيش منظر ۽ آثارن ۽ نتيجن جو علم رکندو هجي، اهو مڃڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندو تہ پاڻ سڳورا صلی الله عليه وسلم دنيا جا سڀ کان وڏا ۽ باڪمال فوجي اڳواڻ

هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي سوچ سمجهہ سيني کان وڏيڪ صحيح ۽ بيدار مغزي سڀ کان گهري هئي. پاڻ سڳورا ﷺ جهڙيءَ طرح نبوت ۽ رسالت جي وصفن ۾ رسولن جا سردار ۽ سڀ کان وڏا نبي هئا، اهڙيءَ طرح فوجي قيادت جي وصف ۾ بہ سڀ کان وڏا ماهر ۽ عبقريت جا مالڪ هئا. ڇوتہ پاڻ سڳورن ﷺ جيڪي بہ لڙايون ڪيون، تن لاءِ اهڙين حالتن ۽ جهتن جو انتخاب ڪيائون، جيڪي ڏاهپ ۽ دليريءَ جو پڌرو مثال هيون. ڪنهن بہ ويڙهہ ۾ حڪمت عملي، لشڪر جي ترتيب، حساس جڳهين تي ماڻهو بيهارڻ، جنگ ڪرڻ لاءِ پلي جڳهہ جي چوند ۽ جنگي حڪمت عملي وغيره ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کان ڪڏهن بہ ڪا چڪ نہ ٿي. ان ڪري ئي، ان بنياد تي پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ ڏڪ نہ کاڌو. بلڪ انهن سمورن جنگي معاملن ۽ مسئلن۾ پاڻ سڳورن ﷺ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ دنيا جن جن بہ وڏن سپهہ سالارن جي اڳواڻي ڏٺي آهي، پاڻ سڳورا ﷺ انهن مڙني کان نرالي قسم جا جنگي سپهہ سالار هئا. جن ڪڏهن شڪست جو منهن نہ ڏٺو. هن

موقعي تي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ احد ۾ حنين ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيو، تنهن جو ڪارڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪمت عمليءَ جي خامي نہ هو، بلڪ ان جي پٺيان حنين جي ڪن ماڻهن جون ڪي ڪمزوريون هيون ۽ احد ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي نهايت اهم حڪمت عملي ۽ ضروري هدايت کي نهايت فيصلاڪن لمحن ۾ نظر انداز ڪيو ويو هو.

پوءِ بہ جڏهن ٻنهي غزون ۾ مسلمانن کي ڌڪ رسيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ، جنهن اڏولپڻي جو مظاهرو ڪيو، اهو پنهنجو مثال پاڻ آهي. پاڻ سڳورا ﷺ دشمنن سان مهاڏو اٽڪائي بيٺا رهيا ۽ پنهنجي حڪمت عمليءَ جي اڻلڀ مثال سان يا تہ سندن مقصد پورو ٿيڻ نہ ڏنائون. (جيئن احد ۾ ٿيو) يا جنگ جو پاسو اهڙيءَ طرح پلٽائي ڇڏيائون جو مسلمانن جي هار، سوڀ ۾ بدلجي وئي. (جيئن حنين ۾ ٿيو) حالانڪ اُحد جهڙي خطرناڪ صورتحال ۽ حنين جهڙي افراتفري، سپهہ سالارن جا حوصلا خطا ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي ۽ سندن اعصابن تي ايڏو تہ برو اثر ڇڏي ٿي جو کين پاڻ بچائڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو سجهي.

اها ڳالهہ ٻول تہ انهن غزون جي نج فوجي ۽ جنگي پهلوءَ کان هئي. باقي رهيا ٻيا پاسا تہ اهي بہ ڏاڍا اهم آهن. پاڻ سڳورن ﷺ انهن غزون وسيلي امن امان قائم ڪيو، فتنن جي باهہ وسائي، اسلام ۽ بت پرستيءَ جي ڇڪتاڻ ۾ دشمنن جو ڏاڪو ٽوڙي وڌو ۽ کين اسلام جي کليءَ طرح پرچار ڪرڻ ۽ ناهہ ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ انهن جنگين ذريعي اهو بہ ڇاڻي ورتو تہ ڪير ساٿن سچا آهن ۽ ڪير منافق، جيڪي دل ئي دل ۾ دوکي ۽ دولاب جا جذبا سانديو وينا آهن.

پاڻ سڳورن ﷺ عملي لڙاين وسيلي مسلمان سپهہ سالارن جي هڪ وڏي جماعت بہ تيار ڪري ورتي، جن پاڻ سڳورن ﷺ کانپوءِ عراق ۽ شام جي ميدانن ۾ فارس ۽ روم سان ٽڪر کاڌو ۽ جنگي رٿائن ۾ سندن وڏن وڏن سالارن کي مات ڏئي کين سندن ئي گهرن ۽ علائقن، مال ۽ باغن، چشمن ۽ ٻني ٻارن، آرامده ۽ عزت وارين جڳهين ۽ مزيدار نعمتن کان ڪڍي ٻاهر ڪيو.

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ، انهن غزون وسيلي مسلمانن لاء رهائش، ٻني ٻاري ۽ ڏنڌي ڌاڙيءَ جو انتظام ڪيو. بي گهر ۽ محتاج پناهگيرن جا مسئلا بہ حل ڪيا. هٿيار، گهوڙا، ساز ۽ سامان ۽ جنگ جا خرچ هٿ ڪيا ۽ اهو سڀ ڪجهہ الله جي ٻانهن تي ٿورو بہ ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ کانسواء حاصل ڪيائون.

پاڻ سڳورن ﷺ انهن سمورن سببن ۽ مقصدن کي بہ مَٽائي ڇڏيو، جن لاء جاهليت ۾ جنگ جي باهہ ڀڙڪي پوندي هئي. يعني جاهليت واري دور ۾ جنگ نالو هئي ڦرلٽ ۽ مار ماران جو، ظلم ۽ ڏاڍائيءَ جو، پلاند ۽ اذيتون ڏيڻ جو، ڪمزورن کي ڪچلڻ جو، آبادين کي ويران ڪرڻ جو ۽ عمارتون ڊاهڻ جو، عورتن جي لڄ لٽڻ جو ۽ پوڙهن، ٻارن ۽ ٻارڙين سان سنگدلي ڪرڻ جو، ٻني ٻارا برباد ڪرڻ ۽ وهٽن کي مارڻ جو ۽ زمين تي تباهي ۽ فساد ڪرڻ جو. پر اسلام ان جنگ جو روح مَٽائي ان کي هڪ مقدس جهاد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن کي ڏاڍن چڱن سببن سان شروع ڪيو وڃي ٿو ۽ ان سان شريفاڻا مقصد حاصل ڪيا وڃن ٿا،

جن کي هر زماني ۽ هر ملڪ ۾ انساني سماج لاء اعزاز جو باعث مڃيو ويو آهي. ڇوته هاڻي جنگ جو مفهوم اهو وڃي ٿيو ته انسانن کي ڏاڍ ۽ ڏمر جي راڄ مان ڪڍي عدل ۽ انصاف جي راڄ ۾ آڻڻ لاء مسلح جدوجهد ڪئي وڃي. يعني هڪ اهڙي راڄ کي، جنهن ۾ ڏاڍو، هيٺي کي کائي رهيو آهي، ابتو ڪري اهڙو راڄ جوڙيو وڃي، جنهن ۾ طاقتور، ڪمزور تي وڃي، جيستائين ڪانئس ڪمزور جو حق نه ورتو وڃي اهڙيءَ طرح هاڻي جنگ جي معنيٰ اها وڃي ٿي آهي ته انهن ڪمزور مردن، عورتن ۽ ٻارن کي ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي، جيڪي دعائون ڪن ٿا ته "اي پالڻهار! اسانکي هن وسنديءَ مان ڪڍ، جتي جا رهاڪو ظالم آهن ۽ اسان لاء پنهنجي پاران ڪو والي موڪل ۽ پنهنجي پاران ڪو مددگار موڪل." هن جنگ جي معنيٰ اها وڃي ٿي ته الله جي ڌرتيءَ کي ٺڳي ۽ دولاب، ڏاڍ ۽ ڏمر، ڏوهه ۽ برائيءَ کان پاڪ ڪري ان جي جاء تي امن امان، محبت ۽ ڀائيچارو، عدل ۽ انصاف، انسانيت ۽ شرافت جو نظام رائج ڪيو وڃي.

پاڻ سڳورن ﷺ جنگ لاءِ شريفاڻا ضابطا بہ مقرر ڪيا ۽ پنهنجن فوجين ۽ سالارن لاءِ انهن جي پيروي ڪرڻ ضروري قرار ڏيندي، ڪنهن بہ حالت ۾ انهن کان ٻاهر نڪرڻ جي ڇوٽ نہ ڏني. حضرت سليمان بن بريده رضہ جن جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن لشڪر يا سريي جو اڳواڻ ڪندا هئا تہ کين پنهنجي باري ۾ پرهيزگاري ۽ مسلمان ساٿين لاءِ چڱائيءَ جي وصيت ڪندا هئا. پوءِ چوندا هئا تہ "الله جي نالي تي الله جي راه ۾ غزوو ڪريو. جنهن، الله سان ڪفر ڪيو، تنهن سان وڙهو. غزوو ڪريو، ٺڳي نہ ڪريو، دوکيبازي نہ ڪريو، نڪ ڪن وغيره نہ ڪٽيو، ڪنهن ٻار کي متان ماريو.. الخ"

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ نرمي ڪرڻ جو حڪم ڏيندي فرمائيندا هئا تہ "نرمي ڪريو، سختي نہ ڪريو، ماڻهن کي سک ڏيو، متنفر نہ ڪريو."(1)

حوالو (1) صحيح مسلم 2/82، 83

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ رات جو ڪنهن قوم وٽ پهچندا هئا تہ صبح ٿيڻ کان اڳ ڇاپو نہ هڻندا هئا. پاڻ

سڳورن ﷺ کنهن کي باهہ ۾ ساڙڻ کان ڏاڍي سختيءَ سان روڪيو هو. اهڙيءَ طرح ٻڌي مارڻ ۽ ماين کي موچڙا هڻڻ ۽ کين مارڻ کان بہ جهليو ۽ ڦرلٽ ڪرڻ کان بہ جهليو. ويندي پاڻ سڳورن ﷺ اهو بہ فرمايو تہ ڦر جو مال مردار وانگر ئي حرام آهي. اهڙيءَ طرح پوک کي تباهہ ڪرڻ، جانور مارڻ ۽ وڻ ڪٽڻ کان بہ جهليو، سواءِ ان صورت ۾ جو ڏاڍي گهرج پئجي وڃي ۽ وڻ ڪٽڻ کانسواءِ ڪو چارو نہ رهي. مڪو فتح ڪرڻ مهل پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڪنهن گهايل تي حملو نہ ڪريو، ڪنهن ڀڄندڙ جي ڪڍ نہ لڳو ۽ ڪنهن قيديءَ کي نہ ماريو." پاڻ سڳورن ﷺ اها سنت بہ جاري ڪئي تہ سفير کي نہ ماريو وڃي. پاڻ سڳورن ﷺ حليف (غير مسلم شهرين) کي مارڻ کان بہ سختيءَ سان روڪيو ۽ ايستائين بہ چيائون تہ "جيڪو ماڻهو ڪنهن حليف کي ماريندو، اهو جنت جو واس بہ نہ وٺي سگهندو. حالانڪہ ان جو واس چاليهہ ورهين جي پنڌ تائين اچي ٿو."

اهي ۽ اهڙا ٻيا اعليٰ درجي جا قاعدا ۽ ضابطا هئا، جن جي وسيلي جنگ جو عمل، جاهليت جي گندگين کان صاف ۽ پاڪ ٿي، مقدس جهاد ۾ تبديل ٿي ويو.

الله جي دين ۾ ٽولن جا ٽولا داخل ٿيڻ

جيئن ته اسين ٻڌائي آيا آهيون ته مڪي جي فتح هڪ فيصلاڪن جهڙپ هئي، جنهن بت پرستيءَ جا لاهه ڪڍي ڇڏيا ۽ سڄي عربستان لاءِ سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ جو اهڃاڻ ثابت ٿي. ان جي ڪارڻ سندن شڪ ۽ شبها ختم ٿي ويا. جنهن ڪانپوءِ انهن ڊاڍو تڪڙو اسلام قبوليو. حضرت عمرو بن سلمه رضه جو بيان آهي ته "اسين هڪ چشمي وٽ(آباد) هئاسين، جتان ماڻهن جي اچ وڃ هوندي هئي. اسان وٽان قافلا لنگهندا هئا ۽ اسين ڪانئن پڇندا هئاسين ته ماڻهن جا ڪهڙا حال آهن؟ ان همراه (محمد صلى الله عليه وسلم) جا ڪهڙا حال آهن؟ ڪيئن آهي؟ ماڻهو ٻڌائيندا هئا ته "هو سمجهي ٿو ته الله کيس پيغمبر ڪيو آهي، هن وٽ وحي موڪلي آهي، الله هي ۽ هي وحي موڪلي اٿس." آئون اها ڳالهه ياد ڪري وٺندو هوس، ڄڻ ته اها منهنجي دل تي

ڇنڇي ويندي هئي ۽ عرب اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مڪي جي فتح جو انتظار ڪري رهيا هئا. چوندا هئا تہ "ڪيس ۽ سندس قوم کي (طاقت آزمائڻ لاءِ) ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن هو پنهنجي قوم تي غالب ٿي ويو تہ پوءِ سمجهبو تہ سچو نبي آهي. تنهن ڪانپوءِ جڏهن مڪي جي فتح ٿي تہ هر قوم اسلام قبولڻ لاءِ (مديني) ڏانهن وڌي ۽ بابا بہ پنهنجيءَ قوم پاران ويو ۽ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ وٽان ٿي موٽيو تہ چيائين تہ "الله جو قسم! آئون اوهان وٽ هڪ سچي نبيءَ وٽان ٿيو پيو اچان. پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌايو تہ فلاڻي فلاڻي نماز، فلاڻي فلاڻي وقت تي پڙهو ۽ جڏهن نماز جي مهل ٿئي تہ توهان مان هڪ ڄڻو بانگ ڏئي ۽ جنهن کي قرآن ياد هجي، اهو امامت ڪري.(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 615/2، 616

هن حديث مان اندازو ٿئي ٿو تہ مڪي جي فتح وارو واقعو حالتون تبديل ڪرڻ، اسلام کي سگهارو ڪرڻ، عربستان جي رهاڪن کي سچ سمجهائي اسلام آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۾ ڪيترا نہ گهرا ۽ جٽادار اثر ڇڏڻ جي ڪري

اهميت رکي ٿو. اها ڪيفيت غزوه تبوڪ کانپوءِ اچا وڌيڪ پڪي ٿي وئي. انڪري ئي اسان ڏسون ٿا ته انهن ٻن ورهين (سنه 9 ۽ 10 هه) ۾ مديني اچڻ وارن وفدن جون قطارون لڳيون پيون هونديون هيون ۽ ماڻهو الله جي دين ۾ وڏن وڏن جٿن جي شڪل ۾ داخل ٿي رهيا هئا. ايستائين جو اهو اسلامي لشڪر جيڪو مڪو فتح ڪرڻ مهل ڏهه هزار سپاهين تي ٻڌل هو، ان جو تعداد غزوه تبوڪ ۾ (جيڪو مڪو فتح ٿيڻ کي هڪ سال پورو ٿيڻ کان به اڳ ٿيو هو.) ايترو وڌي ويو جو اهو ٽيهه هزار فوجين تائين وڃي رسيو. وري اسين حجت الوداع مهل ڏسون ٿا ته هڪ لک چوويهه هزار يا هڪ لک چوئيتاليهه هزار مسلمانن جي ڇڻ ته ٻوڏ آيل هئي، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري لبيڪ لبيڪ پڪاريندا، تڪبير جا نعرا هڻندا، خدا جي وڏائي ۽ ساراهه جا گيت ڳائي رهيا هئا. جن سان آسمان گونججي رهيو هو. جبل توڙي ماٿريون توحيد جي نغمي جا پڙاڏا ڪري رهيون هيون.

وفد:- مؤرخن جيڪي وفد ڄاڻايا آهن، تن جو تعداد ستر ڪان وڌيڪ آهي، پر هتي نه ڪو انهن سمورن جي ذڪر جو موقعو آهي، نه ئي ذڪر ڪرڻ مان ڪو لاڀ حاصل ٿيندو. ان ڪري اسين رڳو انهن وفدن جو ذڪر ڪريون ٿا، جيڪي تاريخي اهميت رکن ٿا. پڙهندڙن کي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ عام قبائلي وفد مڪي جي فتح کانپوء ئي مديني ۾ اچڻ شروع ٿي ويا هئا، پر ڪي ڪي قبيلا اهڙا به هئا، جن جا وفد مڪي جي فتح کان اڳ ئي مديني پهچي ويا هئا. هتي اسين انهن جو ذڪر ڪريون ٿا.

(1) عبدالقيس وارو وفد:- هن قبيلي جو وفد به ٻيرا ڀاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو. پهريون ڀيرو سنه 5 هه ۾ يا ان کان به اڳ ۽ ٻيو ڀيرو عام وفدَ اچڻ مهل سنه 9 هه ۾ پهريون ڀيرو اچڻ جو ڪارڻ اهو هو ته هن قبيلي جو هڪ ماڻهو منقذ بن حبان، واپار جا وڙ کڻي مديني ايندو ويندو هو. اهو جڏهن ڀاڻ سڳورن ﷺ جي هجرت کانپوء پهريون ڀيرو مديني آيو ۽ کيس اسلام جو پتو پيو ته هو مسلمان ٿي ويو ۽ ڀاڻ سڳورن ﷺ جو هڪ خط کڻي پنهنجي قوم وٽ ويو.

انهن بہ اسلام قبوليو ۽ سندن تيرنهن يا چوڏنهن ڄڻن جو هڪ وفد حرمت واري مهيني ۾ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتو. هن پيري ئي هن وفد پاڻ سڳورن ﷺ کان ايمان ۽ مذهبي طريقن بابت سوال ڪيا هئا. هن وفد جو اڳواڻ الاسج العصري (1) هو. جنهن بابت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو هو تہ تو ۾ بہ ٻہ گڻ اهڙا آهن، جيڪي الله تعاليٰ کي وڻندا آهن. هڪ تہ دور انديشي ۽ ٻيو بردباري

حوالو(1) مرعات المفاتيح 71/1

ٻيو پيرو هن قبيلي جو وفد، جيئن مٿي ٻڌايوسين تہ وفدن واري سال آيو هو. ان مهل سندن تعداد چاليهہ هو ۽ انهن ۾ علاءُ بن جارود عبدي بہ هو. جيڪو نصراني هو، پر پوءِ مسلمان ٿي ويو ۽ ڏاڍو چڱو مسلمان ٿيو.(2)

حوالو(2) شرح صحيح مسلم للنودي 33/1 فتح الباري 85/8، 86

(2) دوس قبيلي جو وفد:- هي وفد سنہ 7 هہ جي منڍ ۾ مديني آيو هو. ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ خيبر ويل هئا. توهان مٿي پڙهي چڪا آهيو تہ هن قبيلي جا سردار حضرت

طفيل بن عمرو دوسي رضہ جن، انهن ڏينهن ۾ مسلمان ٿيا هئا، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اجا مڪي ۾ هئا. پوءِ انهن پنهنجي قوم ۾ موٽي اچي اسلام جي پرچار ڪئي پر سندن قوم لاڳيتو ٽاريندي ۽ دير ڪندي رهي. نيٺ حضرت طفيل رضہ جن، ڪائڻ مايوس ٿي ويا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي چيائون تہ توهان دوس قبيلي کي پٽيو. پر پاڻ سڳورن ﷺ دعا گهري تہ "اي الله! دوس وارن کي هدايت ڏي." پاڻ سڳورن ﷺ جي ان دعا سان هن قبيلي وارا مسلمان ٿي ويا. حضرت طفيل رضہ جن پنهنجي قوم جي ستر يا اسي گهراڻن جو ميڙ وٺي سنہ 7 هہ جي منڍ ۾ ان مهل مديني هجرت ڪري آيا، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ خيبر ويل هئا. تنهن ڪانپوءِ حضرت طفيل رضہ جن پاڻ سڳورن ﷺ سان خيبر ۾ وڃي مليا.

(3) فزده بن عمرو جذامي جو قاصد:- حضرت فزدَه رضہ جن، رومي لشڪر جا هڪ عربي سالار هئا. ڪين رومين پنهنجن سرحدن سان ڳنڍيل عرب علائقن جو گورنر بڻايو هو. سندن مرڪز معان (ڏکڻ اردن) هو ۽ پر پاسي وارن علائقن

تي راڄ ڪندا هئا. انهن، موته واري جنگ (سنه 8 هه) ۾ مسلمانن جي لڙائي، دليري ۽ جنگي حڪمت عملي ڏسي اسلام قبوليو ۽ هڪ قاصد موڪلي پاڻ سڳورن ﷺ کي مسلمان ٿيڻ جو ڄاڻ ڏنو ۽ سوکڙيءَ طور هڪ خچر موڪليو. رومين کي سندن مسلمان ٿيڻ جو پتو پيو ته انهن پهرين ته کين جهلي ڪٽي قيد ڪيو. پوءِ اختيار ڏنائون ته يا ته مرتد ٿي وڃ يا مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. انهن قرڻ ڪان مرڻ پسند ڪيو. جنهن تي کين فلسطين ۾ عفراء نالي هڪ چشمي وٽ ڦاهيءَ تي چاڙهي شهيد ڪيو ويو.(1)

حوالو(1) زاد المعاد 45/3

(4) صداءَ وارن جو وفد:- هي وفد سنه 8 هه ۾ جعرانه کان پاڻ سڳورن ﷺ جي موٽڻ ڪانپوءِ پهتو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته پاڻ سڳورن ﷺ چار سؤ مسلمانن جي هڪ جٿي کي حڪم ڏنو هو ته يمن ۾ صداءَ قبيلي جي رهڻ وارا ماڳ لتاڙي اچن. اهو جٿو اجا قنات نالي واديءَ جي ڇيڙي تي لٿل هو ته حضرت زياد بن حارث صدائي کي پتو پئجي ويو. اهي تڪڙا تڪڙا پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهتا ۽ عرض ڪيائون

تہ منهنجي پنيان جيڪي ماڻهو آهن، آئون انهن جو عيوضي ٿي آيو آهيان. تنهنڪري لشڪر کي موٽايو وڃي. آئون پنهنجي قوم جو ضامن ٿو پوان. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ لشڪر واپس گهرايو. ان ڪانپوءِ حضرت زياد رضہ جن پنهنجي قوم ۾ وڃي ڪين پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هلڻ لاءِ همٿايو. سندن همٿائڻ تي پنڌرنهن ڄڻا پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيا ۽ اسلام جي بيعت ڪيائون. پوءِ پنهنجي قوم ۾ وڃي اسلام جي پرچار ڪرڻ لڳا ۽ انهن ۾ اسلام ڦهلجي ويو. حجت الوداع جي موقعي تي انهن مان هڪ سؤ ڄڻن اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان ملڻ جو شرف حاصل ڪيو.

(5) كعب بن زهير بن ابي سلميٰ جو اچڻ:- هي همراه هڪ شاعر گهراڻي مان هو. ۽ پاڻ بہ عربستان جو هڪ وڏو شاعر هو. هو ڪافر هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي هجو ڪندو هو. امام حاڪم جي چواڻي تہ هي بہ انهن ڏوهارين منجهان هو، جن بابت مڪي جي فتح مهل حڪم ڏنو ويو هو تہ اهي ڪعبت الله جو پڙدو جهلي بيٺل ملن تہ بہ ڪين ماريو وڃي.

پر هي همراه بچي نڪتو. بئي پاسي پاڻ سڳورا ﷺ طائف واري غزوي (سنہ 8 ھہ) تان موٽيا تہ ڪعب ڪي سندس ڀاءُ بجير بن زهير لکيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ، مڪي جا اهڙا گهڻائي ماڻهو مارائي ڇڏيا آهن، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي هجو ڪندا هئا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي تنگ ڪندا هئا. قريشن جي بچيل سچيل شاعرن ڪي جيڏانهن منهن لڳو، تيڏانهن ڀڄي ويا. تنهنڪري جيڪڏهن توکي ساهہ پيارو هجي تہ پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اڏامي پهچ. ڇوتہ ڪوبہ ماڻهو توبہ ڪري انهن وٽ اچي ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ کين مارائين ڪونہ ٿا ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ نٿو قبولين تہ پوءِ جنهن پاسي ڀڄي سگهين، تنهن پاسي ڀڄي وڃ. تنهن ڪانپوءِ ٻنهي ڀائرن ۾ وڏيڪ لکپڙہ ٿي. جنهن هي نتيجي ۾ ڪعب بن زهير کي ڌرتي سوڙهي محسوس ٿيڻ لڳي ۽ اچي ساهہ سان لڳيس. تنهنڪري نيٺ مديني ۾ آيو ۽ جهينہ جي هڪ ماڻهوءَ وٽ مهمان ٿي رهيو ۽ ساڻس گڏ نماز بہ پڙهيائين. نماز کان واندو ٿيو تہ جهينيءَ اشارو ڪيس ۽ هو اٿي وڃي پاڻ سڳورن ﷺ جي

پرسان وٺو ۽ پنهنجو هٿ پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ تي رکي پڇڏيائين. پاڻ سڳورا ﷺ کيس سڃاڻندا ڪونہ هئا. هن چيو تہ "يا رسول الله! ڪعب بن زهير توبہ ڪري مسلمان ٿي ويو آهي ۽ توهان کان امن جو گهرجائو آهي. جي آئون کيس هتي وٺي اچان تہ ڇا توهان سندس اسلام قبول ڪندؤ." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو." هن چيو تہ "آئون ڪعب بن زهير آهيان." اهو ٻڌي هڪ انصاري اصحابيءَ هن تي جهپٽو هنيو ۽ کيس مارڻ جي موڪل گهري. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڇڏي ڏينس. هي همراه تائب ٿي، پنهنجين پوين ڳالهين تان هٿ کڻي آيو آهي."

تنهن ڪانپوء ان ئي موقعي تي ڪعب بن زهير پنهنجو مشهور قصيدو پاڻ سڳورن ﷺ کي پڙهي ٻڌايو، جنهن جي ابتدا هيئن هئي:

بانت سعاد فقلبي اليو مقبول

متيم اِثرهالم يفد، مكبول

ترجمو:- سُعاد (مونکان) پري ٿي وئي تہ منهنجو دل بيقرار آهي، ان جي عشق ۾ گرفتار ۽ بيڙين ۾ جڪڙيل آهي،

(منهنجي دل کي ڇڏائڻ لاءِ هن کي ويجهو ڪرڻ جو) فديو نہ ڏنو ويو.

هن قصيدي ۾ ڪعب، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان معذرت ڪندي سندن ساراهہ ڪندي هيئن اڳتي چيو آهي تہ:

نبئتُ انّ رسول الله اَوعدَني
ولله العنوعبد رسول الله مامولُ
مهلا هداك الذي اعطاك نافلہ
قرآن فيها مواعيظ و تفصيلُ
لا تاخذن باقوال الو شاهِ وَلم
اُذنب ولو كثرت فيّ الاقاوِيلُ
لقد اقومُ مقاما لو يقومُ بہ
اري، واسمع مالو يسمعُ الفيلُ
لظلّ يرعدُ الا ان يكونَ لہ
من الرسول باذن الله تنويلُ
حتيٰ وضعتُ ما انازِعہ
في كف ذي نقمات قيلہ القيلُ
فلهوَا خوفُ عندي اِذ اُكلمہ

و قيل اِنک منسوب ومسئولُ

من ضيضم بضراء الارض مخدره

في بطن عثرغيل دونہ غيلُ

اِنّ الرسول لنور يستضاءُ بہ

مهند من سيوف اللّٰه مسلولُ

ترجمو:- "مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ اللّٰه جي رسول مونکي ڌمڪي ڏني آهي، جيتوڻيڪ اللّٰه جي رسول مان درگذر جو آسرو آهي. اوهان ترسو چغلخورن جي ڳالهين تي يقين نہ ڪريو. اها هستي توهان جي رهنمائي ڪري، جنهن توهان کي نصيحتن ۽ تفصيل سان ڀريل قرآن تحفيہ ڏنو آهي. جيتوڻيڪ مون بابت ڳالهيون گهڻيون ڪيون ويون آهن، پر مون ڏوهہ نہ ڪيو آهي. آئون اهڙي هنڌ بيٺو آهيان ۽ اهي ڳالهيون ڏسان ۽ ٻڌان پيو جو جيڪڏهن هاٿي بہ اتي بيهي ۽ اهي ڳالهيون ٻڌي ۽ ڏسي تہ هوند ڪنبي وجي. سواء ان صورت جي جو ان تي اللّٰه جي اذن (اجازت) سان رسول ﷺ جي نوازش هجي. ايتري قدر جو مون پنهنجو هٿ ڪنهن تڪرار ڪانسواء ان ڀلاريءَ هستيءَ جي هٿ ۾ ڏئي

ڇڏيو آهي، جنهن کي بدلي تي پورو اختيار آهي ۽ جنهن جي ڳالهہ وزنائتي هوندي آهي، جڏهن آئون ساڻس ڳالهايان ٿو. جيتوڻيڪ مونکي ڇيو ويو آهي تہ تو ڏانهن (فلاڻيون فلاڻيون ڳالهيون) منسوب آهن ۽ توکان ان جو پڇاڻو ڪيو ويندو. تہ هو منهنجي نظر ۾ ان شينهن کان بہ وڌيڪ خوفناڪ هوندو آهي، جنهن جي رهڻ جي جاءِ ڪنهن موتمار واديءَ جي پيٽ ۾ موجود ڪنهن اهڙي سخت زمين ۾ هجي، جنهن کان اڳ بہ هلاڪت هجي. يقينن پاڻ سڳورا ﷺ هڪ نور آهن، جنهن مان روشني حاصل ڪئي وڃي ٿي. الله جي تلوارن مان هڪ اپي هندي تلوار آهن."

تنهن کانپوءِ ڪعب بن اشرف، قريشي مهاجرن جي ساراهہ ڪئي، ڇوتہ ڪعب جي اچڻ تي انهن مان ڪنهن بہ چڱائيءَ کانسواءِ ڪا ڳالهہ يا حرڪت نہ ڪئي هئي، پر مدح ۾ انصارن تي چٽر ڪيائين. ڇوتہ سندن هڪ ڄڻي ڪيس مارڻ جي موڪل گهري هئي. چيائين تہ:

يمشون مشي الجمال الزهر يعصمهم

ضرب اذا عرد السود التنابيل

ترجمو:- " اهي (قريش) سهڻن لڏندڙ لمندڙ اٺن وانگر هلن ٿا ۽ تلوار بازيءَ جو هنر سندن حفاظت ڪري ٿو ۽ پاڙيا پيتا سندن رستو ڇڏي ڀڄي وڃن ٿا."

پر جڏهن هو پڪو مسلمان ٿوي تہ هن هڪ قصيدو انصاين جي ساراهہ ۾ بہ لکيو ۽ اڳئين پل جي تلاقي ڪندي هن قصيدي ۾ چيائين تہ:

من سره كرم الحيات فلا يزل

في مقنب من صالحي انانصار

ورثو المكارم كابرا عن كابر

ان الخيار هم بنو الاخيار

ترجمو:- "جنهن کي سٺن اخلاقن واري زندگي پسند هجي، اهو سدائين ڀلارن انصارن جي ڪنهن ٽولي ۾ رهي. انهن چڱايون پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ورتيون آهن. حقيقت ۾ چڱا ماڻهو اهي ئي آهن، جيڪي چڱن جو اولاد آهن."

(6) عذره وارن جو وفد:- هي وفد، صفر سنہ 9 هہ ۾ مديني پهتو. جنهن۾ ٻارنهن ڄڻا هئا. انهن ۾ حمزه بن نعمان رضہ جن بہ هئا. جڏهن وفد کان پڇيو ويو تہ توهان ڪير آهيو؟ تہ

سندن نمائندي چيو تہ "اسين بنو عذره آهيون. قصي جا (اَخياني)مائيتا پائر. اسان ئي قصيءَ جو پاسو ورتو هو ۽ خزاعہ ۽ بنو بڪر کي مڪي مان ڌڪي ڪڍيو هو. (هتي) اسانجون مائٽيون ۽ واسطا آهن." تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ کين يليڪار ڪئي ۽ شام ملڪ فتح ڪرڻ جي بشارت ڏني ۽ کين پوپين (ڪاهن عورتن) وٽ وڃڻ کان روڪيو ۽ اهڙين قربانين کان روڪيو، جيڪي اهي (شرڪ جي حالت ۾) ڪندا هئا. ان وفد اسلام قبوليو ۽ ڪجهہ ڏينهن ترسي، موٽي ويو.

(7) بليءَ وارن جو وفد:- هيءُ وفد ربيع الاول سنہ 9 هہ ۾ مديني آيو ۽ مسلمان ٿي ٽي ڏينهن اتي ترسيو. رهائش دوران وفد جي سردار ابوالضبيب پڇيو تہ "چا مهماني ڪرڻ ۾ بہ ثواب آهي؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "هائو! ڪنهن مالدار يا ڪنهن فقير سان جيترو بہ چڱو هلندي، اهو صدقو آهي." هن پڇيو تہ "مهماني گهٽا ڏينهن ڪجي؟" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ٽي ڏينهن." هن پڇيو تہ ڪنهن اڻڄاڻوءَ جي وڃايل رڍ يا ٻڪري ملي تہ ڇا ڪجي؟" پاڻ

سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اها تو لئہ آهي يا تنهنجي ياءُ لاءِ آهي يا وري بگهڙ لاءِ آهي." ان ڪانپوءِ هن وڃايل اٺ بابت پڇيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ان ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم؟ ان کي ڇڏي ڏي، پاڻهي مالڪ وٽ وڃي ڪيس هٿ ڪندو."

(8) ثقيف وارن جو وفد:- اهو وفد رمضان سنہ 9 ھ ۾ تبوڪ کان پاڻ سڳورن ﷺ جي موٽڻ ڪانپوءِ پهتو. هن قبيلي ۾ اسلام هن طرح ڦهليو جو پاڻ سڳورا ﷺ ذوالقعد سنہ 8 ھ ۾ جڏهن طائف واري غزوي تان موٽيا تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني پهچڻ کان اڳ ئي هن قبيلي جو سردار عروه بن مسعود رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي اسلام قبوليو ۽ پوءِ پنهنجي قبيلي۾ وڃي ماڻهن ۾ اسلام جي پرچار ڪيائون. جيئن تہ اهي پنهنجي قوم جو سردار هئا ۽ رڳو اهو نہ پر سندن چيو بہ مڃيو ويندو هو، بلڪ کين قبيلي پاران پنهنجن ٻارن ٻچن کان بہ وڌيڪ پيارو سمجهندا هئا، تنهنڪري سندن ليکي ماڻهو سندن پوئواري ڪندا. پر جڏهن انهن اسلام جي دعوت ڏني تہ

توقع جي ابتڙ انهن تي هر طرف کان تيرن جو وسڪارو ڪيو ويو ۽ کين ماريو ويو. کين مارڻ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن ته ائين ئي گذري ويا. پوءِ کين احساس ٿيو ته پرپاسي جو سڄو علائقو مسلمان ٿي چڪو آهي، جنهن سان وڙهڻ جو اسان ست نٿا ساري سگهون. تنهنڪري انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هڪڙو ڄڻو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ موڪلين. ان ڪم لاءِ عبدِياليل بن عمرو سان ڳالهه ٻول ڪيائون پر اهو راضي نه ٿيو. کيس ڊپ هو ته متان ساڻس به اهو سلوڪ نه ڪيو وڃي جيڪو عروه بن مسعود رضہ سان ڪيو ويو هو. ان ڪري هن چيو ته "آئون اهو ڪم تيستائين نٿو ڪري سگهان، جيستائين مون سان گڏ ٻيا به ڪي ماڻهو نٿا موڪليو. ماڻهن اها ڳهر پوري ڪئي ۽ ساڻس گڏ حليفن مان به ڄڻا ۽ بني مالڪ مان ٽي ڄڻا موڪليائون. اهڙيءَ طرح ڪل ڇهن ڄڻن جو وفد سنيري نڪتو. هن ئي وفد ۾ حضرت عثمان بن ابي العاص ثقفي رضہ جن به هئا، جيڪي سيني کان ننڍڙي ڄمار جا هئا.

جڏهن اهي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ پهتا تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم انهن لاء مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ خيمو کوڙايو تہ جيئن اهي قرآن ٻڌي سگهن ۽ اصحابي سڳورن رضہ کي نماز پڙهندي ڏسي سگهن. اهي همراه پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ ايندا ويندا رهيا ۽ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم کين اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا. نيٺ سندن سردار پڇيو تہ ڇا توهان پنهنجي ۽ ثقيف جي وچ ۾ هڪ (اهڙو) ناهہ لکي ڏيندا، جنهن ۾ زنا ڪرڻ، شراب پيئڻ ۽ وياج وٺڻ جي ڇوٽ هجي. سندن معبود لات سان ڪابہ ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪئي وڃي. انهن تان نماز بہ معاف هجي ۽ سندن بت سندن هٿان نہ ڀڃايا وڃن." پر پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم انهن مان ڪا ڳالهہ نہ مڃي. تنهنڪري انهن وري اڪيلائيءَ ۾ صلاح ڪئي پر کين پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ کانسواء ٻيو ڪوبہ گس نہ سجهيو.نيٺ هنن پنهنجو پاڻ کي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي حوالي ڪندي اسلام قبول ڪري ورتو. باقي اهو شرط وڌائون تہ "لات" کي ڊاهڻ جو ڪم پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم پاڻ ڪرائين، ثقيف، ان کي پنهنجي هٿن سان ڪڏهن ڪونہ

ڊاهيندا. پاڻ سڳورن ﷺ اهو شرط مڃيو ۽ هڪ لکت ڏنائون ۽ عثمان بن ابي العاص ثقفي رضہ کي سندن امير بنايائون. ڇوته اهي ئي اسلام کي سمجهڻ ۽ قرآن جي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳرا ۽ شوق رکندڙ هئا. ان جو سبب اهو هو جو وفد جا رڪن روزانو صبح جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ويندا هئا پر عثمان رضہ کي پنهنجي ديري تي ڇڏي ويندا هئا. جڏهن وفد موٽي اچي ٻنپهرن جو آرام ڪندو هو ته حضرت عثمان رضہ جن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي قرآن پڙهندا هئا ۽ دين جون ڳالهيون پڇندا هئا ۽ جيڪڏهن پاڻ سڳورا ﷺ آرامي هوندا هئا ته اهي حضرت ابوبڪر رضہ جن وٽ هليا ويندا هئا. (حضرت عثمان بن ابي العاص رضہ جن جي گورنري ٻہ ڏاڍي ڀلي ثابت ٿي. پاڻ سڳورن ﷺ جي هن جهان مان لاڏاڻي ڪانپوءِ جڏهن صديقي خلافت ۾ ارتداد جي لهر اٿي ۽ ثقيف وارن ٻہ مرتد ٿيڻ جو پهہ ڪيو ته ڪين عثمان بن ابي العاص رضہ جن سمجهائيندي چيو ته "ثقيف وارؤ! توهان سڀني کان پڇاڙيءَ ۾ مسلمان ٿيا آهيو. تنهنڪري سڀني کان پهرين

مرتد نہ ٿيو." اهو ٻڌي ماڻهن ارتداد ڪرڻ کان پاڻ جهليو ۽ اسلام تي ثابت قدم رهيا.

بهرحال وفد، قوم وٽ موٽي اصل ڳالهہ لڪائي ۽ قوم آڏو لڙائي ۽ وڙہ وڙهان جون ڳالهيون ڪيون ۽ ڏکويل اندازِ ۾ ٻڌايو تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم کانئن گهر ڪئي آهي تہ اسلام قبوليو ۽ زنا، شراب ۽ وياج کي ڇڏيو نہ تہ ڇتي ويڙهہ ڪئي ويندي. اهو ٻڌي ثقيف وارن تي پهرين تہ جاهلن واري هوڏ سوار ٿي وئي ۽ اهي ٽن ڏينهن تائين وڙہ وڙهان جون ڳالهيون ڪندا رهيا، پر پوءِ الله تعالىٰ سندن دلين ۾ ڊپ وڌو ۽ انهن، وفد کي ٻيهر پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم وٽ وڃي شرط مڃڻ جي گذارش ڪئي. تڏهن وفد وارن سچي ڳالهہ ٻڌاين ۽ جن ڳالهين تي ناهہ ٿيو هو، اهي ظاهر ڪيون. ثقيف وارن اوڏي مهل ئي اسلام قبوليو.

ٻئي ڏينهن "لات" کي ڊاهڻ لاءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم، حضرت خالد بن وليد رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ ڪجهہ اصحابي سڳورا رضہ موڪليا. حضرت مغيره رضہ بن شيبہ جن اٿي گرز کنيو ۽ پنهنجن ساٿين کي چيو تہ"والله آئون ٿورو توهان

کي ثقيف وارن تي ڪلائيندس. تنهن ڪانپوءِ "لات" کي گرز هڻي پاڻ ئي ڪري پيا ۽ ڇڙيون هڻڻ لڳا. اهو ڊرامو ڏسي طائف وارن کي اچي ڊپ ورايو. چوڻ لڳا تہ "الله مغيره کي هلاڪ ڪري، هن کي ديويءَ ماري وڌو." تنهن تي حضرت مغيره رضہ ٽپ ڏئي اٿي بيٺا ۽ فرمايائون تہ "الله توهان جو برو ڪري. هيءُ تہ پٿر ۽ مٽيءَ جو نماسو آهي." پوءِ انهن دروازي تي ڌڪ هنيو ۽ ان کي ڊاهي اچي پٽ ڪيائون. وينديءِ ان جا بنياد بہ کوٽي وڌائون ۽ ان جا ڳهہ ڳٽا ۽ ڪپڙا لٽا لاهي ورتائون. اهو ڏسي ثقيف وارن کي ماٺ لڳي وئي. حضرت خالد رضہ جن ڳهہ ۽ ڪپڙا کڻي پنهنجي ٽولي سان موٽيا. پاڻ سڳورن صلی الله علیہ وسلم سڀ ڪجهہ ان ئي ڏينهن ورهائي ڇڏيو ۽ نبيءَ جي فتح ۽ دين کي اعزاز ملڻ تي الله تعاليٰ جو ٿورا مڃيا.(1)

حوالو(1) زاد المعاد 26/3، 27، 28 - ابن هشام 537/2 کان 542

(9) <u>يمن جي شاهن جو خط</u>:- تبوڪ کان پاڻ سڳورن صلی الله علیہ وسلم جو موٽڻ ڪانپوءِ حمير جي شاهن يعني حارث بن

عبدالڪلال، نعيم بن عبدالڪلال ۽ رعين، همدان ۽ معارف جي اڳواڻن، نعمان بن قيل جو خط پهتو. خط آڻيندڙ مالڪ بن مرّه رهادي هو. انهن بادشاهن پنهنجي اسلام قبولڻ ۽ شرڪ ۽ مشرڪن کان پاسو ڪرڻ جو ڄاڻ موڪليو هو. پاڻ سڳورن ﷺ ڪين جوابي خط لکي واضع ڪيو تہ مؤمنن جا حق ۽ سندن ذميداريون ڪهڙيون آهن. پاڻ سڳورن ﷺ ان خط ۾ ناهہ ڪرڻ وارن لاءِ الله جو ذمو ۽ ان جي رسول ﷺ جو ذمو بہ ڏنو هو، پر شرط اهو هو تہ اهي رٿيل جزيو ڏيندا رهن. ان ڪانسواءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڪجهہ اصحابي سڳورن رضہ کي يمن موڪليو ۽ حضرت معاذ بن جبل رضہ کي انهن جو اڳواڻ ڪيو.

(1) همدان وارن جو وفد:- هي وفد سنہ 9 هہ ۾ تبوڪ کان پاڻ سڳورن ﷺ جي موٽڻ ڪانپوءِ پهتو. پاڻ سڳورن ﷺ سندن لاءِ هڪ لکت لکي، جيڪو ڪجهہ انهن گهريو هو، اهو عطا ڪيو ۽ مالڪ بن نمط رضہ کي سندن اڳواڻ چوندي سندن قوم جي مسلمانن لاءِ گورنر مقرر ڪيو ۽ بين ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ حضرت خالد بن وليد

رضہ کي موڪليائون. اهي، اتي ڇهہ مهينا رهي اسلام جي پرچار ڪندا رهيا، پر ماڻهن اسلام نہ قبوليو. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت علي بن ابي طالب رضہ جن کي موڪليو ۽ حڪم ڪيو تہ خالد رضہ کي واپس موڪلين. حضرت علي رضہ جن همدان قبيلي وارن وٽ پهچي ڪين پاڻ سڳورن ﷺ جو خط پڙهي ٻڌايو ۽ اسلام جي دعوت ڏني تہ سيئي مسلمان ٿي ويا. حضرت علي رضہ پاڻ سڳورن ﷺ کي انهن جي مسلمان ٿيڻ جي خوشخبري موڪلي. پاڻ سڳورا ﷺ خط پڙهي سجدي ۾ ڪري پيا ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڻي فرمايائون تہ همدان وارن تي سلام، همدان وارن تي سلام.

(11) بني فزاره جو وفد:- اهو وفد سنہ 9 هہ ۾ تبوڪ کان پاڻ سڳورن ﷺ جي موٽڻ ڪانپوءِ پهتو. هن ۾ ڏهن کان ڪجهہ مٿي ماڻهو هئا ۽ سيئي اسلام قبولي چڪا هئا. انهن پنهنجي علائقي ۾ ڏڪار جي دانهن ڏني. پاڻ سڳورا ﷺ منبر تي چڙهيا ۽ ٻئي هٿ کڻي مينهن لاءِ دعا گهريائون. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اي الله! پنهنجي

ملڪ ۾ پنهنجن وهٽن جي اج اجهاءِ. پنهنجي رحمت کي ڪشادو ڪر. پنهنجي مئل شهر کي جيار. اي الله! اسان تي اهڙو مينهن وساءِ جيڪو اسان جا ڏک سور ختم ڪري، راحت پهچائي، وڻندڙ هجي، سيني لاءِ فائديمند هجي، ترت اچي، دير نہ ڪري، لاڀائتو هجي، ڇيهو نہ رسائي. اي الله! رحمت جو مينهن، عذاب جي وسڪار نہ ۽ نہ ڊاهڻ واري ۽ نہ ٻوڙڻ واري ۽ نہ نقصان واري وسڪار. اي الله! اسان کي مينهن وسائي آسودو ڪر ۽ دشمنن جي خلاف اسانجي مدد ڪر."(1)

حوالو (1) زاد المعاد 48/3

(12) نجران وارن جو وفد:- (ن تي زبر، ج ساڪن، مڪي کان يمن ڏانهن ستين مرحلي تي هڪ وڏو علائقو هو. جنهن ۾ ٿيهتر وسنديون هيون. تکي ۾ تکو سوار بہ سڄي ڏينهن ۾ مس وڃي سڄو علائقو پار ڪري تي سگهيو.(1)هن علائقي ۾ هڪ لک کان مٿي ڏگ مڙس رهندا هئا. جيڪي سمورا عيسائي هئا.)

حوالو(1)فتح الباري 94/8

نجران جو وفد سنہ 9 ھ ۾ آيو. اهو سٺ ڄڻن تي ٻڌل هو. چوويهہ ڄڻا مڙس بہ هئا، جن مان ٽي ڄڻا تہ نجران وارن جا مهندار ۽ اڳواڻ هئا. جن مان هڪڙو عاقب هو.جنهن جي ذميداري حڪومت جو ڪم ڪار سنڀالڻ هو. ان جو نالو عبدالمسيح هو. ٻيو سيد، جيڪو ثقافتي ۽ سياسي ڪمن ڪارين جو سنڀاليندڙ هو. ان جو نالو اَيهم يا شرَحبيل هو.ٽيو ڄڻو اسقف (وڏو پادري) هو. جيڪو ديني اڳواڻ ۽ روحاني پيشوا هو. ان جو نالو ابو حارثہ بن علقمہ هو.

وفد مديني پهچي پاڻ سڳورن ﷺ سان مليو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کانئن ڪجهہ سوال ڪيا ۽ پوء انهن بہ پاڻ سڳورن ﷺ کان ڪجهہ ڳالهيون پڇيون. تنهن کانپوء پاڻ سڳورن ﷺ، کين اسلام جي دعوت ڏني ۽ قرآني آيتون پڙهي ٻڌايون. پر پوء بہ انهن اسلام نہ قبوليو ۽ پڇيو تہ توهان مسيح عہ بابت ڇا ٿا چئو؟ ان جي جواب لاء پاڻ سڳورن ﷺ هڪ ڏينهن لاء ترسيا، نيٺ پاڻ سڳورن ﷺ تي هي آيتون لٿيون.

اِنّ مثلَ عيسيٰ عندَ اللّٰهِ كمثلِ ادَمَ خلقہ من ترَاب ثمّ قالَ لہ كن فيكونُ الحقّ من ربّک فلا تکن منَ الممترينَ فمن حآجک فيہ منہ بعد ماجآئک منَ العلمِ فقل تعالوا ندعُ اَبنآءَنا وَ اَبنآءَ کم وَ نسآءَ نا وَ نسآءَکم واَنفسنا وَ اَنفسکم قف ثم نبتهل فنجعل لعنتَ اللّٰهِ علي الكاذبينَ (3:59، 60، 61)

ترجمو:- الله وٽ عيسيٰ (جي پيدا ڪرڻ) جو مثال آدم جي مثال جهڙو ئي آهي. ان (آدم) کي مٽيءَ مان بڻايائين ۽ وري ان کي چيائين تہ ٿي پئہ تہ ٿي پيو. (اها ڳالهہ) تنهنجي پالڻهار وٽان سچي آهي. تنهنڪري سَ ڪندڙن مان نہ هج. پوءِ ان پڄاڻا جو تو وٽ ڄاڻپ آئي جيڪو توسان ان بابت جهڳڙو ڪري تہ چئہ تہ (اسين) پنهنجن پٽن ۽ اوهانجي پٽن ۽ پنهنجين زالن ۽ اوهانجي زالن ۽ پاڻ کي ۽ اوهان کي سڏيون . پوءِ زاريءَ سان دعا گهرون. پوءِ الله جي لعنت ڪوڙن تي ڪريون.

صبح ٿيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ انهن ئي آيتن جي روشنيءَ ۾ حضرت عيسيٰ عہ بابت کين پنهنجي راءِ ٻڌائي ۽

ڪين سڀو ڏينهن سوچ ويچار لاءِ ڇڏي ڏنو. پر انهن حضرت عيسيٰ بابت پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳالهه مڃڻ کان بابري واري. پوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو (جڏهن اهي وفد وارا حضرت عيسيٰ بابت پاڻ سڳورن ﷺ جي راءِ مڃڻ کان نابري واري چڪا هئا) پاڻ سڳورن ﷺ ڪين مباهلي جي ڪوٺ ڏني ۽ پاڻ سڳورا ﷺ، حسن حسين رضہ ساڻ هڪ چادر ۾ ويڙهجي سيڙجي آيا. پٺيان بيبي فاطمہ رضہ جن اچي رهيون هيون. جڏهن وفد ڏٺو تہ پاڻ سڳورا ﷺ سچ پچ سنڀري آيا آهن تہ اڪيلي ۾ وڃي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيائون. عاقب ۽ سيد، ٻنهي هڪٻئي کي چيو تہ "ڏسو مباهلو متان ڪريو. خدا جو سنهن جي اهو نبي آهي ۽ اسان ان تي لعنتون وڌيون تہ اسين ۽ اسانجي پويان اسانجو اولاد ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿينداسين. سڄي ڌرتيءَ تي اسانجو هڪ وار ۽ هڪ ننهن بہ تباهيءَ کان نہ بچي سگهندو." نيٺ انهن اها رٿ رٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ تي ئي پنهنجو فيصلو ڇڏي ڏجي. تنهن ڪانپوءِ انهن پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي چيو تہ اسين توهان جي ڪيل مطالبي کي مڃڻ لاءِ

تيار آهيون. ان آچ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ڪانئن جزيو وٺڻ قبوليو ۽ ٻہ هزار وڳن تي ناهہ ٿيو. هڪ هزار رجب ۾ ۽ هڪ هزار صفر ۾. اهو ٻہ رٿيو ويو تہ هر وڳي سان گڏ هڪ اَوقيہ چاندي (هڪ سؤ ٻاونجاهہ گرام) ٻہ ڏيڻي پوندي ان جي عيوض پاڻ سڳورن ﷺ، ڪين الله ۽ ان جي رسول جو ذمو ڏنو ۽ دين بابت پوري آزادي ڏني. ان سلسلي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هڪ لکت ڏني. انهن، پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ انهن ڏانهن هڪ امير (امانت وارو) موڪلين. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ناهہ وارو مال وٺڻ لاءِ حضرت ابو عبيده بن جراح رضہ کي موڪليو. تنهن ڪانپوءِ انهن ۾ اسلام پکڙجڻ لڳو. سيرت نگار لکن ٿا تہ سيد ۽ عاقب، نجران موٽڻ ڪانپوءِ مسلمان ٿي ويا. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، ڪانئن صدقو ۽ جزيو وٺڻ لاءِ حضرت علي رضہ کي موڪليو ۽ ظاهر آهي تہ صدقو مسلمانن ڪان ئي ورتو ويندو آهي.(1)

حوالو(1) فتح الباري 8/94، 95 - زادالمعاد 3/38 کان 41 - نجران جي وفد جي تفصيل بابت روايتن۾ ڇگو خاصو

اختلاف آهي ۽ ان ڪارڻ ئي ڪن محققن چيو آهي تہ نجران جو وفد ٻہ ڀيرا مديني آيو هو. پر اسانجي نظر ۾ اها ئي ڳالھ صحيح آهي، جيڪا مٿي ڄاڻايل آهي.

(13) بني حنيفہ جو وفد:- هي وفد سنہ 9 هہ ۾ مديني آيو. انهہ مسيلمہ ڪذاب سميت سترنهن ڄڻا هئا.(2)مسيلمہ جو نسبي سلسلو هن طرح آهي: مسيلمہ بن ثمامہ بن ڪبير بن حبيب بن حارث

حوالو(2) فتح الباري 87/8

اهو وفد هڪ انصاري اصحابيءَ جي جاء تي اچي لٿو. پوء پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي اسلام جي دائريہ ۾ داخل ٿيو. باقي مسيلمہ ڪذاب بابت مختلف روايتون آهن. سيني روايتن کي گڏي ڏسبو تہ خبر پوي ٿي تہ هن هٺ ۽ وڏائي ۽ فائدا وٺڻ جو اظهار ڪيو هو ۽ وفد جي ٻين ماڻهن سان پاڻ سڳورن ﷺ وٽ نہ آيو هو. پاڻ سڳورن ﷺ پهرين تہ ڳالهين ۽ چڱي هلت سان سندس دل وٺڻ چاهي پر جڏهن ڏٺائون تہ هن ماڻهوءَ تي سندن هلت چلت جو ڪو چڱو اثر نہ

پيو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ تاڻي ورتو تہ هن ۾ ڏنگائي لڪل آهي.

ان کان پهرين پاڻ سڳورن ﷺ اهو خواب ڏٺو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ آڏو سڄي ڌرتيءَ جو ڌن آڻي رکيو ويو آهي ۽ ان مان سون جا ٻہ ڪنگڻ بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ ۾ اچي پيا آهن. پاڻ سڳورن ﷺ کي اهي ٻئي ڏاڍا ڳرا ۽ ڏکوئيندڙ لڳا. تنهن تي وحي ڪئي وئي تہ انهن ٻنهي کي ڦوڪ ڏئي ڇڏيو. پاڻ سڳورن ﷺ ڦوڪ ڏني تہ اهي ٻئي اڏامي ويا. هن خواب جي تعبير پاڻ سڳورن ﷺ اها ڪئي تہ ڪانئن پوءِ بہ ڪذاب (وڏا ڪوڙا) اڀرندا. تنهن کانپوءِ جڏهن مسيلمہ آڪڙ ۽ انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن محمد ﷺ حڪومت جي واڳ پاڻ کانپوءِ منهنجي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ پوءِ آئون سندس پوئلڳي ڪندس، تہ پاڻ سڳورا ﷺ هن وٽ هلي ويا. ان مهل پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ ۾ کجيءَ جي هڪ ٽاري هئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ حضرت ثابت بن قيس بن شماس رضہ جن بہ هئا. مسيلمہ پنهنجن ساٿين سان ويٺو

هو. پاڻ سڳورا ﷺ سندس مٿان وڃي بيٺا ۽ ڳالهيون ڪيائون. هن چيو تہ "جيڪڏهن توهان چاهيو تہ اسين حڪومت جي معاملي ۾ توهان کي آزاد ڇڏي ڏيون پر پاڻ کان پوءِ اسان لاءِ وصيت ڪري ڇڏيو." پاڻ سڳورن ﷺ (ڪجيءَ جي ٽاريءَ ڏانهن اشارو ڪندي) فرمايو تہ "جيڪڏهن تون مونکان هيءُ ٽڪر گهرندين تہ اهو بہ توکي ڪونہ ڏيندس. تون پنهنجي باري ۾ الله جي مقرر ڪيل فيصلي کان اڳتي نٿو وڃي سگهين ۽ جي تو پٺ ڦيري تہ الله تعاليٰ توکي ٽوڙي ڇڏيندو. خدا جو سنهن! آئون توکي اهوئي ماڻهو پيو سمجهان جنهن جي باري ۾ مونکي اهو (خواب) ڏيکاريو ويو هو ۽ هي ثابت بن قيس آهي، جيڪو توکي، منهنجي پاران جواب ڏيندو." ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ موٽي ويا."(1)

حوالو(1) ڏسو صحيح بخاري: باب وفد بني حنيفہ ۽ باب قﷺ الاسود العنسي 627/2، 628 ۽ فتح الباري 87/8 کان 93

نيٺ ائين ئي ٿيو، جنهن جو اندازو پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي ڏاهپ سان اڳيئي ڪري ورتو هو، يعني مسيلمہ ڪذاب. يمامہ موٽڻ ڪانپوءِ سوچ ويچار ڪري اها هام هنئي تہ ڪيس پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ نبوت جي ڪم ڪارِ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو آهي. تنهن ڪانپوءِ هن نبوت جي دعوا ڪئي ۽ سجع جوڙڻ لڳو. پنهنجي قوم لاءِ زنا ۽ شراب حلال ڪري ڇڏيائين ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ سڳورن ﷺ بابت اها شاهدي بہ ڏيندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ، الله جا نبي آهن. هن همراه جي ڪري قوم فتني ۾ پئجي وئي، سندس پوئلڳ ۽ چيو مڃيندڙ ٻڻجي وئي. جنهن جي ڪري ڳالهہ ڳري ٿي پئي. ڪيس ايڏي عزت ڏني وئي جو ڪيس يمامہ جو رحمان سڏيو وڃڻ لڳو.

هاڻي هن، پاڻ سڳورن ﷺ کي هڪ خط لکيو تہ "مونکي هن ڪم ۾ توهانجو ٻانهن ٻيلي ڪيو ويو آهي. اڌ راڄ اسان لاءِ آهي ۽ اڌ قرشن لاءِ." پاڻ سڳورن ﷺ جواب موڪليو تہ "زمين الله جي آهي. اهو پنهنجن ٻانهن

مان جنهن کي چاهي، ان جو وارث ڪندو آهي ۽ انجام پرهيزگارن لاءِ آهي." (2)

حوالو(2) زاد المعاد 31/3، 32

ابن مسعود رصلى الله عليه وسلم کان روايت آهي تہ ابن نواحہ ۽ ابن اثال، مسيلمہ جا قاصد بڻجي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم وٽ آيا هئا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کانئن پڇيو تہ "توهان شاهدي ڏيو ٿا تہ آئون الله جو رسول آهيان.؟" انهن وراڻيو تہ "اسان شاهدي ڏيون ٿا تہ مسيلمہ، الله جو رسول آهي." پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ"مون الله ۽ ان جي رسول (محمد صلى الله عليه وسلم) تي ايمان آندو. جيڪڏهن آئون ڪنهن قاصد کي مارايان ها تہ توهان ٻنهي کي مارايان ها."(1)

حوالو(1) مسند احمد مشڪوات 347/2

مسيملہ ڪذاب سنہ 10 هہ ۾ نبوت جي دعوا ڪئي هئي ۽ ربيع الاول سنہ 12 هہ ۾ صديقي خلافت ۾ يمامہ ۾ مارجي ويو هو. کيس ماريندڙ اهو ئي وحشي هو، جنهن حضرت حمزه رضہ کي شهيد ڪيو هو.

هڪڙو نبوت جو هام هڻندڙ اهو هو، جنهن جي پڄاڻي اها ٿي، ٻيو نبوت جو دعويدار اسود عنسي هو، جنهن يمن ۾ فساد برپا ڪري ڇڏيو هو. ڪيس پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي هن جهان مان لاڏاڻي کان رڳو هڪ ڏينهن ۽ هڪڙي رات اڳ حضرت فيروز رضہ جن ماريو هو. پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم تي وحي نازل ٿي ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، اصحابي سڳورن رضہ کي هن واقعي جو ڄاڻ ڏنو. ان کانپوءِ يمن کان حضرت ابوبڪر رضہ جن وٽ باقائده خبر پهتي.(2)

حوالو(2) فتح الباري 8/93

(14) بني عامر بن صعصعہ جو وفد:- هن وفد ۾ الله جو دشمن عامر بن طفيل، حضرت لبيد رضہ جو مائيتو ڀاءُ اربد بن قيس، خالد بن جعفر ۽ جبار بن اسلم شامل هئا. اهي سمورا پنهنجي قوم جا مک ۽ وڏا شيطان هئا. عامر بن طفيل اهو ئي ساڳيو آهي، جنهن بئر معونہ وٽ ستر اصحابي سڳورن رضہ کي شهيد ڪرايو هو. انهن جڏهن مديني اچڻ جو ارادو ڪيو تہ عامر ۽ اربد پاڻ ۾ سٽ سٽي

تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي نڳيءَ سان اوچتو قتل ڪري ڇڏيندا سون. تنهن ڪانپوءِ جڏهن وفد مديني ۾ پهتو تہ عامر، پاڻ سڳورن ﷺ سان ڳالهائڻ لڳو ۽ اربد ڦيرو ڏئي پاڻ سڳورن ﷺ جي پنيان پهتو ۽ گرانٺ جيتري تراڙ مياڻ مان ڪڍيائين ٿي پر الله تعاليٰ سندس هٿ شل ڪري ڇڏيو ۽ هو تراڙ ڪڍي نہ سگهيو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي نبيءَ جي حفاظت ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ انهن ٻنهي کي پاراتو ڏنو، جنهن جي ڪارڻ موٽڻ مهل الله تعاليٰ! اربد ۽ ان جي اٺ تي وڄ ڪيرائي، جنهن سان اربد سڙي مئو. ٻئي پاسي عامر هڪ سلوليہ مائيءَ وٽ ويو ۽ ان دوران سندس ڳچيءَ تي ڳوڙهو نڪري آيو. ان ڪانپوءِ هو اهو چوندو مري ويو تہ "آه، اٺ جي ڳوڙهي جهڙو ڳوڙهو ۽ هڪ سلوليہ مائيءَ جي گهر ۾ موت؟"

صحيح بخاريءَ جي روايت آهي تہ عامر، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اچي چيو تہ آئون توهان کي ٽن ڳالهين جو اختيار ٿو ڏيان.(1) توهان لاءِ واديءَ جا رهاڪو هجن ۽ مون لاءِ منهنجي آباديءَ جا (يعني جهنگ وارا توهان لاءِ

هجن ۽ شهري ماڻهو مون لاءِ) (2) يا آئون. توهان ڪانپوءِ توهان جو خليفو بڻجان (3) نه ته آئون غطفان کي هڪ هزار گهوڙن ۽ هڪ هزار گهوڙين جي مدد ڏئي اوهان تي چڙهائي ڪرائيندس." ان ڪانپوءِ هو هڪ مائيءَ جي گهر ۾ طاعون جو شڪار ٿي ويو. (جنهن تي ڏک ۾) چيائين ته "آه! اٺ جي ڳوڙهي جهڙو ڳوڙهو؟ ۽ اهو به فلاڻي جي هڪ مائيءَ جي گهر ۾؟ مون وٽ منهنجو گهوڙو آڻيو. پوءِ هو ان تي سوار ٿيو ۽ پنهنجي گهوڙي تي ئي مري ويو.

(15) تجيب وارن جو وفد:- هي وفد پنهنجي قوم جا صدقا، جيڪي گهرجائن ۾ ورهائڻ ڪانپوءِ به بچي پيا هئا، کڻي مديني ۾ آيو. وفد ۾ تيرنهن ڄڻا هئا، جيڪي قرآن ۽ سنتون پڇندا ۽ سکندا هئا. انهن پاڻ سڳورن کان ڪجهه ڳالهيون پڇيو ته پاڻ سڳورن ﷺ اهي ڳالهيون کين لکي ڏنيون. اهي گهڻا ڏينهن ڪونه ترسيا. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کين سوکڙيون ڏنيون ته انهن ديري تي ويٺل هڪ نوجوان کي به موڪليو، جيڪو پٺيان رهجي ويو هو. نوجوان، پاڻ سڳورن ﷺ وٽ پهچي چيو ته "سائين! الله

جو سنهن! مونکي منهنجي علائقي کان ان کانسواءِ بي
ڪابہ شيءِ ڇڪي نہ آئي آهي تہ توهان، اللّٰه سائينءَ کان مون
لاءِ اها دعا گهرو تہ هو مونکي پنهنجي بخشش ۽ رحمت
سان نوازي ۽ منهنجي مالداري منهنجي دل ۾ رکي ڇڏي."
پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ، اها ئي دعا گهري. نتيجي ۾ اهو همراه
ڏاڍو قناعت پسند ٿي ويو ۽ جڏهن ارتداد جي لهر اٿي تہ نہ
رڳو اِهو تہ هو اسلام تي ثابت قدم رهيو، بلڪ پنهنجي
قوم کي بہ وعظ ۽ نصيحت ڪيائين جنهن سان اهي بہ
اسلام تي ثابت قدم رهيا. پوءِ وفد وارن، حجت الوداع سنہ
10 هہ ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان ٻيهر ملاقات ڪئي.

(16) <u>طي وارن جو وفد</u>:- هن وفد سان گڏ عربستان جو
هاڪارو شهسوار زيد الخليل رضہ بہ هو. ان جڏهن پاڻ
سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم سان ڳالهہ ٻول ڪئي تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم
سندن آڏو اسلام پيش ڪيو تہ انهن اسلام قبول ڪري ورتو
۽ ڏاڍا چڱا مسلمان نڪتو. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ، حضرت
زيد رضہ جي ساراهہ ڪندي فرمايو تہ "منهنجي آڏو عرب
جي جنهن بہ ماڻهوءَ جا ڳڻ ڳايا ويا ۽ جڏهن اهو مون وٽ

آيو تہ مون کيس سندس شهرت کان گهٽ ئي ڏنو. پر ان جي ابتڙ زيد الخليل رضہ جي شهرت، سندس ڳڻن جو ساٿ نہ پئي ڏئي سگهي." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ سندن نالو زيد الخير رضہ رکي ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح سنہ 9 هہ ۽ 10 هہ ۾ لاڳاتا وفد ايندا رهيا. سيرت نگارن، يمن، ازد، قضاعہ، بني حارث بن ڪعب، غامد، بني بنتفق، سلامان، بني عبس، مزينہ، مراد، زبيد، ڪنده، ذي مره، غسان، بني عيش ۽ نخع جا وفد ڄاڻايا آهن. نخع جو وفد پڇاڙڪو وفد هو، جيڪو محرم سنہ 11 هہ جي وچ ڌاري آيو هو ۽ ٻہ سوَ ڄڻن تي ٻڌل هو. باقي ٻين وفدن جو اچڻ سنہ 9 هہ ۽ 10 هہ ۾ ٿيو. سنہ 11 هہ ۾ ڪي ٿورا ئي وفد آيا هئا.

انهن وفدن جي لاڳيتي اچ وڃ مان لڳي ٿو تہ ان مهل تائين اسلامي پرچار ڪيتري علائقي ۾ پکڙجي ۽ مقبول ٿي چڪي هئي. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ عربستان وارا، مديني کي ڪيڏي نہ قدر جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ ان جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ کانسواءِ ڪوبہ چارو نہ ڀانيائون. اصل ۾

مدينو، عربستان جي گاديءَ جو هنڌ بڻجي ويو هو ۽ ڪنهن لاءِ بہ ان ڪي نظر انداز ڪرڻ ممڪن نہ هو. ها باقي ائين نٿو چئي سگهجي تہ ڪو انهن سيني ماڻهن جي دلين تي اسلام اثر ڪري چڪو هو، ڇوتہ انهن ۾ اجا گهڻائي ڄٽ ۽ هوڏي اعرابي هئا، جيڪي رڳو پنهنجن سردارن جي چوڻ تي مسلمان ٿيا هئا، نہ تہ انهن ۾ مار ماران جي رجحان جون پاڙون پڪيون هيون، جنهن ڪان اجا اهي آجا نہ ٿيا هئا ۽ اجا اسلامي سکيا ڪين پوريءَ طرح سڌاري نہ سگهي هئي. جيئن قرآن شريف جي سوره توبہ ۾ اهڙن ڪن ماڻهن جون وصفون هن طرح ٻڌايون ويون آهن.

اَلاعرَابُ اَشدّ ڪفرا وّ نفاقا وّ اَجدَرُ اَلا يعلموا حدود مآ انزَلَ اللّٰهُ عليٰ رَسولہ ط وَاللّٰهُ عليم حڪيم وَ منَ الاعرَابِ من يتخذُ ما بنفقُ مغرَما وّ يترَبسُ بڪمُ الدّوآئرَ ط عليهم دآئرَۃ السوء ط وللّٰهُ سميع عليم (9:97-98)

ترجمو:- "بدوي ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ تمام سخت آهن ۽ هن (عادت) جوڳا آهي تہ الله پنهنجي پيغمبر تي جيڪي حڪم لاٿا، تنهن جون (شرعي) ڏڪون نہ ڄاڻن ۽ الله ڄاڻندڙ

حڪمت وارو آهي ۽ ڳوناڻن مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪي خرچ ڪن ٿا سو چٽي ڀاڻندا آهن ۽ اوهان تي زماني جي ڦير گهير اچڻ جا منتظر آهن. زماني جو بڇڙو ڦيرو مٿن هجي (شال) ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي."

جڏهن تہ ڪن ٻين ماڻهن کي ساراهيو ويو آهي ۽ انهن بابت فرمايو ويو آهي تہ:

وَمنَ الاعرابِ من يؤمنُ بِالله وَاليومِ الاخر وَ يتخذُ ما ينفقُ قربت عندَاللهِ وَ صلوات الرّسولِ اَلا اِنها قربہ لهم سيد خلهم اللهُ في رحمتہ اِنّ اللهَ غفور رِّحيم (99:9)

ترجمو:- ۽ ٻهراڙيءَ وارن مان ڪي اهڙا آهن جي الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ جيڪي خرچيندا آهن تنهن کي الله وٽ ويجهائيءَ جو ۽ پيغمبر جي دعا حاصل ڪرڻ جو وسيلو ڪري وٺندا آهن. بيشڪ اها انهن لاءِ ويجهائيءَ جو سبب آهي. الله کين پنهنجي رحمت هيٺ سگهو ئي داخل ڪندو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

جيستائين مڪي، مديني، ثقيف، يمن ۽ بحرين جي گهڻن شهري ماڻهن جو تعلق آهي تہ انهن ۾ اسلام پڪو هو

۾ انهن مان ئي وڏا وڏا اصحابي سڳورا ﷺ ۾ مسلمانن جا سردار ٿي گذريا آهن. (1)

حوالو (1) اها ڳالھ خضريءَ، محاضرات ۾ 144/1 تي چئي آهي ۾ جن وفدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي يا جن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، تن جي تفصيل لاءِ ڏسو صحيح بخاري 13/1، 626/2 - ابن هشام 501/2 کان 503، 510 کان 514، 537 کان 542، 560 کان 601 - زاد المعاد 26/3 کان 60 - فتح الباري 83/8 کان 031 رحمت اللعالمين 84/1 کان 217

دعوت جي ڪاميابي ۾ اثر

هاڻي اسين پاڻ سڳورن ﷺ جي ڄمار جي پڇاڙڪن ڏهاڙن جي تذڪري تائين اچي پهتا آهيون، پر ان سلسلي ۾ قلم هلائڻ کان اڳ مناسب ٿيندو ته پاڻ ٿورو ترسي پاڻ سڳورن ﷺ جي هن عظيم الشان عمل تي هڪ مٿاڇري نظر وجهون، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ جو مقصد آهي ۾ جنهن جي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ کي

سيني نبين ۽ پيغمبرن تي اهو امتيازي مقام حاصل ٿيو تہ الله سائينءَ پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿي تي اڳين ۽ پوين جي سرداريءَ جو تاج رکي ڇڏيو. پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو ويو تہ:

يآَيها المزملُ قمِ اليلَ الا قليلا (1:73، 2)

ترجمو:- "اي (پاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا مڙس، رات جو ڪرو ٿي پر ٿورو"

۽ "يآَيها المدّثر قم فأَنذِر (1:74، 4)

ترجمو:- "اي (پاڻ تي) ڪپڙو ويڙهڻ وارا مڙس ڪڙو ٿي پوءِ ڊيڄار ۽ پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪر ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک."

پوءِ ڇا ٿيو؟ پاڻ سڳورا اٿيا ۽ پنهنجي ڪلهي تي هن ڌرتيءَ جي سڀ ڪان وڏي امانت جو ڳرو بار کڻي، لاڳيتو بيٺا رهيا، يعني سڄي انسانيت جو بار، سموري عقيدي جو بار ۽ مختلف ميدانن ۾ جنگ ۽ جهاد ۽ ڊوڙڊڪ جو بار.

پاڻ سڳورن ﷺ، ان انساني ضمير جي ميدان ۾ جنگ ۽ جهاد ۽ ڊوڙڊڪ جو بار کنيو، جيڪو جاهليت جي

وهمن ۽ تصورنءِ ٻڌل هو، جيڪو شهوانيت جي زنجيرن ۽ ڦنڌن ۾ ڦاٿل هو ۽ جڏهن ان ضمير کي پنهنجن کن اصحابين رضہ جي صورت ۾ جاهليت ۽ زميني حياتيءَ جي هڪٻئي مٿان سٽيل بار کان آجو ڪرائي ورتو تہ هڪ ٻئي ميدان ۾ هڪ ٻي جهڙپ، بلڪ جهڙپن تي جهڙپون شروع ٿي ويون. يعني الله جي دعوت جا اهي دشمن جن دعوت ۽ ان تي ايمان آڻيندڙن تي ۽ ان پاڪيزه ٻوٽي کي وڌڻ ويجهن، مٿيءَ ۾ پاڙون جهلڻ، فضا ۾ شاخون لهرائڻ کان اڳ ئي پاڙؤن پٽي ڇڏڻ گهريون ٿي. دين جي انهن دشمنن سان پاڻ سڳورن ﷺ جون لاڳيتيون جهڙپون شروع ٿي ويون ۽ اجا پاڻ سڳورا ﷺ عربستان جي جنگين مان واندا نہ ٿيا هئا، جو روم، هن اڀرندڙ قوت کي مٿءِ ڪرڻ لاءِ ان جي سرحدن تي تياري شروع ڪري ڏني.

انهن سمورن لڙاين مان اجا پهريون معرڪو يعني ضمير جو معرڪو پڄاڻيءَ تي نہ پهتو هو، ڇوتہ اهو دائمي معرڪو هو، جنهنءِ شيطان سان مقابلو هو، جيڪو انساني ضمير جي گهراين ۾ گهڙي پنهنجو ڪم ڪري ٿو ۽ هڪ

لمحي لاءِ بہ ٽڪجي نٿو. محمد ﷺ الله جي دعوت ڏيڻ ۾ پختا هئا ۽ مختلف ميدانن تي لاڳاتا وڙهي رهيا هئا. دنيا پاڻ سڳورن ﷺ جي پيرن ۾ هئي پر پاڻ سڳورا ﷺ سادي ۽ ڏکي زندگي گذاري رهيا هئا. مؤمن، پاڻ سڳورن ﷺ جي ڇوڏاري امن ۽ سک جي ڇانوَ ڪري رهيا هئا، پر پاڻ سڳورا ﷺ وڏي محنت ۽ ڪوشش ڪري رهيا هئا. پوءِ بہ پاڻ سڳورا ﷺ صبر جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. راتيون جاڳي پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪندا هئا، قرآن جي قرائت ڪندا هئا ۽ سڀ دنيا کان ڪٽجي الله سان لنئون لڳائيندا هئا، جيئن جيئن پاڻ سڳورن ﷺ کي حڪم ڏنو ويو هو.(1)

حوالو (1) سيد قطب في ظلال القرآن 29/168، 169

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ پورا ويهہ ورهيہ لاڳيتين لڙاين ۾ گهاريا ۽ ان دوران ڪو هڪ معاملو بہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻئي معاملي کان غافل نہ ڪري سگهيو. ايستائين جو اسلام جي دعوت ايڏي وڏي پيماني تي سرسي ماٺي ورتي جو عقل دنگ رهجي ويا. سڄو عربستان پاڻ

سڳورن ﷺ جي هٿ هيٺ اچي ويو. ان جي اُفق تان جاهليت واري ڌنڌ ڇُٽي وئي. بيمار ذهن تندرست ٿي ويا. ايستائين جو بتن کي ڇڏيو ويو، بلڪ ٽوڙي ڇڏيو ويو. فضا ۾ توحيد جا نعرا گونجڻ لڳا، ايمان جي نواڻ سان زندگي ماٽيندڙ بر جو باغ اذانن سان لرزڻ لڳو ۽ ان جي گهراين کي الله اکبر جا آواز چيرڻ لڳا. قاري، قرآن جون آيتون پڙهندي ۽ الله جو حڪم قائم ڪندي، چوطرف ڦهلجي ويا.

ڇڙوڇڙ قومون ۽ قبيلا هڪ ٿي ويا. انسان، ٻانهن جي بندگيءَ مان نڪري الله جي بندگيءَ ۾ داخل ٿي ويا. هاڻي نه ڪو قاهر آهي ۽ نه مقهور، نه مالڪ ۽ نه غلام، نه حاڪم نه محڪوم، نه ظالم ۽ نه مظلوم، بلڪ سمورا ماڻهو الله جا ٻانها ۽ پاڻ ۾ ڀائر آهن. هڪٻئي سان محبت رکن ٿا ۽ خدائي حڪم پورا ڪن ٿا. الله سائينءَ انهن منجهان جاهليت جو هٺ ۽ هوڏ ۽ ابن ڏاڏن تي پڏائڻ جو خاتمو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي، ڳوري کي ڪاري تي ۽ ڪاري کي ڳوري تي ڪابه برتري نه

آهي. برتريءَ جو معيار رڳو تقويٰ آهي، نہ تہ سمورا ماڻهو آدم عہ جو اولاد آهن ۽ آدم عہ مٽيءَ مان پيدا ٿيو آهي.

مطلب تہ پرچار جي ڪارڻ عربي وحدت، انساني وحدت ۽ اجتماعي عدل وجود ۾ اچي ويو. انساني نسل کي دنيائي مسئلن ۽ آخرت جي معاملن ۾ چڱائيءَ واري واٽ هٿ اچي وئي. ٻين لفظن ۾ تہ زماني ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ ڌرتيءَ جون حالتون بدلجي ويون. تاريخ جو رخ مَٽجي ويو ۽ سوچڻ جو انداز بدلجي ويو.

هن دعوت کان اڳ دنيا تي جهالت جو راڄ هو. ان جو ضمير ڌَپرُ ۽ روح بدبودار هو. سماجي قدر ۽ پيمانا بگڙيل هئا. ظلم ۽ غلامي هر طرف ڇانيل هئي. ڌوهارين جي خوشحالي ۽ حد درجي جي محرومين جي لهر دنيا کي اٿلائي پٿلائي ڇڏيو هو. ان تي ڪفر ۽ گمراهيءَ جا اونداها ۽ ڳرا پڙدا چڙهيل هئا. جيتوڻيڪ آسماني مذهب بہ هئا، پر انهن ۾ ڦيرڦار ٿي چڪي هئي ۽ ڪمزوريون گهڙي پيون هيون. انهن جي گرفت ختم ٿي وئي هئي ۽ رڳو بيجان ۽ بي روح قسم جي مذهبي رسمن جو مجموعو بڻجي ويا هئا.

جڏهن هن پرچار انساني زندگيءَ تي پنهنجو اثر ڏيکاريو تہ انساني روح کي وهم ۽ اجاين رسمن، ٻانهپ، فساد ۽ افراتفريءَ کان نجات ملي ۽ معاشرو هر طرح جي ظلم کان پاڪ تي ويو ۽ هڪ اهڙي دنيا تعمير ڪئي جنهن ۾ جسماني ۽ روحاني پاڪيزگي، تعمير ۽ ترقي، آزادي ۽ سڌارو، يقين ۽ معرفت، ايمان ۽ اعتقاد، انصاف ۽ شرافت ۽ عمل جي بنياد تي زندگيءَ جي اوسر، حياتيءَ جي ترقي ۽ حقدار کي حق ڏيارڻ هو.(1)

حوالو (1) سيد قطب في ظلال القرآن 168/29، 169

انهن تبديلين ڪارڻ عربستان اهڙي برڪتن ڀريل اٿل جو مشاهدو ڪيو، جنهن جو مثال انساني تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ نہ ڏٺو ويو ۽ عربستان جي تاريخ پنهنجن يادگار ڏينهن ۾ اهڙيءَ طرح جڳمڳ ڪرڻ لڳي، جهڙيءَ طرح ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ جڳمڳائي هئي.

حجت الوداع

اسلام جي پرچار جو ڪم پورو ٿي ويو ۽ الله سائين جي الوهيت ڪي مڃڻ ۽ ان ڪانسواءِ ڪنهنجي خدائيءَ ڪي نہ مڃڻ ۽ محمد ﷺ جي رسالت جي بنياد تي هڪ نئي سماج جي جوڙجڪ ۽ اڏاوت مڪمل ٿي وئي. هاڻي ڄڻ تہ غيبي آواز پاڻ سڳورن ﷺ جي دل ۽ دماغ کي اهو احساس ڏياري رهيو هو تہ دنيا ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي رهڻ جو مدي پڄاڻيءَ جي ويجهو پهچي چڪو آهي، تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت معاذ بن جبل رضہ کي يمن جو گورنر ڪري موڪليو تہ موڪلائڻ مهل ٻين ڳالهين ڪانسواءِ اهو بہ فرمايائون تہ "اي معاذ! تون شايد هن سال ڪانپوءِ مون سان ڪونہ ملي سگهندين، بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي هن مسجد ۽ منهنجي قبر وٽان لنگهين." حضرت معاذ رضہ جن اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جي وڇوڙي جي ڏک ۾ روئڻ لڳا.

اصل ۾ الله سائينءَ گهريو ٿي تہ پنهنجي پيغمبر ﷺ کي هن سموري پرچار جا اثر ڏيکاري ڇڏي، جنهن

جي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ، ويهن ورهين ڪان ٻہ گهٽو عرصو، هر طرح جون صعوبتون سٺيون هيون ۽ ان جي صورت اها ٿئي جو پاڻ سڳورا ﷺ حج جي موقعي تي مڪي جي پرپاسي ۾ عرب قبيلن جي فردن ۽ نمائندن سان گڏ ٿين، پوءِ اهي پاڻ سڳورن ﷺ ڪان دين جي حڪم ۽ سمجهاڻيون وٺن ۽ پاڻ سڳورا ﷺ، ڪائنن اها پڪ وٺن تہ پاڻ سڳورن ﷺ امانت ڏئي ڇڏي، الله جي پيغام جي پرچار ڪري ڇڏي ۽ امت جي خير خواهيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو. خدا جي مرضيءَ مطابق پاڻ سڳورن ﷺ هن رحمت پرئي حج جو اعلان ڪيو تہ عربستان جي مسلمانن جا ٽولن جا ٽولا پهچڻ شروع ٿي ويا. هر ڪنهن جي خواهش هئي تہ هو پاڻ سڳورن ﷺ جي پيروي ڪن.(1) پوءِ ڇنڇر جي ڏينهن، جڏهن اجا ذوالقعد ۾ چار ڏينهن پيا هئا تہ پاڻ سڳورا ﷺ هلڻ لاءِ سنپريا.(2) وارن کي ڦڻي ڏنائون، تيل مکيائون، گوڏ ٻڌائون، چادر اوڍيائون، قربانيءَ جي جانورن کي ڳانيون ٻڌائون ۽ اڳين نماز ڪانپوءِ روانا ٿي ويا ۽ وچينءَ مهل اچي ذُوالحليفہ وٽ پهتا. اتي ٻہ رڪعتون

وچين نماز جون (سفر واريون) پڙهيائون ۽ رات بہ اتي ئي گذاريائون. صبح جو اصحابي سڳورن رﷺ کي فرمايائون تہ "رات منهنجي پالڻهار پاران هڪ اچڻ واري اچي چيو تہ هن ڀلاريءَ ماٿريءَ ۾ نماز پڙهو ۽ چئو تہ حج ۾ عمرو آهي.(3)

حوالو (1) اها ڳالهہ صحيح مسلم ۾ حضرت جابر رضہ کان آيل آهي. ڏسو باب حجت النبي ﷺ 314/1

حوالو (2) حافظ ابن حجر ان جي ڏاڍي سٺي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي ۽ جيڪو ڪن روايتن ۾ آيل آهي تہ ذوالقعد ۾ پنج ڏينهن پيا هئا تہ پاڻ سڳورا ﷺ اُسريا، ان جي تصحيح بہ ڪئي اٿس. ڏسو فتح الباري 104/8

حوالو (3) بخاريءَ اها روايت حضرت عمر رضہ کان آندي آهي.

پوءِ اڳين نماز کان اڳ پاڻ سڳورن ﷺ احرام ٻڌڻ لاءِ غسل ڪيو. تنهن ڪانپوءِ بيبي عائشہ رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ جي جسم مبارڪ ۽ مٿي مبارڪ تي پنهنجن هٿن سان ذريره ۽ مشڪ آميز خوشبوءِ لڳائي. خوشبوءِ جي

چمڪ پاڻ سڳورن ﷺ جي سينڌ ۾ سونهاري مبارڪ ۾ ٻه ڏسڻ ۾ پئي آئي پر پاڻ سڳورن ﷺ اها خوشبوء ڌوتي ڪانه ۽ جيئن جو تيئن رهڻ ڏني. پوء پنهنجي گوڏ ٻڌائون، چادر اوڍيائون، ٻه رڪعتون اڳين نماز جون پڙهيائون، تنهن ڪانپوء مصلي تي ئي حج ۽ عمري، ٻنهي جو احرام گڏ ٻڌندي لبيڪ جي صدا بلند ڪيائون. پوء ٻاهر نڪتا، قصواء نالي ڏاچيءَ تي چڙهيا ۽ ٻيهر پيرا لبيڪ چيائون. تنهن ڪانپوء ڏاچيءَ تي چڙهيل، ڪليل ميدان ۾ پهتا ته اتي ٻه لبيڪ چيائون.

ان ڪانپوء پاڻ سڳورن ﷺ سفر جاري رکيو. هفتي ڪانپوء جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ شام مهل مڪي جي ويجهو پهتا ته ذي طوا ۾ لهي پيا. اتي ئي رات گذاريائون ۽ فجر نماز پڙهي غسل ڪيائون ۽ پوء صبح ساڻ مڪي ۾ گهڙيا. اهو آچر 4 ذوالحج جو ڏهاڙو هو. واٽ تي اٺ راتيون گذريون هيون. وچٿري رفتار سان ايترائي ڏينهن لڳن ٿا. مسجد الحرام ۾ پهچي پاڻ سڳورن ﷺ پهرين ته ڪعبت الله جو طواف ڪيو ۽ پوء صفا ۽ مروه جي وچ ۾

ڏوڙيا پر احرام نہ کوليائون. ڇوتہ حج ۽ عمري جو احرام گڏو گڏ ٻڌو هئائون ۽ پاڻ سان قربانيءَ جا جانور آندا هيائون. طواف ۽ سعي مان واندا ٿي پاڻ سڳورا ﷺ مڪي جي مٿئين پاسي حجونءِ اچي رهيا پر ٻيو پيرو حج جو طواف ڪرڻ کانسواءِ ڪو طواف نہ ڪيائون.

جن اصحابي سڳورن رضہ پاڻ سان قربانيءَ جا جانور نہ آندا هئا، تن کي پاڻ سڳورن ﷺ حڪم ڪيو تہ پنهنجو احرام، عمري ۾ تبديل ڪري ڇڏين ۽ بيت الله جو طواف ۽ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي (تڪو هلڻ) ڪري پوريءَ طرح ڪري احرام مان نڪري اچن، پر جيئن تہ پاڻ سڳورا ﷺ پاڻ احرام مان نہ نڪري رهيا هئا، ان ڪري اصحابي سڳورن رضہ کي بہ تردد ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جيڪڏهن آئون پاڻ بابت اها ڳالهہ اڳيئي ڄاڻي وٺان ها، جيڪا مون پوءِ ڄاتي تہ آئون قربانيءَ جا جانور نہ آڻيان ها ۽ جي مون سان اهي نہ هجن ها تہ آئون بہ احرام مان نڪري اچان ها." پاڻ سڳورن ﷺ جو اهو

چوڻ، اصحابي سڳورن رضہ اڪين تي رکيو ۽ جن وٽ قربانيءَ جا جانور نہ هئا، اهي احرام مان نڪري آيا.

انين ذوالحج ترويہ واري ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ منيٰ ۾ پهتا ۽ اتي 9 ذوالحج جي صبح تائين رهيا. اڳين، وچين، سانجهي، سومهڻي ۽ فجر (پنج نمازون) اتي ئي پڙهيائون ۽ پوءِ سج اُڀرڻ تائين ترسي پيا. ان ڪانپوءِ عرفہ ڏانهن هليا. اتي پهتا تہ نمره نالي واديءَ ۾ خيمو ڪتل هو، ان ۾ ئي اچي رهيا. جڏهن سج لهي ويو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم سان قصواءَ تي ڪجاوو ٻڌو ويو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ بطن نالي واديءَ ۾ اچي لٿا. ان مهل پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري هڪ لک چوويهہ هزار يا هڪ لک چوئيتاليهہ هزار ماڻهن جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو. پاڻ سڳورن ﷺ اتي هڪ وڏو خطبو ڏنو ۽ فرمايو تہ:

"اي انسانو! منهنجي ڳالهہ ٻڌي وٺو! ڇوتہ آئون نٿو ڄاڻان، تي سگهي ٿو تہ هن سال ڪانپوءِ هن جاءِ تي آئون توهان سان ڪڏهن بہ نہ ملي سگهان .(1)

حوالو (1) ابن هشام 603/2

توهانجو خون ۽ توهانجو مال هڪٻئي تي اهڙيءَ طرح حرام آهي، جهڙيءَ طرح اڄ جي ڏينهن، هلندڙ مهيني ۽ هن شهر جي حرمت آهي. ٻڌي ڇڏيو ! جاهليت جي هر شيء منهنجن پيرن هيٺان لتاڙي وئي آهي. جاهليت جا خون ٻه ختم ڪيا ويا ۽ اسانجي خون مان پهريون خون، جنهن کي آئون ختم ڪري رهيو آهيان، اهو ربيعہ بن حارث جي پٽ جو خون آهي. اهو ننڍڙو، بنو سعدﷺ کير پي رهيو هو تہ انهن ڏينهن ۾ هذيل قبيلي وارن ڪيس ماري ڇڏيو ۽ جاهليت جو وياج ٻہ ختم ڪيو ويو ۽ اسانجي وياج تي ڏنل مال مان سڀ کان پهريون وياج، جيڪو آئون ختم ڪري رهيو آهيان، اهو عباس بن عبدالمطلب رضہ جو وياج آهي. هاڻي اهو سمورو وياج ختم آهي. ها! عورتن بابت الله کان ڊڄو. ڇوتہ توهان انهن کي الله جي امانت ساڻ ورتو آهي ۽ الله جي ڪلمي سان حلال ڪيو آهي. انهن تي توهانجو اهو حق آهي تہ اهي توهانجي هنڌ تي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي نہ ويهڻ ڏين، جيڪو توهانکي نہ وڻي. جيڪڏهن اهي، ائين ڪن تہ توهان انهن کي مار ڪڍي ٿا سگهو، پر ڏاڍي مار نہ ڪڍجوٴ

۽ توهان تي انهن جو حق اهو آهي تہ توهان انهن کي چڱائيءَ سان کارايو ۽ پهرايو.

آئون توهان ۾ اهڙي شيء ڇڏيو پيو وڃان جو جيڪڏهن توهان ان کي سختيءَ سان جهلي بيٺا تہ ڪڏهن بہ ڪونہ ٿڙندا، اها آهي الله جو ڪتاب.(1)

حوالو (1) صحيح مسلم: باب حجت النبي صلى الله عليه وسلم 397/1

ياد رکو تہ مون کانپوءِ ڪوبہ نبي اچڻو نہ آهي ۽ توهان کانپوءِ ڪابہ امت ناهي، تنهنڪري پالڻهار جي عبادت ڪجؤ، پنج وقت نماز پڙهجؤ، رمضان جا روزا رکجؤ، پنهنجي مال جي زڪات خوشيءَ سان ڏجؤ، پنهنجي پالڻهار جي گهر جو حج ڪجؤ ۽ پنهنجي حڪمرانن جي اطاعت ڪجؤ. ائين ڪندؤ تہ پنهنجي پالڻهار جي جنت ۾ داخل ٿيندؤ.(2)

حوالو (2) ابن ماجہ، ابن عساڪر، رحمت اللعالمين 263/1

توهان کان مون بابت پڇاڻو ٿيندو تہ توهان ڇا چوندؤ؟ اصحابي سڳورن رضہ چيو تہ اسين شهادت ٿا ڏيون تہ توهان تبليغ ڪري ڇڏي، نياپو پهچائي ڇڏيو ۽ خير خواهيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو.

اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم شهادت واري آڱر آسمان ڏانهن ڪنئي ۽ ماڻهن ڏانهن جهڪائيندي ٽي ڀيري فرمايو تہ "اي الله! شاهد ٿجان."(3)

حوالو (3) صحيح مسلم 397/1

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جا ارشاد، ربيعہ بن اميہ خلف رضہ جن وڏي واڪي ماڻهن تائين پهچائي رهيا هئا.(1) جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم خطبو ڏئي فارغ ٿيا تہ الله تعاليٰ پاران هيءَ آيت لاٿي وئي.

حوالو (1) ابن هشام 605/2

اَليومَ اَكملتُ لكم دينكم وَ اَتممتُ عليكم نعمتي وَرَضيتُ لكم الاسلامَ دِينا (3:5)

ترجمو:- "اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪي"

حضرت عمر رضہ جن اها آيت ٻڌي روئڻ لڳا. پڇيو ويو تہ "توهان ڇو پيا روئو؟" فرمايائون تہ "ان لاءِ جو ڪمال ڪانپوءِ زوال ئي تہ آهي."(2)

حوالو (2) بخاري عن ابن عمر ڏسو رحمت اللعالمين 265/1

خطبي ڪانپوءِ حضرت بلال رضہ جن ٻانگ ۽ پوءِ تڪبير چئي. پاڻ سڳورن ﷺ اڳين نماز پڙهائي. ان ڪانپوءِ حضرت بلال رضہ جن ٻيهر تڪبير چئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ وچين نماز پڙهائي ۽ انهن ٻنهي نمازن جي وچ ۾ ٻي ڪا نماز نہ پڙهيائون. ان ڪانپوءِ سوار ٿي پنهنجي رهڻ واري جاءِ تي پهتا. پنهنجي ڏاچي قصواءِ جو پيٽ ٽڪرين ڏانهن ڪيائون ۽ حبل مشات (واريءَ جي دڙن) ڪي سامهون رکندي ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري لاڳيتو (ان ئي حالت ۾) وقوف فرمايائون. ايستائين جو سج لهڻ لڳو.

ٿوري هئڊاڻ ختم ٿي ۽ پوءِ سج جو گولو گم ٿي ويو. ان
ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، حضرت اسامہ رضہ جن کي ٻيلھ
ڪنيو ۽ اتان روانا ٿي مزدلفہ پهتا. مزدلفہ ۾ سانجهي ۽
سومهڻي نماز هڪ ٻانگ ۽ ٻن تڪبيرن سان پڙهيائون. وچ
۾ ڪوبہ نفل نہ پڙهيائون. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ليٽي
پيا ۽ پره ڦٽيءَ تائين ليٽيا رهيا. صبح ساڻ ٻانگ ۽ اقامت
سان فجر نماز پڙهيائون. تنهن ڪانپوءِ قصواء تي چڙهي
مَشعر حرام پهتا ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري الله کان دعا
گهريائون ۽ الله سائينءَ جي ساراه ۽ وڏائي ۽ هيڪڙائي بيان
ڪرڻ لڳا، تانجو چڱو خاصو سوجهرو ٿي ويو. ان ڪانپوءِ
سج ايرڻ کان اڳ ئي منيٰ لاءِ نڪري پيا ۽ هن ڀيري فضل
بن عباس رضہ کي ٻيلھ ڪنيائون. بطن مُحسر پهتا تہ
سواريءَ کي ٿورو تکو ڊوڙايائون ۽ جيڪو وچيون رستو جمره
ڪبريٰ تائين پهتو ٿي، اتان هلي جمره ڪبريٰ (وڏي
شيطان) تائين پهتا. تن ڏينهن۾ اتي هڪ وڻ بہ هو ۽ جمره
ڪبريٰ ان وڻ جي نسبت سان بہ سڃاتو ويندو هو. تنهن
ڪانسواءِ جمره ڪبريٰ کي جمره عقبہ ۽ جمره اوليٰ بہ چوندا

هئا. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ، جمره ڪبريٰ کي ست پٿريون هنيون. هر تڪبير سان گڏ تڪبير چوندا پئي ويا. پٿريون ننڍڙيون ننڍڙيون هيون، جن کي چپٽيءَ ۾ جهلي اڇلائي سگهبو هو. پاڻ سڳورن ﷺ اهي پٿريون بطن نالي واديءَ ۾ بيهي هنيون هيون. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ قربان گاهه ۾ پهتا ۽ پنهنجن پلارن هٿن سان 63 اٺ ڪُنائون. پوءِ (اهو ڪم) حضرت علي رضہ جي حوالي ڪيائون ۽ انهن بچيل 37 اٺ ڪُنا. اهڙيءَ طرح پورا سؤ اٺ ڪُنا ويا. پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت علي رضہ کي به پنهنجي قربانيءَ۾ ڀائيوار ڪيو هو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪم سان هر اٺ جو هڪ هڪ ٽڪيو ڪپي هنديءَ ۾ وجهي رڌيو ويو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ حضرت علي رضہ، ان گوشت مان ڪجهہ کاڌو ۽ ٻوڙ جو رس به پيتو.

تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ سوار ٿي مڪي ويا ۽ بيت الله جو طواف ڪيائون. (ان کي طواف افاضہ چئجي ٿو.) ۽ مڪي ۾ ئي اڳين نماز پڙهيائون. تنهن ڪانپوءِ (زمزم جي کوهه وٽ) بنو عبدالمطلب وٽ آيا. اهي حاجين

کي زمزم جو پاڻي پياري رهيا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته "بنو عبدالمطلب! توهان پاڻي ڇڪيو. جيڪڏهن مونکي ڊپ نه هجي ها ته پاڻي پيارڻ جي هن ڪم ۾ ماڻهو توهان تي چڙهي پوندا ته آئون به توهان سان گڏ ڇڪيان ها." (يعني جيڪڏهن اصحابي سڳورا رضه، پاڻ سڳورن ﷺ کي پاڻ پاڻي ڇڪيندي ڏسن ها ته هر ڪو اصحابي پاڻ به پاڻي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪري ها ۽ اهڙيءَ طرح حاجين کي زمزم جو پاڻي پيارڻ جو جيڪو شرف بنو عبدالمطلب کي حاصل هو، ان جو انتظام سندن وس ۾ نه رهي ها.) تنهن ڪانپوءِ بنو عبدالمطلب، پاڻ سڳورن ﷺ کي هڪ ڏول ۾ پاڻي ڏنو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ گهرج آهر پاڻي پيتو.(1)

حوالو (1) مسلم عن جابر باب حجت النبي ﷺ 397/1 کان 400

اڄ ڇيهاڙڪو ڏينهن هو. يعني ذوالحج جي ڏهين تاريخ هئي. پاڻ سڳورن ﷺ اڄ به ڏينهن چڙهڻ ڪانپوءِ (چاشت مهل) هڪ خطبو ڏنو. خطبي ڏيڻ مهل پاڻ سڳورا ﷺ خچر تي چڙهيل هئا ۽ حضرت علي رضه جن، پاڻ

سڳورن ﷺ جا ارشاد، اصحابي سڳورن تائين پهچائي رهيا هئا. اصحابي سڳورا ڪجهه ويٺل هئا ته ڪجهه بيٺل هئا.(2) پاڻ سڳورن ﷺ اڄوڪي خطبي ۾ به ڪلهوڪيون

حوالو (1) ابو دائود: باب اَيّ وقت يخطب يوم النحر 270/1

ڳالهيون ورجايون. صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جو بيان آيل آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ اسان کي يوم النحر (ڏهين ذوالحج) تي خطبو ڏنو ۽ فرمايائون ته:

"زمانو گهمي ڦري پنهنجي ان ڏينهن واري هئيت تي اچي پهتو آهي، جنهن ڏينهن الله تعالىٰ آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو هو. سال، ٻارنهن مهينن جو آهي، جنهن ۾ چار مهينا حرمت وارا آهن. ٽي لاڳيتا يعني ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم ۽ هڪ رجب المضر، جيڪو جماد الاخر ۽ شعبان جي وچ ۾ آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ اهو به پڇيو ته هي ڪهڙو مهينو آهي؟

اسان وراڻيو تہ "اللّٰہ ۽ ان جو رسول ﷺ ئي بهتر ڄاڻن ٿا." تنهن تي پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ٿي ويا، ايستائين جو اسان سمجهيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان جو ڪو ٻيو نالو رکندا. پر پوء پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "ڇاهي ذوالحج نہ آهي؟" اسان وراڻيو تہ "هائو ڇونہ!" پاڻ سڳورن ﷺ وري پڇيو تہ "هي ڪهڙو شهر آهي؟" اسان وراڻيو تہ "اللّٰہ ۽ ان جو رسول ئي بهتر ڄاڻن ٿا." تنهن تي پاڻ سڳورا ﷺ وري بہ ماٺ ٿي ويا. ايستائين جو اسان سمجهيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان جو ڪو ٻيو نالو رکندا. پر پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "ڇا اهو بلده (مڪو) نہ آهي؟" اسان وراڻيو تہ "هائو! بلڪل." پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ ڀلا هيءُ ڪهڙو ڏينهن آهي؟" اسان وراڻيو تہ "اللّٰہ ۽ ان جو رسول ﷺ ئي بهتر ڄاڻن ٿا." تنهن تي پاڻ سڳورا ﷺ وري بہ چپ ٿي ويا، ايستائين جو اسان سمجهيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان جو ڪو ٻيو نالو رکندا، پر پاڻ سڳرن ﷺ وري پڇيو تہ "ڇا اڄ يوم النحر (قربانيءَ جو ڏينهن، يعني ڏهين ذوالحج) نہ آهي؟" اسان وراڻيو تہ "هائو! بلڪل." پاڻ

سڳورن ﷺ فرمايو تہ " تہ پوء ٻڌو، توهانجو خون، توهانجو مال ۽ توهان جي لڄ توهان تي اهڙيءَ طرح ئي حرام آهي، جهڙيءَ طرح توهانجي هن شهر ۽ توهان جي هن مهيني ۾ توهان جي اڄوڪي ڏينهن جي حرمت آهي. توهان ترت ئي پنهنجي پالڻهار سان ملندؤ ۽ اهو توهان کان توهانجن عملن بابت پڇا ڪندو، تنهنڪري مون کانپوء گمراه نہ ٿي وڃجؤ جو هڪٻئي سان مار ماران لاهي ڏيو. ٻڌايو! ڇا مون تبليغ ڪري ڇڏي؟ اصحابي سڳورن چيو تہ "هائو" پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اي الله! گواه رهجان. جيڪو ماڻهو موجود آهي ۽ جيڪو نہ رسي سگهيو آهي، تنهن تائين (منهنجون ڳالهيون) پهچائي ڇڏجؤ. ڇوتہ ڪن اهڙن ماڻهن تائين (اهي ڳالهيون) پهچايون وينديون، اهي ڪن (موجود) ٻڌڻ وارن کان تمام گهڻو انهن ڳالهين کي سمجهي سگهندا. (1)

حوالو (1) صحيح بخاري: باب الخطبہ 234/1

هڪ روايت۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ هن خطبي ۾ اهو بہ فرمايو تہ"ياد رکو! ڪوبہ ڏوهاري پاڻ کانسواء ڪنهن ٻئي جو ڏوهہ نٿو ڪري (يعني ان ڏوهہ ۾ ٻيو ڪو نہ پر پاڻ

ڏوهاري جهلبو آهي.) ياد رکو! ڪوبہ ڏوهاري، پنهنجي پٽ، يا ڪو بہ پٽ پنهنجي پيءَ تي ڏوهہ نٿو ڪري. (يعني پيءَ جي ڏوهہ ۾ پٽ کي ۽ پٽ جي ڏوهہ ۾ پيءَ کي ڪونہ پڪڙيو ويندو.) ياد رکو! شيطان مايوس ٿي چڪو آهي تہ هاڻي توهانجي هن شهر ۾ ڪڏهن نہ ڪا سندس پوڄا ڪئي ويندي. پر جن عملن کي توهان ليکي ۾ نٿا آڻيو، انهن ۾ سندس اطاعت ڪئي ويندي ۽ هو ان ۾ خوش هوندو.(2)

حوالو (2) ترمذي 28/2، 135 - ابن ماجہ: ڪتاب الحج - مشڪوات 234/1

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم تشريق وارا ڏهاڙا(11، 12، 13 ذوالحج) منيٰ ۾ ٺي رهيا. ان دوران پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم حج جا مناسڪ بہ ادا ڪندا رهيا ۽ ماڻهن کي شريعت جي سکيا بہ ڏيندا رهيا. الله جو ذڪر بہ ڪندا رهيا ۽ ملت ابراهيمي جي قربانيءَ واري رسم بہ قائم ڪندا رهيا ۽ شرڪ جا اهڃاڻ ۽ نشان پڻ مٽائيندا رهيا. پان سڳورن صلى الله عليه وسلم تشريق وارن ڏهاڙن ۾ بہ هڪ ڏينهن خطبو ڏنو. جيئن سنن ابي دائود ۾ "حسن" سند سان آيل آهي تہ حضرت سراء

بنت بنهان رضہ جن فرمايو تہ پاڻ سڳورن ﷺ اسانکي رؤس واري ڏينهن (1) خطبو ڏنو ۽ فرمايو تہ "ڇاهي تشريق جي ڏهاڙن مان وچيون ڏينهن نہ آهي؟(2) پاڻ سڳورن ﷺ جو اڄوڪو خطبو بہ ڪلهوڪي (يوم النحر) خطبي جهڙو هو ۽ اهو خطبو سوره نصر جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ ڏنو ويو هو.

حوالو (1) يعني 12 ذوالحج (عون المعبود 143/2)

حوالو (2) ابو دائود: باب أيّ يوم يخطب بمنيٰ 269/1

تشريق وارن ڏهاڙن جي پڇاڙيءَ تي ٻئي ڏينهن يوم النفر يعني 13 ذوالحج تي پاڻ سڳورن ﷺ منيٰ ڏانهن روانا ٿيا ۽ ابطح نالي ماٿريءَ ۾ خيف بني ڪنانہ وٽ اچي لٿا. ڏينهن جو بچيل حصو ۽ رات اتي گذاريائون ۽ اڳين، وچين، سانجهي ۽ سومهڻي نماز اتي ئي پڙهيائون. البتہ عشاء ڪانپوءِ ٿورو سمهي اٿيا ۽ سوار ٿي بيت الله ڏانهن ويا ۽ آخري طواف ڪيائون.

هاڻي حج جي سمورن مناسڪن کان آجا ٿي پاڻ سڳورن ﷺ سواريءَ جو منهن مديني ڏانهن ڪيو. ان لاءِ

نہ تہ ڪو اتي وڃي آرام ڪندا. بلڪ ان لاءِ تہ هاڻي وري الله ڪارڻ، الله جي راهہ ۾ هڪ نئون جهاد ڇيڙين.(1)

حوالو (1) حجت الوداع جي تفصيل لاءِ ڏسو صحيح بخاري: ڪتاب المناسڪ ج ا و ج 631/2
- صحيح مسلم: باب حجت النبي صلى الله عليه وسلم - فتح الباري ج 3
- شرح ڪتاب المناسڪ ۾ ج 103/8 کان 110 - ابن هشام 601/2 کان 605 - زاد المعاد 196/1، 218 کان 240

پڇاڙڪي فوجي مهم

رومي شهنشاهيت ڪي اسلام ۽ مسلمانن جي زنده رهڻ جو حق ڏيڻ کان آر هو، ان ڪري ان جي حدن ۾ رهڻ واري ڪنهن بہ ماڻهوءَ اسلام قبوليو ٿي تہ ان جو پوءِ خير نہ هو. جيئن معان جي (عرب نسل جي) رومي گورنر حضرت فروه بن عمرو جذامي رضہ سان ٿيو. انهن حالتن جي ڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم صفر سنہ 11 هہ ۾ هڪ وڏو لشڪر تيار ڪيو ۽ حضرت اُسامہ بن زيد رضہ کي ان جو سپهہ سالار

ڪري حڪم ڏنو تہ بلقاء جو علائقو ۽ داروم جي فلسطيني سرزمين سوارن جي پيرن هيٺان لتاڙي اچ. هن ڪارروائيءَ جو مقصد اهو هو تہ رومين کي ڊيڄارڻ سان گڏوگڏ سندن حدن ۾ رهندڙ عرب قبيلن جي دلجاءِ ڪئي وڃي ۽ اهو وهم ختم ڪيو وڃي تہ ڪليسا جي تشدد تي ڪو پڇا ڳاڇا ڪرڻ وارو آهي ئي ڪونہ ۽ اسلام قبولڻ جو مطلب رڳو اهو آهي تہ پنهنجي موت کي سڏيو وڃي.

ان موقعي تي ڪن ماڻهن، سپهہ سالار جي ننڍي عمر تي تنقيد ڪئي ۽ ان مهم تي هلڻ ۾ دير ڪئي. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ توهان هن جي سپهہ سالاريءَ تي تنقيد پيا ڪريو ۽ ان کان اڳ هن جي پيءُ تي بہ تنقيد ڪري چڪا آهيو. جڏهن تہ الله جو قسم اهو سپهہ سالاريءَ جو اهل هو ۽ منهنجن پيارن مان هو ۽ هي بہ ان کانپوءِ منهنجن پيارن ماڻهن منجهان آهي.(1)

حوالو (1) صحيح بخاري: باب بعث النبي ﷺ اُسامہ 612/2

بهرحال اصحابي سڀورا رضہ. اسامہ رضہ جي هٿ
هيٺ لشڪر۾ شامل ٿي ويا ۽ لشڪر روانو ٿي مديني کان
ٽي ميل پري جرف نالي جڳهہ تي وڃي لٿو. پر پاڻ سڳورن
صلى الله عليه وسلم جي ناچاڪيءَ بابت تشويشناڪ خبرڪ جي ڪارڻ
اڳتي نہ وڌي سگهيو. بلڪ الله جي فيصلي جي انتظار۾ اتي
ئي رهڻ تي مجبور ٿي ويو ۽ الله جو فيصلو اهو هو تہ اهو
لشڪر حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت جي ڏينهن
جي پهرين فوجي مهم ليکي وڃي.(1)

حوالو (1) صحيح بخاري: باب بعث النبي صلى الله عليه وسلم، اُسامہ 612/2 ۽ ابن هشام 606/2، 650

رفيق الاعليٰ ڏانهن سفر

موڪلاڻيءَ جا اهڃاڻ:- جڏهن دين جي دعوت پوري ٿي ۽ عربستان جي واڳ اسلام جي هٿ اچي وئي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي ڳالهين ۽ هلت چلت مان اهڙا پسڻ پوڻ لڳا تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم هن عارضي حياتيءَ کي ڇڏڻ ۽ هن فاني جهان جي رهواسين کان موڪلائڻ وارا آهن. جهڙوڪ:

پاڻ سڳورن ﷺ سنہ 10 ھ جي رمضان ۾ ويهہ ڏينهن اعتڪاف ڪيو. جڏهن تہ اڳي سدائين ڏهہ ڏينهن اعتڪاف ۾ ويهندا هئا. حضرت جبرئيل ع هن سال پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻہ ڀيرا قرآن شريف جو دور ڪرايو. جڏهن تہ هر سال رڳو هڪڙو ڀيرو دور ڪرائيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ حجت الوداع جي موقعي تي فرمايو تہ "آئون نٿو ڄاڻان تہ شايد هن سال ڪانپوءِ هن جڳهہ تي توهان سان ملي سگهندس." جمرهء عقبہ وٽ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مون کان حج جو طريقو سکي وٺو. ڇوتہ ٿي سگهي ٿو تہ آئون مٿئين سال حج نہ ڪري سگهان." پاڻ سڳورن ﷺ تي تشريق جي وچئين ڏهاڙي تي سوره نصر لٿي ۽ ان سان پاڻ سڳورن ﷺ سمجهي ورتو تہ هاڻي هن دنيا مان هلڻ جو وقت اچي پريو آهي ۽ اهو موت جو ڄاڻ آهي.

صفر سنہ 11 ھ جي منڍ ۾ پاڻ سڳورا ﷺ احد جبل وٽ هلي ويا ۽ شهيدن لاءِ مختلف دعائون گهريائون. ڄڻ تہ جيئرن ۽ مئلن کان موڪلائي رهيا هئا. پوءِ موٽي اچي منبر تي ويٺا ۽ فرمايائون تہ "آئون توهانجي قافلي جو

مهندار آهيان ۽ توهان تي گواه آهيان. اللہ جو قسم! آئون هن مهل پنهنجو حوض (حوض ڪوثر) ڏسي رهيو آهيان. مونکي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون آهن ۽ اللہ جو قسم! مونکي اهو ڊپ نہ آهي تہ ڪو توهان مون ڪان پوءِ شرڪ ڪندؤ. بلڪ اهو ڊپ آهي تہ دنيا جي گهرجن تي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳندؤ."(1)

حوالو (1) متفق عليہ صحيح بخاري 585/2

هڪ ڀيري اڌ رات جو پاڻ سڳورا ﷺ بقيع ويا ۽ بقيع وارن لاءِ ڇوٽڪاري جي دعا گهريائون. فرمايائون تہ " اي قبر وارؤ! توهان تي سلام! ماڻهو جنهن حال ۾ آهن، تنهنجي ڀيٽ ۾ توهان جنهن حال ۾ آهيو، اهي حال ڀلا آهن. فتنا، اونداهي رات جي ٽڪرن جيان هڪٻئي پويان هلندا پيا اچن ۽ پويون اڳئين کان بہ وڌيڪ بڇڙو آهي." ان کانپوءِ اهو چئي قبرن وارن کي بشارت ڏنائون تہ اسين بہ توهان سان اچي ملڻ وارا آهيون.

مرض جو آغاز:- 29 صفر سنہ 11 هہ سومر جي ڏينهن پاڻ سڳورا ﷺ هڪ جنازي سان بقيع ويا. موٽڻ مهل واٽ

تي ئي مٿي جو سور شروع ٿي وَين ۽ بخار ايڏو وڌي وَين جو مٿي تي ٻڌل پٽيءَ جي مٿان بہ محسوس ٿيڻ لڳو. اهو پاڻ سڳورن ﷺ تي مرض الموت جو آغاز هو. پاڻ سڳورن ﷺ ان ئي بيماريءَ واري حالت ۾ يارنهن ڏينهن نماز پڙهائي. بيماريءَ جو ڪل مدو تيرنهن يا چوڏنهن ڏينهن هو.

پڇاڙڪو هفتو:- پاڻ سڳورن ﷺ جي طبيعت ڏينهان ڏينهن بگڙجندي وئي. ان دوران پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجن بيبين سڳورين کان پڇندا رهيا تہ آئون سڀاڻي ڪٿي رهندس؟ ان سوال جو مقصد بيبيون سڳوريون رضہ سمجهي ويون. تنهنڪري انهن اجازت ڏني تہ پاڻ سڳورا ﷺ جتي وڻين، اتي رهن. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ بيبي عائشہ رضہ جي گهر اچي ويا. اتي پاڻ سڳورا ﷺ، حضرت فضل بن عباس ۽ حضرت فضل بن عباس ۽ حضرت علي بن ابي طالب رضہ جن جو سهارو وٺي پهتا هئا. سندن مٿي تي پٽي ٻڌل هئي ۽ پير گسري رهيا هئن. اهڙيءَ حالت ۾ پاڻ سڳورا ﷺ بيبي عائشہ رضہ جي گهر ۾ گهڙيا ۽ پوءِ حياتي مبارڪ جو پڇاڙڪو هفتو اتي ئي گذاريائون.

بيبي عائشہ رضہ معوذات ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کان سکيل پيون دعائون پڙهي پاڻ سڳورن ﷺ تي شوکاريندي هيون ۽ برکت جي اميد تي پاڻ سڳورن ﷺ جو هٿ مبارڪ، پاڻ سڳورن ﷺ جي جسم مبارڪ تي ڦيريندڻيون رهنديون هيون.

وفات کان پنج ڏهاڙا اڳ:- وفات کان پنج ڏهاڙا اڳ اربع ڏينهن بخار وڌي ويو. جنهن جي ڪارڻ تڪليف وڌڻ ڪري پاڻ سڳورن ﷺ تي غشي طاري ٿيڻ لڳي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مون تي الڳ الڳ کوهن جي پاڻيءَ جون ست مشڪون هاريو تہ جيئن آئون ماڻهن ۾ وڃي وصيت ڪري سگهان." ان جي تڪميل ڪندي پاڻ سڳورن ﷺ کي هڪ ٽب ۾ ويهاريو ويو ۽ مٿانئن ايترو پاڻي وڌو ويو جو پاڻ سڳورا ﷺ بس، بس چوڻ لڳا.

ان مهل پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪجهہ آرام مليو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ مسجد ۾ آيا. مٿي تي پٽي ٻڌل هئن، منبر تي ويٺا ۽ ويهي خطبو ڏنائون. اصحابي سڳورا رضہ اچي گڏ ٿيا هئا. فرمايائون تہ "يهودين ۽ نصرانين تي الله

جي لعنت هجي جو انهن پنهنجن نبين جي قبرن کي مسجدون ٺاهي ڇڏيو."

ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ "يهودين ۽ نصرانين تي الله جي مار پوي جو انهن پنهنجن نبين جي قبرن کي مسجدون ٺاهي ڇڏيو."(1) پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم اهو بہ چيو تہ "توهان منهنجي قبر کي بت نہ ٺاهجوءِ جو ان جي پوڄا شروع ٿي وڃي." (2)

حوالو (1) صحيح بخاري 62/1 - مؤطا امام مالڪ صفحو 360

حوالو (2) مؤطا امام مالڪ صفحو 65

پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنهنجو پاڻ کي قصاص لاءِ پيش ڪيو ۽ فرمايو تہ "مون ڪنهن جي پٺ تي ڪوڙو هنيو هجي تہ هيءَ منهنجي پٺ حاضر آهي، اهو پلاند وٺي وٺي. ڪنهن جي بيعزتي ڪئي هجيم تہ اهو بہ بدلو وٺي وٺي."

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم منبر تان هيٺ لٿا. اڳين نماز پڙهايائون ۽ ٻيهر منبر تي وڃي ويٺا ۽ عداوت بابت مٿيون ڳالهيون دهرايائون. هڪ ڄڻي اٿي چيو تہ

"منهنجا توهان تي ٽي درهم رهيل آهن." پاڻ سڳورن ﷺ فضل بن عباس رضہ کي فرمايو تہ " هن کي ڏئي ڇڏ." ان کانپوءِ انصارن بابت وصيت ڪندي فرمايائون تہ "آئون توهانکي انصارن بابت وصيت ڪريان ٿو، ڇوتہ اهي منهنجي دل ۽ جگر آهن. انهن پنهنجي ذميداري پوري ڪري ڇڏي، پر سندن حق اجا رهن ٿا. تنهنڪري انهن جي نيڪوڪارن کان نيڪيون قبولجوءِ ۽ خطاڪارن کان درگذر ڪجوءِ. هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ"ماڻهو وڌندا ويندا پر انصار گهٽبا ويندا. ايستائين جو اٽي۾ لوڻ جيترا وڃي بچندا. تنهنڪري توهان مان جيڪو بہ نفعي ۽ نقصان واري ڪم جو والي بڻجي، اهو سندن نيڪوڪارن کان نيڪيون قبول ڪري ۽ خطاڪارن کان درگذر ڪري.(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 536/1

تنهن کانپوءِ فرمايائون تہ "هڪ ٻانهي کي الله تعاليٰ اختيار ڏنو تہ هو يا تہ دنيا جي چمڪ ڏمڪ ۽ سونهن سينگار مان جيڪي وٺيس، سو وني يا الله وٽ جيڪي

ڪجهہ آهي ان ڪي اختيار ڪري. تنهن تي ان ٻانهي الله تعاليٰ واري شيء ڪي اختيار ڪري ورتو."ابو سعيد خدري رضہ جن جو بيان آهي تہ اها ڳالهہ ٻڌي حضرت ابوبڪر رضہ جن روئڻ لڳا ۽ فرمايائون تہ "اسان پنهنجي ماءُ پيءُ سميت اوهان تان گهور وڃون. " تنهن تي اسانکي اچرج ٿيو. ماڻهن چيو تہ هن ڪراڙي کي تہ ڏسو! پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم تہ هڪ ٻانهي بابت پيا فرمائين تہ الله سائينءَ ان کي اختيار ڏنو تہ دنيا جي ڏيک ويک ۽ سونهن سينگار مان جيڪي وٺي اهو الله سائينءَ ڏيس يا هو الله وٽ جيڪي ڪجهہ آهي ان کي اختيار ڪري ۽ هي ڪراڙو چوي پيو تہ اسانجا ماءُ پيءُ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم تان گهور وڃن. (پر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوء ڳالهہ چٽي ٿي وئي تہ) جنهن ٻانهي کي اختيار ڏنو ويو هو، اهي پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم ئي هئا ۽ ابوبڪر رضہ جن اسان سيني کان وڌيڪ ڄاڻندا هئا.(1)

حوالو (1) متفق عليہ: مشڪوات 546/2، 554 - صحيح بخاري 514/1

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مونتي پنهنجي ساٿ ۽ مال سان سڀ کان وڏيڪ احسان ابوبکر رضہ جا آهن. جيڪڏهن آئون پنهنجي پالڻهار کانسواءِ ٻئي کنهن کي خليل بڻايان ها تہ ابوبکر رضہ کي بڻايان ها. پر (ان سان) اسلامي ڀائيچاري ۽ محبت (جو لاڳاپو) آهي. مسجد ۾ کوبہ دروازو نہ ڇڏيو وڃي، بلڪ اهي لازمي طور تي بند ڪيا وڃن، سواءِ ابوبکر رضہ جي دروازي جي."(2)

حوالو (2) متفق عليہ: مشڪوات 546/2، 554 - صحيح بخاري 514/1

چار ڏينهن اڳ:- وفات کان چار ڏينهن اڳ خميس ڏينهن جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي تڪليف وڌي وئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "ڪاغذ ۽ قلم) ڏيو تہ آئون توهان کي هڪ لکت لکي ڏيان، جنهن کانپوءِ توهان ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندا." ان مهل گهر ۾ گهڻائي ماڻهو موجود هئا، جن ۾ حضرت عمر رضہ جن بہ هئا. انهن چيو تہ "پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏاڍي تڪليف آهي. هونئن بہ پاڻ وٽ قرآن آهي ۽ بس الله جو اهو ڪتاب ڪافي آهي. ان تي گهر ۾ موجود

ماڻهن ۾ اختلاف ٿي پيو ۽ اهي پاڻ ۾ اٽڪي پيا. ڪن چيو ته (ڪاغذ ۽ قلم) آڻيو ته پاڻ سڳورا ﷺ لکي ڏين ته ڪو وري اها ڳالهه ڪري رهيو هو، جيڪا حضرت عمر رضه جن ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح جڏهن گوڙ وڌي ويو ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته" مون وٽان هليا وڃو." (1)

حوالو (1) متفق عليه: صحيح بخاري 22/1، 429، 449 - 638/2

ساڳئي ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ ٽن ڳالهين جي وصيت ڪئي. هڪ اها ته يهودين، نصرانين ۽ مشرڪن کي عربستان مان ڪڍي ڇڏجوءِ. ٻي اها ته (عرب قبيلن جي) وفدن جي چڱيءَ طرح ميزباني ڪجوءِ. جهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ ڪندا هئا. باقي ٽي ڳالهه راوي ڀلجي ويو. شايد اها ڪتاب ۽ سنت کي مضبوطيءَ سان جهلي بيهڻ جي وصيت هئي يا اُسامه رضه واري لشڪر کي روانو ڪرڻ واري وصيت هئي، يا پاڻ سڳورن ﷺ جو اهو ارشاد هو ته نماز ۽ توهان جا زيردست." يعني ٻانهن ۽ ٻانهين جو خيال رکجوءِ

پاڻ سڳورن ﷺ بيماري وڌڻ کانپوءِ بہ ان ڏينهن تائين سڀ نمازون پاڻ پڙهائيندا هئا. ان ڏينهن بہ سانجهي نماز پاڻ سڳورن ﷺ پاڻ پڙهائي ۽ ان ۾ سوره والمرسلات عرفا پڙهيائون.(2) پر سومهڻيءَ مهل مرض ايڏو وڌي ويو جو مسجد ۾ وڃڻ جي طاقت نہ رهي.

حوالو (2) صحيح بخاري: عن ام الفضل باب مرض النبي ﷺ 637/2

بيبي عائشہ رضہ جن جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ پڇيو تہ "ڇا ماڻهن نماز پڙهي ڇڏي؟" اسان چيو تہ "نہ، يا رسول الله ﷺ سيئي اوهان جو انتظار پيا ڪن." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "مون لاءِ ٽب ۾ پاڻي رکو." ائين ڪيو ويو. پاڻ سڳورن ﷺ غسل ڪيو ۽ ان کانپوءِ اٿڻ گهريو پر پاڻ سڳورن ﷺ تي غشي طاري ٿي وئي. ٿورو فرحت ٿين تہ وري پڇيائون تہ "ڇا ماڻهن نماز پڙهي ڇڏي؟" اسان چيو تہ "نہ، يا رسول الله ﷺ! سيئي توهانجو انتظار پيا ڪن." ان کانپوءِ ٻيهر ۽ پوءِ ٽيهر ساڳيو واقعو ٿيو، جيڪو پهرين ٿيو هو. يعني پاڻ سڳورن ﷺ غسل ڪيو،

اٿڻ گهريو تہ پاڻ سڳورن ﷺ تي غشي طاري ٿي وئي. نيٺ پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت ابوبڪر رضہ کي چورائي موڪليو تہ اهي ماڻهن کي نماز پڙهائين. تنهن ڪانپوءِ انهن ڏينهن ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جن نماز پڙهائي. (1) پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ ۾ انهن ڪل ستره نمازون پڙهايون هيون."

حوالو (1) مقفق عليہ: مشڪوات: 102/1

ام المؤمنين عائشہ رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ کي ٽي يا چار ڀيرا چيو تہ امامت جو ڪم حضرت ابوبڪر رضہ بدران ٻئي ڪنهن جي حوالي ڪريو. سندن مطلب اهو هو تہ ماڻهو حضرت ابوبڪر رضہ (جي امامت) کي بدسوڻي نہ سمجهن، ،پر پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "توهان سيئي يوسف واريون آهيو.(1) ابوبڪر رضہ کي حڪم ڏي تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي."(2)

حوالو (1) حضرت يوسف ع جي سلسلي ۾ جيڪي مايون، عزيز مصر جي زال کي ملامت ڪري رهيون هيون، اهي بظاهر تہ ان جي فعل جي بڇڙائڻ جو اظهار ڪري رهيون.

هيون، پر يوسف ع کي ڏسي جڏهن انهن پنهنجون آڱريون ڪٽي وڌيون تہ خبر پئي تہ اهي پاڻ بہ حضرت يوسف ع تي اکن چڪن هيون. اهو ئي معاملو هتي بہ هو. بظاهر تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي چيو پئي ويو تہ ابوبڪر رضہ جن رقيق القلب آهن. توهانجي جڳهہ تي بيهندا تہ روئي پوڻ ڪري قرائت ڪري نہ سگهندا يا ٻڌائي ڪونہ سگهندا، پر دل ۾ اها ڳالهہ هئي تہ جيڪڏهن خدا نہ ڪري پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم هن مرض ۾ گذاري ويا تہ ابوبڪر رضہ بابت نحوست ۽ بدشگونيءَ جو خيال ماڻهن جي دل ۾ ويهي ويندو. جيئن تہ اها گذارش ڪرڻ ۾ بيبي عائشہ رضہ جن سان ٻيون بيبيون سڳوريون بہ گڏ هيون، تنهنڪري پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ توهان سڀ يوسف واريون آهيو. يعني دل ۾ هڪڙي اتوَ ۽ زبان سان ٻي پيو ٻڌايو.

حوالو (2) صحيح بخاري 1/ 99

هڪ يا ٻہ ڏينهن اڳ:- چنچر يا آچر تي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنهنجي طبيعت ۾ فرحت محسوس ڪئي، تنهنڪري ٻن ڄڻن جي سهاري سان اڳين نماز لاءِ آيا. ان مهل ابوبڪر رضہ،

اصحابي سڀني کي نماز پڙهائي رهيا هئا. اهي پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسي پٺتي هٽڻ لڳا. پاڻ سڳورن ﷺ اشارو ڪيو ته پٺيان نه هٽن ۽ سهارو ڏيڻ وارن کي چيائون ته مونکي هن جي پاسي ۾ ويهاريو. تنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ، حضرت ابوبڪر رضہ جي کابي پاسي ويٺا. ان ڪانپوءِ ابوبڪر رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ جي نماز جي اقتداء ڪري رهيا هئا ۽ اصحابي سڀني کي تڪبير ٻڌائي رهيا هئا.(3)

حوالو (3) صحيح بخاري 1/98، 99

هڪ ڏينهن اڳ:- وفات کان هڪ ڏينهن اڳ آچر ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجا سمورا ٻانها آزاد ڪري ڇڏيا. ست دينار رکيل هئن، اهي صدقو ڪري ڇڏيائون. پنهنجا هٿيار مسلمانن کي ڏئي ڇڏيائون. رات جو ڏيئو ٻارڻ لاءِ بيبي عائشہ رضہ پاڙي مان تيل اڌارو ورتو. پاڻ سڳورن ﷺ جي زرهہ هڪ يهوديءَ وٽ ٽيهہ صاع (اٽڪل 75 ڪلو) جَوَن جي بدلي ۾ گروي رکيل هئي.

ڇمار جو آخري ڏهاڙو:- حضرت انس رضہ جو بيان آهي تہ سومر ڏينهن مسلمان نماز پڙهي رهيا هئا ۽ حضرت ابوبڪر رضہ جن امامت ڪري رهيا هئا تہ اوچتو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم، بيبي عائشہ رضہ جي حجري جو پڙدو ڪنيو ۽ قطارون ٻڌي نماز پڙهندڙ اصحابي سڳورن کي ڏٺو ۽ مرڪڻ لڳا. ٻئي پاسي ابوبڪر رضہ جن ڪڙيءَ پر پٺتي هٽي وڃي صف سان مليا. انهن سمجهيو تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم نماز پڙهائڻ لاء اچڻ پيا گهرن. حضرت انس رضہ جن جو بيان آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم (کي اوچتو ڏسي) مسلمان ايڏا سرها ٿيا جو چاهيائون تہ نماز ۾ ئي فتني ۾ پئجي وڃن.(يعني پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم سان حالي احوالي ٿيڻ لاء نماز ٽوڙين) پر پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم هٿ جي اشاري سان فرمايو تہ پنهنجي نماز پوري ڪري وٺو. ان کانپوء حجريءَ موٽي ويا ۽ پڙدو هيٺ ڪري ڇڏيائون (1)

حوالو (1) صحيح بخاري: باب مرض النبي صلى الله عليه وسلم 240/2

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ تي ڪنهن ٻيءَ نماز جو وقت نہ آيو. ڏينهن چڙهڻ ڪانپوءِ چاشت مهل پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي نياڻي ٻيبي فاطمہ رضہ کي سڏايو ۽ کين ڪن ۾ ڪا ڳالهہ چئي. جنهن تي اهي روئڻ لڳيون. پاڻ سڳورن ﷺ کين ٻيهر ويجهو سڏيو ۽ وري ڪن ۾ ڪا ڳالهہ چئي تہ اهي کلڻ لڳيون. ٻيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ پوءِ اسانجي پڇڻ تي انهن ٻڌايو تہ (پهريون ڀيري) پاڻ سڳورن ﷺ مونکي ڪن۾ چيو تہ پاڻ سڳورا ﷺ هن ئي بيماريءَ ۾ فوت ٿيندا. ان ڪري آئون رنيس. پوءِ انهن مونکي وري ڪن ۾ چيو تہ خاندان مان پاڻ سڳورن ﷺ پٺيان سڀ کان پهرين آئون ويندس. تنهن تي آئون کليس."(2)

حوالو (2) بخاري 638/2

پاڻ سڳورن ﷺ، ٻيبي فاطمہ رضہ کي اها بشارت بہ ڏني تہ ٻيبي سڳوري رضہ سڄي جهان جي عورتن جي سردار آهي.(3)

حوالو (3) ڪن روايتن مان لڳي ٿو تہ ڳالهہ ٻول ۽ بشارت ڏيڻ جو اهو واقعو حياتي مبارڪ جو آخري ڏينهن نہ پر آخري هفتي ۾ ٿيو. ڏسو رحمت اللعالمين 282/1

ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ ڏاڍي تڪليف ۾ هئا، اها حالت ڏسي بيبي فاطمہ رضہ جن پاڻمرادو رڙ ڪئي وَاڪرَب اَباه! "هاء بابا جي تڪليف." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "تنهنجي پيءَ تي اڄ کانپوء ڪابہ تڪليف نہ آهي." (4)

حوالو (4) صحيح بخاري 641/2

پاڻ سڳورن ﷺ، حسن ۽ حسين رضہ جن کي گهرائي پيار ڪيو ۽ انهن سان چڱائي ڪرڻ جي وصيت ڪئي. پنهنجن پاڪ بيبين کي گهرايائون ۽ کين نصيحتون ڪيائون.

بئي پاسي هر لمحي تڪليف وڌندي پئي وئي ۽ ان زهر جو اثر بہ ظاهر ٿيڻ لڳو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ کي خيبر ۾ ڏنو ويو هو. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ، بيبي عائشہ رضہ کي چوندا هئا تہ "اي عائشہ رضہ! خيبر ۾ جيڪو کاڌو مون کاڌو هو ان جي تڪليف برابر محسوس پيو ڪريان. هن

مهل مونکي لڳي ٿو تہ ان زهر ڪارڻ منهنجو اندر ڇيو ويڄجي."(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 637/2

پاڻ سڳورن ﷺ، اصحابي سڳورن کي بہ وصيت ڪئي ۽ فرمايو تہ "الصلاة ، الصلاة وما ملكت ايمانكم (نماز، نماز ۽ توهانجا زيردست (يعني ٻانها ۽ ٻانهيون). پاڻ سڳورن ﷺ اهي لفظ ڪئي ڀيرا ورجايا.(2)

حوالو (2) صحيح بخاري 637/2

سڪراتِ:- پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ تي سڪرات شروع ٿي وئي ۽ بيبي عائشہ رضہ جن پاڻ سڳورن ﷺ کي ٽيڪ ڏياري ويٺيون. انهن جو بيان آهي تہ "الله سائينءَ جي هڪ نعمت مون تي اها آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ منهنجي گهرِ، منهنجيءَ واريءَ تي، منهنجي ڇاتيءَ سان ٽيڪ لڳائي وفات ڪري ويا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي گذارڻ مهل الله سائينءَ! پاڻ سڳورن ﷺ جو لعاب ۽ منهجو لعاب گڏي ڇڏيو. ٿيو هيئن جو عبدالرحمان بن ابي بڪر پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو. سندن هٿ ۾ ڏندڻ هو. پاڻ سڳورا ﷺ مون سان

ٽيڪ لڳائي ويٺا هئا. مون ڏنو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڏندڻ کي پئي ڏٺو. آئون سمجهي ويس تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏندڻ کپي. مون پڇيو تہ توهان لاءِ ڪٽي اچان؟ پاڻ سڳورن ﷺ ڪنڌ لوڏي سان هائوڪار ڪئي. مون ڏندڻ آڻي پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏنو تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪڙو لڳو. مون چيو تہ اهو توهانکي نرم ڪري ڏيان؟ پاڻ سڳورن ﷺ اشاري سان هائوڪار ڪئي. مون ڏندڻ نرم ڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ چڱيءَ طرح ڏندڻ ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ جي آڏو وٽي ۾ پاڻي پيل هو. پاڻ سڳورا ﷺ ٻئي هٿ پاڻيءَ ۾ وجهي منهن ڌوئيندا پئي ويا ۽ چوندا پئي ويا تہ "لا الہ الا اللہ - اللہ کانسواءِ ڪو معبود ڪونهي. موت لاءِ ڏکيائيون آهن."(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 640/2

ڏندڻ ڏيڻ کان فارغ ٿيندي ئي پاڻ سڳورن ﷺ هٿ يا آڱر مٿي ڪنئي ۽ نگاهون ڇت ڏانهن ڪنيائون ۽ ٻنهي چپن ۾ چرپر ٿي . مون ڪن ڏئي ٻڌو تہ پاڻ سڳورا ﷺ فرمائي رهيا هئا تہ" انهن نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن

سان گڏ جن کي تو پنهنجي انعام سان نوازيو آهي. اي الله! مونکي بخش ڪر، مون تي رحم ڪر ۽ مونکي رفيق اعليٰ ۾ پهچائي ڇڏ. اي الله! رفيق اعليٰ." (1)

حوالو (1) صحيح بخاري: باب النبي صلى الله عليه وسلم ۽ باب آخر ماتڪلم النبي صلى الله عليه وسلم 638/2 کان 641

آخري فقرو ٽي ڀيرا دهرايائون ۽ ان مهل هٿ جهڪي وين ۽ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم رفيق الاعليٰ سان وڃي مليا. انا الله و انا اليہ راجعون

اهو واقعو 12 ربيع الاول سنہ 11 ھ سومر جي ڏينهن چاشت مهل ٿيو. ان وقت پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي ڄمار ٽيهٺ ورهيہ ۽ چار ڏينهن هئي.

غم جو سمنڊ:- اها هانءَ ڏارينڌڙ خبر هڪدم پکڙجي وئي. مديني وارن تي غم جو پهاڙ اچي ڪريو. حضرت انس رضہ جو بيان آهي تہ جنهن ڏينهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اسان وٽ آيا هئا، ان کان ڀلو ۽ سهائيءَ وارو ڏينهن مون ڪڏهن نہ ڏٺو ۽ جنهن ڏينهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم گذاري ويا، ان کان برو ۽ اونڌاهو ٻيو ڪو ڏينهن مون نہ ڏٺو. (2)

حوالو (2) دارمي، مشڪوات 547/2

پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات تي بيبي فاطمہ رضہ جن ڏڪ ۾ فرمايو تہ يا اَبتاهُ اجاب رَبا دَعاهُ، يا اَبتاهُ في جنت الفردَوسِ ماوَاهُ، يا اَبتاهُ اَلي جبريل ننعاهُ(3)

حوالو (3) صحيح بخاري:باب مرض النبي 641/2

ترجمو:- هاء ڙي بابا سائين! جنهن پالڻهار جو سڏ ورنايو. هاء ڙي بابا سائين! جنهن جو ٺڪاڻو جنت الفردوس ۾ آهي. هاء ڙي بابا سائين! اسين جبرئيل عہ کي توهانجي موت جو ڄاڻ ڏيون ٿا."

حضرت عمر رضہ جو موقف:- وفات جي خبر ملن تي حضرت عمر رضہ جن جا هوش اڏامي ويا. انهن بيهي چوڻ شروع ڪيو تہ "ڪي منافق سمجهن ٿا تہ پاڻ سڳورا ﷺ وفات ڪري ويا آهن، پر حقيقت اها آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ وفات نہ ڪري ويا آهن، بلڪ پنهنجي پالڻهار وٽ هلي ويا آهن. جهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ عہ جن ويا هئا ۽ پنهنجي قوم کان چاليهہ راتيون غائب رهي پيهر انهن وٽ موٽي آيا.

جڏهن تہ واپسيءَ کان پهرين چيو پئي ويو تہ اهي گذاري ويا آهن.

الله جو قسم! پاڻ سڳورا صلی اللہ علیہ وسلم ضرور موٽندا ۽ انهن ماڻهن جا هٿ پير ڪپي ڇڏيندا، جيڪي سمجهن ٿا تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو موت ٿي چڪو آهي." (1)

حوالو (1) ابن هشام 655/2

حضرت ابوبڪر رضہ جو موقف:- بئي پاسي حضرت ابوبڪر رضہ جن پنهنجي گهران گهوڙي تي چڙهي آيا ۽ لهي مسجد نبويءَ ۾ گهڙيا. پوءِ ماڻهن سان ڳالهائڻ بولائڻ کانسواءِ سڌو بيبي عائشہ رضہ وٽ پهتا ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم ڏانهن سڌ ڪيائون. پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو جسم مبارڪ پٽاپٽي يمني چادر سان ڍڪيل هو. حضرت ابوبڪر رضہ، منهن مبارڪ تان پلئہ پري ڪري ان کي چميو ۽ روئڻ لڳا. پوءِ فرمايائون تہ "منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان گهوريان، الله سائين اوهان تي ٻہ موت گڏ نہ ڪندو. جيڪو موت اوهان لاءِ لکيل هو، اهو اچي ويو."

ان کانپوءِ ابوبڪر رضہ جن ٻاهر آيا. ان مهل حضرت عمر رضہ جن ماڻهن سان ڳالهائي رهيا هئا. حضرت ابوبڪر رضہ، کين چيو تہ "عمر ويهي رهہ." حضرت عمر رضہ جن ويهڻ کان نابري واري. ٻئي پاسي اصحابي سڀ گڏ ٿي ويا ۽ حضرت عمر رضہ کي ڇڏي حضرت ابوبڪر ڏانهن ڌيان ڏنو. حضرت ابوبڪر رضہ جن فرمايو تہ:

اَما بعد - من کانَ منکم يعبدُ محمدا صلى الله عليه وسلم فانِّ محمدا قد ماتَ، وَمن کان منکم يعبدُ اللّهَ فانِّ اللّهَ حيٌّ لا يموت، قال الله وَما محمد اِلا رَسولٍ قد خلت من قبلہ الرُسلُ ط اَفائن ماتَ اَو قبلَ انقلبتم عليٰ اَعقابکم ط وَمن ينقلب عليٰ عقبيہِ فلن يضرّ الله شيئا ط وَ سيجزي اللّهُ الشاکرينَ (144:3)

ترجمو:- " ۽ محمد صلى الله عليه وسلم (الله جو) پيغمبر ئي آهي. بيشڪ ان کان اڳ کيترا پيغمبر گذري ويا. پوءِ جيڪڏهن اهو مري وڃي يا قتل ٿئي تہ (اوهين) پنهنجين کڙين (ڀر) پوتي) ڦرندؤ ڇا؟ ۽ جيڪو پنهنجين کڙين (ڀر پوئتي)

ڦرندو، سو الله کي ڪجھ بہ نقصان ڪڍھن بہ نہ لائيندو ۽ الله شاڪرن (احسان مڃيندڙن) کي سٺٺ ثواب ڏيندو."

اصحابي سڀڳورا، جيڪي اجا تائين حيران پريشان هئا، انهن حضرت ابوبڪر رضہ جا اهي گفتا ٻڌا تہ پڪ ٿي وين تہ پاڻ سڳورا ﷺ سچ پچ گذاري ويا آهن. حضرت ابن عباس رضہ جو بيان آهي تہ والله لڳو ائين ٿي چڻ ماڻهن کي الله جي اها آيت وسري وئي هئي ۽ جڏھن حضرت ابوبڪر رضہ اها پڙھي تہ سيني کي ياد اچي وئي ۽ پوء هر ڪنهن جي زبان تي اها آيت هئي.

حضرت سعيد بن مسيب رضہ ٻڌائين ٿا تہ حضرت عمر رضہ جن فرمايو تہ "والله مون جيئن ئي ابوبڪر رضہ کي اها آيت تلاوت ڪندي ٻڌو تہ ڏاڍو اچرج ۾ ونجي دنگ رهجي ويس. ايستائين جو منهنجن پيرن منهنجو بار کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ابوبڪر رضہ کي هن آيت جي تلاوت ڪندي ٻڌي آئون پٽ تي ڪري پيس. ڇوتہ مون ڄاڻي ورتو هو تہ سچ پچ پاڻ سڳورا گذاري چڪا آهن.(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 640/2، 641

كفن ۽ دفن:- ٻئي پاسي پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪفن دفن کان اڳ ئي جانشينيءَ تي اختلاف ٿي پيو. سقيفہ بنو ساعده ۾ مهاجرن ۽ انصارن ۾ ڏاڍا بحث مباحثا ۽ ڏي وٺ ٿي. نيٺ حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت تي اتفاق ٿي ويو. هن ڪم ۾ سومر جو سڄو ڏينهن گذري ويو ۽ اڇي رات ٿي. ماڻهو، پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪفن دفن بدران هن ٻئي ڪم ۾ رڌل رهيا. پوء اها رات بہ لنگهي وئي ۽ اڱاري جو ڏينهن ٿيو. ان مهل تائين پاڻ سڳورن ﷺ جو جسم مبارڪ هڪ پٽاپٽي يمني چادر ۾ ڍڪيل، هنڌ تي ئي پيو رهيو. گهر وارن ٻاهريون در بند ڪري ڇڏيو هو.

اڱاري ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ جا ڪپڙا لاهڻ کانسواء ئي کين غسل ڏنو ويو. غسل ڏيڻ وارا ڀلارا هي هئا. حضرت عباس رضہ، حضرت علي رضہ، فضل ۽ قثم بن عباس رضہ، پاڻ سڳورن جو آجو ڪيل غلام شقران، حضرت اُسامہ بن زيد رضہ ۽ اوس بن خولي رضہ. حضرت عباس رضہ، فضل ۽ قثم رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جو پاسو مٽائي رهيا هئا، حضرت اسامہ بن زيد ۽ شقران رضہ جن پاڻي هاري

رهيا هئا، حضرت علي رضہ جن غسل ڏئي رهيا هئا ۽ حضرت اوس رضہ جن پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان ٽيڪ ڏياري ويٺا هئا.

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي ٽن اڇين يمني چادرن جو ڪفن ڏنو ويو. انهن ۾ ڪرتو ۽ پٽڪو نہ هو.(1)

(1) صحيح بخاري 1/169 - صحيح مسلم 1/603

پاڻ سڳورن ﷺ جي آخري آرامگاه بابت بہ اصحابي سڳورا رضہ مختلف راين جا هئا. پر حضرت ابوبڪر رضہ جن چيو تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ کان اهو ٻڌو آهي تہ هر نبيءَ جي تدفين اتي ٿيندي آهي، جتي اهي فوت ٿيا هجن. ان فيصلي کانپوءِ حضرت طلحہ ر ﷺ جن، پاڻ سڳورن ﷺ جو هنڌ کنيو، جنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ وفات ڪئي هئي ۽ ان جي هيٺان ئي قبر کوٽيائون. قبر ساميءَ واري کوٽي وئي هئي. ان کانپوءِ واري واري سان ڏهہ ڏهہ اصحابي سڳورا حجري شريف ۾ اچي نماز پڙهي پئي ويا. ڪو امام نہ هو. سڀ کان پهرين پاڻ سڳورن ﷺ جي گهراڻي (بني هاشم) جنازي نماز پڙهي. پوءِ

مهاجرن ۽ پوءِ انصارن. مردن کانپوءِ عورتن ۽ انهن کانپوءِ ٻارن.

جنازي نماز پڙهڻ ۾ سڄو اڱاري جو ڏينهن لنگهي ويو ۽ اچي اربع رات ٿي. رات جو پاڻ سڳورن ﷺ جو جسم مبارڪ دفنايو ويو. جيئن بيبي عائشه رضہ جو بيان آهي تہ اسانکي پاڻ سڳورن ﷺ جي تدفين جو پتو نہ پيو. ايستائين جو اسان اربع جي رات جي وچ ڏاري ڪوڏر هلڻ جو آواز ٻڌا.(1)

حوالو (1) مختصر السيره للشيخ عبدالله 471 - وفات جي واقعي جي تفصيل لاءِ ڏسو صحيح بخاري: باب مرض النبي ﷺ ۽ ان کانپوءِ وارا ڪجهہ باب فتح الباري سميت ۽ صحيح مسلم، مشڪوات المصابيح، باب وفات النبي ﷺ - ابن هشام 649/2 کان 665 - تلقيح الفهوم اهل الاثر ص 38، 39 - رحمت اللعالمين 277/1 کان 286 وقت جو تعين گهڻو ڪري رحمت اللعالمين منجهان ورتو ويو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جو گهراڻو

1. هجرت کان اڳ مڪي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو گهراڻو، پاڻ سڳورن ﷺ ۽ بيبي خديجه الڪبريٰ رضه تي ٻڌل هو. پرڻجڻ مهل پاڻ سڳورن ﷺ جي ڄمار پنجويهه ورهيه هئي ۽ بيبي سڳوري رضه جي ڄمار چاليهه ورهيه. بيبي خديجه رضه جن پاڻ سڳورن ﷺ جون پهرين گهرواري هئي ۽ سندن هوندي پاڻ سڳورن ﷺ ڪا ٻي شادي نه ڪئي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻارن منجهان حضرت ابراهيم کانسواءِ ٻيا مڙئي پٽ ۽ نياڻيون ان ئي بيبي سڳوريءَ مان هئا. پٽڙن منجهان ته ڪوبه حيات نه رهيو، باقي نياڻيون حيات رهيون. انهن جا نالا هي آهن. زنيب رضه، رقيه رضه، ام ڪلثوم رضه ۽ فاطمه رضه. بيبي زينت رضه جن هجرت کان پهرين پنهنجي ڀڦاٽ حضرت ابوالعاص رضه سان پرڻيل هيون. رقيه ۽ ام ڪلثوم رضه جن، هڪ ٻئي پٺيان حضرت عثمان رضه سان پرڻيون. بيبي فاطمه رضه جن بدر واري جنگ ۽ احد واري جنگ جي وچ واري مدي ۾ حضرت علي رضه جن سان پرڻيون ۽ انهن مان ئي حسن رضه، حسين رضه ۽ ام ڪلثوم رضه جن پيدا ٿيا.

ياد رهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي امت جي پيٽ ۾ اها امتيازي خصوصيت حاصل هئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ مختلف مقصدن تحت چئن کان مٿي شاديون ڪري ٿي سگهيا. اهڙيءَ طرح جن عورتن سان پاڻ سڳورا ﷺ پرڻيا، تن جو تعداد يارنهن هو. انهن مان نوَ بيبيون سڳوريون، پاڻ سڳورن ﷺ جي رحلت مهل حيات هيون ۽ ٻہ، پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪيون هيون. (يعني حضرت خديجہ رضہ ۽ ام المساڪين حضرت زينت بنت خزيمہ رضہ) انهن ڪانسواءِ ٻہ ٻيون عورتون بہ آهن، جن بابت اختلاف آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ انهن سان پرڻيا هئا يانہ. پر ان ڳالهہ تي سڀئي متفق آهن تہ انهن ٻنهي جي رخصتي نہ ٿي هئي. هيٺ انهن بيبين سڳورين جا نالا ۽ انهن جو ٿورو احوال ڏيون ٿا.

2. حضرت سوده بنت زمعہ رضہ:- انهن سان پاڻ سڳورا ﷺ، بيبي خديجہ رضہ جي وفات کان ڪجهہ ڏهاڙا پوءِ نبوت جي ڏهين سال شوال مهيني ۾ پرڻيا. پاڻ سڳورن ﷺ کان اڳ اهي پنهنجي سوٽ سڪران بن عمرو

سان پرڻيل هيون. جنهن جي گذارڻ ڪري پاڻ بيوه ٿي ويون هيون.

3. حضرت عائشہ بنت ابوبڪر رضہ :- انهن سان پاڻ سڳورا ﷺ نبوت جي يارهين سال شوال جي مهيني ۾ پرڻيا. يعني بيبي سوده سان پرڻجڻ ڪان پورو هڪ سال پوء ۽ هجرت ڪان ٻہ سال پنج مهينا اڳ. ان مهل سندن عمر ڇهہ ورهيہ هئي. پوء هجرت ڪان ست مهينا پوء شوال سنہ 1 هجريءَ ۾ ڪين رخصت ڪيو ويو. ان مهل سندن عمر نوَ ورهيہ هئي ۽ پاڻ باڪره هيون. ڪانئن سواء پاڻ سڳورن ﷺ ٻي ڪنهن بہ باڪره عورت سان نہ پرڻيا هئا. بيبي عائشہ رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ جي سڀ ڪان پياري گهر واري هيون ۽ امت جي عورتن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ فقيہ ۽ علم واريون هيون.

4. حضرت حفضہ رضہ بنت عمر بن خطاب رضہ:- سندن پهريون گهروارو خنيس بن حذافہ سهمي رضہ هو، جيڪو بدر ۽ احد واري لڙائيءَ جي وچ واري مدي ۾ گذاري

ويو ۽ پاڻ بيوه ٿي ويون. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ساڻن سنہ 3 ھہ ۾ پرڻيا.

5. حضرت زينت بنت خزيمہ رضہ:- پاڻ بنو هلال بن عامر بن صعصعہ قنبيلي منجهان هيون. ڏتڙيلن مسڪينن تي رحم ۽ مروت، رقت ۽ رافت ڪارڻ سندن لقب ام المساڪين پئجي ويو هو. پاڻ حضرت عبدالله بن جحش رضہ جن سان پرڻيل هيون. اهي بدر واري لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويا تہ پاڻ سڳورن ﷺ سنہ 4 ھہ ۾ ساڻن شادي ڪئي. پر ڳچو اٺ مهينا گذرڻ ڪانپوءِ اهي گذاري ويون.

6. اُم سلمہ هند بنت ابي اميہ رضہ:- پاڻ، ابو سلمہ رضہ سان پرڻيل هيون. جماد الاخر سنہ 4 ھہ ۾ اهي گذاري ويا تہ ان ڪانپوءِ سنہ 4 ھہ ۾ ئي پاڻ سڳورا ﷺ ساڻن پرڻيا.

7. زينب بنت جحش بن رياب رضہ:- پاڻ بنو اسد بن خريمہ قبيلي منجهان هيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جون ڦڦاٺ هيون. پهرين پاڻ حضرت زيد بن حارثہ رضہ سان پرڻيون هيون، جن کي پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجو پٽيلو ڪيو هو. پر حضرت زيد رضہ سان نباه نہ ٿي سگهين ۽ انهن کين

طلاق ڏئي ڇڏي. عدت پوري ٿيڻ کانپوءِ الله تعاليٰ هيءُ آيتون لاٿيون تہ فلما قضيٰ زَيد منهاَ وَ طر زَوّجهاکها (37:33)

ترجمو:- "پوءِ جنهن مهل زيد (ان عورت) کان پنهنجي حاجت پوري ڪئي (يعني) طلاق ڏنائين، تنهن مهل ان کي توسان پرڻايوسون." انهن سان لاڳاپيل سوره احزاب جون ٻيون بہ آيتون لٿيون، جن ۾ متبنيٰ (گود ورتل ٻار جنهن کي سنڌيءَ ۾ پٽيلو چئجي ٿو.) جو فيصلو ڪيو ويو. ان جو تفصيل اڳتي ايندو . بيبي زينب سان پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو پرڻو ذوالقعد سنہ 5 هہ ۾ يا ان کان ٿورو اڳ ٿيو.

8. جويريہ بنت حارث رضہ:- سندن پيءُ خزاعہ قبيلي جي شاخ بنو المصطلق جو سردار هو. حضرت جويريہ رضہ، بنو المصطلق جي باندين سان گڏ آنديون ويو هيون ۽ حضرت ثابت رضہ بن قيس بن شماس رضہ جي پتيءَ ۾ آيون هيون. انهن، حضرت جويريہ رضہ سان مڪاتبت ڪئي. يعني هڪ رٿيل موڙي پري ڏيڻ تي آزاد ڪرڻ جو ناهہ ڪري ورتو. ان

ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ سندن رتيل موڙي ادا ڪري ساڻن پرڻو ڪيو. اهو شعبان سنہ 5 ھ جو واقعو آهي.

9. اُم حبيبہ رملہ رضہ بنت ابي سفيان:- پاڻ عبيدالله بن جحش سان پرڻيل هيون ۽ انهن سان گڏ حبش ڏانهن هجرت ڪئي هئائون. پر عبيدالله اتي پهچي مرتد ٿي ويو ۽ عيسائي مذهب قبول ڪري ورتائين ۽ پوءِ اتي ئي مري ويو. پر اُم حبيبہ رضہ جن پنهنجي دين ۽ پنهنجي هجرت تي قائم رهيون. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ سنہ 7 ھ جي محرم ۾ عمرو بن اميہ ضمري رضہ کي پنهنجو خط ڏئي نجاشيءَ ڏانهن موڪليو تہ نجاشيءَ کي اهو بہ نياپو ڪيائون تہ اُم حبيبہ جو نڪاح پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪري ڇڏي. هن، اُم حبيبہ رضہ کان مرضي پڇي پوءِ سندن نڪاح پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪري ڇڏيو ۽ شرحبيل بن حسنہ رضہ سان گڏ کين پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن اماڻي ڇڏيو.

10. حضرت صفيہ بنت حيي بن اخطب رضہ:- پاڻ بني اسرائيل منجهان هيون ۽ خيبر ۾ جهليون ويون هيون، پر پاڻ سڳورن ﷺ کين پنهنجي لاءِ چونڊيو ۽ آزاد ڪري

ساڻن نڪاح ڪيو. اهو خيبر فتح ڪرڻ کانپوءِ سنہ 7 ھ جو واقعو آهي.

11. حضرت ميمونہ بنت حارث رضہ:- پاڻ ام الفضل لبابہ بنت حارث رضہ جي ڀيڻ هيون. ساڻن، پاڻ سڳورن ﷺ ذوالقعد سنہ 7 ھ ۾ عمره قضا کان فارغ ٿيڻ، يا صحيح قول مطابق احرام مان حلال ٿيڻ کانپوءِ پرڻيا.

اهي يارنهن ٻيبيون هيون، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ سان پرڻيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي صحبت ۾ ساٿ ۾ رهيون. انهن مان ٻن يعني ٻيبي خديجہ رضہ ۽ ٻيبي زينب ام المساڪين رضہ جي وفات پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتيءَ ۾ ٿي ۽ باقي نوَ، پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات مهل حيات هيون. ان کانسواءِ بہ ٻيون عورتون، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ رخصت ٿي نہ آيون، انهن مان هڪ بنو ڪلاب قبيلي منجهان هئي ۽ ٻي ڪنده قبيلي منجهان. پوئين عورت جونيہ جي نسبت سان مشهور هئي. انهن جو پاڻ سڳورن ﷺ سان پرڻو ٿيو بہ هو يا نہ، ۽ سندن نالو ۽

نسب ڇا هو. ان بابت سيرت نگارن ۾ ڏاڍو اختلاف رهيو آهي، جنهن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ڪا گهرج نہ آهي.

جيستائين ٻانهين جو معاملو آهي تہ مشهور اهو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ٻن ٻانهين کي پاڻ وٽ رکيو. هڪ ماريہ قبطيہ رضہ، جن کي مصر جي بادشاه مقوقس سوکڙيءَ طور موڪليو هو. انهن مان ئي پاڻ سڳورن ﷺ کي ابراهيم نالي پٽڙو ڄائو. جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي 28 يا 29 شوال سنہ 10 هہ مطابق 27 جنوري سنہ 632 هہ ۾ گذاري ويو.

ٻي ٻانهي ريحانہ رضہ بنت زيد هئي، جيڪا يهودين جي قبيلي بنو نضير يا بني قريظہ منجهان هئي. اها بنو قريظہ جي قيدين ۾ هئي. پاڻ سڳورن ﷺ کين پنهنجي لاءِ چونڊيو ۽ اهي پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻانهي ٿي رهيون. ڪن محققن جو خيال آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ کين ٻانهي ڪري نہ رکيو هو، بلڪہ آزاد ڪري شادي ڪئي هئائون. پر ابن قيم، پهرئين قول کي صحيح ليکي ٿو. ابو عبيده انهن ٻن ٻانهن کانسواءِ بہ ٻيون ٻانهيون بہ ڄاڻايون آهن، جن مان

هڪ جو نالو جميلہ رضہ ٻڌائجي ٿو. جيڪا ڪنهن جنگ ۾ جهلجي پئي هئي ۽ ٻي ٻانهي حضرت زينب رضہ بنت جحش، پاڻ سڳورن ﷺ کي تحفي ۾ ڏني هئي. (1)

حوالو(1)ڏسو زاد المعاد 29/1

هتي ٿورو پاڻ سڳورن ﷺ جي حياتي مبارڪ جي هڪ پاسي تي غور ڪرڻ جي گهرج آهي. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي جوانيءَ جي طاقت وارا ۽ ڀلا ڏينهن يعني اٽڪل ٽيهہ ورهيہ رڳو هڪ گهرواريءَ سان گذارو ڪيو ۽ اها بہ اهڙي جيڪا پوڙهائپ جي ويجهو هئي. يعني پهرين حضرت بيبي خديجہ رضہ جن ۽ پوء بيبي سوده رضہ جن. اهڙيءَ حالت ۾ ڇا اهو سوچڻ روا ٿي سگهي ٿو تہ ايڏو عرصو گذرڻ کانپوء جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ پوڙهائپ جي ويجهو پهتا تہ پاڻ سڳورن ﷺ ۾ اوچتو جنسي قوت ايڏي وڌي وئي جو پاڻ سڳورن ﷺ کي لاڳيتو نوَ شاديون ڪرڻيون پيون! نہ سائين نہ! پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگيءَ جي انهن ٻن حصن تي نظر وجهڻ کانپوء ڪوبہ سنئون سبتو ماڻهو اهو خيال بہ دل ۾ نہ آڻيندو. حقيقت اها آهي تہ پاڻ

سڳورن ﷺ ايترين گهٽيون شاديون ڪن ٻين ڪارڻن تحت ڪيون هيون، جيڪي عام شادين واري مقصد کان تمام گهٽي وڏي ۽ عظيم مقصد واريون هيون. ان جي وضاحت اها آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ، حضرت عائشه رضه ۽ حضرت حفضه رضه سان شاديون، حضرت ابوبڪر رضه ۽ عمر رضه جن سان مائٽي ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون. اهڙيءَ طرح حضرت رقيه رضه ۽ پوءِ حضرت ام ڪلثوم رضه جون شاديون هڪٻئي پٺيان حضرت عثمان رضه سان ڪيائون ۽ حضرت علي رضه جو پرڻو پنهنجي جگر جي ٽڪري بيبي فاطمه رضه سان ڪيائون. انهن سڀني جو مقصد اهو هو ته انهن چئني سڳورن سان پاڻ سڳورن ﷺ جا ناتا سگهارا ٿي وڃن. ڇوته اهي چارئي بزرگ ڏکين حالتن ۾ اسلام لاءِ پاڻ ارپڻ جي ڪري مشهور ۽ معروف هئا.

عربن جي سماجي ونهنوار ۾ نانيءَ جو وڏو احترام ڪيو ويندو هو. سندن نظر ۾ نانيءَ جو رشتو مختلف قبيلن ۾ ويجهڙائپ پيدا ڪرڻ جو اهم ذريعو هوندو هو ۽ نانيءَ سان وڙهڻ ۽ جنگ ڪرڻ ڏاڍي شرم جوڳي ڳالهه هئي. ان

ونهنوار کي نظر۾ رکندي پاڻ سڳورن ﷺ ڪجھ شاديون ان مقصد سان ڪيون تہ جيئن مختلف ماڻھن ۽ قبيلن۾ دشمنيءَ جو ٽوڙ ڪيو وڃي ۽ انهن ۾ ڪيني ۽ ڪروڌ جي چٽنگ کي وسايو وڃي. تنهنڪري جڏهن ابوجهل ۽ خالد بن وليد جي قبيلي بني مخزوم منجهان بيبي ام سلمہ رضہ سان پاڻ سڳورن ﷺ پرڻو ڪيو تہ خالد بن وليد ۾ اها سختي نہ رهي، جنهن جو مظاهرو پاڻ احد واري جنگ ۾ ڪري چڪا هئا. بلڪ ٿورا ڏينهن پڇاڻان انهن پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان اسلام قبولي ورتو. اهڙيءَ طرح جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ابوسفيان جي نياڻي بيبي ام حبيبہ رضہ سان پرڻيا تہ پوءِ وري ابوسفيان، ساڻن مهاڏو نہ اٽڪايو ۽ جڏهن بيبي جويريہ ۽ بيبي صفيہ رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي زوجيت ۾ آيون تہ بني المصطلق ۽ بني نضير قبيلن وڙهڻ ڇڏي ڏنو. انهن ٻنهي بيبين سڳورين رضہ سان پرڻجڻ کانپوءِ تاريخ ۾ انهن قبيلن جي ڪنهن شورش يا جنگي ڪوشش جو سراغ نٿو ملي، بلڪ بيبي جويريہ رضہ پنهنجي قوم لاءِ سڀني عورتن کان وڌيڪ ڀلاريون ثابت ٿيون، ڇوتہ

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ساڻن پرڻيا تہ اصحابي سڳورن رضہ اهو چئي سندن هڪ سؤ گهراڻن کي آزاد ڪري ڇڏيو تہ اهي پاڻ سڳورن ﷺ جا ساهراڻا آهن. سندن دلين تي ان احسان جو جيڪو اثر ٿيو هوندو، اهو پڌرو پيو آهي.

سڀ کان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ هڪ اهڙي اڻسڌريل قوم کي سڌارڻ، ان جي اخلاقي تربيت ڪرڻ ۽ ان کي تهذيب ۽ تمدن سيکارڻ آيا هئا، جيڪا قوم تهذيب ۽ ثقافت کان، تمدن جي اصولن جي پابنديءَ کان ۽ معاشري جي اڏاوت ۽ سڌاريہ پهرو ونڻ جي ذميدارين کان اڻڄاڻ هئي ۽ اسلامي معاشري جي اڏاوت جن اصولن جي آڌار تي ڪرڻ هئي، انهن مردن ۽ عورتن جي ميلاپ جي گنجائش نہ هئي، تنهنڪري ان اصول جي پابندي ڪندي، عورتن جي سڌو تربيت نہ ٿي ٿي سگهي، حالانڪ انهن جي تعليم ۽ تربيت جي گهرج مردن کان گهٽ اهم نہ هئي، بلڪ ڪجهہ وڌيڪ ئي ضروري هئي.

ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هڪ ئي واٽ بچي هئي تہ پان مختلف عمر ۽ لياقت واريون اهڙيون عورتون

چوندين، جيڪي هن مقصد لاءِ ڪافي هجن، پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي تعليم ۽ تربيت ڪن، انهن جو اخلاقي تربيت ڪن، انهن کي شريعت جا حڪم سيکارين ۽ اسلامي تهذيب ۽ ثقافت سان سينگارين سنوارين ته جيئن اهي ڳوناٺين توڙي شهري، پوڙهين توڙي جوان، هر طرح جي عورتن جي تربيت ڪري سگهن ۽ انهن کي شريعت جا مسئلا سيکاري سگهن. اهڙيءَ طرح عورتن ۾ پرچار جو ڪم چڱيءَ طرح ٿي سگهي.

تنهن ڪانپوءِ اسين ڏسون ٿا ته پاڻ سڳورن ﷺ جي گهريلو زندگيءَ جو احول امت تائين پهچائڻ جو سهرو انهن ئي مؤمنن جي مائرن جي سر تي آهي، انهن ۾ به خاص طور تي اهي ذڪر جي قابل آهن، جن وڏي ڄمار پاتي. جهڙوڪ بيبي عائشه رضہ، جن پاڻ سڳورن ﷺ جي اٿي ويٺي ۽ ڳالهه ٻول جو ڍنگ پليءَ پٽ بيان ڪيو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جو هڪ نڪاح هڪ اهڙي جاهلاڻي رسم ٽوڙڻ لاءِ به ٿيو، جيڪا عربن جي معاشري ۾ پشتان پشت هلندي پئي آئي ۽ ڏاڍي پڪي پختي ٿي چڪي

هئي. اه ارسم هئي متبنيٰ (پٽيلو) ڪرڻ جي. متبنيٰ کي جاهلاڻي دور ۾ اهي ئي حق ۽ حرمتون حاصل هيون، جيڪي سڳي پٽ کي ملنديون آهن. اهو دستور ۽ اصول عرب سماج ۾ ايتري قدر پاڙون پختيون ڪري ويو هو جو ان کي مٽائڻ سولو نہ هو، پر اهو انهن بنيادن ۽ اصولن سان سختيءَ سان ٽڪر کائيندو هو، جن کي اسلام، نڪاح، طلاق، ميراث ۽ ٻين معاملن ۾ مقرر ڪيو هو. ان کانسواءِ جاهليت جو اهو اصول پنهنجي جهول ۾ اهڙا گهڻائي فساد ۽ فحاشيون بہ جهليو بيٺو هو، جن سان معاشري کي پاڪ ڪرڻ اسلام جي اولين مقصدن مان هو. تنهنڪري ان جاهلاڻي رسم جو ٽوڙ لاءِ الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ جو پرڻو بيبي زينب بنت جحش رضہ سان ڪرڻ جو حڪم ڏنو. بيبي زينب رضہ، پهرين حضرت زيد رضہ سان پرڻيل هيون، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جا متبنيٰ هئا، پر جيئن تہ ٻنهي ۾ نباهہ ڪونہ پئي ٿي سگهيو، ان ڪري حضرت زيد رضہ جن طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪيو. هي اهڙو وقت هو، جڏهن سيئي ڪافر، پاڻ سڳورن ﷺ جي خلاف سندرو ٻڌيو بيٺا هئا ۽ خندق

واري جنگ لاءِ گڏ ٿي رهيا هئا. ٻئي پاسي الله تعاليٰ پاران پٽيلي ڪرڻ واري رسم جي پڄاڻيءَ جا اشارا ملي چڪا هئا. ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ کي اهو انديشو پيدا ٿيو ته جيڪڏهن انهن ئي حالتن ۾ حضرت زيد رضه جن طلاق ڏني ۽ پاڻ سڳورن ﷺ کي شادي ڪرڻي پئي ته منافق ۽ مشرڪ ۽ يهودي ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪري پاڻ سڳورن ﷺ خلاف ٻڙدڪ مچائي ڇڏيندا ۽ سادڙن مسلمانن کي اجاين وسوسن ۾ ڦاسائي، انهن تي ورا اثر وجهندا. ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪوشش هئي ته حضرت زيد رضه جن طلاق نه ڏين ته جيئن اهڙي صورتحال پيدا ئي نه ٿئي.

پر الله تعاليٰ کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ ارشاد ٿيو ته وَ اِذ تقولُ لِلذِي اَنعمَ اللّٰهُ عليهِ وَ اَنعمتَ عليهِ اَمسڪ عليڪ زوجڪ وَاتقِ اللّٰهَ وَ تخفي في نفسڪ ما اللّٰهُ مبديهِ وَ تخشي الناسَ وَ اللّٰهُ اَحقّ اَن تخشاه (37:33)

ترجمو:-

نيٺ حضرت زيد رضه، بيبي زينب رضه کي طلاق ڏئي ڇڏي. جڏهن عدت پورو ٿيو ته انهن سان پاڻ سڳورن ﷺ

جي پرٽجڻ جو حڪم نازل ٿيو. الله سائينءَ! پاڻ سڳورن ﷺ تي اهو نڪاح لازم ڪري ڇڏيو ۽ ڪابہ گنجائش نہ ڇڏي هئي. ان سلسلي ۾ هيءَ آيت لٿي تہ :

فلما قضيٰ زَيد منها وَ طرا زوجناكها لكي لا يكونَ عليَ المؤمنينَ حرج في اَزواجِ اَدعيآئهم اِذاَ قضوا منهنّ وَ طرا ط (37:33)

ترجمو:- "پوءِ جنهن مهل زيد (ان عورت) کان پنهنجي حاجت پوري ڪئي (يعني) طلاق ڏنائين، تنهن مهل ان کي توسان پرڻايوسون. (هن لاءِ) تہ مؤمنن تي پنهنجن پٽيلن جي زالن پرٽجڻ ۾ ڪا اوکائي نہ رهي، جڏهن اهي انهن کان پنهنجي حاجت پوري ڪن(يعني طلاق ڏين.)"

ان جو مقصد اهو هو تہ پٽيلن بابت جاهلاڻي رسم جو عملي ٽوڙ ڪيو وڃي، جهڙيءَ طرح هن آيت سان زباني ٽوڙ ڪيو ويو هو تہ:

ادعوهم لابائهم هوَ اَقسطُ عندَ اللهِ ج (5:33)

ترجمو:- "کين سندن پيئرن جا (پٽ ڪري) سڏيو. اهو الله وٽ بلڪل انصاف آهي."

ما كان محمد اَباَ اَحد من رجالكم ولٰكن رّسولُ اللّٰهِ وَ خاتمَ النبيينَ (40:33)

ترجمو:- "محمد صلي الله عليه وسلم توهان جي مردن مان ڪنهن هڪ جو بہ پيءُ نہ آهي پر الله جو پيغمبر سڀني کان پڇاڙيءَ ۾ اچڻ وارو آهي"

هتي اها ڳالهہ يار رکڻ گهرجي تہ جڏهن سماج ۾ ڪو رواج پاڙون پختيون ڪري وٺندو آهي تہ رڳو ڳالهين سان ان کي مٽائڻ يا تبديل ڪرڻ گهٽو ڪري ممڪن نہ رهندو آهي، بلڪ جيڪو ماڻهو ان کي ختم ڪرڻ جي هام هڻندو، ان لاءِ ان جو مثال قائم ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. حديبيہ واري ناهہ مهل مسلمانن جيڪي ڪجهہ ڪيو، تنهن مان ان حقيقت جي پليءَ پيت پروڙ پئجيو وڃي ٿي جو ڪٿي تہ مسلمان ائين پئي پاڻ سڳورن تان گهور ويا جو جڏهن عروه بن مسعود ثقفيءَ کين ڏٺو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو لعاب دهن اڇلايو ٿي تہ اهو بہ ڪنهن نہ ڪنهن اصحابي سڳوري جهٽي ٿي ورتو ۽ جڏهن پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم وضو ڪيو ٿي تہ اصحابي سڳورن، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي وضوءَ جي پاڻي وٺڻ لاءِ

اھڙيءَ طرح جھپ ٿي ھنيا جو لڳو ٿي تہ پاڻ ۾ اٽڪي پوندا.
اھي ئي اصحابي سڳورا وڻ جي ھيٺان مرڻ ۽ پٺتي نہ ھٽڻ
جي بيعت ڪرڻ لاءِ ھڪبئي کان اڳرا ٿي رھيا ھئا ۽ انھن
ئي اصحابي سڳورن ۾ حضرت ابوبڪر ۽ عمر رضہ جن جھڙا
جانثار بہ موجود ھئا، پر پاڻ سڳورن ﷺ تان جان گھورڻ
کي سعادت ۽ ڪاميابي سمجھڻ وارن انھن ئي اصحابي
سڳورن کي جڏھن پاڻ سڳورن ﷺ ناھہ ڪرڻ ڪانپوءِ
حڪم ڏنو تہ اٺي قربانيءَ جا جانور کھو تہ اھي پاڻ سڳورن
ﷺ جو چيو مڃڻ لاءِ ﭼُﺮﻳﺎ بہ ڪونہ. ايتري قدر جو پاڻ
سڳورا ﷺ فڪرمند ٿي ويا، پر جڏھن بيبي ام سلمہ
رضہ جن مشورو ڏنو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ماٺ ڪري اٿي
پنھنجو جانور کھن ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ائين ئي ڪيو تہ
ھر ڪو سندن پيروي ڪرڻ لاءِ ڊوڙي پيو ۽ سيني اصحابين
وڏي چڙھي پنھنجا آندل وھٽ ڪنا. ان واقعي منجھان
سمجھي سگھجي ٿو تہ ڪنھن پڪي رواج کي مٽائڻ لاءِ
ڳالھيون ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ جي اثرن ۾ ڪيڏو وڏو فرق
آھي. ان ڪري پٽيلو ڪرڻ جي جاھلاڻي رواج جو عملي توڙ

ڪرڻ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جو نڪاح، پاڻ سڳورن ﷺ جي پٽيلي حضرت زيد رضہ جي طلاق ڏنل زال سان ڪرايو ويو.

اهو نڪاح ٿيندي ئي منافقن، پاڻ سڳورن ﷺ خلاف وڏي پيماني تي اجائي واه واه ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ طرحين طرحين افواهون پکيڙيائون، جن جا ڪجھہ اثر سادڙن مسلمانن تي ضرور پيا. هن واه واه کي سگهارو ڪرڻ لاءِ هڪ شرعي نقطو بہ منافقن جي هٿ لڳي ويو تہ حضرت بيبي زينب رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ جي پنجين گهرواري هيون، جڏهن تہ مسلمان هڪ ئي وقت رڳو چار ئي زالون رکي سگهيا ٿي. ان ڪانسواءِ هن سڄي بڙدڪ مچائڻ جو اصل نقطو اهو هو تہ حضرت زيد رضہ، پاڻ سڳورن ﷺ جا فرزند سمجهيا ويندا هئا ۽ پٽ جي زال سان پرڻجڻ کي بڇڙاڻ سمجهيو ويندو هو. نيٺ الله تعاليٰ سوره احزاب ۾ هن اهم موضوع بابت ڪافي آيتون لاٿيون ۽ اصحابي سڳورن کي ڄاڻ ڏنو ويو تہ اسلام ۾ پٽيلي جي ڪابہ حيثيت ناهي ۽ اهو تہ الله تعاليٰ کان وڏن ۽ اهم

مسئلن لاء پنهنجي رسول صلى الله عليه وسلم کي خاص طور تي گهٽيون شاديون ڪرڻ جي ايتري ڇوٽ ڏني آهي، جيڪا ڪنهن ٻئي کي مليل نہ آهي.

امهات المؤمنين ساڻ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي هلت چلت ڏاڍي شريفاڻي، عزت واري، بلند معيار ۽ سهڻي سڀاءَ واري هئي. بيبيون سڳوريون بہ شرف، قناعت، صبر، تواضع، خدمت ۽گهريلو ذميداريون سنڀالڻ جو سهڻو مثال هيون. جيتوڻيڪ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم سادي سودي ۽ ڏکي حياتي گذاريندي هئا. جنهن جي سهپ ڀين جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. حضرت انس رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "منهنجي ڄاڻ ۾ نہ آهي تہ ڪو پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم ڪڏهن ميدي جي نرم ماني کاڌي هجي. ايستائين جو پاڻ وڃي الله سائينءَ سان مليا ۽ نہ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم پنهنجي اکين سان ڪڏهن ڀُڳل ٻڪري ڏٺي.

(1) بيبي عائشہ رضہ جو بيان آهي تہ ٻہ ٻہ مهينا لنگهي ويندا هئا، ٽئين مهيني جو چنڊ نظر اچي ويندو هو ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي گهرن چلهہ نہ ٻرندي هئي. حضرت عروه

رضہ پڇيو تہ پوءِ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ۽ توهان ڪائيندا ڇا هئا؟ فرمايائون تہ بس ٻہ ڪاريون شيون. يعني کجيون ۽ پاڻي.

(2) هن موضوع جون گهڻيون ئي حديثون ملن ٿيون.

حوالو (1) صحيح بخاري 2 956

حوالو (2) صحيح بخاري 2 956

انهن ڏکين حالتن هوندي بہ بيبين سڳورين رضہ کان ڪڏهن بہ ڪا سزا لائق حرڪت نہ ٿي. رڳو هڪ ڀيرو ائين ٿيو ۽ اهو بہ انڪري جو انساني فطرت جي تقاضا ئي ڪجهہ اهڙي آهي ۽ ٻيو تہ ان ئي بنياد تي (الله تعاليٰ ڪي) ڪجهہ شرعي حڪم بہ لاهڻا هئا. تنهن ڪانپوءِ ان موقعي تي الله سائينءَ آيت تخيير لاٿي، جيڪا هيءَ آهي:

يآيها النبيّ قل لازواجڪ اِن ڪنتنّ ترِدنَ الحيات الدّنيا وَ زِينتها فتعالينَ اُمتعڪنّ وَ اُسرِحڪنّ سراحا جميلا وَ اِن ڪنتنّ ترِدنَ اللّهَ وَ رَسولہ وَ الدّار الاخرتَ فاِنّ اللّهَ اَعدّ للمحسناتِ منڪنّ اَجرا عظيما (33:28، 29)

ترجمو:- "اي پيغمبر! پنهنجن زالن کي چئہ تہ جيڪڏهن اوهان دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرنديون هجو تہ اچو تہ اوهان کي اجورو ڏيان ۽ چڱيءَ طرح ڇڏيان ۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ سندس پيغمبر ۽ آخرت جي گهر (يعني بهشت) کي گهرو ٿيون تہ بيشڪ اوهان مان نيڪ بختن لاء الله وڏو اجر تيار ڪيو آهي."

هاڻي انهن بيبين سڀگورين رضہ جي شرف ۽ عظمت جو اندازو ڪريو تہ انهن سيني الله ۽ ان جي رسول کي ترجيح ڏني ۽ انهن مان ڪا هڪ بہ دنيا ڏانهن مائل نہ ٿي.

اهڙيءَ طرح ڀاڄن جي وچ ۾ جيڪي معاملا روز روز پيا ٿيندا آهن، گهڻين بيبين سڀگورين جي هوندي بہ اهڙا واقعا قسمتي ڪي ٿيندا هئا ۽ اهي بہ بشريت جي تقاضا موجب. الله تعاليٰ ان تي بہ ڇوهہ ڇنڊي تہ پوء ڀيهر اهڙي قسم جي ڪابہ حرڪت نہ ٿي. سوره تحريم جي منڍ وارين پنجن آيتن ۾ ان جو ئي ذڪر ڪيل آهي.

پڇاڙيءَ ۾ اهو عرض ڪرڻ ضروري ٿيندو تہ اسين هتي گهڻين گهر وارين جي موضوع تي بحث ڪرڻ ضروري

نتا سمجهو، ڇوته جيڪي ماڻهو هن موضوع تي سيني ڪان وڌيڪ ڏي وٺ ڪن ٿا. يعني يورپ وارا ته اهي پاڻ جهڙي نموني جي زندگي پيا گهارين، جنهن تلخيءَ ۽ بدبختيءَ جو جام نوش پيا ڪن، جهڙيءَ طرح رسوائين ۽ ڏوهن ۾ ٻڏل آهن ۽ گهڻين زالن رکڻ جي اصول کان هٽي، جن مسئلن۾ وڃيو ڦاسن ٿا. اجاين بحثن کان پاسو ڪرڻ لاءِ ڪافي دليل آهن. يورپ وارن جي نياڳ پري حياتي، گهڻين زالن جي اصول جي سچي هجڻ جي سڀ کان وڏي شاهدي آهي ۽ نظر وارن لاءِ ان ۾ وڏي عبرت آهي.

اخلاق ۽ ڪردار

پاڻ سڳورا اهڙن سهڻن ڳڻن سان سينگاريل هئا. جن جو پوريءَ طرح بيان ڪرڻ وس کان ٻاهر آهي. انهن ڳڻن جي ڪارڻ دليون پاڻ سڳورن ﷺ جي تعظيم ۽ قدر ڪرڻ لاءِ پاڻمرادو تيار ٿي ويندڙيون هيون. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جي حفاظت ۽ احترام ۾ ماڻهن اهڙيون اهڙيون جانثاريون ڏيکاريون، جن جو مثال دنيا جي ڪنهن ٻيءَ شخصيت لاءِ

نٿو ملي. پاڻ سڳورن ﷺ جا ساٿي ۽ صحبتي، گهور وڃڻ جي حد تائين پاڻ سڳورن ﷺ سان محبت ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي رهڻ اچڻ به انهن کي گوارا نه هو، ڀلي ان لاءِ سندن سيس ڇونه ڪپيا وڃن. اهڙي محبت جو ڪارڻ اهو هو ته ماڻهن جن ڳالهين تي مست ٿي ويندا آهن، انهن ڳڻن جو ايترو گهڻو ڀاڱو پاڻ سڳورن ﷺ کي مليل هو، جيترو ڪنهن ٻئي کي ڪونه مليو. هيٺ اسين عاجزيءَ سان انهن روايتن جو تت ڏيون ٿا، جن جو تعلق پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳڻن سان آهي.

حليو مبارڪ:- هجرت مهل پاڻ سڳورا ﷺ، اُم معبد رضہ خزاعيہ جي تنبوءَ وٽان لنگهيا ته هن پاڻ سڳورن ﷺ جي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجي مڙس آڏو پاڻ سڳورن ﷺ جي حليي مبارڪ جا نقش هن طرح چٽيا. "چمڪندڙ رنگ، روشن چهرو، سهڻو ڊول، نڪو پيٽ نڪرڻ جو عيب، نه ئي گنجي هجڻ جي خامي، جهان ۾ حسن جي قائم ڪيل معيار مطابق ٺاهيل وجود، ڪجليدار اکيون، ڀنبڻ ڊگها، آواز ڳرو، ڊگهي ڳچي، ڀرون ڪارا، سنهڙا ۽ جاڙا، چمڪندڙ ڪارا

وار، ماٿ ۾ هجن تہ باوقار، ڳالهائين تہ پرڪشش، پري کان (ڏسڻ۾) سڀني کان سهڻا ۽ رعبدار، ويجهي کان سڀ کان خوبصورت ۽ مٺڙا، ڳالهائڻ ۾ مناڻ، ڳالهہ چٽي ۽ سڌي سنئين. نہ مختصر نہ اجائي. انداز اهڙو ڄڻ موتي پٽي رهيا هجن. وچولو قد، نہ ڪو بندرو جو اکين ڪي نہ وڻي ۽ نہ ئي ڊگهو جيڪو اٿوٽندڙ لڳي. ٻن ٽارين جي وچ ۾ اهڙي ٽاريءَ جيئن آهن، جيڪا سڀ کان وڌيڪ تازي ۽ ڏسڻ ۾ سهڻي لڳي. سندن ساٿي سندن چوڌاري گهيرو ڪري سندن ڳالهيون غور سان ٻڌندا آهن. ڪو حڪم ڏين تہ هڪدم پورائي لاء اتي ڪڙا ٿا ٿين. عزت ڏيڻ ۽ فرمانبرداري ڪرڻ جي لائق، نہ تکو ڳالهائڻ وارا ۽ نہ ئي اجائي ڳالهہ ڪرڻ وارا."

حضرت علي رضہ جن، پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جي وصف بيان ڪندي فرمايو تہ "پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم نہ ڪو اجايا ڊگها هئا نہ ئي صفا بندرا. ماڻهن جي حساب سان وچولي قد جا هئا. وار نہ گهڻا گهنڊيدار هئا ۽ نہ ئي صفا سڌا. بلڪ ٻنهي جي وچ ۾ هئا. ڳل نہ ڪو گهڻا گوشت سان ڀريل هئن،

نہ ئي ڪاڏي نڍيڙي ۽ نہ نرڙ ويڻل، منهن ڪنهن حد تائين گولائيءَ وارو هئن. رنگ اڇو گلابي، اکيون ڳاڙهسريون، ڀنبٽيون ڊگهيون، جوڙ ۽ ڪلهن جون هڏيون ويڪريون. ڇاتيءَ کان دن تائين وارن جي هلڪي پٽي باقي جسم وارن کان خالي. هٿن ۽ پيرن جي آڱرين تي گوشت ڇڙهيل. هلڻ مهل اُڇت پير ڪٽندا هئا ۽ ائين هلندا هئا ڄڻ لاهيءَ تان هلي رهيا هجن. ڪنهن پاسي ڌيان ڏيندا هئا تہ سڄي جسم سان ان پاسي توجہ فرمائيندا هئا. ٻنهي ڪلهن مبارڪن جي وچ ۾ نبوت جي مهر هئن. پاڻ سڳورا ﷺ سمورن نبين جي خاتم هئا. سيني کان وڌيڪ هٿ جا ڪليل ۽ سيني کان وڌيڪ جرئت وارا. سيني کان وڌيڪ سچ ڳالهائيندڙ ۽ سيني کان وڌيڪ واعدو پاڙيندڙ سيني کان وڌيڪ نرم طبيعت ۽ سين کان وڌيڪ شريف ساٿي. جيڪو بہ پاڻ سڳورن ﷺ کي اوچتو ڏسندو هو، اهو گهبرائجي ويندو هو. جيڪو ڄاڻ سڃاڻ وارو ملندو هئن، (تنهن کي) محبوب رکندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي وصف بيان ڪرڻ وارو اهو ئي چئي

سگهي ٿو تہ مون پاڻ سڳورن ﷺ کان پهرين ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جهڙو ٻيو ڪوبہ نہ ڏٺو."(1)

حوالو (1) ابن هشام 401/1، 402، ترمذي مع شرح الاحوذي 303/4

حضرت علي رضہ جي هڪ روايت ۾ آهي تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جو سر مبارڪ وڏو هو، جوڙن جون هڏيون وڏيون ويڪريون هئن. ڇاتيءَ تي وارن جي ڊگهي پٽي هئن. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ هلندا هئا تہ ٿورو جهڪي هلندا هئا، ڄڻ ڪنهن لاهيءَ تان پيا لهن."(1)

حوالو (1) ابن هشام 401/1، 402، ترمذي مع شرح الاحوذي 303/4

حضرت جابر بن سمره رضہ جو بيان آهي تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جو منهن مبارڪ ڪشادو هو، اکيون ڳاڙهسريون ۽ ڪڙيون سنهڙيون." (2)

حوالو (2) صحيح مسلم 258/2

حضرت ابوالطفيل رضہ چوي ٿو تہ "پاڻ سڳورا ﷺ ڳوري رنگ، ملاحت سان ڀريل چھري ۽ وچولي قد ڪاٺ جا ھئا."(3)

حوالو (3) صحيح مسلم 258/2

حضرت انس بن مالڪ رضہ جو ارشاد آھي تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جون تريون ويڪريون ھيون ۽ رنگ چمڪندڙ. نہ صفا اڇو نہ ڪٹڪ رنگو. وفات تائين مٿي ۽ ڇھري جا ويھہ وار بہ اڇا نہ ٿيا ھئن.(4) رڳو لوڏڙي جي وارن ۾ اڇاڻ ھئي ۽ ڪجھہ مٿي جا وار بہ اڇا ھئن."(5)

حوالو (4) صحيح بخاري 502/1

حوالو (5) صحيح بخاري 502/1 ۽ صحيح مسلم 259/2

حضرت ابو جحيفہ رضہ چوي ٿو تہ "مون پاڻ سڳورن ﷺ جي چپ جي ھيٺ سونھاري مبارڪ(عنفقہ) جي وارن ۾ اڇاڻ ڏٺي."(6)

حوالو (6) صحيح بخاري 501/1، 502

حضرت عبدالله بن بسر رضہ جو بيان آهي تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جي سونهاري مبارڪ (عنفقہ) ۾ ڪجھ وار اڇا هئا."(7)

حوالو (7) صحيح بخاري 502/1

حضرت براءَ رضہ جو بيان آهي تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جو جسم مبارڪ وچولو هو. ٻنهي ڪلهن ۾ وڇٿري وٿي هئي. وار ٻنهي ڪنن جي پاپڙين تائين هئن، مون پاڻ سڳورن ﷺ کي ڳاڙهو وڳو پهريل ڏٺو. ڪڏهن بہ ڪا شيءِ پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ سهڻي نہ ڏٺم."(8)

حوالو (8) صحيح بخاري 502/1

پهرين پاڻ سڳورا ﷺ اهل ڪتاب جي موافقت پسند ڪندا هئا، ان ڪري وارن ۾ ڦڻي ڏيندا هئا تہ سينڌ نہ ڪڍندا هئا، پر پوءِ سينڌ بہ ڪڍڻ شروع ڪيائون."(1)

حوالو (1) صحيح بخاري 503/1

حضرت براءَ رضہ چوي ٿو تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جو چهرو مبارڪ سيني کان وڌيڪ سهڻو هو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جو سياءُ سيني کان پيلو هو."(2) ڪانئن پڇيو ويو تہ

"ڇا پاڻ سڳورن ﷺ جو چهرو مبارڪ تراڙ جهڙو هو؟" وراڻيائون ته " نه، بلڪ چنڊ جهڙو." هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جو چهرو مبارڪ گول هو.(3)

حوالو (2) صحيح بخاري 502/1

حوالو (3) صحيح بخاري 502/1 ۽ صحيح مسلم 258/2

ربيع بنت معوذ رضہ ٻڌايو ته "جيڪڏهن توهان پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسو ها ته لڳنوَ ها ته توهان اڀرندڙ سج کي ڏٺو آهي."(4)

حوالو (4) مسند دارمي - مشڪوات 517/2

حضرت جابر بن سمره رضہ جو بيان آهي ته "مون هڪ پيري چانڊوڪي رات ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏٺو، پاڻ سڳورن ﷺ کي ڳاڙهو وڳو پيل هو. مون پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسي وري چنڊ کي ڏٺو، نيٺ (هن نتيجي تي پهتس ته پاڻ سڳورا ﷺ چنڊ کان وڌيڪ سهڻا آهن."(5)

حوالو (5) ترمذي في الشمائل ص 2 دارمي، مشڪوات 517/2

حضرت ابو هريره رضہ جو بيان آهي تہ "مون پاڻ سڳورن ﷺ ڪان وڌيڪ سهڻي ڪابہ شيء نہ ڏٺي. ڄڻ تہ سج، پاڻ سڳورن ﷺ جي چهري مبارڪ تان اڀري لهي رهيوهجي. مون پاڻ سڳورن ﷺ ڪان وڌيڪ ڪنهن کي بہ تيزرفتار نہ ڏٺو. ڄڻ تہ پاڻ سڳورن ﷺ لاء ڌرتي ويڙهي پئي وجي. اسين تہ پنهنجو پاڻ کي (هلائي هلائي) ٿڪائي ڇڏيندا هئاسين پر پاڻ سڳورا ﷺ بي اونا هوندا هئا."(1)

حوالو (1) جامع ترمذي مع شرح تحفت الحوذي 306/4 مشڪوات 518/2

حضرت ڪعب بن مالڪ رضہ جو بيان آهي تہ"جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ خوش هوندا هئا تہ چهرو مبارڪ ائين پيوجرڪندو هئن، ڄڻ چندڊ جو ڪو ٽڪرو هجي."(2)

حوالو (2) صحيح بخاري 502/1

هڪ ڀيري پاڻ سڳورا ﷺ، بيبي عائشہ رضہ وٽ وينا هئا. پگهر نڪتو تہ چهري جا نقش چمڪڻ لڳا. اها حالت ڏسي بيبي عائشہ رضہ، ابو ڪبير هذليءَ جو هي شعر پڙهيو.

و اذا نظرت الي اسره وجهہ

برقت ڪبرق العارض المتهلل

"جيڪڏهن سندن چهري جا نقش ڏسو تہ اهي ائين چمڪندا آهن، ڄڻ روشن ڪڪر چمڪي رهيو هجي."

حضرت ابوبڪر رضہ جن، پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسي هيءُ شعر پڙهندا هئا:

امين مصطفيٰ بالخير يدعو

ڪضوء البدر زايلہ الظلام (4)

پاڻ سڳورا ﷺ امين، چونڊيل ۽ پهتل آهن، خير جي دعوت ڏين ٿا. ڄڻ چوڏهينءَ جي چنڊ جي روشني آهن، جنهن سان اونده لڪ لڪوٽي پئي ڪيڏي."

حوالو (4) خلاصت السيره صفحو 20

حضرت عمر رضہ، زُهير جو هيءُ شعر پڙهندا هئا، جيڪو هرم بن سنان لاءِ چيو ويو هو تہ:

لو كنت من شيء سوي البشر

كنت المضيءَ لليلت البدر

"جيڪڏهن پاڻ صلى الله عليه وسلم، بشر کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ مان هجن ها تہ پاڻ صلى الله عليه وسلم ئي چوڏهينءَ جي رات کي روشن ڪن ها."

پوءِ فرمائيندا هئا تہ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم اهڙائي هئا.(1)

حوالو (1) خلاصت السيره صفحو 20

جڏهن پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ڪاوڙ ۾ هوندا هئا تہ چهرو مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويندو هئن. ڄڻ تہ ٻنهي ڳلن تي ڏاڙهونءَ جا داڻا نپوڙيا ويا هجن."(2)

حوالو (2) مشڪوات 22/1 - ترمذي: باب القدر: باب ماجاءَ في التشديد في الخوض في القدر 35/2

حضرت جابر بن سمره رضہ جن چون ٿا تہ " پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جون ٽنگون سنهڙيون هيون. پاڻ سڳورا

ﷺ کلڻ مهل رڳو مرڪندا هئا. (اکيون ڪجليدار هئن) توهان ڏسو ها تہ چئو ها تہ پاڻ سڳورن ﷺ سرمو پاتو آهي، جڏهن تہ سرمو پاتل نہ هوندو هئن."(3)

حوالو (3) جامع ترمذي مع شرح تحفہ الاحوذي 306/4

حضرت ابن عباس رضہ جو ارشاد آهي تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳين ٻنهي ڏندن مبارڪن ۾ وٿي هئي. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڳالهائيندا هئا تہ انهن ڏندن جي وچ مان نور وانگر نڪرندو محسوس ٿيندو هو."(4)

ڳچي مبارڪ چڻ تہ ڪنهن چاندي چڙهيل گڏي جي ڳچي هئن. پنبڻ ڊگها، سونهاري گهاٽي، نرڙ ويڪري، ڀرون جاڙيا، نڪ اوچو، ڳلن ۾ گهٽ گوشت ڀريل، ڇاتيءَ کان دُنَ تائين وارن جي پٽي ۽ ان ڪانسواءِ ڇاتيءَ تي ڪٿي بہ ڪوبہ وار نہ. البتہ ٻانهن ۽ ڪلهن تي وار هئن. پيٽ ۽ ڇاتي سڌي ۽ ويڪري، ڪرايون وڏيون وڏيون، تري ويڪري، قد نڪتل. عضوا وڏا وڏا، جڏهن هلندا هئا تہ اُچت هلندا هئا، ٿورو جهڪي هلندا هئا ۽ آرام آرام سان هلندا هئا.(1)

حوالو (1) خلاصہ السيره ص 19، 20

حضرت انس رضہ جن فرمائيندا هئا تہ "مون ڪوبہ حرير يا ديبا نہ ڇهيو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي ترئَ کان وڌيڪ نرم هجي ۽ نہ ڪڏهن ڪا عنبر يا مشڪ يا ڪا اهڙي خوشبوء سونگهي، جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ جي خوشبوء کان بهتر هجي."(2)

حوالو (2) صحيح بخاري 503/1 ۽ صحيح مسلم 257/2

حضرت ابو جحيفہ رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "مون پاڻ سڳورن ﷺ جو هٿ مبارڪ پنهنجي منهن تي رکيو تہ اهو برف کان وڌيڪ ٿڌو ۽ مشڪ کان وڌيڪ سرهو هو."(3)

حوالو (3) صحيح بخاري 502/1

حضرت جابر بن سمره رضہ (جيڪي ٻار هئا) ٻڌائين ٿا تہ "پاڻ سڳورن ﷺ، منهنجي ڳل تي هٿ ڦيريو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ ۾ اهڙي ٿڌاڻ ۽ اهڙي خوشبوء محسوس ڪيم، ڄڻ پاڻ سڳورا ﷺ ان ڪي عطرفروش جي عطردان مان ڪڍي آيا هجن." (4)

حوالو (4) صحيح مسلم 256/2

حضرت انس رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "پاڻ سڳورن ﷺ جو پگهر موتيءَ وانگر هوندو هو." ۽ حضرت اُم سليم رضہ جن ٻڌائين ٿيون تہ "اهو پگهر ئي سڀ کان سٺي خوشبوء هوندو هو."(1)

حوالو (1) صحيح مسلم 256/2

حضرت جابر رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن واٽ تان ويندا هئا ۽ ڪانئن پوء ڪو اتان لنگهندو هو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي وجود يا پگهر جي خوشبوء محسوس ڪري ڄاڻي وٺندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ هتان لنگهي ويا آهن."(2)

حوالو (2) دارمي مشڪوات 517/2

پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻنهي ڪلهن مبارڪن جي وچ ۾ نبوت جي مهر هئي، جيڪا ڪبوتر جي بيضي جهڙي ۽ (رنگ ۾) جسم مبارڪ جهڙي ئي هئي. اها، ڪاٻي ڪلهي جي نرم هڏيءَ وٽ هئي ان تي حسي وانگر ترن جو ميڙ هو."(3)

حوالو (3) صحيح مسلم 2/259، 260

نفس جي ڪماليت ۽ سهڻا اخلاق:- پاڻ سڳورا ﷺ فصاحت ۽ بلاغت ۾ ممتاز هئا. پاڻ سڳورن ﷺ کي طبيعت جي رواني، لفظن جو نکار، فقرن جي جزالت، معنيٰ جي صحت ۽ تڪلف کان دوري سان گڏوگڏ جامع ڪلمات سان نوازيو ويو هو. پاڻ سڳورن ﷺ کي اڻلڀ ڏاهپ ۽ عربستان جي سمورين ٻولين جو علم ڏنو ويو هو، تنهنڪري پاڻ سڳورا ﷺ هر قبيلي سان سندس ٻوليءَ ۽ محاوري ۾ ڳالهائيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ ۾ اعرابين وانگر ڳالهائڻ جي سگهه ۽ شهرين جهڙي شائستگي هئي. وحيءَ تي ٻڌل خدائي تائيد اجا ذار هئڻ.

بردباري، سهپ، وس هوندي به درگذر ڪرڻ ۽ مشڪلن تي صبر ڪرڻ اهڙا ڳڻ هئا، جن سان الله سائينءَ پاڻ سڳورن ﷺ جي تربيت ڪئي. هر حليم ۽ بردبار کان به ڪانه ڪا ڀل چڪ يا زباني بي احتياطي ٿيو وڃي. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪردار جي خوبي اها هئي جو پاڻ سڳورن ﷺ تي دشمنن پاران تڪليفون ۽ بدمعاشن جون

ڏاڍايون جيترو وڏنديون ويون، پاڻ سڳورا ﷺ اوترو ئي صبر ۽ سهپ وڌندا ويا. بيبي عائشہ رضہ جن ٻڌائين ٿيون تہ پاڻ سڳورن ﷺ کي جڏهن بہ ٻن ڪمن مان چونڊ ڪرڻي پوندي هئي تہ پاڻ اهو ڪم ڪندا هئا، جيڪو سولو هوندو هو، جيستائين انهيءَ گناهہ جو ڪم نہ هوندو هو. جيڪڏهن گناهہ جو ڪم هوندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ سڀني کان وڌيڪ ان کان پري ڀڄندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ ڪنهن کان ذاتي بدلو نہ ورتو! البتہ الله جي حڪمن جي نافرماني ڪئي ويندي هئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ الله جي واسطي پلاند ضرور ڪندا هئا. (1)

حوالو (1) صحيح بخاري 503/1

پاڻ سڳورا ﷺ سڀني کان وڌ ڪاوڙجڻ کان پاسو ڪندا هئا ۽ سڀني کان جلدي راضي بہ ٿي ويندا هئا. ٻاجهہ ڪرڻ جو ڳڻ اهڙو هئن، جنهن جو ڪاٿو ئي نٿو ڪري سگهجي. پاڻ سڳورا ﷺ ان ماڻهوءَ وانگر بخشش ۽ نوازشون ڪندا هئا، جنهن کي ڪنهن وڃڻ جو اونو ئي نہ هجي. ابن عباس رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "پاڻ سڳورن ﷺ

جي سخاوت جو درياھ رمضان ۾ ان مهل جوش ۾ اچي ويندو هو، جڏهن جبرئيل ع جن پاڻ سڳورن ﷺ سان ملاقات ڪندا هئا ۽ حضرت جبرئيل ع جن، پاڻ سڳورن ﷺ سان رمضان ۾ هر رات ملاقات ڪندا هئا ۽ قرآن جو دور ڪرائيندا هئا. بس پاڻ سڳورا ﷺ خير جي سخاوت ۾ (رحمت جي خزانن جي پالوٽ ڪري موڪليا ويا آهن) سيني کان اڳرا هوندا هئا."(1) حضرت جابر رض جن ٻڌائين ٿا ته "پاڻ سڳورن ﷺ کان ڪا شيء گهري وئي هجي ۽ پاڻ سڳورن "نہ" ڪئي هجي (اهو ممڪن ئي ڪونهي.)"(2)

حوالو (1) صحيح بخاري 502/1

حوالو (2) صحيح بخاري 502/1

شجاعت، بهادري ۽ دليريءَ ۾ بہ پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پاڻ سڳورا ﷺ سيني کان دلير هئا. ڏاڍن ڏکين ۽ سخت موقعن تي، جڏهن چڱا چڱا جوڌا جوان بيهي نہ سگهيا، تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي جڳهہ تي اٽل رهيا ۽ پنيان هٽڻ بدران اڳتي وڌندا ويا ۽ ٿورو بہ نہ هٻڪيا. وڏا وڏا بهادر بہ ڪڏهن پنتي هٽندا آهن،

پر پاڻ سڳورن ﷺ سان اهڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ ٿي. حضرت علي رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "جڏهن لڙائي زور وٺندي هئي ۽ جنگ جا شعلا ڀڙڪي اٿندا هئا تہ اسين پاڻ سڳورن ﷺ جي آڏ ڪ وٺندا هئاسين. پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ ڪير بہ دشمنن جي ويجهو نہ هوندو هو." (1)

حوالو (1) شفاء، قاضي عياض 89/1 ﷺاح ۽ سنہ بن ان قسم جي روايت آهي.

حضرت انس رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ هڪ رات مديني وارن کي خطرو محسوس ٿيو. ماڻهو گوڙ ڏانهن ڊوڙيا تہ واٽ تي پاڻ سڳورا ﷺ موٽندي ملين. پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کان اڳيئي آواز ڏانهن پهچي (خطري جي جاء جو معائنو ڪري) چڪا هئا. ان مهل پاڻ سڳورا ﷺ، ابو طلحہ رضہ جي اگهاڙي پٺ واري گهوڙي تي چڙهيل هئا. تراڙ لٽڪي رهي هين ۽ فرمائي رهيا هئا تہ ڊڄو نہ، ڊڄو نہ.(2)(ڪوبہ خطرو ڪونهي)

حوالو (2) صحيح مسلم 252/2 - صحيح بخاري 407/1

پاڻ سڳورا ﷺ سپ کان وڌيڪ لڄارا ۽ نظرون جهڪائي هلڻ وارا هئا. ابو سعيد خدري رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ پاڻ سڳورا ﷺ پڙديدار ڪنواري مائيءَ کان بہ وڌيڪ لڄارا هئا. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪا ڳالهہ نہ وڻندي هئي تہ منهن مان ئي خبر پئجي ويندي هئي. (1) پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن ۾ بہ گهوري نہ نهاريندا هئا. نظرون هيٺ رکندا هئا ۽ آسمان کان وڌيڪ زمين ڏانهن نظرون

حوالو صحيح بخاري 504/1

وڌيڪ رکندا هئا. عام طور تي جهڪيل نظرن سان ئي (ڪنهن کي تڪيندا هئا. حيا جو عالم اهو هو جو ڪنهن کي منهن تي ڪونہ ٽوڪيندا هئا ۽ ڪنهن جي ڪا اڻوڻندڙ ڳالهہ پاڻ سڳورن ﷺ تائين پهچندي هئي تہ نالو وٺي ان جو ذڪر نہ ڪندا هئا، بلڪ هيئن فرمائيندا هئا تہ ڪي ماڻهو هيئن پيا ڪن. فرزدق جو هيءُ شعر پاڻ سڳورن ﷺ تي ٺهڪي ايندو هو تہ:

يغضي هياءَ و يغضي من مهابتہ

فلا يكلم الامين يبتسم

يعني " پاڻ ﷺ حيا جي ڪري نظرون هيٺ رکندا هئا ۽ سندن هيبت ڪري نظرون هيٺ رکيون ويندي هيون. تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ سان اوڏي مهل ئي ڳالهه ٻول ڪئي ويندي آهي، جيڏي مهل پاڻ سڳورا مسڪرائي رهيا هوندا آهن."

پاڻ سڳورا ﷺ سڀني کان وڌ عادل، پاڪدامن، سچار ۽ وڏا امانتدار هئا. اها ڳالهه دوست ۽ دشمن سڀ مڃيندا هئا. نبوت کان اڳ پاڻ سڳورن ﷺ کي امين چيو ويندو هو ۽ جاهليت واري دور ۾ به پاڻ سڳورن ﷺ وٽ فيصلن لاءِ مقدما آندا ويندا هئا. جامع ترمذيءِ ۾ حضرت علي رضہ کان روايت آهي ته هڪ ڀيري ابوجهل، پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو ته "اسين اوهان کي ڪوڙو ڪونه ٿا چئون، بلڪ جيڪي ڪجهه اوهان کڻي آيا آهيو، ان کان انڪار ٿا ڪريون." ان تي الله تعاليٰ هيءَ آيت لاٿي:

فاِنهم لا يكذِبونک وَ لكنّ الظالمينَ باياتِ اللّٰهِ يجحدُونَ (1) (33:6)

ترجمو:- "پوءِ اهي نہ رڳو توکي ڪوڙو چوندا آهن پر ظالم الله جي آيتن جو (پڻ) انڪار ڪندا آهن."

هرقل، ابوسفيان کان پڇيو تہ ڇا انهن (نبي ﷺ) جيڪا ڳالهہ ڇئي آهي، ان جي چوڻ کان اڳ ماڻهو کين ڪوڙو ليکيندا هئا؟ تنهن تي ابوسفيان وراڻيو تہ "نہ."

پاڻ سڳورا ﷺ سڀ کان وڌيڪ متواضع ۽ هٺ کان پري ڀڄندڙ هئا. جيئن بادشاهن جا نوڪر چاڪر بيٺل هوندا هئا، تيئن بيهڻ کان پاڻ سڳورا ﷺ، اصحابي سڳورن رضہ کي جهليندا هئا. ڏتڙيلن جي پر گهور لهندا هئا، فقيرن سان گڏ اٿندا ويهندا هئا، غلامن جي دعوت قبوليندا هئا، اصحابي سڳورن ﷺ ۾ بنا ڪنهن مت ڀيد جي عام ماڻهن وانگر ئي ويهندا هئا. بيبي عائشہ رضہ جن ٻڌائين ٿيون تہ پنهنجي جتيءَ کي پاڻ ٽانڪو هڻندا هئا ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڻ سبندا هئا ۽ پنهنجن هٿن سان اهڙا ڪم ڪندا هئا، جهڙا اوهان مان ڪو ماڻهو پنهنجي گهر۾ ڪندو آهي. پاڻ سڳورا ﷺ بہ ٻين وانگر انسان هئا. پنهنجا ڪپڙا پاڻ ئي ڏسندا هئا (تہ مجاڻ انهن۾ ڪا جوءِ نہ

هجي.) پنهنجي ٻڪري پاڻ ڏهندا هئا ۽ پنهنجا ڪم پاڻ ڪندا هئا." (1)

حوالو (1) مشڪوات 520/2

پاڻ سڳورا ﷺ سڀ کان وڌيڪ واعدو پاڙيندڙ هئا ۽ مٽن مائٽن سان مهربانيون ڪندا هئا. ماڻهن سان شفقت ۽ ٻاجهہ سان ملندا هئا. رهڻ ڪرڻ ۽ اديہ سيني کان پلا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جو سياءُ سيني کان پلو هو. بدخلقيءَ کان سيني کان وڌيڪ نفرت ڪندا هئا ۽ پري ڀڄندا هئا. نہ ڪو فحش ڳالهائڻ جي عادت هئن ۽ نہ ئي ڪچهريءَ ۾ فحش ڳالهائيندا هئا. نہ لعنتون وجهندا هئا، نہ ئي بازار ۾ وڏي سر ڳالهائيندا هئا. نہ ڪو وري برائيءَ جو بدلو برو ڏيندا هئا، بلڪہ معافي ۽ درگذر کان ڪم وٺندا هئا. ڪنهن کي پنهنجي پنيان هلڻ نہ ڏيندا هئا ۽ نہ ئي کائڻ پيئڻ ۾ پنهنجن ٻانهن ۽ ٻانهين تي فوقيت اختيار ڪندا هئا. پنهنجي خدمتگار جو ڪم پاڻ ئي ڪندا هئا (۽ ان کي) ڪڏهن اُف بہ نہ چوندا هئا. نہ ئي ان تي ڪو ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي ڪري ڏمربا هئا. ڏتڙيلن سان محبت

ڪندا هئا، انهن سان گڏ اٿندا ويهندا هئا ۽ انهن جي جنازن ۾ ويندا هئا. ڪنهن فقير کي ان جي فقر جي ڪارڻ گهٽ نہ سمجهندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ سڳورا ﷺ سفر ۾ هئا. هڪ ٻڪري کهڻ ۽ پچائڻ جو رٿيو ويو. هڪ ڄڻي چيو تہ کهڻ منهنجو ڪم. ٻئي چيو تہ کل لاهڻ منهنجو ڪم. ٽئي چيو تہ وڍڻ منهنجو ڪم. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ڪري اچڻ منهنجو ڪم. اصحابي سڳورن چيو تہ "اسين توهان جو ڪم ڪري وٺنداسين." پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "آئون ڄاڻان ٿو تہ توهان منهنجو ڪم ڪري ڇڏيندا، پر مونکي اهو نٿو وڻي تہ توهان تي فوقيت حاصل ڪريان. ڇوتہ الله سائينءَ کي پنهنجي ٻانهي جي اها حرڪت نٿي وڻي تہ پنهنجو پاڻ کي پنهنجن ساٿين ۾ وڏو سمجهيو وڃي." ان ڪان پوءِ پاڻ اٿي ڪاٺيون گڏ ڪيائون.(1)

حوالو (1) خلاصت السيره ص 22

اڃو تہ ٿورو هند بن ابي هالہ رضہ جن جي زباني پاڻ سڳورن ﷺ جا ڳڻ ٻڌون. هند رضہ پنهنجي هڪ روايت ۾ ٻڌايو آهي تہ "پاڻ سڳورا ﷺ سدائين ڏکين حالتن ۾

گذاريندا هئا. سدائين سوچيندا رهندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ سک نہ هو. اجايو کو نہ ڳالهائيندا هئا. دير تائين ماٺ ۾ ويٺا هوندا هئا. ڳالهہ کلي ۽ چٽي ڪندا هئا. يعني چپن ۾ نہ ڳالهائيندا هئا. ٿورن لفظن ۾ سڄي ۽ هڪ ٽڪ ڳالهہ ڪندا هئا. جنهن ۾ نہ اجائي ڊيگهہ هوندي هئي ۽ نہ ڪا گهٽتائي. نرم مزاج هئا ۽ سخت گير نہ هئا. نعمت معمولي هوندي هئي تہ بہ ان جو قدر ڪندا هئا. ڪنهن بہ شيءِ مان عيب نہ ڪڍندا هئا. کائڻ جي شيءِ جي نہ برائي ڪندا هئا ۽ نہ تعريف. حق ڳالهہ کي ڪو نقصان پهچندو هو تہ جيستائين بدلو نہ وٺندا هئا، تيستائين پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪاوڙ کي روڪڻ ممڪن نہ هوندو هو. البتہ وڏي دل جا مالڪ هئا. پنهنجي ذات لاءِ نہ غصو ڪندا هئا ۽ نہ ئي بدلو وٺندا هئا. جڏهن پاڻ اشارو فرمائيندا هئا تہ پوري هٿ سان اشارو فرمائيندا هئا ۽ هٿ پلٽو ڏئي حيرت جو اظهار ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪاوڙبا هئا تہ چهرو مبارڪ ٻئي طرف ڪري ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن خوش هوندا هئا تہ نگاهون هيٺ ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورن کلڻ اڪثر مسڪرائڻ

تائين محدود هوندي هئي. مسڪرائيندا هئا تہ ڏند مبارڪ برف جي ڳڙن وانگر چمڪندا هئا.

اجاين ڳالهين کان پاڻ جهليندا هئا. دوستن ۾ ناهہ ڪرائيندا هئا، توڙيندا ڪونہ هئا. هر قوم جي معزز ماڻهوءَ کي عزت ڏيندا هئا ۽ ان کي ئي قوم جو والي بڻائيندا هئا. ماڻهن (جي ڏنگاين) کان محتاط رهندا هئا ۽ انهن کان پاڻ بچائيندا هئا، پر ان جي لاءِ ڪنهن جي بہ آڏو اٺوٺت ظاهر نہ فرمائيندا هئا.

پنهنجن ساٿين جي سار سنڀال لهندا رهندا هئا ۽ ٻين ماڻهن جا حال احوال پيا پڇائيندا هئا. چڱي شيءِ کي ساراهيندا هئا ۽ بري شيءِ کي نديندا هئا. معتدل (وچٿرا)هئا، افراط ۽ تفريط کان پري هئا. غافل نہ ٿيندا هئا تہ متان ماڻهو بہ نہ غافل ٿي وڃن. هر ڳالهہ لاءِ سدائين تيار رهندا هئا. حق کان ڪنٽار نہ ڪندا هئا، نہ ئي حق کان تجاوز ڪري ناحق ڏانهن ويندا هئا. جيڪي ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي ويجها هئا، اهي سڀني کان ڀلارا هئا. انهن ۾ بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي نظر ۾ ڀلارو اهو هو، جيڪو

سيني کان وڏيڪ خير خواهه هجي ۽ سيني کان وڏيڪ قدر ان ساٿيءَ جو ڪندا هئا، جيڪو سيني کان وڏيڪ غمگسار ۽ مددگار هجي.

پاڻ سڳورا ﷺ اٿندي ويهندي الله جو ذڪر ڪندا رهندا هئا. جڳهه مقرر ڪونه ڪندا هئا. يعني پنهنجي لاءِ ڪا الڳ جاءِ مقرر نه ڪندا هئا ۽ جڏهن قوم وٽ پهچندا هئا ته ڪچهريءَ جتي جڳهه ملين، اتي ويهي رهندا هئا ۽ اهڙو حڪم به ڏيندا هئا. سيني ويٺلن ڏانهن هڪ جيترو ڌيان ڏيندا هئا ۽ ڪير به ائين محسوس ڪونه ڪندو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن ٻئي کي ڪانئس وڌيڪ عزت ڏين ٿا. ڪير به پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ڪنهن ڪم سان ويهندو يا بيهندو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ ان سان ايستائين صبر سان ويٺا هوندا هئا، جيستائين هو پاڻ نه اٿي وڃي. ڪير، ڪا شيءِ گهرندو هئن ته ان کي اها شيءِ ڏيڻ يا ڪا چڱي ڳالهه ٻڌائي مطمئن ڪرڻ ڪانسواءِ نه ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ سيني سان مٺ محبت سان پيش ايندا هئا. ايتريقدر جو هر ڪنهن لاءِ پيءُ جو درجو رکندا هئا. سيئي

پاڻ سڳورن ﷺ آڏو هڪ جهڙو درجو رکندا هئا. ڪنهن کي ڪا فضيلت هئي ته رڳو پرهيزگاريءَ جي ڪري. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪچهري حلم ۽ حيا، صبر ۽ امانت واري ڪچهري هوندي هئي. ان ۾ ڪير ڏاڍيان نه ڳالهائيندو هو ۽ نه گار گند ٿيندي هئي. ماڻهو پرهيزگاريءَ جي ڪري هڪٻئي سان محبت ۽ همدردي رکندا هئا. وڏن جو ادب ڪندا هئا ۽ ننڍن سان پيار. گهرجائن جي گهرج پوري ڪندا هئا ۽ اڻواقف کي پنهنجائپ ڏيندا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ جو چهرو مبارڪ سدائين ٻهڪندو رهندو هو. آساني ۽ نرميءَ کي پسند ڪندڙ هئا. سخت گير ۽ واسطا ٽوڙيندڙ نه هئا. نه ڏاڍيان ڳالهائيندا هئا ۽ نه گار گند ڪندا هئا. نه اجايو ڏمربا هئا نه ڪنهنجي گهٽي ساراهه ڪندا هئا. جنهن شيءِ جي خواهش نه هوندي هئن، ان کان پاسو ڪندا هئا! پاڻ سڳورا ﷺ مايوس نه ٿيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ ٽن ڳالهين کان پنهنجي نفس کي جهلي رکيو هو. هڪ رياءَ کان ٻيو ڪنهن شيءِ جي گهڻائيءَ کان ۽ ٽيو اجائي ڳالهه کان. ٽن ڳالهين کان ماڻهن

ڪي محفوظ رکيائون. هڪ ڪنهن تي تنقيد نہ ڪندا هئا، بيو تہ ڪنهن کي شرمندو نہ ڪندا هئا ۽ ٽيو تہ ڪنهن جا عيب ظاهر نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ اها ئي ڳالهہ زبان تي آڻيندا هئا، جنهن مان ثواب جي اميد هجي. جڏهن پاڻ ڳالهائيندا هئا تہ ويٺل ائين ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندا هئا، ڄڻ مٿن تي پکي ويٺا هجن. جڏهن پاڻ ﷺ ماٺ ڪندا هئا تہ پوءِ ماڻهو ڳالهہ ٻول ڪندا هئا. ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ويهي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ويهي ڪو هڪڙو ڇڻو ڳالهائيندو هو تہ ٻيا ماٺ ڪري ٻڌندا هئا، ايستائين جو هو پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري وٺي. جنهن ڳالهہ تي سڀئي کلندا هئا تہ ان تي پاڻ سڳورا ﷺ بہ کلندا هئا ۽ جنهن ڳالهہ تي سڀ اچرج ڪائيندا هئا تہ ان تي پاڻ سڳورا ﷺ بہ حيرت جو اظهار ڪندا هئا. ڪو اڻواقف تکو ڳالهائيندو هئن تہ پاڻ سڳورا ﷺ صبر کان ڪم وٺندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ "جڏهن توهان ڪنهن گهرجائوءَ کي ڏسو تہ اهو ڪا گهر پيو ڪري تہ ان کي گهربل سامان ڏئي ڇڏيو."

پاڻ سڳورا ﷺ احسان جو بدلو ڏينڌڙ ڪانسواءِ ڪنهن کان بہ تعريف جا طالب نہ ٿيندا هئا."(1)

حوالو (1) شفاء، قاضي عياض 121/1 کان 126 ۽ شمائل ترمذي

خارجہ بن زيد رضہ جن ٻڌائين ٿا تہ "پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي ڪچهريءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ باوقار هوندا هئا. پنهنجا پير سڌا ڪونہ ڪندا هئا، گهڻو ڪري ماٺ ڪري ويٺا هوندا هئا. اجايو ڪونہ ڳالهائيندا هئا. جيڪو ماڻهو اجائي ڳالهہ ڪندو هو، ان کان منهن ڦيرائي ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ رڳو مسڪرائيندا هئا ۽ ڳالهہ ڪري ڪندا هئا، نہ ڪو اجائي نہ ڪا گهٽتائي واري. پاڻ سڳورن ﷺ جي اصحابن جو کلڻ بہ پاڻ سڳورن جي پوئواري ڪندي رڳو مسڪرائڻ تائين محدود هوندو هو."(1)

حوالو (1) شفاء، قاضي عياض 107/1

مطلب تہ پاڻ سڳورا ﷺ بيمثال ڳڻن سان سينگاريل سنواريل هئا. الله سائينءَ! پاڻ سڳورن ﷺ کي

بيمثال ادب سان نوازيو هو. ويندي پاڻ ئي، پاڻ سڳورن ﷺ جي ساراهہ ڪندي فرمايو اٿس تہ:

وَ اِنکَ لعليٰ خلق عظيم (4:68)

ترجمو:- "۽ بيشڪ تون وڏي خلق تي آهي."

اهي اهڙا ڳڻ هئا، جن جي ڪري ماڻهو، پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن ڇڪجي آيا، دلين ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي محبت ويهي وين ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳواڻيءَ ۾ اهو مرتبو ملين جو ماڻهو انهن تي گهور وڃڻ لڳا. انهن ئي ڳڻن جي ڪارڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي قوم جي آڪڙ ۽ سختي، نرميءَ ۾ بدلجي وئي ۽ اهي الله جي دين ۾ ٽولن جا ٽولا ٿي داخل ٿيڻ لڳا.

ياد رهي تہ اسان پنين صفحن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جا جيڪي مثال ڄاڻايا آهن، اهي سندن ڳڻن جا تمام ننڍڙا مثال آهن. نہ تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي وڏائي ۽ شرف، شمائل ۽ خصائل جي بلندي ۽ ڪمال جو اهو عالم هو جو انهن کي پوريءَ طرح پروڙڻ ممڪن ئي ڪونهي.

يلا عالم وجود جي هن سيني کان عظيم انسان جي عظمت جي انتها تائين ڪير ٿو پهچي سگهي، جنهن مجد و ڪمال جي سڀ کان بلند چوٽيءَ تي پنهنجو نشيمن بڻايو ۽ پنهنجي رب جي نور سان اهڙيءَ طرح منور ٿيو جو الله جو ڪتاب ئي سندس وصف ۽ خلق قرار ڏنو ويو.

اللهم صل علي محمد وّ عليٰ آل محمد کما صليت عليٰ ابراهيم وعلي آل ابراهيم انڪ حميد مجيد ط اللهم بارڪ عليٰ محمد و علي آل محمد کما بارکت علي ابراهيم و علي آل ابراهيم انڪ حميد مجيد

حسين آباد – مبارڪپور صفي الرحمان مبارڪپوري
ضلعو اعظم ڳڙهه (يوپي) هند 16 رمضان المبارڪ سنه 1404هه